الفُيُوضَاتُ المُصطَفَوِيَّةُ
شَرْحُ
الشَّمَائِلِ المُحَمَّدِيَّةِ

تأليف

شيخ التفسير والحديث

حضرت علامه الحاج مفتي محمد ادريس

الداهري النقشبندي الطاهري والقادري

جلد ٻيو

ناشر

ادارة خدمة القرآن والسنة

شاهپور جهانيان ضلع شهيد بينظير آباد سنڌ

اَلْفُيُوضَاتُ الْمُصْطَفَوِيَّةُ
شَرْحُ
الشَّمَائِلِ الْمُحَمَّدِيَّةِ

تاليف

شيخ التفسير و الحديث

حضرت علامہ الحاج مفتي محمد ادريس

الداهري النقشبندي الطاهري و القادري

جلد بيو

الناشر

ادارة خدمة القرآن و السنة شاهپور جهانيان

المدرسة الجامعة المحمديه الواقعة شاهپور جهانيان

ضلع شهيد بينظير آباد (نوابشاه) سنڌ

ڪتاب جو نالو............................	الفيوضاتُ المصطفوية شرح الشمائل المحمدية AL-FUYOOZATIL MUSTAFWIYAH SHARH SHAMAIL MUHAMMADIYAH
شارح..	خادم العلوم الشرعية حضرت علامہ مفتي محمد ادريس ڏاهري مدظله
جلد	ٻيو
ڪمپوزنگ	علي حسن ايم. مغيري
باهتمام.....................................	صاحبزاده قاري حافظ اسد الله ڏاهري مدظله العالي
ڇاپو..	پهريون
تعداد..	1000
قيمت مڪمل سيٽ	1500 رُپيا
ڇپائي جو سال............................	2012
ڇاپيندڙ.....................................	عريبہ پبليڪيشن, ڪراچي. 0300 2152634
ناشر..	اداره خدمة القرآن والسنة, شاهپور جهانيان

Phone No. 0244314244
E-mail :info@bulbulemadina.com
URL:http://www.bulbulemadina.com

انتساب

آءُ پنهنجي ڪتاب "الفيوضاتِ المصطفوية شرح الشمائل المحمدية" کي محسنِ انسانيت، فخرِ موجودات ﷺ ڏانهن منسوب ڪيان ٿو جن جي اخلاقِ ڪامله ۽ اوصافِ جميله جو تذڪرو اهلِ ايمان جي روح جي تازگي ۽ دل جو سُرور آهي

سند الحديث

رقم الاجراء ٧٥-٤-٩ رقم السلسلة ٩٧

ركن الاسلام الجامعة المجدديه

حيدرآباد باكستان

الشهادة العاليه لمن اكتمل العلوم الدراسية

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمد لله الذى خلق آدم من طين و فضله بالعلم ففاق الملائكة المقربين والصلواة والسلام على من اوتى علوم الاولين والآخرين وعلى آله و اصحابه و اوليا٫ امة الذين قاموا بنصرة الدين لاسيما على سراج الحق واليقين خواجه محمد ركن الدين النقشبندى المجددى القادرى الجشتى صاحب الولاية القاهره و منبع الفيوض الباطنه و الظاهره الذى ينتمى اليه مدرسة ركن الاسلام الجامعة المجدديه وهى معهد فذ لعلوم شتى من العلم التفسير والحديث والفقه والادب يلتحق به التلاميذ من كفة انحاء البلاد.

امابعد فان اخانا فى الدين مولوی محمد ادریس ابن [illegible]

المتوطن [illegible] التحق به و اشتغل بتعلم العلوم الدينية فلما فرغ عن دراسته شرفناه بالشهادة العالية بمشهد العلماء العظام وكرمناه بالعمامة بايدى الفضلاء الكرام فعليه شكر هذه النعمة كما قال الله تعالى و اما بنعمة ربك فحدث و نوصيه بتقوى الله فى السر و العلانيه و ان يتواصل بنشر العلوم الدينيه و يتمسك باهداب الدين و ان يتخلق باخلاق العلماء الربانيين و يتزيا بزيهم و ان لاينسانا فى خلواته وجلواته و آخر دعوانا ان الحمد لله رب العلمين و العاقبة للمتقين.

وستاتى اسماء الكتب التى قرأها علينا

بخاری شریف ، مسلم شریف ، ترمذی شریف ، ابوداؤد شریف

ابن ماجہ شریف ، نسائی شریف

حرر فى ______ من الهجريه الموافق ______ من الميلاديه

امضاء

امضاء

من شهد من العلماء البارزين

[illegible]

رئيس الجامعه

امين الجامعه

عميد الجامعه

8-4-75

فهرست مضامين

- باب اڻٽيهون: رسول الله ﷺ جي رات وارين ڳالهين جو بيان 18-7
- باب اوڻيتاليهون: رسول الله ﷺ جي ننڊ ڪرڻ جو بيان 29-19
- باب چاليهون: رسول الله ﷺ جي عبادت ڪرڻ جو بيان 70-30
- باب ايڪتاليهون: رسول الله ﷺ جي ضحيٰ واري نماز جو بيان 79-71
- باب ٻائتاليهون: رسول الله ﷺ جي گهر مبارڪ ۾ نفل پڙهڻ جو بيان 82-80
- باب ٽيتاليهون: رسول الله ﷺ جي روزن جو بيان 107-83
- باب چوئتاليهون: رسول الله ﷺ جي قرائت جو بيان 117-108
- باب پنجيتاليهون: رسول الله ﷺ جي روئڻ جو بيان 131-118
- باب ڇائيتاليهون: رسول الله ﷺ جي بستري جو بيان 136-132
- باب ستيتاليهون: رسول الله ﷺ جي نوڙت جو بيان 168-137
- باب اٺيتاليهون: رسول الله ﷺ جي اخلاق جو بيان 213-169
- باب اوڻونجاهون: رسول الله ﷺ جي حياءَ جو بيان 217-214
- باب پنجاهون: رسول الله ﷺ جي سڱي هڻائڻ جو بيان 226-218
- باب ايڪونجاهون: رسول الله ﷺ جي پاڪ نالن جو بيان 236-227
- باب ٻاونجاهون: رسول الله ﷺ جي گذران جو بيان 261-237
- باب ٽيوونجاهون: رسول الله ﷺ جي پاڪ (ظاهري) زندگي جو بيان 265-262
- باب چوونجاهون: رسول الله ﷺ جي رحلت جو بيان 304-266
- باب پنجونجاهون: رسول الله ﷺ جي ورثي جو بيان 320-305
- باب ڇاونجاهون: رسول الله ﷺ کي خواب ۾ ڏسڻ جو بيان 340-321

راوين جو الف — بي — وار تعارف 405-341

- اهي راوي جن جي ذڪر ۾ اول "الف" ايندو آهي 341
- اهي راوي جن جي ذڪر ۾ اول "ب" ايندي آهي. 357
- اهي راوي جن جي ذڪر ۾ اول "ت" ۽ "ث" آهن 358

- اهي راوي جن جي ذڪر ۾ اول "ج" آهي 359
- اهي راوي جن جي ذڪر ۾ اول "ح" آهي 360
- اهي راوي جن جي ذڪر ۾ اول "خ" آهي 363
- اهي راوي جن جي ذڪر ۾ اول "د" ۽ "ر" آهن 364
- اهي راوي جن جي ذڪر ۾ اول "ز" آهي 365
- اهي راوي جن جي ذڪر ۾ اول "س" آهي 367
- اهي راوي جن جي ذڪر ۾ اول "ش" آهي 371
- اهي راوي جن جي ذڪر ۾ اول "ص" ۽ "ط" آهن 372
- اهي راوي جن جي ذڪر ۾ اول "ع" آهي 373
- اهي راوي جن جي ذڪر ۾ اول "ف" ۽ "ق" آهن 388
- اهي راوي جن جي ذڪر ۾ اول "ڪ" ۽ "ل" آهن 389
- اهي راوي جن جي ذڪر ۾ اول "م" آهي 390
- اهي راوي جن جي ذڪر ۾ اول "ن" آهي 401
- اهي راوي جن جي ذڪر ۾ اول "و" ۽ "هـ" آهن 403
- اهي راوي جن جي ذڪر ۾ اول "ي" آهي. 404

باب انٽيهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي كَلَامِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي السَّمَرِ

هي باب رسول الله ﷺ جي رات وارين ڳالهين ڪرڻ جي متعلق آيل حديثن جي باري ۾ آهي

سمجهاڻي: "السمر" چانڊوڪي رات. عرب جا ماڻهو گهڻو ڪري سهائي رات ۾ گڏ ٿي قصا ۽ ڪهاڻيون ڪندا هئا ان ڪان پوءِ ڪنهن رات جي مجلس ڪي چانڊوڪي هجي يا نه سمر ڪوٺيندا هئا. اسلام ۾ عشاء نماز ڪان پوءِ دين جي ڳالهين ڪان سواءِ ٻي ڪچهري ۽ گفتگو منع آهي پر پنهنجي گهروارين سان دل لڳي ڪرڻ تي بندش ناهي. اهڙي طرح مهمان جو اڪرام ڪرڻ به جائز آهي. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن رات جو پنهنجي ازواج مطهرات کي ڪي ڳالهيون ٻڌائيندا هئا جنهن ۾ انهن جي لاءِ هدايت ۽ تعليم هوندي هئي. علامه بيجوري رحمه الله لکيو آهي ته هن باب مان مقصود هي بيان ڪرڻ آهي ته رات جو (جائز) ڳالهيون ڪرڻ ۽ ٻڌڻ جائز آهن السمر جي اصل معني آهي "ضؤلون القمرلانهم کانوايتحدثون فيه" چنڊ جي روشني جو (عرب) ان ۾ ويهي ڳالهيون ڪندا هئا. مصنف هن باب ۾ به حديثون روايت ڪيون آهن.

{252} حَدَّثَنَا الْحَسَنُ بْنُ صَبَّاحٍ الْبَزَّارُ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو النَّضْرِ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو عَقِيلٍ الثَّقَفِيُّ عَبْدُ اللهِ بْنُ عَقِيلٍ، عَنْ مُجَالِدٍ، عَنِ الشَّعْبِيِّ، عَنْ مَسْرُوقٍ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ حَدَّثَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ذَاتَ لَيْلَةٍ نِسَاءَهُ حَدِيثًا، فَقَالَتِ امْرَأَةٌ مِنْهُنَّ: كَأَنَّ الْحَدِيثَ حَدِيثُ خُرَافَةَ فَقَالَ: أَتَدْرُونَ مَا خُرَافَةُ؟ إِنَّ خُرَافَةَ كَانَ رَجُلاً مِنْ عُذْرَةَ، أَسَرَتْهُ الْجِنُّ فِي الْجَاهِلِيَّةِ فَمَكَثَ فِيهِمْ دَهْرًا، ثُمَّ رَدُّوهُ إِلَى الإِنْسِ فَكَانَ يُحَدِّثُ النَّاسَ بِمَا رَأَى فِيهِمْ مِنَ الأَعَاجِيبِ، فَقَالَ النَّاسُ: حَدِيثُ خُرَافَةَ حَدِيثُ أُمِّ زَرْعٍ

بامحاوره ترجمو: حضرت سيده عائشه رضي الله عنها چيو ته هڪ رات رسول الله ﷺ جن پنهنجي بيبين سڳورين کي هڪ عجيب ڳالهه ٻڌائي. انهن مان هڪ بيبي سڳوري عرض ڪيو ته هيءُ ڄڻ "خرافه جي ڳالهه آهي" تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته اوهان کي خبر آهي ته خرافه ڇا هو؟ بلاشڪ خرافه نالي بنو عذره قبيلي جو هڪ ماڻهو هو. جنهن کي جاهليت واري زماني ۾ جنن قيد ڪري ڪٺي ويا هئا. پوءِ اهو جنن وٽ گهڻا سال رهيو. نيٺ ان کان پوءِ جنن کيس ماڻهن ۾ ڇڏي ويا. پوءِ ان (خرافه) جيڪي اتي عجيب شيون ڏٺيون هيون. اهي ڳالهيون ماڻهن کي ٻڌائيندو هو. ان کان پوءِ ماڻهو ڪنهن عجيب ۽ اچرج جهڙي ڳالهه لاءِ چوندا هئا ته اها خرافه جي ڳالهه آهي يعني ان حيران ڪندڙ ڳالهه کي "خرافه جي ڳالهه" ڪوٺيندا هئا.

مفردات جو شرح: "ذَاتَ لَيْلَةٍ" "ذات" لفظ مقحمه آهي تاڪيد جي لاءِ آندو ويندو آهي علامه علي قاري

رحمه الله فرمايو تہ ذات جو لفظ مقدر موصوف جي صفت آهي "اي في ساعات ذات ليلة" رات وارين گهڙين ۾ جيئن الله جل جلاله جي فرمان "اِنَّهٗ عَلِيۡمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوۡرِ" ۾ تحقيق ڪيو ويو آهي. اي سيني وارن رازن ۽ لڪل ڳالهين کي ڄاڻندڙ آهي. "نِسَاءَهٗ" پنهنجين گهروارين سان. ۽ ممڪن آهي تہ "انهن ۾ سندن بعض نياڻيون يا ماٽنياڻيون بہ هجن. "حَدِيثًا" اي ڪلاما عجيبا. عجيب ڳالهہ. "حَدِيثُ خُرَافَةَ" (خا جي پيش سان) خرافة هڪ مرد جو نالو هو جنهن کي جن اغوا ڪري ويا هئا. جيئن عربن جو گمان هو پر جڏهن موٽي آيو ۽ ان جو ڪجهہ ڏٺو هو اهي ڳالهيون ڪيائين تہ ان کي ڪوڙو چيائون. ۽ نبي ڪريم ﷺ جن کان روايت آهي تہ "خُرَافَةُ حَقٌ" يعني خرافة جيڪي جنن جون ڳالهيون ڪيون حق هيون. ۽ القاموس ۾ آهي تہ خرافة ثمامة وانگر عذرة قبيلي مان هڪ شخص هو جنهن کي جن اغوا ڪري ويا هئا. پوءِ ٻين نمڪين ڳالهين کي ان جي ڳالهين سان تشبيہ ڏئي چيو ويندو هو. "حَدِيثُ خُرَافَةَ" "أَتَدْرُوْنَ" ڇا اوهان ڄاڻو ٿيون؟ انهن جي تعظيم کي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ عورتن کي مردن واري صيغي سان خطاب ڪيو ويو. جيئن بيبي مريم رضي الله عنها جي لاءِ قرآن ڪريم ۾ ارشاد آهي "وَكَانَتْ مِنَ الْقَانِتِيْنَ" (۽ فرمانبردارن مان هئي. "القانطين" جمع مذڪر جو صيغو آهي ۽ جيئن الله جل جلاله جو فرمان آهي: "اِنَّمَا يُرِيْدُ اللهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ" ۾ "كم" جمع مذڪر مخاطب جو صيغو آهي ۽ ان مان مراد سياق، سباق جي لحاظ سان حضور ڪريم ﷺ جون گهرواريون بہ آهن. "أَسَرَّتُهٗ" جهڙپي ڪٽي ويا.

سمجهاڻي: جاهليت جي زماني ۾ جنات جو نهايت غلبو ۽ زور هو اهي ماڻهن کي گهڻو تنگ ڪندا ۽ تڪليف ڏيندا هئا انهن سان ڳالهيون ڪندا ۽ عورتن سان صحبت ۽ جماع ڪندا هئا انهن جا اهي واقعا مشهور آهن. اسلام کان پوءِ انهن جو زور ٽُٽي ويو. تانجو بعض ماڻهو تہ ان ڳالهہ جا قائل ٿي ويا تہ جنن جو وجود پهريان هو هاڻي آهن ئي ڪون. پر اهو صحيح ناهي. البت اهو صحيح آهي تہ انهن جو پهريون زور نہ رهيو آهي. جيئن تہ حضور ڪريم ﷺ جن جي هن دنيا ۾ تشريف آوري جي وقت جا واقعات ۽ جنن جي حيراني ۽ پريشاني روڄ ۽ راڙي جون ڳالهيون ان جون شاهد آهن. (خصائل نبوي ص 196) خرافة کي بہ اهڙي حالت پيش آئي جو جن ان کي اسلام کان اڳي جاهليت واري دور ۾ جهڙپي ڪٽي ويا هئا. مفضل ضبي حضرت ام المؤمنين عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان مرفوع روايت آندي آهي تہ "رَحِمَ اللهُ خُرَافَةَ كَانَ رَجُلًا صَالِحًا." (الله خرافة تي رحمت ڪري صالح مرد هو." اهو ويچارو جنن وٽ گهڻو زمانو رهيو پوءِ ان کي ماڻهن ۾ موٽائي ڇڏي ويا ۽ جيڪو ڪجهہ اتي ڏٺو هيائين اهو ماڻهن کي ٻڌائيندو هو. پوءِ ماڻهن جي چوڻي ٿي وئي. "حديث خرافة"

فائدو: هن حديث مان ثابت ٿيو تہ عشاء نماز کان پوءِ پنهنجي اهل عيال سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جائز آهي اهو معاشرت جي حسن مان آهي ان سان گهر جا ڀاتي دل وندرائيندا، خوش ٿيندا ۽ انهن جي مغموم دل مسرور بنجندي (جمع الوسائل ج 2 ص 48) ۽ خرافة جو قبيلو عذرة يمن جي مشهور قبيلن مان هو ۽ عشاء کان پوءِ جيڪو ڳالهائڻ منع آهي سو ناجائز ڳالهائڻ آهي باقي گهروارين سان صحيح گفتگو ڪري انهن جي دلين کي فرحت بخشڻ منع ناهي. (المواهب شرح الشمائل ص 424) علامہ ابن حجر هيتمي مڪي رحمه الله لکيو آهي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن عورتن کي مردن واري صيغي سان خطاب ڪيو جو اهي سندن صحبت جي برڪت سان ان عقل ۽ همت تي پهتل هيون جيڪو مردن ۾ هوندو آهي.

سوال: ڇا جن واقعي موجود آهن؟

جواب: ها جن موجود آهن: جنن جي وجود لاءِ حضرت شاهه عبدالعزيز دهلوي رحمه الله پنهنجي تفسير ۾ وڏو بحث لکيو آهي. ڪتاب "آڪام المرجان في احڪام الجان" هڪ عربي ڪتاب آهي. جنهن ۾ جنن جي موجودگيءَ تي گهڻا دليل ڏنل آهن. جنن جي موجودگيءَ جو انڪار ڪرڻ شرعًا ۽ عقلًا غلط آهي جن هڪ مخلوق آهي جيڪا انسان جي موجودگيءَ کان گهڻو ڪجهه اڳي پيدا ٿيل هئي ۽ انهن جا پاڻ ۾ مذهبي اختلاف انسانن کان گهٽ ناهن. سورة جن ۾ اهڙا اشارا ملن ٿا ته اهي يهودي، عيسائي، دهريا ۽ مشرڪ وغيره آهن. انهن مان ڪيترن جو قرآن شريف تي ايمان آڻڻ به ثابت آهي. جيئن فرمانِ الاهي آهي: " فَقَالُوْٓا اِنَّا سَمِعْنَا قُرْاٰنًا عَجَبًا ۝ يَّهْدِيْٓ اِلَى الرُّشْدِ فَاٰمَنَّا بِهٖ " (سورة الجن آيت 1، 2) " پوءِ چوڻ لڳا ته بلاشڪ اسان عجيب قرآن ٻڌو آهي جيڪو هدايت ڏانهن رهنمائي ڪري ٿو پوءِ اسان ان تي ايمان آندو آهي) ۽ حديث شريف مان به رسول الله ﷺ جن جي انهن سان ملاقات، انهن کي تبليغ ڪرڻ ۽ انهن جو اسلام قبول ڪرڻ معلوم ٿئي ٿو. اسلام ۾ عرب ڪورا جاهل هئا جنن کي ڏاڍو مڃيندا هئا انهن جي لاءِ نذر و نياز ۾ جانور ڪُهندا هئا جيڪڏهن خوفناڪ واديءَ ۾ قافلي جي منزل ڪندا هئا ته " نَعُوْذُ بِسَيِّدِ هٰذَا الْوَادِي مِنْ سُفَهَآءِ قَوْمِهٖ " (اسين هن واديءَ جي سردار سان ان جي قوم جي بيوقوفن کان پناهه وٺون ٿا. چوندا هئا الله جل جلاله قرآن ڪريم ۾ به ارشاد فرمايو آهي " وَّاَنَّهٗ كَانَ رِجَالٌ مِّنَ الْاِنْسِ يَعُوْذُوْنَ بِرِجَالٍ مِّنَ الْجِنِّ فَزَادُوْهُمْ رَهَقًا ۝ (بلاشڪ انسانن ۾ اهڙا مرد هئا جيڪي جنن مان مردن سان پناهه وٺندا هئا پوءِ انهن ۾ سرڪشي وڌايائون) ان جي ڪري جنن جو ماڻهن تي زور هلندو هو. هڪ طرف اهي انسانن کي تنگ ڪندا، ايذائيندا ۽ طرحين طرحين انهن سان تعديون ڪندا هئا انهن جي عورتن سان جماع ڪندا هئا ته ٻئي طرف انهن کي اغوا ڪري ويندا هئا. انهن جو شرڪ گمراهي ۽ برائي وڌيل هئي. ڪيترا ماڻهو جنن کان ڳجهيون ڳالهيون پڇندا هئا. نيٺ قرآن ڪريم اچي انهن سڀني ڳالهين جون پاڙون پٽيون. اسلام کان اڳي جن مٿي چڙهي ملائڪن جون ڳالهيون ٻڌڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ملائڪن ۾ الله جل جلاله جي طرفان دنيا تي نازل شخصي يا قومي تقديرن تي ڪڏهن ڪڏهن بحث هلندو هو ته اهو ٻڌي دنيا تي يوپن ۽ نجومين کي ٻڌائيندا هئا جنن جي متعلق حضور ڪريم ﷺ جن ٻنهي هٿن پاڪن جون آڱريون هڪٻئي ۾ وجهي ڏيکاريون ته جن ائين هڪ ٻئي تي چڙهي مٿي ويندا آهن. جيڪڏهن ڪين ملائڪن جو ڪو ٽڪو ڪن تي پوندو هو ته ان ۾ پنهنجي طرفان سوين ڪوڙ ملائي جادوگرن ۽ يوپن کي ٻڌائيندا هئا. الله جل جلاله جو قرآن ڪريم ۾ فرمان آهي:

" هَلْ اُنَبِّئُكُمْ عَلٰى مَنْ تَنَزَّلُ الشَّيٰطِيْنُ ۝ تَنَزَّلُ عَلٰى كُلِّ اَفَّاكٍ اَثِيْمٍ ۝ يُّلْقُوْنَ السَّمْعَ وَاَكْثَرُهُمْ كٰذِبُوْنَ ۝ (سورة شعراء آيت 222، 223، 224) (ترجمو: ڇا مان اوهان کي خبر ڏيان ته شيطان ڪنهن تي لهن ٿا؟ اهي سڀ ڪنهن ٺاڪي، گناهگار تي لهن ٿا جو اهي ڪن ڏيئي انهن کان ٻڌن ٿا ۽ انهن مان گهڻا ڪوڙا آهن) پر جڏهن حضور ڪريم ﷺ تي وحي جو نزول شروع ٿيو ته جنن جي اهڙين حرڪتن تي پابندي لڳي. الله جل جلاله جو فرمان آهي: " وَحَفِظْنٰهَا مِنْ كُلِّ شَيْطٰنٍ رَّجِيْمٍ ۝ اِلَّا مَنِ اسْتَرَقَ السَّمْعَ فَاَتْبَعَهٗ شِهَابٌ مُّبِيْنٌ ۝ (سورة الحجر آيت 97، 98) (۽ اسان ان کي هر تڙيل شيطان کان محفوظ رکيو آهي پر جيڪڏهن ڪنهن چوري (لڪي) ٻڌو ته ان جي پٺيان روشن اُمڙ لڳي ٿو) جيڪو ان کي پچائي ڪڍي ٿو. اها حالت ڏسي جن ۽

شيطان حيران ۽ پريشان ٿيا ۽ پاڻ ۾ چوڻ لڳا تہ هي ڇا ٿي ويو آهي؟ الله ﷻ انهن جو قول نقل بيان فرمايو: ”وَ اَنَّا لَمَسْنَا السَّمَآءَ فَوَجَدْنٰهَا مُلِئَتْ حَرَسًا شَدِيْدًا وَّ شُهُبًا ۙ وَّ اَنَّا كُنَّا نَقْعُدُ مِنْهَا مَقَاعِدَ لِلسَّمْعِ فَمَنْ يَّسْتَمِعِ الْاٰنَ يَجِدْ لَه شِهَابًا رَّصَدًا ۙ (سورة جن آيت 9,8) (۽ اسان آسمان کي جاچيو پوءِ اسان ان کي سخت چوڪيداري ۽ اُمڙن سان ڀريل لڌو ۽ اسين آسمان مان گهڻين جاين تي ٻڌڻ جي لاءِ ويهندا هئاسون. پوءِ هاڻي جيڪو ٻڌندو تہ پنهنجي لاءِ تيار ٿيل اُمڙ لهندو.

جنن جو ماڻهن کي گمراهہ ڪرڻ جو طريقو: حديث شريف ۾ اچي ٿو تہ : ڪيترائي جن ٻڌڻ ڪان اڳي يا پوءِ اُمڙ سان سڙي خاڪ ٿي وڃن ٿا. ان جي ڪري سندن ٻڌل ڳالهہ هيٺين تائين نہ ٿي پهچي ۽ ڪي وري اهو ٻڌل راز پاڻ ڪان هيٺين کي جلدي ٻڌائي ونن ٿا ۽ اهي وري پاڻ ڪان هيٺين کي اهڙي طرح اهو راز زمين تائين پهچي وڃي ٿو ان وچ ۾ ڪين ”شهاب ثاقب“ ٻرندڙ اُمڙ پهچي ساڙي ٿو ڇڏي ڪي ڪي وري اتفاق سان ان ڪان بہ بچي وڃن ٿا ۽ جيڪي بچي ويا اهي ان ڦهتل راز جي ذريعي ڀوپن ۽ جادوگرن کي اطلاع ڏئي گمراهہ ڪن ٿا. جن پنهنجي شڪل بہ بدلائي سگهن ٿا. ايتري قدر جو هوا ٻڻجي انسان جي ساهہ سان گڏجي اندر وڃي رت سان ملي دماغ تي اثر انداز ٿين ٿا. حديث شريف ۾ آيو آهي تہ ”اِنَّ الشَّيْطَانَ يَجْرِي مِنَ الْاِنْسَانِ مَجْرَى الدَّمِ“ (بلاشڪ شيطان انسان جي اندر رت وانگر دوڙو ڪري ٿو) پوءِ شيطان ايمان جو دشمن انسان کي سجاڳيءَ يا ننڊ ۾ خواب ڏيکاري وسوسو وجهندو آهي ۽ ان کي در در تي رلائيندو آهي ۽ ٽڙجڻ وقت ڪيل قول تہ ”مان انهن انسانن کي گمراهہ ڪندس پورو ڪندو آهي. دنيا حق ۽ باطل جي لڙائي جو ميدان آهي. جنهن ۾ حضور ڪريم ﷺ جي تعليم تي عمل ڪري سندن نقشِ قدم تي هلي، سندن اتباع ڪري ئي ايمان بچائي ٻنهي جهانن جي ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي ٿي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 6 ص 157 {2} البزار و ابويعليٰ كما في المجمع ج 4 ص 315 {3} ابن الجوزي في العلل المتناهية 49.

” حَدِيثُ أُمِّ زَرْعٍ “

{253} حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عِيسٰى بْنُ يُونُسَ، عَنْ هِشَامِ بْنِ عُرْوَةَ، عَنْ أَخِيهِ عَبْدِ اللهِ بْنِ عُرْوَةَ، عَنْ عُرْوَةَ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: جَلَسَتْ إِحْدَى عَشْرَةَ امْرَأَةً فَتَعَاهَدْنَ وَ تَعَاقَدْنَ أَنْ لاَ يَكْتُمْنَ مِنْ أَخْبَارِ أَزْوَاجِهِنَّ شَيْئًا: فَقَالَتِ الْأُولٰى زَوْجِي لَحْمُ جَمَلٍ غَثٍّ عَلَى رَأْسِ جَبَلٍ وَعْرٍ، لاَ سَهْلٌ فَيُرْتَقٰى، وَلاَ سَمِينٌ فَيُنْتَقَلُ. قَالَتِ الثَّانِيَةُ: زَوْجِي لاَ أَبُثُّ خَبَرَهُ، إِنِّي أَخَافُ أَنْ لاَ أَذَرَهُ، إِنْ أَذْكُرْهُ أَذْكُرْ عُجَرَهُ وَبُجَرَهُ. قَالَتِ الثَّالِثَةُ: زَوْجِي الْعَشَنَّقُ، إِنْ أَنْطِقْ أُطَلَّقْ، وَإِنْ أَسْكُتْ أُعَلَّقْ. قَالَتِ الرَّابِعَةُ: زَوْجِي كَلَيْلِ تِهَامَةَ، لاَ حَرٌّ وَلاَ قَرٌّ، وَلاَ مَخَافَةَ وَلاَ سَآمَةَ. قَالَتِ الْخَامِسَةُ: زَوْجِي إِنْ دَخَلَ فَهِدَ، وَإِنْ خَرَجَ أَسِدَ، وَلاَ يَسْأَلُ عَمَّا عَهِدَ. قَالَتِ السَّادِسَةُ: زَوْجِي إِنْ أَكَلَ لَفَّ، وَإِنْ شَرِبَ اشْتَفَّ، وَإِنِ اضْطَجَعَ الْتَفَّ، وَلاَ يُولِجُ الْكَفَّ لِيَعْلَمَ الْبَثَّ. قَالَتِ السَّابِعَةُ: زَوْجِي عَيَايَاءُ أَوْ غَيَايَاءُ طَبَاقَاءُ كُلُّ دَاءٍ لَهُ دَاءٌ، شَجَّكِ أَوْ فَلَّكِ أَوْ جَمَعَ كُلًّا لَكِ. قَالَتِ الثَّامِنَةُ زَوْجِي الْمَسُّ مَسُّ أَرْنَبٍ وَالرِّيحُ رِيحُ زَرْنَبٍ قَالَتِ التَّاسِعَةُ زَوْجِي رَفِيعُ الْعِمَادِ طَوِيلُ النِّجَادِ عَظِيمُ الرَّمَادِ قَرِيبُ الْبَيْتِ مِنَ النَّادِ. قَالَتِ الْعَاشِرَةُ: زَوْجِي مَالِكٌ وَمَا مَالِكٌ مَالِكٌ خَيْرٌ مِنْ ذٰلِكِ، لَهُ إِبِلٌ كَثِيرَاتُ الْمَبَارِكِ، قَلِيلاَتُ الْمَسَارِحِ، إِذَا سَمِعْنَ صَوْتَ الْمِزْهَرِ أَيْقَنَّ أَنَّهُنَّ هَوَالِكُ. قَالَتِ الْحَادِيَةَ عَشْرَةَ: زَوْجِي أَبُو زَرْعٍ وَمَا أَبُو زَرْعٍ؟ أَنَاسَ مِنْ حُلِيٍّ أُذُنَيَّ، وَمَلَأَ مِنْ شَحْمٍ عَضُدَيَّ،

وَبَجَّحَنِي فَبَجَحَتْ إِلَيَّ نَفْسِي ، وَجَدَنِي فِي أَهْلِ غُنَيْمَةٍ بِشِقٍّ فَجَعَلَنِي فِي أَهْلِ صَهِيلٍ وَأَطِيطٍ وَدَائِسٍ وَمُنَقٍّ ، فَعِنْدَهُ أَقُولُ فَلَا أُقَبَّحُ ، وَأَرْقُدُ فَأَتَصَبَّحُ وَأَشْرَبُ فَأَتَقَمَّحُ ، أُمُّ أَبِي زَرْعٍ فَمَا أُمُّ أَبِي زَرْعٍ ، عُكُومُهَا رَدَاحٌ ، وَبَيْتُهَا فَسَاحٌ ، ابْنُ أَبِي زَرْعٍ ، فَمَا ابْنُ أَبِي زَرْعٍ ، مَضْجَعُهُ كَمَسَلِّ شَطْبَةٍ ، وَتُشْبِعُهُ ذِرَاعُ الْجَفْرَةِ ، بِنْتُ أَبِي زَرْعٍ ، فَمَا بِنْتُ أَبِي زَرْعٍ ، طَوْعُ أَبِيهَا وَطَوْعُ أُمِّهَا ، مِلْءُ كِسَائِهَا ، وَغَيْظُ جَارَتِهَا ، جَارِيَةُ أَبِي زَرْعٍ ، فَمَا جَارِيَةُ أَبِي زَرْعٍ ، لَا تَبُثُّ حَدِيثَنَا تَبْثِيثًا ، وَلَا تُنَقِّثُ مِيرَتَنَا تَنْقِيثًا ، وَلَا تَمْلَأُ بَيْتَنَا تَعْشِيشًا ، قَالَتْ : خَرَجَ أَبُو زَرْعٍ وَالْأَوْطَابُ تُمْخَضُ ، فَلَقِيَ امْرَأَةً مَعَهَا وَلَدَانِ لَهَا كَالْفَهْدَيْنِ ، يَلْعَبَانِ مِنْ تَحْتِ خَصْرِهَا بِرُمَّانَتَيْنِ ، فَطَلَّقَنِي وَنَكَحَهَا ، فَنَكَحْتُ بَعْدَهُ رَجُلًا سَرِيًّا . رَكِبَ شَرِيًّا ، وَأَخَذَ خَطِّيًّا ، وَأَرَاحَ عَلَيَّ نَعَمًا ثَرِيًّا ، وَأَعْطَانِي مِنْ كُلِّ رَائِحَةٍ زَوْجًا ، وَقَالَ : كُلِي أُمَّ زَرْعٍ ، وَمِيرِي أَهْلَكِ ، فَلَوْ جَمَعْتُ كُلَّ شَيْءٍ أَعْطَانِيهِ ، مَا بَلَغَ أَصْغَرَ آنِيَةِ أَبِي زَرْعٍ. قَالَتْ عَائِشَةُ : فَقَالَ لِي رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كُنْتُ لَكِ كَأَبِي زَرْعٍ لِأُمِّ زَرْعٍ

بامحاوره ترجمو: حضرت سيده عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ (يمن يا حجاز جون) يارهن عورتن پاڻ ۾ گڏجي صلاح ڪري وعدو ڪيو تہ هڪ ٻئي کي بنا لڪائڻ جي پنهنجي پنهنجي مڙس جون ڳالهيون ٻڌائينديون.

حضرت سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها چيو. پهرئين عورت ٻڌايو تہ منهنجو مڙس ڄڻ تہ ڏبري اٺ جو گوشت. هڪ اڙانگي جبل جي چوٽيءَ تي رکيل آهي نہ اهو جبل سولو هجي. جو چڙهي سگهجي. نہ اهو گوشت ئي ڪو چڱو هجي. جو تڪليف ڪري لاهي اچجي. مطلب تہ منهنجو مڙس ڪنهن ڪم جو ڪونهي.

ٻي زال چيو تہ . منهنجو مڙس تہ اهڙو آهي جو آءُ ان جو ڪو حال ٻڌائي نہ ٿي سگهان. مون کي ڊپ آهي تہ ڪيس ڇڏي نہ ڏيان. جيڪر ان جو سمورو حال ٻڌائينديس تہ سندس ڪيئي عيب ۽ اوڻايون آهن يعني منهنجي مڙس جون ڳالهيون ٻڌائڻ جهڙيون نہ آهن.

ٽين زال چيو تہ منهنجو مڙس ڊگهو آهي . جي ڪڇان تہ طلاق ڏئي ڪڍي ڇڏيندو ۽ جي چپ رهنديس تہ ٻہ ٽنگبيس مطلب تہ آءُ ڪنهن ٻہ ليکي ۾ ڪانہ آهيان.

چوٿين زال چيو تہ منهنجو مڙس مڪي شهر جي رات وانگر آهي نہ گرم نہ سرد. نہ ڏک نہ سک. مقصد تہ منهنجو مڙس وچٿري مزاج وارو آهي.

پنجين زال ٻڌايو تہ منهنجو مڙس گهر اچي تہ چيتو جي ٻاهر نڪري تہ شينهن مڙس آهي. باقي گهرو ڪم ڪار ۽ ڳالهہ جي جاچ جوچ ڪونہ ڪري.

ڇهين زال چيو تہ منهنجو مڙس ماني کائي تہ سڀ ڪجهہ کائي وڃي. جي پيئي تہ ڍُڪ نہ بچائي. جيڪڏهن سمهي تہ ويڙهجي ڏار سمهيو پوي ۽ نہ هٿ ڊگهو ڪري ۽ نہ ڏسي تہ آءُ ڪهڙي ڏک سک جي حال ۾ آهيان يعني بي پرواهہ لاغرض آهي.

ستين زال ٻڌايو تہ منهنجو مڙس سست ۽ نامرد. اڍنگو ٻاتو آهي ۽ هر بيماري لڳل اٿس، بيوقوف اهڙو جو ڏک هٽي ڦٽي وجهي يا هڏا ڀڃي ڇڏي. يا جي مڇي تہ هڏگُڏ ڀڃي چٽ ڪري، هلڻ چلڻ کان هلاڪ ڪري وجهي. مطلب تہ منهنجو مڙس نسورو چٽ آهي.

اٺين زال چيو تہ منهنجو مڙس هٿ لائڻ ۾ سهي جهڙو نرم . نازڪ بدن وارو ۽ طبيعت ۾

زعفران جهڙو خوشبودار آهي.

نائين زال چيو ته منهنجو مڙس ته وڏن ٽنين (عالي نسب) ماڙيءَ وارو مهمان نواز سخي ۽ قداور بهادر مڙس آهي. گهر اوطاق جي ويجهو اٿس. مطلب ته منهنجو مڙس سخي همدرد ۽ اوطاقي آهي.

ڏهين زال چيو منهنجي مڙس جو نالو مالڪ آهي. مالڪ جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟ اهو ان کان مٿي آهي. سندس اٺن جا وڳ جهوڪن (رات جو وهڻ وارين جاين) ۾ گهڻا ۽ جهنگ ۾ ٿورا چرندا آهن. جڏهن مهمانن جي اچڻ جو هُل ٻڌن ته رڙن ڇوته اٺ سمجهن، ته مهمانيءَ لاءِ اجهو ٿا ڪُسون يعني هيءُ مڙس شاهوڪار به آهي ۽ مهمان نواز سخي به آهي.

يارهين زال (ام زرع) چيو ته منهنجو مڙس ابو زرع هو. ابو زرع جي ڪهڙي نيڪي ۽ ڳالهه ڪجي؟ ان منهنجا ڪن ڳهن سان پري ڇڏيا، سٽيپ سان منهنجا ڏورا ٿلها ڪري ڇڏيا يعني خوب کارايائين پيارايائين ۽ گهڻو سکيو ستابو رکيائين. مون کي ٻڪرارن سان شڪ جي ماڳ تي ڏکيو ڏٺائين ته پوءِ مون کي اتان پرڻجي، اتي پنهنجي گهر وٺي آيو جتي گهوڙن جون هڻڪارون، اٺن جا ڪڙڪات، ڳاهه ڳاهيندڙ ڏاند ۽ ان واريندڙ ڪڙمي ڪاسبي هئا. مطلب ته منهنجو ساهراڻو گهر سکيو ستابو گهر هو جيڪو به چوندي هيس، برو نه پائيندا هئا. رات جو سمهان ته پرهه ڦٽيءَ اٿان يعني رات به ڏکي ڪانه هيس، کاوان پيئان، ته بچائي اوباري ڇڏيان. منهنجي سس (ابو زرع جي ماءُ) جا ٿانوَ ويڪرا پريل ۽ گهر به وڏو ويڪرو هو. ابو زرع جي پُٽ جي به ڪهڙي ڳالهه ڪيان؟ اهو ڪجيءَ جي ڇڙيءَ جهڙو سنهڙو سهڻو آهي. ننڍي ڇيلي جي ران مان ڍؤ ڪري ڇڏي ابو زرع جي ڌيءُ به ڳڻ ڳائڻ جي لائق آهي، پڻ ماءُ جي فرمانبردار آهي، سگهاري سبر ۽ پنهنجي سا ڙبل پاڙي واري (پهاج يا سؤٽ) کي ساڙي ٿي.

ابو زرع جي ٻانهي به اسان جي رازيا گهر جون ڳالهيون ٻي ڪنهن کي نه ٻڌائيندي هئي. موڪل کان سواءِ ان يا گهر جون ٻيون شيون نه ڪڍندي هئي نه وري چوري چڪاري ڪندي هئي. نه وري گهر ۾ گند ڪچرو ڪندي هئي. مطلب ته ٻوهاري صاف سٿرو رکندي هئي

امِ زرع وڏيڪ چوڻ لڳي ته ابو زرع هڪ دفعي کير ولوڙڻ مهل ساجهر سوير گهر کان ٻاهر ڪم ڪار سانگي نڪري ويو. ٻاهر کيس هڪ عورت ملي، جنهن جا ٻه پٽ سندس پاسي ۾ چيتي جي ٻچن وانگر ڏاڙهن سان راند پي ڪيڏيا. اها کيس وڻي وئي پوءِ مون کي طلاق ڏئي ان سان پرڻيو ان کان پوءِ مون به وڃي هڪ اهڙي سردار سان شادي ڪئي جيڪو تکي گهوڙي تي چڙهي، "خطي نيزو" ڪڻندو هو. (خط جو ماڳ بحرين جي بندرگاهه وٽ آهي اتان جا نيزا پلاءِ "خطي" نالي سان نهيل مشهور آهن) ان سردار مڙس به مون وٽ گهڻا ئي ڍور ڍڳا ۽ مال متاع آندا مون کي سڀ شيون ڏنيون ۽ مون کي اهو به چيو ته امِ زرع! تون به کاءُ ۽ پنهنجن مائٽن کي به اَنُ ڏي ۽ کاراءِ. جيڪڏهن هن سردار مڙس جو ڪجهه گهڻو مون کي ڏنو انهيءَ کي گڏ ڪريان ته به (اڳئين مڙس) ابو زرع جي ننڍي پريل ٿانوَ جي به برابر نه ٿيندو يعني ابو زرع ڏيڻ وٺڻ ۽ سخاوت ۾ زور هو.

حضرت سيده عائشه صديقه ﵂ چيو ته (اها ڳالهه ٻڌائي) رسول الله ﷺ جن مون کي فرمايو ته: (اي عائشه ﵂) آءُ به تو لاءِ ائين آهيان جيئن ابو زرع، ام زرع لاءِ هو. يعني تمام گهڻو گهڻگهرو، شفيق ۽

مهربان آهيان.

مفردات جو شرح: "حَدِيثُ أُمِّ زَرْعٍ " هي هن حديث جو ترجمو (عنوان) آهي. ۽ هن حديث جا ڪيترا القاب آهن، پر مشهور لقب هي آهي محدثن هن حديث جا مستقل شرح لکيا آهن. انهن مان قاضي عياض بہ آهي ۽ امام رافعي رحمہ اللہ هڪ جامع وڏو شرح لکيو آهي جيڪو پورو قزوين جي تاريخ ۾ ذڪر ڪيو اٿس. حافظ ابن حجر رحمہ اللہ فرمايو تہ : هيءَ حديث مختلف وجهن سان روايت ڪيل آهي، انهن مان ڪي موقوف آهن تہ ڪي مرفوع آهن موقوف جيئن هتي آهي ۽ مرفوع جيئن طبراني روايت ڪئي آهي ۽ اهڙي طرح عبدالله بن مصعب رضی اللہ عنہ جي حضرت عائشہ صديقہ رضی اللہ عنہا کان بہ مرفوع روايت آهي تہ ان فرمايو : مان رسول الله ﷺ جن وٽ داخل ٿيس تہ پاڻ مون کي فرمايائون : اي عائشہ! مان تو لاءِ ائين آهيان جيئن ابو زرع ام زرع جي لاءِ هو. مون کين عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ! ابو زرع ۽ ام زرع جي ڳالهہ ڪيئن آهي؟ تہ پاڻ بيان فرمايائون" ۽ هن روايت جي مرفوع هجڻ کي سندن فرمان تہ "مان تو لاءِ ائين آهيان جيئن ابو زرع ام زرع جي لاءِ هو" قوت ڏئي رهيو آهي ڇوتہ ان جي تقاضا هيءَ آهي تہ : حضور ڪريم ﷺ جن اهو قصو ٻڌي ان کي ثابت قرار ڏنو پوءِ ان لحاظ سان هي سمورو قصو مرفوع آهي. "ام زرع" هڪ عورت هئي. "زرع" مان مراد ولد آهي. ڪنيت ۾ ان ڏانهن اضافت ڪيل آهي ام زرع جو نالو "عاتڪة" هو ۽ هن روايت ۾ بيان ٿيل يارهن عورتن مان صرف اٺن جا نالا معلوم آهن. جن کي خطيب بغدادي ڪتاب "المبهمات" ۾ ذڪر ڪيو آهي ۽ فرمايائين تہ انهن جا نالا هن طريقي کان سواءِ سڃاتا نہ ٿا وڃن ۽ اهو سند جي لحاظ سان گهڻو غريب آهي ۽ شايد مصنف وٽ اهي ثابت نہ هئا تڏهن انهن جو ذڪر نہ ڪيائين ۽ حقيقت ۾ انهن جي نالن جو ڪو ضرور بہ ڪونہ آهي ۽ ان جي ڪري ابا زرع ۽ ان جي ڌيءَ ۽ ٻانهي ۽ جيڪا زال پرٽيو ۽ نہ ان مڙس جو جنهن سان اِم زرع ابو زرع کان پوءِ شادي ڪئي انهن جا نالا ذڪر ڪيا اٿس. (المواهب شرح الشمائل ص 225) علامہ علي القاري رحمہ اللہ لکيو آهي تہ هن روايت ۾ يارهن عورتن جو قصو آهي پر ام زرع جو خصوصي ذڪر ان جي ڪري ڪيو ويو آهي جو مقصد جو تعلق ان سان آهي. "إِحْدَى عَشْرَةَ امْرَأَةً" يارهن عورتون. ڪرماني رحمہ اللہ فرمايو تہ "سيئي يمن جون هيون" ۽ انهن مان نون جا نالا هي آهن. (1) عمرة بنت عمرو (2) حيي بنت ڪعب (3) مهذد بنت ابي هرومة (4) ڪبشة (5) هند (6) حيي بنت عقلمة (7) ڪبشة بنت الارم (8) اوس بن عبد جي ڌيءُ (9) ام زرع. باقي ٻن جا نالا معلوم ٿي نہ سگهيا آهن. "فَتَعَاهَدْنَ" پوءِ پڪو عهد ڪيائون. "غَثٌّ" ڪمزور. "وَعْرٍ" ڏکيو ناهموار. "سَمِينٌ" ٿلهو "بَثٌّ" پريشان ڪيائين. "اَلْعَشَنَّقُ" سڪل، ڊگهو ڏٻرو. "أُعَلَّقُ" تنگي وجان. "سَآمَةَ" ملامت "اِشْتَفَّ" سڀ پيتو وجي. "عَيَايَاءُ" عاجز پريشان. "غَيَايَاءُ" ذهن جو ردي، غبي. "طَبَاقَاءُ" احمق، بيوقوف. "اَلْمَبَارِكِ " اُٺن جي ويهڻ جي جاءِ "اَلْمَسَارِحِ" گاهہ چرڻ جي جاءِ. "اَلْمِزْهَرِ" طنبورو باجو. "حُلِيِّ" زيور. "شَحْمٍ" چربي. وَهَ "أَطِيط" اُٺ جو آواز. "أَتَقَمَّحُ" ڍؤ ڪري پيتائين. "دَائِسٍ" اَنو ڪُٽڻ وارو.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ ام زرع جو ڊگهو بيان آهي تنهنڪري هن کي "حَدِيثُ أُمِّ زَرْعٍ " سڏيو ويو آهي. ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضی اللہ عنہا يارهن عورتن جي ڳالهہ بيان ڪئي جنهن ۾ عورتن پنهنجن مڙسن جا عيب بہ بيان ڪيا تہ ڪجهہ عورتن خوبيون بہ بيان ڪيون.

اعتراض: زالن ڪي پنهنجي مڙسن جا عيب بيان ڪرڻ ناجائز ۽ گلا ۾ داخل آهن پوءِ حضور ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ اهي ڇو بيان ڪيا ويا ڇا اها گلا ڪرڻ ۽ ٻڌڻ ناجائز ناهي؟

جواب: گلا ڪنهن معلوم ماڻهو جو نالو وٺي عيب بيان ڪرڻ کي چيو ويندو آهي. هتي جن جو بيان هليو نه اهي معلوم هيون نه انهن جو يا انهن جي مڙسن جو نالو ورتو ويو آهي، ان جي ڪري اهو گلا ۾ داخل ناهي ۽ اهي عورتون يمن يا حجاز جون هيون ۽ ڪن روايتن ۾ انهن جا نالا به اچن ٿا شايد انهن جا مڙس ٻاهر ويل هوندا ۽ هنن پوبان اها ڪچهري رچائي هوندي پر اها اسلام کان اڳ جي ڪچهري ۽ ڳالهه ٻولهه هوندي (والله و رسوله اعلم)

انهن مان هر هڪ جو بيان هن ريت آهي: (1) پهرين چيو ته منهنجو مڙس (ڇڻ) ڏٻري اٺ جو گوشت آهي جيڪو اهڙي ڏکئي جبل تي رکيل هجي جو نه ان تي ڪو چڙهي سگهي نه اهو گوشت لاهي سگهي. مطلب ته ان ۾ نه ڀلائي آهي نه سٺي مزاج آهي اهڙو بد اخلاق آهي ان ڪي نه ڪو سچ ٿو چئي سگهي نه حق ٿو ٻڌائي سگهي. ان سان تعلق رکڻ بي سود هو. ڏاڍو هنيلو ۽ بدمزاج هو. (2) ٻيءَ چيو ته "مان پنهنجي مڙس جي ڳالهه نه ٿي کوليان، ڊڄان ٿي ته جيڪڏهن ان جي ڳالهين ۾ کُليس ته ان جا ظاهري ۽ لڪل سڀ عيب کولي رکنديس. اهو ايترن عيبن سان ڀريل آهي جو ڳڻي نه سگهنديس.

اعتراض: اها پڪو وعدو ڪري ويٺي هئي ته پنهنجي مڙس جو سمورو احوال بيان ڪنديس ته پوءِ ڇو بيان نه ڪيائين؟

جواب: وعدي خلافي عورتن جي عادت آهي ۽ عيب بيان ڪرڻ به گلا آهي. ان تي اعتراض ڪهڙو ڪجي؟ ۽ ممڪن هو ته ان اهي عيب ان جي ڪري بيان نه ڪيا هجن ته متان سندس مڙس کي خبر پوي ۽ اهو کيس طلاق ڏئي ڇڏي (المواهب ص 428) (3) ٽيئن چيو ته: منهنجو مڙس تمام گهڻو ڇيڙاڪ ۽ بيوقوف آهي. جيڪڏهن ڪجان ٿي ته طلاق ڏئي ڇڏيندم ۽ جيڪڏهن چپ ٿي رهان ته به ساهه ٽنگيل ٿو رهيم. مطلب ته ان کي منهنجو ڪو احساس ناهي جڻ ته منهنجو مڙس ئي ناهي.(4) چوٿينءَ چيو ته "منهنجو مڙس ڄڻ مڪي جي رات آهي نه گرم نه سرد. نه خوف اٿم نه مُنجهه اٿم. هن پنهنجي مڙس جي ساراهه ڪئي آهي ته اهو وچٿري طبيعت وارو آهي نه گهڻو خوشامندي نه گهڻو بيزار ٿيندڙ آهي. هنن لفظن مان ڪجهه شڪايت به معلوم ٿئي ٿي ته اهڙو آهي جو نه دشمن کي پوءِ نه سڄڻ کي آسرو. مڪ مڪرم جي رات مناسب هوندي آهي ۽ ڏينهن گهڻو ڪري گرم هوندو آهي. ان جي ڪري رسول الله ﷺ فرمايو: "مَنْ صَبَرَعَلَىٰ حَرِّ مَكَّةَ سَاعَةً تَبَاعَدَ مِن نَارِ جَهَنَّمَ سَبْعِيْنَ سَنَةً" وفي رواية "مِئَتَي سَنَةٍ" جنهن مڪي جي گرميءَ تي هڪ گهڙي صبر ڪيو اهو جهنم جي باهه کان ستر سالن جي پنڌ تي پري رکيو ويندو ۽ هڪ روايت ۾ آهي "به سؤ سال جي پنڌ تي پري رکيو ويندو." ۽ هيءَ ان عورت جي طرفان پنهنجي مڙس جي وڏ ۾ وڏ مدح آهي. ڇو ته ان جي الفاظ ۾ ايذاءُ ڏيڻ جي سڀني سببن جي نفي ۽ زندگي گذارڻ جي سڀني لذتن جو ثبوت آهي. (المواهب ص 430، جمع الوسائل ج 2 ص 50) (5) پنجيئن چيو ته "منهنجو مڙس گهر ۾ اچي ٿو ته چيتي شينهن وانگر آهي ۽ ٻاهر نڪري ٿو ته به شينهن وانگر هلندو آهي. هن عورت جي لفظن مان به پاسا معلوم ٿين ٿا. هڪ نيڪي ۽ ساراهه جو چوي ٿي ته اهو چيتي وانگر ننڊ ۽ جماع جو شوقين آهي پر جي گهر کان نڪري ته رعب ۽ تاب سان شير وانگر بهادر

مڙس آهي ۽ عيال جي خرچ ۾ ڏاڍو سخي آهي جيڪي ڪمائي گهر آڻي ٿو تہ وري ان جي پڇا نہ ڪندو آهي ۽ نہ ڪي حساب، ڪتاب وٺي تنگ ڪندو آهي پر ان جو ٻيو رخ شڪايت وارو آهي تہ سندس مڙس چيتي وانگر ستو پيو آهي ۽ ڪمائڻ جو ڪو خيال نہ اٿس چيتي وانگر شڪار مٿان ٽو اچي پوبس تہ پوءِ قبضو ڪري ٿو نہ تہ سدائين بيڪار پيو آهي. ٻاهر نڪري ٿو تہ پوءِ شينهن وانگر دلير آهي دشمنن جو بهادر ٿي مقابلو ڪندو آهي. (6) ڇهينءَ چيو تہ: منهنجي مڙس جي طبيعت آهي ڪائيندو آهي تہ ڪاڏي جا قسم گهڻا ڪري ڪائيندو آهي ۽ هن مان مراد ان جي مذمت بيان ڪرڻ آهي ۽ ان ڪي مدح قرار ڏيڻ تہ مختلف قسم طعام جا ڪائي خدا جي نعمت جو اظهار ڪندو هو مناسب نہ ٿو لڳي. علامہ علي القاري رحمه الله لکيو آهي تہ: ان مان مراد آهي تہ عيال جو حق بہ نہ ٿو سنڀالي سڀ ڪجهہ پاڻ ڪائي ٿو وڃي ۽ اهڙو ماڻهو عبادت ۾ سستي ۽ ڪاهلي ڪندو ۽ جهاد ۾ مرد ميدان نہ ٿيندو. ۽ جيڪڏهن پاڻي ٿو پيئي تہ تري وارو پاڻي بہ پي ڇڏيندو آهي گهروارن جي لاءِ نہ بچائيندو آهي ۽ جيڪڏهن مدح مراد ورتي ويندي تہ پوءِ معنيٰ ٿيندي تہ اهل عيال سان گڏ پئي ٿو ٻئي ڏينهن جي لاءِ ڪجهہ بہ نہ ٿو بچائي ۽ جيڪڏهن ننڊ جو ارادو ٿو ڪري تہ ويڙهجي ٿو سمهي. يعني گهر جي ڪنڊ ۾ اهل جي خيال ۽ سنڀال ڪرڻ ڪان سواءِ سمهي رهي ٿو. يعني سندس گهرواريءَ ڪي جيڪڏهن زخم، ڦٽ، ڦرڙيون بخار وغيره رهي تہ هٿ لائي ڏسي بہ ڪونہ ٿو تہ ڪهڙي حالت ۾ آهي ۽ اهو ان جي ڪري جو زخمن تي هٿ لڳائڻ سان ان ڪي ايذاءُ ايندو هوندو. هن عورت مڙس جون خوبيون بہ بيان ڪيون تہ عيب بہ بيان ڪيا.

علامہ ابن العربي رحمه الله فرمايو تہ: اهو بيان ان جي مڙس جي مذمت آهي جو ان عورت چيو تہ: منهنجو مڙس جڏهن سمهندو آهي تہ ويڙهجي وڃي سمهندو آهي ڪا ڪنڊ وڃي وسائيندو آهي ان سان ڪا صحبت نہ ڪندو آهي. علامہ بيجوري رحمه الله لکيو آهي تہ: هيءَ مذمت هئي جنهن مان ثابت ٿيو تہ ان جون پهريون ڳالهيون بہ مڙس جي مذمت هيون. خصائل نبوي واري لکيو آهي تہ پنجين نمبر واري عورت جي ڳالهہ ۾ مدح ظاهر هئي ۽ هن ۾ مذمت ظاهر آهي ۽ جيڪڏهن مدح چئجي جيئن بعض شارحن چيو آهي تہ پوءِ مطلب هي ٿيندو تہ: جڏهن ڪائي ٿو تہ ميوا وغيره سڀ ڪائي ٿو وڃي ۽ جيڪڏهن پئي ٿو تہ بہ کير، شراب، شربت وغيره سڀ پي ٿو وڃي. ان جي دسترخوان تي هر قسم جون شيون هونديون آهن. خرچ ڪرڻ وارو آهي. ڪنجوس، بخيل ناهي جو هڪڙي شيءِ هجي تہ ٻي نہ هجي. جهيڙن جهڳڙن ڪان پري رهي ٿو. ڪنهن جا عيب ڳولڻ جي پويان نہ هوندو آهي. (خصائل نبوي ص 200) ۽ ستينءَ چيو تہ: منهنجو مڙس، عاجز، نامرد ۽ ڳالهائڻ ۾ قوت وارو ناهي. دنيا ۾ جيڪي بيماريون آهن اهي ان ۾ موجود آهن. ايترو اخلاق جو ڪريل آهي جو يا منهنجو مٿو ڦاڙي وجهندو آهي يا مون ڪي زخمي ڪندو آهي يا ٻئي تڪليفون ڏيندو آهي. مطلب تہ پنهنجي اهل عيال جي لاءِ بد اخلاق آهي. (7) اٺينءَ پنهنجي مڙس جي مدح ۽ تعريف ڪئي تہ اهو نرم مزاج آهي. بدعادت، بري اخلاق وارو ناهي. ان ۾ جسماني ۽ روحاني ٻنهي قسمن جا مزا موجود آهن. جسم جو اهڙو نرم آهي جو دل ان ڪي چنبڙڻ چاهيندي آهي. ڪاوڙ جو ان وٽ نالو ناهي. خوشبوءِ سان مهڪندو رهندو آهي بعض روايتن ۾ ان جي بيان ۾ هڪ جملو وڌيڪ بہ آهي تہ مان ان تي غالب رهندي آهيان اهو ماڻهن

تي غالب رهندو آهي. جنهن جو مطلب تہ مان ان تي ان جي عاجز هجڻ جي ڪري نہ پر ان جي شرافت ۽ مون سان محبت جي ڪري ان تي غالب آهيان. (9) نائين عورت پنهنجي ڪلام ۾ مڙس جي تمام گهڻي تعريف ڪئي آهي. (1) هڪ تہ ان جو گهر بلند آهي ۽ ان مان جيڪڏهن گهرجي عمارت مراد آهي تہ ان جي مڙس جي مالدار هجڻ ۽ رياست ڏانهن اشارو آهي ڇوتہ بلند محل مالدار ئي ٺهرائيندو آهي ۽ جيڪڏهن بلند محل مان جاءِ جو بلند دڙي تي هجڻ مراد آهي جيئن عربن جو دستور هو جو سخي ۽ ڪريم ماڻهو پنهنجو گهر بلنديءَ تي ٺاهيندا هئا تانت پرديسي ۽ مسافر پري کان ڏسي اتي اچن ۽ هي سندن خدمت ڪن. ان صورت ۾ ان مان مراد ان جي شريف, ڪريم ۽ سخي هجڻ جي تعريف آهي. ۽ بعض علماء لکيو آهي تہ مڪان جي بلند هجڻ مان مراد شرافت ۽ حسب نسب جي اعتبار سان بلندي آهي. (2) ٻيو تہ اهو مهمان نواز آهي. ان جي گهر ۾ ايتري ماني پچي ٿي جو ڇار جا ڍير ٿي وڃن ٿا. (3) ٽيون ان جو قد ڊگهو آهي, قد جو ڊگهو هجڻ ان شرط سان تہ حد کان وڌيل نہ هجي مردن جي لاءِ مدح آهي. (4) چوٿون تہ ان جو گهر مجلس ڪچهريءَ واري جاءِ کي ويجهو آهي ان مان مراد آهي تہ عقل ۽ سمجهہ وارو آهي. هر شخص ان کان مشورو پڇندو آهي ان جي رهائش دار المشوره آهي. يا اها مراد آهي تہ مشوره وٺندڙ جي لاءِ سندس گهر مهمان نوازيءَ جي لحاظ سان بہ قريب آهي ائين ڪونہ ٿو چوي تہ منهنجو گهر پري آهي نہ تہ مان اوهان جي خدمت ڪيان ها. (10) ڏهينءَ عورت پنهنجي مڙس جي سخاوت جي تعريف ڪئي آهي ان جي وضاحت هيءَ آهي تہ اٺ جيڪڏهن جهنگل ۾ چرڻ وڃن ٿا تہ مهمانن جي خدمت لاءِ انهن جي اچڻ جو انتظار ڪرڻو پوي ٿو. تانت مهمانن جي لاءِ جلد اهي کهي وٺجن. ان جي ڪري ان جا اٺ ٻاهر چرڻ نہ ويندا آهن گهر ۾ ئي انهن جي چارڻ جو انتظام ڪيو ويندو آهي. اهي اٺ جڏهن مالڪ جي طرفان ٻاجي وڄائڻ جو آواز ٻڌن ٿا تہ يقين ٿا ڪن تہ هاڻي اهي ڪسندا. اهو مالڪ مهمانن جي اچڻ جي خوشي ۾ ٻاجو وڄائيندو هو. (خصائل نبوي ص 202) (11) يارهين عورت امِ زرع هئي جنهن پنهنجي مڙس جي گهڻي تعريف ڪئي هئي. هيءَ اڪحل جي ڌيءَ هئي. هيءَ هڪ مسڪين عورت هئي. هن جا مائٽ ٻڪريون چاريندا هئا جيڪي تڪليف ۾ وقت گذاريندا هئا. ابو زرع ان سان شادي ڪري کيس وٺي آيو ۽ کيس اهڙي گهر ۾ رهايائين جتي مال, متاع, نوڪرياڻيون ۽ نوڪر ۽ کير مکڻ گهڻو هو. زر, زيور, لٽي ڪپڙي مطلب تہ اتي ڪا بہ ڪمي ڪانہ هئي. ڪاڏا, پيتا اڻ ميا ۽ اڪيچار هئا. ام زرع اتي رهي ڪائي پي سگهي ستابي ٿي هئي گهر ۾ عزت گهڻي ۽ ڪم ڪار نہ هيس سج اڀرڻ تائين ستل هوندي هئي تہ کيس ڪير اٿاريندو نہ هو. ۽ سندس سس بہ مٿس وڏي مهربان هوندي هئي. ابو زرع کي اڳينءَ زال مان هڪ پُٽ هو جيڪو نهايت سهڻو, سباجهو, سنهڙو چست ۽ چالاڪ هو. بهادرن واري زندگي گذاريندڙ. بستري ۾ غافل ٿي نہ سمهندو هو. سمهڻ کان پوءِ ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ تلوار مياڻ ۾ پيل آهي سندس کائڻ جي لاءِ ڇيلي جي اڳئين ٽنگ جو گوشت ڪافي هوندو هو. اهڙي ٿوري کائيندڙ دلير انسان کي عرب گهڻو مڃيندا آهن. ابو زرع کي اڳئين گهرواريءَ مان نهايت سهڻي ۽ فضيلت واري هڪ ڌيءَ بہ هئي. جيڪا پنهنجي ڪپڙن کي پري پيهندي هئي مطلب تہ بدن ۾ پريل سهڻي ڇوڪري هئي ان جي ڪري وڏيڪ وڻندي هئي ۽ مڙس وٽ مقبول هجڻ جي ڪري ساهيڙي

جو ان سان ساڙ گهٽو هوندو هو. ابو زرع جي نوڪرياڻي بہ نهايت شريف ۽ اسان جي گهڻي خدمت ڪندڙ هئي. اهڙي طرح اسان جي زندگي آرام ۽ سڪون سان گذري رهي هئي تہ هڪ ڏينهن اوچتو صبح جو کير ولوڙڻ وقت ابو زرع ٻاهر نڪتو تہ واٽ تي هڪ عورت ستل ڏٺائين جنهن جي چيلهہ وٽ بہ ننڍڙا نهايت چست ۽ تندرست ٻار ان جي ٻُبن سان راند پيا ڪيڏن تنهن تي ان کي ان جي اهڙي خواهش ٿي جو مون کي طلاق ڏئي ان سان وڃي شادي ڪيائين ۽ مون کي شايد ان خيال کان طلاق ڏنائين تہ متان مون کي ان کان تڪليف پهچي مون ان کان پوءِ وڏي امير سان شادي ڪئي اهو بہ وڏو بهادر ۽ گهوڙي سوار هو تير باز هو جنهن مون لاءِ گهڻا ئي مال آندا ۽ هر هڪ نعمت مان جوڙو جوڙو مون کي ڏنائين. "رائحة" جي معنيٰ خوشبوءِ بہ ڪري سگهجي ٿي ۽ مان جيڪڏهن ان مان مٿن مائٽن کي ڪجهہ ڏينديءَ هيس تہ ان تي ڪابہ بندش پيل نہ هئي. مگر ان جي سڀني مهربانين کي جيڪڏهن گڏ ڪيان تہ ابو زرع جي ٿورڙي احسان جي بہ مٽ نہ ٿي سگهنديون. ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ ﷞ فرمايو تہ ان مڪالمہ کان پوءِ حضرت رسول الله ﷺ جن مون کي فرمايو تہ "مان تولاءِ ائين آهيان جيئن ام زرع جي لاءِ ابو زرع هو." ٻين حديثن ۾ هيئن آيو آهي تہ سيده عائشہ ﷞ حضور ڪريم ﷺ جن کي عرض ڪيو تہ: منهنجي امان ابو اوهان تان قربان: اوهان منهنجي لاءِ ان کان گهڻو وڌيڪ ڀلا آهيو." الله ﷻ هر مسلمان زال مڙس کي هن معاملن ۾ حضور ڪريم ﷺ جي اتباع نصيب ڪري، جو اها پاڪدامن هجڻ جو باعث آهي. (آمين)

علامہ ابنِ حجر مڪي ﷫ لکيو تہ: حضور ڪريم ﷺ جن جو فرمان تہ "مان تولاءِ ائين آهيان جيئن ام زرع لاءِ ابو زرع هو." مان مراد نفعي ڏيڻ ۽ نوازڻ ۾ آهي. بلڪہ ام المؤمنين سيده عائشہ صديقه ﷞ جي حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن وٽ روز بروز عزت وڌندي ۽ محبت ترقي ڪندي رهي. سندن ذات عالي صفات کان ڪيس نفعو ملندو رهيو ۽ ام المؤمنين سيده خديجة الڪبريٰ ﷞ کان سواءِ ٻين امهات المؤمنين کان درجات ۽ فيوضات و برڪات ۾ فائق رهي.

فائدا: علامہ موصوف ﷫ لکيو آهي تہ هن حديث مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا (1) پنهنجي اهل سان سٺو معاشرو قائم ڪرڻ (2) گذريل ماڻهن جون ڳالهيون بيان ڪرڻ (3) گهرواريءَ سان ان جي دل کي بهلائڻ ۽ خوش رکڻ جي لاءِ ڪجهري ڪرڻ (4) هڪ شيءِ کي ٻئي سان تشبيهہ ڏيڻ مان مراد هر لحاظ سان تشبيهہ نہ آهي جو تہ ابو زرع ام زرع کي طلاق ڏني هئي پر حضور ڪريم ﷺ جن طلاق نہ ڏني هئي. (اشرف الوسائل ۾ائل ص 364) ۽ اسان حنفين جي علماء مان ڪتاب "الخلاصة" جي صاحب لکيو آهي تہ: جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو ڪنهن جي نالي وٺڻ کان سواءِ ڳوٺ وارن جا عيب بيان ڪيا تہ اها گلا ناهي. (جمع الوسائل ج 2 ص 58)

علامہ بيجوري ﷫ لکيو آهي تہ ام المؤمنين سيده عائشه صديقہ ﷞ اڻ ڄاتل عورتن جو ذڪر ڪندي انهن جي طرفان انهن جي مڙسن جا (جيڪي نہ نالن سان معلوم هئا نہ ڄاتل سڃاتل هئا) ڪجهہ بيان ڪيل عيب ذڪر ڪيا آهن اها گلا ۽ غيبت ناهي. اهي جاهليت جي دور جا هئا ۽ حربي ڪافرن سان شامل هئا جن جو احترام ڪرڻ ضروري ناهي. (المواهب شرح الشمائل ص 444)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في ڪتاب النڪاح باب 82 حسن المعاشرة

مع الاهل رقم الحديث 5189 ج 9 ص 254 {2} مسلم في كتاب فضائل الصحابہ باب 14 ذكر حديث ام زرع رقم الحديث 2448 ج 4 ص 1896 {3} النسائي في كتاب عشرت النساء من سننه الكبريٰ باب 58 شكر المراة لزوجها رقم الحديث 9138 {4} ابنِ حبان في صحيحه رقم الحديث 7060 ج 9 ص 117، 119 {5} ابويعليٰ في مسنده رقم الحديث 4701، 4702، ج 8 ص 105 {6} الطبراني في الكبير رقم الحديث 265 الي 274 ج 23 ص 164، 177.

باب اوٺيتاليهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي نَوْمِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ اُهي حديثون آيل آهن جيڪي حضرت رسول الله ﷺ جي ننڊ ڪرڻ جي صفت ۾ آهي

سمجهاڻي: هن باب ۾ اشرف الرسل، هاديءِ ڪُلّ، حضور پُرنور ﷺ جي ننڊ ڪرڻ جي طريقي ۽ انهن دعائن جو ذڪر آهي جيڪي ننڊ کان اڳي يا پوءِ پڙهندا هئا. يا ننڊ مان اٿي پڙهي هٿن تي ڦوڪي هٿ مبارڪ بدن تي گهمائيندا هئا. هن ۾ سندن ڪونگهرن هڻڻ ۽ ننڊ مان اٿي وضو ڪرڻ ڪان سواءِ نماز پڙهڻ جو بہ ذڪر آهي ۽ اها حضرت نبي ڪريم ﷺ جي خصوصيت آهي. ٻيو ڪير بہ ائين ڪري ڪونہ ٿو سگهي ننڊ جي آداب مان هي بہ آهي تہ وضو ڪري سمهجي بخاري ۽ مسلم ۾ آهي تہ "اِذَا اَخَذْتَ مَضْجَعَكَ فَتَوَضَّأْ وُضُوْءَكَ لِلصَّلٰوةِ" جڏهن تون پنهنجي بستري تي (ننڊ ڪرڻ جي لاءِ) اچين تہ نماز جي وضو وانگر وضو ڪر." (انوارِ غوثيه ص 338)

علامہ البيجوري رحمه الله لکيو آهي تہ جڏهن تہ ننڊ رات جي ڳالھ ٻولھ، ڪچهريءَ کان پوءِ ڪئي ويندي آهي ان جي ڪري مناسب هو تہ ان کان پوءِ هتي ننڊ جو باب آندو وڃي.

ننڊ ڇا آهي؟ : هيءَ هڪ قسم جي ڳري غشي آهي جيڪا قلب تي حاوي ٿيندي آهي ۽ ان کي شين جي سڃاڻڻ کان ڪٽي ڇڏيندي آهي. ان لحاظ سان اها هڪ مصيبت آهي ۽ ان جي ڪري چيو ويو آهي تہ : ننڊ موت جي ڀيڻ آهي ۽ اوجهراٽي جو مٿي ۾ اثر هوندو آهي ۽ اوباسي جو اکين ۾ اثر هوندو آهي ۽ ڪن جو قول آهي تہ اوجهراٽي ننڊ جي هوا آهي جيڪا منهن کان شروع ٿي قلب ڏانهن ويندي آهي. اول اوجهراٽي ايندي آهي پوءِ ننڊ ونندي آهي. هن باب ۾ ڇھ حديثون آهن.

{254} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ الْمُثَنّٰى قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمٰنِ بْنُ مَهْدِيٍّ قَالَ: حَدَّثَنَا إِسْرَائِيلُ، عَنْ أَبِي إِسْحَاقَ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ يَزِيدَ، عَنِ الْبَرَاءِ بْنِ عَازِبٍ، أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ إِذَا أَخَذَ مَضْجَعَهُ وَضَعَ كَفَّهُ الْيُمْنٰى تَحْتَ خَدِّهِ الْأَيْمَنِ، وَقَالَ: رَبِّ قِنِي عَذَابَكَ يَوْمَ تَبْعَثُ عِبَادَكَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت براء بن عازب رضي الله عنه کان روايت آهي تہ جنهن وقت رسول الله ﷺ جن پنهنجي بستري تي آرام ڪندا هئا تہ پنهنجو ساڄو هٿ مبارڪ ساڄي ڳل مبارڪ هيٺان رکي، (ڪعبي شريف ڏانهن منهن ڪري) سمهندا هئاءِ هيءَ دعا پڙهندا هئا :

(**ترجمو** : اي منهنجا پالڻهار! مون کي (قيامت جي) عذاب کان بچاءِ جنهن ڏينهن تون پنهنجن ٻانهن کي (حساب ڪتاب لاءِ، اٿاريندين!!

مفردات جو شرح: "مَضْجَعَهُ" (جيم جي زبر ۽ زير سان) ننڊ ڪرڻ وارو بسترو يا ننڊ ڪرڻ واري جاءِ

"كَفَّهُ الْيُمْنٰى" پنهنجي سڄي هٿ جي ترِي "اَلْكَفّ" آڱرين سميت ترِيءَ کي سڏيو ويندو آهي. تري ان ناليءَ سان ان جي ڪري سڏي وئي جو اها گندگي کي بدن کان پري رکي ٿي. "خَدِّهٖ " ڳل کي خد سڏيو ويندو آهي.

سمجهاڻي: هن حديث مان معلوم ٿيو ته سڄي پاسي تي ليٽي سڄو هٿ ساڄي ڳل جي هيٺان رکي سمهڻ سنت آهي ڇوته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ان طريقي سان آرام ڪندا هئا. ان ۾ اها به حڪمت آهي ته سڄ پاسو کٻي کان وڌيڪ شرف ۽ شان وارو آهي ۽ کاٻي پاسي تي سمهڻ ۾ ننڊ گهاٽي اچي ٿي اهو دل لاءِ نقصانڪار آهي پر اهو اسان جي حق ۾ آهي حضور ڪريم ﷺ جي حق ۾ ناهي. رسول الله ﷺ جن جو ساڄي پاسي تي سمهي ننڊ ڪرڻ ان جي شرف واري هجڻ جي ڪري ۽ امت جي تعليم لاءِ ۽ شريعت بنائڻ جي لاءِ هوءِ انسان جڏهن ساڄي پاسي تي سمهڻ کي عادت بنائيندو ته پوءِ کاٻي پاسي تي سمهڻ سان گهاٽي ننڊ نه ايندي. جنهن مان معلوم ٿيو ته گهاٽي ننڊ اچڻ يا نه اچڻ جو دارومدار عادت تي آهي ان جي ڪري محقق ابو زرعة رحمة الله عليه فرمايو آهي ته مون سڄي پاسي تي سمهڻ کي عادت بنايو ته پوءِ جڏهن کاٻي پاسي تي سمهندو هوس ته بي چيني ۽ اضطراب ٿيندو هو۽ گهاٽي ننڊ نه ايندي هئي ان جي ڪري وڌيڪ بهتر آهي ته ساڄي پاسي تي سمهڻ جي عادت بنائي وڃي ته اهو تشريف ۽ تڪريم جي ڪري مشرف ۽ مڪرم آهي ۽ علامه مناوي رحمة الله عليه فرمايو ته "مون کي کاٻي پاسي تي سمهڻ کان سواءِ گهاٽي ننڊ نه ايندي هئي. ابو زرعة رحمة الله عليه محقق جي ڳالهه ٻڌڻ کان پهريان مان ان تي عجب ڪائيندو هوس. جڏهن اها ڳالهه پڙهيم ته ڏاڍو خوش ٿيس ۽ الله جل جلاله جو ان تي حمد ڪيم. دعا جا الفاظ "رَبِّ قِنِى عَذَابَكَ يَوْمَ تَبْعَثُ عِبَادَكَ" جو مطلب ته يا الله جل جلاله ! جڏهن پنهنجن ٻانهن کي حشر ۾ حساب ڪتاب جي لاءِ اٿاريندين ته مون کي پنهنجي عذاب کان بچائجان ۽ "حِصنَ حَصِينَ" دعا جي ڪتاب ۾ آهي ته "پاڻ اها دعا ٽي ڀيرا گهرندا هئا.

اعتراض: حضور ڪريم ﷺ جن ته هر قسم جي گناهه کان معصوم آهن ۽ سندن مرتبو ته مٿي آهي پوءِ دعا ۾ مون کي پنهنجي عذاب کان بچائجان الفاظ ڇو آنداٺون؟

جواب: ان ۾ سندن تواضع ۽ انڪساري جو اظهار آهي ۽ الله جل جلاله جي اڳيان ان جي ربوبيت واري حق جو اقرار آهي. امت جي لاءِ به تعليم آهي ته اهي سندن اقتداء ڪري الله جل جلاله کان پناهه گهرندا رهن. ۽ ننڊ جي وقت اها دعا گهرڻ ۾ اها به حڪمت آهي ته ممڪن آهي اها عمر جي آخري گهڙي هجي. ۽ سندس آخري عمل الله جل جلاله جو ذڪر ۽ ان جي بارگاهه ۾ التجا هجي ۽ هن دعا ۾ بعث (قبر مان اٿڻ) جو ذڪر به اهو ٻڌائڻ جي لاءِ آهي ته ننڊ موت جي ڀيڻ آهي ۽ ننڊ مان سجاڳ ٿيڻ قبر مان اٿڻ جي برابر آهي ۽ ان جي ڪري ئي حضور ڪريم ﷺ جن ننڊ مان سجاڳ ٿيڻ کان پوءِ هي دعا پڙهندا هئا. "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِى اَحْيَانَا بَعْدَ مَا اَمَاتَنَا وَاِلَيْهِ الْبَعْثُ وَالنُّشُوْرُ" (سڀ سارا هه ان الله جل جلاله جي لاءِ ثابت آهي جنهن اسان کي موت واري حالت ۾ هجڻ کان پوءِ زندهه ڪيو ۽ ان ڏانهن ئي اٿڻ ۽ پيش ٿيڻ آهي. (جيئن اڳتي ايندو) (المواهب شرح الشمائل ص 446)

علامه علي القاري رحمة الله عليه لکيو آهي ته : هن روايت ۾ دليل آهي ته سڄي پاسي سمهڻ مستحب آهي ڇوته اهو سجاڳ ٿيڻ ۾ جلدي ڪرائيندو آهي ۽ دل جيڪا کاٻي پاسي لٽڪيل آهي اها گهاٽي

ننڊ ۾ پوڻ کان بچي پوي ٿي ۽ ساڄي پاسي تي سمهڻ ئي اهڙي هيئت آهي جنهن تي قبر ۾ مسلمان کي ليٽايو ويندو آهي باقي منهن پر اونڌو ٿي سمهڻ کان حضور ڪريم ﷺ جن منع فرمائيندا هئا. ابنِ ماجہ روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن مسجد مان لنگهندي منهن پر اونڌي ستل کي پير مبارڪ سان جاڳائيندي فرمايو تہ "اٿ يا ويهي رهہ اها جهنم وارن جي ننڊ آهي" مطلب تہ اهي اونڌا ٿيا ڪريا پيا هوندا. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 60)

محبوب ﷺ جو محبوب طريقو: علامہ ابن حجر هيتمي مڪي رحمه الله لکيو آهي تہ " رسول الله ﷺ جن رات جي شروعات ۾ (نمازِ عشاء کان پوءِ) ننڊ ڪندا هئا ۽ رات جي ٻئي اڌ اڇڻ مهل سجاڳ ٿيندا هئا پوءِ ڏندڻ ڏيندا ۽ وضو ڪندا هئا ۽ پوءِ نماز (تهجد) پڙهندا هئا تان جو رات جو ڇهون حصو بچندو هو تہ پوءِ پنهنجي اهل سان آرامي ٿيندا هئا، نہ ضرورت کان وڌيڪ ننڊ ڪندا هئا نہ هرويرو ٿوري ننڊ ڪندا هئا. ۽ الله جل جلاله جو ذڪر ڪندي سڄي پاسي تي سمهندا هئا. ڪڏهن ڪجيءَ جي پنن سان پريل چمڙي تي آرام ڪندا هئا. ڪڏهن وارن سان پريل ڪَل تي، ڪڏهن تڏي تي تہ ڪڏهن زمين تي بہ آرام فرمائيندا هئا. (اشرف الوسائل شرح الشمائل ص 365) بعضي طبيبن کاٻي پاسي تي سمهڻ کي بهتر قرار ڏنو آهي ڇوتہ ان سان گهاٽي ننڊ اچي ٿي. جنهن سان هاضمہ بهتر ٿئي ٿو. ۽ اهو طبي لحاظ سان پلي صحيح هجي پر ان ۾ وڏو نقصان بہ آهي جنهن ڏانهن انهن جو ذهن نہ ويو آهي، اهو هي آهي تہ جڏهن دل هيٺان هوندي تہ سڄي بدن جو زور ان تي پوندو. دل رئيس عضوو آهي ان تي باقي جسم جو ٿورو وزن پوڻ بہ ڪيترين بيمارين پيدا ٿيڻ جو سبب هوندو آهي ان جي ڪري ان ٿوري مصلحت کي ڏسي وڏي نقصان ۾ نہ پئجي ۽ سڄي پاسي تي سمهڻ پلو آهي ۽ سڄي پاسي تي سمهڻ مرڻ کان پوءِ قبر ۾ سمهڻ جي ياد ڏياري ٿو ۽ موت کي ياد ڪرڻ جو حڪم بہ آهي ۽ موت کي ياد ڪرڻ ۾ ڪيترا ديني ۽ دنياوي فائدا حاصل ٿيندا آهن. انسان کي گهرجي تہ هنن لذتن کي ختم ڪرڻ واري شيءِ کي گهڻو ياد ڪري ۽ حق هي آهي تہ ماڻهو اهڙي شيءِ کي ڪيئن وساري جيڪا ضرور اچڻي آهي پر خبر ناهي تہ ڪڏهن ايندي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي في عمل اليوم والليلة باب ما يقول اذا آوي الي فراشہ رقم الحديث 755 ص 450 {2} احمد في المسند ج 4 ص 300 {3} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 1310 ج 5 97 {4} ابو الشيخ في اخلاق النبي 5 ص 145 {5} البخاري في الادب المفرد رقم الحديث 1220 ص 403 {6} الطبراني في الدعاء رقم الحديث 250 ج 2 ص 907 {7} ابنِ حبان في صحيحة رقم الحديث 5497 ج 7 ص 421.

{255} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ الْمُثَنَّى قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمٰنِ قَالَ: حَدَّثَنَا إِسْرَائِيلُ، عَنْ أَبِي إِسْحَاقَ، عَنْ أَبِي عُبَيْدَةَ، عَنْ عَبْدِ اللهِ، مِثْلَهُ وَقَالَ: يَوْمَ تَجْمَعُ عِبَادَكَ.

سمجهاڻي: هن روايت جي معنيٰ مفهوم سموري هن کان اڳين حديث واري آهي ۽ هتي لفظ "يَوْمَ تَبْعَثُ عِبادَكَ" جي بجاءِ "يَوْمَ تَجمَعُ عِبادَكَ" آهي يعني جنهن ڏينهن پنهنجن ٻانهن کي حساب لاءِ گڏ ڪندين ان ڏينهن مون کي عذاب کان بچائجانءِ ۽ اهي قيامت ۾ اٿارڻ کان پوءِ گڏ ٿيندا. هتي اها

ڳالهہ ذهن ۾ آندي وئي آهي. (المواهب ص 446)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي في عمل اليوم و الليلة حديث رقم 756 ص 450 {2} ابنِ ماجه في كتاب الدعاء باب 15 حديث رقم 3877 {3} احمد في المسند ج 1 ص 394 {4} الطبراني في الكبير حديث رقم 10084 ج 10 ص 123

{256} حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلَانَ قَالَ : حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّزَّاقِ قَالَ : حَدَّثَنَا سُفْيَانُ ، عَنْ عَبْدِ الْمَلِكِ بْنِ عُمَيْرٍ ، عَنْ رِبْعِيِّ بْنِ حِرَاشٍ ، عَنْ حُذَيْفَةَ قَالَ : كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِذَا أَوَى إِلَى فِرَاشِهِ قَالَ : اَللّٰهُمَّ بِاسْمِكَ أَمُوتُ وَأَحْيَا ، وَإِذَا اسْتَيْقَظَ قَالَ : اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِي أَحْيَانَا بَعْدَ مَا أَمَاتَنَا وَإِلَيْهِ النُّشُورُ

بامحاوره ترجمو: حضرت حذيفہ ﷛ چيو تہ جنهن وقت نبي ڪريم ﷺ پنهنجي هنڌ تي آرام ڪندا هئا تہ هيءَ دعا گهرندا هئا : " اَللّٰهُمَّ بِاسْمِكَ أَمُوتُ وَأَحْيَا " (ترجمو : اي الله! تنهنجي نالي جي برڪت سان منهنجو مرڻ ۽ جيئڻ آهي.) ۽ جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ ننڊ مان سجاڳ ٿيندا هئا تہ هيءَ دعا چوندا هئا : (ترجمو : سڀ تعريف الله ﷻ جي لاءِ آهي جنهن موت کان پوءِ حياتي بخشي ۽ ان ڏانهن موٽڻو آهي.)

مفردات جو شرح: "أَوَى" متوجهہ ٿيا, ارادو ڪيائون "فِرَاشِهِ" پنهنجي هنڌ, بستري, وڇائڻ واري شيءِ ڏانهن "اِسْتَيْقَظَ" ننڊ مان اٿيا, سجاڳ ٿيا.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ رسول الله ﷺ جي ان دعا جو ذڪر آهي جيڪا پاڻ بستري تي سمهڻ وقت پڙهندا هئا. "اَللّٰهُمَّ بِاسْمِكَ اَمُوْتُ وَاَحْيٰى" (اي منهنجا الله! تنهنجي نالي سان ئي مران ٿو ۽ جيئرو ٿيان ٿو.) مطلب تہ اي منهنجا الله! تون ئي وفات ڪرائڻ وارو ۽ زندگي بخشڻ وارو آهين. جاڳڻ گهرجي تہ ننڊ بہ هڪ قسم جو موت آهي, ان جي ڪري ئي چيو ويو آهي تہ ننڊ ننڍو موت آهي. "النوم هو الموت الاصغر" "اَللّٰهُمَّ" لفظ جي معنيٰ آهي يا الله! هن ۾ ميم نداء واري يا جو عوض آهي ان جي ڪري يا اللهم نہ چيو ويندو آهي. اتفاقًا چوڻ ۾ بہ شيءِ آهي ۽ "بِاسْمِكَ" يعني يا الله! مان تنهنجي نالي سان ئي سمهان ٿو ۽ اٿندس ۽ هتي "الموت" مان مراد ننڊ آهي جنهن سان هر حرڪت ۾ ادراڪ ڍڪجي ويندو آهي ۽ حياتيءَ مان مراد شعور ۽ ادراڪ جو حاصل ٿيڻ آهي

دعا ۾ حڪمت: سجاڳ ٿيڻ وقت دعا ۾ حڪمت هيءَ آهي تہ مسلمان جو ننڊ مان اٿڻ کان پوءِ پهريون عمل الله ﷻ جي ذڪر, حمد ۽ شڪر تي مشتمل هجي. محدث الطيبي ﷫ فرمايو تہ : ان ڳالهہ ۾ شڪ ناهي تہ انسان جي حياتي الله ﷻ جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ان جي ڪاوڙ ۽ عذاب کان بچڻ جي لاءِ هوندي آهي پوءِ جنهن ننڊ ڪئي ان کان اهو ننڊ وارو وقت الله ﷻ جي رضا حاصل ڪرڻ کان رهجي ويو ان جي ڪري اهو اها گهڙي ميت وانگر آهي ۽ جڏهن ننڊ مان اٿيو تہ ان ڏينهن اهو نفعو حاصل ڪرڻ موٽي آيو ان جي ڪري هن نعمت تي مٿين دعا پڙهي الله ﷻ جو شڪر ۽ حمد ادا ڪيو وڃي ٿو. (المواهب شرح الشمائل ص 448) ۽ القرطبي ﷫ فرمايو تہ "بِاسْمِكَ اَمُوْتُ" هن ڳالهہ تي دلالت ڪري ٿو تہ اسم مان مراد مسميٰ آهي. يعني تون ئي مون کي جيئرو رکين ٿو ۽ تون ئي مون کي مارينديـن. ۽ اهو الله ﷻ جي قول وانگر آهي تہ "سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْاَعْلٰى" پنهنجي رب جي پاڪائي بيان ڪر ۽ مراد هي آهي تہ : انسان هميشہ ننڊ ۾ يا سجاڳيءَ ۾ زندگي ۾ يا مرڻ وقت الله ﷻ جي ذڪر ۾ رهي. ۽ "اِلَيْهِ

النُّشُوْرُ" ان ڏانهن ئي اٿڻ آهي. جو مطلب تہ قبرن مان اٿڻ بہ الله ﷻ جي امر سان هوندو ان ۾ ٻئي ڪنهن جو ڪو دخل ناهي، بعض علماء فرمايو تہ : نفس (ساهہ) ٻہ قسم آهي هڪ جيڪو ننڊ وقت جدا ٿي وڃي ٿو اهوئي آهي جنهن سان فرق ۽ تميز ڪئي ويندي آهي. ٻيو جيڪو مرڻ وقت انسان کان جدا ٿيندو آهي ۽ انسان جي حياتي ختم ٿيندي آهي ۽ ننڊ کي موت سڏيو ويو ڇوتہ ان سان چرپر بند ٿي ويندي آهي. ۽ حضور ڪريم ﷺ جن جي ننڊ مان اٿي ان دعا پڙهڻ مان قيامت جي ڏينهن لاءِ اٿڻ ڏانهن اشارو آهي تہ جيڪو الله ﷻ ننڊ مان سجاڳ ڪرڻ تي قادر آهي اهو جيئرو ڪري قبرن مان اٿارڻ تي بہ قادر آهي. (جمع الوسائل ج 2 ص 61) جڏهن تہ ننڊ موت جي مشابہ هئي ان جي ڪري سجاڳ ٿيڻ کي ٻيو ڀيرو زندهہ ٿيڻ سان تعبير ڪيو ويو آهي. علماء لکيو آهي تہ : سمهي اٿڻ کان پوءِ هيءَ بہ سوچڻ جي شيءِ آهي تہ اهڙي طرح مرڻ کان پوءِ قيامت ۾ ٻيو ڀيرو زندهہ ٿي اٿڻو آهي. حقيقت ۾ الله ﷻ هن دنيا کي آخرت جو مثال بنايو آهي ۽ هر قسم جون شيون غور ۽ فڪر جي لاءِ پيدا ڪيون اٿس. دنيا جي ساري زندگي هڪ خواب کان مٿي ناهي. هڪ ماڻهو نهايت خوشحال مالدار آهي هر قسم جي راحت جو سامان ان وٽ موجود آهي ۽ ان کي ڪنهن قسم جي ڪابہ تڪليف ناهي جيڪڏهن اهو خواب ۾ ڏسي تہ ان کي ڏنڊا هنيا وڃن ٿا. ڀاڻ کي هر قسم جي مصيبت ۾ گرفتار ڏسي ۽ اهو نہ ٿو سمجهي تہ هي خواب آهي اهو ان کان پريشان بہ هجي روئندو بہ رهي پر اوچتو ان جي اک کُلي وڃي ۽ ان کي سڀ آرام ۽ راحت حاصل ٿي وڃي تہ خواب جي تڪليف جو ان کي ذرو بہ احساس نہ رهندو. اهڙي طرح هڪ ديندار جو حال سمجهو اهو هن دنيا ۾ جيتريون بہ تڪليفون برداشت ڪندو. اهي خواب آهن ۽ مرڻ کان پوءِ خواب مان جاڳڻ واري وانگر ان کي سڀ راحتون ميسر ٿينديون ۽ ان خواب وانگر ان کي تڪليف جو ڪوبہ اثر محسوس نہ ٿيندو. پر ان جي برعڪس ان هٺن خالي رکندڙ جو حال آهي جيڪو خواب ۾ هر قسم جو آرام محسوس ڪري پر اک کلڻ کان پوءِ اهو جيل ۾ هجي ان تي ڏنڊن جي وسڪار هجي تہ ڇا ان خواب کي اهو ياد ڪندو. نہ هرگز نہ. هڪ سخت سزا لڳل قيدي ڀاڻ کي خواب ۾ ستن ولايتن جو بادشاهہ ڏسي پر خواب مان سجاڳ ٿيڻ کان پوءِ اهو ڀاڻ کي موت جي ڪاري ڪوٺڙيءَ ۾ ڏسي تہ ان خواب واري حالت کان ان کي ڪهڙو فائدو؟ هن راز کي صحابہ ڪرام عليهم الرضوان سمجهيو هو، ان جي ڪري اهي دنيا ۾ هر مشقت ۽ تڪليف کي برداشت ڪندا هئا ۽ اهي سمجهندا هئا تہ هي خواب آهي. شال الله ﷻ پنهنجي لطف سان اسان کي بہ هن سوچ ۽ سمجهہ سان نوازي (آمين) حضرت علي ؓ فرمايو تہ : "اَلنَّاسُ نِيَامٌ اِذَا مَاتُوْا انْتَبَهُوا" ماڻهو ننڊ ۾ آهن جڏهن مرندا تہ سجاڳ ٿيندا.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في ڪتاب السنة باب 107 ما يقال عند النوم رقم الحديث 5049 ج 4 ص 311 {2} النسائي في عمل اليوم و الليلة باب ما يقول اذا اراد ان ينام رقم الحديث 747 ص 447 {3} ابنِ ماجه في ڪتاب الدعاء باب 16 ما يدعو بہ اذا انتبہ من الليل رقم الحديث 3880 {4} احمد في المسند ج 5 ص 385 {5} الدارمي في ڪتاب الاستئذان باب 53 ما يقول اذا انتبہ من نومہ رقم الحديث 2686 ج 2 ص 377.

{257} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا الْمُفَضَّلُ بْنُ فَضَالَةَ، عَنْ عُقَيْلٍ، أُرَاهُ عَنِ الزُّهْرِيِّ، عَنْ عُرْوَةَ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِذَا أَوَى إِلَى فِرَاشِهِ كُلَّ لَيْلَةٍ جَمَعَ كَفَّيْهِ فَنَفَثَ فِيهِمَا، وَقَرَأَ فِيهِمَا قُلْ هُوَ اللهُ أَحَدٌ وَقُلْ أَعُوذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ وَقُلْ أَعُوذُ بِرَبِّ النَّاسِ ثُمَّ مَسَحَ بِهِمَا مَا اسْتَطَاعَ مِنْ جَسَدِهِ، يَبْدَأُ بِهِمَا رَأْسَهُ وَوَجْهَهُ وَمَا أَقْبَلَ مِنْ جَسَدِهِ يَصْنَعُ ذَلِكَ ثَلَاثَ مَرَّاتٍ

بامحاوره ترجمو: حضرت سيده عائشه صديقه رضي الله عنها چيو پاڻ سڳورن ﷺ جو معمول هو تہ جنهن وقت جن رات جي وقت هنڌ مبارڪ تي آرام ڪندا هئا تہ دعا وانگر ٻئي هٿ گڏائي انهن ۾ هي سورتون پڙهي دم ڪندا هئا: سورة "قل هو الله احد" ٻہ سورتون "قل اعوذ برب الفلق" ۽ "قل اعوذ برب الناس" پڙهي ٻنهي هٿن جي ٻنهي ترين تي ڦوڪ ڏئي مٿي کان شروع ڪري سڄي منهن تي گهمائي جيستائين ٿي سگهيو سڄي بدن تي ڦيرائيندا هئا. پهريان مٿي، منهن ۽ جسم جي سامهون حصي کان شروع ڪندا هئا. پاڻ سڳورا ﷺ ٽي ڀيرا ائين ڪندا هئا.

مفردات جو شرح: "نَفَثَ" ڦوڪ ڏنائون. وات مبارڪ جي لعاب کان سواءِ هلڪي ڦوڪ ڏيڻ "قَرَأَ" پڙهيائون. "يَبْدَأُ" شروع ڪندا، ابتداء ڪندا هئا. "اِسْتَطَاعَ" ڪري سگهيا.

سمجهاڻي: هن روايت مان واضح ٿيو تہ رسول الله ﷺ جن ٻنهي هٿن کي دعا گهرڻ وانگر گڏي سورة "قل هو الله احد" ٻہ سورتون "قل اعوذ برب الفلق" ۽ "قل اعوذ برب الناس" پڙهي ٻنهي هٿن جي ٻنهي ترين تي ڦوڪ ڏئي مٿي کان شروع ڪري سڄي منهن تي گهمائي جيستائين ٿي سگهيو سڄي بدن تي ڦيرائيندا هئا. هن حديث ۾ "نَفَثَ" پهريان ۽ "قرءَ" پوءِ آيو آهي. اها لفظي تقديم ۽ تاخير آهي. هن مان مراد آهي تہ اول پڙهندا هئا پوءِ ترين تي ڦوڪ ڏئي ۽ بعد ۾ سڄي بدن تي هٿ هلائيندا هئا. علماءِ ڪرام فرمايو تہ "هن حديث مان صوفياءِ ڪرام جي دم ڦيٽي رکڻ جو ثبوت ملي ٿو. (انوارِ غوثيه ص 342) ۽ "كُلَّ لَيْلَةٍ" مان ثابت ٿيو تہ اهو عمل هر رات ڪندا هئا ۽ اها ڳالهہ مخفي ناهي تہ اهو هٿ ڪپڙن جي مٿان گهمائيندا هئا.

فائدو نمبر (1): هن حديث مان ڦيٽي رکڻ جو ثبوت ملي ٿو.

فائدو نمبر (2): جسد ۽ جسم ۾ فرق آهي. جسد جسم کان وڌيڪ خاص آهي. جسد انسانن، ملائڪن ۽ جنن جي لاءِ ايندو آهي ۽ جسم جو لفظ باقي حيوانات ۽ جمادات سيني جي لاءِ ايندو آهي.

اعتراض: قرآن ڪريم ۾ جسد غير ساهہ واري شيءِ جي لاءِ آيو آهي. جيئن ارشاد آهي تہ: "فَأَخْرَجَ لَهُمْ عِجْلًا جَسَدًا لَّهُ خُوَارٌ" پوءِ انهن جي لاءِ گابو ڪڍيائين اهڙو جسم جنهن ۾ رنڀڻ جو آواز هو)

جواب: هتي جسد لفظ جو اطلاق مجازًا آهي. غير عقل واري سان تشبيہ ڏني وئي آهي ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن اهو عمل ٽي ڀيرا ڪندا هئا. ۽ ڪامل سنت بہ اها آهي پر هڪ ڀيرو ڪرڻ سان بہ اصل سنت حاصل ٿي ويندي. جيئن ٻين لفظن جي تقاضا آهي. (المواهب ص 405) حديثن ۾ اچي ٿو تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ٻيون بہ ڪيتريون ئي دعائون ۽ سورتون پڙهندا هئا. ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو آهي تہ: جيڪو ماڻهو قرآن شريف جي ڪا بہ سورة پڙهي سمهندو تہ ان جي حفاظت جي لاءِ الله جل جلاله هڪڙو ملائڪ موڪلي ڇڏي ٿو جيڪو ان جي جاڳڻ تائين مٿس پهرو ڏي ٿو. آية ڪرسي، سورة بقرة جون پويون ٻہ آيتون. سورة الملڪ (تبارڪ) ۽ "سَبَّحَ" "يُسَبِّحُ" واريون سورتون بہ پڙهندا هئا. هڪ

صحابي ﷺ کي پاڻ "قل يا ايها الكافرون". پڙهڻ جي هدايت ڪيائون ۽ فرمايائون ته اها شرڪ کان بچاءُ آهي. علامه علي القاري رحمه الله لکيو آهي ته ٽي ڀيرا هٿ گهمائڻ ٽي ڀيرا دعا گهرڻ سان مشابه آهي ۽ اها ٽن صورتن سان به مطابقت آهي ۽ چيو ويو ته يهودي پڙهندا هئا پر ڦوڪ ڏئي دم نه ڪندا هئا. حضور ڪريم ﷺ جن انهن جي خلاف عمل ڪري ڦوڪ به ڏني ۽ هٿ مبارڪ به جسم مبارڪ تي گهمايا. (جمع الوسائل ج 2 ص 62)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في ڪتاب فضائل القرآن باب 14 فضل المعوذات رقم الحديث 5017 ج 9 ص 62 {2} ابو داؤد في ڪتاب الادب باب 107 ما يقال عند النوم رقم الحديث 5056 ج 4 ص 313 {3} النسائي في ڪتاب التفسير من سننه الڪبريٰ ڪما في التحفة ج 12 ص 61 {4} ابن ماجه في ڪتاب الدعوات باب 15 رقم الحديث 3875 {5} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 173.

{258} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمٰنِ بْنُ مَهْدِيٍّ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ، عَنْ سَلَمَةَ بْنِ كُهَيْلٍ، عَنْ كُرَيْبٍ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ: أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ نَامَ حَتَّى نَفَخَ، وَكَانَ إِذَا نَامَ نَفَخَ فَأَتَاهُ بِلَالٌ فَآذَنَهُ بِالصَّلَاةِ، فَقَامَ وَصَلَّى وَلَمْ يَتَوَضَّأْ وَفِي الْحَدِيثِ قِصَّةٌ.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن هڪ ڀيري ننڊ ڪئي ۽ گوگهرو هڻڻ لڳا. پاڻ سڳورا ﷺ ننڊ ڪندا هئا ته وڏو ساهه کڻندا هئا پوءِ حضرت بلال رضي الله عنه اچي نماز جي تياري ۽ وقت جي خبر ڏني. پاڻ سڳورا ﷺ اٿيا ۽ نماز پڙهيائون. ان وقت نماز لاءِ وضو ڪونه ڪيائون. حديث ۾ ٻيو قصو به آهي.

مفردات جو شرح: "نَامَ" ننڊ ڪرڻ فرمايائون. "نَفَخَ" گوگهرا هنيائون. "فَآذَنَهُ" پوءِ حضور ڪريم ﷺ کي اطلاع ڏنائين، آگاهه ڪيائين. آذان مد سان ايندو ته "اِيذَانُ" کان ورتل هوندو جنهن جي معنيٰ ڄاڻائڻ ۽ آگاهه ڪرڻ آهي.

سمجهاڻي: هن حديث ۾ آهي ته "نماز پڙهيائون ۽ وضو نه ڪيائون" يعني حضور ڪريم ﷺ جن گهاٽي ننڊ ۾ هئا ته حضرت بلال رضي الله عنه کين اچي نماز جي لاءِ عرض ڪيو پاڻ اٿي وضو ڪرڻ کان سواءِ نماز پڙهيائون.

نبي ﷺ جي ننڊ وضو نه ٽوڙيندي آهي: ننڊ ڪرڻ سان وضو ٽٽي پوندو آهي پر پاڻ وضو ڪرڻ کان سواءِ نماز پڙهيائون ڇو جو سندن وضو ننڊ ڪرڻ سان نه ٽٽندو هو ۽ اهو سندن خصائص مان هو ڇو ته سندن اکيون مبارڪ ننڊ ڪنديون هيون دل مبارڪ ننڊ نه ڪندي هئي جيڪا وُضو ٽٽڻ يا نه ٽٽڻ کان باخبر هئي. جيئن حضرت حبيب ڪريم ﷺ جا عُضوا پاڪ، احوال، ڪيفيتون ۽ مُشاهدات ٻين فردن وانگر نه هئا تيئن سندن ننڊ به ٻين فردن وانگر نه هئي.

محمد سرِ قدرت ہے کوئی رمز اس کی کیا جانے
شریعت میں تو بندہ ہے حقیقت میں خدا جانے

محدث ڪانڌلوي لکيو آهي ته ان سبب جي ڪري انبياءِ ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام جو خواب

ٻہ وحي هوندو آهي ڇوتہ اهي شيطان جي اثر کان محفوظ هوندا آهن. (خصائل نبوي ص 209) اها نماز جنهن جي لاءِ حضرت بلال ﷺ کين عرض ڪيو هو صبح جي يا ظهر جي نماز هئي. ۽ سندن قلب جي سجاڳي سندن بي وضُو هجڻ کان مانع هئي. "وفي الحديث قصة" ۽ حديث ۾ قصو آهي. ابن حجر مڪي ﷺ فرمايو تہ اهو جلد اڳيان بيان ٿيندو ۽ مشڪواة المصابيح جي باب صلواة الليل ۾ بہ مذڪور آهي. جيڪو ڏسڻ گهري اتي ڏسي سگهي ٿو. حديث مبارڪ ۾ آهي "نَحْنُ مَعَاشِرُ الْاَنْبِيَاءِ تَنَامُ اَعْيُنُنَا وَلَا تَنَامُ قُلُوْبُنَا" (اسين نبين عليهم الصلواة والسلام جي جماعت, اسان جون اکيون ننڊ ڪنديون آهن ۽ اسان جون دليون ننڊ نہ ڪنديون آهن) اها حضور ڪريم ﷺ جن جي امت جي لحاظ سان خصوصيت آهي. باقي ٻين نبين عليهم الصلواة والسلام جي ننڊ بہ وُضو نہ ٽٽندي هئي. ۽ هن حديث ۾ جيڪو قصو آهي اهو حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي عبادت واري باب جي پنجين حديث ۾ اچي ٿو جنهن ۾ حضرت ابن عباس ﷺ جو پنهنجي ماسي ميمونہ ﷺ وٽ ننڊ ڪرڻ ۽ نبي ڪريم ﷺ سان رات جي نماز پڙهڻ جو بيان آهي. (المواهب ص 451)

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: انهن جو بيان حديث نمبر 265 جي تخريج ۾ ايندو. انشاء الله العزيز.

{259} حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مَنْصُورٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَفَّانُ قَالَ: حَدَّثَنَا حَمَّادُ بْنُ سَلَمَةَ، عَنْ ثَابِتٍ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ، أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ إِذَا أَوَى إِلَى فِرَاشِهِ قَالَ: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِي أَطْعَمَنَا وَسَقَانَا وَكَفَانَا وَآوَانَا، فَكَمْ مِمَّنْ لَا كَافِيَ لَهُ وَلَا مُؤْوِيَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ﷺ کان روايت آهي تہ جڏهن رسول الله ﷺ جن پنهنجي بستري تي آرام يا ننڊ ڪندا هئا تہ هيءَ دعا پڙهندا هئا.

(ترجمو: سڀ تعريف ان ذات لاءِ آهي جنهن اسان کي کارايو پيارايو ۽ اسان جي پورت ڪئي. اسان کي آرام جي جاءِ ڏني. ڇوتہ ڪيترا اهڙا ماڻهو بہ آهن جن جي ڪو ضرورت پوري نہ ٿو ڪري ۽ نہ انهن کي ڪو جاءِ ڏئي ٿو.)

مفردات جو شرح: "ڪَفَانَا" اسان کي ڪافي ٿيو. اسان جي مهمات لاءِ ڪافي ٿيو "آوَانَا" ۽ اسان کي جاءِ ڏنائين. اسان کي پنهنجي جاءِ تي واپس آندائين. "فَكَمْ" پوءِ ڪيترا. "مُؤْوِي" جاءِ ڏيندڙ. جاءِ تي واپس آڻيندڙ.

سمجهاڻي: جيئن سمهڻ وقت قرآن ڪريم جون آيتون ۽ ٻيون دعائون آيل آهن تيئن هيءَ دعا بہ آيل آهي. "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِي أَطْعَمَنَا وَسَقَانَا (الی آخره)" (هر حمد ان الله جي لاءِ ثابت آهي جنهن اسان کي کارايو ۽ اسان کي پيارايو آهي) کائڻ ۽ پيئڻ جو ذڪر ان جي ڪري ڪيو ويو آهي جو انهن کان سواءِ حياتي پوري نہ ٿيندي آهي. ننڊ بہ ضروري آهي ۽ هي ٽئي ڳالهيون هڪ وادي کان آهن پوءِ ننڊ جو ذڪر کائڻ ۽ پيئڻ جي ذڪر جي تقاضا ڪري ٿو. ڇوتہ ننڊ پيٽ ڀرڻ ۽ ڍؤ ڪرڻ جو فرع آهي. "وَكَفَانَا" ۽ اسان لاءِ اسان جي اهم امرن ۾ ڪافي ٿيو ۽ هر ايذاء اسان کان دفع ڪيائين. "وآوَانَا" ۽ اسان کي پنهنجي جاءِ ڏانهن واپس آندائين. اسان کي چوپاين وانگر منتشر نہ ڪيائين جيڪي اسان

جي ميدانن ۾ هلندا وتندا آهن. "فَكَمْ مِمَّنْ لَا كَافِيَ لَهُ وَلَا مُؤْوِيَ" (ڪيترا اهڙا آهن جن لاءِ نہ ڪو ڪفايت ڪندڙ آهي ۽ نہ ڪو جاءِ ڏيندڙ آهي) هتي "وآوانا" جي معنيٰ اسان کي جاءِ ڏنائين. درحقيقت ڪافي ۽ جاءِ ڏيندڙ الله ﷻ ئي آهي جيڪو خلق مان هڪڙن جي شر کان ٻين لاءِ ڪافي آهي ۽ انهن جي لاءِ سڪونت ۽ آرام واري جاءِ جو انتظام ڪندڙ آهي. پوءِ هر حمد الله ﷻ جي لاءِ آهي جنهن اسان کي اها ڪافي هجڻ ۽ پناهہ ڏيڻ واري نعمت عطا ڪئي آهي ڪيترا ماڻهو ائين ئي بي يارومددگار پيا آهن جن جو ڪير بہ ڪونہ آهي جو انهن کان دشمنن جي شر کي دفع ڪري اهي دشمنن جي ڪري تباهہ ۽ برباد ٿي وڃن ٿا ۽ ڪيترن جي لاءِ مسڪن ۽ ماوا ناهي جنهن ۾ گرمي ۽ سردي کان محفوظ رهن بلڪ بيابان جي گرمي ۽ سردي سان هلاڪ ٿي ويندا آهن ۽ جڏهن الله ﷻ جو دستور هي رهيو آهي تہ جيڪو شخص پنهنجا ڪم الله ﷻ تي توڪل ڪري ان تي ڇڏي ٿو تہ حق تعالي شانہ بہ ان جي ڪمن کي غيب کان پورو ڪري ٿو. "وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ" (جيڪو الله ﷻ تي توڪل ڪري ٿو الله ﷻ ان جي لاءِ ڪافي آهي) ۽ جتي حضرت حبيب ڪريم ﷺ ۾ اها حقيقت "عَلَى الْوَجْهِ الْأَتَمِّ" هئي ۽ هجڻ بہ گهرجي اتي الله ﷻ جي طرفان ڪفايت بہ "عَلَى الْوَجْهِ الْأَكْمَلِ" هئي. مطلب تہ جيڪو شخص جيترو الله ﷻ تي ڀروسو ڪري ٿو. اوترو ئي الله ﷻ جي طرفان ان جي مدد ٿيندي آهي . هي مضمون متعدد حديثن ۾ مختلف عنوانات سان وارد آهي. هڪ حديث ۾ آيو آهي تہ "جنهن شخص کي بک لڳي ۽ اهو ان جي ازالي جي لاءِ ماڻهن کي درخواست ڪري تہ ان جي حاجت پوري نہ ٿيندي پر جيڪڏهن ان کي الله ﷻ جي بارگاهہ ۾ پيش ڪندو تہ جلد ڪنهن نہ ڪنهن طرح اها حاجت پوري ڪئي ويجي ٿي. هڪ حديث شريف ۾ الله ﷻ جو ارشاد آهي تہ "اي انسان جا ٻچڙا! جيڪڏهن تون منهنجي عبادت جي لاءِ فارغ ٿيندين تہ مان تنهنجي ضرورتن کي پورو ڪندس ۽ تنهنجي دل کي غني بنائيندس نہ تہ تنهنجي دل کي فڪرن سان ڀري ڇڏيندس ۽ تنهنجون ضرورتون پوريون ٿيڻ نہ ڏيندس." جيڪي ماڻهو ديني ڪمن ۾ مشغول هجڻ جي لاءِ پنهنجين ضرورتن کان فارغ ٿيڻ جو انتظار ڪندا آهن تہ واندا ٿي پوءِ دين جو ڪم ڪنداسون. اهي هن مان سبق حاصل ڪن تہ ضرورتن کان فارغ ٿيڻ جو رستو بہ الله ﷻ ڏانهن متوجهہ ٿيڻ ۽ ان جي ڪم ۾ مشغول هجڻ آهي. مذڪور حديث ۾ جيڪا دعا آهي ان ۾ حضور ڪريم ﷺ جن شڪر ڏانهن توجهہ ڏياريو آهي تہ هر شخص کي پنهنجي حال تي شڪر ڪرڻ گهرجي. جو ان سان انعام ۾ زيادتي ٿيندي. الله ﷻ جو ارشاد آهي تہ "لَئِنْ شَكَرْتُمْ لَأَزِيْدَنَّكُمْ" (البت جيڪڏهن اوهان شڪر ڪندؤ تہ مان اوهان کي ضرور وڌائيندس) ۽ هن طرف بہ متوجهہ ڪيو ويو آهي تہ پاڻ کان هيٺ درجي واري ماڻهو ڏانهن بہ نهاريو تانت دل مان شڪر نڪري. ڪيترا ماڻهو دنيا ۾ آهن جن ويچارن کي کائڻ جي لاءِ ڪاڌو بہ نہ آهي بک تي آهن. ڪيترا ماڻهو بي گهر آهن اهڙي طرح انهن جو ڪوبہ حامي ۽ مددگار نہ هوندو آهي پر ان ماڻهو تي الله ﷻ جا ڪيترا احسان آهن جنهن کي هي سڀ سهولتون ميسر آهن. ڪنهن الله ﷻ جي ٻانهي فرمايو آهي تہ

ڪارساز ڪار مادر ڪارما فڪر مادر ڪارما آزار ما

(مطلب تہ جڏهن اسان جا ڪم ناهيندڙ الله ﷻ اسان جي ڪم ناهڻ ۾ آهي تہ پوءِ اسان جو ان

ڪم جي لاءِ فڪر ڪرڻ اسان جي لاءِ آزار آهي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في ڪتاب الذڪر و الدعاء والتوبة والاستغفار باب 17 ما يقول عندالنوم واخذ المضجع رقم الحديث 2715 ج 4 ص 2085 {2} ابو داؤد في ڪتاب الادب باب 107 ما يقال عندالنوم رقم الحديث 5053 ج 4 ص 312 {3} النسائي في (عمل اليوم و الليلة) باب ما يقول من يفزع من منامہ رقم الحديث 799 ص 467 {4} عبد بن حميد في المنتخب من مسنده رقم الحديث 1335 ص 396

{260} حَدَّثَنَا الْحُسَيْنُ بْنُ مُحَمَّدٍ الْجُرَيْرِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا سُلَيْمَانُ بْنُ حَرْبٍ قَالَ: حَدَّثَنَا حَمَّادُ بْنُ سَلَمَةَ، عَنْ حُمَيْدٍ، عَنْ بَكْرِ بْنِ عَبْدِ اللهِ الْمُزَنِيِّ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ رَبَاحٍ، عَنْ أَبِي قَتَادَةَ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ إِذَا عَرَّسَ بِلَيْلٍ اضْطَجَعَ عَلَى شِقِّهِ الْأَيْمَنِ، وَإِذَا عَرَّسَ قُبَيْلَ الصُّبْحِ نَصَبَ ذِرَاعَهُ، وَوَضَعَ رَأْسَهُ عَلَى كَفِّهِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت قتاده رضي الله عنه کان روايت آهي تہ جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن سفر ۾ رات جو لهي ڪٿي تڪندا هئا تہ پنهنجي ساڄي پاسي تي ليٽي سمهندا هئا ۽ جڏهن پرهہ ڦٽيءَ کان ڪجهہ وقت اڳ ۾ لهي ترسندا هئا تہ پنهنجي ٻانهن مبارڪ ايي ڪري، هٿ جي تري مبارڪ تي مٿو رکي آرام ڪندا هئا.

مفردات جو شرح: "عَرَّسَ" سفر دوران رات جي پوئين پهر ۾ آرام جي لاءِ لٿا. هن جي مصدر تعريس آهي. "نَصَبَ" کڙو ڪيائين.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ آهي تہ حضرت رسول الله ﷺ جن جڏهن رات جي پوئين پهر ۾ آرام جي لاءِ لهندا هئا تہ پنهنجي سڄي پاسي تي سمهندا هئا. يعني آرام ۽ سڪون سان سمهندا هئا. ۽ جڏهن تہ سڄي پاسي سمهڻ سندن معمول هوندو هو تہ ابي قتاده رضي الله عنه ان ئي طريقي تي آرام ڪرڻ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن صبح جووقت ويجهو هوندو هو تہ ٺونٺ ڪوڙي تريءَ تي مٿو رکي آرام ڪندا هئا. علامہ ابن حجر هيتمي مڪي رحمه الله لکيو آهي تہ: هڪ روايت موجب سِرَ تي مٿو رکي ننڊ ڪرڻ فرمائيندا هئا ۽ ٺونٺ تي ٽيڪ ڏئي ان تي تري رکي آرام ڪرڻ مان مقصد امت کي تعليم ڏيڻ هئي تانت ننڊ جي ڪري صبح واري نماز نہ رهجي وڃي. ۽ ان نماز جي ٽائيم جي جاچ ۾ رهڻ مسافر جي لاءِ سنت آهي ۽ ان ۾ حضور ڪريم ﷺ جي اقتداء ۽ اتباع آهي ۽ صبح جي نماز اول وقت ۾ پڙهڻ جي فضيلت حاصل ڪرڻ آهي. البيجوري رحمه الله لکيو آهي تہ سر تي مٿو رکي ننڊ ڪرڻ جي ڪيفيت جيتوڻيڪ ننڊ ۾ استغراق ۽ محو رهڻ جي تقاضا ڪري ٿي پر جڏهن تہ وقت ڪشادو هوندو هو تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن سجاڳ ٿيڻ تي ۽ نماز فوت نہ ٿيڻ تي اعتماد ڪري مزي سان آرام ڪرڻ فرمائيندا هئا. ۽ جيڪڏهن صبح ويجهي هوندي هئي تہ ٺونٺ مبارڪ زمين تي ڪوڙي ان جي مٿان هٿ جي تري رکي ان تي مٿو مبارڪ رکي ٿورڙو آرام ڪري وٺندا هئا ڇوتہ اهو سجاڳ ٿيڻ جي لاءِ آسان آهي ۽ وڏيڪ ويجهو آهي اهو ننڊ ۾ محو رهڻ واري ڪيفيت کان آزاد هوندو آهي ان جي ڪري جيڪو صبح واري نماز جي وقت کي ويجهي ٽائيم ۾ ننڊ ڪرڻ گهري تہ اهو اهڙو طريقو اختيار ڪري جيڪو سجاڳ ٿيڻ کي ويجهو هجي. ۽ حضور ڪريم ﷺ جن جو سر تي مٿو رکي

سمهڻ شايد ڪنهن ڳوٺ ۾ ٿيو هجي ڇوته ميدانن ۾ سرن جو ليٽڻ گهٽ هوندو آهي. (المواهب ص 454)

هيءَ حديث پين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب المساجد مواضع الصلواة باب 55 رقم الحديث 683 ج 1 ص 476 {2} احمد في المسند ج 5 ص 298 {3} الحاكم في المستدرك ج 1 ص 445 {4} البيهقي في سننه ج 5 ص 256 {5} ابن حبان في صحيحه رقم الحديث 6404 ج 8 ص 118.

باب چاليهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي عِبَادَةِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ اهي روايتون شامل آهن جن جو تعلق رسول الله ﷺ جي عبادت سان آهي

سمجهاڻي: عبادت معنيٰ ۽ ٻانهپ ڪرڻ کي چيو ويندو آهي. انسان جنهن الله ﷻ جي فرمانبرداريءَ لاءِ پيدا ٿيو آهي. اها ٻه قسم آهي. (1) اقتراب. الله ﷻ جو قرب حاصل ڪرڻ ۽ اهو نماز ۾ پوري طرح حاصل ٿئي ٿو جيئن حديث شريف ۾ آهي ته "لَا يَزَالُ عَبْدِیْ يَتَقَرَّبُ اِلَیَّ بِالنَّوَافِلِ" منهنجو ٻانهو مون کي هميشه نفلن سان ويجهو ٿيندو آهي.) (2) ٻيو ارتفاق : هڪ ٻئي سان چڱيءَ طرح زندگي گذارڻ ۽ اهو چئن حصن ۾ ورهايل آهي. حضرت شاه ولي الله محدث دهلوي رحمه الله انهيءَ ارتفاقات اربعه جو چڱيءَ طرح پورو بحث ڪيو آهي. هن باب ۾ اقتراب جو بيان آهي. ائين ته رسول الله ﷺ جن جو اٿڻ، ويهڻ، ڪائڻ، پيئڻ، ڳالهائڻ يا ماٺ ڪرڻ الغرض ته هر چرپر الله ﷻ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ هوندي هئي پر هن باب ۾ ڪن خاص عبادتن جو ذڪر آهي. علامه البيجوري رحمه الله لکيو آهي ته شمائل جي بعض نسخن ۾ "بَابُ مَا جَاءَ فِي عِبَادَةِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ" آيو آهي ۽ ننڊ جي باب کان پوءِ عبادت جو باب آندو ويو آهي ڇو ته نبي ڪريم ﷺ جي ننڊ به اجل عبادات ۽ اڪمل الطاعات ۾ هئي. عبادة چئبو آهي انتهائي خضوع ۽ تذلل کي. ۽ شريعت ۾ ان جو تعارف ان جي نشانين نماز، روزي ۽ جهاد سان ڪيو ويو آهي ۽ تحقيق اها آهي ته رسول الله ﷺ جن نبوة جي اظهار کان اڳي به ڪنهن ٻئي نبي جي شريعت مطابق عبادت نه ڪندا هئا ۽ غارِ حراء ۾ سندن عبادت الله ﷻ جي مصنوعات ۾ فڪر وغيره باطني عبادات سان ۽ سندن خدمت ۾ اچڻ وارن مهمانن جي اڪرام سان هئي. پاڻ غارِ حراء ڏانهن سال ۾ هڪ مهينو نڪرندا هئا ۽ مذڪور طريقي سان عبادت ڪندا هئا. هن باب ۾ 24 حديثون آيل آهن. (المواهب ص 455) علامه ابن حجر رحمه الله لکيو آهي ته : اصل هن ۾ الله ﷻ جو فرمان "وَاعْبُدْ رَبَّكَ حَتّٰى يَاْتِيَكَ الْيَقِيْنُ" (۽ پنهنجي رب جي تيستائين عبادت ڪر تانجو توکي يقين اچي.) آهي هتي يقين مان مراد دنيا تان رحلت ڪرڻ آهي مطلب ته وفات تائين عبادت ڪر ۽ موت کي يقين سڏيو ويو آهي جو اهو يقينن اچڻو آهي ۽ هن جي غايت هي آهي ته حياتي جي هر لمحي ۾ عبادت ڪر ۽ زندگيءَ جي لحظن مان ڪوبه لحظو عبادت کان خالي نه ڪر. بغوي ۽ ابو نعيم روايت آندي آهي ته (رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو) مَا أُوْحِىَ إِلَيَّ أَنْ أَجْمَعَ الْمَالَ وَأَكُوْنَ مِنَ التَّاجِرِيْنَ وَلٰكِنْ أُوْحِىَ إِلَيَّ أَنْ سَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ وَكُنْ مِنَ السَّاجِدِيْنَ وَاعْبُدْ رَبَّكَ حَتّٰى يَاْتِيَكَ الْيَقِيْنُ " (مون ڏانهن اهو وحي نه ڪيو ويو آهي ته مان مال گڏ ڪيان ۽ واپارين مان هجان ۽ پر مون ڏانهن اهو وحي ڪيو ويو آهي ته "پنهنجي رب جي حمد سان تسبيح پڙهه ۽ سجدي ڪندڙن مان هج ۽ موت اچڻ تائين پنهنجي رب جي عبادت ڪر) ۽

تسبيح ۽ ان جي ما بعد کي سيني جي تنگي دور ڪرڻ جي لاءِ ترتيب ڏني وئي ڇوته ان سان قلبن جي ڪٽ لهي ٿي پوءِ انسان دنيا کي حقير سمجهي ٿو ۽ ان جي گم ٿيڻ جي ڪري غم نه ٿو ڪري ۽ ان جي حصول تي غرور واري خوشي ٿو ڪري ۽ ان وقت سيئي هم ۽ غم نه ٿا رهن ۽ الله جل جلاله جو فرمان "وَاصْطَبِرْلِعِبَادَتِه" جو مطلب آهي ته ڪافرن کي الاهي عذاب کان ڊيڄار ۽ حق جي پيغام پهچائڻ تي ملندڙ تڪليفن تي صبر ڪري برداشت ڪر.

حضور ﷺ جن غار ۾ ڪنهن جي شريعت تي عبادت ڪندا هئا ؟ : حضور ڪريم ﷺ جن جمهور جي قول مطابق ڪنهن ٻئي نبي جي شريعت تي عبادت ڪندڙ نه هئا الله جل جلاله جي قول "اَنِ اتَّبِعْ مِلَّةَ اِبْرَاهِيْمَ حَنِيْفًا" (ابراهيم جي ملت جي اتباع ڪر حق ڏانهن ورندڙ باطل کان منهن موڙيندڙ ٿي) مان مراد اصل توحيد جي عقيده ۾ برابر هجڻ آهي جيئن ٻي آيت ۾ آهي "فَبِهُدٰاهُمُ اقْتَدِهْ" (پوءِ انهن جي هدايت جي اقتداء ڪر) حالانڪ انهن جون شريعتون مختلف هيون. اتي به مراد اهو توحيد وارو گڏيل عقيدو آهي ۽ توحيد ۾ انهن جي اتباع جو مطلب آهي ته انهن وانگر نرميءَ سان توحيد جي دعوت ڏيو ۽ هڪ کان پوءِ ٻيو دليل ڏيندا رهو. جيئن قرآن ڪريم ۾ مذڪور آهي. شيخ الاسلام بلقيني شرح البخاري ۾ آندو آهي ته جن جن حديثن تي اسان واقف ٿيا آهيون پڙهيون اٿئون انهن مان ڪنهن ۾ به اها وضاحت نه آئي آهي ته "پاڻ غارحراء ۾ ڪهڙي طريقي سان عبادت ڪندا هئا." پر ابن اسحاق وغيره (سيرت نگار..) آندو آهي ته پاڻ سال ۾ هڪ مهينو غارِ حرا ۾ ويندا هئا عبادت ڪندا هئا ۽ مسڪينن کي کاڌو کارائيندا هئا ۽ جڏهن غار کان واپس ٿيندا هئا ته گهر ۾ وڃڻ کان پهريان ڪعبه جو طواف ڪندا هئا. ۽ هڪ قول مطابق سندن عبادت فڪر ڪرڻ هو. (اشرف الوسائل ص 370) علامه علي القاري رحمه الله لکيو آهي ته هتي عبادت مان مراد واجبات کان مٿي آهي ۽ ترمذي عبادت کي نندب کان پوءِ ان جي ڪري ذڪر ڪيو آهي ڇوته حضرت رسول الله ﷺ جي عبادت جيڪا قرآن ڪريم جي آيت "وَمِنَ الَّيْلِ فَتَهَجَّدْ بِهٖ نَافِلَةً لَّكَ" ۾ بيان ڪيل ۽ سورة المزمل ۾ مقرر ڪيل آهي اها نندب کان پوءِ آهي ۽ ان کان پوءِ باب العبادة ۽ ترڪ العبادة ۾ اصل الله جل جلاله جو ارشاد آهي "وَاعْبُدْ رَبَّكَ حَتّٰى يَاْتِيَكَ الْيَقِيْنُ" يعني موت. مفسرن جو اجماع هن تي آهي پر زنديق ۽ ملحد چوندا آهن ته انسان جڏهن يقين جي منزل تي پهچي ٿو ته ان تان عبادت ڪچي، معاف ٿي وڃي ٿي (پر اهو خالص ڪوڙ ۽ گمراهي آهي) ۽ هتي موت کي يقين سڏيو ويو آهي جو اهو يقينن اچڻو آهي ۽ تسبيح تي دوام ڪرڻ سان قلب جي ڪٽ لهي ٿي ۽ دنيا حقير نظر اچي ٿي نه ان جي وڃڻ تي غم ٿو رهي نه ملڻ تي خوشي ٿئي ٿي. اڳتي هلي علامه قاري رحمه الله لکيو آهي ته: مان چوان ٿو ته ظاهر هي آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن غار حراء ۾ باطني عبادات، قلبي اذڪار ۽ الاهي صفات، آفاقي ۽ انفسي مصنوعات ۽ سنن اخلاقن ۽ يلين طبيعتن، ضعيفن تي رحمت ۽ فقيرن تي شفقت ۾ فڪر ڪندا هئا. دشمنن جي تڪليفن کي برداشت، مصيبت ۾ صبر ڪرڻ نعمتن تي شڪر ڪرڻ، قضا تي رضا ۽ تسليم. هر امر الله جل جلاله جي حوالي ڪري زمين ۽ آسمانن جي رب تي توڪل ڪرڻ، فناء جي حال ۽ بقاء جي مقام ۾ متحقق هجڻ جيڪو ڪامل اولياء اصفيا جي منتهيٰ آهي ان تي سوچڻ هو. ان جي ڪري چيو ويو آهي ته نبين عليهم الصلواة والسلام جي بدايت. اولياء جي نهايت هوندي آهي. سالڪ جيستائين حضور ڪريم ﷺ

جي دين ۾ نهايت کي نہ پهچندو تيستائين ولايت جي دروازي کان اندر داخل نہ ٿيندو ۽ ان جو ان ۾ ڪو حصو بہ نہ هوندو. (جمع الوسائل ج 2 ص 64)

{261} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ، وَبِشْرُ بْنُ مُعَاذٍ، قَالاَ: حَدَّثَنَا أَبُو عَوَانَةَ، عَنْ زِيَادِ بْنِ عِلاَقَةَ، عَنِ الْمُغِيرَةِ بْنِ شُعْبَةَ قَالَ: صَلَّى رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حَتَّى انْتَفَخَتْ قَدَمَاهُ فَقِيلَ لَهُ: أَتَتَكَلَّفُ هَذَا وَقَدْ غَفَرَ اللهُ لَكَ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِكَ وَمَا تَأَخَّرَ؟ قَالَ: أَفَلاَ أَكُونُ عَبْدًا شَكُورًا.

بامحاوره ترجمو: حضرت مغيره بن شعبہ ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن (تهجد) نماز ايتري ڊگهي پڙهندا هئا جو سندن پير مبارڪ سُجي پوندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ کي عرض ڪيو ويو تہ اوهان ايتري تڪليف ڇو ٿا ڪريو؟ هوڏانهن الله ﷻ اوهان جي ڪري اوهان جي سيني اڳين ۽ پوئين جا گناهہ بخشي ڇڏيا آهن. پاڻ سڳورن ﷺ ارشاد فرمايو تہ ڇا آءُ الله ﷻ جو شڪر گذار ٻانهو نہ ٿيان؟

مفردات جو شرح: "اِنْتَفَخَتْ" سجي پيا. سوڄ چڙهي آين "قَدَمَا" ٻئي پير. "أَتَتَكَلَّفُ" اوهان پنهنجي مٿان محنت ۽ تڪليف ڇو ٿا برداشت ڪيو "ذَنْبٌ" گناهہ "شَكُورًا" شڪر گذار.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ آيو آهي تہ سندن ٻئي پير مبارڪ سجي پيا هئا." يعني رسول الله ﷺ جن رات جو نماز ۾ ايترو گهڻو بيهندا هئا جو سندن پير مبارڪ سُجي پوندا هئا. پوءِ شارحن جي قول مطابق حضرت عمر ﷛ کين عرض ڪيو تہ " اوهان ايتري تڪليف ڇو ٿا ڪيو؟ پنهنجي جسم مبارڪ ۽ بدن پاڪ کي ايڏي تڪليف ڇو ٿا ڏيو؟ اوهان تہ معصوم آهيو اوهان گناهن کان پاڪ آهيو. اوهان کو گناهہ ڪرڻ تہ ڇا سوچي بہ نہ ٿا سگهو. بلڪ سموري امت جا سڀ گناهہ اوهان جي صدقي بخش ڪيا ويندا. پاڻ فرمايائون تہ "ڇا مان شڪر گذار ٻانهو نہ هجان." يعني جيڪي انعام ۽ اڪرام الله ﷻ مون کي عطا ڪيا آهن مان عبادت جي ذريعي ان جو شڪر ٿو ادا ڪيان ۽ امت کي تعليم ٿو ڏيان تہ اهي بہ مون وانگر شڪر گذار رهن ۽ ان سندن ارشاد مان اهو بہ واضح ٿيو تہ عبادت جو صرف اهو غرض ناهي تہ گناهن جي معافي وٺڻ جي لاءِ ڪئي وڃي بلڪ ان مان ٻيا اغراض بہ هوندا آهن, جن مان هڪ هي بہ آهي تہ ان جي انعامات, اڪرامات ۽ ٻلاين جو نهايت عاجزي ۽ انڪساري سان شڪريو بہ ادا ڪيو وڃي ۽ آيت مبارڪ " لِيَغْفِرَ لَكَ اللهُ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِكَ وَ مَا تَأَخَّرَ " مان مراد سندن امت جا گناهہ آهن جيڪي سندن صدقي بخش ڪيا ويندا

حضور ﷺ جن معصوم آهن: اڪثر مفسرن ۽ محدثن کان منقول آهي تہ حضور ﷺ جن بعثت کان پهريان ۽ بعثت کان پوءِ بہ هر گناهہ کان پاڪ آهن. خالص عبادت اها آهي جيڪا ڪنهن لالچ يا ڊپ کان سواءِ ڪئي وڃي. ان جو مقصد صرف ٿي صرف الاهي رضا جو حصول هجي. سيدنا علي المرتضي ﷛ جو قول آهي تہ "اِنَّ قَوْمًا عَبَدُوْا رَغْبَةً فَتِلْكَ عِبَادَةُ التُّجَارِ وَاِنَّ قَوْمًا عَبَدُوْا رَهْبَةً فَتِلْكَ عِبَادَةُ الْعَبِيْدِ وَاِنَّ قَوْمًا عَبَدُوْا شُكْرًا فَتِلْكَ عِبَادَةُ الْاَحْرَارِ." بلاشڪ هڪڙن ماڻهن الله ﷻ جي عبادت لالچ ۽ طمع ۾ ڪئي اها واپارين جي عبادت آهي ۽ بلاشڪ هڪڙن ماڻهن ڊپ کان عبادت ڪئي اها (خريد ڪيل) غلامن جي عبادت آهي ۽ بلاشڪ هڪڙن ماڻهن الله ﷻ جي شڪراني طور عبادت ڪئي اها آزاد انسانن جي عبادت آهي.) علامہ عبدالجواد الدومي ﷫ لکيو آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو :

"وَلَا تَكُوْنَنَّ اَحَدُكُمْ كَالْعَبْدِ السُّوءِ اِنْ خَافَ عَمِلَ وَلَا كَالْاَجِيْرِ السُّوءِ اِنْ لَّمْ يُعْطَ الْاَجْرَلَمْ يَعْمَلْ" اوهان مان ڪو هڪڙو بہ ان بري ٻانهي جهڙو نہ هجي جو جيڪڏهن خوف رکي تہ عمل ڪري ۽ نہ ان بري مزدور جهڙو هجي جو جيڪڏهن ڪجهہ نہ ڏنو وڃي تہ عمل نہ ڪري) (الانوار الغوثيہ ص 348) علامہ البيجوري رحمه الله لکيو آهي تہ سيدنا رسول الله ﷺ جن نماز ۾ وڏي جدوجهد ڪندا هئا ان تي هميشگي ڪرڻ جي ڪري سندن پير مبارڪ سڄي پوندا هئا. پاڻ پنهنجي رب جل جلاله جي عبادت ۾ سڄي مخلوق کان وڌا هئا ان هوندي بہ امت تي مهرباني ڪندي فرمايائون تہ "عَلَيْكُمْ مِنَ الْاَعْمَالِ مَاتُطِيْقُوْنَ فَاِنَّ اللهَ لَايَمَلُّ حَتّٰى تَمَلُّوْا" عملن مان انهن کي لازم ڪري وٺو جيڪي ڪري سگهو يقينن الله جل جلاله ملول نہ ٿو ٿئي تانجو اوهان ملول ٿيو. مطلب تہ اهي عمل ڪيو جن تي هميشگي ڪري سگهو الله جل جلاله جي ملول ٿيڻ مان مراد ثواب نہ ڏيڻ آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جو جواب ۾ "عَبْدًا شَكُوْرًا" چوڻ ان وضاحت جي لاءِ آهي تہ عبد تي واجب آهي تہ هميشہ شڪر گذار رهي ۽ ان مقام تي هميشہ انبياء عليهم الصلواة والسلام رهيا جن مان وڏي مرتبي وارو اسان جو آقا حضور ڪريم ﷺ آهي. (المواهب ص 457) ۽ هن مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ مستحب آهي تہ عبادت گهڻي ڪجي ۽ ان ۾ تڪليف برداشت ڪجي ۽ سندن فرمان جو مطلب لکندي علامہ علي القاري رحمه الله فرمايو تہ مان ڪيئن نہ عبادت ڪيان حالانڪ الله جل جلاله مون کي ٻنهي جهانن ۾ پلي هجڻ سان نوازيو آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن جو "عَبْدًا شَكُوْرًا" چوڻ سندن اعليٰ مقام ڏانهن اشارو آهي. ان ئي صفت سان سندن اسراء، معراج واري بيان ۾ ذڪر ڪيل آهي ۽ عبوديت نسبت جي صحت جي تقاضا ڪندي آهي ۽ اها عبات سان ئي حاصل ٿيندي آهي ۽ جنهن ڪين اهو عرض ڪيو هو تہ اوهان ڇو ٿا ايتري تڪليف ڪيو حالانڪ اوهان مغفور آهيو تہ ان عبادت جو سبب يا خوف آهي يا مغفرت حاصل ڪرڻ آهي. پر پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ وجہ اجان ٻيو آهي ۽ اهو آهي شڪر ڪرڻ. (جمع الوسائل ص 66 ج 2) حضور ڪريم ﷺ جي هر حرڪت ۽ سڪون عبادت آهي هر گفتگو ۽ خاموشي ذڪر ۽ فڪر آهي. هتي تہ محدث ترمذي چند عبادات جو ذڪر ڪيو آهي جنهن مان اندازو لڳايو وڃي تہ نبي ڪريم ﷺ جن جي معصوم هجڻ جي باوجود. مغفرت ۽ مراتب جي پرواني ملڻ سان گڏ. ان اعليٰ مرتبي تي فائز رهڻ جنهن کي نہ ڪو ولي ۽ نہ ڪو نبي پهچي سگهيو يا پهچي سگهندو. ڪيتري قدر نفلي عبادتن ۾ مشغول رهندا هئا ۽ اسان کي سوچڻ کپي تہ امتي سڏائڻ جي باوجود اسان سندن اتباع ۾ ڪيترو نفلي عبادات جو اهتمام ڪيو آهي حالانڪ اسين گنهگار بدڪار آهيون اسين تہ انهن کان وڌيڪ عبادات جا محتاج آهيون ۽ وري اسان جون عبادتون بہ اهڙيون آهن جن جو پورو معاوضو تہ درڪنار ٿورو بہ ملي تہ غنيمت آهي. الله جل جلاله وٽ هر عبادت جو وزن ۽ ان جي قيمت اخلاص تي مبني آهي جنهن ۾ جيترو اخلاص هوندو ان عبادت جو ايترو وزن هوندو. رسول الله ﷺ جن جو ارشاد آهي تہ هڪ ماڻهو نماز کان فارغ ٿئي ٿو ۽ ان جي لاءِ ان عبادت جو ڏهون حصو لکيو ويندو آهي. ڪنهن جي لاءِ نائون حصو تہ ڪنهن جي لاءِ اٺون. اهڙي طرح ستون، ڇهون، پنجون، چوٿون، ٽيون، اڌ لکيو ويندو آهي. (ابو داؤد) ۽ ڏهون بہ مثال طور آهي نہ تہ ان کان گهٽ هوندو آهي. ٻي حديث ۾ ارشاد آهي تہ "قيامت ۾ سڀ کان اول نماز جو حساب ٿيندو الله جل جلاله ملائڪن کي فرمائيندو تہ : منهنجي ٻانهي جي نماز کي ڏسو پوري آهي يا ناقص. جيڪڏهن اها پوري آهي تہ دفتر ۾ پوري

لکي ويندي ۽ جيڪڏهن ناقص آهي تہ ارشاد ٿيندو هن جا ڪجهہ نوافل بہ آهن يا نہ. جيڪڏهن نوافل هوندا تہ انهن مان فرائض جي تڪميل ڪئي ويندي. ان کان پوءِ وري ٻئي عبادات، زڪواة وغيره جو محاسبو ڪيو ويندو. (ابو داؤد) اسان ماڻهن جا فرائض جهڙي نموني ادا ٿين ٿا اهي اسان کي بہ معلوم آهن ان صورت ۾ ڇا ضروري ناهي تہ نفلي عبادات نماز جي بہ هجي، صدقات ۽ ٻيءِ قسم جي نهايت ڪثرت ۽ اهتمام سان هجي ڇو تہ الله ﷻ جي عدالت ۾ حاضري نهايت سخت آهي ۽ اسان جي اعمال جا بہ نگران هر وقت اسان سان گڏ آهن ۽ صرف ان تي اڪتفا ناهي بلڪ انسان جي بدن جو هر جزء ان نيڪ يا بري عمل جي شاهدي ڏيڻ وارو آهي جيڪي ان کان صادر ٿيندا آهن ان جي ڪري رسول الله ﷺ جو ارشاد آهي تہ: آڱرين تي ڪلمہ طيبہ ۽ تسبيحات کي ڳڻيندا ڪيو تہ قيامت جي ڏينهن انهن آڱرين کان جو محاسبو ٿيندو تہ پنهنجا پنهنجا اعمال ٻڌايو ۽ انهن کي ڳالهائڻ جي قوت عطا ڪئي ويندي ٻڌائين تہ انهن تي تسبيح ۽ ذڪر پڙهيو ويو هو. رسول الله ﷺ تان منهنجا ابو امان قربان جو پاڻ هر شيءِ ۾ اسان جي لاءِ نمونو آهن.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} **البخاري في كتاب التهجد باب 6 قيام النبي ﷺ** حديث رقم 1130 ج 3 ص 14 {2} **مسلم في كتاب صفات المنافقين واحكامهم باب 18 اكثار الاعمال والاجتهاد في العبادة** حديث رقم 2819 ج 4 ص 2171 {3} **احمد في المسند** ج 4 ص 251 {4} **البيهقي في سننه** ج 3 ص 16 {5} **ابنِ خزيمه في صحيحه** حديث رقم 1182، 1183 ج 2 ص 200.

{262} حَدَّثَنَا أَبُو عَمَّارٍ الْحُسَيْنُ بْنُ حُرَيْثٍ قَالَ: حَدَّثَنَا الْفَضْلُ بْنُ مُوسَى، عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ عَمْرٍو، عَنْ أَبِي سَلَمَةَ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُصَلِّي حَتَّى تَرِمَ قَدَمَاهُ قَالَ: فَقِيلَ لَهُ: أَتَفْعَلُ هَذَا وَقَدْ جَاءَكَ أَنَّ اللهَ قَدْ غَفَرَ لَكَ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِكَ وَمَا تَأَخَّرَ؟ قَالَ: أَفَلَا أَكُونُ عَبْدًا شَكُورًا

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو هريره ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن نماز پڙهندا هئا تہ سندن پير مبارڪ سُجي پوندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ کي عرض ڪيو ويو تہ (يا رسول الله ﷺ) اوهان ايتري تڪليف ڇو ٿا ڪيو جڏهن تہ الله ﷻ اوهان جي ڪري اوهان جي سيني اڳين ۽ پونين جا گناهہ بخشي ڇڏيا؟ پاڻ سڳورن ﷺ ارشاد فرمايو تہ: ڇا آءُ الله ﷻ جو شڪر گذار ٻانهو نہ بڻجان؟

مفردات جو شرح: "تَرِمَ" سجي پوندا هئا. "قَدَمَاهُ" سندن پير مبارڪ.

سمجهاڻي: هن کان اڳ ۾ ذڪر ڪيل حديث واري ساڳي آهي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابن خزيمه في صحيحه رقم الحديث 1184 ج 2 ص 201 {2} **البزار في مسنده** رقم الحديث 2381 ج 3 ص 121 {3} **ابنِ ماجه في كتاب اقامة الصلواة والسنة فيها باب** 200 رقم الحديث 1420.

{263} حَدَّثَنَا عِيسَى بْنُ عُثْمَانَ بْنِ عِيسَى بْنِ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ الرَّمْلِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا عَمِّي يَحْيَى بْنُ عِيسَى الرَّمْلِيُّ، عَنِ الْأَعْمَشِ عَنْ أَبِي صَالِحٍ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُومُ يُصَلِّي حَتَّى تَنْتَفِخَ قَدَمَاهُ فَيُقَالُ لَهُ: يَا رَسُولَ اللهِ، تَفْعَلُ هَذَا وَقَدْ غَفَرَ اللهُ لَكَ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِكَ وَمَا تَأَخَّرَ؟ قَالَ: أَفَلَا أَكُونُ عَبْدًا شَكُورًا.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن (تهجد) نماز ۾ ايترو بيهندا هئا جو سندن پير مبارڪ سڄي پوندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ کي عرض ڪيو ويو تہ يا رسول الله ﷺ ! اوهان ايڏي تڪليف ڇو ٿا ڪريو؟ هن حالت ۾ جو الله ﷻ اوهان جي ڪري اوهان جي سيني اڳين ۽ پوئين جا گناهہ بخشي ڇڏيا آهن؟ پاڻ سڳورن ﷺ ارشاد فرمايو تہ "ڇا آءُ خدا ﷻ جو شڪر گذار ٻانهو نہ ٿيان؟"

مفردات جو شرح: "يَقُومُ يُصَلِّ" بيهي نماز پڙهندا هئا. "تَنْتَفِخَ" سُڄي پوندا هئا.

سمجهاڻي: هن باب جي حديث نمبر 1، 11

۽ 3 جي سمجهاڻي ساڳي آهي پر ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ ﷝ کان بہ هن شڪر ادا ڪرڻ جي متعلق هڪ مفصل روايت نقل ڪئي وئي آهي. حضرت عطاء ﷫ فرمايو تہ : مون هڪ ڀيري حضرت بيبي عائشہ ﷝ کي عرض ڪيو تہ : مون کي رسول الله ﷺ جي ڪا نهايت عجيب ڳالهہ ٻڌاءِ . ان ارشاد فرمايو تہ : رسول الله ﷺ جي ڪهڙي ڳالهہ عجيب نہ هئي؟ ان کان پوءِ ٻڌايائين تہ : هڪ رات جو قصو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن سمهڻ جي لاءِ مون وٽ تشريف فرما ٿيا ۽ مون سان منهنجي چادر ۾ گڏ آرامي ٿيا. ٿورو وقت سمهڻ کان پوءِ اٿي وضو ڪري بيهي نماز جي نيت ڪيائون ۽ پوءِ روئڻ لڳا. تانجو سندن ڳوڙها مبارڪ سيني کان هيٺ ڪرڻ لڳا ان کان بعد رڪوع ڪيائون. ان ۾ روئندا رهيا الغرض مون کين عرض ڪيو تہ " اوهان ايترو ڇو روئي رهيا آهيو اوهان جي مغفرت جو الله ﷻ اعلان ڪري ڇڏيو آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ " پوءِ ڇا مان شڪر گذار ٻانهو نہ ٿيان" ان کان پوءِ فرمايائون تہ : مان ائين ڇونہ ڪيان. حالانڪہ اڄ مون تي هي آيتون نازل ٿيون آهن. ان کان پوءِ سورة بقره جي آيت "اِنَّ فِيْ خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَاخْتِلَافِ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَالْفُلْكِ الَّتِيْ تَجْرِيْ فِي الْبَحْرِ بِمَا يَنْفَعُ النَّاسَ وَمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ مِنَ السَّمَآءِ مِنْ مَّآءٍ فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا وَبَثَّ فِيْهَا مِنْ كُلِّ دَآبَّةٍ وَّتَصْرِيْفِ الرِّيٰحِ وَالسَّحَابِ الْمُسَخَّرِ بَيْنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿۱۶۴﴾ (آيت ......) پڙهيائون. (خصائل نبوي ص 216)

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: انهن جو ذڪر اڳئين حديث جي تخريج ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

{264} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ جَعْفَرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا شُعْبَةُ، عَنْ أَبِي إِسْحَاقَ، عَنِ الْأَسْوَدِ بْنِ يَزِيدَ قَالَ: سَأَلْتُ عَائِشَةَ، عَنْ صَلَاةِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بِاللَّيْلِ ؟ فَقَالَتْ: كَانَ يَنَامُ أَوَّلَ اللَّيْلِ ثُمَّ يَقُومُ، فَإِذَا كَانَ مِنَ السَّحَرِ أَوْتَرَ، ثُمَّ أَتَى فِرَاشَهُ، فَإِذَا كَانَ لَهُ حَاجَةٌ أَلَمَّ بِأَهْلِهِ، فَإِذَا سَمِعَ الْأَذَانَ وَثَبَ، فَإِنْ كَانَ جُنُبًا أَفَاضَ عَلَيْهِ مِنَ الْمَاءِ، وَإِلَّا تَوَضَّأَ وَخَرَجَ إِلَى الصَّلَاةِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت اسود بن يزيد ﷛ کان روايت آهي تہ مون حضرت سيده عائشہ صديقہ ﷝ کان رسول الله ﷺ جن جي رات جي نماز جي باري ۾ پڇيو؟ بيبي سڳوري ﷝ چيو تہ پاڻ ڪريم ﷺ اول سنجهي ۾ رات جو ننڊ ڪندا هئا. پوءِ نماز يا عبادت لاءِ اٿندا هئا پوءِ جڏهن صبح جو اسر ويجهو ٿيندو هو تہ وتر پڙهي پنهنجي بستري تي ايندا هئا. جيڪڏهن کين ضرورت هوندي هئي تہ پنهنجي بيبي سڳوري وٽ ويندا هئا. پوءِ جڏهن بانگ ٻڌندا هئا تہ تڪڙو اٿندا هئا. جيڪڏهن کين وهنجڻ جي حاجت هوندي هئي تہ وهنجندا هئا نہ تہ رڳو وضو ڪري نماز لاءِ نڪرندا هئا.

مفردات جو شرح: "أَوَّلَ اللَّيْلِ" رات جو پهريون حصو. "اَلسَّحَرِ" رات جو پويون حصو. "أَوْتَرَ" وتر پڙهيائون. "أَلَمَّ" ويجهو ويندا هئا. حجت كندا هئا، پر ۾ وهندا هئا. "وَثَبَ" جلدي ۾ اٿيا، فورن اٿيا.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ ﷞ كان حضرت نبي كريم ﷺ جي رات جي نماز جي متعلق سوال كيو ويو آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ رات جي كهڙي كهڙي حصي ۾ عبادت كندا هئا ۽ تهجد جي نماز كهڙي وقت پڙهندا هئا. وتر كهڙي وقت پڙهندا هئا وغيره وغيره. جواب ۾ سيده فرمايو تہ پاڻ رات جي پهرئين حصي ۾ آرام كندا هئا. علامہ مناوي ﷫ فرمايو تہ "بعد صلواة العشاء الى تمام نصفه الاول لانه كره النوم قبلها" يعني پاڻ عشاء (سومهڻي) جي نماز كان پوءِ رات جي پهرئين اڌ تائين ننڊ كندا هئا. عشاء جي نماز كان پهريان ننڊ كي پسند نہ كندا هئا. ان كان پوءِ ننڊ مان اٿي تهجد جي نماز پڙهندا ۽ الله ﷻ جي تسبيح ۽ تقديس ۾ مصروف رهندا هئا. نماز ۾ ايترو گهڻو وقت بيهندا هئا جو سندن پاڪ پير سڄي پوندا هئا. ۽ ان طرح عبادت كندي رات جي آخري حصي ۾ وتر پڙهندا هئا. علامہ علي القاري ﷫ لكيو آهي تہ: عن ابنِ عباس ﷺ كان يقرء فى الاولى "سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْأَعْلَى ۙ قُلْ يَا أَيُّهَا الْكَافِرُونَ ۙ قُلْ هُوَ اللهُ أَحَدٌ ۚ" فِي رَكْعَةٍ رَكْعَةٍ" يعني حضرت ابن عباس ﷺ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن (وتر جي) پهرين ركعت ۾ "سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْأَعْلَى" ۽ قُلْ يَا أَيُّهَا الْكَافِرُونَ ۽ قُلْ هُوَ اللهُ أَحَدٌ" هڪ هڪ پوئين ٻن ركعتن ۾ پڙهندا هئا اهڙي طرح ابو داؤد ۽ مصنف ۾ عبدالرزاق حضرت ام المؤمنين عائشہ صديقہ ﷞ كان روايت آندي آهي ۽ پاڻ وتر پڙهي فجر تائين آرام كندا هئا ۽ جيكڏهن كنهن گهرواري سان صحبت كرڻ چاهيندا هئا تہ كندا هئا جيكڏهن نہ تہ نہ ۽ صحبت كرڻ جي صورت ۾ غسل كندا هئا نہ تہ وضو كري نماز لاءِ مسجد ۾ تشريف فرما ٿيندا هئا. علامہ البيجوري ﷫ فرمايو تہ: وضو كري گهر ۾ ٻہ ركعتون سنت پڙهي فرض نماز پڙهائڻ جي لاءِ مسجد ۾ تشريف فرما ٿيندا هئا ۽ اهو سندن وضو نئين كرڻ جي لاءِ هوندو هو چو تہ سندن ننڊ وضو نہ ڀڃندي هئي. (انوارِ غوثيہ ص 351)

فائدو: تهجد جو وقت اڌ رات كان پوءِ شروع ٿئي ٿو ۽ كجهہ آرام كرڻ كان پوءِ عبادت ۾ چستي پيدا ٿيندي آهي ۽ گهرواريءَ سان صحبت كرڻ جي لاءِ رات جو پويون حصو طبي لحاظ سان فائديمند لكيو اٿن ان وقت كاڌي هضم ٿيڻ ۽ ننڊ كرڻ جي كري طبيعت هلكي رهي ٿي پر ان وقت جي لاءِ شرعي پابندي كابہ كانہ آهي. كن بزرگن لكيو آهي تہ: نيك نماز جي وقت همبستريءَ كان جيكڏهن ٻار پيدا ٿيندو تہ اهو والدين جو نافرمان ٿيندو. (فضائل النبي ﷺ ص 153)

اعتراض: حضرت رسول الله ﷺ جن كان مختلف سندن سان طاقت كان وڌيڪ مجاهدات ۽ رياضات ۽ عبادات جي ممانعت آيل آهي تہ پوءِ پاڻ ايتري تكليف چو ٿي كيائون؟

جواب: انسان صرف عبادت جي لاءِ ئي پيدا كيو ويو آهي تہ ان ۾ جيترو بہ اضافو اهتمام ۽ زيادتي كئي وڃي بهتر آهي. ممدوح ۽ پسنديده آهي. جتي زيادتي كان منع آيل آهي. اها عوارض جي كري آهي جتي كو عارض يا مانع در پيش هوندو اتي زيادتي غير مستحسن هوندي انهن عوارض مان هي بہ آهي تہ انسان ٿكجي نہ پوي ۽ پوءِ سستي كري موڙهي عبادت ڇڏي نہ ڏي عبادت جي كثرت كان منع كندڙ احاديث مان اها مراد آهي. حضور كريم ﷺ جو ارشاد آهي تہ "اعمال ايتري

قدر ڪيو جيتري قدر ڪري سگهو. الله ﷻ ثواب عطا ڪرڻ ۾ گهٽتائي نہ ٿو ڪري جيستائين جو اوهان عمل ڪرڻ ۾ ٿڪجي نہ پئو" ان جي ڪري علماء مجاهدات ۾ زيادتي کان روڪيندا آهن تہ مبادا انسان ٿڪجي مورڳي عبادت ڪرڻ ڇڏي ڏي. پر حضور ڪريم ﷺ جن جو شان تہ ان کان ارفع ۽ اعليٰ آهي اتي ٿڪجي پوڻ جو احتمال بہ نہ هو. سندن فرمان آهي تہ "منهنجي اکين جو ٺار نماز آهي" ۽ ڪيئن نہ هوندي جڏهن تہ نماز الله ﷻ سان راز ۽ نياز آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جهڙي پياري الله ﷻ جي ٻانهي جي لاءِ پنهنجي مالڪ سان راز ۽ نياز ۾ ڪيتري نہ لذت حاصل ٿيندي هوندي. ٿڪجندو اهو جيڪو ان لذت کان محروم هوندو. اهڙي طرح حديثن ۾ جيڪو عبادت جي ڪثرت کان بيو مانع آيل آهي اهو ٻانهي تي لازم ڪيل حقوق ۾ ڪوتاهي ٿيڻ جي ڪري آهي جو مجاهدات جي ڪثرت سان ضعف ۽ ڪمزوري پيدا ٿيندي آهي جنهن سان حقوق ادا ڪرڻ رهجي ويندا آهن حضور ڪريم ﷺ جن وٽ تہ اهو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي ان جي ڪري جو جيڪا قدسي ذات ان مجاهدات، ڪاڏي گهٽ کائڻ جي باوجود بہ هڪ ئي پيري ۾ نَوَن گهروارين سان صحبت ڪري سگهي اتي ضعف جو سوال ئي نہ ٿو پيدا ٿئي. اهڙي طرح ٻين عوارض جو حال آهي جيڪي پاڻ ڪريم ﷺ سان لاڳو نہ ٿا ٿي سگهن ان جي ڪري هيٺين روايتن تي ڪو اعتراض نہ ٿو ٿي سگهي. (خصائل نبوي ص 218)

وتر جو بيان: ان جو مفصل بيان تہ اڳتي ايندو پر حضرت علي ﷺ کان مرفوع روايت ۾ آيو آهي تہ رسول الله ﷺ جن ٽي رڪعتون وتر پڙهندا هئا جنهن ۾ مفصل مان نوَ سورتون پڙهندا هئا. هر هڪ رڪعت ۾ ٽي سورتون پڙهندا هئا جن ۾ آخري سورت "قل هو الله احد" هوندي هئي ۽ ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ ﷺ کان اها بہ روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن رات جو تيرهن رڪعتون پڙهندا هئا. انهن ۾ وتر بہ هوندو هو ۽ بہ رڪعتون فجر جي سنت واريون بہ" ۽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن تهجد کان پوءِ ٿورو وقت رات جو ڇهون حصو آرام بہ ڪندا هئا ۽ اهو مستحب آهي ان سان انسان ۾ قوت رهندي ۽ منهن تي اوجاڳي واري ٿڪاڻ جو اثر نہ رهندو ۽ هن روايت ۾ آيل لفظ "ثم" مان هي فائدو حاصل ٿيو تہ حضرت رسول الله ﷺ جن رات واري عبادت تهجد وغيره کان فارغ ٿي پوءِ پنهنجي گهروارين سان صحبت ڪندا هئا. ۽ حضرت حبيب ڪريم جن اهو بہ ارشاد فرمايو آهي تہ "اَفْضَلُ الْقِيَامِ قِيَامُ دَاوُدَ (عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ والسَّلام) كَانَ يَنَامُ ثُلُثَ اللَّيْلِ وَيَقُوْمُ ثُلُثَهٗ وَيَنَامُ سُدُسَهٗ" (عبادت ۾) بيهڻ ۾ پلو بيهڻ (حضرت) داؤد (عليہ الصلوة والسلام) جو آهي رات جو ٽيون حصو ننڊ ڪندو هو ۽ ٽيون حصو بيهندو هو ۽ ڇهون حصو ننڊ ڪندو هو) ۽ هن روايت مان هي بہ فائدو حاصل ٿيو تہ رات جو ڪجهہ ننڊ ڪرڻ کان پوءِ جماع ڪرڻ پلو آهي. تهجد پڙهڻ کان پوءِ ماڻهو پاڪ صاف هوندو ان ڪيفيت ۾ صحبت ڪرڻ پلو ڪم آهي ۽ مناسب آهي تہ عبادت جو وڏيڪ اهتمام ڪجي ننڊ ۽ ٻين خوشين کي پوئتي رهائجي. ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جڏهن بہ عشاء پڙهي منهنجي گهر ايندا هئا تہ چار رڪعتون يا ڇهہ رڪعتون نماز پڙهندا هئا. (رواه ابو داؤد) ۽ صحيحين ۾ روايت آهي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ رات جي ٻئي حصي ۾ ڪڪڙ جي بانگ ٻڌي اٿندا هئا ۽ اهو بہ ثابت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ڪڏهن رات جي پوئين حصي ۾ غسل ڪندا هئا ۽ ڪڏهن رات جي پهرئين حصي ۾ وتر پڙهندا هئا تہ ڪڏهن پوئين حصي ۾. ڪڏهن وڏي آواز سان

قرآن ڪريم جي تلاوت ڪندا هئا تہ ڪڏهن آهستي.“ ۽ ام المؤمنين ام سلمہ ﵂ کان روايت آهي تہ ”اسان سان نماز پڙهندا هئا ان کان پوءِ نماز جيترو قدر ننڊ ڪندا هئا ۽ ان کان پوءِ ننڊ جيترو قدر نماز پڙهندا هئا ان کان پوءِ نماز جيترو قدر ننڊ ڪندا هئا تانجو صبح ٿي ويندي هئي. (رواه ابو داؤد والترمذي والنسائي، جمع الوسائل ج 2 ص 67, 68, المواهب ص 460) ۽ علامہ ابن حجر هيتمي مڪي ﵀ لکيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن جيڪو وضو ڪندا هئا. ان کي هرويرو نئين وضو تي محمول ڪرڻ ضروري ناهي ڇوتہ ننڊ جي ڪري سندن وضو تہ نہ ڀڄندو هو پر ممڪن آهي جو وضو ڀڃڻ جو ٻيو ڪو سبب ظاهر ٿيو هجي. (اشرف الوسائل ص 375)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب التهجد باب 15 من نام اول الليل واحيا آخره رقم الحديث 1146 ج 3 ص 32 {2} النسائي في كتاب قيام الليل وتطوع النهار باب 30 وقت الوتر ج 3 ص 230 {3} ابن حبان في صحيحہ رقم الحديث 2593 ج 6 ص 328 {4} الطيالسي في مسنده رقم الحديث 1386 ص 198 {5} مسلم في كتاب صلواة المسافرين و قصرها باب 17 صلواة الليل وعدد ركعات النبي ﷺ في الليل رقم الحديث 739 ج 1 ص 510 {6} احمد في المسند ج 6 ص 102 {7} البيهقي في سننه ج 1 ص 201, 202.

{265} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ، عَنْ مَالِكِ بْنِ أَنَسٍ، ح وَحَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مُوسَى الْأَنْصَارِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا مَعْنٌ، عَنْ مَالِكٍ، عَنْ مَخْرَمَةَ بْنِ سُلَيْمَانَ، عَنْ كُرَيْبٍ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ، أَنَّهُ أَخْبَرَهُ أَنَّهُ بَاتَ عِنْدَ مَيْمُونَةَ وَهِيَ خَالَتُهُ قَالَ: فَاضْطَجَعْتُ فِي عَرْضِ الْوِسَادَةِ، وَاضْطَجَعَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي طُولِهَا، فَنَامَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حَتَّى إِذَا انْتَصَفَ اللَّيْلُ أَوْ قَبْلَهُ بِقَلِيلٍ أَوْ بَعْدَهُ بِقَلِيلٍ، فَاسْتَيْقَظَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَجَعَلَ يَمْسَحُ النَّوْمَ عَنْ وَجْهِهِ، ثُمَّ قَرَأَ الْعَشْرَ الْآيَاتِ الْخَوَاتِيمَ مِنْ سُورَةِ آلِ عِمْرَانَ، ثُمَّ قَامَ إِلَى شَنٍّ مُعَلَّقٍ فَتَوَضَّأَ مِنْهَا، فَأَحْسَنَ الْوُضُوءَ، ثُمَّ قَامَ يُصَلِّي قَالَ عَبْدُ اللهِ بْنُ عَبَّاسٍ: فَقُمْتُ إِلَى جَنْبِهِ فَوَضَعَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَدَهُ الْيُمْنَى عَلَى رَأْسِي ثُمَّ أَخَذَ بِأُذُنِي الْيُمْنَى فَفَتَلَهَا فَصَلَّى رَكْعَتَيْنِ، ثُمَّ رَكْعَتَيْنِ، ثُمَّ رَكْعَتَيْنِ، ثُمَّ رَكْعَتَيْنِ، ثُمَّ رَكْعَتَيْنِ، ثُمَّ رَكْعَتَيْنِ - قَالَ مَعْنٌ: سِتَّ مَرَّاتٍ - ثُمَّ أَوْتَرَ، ثُمَّ اضْطَجَعَ حَتَّى جَاءَهُ الْمُؤَذِّنُ فَقَامَ فَصَلَّى رَكْعَتَيْنِ خَفِيفَتَيْنِ، ثُمَّ خَرَجَ فَصَلَّى الصُّبْحَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابن عباس ﵄ کان روايت آهي. (ان پنهنجي شاگرد ابو ڪريب ﵀ کي ٻڌايو) تہ آءُ ننڍي هوندي هڪ رات پنهنجي ماسي مؤمنن جي ماءُ حضرت ميمونہ ﵂ وٽ رهيس. آءُ وهاڻي جي منڍي تي مٿو رکي سمهي پيس ۽ پاڻ سڳورا ﷺ ان جي ڊيگهہ تي سمهي پيا پوءِ رسول الله ﷺ جن اڌ رات يا ٿورو اڳ ۽ پٺيان پوءِ ننڊ ڪري جاڳيا. منهن مبارڪ مهٿي ننڊ لاهڻ لڳا، پوءِ سورة آل عمران جون پويون ڏهہ آيتون پڙهيائون. ان کان پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ پاڻيءَ جي کليءَ مان تاهي تاهي وضو ڪيو ۽ نماز پڙهڻ لڳا.

حضرت عبدالله بن عباس ﵄ چيو تہ آءُ بہ اٿي پاڻ ڪريم ﷺ جي کابي پاسي کان ٿي بيٺس، تہ رسول الله ﷺ جن پنهنجو ساڄو هٿ مبارڪ منهنجي مٿي تي رکي، منهنجي ساڄي ڪن کي ونې مروڙيو يعني مون کي کابي پاسي کان ڦيرائي پنهنجي ساڄي پاسي ڪري بيهاريو ۽ ٻہ رڪعتون نماز

پڙهيائون. وري ٻه رڪعتون وري ٻه رڪعتون، وري ٻه رڪعتون ۽ وري ٻه رڪعتون نماز ادا ڪيائون.

حضرت معن رضي الله عنه (حديث جي راوي) چيو ته ائين ڇهه ڀيرا (ٻارهن رڪعتون تهجد نماز) پڙهيائون ان کان پوءِ پاڻ سڳورا ﷺ وتر نماز (ٽي رڪعتون) پڙهي سمهي پيا. پوءِ ٻانگو آيو ته پاڻ اٿي ٻه رڪعتون هلڪيون (فجر جي سنت) پڙهي پوءِ ٻاهر مسجد ۾ اچي صبح واري نماز ادا ڪيائون.

مفردات جو شرح: "بَاتَ" رات گذاريائون. "شَنّ" کلي "مُعَلَّقٍ" تنگيل، لٽڪايل. "جَنْبُ" پاسو. "سِتَّ مَرَّاتٍ" ڇهه ڀيرا. "فَفَتَلَ" مروڙيائون. "خَفِيفَتَيْنِ" هلڪا.

سمجهاڻي: هن حديث مان ٻه ٽي ڳالهيون معلوم ٿيون. (1) ته نماز ۾ ٿورڙي عمل سان ڇڱائي ڇوڻ جائز آهي. جيئن حضرت رسول الله ﷺ جن حضرت ابنِ عباس رضي الله عنه جي ڪن کي مروڙي کاٻي کان ڇڪي ان کي سڄي پاسي آندائون. (2) ته رات جو نماز کان پوءِ وتر پڙهڻ افضل آهي. (3) ته ٻانگي لاءِ مستحب آهي ته جيڪڏهن امام صاحب گهر ۾ آهي ۽ جماعت تيار آهي ته ان کي اطلاع ڪري. (4) ته صبح واري سنت مختصر ڪري پڙهڻ مسنون آهي (5) ته صبح واري سنت گهر ۾ پڙهڻ افضل آهي (6) ته ڇوڪري جي نماز امام سان جائز آهي (7) **نفل ۾ جماعت جو مسئلو**: نفل ۾ جماعت جائز آهي ان شرط سان ته ان جي لاءِ خاص طور ماڻهن کي سڏيو نه وڃي. والله اعلم (انوار غوثيه ص 352) علامه علي القاري لکيو آهي ته: حضرت ابنِ عباس رضي الله عنه پنهنجي ماسي ميمونه رضي الله عنها وٽ رات جو ترسيو هو. سيده ميمونه رضي الله عنها حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي گهرواري، مؤمنن جي ماءُ آهي. هي ڀاڻيجو هو. ڀاڻيجو ماسيءَ جو محرم آهي ان وٽ رهي سگهي ٿو. سيده ميمونه الحرث، الهلاليه العامره جي نياڻي هئي. هن جو نالو "بره"، هو. حضور ڪريم ﷺ جن ان جو نالو ميمونه رکيو هو. جاهليت ۾ اها مسعود بن عمرو الثقفي جي گهرواري هئي. پوءِ ان کيس ڇڏي ڏنو (طلاق ڏني هوندي) ته سيده ابورحم بن عبد العزيٰ سان شادي ڪئي. ۽ اهو جڏهن وفات ڪري ويو ته پوءِ ان سان رسول الله ﷺ جن شادي ڪئي جڏهن پاڻ مڪه مڪرمه ۾ عمره قضا ڪرڻ آيا هئا ۽ اهو خيبر جي فتح کان پوءِ سن 7 هه ذوالقعده مهيني ۾ هو ۽ سيده ميمونه رضي الله عنها جي ڀيڻ ام الفضل لبابه حضرت عباس رضي الله عنه جي گهرواري هئي ۽ سندس مائيٽي ڀيڻ حضرت ٻيبي اسماء بنت عميس حضرت جعفر رضي الله عنه جي گهرواري هئي. ۽ سلميٰ بنت عميس حضرت حمزه رضي الله عنه جي گهرواري هئي. ۽ هڪ قول مطابق حضرت ميمونه رضي الله عنها حضور ڪريم ﷺ جن کي پنهنجو پاڻ هبه (بخشش) ڪري ڏنو هو ڇو ته ان کي جڏهن حضور ڪريم ﷺ جن جي طرفان نڪاح جو پيغام پهتو هو ته اها اٺ تي سوار هئي ۽ چيو هيائين ته اٺ ۽ جيڪو سامان ان جي مٿان آهي ۽ الله جي رسول ﷺ جي حوالي آهي ۽ پنهنجو امر حضرت عباس رضي الله عنه جي حوالي ڪيو هيائين پوءِ حضرت عباس رضي الله عنه ان جو نڪاح حضور ڪريم ﷺ جي ذات سان ان حال ۾ ڪرايو جو حبيب ڪريم ﷺ جن احرام سان هئا ۽ عمره کان فارغ ٿي احرام کولي مڪه مڪرمه ۾ سَرف نالي مقام تي ان سان شادي ڪئي هيائون. ۽ تاريخ جي عجيب ڳالهه آهي ته جنهن گهر ۾ سيده ميمونه رضي الله عنها جي شادي ٿي هئي ان ئي گهر ۾ سن 51 يا 66 هه ۾ ان جي وفات ٿي هئي ۽ اها مڪه کان مدينه وڃڻ واري واٽ تي جاءِ آهي ۽ هن جي جنازي جي نماز حضرت ابنِ عباس رضي الله عنه پڙهائي هئي. حضرت ابنِ عباس رضي الله عنه رسول الله ﷺ جن جي پيرن مبارڪن واري پاسي کان برڪت حاصل ڪرڻ ۽ ادب خاطر ستو هو

مسئلو: هن ۾ ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ : ڪنهن مرد جي گهرواريءَ جو محرم گهر ۾ انهن سان گڏ سمهي سگهي ٿو. ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما پاڻ ڪريم ﷺ جن وٽ ان رات سندن رات واري عبادت جي معلوم ڪرڻ جي لاءِ ستو هو ۽ پنهنجي گهرواريءَ سان هڪ چادر ۾ سمهڻ حضور ڪريم جي سنت سنيہ هئي. ۽ عورت کان جدا سمهڻ جيئن عجمي ماڻهن ۽ متڪبرن جو طريقو آهي سنو نہ آهي ، مذمت ڪيل عمل آهي. ها جيڪڏهن عورت پاڻ ائين ڪرڻ گهري ٿي تہ پوءِ ٻلي ڪري يا عورت کي ادب سيکارڻ جي لاءِ مڙس اهوطريقو اختيار ڪري تہ ڪري سگهي ٿو. ۽ حضرت ابنِ عباس رضي الله عنهما جو قول تہ :" حضور ڪريم ﷺ جن جي ننڊ مان اٿي اکيون مبارڪ مهٽي پوءِ الله جل جلاله جي ڪلام مان آيت مبارڪ "اِنَّ فِيْ خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ" کان سورة آل عمران جون ست آيتون پڙهڻ" مان ثابت ٿيو تہ ننڊ مان اٿي قرآن ڪريم جون اهي آيتون پڙهڻ مسنون عمل آهي. حضرت ابنِ عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ مان حبيب ڪريم ﷺ جن جي کاٻي پاسي ٿي بيٺس تہ پاڻ هٿ مبارڪ ڦيرائي مون کي ڪن کان وٺي سڄي پاسي بيهاريائون. ۽ پاڻ 12 رڪعتون نفل پڙهي پوءِ وتر پڙهيائون. "ثم اضطجع" حضور ڪريم ﷺ جن ان کان پوءِ ليٽي پيا ۽ اهو سندن ليٽي پوڻ استراحت جي لاءِ هوندو هو. ٽانت رات جو بيهڻ وارو ٿڪ لهي وڃي ۽ صبح واري فجر مزي سان ادا ڪئي وڃي. محدث نووي رحمه الله لکيو آهي تہ فجر جي ٻن رڪعتن سنت کان پوءِ بہ ٿورو ليٽي پوڻ ٿيو تہ ڪين بانگو بلال يا ڪو ٻيو عرض ڪرڻ آيو ۽ پاڻ بہ رڪعتون فجر جي سنت واريون، ٿوري قراءت سان پڙهي ٻاهر آيا. (فجر جي ٻن رڪعتن سنت ۾ بہ قراءت ٿوري ڪرڻ مستحب آهي) پاڻ ٻاهر اچي فجر جو فرض پڙهيائون. (جمع الوسائل ج 2 ص 71،70) حضرت ابنِ عباس رضي الله عنهما ننڍائي جي ڪري ساڄي پاسي بيهڻ وارو مسئلو نہ ڄاڻندو هو ان جي ڪري حبيب ڪريم ﷺ جن جي کاٻي پاسي کان بيٺو هو ۽ رسول الله ﷺ جن سندس ڪن مان وٺي کاٻي کان ڦيرائي ساڄي پاسي بيهاريو هوس. سنت بہ ائين آهي. محبوب ڪريم ﷺ جن کان تهجد جي نماز جي رڪعتن جو اهڙو مقرر تعداد معلوم نہ ٿيو آهي جنهن کان گهٽ يا وڌيڪ پڙهڻ ناجائز هجي پاڻ تنگ وقت ۾ ٿوريون ۽ ڪشادي وقت ۾ گهڻيون رڪعتون پڙهندا هئا ۽ ڪڏهن تہ وقت جي ڪشادي هوندي بہ گهڻي قرآن ڪريم پڙهڻ جي ڪري رڪعتون ٿوريون. ڇهہ يا اٺ يا ڏهہ رڪعتون پڙهندا هئا پر هن حديث جي ڪري سندن تهجد جون ٻارهن رڪعتون مشهور آهن. جن جو وتر جي پڙهڻ سان تعداد وڌي ويندو هو. هن حديث مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ " ننڊ مان اٿڻ کان پوءِ قرآن ڪريم جون ڪجهہ آيتون پڙهجن تہ ان سان انسان ۾ تازگي پيدا ٿيندي ۽ سستي دفع ٿي ويندي. امام اعظم رحمه الله وٽ تهجد جون ٻارهن رڪعتون آهن. علامہ ابن حجر مڪي رحمه الله لکيو آهي تہ "ثُمَّ اَوْتَرَ بِثَلَاثٍ" ان کان پوءِ 3 رڪعتون وتر پڙهيو هيائون."

مسئلو: هن حديث مان هي مسئلا ثابت ٿين ٿا (1) جماعتي جيڪڏهن هڪ آهي تہ سنت آهي تہ اهو امام جي ساڄي پاسي کان بيهي ۽ جيڪڏهن کاٻي کان بيٺو آهي تہ پاڻهي ڦري ساڄي پاسي کان اچي يا امام ان کي وٺي کاٻي پاسي کان بيهاري ۽ اهڙي طرح جيڪڏهن امام مقتدي کي خلافِ سنت ڏسي تہ ان کي ممڪن حد تائين سنت تي عمل ڪرائي. (2) اهو بہ معلوم ٿيو تہ ٿورو عمل نماز کي ڀڃي نہ ٿو. بلڪ ڪڏهن اهو سنت هوندو آهي جيئن هتي معلوم ٿيو. (3) نماز ۾ جماعتي ٿيڻ جي لحاظ سان

ننديو بہ وڏي وانگر آهي ان کي بہ ٻيهڻ ۾ وڏي وارا آداب ادا ڪرڻا آهن. (4) نفل ۾ (تداعي ڪان سواءِ) جماعت جائز آهي. (5) بانگي جو امام کي اذان کان سواءِ بہ اطلاع ڏيڻ مستحب آهي. (7) فجر واري سنت ۾ ٿوري قراءت ڪرڻ (8) سنت پڙهڻ کان پوءِ ٿورو ليٽي پوڻ.

گهر ۾ فجر جي سنت پڙهڻ جو ثواب: علامہ موصوف لکيو آهي تہ گهر ۾ فجر جي سنت واريون رڪعتون بيت الله ۾ نماز پڙهڻ کان بہ ٻيليون آهن. (اشرف الوسائل ص 379) هن روايت جي لفظ "فَوَضَعَ رَسُولُ اللهِ ﷺ يَدَهُ الْيُمْنٰى عَلٰى رَاسِيَ" جي شرح ۾ البيجوري رحمه الله لکيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جي مٿي تي سجو هٿ ان جي لاءِ رکيو تہ ان جي ڪن کي وٺڻ ۾ ٻيو ان جي لاءِ تہ ان جي مٿي تي برڪت نازل ٿئي ۽ سندن جميع افعال کي ياد ڪري. علامہ موصوف لکيو آهي تہ استاد طالب جي ڪن کان وٺي تہ ان جي سمجھ وڌڻ جي لاءِ بهتر آهي. الربيع نالي بزرگ فرمايو تہ: حضرت امام شافعي رحمه الله سواري تي سوار هوءِ مان ان جي هني کي چنبڙي پيس تہ اهو منهنجي ڪن کي مروڙڻ لڳو. مون دل ۾ ان کي وڏي ڳالهہ سمجهيو تہ ائين ڇو ڪيائين. تانجو حضرت ابنِ عباس رضي الله عنهما جي هيءَ روايت ڏنم تڏهن يقين ڪيم تہ امام شافعي رحمه الله جهڙي بزرگ اهو ڪم ضرور ڪنهن اصل (دليل) تي ڪيو آهي ۽ هن روايت ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جو ٻن ٻن رڪعتن تي سلام ورائڻ مان اهو ثابت ٿيو تہ تهجد ۾ ٻن ٻن رڪعتن تي سلام ورائڻ بہ سنت آهي تہ تهجد جون رڪعتون گڏي هڪ سلام سان پڙهڻ بہ سندن سنت آهي ۽ پهريون طريقو وڌيڪ صحيح ۽ وڌيڪ مشهور آهي. ظاهر آهي تہ حضرت ابنِ عباس رضي الله عنهما ننڍي هوندي کان ذهين ۽ حضور ڪريم ﷺ جي عبادات ۽ عادات کي سمجهڻ، ياد ڪرڻ جو ذوق ۽ شوق رکندو هو. (المواهب ص 464)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب الوضوء باب 36 قراءة القرآن بعد الحدث وغيره رقم الحديث 183 ج 1 ص 287 {2} مسلم في كتاب المسافرين و قصرها باب 26 الدعاء في صلواة الليل وقيامہ رقم الحديث 763 حديث الكتاب رقم 182 ج 1 ص 526 {3} ابو داؤد في كتاب الصلواة باب 317 في صلواة الليل رقم الحديث 1364 ج 2 ص 46، 47 {4} النسائي في كتاب قيام الليل و تطوع النهار باب 9 ذكر ما يستفتح بها القيام ج 3 ص 210 {5} احمد في المسند ج 1 ص 242 {6} مالك في الموطا كتاب صلواة الليل باب 2 صلواة النبي ﷺ في الوتر رقم الحديث 11 ج 1 ص 121 {7} عبدالرزاق في المصنف رقم الحديث 7408 ج 3 ص 37، 38 {8} البيهقي في سننه ج 3 ص 7.

{266} حَدَّثَنَا أَبُو كُرَيْبٍ مُحَمَّدُ بْنُ الْعَلَاءِ قَالَ: حَدَّثَنَا وَكِيعٌ، عَنْ شُعْبَةَ، عَنْ أَبِي جَمْرَةَ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ: كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُصَلِّي مِنَ اللَّيْلِ ثَلَاثَ عَشْرَةَ رَكْعَةً

بامحاوره ترجمو: حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن اڌ رات جو تيرهن رڪعتون نماز پڙهندا هئا.

مفردات جو شرح: "ثَلَاثَ عَشْرَةَ" تيرهن. "رَكْعَةً" رڪعتون.

سمجهاڻي: هتي "من" جو لفظ فِي جي معنيٰ ۾ آهي جيئن قرآن ڪريم جي آيت "يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا اِذَا نُوْدِيَ لِلصَّلٰوةِ مِنْ يَّوْمِ الْجُمُعَةِ" ۾ مِن في جي معنيٰ ۾ آهي يعني جڏهن جمعہ جي ڏينهن ۾ نماز جي لاءِ

سڏيو (بانگ ڏني) وڃي. هن روايت ۾ بيان ٿيو تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن رات جو تيرهن 13 رڪعتون پڙهندا هئا. مطلب تہ رات جي پهرئين حصي ۾ آرام فرمائي. صبح جي نماز کان پهريان رات جو تهجد جي نماز ۾ تيرهن رڪعتون پڙهندا هئا. ڏهہ رڪعتون تهجد جون, 3 رڪعتون وتر جون تهجد جي نماز حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن چئن رڪعتن کان وٺي 12 رڪعتن تائين يا ان کان زياده بہ پڙهي اٿن. صحابہ ڪرام عليهم الرضوان مان جنهن جيتريون رڪعتون پڙهندي ڏٺيون ان اهي بيان ڪيون. بعض علماء ان ۾ بہ رڪعتون فجر جي سنت واريون بہ شمار ڪيون آهن ان لحاظ سان تهجد جون اٺ رڪعتون رهنديون. علامہ علي القاري رحمه الله لکيو آهي تہ فجر جي سنت واريون بہ رڪعتون هن ۾ شامل ڪرڻ گهڻو ضعيف قول آهي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب التهجد باب 10 كيف صلواة النبي ﷺ وكم كان النبي ﷺ يصلي من الليل رقم الحديث 1138 ج 3 ص 20 {2} مسلم في كتاب صلواة المسافرين و قصرها. باب 26 الدعاء في صلواة الليل وقيامہ رقم الحديث 764 ج 1 ص 531 {3} النسائي في كتاب الصلواة كما في التحفة ج 5 ص 262 {4} احمد في المسند ج 1 ص 324 {5} الطحاوي في شرح المعاني ج 1 ص 286 {6} الطيالسي في مسنده رقم الحديث 2749 ص 359 {7} ابو يعلي في مسنده رقم الحديث 2559 ج 4 ص 433 {8} ابن خزيمہ في صحيحہ رقم الحديث 1164 ج 2 ص 191.

{267} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو عَوَانَةَ، عَنْ قَتَادَةَ، عَنْ زُرَارَةَ بْنِ أَوْفَى، عَنْ سَعْدِ بْنِ هِشَامٍ، عَنْ عَائِشَةَ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ إِذَا لَمْ يُصَلِّ بِاللَّيْلِ مَنَعَهُ مِنْ ذَلِكَ النَّوْمُ، أَوْ غَلَبَتْهُ عَيْنَاهُ صَلَّى مِنَ النَّهَارِ ثِنْتَيْ عَشْرَةَ رَكْعَةً.

بامحاوره ترجمو: حضرت سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن ننڊ جي ڪري رات جو (تهجد) نماز نہ پڙهندا هئا تہ ڏينهن جو ٻارهن رڪعتون نماز پڙهندا هئا.

مفردات جو شرح: "كَانَ إِذَا لَمْ يُصَلِّ" جنهن وقت نماز نہ پڙهيائون. "فِي اللَّيْلِ". رات جو. "غَلَبَتْهُ النَّوْمُ" مٿن ننڊ غالب ٿي. "اِثْنَتَيْ عَشْرَةَ "ٻارهن.

سمجهاڻي: هن روايت مان واضح ٿيو تہ ننڊ جي غلبي يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري جيڪڏهن تهجد جي نماز رهجي وڃي تہ صبح جو زوال کان اڳي پڙهي ڇڏجي. شارحن لکيو آهي تہ تهجد جيڪڏهن حضور ڪريم ﷺ جن تي فرض هو تہ پوءِ اها قضا چئي ويندي ۽ جيڪڏهن فرض نہ هو تہ پوءِ تهجد جي فضيلت ڪي بيان ڪرڻ جي لاءِ قضا ڪندا هئا. مسلم شريف ۾ حضرت عمر رضي الله عنه جي روايت سان هي ارشاد آيل آهي تہ جيڪو شخص پنهنجو ورد ۽ معمول رات جو پورو ڪري نہ سگهي ان کي گهرجي تہ صبح کان پوءِ ٻن پهرن (منجهند) تائين ڪنهن وقت پورو ڪري ڇڏي اهو اهڙو ئي آهي جڻ رات جو پڙهي ڇڏيائين. هن کان ئي سلوڪ جي مشائخ جو هي معمول ورتل آهي تہ ذڪر وغيره جيڪڏهن رات جو پورو ٿي نہ سگهي تہ صبح جي وقت اهو پورو ڪري تہ نفس ان جو عادي ٿي ويندو. (خصائل نبوي ص 221) هن روايت ۾ تهجد جي ٻارهن رڪعتن قضا ڪرڻ جو ذڪر آهي. جڏهن تہ وتر عشاء جي فرض سان ئي گڏ پڙهي ڇڏيو هونداڻون تہ ان جي ڪري ڏينهن جو صرف تهجد قضا

ڪيو هوندائون.

فائدو: هن حديث ۾ اهو بہ دليل آهي تہ رات جي نماز، تهجد ٻارهن رڪعتون آهي جيئن اهو امام ابو حنيفہ رحمۃ اللہ علیہ جو مختار قول آهي. (انوار غوثيہ ص 354)

نفل قضا ڪرڻ: هن روايت ۾ نفل جي قضا ڪرڻ جو دليل آهي بلڪ مستحب آهي تہ نفل قضا ڪيو وڃي تانت نفس ڇڏڻ جو عادي نہ بنجي ۽ جڏهن نفل جو قضا ڪرڻ ثابت آهي تہ وتر جو قضا ڪرڻ تہ بطريق اوليٰ ثابت آهي پر ڪنهن بہ صحيح سند سان ثابت ناهي تہ رسول الله ﷺ کان وتر قضا ٿي ويو هو. حديثن مان اهو ثابت آهي تہ رسول الله ﷺ جن وتر پڙهندا هئا. ڪڏهن رات جي پهرئين حصي ۾ تہ ڪڏهن وچين حصي ۾ تہ ڪڏهن پوئين حصي ۾. (جمع الوسائل ج 2 ص 70)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب الصلواة باب 317 في صلواة الليل رقم الحديث 1342 ج 2 ص 40، 41 بطول {2} النسائي في كتاب قيام الليل و تطوع النهار باب 2 قيام الليل ج 3 ص 199 {3} ابن ماجه في كتاب اقامة الصلواة والسنه رقم الحديث 123 ماجاء في الوتر بثلاث و خمس وسبع و تسع رقم الحديث 1191 {4} احمد في المسند ج 6 ص 53، 54.

{268} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ الْعَلَاءِ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو أُسَامَةَ، عَنْ هِشَامٍ يَعْنِي ابْنَ حَسَّانَ، عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ سِيرِينَ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ، عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ: إِذَا قَامَ أَحَدُكُمْ مِنَ اللَّيْلِ فَلْيَفْتَتِحْ صَلَاتَهُ بِرَكْعَتَيْنِ خَفِيفَتَيْنِ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو هريره رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو : جڏهن اوهان مان ڪو رات جو سجاڳ ٿئي تہ، ٻن هلڪين رڪعتن پڙهڻ سان پنهنجي نماز شروع ڪري.

مفردات جو شرح: "إِذَا قَامَ" جنهن مهل بہ اٿي. "فَلْيَفْتَتِحْ" پوءِ مناسب آهي تہ شروعات ڪري.

سمجهاڻي: هن ارشاد مبارڪ مان معلوم ٿيو تہ تهجد جي نماز پڙهندڙ وضوء کان پوءِ اول ٻہ رڪعتون تحية الوضو پڙهي. ان ۾ قراءت مختصر ڪري ۽ تهجد جا نفل پوءِ پڙهي. تهجد جي نماز ۾ قراءت وڏ ۾ وڏ ڪري، رڪوع ۽ سجدي ۾ انتهائي عاجزي ۽ انڪساري ڪري.

فائدو: علامہ هيتمي رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهي تہ هن مان ثابت ٿيو تہ اهي ٻہ رڪعتون پڙهڻ مستحب آهن ۽ اهي وتر جي نماز جو مقدمو آهن. جنهن ۾ انتهائي سجاڳيءَ ۽ همت سان شروع ٿيڻو آهي. جيئن ٻين فرضن کان اڳ ۾ سنتون هونديون آهن. تيئن هتي ٻہ رڪعتون تحية الوضو بہ آهي. (اشرف الوسائل ص 380) علامہ علي القاري رحمۃ اللہ علیہ لکيو آهي تہ "ان ۾ حڪمت اها آهي تہ نفس تي امر آسان رهي ۽ خوشيءَ سان ٿورو ٿورو عبادت ۾ اڳتي وڌندو اچي. ان طرح سان نفس عبادت جو عادي ٿي ويندو ۽ ان کي "على الوجه الاكمل" ڪندو رهندو ۽ هن مان اهو اشارو بہ مليو آهي تہ صرف ٻن رڪعتن تي اڪتفا نہ ڪري بہ رڪعتون تحية الوضو پڙهي پوءِ تهجد جا نفل پڙهي، ها جيڪڏهن ڪا ضرورت يا مجبوري آهي تہ پوءِ بہ رڪعتون بہ غنيمت آهن اهي ئي پڙهي ڇڏي. (جمع الوسائل ج 2 ص 72)

هڪ عجيب ڳالهہ: حافظ ابن حجر رحمۃ اللہ علیہ بخاري شريف جي شرح ۾ هڪ عجيب ڳالهہ لکي آهي. ان لکيو آهي تہ "حديث ۾ آيو آهي تہ جڏهن انسان سمهي ٿو تہ شيطان ان جي وارن ۾ جادوگرن وانگر ٽي ڳنڍيون ڏيندو آهي جن ۾ اهو اثر هوندو آهي تہ اجان رات گهڻي آهي تون سمهي رهہ ۽ جڏهن انسان

اٿي الله ﷻ جو پاڪ نالو وٺي ٿو يعني ڪا دعا وغيره پڙهي ٿو تہ "هڪ ڳنڍ کلي پوندي آهي ۽ جڏهن وضو ڪري ٿو تہ ٻي ڳنڍ کلي ٿي ۽ جڏهن نماز پڙهي ٿو تہ ٽين ڳنڍ کلي ٿي. ۽ جڏهن تہ ٽين ڳنڍ نماز پڙهڻ سان کلي ٿي تہ ان جي ڪري ٻن رڪعتن تحية الوضوء جو حڪم آيو تہ اها ڳنڍ ٻہ کلي پوءِ باقي نماز شيطان جي هر قسم جي اثر کان محفوظ رهي. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ رسول الله ﷺ جن تہ شيطان جي هر قسم جي اثر کان محفوظ ۽ معصوم آهن پر اهو سندن معمول امت جي تعليم جي لاءِ هو تانت اهي انهن امرن جي رعايت ڪرڻ سان شيطان ۽ ان جي اثر کان محفوظ رهن ان جي ڪري پاڻ گهڻا وقت مختصر ٻہ رڪعتون پڙهندا هئا. (خصائل نبوي ص 222)

هي حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب صلواة المسافرين و قصرها باب 26 الدعاء في صلواة الليل و قيامه رقم الحديث 768 ج 1 ص 532. {2} البيهقي في سننه ج 3 ص 6 {3} البغوي في شرح السنه رقم الحديث 907 ج 4 ص 17 {4} الحميدي في مسنده رقم الحديث 985 ج 2 ص 434 {5} ابن حبان في صحيحه رقم الحديث 2606 ج 6 ص 340 {6} احمد في المسند ج 2 ص 232.

{269} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ، عَنْ مَالِكِ بْنِ أَنَسٍ، ح وَحَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مُوسَى قَالَ: حَدَّثَنَا مَعْنٌ قَالَ: حَدَّثَنَا مَالِكٌ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ أَبِي بَكْرٍ، عَنْ أَبِيهِ، أَنَّ عَبْدَ اللهِ بْنَ قَيْسِ بْنِ مَخْرَمَةَ، أَخْبَرَهُ عَنْ زَيْدِ بْنِ خَالِدٍ الْجُهَنِيِّ، أَنَّهُ قَالَ: لَأَرْمُقَنَّ صَلَاةَ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، فَتَوَسَّدْتُ عَتَبَتَهُ، أَوْ فُسْطَاطَهُ فَصَلَّى رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ رَكْعَتَيْنِ خَفِيفَتَيْنِ، ثُمَّ صَلَّى رَكْعَتَيْنِ طَوِيلَتَيْنِ، طَوِيلَتَيْنِ، طَوِيلَتَيْنِ، ثُمَّ صَلَّى رَكْعَتَيْنِ وَهُمَا دُونَ اللَّتَيْنِ قَبْلَهُمَا، ثُمَّ صَلَّى رَكْعَتَيْنِ وَهُمَا دُونَ اللَّتَيْنِ قَبْلَهُمَا، ثُمَّ صَلَّى رَكْعَتَيْنِ وَهُمَا دُونَ اللَّتَيْنِ قَبْلَهُمَا، ثُمَّ صَلَّى رَكْعَتَيْنِ وَهُمَا دُونَ اللَّتَيْنِ قَبْلَهُمَا، ثُمَّ أَوْتَرَ فَذَلِكَ ثَلَاثَ عَشْرَةَ رَكْعَةً

بامحاوره ترجمو: حضرت زيد بن خالد جهني ﷺ کان روايت آهي ان چيو تہ مون دل ۾ ارادو ڪيو تہ اڄ رسول الله ﷺ جي (تهجد) نماز غور سان جاچي ڏسندس. پوءِ پاڻ ڪريمن ﷺ جي در جي چائنٺ يا تنبو جي در تي مٿو رکي ليٽي پيس. مون ڏٺو تہ پاڻ سڳورن ﷺ اٿي پهريان ٻہ رڪعتون هلڪيون پڙهيون. پوءِ ٻہ رڪعتون تمام ڊگهيون پڙهيون. پوءِ چار دفعا ٻہ ٻہ رڪعتون پڙهيون. هر پويون ٻہ رڪعتون پهرين ٻن رڪعتن جي ڀيٽ ۾ مختصر هيون. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ وتر نماز پڙهي تہ اهي تيرهن رڪعتون ٿيون.

مفردات جو شرح: "لَأَرْمُقَنَّ" البت ضرور انتظار ڪندس. "فَتَوَسَّدْتُ" پوءِ مون وهاڻو بنايو "عَتَبَتَهُ" سندن چائنٺ. "فُسْطَاطَهُ" سندن تنبو.

سمجهاڻي: حضرت زيد بن خالد ﷺ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي رات واري عبادت ڏسڻ جي لاءِ اهو رستو اختيار ڪيو جو سندن تنبو جي چائنٺ کي وهاڻو بنائي سمهي رهيو ۽ ظاهر هي آهي تہ اهو سفر جي حالت ۾ هو جو سرڪار دو عالم ﷺ جن سان گڏ سندن ازواج مطهرات نہ هيون. حضرت زيد بن خالد سندن رات واري نماز کي جنهن انداز سان بيان ڪيو آهي ان ۾ پهريان ٻہ رڪعتون ٿوري قراءت واريون پوءِ ڊگهي قراءت واريون ۽ وري انهن کان گهٽ قراءت واريون پوءِ وري انهن کان ٻہ گهٽ قراءت واريون وري انهن کان ٻہ گهٽ وري انهن کان ٻہ گهٽ قراءت سان پڙهيائون. آخر ۾ وتر پڙهيائون

جملي 13 رڪعتون ٿيون.

وتر جي ٽن رڪعتن جو ثبوت: شارحن لکيو آهي تہ هيءَ حديث شريف هڪ رڪعت وتر پڙهندڙن جي لاءِ تڏهن دليل ٿي سگهي ٿي جڏهن پهريون ٻہ هلڪيون رڪعتون تحية الوضوءِ جي عيوض تهجد ۾ شمار ڪجن نہ تہ ڏهہ رڪعتون تهجد ۽ ٽي رڪعتون وتر معلوم ٿين ٿيون. جيئن هن روايت جي جملہ (پوءِ انهن کان مختصر ٻيون ٻہ رڪعتون پڙهيائون) کي چئن دفعن جي عيوض ٻئي راويءَ ٽي ڀيرا روايت ڪيو آهي پوءِ انهيءَ صورت ۾ پهرين ٻن هلڪين رڪعتن سان گڏ ٽن رڪعتن وتر هجڻ کان سواءِ تيرهن رڪعتون ڪين ٿينديون. مطلب تہ ٽي رڪعتون وتر ٻنهي صورتن ۾ ثابت ٿئي ٿو. (فضائل النبي ﷺ ص 106) هن حديث ۾ راويءَ جو شڪ ڏيکارڻ تہ حضرت خالد جهني ﷺ گهر جي چائنٺ چئي يا تنبوءَ جي چائنٺ چئي ان مان محدثن جو احتياط معلوم ٿئي ٿو تہ ڪيتريقدر احتياط ڪندا هئا تہ جنهن لفظ ۾ انهن کي ذرو بہ شڪ ٿيندو هو تہ ان کي ظاهر ڪندا هئا, پر ظاهر آهي تہ اها تنبوءَ جي چائنٺ هئي. ۽ واقعو سفر جو آهي ڇوتہ مدينہ منوره ۾ حضرت نبي ڪريم ﷺ جو معمول پنهنجي ازواج مطهرات سان گڏ آرام ڪرڻ جو هوندو هو ۽ اتي حضرت خالد جُهني ﷺ کي ڏسڻ جو موقعو نہ ملي ها. ان جي ڪري اڪثر علماء هن کي سفر جو واقعو قرار ڏنو آهي.

(خصائل نبوي ص 223 جمع الوسائل ج 2 ص 73)

مسئلو: علامہ هيمتمي مڪي ﷺ لکيو آهي تہ: فرض جي پهرين رڪعت ۾ ٻي رڪعت کان قراءت ڊگهي ڪرڻ سنت آهي (اشرف الوسائل ص 382)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب صلواة المسافرين وقصرها باب 26 الدعاء في صلواة الليل وقيامہ رقم الحديث 765 ج 1 ص 531, 532 {2} ابو داؤد في كتاب الصلواة باب 317 في صلواة الليل رقم الحديث 1366 ج 2 ص 47 {3} النسائي في كتاب قيام الليل باب 26 صفة صلواة الليل رقم الحديث 1336 ج 1 ص 421 {4} ابن ماجه في كتاب اقامة الصلواة والسنة فيها باب 181 رقم الحديث 1362 {5} احمد في المسند ج 5 ص 193.

{270} حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مُوسٰى قَالَ: حَدَّثَنَا مَعْنٌ قَالَ: حَدَّثَنَا مَالِكٌ، عَنْ سَعِيدِ بْنِ أَبِي سَعِيدِ الْمَقْبُرِيِّ، عَنْ أَبِي سَلَمَةَ بْنِ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ، أَنَّهُ أَخْبَرَهُ أَنَّهُ سَأَلَ عَائِشَةَ، كَيْفَ كَانَتْ صَلَاةُ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي رَمَضَانَ؟ فَقَالَتْ: مَا كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لِيَزِيدَ فِي رَمَضَانَ وَلَا فِي غَيْرِهِ عَلَى إِحْدَى عَشْرَةَ رَكْعَةً، يُصَلِّي أَرْبَعًا لَا تَسْأَلْ عَنْ حُسْنِهِنَّ وَطُولِهِنَّ، ثُمَّ يُصَلِّي أَرْبَعًا لَا تَسْأَلْ عَنْ حُسْنِهِنَّ وَطُولِهِنَّ، ثُمَّ يُصَلِّي ثَلَاثًا، قَالَتْ عَائِشَةُ قُلْتُ: يَا رَسُولَ اللهِ، أَتَنَامُ قَبْلَ أَنْ تُوتِرَ؟ فَقَالَ: يَا عَائِشَةُ، إِنَّ عَيْنَيَّ تَنَامَانِ وَلَا يَنَامُ قَلْبِي.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو سلمه بن عبدالرحمان ﷺ کان روايت آهي ان حضرت سيده عائشہ صديقہ ﷺ کان پڇيو تہ رسول الله ﷺ جن رمضان شريف ۾ (تهجد) نماز ڪيتري ۽ ڪيئن پڙهندا هئا؟ مؤمنن جي ماءُ (حضرت) عائشہ ﷺ ٻڌايو تہ رسول الله ﷺ جن رمضان شريف جي مهيني ۾ يا ٻئي ڪنهن مهيني يا وقت ۾ يارهن رڪعتن کان وڌيڪ ڪونہ پڙهندا هئا. پهريان چار رڪعتون پڙهندا هئا. انهن جي سهڻائي ۽ ڊيگهہ جو نہ پڇ. پوءِ وري چار رڪعتون پڙهندا هئا تہ انهن جو حسن بہ نہ پڇ

پوءِ ٽي رڪعتون (وتر) پڙهندا هئا. حضرت عائشه ﷞ چيو تہ مون پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ اي الله ﷻ جا رسول ﷺ! اوهان وتر کان پهريان ننڊ ڪندا آهيو؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: "اي عائشہ! بيشڪ منهنجون اکيون ننڊ ڪنديون آهن ۽ منهنجي دل ننڊ نہ ڪندي آهي.

مفردات جو شرح: "كَيْفَ كَانَ" ڪهڙي طرح هئي. ڪيفيت جي متعلق سوال. "لِيَزِيدَ" تانت وڌائي، زياده ڪري. "إِحْدَى عَشْرَةَ" يارهن. "طُولِهِنَّ" انهن جي ڊيگهہ جي باري ۾. "عَيْنَيَّ" عينين عين جو تثنيو يا متڪلم ڏانهن مضاف آهي. منهن جون ٻہ اکيون.

سمجهاڻي: مومنن جي ماءُ، سيده عائشہ صديقہ ﷞ کان پڇيو ويو تہ رمضان شريف ۾ رسول الله ﷺ جن جي نماز جي ڪيفيت ڪهڙي هئي. سيد امير شاهہ گيلاني ﷫ لکيو آهي تہ "اسلام جي ابتداء ۾ اهو خيال ڪيو ٿي ويو تہ شايد حضرت رسول اڪرم ﷺ جن رمضان ۾ جدا ڪا خاص عبادت ڪندا هئا. ان جي ڪري ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ ﷞ کان اهو سوال ڪيو ويو ۽ سيده ٻڌايو تہ پاڻ رمضان وغيره ۾ يارهن رڪعتون پڙهندا هئا چار اهڙيون گهٽي قراءت سان ناهي ناهي پڙهندا هئا جو انهن جي حُسن ۽ ڊگهي هجڻ جي باري ۾ نہ پڇ تہ ڪيتريون عمده طريقي سان پڙهيون وينديون هيون. يعني نهايت اطمينان، وقار، عظمت، هيناهين، عاجزي ۽ نماز جي ارڪان ۾ تعديل سان تمام عمدگي ۽ خوبصورتي سان پڙهندا هئا ۽ انهن ۾ قراءت بہ ڊگهي ڪندا هئا. ام المؤمنين جو هي جواب ڪيترو نہ پيارو آهي تہ مان حضرت نبي ڪريم ﷺ جي نماز جي ادائيگي جي سونهن ڪي بيان ڪري نہ ٿي سگهان. علامہ ابن حجر مڪي هيتمي ﷫ لکيو تہ: ڀيو ڪو شخص جيڪڏهن پنجاهہ رڪعت نماز ادا ڪري تہ تڏهن بہ انهن جي طوالت حبيب ڪريم ﷺ جي انهن اٺن رڪعتن جي برابر ٿي نہ ٿي سگهي جيڪي پاڻ پڙهيائون. ام المؤمنين فرمايو تہ پوءِ ٽي رڪعتون (وتر) پڙهندا هئا. يعني هڪ سلام سان. اسان حنفين وٽ وتر جون ٽي رڪعتون هڪ ئي سلام سان واجب آهن. پاڻ رات جو پهريون اڌ آرام ڪندا هئا پوءِ اٿي تهجد پڙهندا هئا ۽ پوءِ وتر پڙهندا هئا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جن ام المؤمنين کي ارشاد فرمايو تہ "بلاشڪ منهنجون اکيون ننڊ ڪنديون آهن منهنجي دل ننڊ نہ ڪندي آهي" يعني مان ظاهري طرح ستل هوندو آهيان پر حقيقت ۾ سجاڳ هوندو آهيان تنهنڪري مون کي وتر پڙهڻ جو ڪو خطرو نہ هوندو آهي.

مسئلو: فقهاء ڪرام لکيو آهي تہ "جنهن شخص کي اهو اعتبار هجي تہ ان کي سجاڳي ٿيندي ۽ ان کان وتر رهجي نہ ويندو تہ ان جي لاءِ مستحب آهي تہ وتر تهجد کان پوءِ پڙهي

انبياء عظام عليهم الصلوٰة والسلام **جي ننڊ وضو نہ ٽٽندي آهي:** اهو انبياء ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام جو خاصہ آهي جو انهن جون اکيون ستل هونديون آهن انهن جون دليون سجاڳ هونديون آهن. علامہ مصلح الدين محمد صلاح بن جلال اللاري ﷫ لکيو آهي تہ اها ڳالهہ انبياء ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام جو خاصو ان جي ڪري آهي جو انهن جون دليون زندهہ ۽ الله ﷻ جي جلال ۽ ڪبرياء جي مشاهدي ۾ مستغرق هونديون آهن. (انوار غوثيہ ص 357، 358)

حضرت نبي ڪريم ﷺ جو تراويح مسلسل نہ پڙهائڻ جو سبب: علامہ علي القاري ﷫ لکيو آهي تہ هن روايت ۾ رمضان شريف مهيني جي تهجد نماز ۽ وتر جي متعلق سوال هو. اهو ان جي خلاف ناهي

جيڪو صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ آيو آهي ته : رسول الله ﷺ جن رات جو نڪتا پوءِ مسجد ۾ نماز پڙهيائون ۽ هڪ مرد به ساڻن گڏ نماز پڙهي ۽ اها ڳالهه ماڻهن کي جو معلوم ٿي ته ٻيءَ رات گهڻا گڏ ٿي ويا پاڻ ٻي رات ۾ نڪتا ۽ انهن کي نماز پڙهايائون. اها ڳالهه جڏهن وڌيڪ مشهور ٿي ته ماڻهو اچان وڌيا پاڻ ٽي رات به آيا ۽ انهن کي نماز پڙهايائون پوءِ جڏهن چوٿين رات ٿي ته ماڻهو مسجد کان وڌي ويا ۽ پاڻ ٻاهر ڪونه آيا. انهن مان ڪجهه ماڻهو ويٺا رهيا تانجو فجر جي نماز تي پاڻ ٻاهر آيا ۽ جڏهن نماز کان فارغ ٿيا ته صحابن کي سامهون ٿي فرمايائون ته : مون کان اوهان جي رات واري حالت لڪل نه رهي پر مون کي اهو خوف ٿيو ته : جيڪڏهن مان اجان به اوهان کي نماز پڙهايان ها ته اوهان تي فرض ٿي وڃي ها ۽ اوهان عاجز ٿي پئو ها.“ (هي نماز تراويح واري نماز هئي جيڪا سنت رهي) ۽ هن ۾ اسان حنفين جو دليل آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن جي ڪنهن ڪم تي هميشگي ڪرڻ ان جي فرضيت جو دليل آهي ۽ بعض جو قول آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن ڏانهن وحي ڪيو ويو ته جيڪڏهن مواظبت ڪندؤ ته اهي (تراويح) فرض ٿي وينديون پوءِ پاڻ هلڪائي ڪرڻ کي پسند ڪيائون ۽ هن جي تائيد ان روايت سان ٿي رهي آهي ته ”مون کي ڊپ ٿيو ته اوهان تي اهي فرض نه ٿي وڃن ۽ جيڪڏهن فرض ٿي وڃن ها ته اوهان قائم ڪري نه سگهو ها پوءِ اي انسانو! اهي پنهنجي گهرن ۾ پڙهو.“ علامه موصوف فرمايو ته : مان چوان ٿو ته هن اثر کي وجوب تي حمل ڪرڻ کان ڦيرائيندڙ ان جو گهرن سان خاص ڪرڻ آهي. ڇوته فرائض جي بنا ڪليل اعلان تي آهي جيئن نوافل جي بنا مخفي ڪرڻ تي آهي ان جي ڪري چيو ويو آهي ته گهر ۾ نفل پڙهڻ ڪعبه ۾ اندر پڙهڻ کان به افضل آهن ۽ هڪ روايت ۾ آهي ته مون کي ڊپ ٿيو ته اوهان تي رمضان جو قيام فرض نه ٿي وڃي.“ ۽ هن روايت ۾ آهي ته ”پاڻ چار رڪعتون ڊگهيون پڙهندا هئا.“ ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته : گهڻو وقت بيهي قراءت ڪرڻ گهڻن سجدن ۽ رڪوعن کان افضل آهي ۽ بعض علماء فرمايو ته ”رات جو قيام ڊگهو ڪرڻ افضل آهي ۽ ڏينهن جو رڪوع ۽ سجدا گهڻا ڪرڻ افضل آهن. ۽ روايت جي لفظن ”ان کان چار رڪعتون اهڙيون پڙهندا هئا جو انهن جي سونهن ۽ ڊيگهه جو نه پڇ“ مان واضح ٿيو ته اهي چار ٽي رڪعتون هڪ سلام سان پڙهندا هئا ۽ حضرت امام ابو حنيفه رحمه الله وٽ رات جو توڙي ڏينهن جو اهو افضل آهي ۽ صاحبين وٽ رات جو ٻه رڪعتون ڪري پڙهڻ افضل آهي ان جي ڪري سالڪ جي لاءِ افضل آهي ته ٻنهي مذهبن ۽ روايتن تي عمل ڪندي ڪڏهن چار ته ڪڏهن ٻه ٻه ڪري پڙهي. ام المؤمنين جو عرض ته ”ڇا اوهان وتر پڙهڻ کان پهريان ننڊ ڪيو ٿا؟ ان جي ڪري هو جو ننڊ مان متان سجاڳي نه ٿئي ۽ وتر قضا ٿي وڃي ته پاڻ ان کي جواب ۾ ارشاد فرمايائون ”منهنجون اکيون ننڊ ڪنديون آهن منهنجي دل ننڊ نه ڪندي آهي.“

مسئلو: ننڊ مان سجاڳ ٿيڻ تي اعتماد ڪندڙ جي لاءِ بهتر آهي ته وتر رات جي پوئين حصي ۾ پڙهي. رسول الله ﷺ جو فرمان آهي ته ”اِجْعَلُوا آخِرَ صَلٰوتِكُمْ مِّنَ اللَّيْلِ وِتْرًا“ پنهنجي رات جي آخري نماز وتر ڪندا ڪيو.“ (جمع الوسائل ج 2 ص 74) ۽ جڏهن تهجد ۽ وتر پڙهڻ کان فارغ ٿيندا هئا ته سجي پاسي تي ليٽي آرام ڪندا هئا ۽ پوءِ فجر جي نماز جي لاءِ ڪين مؤذن اٿارڻ ايندو هو. (المواهب ص 472) محدث ڪانڌلوي لکيو آهي ته هن حديث ۾ ڪجهه ضروري بحث آهن جن مان به هتي ذڪر ڪجن ٿا (1) ام

المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها هن روايت ۾ رمضان ۽ غير رمضان ۾ تهجد جي يارهن رڪعتن کان وڌيڪ رڪعتن جي نفي ڪئي آهي حالانڪ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ,زيد بن خالد رضي الله عنه وغيره حضرات صحابہ رضي الله عنهم جي روايات مان تيرهن رڪعتون ثابت آهن بلڪ بعض روايات ۾ تيرهن کان زياده ثابت آهن. جيئن ابو داؤد ۾ خود ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها عبدالله بن قيس جي سوال جي جواب ۾ رات جي نماز جون رڪعتون چار ۽ ٽي، ڇهہ ۽ ٽي، اٺ ۽ ٽي ، ڏهہ ۽ ٽي ٻڌايون آهن. جيڪي تيرهن ٿين ٿيون تانجو ام المؤمنين کان پاڻ کان بہ تيرهن رڪعتون روايت ڪيل آهن. ابو داؤد ۾ ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن ستن رڪعتن کان گهٽ ۽ تيرهن رڪعتن کان وڌيڪ نہ پڙهندا هئا. ۽ امام مالڪ رحمه الله جي موطا جي روايت آهي تہ ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمايو "رسول الله ﷺ جن رات جو تيرهن رڪعتون پڙهندا هئا ۽ صبح جي بانگ ٻڌي بہ رڪعتون ٿوري قراءت سان پڙهندا هئا. بعض علماء هن اختلاف کي ڏسي فرمايو تہ ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها جون تهجد جي نماز لاءِ رڪعتن جي باري ۾ روايتون مضطرب يعني ضعيف آهن. پر ائين چوڻ جي ضرورت ناهي ان ۾ کهڙو مشڪل آهي جو اڪثر اوقات ۾ غالب معمول يارهن رڪعتون هجن ۽ ڪڏهن ڪڏهن گهٽ يا وڌيڪ هجن جيئن روايتن مان بہ ائين معلوم ٿي رهيو آهي. (2) ٻيو بحث هي آهي تہ بعض ماڻهو هن حديث مان مسئلو ڪڍن ٿا تہ تراويح اٺ رڪعتون آهن. حالانڪ هن روايت مان تہ صرف تهجد جون اٺ رڪعتون هجڻ بہ معلوم نہ ٿو ٿئي. جيئن پهريان بيان ٿي چڪو آهي. هن حديث کي تراويح سان ڪو تعلق ناهي. صلواة الليل جي معنيٰ رات جي نماز آهي پر ان مان مراد قرينہ سان تهجد کان سواءِ ناهي ڇوتہ ان سان جيڪڏهن رات جي هر نماز ورتي وڃي تہ تراويح سان گڏ مغرب ۽ عشاء جي فرض سان گڏ انهن جون سنتون بہ خارج ٿي وينديون جن کي ڪير بہ ڪڍي نہ ٿو سگهي الغرض تہ هن حديث ۾ صرف تهجد جو ذڪر آهي ۽ اهو ئي پڇڻ ۾ مقصود هو ۽ ان جو ئي حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها جواب مرحمت فرمايو هو ۽ بظاهر پڇڻ جي ضرورت ان جي ڪري پيش آئي هئي تہ حضرت رسول الله ﷺ جن جي رمضان شريف ۾ عبادت زياده هئي. جيئن متعدد روايات ۾ آيو آهي ان جي ڪري ابو سلمہ کي خيال ٿيو تہ شايد تهجد جي رڪعتن جي عدد ۾ بہ ڪجهہ اضافو ڪندا هجن ان جي ڪري ان پڇيو ۽ ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها ان جي نفي ڪئي ورنہ تہ ام المؤمنين جو بہ اهو مقصد نہ هو تہ تراويح تہ درڪنار تهجد جي رڪعتن ۾ بہ يارهن رڪعتن کان وڌيڪ اضافو نہ ڪندا هئا ان جي ڪري جو تيرهن رڪعتن تائين تہ پاڻ ام المؤمنين کان ثابت آهن. مختصر امر هي آهي تہ "احاديث ۾ تهجد کي صلواة الليل (رات جي نماز) سان تعبير ڪيو ويو آهي . هي ٻئي نمازون جد اجدا آهن

قيام رمضان مان مراد تراويح آهن: متعدد علماء ان تي اجماع نقل ڪيو آهي تہ : قيام رمضان مان مراد تراويح آهي. حضرت رسول الله ﷺ جن کي قيام رمضان جو گهڻو اهتمام هوندو هو متعدد حديثن ۾ قولاً ۽ فعلاً ان جي اهميت وارد آهي حضرت رسول الله ﷺ جن جو ارشاد آهي. "جيڪو شخص ايمان ۽ ثواب جي اميد سان رمضان جو قيام ڪندو ان جيڪي گناهہ ڪيا هوندا معاف ڪيا

ويندا." (علماء وٽ انهن گناهن مان صغيره گناه مراد آهن) حضرت ابو هريره رضي الله عنه فرمايو ته: حضور كريم ﷺ جن تراويح جو وجوبي حكم ته نه فرمائيندا هئا البت رغبت گهڻي ڏياريندا هئا. پاڻ ٻه ڪڏهن ڪڏهن اهي وڏي جماعت سان پڙهائيندا هئا ۽ انهن تي هميشگي نه ڪرڻ جو سبب هي بيان ڪندا هئا ته "مون کي انهن جي فرض ٿيڻ جو انديشو آهي" ۽ سندن هميشگي ڪرڻ سان فرض، هجڻ جا ڪيترا سبب محتمل هئا. البت صحابه ڪرام رضي الله عنهم متفرق طور تي ڪجهه اڪيلا ڪجهه جماعت سان پڙهندا هئا جيڪي تقريبًا اڌ رات تائين پڙهندا هئا ۽ ڪڏهن ان کان به زياده حضرت امير المؤمنين عمر رضي الله عنه پنهنجي خلافت جي زماني ۾ ان متفرق جماعتن ۾ جدا پڙهندڙن کي هڪ امام جي پويان پڙهڻ جو حڪم صادر فرمايو تانته انتشار نه رهي. سائب جو قول آهي ته امام هر رڪعت ۾ تقريبن سؤ سؤ آيتن واريون سورتون پڙهندا هئا اسين ٽڪجي پوڻ جي ڪري ڪنهن شيءِ تي ٽيڪ ڏئي بيهندا هئاسون ۽ سحري جي قريب فارغ ٿيندا هئاسون. گهڻن عالمن لکيو آهي ته:

تراويح سنت ۽ ويهه رڪعتون آهن: تراويح جي سنت هجڻ تي اهل السنة والجماعت جو اجماع آهي ۽ اهل قبله مان شيعن کان سواءِ ڪوبه فرقو ان جو انڪار نه ٿو ڪري. چئن، فقه جي امامن، امام اعظم، امام مالڪ، امام شافعي، امام احمد بن حنبل عليهم الرحمة والرضوان سيني حضرات جي فقه جي ڪتابن ۾ ان جي تصريح آهي ته تراويح جون ويهه رڪعتون سنت آهن. البت امام مالڪ جي مشهور قول ۾ ڇٽيهه رڪعتون آهن. حنبلي فقه جي مشهور ڪتاب "المغني" ۾ لکيل آهي ته امام احمد رحمه الله وٽ ترجيح وارو قول ويهه رڪعتون آهن ۽ اهو ئي سفيان ثوري رحمه الله، امام ابو حنيفه رحمه الله ۽ امام شافعي رحمه الله جو قول آهي البت امام مالڪ وٽ بادشاه جو قاصد آيو ته تراويح جي رڪعتن ۾ تخفيف جي اجازت ڏني وڃي. ان انڪار ڪري ڇڏيو. امام مالڪ رحمه الله جا شاگرد چون ٿا ته: مدينه منوره ۾ اٺيتاليهه رڪعتون پڙهيون وينديون هيون. يعني تراويح جون ويهه رڪعتون پڙهيون وينديون هيون. پر جڏهن حڪم آهي ته وچ ۾ ايترو وقفو ڏيو جيترو نماز پڙهڻ ۾ لڳي ٿو ان جي ڪري اهي حضرات وچ ۾ وري چار رڪعتون نفل پڙهي وٺندا هئا. ان جي ڪري وچ ۾ هي سورهن رڪعتون وڌي ويون ۽ ٽوٽل ڇٽيهه لکيون ويون. بهرحال اهو مالڪين جو مذهب آهي باقي ٽن فقه جي امامن وٽ راجح قول مطابق تراويح ويهه رڪعتون آهن. (خصائل نبوي ص 224، 226)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب التهجد باب 16 قيام النبي ﷺ بالليل في رمضان وغيره حديث رقم 1137 ج 3 ص 33 {2} مسلم في كتاب صلواة المسافرين وقصرها باب 17 صلواة الليل وعدد ركعات النبي ﷺ في الليل رقم الحديث 738 ج 1 ص 509 {3} ابو داؤد في كتاب الصلواة باب 317 في صلواة الليل رقم الحديث 1341 ج 2 ص 40 {4} احمد في المسند ج 6 ص 36 {5} مالك في الموطا كتاب صلواة الليل باب 2 صلواة النبي ﷺ في الوتر رقم الحديث 9 ج 1 ص 120.

{271} حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مُوسٰى قَالَ: حَدَّثَنَا مَعْنٌ قَالَ: حَدَّثَنَا مَالِكٌ، عَنِ ابْنِ شِهَابٍ، عَنْ عُرْوَةَ، عَنْ عَائِشَةَ: أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يُصَلِّي مِنَ اللَّيْلِ إِحْدٰى عَشْرَةَ رَكْعَةً يُوتِرُ مِنْهَا بِوَاحِدَةٍ، فَإِذَا فَرَغَ مِنْهَا اضْطَجَعَ عَلٰى شِقِّهِ الْأَيْمَنِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت سيده عائشه صديقه ﷞ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن يارهن رڪعتون نماز پڙهندا هئا انهن مان هڪ رڪعت سان گڏ وتر پڙهندا هئا. (يعني ٻن رڪعتن سان گڏ ٽين رڪعت ملائي اڪي بنائيندا هئا رڳو هڪ رڪعت نہ پڙهندا هئا) پوءِ جڏهن فارغ ٿيندا هئا تہ ساڄي پاسي تي سُمهندا هئا.

مفردات جو شرح: "كَانَ يُصَلِّيْ" پڙهندا هئا. "يُوتِرُ" وتر پڙهندا هئا. "اِضْطَجَعَ" ليٽي پوندا هئا.

سمجهاڻي: ام المؤمنين سيده عائشه صديقه ﷞ فرمايو تہ رسول الله ﷺ جن تهجد جون يارهن رڪعتون پڙهندا هئا. جنهن ۾ وتر جي هڪ رڪعت هوندي هئي." علامہ علي القاري لکيو آهي تہ تهجد جون رڪعتون حالات جي لحاظ سان گهٽ وڌ هونديون هيون ڪڏهن قراءت گهٽي ڪري رڪعتون ٿوريون پڙهندا هئا ڪڏهن طبع جي صحت جي ڪري گهٽيون تہ صحت نہ هجڻ جي ڪري گهٽ پڙهندا هئا يا امر ڪي وسيع رکڻ جي لاءِ گهٽ وڌ پڙهندا هئا تہ جنهن کان جيتريون ٿي سگهن اوتريون پڙهي ۽ هڪ قول آهي تہ هڪ رڪعت وتر پڙهڻ منسوخ آهي. (جمع الوسائل ج 2 ص 74)

وتر جي رڪعتن جي تعداد جو مسئلو: محدث ڪاندلوي لکيو آهي تہ: وتر جي رڪعتن ۾ اختلاف آهي حنفين وٽ ٽي رڪعتون هڪ سلام سان حتمي آهن. بعض مجتهدين امامن وٽ وتر هڪ رڪعت آهي. نبوي حديثون ان باري ۾ مختلف روايت ڪيل آهن جن مان ڪهڙيءَ کي ترجيح ڏجي ان ۾ بہ ائمہ ڪرام جو اختلاف آهي، ان جي ڪري هن مسئلي ۾ اختلاف پيدا ٿيو آهي.

حنفي حضرات جا دلائل: حنفي حضرات پنهنجي مسلڪ لاءِ چند حديثن سان استدلال ڪن ٿا. (1) عبدالله بن قيس جي اها روايت جيڪا ابو داؤد وغيره ذڪر ڪئي آهي ۽ گذريل حديث جي بحث اول ۾ گذري چڪو آهي تہ سيده عائشہ صديقہ ﷞ حضور ڪريم ﷺ جي رات جي نماز چار ۽ ٽي، ڇهہ ۽ ٽي. اٺ ۽ ٽي، ڏهہ ۽ ٽي رڪعتون ذڪر فرمايائون آهن. ان تعداد کي ان تڪليف سان بيان ڪرڻ ۽ ٽن رڪعتن کي هر جاءِ گهٽ تعداد کان سواءِ بيان ڪرڻ ان تي صاف دليل آهي تہ ڪا اهڙي نماز آهي جنهن ۾ گهٽ وڌائي نہ ٿيندي هئي اها ٽي رڪعتون ئي رهندي هئي. نہ تہ ام المؤمنين ست، نوَ يارهن ڇوي ها ۽ اهي ٽي رڪعتون وتر جائز ۽ مستحسن آهي ۽ ان کان گهٽ ۾ اختلاف آهي. بعض وٽ هڪ رڪعت بہ جائز آهي ۽ بعض وٽ جائز ئي ناهي ۽ هي ظاهر آهي تہ جنهن ڳالهہ ۾ اتفاق آهي اها اختلافي ڳالهہ کان بهتر ۽ اوليٰ آهي. حضرت حسن بصري جيڪو مشهور محدث وڏو متصوف هو ان فرمايو آهي تہ: مسلمانن جو ان تي اجماع آهي تہ وتر ٽي رڪعتون آهي. حضرت عمر بن عبدالعزيز ﷬ جنهن کي ثاني عمر (فاروق) سڏيو ويندو آهي ان مدينہ منوره جي عالمن کان تحقيق ڪرائڻ کان پوءِ هي حڪم نافذ ڪيو هو تہ وتر ٽي رڪعتون پڙهيون وڃن. حضرت حسن بصري کي ڪنهن عرض ڪيو تہ حضرت عبدالله بن عمر ﷺ وتر جي ٽن رڪعتن ۾ ٻن تي سلام ورائي ٽي رڪعت جدا پڙهي ٿو تہ پاڻ فرمايائون تہ ان جو والد حضرت عمر بن خطاب ﷺ ٽي رڪعتون هڪ سلام سان پڙهندو هو ۽ اهو ابنِ عمر ﷺ کان وڏيڪ عالم هو. (3) حديثن ۾ هڪ رڪعت پڙهڻ جي ممانعت آئي آهي. حضرت عبدالله بن مسعود ﷺ کي ڪنهن چيو تہ: حضرت سعد وتر جي هڪ رڪعت پڙهي ٿو. ان فرمايو تہ هڪ رڪعت نماز ئي نہ هوندي آهي هن کان سواءِ ٻين گهٽڻ ئي طريقن

سان حضرات حنفيہ استدلال فرمايو آهي ۽ حضرات حنفي علماء ان باري ۾ مستقل رسالا بہ لکيا آهن. (خصائل نبوي ص 228)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب اصلواة المسافرين وقصرها باب 17 صلواة الليل وعدد ركعات النبي ﷺ في الليل رقم الحديث 736 ج 1 ص 508 {2} ابو داؤد في كتاب الصلواة باب 317 في صلواة الليل رقم الحديث 1335 ج 2 ص 38 {3} النسائي في سننه الكبريٰ في كتاب الوتر باب 57 كيف الوتر باحدي عشرة رقم الحديث 1418 ج 1 ص 445 {4} احمد في المسند ج 6 ص 35, 182.

{272} حَدَّثَنَا ابْنُ أَبِي عُمَرَقَالَ : حَدَّثَنَا مَعْنٌ ، عَنْ مَالِكٍ ، عَنِ ابْنِ شِهَابٍ ، نَحْوَهُ.

{273} وَحَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ ، عَنْ مَالِكٍ ، عَنِ ابْنِ شِهَابٍ ، نَحْوَهُ

هي ٻئي روايتون ساڳي معنيٰ ۽ مراد واريون آهن صرف هنن کان اڳين روايت کي قوت ڏيڻ جي لاءِ آنديون ويون آهن.

{274} حَدَّثَنَا هَنَّادٌ قَالَ : حَدَّثَنَا أَبُو الأَحْوَصِ ، عَنِ الأَعْمَشِ ، عَنْ إِبْرَاهِيمَ ، عَنِ الأَسْوَدِ ، عَنْ عَائِشَةَ ، قَالَتْ : كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُصَلِّي مِنَ اللَّيْلِ تِسْعَ رَكَعَاتٍ

بامحاوره ترجمو: حضرت سيده عائشه صديقه ﷻ کان (ٻي) روايت آهي، تہ رسول الله ﷺ رات جو (ڪڏهن ڪڏهن) نوَ(9) رکعتون نماز پڙهندا هئا.

مفردات جو شرح: "تِسْعَ رَكَعَاتٍ" نوَ رکعتون. "فَرَغَ" واندا ٿيا.

سمجهاڻي: هن حديث ۾ آهي تہ حبيب ڪريم ﷺ جن رات جو نوَ رکعتون نماز پڙهندا هئا." ڇهہ رکعتون تهجد جون، ۽ ٽي رکعتون وتر جون. هتي ٻي سند هيءَ آندل آهي.

روايت نمبر 272 ۽ 273 جي تخريج انهن ئي محدثن ڪئي آهي جيڪي هنن کان اڳئين حديث جي تخريج ۾ لکيل آهن.

{275} حَدَّثَنَا مَحْمُودُبْنُ غَيْلاَنَ قَالَ : حَدَّثَنَا يَحْيَى بْنُ آدَمَ قَالَ : حَدَّثَنَا سُفْيَانُ الثَّوْرِيُّ ، عَنِ الأَعْمَشِ ، نَحْوَهُ

سمجهاڻي: سيد امير شاهہ قادري گيلاني لکيو آهي تہ "جڏهن ڪنهن حديث جي سند ختم ٿئي ۽ "نحوه" لفظ آندو وڃي تہ ان جو مطلب آهي تہ "روايت جي الفاظ ۾ ٿورو فرق آهي پر معنيٰ قريب آهي ۽ جتي "مثله" آندو وڃي تہ اتي مراد آهي تہ ٻي روايت جا الفاظ بعينہ پهرين روايت وارا آهن.

(انوار غوثيہ ص 359)

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: انهن جو ذڪر اڳئين حديث جي شرح جي آخر ۾ لکي آيا آهيون.

{276} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ الْمُثَنَّى قَالَ : حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ جَعْفَرٍ قَالَ : حَدَّثَنَا شُعْبَةُ ، عَنْ عَمْرِو بْنِ مُرَّةَ ، عَنْ أَبِي

حَمْزَةَ، رَجُلٍ مِنَ الأَنْصَارِ، عَنْ رَجُلٍ مِنْ بَنِي عَبْسٍ، عَنْ حُذَيْفَةَ بْنِ الْيَمَانِ، أَنَّهُ صَلَّى مَعَ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِنَ اللَّيْلِ قَالَ فَلَمَّا دَخَلَ فِي الصَّلَاةِ قَالَ: اللهُ أَكْبَرُ ذُو الْمَلَكُوتِ وَالْجَبَرُوتِ وَالْكِبْرِيَاءِ وَالْعَظَمَةِ قَالَ: ثُمَّ قَرَأَ الْبَقَرَةَ، ثُمَّ رَكَعَ رُكُوعَهُ نَحْوًا مِنْ قِيَامِهِ وَكَانَ يَقُولُ: سُبْحَانَ رَبِّيَ الْعَظِيمِ، سُبْحَانَ رَبِّيَ الْعَظِيمِ ثُمَّ رَفَعَ رَأْسَهُ فَكَانَ قِيَامُهُ نَحْوًا مِنْ رُكُوعِهِ، وَكَانَ يَقُولُ: لِرَبِّيَ الْحَمْدُ، لِرَبِّيَ الْحَمْدُ ثُمَّ سَجَدَ فَكَانَ سُجُودُهُ نَحْوًا مِنْ قِيَامِهِ، وَكَانَ يَقُولُ: سُبْحَانَ رَبِّيَ الأَعْلَى، سُبْحَانَ رَبِّيَ الأَعْلَى ثُمَّ رَفَعَ رَأْسَهُ، فَكَانَ مَا بَيْنَ السَّجْدَتَيْنِ نَحْوًا مِنَ السُّجُودِ، وَكَانَ يَقُولُ: رَبِّ اغْفِرْ لِي، رَبِّ اغْفِرْ لِي حَتَّى قَرَأَ الْبَقَرَةَ وَآلَ عِمْرَانَ وَالنِّسَاءَ وَالْمَائِدَةَ أَوِ الأَنْعَامَ شُعْبَةُ الَّذِي شَكَّ فِي الْمَائِدَةِ وَالأَنْعَامِ. قَالَ أَبُو عِيسَى: وَأَبُو حَمْزَةَ اسْمُهُ: طَلْحَةُ بْنُ زَيْدٍ، وَأَبُو حَمْزَةَ الضُّبَعِيُّ اسْمُهُ: نَصْرُ بْنُ عِمْرَانَ

بامحاوره ترجمو: حضرت حذيفه بن يمان ﷺ کان روايت آهي تہ هڪ رات مون رسول الله ﷺ جن سان گڏ نماز پڙهي. پاڻ سڳورن ﷺ جڏهن نماز شروع ڪئي تہ هي لفظ چيائون:

(**ترجمو:** الله جلاله تمام وڏو آهي جو بادشاهي، حڪومت، وڏائي ۽ عظمت وارو آهي.)

پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ "سورة البقرة" پڙهي، رڪوع ڪيائون ۽ سندن رڪوع بہ قيام يا بيهڻ جيترو هو پاڻ رڪوع ۾ "سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْعَظِيْم" تي پڙهيائون يعني منهنجو پالڻهار پاڪ عظمت وارو آهي. پوءِ پاڻ مٿو مبارڪ مٿي کنيائون ۽ سندن سڌو ٿي بيهڻ رڪوع جيترو هو ۽ اتي "لِرَبِّيَ الْحَمْدُ" تي پڙهيائون يعني منهنجي پالڻهار لاءِ حمد ثنا آهي. پوءِ سجدو ڪيائون. سندن سجدو بہ بيهڻ جيترو ڊگهو هو. سجدي ۾ "سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْاَعْلٰى" تي پڙهيائون. يعني منهنجو پالڻهار پاڪ تمام بلند ۽ مٿانهون آهي. پوءِ مٿو مبارڪ مٿي کنيائون ۽ ٻنهي سجدن جي وچ ۾ سجدن جي مناسب ويٺا ۽ "رَبِّ اغْفِرْلِي" تي پڙهيائون يعني منهنجا پالڻهار مون کي بخش. (ائين چئن رڪعتن ۾) سورة بقره، آل عمران، نساء ۽ مائدة يا انعام سورة پڙهيائون.

حضرت شعبہ (راوي) کي شڪ آهي تہ سورة مائده هئي يا سورة انعام.

مفردات جو شرح: "اَللهُ اَكْبَرُ" يعني الله سڀ کان وڏو آهي يا معنيٰ تہ الله هن ڳالهہ کان وڏو آهي جو ان جي ڪبريائي جي حقيقت تائين پهچي سگهجي. ۽ هن صفت جي پويان ڪجهہ بيان نہ ڪيو ويو آهي تہ ڪنهن کان وڏو. سو ان جي ڪري جو اهو هڪ ئي اڪبريت جي صفت سان موجودات جي حدوث ۽ مخلوقات جي وجود کان پهريان ئي موصوف آهي. "ذُو الْمَلَكُوْتِ" الملكوت. فعلوت جي وزن تي مبالغہ ۽ ڪثرت جي معنيٰ ۾ آهي جيئن رحموت ۽ "رَهبُوت" ۽ جيڪو بعض روايتن ۾ آيو آهي "ذوالملك والملكوت" انهن ۾ فرق هن طرح ڪيو ويو آهي تہ ملڪ مان مراد ظاهري بادشاهي آهي ۽ ملڪوت مان مراد باطني بادشاهي آهي جيئن انهن ٻنهي جي لاءِ "عالمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ" چيو ويندو آهي. "وَالْجَبَرُوْتِ" جبر کان ورتل فعلوت جي وزن تي آهي. ان جي معنيٰ آهي "قهر" غلبو. جيئن الله جلاله جو فرمان آهي "وَهُوَ الْقَاهِرُ فَوْقَ عِبَادِهٖ" ۽ اهو پنهنجن ٻانهن جي مٿان غالب آهي.) پوءِ اهو الله پاڪ آهي جنهن پنهنجي ٻانهن کي موت وغيره سان مغلوب رکيو آهي. "اَلْكِبْرِيَاءِ" رفعت ۽ هر نقص کان منزه ۽ پاڪ هجڻ. "اَلْعَظَمَةِ" وڏائي. هن مان مراد آهي صفات جو جمال "بَيْنَ السَّجْدَتَيْنِ" ٻن سجدن جي وچ ۾.

سمجهاڻي: هن حديث ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جي نماز ۾ تسبيح جي الفاظ ۽ ڊگهي قراءت جو ذڪر آهي. ايتري قدر جو سورة البقره. آل عمران ۽ المائده يا الانعام بہ پڙهيائون. المائده يا الانعام وارو شڪ "

شعبة" راوي کان آهي هن حديث مان معلوم ٿيو تہ نفلي نماز ۾ قراءت جيتري بہ ڊگهي پڙهجي ۽ رکوع ۽ سجده ۾ کلمات مبارڪ زياده پڙهجن تہ افضل آهي ۽ رکوع ۾ "سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْعَظِيْمِ" (۽ سجده ۾ "سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْاَعْلٰى") گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو. ۽ بهتر آهي تہ ٽي ڀيرا ۽ وڌ ۾ وڌ يارهن ڀيرا پڙهي. ۽ مذڪور چار سورتون چئن رڪعتن ۾ پڙهيون هيائون. (انوارِ غوثيه ص 360, 361) ۽ علامہ ابن حجر بخاري شريف جي شرح ۾ لکيو آهي تہ "مسلم حضرت حذيفہ ﷺ کان روايت آندي آهي تہ ان حضور ڪريم ﷺ سان (رات جي نفلي) نماز گڏ پڙهي تہ پاڻ هڪ رڪعت ۾ البقره, آلعمران ۽ سورة النساء پڙهيائون ۽ پڙهڻ دوران جيڪڏهن الله ﷻ جي تسبيح واري فرمايل آيت کان لنگهيا ٿي تہ تسبيح ٿي پڙهيائون ۽ جيڪڏهن الله ﷻ کان سوال ڪرڻ واري آيت کان لنگهيا ٿي تہ سوال ٿي ڪيائون ۽ جيڪڏهن ان کان پناهہ گهرڻ (تعوذ) واري آيت کان لنگهيا تہ پناهہ ٿي گهريائون. ان کان پوءِ رکوع ڪيائون.

اعتراض: نسائي جي روايت ۾ آيو آهي تہ اول سورة النساء ان کان پوءِ سورة آل عمران پڙهي هيائون؟

جواب: صحيح اهو آهي جيڪو مسلم شريف جي روايت ۾ آهي تہ آل عمران سورة النساء سورة کان پهريان پڙهي هيائون. اهو ئي رسول الله ﷺ جي احوال مان مستقر معلوم آهي ۽ صحابہ ڪرام وٽ ان تي اجماع آهي تہ سورتن جي تلاوت ان ترتيب سان ڪجي جيڪا لکت ۾ آهي. ان ۾ اختلاف آهي تہ اها ترتيب توقيفي آهي يا نہ. پر آيتن جي ترتيب تہ قطعي آهي. ۽ حضرت حذيفہ ﷺ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن سان بہ ڀيرا اها سعادت حاصل ڪئي هڪ ڀيرو هڪ هڪ رڪعت ۾ هڪ هڪ سورة پڙهيائون ۽ ٻيو ڀيرو هڪ ئي رڪعت ۾ ٽئي سورتون پڙهيائون. ۽ احمد ۽ نسائي آندو آهي تہ اها نماز رمضان شريف جي مهيني ۾ هئي. ۽ حضور ڪريم ﷺ جن جو "اَللهُ اَكْبَرُ ذُو الْمَلَكُوْتِ وَالْجَبَرُوْتِ وَالْكِبْرِيَاءِ وَالْعَظَمَةِ" وارا الفاظ نماز ۾ شروع ٿيڻ کان پوءِ هئا. ۽ ابو داؤد جي روايت ۾ آهي تہ : پاڻ ٽي ڀيرا الله اڪبر چيو هيائون. ۽ بعض جو اهو وهم آهي تہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن سورة الفاتحہ کان سواءِ شروعات ئي سورة البقره سان ڪئي هئي ڇوتہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي عادت ڪريمہ سورة الفاتحہ تي مواظبت ۽ هميشگي ڪرڻ هئي. پاڻ هميشہ هر نماز جي شروعات سورة الفاتحہ سان ڪندا هئا. پر هتي راويءَ ان جو ذڪر ان جي ڪري نہ ڪيو آهي جو اها سندن عادت مبارڪ معلوم هئي. راوي بيان ڪري ٿو تہ "ان کان پوءِ پاڻ رکوع ڪيائون ۽ ان ۾ بہ قراءت جي مقدار جيترو رهيا هئا." مطلب تہ هميشہ واري انداز کان گهڻو وڌيڪ وقت رکوع ۾ رهيا ۽ رکوع ۾ "سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْعَظِيْمِ" "سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْعَظِيْمِ" پڙهيائون. رکوع کان مٿي ٿي قومہ ۾ بہ ايترو گهڻو وقت بيٺا ۽ "لِرَبِّيَ الْحَمْدُ، لِرَبِّيَ الْحَمْدُ" پڙهندا رهيا. ۽ انهن جي تڪرار سان بيان ڪرڻ مان مراد آهي تہ گهڻو چوندا رهيا ان کان پوءِ سجدو ڪري سجدي ۾ بہ قيام جيترو وقت رهيا "سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْاَعْلٰى، سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْاَعْلٰى" پڙهندا رهيا. رکوع ۽ سجدي ۾ اهي تسبيحون الله ﷻ جي فرمان "سَبِّحْ اسْمَ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ، سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْاَعْلٰى" تي عمل ڪندي پڙهندا هئا جيئن شروع ڪيون ويون ۽ رکوع "العظيم" جي صفت لاءِ مناسب آهي ڇوتہ ان جي عظمت جي اڳيان نهايت نوڙت آهي ۽ "الاعليٰ" جي صفت لاءِ سجدو مناسب آهي جو ان ۾ گهڻو خشوع آهي ۽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن ٻن سجدن جي وچ ۾ بہ ايترو وقت ويٺا رهيا. ۽ ان ۾ "رَبِّ اغْفِرْلِى، رَبِّ اغْفِرْلِى" پڙهندا رهيا. ۽ اهو اسان حنفين وٽ نوافل ۾ مستحب آهي. (جمع الوسائل ج 3

ص 76) ۾ حضرت حذيفہ ﷺ جي حضور ڪريم ﷺ سان نماز گڏ پڙهڻ مان ثابت ٿيو تہ اهو حضرت جو جماعتي بڻيو هو جيڪڏهن اها نماز تراويح هئي تہ پوءِ تہ امر ظاهر آهي ڇوتہ تراويح ۾ جماعت شرعي امر اهي ۽ جيڪڏهن تراويح ۾ نہ هئي تہ پوءِ ثابت ٿيو تہ نفل ۾ جماعت جائز آهي. جيتوڻيڪ نفل جماعت سان نہ پڙهيا ويندا آهن ۽ حديث جو ظاهر سياق ان جي تائيد ڪري رهيو آهي جو چار رڪعتون هڪ سلام سان هيون. (المواهب ص 474) علامہ ابنِ حجر هيتمي مڪي لکيو آهي تہ حضرت حبيب اڪرم ﷺ جن نماز شروع ڪرڻ کان اڳ نيت بہ ڪئي هوندي، ڇوتہ ان جي وجوب ۾ ڪوبہ اختلاف ناهي بلڪ اها تڪبير کان پهريان ان سان متصل ڪرڻ واجب آهي ۽ علامہ ابن القيم نيت کي زبان سان چوڻ تي اعتراض ڪيا آهن جيڪي صحيح ناهن جيئن مون (ابنِ حجر) "شرح العباب" ڪتاب ۾ ان جو بيان ڪيو آهي ۽ ائين ڪيئن ٿو چوي حالانڪ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن نيت زبان مبارڪ سان بہ ڪئي هئي. "لَبَّيْكَ حَجًّا وَّعُمْرَةً" ۽ بخاري جي روايت ۾ آهي "وَقُلْ عُمْرَةً فِيْ حَجَّةٍ" هنن ۾ پاڻ نيت جا الفاظ چيا اٿن. ۽ نماز بہ حج وانگر (عبادت) آهي بلڪ وڌيڪ آهي ڇوتہ الفاظ سان چوڻ قلب کي حاضر ڪرڻ ۾ وڌيڪ آهي ۽ قلب جي حضور لاءِ وسيلو آهي. باقي حج ۽ نماز ۾ فرق جي دعويٰ توجهہ جي قابل ئي ناهي. (اشرف الوسائل ص 389)

فائدو: شمائل شريف جي شارحن لکيو آهي تہ مذڪوره حديثن جي متعلق هي ڳالهيون سمجهڻ گهرجن تہ (1) ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ ﷺ جي هڪ روايت مان تهجد ۾ يارهن رڪعتن کان وڌيڪ رڪعتن جو انڪار نظر اچي ٿو سو ائين ناهي مومنن جي ماءُ ان روايت ۾ محبوب ڪريم ﷺ جن جو عام معمول بيان ڪيو آهي تہ گهڻو ڪري رمضان شريف يا ٻئي مهيني ۾ يارهن رڪعتون پڙهندا هئا باقي وڌيڪ رڪعتن جي لاءِ ابو داؤد ۽ موطا امام مالڪ ۾ خود ام المؤمنين کان تيرهن رڪعتون روايت ڪيل آهن. جيڪي ڪڏهن ڪڏهن پڙهڻ تي محمول آهن الغرض تہ تهجد جي رڪعتن جو ڪو خاص تعداد مقرر نہ آهي. (2)

وتر جو وجوب: محبوب ڪريم ﷺ جن پاڻ بہ وتر هميشہ پڙهندا هئا ۽ ٻين جي لاءِ بہ اهڙو ارشاد فرمايو اٿن. خارجہ بن حذافہ ﷺ روايت ڪئي آهي تہ : "خَرَجَ عَلَيْنَا رَسُوْلُ اللهِ ﷺ فَقَالَ "اِنَّ اللهَ اَمَدَّكُمْ بِصَلَوٰةٍ هِيَ خَيْرٌ لَّكُمْ مِنْ حُمُرِ النَّعَمِ، اَلْوِتْرُ جَعَلَ لَكُمْ فِيْمَا بَيْنَ صَلوٰةِ الْعِشَاءِ اِلٰى اَنْ يَطْلَعَ الْفَجْرُ" يعني رسول الله ﷺ جن اسان ڏانهن نڪري آيا ۽ فرمايائون تہ الله ﷻ اوهان تي هڪڙي نماز وڌائي آهي. جيڪا اوهان جي لاءِ ڳاڙهين ڏاچين کان بهتر آهي اهو وتر آهي الله ان کي سومهڻي نماز ۽ فجر جي اڀرڻ جي وچ ۾ رکيو آهي. ٻي حديث مبارڪ ۾ آهي تہ "اَلْوِتْرُ حَقٌّ وَاجِبٌ عَلٰى كُلِّ مُسْلِمٍ" (ابو داؤد) (وتر هر مسلمان تي حق، واجب آهي) هنن روايتن مان ثابت ٿيو تہ وتر واجب آهي پر ان جو ثبوت جيئن تہ سنت نبوي (حديث) سان آهي ان جي ڪري بعض علماء ان کي سنت بہ سڏيو آهي. (3) تہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن ٽي رڪعتون وتر پڙهندا هئا. جيئن هن روايت ۾ آيو. ۽ مسلم شريف ۾ حضرت ابنِ عباس ﷺ کان بہ اهڙي روايت آيل آهي. ۽ سعيد بن جُبير ﷺ حضرت ابنِ عباس ﷺ کان روايت آندي آهي تہ : اِنَّ رَسُوْلَ اللهِ ﷺ كَانَ يُوْتِرُ بِسَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْاَعْلٰى وَ قُلْ يٰاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ وَ قُلْ هُوَ اللهُ اَحَدٌ" (ترمذي، نسائي، ابنِ ماجہ) يعني رسول الله ﷺ جن وتر جي ٽن رڪعتن ۾ اهي ٽي سورتون پڙهندا هئا. (4) : تہ اهي ٽئي رڪعتون

پاڻ محبوب ڪريم ﷺ جن هڪ سلام سان پڙهندا هئا. حضرت ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان اهڙي روايت آيل آهي. ٻي روايت ۾ امان سائڻ جو فرمان آهي تہ: اِنَّهُ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ والسَّلام كَانَ يُوتِرُ بِثَلَاثٍ، لَا يَفْصِلُ فِيهِنّ" (رواه النسائي واحمد) ۽ احمد جا الفاظ آهن تہ: "كَانَ لَا يُسَلِّمُ فِي الرَّكْعَتَيْنِ" مطلب تہ حضور ڪريم ﷺ جن وتر جون ٽي رڪعتون پڙهندا هئا. ۽ انهن جي وچ ۾ سلام ورائڻ سان جدائي نہ ڪندا هئا." يعني هڪ سلام سان پڙهندا هئا.

اعتراض: بعض احاديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ وتر هڪ رڪعت پڙهي سگهجي ٿو؟

جواب: شروعات ۾ اهڙو عمل هيو ۽ اجازت هئي مگر پوءِ هڪ رڪعت جدا پڙهڻ کان حضور ڪريم ﷺ جن منع فرمايو. جيئن امام مالڪ رحمه الله جي موطا ۾ آيو آهي تہ: نَهٰى رَسُوْلُ اللهِ ﷺ عَنِ الصَّلٰوةِ الْبُتَيْرَاء" (اڪيلي هڪ رڪعت پڙهڻ کان رسول الله ﷺ جن منع فرمايو) ۽ ٽي رڪعتون پڙهيون ويون. هن کي "وتر الليل" ڪوٺيو ويو جيئن مغرب (يعني سانجهيءَ) نماز کي "وتر النهار" ڪوٺيو ويندو آهي. مذڪوره روايات کان سواءِ حضرت عمر، حضرت علي، حضرت عبدالله بن مسعود، حضرت انس بن مالڪ، حضرت ابن عباس رضي الله عنهم اجمعين ۽ ٻين ڪيترن صحابن رضي الله عنهم کان وتر جون ٽي رڪعتون هڪ سلام سان آيل آهن. (5) تہ انهن روايتن مان اٺ رڪعتون تراويح کان زياده پڙهڻ کي خلاف سنت سمجهڻ غلط آهي نہ تہ اهڙين روايتن جي ڪري صلواة الليل تهجد جي ٻارهن يا تيرهن رڪعتن پڙهڻ کي بہ سنت جي خلاف سمجهيو ويندو. ان جي ڪري جو رسول اڪرم، نور مجسم ﷺ جي رات واري نماز رمضان شريف وغيره ۾ هڪ جهڙي هوندي هئي. پوءِ جهڙي طرح ٻين مهينن ۾ رڪعتن جو اندازو مقرر نہ هو تہ رمضان ۾ اٺ رڪعتون مقرر ڪيئن ثابت ٿينديون ۽ محبوبِ ڪريم ﷺ جن رمضان شريف ۾ تہ خاص ڪري رات جي عبادت گهٽي ڪندا هئا. جيئن حديث مان ثابت آهي پوءِ اها ڪهڙي سمجهہ آهي تہ رمضان شريف ۾ صرف اٺ رڪعتون ۽ ٻين مهينن ۾ ٻارهن ۽ تيرهن رڪعتن تائين پڙهندا هئا. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن رمضان شريف ۾ تهجد جي نماز سان گڏ وڌيڪ نماز بہ پڙهندا هئا جنهن کي تراويح سڏيو وڃي ٿو.

تهجد جي ڀلائي: ٿورڙي ننڊ ڪري اٿي نفل پڙهڻ کي تهجد سڏيو ويندو آهي. علماء فرمايو آهي تہ الله جل جلاله هن دنيا ۾ انسان ۾ انقلاب آڻڻ جي لاءِ قرآن ڪريم نازل فرمايو آهي ان جي ڪري هر انقلاب آڻيندڙ کي قرآن سمجهڻ ۽ ان ۾ غور ڪرڻ لازم آهي ۽ انهيءَ مقصد جي لاءِ رات جو اٿڻ وڏي خاصيت رکي ٿو ڇاڪاڻ تہ ان وقت جسماني ۽ دماغي طاقتون پورو پورو قرار وٺن ٿيون ۽ الله جل جلاله جيڪو فيض جو مبدء آهي روحاني صلاحيتن کي پنهنجي خاص انوار ۽ تجليات سان نوازي ٿو اهو وقت اٿڻ جي لاءِ ڏکيو تہ آهي پر قرآن ڪريم جي انقلابي پروگرام سمجهڻ لاءِ نهايت ڪارگر ۽ موزون وقت آهي. جيئن الله جل جلاله جو فرمان آهي "اِنَّا سَنُلْقِيْ عَلَيْكَ قَوْلًا ثَقِيْلًا ۞ اِنَّ نَاشِئَةَ الَّيْلِ هِيَ اَشَدُّ وَطْأً وَّ اَقْوَمُ قِيْلًا ۞" (سورة المزمل آيت 5، 6) (بلاشڪ اسين اوهان تي ڳرو قول (قرآن) نازل ڪيون ٿا بلاشڪ رات جو اٿڻ (انهن کي) لتاڙڻ ۾ سخت ۽ گفتگو ۾ وڌيڪ قائم رهندڙ آهي) ان کان پوءِ دنيا ۾ برابر انقلاب اچي ويو ۽ ايندو رهندو. الله جل جلاله فرمايو تہ "وَلَوْ كَرِهَ الْمُشْرِكُوْنَ" (جيتوڻيڪ ڪافرن پسند نہ ڪيو) دنيا ۾

تهجد پڙهڻ جو اهو مقام آهي ۽ قيامت ۾ ان جي بدلي ۾ مقام محمود آهي. جيئن سورة بني اسرائيل ۾ آهي. وَ مِنَ الَّيۡلِ فَتَهَجَّدۡ بِهٖ نَافِلَةً لَّکَ ٭ عَسٰۤی اَنۡ یَّبۡعَثَکَ رَبُّکَ مَقَامًا مَّحۡمُوۡدًا (آيت 79) (۽ رات جو تهجد پڙهه. اهو اوهان لاءِ وڌيڪ (حڪم) آهي. اميد تہ اوهان جو رب اوهان کي مقام محمود ۾ بيهاريندو. (جاءِ ڏيندو)) نبي ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ "اهو مقام عرش جي سڄي پاسي ڏانهن آهي ۽ مان اتي بيهڻ جو اميدوار آهيان." حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جو فرمان تہ "مون لاءِ الله ﷻ کان وسيلو گهرندا رهو." اهو وسيلو بہ اهو مقام آهي. هن دنيا ۾ جيڪي تهجد پڙهي حضرت رسول الله ﷺ جن سان سندن اتباع ڪري ان عمل ۾ شريڪ ٿين ٿا. انهن کي بہ ان حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي صدقي اهي برڪتون حاصل ٿينديون. تہ حديث شريف ۾ آهي "مَنۡ قَامَ رَمَضَانَ اِيۡمَانًا وَّاِحۡتِسَابًا غُفِرَلَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنۡ ذَنۡبِهٖ" (مشڪواة) (جيڪو رمضان ۾ (رات جو) ايمانداريءَ سان ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيهي عبادت ڪندو ان جا اڳيان گناهہ بخش ڪيا ويندا.)

تراويح جو راز: رمضان شريف جي قرآن شريف سان خاص نسبت آهي. الله ﷻ بانهن جي دنيا ۽ آخرت ۾ ڀلائي لاءِ انهيءَ مبارڪ مهيني ۾ پنهنجو ڪلام پاڪ نازل فرمايو ۽ جنهن رات اهو نازل ٿيو ان کي "ليلة القدر" ڪونجي ٿو. جيڪا رات هزار مهينن کان ڀلي آهي. ڇا لاءِ تہ قرآن ڪريم الاهي قانون آهي ۽ قانون ترتيب ڏيڻ واري گهڙي قانون کي رائج ڪرڻ واري ساري عرصي کان ڀلي آهي. مسلمانن جي خالص قرآني حڪومت 83 سال ۽ چار مهينا برابر هلي آهي. (ان کان پوءِ تنزل شروع ٿيو) اها ساري برڪت ان رات جي آهي. جنهن ۾ قرآن ڪريم لوح محفوظ کان دنيا واري آسمان تي آيو.

قرآن ڪريم جي حفاظت: هر رمضان ۾ جبريل امين اچي حضرت حبيب ڪريم ﷺ سان دور ڪندو هو. پر سندن ظاهري زندگي جي پوئين سال ۾ بہ ڀيرا دور ڪرڻ آيو هو. اهو سڀ ڪجهہ قرآن ڪريم جي حفاظت جي لاءِ انتظام هو. يهودين پنهنجي ڪتاب تورات ۾ تحريف ڪئي. ان ۾ پنهنجا جملا غلط ملايا ۽ اصل شيءِ وڃائي ڇڏي. الله ﷻ قرآن ڪريم ۾ مسلمانن کي اها ڳالهہ سمجهائيندي ارشاد فرمايو: "يَسۡمَعُوۡنَ كَلَامَ اللّٰهِ ثُمَّ يُحَرِّفُوۡنَهٗ" (القرآن) الله ﷻ جو ڪلام ٻڌن ٿا ان کان پوءِ ان کي ڦيرائن ٿا.) ان جي ڪري الله ﷻ قرآن ڪريم جي حفاظت جو ذمو کنيو ۽ صحابہ ڪرام هوشياريءَ کان ڪم وٺندي قرآن ڪريم کي زبر زير تائين اصلي حالت ۾ قائم رکيو ۽ ان طريقي سان قرآن ڪريم جو حرف حرف محفوظ رهيو ۽ قرآن هزارين بلڪ هن وقت تائين لکين دلين ۾ محفوظ هو ۽ آهي ۽ ڪروڙين ڪاغذن تي لکت جي ڪري ڪتابي صورت ۾ بہ محفوظ آهي ۽ تراويح ۾ ختم القرآن بہ ان کي ياد ڪري محفوظ ڪرڻ واري سلسلي جي ڪڙي آهي. ان ئي نڪتي کي ذهن ۾ رکي حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه تراويح ۽ ان ۾ ختم القرآن جي حڪم کي تاڪيد سان جاري ڪيو هو. مسلمان اجان تائين قرآن ڪريم ٻڌن ٿا هڪ ٻئي کي دور ٻڌائي سست بہ چست ٿي ويندا آهن. سوين سالن کان وٺي اهڙي متواتر تصديق ۽ قراءت قرآن ڪريم جي حفاظت ناهي تہ ٻيو ڇا آهي. لکين حافظ لکين مسجدن ۾ تراويح دوران ختم القران پڙهن ٿا ۽ انهن جي پويان سيني اسلامي بلڪ غير اسلامي ملڪن ۾ تراويح دوران ڪروڙين مسلمان قرآن ڪريم ٻڌن ٿا. قرآن ڪريم جي حفاظت لاءِ اهو طريقو گويا حضرت عمر رضي الله عنه کي الهام ٿيو هو. روزانو ويهن رڪعتن جي هر هڪ رڪعت ۾ هڪ

رکوع پڙهڻ سان رمضان شريف ۾ ختم پورو ٿيو وڃي ۽ هر مسلمان کي ان جي برڪت ۽ ڀلائي نصيب ٿيندي آهي ۾ افسوس آهي جو ڪي ويچارا اسلام جي ڪلي تدبير ۽ جامع حڪمتن کان اڻ واقف هجڻ جي ڪري تراويح جي ويهن رڪعتن کان يا تراويح کي مسجد ۾ پڙهڻ کان روڪيندا آهن ۽ ڪجهه گهٽ وڌ ڳالهائيندا آهن تہ اها حضرت عمر ﷺ جي پيدا ڪيل رسم آهي. انهن کي اها بہ سوچ ناهي تہ رسول الله ﷺ جي ڪيترن شروع ڪيل ڪمن کي سندن ظاهري رحلت کان پوءِ صحابہ ڪرام پورو ڪيو هو. جيئن سندن فرمان تہ "اَخْرِجُوا الْيَهُوْدَ مِنْ جَزِيْرَةِ الْعَرَبِ" (يهودين کي عرب جي جزيره مان نيڪالي ڏئي ڪڍي ڇڏيو.) ان امر تي عمل بہ حضرت عمر ﷺ جي دور ۾ ٿيو. ان جهڙن ڪيترن امرن جي تڪميل صحابہ ڪرام رضي الله عنهم جي دور ۾ ٿي هئي. اهڙي طرح قرآن ڪريم جي حفاظت جيڪا اسلام جي لاءِ بنيادي شيءِ ۽ آئنده امت جي لاءِ اهم هئي. حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جماعت ڪي بہ ٽي راتيون تراويح پڙهائي ان جي شروعات ڪئي ۽ ان کي جاري رکڻ جي همٿ حضرت عمر ﷺ پنهنجي خلافت جي دور ۾ ڪئي. ۽ اها ڳالهہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي رهبري جو ڪمال ۽ صحابہ ڪرام رضي الله عنهم جي سمجهہ جو مثال هو. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن نفل پڙهي ڪڏهن ٿورو آرام ڪندا هئا ان کان پوءِ وتر پڙهندا هئا. تنهن تي ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ ﷺ کين عرض ڪيو تہ "ننڊ کان اڳ وتر پڙهڻ گهرجي. پاڻ فرمايائون تہ عائشہ! منهنجون اکيون ننڊ ڪن ٿيون پر دل سجاڳ رهي ٿي. (فضائل النبي ﷺ ص 159، 161)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب الصلواة باب 152 يقول الرجل في ركوعه وسجوده حديث رقم 874 ج 1 ص 231 {2} النسائي في كتاب الافتتاح باب 114 ما يقول في قيامه ذالک ج 2 ص 199 {3} الطيالسي في مسنده حديث رقم 416 ص 56 بنحو {4} الطبراني في الدعاء حديث رقم 23 ج 2 ص 4210.

{277} حَدَّثَنَا أَبُوبَكْرٍ مُحَمَّدُ بْنُ نَافِعٍ الْبَصْرِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الصَّمَدِ بْنُ عَبْدِ الْوَارِثِ، عَنْ إِسْمَاعِيلَ بْنِ مُسْلِمٍ الْعَبْدِيِّ، عَنْ أَبِي الْمُتَوَكِّلِ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: قَامَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بِآيَةٍ مِنَ الْقُرْآنِ لَيْلَةً

بامحاوره ترجمو: حضرت سيده عائشه صديقه ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن رات جو (ڪڏهن ڪڏهن تهجد جي نماز ۾) قرآن شريف جي هڪ آيت وري وري پڙهندا هئا.

مفردات جو شرح: "بِآيَةٍ" هڪ آيت سان. "لَيْلَةً" سڄي رات.

سمجهاڻي: هن روايت مان معلوم ٿيو تہ رسول الله ﷺ جن سڄي رات هڪ ئي آيت کي ورائي، ورائي پڙهندا رهيا. شارحن ڀلارن لکيو آهي تہ اها آيت هيءَ هئي. "اِنْ تُعَذِّبْهُمْ فَاِنَّهُمْ عِبَادُكَ وَاِنْ تَغْفِرْ لَهُمْ فَاِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ" (سورة مائده آيت 111) (جيڪڏهن تون انهن کي عذاب ڪندين پوءِ بلاشڪ اهي تنهنجا ٻانها آهن ۽ جيڪڏهن انهن کي مغفرت ڏيندين تہ بيشڪ تون ئي غالب، حڪمت وارو آهين) حبيب ڪريم ﷺ جي اها انتهائي عاجزي ۽ انڪساري امت جي گناهن کي بخشائڻ جي لاءِ هئي. الاتحافات الربانيہ جي صاحب لکيو آهي تہ: ان القراءة قصد بها الدعاء والتضرع وطلب المغفرة من الله العزيز الحكيم." (تڪرار سان قراءت مان مقصد دعا ۽ زاري ۽ الله عزيز حڪيم کان مغفرت طلب

ڪرڻ هئي. (انوارِ غوثيه ص 362) علامہ ابن حجر هيتمي مڪي لکيو آهي تہ : مذڪوره روايت مان مراد آهي تہ رسول الله ﷺ جن اها آيت تهجد جي نماز ۾ هڪ ئي رڪعت ۾ ورائي ورائي پڙهندا رهيا تانجو فجر ٿي وئي. ۽ ان جي معنيٰ فڪر ڪندا رهيا. ۽ هن جي رازن مان هي بہ آهي تہ جڏهن عذاب جو ذڪر ڪيائين تہ "عِبَادِكَ" لفظ آندائين. تنهنجا ٻانها آهن ۽ مالڪ پنهنجي ٻانهن ۾ جيئن بہ تصرف ڪري ڪري سگهي ٿو خاص ڪري الله جل جلاله جيڪو وڏو مهربان آهي اهو جيڪڏهن عذاب ڪندو تہ بہ عدل آهي ظلم ناهي ۽ جڏهن مغفرت جو ذڪر ڪيائون تہ الله جل جلاله جي عزت ۽ حڪمت جي بيان ڪيائون. تہ اهو بہ ان جو فضل ۽ ڪرم آهي سندس حڪمت جي تقاضا بہ آهي جيتوڻيڪ اها ٻانهن کان مخفي آهي ۽ ان پهرين مراد جي تائيد هن حديث مان بہ ٿي رهي آهي جيڪا قرآن ڪريم جي فضائل جي متعلق حضرت ابو ذر رضي الله عنه کان آيل آهي تہ "قَامَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ لَيْلَةً مِّنَ اللَّيَالِيْ فَقَرَأَ آيَةً وَاحِدَةً اللَّيْلَ كُلَّهُ حَتّٰى أَصْبَحَ بِهَا يَقُوْمُ وَبِهَا يَرْكَعُ وَ بِهَا يَسْجُدُ." (يعني رسول الله ﷺ جن راتين مان هڪ رات ۾ بيٺا هڪ ئي آيت پڙهندا رهيا تانجو صبح ٿي وئي ان سان ئي بيٺا رهيا ۽ ان سان ئي رڪوع ڪيائون ۽ ان سان ئي سجدو ڪيائون. يعني رڪوع ۽ سجدي ۾ بہ اها پڙهندا رهيا.)

سوال: مسلم شريف ۾ روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: "اِنِّيْ نُهِيْتُ اَنْ اَقْرَءَ الْقُرْاٰنَ رَاكِعًا وَّ سَاجِدًا" (مان رڪوع ۽ سجدو ڪندي قرآن پڙهڻ کان روڪيو ويو آهيان.) تہ پوءِ پاڻ رڪوع ۽ سجده ۾ ساڳي آيت ڪيئن پڙهيائون؟

جواب: اهو نهي هڪ رات ۾ هڪ ئي آيت رڪوع ۽ سجدي ۾ پڙهڻ کان پوءِ آيو هو. (اشرف الوسائل ص 394)

محدث ڪاندلوي لکيو آهي تہ : جنهن ذات کي زبردست قدرت حاصل هجي اهو جنهن مجرم کي گهري تہ معافي ڏي، ۽ جيڪو وڏي حڪمت وارو آهي ان جي هر فعل ۾ حڪمت ۽ مصلحتون آهن. سيدنا رسول الله ﷺ جن جو سڄي رات بيهي رڪوع ۽ سجده ۾ بہ هن آيت کي پڙهڻ ۽ بار بار ورائي پڙهڻ الله جل جلاله جي ٻن صفتن جو مظهر هو. حضرت امام اعظم ابو حنيفه جي متعلق بہ نقل ڪيو ويو آهي تہ : هڪ دفعي سڄي رات "وَامْتَازُوا الْيَوْمَ اَيُّهَا الْمُجْرِمُوْنَ ۝" (سورة يس آيت 59) (اي گناهگارو! اڄ جدا ٿي وڃو) پڙهندو رهيو. هن آيت شريف ۾ بہ قيامت جو منظر بيان ٿيل آهي. ان ڏينهن اهو حڪم ٿيندو تہ اڄ مجرم ماڻهو غير مجرمن کان جدا ٿي وڃن. ڪيترو سخت ۽ ڏکائڻ وارو حڪم آهي. هتي تہ نيڪ ۽ مجرم گڏ پيا هلون پر اتي مجرمن کي جدا ڪيو ويندو. شال الله جل جلاله پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان اتي بہ انهن مقدس هستين جي زير سايہ رکي نہ تہ وڏو مشڪل معاملو آهي. (خصائل نبوي ص 232)

مسئلو: هن حديث مان اهو دليل ملي ٿو تہ قرآن ڪريم جي هڪ ئي آيت نماز ۾ ورائي ورائي پڙهڻ جائز آهي ۽ مسلم واري روايت ۾ رڪوع ۽ سجدي ۾ قرآن ڪريم جي پڙهڻ کان منع تنزيهي ڪراهيت جي بيان لاءِ آهي ۽ پڙهڻ ان جي جواز بيان ڪرڻ جي لاءِ آهي. (المواهب ص 479) علامہ علي القاري لکيو آهي تہ ممڪن آهي جو چيو وڃي تہ معنيٰ هيءَ آهي تہ : رڪوع ۽ سجدو ان آيت جي تقاضا مطابق ڪندا هئا. جو انهن ۾ فرمائيندا هجن. "سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لَنَا وَلَا تُعَذِّبْنَا وَارْحَمْ اُمَّتِيْ وَلَا تُعَذِّبْهُمْ فَاِنَّهُمْ عِبَادُكَ وَاغْفِرْ لَهُمْ فَاِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ" يا ٻيا اهڙا الفاظ. والله اعلم. علامہ مناوي لکيو آهي تہ : حديث مان ثابت ٿيو تہ آيت کهڙي بہ ننڍي يا وڏي ورائي، ورائي پڙهي سگهجي ٿي. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 78)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي ج 2ص 177 {2} الحاكم ج 1ص 241 {3} البغوي في شرح السنة ص 915.

{278} حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلَانَ قَالَ: حَدَّثَنَا سُلَيْمَانُ بْنُ حَرْبٍ قَالَ: حَدَّثَنَا شُعْبَةُ، عَنِ الأَعْمَشِ، عَنْ أَبِي وَائِلٍ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ مَسْعُودٍ قَالَ: صَلَّيْتُ لَيْلَةً مَعَ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَلَمْ يَزَلْ قَائِمًا حَتَّى هَمَمْتُ بِأَمْرِ سُوْءٍ قِيلَ لَهُ: وَمَا هَمَمْتَ بِهِ ؟ قَالَ: هَمَمْتُ أَنْ أَقْعُدَ وَأَدَعَ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

بامحاوره ترجمو: حضرت عبدالله بن مسعود ﷺ کان روايت آهي تہ مون هڪ رات رسول الله ﷺ سان گڏ نماز پڙهي. پاڻ سڳورا ﷺ يڪو نماز ۾ بيٺا رهيا. تانجو مون هڪ نا مناسب ارادو ڪيو. ان کان پڇيو ويو تہ ڪهڙو نا مناسب ارادو ڪيو هئي؟ چيائين تہ "پاڻ سڳورن ﷺ کي اڪيلو ڇڏي ويهي رهڻ جو ارادو ڪيم."

مفردات جو شرح: "هَمَمْتُ" مون ارادو ڪيو. "أَدَعَ" ڇڏي ڏيان.

سمجهاڻي: هن حديث جي راوي صحابي حضرت عبدالله بن مسعود ﷺ جو قول آهي تہ "مون ناپسند ڪيل امر جو ارادو ڪيو." ۽ اهو ارادو ڇا هو؟ پاڻ ئي ٻڌائي ٿو تہ: ويهڻ ۽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن سان گڏ بيهڻ کي ڇڏڻ جو ارادو ڪيو هوم. مطلب تہ محبوب ڪريم ﷺ جن ايترو گهڻو وقت بيٺا رهيا نماز ۾ ايتري وڏي قراءت ڪيائون جو صحابي بيهي ٿڪجي پيو ۽ هڪ اهڙي ڪم جو ارادو ڪيائين جنهن کي پاڻ بہ ناپسنديدو عمل سمجهي پيو ۽ اهو هي هو تہ حضور ڪريم ﷺ جن نماز ۾ بيٺا رهن ۽ پاڻ ويهي رهي. حضرت عبدالله بن مسعود جي قول جي منشاهي هئي تہ حضرت رسول الله ﷺ جن تهجد جي نماز گهڻي ڊگهي پڙهندا هئا. (انوار غوثيه ص 362) علامہ البيجوري لکيو آهي تہ : هن روايت ۾ عبدالله مان مراد حضرت عبدالله بن مسعود ﷺ آهي ڇوتہ محدثن جي اصطلاح ۾ جتي مطلق عبدالله ايندو اتي اهو ئي مراد هوندو ۽ هن روايت مان بہ ثابت ٿيو تہ نفل ۾ جماعت جائز آهي ڇوتہ حضرت ابن مسعود ﷺ فرمايو:" صَلَّيْتُ لَيْلَةً مَعَ رَسُوْلِ اللهِ ﷺ " (مون هڪ رات رسول الله ﷺ سان گڏ نماز پڙهي) ۽ مان رسول الله ﷺ جن جي نماز ۾ اقتداء ڇڏي ڏيان جو مطلب تہ پنهنجي نماز اڪيلو پوري ڪيان ۽ ان کي ناپسنديدو عمل سمجهي پيو ڇوتہ ان ۾ اهو عظيم حاصل ٿيندڙ ثواب نہ هو جيڪو حضور ڪريم ﷺ جي اقتداء ۾ هو. (المواهب ص 479, 481)

ضروري وضاحت: حضرت ابنِ مسعود ﷺ ائين ڪيو ڪونہ بلڪ ان کي اهو هڪڙو وسوسو پيو هو. سو ان ۾ ڪو گناهہ ناهي. علامہ ابن حجر هيتمي مڪي لکيو آهي تہ : هن روايت مان ثابت ٿيو تہ

نفل ۾ جماعت: نفل ۾ جماعت جائز آهي ۽ سنت آهي تہ امام قراءت ڊگهي ڪري جڏهن جماعت ان ۾ راضي هجي ۽ ان ۾ ڪنهن جو حق ضايع نہ ٿيندو هجي. جيئن جماعتي پيرسن نہ هجي ۽ نہ ڪنهن جو مزدور هجي ۽ نہ ان ۾ زال جو حق ضايع ٿئي. ۽ اهڙي مسجد بہ نہ هجي جتان ماڻهن جو لنگهڻ ٿيندو هجي پوءِ جيڪڏهن اهڙي صورت پيدا ٿئي ٿي تہ امام جي لاءِ سنت آهي تہ جيترو ٿي سگهي نماز ۾ تخفيف ڪري ۽ قرائت ۾ مفصل تي اقتصار ڪري ۽ نماز جي رڪوع ۽ سجده ۾ ٽن تسبيحن تي اڪتفا ڪري. ان حالات ۾ نماز ڊگهي ڪرڻ مڪروه آهي. ها حضرت نبي ڪريم ﷺ جن

جيڪڏهن ڪن نمازن ۾ جيئن جمعہ جي نماز يا عيدين جون نمازون يا سج ۽ چنڊ جي وئجڻ وقت نمازن ۾ مخصوص سورتون پڙهيون آهن تہ انهن ۾ اهي سورتون پڙهڻ سنت آهن. پلي جماعت انهن ۾ راضي نہ بہ هجي. (اشرف الوسائل ص 394) علامہ علي القاري لکيو آهي تہ حضرت ابنِ مسعود رضي الله عنه جو اهو ارادو نہ هو تہ : مان نماز پيجان ڇوتہ الله جل جلاله جو فرمان آهي "وَلَاتُبْطِلُوْٓا اَعْمَالَكُمْ" (پنهنجا عمل باطل نہ ڪيو) ۽ اسان جي علماء جو اهو بہ تسليم ٿيل قاعدو آهي تہ "نفل بہ شروع ڪرڻ کان پوءِ فرض ٿي ويندو آهي جنهن جو پورو ڪرڻ فرض آهي. پوءِ رسول الله ﷺ جو هڪ صحابي رضي الله عنه اهو ڪيئن ٿو سوچي سگهي؟

اعتراض: نفل ۾ جيڪڏهن ماٺهو ٿڪجي پوي تہ ويهي پڙهي سگهي ٿو. پوءِ صحابي سڳورو رضي الله عنه ويهي سگهيو ٿي تہ ان ڪيئن چيو تہ مون ناپسنديده عمل جو ارادو ڪيو؟

جواب: صحابي سڳوري رضي الله عنه ان کي بي ادبي سمجهي ائين فرمايو هو تہ حضور ڪريم ﷺ جن بيٺا رهن ۽ مان ويهي رهان. علامہ ڪرماني بخاري جي شرح ۾ ائين لکيو آهي. (جمع الوسائل ج 2 ص 78)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري بنحوه في كتاب التهجد باب 9 طول القيام في صلواة الليل رقم الحديث 1135 ج 3 ص 19 {2} مسلم في كتاب صلواة المسافرين وقصرها باب 27 استحباب تطويل القراءة في صلواة الليل رقم الحديث 773 ج 1 ص 537 {3} ابنِ ماجه في كتاب اقامة الصلواة باب 200 ماجاء في طول القيام في الصلواة رقم الحديث 1418 {4} احمد في المسند ج 1 ص 385 {5} ابنِ خزيمه في صحيحه رقم الحديث 1154 ج 1 ص 186 {6} ابنِ حبان في صحيحه رقم الحديث 2141 ج 5 ص 512.

{279} حَدَّثَنَا سُفْيَانُ بْنُ وَكِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا جَرِيرٌ، عَنِ الأَعْمَشِ، نَحْوَهُ.

يعني هن سَنَد سان بہ مذڪور حديث آيل آهي.

هيءَ حديث هن کان اڳين حديث تخريج ڪندڙن تخريج ڪئي آهي.

{280} حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مُوسَى الأَنْصَارِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا مَعْنٌ قَالَ: حَدَّثَنَا مَالِكٌ، عَنْ أَبِي النَّضْرِ، عَنْ أَبِي سَلَمَةَ، عَنْ عَائِشَةَ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يُصَلِّي جَالِسًا فَيَقْرَأُ وَهُوَ جَالِسٌ، فَإِذَا بَقِيَ مِنْ قِرَاءَتِهِ قَدْرُ مَا يَكُونُ ثَلَاثِينَ أَوْ أَرْبَعِينَ آيَةً، قَامَ فَقَرَأَ وَهُوَ قَائِمٌ، ثُمَّ رَكَعَ وَسَجَدَ، ثُمَّ صَنَعَ فِي الرَّكْعَةِ الثَّانِيَةِ مِثْلَ ذَلِكَ

بامحاوره ترجمو: حضرت سيده عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ ڪڏهن نماز ويهي پڙهندا هئا. پوءِ قراءت بہ ويٺي ئي پڙهندا هئا. پوءِ جڏهن ٿورڙي قراءت ٽيهن چاليهن آيتن جي قدر رهندي هئي تہ پوءِ اٿي باقي قراءت بيهي پوري ڪري، رڪوع ۽ سجدو ڪندا هئا ۽ ٻي رڪعت ۾ بہ ائين ڪندا هئا.

مفردات جو شرح: "وَهُوَجَالِسٌ" حالانڪ پاڻ ويهندڙ هئا. "ثَلَاثِينَ أَوْ أَرْبَعِينَ آيَةً" ٽيهہ يا چاليهہ آيتون "ثُمَّ صَنَعَ" ان کان پوءِ ڪيائين.

سمجهاڻي: شارحن پلارن فرمايو آهي تہ : اهڙي طرح ويهي نفلن ۾ تلاوت ڪرڻ نبي ڪريم ﷺ جي

پيرسن ٽيڻ واري وقت جو عمل هو. جيئن هڪ حديث شريف ۾ آيو آهي تہ : آخر عمر جي زماني ۾ (ضعف ۽ ڪمزوري جي ڪري) پاڻ نفل نماز ويهي پڙهندا هئا. ۽ ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ ﷺ کان صراحت سان ائين آيو آهي ۽ هن مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ بيهڻ تي قادر هجڻ جي باوجود ويهي نفل پڙهڻ جائز آهي ۽ ان تي اجماع آهي ۽ حضرت رسول الله ﷺ جي خصائص مان آهي تہ: سندن ويهي پڙهڻ بہ بيهي پڙهڻ وانگر آهي ڇوتہ پاڻ سستيءَ کان پاڪ آهن ڪين ويني بہ بيهي پڙهڻ وارو اجر ملندو هو. ٻين جي لاءِ اهو حڪم ناهي انهن کي ويهي پڙهڻ سان اڌ ثواب ملندو. "پاڻ ويهي پڙهندا هئا ۽ جڏهن ٽيهن يا چاليهن آيتن جيترو قدر بچندو هو تہ پوءِ اٿي بيهي پڙهندا هئا." هن ۾ ان ڏي اشارو آهي تہ ويهي پڙهڻ وارو حصو گهٽو هوندو آهي. ۽ هي بہ ظاهر آهي تہ ٽيہ يا چاليہ اهو شڪ ام المؤمنين سيده عائشه صديقه ﷺ کان آهي ۽ ان ۾ اهو اشارو آهي تہ اندازن ايترو پڙهندا هئا ڇو تہ ائين نہ ڇوڻ سان ڪوڙ جو امڪان هو ان جي ترديد ڪئي وئي آهي ۽ اهو بہ احتمال آهي تہ ڪڏهن هيئن ڪڏهن هونءَ ڪندا آهن. ۽ هي بہ احتمال آهي تہ اهو شڪ ڪنهن ٻئي راوي ڪيو هجي. ام المؤمنين سيده عائشه صديقه ﷺ هڪڙو ڇيو هجي ۽ هن مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ نفل جو ڪجهہ حصو ويني ۽ ڪجهہ بيني پڙهڻ جائز آهي ۽ قراءت جو ڪجهہ حصو ويهي پڙهڻ ۽ ڪجهہ بيهي پڙهڻ بہ جائز آهي ۽ اها ڳالهہ برابر آهي تہ اول ويهي پڙهي پوءِ بيهي پڙهي يا اول بيهي پڙهي پوءِ ويهي پڙهي ۽ برابر آهي تہ بيهي پڙهڻ جي نيت ڪري پوءِ ويهي پڙهڻ جي ڪيائين ۽ چئن مجتهدن امامن جو بہ اهو قول آ ي پر بعض مالڪي مذهب وارن بيهي پڙهڻ جي نيت ڪري ان کان پوءِ ويهڻ کان روڪيو آهي. "فَقَرَءَ" پوءِ پڙهيائون. هن ۾ الفاء. آٽڻ مان معلوم ٿيو تہ بيهڻ ۽ قراءة ۾ گهٽي دير نہ هئي ۽ هن مان اهو بہ ظاهر ٿيو تہ جنهن نماز ويني شروع ڪئي ان کان پوءِ اٿيو تہ اٿڻ جي وقت ۾ قراءت نہ ڪندو پر بيهڻ کان پوءِ ويهڻ ڏانهن وڃڻ واري وقت ۾ قراءت جاري رکي سگهي ٿو. "ثُمَّ رَكَعَ وَسَجَدَ" ان کان پوءِ رڪوع ۽ سجدو ڪيائين. هن ۾ انهن جو رد آهي جيڪي چون ٿا تہ جنهن ويني نفل شروع ڪيو آهي اهو رڪوع بہ ويني ڪري ۽ جنهن بيني شروع ڪيو آهي اهو رڪوع بہ بيني ڪري جيئن بعض حنفين ۽ مالڪين کان نقل ڪيل آهي. (المواهب ص 481)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب تقصير الصلواة باب 20اذا صلى قاعدا ثم صح. رقم الحديث 1119 ج 2 ص 589. {2} مسلم في كتاب صلواة المسافرين وقصرها باب 16 جوازالنا فلة قائما و قاعدا رقم الحديث 731 حديث الكتاب 112ج 1ص 505 {3} ابو داؤد في كتاب الصلواة باب 180 في صلواة القاعد رقم الحديث 954 ج 1 ص 250 {4} النسائي في كتاب قيام الليل و تطوع النهار باب 18 كيف يفعل اذا افتتح الصلواة قائما؟ ج 3 ص 220 {5} مالك في الموطا كتاب صلواة الجماعة باب 7 ماجاء في صلواة القاعد في النافلة رقم الحديث 23 ج 1 ص 138 {6} البيهقي في سننه ج 2 ص 490 {7} الطحاوي في شرح المعاني ج 1 ص 339.

{281} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ قَالَ : حَدَّثَنَا هُشَيْمٌ قَالَ : حَدَّثَنَا خَالِدُ الْحَذَّاءُ ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ شَقِيقٍ قَالَ : سَأَلْتُ عَائِشَةَ ، عَنْ صَلَاةِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَنْ تَ [illegible] ـهِ ، فَقَالَتْ : كَانَ يُصَلِّي لَيْلاً طَوِيلاً قَائِمًا ، وَلَيْلاً

طَوِيلاً قَاعِدًا ، فَإِذَا قَرَأَ وَهُوَ قَائِمٌ رَكَعَ وَسَجَدَ وَهُوَ قَائِمٌ ، وَإِذَا قَرَأَ وَهُوَ جَالِسٌ رَكَعَ وَسَجَدَ وَهُوَ جَالِسٌ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عبدالله بن شقيق رحمه الله کان روايت آهي تہ مون حضرت عائشه رضي الله عنها کان رسول الله ﷺ جي نفلي نماز جي باري ۾ پڇيو. بيبي سڳوري رضي الله عنها ٻڌايو تہ پاڻ ڪريم ﷺ گهڻي رات بيهي نماز پڙهندا هئا ۽ گهڻي رات ويهي پوءِ جڏهن بيهي قراءت ڪندا هئا تہ بيهڻ واري حالت ۾ ئي رڪوع ۽ سجدو ڪندا هئا ۽ جڏهن ويهي نماز پڙهندا هئا تہ ويهڻ واري حالت ۾ ئي رڪوع ۽ سجدو ڪندا هئا.

مفردات جو شرح: "تَطَوُّعُ" نفل پڙهڻ, تابعدار بنجڻ, زياده ڪرڻ, احسان ڪرڻ, يا ڪو ٻيو نفلي ڪم ڪرڻ جيڪو واجب نہ هجي. "لَيْلاً طَوِيلاً" ڊگهي رات, رات جو گهڻو حصو.

سمجهاڻي: شارحن ڀلارن فرمايو آهي تہ : ام المؤمنين رضي الله عنها حضور ڪريم ﷺ جن جي نفلي نماز وارين ڪيفيتن جو حال بيان ڪيو آهي ان جي ڪري جو سيد دو عالم ﷺ جن جي برڪت واري هر ادا ۾ امت ڪي تعليم ڏيڻ مقصود هئي. گويا پاڻ امت کي تعليم ڏيندا هئا تہ هي ڪم هن طرح ڪرڻ بہ جائز آهي. هن ڪي بيانِ جواز چئبو آهي. "الاتحافات الربانيه" جي صاحب لکيو آهي تہ "هٰذا الحديث يروى احوالا اخرىٰ من عبادته ﷺ ولا تنافى بين هٰذا الحديث والذى قبله" يعني هيءَ حديث رسول الله ﷺ جي عبادت جي ٻين احوالن کي بيان ڪري ٿي ۽ هن حديث ۽ هن کان اڳئين ۾ ڪا مخالفت ناهي. (انوار غوثيه ص 364) علامہ علي القاري لکيو آهي تہ هن روايت جي لفظ "تَطَوُّعِهٖ" مان ثابت ٿيو تہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن تي تهجد جي نماز فرض نہ هئي. ڇو تہ "تَطَوُّعُ" . تَفَعل جي وزن تي الطاعة کان ورتل آهي ۽ ان جي معنيٰ آهي پنهنجي طرفان ان ڳالهہ کي لازم ڪري وٺڻ جنهن سان الله ﷻ جو قرب حاصل ٿئي. "فَقَالَتْ كَانَ يُصَلِّي لَيْلًا طَوِيلًا قَائِمًا" ڊگهي رات, نفل بيني پڙهندا هئا. ۽ (ڪڏهن) ڊگهي رات ويني نفل پڙهندا هئا. (جمع الوسائل ج 2 ص 80) علامہ ابنِ حجر هيتمي مڪي لکيو آهي تہ : ويهي نفل پڙهڻ ۾ بيهي نفل پڙهڻ جو اڌ ثواب آهي ۽ ليٽي پڙهڻ ۾ ويهي پڙهڻ جو اڌ ثواب آهي. (اشرف الوسائل ص 397)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} رواه مسلم في كتاب صلواة المسافرين و قصرها باب 16 جواز النافلة قائما و قاعدا رقم الحديث 730 حديث الكتاب 105 ج 1 ص 504 {2} ابو داؤد في كتاب الصلواة باب 291 تفريع ابواب التطوع وركعات السنة رقم الحديث 1251 ج 2 ص 18,19 {3} النسائي في كتاب الصلواة من سننه الكبريٰ كما في التحفة ج 11 ص 444 {4} احمد في المسند ج 6 ص 216,30.

{282} حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مُوسَى الأَنْصَارِيُّ قَالَ : حَدَّثَنَا مَعْنٌ قَالَ : حَدَّثَنَا مَالِكٌ ، عَنِ ابْنِ شِهَابٍ ، عَنِ السَّائِبِ بْنِ يَزِيدَ ، عَنِ الْمُطَّلِبِ بْنِ أَبِي وَدَاعَةَ السَّهْمِيِّ ، عَنْ حَفْصَةَ ، زَوْجِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَتْ : كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُصَلِّي فِي سُبْحَتِهِ قَاعِدًا وَيَقْرَأُ بِالسُّورَةِ وَيُرَتِّلُهَا حَتَّى تَكُونَ أَطْوَلَ مِنْ أَطْوَلَ مِنْهَا

بامحاوره ترجمو: حضرت حفصه رضي الله عنها (نبي پاڪ ﷺ جي پاڪ گهر واريءَ) کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن نفل نماز ويهي پڙهندا هئا ۽ (ان نفل نماز ۾ قرآن جي) سورت ٺاهي ٺاهي پڙهندا هئا. جو اها قرآن پاڪ جي وڏين کان وڏي سورت ٿي پوندي هئي.

مفردات جو شرح: "سُبْحَتِهٖ" پنهنجي نفلي نماز ۾. سُبحَةُ نفلي نماز ۽ مڻين واري تسبيح جنهن سان تعداد ۽ ڳاڻاٽو ڪبو آهي ان ڪي بہ سبحة چوندا آهن. دعا ڪي بہ سبحة سڏيو ويندو آهي. جيئن مقولو

آهي. "قَضَيْتُ سُبْحَتِي" مون پنهنجي دعا پوري ڪئي. "وَيُرَتِّلُهَا" ترتيل کان ورتل. ٺاهي ٺاهي پڙهڻ.
سمجهاڻي: هن حديث پاڪ مان ظاهر آهي ته حضرت رسول الله ﷺ جن رات جو ويهي به نماز پڙهندا هئا ۽ ان ۾ تلاوت ڪندي قرآن پاڪ جي حرفن جو مخرجون، حرفن جو اظهار ۽ حرڪات انتهائي ترتيل سان ڪندا هئا ۽ گهڻي اطمينان، سڪون ، وقار سان ٺاهي ٺاهي پڙهندا هئا. ۽ ام المؤمنين سيده حفصه رضي الله عنها جي قول مطابق پڙهڻ ۾ جلدي ۽ تڪڙ نه ڪندا هئا. بلڪ هڪ ننڍي سورة ۾ به ايترو وقت لڳائيندا هئا. جيترو ٻيو ماڻهو ڪنهن وڏي صورت ۾ لڳائي ۽ هن مان اندازو لڳائجي ٿو ته جڏهن ننڍي صورت ۾ ايترو وقت لڳندو هو ته وڏي سورت ۾ ته اجان گهڻو وقت لڳندو هوندو. اهو ئي سبب هو جو سندن پير مبارڪ بيهڻ جي ڪري سُڄي يا ڦاٽي پوندا هئا. ۽ مسلم شريف جي روايت ۾ هن ئي سبب سان هن روايت جي اول ۾ ام المؤمنين حفصه رضي الله عنها کان آيل آهي ته : مون رسول الله ﷺ جن کي ويٺي نفل پڙهندي نه ڏٺو تانجو وفات (دنيا تان ظاهري رحلت ڪرڻ) کان هڪ سال اڳ ۾ ويٺي نفل پڙهندي ڏٺو هوم. ۽ هن مان معلوم ٿئي ٿو ته حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن پنهنجي ظاهري زندگيءَ جي اڪثر اوقات ۾ بيهي نماز پڙهندا هئا جيتوڻيڪ سندن ويهي پڙهڻ جو ثواب به بيهي پڙهڻ جيترو هوءِ نفل کي "سُبحتِه" ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو ان ۾ تسبيح به هوندي آهي ۽ اهو لفظ نفل سان خاص ان جي ڪري آهي جو نفلي نماز سان مشابه آهي ۽ اها تخصيص غالب امر آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تسبيح مطلق نماز تي به ڳالهائي ويندي آهي جونده آهن. "فُلانُ يُسبحُ" اي فلاڻو نماز پڙهي ٿو. فرض هجي يا نفل. ۽ ان مان ئي الله ﷻ جو قول آهي. "فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ" جنهن مان مراد آهي ته نماز پڙهه. ۽ هن حديث مان اهو به ثابت ٿيو ته مستحب آهي ته ترتيل سان پڙهي هڪ سورة هڪ رڪعت ۾ پوري ڪجي. ۽ اهو هڪ سورت کي ٻن رڪعتن ۾ پڙهڻ پلو آهي جيتوڻيڪ اهو به سهڻو آهي بُرو ناهي ۽ هن حديث ۾ اگرچه اها صراحت ناهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن هڪ سورة هڪ رڪعت ۾ پوري ڪندا هئا پر غالبًا ائين هوندو هو. ها جيڪڏهن ڪو عارض هوندو هو ته پوءِ هڪ سورت ٻن رڪعتن ۾ به پڙهندا هئا جيئن هڪ ڀيري پاڻ سورة المومنون شروع ڪيائون ۽ ٿورو پڙهڻ کان پوءِ کين کنگهه ٿي ته رڪوع ڪرڻ فرمايائون. (المواهب ص 484) علامه مناوي لکيو آهي ته : علامه الزين العراقي فرمايو ته ام المؤمنين سيده حفصه رضي الله عنها جي هن حديث ۾ ان ڳالهه تي دلالت آهي ته نفل بيهي پڙهڻ ويهي پڙهڻ کان پاڻ ڪريمن ﷺ جي لاءِ به افضل هو. ڇوته پاڻ پنهنجي (ظاهري) اڪثر حياتي ۾ ان تي هميشگي ڪرڻ فرمائي هيائون. اگرچه سندن ويهي نفل پڙهڻ ۾ کين بيهي نفل پڙهڻ جو درجو ملندو هو. ۽ مسلم واري روايت ۾ ام المؤمنين حفصه رضي الله عنها جو چوڻ ته پاڻ ويٺي نفل پڙهندا هئا. پر دنيا تان وفات (ظاهري رحلت) کان هڪ سال اڳ ۾ ويهي نفل پڙهندا هئا اهو حضر جي حالات ۾ هو. سفر جي حالت ۾ پاڻ هڪ سال اڳ ۾ ويهي نفل پڙهندا هئا. جيئن صحيح حديث ۾ آيو آهي. (شرح المناوي علي حاشية جمع الوسائل ج 2 ص 81)

هيءَ حديث بين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب صلواة المسافرين وقصرها باب 16 جواز النافلة قائما وقاعدا رقم الحديث 733 ج 1 ص 506 {2} النسائي في كتاب قيام الليل و تطوع النهار. باب 19 صلواة القاعد في النافلة ج 3 ص 223 {3} احمد في المسند ج 6 ص 285 {4} مالک في

الموطا كتاب صلواة الجماعة باب 7 ماجاء في صلواة القاعد في النافلة حديث رقم 21 ج 1 ص 13 {5} عبدالرزاق في المصنف رقم الحديث 4089 ج 2 ص 463 {6} البيهقي في سننه ج 2 ص 490.

{283} حَدَّثَنَا الْحَسَنُ بْنُ مُحَمَّدٍ الزَّعْفَرَانِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا الْحَجَّاجُ بْنُ مُحَمَّدٍ، عَنِ ابْنِ جُرَيْجٍ قَالَ: أَخْبَرَنِي عُثْمَانُ بْنُ أَبِي سُلَيْمَانَ، أَنَّ أَبَا سَلَمَةَ بْنَ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ، أَخْبَرَهُ أَنَّ عَائِشَةَ، أَخْبَرَتْهُ أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَمْ يَمُتْ حَتَّى كَانَ أَكْثَرُ صَلَاتِهِ وَهُوَ جَالِسٌ.

بامحاوره ترجمو: حضرت سيده عائشه صديقه ﷺ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن دنيا تان (ظاهري) رحلت نہ فرمائي تانجو نماز گهڻو ڪري ويهي پڙهندا هئا.

مفردات جو شرح ڪو خاص ناهي.

سمجهاڻي: هن روايت مان معلوم ٿيو تہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن حياتِ طيبه جي آخري ايام ۾ نفلي عبادت اڪثر ڪري ويهي پڙهندا هئا ۽ ان ۾ تلاوت گهڻي ڪندا هئا. ام المؤمنين ام سلمه ﷺ کان روايت آهي ان فرمايو تہ "وَالَّذِىْ نَفْسِىْ بِيَدِهٖ مَامَاتَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ حَتّٰى كَانَ اَكْثَرُ صَلٰوتِهٖ قَاعِدًا اِلَّا الْمَكْتُوْبَاتِ." (ان ذات جو قسم آهي جنهن جي قدرتي هٿ ۾ منهنجو ساهہ آهي تہ رسول الله ﷺ جن دنيا تان رحلت نہ فرمائي تانجو سندن اڪثر نماز ويهي هوندي هئي. فرضن کان سواءِ. (المواهب ص 485) ۽ اهو مٿي بيان ٿي چڪو آهي تہ: حضور ڪريم ﷺ جن جو ويهي پڙهڻ ۾ بہ بيهي پڙهڻ جيترو ثواب هوندو هو. ابو داؤد وغيره جي روايات ۾ ان جي صراحت آهي تہ: حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ"مان اوهان جهڙو ناهيان مون لاءِ ويهي نماز پڙهڻ ۾ بہ بيهي نماز پڙهڻ جيترو ثواب آهي." (خصائل نبوي ص 235)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب صلواة المسافرين و قصرها باب 16 جوازالنا فلة قائما و قاعدا رقم الحديث 732 حديث الكتاب 116 ج 1 ص 506 {2} النسائي في كتاب قيام الليل و تطوع النهار باب 19 صلواة القاعد في النافلة ج 3 ص 222 {3} البيهقي في سننه ج 2 ص 490 {4} ابن خزيمه في صحيحه رقم الحديث 1239 ج 2 ص 236 {1} عبدالرزاق في مصنفه رقم الحديث 4090 ج 2 ص 464.

{284} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا إِسْمَاعِيلُ بْنُ إِبْرَاهِيمَ قَالَ: حَدَّثَنَا أَيُّوبُ، عَنْ نَافِعٍ، عَنِ ابْنِ عُمَرَ قَالَ: صَلَّيْتُ مَعَ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ رَكْعَتَيْنِ قَبْلَ الظُّهْرِ، وَرَكْعَتَيْنِ بَعْدَهَا، وَرَكْعَتَيْنِ بَعْدَ الْمَغْرِبِ فِي بَيْتِهِ، وَرَكْعَتَيْنِ بَعْدَ الْعِشَاءِ فِي بَيْتِهِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابن عمر ﷺ کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ سان گڏ سندن گهر ۾ بہ رڪعتون نماز ٻيپهري جي فرض کان اڳ ۾ ۽ بہ رڪعتون بعد ۾ پڙهيون. ۽ سانجهيءَ کان پوءِ بہ رڪعتون ۽ سومهڻيءَ کان پوءِ بہ رڪعتون پڙهيون.

مفردات جو شرح: شرح ڪو خاص ناهي.

سمجهاڻي: هن حديث شريف مان نماز کان ٻهريان ۽ پويان سنت پڙهڻ ثابت آهي ۽ گهر ۾ ۽ مسجد

۾ ٻه سنتن جو پڙهڻ ظاهر ٿي رهيو آهي. بعض علماء فرمايو ته : گهر ۾ سنتون پڙهڻ افضل آهن. حضرت ابنِ عمر رضي الله عنه جو حضور ڪريم ﷺ سان سنتون پڙهڻ جو اهو مطلب ناهي ته سنتون جماعت سان پڙهندو هو بلڪ ان جو مطلب هي آهي ته سيدِ دو عالم ﷺ جن پاڻ به اهي سنتون پڙهندا هئا ۽ مان به پڙهندو هوس. بخاري ۽ مسلم جي هڪ روايت آهي ته حضرت رسول الله ﷺ جن ظهر کان پهريان چار رڪعتون سنت ۽ پويان ٻه رڪعتون مغرب جي فرض کان پويان ٻه رڪعتون، عشاء جي فرض کان پويان ٻه رڪعتون ۽ فجر جي فرض کان پهريان ٻه رڪعتون سنت پڙهندا آهن. علماء فرمايو آهي ته : جڏهن ته حضور ڪريم ﷺ جن گهر ۾ ئي ظهر جون چار رڪعتون سنت پڙهي پوءِ نڪرندا هئا. (جيئن مسند احمد ۽ ابو داؤد وغيره ۾ ام المؤمنين سيده عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي) ان جي ڪري هن حديث ۾ جن ٻن رڪعتن جو ذڪر آهي ان مان "تحية المسجد" جون ٻه رڪعتون مراد آهن. (انوارِ غوثيه ص 366) علامه البيجوري لکيو آهي ته "ان مان مراد حضور ڪريم ﷺ سان گڏ جماعت ڪري سنتون پڙهڻ ناهي. بلڪ جدا پڙهڻ آهي ۽ گهر ۾ نفل پڙهڻ بيت الله شريف جي اندر نفل پڙهڻ کان به ڀلو آهي ڇو ته ان ۾ لڪ گهڻي آهي ان جي ڪري ان ۾ اخلاص وڌيڪ آهي ۽ رياء کان گهٽ پري آهي ۽ علامه ابنِ حجر هيتمي مڪي حديث مبارڪ آندي آهي ته رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: "اَفْضَلُ صَلٰوةِ الْمَرْءِ فِيْ بَيْتِهٖ اِلَّا الْمَكْتُوْبَةَ" (مرد جي نماز فرض کان سواءِ گهر ۾ ڀلي آهي)

(المواهب ص 485، اشرف الوسائل ص 398)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب التهجد باب 34 الركعتان قبل الظهر رقم الحديث 1180 ج 3 ص 58 {2} احمد في المسند ج 2 ص 6 {3} ابنِ خزيمة في صحيحه رقم الحديث 1197 ج 2 ص 208 {4} البيهقي في سننه ج 2 ص 471 {5} عبدالرزاق في مصنفه رقم الحديث 4811 ج 3 ص 65 {6} ابنِ حبان في صحيحه رقم الحديث 2454 ج 6 ص 207.

{285} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ قَالَ : حَدَّثَنَا إِسْمَاعِيلُ بْنُ إِبْرَاهِيمَ قَالَ : حَدَّثَنَا أَيُّوبُ ، عَنْ نَافِعٍ ، عَنِ ابْنِ عُمَرَ ، قَالَ : حَدَّثَتْنِي حَفْصَةُ : أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يُصَلِّي رَكْعَتَيْنِ حِينَ يَطْلَعُ الْفَجْرُ وَيُنَادِي الْمُنَادِي قَالَ أَيُّوبُ : وَأُرَاهُ قَالَ : خَفِيفَتَيْنِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت حفصه رضي الله عنها کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن پرهه ڦٽڻ کان پوءِ جڏهن بانگو بانگ چوندو هو ته (فجر جي سنت) ٻه رڪعتون پڙهندا هئا. ايوب راوي چيو ته : منهنجي خيال ۾ حضرت نافع اهي ٻه هلڪيون رڪعتون چيون.

مفردات جو شرح: ڪو خاص ناهي.

سمجهاڻي: هن حديث ۽ ٻين حديثن مان صبح جون سنت واريون ٻه رڪعتون ٿوري قراءت سان ثابت آهن. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن انهن ٻن رڪعتن ۾ سورة "قُلْ يَا اَيُّهَا الْكَافِرُوْنَ" ۽ سورة "قُلْ هُوَ اللهُ اَحَدٌ" پڙهندا هئا ۽ هڪ حديث ۾ آيو آهي ته "نِعْمَ السُّوْرَتَانِ تُقْرَءُ بِهِمَا فِيْ رَكْعَتَيِ الْفَجْرِ "قُلْ يَا اَيُّهَا الْكَافِرُوْنَ" ۽ "قُلْ هُوَ اللهُ اَحَدٌ" اهي ٻئي سورتون ڀليون آهن جيڪي فجر جي (سنت واري) ٻن رڪعتن ۾ پڙهيون وڃن ٿيون. " قُلْ يَا اَيُّهَا الْكَافِرُوْنَ ۽ قُلْ هُوَ اللهُ اَحَدٌ" فجر جي سنت ۾ انهن ٻن سورتن جي پڙهڻ جو

گهڻو تاڪيد آيو آهي. ايتري قدر جو مسلم شريف ۾ انهن جي متعلق حضور ڪريم ﷺ جو ارشاد آيو آهي: "أَحَبُّ إِلَيَّ مِنَ الدُّنْيَا جَمِيْعًا" (مون کي سڄي دنيا کان وڌيڪ پياريون آهن) حضرت امام اعظم ابوحنيفه کان هڪ روايت آهي ته اهي ٻه رڪعتون واجب آهن پر ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته اهي ٻه رڪعتون ٻين تاڪيدي سنتن کان پليون آهن. ۽ بخاري، مسلم ۾ ٻين حضرت ام المؤمنين سيده عائشه صديقه کان روايت آندي آهي ته: رسول الله ﷺ جن فجر جي سنت جون ٻه رڪعتون پڙهي گهڙي کن سڄي پاسي تي ليٽي پوند اهئا." علامه ابنِ حجر هيتمي مڪي فرمايو ته "فجر جي فرض ۽ سنت جي وچ ۾ ڪجهه وقت ليٽڻ سنت آهي." (جمع الوسائل ج 2 ص 82، 83) ۽ علامه موصوف لکيو آهي ته "حضرت ابنِ عباس ﷺ کان روايت آهي ته "رسول الله ﷺ جن وتر ۾ "سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْأَعْلَى وَ قُلْ يَاأَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ وَ قُلْ هُوَ اللهُ أَحَدٌ" هر رڪعت ۾ پڙهندا هئا. ۽ ام المؤمنين سيده عائشه صديقه ﷺ کان روايت آهي ته "پهرين رڪعت ۾ "سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْأَعْلٰى" ٻي رڪعت ۾ "قُلْ يَاأَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ" ۽ ٽين رڪعت ۾ "قُلْ هُوَ اللهُ أَحَدٌ" ۽ المعوذتين (قل اعوذ برب الفلق، ۽ قل اعوذ برب الناس) پڙهندا هئا. ۽ سورة الاخلاص (قل هو الله احد) کي ان جي ڪري اختيار ڪند اهئا جو اها علم ۽ ايمان جي توحيد، معرفة ۽ ارادي جي توحيد ۽ اعتقاد جي توحيد جي جامع آهي. پوءِ "قل هو الله احد" علمي ۽ اعتقادي توحيد کي پيچ ۾ ڪري ونندڙ آهي ڇوته اها جنهن شيءِ جو الله ﷻ جي لاءِ ثابت ڪرڻ واجب آهي ان تي مشتمل آهي. احديت، صمديت، ڪمال جي سيني صفتن سان جنهن ۾ ڪو نقص لاحق ٿي نه ٿو سگهي. ۽ هن ۾ ولد، والد ۽ مت مائٽ جي نفي ٻه آهي جنهن مان مثال ۽ شبيه هجڻ جي ٻه نفي واضح آهي. پوءِ اها سورت الله ﷻ جي لاءِ اڪمل ڪمال ثابت ڪندڙ ۽ هر قسم جي نقص ۽ شبيه جي نفي ڪري رهي آهي ۽ اها ئي ڳالهه علمي ۽ اعتقادي توحيد جو مجموعو آهي ۽ ان جي ڪري ئي هن کي قرآن ڪريم جي ٽئين حصي جي برابر قرار ڏنو ويو آهي، ڇوته قرآن ڪريم يا انشاء آهي ۽ اهو امر، نهي ۽ اباحة آهي هي پهريون حصو آهي ۽ يا خبر آهي ۽ اهو خلق جو حال آهي ۽ اهو ٻيو حصو آهي ۽ يا خالق ۽ ان جي صفات ۽ احڪام جو ذڪر آهي ۽ اهو ٽيون حصو آهي ۽ غور ڪرڻ سان اهي ٽئي ڳالهيون سورة الاخلاص ۾ مندرج آهن ان جي ڪري اها قرآن ڪريم جي ٽئين حصي جي برابر قرار ڏنل آهي ۽ اها پنهنجي مومن پڙهندڙ کي علمي شرڪ کان ڇڏائي ٿي جيئن سورة "قل يا ايها الكافرون" عملي شرڪ کان ڇڏائي ٿي.

(اشرف الوسائل ص 400)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} بخاري في كتاب الاذان باب 12 الاذان بعد الفجر رقم الحديث 618 ج 2 ص 101. {2} مسلم في كتاب صلواة المسافرين و قصرها باب 14 استحباب ركعتي سنة الفجر رقم الحديث 723 ج 1 ص 00 {3} النسائي في كتاب قيام الليل و تطوع النهار باب 7 وقت ركعتي الفجر ج 3 ص 2 2 {4} ابنِ ماجه في كتاب اقامة الصلواة والسنة فيها باب 101 ماجاء في الركعتين قبل الفجر رقم الحديث 1216 {5} احمد في المسند ج 6 ص 283 {6} الدارمي في كتاب الصلواه باب 146 القراة في ركعتي الفجر رقم الحديث 1443 ج 1 ص 399.

{286} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا مَرْوَانُ بْنُ مُعَاوِيَةَ الْفَزَارِيُّ، عَنْ جَعْفَرِ بْنِ بُرْقَانَ، عَنْ مَيْمُونِ بْنِ مِهْرَانَ، عَنِ ابْنِ عُمَرَ قَالَ: حَفِظْتُ مِنْ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ثَمَانِيَ رَكَعَاتٍ: رَكْعَتَيْنِ قَبْلَ الظُّهْرِ، وَرَكْعَتَيْنِ بَعْدَهَا، وَرَكْعَتَيْنِ بَعْدَ الْمَغْرِبِ، وَرَكْعَتَيْنِ بَعْدَ الْعِشَاءِ قَالَ ابْنُ عُمَرَ: وَحَدَّثَتْنِي حَفْصَةُ بِرَكْعَتَيِ الْغَدَاةِ، وَلَمْ أَكُنْ أَرَاهُمَا مِنَ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابنِ عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ مون کي رسول الله ﷺ جي نماز ياد آئي آهي. تہ پاڻ سڳورا ﷺ اٺ رڪعتون پڙهندا هئا ٻہ رڪعتون ٻيپهري جي فرض کان اڳ ۾ ۽ ٻہ رڪعتون بعد ۾. ٻہ رڪعتون سانجهيءَ کان پوءِ ۽ ٻہ رڪعتون سومهڻيءَ کان پوءِ. حضرت ابنِ عمر رضي الله عنهما چيو تہ مون سان (منهنجي ڀيڻ) حضرت حفصہ رضي الله عنها صبح جي ٻن رڪعتن جي بہ روايت ڪئي پر مون اهي ٻہ رڪعتون حضور ڪريم ﷺ جن کي پڙهندي ڪونہ ڏٺيون.

مفردات جو شرح: "حَفِظْتُ" مون ياد ڪيو. "ثَمَانِيَ" اٺ. "رَكْعَتَيِ" ٻہ رڪعتون.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي ان نماز جو بيان آهي جيڪا فرض جي رڪعتن کان سواءِ پڙهندا هيا. ٻہ رڪعتون ظهر جي فرض کان اڳي (ظهر جي فرض کان اڳي جيڪي چار رڪعتون آهن اهي پاڻ گهر ۾ پڙهي پوءِ اهي ٻہ رڪعتون تحية المسجد مسجد ۾ پڙهندا هئا) ۽ ٻہ رڪعتون ظهر جي فرض کان پوءِ پڙهندا هئا. ٻہ رڪعتون مغرب جي فرض کان پوءِ ٻہ رڪعتون سومهڻيءَ جي فرض کان پوءِ ۽ باقي فجر جي ٻن رڪعتن سنت کي ام المؤمنين سيده حفصه رضي الله عنها تہ بيان ڪيو آهي پر حضرت ابنِ عمر رضي الله عنهما هن روايت ۾ انهن کي حضور ڪريم ﷺ جن کان پڙهندي ڏسڻ جو انڪار ڪيو آهي ان جو سبب هي هو جو اهي ٻہ رڪعتون جڏهن تہ گهر ۾ پڙهيون وينديون آهن ۽ اهو فجر وارو وقت گهڻو ڪري ڪير ٻيو گهر ۾ نہ هوندو آهي تڏهن حضرت ابنِ عمر رضي الله عنهما نہ ڏٺيون هيون. ۽ هي سندس ڏسڻ کان اڳ جو بيان آهي نہ تہ حضرت ابنِ عمر رضي الله عنهما) کان بہ انهن ٻن رڪعتن جو ڏسڻ ۽ مشاهدو ثابت آهي.

اهي ٻہ رڪعتون نماز جي سيني مؤڪده سنتن کان بہ وڌيڪ تاڪيدي آهن ان جي ڪري انهن جو خاص اهتمام ڪيو ويندو آهي بعض علماء تہ انهن کي واجب چيو آهي. (خصائل نبوي ص 238) علامہ البيجوري لکيو آهي تہ سانجهيءَ جي نماز جي فرض ۽ ٻن رڪعتن سنت جي وچ ۾ گفتگو نہ ڪجي حضور ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ "مَنْ صَلَّى بَعْدَ الْمَغْرِبِ رَكْعَتَيْنِ قَبْلَ اَنْ يَّتَكَلَّمَ رُفِعَتْ صَلٰوتُه فِيْ عِلِّيِّيْنَ" (جنهن سانجهي نماز جون سنت واريون ٻہ رڪعتون گفتگو ڪرڻ کان اڳي پڙهيون تہ ان جي نماز اعليٰ عليين ڏانهن کنئي ويندي آهي.) ۽ هن ۾ انهن جو رد آهي جيڪي چون ٿا تہ: سانجهيءَ جي فرض کان پوءِ واريون ٻہ رڪعتون سنت مسجد ۾ پڙهڻ ناجائز آهي ۽ حضرت ابنِ عمر (رضي الله عنهما وعن والده) کان بہ رڪعتون فجر جي سنت مشاهدي ڪرڻ جي لاءِ علامہ مذڪور لکيو آهي تہ خود حضرت ابنِ عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کي مهينو جاچيو تہ پاڻ فجر جي ٻن رڪعتن سنت ۾ سورت "قُلْ يٰاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ" ۽ سورة "قُلْ هُوَاللهُ اَحَدٌ" پڙهندا هئا ۽ علامہ شبر املسي جواب ڏنو آهي. حضرت ابنِ عمر رضي الله عنهما جو نہ ڏسڻ حضر ۾ ۽ ڏسڻ سفر ۾ هو. (المواهب ص 487)

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: انهن جو ذڪر اڳئين حديث جي تخريج ۾ اچي چڪو آهي.

{287} حَدَّثَنَا أَبُو سَلَمَةَ يَحْيَى بْنُ خَلَفٍ قَالَ: حَدَّثَنَا بِشْرُ بْنُ الْمُفَضَّلِ، عَنْ خَالِدٍ الْحَذَّاءِ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ شَقِيقٍ قَالَ: سَأَلْتُ عَائِشَةَ، عَنْ صَلَاةِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَتْ: كَانَ يُصَلِّي قَبْلَ الظُّهْرِ رَكْعَتَيْنِ وَبَعْدَهَا رَكْعَتَيْنِ، وَبَعْدَ الْمَغْرِبِ رَكْعَتَيْنِ، وَبَعْدَ الْعِشَاءِ رَكْعَتَيْنِ، وَقَبْلَ الْفَجْرِ ثِنْتَيْنِ

بامحاوره ترجمو: حضرت عبدالله بن شقيق رضي الله عنه كان روايت آهي تہ مون حضرت سيده عائشہ رضي الله عنها كان نبي كريم جي نماز جي باري ۾ پڇيو. امان سائڻ ٻڌايو تہ پاڻ سڳورا ﷺ ٻيپهري كان اڳ ۾ بہ ركعتون، بعد ۾ بہ ركعتون. سانجهي كان پوءِ بہ ركعتون ۽ سومهڻي كان پوءِ بہ ركعتون پڙهندا هئا ۽ فجر كان اڳ ۾ بہ ركعتون پڙهندا هئا.

مفردات جو شرح: كو خاص ناهي.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ ام المؤمنين رضي الله عنها جو فرمان آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ ظهر جي (فرض كان) پهريان بہ ركعتون پڙهندا هئا. ۽ ان ئي ام المؤمنين رضي الله عنها كان بخاري شريف ۾ آيو آهي تہ: حضرت نبي كريم ﷺ جن ظهر جي فرض كان پهريان چار ركعتون ۽ فجر جي فرض كان پهريان بہ ركعتون نہ ڇڏيندا هئا. يعني هميشہ پڙهندا هئا ان جي كري حنفين وٽ ظهر كان پهريان ٻن ركعتن كان سواءِ باقي سنتون موكده آهن ۽ ظهر جي فرض كان اڳيان واريون چار ركعتون بہ سنت موكده آهن. علامہ مناوي لكيو آهي تہ "هيءَ روايت انهن ٻين روايتن جي مخالف ناهي جن ۾ آيو آهي تہ: رسول الله ﷺ جن ظهر جي فرض كان پهريان چار ركعتون ۽ ظهر جي فرض كان پوءِ چار ركعتون ۽ عصر جي فرض نماز كان پهريان چار ركعتون ۽ مغرب جي فرض كان پويان بہ ركعتون ۽ عشاء جي فرض كان پهريان بہ ركعتون پڙهندا هئا ڇوتہ ممكن ۽ محتمل آهي تہ پاڻ هي ڏهہ ركعتون مسجد ۾ ۽ اهي پنهنجي گهر ۾ پڙهندا هجن پوءِ جنهن كي جيكا خبر پئي ان اها روايت كئي. (شرح المناوي علي حاشية جمع الوسائل ج 2 ص 84) محدث كانڌلوي لكيو آهي تہ: هن روايت ۾ مذكور ظهر كان پهريان ٻن ركعتن كان سواءِ باقي ركعتن ۾ حنفين جو بہ اهوئي قول آهي. ظهر جي پهرين سنت حنفين وٽ چار ركعتون آهن. بخاري شريف ۾ ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها كان بہ اهڙي روايت آيل آهي ان جي كري هن روايت ۾ آيل بہ ركعتون كڏهن كنهن ضرورت جي كري پڙهيون ويون هونديون. (خصائل نبوي ص 238) نماز ظهر جون چار ركعتون سنت تاكيدي آهن. علامہ ابن حجر هيتمي مكي لكيو آهي تہ: مسلم شريف ۾ ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها كان روايت آهي تہ " كَانَ يُصَلِّي فِي بَيْتِهِ قَبْلَ الظُّهْرِ أَرْبَعًا " (رسول الله ﷺ جن پنهنجي گهر مبارك ۾ ظهر جي فرض كان پهريان چار ركعتون پڙهندا هئا.) ۽ بخاري ۽ مسلم ٻنهي آندو آهي تہ "كَانَ لَا يَدَعُ أَرْبَعًا قَبْلَ الظُّهْرِ" (ظهر كان اڳيان چار ركعتون پڙهڻ نہ ڇڏيندا هئا) ۽ هي انهن ظهر كان اڳيان پڙهڻ وارين چئن ركعتن جي تاكيدي هجڻ ۾ نص آهي. هن كان پوءِ علامہ صاحب اختلافات جو بہ ذكر كيو آهي پر اسان احناف لاءِ اهو دليل كافي آهي.

(اشرف الوسائل ص 402)

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: انهن جو ذكر اڳئين حديث جي تخريج ۾ اڳي ڇكو آهي.

{288} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ الْمُثَنَّى قَالَ: حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ جَعْفَرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا شُعْبَةُ، عَنْ أَبِي إِسْحَاقَ قَالَ: سَمِعْتُ عَاصِمَ بْنَ ضَمْرَةَ يَقُولُ: سَأَلْنَا عَلِيًّا، عَنْ صَلَاةِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِنَ النَّهَارِ، فَقَالَ: إِنَّكُمْ لَا تُطِيقُونَ ذَلِكَ قَالَ: فَقُلْنَا: مَنْ أَطَاقَ ذَلِكَ مِنَّا صَلَّى، فَقَالَ: كَانَ إِذَا كَانَتِ الشَّمْسُ مِنْ هَاهُنَا كَهَيْئَتِهَا مِنْ هَاهُنَا عِنْدَ الْعَصْرِ صَلَّى رَكْعَتَيْنِ، وَإِذَا كَانَتِ الشَّمْسُ مِنْ هُهُنَا كَهَيْئَتِهَا مِنْ هَاهُنَا عِنْدَ الظُّهْرِ صَلَّى أَرْبَعًا، وَيُصَلِّي قَبْلَ الظُّهْرِ أَرْبَعًا، وَبَعْدَهَا رَكْعَتَيْنِ، وَقَبْلَ الْعَصْرِ أَرْبَعًا، يَفْصِلُ بَيْنَ كُلِّ رَكْعَتَيْنِ بِالتَّسْلِيمِ عَلَى الْمَلَائِكَةِ الْمُقَرَّبِينَ وَالنَّبِيِّينَ، وَمَنْ تَبِعَهُمْ مِنَ الْمُؤْمِنِينَ وَالْمُسْلِمِينَ

بامحاور ترجمو: حضرت عاصم بن ضمرة رضي الله عنه کان روايت آهي تہ اسان حضرت علي رضي الله عنه کان رسول الله ﷺ جن جي ڏينهن جو پڙهڻ واري نماز بابت پڇيوسون. راوي چوي ٿو. ان چيو تہ اوهان ان جي طاقت نہ رکندؤ (يا ائين کري نہ سگهندؤ). (عاصم چيو تہ) اسان چيو تہ اسان مان جنهن کي طاقت هوندي سو (اهڙي نبوي نماز) پڙهندو.

حضرت علي رضي الله عنه چيو تہ جڏهن سج ايترو مٿي چڙهي اچي جيترو ٽيپهريءَ وقت هوندو تہ ٻہ رڪعتون پڙهندا هئا. جڏهن سج ان کان مٿيرو چڙهندو هو. جيئن ٻپهري جو هوندو آهي تہ ان وقت چار رڪعتون پڙهندا هئا ۽ ٻہ رڪعتون ان کان پوءِ ۽ ٽيپهريءَ کان اڳ ۾ چار رڪعتون پڙهندا هئا ۽ هر ٻن رڪعتن جي وچ ۾ مقرب ملائڪن ۽ نبين سڳورن عليهم الصلوة والسلام ۽ انهن جي تابعدار مؤمنن ۽ مسلمانن تي سلام پڙهي سنڌو ڪندا هئا.

مفردات جو شرح: "سَأَلْنَا" اسان پڇيو. "لَا تُطِيقُونَ" اوهان طاقت نہ ٿا رکو. اوهان ڪري نہ سگهندؤ. "مَنْ أَطَاقَ مِنَّا" اسان مان جنهن طاقت رکي. ڪري سگهيو. "كَهَيْئَتِهَا" ان جي صورت ۽ ڪيفيت وانگر.

سمجهاڻي: هن روايت مان اشراق جي نماز جون ٻہ رڪعتون. ضحيٰ جي نماز جون چار رڪعتون ظهر کان اڳيان چار رڪعتون. ظهر کان پوءِ ٻہ رڪعتون ۽ عصر کان پهريان چار رڪعتون ثابت ٿي رهيون آهن. حضرت علي رضي الله عنه جو فرمان "تہ اوهان ان جي طاقت ڪتي ٿا رکو" جو مطلب آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جهڙي الله جل جلاله جي اڳيان انڪساري ۽ عاجزي. دل جي نوڙت. نياز. حسن اهتمام. تعديل ارڪان ۽ ڪمال درجي جي عبوديت جو اظهار اوهان ڪٿي ٿا ڪري سگهو؟ علامہ علي قاري لکيو آهي تہ: اها ڪيفيت ۽ حالت. دوام ۽ مواظبت اوهان ڪٿي ٿا ڪري سگهو. حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن عبادت تي هميشگي ڪندا هئا. اوهان ڪٿي ٿا ڪري سگهو. سائل عرض ڪيو تہ: اسان مان جنهن ۾ اها طاقت هوندي تہ ڪندو(نہ تہ ٻہ چاڻ تہ ملي ويندي) پوءِ پاڻ وضاحت ڪندي فرمايائين جڏهن سج اوير پاسي کان ايترو مٿي چڙهي ايندو هو جيترو وچين نماز وقت اولهہ کان هوندو آهي تہ پاڻ ٻہ رڪعتون پڙهندا هئا. علامہ القاري فرمايو تہ: مختار قول اهو آهي تہ اهي ضحيٰ جون ٻہ رڪعتون هيون. ۽ جڏهن سج اوير پاسي کان ايترو مٿي ايندو هو جيترو ظهر نماز وقت اولهہ کان هوندو آهي تہ: پاڻ چار رڪعتون پڙهندا هئا. محدث ميرڪ جو قول آهي تہ: اها نماز زوال کان پهريان هوندي هئي. جنهن کي هڪ روايت موجب صلواة الاوابين سڏيو ويو آهي" جيئن مسلم شريف ۾ زيد بن ارقم رضي الله عنه کان مرفوع روايت ۾ آيو آهي ۽ حضرت علي رضي الله عنه فرمايو تہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن "ظهر جي فرض کان پهريان چار رڪعتون پڙهندا هئا. ۽ ظهر جي فرض کان پوءِ ٻہ

رڪعتون پڙهندا هئا (۽ اسان حنفين وٽ بہ اهي پهريون چار ۽ پويون ٻہ سنتون مؤڪده آهن.) هتي علامہ موصوف ڪجهہ بحث لکيو آهي پر ان جو مقصد اسان اڳي لکي آيا آهيون. وچين (عصر) نماز جون چار رڪعتون سنت استحبابي آهن. حضرت علي ﷛ هتي جيڪي عصر جي فرض کان پهريان رڪعتون بيان ڪيون آهن اهي استحبابي سنت آهن. سنت مؤڪده ناهن. ۽ هن ۾ اهو بہ اشارو آهي تہ ڏينهن جو چار رڪعتون گڏي نفل پڙهڻ بہ جائز آهي. ۽ حضرت علي ﷛ کان ٻي روايت تہ : حضور ڪريم ﷺ جن ٻہ رڪعتون عصر کان پهريان پڙهيون. اها هن جي خلاف ناهي ڇوتہ ڪڏهن چار تہ ڪڏهن ٻہ پڙهيون هونداڻون. ۽ حديث ۾ آيو آهي تہ "رَحِمَ اللهُ امْرَأً صَلّٰى قَبْلَ الْعَصْرِ اَرْبَعَةً" (الله ان شخص تي رحم ڪري جنهن عصر (جي فرض) کان پهريان چار رڪعتون (سنت) پڙهيون. "حضور ڪريم ﷺ جن ٻن رڪعتن کان پوءِ مقرب ملائڪن، نبين ۽ انهن جي تابعن مومنن ۽ مومنياڻن تي سلام ورائي سَنڌو ڪندا هئا." (جمع الوسائل ج 2 ص 84، 85) حضرت علي ﷛ جو فرمان تہ انهن چئن رڪعتن ۾ سلام سان سَنڌو ڪندا هئا. ان جو مطلب تہ ٻہ رڪعتون پوريون ڪري سلام ورائيندا هئا ۽ ان سلام ۾ ملائڪن ۽ نبين ۽ مومنن ۽ مسلمانن جي نيت ڪندا هئا. يا سلام مان مراد التحيات ۾ ويهڻ آهي ۽ ان ۾ "اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلٰى عِبَادَ اللهِ الصَّالِحِيْنَ" پڙهي نبين عليهم السلام ۽ ملائڪ جن ۾ ڪروبين ۽ عرش جا کڻندڙ ملائڪ بہ داخل آهن تي سلام چوندا هئا ۽ "المومنين" کان پوءِ "المسلمين" آڻڻ ان طرف اشارو آهي تہ اهي ظاهري توڙي باطني طرح مڃڻ وارا هجن علم سان گڏ عمل بہ ڪندڙ هجن. (المواهب ص 490)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي في كتاب الامامة باب 65 الصلواة قبل العصر ج 2 ص 119 {2} ابنِ ماجه في كتاب اقامة الصلواة والسنة فيها باب 39 ماجاء فيما يستحب من التطوع بالنهار رقم الحديث 1233 {3} ابو داؤد في كتاب الصلواة باب 298 الصلواة قبل العصر رقم الحديث 1272 ج 2 ص 23 {4} احمد في المسند ج 1 ص 85 {5} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 892 ج 3 ص 467، 468.

باب ايڪتاليهون

بَابُ صَلاَةِ الضُّحٰی

هي باب ڪچي منجهند واري نماز جي باري ۾ آهي

سمجهاڻي: جيڪا نماز ڪچي منجهند جي وقت پڙهي ويندي آهي ان کي "ضحيٰ" جي نماز سڏيندا آهن ۽ ان جو افضل وقت سج جي هڪ نيزي جي ماپ کان متي چڙهڻ کان وٺي ڏينهن جي چوٿين حصي تائين آهي ۽ بعض علماء لکيو آهي تہ: ان جو وقت ڏينهن جي چوٿين حصي گذرڻ کان پوءِ شروع ٿئي ٿو ۽ ٺاڪ منجهند تي سج جي پهچڻ کان پهريان ختم ٿئي ٿو. هيءَ نماز ٻئن رڪعتن کان ٻارهن رڪعتن تائين پڙهي ويندي آهي ۽ حنفين وٽ هيءَ نماز استحبابي سنت آهي هن نماز پڙهڻ سان گناهن جي مغفرت ٿيندي آهي. امام احمد روايت آندي آهي تہ "مَنْ حَافَظَ عَلٰی صَلٰوةِ الضُّحٰی غُفِرَتْ لَهٗ ذُنُوْبُهٗ وَاِنْ كَانَتْ مِثْلَ زَبَدِ الْبَحْرِ" (جنهن ضحيٰ نماز جي حفاظت ڪئي ان جا سمنڊ جي گجيءَ جيترا گناهہ هوندا تہ بہ بخش ڪيا ويندا) (انوارِ غوثيه ص 372) اولياء ڪرام ان وقت کي ٻن حصن ۾ ورهايو آهي. (1) پهرئين حصي کي اشراق ۽ ٻئي حصي واري کي ضحيٰ جي نماز سڏين ٿا. انهن حضرت علي ﷺ جي اڳئين ذڪر ڪيل روايت مان ائين سمجهيو آهي. هن جي ڀلائي گهڻي آهي. حضرت رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو آهي تہ "انسان ۾ ٽي سؤ سٺ 360 سنڌ آهن هر هڪ جي لاءِ شڪر ڪرڻ واجب ۽ صدقو ڏيڻ حق آهي، پر جيڪو ضحيٰ جون بہ رڪعتون پڙهندو تہ ان جڻ سيني سنڌن جو صدقو ادا ڪيو." هن نماز جي فضيلت ۾ تمام گهڻيون حديثون آيون آهن. پنجويهہ صحابن سڳورن عليهم الرضوان کان هن نماز جي ڀلائي جي لاءِ حديثون آيل آهن. (خصائل نبوي ص 241) ۽ علامہ علي القاري لکيو آهي تہ "تحقيق هي آهي تہ سج ايرڻ کان پوءِ ان جي ڦڪي رهڻ تائين ڪراهت واري وقت ختم ٿيڻ کان ضحيٰ جو وقت شروع ٿئي ٿو ۽ زوال کان اڳ تائين رهي ٿو. ۽ شروعات واري نفل کي اشراق ۽ وچ واري کي ضحيٰ ۽ آخري وقت ۾ پڙهيل نماز کي زوال جي نماز سڏيو ويندو آهي ۽ هن باب ۾ اٺ حديثون آهن. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 85)

{289} حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلاَنَ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو دَاوُدَ الطَّيَالِسِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا شُعْبَةُ، عَنْ يَزِيدَ الرِّشْكِ قَالَ: سَمِعْتُ مُعَاذَةَ، قَالَتْ: قُلْتُ لِعَائِشَةَ: أَكَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُصَلِّي الضُّحَى؟ قَالَتْ نَعَمْ، أَرْبَعَ رَكَعَاتٍ وَيَزِيدُ مَا شَاءَ اللهُ عَزَّ وَجَلَّ.

بامحاوره ترجمو: حضرت يزيد رشڪ ﷺ کان روايت آهي تہ مون حضرت معاذ ﷺ کان ٻڌو ۽ ان عائشه صديقه ﷺ کان پڇيو تہ نبي پاڪ جن ڪچي منجهند واري نماز پڙهندا هئا؟ بيبي سڳوري ﷺ فرمايو تہ هائو چار رڪعتون پڙهندا هئا ۽ ان کان زياده جيڪي الله گهريو تہ پڙهندا هئا.

مفردات جو شرح: "نَعَمْ" هائو. "أَرْبَعَ" چار. "يَزِيْدُ" زياده ڪندا هئا.

سمجهاڻي: ام المؤمنين سيده عائشه صديقه ﷞ کان معاذه نالي عورت عرض ڪري پڇيو تہ: رسول الله ﷺ جن ضحيٰ نماز پڙهندا هئا؟ تہ پاڻ جواب ۾ فرمايائين. هائو چار پڙهندا هئا ۽ جيڪي الله ﷻ گهريو تہ وڌائي بہ پڙهندا هئا.

صلواة الضحيٰ جي رڪعتن جو تعداد: علامہ علي القاري لکيو آهي تہ: ٻارهن رڪعتن کان وڌيڪ روايت ڪيل ناهي ۽ ام المؤمنين سيده عائشه صديقه ﷞ کان هڪ روايت ۾ جيڪو آيو آهي تہ: مون حضور ڪريم ﷺ جن کي ڇئن کان وڌيڪ پڙهندي نہ ڏٺو" اهو اڪثر ڪري هوندو هو ۽ غالب احوال تي حمل ڪيل آهي ۽ هن ۾ اهو بہ دليل آهي تہ: افضل چار رڪعتون آهن.. جو پاڻ اڪثر چار رڪعتون پڙهندا هئا ۽ هن جي تائيد حاڪم جي ڪتاب "المفرد في صلواة الضحٰى" ۾ نقل ڪيل عبارت سان بہ ٿئي ٿي تہ "محدثن جي جماعت کان نقل ڪيل آهي تہ اهي ضحيٰ جون چار رڪعتون پڙهندا هئا ۽ هن باري ۾ وارد ٿيل اڪثر حديثون بہ ان تي دلالت ڪن ٿيون. جيئن ابو درداء ۽ ابو ذر ﷠ کان ترمذي ۾ روايت آهي تہ الله ﷻ فرمايو: اي ابن آدم! منهنجي لاءِ ڏينهن جي پهرئين حصي ۾ چار رڪعتون پڙهہ تہ مان تولاءِ ان جي آخري حصي کان ڪافي آهيان" ۽ جمهور علماء وٽ ضحيٰ جي نماز مستحب آهي ۽ اها گهٽ ۾ گهٽ بہ رڪعتون آهي. ۽ ان جو دليل اها حديث آهي جيڪا ترمذي پنهنجي جامع ۾ ۽ احمد ۽ ابن ماجہ حضرت ابو هريره ﷠ کان روايت ڪئي آهي تہ: رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: "مَنْ حَافَظَ عَلٰى شَفْعَةِ الضُّحٰى غُفِرَتْ لَهٗ ذُنُوْبُهٗ وَاِنْ كَانَتْ مِثْلَ زَبَدِ الْبَحْرِ" جنهن ضحيٰ جي ٻن رڪعتن جي حفاظت ڪئي تہ ان جا گناهہ سمنڊ جي گجيءَ جيترا هوندا تہ بہ بخش ڪيا ويندا."

علامہ مناوي لکيو آهي تہ "كان يصلي" جملہ استمراريو غالبي آهي ضحيٰ نماز جا راوي گهڻا آهن محدثن مسلم وغيره آندو آهي تہ اٺويهہ صحابن فرمايو تہ: انهن پاڻ ڪريم ﷺ جن کي ضحيٰ جي نماز پڙهندي ڏٺو هو. تانجو ابن جرير وغيره فرمايو تہ "ضحيٰ نماز جي متعلق روايتون تواتر جي درجي کي پهتل آهن. ۽ ابن ابي شيبہ جي مصنف ۾ آهي تہ "اها نماز قرآن ڪريم ۾ آيل آهي پر ان بحر مان کي ٽوٻا ٽٻي هٽي ان کي هٽ ڪندا. ۽ هن جي مستحب هجڻ تي اجماع آهي ۽ ابن عربي فرمايو تہ اها نبي ڪريم ﷺ کان اڳ ۾ آيلن نبين (علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام) جي بہ نماز هئي.

(شرح المناوي عليٰ حاشيہ جمع الوسائل ج 2 ص 86)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب المسافرين وقصرها باب 13 استحباب صلواة الضحيٰ رقم الحديث 719 ج 1 ص 497 {2} النسائي في كتاب الصلواة من سننه الكبريٰ باب 59 عدد صلواة الضحيٰ في الحضر {3} ابنِ ماجه في كتاب اقامة الصلواة باب 187 ماجاء في صلواة الضحيٰ رقم الحديث 1465 {4} احمد في المسند ج 6 ص 95 {5} عبدالرزاق في المصنف رقم الحديث 4853 ج 3 ص 74، 75 {6} البيهقي في سننه ج 3 ص 47

{290} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ الْمُثَنّٰى قَالَ: حَدَّثَنِي حَكِيمُ بْنُ مُعَاوِيَةَ الزِّيَادِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا زِيَادُ بْنُ عُبَيْدِ اللهِ بْنِ الرَّبِيعِ الزِّيَادِيُّ، عَنْ حُمَيْدٍ الطَّوِيلِ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يُصَلِّي الضُّحَى سِتَّ رَكَعَاتٍ.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ﷺ ڪان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن ڪڇڙي منجهند جي وقت ڇهہ رڪعتون پڙهندا هئا.
مفردات جو شرح: ڪو خاص ناهي.
سمجهاڻي: هن روايت ۾ ضحيٰ نماز جي ڇهن رڪعتن جو ذڪر آهي جڏهن تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ڪان مختلف اوقات ۾ ضحيٰ نماز جون رڪعتون مختلف روايت ڪيل آهن ان جي ڪري علماء فرمايو تہ روايتن ۾ ڪو تعارض ناهي. (المواهب ص 493) علامہ علي القاري هڪ حديث آندي آهي تہ : رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ :" مَنْ صَلَّى الضُّحٰى ثِنْتَيْ عَشَرَةَ رَكْعَةً بَنَى اللهُ لَهُ قَصْرًا فِي الْجَنَّةِ" (جنهن ضحيٰ جي نماز ٻارهن رڪعتون پڙهي الله جلاله ان جي لاءِ جنت ۾ محل ٺاهيندو.)

(جمع الوسائل ج 2 ص 87)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} المزي في تهذيب الكمال ج 7 ص 205 {2} الهيتمي في مجمع الزوائد ج 2 ص 238.

{291} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ الْمُثَنّٰى قَالَ: حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ جَعْفَرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا شُعْبَةُ، عَنْ عَمْرِو بْنِ مُرَّةَ، عَنْ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ بْنِ أَبِي لَيْلٰى قَالَ: مَا أَخْبَرَنِي أَحَدٌ، أَنَّهُ رَأَى النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُصَلِّي الضُّحٰى إِلَّا أُمُّ هَانِئٍ، فَإِنَّهَا حَدَّثَتْ أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ دَخَلَ بَيْتَهَا يَوْمَ فَتْحِ مَكَّةَ فَاغْتَسَلَ فَسَبَّحَ ثَمَانِيَ رَكَعَاتٍ مَا رَأَيْتُهُ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ صَلَّى صَلَاةً قَطُّ أَخَفَّ مِنْهَا، غَيْرَ أَنَّهُ كَانَ يُتِمُّ الرُّكُوعَ وَالسُّجُودَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عبدالرحمان ابن ابي ليليٰ ﷺ ڪان روايت آهي تہ مون کي حضرت ام هاني ﷺ ڪان سواءِ ڪنهن نہ ٻڌايو آهي تہ ان رسول الله ﷺ کي ضحيٰ نماز پڙهندي ڏٺو آهي. ٻيبي سڳوري ﷺ بيان ڪيو تہ رسول الله ﷺ جن فتح مڪي جي ڏينهن منهنجي گهر آيا. غسل ڪيائون ۽ اٺ رڪعتون تمام مختصر نماز پڙهيائون. مون ڪڏهن بہ پاڻ ڪريمن ﷺ کي اهڙي هلڪي نماز پڙهندي نہ ڏٺو. پر رڪوع ۽ سجدو پورو ادا ٺي ڪيائون.
مفردات جو شرح: "قَطّ" صرف. "أَخَفَّ" هلڪي، ڦلڪي. "يُتِمُّ" پورو پورو ادا ڪندا هئا.
سمجهاڻي: هن روايت ۾ عبدالرحمان بن ابي ليليٰ ﷺ جو چوڻ آهي تہ "ام هاني ﷺ ڪان سواءِ ان کي ڪنهن بہ حضور ڪريم ﷺ جن جي ضحيٰ جي نماز جي خبر ڪانہ ڏني." مان لازم نہ ٿو اچي تہ هن نماز جو علم سيده ام هاني ﷺ ڪان سواءِ ٻين صحابہ ڪرام عليهم الرضوان کي نہ هو. البيجوري لکيو آهي تہ "ام هاني ﷺ ڪان سواءِ اڻويهہ وڌن صحابن رضي الله عنهم جو بيان آهي تہ انهن رسول الله ﷺ جن کي ضحيٰ جي نماز پڙهندي ڏٺو هو. (جيئن اڳ ۾ لکي آيا آهيون) ابو زرعة فرمايو تہ "ضحيٰ جي متعلق گهڻيون حديثون صحيح ۽ مشهور آيل آهن. تانجو ابنِ جرير فرمايو تہ "هي تواتر جي درجي کي پهتيون آهن" (المواهب ص 493) هن روايت ۾ آهي تہ "حضور ڪريم ﷺ جن مڪہ مڪرمہ کي فتح ڪرڻ واري ڏينهن پنهنجي رهائشگاهہ تي غسل ڪري اٺ رڪعتون ضحيٰ جون نهايت هلڪيون (ٿوري قراءت واريون) پڙهيون. جو پاڻ ان ڏينهن اهم ۽ مشڪل ڪمن کي حل ڪرڻ ۾ مصروف هئا. علامہ هيتمي مڪي لکيو آهي تہ "مسلم شريف جي روايت ۾ آهي تہ "حضرت رسول الله ﷺ جن

سيده ام هاني رضي الله عنها جي گهر ۾ فتح واري سال هڪ ڪپڙي ۾ جنهن جا پلاند ڪلهن تي ابتا ورايل هئا اٺ رڪعتون ضحيٰ جي نماز جون پڙهيون هيون. ۽ نسائي جي روايت آهي تہ سيده ام هاني رضي الله عنها پاڻ فتح واري سال حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ڏانهن وئي هئي. اتي ڏٺائين تہ حضور ڪريم سيده فاطمه رضي الله عنها جي طرفان اوٽ ۾ پردي ڏنل ڪپڙي جي پويان غسل ڪري رهيا هئا. پوءِ سيده ام هاني رضي الله عنها سلام ورايو تہ حضور ڪريم ﷺ جن پڇيو تہ ڪير آهي؟ سيده ام هاني رضي الله عنها عرض ڪيو تہ: ام هاني آهيان. پوءِ جڏهن غسل ڪان فارغ ٿيا تہ هڪ ئي ڪپڙي ۾ ويڙهجي اٺ رڪعتون (ضحيٰ نماز جون) پڙهيائون. روايتن جي هن اختلاف جو جواب ڏيندي علامہ هيتمي مڪي لکيو آهي تہ "اهو واقعو متعدد ڀيرا ٿيو هوندو. پوءِ هڪ ڀيري حضور ڪريم ﷺ جن سندس گهر ۾ هئا تہ ٻئي ڀيري اها سندن رهائش گاهہ تي آئي هوندي. ۽ اهو بہ احتمال آهي تہ: حضور پاڪ ﷺ جن سندس ئي گهر جي ڪنهن پاسي ۾ سيده فاطمه رضي الله عنها جي طرفان پردي لاءِ ڏنل ڪپڙي جي اوٽ ۾ غسل فرمائي رهيا هئا پوءِ سيده ام هاني رضي الله عنها اتي آئي ۽ اهو سندس اچڻ پنهنجي ڀاءُ سيدنا علي رضي الله عنه جي خلاف شڪايت ڪرڻ جي لاءِ هو. چوتہ جنهن ڪي سيده ام هاني رضي الله عنها پناهہ ڏني هئي حضرت علي رضي الله عنه ان ڪي قتل ٿي ڪيو. پوءِ حضرت رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ "قَدْ اَجَرْنَا مَنْ اَجَرْتِ يَا اُمَّ هَانِئٍ" اي ام هاني! جنهن ڪي تو پناهہ ڏني اسان بہ ان ڪي پناهہ ڏني. " ۽ ابو داؤد جي روايت ۾ آهي تہ "رسول الله ﷺ جن انهن اٺن رڪعتن ۾ ٻن رڪعتن تي سلام ورايو هو. ۽ انهن جو قول جن چيو تہ ضحيٰ جي نماز مڪہ مڪرمہ جي فتح سبب پڙهي هيائون. مذڪوره احاديث جي ڪري باطل آهي ۽ حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان صحيح روايت ۾ آهي تہ "اَوْصَانِيْ خَلِيْلِيْ بِثَلَاثٍ لَا اَدَعُهُنَّ حَتّٰى اَمُوْتَ وَذَكَرَ مِنْهُنَّ الضُّحٰى" مون ڪي منهنجي دوست ٽن ڪمن جو حڪم ڪيو آهي مان مرڻ تائين اهي نہ ڇڏيندس. ۽ انهن مان ضحيٰ نماز بہ آهي" علامہ موصوف لکيو آهي تہ هن روايت جي لفظ **"فَاغْتَسَلَ"** مان علماء اهو دليل ورتو آهي تہ مڪہ مڪرمہ ۾ داخل ٿيڻ واري جي لاءِ سنت آهي تہ پهرين ڏينهن ضحيٰ نماز جي لاءِ حضور ڪريم ﷺ جي اقتداء ڪندي غسل ڪري (اشرف الوسائل ص 410، 411) علامہ علي القاري لکيو آهي تہ ممڪن آهي تہ سيده ام هاني رضي الله عنها جا ٻہ گهر هجن هڪ ۾ حضور ڪريم ﷺ جن رهيا هئا ۽ هڪ ۾ پاڻ رهيل هئي. ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ: ڪين غسل وقت حضرت ابو ذر رضي الله عنه ڪپڙي جي اوٽ ڏني هئي۽ ابن عبدالبر رحمه الله جي روايت ۾ آهي تہ سيده ام هاني رضي الله عنها حضور ڪريم ﷺ جن کان عرض ڪري پڇيو هو تہ: هيءَ ڪهڙي نماز آهي؟ تہ پاڻ فرمايو هيائون "ضحيٰ جي نماز آهي" ۽ حضرت انس کان مرفوع روايت ۾ آيو آهي تہ "مَنْ صَلَّى الضُّحٰى رَكْعَتَيْنِ لَمْ يُكْتَبْ مِنَ الْغَافِلِيْنَ وَمَنْ صَلّٰى اَرْبَعَ رَكْعَاتٍ كُتِبَ مِنَ الْقَانِطِيْنَ وَمَنْ صَلّٰى سِتًّا كُفِيَ ذَالِكَ الْيَوْمَ وَمَنْ صَلّٰى ثَمَانِيًا كُتِبَ مِنَ الْعَابِدِيْنَ وَمَنْ صَلّٰى ثِنْتَيْ عَشَرَةَ رَكْعَةً بَنَى اللّٰهُ لَهٗ بَيْتًا فِي الْجَنَّةِ" (جنهن ضحيٰ نماز جون ٻہ رڪعتون پڙهيون اهو غافلن مان نہ لکيو ويندو ۽ جنهن چار رڪعتون پڙهيون اهو فرمانبردارن مان لکيو ويندو ۽ جنهن ڇهہ رڪعتون پڙهيون ان جي لاءِ ان ڏينهن ۾ ڪفايت ڪئي ويندي ۽ جنهن اٺ رڪعتون پڙهيون اهو عابدن مان لکيو ويندو ۽ جنهن ٻارهن رڪعتون پڙهيون ان جي لاءِ الله جل جلاله جنت ۾ گهر ٺاهيندو. (جمع الوسائل ج 2 ص 89)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب تقصير الصلواة باب 12 من تطوع في

السفر في غير دبر الصلواة و قبلها رقم الحديث 1103 ج 2 ص 578 {2} مسلم في كتاب صلواة المسافرين و قصرها باب 13 استحباب صلواة الضحيٰ رقم الحديث 336 حديث الكتاب 80 ج 1 ص 497(3) {3} ابو داؤد في كتاب الصلواة باب 302 صلواة الضحيٰ رقم الحديث 1291 ج 2 ص 28 {4} النسائي في كتاب الصلواة من سننه الكبريٰ باب 61 كيف صلواة الضحيٰ {5} احمد في المسند ج 6 ص 342.

{292} حَدَّثَنَا ابْنُ أَبِي عُمَرَ قَالَ : حَدَّثَنَا وَكِيعٌ قَالَ : حَدَّثَنَا كَهْمَسُ بْنُ الْحَسَنِ ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ شَقِيقٍ قَالَ : قُلْتُ لِعَائِشَةَ : أَكَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُصَلِّي الضُّحَى؟ قَالَتْ : لاَ إِلاَّ أَنْ يَجِيءَ مِنْ مَغِيبِهِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عبدالله بن شقيق رضي الله عنه کان روايت آهي ته مون حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها کان پڇيو ته نبي پاڪ ﷺ ضحيٰ نماز پڙهندا هئا؟ بيبي سڳوري رضي الله عنها چيو ته (هميشه) نه. پر جڏهن سفر تان ايندا هئا ته پڙهندا هئا.

مفردات جو شرح: "أَكَانَ" چا هئا. استفهام آهي. "إِلاَّ أَنْ يَجِيءَ " مگر هي جو اچن. "مَغِيبِهِ" پنهنجي سفر کان "مَغِيبِ" غائب ٿيڻ. هتي مراد سفر آهي.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ ام المؤمنين سيده عائشه صديقه رضي الله عنها کان ضحيٰ پڙهڻ جي سفر کان موٽڻ کان سواءِ نفي آئي آهي. شارحن لکيو آهي ته اها مداومت هميشگي ڪرڻ جي نفي آهي. علامه بيجوري لکيو آهي ته : اى لم يكن اَدْوَمَ على صلوٰتها فقولها هنا "لا" نفى للمداومة وما روى عنها من انه ما صلى سبحة الضحٰى قط فلا يناقى قولها فى الحديث السابق ." (مواهب ص 494، 495) يعني هتي ۽ سندس ٻي روايت ته پاڻ ڪڏهن به ضحيٰ جو نفل نه پڙهيو هيائون ان مان مراد هميشگي جي نفي آهي ان جي ڪري اهو قول ثبوت وارين روايتن جي خلاف ناهي. "مگر سفر کان واپس ايندا هئا ته پڙهندا هئا" ۾ حضرت ڪعب بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي ته "انه ﷺ كان لا يقدم من سفره الا نهارا من الضحى فاذا قدم بدءَ بالمسجد اول قدومه فصلى فيه ركعتين ثم جلس فيه" پاڻ ڪريم ﷺ سفر کان ڏينهن جو ضحيٰ جي وقت موٽندا هئا پوءِ اول مسجد ۾ اچي ٻه رڪعتون (نفل) نماز پڙهندا هئا ان کان پوءِ اتي ويهندا هئا. (مواهب ص 494، 495) علامه علي قاري لکيو آهي ته " سيده جي نفي جو مطلب آهي ته مسجد ۾ ضحيٰ جا نفل سفر ۾ موٽڻ کان سواءِ نه پڙهندا هئا. (جمع الوسائل ج 2 ص 90)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب صلواة المسافرين و قصرها باب 13 استحباب صلواة الضحيٰ رقم الحديث 717 حديث الكتاب 76 ج 1 ص 497 {2} النسائي في كتاب الصوم باب 34 ذكر اختلاف الناقلين لخبر عائشه فيه ج 4 ص 152 {3} احمد في المسند ج 6 ص 204 {4} ابن ابي شيبه في المصنف رقم الحديث 7776 ج 2 ص 173 {5} ابن خزيمه في صحيحه رقم الحديث 1230 ج 2 231 {6} ابن حبان في صحيحه رقم الحديث 2526 ج 6 ص 268 {7} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 1003 ج 4 ص 137.

{293} حَدَّثَنَا زِيَادُ بْنُ أَيُّوبَ الْبَغْدَادِيُّ قَالَ : حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ رَبِيعَةَ ، عَنْ فُضَيْلِ بْنِ مَرْزُوقٍ ، عَنْ عَطِيَّةَ ، عَنْ أَبِي سَعِيدٍ الْخُدْرِيِّ قَالَ : كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُصَلِّي الضُّحَى حَتَّى نَقُولَ : لاَ يَدَعُهَا ، وَيَدَعُهَا حَتَّى

نَقُولَ: لَا يُصَلِّيهَا

بامحاوره ترجمو: حضرت ابوسعيد خدري ﷜ کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن ڪڏهن ضحيٰ نماز لاڳيتو پيا پڙهندا هئا. جو اسان چوندا هئاسون ته ان کي نه ڇڏيندا. ڪڏهن ان کي ڇڏي ڏيندا هئا ته اسان پائيندا هئاسون. ته هاڻي شايد ان کي نه پڙهندا.

مفردات جو شرح: "حَتّٰى نَقُولَ" تانجو اسين چئون پيا. سمجهون پيا. "لَا يَدَعُهَا" ان کي نه پيا ڇڏين. لاڳيتو پڙهندا پيا رهن.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ ضحيٰ نماز جو پڙهڻ ۽ نه پڙهڻ ٻئي معلوم ٿي رهيا آهن. علماء ڪرام فرمايو ته اهو ان جي ڪري هو ته رسول الله ﷺ جا پروانا ان کي فرض نه سمجهي ويهن. ام المؤمنين سيده عائشه صديقه ﷝ جو فرمان آهي ته: ڪي اهڙيون عبادتون هيون جن جي ڪرڻ جي لاءِ رسول الله ﷺ جن جي دل مبارڪ چاهيندي هئي پر ان خيال سان انهن تي هميشگي نه ڪندا هئا ته مبادا اهي امت تي فرض ٿي وڃن.. علامه علي القاري لکيو آهي ته: ضحيٰ نماز جون پلايون گهٽيون آهن. (جيڪي ڪجهه اڳ ۾ لکي آيا آهيون)

ضحيٰ نماز ۾ ڪهڙيون سورتون پڙهجن: حاڪم عقبة بن عامر ﷜ کان روايت آندي آهي ته رسول الله ﷺ جن اسان کي امر فرمايو هو ته "ضحيٰ نماز کي ضحيٰ لفظ وارين سورتن "والشمس وضحها" ۽ "والضحيٰ" سان پڙهون" علامه موصوف لکيو آهي ته: مناسب هي آهي ته جيڪڏهن ڪو ضحيٰ جون چار رڪعتون پڙهي ته انهن ۾ "والشمس والليل" والضحيٰ ۽ "الم نشرح" سورتون پڙهي.

عجيب ڳالهه: علامه الزين العراقي فرمايو آهي ته: ماڻهن ۾ هيءَ ڳالهه مشهور ٿي وئي آهي ته: جنهن ضحيٰ نماز پڙهي وري ڇڏي ڏني ته اهو انڌو ٿي ويندو. ان جي ڪري ماڻهو مرڳي پڙهن ئي ڪونه ٿا ته متان ڪڏهن نه پڙهڻ جي ڪري انڌا ٿي وڃون. پر ان ڳالهه جو ڪوبه ثبوت يا اصل ناهي بلڪه اهو شيطاني وسوسو آهي جيڪو ماڻهن ۾ وڌو ويو آهي تان ته انهن کي ان خير ڪثير کان محروم ڪيو وڃي. علامه علي القاري لکيو آهي ته اهو وهم عورتن ۾ گهڻو آهي ۽ اهي سوچين ٿيون هوءَ نه پر حيض نفاس جي حالت ۾ ته نه پڙهي سگهنديون پوءِ جو انڌيون ٿي پون تنهن کان اصل نه پڙهن ته ڀلو آهي. (معاذ الله ثم معاذالله) ۽ چون ٿيون ته اها عورت ضحيٰ پڙهي جيڪا حيض، نفاس جي مدت کان ڇڙهيل هجي. (جمع الوسائل ج 2 ص 90، اشرف الوسائل ص 412)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 3 ص 21،36 {2} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 1002 ج 4 ص 136 {3} ابو نعيم في تاريخ اصبهان ج 1 ص 244.

{294} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ، عَنْ هُشَيْمٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عُبَيْدَةُ، عَنْ إِبْرَاهِيمَ، عَنْ سَهْمِ بْنِ مِنْجَابٍ، عَنْ قَرْثَعٍ الضَّبِّيِّ، أَوْ عَنْ قَزَعَةَ، عَنْ قَرْثَعٍ، عَنْ أَبِي أَيُّوبَ الْأَنْصَارِيِّ، أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يُدْمِنُ أَرْبَعَ رَكَعَاتٍ عِنْدَ زَوَالِ الشَّمْسِ فَقُلْتُ: يَا رَسُولَ اللهِ، إِنَّكَ تُدْمِنُ هٰذِهِ الْأَرْبَعَ رَكَعَاتٍ عِنْدَ زَوَالِ الشَّمْسِ فَقَالَ: إِنَّ أَبْوَابَ السَّمَاءِ تُفْتَحُ عِنْدَ زَوَالِ الشَّمْسِ فَلَا تُرْتَجُ حَتّٰى تُصَلَّى الظُّهْرُ، فَأُحِبُّ أَنْ يَصْعَدَ لِي فِي تِلْكَ السَّاعَةِ خَيْرٌ قُلْتُ: أَفِي كُلِّهِنَّ قِرَاءَةٌ؟ قَالَ: نَعَمْ قُلْتُ: هَلْ فِيهِنَّ تَسْلِيمٌ فَاصِلٌ؟ قَالَ: لَا.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو ايوب انصاري ﷛ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ هميشہ سج لڙڻ وقت چار رڪعتون پڙهندا هئا. مون عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ! اوهان هميشہ سج لڙڻ مهل چار رڪعتون نماز پڙهندا آهيو. (ان جو ڪهڙو سبب آهي؟)

پاڻ سڳورن ﷺ جن ارشاد فرمايو: سج لڙڻ وقت آسمان جا دروازا کلن ٿا (يعني قبوليت جو وقت آهي) تيسين دروازا بند نہ ٿا ٿين. جيسين ٻيپهري نماز پڙهجي, ان جي ڪري آءٌ چاهيان ٿو تہ ان وقت منهنجي وڏي نيڪي مٿي چڙهي وڃي يعني ڏٿيءَ جي حضور ۾ وڃي پهچي. مون عرض ڪيو تہ"هر رڪعت ۾ قراءت آهي؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: هائو. وري عرض ڪيم تہ ٻن ٻن رڪعتن تي سلام سان فاصلو آهي؟ فرمايائون تہ نہ.

مفردات جو شرح: "يُدْمِنُ" هميشہ پڙهندا هئا. ادمانُ مصدر کان ورتل آهي. لازم ڪري وٺڻ, هميشگي ڪرڻ. "لَاتُرْتَجُ" بند نہ ڪيا ويندا آهن. "يَصْعَدَ" مٿي چڙهي. هن جي مصدر صعد يا "صعود" آهي. "فَاصِلٌ" جدا ڪرڻ وارو. سنڌو ڪندڙ. هن جي مصدر فصل آهي, جدا ڪرڻ, ڌار ڪرڻ.

سمجهاڻي: هن حديث مبارڪ ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ جن سج جي زوال (لڙڻ) کان پوءِ چار رڪعتون هميشہ پڙهندا هئا. علامہ علي القاري لکيو آهي تہ : راوي عند زوال الشمس آندو آهي بعد زوال الشمس نہ آندو آهي سوان جي ڪري تہ اهو سمجهہ ۾ اچي تہ اهو نفل پاڻ سج جي لڙڻ کان پوءِ تڪڙو پڙهندا هئا, گهٽي دير نہ ڪندا هئا. ۽ بعض علماء فرمايو تہ : ان مان مراد ظهر جي فرض کان اڳيون چار رڪعتون سنت آهن

سج لڙڻ وقت زوال جا نفل: بزار حضرت ثوبان ﷛ کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن تاڪ منجهند (سج لڙڻ) کان پوءِ نفل ڪي پسند ڪندا هئا پوءِ ام المؤمنين سيده عائشه صديقه ﷞ کين عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ! مان اوهان کي ڏسان ٿي تہ اوهان نماز سان محبت رکو ٿا؟ تہ پاڻ فرمايائون : هن گهڙي ۾ آسمان جا دروازا کوليا وڃن ٿا ۽ الله ﷻ پنهنجي مخلوق ڏانهن رحمت جي نظر سان نهاري ٿو ۽ اها اها نماز آهي جنهن جي, (حضرت) آدم, (حضرت) نوح, (حضرت) ابراهيم, (حضرت) موسيٰ, (حضرت) عيسيٰ (عليهم الصلواة والسلام) حفاظت ڪندا هئا." يعني گهڻو ڪري پڙهندا هئا. اڳتي ارشاد آهي تہ "ان وقت آسمان جا دروازا کوليا وڃن ٿا ۽ جيستائين ظهر نماز نہ ٿي پڙهي وڃي تيستائين اهي بند نہ ٿا ڪيا وڃن. مان بہ چاهيان ٿو تہ ان گهڙيءَ ۾ منهنجو بہ ڀلو عمل مٿي چڙهي وڃي." اهو فرض کان سواءِ هجي جيڪو عبوديت جي ڪمال ۽ رباني عنايت جي نهايت تي دلالت ڪري. مون عرض ڪيو تہ " ڇا انهن چئني رڪعتن ۾ قراءت آهي؟ (يعني فاتحہ کان پوءِ قراءت واجب آهي؟ جيئن اسان حنفين جو مذهب آهي تہ ننڍي سورة يا ان جو مقدار قرآن ڪريم جي ڪنهن بہ سورت مان) پاڻ فرمايائون تہ "هائو" . مون عرض ڪيو تہ "ڇا انهن جي وچ ۾ سلام سنڌو ڪندڙ بہ آهي؟) جو ٻہ رڪعتون ٿي وڃن. باقي التحيات جي وچ وارو سلام. "اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ" مراد ناهي. (پاڻ فرمايائون تہ "نہ" انهن جي وچ ۾ سنڌو ڪندڙ سلام ناهي.) (هن ۾ دليل آهي تہ ڏينهن جو بہ چار رڪعتون گڏي هڪ نفل پڙهڻ افضل آهي. (جمع الوسائل ج 2 ص 91, 92)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب الصلواة باب 297 الاربع قبل الظهر

رقم الحديث 1270 ج 2 ص 23 {2} احمد في المسند ج 5 ص 416 {3} الطيالسي في مسنده رقم الحديث 597 ص 81.

{295} أَخْبَرَنِي أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو مُعَاوِيَةَ قَالَ: حَدَّثَنَا عُبَيْدَةُ، عَنْ إِبْرَاهِيمَ، عَنْ سَهْمِ بْنِ مِنْجَابٍ، عَنْ قَزَعَةَ، عَنْ قَرْثَعٍ، عَنْ أَبِي أَيُّوبَ الأَنْصَارِيِّ، عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ نَحْوَهُ.

ترجمو، سمجهاڻي ۽ تخريج ساڳي آهي.

{296} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ الْمُثَنَّى قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو دَاوُدَ قَالَ: حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ مُسْلِمِ بْنِ أَبِي الْوَضَّاحِ، عَنْ عَبْدِ الْكَرِيمِ الْجَزَرِيِّ، عَنْ مُجَاهِدٍ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ السَّائِبِ، أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يُصَلِّي أَرْبَعًا بَعْدَ أَنْ تَزُولَ الشَّمْسُ قَبْلَ الظُّهْرِ وَقَالَ: إِنَّهَا سَاعَةٌ تُفْتَحُ فِيهَا أَبْوَابُ السَّمَاءِ، فَأُحِبُّ أَنْ يَصْعَدَ لِي فِيهَا عَمَلٌ صَالِحٌ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عبدالله بن سائب ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ٻيپهريءَ کان اڳ، سج لڙڻ کان پوءِ چار رڪعتون نماز پڙهندا هئا ۽ فرمايائون تہ انهيءَ ساعت آسمان جا دروازا کلن ٿا. پوءِ منهنجي دل گهري ٿي تہ منهنجو ڪو نيڪ عمل ان ساعت ۾ منهنجي لاءِ چڙهي، (ڌڻيءَ جي دربار ۾ وڃي پهچي.)

مفردات جو شرح: "كَانَ يُصَلِّي" پڙهندا هئا. "بَعْدَ أَنْ" ان کان پوءِ. "إِنَّهَا" بلاشڪ اها.

سمجهاڻي: اهي چار رڪعتون سج لڙڻ کان پوءِ ظهر جي فرض کان پهريان پڙهندا هئا ۽ ان جو سبب اهو ٻڌايائون تہ "اها اهڙي برڪت واري گهڙي آهي جو الله ﷻ ان ۾ آسمان جا دروازا کولائي ٿو ڇڏي. مان ان ۾ ان جي ڪري نماز پڙهان ٿو تہ ان ۾ منهنجو صالح عمل مٿي چڙهي وڃي (۽ قبوليت جي شرف سان مشرف ٿئي.") حضرت ثوبان ﷛ فرمايو تہ "رسول الله ﷺ جن زوال کان پوءِ واريون سنتون گهڻيون پسند ڪندا هئا. (انوارِ غوثيہ ص 378) علامہ علي القاري لکيو آهي تہ: انهن چئن رڪعتن جو ثواب، رات جي پوئين حصي واري نماز جهڙو آهي ۽ انهن گهڙين ۾ الله ﷻ جو حرڪت ۽ انتقال کان پاڪ نزول ٿيندو آهي جو تہ هنن ٻنهي وقتن مان هر هڪ وقت سندس قرب ۽ رحمت جو آهي ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن ان تي مواظبت، مداومت ۽ هميشگي ڪندا هئا." علامہ مناوي لکيو آهي تہ: بيضاوي فرمايو. اها ظهر جي فرض کان پهرين سنت آهي. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 92)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: (1) النسائي في كتاب الصلواة كما في تحفة الاشراف ج 4 ص 348 (2) احمد في المسند ج 3 ص 411.

{297} حَدَّثَنَا أَبُو سَلَمَةَ يَحْيَى بْنُ خَلَفٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عُمَرُ بْنُ عَلِيٍّ الْمُقَدَّمِيُّ، عَنْ مِسْعَرِ بْنِ كِدَامٍ، عَنْ أَبِي إِسْحَاقَ، عَنْ عَاصِمِ بْنِ ضَمْرَةَ، عَنْ عَلِيٍّ، أَنَّهُ صَلَّى قَبْلَ الظُّهْرِ أَرْبَعًا، وَذَكَرَ أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يُصَلِّيهَا عِنْدَ الزَّوَالِ وَيَمُدُّ فِيهَا.

بامحاوره ترجمو: حضرت علي ﷛ کان روايت آهي تہ هو پاڻ چار رڪعتون ٻيپهريءَ کان اڳ پڙهندو هو ۽ ٻڌايائين تہ نبي ڪريم ﷺ زوال جي وقت اها نماز پڙهندا هئا ۽ ان نماز کي ڊگهو ڪندا هئا.

مفردات جو شرح: "كَانَ يُصَلِّ" ماضي استمراري جو صيغو آهي نماز پڙهندا هئا, "يمد" ڊگهي قراءت ڪندا هئا.

سمجهاڻي: مطلب تہ محبوب ڪريم ﷺ جن قبل الظهر چار رڪعتون پڙهندا هئا پر ان ۾ قراءت ڊگهي ڪندا هئا. علامہ علي القاري لکيو آهي تہ : فجر جي ٻن رڪعتن ۾ هلڪي, ٿوري قراءت ڪندا هئا ۽ هن ۾ گهڻي ڪندا هئا. ۽ هن مان واضح ٿيو تہ ان نماز ۾ قراءت ڊگهي ڪرڻ مستحب آهي. (اشرف الوسائل ص 415) امام غزالي "احياءُ العلوم" ۾ لکيو آهي تہ : بهتر آهي تہ انهن چئن رڪعتن ۾ سورة بقرة پڙهي وڃي نہ تہ ٻي ڪا اهڙي سورة جنهن ۾ سو ڪان وڌيڪ آيتون هجن. تانت ڊگهي قراءت ڪرڻ ۾ بہ حضور ڪريم ﷺ جي اتباع ٿي وڃي. (خصائل نبوي ص 246)

هيءَ حديث ٻين جن محدثن آندي آهي: انهن جو ذڪر حديث نمبر 287 جي تخريج ۾ ٿي چڪو آهي.

باب ٻائيتاليهون

بَابُ صَلَاةِ التَّطَوُّعِ فِي الْبَيْتِ

هي باب (آقا ﷺ جن جي) گهر ۾ نفل پڙهڻ جي بيان ۾ آهي

سمجهاڻي: يعني فرض کان زياده جيڪا نماز گهر ۾ پڙهندا هئا پوءِ هي سنت مؤڪده ۽ غير موڪده کي شامل آهي. نوافل گهر ۾ پڙهڻ افضل آهن. محبوب ڪريم ﷺ جن کان قولاً ۽ فعلاً روايتن ۾ هي مضمون وارد آهي.

گهرن ۾ نفل پڙهڻ جون مصلحتون: هن ۾ گهڻيون مصلحتون ملحوظ آهن انهن مان هڪ هيءَ به آهي ته گهر ۾ برڪت ۽ نورانيت وڌي ٿي. گهر جا ماڻهو نماز سکن ٿا ۽ انهن ۾ به شوق پيدا ٿئي ٿو. بعض احاديث ۾ رسول الله ﷺ جن جو حڪم آيو آهي ته "نماز جو ڪجهه حصو گهر ۾ ادا ڪيو ۽ گهرن کي قبرستان نه بڻايو" يعني جيئن قبرستان ۾ نماز نه پڙهي ويندي آهي يا جيئن مرده نماز نه پڙهندا آهن اوهان پنهنجن گهرن کي قبرستان جي مشابه نه بڻايو. (خصائل نبوي ص 246) سيد امير گيلاني صاحب لکيو آهي ته : التطوع جي معنيٰ آهي نفل نماز پڙهڻ يا ڪوئي به نفل ڪم ڪرڻ جيڪو واجب نه هجي مثال طور صدقو ڏيڻ، احسان ڪرڻ، زياده ڪرڻ، هن باب ۾ حديث پاڪ آڻي محدث ترمذي واضح ڪيو آهي ته نفلي نماز گهر ۾ پڙهڻ حضور ڪريم ﷺ جن کي پسند هئي. مسجدون فرضن جي ادا ڪرڻ جي لاءِ ٺاهيون ويون آهن ان جي ڪري فرض مسجدن ۾ پڙهيا وڃن. باقي نفل گهر ۾ پڙهڻ بهتر آهن. تانت نفلي نماز جي ڪري گهر ۾ به رحمت جي ملائڪن جو نزول ٿئي ٿو ۽ فرائض جي ادا ڪرڻ ۾ رياء نه هوندو آهي پر نفلن ۾ رياء جو امڪان هوندو آهي ان جي ڪري اهي گهر ۾ مخفي طور پڙهڻ گهرجن تان ته عبادت ۾ ڏيکاءُ ۽ ماڻهن کي ٻڌائڻ وارو ذهن ۽ غرور پيدا نه ٿئي. ان لحاظ سان نفلي عبادت گهر ۾ بهتر آهي. (انوارِ غوثيه ص 380) علامه ابن حجر هيتمي مڪي لکيو آهي ته نفل گهر ۾ پڙهڻ مسجد ۾ پڙهڻ کان افضل آهي پوءِ اها ڳالهه برابر آهي ته مسجد ۾ ماڻهو هجن يا نه هجن گهر ۾ برڪت ۽ رحمت طلب ڪرڻ جي لاءِ گهر ۾ نفل پڙهڻ پلو آهي ها گهر ۾ نفل پڙهڻ کان ضحيٰ جي نماز ۽ طواف جي سنت وارو نفل مستثنيٰ آهي اها مسجد حرام ۾ ۽ پنهنجي ڳوٺ جي مسجد ۾ پڙهڻ افضل آهي. (اشرف الوسائل ص 416) هن باب ۾ مصنف هڪ حديث آندي آهي.

{298} حَدَّثَنَا عَبَّاسٌ الْعَنْبَرِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمٰنِ بْنُ مَهْدِيٍّ، عَنْ مُعَاوِيَةَ بْنِ صَالِحٍ، عَنِ الْعَلَاءِ بْنِ الْحَارِثِ، عَنْ حَرَامِ بْنِ مُعَاوِيَةَ، عَنْ عَمِّهِ عَبْدِ اللهِ بْنِ سَعْدٍ قَالَ: سَأَلْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَنِ الصَّلَاةِ فِي بَيْتِي وَالصَّلَاةِ فِي الْمَسْجِدِ قَالَ: قَدْ تَرَى مَا أَقْرَبَ بَيْتِي مِنَ الْمَسْجِدِ، فَلَأَنْ أُصَلِّيَ فِي بَيْتِي أَحَبُّ إِلَيَّ مِنْ أَنْ أُصَلِّيَ فِي الْمَسْجِدِ إِلَّا أَنْ تَكُونَ صَلَاةً مَكْتُوبَةً.

بامحاوره ترجمو: حضرت عبدالله بن سعد ﷺ کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ کان (پنهنجي ٻاري ۾) گهر ۽ مسجد ۾ نماز پڙهڻ بابت پڇيو (يعني گهر ۾ نماز پڙهڻ بهتر آهي يا مسجد ۾؟)

پاڻ ڪريمن ﷺ جن ارشاد فرمايو : ڏسين ٿو تہ منهنجو گهر مسجد کي ڪيترو تہ ويجهو آهي. تڏهن بہ فرضي نماز کان سواءِ ٻي نفل نماز مون کي پنهنجي گهر ۾ پڙهڻ مسجد کان وڌيڪ پسند آهي. (يعني فرض نماز مسجد ۾ پڙهڻ بهتر آهي، باقي نفل نماز پلي گهر ۾ پڙهجي.)

مفردات جو شرح: " كَانَ يُصَلِّي" تحقيق، يقينا، بيشڪ. "صَلاةً مَكْتُوبَةً " فرض نماز.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ حضرت عبدالله بن سعد ﷺ جو حضور ڪريم ﷺ جن کان پڇڻ جو ذڪر آهي تہ " نفلي نماز گهر ۾ پڙهڻ بهتر آهي يا مسجد ۾؟ ۽ ان پڇڻ جي جواب ۾ ڪيس حضرت نبي ڪريم ﷺ جن سهڻي نموني سمجهائيندي جواب ڏنو تہ : اي سعد! تون ڏسين پيو تہ منهنجو گهر هن (نبوي) مسجد کي ڪيترو ويجهو آهي جو مان ان ۾ آسانيءَ سان نفل پڙهي سگهان ٿو پر ان جي باوجود مون کي هي پسند آهي تہ فرضن کان سواءِ باقي نماز گهر ۾ پڙهان. علامہ المناوي المتوفي سن 1003 هہ لکيو آهي "فمعنى الحديث انه مع كمال قرب بيتى من المسجد صلواتى فى بيتى احب الىَّ من صلواتى فى المسجد الا المكتوبة" (شرح المناوي علي حاشية جمع الوسائل ج 2 ص 93) يعني ان جي باوجود جو منهنجو گهر پاڪ مسجد کي گهڻو ويجهو آهي مون کي پسند هي آهي تہ فرض نماز کان سواءِ نوافل پنهنجي گهر ۾ ٿي پڙهان" علامہ مذڪور هيءَ حديث بہ ذڪر ڪئي آهي تہ : صحيحين ۾ آهي تہ "اَفْضَلَ الصَّلٰوةِ صَلٰوةُ الْمَرْءِ فِي بَيْتِهِ اِلَّا الْمَكْتُوبَةَ" (يعني فرض نماز کان سواءِ باقي مرد جي لاءِ نماز گهر ۾ پلي آهي. (انوار غوثيہ ص 381، 382) علامہ علي القاري لکيو آهي تہ ان ۾ عُجب ۽ رياءَ کان بچاءِ، ايمان جي تصديق جو تحقيق، منافقن جي مخالفت، گهر ۽ گهروارن ۾ برڪت ۽ پلائيءَ جو وصول ۽ رحمت جي ملائڪن جو نزول ۽ شيطان کي تڙي ڪيڻ جهڙي نعمت ملندي آهي جيئن روايات ۾ وارد آهي، مگر فرض نماز مسجد ۾ پڙهڻ پلي آهي ڇوتہ اسلام جي شعائر مان آهي. ۽ اهڙي طرح ٻيون عبادتون زڪواة ڏيڻ، فرضي روزا ظاهر ظهور رکڻ آهن. فرضي ظاهر ڪيا ويندا ۽ نفلي لڪايا ويندا پر ان حڪم ۾ تحية المسجد واري نماز داخل ناهي ڇوتہ حضرت قتاده ﷺ کان روايت آهي تہ "رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ "اِذَا دَخَلَ اَحَدُكُمْ فِي الْمَسْجِدِ فَلْيَرْكَعْ رَكَعَتَيْنِ قَبْلَ اَنْ يَّجْلِسَ" (يعني جڏهن اوهان مان ڪو مسجد ۾ داخل ٿئي تہ ويهڻ کان پهريان بہ رڪعتون نماز پڙهي"(متفق عليہ) ۽ اهڙي طرح طواف واري نماز بہ مسجد ۾ بالاجماع افضل آهي برابر جوان کي واجب چيو وڃي جيئن اسان حنفين جو قول آهي يا سنت سڏيو وڃي جيئن امام شافعي جو قول آهي ۽ اهڙي طرح تراويح سنت بہ بالاتفاق مسجد ۾ پڙهيون وڃن ٿيون. (جمع الوسائل ج 2 ص 94) الغرض تہ نفلن ۾ لڪ ڪرڻ بهتر آهي ان جي ڪري اهي گهر ۾ ادا ڪجن البت فرائض ۽ جن نمازن کي لڪائڻ مناسب ناهي اهي مسجد ۾ افضل آهن. جيئن طواف ڪعبہ جون رڪعتون ۽ صلواة التراويح وغيره. صلواة التراويح جيتوڻيڪ فرائض مان ناهي پر اها رمضان شريف جو خصوصي امتياز آهي ۽ ان ۾ جماعت ڪرڻ مسنون آهي ۽ اهڙي طرح هر اها نماز جيڪا جماعت سان ادا ڪئي ويندي آهي. سج يا چنڊ جي ونجڻ کان پوءِ انهن جي آزاد ڪرائڻ جي لاءِ نماز ڪسوف يا خسوف پڙهي ويندي آهي. جو انهن نمازن جو اظهار مقصود آهي ان جي ڪري انهن جو

مسجدن ۾ پڙهڻ اولي آهي. (خصائل نبوي ص 247) علامہ البيجوري لکيو آهي تہ : احرام جو نفل, استخاره جو نفل وغيره بہ ظاهر ڪري پڙهڻ گهرجي. (المواهب ص 501)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابنِ ماجه في كتاب اقامة الصلواة والسنة فيها باب 186 ماجاء في التطوع في البيت رقم الحديث 1462 {2} احمد في المسند ج 4 ص 342 {3} الطحاوي ج 1 ص 200 {4} مالک في الموطا في كتاب صلواة الجماعة باب 1 فضل صلواة الجماعة علي صلواة الفرد رقم الحديث 4 ج 1 ص 130. {5} البيهقي في سننه ج 2 ص 494.

باب ٽيتاليهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي صَوْمِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هي باب حضور ڪريم ﷺ جي روزن جي بيان ۾ آهي

سمجهاڻي: "الصوم" جي لغوي معنيٰ آهي رڪجڻ. يلي ڪٿي گفتگو کان رڪجڻ هجي. جيئن قرآن ڪريم آهي ته "اِنِّيْ نَذَرْتُ لِلرَّحْمٰنِ صَوْمًا" (مون الله جي (رضا) لاءِ ڳالهائڻ کان رڪجڻ جو نذر ڪيو آهي ۽ ان جي شرعي معنيٰ آهي نيت سان روزي ڀڃيندڙن ڪمن کان سڄو ڏينهن پاڻ کي روڪڻ ۽ هتي فرضي ۽ نفلي ٻئي قسم روزا مراد آهن. (المواهب ص 501) علامه علي القاري لکيو آهي ته "الصوم ۽ الصيام هڪڙي معنيٰ سان آهن. علامه مناوي لکيو آهي ته "صوم مان مراد عام آهي نفلي هجي يا فرضي. ان جي لغوي معنيٰ رڪجڻ آهي ۽ شرعي معنيٰ نيت ڪرڻ کان پوءِ سڄو ڏينهن روزي ڀڃيندڙن ڪمن کان رڪجڻ آهي. پوءِ اهو رڪجڻ حقيقتًا هجي يا حڪمًا هجي. حڪمًا چوڻ ۾ ويسر ۾ ڪائيندڙ به داخل آهي ڇوته اهو به حڪمًا رڪجندڙ آهي ۽ هن باب ۾ سورهن 16 حديثون آهن.

(المناوي علي هامش جمع الوسائل ج 2 ص 94)

نفلي روزن جو بيان: هن باب ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جي نفلي روزن جو خصوصي بيان آهي ته "پاڻ مهيني ۾ ڪيترا روزا رکندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن پورو مهينو به مسلسل روزا رکندا هئا. مهيني جا پهريان ٽي ڏينهن ته آخري ٽي ڏينهن به روزا رکندا هئا. ايامِ بيض (تيرهين، چوڏهين ۽ پندرهين) تاريخن جا به روزا رکندا هئا. سومر جي ڏينهن روزو رکڻ جي متعلق ڪائنن عرض ڪري پڇيو ويو ته پاڻ ارشاد فرمايائون" فِيْهِ وُلِدْتُّ وَفِيْهِ اُنْزِلَ عَلَيَّ" الحديث (ان ڏينهن ۾ مان ڄائو آهيان ۽ ان ڏينهن مون تي وحي نازل ڪيو ويو آهي) تنهنڪري مان گهڻو پسند ٿو ڪيان ته ان ڏينهن ۾ روزو رکان" عاشوره جي ڏينهن روزو رکڻ رمضان جي روزن فرض ٿيڻ کان پهريان واجب هو. جڏهن رمضان جا روزا فرض ٿيا ته پوءِ هي سڀ روزا نفلي ٿي ويا. هاڻي جنهن جي دل گهري ته رکي ۽ جنهن جي دل نه گهري ته نه رکي. (انوار غوثيه ص 383)

{299} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيْدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا حَمَّادُ بْنُ زَيْدٍ، عَنْ أَيُّوبَ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ شَقِيقٍ قَالَ: سَأَلْتُ عَائِشَةَ، عَنْ صِيَامِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، قَالَتْ: كَانَ يَصُومُ حَتَّى نَقُولَ قَدْ صَامَ، وَيُفْطِرُ حَتَّى نَقُولَ قَدْ أَفْطَرَ. قَالَتْ: وَمَا صَامَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ شَهْرًا كَامِلاً مُنْذُ قَدِمَ الْمَدِينَةَ إِلَّا رَمَضَانَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عبدالله بن شقيق رضي الله عنه کان روايت آهي ته مون حضرت سيده عائشه صديقه رضي الله عنها کان رسول الله ﷺ جي نفلي روزن رکڻ بابت پڇيو. امان سائڻ چيو ته پاڻ سڳورا ﷺ لاڳيتو روزا رکندا هئا جو اسان ڀائيندا هئاسون ته هاڻي روزا رکندا ئي رهندا. ۽ وري روزو ڇڏيندا هئا ته اسان

سمجهندا هئاسون, هاڻي روزو نہ رکندا.

نبي ڪريم ﷺ مديني شريف تشريف فرما ٿيڻ کان پوءِ رمضان شريف کان سواءِ ڪڏهن پورو مهينو نفلي روزا نہ رکيا.

مفردات جو شرح: "كَانَ يَصُومُ" روزو رکندا هئا. "شَهْرًا كَامِلاً" پورو مهينو. "قَدِمَ" تشريف فرما ٿيا.

سمجهاڻي: هن روايت مان معلوم ٿيو تہ حضور ڪريم ﷺ جن ڪڏهن تہ متواتر روزا رکندا هئا جو سيده ﷺ فرمايو تہ اسين سمجهندا هئاسون تہ هاڻي روزو نہ ڇڏيندا ۽ ڪڏهن اهڙو مسلسل روزا نہ رکندا هئا جو اسين سمجهندا هئاسون تہ هن مهيني ۾ روزو نہ رکندا" ام المؤمنين سيده عائشه ﷺ فرمائي ٿي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن مڪہ مڪرمہ کان هجرت ڪري مدينہ منوره ۾ آيا تہ پوءِ رمضان شريف کان سواءِ ڪوبہ پورو مهينو نفلي روزا نہ رکيائون ۽ ايندڙ روايت ۾ سڄو مهينو روزو رکڻ جو ثبوت آهي ۽ انهن ٻنهي روايتن ۾ تطبيق هن طرح ڏني ويندي تہ ڪنهن سال ۾ سڄو مهينو روزو رکندا هئا تہ ڪنهن سال ۾ سڄو مهينو روزو نہ رکندا هئا. يا مهيني جو اڪثر حصو روزو رکندا هئا ۽ اڪثر تي ڪل جو حڪم لڳايو ويو آهي "مُنْذُ قَدِمَ الْمَدِينَةَ" (جڏهن مديني ۾ آيا.) ڪڏهن هن مان ائين سمجهيو ويندو آهي, تہ مدينہ منوره اچڻ کان پهريان سڄو مهينو نفلي روزا رکندا هئا. ۽ ممڪن آهي تہ ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ ان سان ان جي ڪري قيد ڪيو جو حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي مدينہ منوره ۾ اچڻ کان پوءِ احڪام گهڻا ۽ لاڳيتو نازل ٿي رهيا هئا. رمضان جا روزا سن 2 هہ ۾ مدينہ منوره ۾ فرض ٿيا هئا. رمضان کي ان نالي سان ان جي ڪري سڏيو ويو جو ان وقت گرميءَ جي شدت هئي يا ان جي ڪري جو اهو گناهن کي ساڙي ختم ڪري ٿو ڇڏي. (المواهب ص 502) "إِلَّا رَمَضَانَ" يعني حبيب ڪريم ﷺ رمضان مهينو سڄو روزو رکندا هئا چوتہ اهي لازمي فرض آهن ۽ هن روايت ۾ اهو بہ اشارو اهي تہ : مستحب آهي تہ ڪوبہ مهينو نفلي روزي کان خالي نہ ڇڏجي ۽ گهڻا نفلي روزا بہ نہ رکجن تانجو ماڻهو ملول ٿي ٿڪجي پوي بلڪ وچٿرائي اختيار ڪجيءِ رمضان کي رمضان ان جي ڪري سڏيو ويو جو ضعيف قول مطابق اهي نالا الله ﷻ نہ رکيا آهن جڏهن عربن مهينن جي نالي رکڻ جو ارادو ڪيو تہ موافق هي ٿيو جو هي مهينو گهٽي گرميءَ ۾ هوان جي ڪري ان جو اهو نالو رکيو ويو. جيئن الربيع الاول ۽ الربيع الآخر جا نالا ربيع جي موسم سان موافق هجڻ جي ڪري رکيا ويا ۽ شمائل جي هڪ شارح لکيو آهي تہ : هن ۾ صحيح ۽ مختار مذهب جو دليل آهي جنهن کي بخاري ۽ ٻين محققن مڃيو آهي تہ : هن مهيني کي صرف "رمضان" سڏڻ ۽ ان جي اڳيان شهر جو لفظ نہ آڻڻ جائز آهي چوتہ ام المؤمنين سيده عائشه صديقه ﷺ هن کي "شهر" لفظ آڻڻ کان سواءِ "رمضان" سڏيو آهي ۽ هڪ جماعت جو قول آهي تہ صرف "رمضان" سڏڻ صحيح ناهي. هن جي اڳيان "شهر", لفظ آڻڻ ضروري آهي ۽ اهو امام مالڪ جي ساٿين جو قول آهي اهي چون ٿا تہ "رمضان" الله ﷻ جو نالو آهي اهو قيد کان سواءِ ٻئي تي نہ ڳالهايو ويندو ۽ امام شافعي جي اڪثر ساٿين ۽ ابن الباقلاني جو قول آهي تہ "جيڪڏهن اهو ڳالهائڻ وقت ڪو اهڙو قرينو آهي جيڪو هن کي شهر ڏانهن ڦيرائي ٿو تہ پوءِ صرف "رمضان" چوڻ ڪراهت ناهي ۽ جيڪڏهن نہ تہ ڪراهت آهي پوءِ چيو ويندو تہ "اسان رمضان جا روزا رکيا, رمضان ۾ رات جو بيهي عبادت ڪئي

سون ۾ رمضان مهينن ۾ پهريون مهينو آهي وغيره ۾ رمضان آيو رمضان داخل ٿيو چوڻ مکروه آهي. ۽ علامہ علي القاري فرمايو تہ: ان ۾ بہ قرينو آهي تہ رمضان مان مراد مهينو آهي ڇو تہ اچڻ يا داخل ٿيڻ کان الله ﷻ پاڪ آهي ۽ صحيح حديث ۾ آيو آهي تہ جنت جا دروازا کوليا ويندا آهن) پوءِ مناسب آهي تہ مثال طور ڇيو وڃي. مان رمضان سان محبت رکان ٿو. والله اعلم علامہ مناوي بہ لکيو آهي تہ "رمضان" شهر جي لفظ آڻڻ کان سواءِ بہ چوڻ صحيح آهي ان ۾ ڪابہ ڪراهت ناهي ۽ ان جي خلاف چوڻ شاذ آهي. (شرح المناوي مع جمع الوسائل ج 2 ص 94) علامہ مناوي ۽ علامہ ابنِ حجر هيتمي مڪي لکيو آهي تہ رمضان جا روزا سن 2 هہ شعبان مهيني ۾ فرض ٿيا هئا. علامہ موصوف بہ لکيو آهي تہ صرف "رمضان" لفظ ڳالهائڻ ۾ ڪا ڪراهت ناهي. ڪيترين صحيح روايتن ۾ صرف "رمضان" آيو آهي ۽ اهو چوڻ تہ: هي الله ﷻ جو نالو آهي مردود آهي ۽ ان جي دليل ۾ جيڪا حديث آندي وڃي ٿي ضعيف آهي. (اشرف الوسائل ص 421) الغرض تہ حضور ڪريم ﷺ جن جو نفلي روزا گهڻا رکڻ معمول هو. روزي جون فضيلتون حديثن ۾ گهڻيون آيل آهن. الله ﷻ جي هر حڪم هر ارشاد ۾ هزارين مصلحتون ۽ حڪمتون آهن انسان جي عقل جي ايتري پرواز ڪٿي آهي جو الله ﷻ جهڙي حڪيم جي حڪمتن کي پهچي سگهي. هر شخص جي عقل جي جيتريقدر پرواز آهي ايتري تائين اهو الله ﷻ جي احڪام جي ديني ۽ دنياوي فائدن جو ادراڪ ڪري سگهي ٿو پر الله ﷻ جون حڪمتون اجان مٿي آهن ان جي احڪام ۾ هزارين مصلحتون آهن ۽ روزي ۾ بہ ڪئين حڪمتون آهن انهن مان ڪجهہ مصلحتون تہ بديهي ۽ ظاهر آهن جن مان هڪ مواسات ۽ غريبن سان همدردي آهي جيڪو شخص پاڻ بکيو هوندو ان کي ٻين جي بک جو احساس ٿيندو. بک ۾ رهندڙ ضرور سمجهندو تہ ٻئي غريب. بک ۾ رهندڙ تي ڇا گذرندي هوندي. بُکايل کي ڪهڙي مصيبت کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. ان حالت ۾ ان کي بکايل جي همدردي جو جذبو بہ پيدا ٿي سگهي ٿو. ۽ ان جي طبيعت غريب سان مدد ڪرڻ جي بہ تقاضا ڪندي هوندي. هن کان وڏيڪ هي آهي تہ روزي سان انسان ۾ موجود جانور واري ۽ شهواني قوت جو زور ٽٽي ٿو. اها قوت جڏهن زور وٺي ٿي تہ انسان کان اهڙا امور صادر ٿين ٿا جيڪي ان جي لاءِ دنيا ۾ خواري، بدنامي ۽ منهن جي ڪاري هجڻ جا سبب بنجن ٿا. ان جي لاءِ علامہ رومي فرمايو آهي:

این نہ عشق است آنکہ در مردم بود
این فسادِ خـــور دن گندم بود

(يعني هي عشق جيڪو اڄ ڪالهہ ماڻهن ۾ هوندو آهي عشق ناهي اهو فساد ڪڻڪ جي کائڻ جي ڪري پيدا ٿيندو آهي.) جڏهن پيٽ پرائي ٿيندي آهي تہ انسان ڪيتريون ناپاڪ حرڪتون سوچيندو آهي ۽ جڏهن بک جو غلبو ٿيندو آهي تہ پوءِ اهي سڀ حرڪتون وسري وينديون آهن ان جي ڪري حديث شريف ۾ آيو آهي تہ "جيڪو نڪاح نہ ٿو ڪري سگهي ان کي گهرجي تہ روزا ڪثرت سان رکي جو اهي شهوت کي توريندڙ آهن" ان کان سواءِ روزي ۾ هڪ وڏي مصلحت روحانيت جي قوت آهي روزي سان روحانيت کي وڏي ترقي ملندي آهي ان جي ڪري هر مذهب ۽ ملت ۾ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان روزي جو وجود آهي ۽ حق وارن مذهبن ۾ حضرت آدم علي نبينا وعليہ الصلوة والسلام جي دور کان وٺي روزي جي مشروعيت رهي آهي. حضرات انبياءِ ڪرام عليهم السلام جو

روزي ۾ معمول مختلف رهيو آهي حضرت نوح على نبينا وعليه الصلواة والسلام جو معمول ٻارهن ئي مهينا هميشه روزي رکڻ جو هو. حضرت داؤد على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جو معمول هڪ ڏينهن روزو رکڻ ۽ هڪ ڏينهن نه رکڻ هو. حضرت عيسيٰ على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جو معمول هڪ ڏينهن روزو رکڻ ۽ ٻه ڏينهن نه رکڻ هو. اهڙي طرح ٻين نبين عليهم الصلوٰة والسلام جو معمول مختلف رهيو هو. اسان جي آقا نبي ڪريم ﷺ جن جو معمول ان ۾ ٻه نرالو هو جو وقتي مصلحتن جي تحت خاص، خاص ڏينهن جا روزا متعين ۽ معمول فرمائي ڇڏيا هيائون ۽ ان کان سواءِ وقتي مصلحتن جي تحت گهڻا وقت لاڳيتو روزا رکندا هئا ۽ گهڻا وقت نه رکندا هئا. جنهن جو سبب ظاهر آهي ته جڏهن روزو ترياق ۽ دوا جي بمنزل آهي ته ان ۾ وقتي تقاضا جي لحاظ سان گهٽتائي يا وڌاءُ ڪيو ويندو هو جيئن دوا جو اصول آهي ۽ ضروري آهي." (خصائل نبوي ص 2747، 248)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب الصيام باب 34 صيام النبي ﷺ في غير رمضان رقم الحديث 1156 حديث الكتاب 174 ج 2 ص 810 {2} النسائي في كتاب الصيام باب 67 صوم النبي ﷺ ج 4 ص 199 {3} احمد في المسند ج 6 ص 227، 228 {4} ابن خزيمه في صحيحه رقم الحديث 2132 ج 3 ص 304، 305.

{300} حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا إِسْمَاعِيلُ بْنُ جَعْفَرٍ، عَنْ حُمَيْدٍ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ، أَنَّهُ سُئِلَ عَنْ صَوْمِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، فَقَالَ: كَانَ يَصُومُ مِنَ الشَّهْرِ حَتَّى نَرَى أَنْ لَا يُرِيدَ أَنْ يُفْطِرَ مِنْهُ، وَيُفْطِرُ مِنْهُ حَتَّى نَرَى أَنْ لَا يُرِيدَ أَنْ يَصُومَ مِنْهُ شَيْئًا. وَكُنْتَ لَا تَشَاءُ أَنْ تَرَاهُ مِنَ اللَّيْلِ مُصَلِّيًا إِلَّا رَأَيْتَهُ مُصَلِّيًا، وَلَا نَائِمًا إِلَّا رَأَيْتَهُ نَائِمًا.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ﷺ کان روايت آهي ته ان کان نبي ڪريم ﷺ جي روزي رکڻ جي باري ۾ پڇيو ويو؟ حضرت انس ﷺ ٻڌايو ته حضور ڪريم ﷺ جن ڪنهن مهيني ۾ ايترو لاڳيتو روزا رکندا هئا جو سمجهندا هئاسون ته شايد افطار ئي ڪونه ڪندا ۽ ڪنهن مهيني ۾ افطار ڪندا هئا ته پائيندا هئاسون ان ۾ روزو رکندا ئي ڪونه. اي مخاطب) تون ڪين رات جو نماز پڙهندي ڏسڻ گهرين ته ان کي نماز پڙهندو ڏسندين ۽ جي ننڊ ۾ ڏسڻ گهرين ته اهو ننڊ ڪندڙ ڏسندين.

مفردات جو شرح: "نَرَى" اسان خيال ڪيو ٿي. "كُنْتَ لَا تَشَاءُ" تون نه ٿي گهريو. "مُصَلِّيًا" نماز پڙهندي "نَائِمًا" ننڊ ڪندي.

سمجهاڻي: يعني نبي ڪريم ﷺ جن روزا رکندا به هئا ته روزا نه رکندا به هئا نماز پڙهندا به هئا ۽ ننڊ به ڪندا هئا. علامه البيجوري لکيو آهي ته "وَالْحَاصل ان صومهٗ وصلواتهٗ ﷺ كانا على غاية الاعتدال فلا افراط فيهما ولا تفريط" يعني رسول الله ﷺ جن جو روزو ۽ نماز انتهائي اعتدال تي هئا نه انهن ۾ افراط هو نه تفريط هئي) هر عبادت مناسب وقت تي ۽ مناسب طريقي سان ڪندا هئا. علامه علي القاري لکيو آهي ته "اظهر قول هي آهي ته سندن تهجد وارو عمل ڪڏهن اول ۾ هوندو هو ته ڪڏهن آخري وقت ۾. ۽ روزي جو عمل به سندن ان طرح هوندو هو. ڪڏهن مسلسل روزا رکندا هئا ته ڪڏهن نه رکندا هئا. جيئن هڪ حديث ۾ آيو آهي ته هڪ شخص چيو ته مان سڄي رات (نفلي) نماز پڙهندو آهيان ۽ ٻئي چيو ته مان هر ڏينهن جو روزو رکندو آهيان. حضور ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو ته "مان نماز به

پڙهندو آهيان تہ ننڊ بہ ڪندو آهيان ۽ روزا بہ رکندو آهيان تہ نہ بہ رکندو آهيان" ان کان پوءِ فرمايائون تہ "جنهن منهنجي سنت کان منهن موڙيو اهو منهنجو امتي ناهي." علامہ مناوي لکيو آهي تہ "ماڻهن جا عبادت ۾ مختلف طبقا هوندا آهن ۽ عبادت ۾ اعليٰ ۽ پلو طريقو مصطفيٰ ﷺ جو طريقو آهي جنهن ڏانهن هن روايت ۾ اشارو ڪيو ويو آهي ۽ انسان جو نفس ان جي سواري آهي جنهن تي پنهنجي رب ڏانهن ويجهو ٿيندو آهي پوءِ ڪي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي ان سواريءَ جي لاءِ ڪاڏي پيتي جو انتظام ڪري ان جي امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر سان اصلاح ڪندا آهن. ۽ ان ڪي الله ﷻ جي وصال واري واٽ تي هلائيندا آهن ۽ اها اعليٰ منزل آهي ۽ بعضي اهي ماڻهو آهن جيڪي نفس کي بک ڏيندا آهن ۽ ان کي خواهشات کان روکي ان تي سختي ۽ تنگي ڪندا آهن پوءِ اهو الله ﷻ ڏانهن سير ڪرڻ ۾ ٿڪجي پوندو آهي ۽ هلاڪ ٿي ويندو آهي ۽ ڪي اهڙا ماڻهو آهن جن نفس کي ڪاڏو پيتو ڏيو تي ڏئي ان کي ڪيترن قسمن سان سينگاريو ۽ پنهنجا وقت ان جي خدمت ۾ گذاريائون پوءِ هي ان ٻانهي ۽ الله ﷻ جي وچ ۾ حجاب آهي ۽ اهو الله ﷻ جي دروازي کان تڙيل آهي ۽ ڪي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي عبادت کان ڪٽيل، نفس جا ٻانها، هڪ گڏهہ جا خادم پيسي جا پوڄاري هوندا آهن. پر هدايت ۽ حق نبي ڪريم ﷺ جي اتباع ۾ آهي جيڪو سيني طريقن کان وڌيڪ منو عدل وارو سهڻو ۽ افضل آهي. (شرح المناوي مع شرح الوسائل ج 2 ص 96) مقصد هي آهي تہ: محبوب ڪريم ﷺ جن جي عادت پاڪ هئي تہ: نہ سڄي رات سمهندا هئا نہ سڄي رات جاڳندا هئا بلڪہ وچٽرائي اختيار ڪندي نفس جي حقوق جي رعايت ڪندي عبادات جو اهتمام بہ پورو پورو ڪندا هئا. ان جي ڪري ڪين ستل ڏسڻ بہ ممڪن هو جو رات جو ڪجهہ حصو آرام ڪندا هئا ۽ نماز جي حالت ۾ ڏسڻ بہ ممڪن هو جو سندن رات جو ڪجهہ حصو نماز ۾ بہ گذرندو هو ۽ ان ۾ بہ مصلحتون هيون. (1) اول هي تہ جيڪو عبادت جو مقصد آهي ۽ اهو انسان جي وجود جو غرض بہ آهي ۽ الله ﷻ جي رضا حاصل ڪرڻ جو سبب بہ آهي تہ رات جي هر حصي کي ڪڏهن نہ ڪڏهن ان جون برڪتون ميسر ٿين. ۽ قيامت جي ڏينهن رات جو هر حصو پنهنجي اندر عبادت جو وجود رکي. (2) ٻي هي مصلحت آهي تہ عبادت جڏهن هڪ ئي وقت ۾ ٿيندي رهندي تہ اها عادت جي بمنزل هوندي پوءِ ان لاءِ تڪليف ڪرڻ جو لطف نہ ٿو رهي ۽ جيڪڏهن رات جي مختلف حصن ۾ عبادت ڪئي ويندي تہ عادت نہ بنجندي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابنِ خزيمه في صحيحه رقم الحديث 2134 ج 3 ص 305 {2} مسلم من طريق حماد بن سلمة في كتاب الصيام باب 34 صيام النبي ﷺ في غير رمضان رقم الحديث 1158 ج 2 ص 812 {3} احمد في المسند ج 3 ص 179 ببعضه.

{301} حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلاَنَ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو دَاوُدَ قَالَ: حَدَّثَنَا شُعْبَةُ، عَنْ أَبِي بِشْرٍ قَالَ: سَمِعْتُ سَعِيدَ بْنَ جُبَيْرٍ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ: كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَصُومُ حَتَّى نَقُولَ مَا يُرِيدُ أَنْ يُفْطِرَ مِنْهُ، وَيُفْطِرُ حَتَّى نَقُولَ مَا يُرِيدُ أَنْ يَصُومَ مِنْهُ، وَمَا صَامَ شَهْرًا كَامِلاً مُنْذُ قَدِمَ الْمَدِينَةَ إِلاَّ رَمَضَانَ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابنِ عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي، نبي ڪريم ﷺ جن روزا لاڳيتا رکندا هئا

تانجو سمجهندا هئاسون ته (ان مهيني ۾) افطار جو ارادو ڪونه اٿن ۽ وري جي پاڻ سڳورا ﷺ روزا نه رکندا هئا ته پائيندا هئاسون ته سندن روزن رکڻ جو ارادو نه آهي. جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ مديني شريف ۾ آيا تڏهن کان وٺي رمضان کان سواءِ ٻيو ڪوبه سڄو مهينو روزا ڪونه رکيائون.

مفردات جو شرح: ڪو خاص ناهي.

سمجهاٽي: هي معمول متعدد يعني ڪيترن ئي روايتن ۾ گذري چڪو آهي.

مسلسل روزا رکڻ ۽ مسلسل نه رکڻ ۾ حڪمتون: ان معمول جا ٻه سبب آهن. (1) پهريون هي ته روزو حقيقت ۾ هڪ ترياق آهي ۽ گهٽا وقت روحاني ترقي ۽ ٻين وقتي مصلحتن جي پيش نظر بطور دوا جي به رکيو ويندو آهي. اهڙي صورت ۾ دوا جي عام اصول موافق گهٽو ڪري ان جي مسلسل استعمال ڪرڻ جي حاجت هوندي آهي ۽ گهٽا وقت نه هوندي آهي جيڪڏهن معمولي ضرورت به هوندي آهي ته ٻين وقتي عوارض جي ڪري دوا جو ڇڏڻ ضروري هوندو آهي. اها ڳالهه طبيبن وٽ چڱي طرح معروف آهي ۽ نبي ڪريم ﷺ کان وڌيڪ روحانيت جو طبيب ڪير ٿي سگهي ٿو؟ ان جي ڪري حبيب آقا ﷺ جن وقتي مصلحتن جي لحاظ سان گهٽا وقت مسلسل روزا رکندا هئا ۽ گهٽا وقت مسلسل روزا نه رکندا هئا. امت جي لاءِ به جيڪي حضرات روحاني طبيب آهن اهي روحاني مصلحتن جي پيش نظر روزا رکڻ ۽ نه رکڻ جا وقت متعين ڪري سگهن ٿا. روحانيت جي طالب جي مزاج ۽ ڪيفيت کي ڏسي ڪري ان کي روزن رکڻ ۽ نه رکڻ جو حڪم ڪري سگهن ٿا ۽ جيڪو شخص پاڻ روحاني طبيب ناهي اهو ڪنهن روحاني طبيب جي زير نظر رهي روحانيت ۾ ترقي حاصل ڪري. (2) ٻيو سبب هي آهي ته: نبي ڪريم ﷺ جا ڪجهه خصوصي معمولات هئا. مثال طور هر سومر ۽ هر خميس جو روزو رکڻ، هر مهيني ۾ تيرهين، چوڏهين ۽ پندرهين تاريخن جا روزا رکڻ، محرم جي پهرين ڏهن تاريخن جو ۽ ذوالحجه جي پهرين تاريخن جا روزا رکڻ وغيره وغيره ۽ اهي معمولات گهٽو ڪري سفر وغيره عوارض جي ڪري رهجي به ويندا هئا. ان جي ڪري انهن عوارض جي دور ٿيڻ جي ڪري انهيءَ رهيل معمولات کي بطور قضا ۽ تلافيءَ جي جيترا معمول روزا رهجي ويندا هئا انهن کي شروع ڪندا هئا ۽ ان تي دوام ۽ هميشگي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ۽ اهي رکڻ جي ڪري مسلسل روزن رکڻ جي نوبت اچي ويندي هئي. "اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ عَلَيْهِ وَارْزُقْنَا اِتِّبَاعَهٗ".

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} رواه بنحوه. البخاري في كتاب الصيام باب 53 ما يذكر من صوم النبي ﷺ و افطاره رقم الحديث 1971 ج 4 ص 215 {2} مسلم في كتاب الصيام باب 34 صيام النبي ﷺ في غير رمضان رقم الحديث 1157 ج 2 ص 811 {3} النسائي في كتاب الصيام باب 67 صوم النبي ﷺ ج 4 ص 199 {4} احمد في المسند ج 1 ص 227 {5} الطيالسي في مسنده رقم الحديث 2626 ص 342 {6} الدارمي في كتاب الصيام باب 36 في صيام النبي ﷺ رقم الحديث 1743 ج 2 ص 30.

{302} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمٰنِ بْنُ مَهْدِيٍّ، عَنْ سُفْيَانَ، عَنْ مَنْصُوْرٍ، عَنْ سَالِمِ بْنِ أَبِي الْجَعْدِ، عَنْ أَبِي سَلَمَةَ، عَنْ أُمِّ سَلَمَةَ، قَالَتْ: مَا رَأَيْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَصُوْمُ شَهْرَيْنِ مُتَتَابِعَيْنِ إِلَّا

شَعْبَانَ وَرَمَضَانَ. قَالَ أَبُوعِيسٰى : هٰذَا إِسْنَادٌ صَحِيحٌ وَهٰكَذَا قَالَ : عَنْ أَبِي سَلَمَةَ ، عَنْ أُمِّ سَلَمَةَ. وَرَوَى هٰذَا الْحَدِيثَ غَيْرُ وَاحِدٍ ، عَنْ أَبِي سَلَمَةَ ، عَنْ عَائِشَةَ ، عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ، وَيُحْتَمَلُ أَنْ يَكُونَ أَبُو سَلَمَةَ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ قَدْ رَوَى الْحَدِيثَ ، عَنْ عَائِشَةَ وَأُمِّ سَلَمَةَ جَمِيعًا ، عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

بامحاوره ترجمو: حضرت ام سلمه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ مون نبي ڪريم ﷺ جن کي شعبان ۽ رمضان کان سواءِ ٻہ مهينا لاڳيتا روزا رکندي ڪونہ ڏٺو يعني شعبان جي مهيني ۾ اڪثر ۽ رمضان جي مهيني ۾ مڪمل روزا رکندا هئا.

مفردات جو شرح: "شَهْرَيْنِ" ٻہ مهينا. "مُتَتَابِعَيْنِ" لاڳيتا.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ ام المؤمنين سيده ام سلمه رضي الله عنها جو ارشاد آهي تہ شعبان ۽ رمضان کان سواءِ مون رسول الله ﷺ جن کي ٻہ مهينا لاڳيتا روزا رکندي نہ ڏٺو." يعني شعبان ۽ رمضان جا روزا ٻہ مهينا رکندا هئا باقي ڏهن مهينن ۾ ائين نہ ڪندا هئا. ۽ جڏهن گذريل حديثن ۾ آيو آهي تہ پاڻ رمضان شريف مهيني کان سواءِ ڪڏهن ٻہ مهينا مسلسل روزا نہ رکندا هئا تہ محدثين ڪرام انهن حديثن ۾ ڪيترين وجوهات سان تطبيق ڏني آهي. (1) هڪ هي تہ ڪنهن وقت ام المؤمنين ام سلمہ رضي الله عنها جي موجودگيءَ ۾ مڪمل شعبان مهيني جا روزا رکيا هوندائون جنهن جي خبر ڪنهن ٻئي کي نہ پئي هجي. (2) تہ شعبان مهيني ۾ اڪثر ڪري روزي سان هجن ۽ ام المؤمنين رضي الله عنها مبالغي طور چيو هجي تہ گويا شعبان مهينو سڄو روزا رکندا هئا. (انوارِ غوثيه ص 387) علامہ علي القاري لکيو آهي تہ هن روايت جو راوي ابي سلمة حضرت عبدالرحمان بن عوف رضي الله عنه (جنت جي بشارت ڏنل ڏهن مان هڪ) جو پٽ هو. ۽ شعبان کي شعبان ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو ان ۾ عرب پاڻيءَ جي تلاش ۾ ٽڙي پکڙجي ويندا هئا ۽ هي قول وڌيڪ قوي آهي ۽ ٻيا قول بہ آندا ويا آهن. ۽ هتي شعبان سڄي مهيني مان مراد ان جو اڪثر حصو آهي ۽ اهو مجاز آهي پر گهڻ استعمال ٿيل آهي ۽ طيبي فرمايو تہ : پاڻ ڪڏهن سڄو شعبان مهينو روزا رکندا هئا تہ ڪڏهن سڄو مهينو روزا نہ رکندا هئا ٿورا روزا رکندا هئا. تہ متان فرض ٿي وڃي. (جمع الوسائل ج 2 ص 97) محدث ڪاندلوي لکيو آهي تہ : حضرت سيده عائشہ ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهم جي روايتن ۾ جيڪا سڄو شعبان مهينو روزا رکڻ جي نفي آئي آهي ان مان مراد عادت بنائڻ جي نفي آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن جي عادت ڪريمہ رمضان شريف کان سواءِ ڪنهن بہ سڄي مهيني روزي رکڻ جي نہ هئي، اتفاق سان ڪو سڄو مهينو روزا رکڻ ان جي منافي ناهي. ان جي ڪري جيڪڏهن ڪنهن سال ۾ ڪنهن عارض جي ڪري حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن سڄو شعبان مهينو روزا رکيا هجن ۽ جڏهن تہ اهو هميشہ جو معمول نہ هو ان جي ڪري سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها وغيرها ان جو ذڪر نہ ڪيو آهي ۽ جڏهن تہ سڄو مهينو روزا رکيا هيائون تہ سيده ام سلمہ رضي الله عنها ان جو ذڪر ڪيو آهي ان جي ڪري ان ۾ ڪوبہ مشڪل ناهي. ۽ هي بہ ممڪن آهي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ابتداء ۾ شعبان سڄو مهينو روزا رکيا هجن ۽ پوءِ ضعف جي ڪري انهن ۾ ٿورائي ڪئي هجين. ان جي ڪري ڪنهن آخري فعل بيان ڪيو جو ان اڪثر اهو ڏٺو هو ۽ ڪنهن ان خيال سان تہ سندن اصل معمول سڄو شعبان مهينو روزا رکڻ هو سڄي مهيني جو ذڪر ڪيو. بعض وري ان جي برعڪس بيان ڪيو. جيئن روايات جي ظاهر مان معلوم ٿي رهيو آهي تہ اول ۾ مهيني جو اڪثر

حصو روزو رکندا هئا پوءِ سڄو شعبان جو مهينو روزا رکڻ لڳا هئا. (خصائل نبوي ص 253)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي في كتاب الصوم باب 32 ذكر حديث ابي سلمة في ذالک ج 4 ص 150 {2} ابنِ ماجه في كتاب الصيام باب 4 ماجاء في وصال شعبان برمضان رقم الحديث 1648 {3} احمد في المسند ج 6 ص 300 {4} الدارمي في كتاب الصيام باب 33 وصال شعبان برمضان رقم الحديث 1739 ج 2 ص 29 {5} الطيالسي في مسنده رقم الحديث 1603 ص 224 {6} الطحاوي في شرح المعاني ج 2 ص 82 {7} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 1720 ج 6 ص 237.

{303} حَدَّثَنَا هَنَّادٌ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدَةُ، عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ عَمْرٍو قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو سَلَمَةَ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: لَمْ أَرَ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَصُومُ فِي شَهْرٍ أَكْثَرَ مِنْ صِيَامِهِ لِلّٰهِ فِي شَعْبَانَ، كَانَ يَصُومُ شَعْبَانَ إِلَّا قَلِيلاً بَلْ كَانَ يَصُومُهُ كُلَّهُ.

بامحاوره ترجمو: حضرت سيده عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ کي ڪنهن ٻئي مهيني ۾ شعبان کان وڌيڪ روزا رکندي ڪونہ ڏٺو. تورن ڏينهن کان سواءِ سڄو شعبان جو مهينو روزا رکندا هئا. بلڪ سڄو مهينو روزا رکندا هئا.

مفردات جو شرح: "لَمْ أَرَ" مون نہ ڏٺو مون کي ڏسڻ ۾ نہ آيو. "كَانَ يَصُومُ" روزو رکندا هئا. "بَلْ" علامہ ابن حجر فرمايو تہ هي "بل" اضراب جي لاءِ آهي. اڳئين ڪلام ۾ جيڪو احتمال هو ان کي دور ڪرڻ جي لاءِ آيل آهي تہ ڪڏهن سڄو شعبان روزا رکندا هئا.

سمجهاڻي: مطلب تہ سال جي يارهن مهينن ۾ ٿورا روزا رکندا هئا پاڻ شعبان ۾ گهڻا روزا رکندا هئا بلڪ (ڪڏهن تہ) سڄو مهينو شعبان روزا رکندا هئا. يعني اڪثر مهينو روزا رکندا هئا. "للاكثر حكم الكل" گهڻي شيءِ جي لاءِ ڪُل جو حڪم آهي ان جي ڪري هتي هن روايت ۾ پوين جملو پهرئين جو تفسير ۽ بيان آهي. شعبان عزت ۽ عظمت وارو مهينو آهي، هن مهيني جي لاءِ حضرت حبيب ڪريم ﷺ ارشاد فرمايو تہ "هي منهنجو مهينو آهي" (شَعْبَانُ شَهْرِی) (انوارِ غوثيه ص 388) علامہ البيجوري لکيو آهي تہ: اڳئين روايت ۽ هن روايت ۾ حديثن جي سنڌن ۾ اختلاف آهي. اڳئين حديث ابي سلمہ سيده ام سلمه رضي الله عنها کان ۽ هيءَ ان ئي ابي سلمہ رضي الله عنه سيده عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت ڪئي آهي ۽ مصنف انهن ٻنهي ۾ اختلاف کي هن طرح دفع ڪيو آهي تہ: ابو سلمہ ڪڏهن ام سلمہ کان روايت ڪندو هو تہ ڪڏهن عائشه رضي الله عنها کان روايت ڪندو هو ۽ ام المؤمنين سيده عائشه صديقه رضي الله عنها جي روايت مان معلوم ٿئي ٿو تہ "پاڻ شعبان مهيني ۾ هڪ يا ٻہ يا ٽي ڏينهن روزا نہ رکندا هئا سو ٻہ ان جي ڪري تہ متان شعبان مهينو سڄو فرض ٿي وڃي

شعبان ۾ نفلي روزن کي ترجيح ڏيڻ جو سبب: حضور ڪريم ﷺ جن شعبان کي محرم مهيني تي ترجيح ڏني حالانڪ ان ۾ روزو رمضان کان پوءِ افضل آهي. جيئن مسلم ۾ حديث شريف آهي "أَفْضَلُ الصِّيَامِ بَعْدَ رَمَضَانَ صَوْمُ شَهْرِ اللهِ الْمُحَرَّمِ" (رمضان جي روزن کان پوءِ الله جي مهيني محرم جو روزو پلو آهي) ان جا هي سبب آهن: هڪ يا تہ محرم ۾ گهڻن روزن رکڻ کان ڪين ڪو عذر مانع رهيو هوندو جيئن بيماري يا سفر وغيره ۽ ٻيو تہ شعبان ۾ هڪ اهڙي خصوصيت آهي جيڪا محرم ۾ ناهي ۽ اها

هي آهي تہ پندرهين تاريخ شعبان جي رات آهي جنهن ۾ سال جا اعمال لکيا وڃن ٿا ٽيون تہ محرم جي شاندار هجڻ جو حڪم سندن ظاهري عمر مبارڪ جي آخر ۾ مليو هوندو. ۽ پاڻ اهو سڄو مهينو يا اڪثر مهينو روزو نہ رکيو هوندائون. (المواهب ص 506) (1) طبراني حضرت ام المؤمنين عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن "هر مهيني ۾ ٽي ڏينهن روزا رکندا هئا." (2) حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن کان عرض ڪري پڇيو ويو تہ "اَيُّ الصَّوْمِ اَفْضَلُ بَعْدَ رَمَضَانَ؟ قَالَ "شَعْبَانُ" رمضان کان پوءِ ڪهڙو روزو افضل آهي؟ فرمايائون تہ "شعبان" (جا روزا ڀلا آهن) (3) حضرت اسامہ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون حضور ڪريم ﷺ کان عرض ڪري پڇيو ويو تہ " لَمْ اَرَكَ تَصُوْمُ شَهْرًا مِّنَ الشُّهُوْرِ مَا تَصُوْمُ شَعْبَانَ" قَالَ ذَالِكَ شَهْرٌ يَغْفُلُ النَّاسُ عَنْهُ بَيْنَ رَجَبَ وَ رَمَضَانَ وَهُوَ شَهْرٌ تُرْفَعُ فِيْهِ الْاَعْمَالُ اِلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ فَاُحِبُّ اَنْ يُّرْفَعَ عَمَلِيْ وَ اَنَا صَائِمٌ." (مون اوهان کي مهينن مان ڪنهن بہ مهيني ۾ ايترا (نفلي) روزا رکندي نہ ڏٺو آهي جيترا روزا شعبان ۾ رکو ٿا؟ پاڻ فرمايائون تہ "اهو مهينو آهي جنهن کان ماڻهو غافل آهن رجب ۽ رمضان جي وچ تي آهي ۽ اهو مهينو آهي جنهن ۾ رب العالمين ڏانهن اعمال کنيا وڃن ٿا پوءِ مان بہ پسند ڪيان ٿو تہ منهنجا اعمال ان حال ۾ کنيا وڃن جو آءُ روزيدار هجان.) (4) سنن ابي داؤد ۾ روايت ٿيل آهي تہ رسول ڪريم، رؤف رحيم ﷺ جن ارشاد فرمايو: نُدِبَ اِلَیَ الصَّوْمُ مِنَ الْاَشْهُرِ الْحُرُمِ" (مون کي عزت وارن مهينن ۾ روزو رکڻ پيارو آهي) (5) ابي قلابہ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ "اِنَّ فِيْ الْجَنَّةِ قَصْرَ الصَّوَّامِ رَجَبَ" رجب مهيني ۾ روزو رکندڙن جي لاءِ جنت ۾ محل آهي. بيهقي چيو تہ "ابي قلابہ رضي الله عنه وڏن تابعن مان آهي اها ڳالهہ ان وٽ صحيح طريقي سان پهچڻ کان سواءِ اُن نہ چئي هوندي (6) سيده عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي ان فرمايو تہ "مون رسول الله ﷺ جن کي عرض ڪري پڇيو تہ "مان اوهان کي شعبان ۾ ايترا گهڻا روزا رکندي ڏسان ٿي جيترا ٻين مهينن ۾ نہ ٿا رکو؟ پاڻ فرمايائون تہ "اهو مهينو آهي جنهن کان ماڻهو غافل آهن رجب ۽ رمضان جي وچ تي آهي اهو اهڙو مهينو آهي جنهن ۾ رب العالمين ڏانهن اعمال کنيا وڃن ٿا پوءِ مان هيءَ ڳالهہ پسند ٿو ڪيان تہ منهنجو عمل ان حال ۾ مٿي کنيو وڃي جو مان روزيدار هجان." (7) ام المؤمنين سيده عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن کان مون عرض ڪري پڇيو تہ اوهان کي شعبان ۾ گهڻا روزا رکندي ڏسان ٿي؟ پاڻ ارشاد فرمايائون تہ "بلاشڪ هن مهيني ۾ ملڪ الموت کي انهن ماڻهن جا نالا ڏنا وڃن ٿا جن جوان کي روح قبض ڪرڻو هوندو آهي، مان بہ پسند ڪيان ٿو تہ منهنجو نالو ان کي ان حال ۾ ڏنو وڃي جو مان روزيدار هجان. (8) ابو داؤد ۾ روايت آهي تہ : رسول الله ﷺ جن نائين ذوالحج جي ڏينهن جو روزو رکندا هئا. (9) بخاري شريف ۾ روايت آهي تہ "رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: "مَا مِنْ اَيَّامِ الْعَمَلُ الصَّالِحُ فِيْهَا اَفْضَلُ مِنْهُ فِيْ هٰذِهٖ." (ڏينهن مان ڪوبہ ڏينهن ناهي جنهن ۾ صالح عمل هنن (ذوالحج جي پهرين ڏينهن) کان وڌيڪ ڀلو هجي. هڪ روايت ۾ آيو آهي تہ "مَا مِنْ عَمَلٍ اَزْكٰى عِنْدَ اللهِ وَلَا اَعْظَمَ اَجْرًا مِنْ خَيْرٍ يَّعْمَلُهُ فِيْ عَشْرِ الْاَضْحٰى" (ڪوبہ عمل الله وٽ وڌيڪ صاف ۽ اجر ۾ وڌو ان خير کان ناهي جيڪو اضحيٰ جي ڏهاڪي ۾ ڪيو ويندو آهي. (رواه الدارمي في الصيام ج 2 ص 26. والبيهقي في شعب الايمان ص 3752) (11) ۽ صحيح ابن عوانہ ۽ ابن حبان ۾ روايت آهي تہ "مَا مِنْ اَيَّامٍ اَفْضَلُ عِنْدَ اللهِ مِنْ اَيَّامِ عَشْرِ ذِي الْحَجَّةِ" (ڪي بہ ڏينهن الله وٽ ذي الحج جي ڏهن ڏينهن کان ڀلا ناهن) علامہ ابن حجر مڪي هيتمي هن روايت جو

شرح ڪندي لکيو آهي تہ "اهي ڏينهن ذوالحج جي نائين تاريخ جي هجڻ جي ڪري افضل آهن. ڇوتہ ان ڏينهن ۾ شيطان وڏ کان وڏ حقير ذليل ۽ خوار هوندو آهي ۽ ان نائين تاريخ جي ڏينهن جو روزو سٺ سالن جا گناهہ ميٽيندو آهي ۽ ان ڏهاڪي ۾ الله ﷻ وٽ اعظم ۽ عزت وارو ڏهين تاريخ قرباني جو ڏينهن بہ آهي جنهن کي قرآن ڪريم ۾ "الحج الاڪبر" سڏيو ويو آهي ۽ رمضان شريف جي پوئين ڏهاڪي جون راتيون وري ذي الحج جي ڏهن راتين کان ڀليون آهن ڇوتہ انهن ۾ ليلة القدر آهي جيڪا هزار مهينن جي عبادت کان ڀلي آهي. علامہ موصوف اهي حقيقتون لکڻ کان پوءِ لکيو آهي تہ: علم جي امامن جو ڪلام ان ڳالهہ تي صريح آهي تہ رمضان شريف جي پوئين ڏهاڪي جا ڏينهن بہ ذوالحج جي ڏهن ڏينهن کان ڀلا آهن ڇوتہ رمضان مهينو مهينن جو سردار آهي جيئن حديث شريف ۾ آيو آهي ۽ الله ﷻ ان کي ان غرض جي لاءِ اختيار ڪيو آهي جنهن جي نسبت پاڻ ڏانهن ڪئي اٿس. بنسبت ٻين عبادتن جي. ان جي ڪري روزو حج کان بہ افضل آهي. (اشرف الوسائل ص 425)

علامہ علي القاري هڪ سهڻي حديث بہ آندي آهي "رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو"رَجَبُ شَهْرُ اللهِ وَ شَعْبَانُ شَهْرِيْ وَ رَمَضَانُ شَهْرُ اُمَّتِيْ" (رجب الله جو مهينو آهي ۽ شعبان منهنجو مهينو آهي ۽ رمضان منهنجي امت جو مهينو آهي. (رواه الديلمي عن انس) علامہ مناوي هن حديث جو شرح ڪندي لکيو آهي تہ "ڪن جو چوڻ تہ حضور ڪريم ﷺ جن پنهنجي عمر مبارڪ جي آخر ۾ ضعف ۽ عمر جي وڏي هجڻ جي ڪري (سڄو شعبان نہ) پر ان جو اڪثر حصو روزا رکندا هئا." اهو نبي ڪريم ﷺ جي شان جي لائق ناهي ڇوتہ پاڻ ڪريم ﷺ جن هميشہ ڪمالات جي معارج تي ترقي ڪندڙ هئا. عبادات ۾ ضعف ۽ فتور کان محفوظ هئا. ۽ هونئن بہ سٺ سال جي عمر ۾ ماڻهو روزي رکڻ کان ضعيف نہ هوندو آهي جيئن ڏئل ۽ محسوس ٿيل آهي بلڪ نفس الله ﷻ جي رضا حاصل ڪرڻ وارو مهذب هوندو آهي ان جي شهوت جي تيزي گهٽبي آهي ۽ لذات جي موافقت واري خواهش ڪمزور ٿيندي آهي پنهنجي خواهشات تي ڪنٽرول ڪندو آهي طعام ۽ پاڻي ۽ گهرواريءَ سان جماع ۾ گهٽتائي ڪندو آهي. جڏهن عام جي ڪيفيت هيءَ آهي تہ ان عالي همت، قدسي نفحات سان تائيد ڪيل، رباني مدد سان مضبوط رهندڙ ڪمزوري ۽ سستي کان مامون. الاهي وصال جي انعام سان مخصوص غير جي خيالات کان بچايل ذات جيڪو اسان مان ڪنهن هڪ جهڙو ناهي بلڪ رات جو پنهنجي رب ﷻ وٽ هوندو آهي اهو ئي ان کي کارائيندو ۽ پياريندو آهي. ان جي لاءِ ڪيئن چيو ٿو وڃي تہ وڏي عمر هجڻ جي ڪري روزا تورا ٿي رکيائون. هيءَ عجيب سوچ آهي.

(شرح المناوي علي حاشية جمع الوسائل ج 2 صٌ 99)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي في ڪتاب الصيام من سننه الڪبريٰ باب 74 صيام شعبان {2} احمد في المسند ج 6 ص 143 {3} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 1777 ج 6 ص 328 {4} البخاري في ڪتاب الصوم باب 52 صوم شعبان رقم الحديث 1970 ج 4 ص 213 {5} مسلم في ڪتاب الصيام باب 34 صيام النبي ﷺ في غير رمضان رقم الحديث 782 ج 2 ص 811 {6} الطحاوي في شرح المعاني ج 2 ص 83 {7} ابنِ خزيمه في صحيحه رقم الحديث 2078 ج 3 ص 282.

{304} حَدَّثَنَا الْقَاسِمُ بْنُ دِينَارٍ الْكُوفِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا عُبَيْدُ اللهِ بْنُ مُوسٰى، وَطَلْقُ بْنُ غَنَّامٍ، عَنْ شَيْبَانَ، عَنْ عَاصِمٍ، عَنْ زِرِّ بْنِ حُبَيْشٍ، عَنْ عَبْدِ اللهِ قَالَ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَصُومُ مِنْ غُرَّةِ كُلِّ شَهْرٍ ثَلَاثَةَ أَيَامٍ وَقَلَّمَا كَانَ يُفْطِرُ يَوْمَ الْجُمُعَةِ

بامحاوره ترجمو: حضرت عبدالله بن مسعود ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن هر مهيني جي پهرين تاريخ کان ٽي روزا رکندا هئا. ۽ جمعي جي ڏينهن تمام ٿورو روزو ڇڏيندا هئا.

مفردات جو شرح: "غُرَّةُ" مهيني جو پهريون ڏينهن. "قَلَّ" گهٽ ٿيو گهٽ, تمام ٿورو.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ ارشاد آهي تہ حبيب ڪريم ﷺ جن هر مهيني جي ابتدا ۾ ٽي روزا رکندا هئا. علامہ البيجوري لکيو آهي تہ "هن روايت ۾ مذڪور عبدالله مان مراد حضرت عبدالله بن مسعود ﷺ آهي ڇوتہ حديث جي روايت ۾ جتي "عبدالله" مطلق ايندو اتي اهو ئي مراد هوندو آهي ۽ هر مهيني جي "غره" مان مراد مهيني جو پهريون حصو آهي. "اول الشهر" ۽ "ثلاثة ايام" مان مراد آهي تہ مهيني جي شروعات ٽن روزن سان ڪندا هئا ڇوتہ هڪ نيڪي ڏهن جي برابر آهي تہ ٽن ڏينهن جا روزا مهيني جي برابر ٿي ويا. حديث شريف ۾ وارد آهي تہ "صَوْمُ ثَلَاثَةِ أَيَّامٍ مِّنْ كُلِّ شَهْرٍ صَوْمُ الدَّهْرِ" هر مهيني مان ٽن ڏينهن جو روزو سڄي زماني (يعني زندگيءَ) جو روزو آهي. "وَقَلَّمَا كَانَ يُفْطِرُ يَوْمَ الْجُمُعَةِ" ۽ جمعي جي ڏينهن گهٽ روزو نہ رکندا هئا. بلڪ ان ڏينهن جو گهڻو ڪري روزو رکندا هئا. پر ان سان ڏينهن اڳيان يا پويان روزي سان ملائيندا هئا. ڇوتہ صرف جمعه جو ڏينهن روزو رکڻ مڪروهہ آهي ڇوتہ ان ۾ ٻيا ڪيترا وظائف آهن ۽ روزي رکڻ جي ڪري انسان ڪمزور ٿيڻ جي ڪري، اهي ادا ڪري نہ سگهندو. (المواهب ص 506, 507) علامہ علي القاري لکيو آهي تہ حديث جي لفظن "جمعي جي ڏينهن جو روزو گهٽ ڇڏيندا هئا." ۾ امام ابو حنيفہ ۽ امام مالڪ جو دليل آهي ڇوتہ انهن ٻنهي جو مذهب آهي تہ جمعي جي ڏينهن (اڪيلي جو) بہ روزو رکڻ سهڻو آهي. امام مالڪ المؤطا ۾ فرمايو آهي تہ "مون ڪنهن بہ اهل علم ۽ فقه کان جن جي اقتداء ڪئي وڃي نہ ٻڌو آهي جو جمعي جي ڏينهن روزي رکڻ کان جهليندو هجي ۽ جمعي جي ڏينهن جو روزو رکڻ سهڻو عمل آهي ۽ مون بعض اهلِ علم کي ڏٺو آهي تہ جمعي جي ڏينهن جو روزو رکندا هئا ۽ ان جي تلاش ۾ هوندا هئا. (جمع الوسائل ج 2 ص 100)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب الصوم باب 68 في صوم الثلاثة من كل شهر رقم الحديث 2450 ج 2 ص 328 {1} النسائي في كتاب الصيام باب 67 صوم النبي ﷺ ج 4 ص 204 {1} ابنِ ماجه في كتاب الصيام باب 37 في صيام الجمعة رقم الحديث 1725 {1} احمد في المسند ج 1 ص 406 {1} ابنِ خزيمه في صحيحه رقم الحديث 2129 ج 3 ص 303.

{305} حَدَّثَنَا أَبُو حَفْصٍ عَمْرُو بْنُ عَلِيٍّ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ دَاوُدَ، عَنْ ثَوْرِ بْنِ يَزِيدَ، عَنْ خَالِدِ بْنِ مَعْدَانَ، عَنْ رَبِيعَةَ الْجُرَشِيِّ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَتَحَرَّى صَوْمَ الِاثْنَيْنِ وَالْخَمِيسِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عائشہ ﷺ کان روايت آهي تہ نبي پاڪ ﷺ جن سومر ۽ خميس جو ڏينهن روزي لاءِ چاهيندا هئا.

مفردات جو شرح: "يَتَحَرَّى" ارادو ٿي ڪيائين, تحري کان ورتل, قصد فرمائيندا هئا.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن سومر جي ڏينهن ۽ خميس جي ڏينهن روزو رکندا هئا.

سومر جي ڏينهن روزي رکڻ جو سبب: سومر جي ڏينهن روزو رکڻ جي متعلق ڪائنئن عرض ڪري پڇيو ويو هو تہ پاڻ فرمايو هيائون تہ "ان ڏينهن ۾ منهنجي ولادت ٿي آهي ۽ ان ڏينهن ۾ مون تي وحي جو نزول ٿيو هو ان جي ڪري مان پسند ٿو ڪيان تہ ان ڏينهن ۾ روزو رکان." حضور ڪريم ﷺ جن سان محبت رکڻ جي تقاضا اها آهي تہ سومر جي ڏينهن روزو رکجي ۽ اولياءِ ڪرام جو اهو معمول رهيو آهي ۽ انهن ڏينهن کي روزي جي لاءِ ان جي ڪري بہ ترجيح ڏني وئي جو ان ۾ اعمال مٿي کنيا ويندا آهن. علامہ علي القاري هيءَ حديث آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن کي عرض ڪيو ويو تہ "يَا رَسُوْلَ اللهِ! اِنَّكَ تَصُوْمُ يَوْمَ الْاِثْنَيْنِ وَالْخَمِيْسِ؟ فَقَالَ اِنَّ يَوْمَ الْاِثْنَيْنِ وَالْخَمِيْسِ يَغْفِرُ اللهُ فِيْهِمَا لِكُلِّ مُسْلِمٍ اِلَّا ذَا هَاجِرَيْنِ يَقُوْلُ دَعْهُمَا حَتّٰى يَصْطَلِحَا." (رواہ احمد) (يعني اي الله جا رسول! اوهان سومر ۽ خميس جي ڏينهن جو روزو رکو ٿا؟ پوءِ پاڻ فرمايائون تہ "الله انهن ٻنهي ڏينهن ۾ هر مسلمان کي بخش ٿو فرمائي مگر هڪٻئي سان نہ ڳالهائيندڙن ٻن کي نہ ٿو بخشي فرمائي ٿو تہ انهن کي ڇڏي ڏي تانجو پاڻ ۾ صلح ڪن. (جمع الوسائل ص 101)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي في كتاب الصيام باب 34 ج 4 ص 153 {2} ابنِ ماجه في كتاب الصيام باب 4 ماجاء في وصال شعبان برمضان رقم الحديث 1649 {3} احمد في المسند ج 6 ص 89 {4} ابنِ خزيمه في صحيحه رقم الحديث 2116 ج 3 ص 298.

{306} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ يَحْيٰى قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُوْعَاصِمٍ، عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ رِفَاعَةَ، عَنْ سُهَيْلِ بْنِ أَبِي صَالِحٍ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ، أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ: تُعْرَضُ الْأَعْمَالُ يَوْمَ الِاثْنَيْنِ وَالْخَمِيسِ فَأُحِبُّ أَنْ يُعْرَضَ عَمَلِي وَأَنَا صَائِمٌ.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ نبي پاڪ ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ "سومر ۽ خميس ڏينهن (الله ﷻ جي درٻار ۾) عمل پيش ٿين ٿا، تنهن جي ڪري مان بہ چاهيان ٿو تہ منهنجا اعمال ان حال ۾ پيش ڪيا وڃن جو مان روزيدار هجان."

مفردات جو شرح: "تُعْرَضُ" پيش ڪيا وڃن ٿا، حاضر ڪيا وڃن ٿا. "وَأَنَا صَائِمٌ" هي فاحب ۾ احب واحد متڪلم جي صيغي ۾ مستتر ضمير "انا" کان حال آهي. ۽ "فاحب" ۾ فاء سببيت جي آهي يعني سابق، لاحق جي لاءِ سبب آهي، يعني منهنجي ان ڏينهن ۾ روزي سان محبت ان جي ڪري آهي جو انهن ۾ الله ﷻ وٽ اعمال پيش ڪيا وڃن ٿا.

سمجهاڻي: هن حديث شريف ۾ آهي تہ "سومر ۽ خميس جي ڏينهن اعمال پيش ڪيا ويندا آهن" البيجوري لکيو آهي تہ "الله ﷻ جي اڳيان پيش ڪيا ويندا آهن ۽ هڪ روايت ۾ "عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ" رب العالمين جي اڳيان پيش ڪيا ويندا آهن ۽ عملن جو اهو پيش ڪرڻ اجمالي هوندو آهي ڇوتہ هڪ روايت ۾ هر روز عمل پيش ڪرڻ جو بہ ذڪر آيل آهي. جيئن مسلم شريف ۾ آهي "يُرفَعُ اِلَيهِ عَمَلُ اللَّيلِ قَبْلَ عَمَلِ النَّهَارِ وَعَمَلِ النَّهَارِ قَبْلَ عَمَلِ اللَّيلِ" ان جي بارگاهہ ۾ ڏينهن جي عمل کان پهريان رات

جو عمل ڪنيو ويندو آهي ۽ رات جي عمل کان پهريان ڏينهن جو عمل ڪنيو ويندو آهي ۽ اهو پيش ڪرڻ پندرهين شعبان رات واري پيشگي ۽ شب قدر ۾ پيشگي جي خلاف ناهي ڇوته انهن راتين ۾ سال جا اعمال پيش ڪيا وڃن ٿا ۽ هي هفتيوار پيش ڪيا وڃن ٿا.

اعمال پيش ڪرڻ جا قسم: اعمال پيش ڪرڻ جا ٽي قسم آهن. (1) هڪ روزانو ڏينهن ۽ رات جو (2) ٻيو هفتي ۾ (3) ٽيون سال ۾. ۽ ان پيش ڪرڻ جي حڪمت هي آهي جو الله پنهنجي اطاعت ڪندڙن ٻانهن سان ملائڪن تي فخر ڪندو آهي نه ته اهو اعمال جي پيش ڪرڻ کان غني آهي ڇوته اهو ملائڪن کان وڌيڪ علم رکندڙ آهي. (المواهب ص 508) الله ﷻ جڏهن انسان کي پيدا ٿي ڪيو ته فرشتن ﷺارن عرض ڪيو هو ته اهڙا انسان ڇو ٿو پيدا ڪرين جيڪي قتل ۽ فساد ڪندا.؟ انهن جي اڳيان نيڪن صالحن جي اعمال کي پيش ڪري الله ﷻ انهن جو شرف ۽ شان ظاهر ڪندو آهي. (خصائل نبوي ص 257) ۽ عملن جي پيش ڪرڻ کان سواءِ سندن روزي رکڻ جو ٻيو سبب ٿي سگهي ٿو ۽ هي ان جي منافي ناهي. جيئن مسلم شريف ۾ حضرت ابي قتاده ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن کان سومر جي ڏينهن روزي رکڻ جي متعلق عرض ڪري پڇيو ويو ته پاڻ فرمايائون ته: "فِيْهِ وُلِدتُّ وَفِيْهِ أُنْزِلَ عَلَيَّ" (ان ۾ منهنجي ولادت ٿي آهي ۽ ان ۾ مون تي وحي نازل ڪيو ويو." يعني قرآن شريف جي نازل ڪرڻ جي ابتداء ٿي. (جمع الوسائل ج 2 ص 102)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابنِ ماجه في كتاب الصيام باب 42 يوم الاثنين والخميس رقم الحديث 4017 {2} أحمد في المسند ج 2 ص 329 {3} الدارمي في كتاب الصيام باب 41 في صيام يوم الاثنين والخميس رقم الحديث 1751 ج 2 ص 33 {4} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 1798 ج 6 ص 353 {5} مالك في الموطا كتاب حسن الخلق باب 4 ماجاء في المهاجرة رقم الحديث 17 ج 2 ص 908 {6} ابنِ خزيمه في صحيحه رقم الحديث 2120 ج 3 ص 292.

{307} حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلَانَ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو أَحْمَدَ، وَمُعَاوِيَةُ بْنُ هِشَامٍ، قَالَا: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ، عَنْ مَنْصُورٍ، عَنْ خَيْثَمَةَ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَصُومُ مِنَ الشَّهْرِ السَّبْتَ وَالأَحَدَ وَالاثْنَيْنَ، وَمِنَ الشَّهْرِ الآخَرِ الثُّلَاثَاءَ وَالأَرْبَعَاءَ وَالْخَمِيسَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت سيده عائشه صديقه ﷝ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن ڪنهن مهيني ۾ ڇنڇر، آچر ۽ سومر جو روزو رکندا هئا ۽ ڪنهن مهيني ۾ اڱاري، اربع ۽ خميس جو روزو رکندا هئا.

مفردات جو شرح: "السَّبْتَ" ڇنڇر جو ڏينهن. "اَلأَحَدَ" آچر جو ڏينهن. "اَلِاثْنَيْنَ" سومر جو ڏينهن. "الثُّلَاثَاءَ" اڱاري جو ڏينهن "اَلأَرْبَعَاءَ" اربعاء جو ڏينهن. "اَلْخَمِيسَ" خميس جو ڏينهن. "اَلشَّهْرِ" مهينو.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ ام المؤمنين سيده عائشه صديقه ﷝ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي ان معمول کي بيان فرمايو آهي. پر ڏينهن کي مقرر ۽ مخصوص نه ڪيو آهي ڪڏهن هفتي جا پهريان ڏينهن ته ڪڏهن پويان ڏينهن روزن رکڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ ان ۾ سندن مقصد هو ته امت جي لاءِ ڪنهن قسم جي صعوبت ۽ تڪليف پيدا نه ٿئي. هن مان اندازو لڳايو ته پاڻ پنهنجي امت تي ڪيترا مهربان هئا. سندن ئي شان ۾ ته "بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ" آيو آهي.

هفتي جي ڏينهن جي نالن جي معنيٰ: علامه علي القاري لکيو آهي تہ "السبت" جي معنيٰ آهي ڪٽڻ، قطع ڪرڻ ۽ ان جو اهو نالو ان جي ڪري رکيو ويو جو ان ۾ خداوند ڪريم خلقڻ جو سلسلو منقطع ڪيو هو. الله ﷻ آسمانن ۽ زمينن کي ڇهن ڏينهن ۾ پيدا ڪيو. آچر جي ڏينهن سان شروعات ڪئي وئي ۽ جمعي جي ڏينهن تي حضرت آدم کي پيدا ڪرڻ سان جيڪو علم ۾ اڳي ۽ وجود ۾ پوءِ هو پورائي ڪئي وئي ۽ پر يهودين (الله انهن تي لعنت ڪري) جو قول تہ الله ﷻ ڇنڇر جي ڏينهن ٿڪ لاٿو. راحت ورتي. اهو مردود آهي. الله ﷻ انهن جو رد ڪندي فرمايو "وَلَقَدْ خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ وَ مَا بَيْنَهُمَا فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ۖ وَّمَا مَسَّنَا مِنْ لُّغُوْبٍ ۝ (سورة ق آيت 28) "(البت تحقيق اسان آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪو انهن جي وچ ۾ آهي ان کي ڇهن ڏينهن ۾ پيدا ڪيو ۽ اسان کي ڪابہ ٿڪاوٽ نہ ٿي) ۽ ان جي ڪري علماء جو اجماع آهي تہ يهودين جهڙو ڪو پليد ناهي ۽ اهڙي طرح سندن تابع الله ﷻ جي لاءِ جسم ثابت ڪندڙ بہ پليد آهن. ۽ الاحد (هڪ آچر جو ڏينهن) ان کي اهو نالو ان جي ڪري ڏنو ويو جو يا تہ خلق جي پيدا ڪرڻ جي ان سان شروعات ڪئي وئي يا اهو هفتي جو پهريون ڏينهن آهي. "الاثنين" (سومر جو ڏينهن) خلقڻ جي لحاظ سان ٻيو ڏينهن. "الثلاثة" ٽيون ڏينهن اڱاري جو ڏينهن. "الاربعاء" چوٿون ڏينهن "الخميس" پنجون ڏينهن ۽ هن روايت ۾ جمعي جي ڏينهن جو ذڪر نہ ڪيو ويو آهي ڇوتہ اهو ٻين حديثن ۾ مذڪور آهي. علامہ مناوي لکيو آهي تہ مذڪور نالا ترتيب جي لحاظ سان آهن باقي جمعي جو نالو جُمعَةُ ان جي ڪري رکيو ويو جو ان ۾ جهان جي خلقت جمع ٿي هئي.

(جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 102، اشرف الوسائل ص 434)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: هيءَ روايت شمائل جي صاحب جامع ترمذي ڪتاب الصوم باب 44 ماجاء في صوم يوم الاثنين والخميس حديث رقم 746 ج 3 ص 112 ۾ بہ آندي آهي ۽ وڌيڪ ان روايت جي راوين تي بحث ڪيو اٿس.

{308} حَدَّثَنَا أَبُو مُصْعَبٍ الْمَدِينِيُّ، عَنْ مَالِكِ بْنِ أَنَسٍ، عَنْ أَبِي النَّضْرِ، عَنْ أَبِي سَلَمَةَ بْنِ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: مَا كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَصُومُ فِي شَهْرٍ أَكْثَرَ مِنْ صِيَامِهِ فِي شَعْبَانَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ شعبان کان وڌيڪ ڪنهن ٻئي مهيني ۾ روزا نہ رکندا هئا.

مفردات جو شرح: ڪو خاص ناهي.

سمجهاڻي: مطلب تہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جا نفلي روزا شعبان ۾ ٻين مهينن کان گهڻا هئا.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب الصوم باب 59 كيف كان يصوم النبي ﷺ رقم الحديث 2434 ج 2 ص 234 {2} النسائي في كتاب الصيام باب 67 صوم النبي ﷺ ج 4 ص 199، 200 {3} احمد في المسند ج 6 ص 107 {4} مالک في الموطا كتاب الصيام باب 22 جامع الصيام رقم الحديث 56 ج 1 ص 309 {5} البيهقي في سننه ج 4 ص 292 {6} عبدالرزاق في المصنف رقم الحديث 7861 ج 4 ص 293 {7} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 1776 ج 6 ص 328.

{309} حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلَانَ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو دَاوُدَ قَالَ: حَدَّثَنَا شُعْبَةُ، عَنْ يَزِيدَ الرِّشْكِ قَالَ: سَمِعْتُ مُعَاذَةَ، قَالَتْ: قُلْتُ لِعَائِشَةَ: أَكَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَصُومُ ثَلَاثَةَ أَيَّامٍ مِنْ كُلِّ شَهْرٍ؟ قَالَتْ: نَعَمْ قُلْتُ: مِنْ أَيِّهِ كَانَ يَصُومُ؟ قَالَتْ: كَانَ لَا يُبَالِي مِنْ أَيِّهِ صَامَ. قَالَ أَبُو عِيسَى: يَزِيدُ الرِّشْكُ هُوَ يَزِيدُ الضُّبَعِيُّ الْبَصْرِيُّ وَهُوَ ثِقَةٌ رَوَى عَنْهُ شُعْبَةُ، وَعَبْدُ الْوَارِثِ بْنُ سَعِيدٍ، وَحَمَّادُ بْنُ زَيْدٍ، وَإِسْمَاعِيلُ بْنُ إِبْرَاهِيمَ، وَغَيْرُ وَاحِدٍ مِنَ الْأَئِمَّةِ، وَهُوَ يَزِيدُ الْقَاسِمُ وَيُقَالُ: الْقَسَّامُ، وَالرِّشْكُ بِلُغَةِ أَهْلِ الْبَصْرَةِ هُوَ الْقَسَّامُ.

بامحاوره ترجمو: حضرت معاذة ﷺ کان روايت آهي تہ مون حضرت عائشہ صديقہ ﷺ کان پڇيو تہ نبي پاڪ ﷺ جن هر مهيني ۾ ٽي ڏينهن روزو رکندا هئا؟ بيبي سڳوريءَ چيو تہ هائو. وري پڇيم تہ ڪهڙن ڏينهن ۾ رکندا هئا؟ بيبي صاحبہ ٻڌايو تہ روزي رکڻ ۾ تاريخ مقرر ڪرڻ جي پرواهہ نہ ڪندا هئا.

مفردات جو شرح: ڪو خاص ناهي.

سمجهاڻي: هن روايت جي راويہ معاذة ام المومنين سيده عائشہ صديقہ ﷺ کان هر مهيني ۾ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي ٽن روزن رکڻ جو سوال ڪيو آهي. جنهن جي جواب ۾ سيده ﷺ فرمايو تہ هائو! پر حضور ڪريم ﷺ جن ان ڳالهہ جي پرواهہ نہ رکندا هئا تہ مهيني جي ڪهڙي حصي ۾ روزو رکن ٿا. پهرين ۾ يا وچين ۾ يا پوئين ۾.

نفلي روزن جي لاءِ ڏينهن مقرر نہ ڪرڻ جو سبب: علماء فرمايو تہ شايد حضور ڪريم ﷺ جن ان جي ڪري اهي ڏينهن مقرر نہ ڪيا تہ متان اهي امت تي واجب ٿي وڃن. سنت جو اصل ڪهڙن بہ ٽن ڏينهن ۾ روزي رکڻ سان حاصل ٿي ٿو وڃي. افضل آهي تہ تيرهين, چوڏهين, پندرهين تاريخن جا روزا رکجن ۽ احتياطي طور ٻارهين تاريخ جو روزو رکڻ بہ سنت آهي ۽ مون لاءِ ان جو سبب ظاهر نہ ٿيو آهي ۽ مهيني جي شروعات ۾ بہ ٽي روزا رکڻ مستحب آهن ۽ اهڙي طرح مهيني جون آخري تاريخون 27, 28, 29 ۾ بہ روزا رکڻ مستحب آهن. ۽ ايام بيض جا روزا تہ گهڻن صحابن ۽ تابعين رکيا آهن. نسائي حضرت ابنِ عباس ﷺ کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن ايامِ بيض وارا روزا سفر توڙي حضر ۾ نہ ڇڏيندا هئا. (جمع الوسائل ج 2 ص 103) هن روايت کان پوءِ محدث ترمذي هن روايت جي راوي يزيد الرشڪ جو تعارف ۽ ان جو روايت ۾ ثقہ هجڻ ثابت ڪيو آهي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} رواه بنحوه مسلم في كتاب الصيام باب 36 استحباب صيام ثلاثة ايام من كل شهر وصوم يوم عرفة رقم الحديث 1160 ج 2 ص 818 {2} ابو داؤد في كتاب الصوم باب 70 من قال لايبالي من اي الشهر رقم الحديث 2453 ج 2 ص 328 {3} ابنِ ماجه في كتاب الصيام باب 29 ماجاء في صيام ثلاثة ايام من كل شهر رقم الحديث 1709 {4} احمد في المسند ج 6 ص 145 {5} ابنِ خزيمه في صحيحه رقم الحديث 2130 ج 3 ص 303 {6} الطيالسي في مسنده رقم الحديث 1572 ص 220 {1} البيهقي في سننه ج 4 ص 295.

{310} حَدَّثَنَا هَارُونُ بْنُ إِسْحَاقَ الْهَمْدَانِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدَةُ بْنُ سُلَيْمَانَ، عَنْ هِشَامِ بْنِ عُرْوَةَ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: كَانَ عَاشُورَاءُ يَوْمًا تَصُومُهُ قُرَيْشٌ فِي الْجَاهِلِيَّةِ، وَكَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَصُومُهُ، فَلَمَّا قَدِمَ الْمَدِينَةَ صَامَهُ وَأَمَرَ بِصِيَامِهِ، فَلَمَّا افْتُرِضَ رَمَضَانُ كَانَ رَمَضَانُ هُوَ الْفَرِيضَةَ وَتُرِكَ عَاشُورَاءُ، فَمَنْ

شَاءَ صَامَهُ وَمَنْ شَاءَ تَرَكَهُ

بامحاوره ترجمو: سيده عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ قريش (اسلام کان اڳ) جاهليت واري زماني ۾ عاشوري (ڏهين محرم) جو روزو رکندا هئا ۽ رسول الله ﷺ بہ ان ڏينهن جو روزو رکندا هئا. پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن مديني ۾ آيا تہ بہ عاشوري جو روزو رکيائون ۽ ٻين کي بہ روزي رکڻ جو حکم کيائون. پر جڏهن رمضان شريف جا روزا فرض ٿيا تہ رمضان فرض ٿيو ۽ عاشوري جو روزو ڇڏيو ويو. پوءِ جنهن کي وڻندو هو تہ عاشوري جو نفلي روزو رکندو هو ۽ جنهن کي وڻندو هو تہ ڇڏي ڏيندو هو.

مفردات جو شرح: "اَلْجَاهِلِيَّةِ" اسلام کان پهريون دور, زمانو. "شَاءَ" گهري, چاهي. "اِفْتُرِضَ" فرض ڪيو ويو, لازم قرار ڏنو ويو. "عَاشُوْرَاءُ" محرم جي ڏهين تاريخ جو ڏينهن.

سمجهاڻي: علامہ البيجوري لکيو آهي تہ "قريش جاهليت جي دور ۾ ڏهين محرم جي ڏينهن روزو رکندا هئا. اهو انهن کي اهلِ ڪتاب کان مليو هو ۽ قرطبي فرمايو تہ شايد انهن ان روزي کي حضرت ابراهيم يا حضرت نوح على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي شريعت کان ورتو هو.

ڏهين محرم جي ڏينهن جي ڀلائي: احاديث ۾ وارد آهي تہ "ڏهين تاريخ محرم جو ڏينهن اهو آهي جنهن ۾ حضرت نوح على نبينا وعليهما الصلوٰة والسلام جي ٻيڙي جودي جبل تي لهي بيٺي هئي پوءِ حضرت نوح على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام الله جل جلاله جي شڪراني جي طور ان ڏينهن جو روزو رکيو هو ان جي ڪري قريشي ان ڏينهن ۾ بيت الله شريف تي غلاف چاڙهيندا هئا. ان ڏينهن جي تعظيم ڪندا هئا. ۽ "المطامح" ڪتاب ۾ حديث جي علم رکندڙ جماعت کان نقل ڪيل آهي تہ: هي اهو ڏينهن آهي جنهن ۾ الله جل جلاله فرعون ۽ ان جي لشڪر کي ٻوڙي حضرت موسيٰ على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي نجات ڏياري ۽ ان ۾ حضرت نوح على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي ٻيڙي جودي جبل تي لٿي ۽ ان ۾ حضرت آدم على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي توبه قبول ڪئي وئي ۽ ان ۾ حضرت عيسيٰ على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي ولادت ٿي ۽ ان ۾ حضرت يونس على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام مڇيءَ جي پيٽ مان ٻاهر آندو ويو ۽ ان ۾ ان جي قوم جي توبه قبول ڪئي وئي. ۽ ان ۾ حضرت يوسف على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کوه مان ٻاهر ڪڍيو ويو هو ۽ حاصل ڪلام تہ اهو وڏي شرف وارو ڏينهن آهي. تانجو جانور بہ ان ۾ روزا رکندا هئا يعني کائڻ کان رڪجي ويندا هئا ۽ مسلم شريف ۾ آهي تہ ڏهين محرم جي ڏينهن جو روزو سال جا گناه ميٽي ڇڏيندو آهي ۽ نائين ذوالحج جي ڏينهن جو روزو ٻن سالن جا گناه ميٽي ڇڏيندو آهي." ۽ ان ۾ حڪمت اها آهي تہ عاشوراء جو روزو اول موسوي آهي ۽ نائين ذوالحج جو روزو محمدي آهي ۽ حديث ۾ وارد آهي تہ "جنهن ڏهين محرم جي ڏينهن پنهنجي عيال تي (دل جي) ڪشادگي سان خرچ ڪيو الله جل جلاله ان تي سڄو سال ڪشادگي ڪندو." ۽ هن روايت جون سنَدُون جيتوڻيڪ ضعيف آهن پر هڪٻئين سان ٻين جي تقويت ٿي رهي آهي ۽ پر جيڪو (عوام ۾) خضاب ڪرڻ, تيل هڻڻ, سرمو پائڻ, اناج رڌل کارائڻ وغيره جو رواج آهي اهو ڪوڙ ۽ هٿ ٺوڪيون ڳالهيون آهن. تانجو بعض چيو تہ ان ڏينهن ۾ سرمو پائڻ بدعت آهي جنهن جي ابتداء (حضرت) حسين رضي الله عنه جي قاتلن ڪئي آهي, پر علامہ سيوطي "الجامع الصغير" ۾ روايت آندي آهي تہ "مَنِ اكْتَحَلَ بِالْإِثْمِدِ يَوْمَ عَاشُوْرَآءَ لَمْ يَرْمَدْ أَبَدًا" (رواه البيهقي بسند ضعيف) (جنهن عاشوراء جي ڏينهن اٿمد سرمو پاتو ان جي اک ڪڏهن بہ نہ اٿندي) ۽ حضور ڪريم

ﷺ جن مڪ مڪرمہ ۾ اهو روزو قريشن يا اهل ڪتاب سان موافقت يا الله ﷻ جي طرفان الهام سان رکندا هئا. جڏهن مدينہ منوره ۾ تشريف فرما ٿيا پاڻ تہ روزو رکيائون پر ان ڏينهن جي روزي رکڻ جو امر بہ ڪيائون. هن حديث ۾ اختصار آهي. بخاري ۽ مسلم حضرت ابنِ عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ "بلاشڪ نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن مدينہ منوره ۾ آيا ۽ يهودين کي ڏٺائون تہ "عاشوراء جو روزو پيا رکن پوءِ انهن کان ان جي متعلق پڇيائون. انهن چيو تہ "هي اهو ڏينهن آهي جنهن ۾ الله ﷻ موسيٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي ڇڏايوءِ فرعون ۽ ان جي قوم کي غرق ڪيو پوءِ ان اهو روزو شڪراني طور رکيو اسين بہ اهو رکون ٿا." (اهو ٻڌي) رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو" نَحْنُ اَحَقُّ بِمُوْسٰى مِنْكُمْ" اسين اوهان کان موسيٰ (علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) جا وڌيڪ حقدار آهيون.) پوءِ پاڻ بہ اهو روزو رکيائون ۽ ان جي روزي رکڻ جو امر بہ ڪيائون." پر پاڻ يهودين ڏانهن ان جي نسبت نہ ڪيائون. احتمال آهي تہ ان متعلق ڪين ڪو وحي آيو هجي يا سندن طرفان اجتهادي امر هجي" اڳتي روايت ۾ آهي تہ "پوءِ جڏهن رمضان فرض ڪيو ويو تہ اهو ئي فرض رهيو ۽ عاشوراء جي روزي جو وجوب منسوخ ٿي ويو يا ان جو جيڪو شديد تاڪيد هو اهو ڇڏيو ويو. ان ۾ اختلاف آهي تہ عاشوراء جي ڏينهن جو روزو واجب هو يا نہ شافعي مذهب وارن وٽ واجب نہ هو. حنفي حضرات وٽ واجب هو فرض هو. جڏهن رمضان فرض ٿيو تہ عاشوراء جي فرضيت منسوخ ٿي وئي ۽ هن حديث جي سياق جو ظاهر بہ اهو آهي. (المواهب ص 512،511) علامہ ابنِ حجر هيتمي مڪي لکيو آهي تہ عڪرمة کان قريشين جي ان ڏينهن ۾ روزي رکڻ جي متعلق پڇيو ويو تہ ان فرمايو: قريشين جاهليت جي دور ۾ هڪ گناهہ ڪيو هو جيڪو انهن جي دلين ۾ وڏو رهيو پوءِ انهن کي چيو ويو تہ عاشورا جي ڏينهن جو روزو رکو تہ اهو گناهہ ميٽجي ويندو." تڏهن اهي اهو روزو رکندا هئا ٿورو اڳتي لکيو اٿس تہ : ان متعلق وارد حديثن مان حاصل هي آهي تہ : بلاشڪ رسول الله ﷺ جن اهو روزو مڪ مڪرمہ ۾ رکندا هئا ۽ ٻين کي ان جو امر نہ ڪندا هئا جڏهن مدينہ منوره ۾ آيا تہ پاڻ بہ رکندا هئا ٻين کي بہ امر ڪندا هئا. پر جڏهن رمضان شريف جا روزا فرض ٿيا تہ پوءِ اهي فرض رهيا ۽ عاشوراء جو روزو واجب يا فرض جي حيثيت سان ڇڏيو ويو ۽ فرمايائون تہ "اهو الله ﷻ جي ڏينهن مان هڪ ڏينهن آهي جيڪو گهري تہ ان ۾ روزو رکي ۽ جيڪو نہ گهري تہ نہ رکي" ان کان پوءِ پنهنجي پاڪ ظاهري زندگي ۾ ان سان نائين تاريخ ملائي رکڻ جو ارادو ڪيو هيائون. (پر پاڻ اڳ ۾ ئي دنيا تان رحلت فرمائي ويا) (باقي مواد المواهب وارو آهي) (اشرف الوسائل ص 441،440) علامہ علي القاري لکيو آهي تہ "عاشوراء مد سان ۽ مد کان سواءِ محرم جي ڏهين تاريخ جي ڏينهن جو نالو آهي ۽ هڪ قول آهي تہ اهو اسلامي نالو آهي عرب ۾ اڳي اهو نالو نہ هو عاشوراء فاعولاءِ جي وزن تي مد سان ان کان سواءِ ناهي ۽ نائين محرم جي ڏينهن لاءِ تاسوعاء ان سان الحاق ڪيو ويو آهي ۽ قرطبي فرمايو تہ عاشوراء عاش کان ڦيرايل آهي. مبالغي ۽ تعظيم جي لاءِ آندو ويو آهي ۽ اهو لفظ اصل ۾ ڏهين تاريخ جي رات لاءِ آيل آهي ۽ قريش نضر بن ڪنانہ جو اولاد آهي ۽ هڪ قول مطابق فهر بن مالڪ جو اولاد آهي اهي اسلام کان اڳ ۾ عاشورا جي ڏينهن جو روزو رکندا هئا ۽ نبي ڪريم ﷺ جن پهريان بہ اهو روزو رکندا هئا ۽ مدينہ منوره ۾ اچڻ کان پوءِ پاڻ بہ روزو رکندا هئا پر ٻين کي بہ امر فرمايو هيائون جيڪو حنفين وٽ وجوب جي لاءِ هو. مسلم سلمة بن الاڪوع کان روايت

آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن اسلم قبيلي مان هڪ مڙس کي امر ڪري موڪليو تہ ماڻهن ۾ اعلان ڪري تہ : جنهن (اهو) روزو نہ رکيو آهي اهو روزو رکي ۽ جنهن ان ۾ ڪاڌو ڪائي ڇڏيو آهي اهو باقي وقت ڪاڌو نہ ڪائي رات تائين روزي (جي صورت) ۾ رهي ۽ هي ان روزي جي وجوب لاءِ صريح دليل آهي ۽ پاڻ ظاهري عمر جي آخر ۾ فرمايو هيائون تہ "جيڪڏهن ايندڙ سال تائين رهيس تہ نائين (محرم جي) تاريخ جو روزو ضرور رکندس" بعض علماء فرمايو تہ : هن ۾ ٻہ احتمال آهن (1) تہ پاڻ ڏهين جي ڏينهن واري روزي کي نائين جي ڏينهن ڏانهن منتقل ڪرڻ ٿي گهريائون (2) تہ نائين جي ڏينهن جو روزو رکي يهودين جي مخالفت ڪرڻ ٿي گهريائون ۽ هي قول ترجيح وارو آهي ۽ اها خبر مسلم جي بعض روايات مان ۽ امام احمد جي حضرت ابنِ عباس ﷺ کان آندل مرفوع روايت مان معلوم ٿي رهي آهي تہ "صُومُوا يَوْمَ عَاشُورَاءَ وَخَالِفُوا الْيَهُودَ وَصُومُوا يَوْمًا بَعْدَهُ" (ڏهين جي ڏينهن روزو رکو ۽ يهودين جي مخالفت ڪري هڪ ڏينهن بعد ۾ (يارهين تاريخ جو بہ) روزو رکو" ان جي ڪري بعض علماء فرمايو آهي تہ "عاشوري جو روزو ٽن مرتبن تي آهي هڪ تہ ان ڏينهن جو روزو رکيو وڃي ٻيو ان کان مٿي هي آهي تہ نائين تاريخ جي ڏينهن جو بہ روزو رکيو وڃي ٽيون اجان مٿي هي آهي تہ نائين، ڏهين سان گڏ يارهين تاريخ جي ڏينهن جو بہ روزو رکيو وڃي (وَاللهُ وَرَسُوْلُهُ أَعْلَمُ) ۽ صاحب سير لکيو آهي تہ : اول هن امت تي عاشوري جو روزو فرض ٿيو پوءِ ان جي فرضيت هر مهيني جي 13، 14، ۽ 15 تاريخن جي روزي جي فرضيت سان منسوخ ٿي وئي، پوءِ اها بہ رمضان جي فرضيت سان منسوخ ٿي وئي ۽ حافظ عسقلاني فرمايو تہ حديث جي مطالعي مان ثابت ٿئي ٿو تہ عاشوري جو روزي لاءِ امر آيل آهي ان جي ڪري واجب هو ۽ ان جي لاءِ تاڪيد ڪيو ويو ۽ ان تاڪيد ۾ زيادتي عام اعلان ڪرائڻ سان ڪئي وئي ان کان پوءِ اهو بہ چيو ويو تہ "جيڪڏهن ڪنهن ان ڏينهن ۾ ڪاڌو ڪائي وڌو آهي تہ باقي رهيل ڏينهن جو ڪاڌو ڪائڻ بند رکي، ان کان پوءِ مائرن کي امر ڪيو ويو تہ ننڍن ٻارن کي کير بہ نہ ڏين، ان کان پوءِ سيده عائشہ صديقہ ﷺ ۽ حضرت ابنِ عباس ﷺ جو قول آهي تہ : جڏهن رمضان فرض ڪيو ويو تہ عاشوري جو روزو ڇڏيو ويو وجوب جي نفي آهي. حالانڪ اجان بہ مستحب آهي تہ اهو روزو رکيو وڃي ۽ مسلم حضرت ابنِ عباس ﷺ کان روايت آندي آهي تہ "إِذَا رَأَيْتَ هِلَالَ الْمُحَرَّمِ فَاعْدُدْ وَأَصْبِحْ يَوْمَ التَّاسِعِ صَائِمًا" جڏهن محرم جي پهرين تاريخ جو چنڊ ڏسين تہ ان جي لاءِ تياري ڪر ۽ نائين محرم جي ڏينهن جو روزو رک." حضرت ابنِ عباس ﷺ کان ڪنهن محرم ۾ روزي رکڻ جي متعلق سوال ڪيو تڏهن پاڻ ان جي جواب ۾ ائين ارشاد فرمايو هيائون.

(جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 105، 106)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب الصوم باب 69 صيام يوم عاشوراء رقم الحديث 2002 ج 4 ص 244 {2} ابو داؤد في كتاب الصوم باب 64 رقم الحديث 2442 ج 2 ص 326 {3} مالک في الموطا كتاب الصيام باب 11 صيام يوم عاشوراء رقم الحديث 33 ج 1 ص 299 نحوه {4} البيهقي في سننه ج 4 ص 288 نحوه {5} احمد في المسند ج 6 ص 50 {6} ابنِ خزيمه في صحيحه رقم الحديث 2080 ج 3 ص 283.

{311} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمٰنِ بْنُ مَهْدِيٍّ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ، عَنْ مَنْصُورٍ، عَنْ إِبْرَاهِيمَ، عَنْ عَلْقَمَةَ قَالَ: سَأَلْتُ عَائِشَةَ، أَكَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَخُصُّ مِنَ الأَيَّامِ شَيْئًا؟ قَالَتْ: كَانَ عَمَلُهُ دِيمَةً، وَأَيُّكُمْ يُطِيقُ مَا كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُطِيقُ

بامحاوره ترجمو: حضرت علقمه ﷺ کان روايت آهي مون حضرت سيده عائشه صديقه ﷺ کان پڇيو تہ رسول الله ﷺ (نفلي روزي لاءِ) ڪو ڏينهن مقرر ڪندا هئا؟ بيبي سڳوري چيو تہ پاڻ ڪريم ﷺ جو عمل دائمي هوندو هو. توهان ۾ ڪنهن کي اهڙي طاقت آهي جو حضور ڪريم ﷺ جن جهڙي دائمي عبادت ڪري سگهي.

مفردات جو شرح: "يُخِصُّ" خاص فرمائيندا هئا. مقرر فرمائيندا هئا. "دِيمَةً" دائمي، هميشہ. "يُطِيقُ" طاقت رکندا هئا.

سمجهاڻي: ام المؤمنين سيده عائشه صديقه ﷺ جي فرمان تہ رسول الله ﷺ جن جو عمل دائمي هوندو هو ۽ اوهان مان ان جي ڪير طاقت رکي سگهي ٿو؟ جنهن عمل جي پاڻ طاقت رکندا هئا" ۾ ٻہ ڳالهيون ذڪر ٿيون آهن (1) تہ سندن عمل دائمي هو هر حال ۽ ڪيفيت ۾ رهندي هميشگي وارو هو. (2) تہ جنهن رياضت، عبادت، مجاهدي ۽ استغراق اوقات تي حضور ڪريم ﷺ جن هميشگي ڪندا هئا ان جي توفيق ۽ طاقت ٻئي ڪنهن کي حاصل آهي؟

حضور ﷺ جهڙي طاقت ڪير بہ نہ ٿو رکي: ام المؤمنين جو اهو خطاب بہ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان سان هو. ان جي باوجود جو انهن جي همٿ جي بلندي ۽ قلب جي چمڪ رسول الله ﷺ جي صحبت مبارڪ سان نور علیٰ نور هئي. پر ان معاملي ۾ اهي حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي اڳيان عاجز هئا. تہ ٻيا سندن سان ذات ۽ صفات ۾ ڪيئن برابر ٿي سگهندا. الله جل جلاله پنهنجي حبيب ڪريم ﷺ جي صدقي ۽ طفيلي اهڙي گمراهہ ڪندڙ عقيدي کان پناهہ ۾ رکي جو ڪنهن بہ صورت ۾ حضرت نبي ڪريم ﷺ سان برابري جو ذهن پيدا ڪري. علامہ علي القاري لکيو آهي تہ "اَيُّكُمْ" اوهان مان ڪهڙو؟ ۾ خطاب صحابہ ۽ تابعين ۽ ائمہ سان آهي. "طاقت رکي ٿو" مطلب تہ سندن جيئن نماز، نوڙت، خشوع خضوع، اخلاص ۽ حضور واري ڪيفيت جي ڪير ٿو طاقت رکي سگهي؟ اڳتي لکيو اٿس تہ جيئن فرائض جو ڇڏڻ منڪر ۽ ناپسنديدو عمل آهي تيئن اوراد ۽ وظائف جو ڇڏڻ بہ ناپسنديدو عمل آهي ان جي ڪري چيو ويندو آهي تہ "تارڪ الورد ملعون" وظيفي جو ڇڏيندڙ لعنت ڪيل آهي پر هي قول مختلف وجوهات جي ڪري سٺو ناهي. (جمع الوسائل ج 2 ص 107) علامہ البيجوري لکيو آهي تہ: هن روايت ۾ مذڪور دوام مان مراد گهڻو ڪري، غالب احوال ۾ آهي يا حقيقي دوام مراد آهي پر جيڪڏهن ڪو مانع درپيش نہ آيو جيئن امت تي فرض ٿيڻ جو ڊپ وغيره تہ پاڻ هميشگي ڪندا هئا پر ڪنهن حڪمت جي ڪري هميشگي نہ بہ ڪندا هئا. (المواهب ص 513) علامہ ابنِ حجر مڪي لکيو آهي تہ "وخصت الصحابة بذالك مع علوهمتهم واستنارة قلوبهم ببركة صحبة النبى ﷺ اذا عجزوا عن اطاقة ذالك فغيرهم اعجز" ۽ صحابہ ان خطاب سان مخصوص ڪيا ويا ڇوتہ اهي همٿ جي علوءِ نبي ڪريم ﷺ جي صحبت جي برڪت سان قلوب جي روشن هجڻ جي باوجود جڏهن عاجز رهيا تہ ٻيا تہ وڌيڪ عاجز رهندا. (اشرف الوسائل ص 440)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب الصيام باب 64 هل يخص شيئا من الايام رقم الحديث 1987 ج 4 ص 235 {2} مسلم في كتاب صلواة المسافرين وقصرها باب 30 فضيلة العمل الدائم من قيام الليل وغيره رقم الحديث 783 حديث الكتاب 217 ج 1 ص 541 بنحوه {3} ابو داؤد في كتاب الصلواة باب 318 مايؤمر بہ من القصد في الصلواة حديث رقم 1370 ج 2 ص 48 كما في التحفة ج 12 ص 245 {4} احمد في المسند ج 6 ص 55 {5} ابن حبان في صحيحہ رقم الحديث 322 ج 2 ص 26، 27.

{312} حَدَّثَنَا هَارُونُ بْنُ إِسْحَاقَ قَالَ : حَدَّثَنَا عَبْدَةُ ، عَنْ هِشَامِ بْنِ عُرْوَةَ ، عَنْ أَبِيهِ ، عَنْ عَائِشَةَ ، قَالَتْ : دَخَلَ عَلَيَّ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَعِنْدِي امْرَأَةٌ فَقَالَ : مَنْ هٰذِهِ؟ قُلْتُ : فُلَانَةُ لَا تَنَامُ اللَّيْلَ ، فَقَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ : عَلَيْكُمْ مِنَ الْأَعْمَالِ مَا تُطِيقُونَ ، فَوَاللهِ لَا يَمَلُّ اللهُ حَتَّى تَمَلُّوا ، وَكَانَ أَحَبُّ ذٰلِكَ إِلَى رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ الَّذِي يَدُومُ عَلَيْهِ صَاحِبُهُ

بامحاوره ترجمو: حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن مون وٽ گهر آيا، تہ مون وٽ هڪ عورت ويٺي هئي. پاڻ استفسار فرمايائون تہ هي ڪير آهي؟ مون ڪين ٻڌايو تہ هيءَ عورت فلاڻي (حولاء بنت تويت قبيلي بني اسد جي عبادت گذار) آهي، جا سڄي رات ننڊ نہ ڪندي آهي. رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو : اوهان ايترا عمل اختيار ڪريو جيترا ڪري سگهو. الله جل جلاله جو قسم! الله جل جلاله (ثواب ڏيڻ ۾) تنگ نہ ٿيندو آهي جيستائين اوهان (عمل ڪرڻ ۾ ٿڪجي) تنگ نہ ٿيو." رسول الله ﷺ جن کي اهو عمل وڻندو هو جنهن تي ماڻهو هميشگي ڪري سگهي.

مفردات جو شرح: "عَلَيْكُمْ" لازم ڪري وٺو. "لَايَمَلُّ" نہ ٿو ٿڪجي، نہ ٿو تنگ ٿئي. نہ تڪليف ۾ وجهي.

سمجهاڻي: ارشاد آهي "مون وٽ هڪ عورت ويٺي هئي." هيءَ عورت بني اسد قبيلي جي هئي. هن جو نالو حولاء بنت تويت هو. تويت حبيب بن عبدالعزيٰ جو پٽ هو. هيءَ عورت وڏي عابده، تهجد گذار وڏي نيڪ بخت هئي. ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها ان جي منهن تي ان جي تعريف ڪئي. علامہ عبدالجواد الدومي مصري لکيو آهي تہ "وفيه جواز المدح في الوجه اذا امنت الفتنة" هن مان منهن تي تعريف ڪرڻ جو جواز ملي ٿو جيڪڏهن فتني ۾ پوڻ جو خطرو نہ هجي.) حضور ڪريم ﷺ جو فرمان تہ "جيتري طاقت رکو اوترو عمل ڪيو" خواه روزو هجي، نماز هجي، قرآن ڪريم جي تلاوت هجي يا الله جل جلاله جو ذڪر وغيره هجي پنهنجي وسعت آهر نفلي عبادت ڪيو. پنهنجي وسعت ۽ طاقت کان مٿي چڙهي نہ ڪيو تانت تڪليف مالا يطاق جو باعث نہ رهي ۽ اوهان پاڻ بہ دل برداشتہ ٿي نہ وڃو" ارشاد آهي : اهو نہ ٿو ٿڪجي تانجو اوهان پاڻ نہ ٿڪجو." يعني الله جل جلاله ثواب ڏيڻ ۾ نہ ٿڪجندو پر اوهان پنهنجي طاقت کان مٿي عبادت ڪندؤ تہ ٿڪجي پوندؤ ۽ جڏهن ٿڪاوٽ جي ڪري اوهان جي عبادت ۾ بي اطميناني، دل برداشتگي پيدا ٿيندي تہ خلوص، عاجزي، خشوع ۽ خضوع ختم ٿي ويندو ۽ قبوليت نہ ملندي" ارشاد تہ "حضور ڪريم جن کي اها ڳالهہ گهڻي پسند هئي جنهن تي عمل ڪرڻ وارو هميشگي ڪري" يعني اها عبادت ڀلي آهي جنهن تي مداومت ڪئي وڃي ڀلي ڪٿي ٿوري هجي. (انوارِ غوثيہ ص 397، 398) علامہ البيجوري لکيو آهي تہ (امان عائشه صديقه رضي الله عنها

وٽ ويٺل عورت) سھڻي ھيئت واري ھئي. ھن جو نالو الحولاء ھو ٿُويت بن حبيب بن عبدالعزيٰ جي نياڻي (ام المؤمنين سيده) خديجة جي قبيلي مان ھئي. جڏھن سيده عائشه صديقه ﷞ ان جي عبادت جي تعريف ڪئي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو "عليكم" لازم ڪري ونو. "كم" ضمير جمع مذكر آندو ويو حالانڪ خطاب تہ عورتن سان ھو سو ان جي ڪري جو خطاب مان مقصود عام امت ھئي. پوءِ مردن ڪي عورتن تي غلبو ڏنو ويو. "فَوَاللّٰه" (پوءِ الله ﷻ جو قسم! آھي) ھن مان ثابت ٿيو تہ: صرف تاڪيد جي لاءِ بہ قسم کڻڻ جائز آھي. "لَايَمَلُّ اللّٰهُ حَتّٰى تَمَلُّوا" (الله ملول نہ ٿو ٿئي تانجو اوھان ملول نہ ٿيو) ملول ٿيڻ ٿڪ جي ڪري ھوندو آھي ان جي نسبت الله ﷻ ڏانھن ڪرڻ نامناسب بلڪ ناجائز آھي ڇوتہ اھو فتور آھي جيڪو گھڻي محنت جي ڪري پيدا ٿي فعل ۾ سستي پيدا ڪري ان ڪان منھن موڙائيندو آھي ۽ اھو مخلوق جي حق ۾ ھوندو آھي ان جي ڪري ھتي مراد آھي تہ الله ﷻ اوھان ڪان منھن نہ موڙيندو اوھان ڪان پنھنجو ثواب ۽ رحمت بند نہ ڪندو تانجو اوھان ٿڪجي عبادت نہ بند ڪيو. (۽ اھو عمل ڪين وڌيڪ پيارو ھو جنھن تي ان جو صاحب ھميشگي ڪري) جو مطلب آھي تہ عرفي دوام ڪري حقيقي نہ. ڇوتہ ھر گھڙي عبادت ۾ رھڻ مخلوق مان ڪنھن لاءِ بہ ممڪن ناھي. انسان ڪڏھن جاڳي ٿو تہ ڪڏھن ننڊ ٿو ڪري، ڪڏھن کائي پيئي ٿو تہ ڪڏھن ڪنھن ٻئي شغل ۾ رھي ٿو. (المواھب ص 515)

عمل ۾ وچٿرائي ڪجي: علامہ علي القاري لکيو آھي تہ ھن حديث ۾ عمل ۾ وچٿرائي تي ھدايت ڪيل آھي حضور ڪريم ﷺ جن جي طرفان امت تي شفقت، راحت ۽ رحمت جو اظھار آھي ڇوتہ پاڻ انھن کي اھو ارشاد فرمايائون جنھن ۾ انھن جي اصلاح ھجي ۽ ان تي ھميشگي ڪري سگھن، ڪين ڪا مشقت ۽ تڪليف نہ اچي، انساني نفس تنگ نہ ٿئي ۽ دل خوش رھي. پوءِ صحيح فائدو ملي. (جمع الوسائل ج 2 ص 109) محدث ڪانڌلوي لکيو آھي تہ صحابہ ڪرام عليھم الرضوان ۾ عبادت جو ذوق ولولو ۽ جوش ھوندو ھو. حديث جي ڪتابن ۾ ان قسم جا گھڻا واقعا مذڪور آھن. سندن شوق ڪين زياده مجاھدي تي مجبور ڪندو ھو. پر حضور ڪريم ﷺ جن ڪين وچٿرائي جو امر ڪندا ھئا. حضرت عبدالله بن عمرو بن العاص مشھور صحابي ھو. ان جو بيان آھي تہ مون ھڪ ڀيري (ذھن ۾) طئي ڪيو تہ عبادت ۾ گھڻي ڪوشش ڪيان ڏينھن جو روزو رکان. رات جو روزانو قرآن ڪريم جو ختم ڪيان منھنجي والد ھڪ شريف عورت سان منھنجو نڪاح بہ ڪرايو. ھڪ ڀيري منھنجي پيءُ منھنجي گھرواريءَ ڪان منھنجو احوال پڇيو تہ ان ڪين عرض ڪيو تہ "گھڻو نيڪ انسان آھي سڄي رات ھنڌ تي نہ ايندو آھي نہ ڪنھن سان ڪو واسطو رکي ٿو." منھنجو پيءُ مون تي گھڻو ناراض ٿيو تہ مون تنھنجو کھڙي شريف عورت سان نڪاح ڪرايو آھي تو ان کي صفا ائين ڇڏي ڏنو آھي ان کي ويجھو بہ نہ ٿو وڃين. پر عبادت جي شوق جي غلبي ۾ مون تي ان جو ڪوبہ اثر نہ پيو پوءِ منھنجي والد منھنجي ان ڳالھ جي حضور ڪريم ﷺ سان شڪايت ڪئي حضرت نبي ڪريم ﷺ جن مون ڪان ان بابت پڇيو تہ "مون ٻڌو آھي تہ تون ڏينھن جو ھميشہ روزا ٿو رکين ۽ سڄي رات نماز ٿو پڙھين؟ مون عرض ڪيو تہ "ھائو" پاڻ فرمايائون تہ "ائين نہ ڪندو ڪر" ڪڏھن روزا رک ڪڏھن روزا نہ رک، رات جو نماز بہ پڙھ، ننڊ بہ ڪندو ڪر، تنھنجي بدن جو بہ تو تي حق آھي

تنهنجي اکين جو بہ توتي حق آهي. سڄي رات جاڳڻ سان نظر گهٽجي ويندي آهي. تنهنجي زال جو بہ توتي حق آهي اولاد جو بہ حق آهي تہ ملڻ وارن جو بہ حق آهي. (خصائل نبوي ص 262)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب الايمان باب 32 احب الدين الي الله ادومہ رقم الحديث 43 ج 1 ص 101 واللفظ لہ {2} مسلم في كتاب صلواة المسافرين وقصرها باب 31 امر من نعس في صلواته رقم الحديث 785 حديث الكتاب 221 ج 1 ص 542 {3} النسائي في كتاب قيام الليل و تطوع النهار باب 17 الاختلاف علي عائشه في احياء الليل ج 3 ص 218 {4} احمد في المسند ج 6 ص 51 {5} ابن ماجه في كتاب الزهد باب 28 المداومة علي العمل رقم الحديث 4238.

{313} حَدَّثَنَا أَبُوهِشَامٍ مُحَمَّدُ بْنُ يَزِيدَ الرِّفَاعِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا ابْنُ فُضَيْلٍ، عَنِ الأَعْمَشِ، عَنْ أَبِي صَالِحٍ قَالَ: سَأَلْتُ عَائِشَةَ، وَأُمَّ سَلَمَةَ، أَيُّ الْعَمَلِ كَانَ أَحَبَّ إِلَى رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ؟ قَالَتَا: مَا دِيمَ عَلَيْهِ وَإِنْ قَلَّ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو صالح ﷺ کان روايت آهي مون حضرت عائشہ ۽ ام سلمہ ﷺ کان پڇيو تہ رسول الله ﷺ کي ڪهڙو عمل وڌيڪ پسند هو؟ انهن ٻنهي سڳورين چيو تہ: اهو عمل جنهن تي هميشگي ڪجي، توڙي ڪٿي ٿورو ئي هجي.

مفردات جو شرح: "أَيُّ الْعَمَلِ" ڪهڙو عمل. "مَا دِيمَ" جنهن تي هميشگي ڪئي وڃي. دائمي ڪيو وڃي. "قَلَّ" ٿورو ٿيو گهٽ ٿيو.

سمجهاڻي: ارشاد آهي تہ "جيڪو عمل دائمي ڪيو وڃي پلي ٿورو ڇونہ هجي" يعني نفلي عبادات، ذڪر، مراقبہ اخلاص سان قرآن ڪريم جي تلاوت، روزو وغيره پنهنجي طاقت، صحت ۽ بساط آهر ڪيو وڃي ائين نہ ٿئي جو نفلي عبادات ۾ زيادتي جي ڪري طاقت ۽ صحت هلي وڃي ۽ فرضن جي ادا ڪرڻ تان بہ هٿ ڌوئي ويهي تنهنڪري شفيق امت، رحمة للعالمين ﷺ جن امت کي تعليم ڏني تہ ٿوري ئي ٿوري عبادت ڪيو مگر باقاعده ۽ هميشہ ڪيو تہ الله ﷻ ان ۾ برڪت پيدا ڪندو. علامہ علي القاري لکيو آهي تہ هن حديث جي ڪري اهل تصوف وظيفن جي ڇڏڻ کي ائين ناپسند ڪندا آهن جيئن فرض جي ڇڏڻ کي. (ذكره ميرك وفيه بحث) (جمع الوسائل ج 2 ص 109) هنن سڀني روايتن جو مقصد هي آهي تہ روزا ۽ اهڙي طرح هر نفلي عمل پلي ٿورو هجي پر اهڙي طريقي سان ڪري جهڙي طريقي سان نڀائي سگهي. پر ائين بہ نہ ڪري جو مداومت ۽ هميشگي نہ ڪرڻ جي ڊپ کان نفلي عمل صفا نہ ڪري ڇو تہ فرائض ۾ ڪوتاهي نفلن سان پوري ڪئي ويندي ان جي ڪري اهتمام سان گڏ جيترو بہ نفلي عمل ڪري سگهي ڪري.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 6 ص 289 {2} البخاري في كتاب الرقاق باب 18 والمداومة علي العمل رقم الحديث 6462 ج 11 ص 294 واللفظ له {3} مالک في الموطا كتاب قصر الصلواة في السفر باب 24 جامع الصلواة رقم الحديث 90 ج 1 ص 174 مثله {4} ابنِ حبان في صحيحه رقم الحديث 323 ج 2 ص 528 {5} البيهقي في سننه ج 3 ص 43.

{314} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ إِسْمَاعِيلَ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ صَالِحٍ قَالَ: حَدَّثَنِي مُعَاوِيَةُ بْنُ صَالِحٍ، عَنْ عَمْرِو

بْنِ قَيْسٍ، أَنَّهُ سَمِعَ عَاصِمَ بْنَ حُمَيْدٍ قَالَ: سَمِعْتُ عَوْفَ بْنَ مَالِكٍ يَقُولُ: كُنْتُ مَعَ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَيْلَةً فَاسْتَاكَ ثُمَّ تَوَضَّأَ ثُمَّ قَامَ يُصَلِّي، فَقُمْتُ مَعَهُ فَبَدَأَ فَاسْتَفْتَحَ الْبَقَرَةَ فَلَا يَمُرُّ بِآيَةِ رَحْمَةٍ إِلَّا وَقَفَ فَسَأَلَ، وَلَا يَمُرُّ بِآيَةِ عَذَابٍ إِلَّا وَقَفَ فَتَعَوَّذَ، ثُمَّ رَكَعَ فَمَكَثَ رَاكِعًا بِقَدْرِ قِيَامِهِ، وَيَقُولُ فِي رُكُوعِهِ: سُبْحٰنَ ذِي الْجَبَرُوتِ وَالْمَلَكُوتِ وَالْكِبْرِيَاءِ وَالْعَظَمَةِ، ثُمَّ سَجَدَ بِقَدْرِ رُكُوعِهِ، وَيَقُولُ فِي سُجُودِهِ: سُبْحٰنَ ذِي الْجَبَرُوتِ وَالْمَلَكُوتِ وَالْكِبْرِيَاءِ وَالْعَظَمَةِ ثُمَّ قَرَأَ آلَ عِمْرَانَ ثُمَّ سُورَةً سُورَةً يَفْعَلُ مِثْلَ ذٰلِكَ فِي كُلِّ رَكْعَةٍ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عوف بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ آءُ هڪ رات رسول الله ﷺ سان گڏ هوس. پاڻ ڏندڻ ڏئي، وضو ڪري، نماز پڙهڻ شروع ڪيائون. آءُ بہ ساڻن نماز ۾ گڏجي بيٺس. پهريان (سورة الفاتحہ پوري ڪري پوءِ) سورة البقره پڙهڻ شروع ڪيائون پوءِ جنهن بہ رحمت جي آيت تي آيا ٿي تہ اتي بيهي رحمت جو سوال ٿي ڪيائون ۽ جنهن بہ عذاب جي آيت تي پهتا ٿي تہ اتي بيهي عذاب کان پناهہ ٿي گهريائون پوءِ رڪوع ڪيائون ان ۾ بيهڻ جيترِي دير ڪيائون ۽ رڪوع ۾ هيءَ دعا پڙهيائون:

سُبْحٰنَ ذِي الْجَبَرُوتِ وَالْمَلَكُوتِ وَالْكِبْرِيَاءِ وَالْعَظَمَةِ

(يعني حڪومت، بادشاهي، وڏائي ۽ عظمت واري رب جي پاڪائي آهي)

ان کان پوءِ رڪوع جيترو سجدو ڪيائون ۽ سجدي ۾ بہ ساڳي دعا پڙهيائون پوءِ ٻي رڪعت ۾ سوره آل عمران پڙهيائون (پوءِ ٽين رڪعت ۾ سورة النساء ۽ چوٿين رڪعت ۾ سورة المائدة) پوءِ ٻين رڪعتن ۾ ائين ڪيائون يعني پهرئين وانگر رڪوع ۽ سجدا هئا.

مفردات جو شرح: "لَيْلَةً" اي عظمت ۽ وڏي شان واري رات جيئن ليلة القدر آهي. "فَاسْتَاكَ" اي استعمل السواڪ. ڏندڻ استعمال ڪيائون "فَاسْتَفْتَحَ الْبَقَرَةَ" پوءِ (سورة) بقره شروع ڪيائون. اي بعد قراءة الفاتحہ "اَلْجَبَرُوتِ" اي بادشاهي جنهن ۾ غلبو هوندو آهي. "اَلْمَلَكُوتِ" ظاهري بادشاهي جنهن ۾ لطف هوندو آهي ۽ انهن ٻنهي مان مراد آهي تہ انهن ٻنهي ۾ اهو ئي متصرف آهي. "وَالْكِبْرِيَاءِ وَالْعَظَمَةِ" وڏائي ۽ عظمت اي ٻنهي جو علي وجه الاختصاص صاحب.

سمجهاڻي: هيءَ حديث ۽ هن کان پهريان مذڪور حديثن جو بظاهر هن باب سان تعلق نہ ٿو لڳي ان جي ڪري بعض شارحن جو قول آهي تہ: اهي ٽئي حديثون هتي ڪاتب جي غلطيءَ سان لکجي ويون آهن نہ تہ هي ٽئي حضور ڪريم ﷺ جي عبادت جي باب ۾ لکڻ گهرجن ها. ڪن شارحن لکيو آهي تہ ممڪن آهي تہ مصنف جو ارادو ۽ مقصد هي هجي تہ حضور ڪريم ﷺ جن ڏينهن جو روزو رکيو هجي ۽ رات جو هيءَ نماز پڙهي هجي ۽ هنن روايتن مان مقصد اهو آهي تہ پاڻ گهڻا نفلي روزا رکندڙ ۽ گهڻي رات جو عبادت ڪندڙ هئا امت کي بہ ائين ڪرڻ گهرجي. (انوار غوثيہ ص 400)

وضوءَ وقت ڏندڻ ڏيڻ: علامہ علي القاري لکيو آهي هن حديث مان واضح ٿيو تہ پاڻ وضو ۾ شروع ٿيڻ کان پهريان ڏندڻ ڏيندا هئا ۽ بعض جو قول آهي تہ "گرڙين ڪرڻ مهل ڏندڻ ڏيندا هئا. پاڻ تڪبيرِ تحريمہ سان شروعات ڪري فاتحہ پڙهڻ کان پوءِ سورة البقرة پڙهڻ شروع ڪيائون. ۽ قراءت دوران جيڪڏهن رحمت واري آيت کان لنگهن پيا تہ الله جل جلاله کان رحمت گهرن پيا، ۽ جيڪڏهن عذاب جي آيت کان لنگهن پيا تہ وقفو ڪري الاهي عذاب کان پناهہ گهرن پيا. ابنِ حجر محدث

فرمايو تہ : قاريءَ کي ان ڳالھ جي رعايت ڪرڻ مستحب آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن رب العزة جل جلاله جي پاڪائي، تنزيه ۽ تقدس جو ذڪر اچي تہ تسبيح پڙهي، ۽ "اَلَيْسَ اللهُ بِاَحْكَمِ الْحَاكِمِيْنَ" اچي تہ "بَلٰى وَاَنَا عَلٰى ذَالِكَ لَمِنَ الشَّاهِدِيْنَ" چوي مثال طور " وَاسأَلُوا اللهَ مِنْ فَضْلِهٖ" اچي تہ "اَللّٰهُمَّ اِنِّیْ اَسْئَلُكَ مِنْ فَضْلِكَ" چوي، حديث جي شارح الحنفي جو قول آهي تہ هي اوائلي دور جو حال آهي يا اهو حضور ڪريم ﷺ جي خصائص مان آهي پر علامہ علي القاري لکيو "قلت" مان چوان ٿو تہ "ڪنهن حڪم جو منسوخ ٿيڻ يا خصائص مان هجڻ احتمال سان ثابت نہ ٿيندو آهي ۽ ان جو ڪو سبب بہ ناهي ڇوتہ حضور ڪريم ﷺ جن کان ثبوت ملڻ جي ڪري ان جي جواز جو ڪو مانع ناهي. ها.. اهو مناسب آهي تہ جيڪو وارد ٿيو آهي اهو نفلي عمل آهي ڇوتہ اهڙو مثال حضرت رسول الله ﷺ جن کان فرائض جي ادا ڪرڻ ۾ صادر نہ ٿيو آهي. (ان کان پوءِ رڪوع ڪيائون ۽ رڪوع ۾ بہ قراءت جيترو وقت رهيا ۽ رڪوع ۾ "سُبْحٰنَ ذِی الْجَبَرُوْتِ وَالْمَلَكُوْتِ وَالْكِبْرِيَاءِ وَالْعَظَمَةِ" چوندا رهيا. جيئن هڪ قدسي حديث ۾ آيو آهي : "اَلْكِبْرِيَاءُ رِدَائِیْ وَالْعَظَمَةُ اِزَارِیْ فَمَنْ نَازَعَنِیْ فِيْهِمَا قَصَمْتُه" وڏائي منهنجي چادر آهي ۽ عظمت منهنجي ٻي چادر آهي پوءِ جنهن مون سان انهن ۾ جهيڙو ڪيو تہ مان ان کي هلاڪ ڪري ڇڏيندس." ان کان پوءِ سجدو ڪري ان ۾ "سُبْحٰنَ ذِی الْجَبَرُوْتِ وَالْمَلَكُوْتِ وَالْكِبْرِيَاءِ وَالْعَظَمَةِ " پڙهي، پهرين رڪعت پوري ڪري ٻي رڪعت ڏانهن اٿيا ۽ ان ۾ سورت آل عمران پڙهيائون. اهڙي نموني سان، ٽين ۽ چوٿين رڪعت ۾ پڙهيائون يعني نساء ۽ مائده ۽ هر رڪعت ۾ ائين ڪندا رهيا. يعني رڪوع ۽ سجدو ٻنهي ۾ هر هڪ ۾ مذڪور دعائون پڙهندا رهيا ۽ هن مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ پاڻ چار رڪعتون هڪ سلام سان پڙهيائون ۽ هن سان امام ابو حنيفه جي قول جي تائيد ٿي رهي آهي. علامہ مناوي لکيو آهي تہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي نماز زمانن ۽ احوال جي اختلاف جي ڪري مختلف هوندي هئي. ڪڏهن هلڪائي ڪندا هئا تہ ڪڏهن ڊگهي قراءت ڪندا هئا ۽ ڪڏهن وچٿري قراءت ڪندا هئا. اهو سڀ ڪجھ جواز بيان ڪرڻ سان گڏ مقام جي تقاضا جي مطابق هو. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2ص 11) علامہ البيجوري لکيو آهي تہ : اها رات ليلة القدر هئي ۽ نماز تراويح هئي ۽ "جبروت" فعلوت جي وزن تي جبر کان ورتل آهي. "اَلْمَلَكُوْتِ" فعلوت جي وزن تي ملڪ کان ورتل آهي تاء مبالغي جي آهي "اَلْكِبْرِيَاءِ" جي معنيٰ سموري خلق کان مٿي هجڻ ان جي باوجود جو اهي ان جا فرمانبردار آهن ۽ هر نقص کان پاڪ هجڻ "اَلْعَظَمَةِ" جي مراد آهي تہ ان جو قدر، اندازو ناممڪن آهي ۽ هڪ قول آهي تہ "اَلْكِبْرِيَاءِ" مان مراد ذات جو ڪمال آهي ۽ "العظمة" مان مراد صفات جو ڪمال آهي ۽ الله جل جلاله کان سواءِ انهن صفتن سان ٻيو ڪوبہ موصوف ناهي. جيئن ان تي قدسي حديث دلالت ڪري رهي. "اَلْكِبْرِيَاءُ رِدَائِیْ وَالْعَظَمَةُ اِزَارِیْ فَمَنْ نَازَعَنِیْ فِيْهِمَا قَصَمْتُهٗ وَلَا اُبَالِیْ" (المواهب ص 517، 518) علامہ ابن حجر مڪي لکيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن پويان بيهندڙن جي احوال کي بہ ذهن پاڪ ۾ رکندا هئا. جيڪڏهن پنهنجي پويان ٻار جو روئڻ ٻڌندا هئا تہ بہ هلڪائي ڪندا هئا ۽ جيڪڏهن اهڙو ڪو سبب نہ هوندو هو تہ ڊگهي قراءت ڪندا هئا ۽ ان ۾ حڪمت ٻنهي پاسن جو جواز بيان ڪرڻ هو. پر امام جي لاءِ نماز ۾ هلڪائي ڪرڻ افضل آهي مگر جيڪڏهن مذڪور شرائط لين ۽ هلڪائي ڪرڻ جو حضور ڪريم ﷺ جن امر بہ ڪيو آهي، سندن فرمان آهي "اِنَّ مِنْكُمْ مُنَفِّرِيْنَ فَاَيُّكُمْ

يَؤُمُّ فَلْيُخَفِّفْ فَإِنَّ فِيهِمُ السَّقِيمَ وَ الضَعِيفَ وَ ذَا الحَاجَةِ" اوهان (نماز پڙهائيندڙن) مان ڪي نفرت ڏيارينڊڙ آهن اوهان مان جيڪو نماز پڙهائي اهو هلڪائي ڪري بلاشڪ پويان بيهندڙن ۾ بيمار، ضعيف ۽ ڪم ڪار وارا آهن. (رواه البخاري في الاحكام 7159 و مسلم في الصلواة ص 466، 467 و احمد في مسنده ج 4 119،118 ابن خزيمه في صحيحه 16050 والحميدي في مسنده 453 والطبراني في الكبير ص 555، 556 البيهقي في سننه الكبريٰ ج 3 ص 115 عبدالرزاق في مصنفه 3726 البغوي في شرح السنة ص 844. (حاشية اشرف الوسائل ص 443) قارئين ڪرام غور ڪن ته هي چار رڪعتون ڪيتريون ڊگهيون هونديون. حديث جي الفاظ مان خود ئي ظاهر آهي ته "هڪ سورة بقره ادائي پارا آهي ۽ وري حضور ڪريم ﷺ جن جي تلاوت نهايت اطمينان سان هر حرف جدا جدا ظاهر ٿيندو هجي ۽ هر رحمت گهرڻ ۽ هر عذاب کان پناهه طلب ڪرڻ وري رڪوع ۽ سجدو به ايترو ڊگهو ڪرڻ. اها هڪ رڪعت ٿي. اهڙي طرح چار رڪعتون جيڪي سڄي رات ۾ مشڪل سان پوريون ٿين پر شوق جي غلبي جي سامهون خاص ڪري اهڙي ذات جي لاءِ جنهن جي اکين جو ٺار نماز هجي اها ڪا وڏي يا ڳري ڳالهه نه هئي. پاڻ انتهائي محبت مان ادا ڪري رهيا هئا. پر ڪمال ته سندن پويان بيهڻ وارن جي عشق جو به هو جيڪي پنهنجي آقا جي پويان بيهڻ کي سعادت سمجهندا هئا.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب الصلواة باب 182 ما يقول الرجل في ركوعه وسجوده رقم الحديث 873 ج 1 ص 230، 231 بنحوه {2} **النسائي في كتاب الافتتاح باب 101 نوع آخر من الذكر في الركوع** ج 2 ص 191 {3} احمد في المسند ج 6 ص 24 {4} **البيهقي في سننه** ج 2 ص 310.

باب چوئيتاليهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي قِرَاءَةِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ رسول الله ﷺ جي قراءت جي باري ۾ آيل حديثون آهن

سمجهاڻي: قراءت جي معنيٰ آهي پڙهڻ. هن باب ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سندن قراءت ڪهڙي طرح هئي ۽ ان مان مراد ترتيل، مد، وقف، اسرار، اعلان ۽ ترجيع وغيره سان درست ڪري پڙهڻ آهي جنهن ۾ نه افراط هجي نه تفريط وچٿرائي هجي، سرور عالم نورِ مجسم ﷺ جن انتهائي ناهي، ناهي اطمينان ۽ وقار سان پڙهندا هئا هر هڪ حرف اهڙو واضح ڪري پڙهندا هئا جو ٻڌڻ وارو سٺي نموني سمجهي ياد ڪري. ياد رکڻ گهرجي ته قرآن ڪريم جي تلاوت عبادت آهي ۽ الله ﷻ جي قرب حاصل ڪرڻ جو اعظم ۽ افضل ذريعو آهي قرآن ڪريم پنهنجي تلاوت ڪندڙ جي شفاعت ڪندو. قرآن ڪريم جي هڪ هڪ حرف پڙهڻ جي بدلي ۾ ڏهن ڏهن نيڪين جو ثواب ملندو. محبوب ڪريم ﷺ جن آهستي به تلاوت ڪندا هئا ته وڏي آواز سان به تلاوت ڪندا هئا. (انوارِ غوثيه ص 401) هن باب ۾ اٺ حديثون آهن.

{315} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا اللَّيْثُ، عَنِ ابْنِ أَبِي مُلَيْكَةَ، عَنْ يَعْلَى بْنِ مَمْلَكٍ أَنَّهُ سَأَلَ أُمَّ سَلَمَةَ، عَنْ قِرَاءَةِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَإِذَا هِيَ تَنْعَتُ قِرَاءَةً مُفَسَّرَةً حَرْفًا حَرْفًا

بامحاوره ترجمو: حضرت يعلىٰ بن مملڪ کان روايت آهي ته ان رسول الله ﷺ جي قراءت جي باري ۾ حضرت ام سلمه رضي الله عنها کان پڇيو؟ مؤمنن جي ماءُ چيو ته پاڻ سڳورا ﷺ قرآن پاڪ صاف صاف ۽ جدا جدا حرف حرف ڪري عجيب سهڻي نموني سان پڙهندا هئا.

مفردات جو شرح: "تَنْعَتُ" نعت کان ورتل آهي وصف بيان ڪرڻ، تعريف بيان ڪرڻ. قراءت ڪري ڏيکارڻ. "مُفَسَّرَةً" واضح، روشن. "حَرْفًا حَرْفًا" هڪ هڪ حرف ڪري.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ سيده ام المؤمنين ام سلمه رضي الله عنها حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي قراءت جو طريقو سائل کي پڙهي سمجهايو هو. ته پاڻ نهايت عمده نموني انتهائي واضح ۽ حرف حرف جدا جدا ڪري پڙهندا هئا. ۽ جيئن ان محبوب ڪريم ﷺ کان ٻڌو هو تيئن ٻڌايائين. البيجوري لکيو آهي ته "فاذا" ۾ الفاء عطف جي لاءِ آهي ۽ "اذا" مفاجاة جي لاءِ آهي ۽ انهن لفظن آڻڻ جو مقصد آهي ته امان سائڻ سائل کي فورن جواب ڏنو چوته ڪيس حضور ڪريم ﷺ جي قراءت ڪامل طرح مضبوط ۽ ذهن ۾ وينل هئي. (المواهب ص 519) هن حديث جي شارحن هن ۾ ٻه احتمال لکيا آهن. (1) ته ام المؤمنين صرف ائين بيان ڪيو. (2) ته ان طرح قراءت ڪري ڏيکاري پر وڌيڪ ٻيو احتمال آهي ته ان طرح قراءت ڪري ڏيکاري ڇوته ام المؤمنين کان اهڙي طرح جي ٻي هڪ حديث نمبر 3 اڳيان اچي رهي آهي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب الصلواة باب 356 استحباب الترتيل في القراءة رقم الحديث 1466 ج 2 ص 73, 74 {2} النسائي في كتاب الافتتاح باب 82 تزيين القرآن بالصوت ج 2 ص 181 {3} احمد في المسند ج 6 ص 294 {4} البيهقي في سننه ج 3 ص 13 {5} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 157.

{316} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا وَهْبُ بْنُ جَرِيرِ بْنِ حَازِمٍ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبِي، عَنْ قَتَادَةَ، قَالَ: قُلْتُ لِأَنَسِ بْنِ مَالِكٍ: كَيْفَ كَانَتْ قِرَاءَةُ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ؟ فَقَالَ: مَدًّا.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ابي قتاده جي سوال جي جواب ۾ فرمايو تہ حضور ڪريم ﷺ جن "مد" سان پڙهندا هئا علت جي حرفن کي افراط کان سواءِ مناسب نموني ڇڪي پڙهندا هئا. هڪ ٻي حديث ۾ آيو آهي تہ "كان يَمُدُّ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ" بسم الله کي ڇڪي پڙهندا هئا يعني الله جي الف ۽ رحمٰن جي ميم کي ڊگهو ڪري پڙهندا هئا. اهڙي طرح "رَحِيْم" جي ياء کي بہ ڊگهو ڪري پڙهندا هئا. علامہ بيجوري لکيو آهي تہ "مدا" مان مراد آهي تہ جيڪو حرف جيترو ڊگهو ڪري پڙهڻ جو حقدار هو ان کي اوترو ڊگهو ڪري پڙهندا هئا ڪي گهٽو ڊگهو ڪري ڪي وچترو ڪي ٿورو ڊگهو ڪري پڙهندا هئا ۽ هتي ڊگهي ڪرڻ مان مراد مبالغو ڪرڻ ناهي جنهن جو ڪو موجب نہ هجي جيئن اسان جي زماني جا قاري ڪن ٿا تانجو اسان جي مسجدن جا پيش امام(الله ﷻ نہ انهن جون عمريون ڊگهيون ڪري ۽ نہ انهن جي حياتيءَ جي مُدي ۾ وسعت ڪري) بہ صحيح قراءت ڪونہ ٿا ڪن. (المواهب ص 520) علامہ علي القاري لکيو آهي تہ المعنيٰ حرفن کي جيئن انهن جي اشباع جو حق آهي ڏيندا هئا خاص ڪري ان وقف ۾ جتي بہ ساڪن گڏ ٿيندا هئا. پوءِ اتي مد واجب آهي ۽ بعض علماء فرمايو تہ مد مان مراد وقت ڊگهو ڏيڻ آهي ڇوتہ جڏهن تجويد, ترتيل سان ڇڪي پڙهيو ويندو ۽ حرفن کي قوت ۽ صحيح حرڪات سان ادا ڪيو ويندو تہ وقت ڊگهو ونندو ۽ امام بخاري حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ "بِسْمِ اللهِ" کي مد سان "الرَّحْمٰنِ" کي مد سان "الرَّحِيْمِ" کي مد سان پڙهندا هئا پوءِ هيءَ روايت مد جي محل کي بيان ڪندڙ آهي پر مخفي نہ رهي تہ سيني اسماء شريف ۾ اهو مد هڪ ڳانڍاپو آهي جيڪو الف جي قدر کان متي نہ هجي ۽ اصلي, ذاتي ۽ طبعي ان جو نالو آهي ۽ متوسط وقف بہ آهي جنهن ۾ ٻن الفن يا ٽن الفن جيتري ڊيگهہ ڪئي ويندي آهي ۽ ان کي عارض مد سڏيندا آهن. (وعليٰ هذا القياس) مد جي قسمن جي تفصيل جي جاءِ قراءت جا ڪتاب آهن.

مفردات جو شرح: ڪو خاص ناهي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} رواه بنحوه البخاري في كتاب فضائل القرآن باب 29 مد القراة رقم الحديث 5045 ج 9 ص 90, 91 {2} ابو داؤد في كتاب الصلواة باب 356 استحباب الترتيل في القراءة رقم الحديث 1465 ج 2 ص 73 {3} النسائي في كتاب الافتتاح باب 81 مدالصوت بالقراءة ج 2 ص 179 {4} ابن ماجه في كتاب اقامة الصلواة والسنة فيها باب 179 ماجاء في القراءة في صلواة الليل رقم الحديث 1353 {1} الحاكم في المستدرک ج 1 ص 233 {5} احمد في المسند ج 3 ص 127 {6} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 159.

{317} حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا يَحْيَى بْنُ سَعِيدٍ الْأُمَوِيُّ، عَنِ ابْنِ جُرَيْجٍ، عَنِ ابْنِ أَبِي مُلَيْكَةَ، عَنْ أُمِّ سَلَمَةَ، قَالَتْ: كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُقَطِّعُ قِرَاءَتَهُ يَقُولُ: { اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ } [الفاتحة:] ثُمَّ يَقِفُ، ثُمَّ يَقُولُ: { الرَّحْمٰنِ الرَّحِيمِ } [الفاتحة:] ثُمَّ يَقِفُ، وَكَانَ يَقْرَأُ (مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ)

بامحاوره ترجمو: حضرت ام سلمه ﷺ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ قرآن مجيد جون آيتون جدا جدا ڪري پڙهندا هئا. پهريان "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ" پڙهي چُپ ڪندا هئا. پوءِ "الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ" چئي وري چپ ڪندا هئا ۽ پوءِ "مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ" پڙهندا هئا.

مفردات جو شرح: "قَالَتْ" فرمايائين. "يُقَطِّعُ" ٽڪرا ٽڪرا ڪري، ٿورو ٿورو ڪري پڙهندا هئا. "تَقْطِيْعُ" کان ورتل آهي.

سمجهاڻي: محبوب ڪريم ﷺ جن جي تلاوت نهايت اطمينان ۽ سڪون سان هوندي هئي. هر حرف ان جي مخرج مان نهايت عمدگي ۽ درستگي سان ادا فرمائيندا هئا سندن زندگي مبارڪ جو جيئن هر پهلو امت جي تعليم لاءِ بهترين عمل جو نمونو هو تيئن قرآن ڪريم جي تلاوت بہ امت جي لاءِ نمونو هئي. قرآن مجيد جي تلاوت سوين برڪتن ۽ عظيم انعام جي حامل آهي. ان سان گناهہ بخش ٿين ٿا نيڪين ۾ واڌارو اچي ٿو. تلاوت جي وقت رحمت جي ملائڪن جو نزول ٿئي ٿو. الاهي تجليات جو ظهور ٿئي ٿو. قيامت جي ڏينهن قرآن ڪريم پنهنجي تلاوت ڪندڙ جي شفاعت ڪندو ۽ جڏهن قرآن جي تلاوت ۾ ايتري ڀلائي آهي تہ الله جَلَّ جَلَالُهُ قبول ڪرڻ فرمائيندو. وغيره وغيره. پر ان جي تلاوت بہ حضور ڪريم ﷺ جي تعليم جي مطابق ڪرڻ گهرجي، ناهي ناهي سڪون ۽ اطمينان، عمدگي ۽ درستيءَ سان تلاوت ڪجي ترتيل ۽ تجويد سان پڙهجي تانت قرب جا درجا حاصل ٿين ۽ سنت جي اتباع کان محروم نہ رهجي. البيجوري لکيو آهي تہ "يقطع" جو مطلب آهي تہ آيتن جي پڇاڙيءَ تي بيهندا هئا پلي ان جو معنوي تعلق اڳئين آيت سان هجي. ان جي ڪري آيتن جي پڇاڙي تي وقف ڪرڻ سنت آهي پلي اها ما بعد سان متعلق هجي. جيئن بيهقي وغيره ان جي صراحت ڪئي آهي ۽ بعض قاري صاحبن جو چوڻ تہ پلو آهي تہ جتي ڪلام ختم ٿئي اتي وقف ڪجي، بيهجي سو ان ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جو بيهڻ معلوم ٿي نہ سگهيو آهي. اصل ڀلائي، فضل ۽ ڪمال هر حال ۾ حضور نبي ڪريم ﷺ جي اتباع ۾ آهي پاڻ "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ" پڙهي بيهندا هئا ٿورو وقت بيهڻ کان پوءِ اڳتي آيت پڙهندا هئا "الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ" چئي وري چپ ڪندا هئا ۽ پوءِ "مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ" پڙهي بيهندا هئا. (المواهب ص520) علامہ علي قاري لکيو آهي تہ "آيتن جي اختتام تي بيهڻ سنت آهي پلي انهن جو تعلق ما بعد وارين آيتن سان هجي اتباع سنت ڪي اهميت آهي ۽ هن حديث ۾ اسان حنفين جي ان ڳالهہ جي تائيد آهي تہ "بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ" سورة فاتحہ جي آيت ناهي. امام مالڪ جو بہ اهو مذهب آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن اڳتي "مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ" پڙهيو آهي (جيئن اسان جي ملڪ ۾ لکيو ۽ پڙهيو وڃي ٿو ۽ ڪن بزرگن "مَلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ" ڪي جمهور جو قول ۽ "مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ" ڪي ڪڏهن ڪڏهن پڙهڻ تي محمول ڪيو آهي. (جمع الوسائل ج 2 ص 212) ۽ بعض شارحن جو قول آهي تہ "حضرت جن هڪ هڪ آيت جدا جدا ڪري آرام سان پڙهندا هئا جيتوڻيڪ ساهہ ڪٽڻ ۽ بيهڻ کان سواءِ بہ قراءت ڪرڻ جائز آهي. چا لاءِ تہ ساري قرآن ۾ ڪٿي بہ وقف ڪرڻ واجب ڪونہ

آهي. (فضائل النبي ﷺ شرح شمائل ترمذي ص 177) مان عرض ڪيان ٿو ته واجب نه هجڻ جي باوجود اتباع سنت کي اهميت ڏيڻ گهرجي. (الفقير محمد ادريس عفي عنه)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب الحروف والقراءت رقم الحديث 4001 ج 4 ص 37 {2} احمد في المسند ج 6 ص 322 {3} الحاكم في المستدرک ج 2 ص 231.

{318} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ قَالَ: حَدَّثَنَا اللَّيْثُ، عَنْ مُعَاوِيَةَ بْنِ صَالِحٍ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ أَبِي قَيْسٍ قَالَ: سَأَلْتُ عَائِشَةَ، عَنْ قِرَاءَةِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَكَانَ يُسِرُّ بِالْقِرَاءَةِ أَمْ يَجْهَرُ؟ قَالَتْ: كُلُّ ذَلِكَ قَدْ كَانَ يَفْعَلُ قَدْ كَانَ رُبَّمَا أَسَرَّ وَرُبَّمَا جَهَرَ فَقُلْتُ: الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِي جَعَلَ فِي الأَمْرِ سَعَةً.

بامحاوره ترجمو: حضرت عبدالله بن قيس ﷺ کان روايت آهي ته مون حضرت بيبي عائشه صديقه ﷺ کان پڇيو ته نبي پاک ﷺ جن قراءت آهستي پڙهندا هئا يا ڏاڍيان؟ مؤمنن جي ماءُ (عائشہ) ﷺ چيو ته هر طرح قراءت ڪندا يعني آهستي به پڙهندا هئا ۽ ڏاڍيان به. پوءِ چيم ته الله ﷻ جو شڪر ۽ حمد آهي جنهن دين جو معاملو آسان ڪيو يعني ان ڪم ۾ تنگي نه ڪئي.

مفردات جو شرح: "يُسِرُّ" آهستي تلاوت ڪندا هئا. "يَجْهَرُ" وڏي آواز سان تلاوت ڪندا هئا. "رُبَّمَا" ڪڏهن، ڪڏهن. "اَلْأَمْرِ" دين. "سَعَةً" ڪشادگي، گنجائش، وسعت.

سمجهاڻي: هن حديث مان معلوم ٿيو ته تلاوت ٻنهي طريقن سان آهستي يا وڏي آواز سان ڪرڻ جائز آهي ۽ اهو به معلوم ٿيو ته محبوب ڪريم ﷺ جن جو معمول به ٻئي طريقا هو. "مون چيو ته " هر قسم جي تعريف ان الله ﷻ جي لاءِ آهي جنهن دين ۾ ڪشادگي ڪئي آهي " تنگي نه ڪئي آهي ان مان معلوم ٿيو ته "ديني امور ۾ طاقت کان مٿي تڪليف نه آهي بلڪ وسعت آهر ڪرڻ گهرجي چاڻ گهرجي ته هي سوال جيئن جو جامع ترمذي شريف ۾ صراحت آهي تهجد جي نماز جي باري ۾ هو ۽ ان جي جواب ۾ ام المؤمنين جو چوڻ ته ٻنهي طرح معمول هو. يعني آواز سان به ته آهستي به. ان جا به مطلب آهن هڪ ته هر هڪ رات ۾ ٻنهي طرح معمول هو ٻيو ته ڪنهن رات ۾ آهستي پڙهندا هئا ته ڪنهن رات ۾ وڏي آواز سان. معلوم ٿيو ته هي ٻئي طريقا صحيح آهن تهجد ۾ ٻنهي طريقن سان پڙهڻ ۾ ڪا به تنگي ناهي وقت جي مناسبت سان ڪڏهن بلند آواز سان پڙهڻ افضل آهي. خاص ڪري جتي ٻين کي رغبت ڏيارڻ جو سبب بنجي يا خوشي پيدا ٿيندي هجي ۽ جتي ڪنهن کي تڪليف جو سبب بنجي يا رياء ۽ ڏيکاءُ جو احتمال هجي اتي آهستي پڙهڻ افضل آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن وقت ٻئي طريقا برابر هجن ته ٿورو وڏي آواز سان پڙهڻ افضل آهي. حضرت ابو بڪر صديق ﷺ جو معمول تهجد ۾ آهستي پڙهڻ هو ۽ حضرت عمر ﷺ وڏي آواز سان پڙهندو هو. هڪ ڀيري حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جو ٻنهي وٽان لنگهڻ ٿيو ۽ ٻنهي جو طريقو ڏٺائون. صبح جو جڏهن ٻئي حضرات سندن خدمت ۾ حاضر ٿيا ته پاڻ انهن سان اهو ذڪر ڪندي فرمايائون ته"ابو بڪر مان تو وٽان لنگهيس ته تون آهستي پڙهي رهيو هئين؟" ان عرض ڪيو ته "مان جنهن پاڪ ذات سان عرض ڪري رهيو هوس, اهو ٻڌي رهيو هو" پوءِ حضرت عمر ﷺ کي فرمايائون ته "تون بلند آواز سان پڙهي رهيو هئين؟ ان عرض ڪيو ته "منهنجو مقصد غفلت ۾ ستلن کي جاڳائڻ ۽ شيطان

کي پيچائڻ هو." حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن ٻنهي جي راءِ کي صحيح قرار ڏنو ۽ حضرت ابو بڪر رضي الله عنه کي فرمايائون تہ "تون پنهنجي آواز کي ٿورو مٿي ڪر" ۽ حضرت عمر رضي الله عنه کي فرمايائون تہ "تون ٿورو آواز گهٽ ڪر" (خصائل نبوي ص 266, 267) علامہ ابنِ حجر مڪي لکيو آهي تہ : نماز کان ٻاهر آهستي پڙهڻ ڀلو آهي يا بلند آواز سان؟ ان ۾ اختلاف آهي پر مختار قول هي آهي تہ جنهن طريقي سان پڙهڻ ۾ خشوع هجي ۽ رياء کان پري هجي اهو افضل آهي راوي جو چوڻ تہ "الله جل جلاله جو حمد آهي جو دين ۾ وسعت ڪيائين" سو ان جي ڪري آهي جو جيڪڏهن هڪ طريقي تي سختي ڪئي وڃي ها تہ وڏي خير کان محروم ٿي وڃجي ها. (اشرف الوسائل ص 447) شارحن ڀلارن لکيو آهي تہ هيءَ حديث هتي وقت مقرر ڪرڻ کان سواءِ آندي وئي آهي، پر شمائل جي مصنف اها روايت پنهنجي جامع ترمذي ۾ رات جي نماز (تهجد) جي باب ۾ آندي آهي رات جي قراءت واري باب ۾ صحيح قول هي آهي تہ "قراءت مان مراد اعوذ بالله ۽ بسم الله پڙهڻ کان سواءِ آهي چوتہ انهن کي آهستي پڙهڻ تي اجماع آهي. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 113)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في ڪتاب الصلواة باب 344 في وقت الوتر رقم الحديث 1437 ج 2 ص 66 {2} النسائي في ڪتاب قيام الليل وتطوع النهار باب 23 ڪيف القراءة بالليل ج 3 ص 224 {3} احمد في المسند ج 6 ص 73, 74. {4} ابنِ خزيمه في صحيحه رقم الحديث 1081 ج 2 ص 144 بقصة الوتر {5} البيهقي في سننه ج 3 ص 35 {6} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 158.

{319} حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلَانَ قَالَ: حَدَّثَنَا وَكِيعٌ قَالَ: حَدَّثَنَا مِسْعَرٌ، عَنْ أَبِي الْعَلَاءِ الْعَبْدِيِّ، عَنْ يَحْيَى بْنِ جَعْدَةَ، عَنْ أُمِّ هَانِئٍ، قَالَتْ: كُنْتُ أَسْمَعُ قِرَاءَةَ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بِاللَّيْلِ وَأَنَا عَلَى عَرِيشِي.

بامحاوره ترجمو: حضرت ام هاني رضي الله عنها کان روايت آهي تہ آءُ پنهنجي گهر جي ڇت تي رات جي وقت نبي پاڪ ﷺ جي قراءت ٻڌندي هيس.

مفردات جو شرح: "كُنْتُ أَسْمَعُ" مان ٻڌندي هيس. "وَأَنَا" حالانڪ مان "عَرِيشِي" پنهنجي بستري تي هوندي هيس. عريش. لغت ۾ ڇت ۽ جنهن سان بہ ڇانوَ حاصل ڪئي وڃي ان کي ڇپرو آهي. جيئن ڇپر، وغيره البيجوري رحمه الله لکيو آهي تہ عريشي جي معنيٰ آهي "سريري" پنهنجي کٽ تي هوندي هيس.

سمجهاڻي: سيده ام هاني رضي الله عنها جو گهر بيت الله شريف جي سامهون رڪن يماني وٽ هو. جڏهن محبوب ڪريم ﷺ بيت الله شريف ۾ عبادت ڪندا هئا ۽ قرآن مجيد جي تلاوت ڪندا هئا. تہ سيده ام هاني رضي الله عنها پنهنجي گهر ۾ پنهنجي بستري تي ستي ٻڌندي هئي. علامہ علي القاري "عريش" مان مراد سمهي ننڊ ڪرڻ واري کٽ ورتي آهي جيئن بيجوري جو بيان لکي آيا آهيون. گويا حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ايتري وڏي آواز سان پڙهندا هئا ۽ هي بہ ممڪن آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن ان جي ڪري بلند آواز سان تلاوت ڪندا هجن تہ اهي قريشي جيڪي هونءَ نہ ٻڌي سگهندا هئا اهي ٻڌن ۽ رات جو تلاوت ۾ خشوع ۽ وڏيڪ مزو ۽ لذت محسوس ٿيندي آهي باقي رياء تہ حضور ڪريم ﷺ جن ۾ ممڪن ئي ناهي. بلڪ اهڙو گمان ڪندڙ جو ايمان ئي نہ رهندو. سندن وڏي آواز سان تلاوت ڪيترين عظيم حڪمتن تي بناڪيل آهي. البيجوري لکيو آهي تہ "حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي اها تلاوت

رات جو ڪعبہ شريف وٽ هوندي هئي. جيئن هڪ روايت ۾ آيو آهي پوءِ هيءَ تلاوت هجرت کان پهريان هئي. ۽ هن حديث مان هي مسئلو ورتو ويجي ٿو تہ رات جو نفل ۾ وڏي آواز سان تلاوت ڪرڻ سنت آهي، پر شافعين وٽ نمازيءَ جي لاءِ افضل آهي تہ تلاوت ۾ هڪ رات متوسط، وچٿري طريقي تي هجي ٻي رات وڏي آواز سان ۽ هي مطلق نفل ۾ آهي ۽ پر غير نفل ۾ پوءِ آهستي پڙهڻ سنت آهي مگر رمضان جي وتر ۾ سنت آهي تہ وڏي آواز سان تلاوت ڪجي. (المواهب ص 522)

وضاحت: حضرت ام هاني رضي الله عنها سيدنا علي رضي الله عنه جي ڀيڻ هئي. (ڪمامر) ۽ ابنِ ماجه جي هڪ روايت ۾ ام هاني رضي الله عنها کان روايت آهي تہ "اسين آڌيءَ رات بيت الله شريف ۾ ڪيل حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي قراءت پنهنجي ڪٽ تي ستي پنهنجي گهر ۾ ٻڌندا هئاسون. (جمع الوسائل ج 2 ص 114) الغرض تہ حضرت رسول الله ﷺ جن نهايت سهڻي صاف ۽ بلند آواز سان رات جو بيت الله شريف ۾ تلاوت ڪندا هئا جيڪا رات جو پري پري ٻڌڻ ۾ ايندي هئي. رات جو هونءَ بہ آواز پري ويندو آهي. ۽ گهر جي ڇت تي متي سمهندڙ تہ نهايت آسانيءَ سان ٻڌي محظوظ ٿيندو آهي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي في كتاب الافتتاح باب 80 رفع الصوت بالقرآن ج 2 ص 178، 179 {2} ابنِ ماجه في كتاب اقامة الصلواة والسنة فيها باب 179 ماجاء في القراءة في صلواة الليل رقم الحديث 1430 {3} احمد في المسند ج 6 ص 341، 342. {4} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 158.

{320} حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلَانَ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو دَاوُدَ قَالَ: حَدَّثَنَا شُعْبَةُ، عَنْ مُعَاوِيَةَ بْنِ قُرَّةَ قَالَ: سَمِعْتُ عَبْدَ اللهِ بْنَ مُغَفَّلٍ يَقُولُ: رَأَيْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَلَى نَاقَتِهِ يَوْمَ الْفَتْحِ وَهُوَ يَقْرَأُ: { إِنَّا فَتَحْنَا لَكَ فَتْحًا مُّبِينًا لِيَغْفِرَ لَكَ اللهُ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِكَ وَمَا تَأَخَّرَ } [الفتح:]. قَالَ: فَقَرَأَ وَرَجَّعَ. قَالَ: وَقَالَ مُعَاوِيَةُ بْنُ قُرَّةَ: لَوْلَا أَنْ يَجْتَمِعَ النَّاسُ عَلَيَّ لَأَخَذْتُ لَكُمْ فِي ذٰلِكَ الصَّوْتِ أَوْ قَالَ: اللَّحْنِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عبدالله بن مغفل رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون فتح مڪي جي ڏينهن نبي ڪريم ﷺ جن کي سندن ڏاچيءَ تي سوار ڏٺو. پاڻ سڳورا ﷺ سورة الفتح پڙهي رهيا هئا:

(**ترجمو:** بيشڪ اسان اوهان جي لاءِ (اي نبي) روشن فتح فرمائي اوهان جي سببان تانت الله جل جلاله اوهان جي ڪري اوهان جي امت جا اڳيان ۽ پويان گناهہ بخشي.)

پاڻ سڳورا ﷺ هي سڄي سورت سهڻي آواز ۾ پڙهي رهيا هئا. راوي ٿو چوي تہ منهنجي استاد معاويہ بن قرة رضي الله عنه چيو تہ جي مون کي ماڻهن جي گڏجي انبوهہ ٿيڻ جو خوف نہ ٿئي ها تہ توهان کي انهيءَ سُر يا لهجي ۾ بہ پڙهي ٻڌايان.

مفردات جو شرح: "نَاقَتِهِ" ڏاچي. "يَوْمَ الْفَتْحِ" فتح مڪي واري ڏينهن. "رَجَّعَ" ترجيح کان ورتل معنيٰ سهڻي آواز سان ورائي ورائي پڙهڻ. لغات الحديث جي صاحب لکيو آهي تہ ان جي معنيٰ آهي تہ هڪ آيت کي ٻہ ٻہ ٽي ٽي ڀيرا پڙهندا هئا. "مصباح اللغات" جي صاحب لکيو آهي تہ "رَجَّعَ فِي صَوْتِهِ" جي معنيٰ آهي. نڙيءَ ۾ آواز کي گهمائڻ، هلائڻ.

سمجهاڻي: هن حديث شريف ۾ مڪ مڪرمہ جي فتح واري ڏينهن تلاوت ڪرڻ جو بيان آهي

جڏهن ته اهو ڏينهن انتهائي خوشيءَ ۽ سرور جو ڏينهن هو. نبي ڪريم ﷺ جن به ان ڏينهن دشمنن کان بحمدالله جل جلاله محفوظ هئا. ڏاچي مبارڪ تي سوار هئا. جنهن جو نالو "العضباء" يا ٻيو ڪو هو. پاڻ خوشي جي جهان ۾ سورت الفتح انتهائي خوش آواز سان تلاوت فرمائي رهيا هئا. صحابه ڪرام عليهم الرضوان جي خوشي جو به هي عالم هو. محبوب ڪريم ﷺ جن جي تلاوت ٻڌي اسلام جو غلبو ڏسي گهڻي خوشي محسوس ڪري رهيا هئا

الاهي انعام تي خوشي ڪرڻ: هن حديث مان ثابت ٿيو ته خوشي جي موقعي تي جيڪو الله جل جلاله جي انعام ملڻ جو موقعو آهي. رب العزت جلاجلاله جو حمد ۽ شڪر ڪندي قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ گهرجي. البيجوري لکيو آهي ته: هن مان معلوم ٿيو ته محبوب ڪريم ﷺ جن هر حال ۾ الله جل جلاله جي عبادت ۾ مشغول هوندا هئا تانجو سواري ۽ سفر جي حالت ۾ به ۽ سندن وڏي آواز سان تلاوت ڪرڻ ۾ هن ڳالهه ڏانهن اشارو آهي ته بعض مقامات ۾ آهستي پڙهڻ کان بلند آواز سان پڙهڻ افضل آهي ۽ اهو تعظيم لاءِ ۽ غافل کي بيدار ڪرڻ وغيره جي لاءِ پلو آهي پاڻ سورت الفتح جون آيتون پڙهي رهيا هئا. علامه بيجوري "لِيَغْفِرَ لَكَ اللهُ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِكَ وَمَا تَأَخَّرَ" جي وضاحت ڪندي لکيو آهي ته تانت تنهنجي لاءِ هي چار نعمتون (1) مغفرت (2) نعمت جو تمام (3) صراط المستقيم ڏانهن هدايت (4) غلبي واري مدد. گڏ ٿين گويا ڪه چيو ويو ته" اسان اوهان جي لاءِ فتح آسان ڪئي تانت اوهان جي لاءِ ٻنهي جهانن جي عزت ۽ دنيا ۽ آخرت جا اغراض حاصل ٿين. ۽ "المغفرة" مان مراد عصمت آهي يعني اسان اوهان کي آيت جي نزول کان اڳي ۽ پوءِ گناهن کان معصوم رکيو آهي. (المواهب ص 523) علامه ابنِ حجر مڪي قرآن ڪريم جي سهڻي آواز سان تلاوت ڪرڻ جي لاءِ هي حديثون آنديون آهن. (1) "زَيِّنُوا الْقُرآن بِأَصْوَاتِكُمْ" قرآن ڪريم کي پنهنجن آوازن سان سينگاريو. (2) "لَيْسَ مِنَّا مَن لَّمْ يَتَغَنَّ بِالْقُرآنِ" اسان مان اهو ناهي جيڪو قرآن ڪريم سهڻي آواز سان نه ٿو پڙهي (3) "مَا أَذِنَ اللهُ لِنَبِيٍّ كَأَذْنِهِ لِنَبِيٍّ يَتَغَنّٰى بِالْقُرآنِ" الله ڪنهن به نبي کي اهڙو اذن نه ڏنو آهي جهڙو ان کي قرآن کي سُرَ سان پڙهڻ جو اذن ڏنو آهي ۽ ان جي تائيد ان حديث سان به ٿي رهي آهي جنهن ۾ آيو آهي ته پاڻ حضرت ابي موسىٰ الاشعري رضي الله عنه جي تلاوت (ان کي خبر نه هجڻ جي صورت ۾) ٻڌائون. پوءِ جڏهن ان کي ٻڌايائون ته ان عرض ڪيو." جيڪڏهن مون کي اها خبر هجي ها ته اوهان ٻڌي رهيا آهيو ته مان وڌيڪ سهڻي آواز سان ناهي پڙهان ها." (4) "لِكُلِّ شَيْءٍ حُلْيَةٌ وَحُلْيَةُ الْقُرآنِ حُسْنُ الصَّوْتِ" (هر شيءِ جو زيور هوندو آهي ۽ قرآن جو زيور سهڻو آواز آهي) (5) ابنِ ابي شيبه روايت آندي آهي ته "عَلِّمُوا الْقُرآن وَغَنَّوا بِهِ وَاكْتُبُوْهُ" (قرآن ۽ ان جا سُرَ پڙهايو ۽ لکو) (6) صحيح حديث ۾ آهي ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن حضرت ابو موسىٰ رضي الله عنه جي تلاوت ٻڌي ته فرمايائون "هي آل داؤد جي سُرن مان سُرُ ڏنو ويو آهي." علامه موصوف هي به لکيو آهي ته "علم جي اشاعت ۽ پڙهڻ جي لاءِ جيڪڏهن ماڻهو گڏ ٿين ته پلو آهي پر جيڪڏهن ان اجتماع ۾ فتنو آهي جيئن مردن ۽ عورتن جو گڏ ٿيڻ وغيره ته پوءِ ان ۾ شرڪت نه ڪبي. (اشرف الوسائل ص 449، 450) حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه الله جل جلاله جي قول "وَلَقَدْ آتَيْنَاكَ سَبْعًا مِنَ الْمَثَانِي وَالْقُرْآنَ الْعَظِيمَ، وَلَا تَمُدَّنَّ عَيْنَيْكَ إِلَىٰ مَا مَتَّعْنَا بِهِ أَزْوَاجًا مِنْهُمْ" (القرآن.) (۽ البت تحقيق اسان توکي ست ورائي ورائي پڙهيل آيتون ۽ عظيم قرآن ڏنو آهي ۽ پنهنجي

(مبارڪ) اکين سان ان ڏانهن غور ڪري نہ ڏسوجيڪو اسان انهن ڪافرن کي قسمين قسمين سامان سان نفعو ڏنو آهي) کي ٻڌي فرمايو تہ "مَنْ أُعْطِيَ الْقُرانَ وَظَنَّ اَنَّهُ أُعْطِيَ اَحَدٌ اَفْضَلَ مِنْهُ فَقَدْ حَقَّرَ عَظِيْمًا وَعَظَّمَ حَقِيْرًا" (جنهن کي قرآن عطا ڪيو ويو ۽ گمان ڪيائين تہ ٻيو ان کان افضل ڏنو ويو آهي تہ ان عظيم کي حقير ڪيو ۽ حقير کي عظيم سمجهيو) معاويہ بن قرة ﷺ فرمايو تہ "جيڪڏهن اهو ڊپ نہ هجي تہ ماڻهو گڏ ٿي ويندا تہ مان اوهان کي اهو آواز ڪري ٻڌايان ها" هن مان علماء دليل ورتو آهي تہ اهڙو عمل جنهن جي ڪري ماڻهو گڏ ٿين تڏهن مڪروه آهي جڏهن اهو ڇڏڻ جهڙو هجي ۽ ان سان فتني ۽ گناهہ جو انديشو هجي (ڪمامر) ۽ حديث شريف ۾ آيو آهي تہ "اِقْرَءُوْا الْقُرآنَ بِلُحُوْنِ الْعَرَبِ" (قرآن عربن جي سُرَ ۾ پڙهندا ڪيو.) پر هرويرو تڪلف ڪرڻ, تصنع ڪرڻ, راڳ وارا سُرَ سيکارڻ ۽ مخصوص لهجا ڪرڻ. ان کي سلف صالحن ناپسند ڪيو ۽ مڪروه قرار ڏنو آهي. (جمع الوسائل ج 2 ص 115)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب المغازي باب 49 اين ركز النبي ﷺ الراية يوم الفتح رقم الحديث 4281 ج 8 ص 13 بنحوه {2} ابو داؤد في كتاب الصلواة باب 356 استحباب الترتيل في القراءة رقم الحديث 1467 ج 2 ص 74 {3} النسائي في فضائل القرآن من سننه الكبرىٰ باب 40 الترجيع رقم الحديث 79, 80 ص 96, {4} البيهقي في سننه ج 10 ص 229 (5) البغوي في شرح السنة رقم الحديث 1215 ج 4 482.

{321} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ : حَدَّثَنَا نُوحُ بْنُ قَيْسٍ الْحُدَّانِيُّ ، عَنْ حُسَامِ بْنِ مِصَكٍّ ، عَنْ قَتَادَةَ قَالَ : مَا بَعَثَ اللهُ نَبِيًّا إِلَّا حَسَنَ الْوَجْهِ ، حَسَنَ الصَّوْتِ ، وَكَانَ نَبِيُّكُمْ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حَسَنَ الْوَجْهِ ، حَسَنَ الصَّوْتِ ، وَكَانَ لَا يُرَجِّعُ.

بامحاوره ترجمو: حضرت قتاده ﷺ چيو تہ الله جل جلاله هر نبي کي سهڻو خوبصورت ۽ سٺي آواز وارو ڪري موڪليو ۽ توهان جو نبي ﷺ بہ سهڻو ۽ سٺي آواز وارو هو. پاڻ قراءت ۾ هميشہ خوش الحاني نہ ڪندا هئا. (يعني خوش الحاني سان پڙهڻ سندن عادت مبارڪ ڪانہ هئي پر ڪڏهن پاڻ ائين پڙهندا هئا.)

مفردات جو شرح: "حَسَنَ الْوَجْهِ" سهڻي منهن وارو. "حَسَنَ الصَّوْتِ" سهڻي آواز وارو.

سمجهاڻي: يعني الله جل جلاله جا انبياء ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام منهن مبارڪ جا سهڻا ۽ آواز جا مٺا هوندا هئا پر حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن سيني پيغمبرن عليهم الصلوٰة والسلام کان وڌيڪ حسن وارا ۽ وڌيڪ سهڻي آواز وارا هيا. ۽ سهڻي آواز هوندي بہ قرآن ڪريم ۾ ترجيع نہ ڪندا هئا. مطلب تہ راڳ رنگ جي انداز ۾ نہ پڙهندا هئا. الله جل جلاله جيڪو ڪين سهڻو آواز ۽ انداز عطا ڪيو هو ان خوش آواز واري لهجي ۾ پڙهندا هئا ۽ هي حديث جڏهن تہ روايت ۾ قتاده ﷺ تي ختم ٿئي ٿي ان جي ڪري "مرسل" آهي. علامہ البيجوري "وَكَانَ نَبِيُّكُمْ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حَسَنَ الْوَجْهِ، حَسَنَ الصَّوْتِ " (۽ اوهان جو نبي ﷺ منهن مبارڪ جو سهڻو هو. سندن آواز مبارڪ بہ سهڻو هوندو هو) جي شرح ۾ لکيو آهي تہ هيءَ روايت بيهقي واري روايت جي خلاف ناهي جنهن م آيو آهي تہ "رسول الله ﷺ جن معراج واري رات حضرت يوسف على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي لاءِ فرمايو :" اوچتو مان هڪ شخص سان مليس جيڪو خلق الله ۾

گهٽو سهٽو هو. ماڻهن کان حسن ۾ فضيلت ڏنل هو جيئن چوڏهينءَ جي چنڊ جي تارن تي فضيلت آهي " چوتہ حديثن ۾ تطبيق ڏيڻ جي لاءِ ان مان مراد سيدنا رسول الله ﷺ جن کان بعد ٻي خلق ۾ سهٽو آهي. (المواهب ص 524) علامہ ابنِ حجر مکي هيتمي هن حديث جي شرح ۾ لکيو آهي تہ مسلم جي روايت "اِنَّهُ أُعْطِيَ شَطْرَ الْحُسْنِ" (حضرت) يوسف (علىٰ نبيناوعليه الصلوة والسلام) حسن جو اڌ ڏنو ويو. مان مراد آهي تہ ان حسن جو اڌ جيڪو حضور ڪريم ﷺ جن کي عطا ڪيو ويو. (اشرف الوسائل ص 452، جمع الوسائل ج 2 ص 115) بعض شارحن "کان لايرجع" جي معنيٰ لکي آهي نڙي ڏڪائي نہ پڙهندا هئا. نڙي ڏڪائي اجايا سُر ۽ آواز ڪرڻ اجايون بناوٽون آهن محبوب ڪريم ﷺ کي الله ﷻ فرمايو تہ" اوهان ماڻهن کي ٻڌايو تہ "وَمَا أَنَا مِنَ الْمُتَكَلِّفِين" يعني مان ڪنهن بہ قسم جي بناوٽ ۽ تڪلف ڪندڙن مان ناهيان.) الغرض تہ راڳ جي نموني قرآن ڪريم پڙهڻ نہ گهرجي.

هن جي متعلق محدثن جو فيصلو: محدثن هن روايت جي متعلق لکيو آهي تہ هن جي سنَد ٻن سببن جي ڪري ضعيف ۽ منڪر آهي. (1) هڪ تہ هي مرسل روايت آهي قتاده ﷺ صحابي جو نالو نہ لکيو آهي جنهن کان روايت ڪئي اٿس پر مزي (محدث) التحفة ج 3 ص 340 ۾ فرمايو تہ "هيءَ حديث عباس بن يزيد البحراني نوح بن قيس کان ان حسام بن مصڪ کان ان قتاده ﷺ کان ان انس ﷺ کان روايت آندي آهي. (2) ٻيو تہ حسام بن مصڪ ضعيف ۽ ڇڏي ڏيڻ جهڙو راوي آهي جيئن التقريب ج 1 ص 161 ۾ لکيل آهي ابنِ معين فرمايو تہ "اهو ڪا شيءِ ناهي" ۽ امام احمد فرمايو تہ ان جي روايت اجائي آهي ۽ بخاري فرمايو تہ " محدثن وٽ قوي ناهي. الدار قطني چيو تہ متروڪ آهي ۽ نسائي چيو تہ "ضعيف آهي. ذهبي لکيو آهي تہ حسام جون روايتون منڪر آهن پوءِ هيءَ حديث ذڪر ڪيائين ۽ هن کي منڪر روايتن ۾ آندائين.

{322} حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ قَالَ: حَدَّثَنَا يَحْيٰى بْنُ حَسَّانَ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمٰنِ بْنُ أَبِي الزِّنَادِ، عَنْ عَمْرِو بْنِ أَبِي عَمْرٍو، عَنْ عِكْرِمَةَ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ: كَانَتْ قِرَاءَةُ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ رُبَّمَا يَسْمَعُهَا مَنْ فِي الْحُجْرَةِ وَهُوَ فِي الْبَيْتِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابنِ عباس ﷺ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جي قراءت (ڪڏهن ايتري بلند هوندي هئي) جو پاڻ اندر ڪمري ۾ پڙهندا هئا تہ ٻاهر گهروارا بہ ٻڌندا هئا.

مفردات جو شرح: "رُبَمَا" گهڻو ڪري. "من في الحجرة" حجري وارا.

سمجهاڻي: هن حديث مان معلوم ٿيو تہ محبوب ڪائنات ﷺ جن پنهنجي پاڪ حجره مبارڪ ۾ رهندي جڏهن قرآن ڪريم تلاوت ڪندا هئا تہ صحن ۾ موجود هوندڙ ٻڌندا هئا نہ تہ گهڻي وڏي آواز سان تلاوت ڪندا هئا ۽ نہ گهڻي هيٺاهين آواز سان وچٿري آواز سان پڙهندا هئا. علامہ يوسف نبهاني پنهنجي ڪتاب "وسائل الوصول" ۾ لکيو آهي تہ : ام المؤمنين سيده عائشہ ﷺ فرمايو "حضور ڪريم ﷺ جن ٽن ڏينهن کان ٿوري عرصي ۾ قرآن ڪريم ختم نہ ڪندا هئا ۽ جڏهن قرآن ڪريم جو ختم پڙهي بس ڪندا هئا تہ سڄي اهل، عيال کي گڏ ڪري دعا گهرندا هئا. جڏهن ختم ڪندا هئا تہ قرآن ڪريم جون ابتدائي پنج آيتون بہ پڙهندا هئا ان کان پوءِ دعا گهرندا هئا. (انوارِ غوثيہ ص 408)

۽ ربما“ سان هن ڳالھ ڏانهن اشارو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ايترو آهستي پڙهندا هئا جو صحن ۾ موجود هوندڙ بہ نہ ٻڌندا هئا. المقصد تہ قرآن ڪريم جو آهستي يا وڏي آواز سان پڙهڻ موقعي جي مناسبت سان افضل آهي جيڪڏهن يلي ڪم ڏانهن رغبت ڏيارڻ يا وڏي آواز سان پڙهڻ جي لاءِ ڪو ٻيو سبب هجي تہ وڏي آواز سان پڙهجي ۽ جيڪڏهن رياء وغيره جو خوف هجي تہ آهستي پڙهجي ان جي ڪري حضرت حبيب ڪريم ﷺ جو ارشاد آهي تہ ”آواز سان قرآن ڪريم پڙهندڙ اهڙو آهي جهڙو اعلان سان صدقي ڪرڻ وارو ۽ آهستي قرآن پڙهڻ وارو اهڙو آهي جهڙو لڪ ۾ صدقي ڪرڻ وارو.“ ۽ جيئن صدقي کي ظاهر ڪرڻ يا لڪائڻ موقعي جي لحاظ سان بدلجندو رهي ٿو تيئن قرآن ڪريم جي تلاوت جو بہ حڪم آهي. (خصائل نبوي ص 269) علامہ علي القاري لکيو آهي تہ المقصود تہ سندن قراءت وچٿري هئي نہ گهٽي وڏي آواز سان نہ آهستي. (جمع الوسائل ص 116)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب التطوع باب 25 في رفع الصوت بالقراءة في صلوٰة الليل رقم الحديث 1327 ج 2 ص 37 بنحوه {2} احمد في المسند ج 21 ص 271 {3} البيهقي في سننه ج 3 ص 10، 11 {4} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 158 {1} ابنِ خزيمه في صحيحه رقم الحديث 1157 ج 1 ص 187.

باب پنجيتاليهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي بُكَاءِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ حضور ڪريم ﷺ جي روئڻ جي بيان ۾ آيل حديثون آهن

سمجهاڻي: "بڪاء" مد سان ۽ مد کان سواءِ ٻنهي طرحن سان آيل آهي ۽ هڪ قول آهي تہ مد کان سواءِ "بڪاء" جي معنيٰ آهي ڏک جي ڪري اکين مان هنجڻ ڳوڙهن جو وهڻ ۽ مد سان بڪاء جي معنيٰ آهي وڏي آواز سان روئڻ.

روئڻ جا قسم: روئڻ مختلف قسم آهي رحمت ۽ رافت جو روئڻ، خوف ۽ ڊپ جو روئڻ. محبت ۽ شوق جو روئڻ، خوشي ۽ فرحت جو روئڻ، تڪليف پهچڻ کان ٻوءِ ان کي برداشت نہ ڪري روئڻ، خون ۽ غم جو روئڻ، اوڏارو روئڻ، جيئن ڪا عورت مقابل کان سواءِ ٻئي عورت جي پاران روئي، اجورو وٺي روئڻ، جيئن پار ڪيندڙ عورتون پيسا وٺي روئنديون آهن ۽ موافقت ۾ روئڻ، جيئن ڪنهن کي روئندي ڏسي ڪو روئي ۽ ان کي خبر نہ هجي تہ اهو ڇو ٿو روئي ۽ ڪوڙ جو روئڻ جيئن گناهہ تي هميشگي ڪندڙ روئندو آهي ۽ حضرت رسول الله ﷺ جن جو روئڻ ڪڏهن ميت تي شفقت ۽ رحمت جي ڪري هوندو هو تہ ڪڏهن امت جي حالاتِ کي ڏسي ڪڏهن الله ﷻ جي خوف کان، ڪڏهن الله ﷻ ڏانهن اشتياق جي ڪري ۽ اهو قرآن ڪريم جي ٻڌڻ وقت هوندو هو. جيئن اڳيان ان جو بيان اچي ٿو ۽ هن باب ۾ ڇهہ حديثون آهن. (المواهب ص 526) ۽ بعض شارحن لکيو آهي تہ هڪ روئڻ منافقيءَ جو هوندو آهي جو ڪنهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ نماز وغيره ۾ خشوع خضوع ظاهر ڪرڻ جي لاءِ ڪيو ويندو آهي. مشائخ لکيو آهي تہ : حضرت داؤد جو روئڻ رنج کان هو. حضرت ابراهيم جو روئڻ شوق جو هو ۽ اسان جي نبي ڪريم ﷺ جو روئڻ محبت جو هو. ۽ ان جو مطلب هي آهي تہ پاڻ رات جو محبت الاهي ۾ روئندا هئا.

(خصائل نبوي ص 270، شرح المناوي علي حاشية جمع الوسائل ج 2 ص 116)

{323} حَدَّثَنَا سُوَيْدُ بْنُ نَصْرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ الْمُبَارَكِ، عَنْ حَمَّادِ بْنِ سَلَمَةَ، عَنْ ثَابِتٍ، عَنْ مُطَرِّفٍ وَهُوَ ابْنُ عَبْدِ اللهِ بْنِ الشِّخِّيرِ، عَنْ أَبِيهِ قَالَ: أَتَيْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَهُوَ يُصَلِّي وَلِجَوْفِهِ أَزِيزٌ كَأَزِيزِ الْمِرْجَلِ مِنَ الْبُكَاءِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت مطرف پنهنجي پيءُ عبدالله بن شخير رضي الله عنه کان روايت ڪري ٿو تہ آءٌ رسول الله ﷺ جن وٽ آيس. ان وقت پاڻ سڳورن ﷺ نماز تي پڙهي. سندن سيني مبارڪ مان ديڳڙيءَ جي ٽهڪڻ وانگر جوشيلي روئڻ جو آواز پي آيو.

مفردات جو شرح: "جوف" پيٽ، سينو وچ "أَزِيزٌ" هَنڊي يا ڪُني جي ابرڻ جو آواز. "مِرْجَلِ" هنڊي، ديڳ هن جو جمع مراجِلُ آهي.

سمجهاڻي: حضور ڪريم ﷺ جن جو اهو روئڻ الله ﷻ جي وڏائي ڪي ذهن ۾ رکندي ان جي خوف ڪان هوندو هو ۽ اهو ڪين سندن ڏاڏي سيدنا حضرت ابراهيم على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام ڪان ورثي ۾ مليو هو ڇوته ان جي اندر مان ڪُني جي رجهڻ وانگر خوف خدا ڪان روئڻ جو آواز هڪ ميل جي پنڌ تي ٻڌڻ ۾ ايندو هو ۽ هن حديث مان طريقت جي صاحبن خوف، ڏپ ۽ پنهنجي احوال ۾ وجد جو دليل ورتو آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن تي اها ڪيفيت ان وقت طاري ٿيندي هئي جڏهن الله ﷻ سندن مٿان جلال ۽ جمال جي تجليات گڏ ڪرڻ فرمائيندو هو. صرف جلالي تجليات جي برداشت ته ڪنهن ۾ ناهي ۽ جڏهن الله ﷻ سندن مٿان خالص جمالي تجليات ڪرڻ فرمائيندو هو ته سندن سهڻو منهن مبارڪ وڏيڪ خوشي جي ڪري چمڪندو هو ۽ منجهائن لطف، سرور، انس ۽ بسط محسوس ٿيندو هو. (المواهب ص 528) علامه ابنِ حجر مڪي هيتمي لکيو آهي ته هن حديث ۾ ان ڳالهه جو دليل آهي ته "جنهن روئڻ جي آواز ۾ الفاظ نه ٿا نڪرن اهو نماز ۾ نقصان نه ڏيندو آهي" ۽ حضور ڪريم، رؤف رحيم ﷺ جو اهو روئڻ سندن طرفان پنهنجي رب جي لاءِ خوف ۽ خشوع جو دليل آهي ۽ ان جي ڪري پاڻ ڪريم ﷺ جن جو فرمان آهي ته "اِنِّي لَاَعْلَمُكُمْ بِاللهِ وَاَشَدُّكُمْ لَهٗ خَشْيَةً " بلاشڪ مان اوهان ڪان الله ﷻ کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهيان ۽ اوهان ڪان ان جو خوف وڌيڪ رکندڙ آهيان) ۽ مسلم شريف روايت آندي آهي ته پاڻ فرمايائون "وَالَّذِي نَفْسُ مُحَمَّدٍ بِيَدِهٖ لَوْرَاَيْتُمْ مَارَاَيْتُ لَضَحِكْتُمْ قَلِيْلًا وَلَبَكَيْتُمْ كَثِيْرًا قَالُوْا وَمَا رَئَيْتَ يَا رَسُوْلَ اللهِ قَالَ رَئَيْتُ الْجَنَّةَ وَالنَّارَ" ان ذات جو قسم آهي جو محمد ﷺ جو ساهه ان جي (قدرتي) هٿ ۾ آهي ته جيڪڏهن اوهان اهو ڏسو ها جيڪو مون ڏٺو آهي ته ڪلو ٿورو ها ۽ روئو گهڻو ها. عرض ڪيائون ته يا رسول الله ﷺ اوهان ڇا ڏٺو آهي؟ پاڻ فرمايائون ته "جنت ۽ باهه" (يعني دوزخ) الله ﷻ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي لاءِ علم اليقين ۽ عين اليقين گڏيو هو ۽ ان سان گڏ سندن قلب ۾ خشيت ۽ الاهي عظمت جيڪا موجود هئي. اها ٻئي ڪنهن ۾ به نه هئي ۽ ان جي ڪري سندن صحيح فرمان آهي "وَاَنَا اَتْقَاكُمْ وَاَعْلَمُكُمْ بِالدَّارَيْنِ" (۽ مان اوهان ڪان وڌيڪ تقويٰ وارو ۽ وڌيڪ ٻنهي جهانن کي ڄاڻندڙ آهيان) ۽ خوف، ڏپ ۽ رهبت جو فائدو هڪ ٻئي کي ويجهو آهي پهريون ته پساهه پساهه ۽ قلب جي اضطراب سان گڏيل خوف آهي ۽ ان جي ڪري الله ﷻ جو فرمان آهي " اِنَّمَا يَخْشَى اللهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمَاءُ" (الله ڪان سندس ٻانهن مان علماء ڊڄن ٿا) ۽ ڪن جو قول آهي ته خوف چرپر آهي ۽ خشيت سڪون آهي ڇا تون ڏسندو ناهين ته جيڪڏهن ڪو پنهنجي دشمن کي ڏسندو آهي ته ان ۾ ڀڄڻ جي لاءِ چرپر جي حالت پيدا ٿيندي آهي ۽ اهو خوف حرڪت آهي ۽ اهڙي حالت ۾ ڪنهن ٻي جاءِ تي قرار وٺڻ جو ان ڏانهن ڪجهه نه پهچي خشيت آهي ۽ الرهبة ناپسنديده شيءِ ۽ ڏپ ڪان ڀڄڻ تي غور ڪرڻ کي سڏيو ويندو آهي. الوجل" ان جي ذڪر وقت دل جو ٻي قرار رهڻ جنهن جي غلبي جو خوف هوندو آهي ۽ هيبت اجلال ۽ تعظيم سان گڏ ڏپ کي چئبو آهي ۽ اڪثر ڪري محبت ۽ معرفت سان گڏ هوندو آهي. "الابكاءُ" روئارڻ جيڪو محبت سان گڏ هوندو آهي ۽ عام لاءِ خوف هوندو آهي ۽ عالمن ۽ عارفن ۾ خشيت هوندي آهي ۽ محبين ۾ هيبت هوندي آهي ۽ مقربين ۾ اجلال ۽ علم ۽ معرفت جي مطابق عمل ۽ خوف هوندو آهي. (اشرف الوسائل ص 454) علامه علي القاري لکيو آهي ته: الله ﷻ حضور ڪريم ﷺ جي لاءِ علم اليقين ۽ عين اليقين گڏي ڇڏيو پوءِ سندن اڳيان حق

اليقين به چمڪي صادر ٿيو ۽ خشيت خوف کان وڌيڪ خاص آهي، ڇوته اها ڪامل معرفت جي ڪري پيدا ٿيندڙ تعظيم سان گڏيل هوندي آهي. جيئن "إِنَّمَا يَخْشَى اللهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمَاءُ" مان واضح آهي ۽ بعض شارحن ان جي معنيٰ ڪئي آهي ته الله ﷻ جي ٻانهن مان ان جي تعظيم علماء ڪندا آهن.

(جمع الوسائل ج 2 ص 117)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب الصلواة باب 162 البكاء في الصلواة رقم الحديث 904 ج 1 ص 238 {2} النسائي في كتاب السهو باب 18 البكاءِ في الصلواة ج 3 ص 13 بنحوه {3} احمد في المسند ج 4 ص 25، 26 بنحوه {4} الحاكم في المستدرک ج 1 ص 264 بنحوه {5} ابنِ خزيمه في صحيحه رقم الحديث 900 ج 2 ص 53 بنحوه {6} البيهقي في سننه ج 2 ص 251.

{324} حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلَانَ قَالَ: حَدَّثَنَا مُعَاوِيَةُ بْنُ هِشَامٍ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ، عَنِ الْأَعْمَشِ، عَنْ إِبْرَاهِيمَ، عَنْ عُبَيْدَةَ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ مَسْعُودٍ قَالَ: قَالَ لِي رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: اقْرَأْ عَلَيَّ فَقُلْتُ: يَا رَسُولَ اللهِ، أَقْرَأُ عَلَيْكَ وَعَلَيْكَ أُنْزِلَ قَالَ: إِنِّي أُحِبُّ أَنْ أَسْمَعَهُ مِنْ غَيْرِي، فَقَرَأْتُ سُورَةَ النِّسَاءِ، حَتَّى بَلَغْتُ { وَجِئْنَا بِكَ عَلَى هَؤُلَاءِ شَهِيدًا } [النساء:] قَالَ: فَرَأَيْتُ عَيْنَيْ رَسُولِ اللهِ تَهْمِلَانِ.

بامحاور ترجمو: حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي ته مون کي رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: مون کي قرآن شريف پڙهي ٻڌاءِ. مون عرض ڪيو. يا رسول الله ﷺ! آءٌ توهان کي پڙهي ٻڌايان. قرآن ته اوهان تي ئي لٿو آهي؟ پاڻ فرمايائون ته "مون کي وڻندو آهي جو ٻيو ڪو قرآن پڙهي ۽ آءٌ ٻڌان." پوءِ سورة النساء شروع ڪيم نيٺ اچي هن آيت تي پهتس "وَجِئْنَا بِكَ عَلَى هَؤُلَاءِ شَهِيدًا (سورة النساء آيت 41) (ترجمو: اسان توهان کي هن امت تي شاهد ڪري آڻينداسون.) راويءَ چيو ته پوءِ ڏٺم ته سندن اکيون مبارڪ ڳوڙها وهائي رهيون آهن.

مفردات جو شرح: "أَقْرَأُ عَلَيْكَ" ڇا مان اوهان جي اڳيان پڙهان. "إِنِّي أُحِبُّ" مان پسند ٿو ڪيان. ڇاهيان ٿو. "تَهْمِلُ" همل کان ورتل آهي. وهڻ ۽ وسڻ جي معنيٰ ۾ ايندو آهي.

سمجهاڻي: هن حديث ۾ حبيب ڪريم ﷺ جن جي طرفان حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه! کي ارشاد آهي ته "عبدالله بن مسعود مون کي قرآن شريف ٻڌاءِ" ۽ ان جو عرض بيان ٿيل آهي ته "ڇا مان اوهان کي قرآن ٻڌايان. حالانڪ اهو ته اوهان تي نازل ٿيو آهي؟" ٻي معنيٰ آهي مون کان هزار ڀيرا ڀلو ته اوهان ڄاڻو ٿا. مون کي حڪم ڪيو ٿا ان ۾ ڇا راز آهي؟ پاڻ ان کي سمجهائيندي فرمايائون ته "مان ٻئي کان قرآن ڪريم ٻڌڻ پسند ڪيان ٿو." ڇوته ٻئي کان ٻڌڻ ۾ ٻڌندڙ کي قرآن ڪريم جي معنيٰ ۾ تدبر ۽ تفڪر جو موقعو ملي ٿو ۽ الله ﷻ جي ڪلام جي تاثير سان ايمان ۾ تازگي پيدا ٿئي ٿي ۽ روح فرحت ڪندڙ خوش ٿئي ٿو. يا ته جبريل سڳورو حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کي قرآن ڪريم ٻڌائڻ ايندو هو. انهيءَ جي نه اچڻ جي صورت ۾ پاڻ حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان ٻڌڻ پسند فرمايائون. جيئن عشاق. جي عادت هوندي آهي ته جيڪڏهن محبوب جو ديدار ميسر نه ٿيندو آهي ته ان جي متعلق مثال ۽ تشبيهه کي گهرندا آهن ته دل جي خوشي حاصل ٿئي. البيجوري لکيو آهي ته حضرت ابن مسعود رضي الله عنه سمجهيو هو ته حضور ڪريم ﷺ جن سندس پڙهڻ جي ٻڌڻ سان لذت حاصل ڪرڻ

گهرن ٿا. امتحان وٺڻ نہ ٿا گهرن تڏهن عجب جي انداز ۾ سوال ڪيو هيائين تہ مان اوهان جي اڳيان پڙهان حالانڪہ قرآن تہ نازل ئي اوهان تي ٿيو آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن ٻئي کان ٻڌڻ ان جي ڪري بہ پسند ڪيو جو ٻڌڻ ۾ قران ڪريم جي معنائن سمجهڻ جي لاءِ خصوصي توجهہ ڏيڻ جو موقعو ملندو آهي. پڙهندڙ جو توجهہ الفاظ جي ضبط ۽ حروف ڪي انهن جو حق ڏيڻ ڏانهن هوندو آهي. ۽ ٻيو تہ محبوب ڪريم ﷺ جن جي جبريل کان قرآن مجيد ٻڌڻ جي عادت مبارڪ هئي ۽ طبعي طور عادت محبوب هوندي آهي ۽ هن حديث جي فائدن مان هي آهي تہ ڪابہ پلي شخصيت پاڻ کان گهٽ شان واري کان فائدو حاصل ڪرڻ ڪي عيب نہ سمجهي. سلف صالحين مان گهڻا پنهنجي طالبن کان استفادو حاصل ڪرڻ ڪي عيب نہ سمجهندا هئا. حضرت ابنِ مسعود ﷺ فرمايو تہ : پوءِ مون سورة النساء پڙهڻ شروع ڪئي.

هڪ اهم نقطو: ڪي ماڻهو چوندا آهن تہ سورة النساء نہ چئو (عورتن جي سورة) بلڪ اها سورة جنهن ۾ عورتون ذڪر ڪيون ويون آهن چئو) پر هن حديث ۾ انهن جو رد آهي جو حضرت ابن مسعود ﷺ "سورة النساء". چيو آهي ۽ حضرت ابنِ مسعود فرمايو تہ جڏهن اها سورة پڙهندي مان "وَجِئْنَابِكَ عَلٰى هٰولاءِ شَهِيْدًا" (۽ اوهان کي انهن تي شاهد ڪري آڻينداسون) تي پهتس تہ مون رسول الله ﷺ جي اکين کي هنجون هاريندي ڏٺو. مطلب تہ پاڻ روئي رهيا هئا. مذڪوره آيت جي اڳيان قيامت جو بيان آيل آهي تہ قيامت جي ڏينهن هر امت جي مٿان انهن جا شاهد آندا ويندا جيڪي سندن عمل جي شاهدي ڏيندا انهن جا قبيح ڪم ۽ بدعقيده بيان ڪندا ۽ اهي انهن امتن جا نبي هوندا. پوءِ وري حضور ڪريم ﷺ کي سندن امت جي صفائي پيش ڪرڻ جي لاءِ شاهد طور آندو ويندو ۽ هڪ قول مطابق محمدي امت کي اڳين نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي ديني دعوت جي شاهدي طور آندو ويندو ۽ حضور ڪريم ﷺ جن وري پنهنجي امت تي شاهد ڪري آندا ويندا. صحيحين ۾ روايت آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن اها آيت ٻڌي حضرت ابنِ مسعود ﷺ کي وڌيڪ تلاوت ڪرڻ کان روڪيو. جنهن مان ثابت ٿيو تہ ڪنهن کي ڪنهن مصلحت جي خاطر قراءت کان روڪڻ جائز آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن جو روئڻ امت جي مٿان شفقت ۽ رافت جي ڪري هو. ڇو تہ ان وقت سندن ذهن پاڪ ۾ قيامت جون سختيون ۽ شدت حاضر هئي. جنهن ڪين روئاري وڌو هو. (المواهب ص 529) علامہ علي القاري لکيو آهي تہ "حضرت ابنِ مسعود ﷺ کي حضور ڪريم جن تلاوت ڪرڻ جو حڪم جنهن وقت ڪيو هو ان وقت پاڻ منبر تي جلوه افروز هئا. صحيحين جي روايت ۾ ائين آيو آهي ۽ محمد بن فضالہ الظفري جي روايت ۾ آهي تہ پاڻ ان وقت بني ظفر قبيلي ۾ هئا ۽ ان روايت ۾ آهي تہ حضرت نبي ڪريم جن ايترو رنا هئا جو سندن ڏاڙهي مبارڪ ۽ ڳلن جا پاسا آلا ٿي ويا هئا. ۽ عرض ڪيو هيائون تہ : اي منهنجا رب! هي جيڪي منهنجي اڳيان آهن جن جي وچ ۾ مان وينو آهيان انهن جي تہ شاهدي ڏيندس پر جيڪي مون ڏٺا ناهن انهن تي شاهدي ڪيئن ڏيندس؟ ابن مبارڪ الزهد ڪتاب ۾ سعيد بن المسيب ﷺ جي سند سان آندو آهي تہ هر روز صبح ۽ شام امت جا اعمال سندن اڳيان پيش ڪيا وڃن ٿا پاڻ انهن کي نشانين ۽ اعمال سان سڃاڻن ٿا ان جي ڪري انهن تي شاهدي ڏيندا. علي القاري لکي ٿو تہ ان طريقي سان ٻنهي روايتن ۾ موافقت ٿي وئي ۽ اهو بہ احتمال آهي تہ هڪ ڀيرو

حضور ڪريم جن منبر تي ويٺي ابنِ مسعود کي تلاوت جي لاءِ حڪم ڪيو هجي ۽ هڪ پيرو بني ظفر قبيلي ۾. پاڻ ابنِ مسعود کان ٻڌي اها سنت قائم ڪيائون تہ قرآن ڪريم ٻئي کان ٻڌڻ سنت آهي.

ٻئي کان قرآن ٻڌي روئڻ: علامہ مناوي لکيو آهي تہ هن حديث مان ثابت ٿيو تہ : مستحب آهي تہ ٻئي کان قرآن مجيد ٻڌجي ان تي غور ڪري روئجي تدبير سان ٻڌجي. اهل علم سان تواضع سان پيش اچجي انهن جي منزل مٿي ڪجي. مٿاهين جاءِ کان ويهي ٻڌڻ منع ناهي، ٿورو اڳتي لکيو اٿس تہ حضرت عيسيٰ على نبينا وعلى الصلوٰة والسلام جي اڳيان قيامت جو ذڪر ڪيو ويندو هو تہ آواز ڪري روئندو هو. اهڙي طرح گهڻن نبين ۽ ولين ۾ قيامت جو ذڪر ٻڌي روج راڙو ٿي ويندو هو پر پاڻ ڪريم ﷺ جن روئڻ ۾ بہ سڪون پذير هوندا هئا جنهن جو اثر مجلس ۾ ويٺل تي پوندو هو ۽ سندن خدمت ۾ موجود ماڻهو سڪون کان ٻاهر تمام گهٽ ويندا هئا. سندن محفل ۾ موجود ماڻهو ان هوندي جو زارو قطار روئندا هئا پر حسن سمت کي لازم ڪري وٺندا هئا صبر جي چادر کان ٻاهر نہ ويندا هئا. سندن فرمان مبارڪ هوندو هو تہ ڪنن سان قرآن ٻڌي نفس ۾ انفعال پيدا ٿئي ٿو تہ پر پوءِ بہ تَسَترُ ۽ تثَبَتُ لازم آهي ۽ چرپر ۽ رڙ نہ هجي وجد جي ڪيفيت ۾ بہ تثبت، حسن سمت ۽ وجداني ڪيفيتن ۾ بہ صبر ڪرڻ سندن بلند همتي هئي. ۽ پنهنجي خدمت ۾ موجود هوندڙن کي بہ ان لاءِ سڏيندا ۽ سمجهائيندا هئا. ان ۾ ئي سندن اتباع ۽ اقتدا آهي. (شرح المناوي مع جمع الوسائل ج 2 ص 117, 118) علامہ ابنِ حجر لکيو آهي تہ حضرت ابنِ مسعود ﷛ پلن صحابن مان پلن قارين مان هو. ان جو لکيل مصحف معروف آهي ۽ هن حديث مان ثابت ٿيو تہ مٿي ويٺل هيٺ ويهندڙن کان قرآن ٻڌي سگهي ٿو ان ۾ ڪا قباحت ناهي (جيئن عام ماڻهو سمجهندا آهن) (اشرف الوسائل ص 455) ۽ جيئن قرآن ڪريم جي پڙهڻ ۾ لطف آهي تيئن ٻڌڻ ۾ بہ لطف آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن قرآن پاڪ ٻڌي روئي ڏنو. قرآن ڪريم جي ٻڌڻ جو شان بہ اهو آهي امام نووي لکيو آهي تہ : تلاوت جي وقت روئڻ عارفن جو شان ۽ صالحين جو شعار آهي الله ﷻ قرآن ڪريم جي متعدد مقامات تي ان جي تعريف ڪئي آهي ۽ ظاهر آهي تہ : حضور ڪريم ﷺ جن قرآن ڪريم جي عظمت ۽ جلال جي ڪري رنو هوندو ۽ هن حديث ۾ روئڻ يا تہ ائين هوندو جو پاڻ شروع کان ئي روئي رهيا هوندا ۽ حضرت ابن مسعود ﷛ جي نظر سندن مٿان پوءِ پئي هوندي ۽ هي بہ ممڪن آهي تہ خاص ان مذڪور آيت جي ٻڌڻ سان پاڻ روئڻ شروع ڪيو هجين ان آيت ۾ قيامت جو منظر بيان ٿيل آهي جو ان ڏينهن ۾ هر نبي کي ان جي امت تي سرڪاري شاهد ڪري آندو ويندو جنهن جو محشر جي حالات بيان ڪندڙ احاديث ۾ مفصل بيان موجود آهي. ان صورت ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جو هي روئڻ محشر واري ڏينهن جي سخت حالات کي تصور کان هوندو يا تہ جيڪو نهايت سخت ڏينهن هوندو ۽ هر شخص نفسي نفسي ۾ مبتلا هوندو يا تہ هن آيت ٻڌڻ مهل حضور ڪريم ﷺ جن قيامت جي منظر کي ذهن ۾ رکي پنهنجي امت جي مٿان شفقت جي ڪري رنو هوندو. مطلب تہ مذڪور وجوه سڀ روئڻ جا سبب بنجي سگهن ٿا انهن کان سواءِ ٻيا سبب نہ ٿا ٿي سگهن. (خصائل نبوي ص 273)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} رواه بنحوه البخاري في كتاب التفسير، تفسير سورة النساء باب 9 رقم الحديث 4572 ج 1 ص 2508 {2} مسلم في كتاب صلوٰاة المسافرين و قصرها باب 4

فضل استماع القرآن رقم الحديث 800 حديث الكتاب 247 ج 1 ص 551 {3} ابو داؤد في كتاب العلم باب 13 في القصص رقم الحديث 3668 ج 3 ص 324 {4} النسائي في سننه الكبرىٰ كتاب فضائل القرآن باب 51 رقم الحديث 100 فضائل القرآن ص 108 {5} ابن ابي شيبه في المصنف رقم الحديث 30303 ج 6 ص 155 {6} ابن حبان في صحيحه رقم الحديث 735 ج 3 ص 9.

{325} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ قَالَ: حَدَّثَنَا جَرِيرٌ، عَنْ عَطَاءِ بْنِ السَّائِبِ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ عَمْرٍو قَالَ: اِنْكَسَفَتِ الشَّمْسُ يَوْمًا عَلَى عَهْدِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَامَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُصَلِّي، حَتَّى لَمْ يَكَدْ يَرْكَعُ ثُمَّ رَكَعَ، فَلَمْ يَكَدْ يَرْفَعُ رَأْسَهُ، ثُمَّ رَفَعَ رَأْسَهُ، فَلَمْ يَكَدْ أَنْ يَسْجُدَ، ثُمَّ سَجَدَ فَلَمْ يَكَدْ أَنْ يَرْفَعَ رَأْسَهُ، ثُمَّ رَفَعَ رَأْسَهُ، فَلَمْ يَكَدْ أَنْ يَسْجُدَ، ثُمَّ سَجَدَ فَلَمْ يَكَدْ أَنْ يَرْفَعَ رَأْسَهُ، فَجَعَلَ يَنْفُخُ وَيَبْكِي، وَيَقُولُ: "رَبِّ أَلَمْ تَعِدْنِي أَنْ لَا تُعَذِّبَهُمْ وَأَنَا فِيهِمْ؟ رَبِّ أَلَمْ تَعِدْنِي أَنْ لَا تُعَذِّبَهُمْ وَهُمْ يَسْتَغْفِرُونَ؟ وَنَحْنُ نَسْتَغْفِرُكَ" فَلَمَّا صَلَّى رَكْعَتَيْنِ انْجَلَتِ الشَّمْسُ، فَقَامَ فَحَمِدَ اللهَ تَعَالَى وَأَثْنَى عَلَيْهِ، ثُمَّ قَالَ: إِنَّ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ آيَتَانِ مِنْ آيَاتِ اللهِ لَا يَنْكَسِفَانِ لِمَوْتِ أَحَدٍ وَلَا لِحَيَاتِهِ، فَإِذَا انْكَسَفَا فَافْزَعُوا إِلَى ذِكْرِ اللهِ تَعَالَى.

بامحاوره ترجمو: حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جي زماني ۾ هڪ ڏينهن سج گرهڻ ٿيو. پوءِ رسول الله ﷺ اٿي نماز پڙهڻ لڳا. نماز ۾ ايترو بينا جو جڻ تہ رڪوع ڪونہ ڪندا. پوءِ پاڻ رڪوع ڪيائون ۽ ايترو ڊگهو رڪوع ڪيائون. جو جڻ تہ رڪوع مان مٿو مٿي نہ ڪندا پوءِ ڊگهو قومہ ڪيائون. پوءِ سجدو ڪيائون. سجدي ۾ گهڻي دير تائين ترسيا. ٻنهي سجدن جي وچ ۾ بہ ڊگهو جلسو ڪري، پاڻ ٻيو سجدو ڪيائون ۽ تمام ڊگهو سجدو ڪيائون جڻ تہ سجدي مان سر مبارڪ نہ ڪڍندا. ۽ سجدي جي حالت ۾ تڏا ساهہ ڪڍڻ ۽ روئڻ لڳا ۽ دعا ۾ چوڻ لڳا تہ: اي منهنجا پالڻهار! ڇا تو مون سان وعدو نہ ڪيو هو تہ جيستائين آءُ انهن ۾ هوندس، تون انهن کي عذاب نہ ڪندين. اي منهنجا پالڻهار! ڇا تنهنجو وعدو نہ آهي تہ جيڪڏهن بخشش گهرندا رهندا تہ تون انهن کي عذاب نہ ڪندين. (اي الله) اسان توکان بخشش جا طلبگار آهيون."

جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ بہ رڪعتون نماز جون ادا ڪيون تہ سج بہ کلي روشن ٿيو پوءِ پاڻ بيهي الله ﷻ جو حمد ۽ ثنا بيان ڪيائون ۽ فرمايائون تہ: "بيشڪ سج ۽ چنڊ الله ﷻ جي قدرت جون بہ نشانيون آهن انهن کي ڪنهن جي موت يا زندگيءَ جي ڪري گرهڻ نہ لڳندو آهي. جڏهن سج ۽ چنڊ کي گرهڻ لڳي تہ الله ﷻ جي ذڪر سان پناهہ وٺو.

مفردات جو شرح: "اِنْكَسَفَتِ" ورتو. "لَمْ يَكَدْ" نہ ويجهو ٿيو. "أَلَمْ تَعِدْ" ڇا تو وعدو نہ فرمايو؟ "يَنْفُخُ" ساهہ ٿي کنيائين. "اِنْجَلَتِ" روشن ٿي ويون. کلي ويو. "فَافْزَعُوا" پوءِ ڊوڙو. جلدي ڪيو.

سمجهاڻي: هن حديث شريف ۾ هڪ غلط سوچ جي ترديد ڪئي وئي آهي تہ ڪنهن جي مرڻ يا جيئڻ سان سج ورتو ويندو آهي. سج گرهڻ ٿيندي آهي اتفاق سان جنهن ڏينهن مدينہ منوره ۾ حضور ڪريم ﷺ جي فرزند حضرت ابراهيم سلام الله عليہ جو انتقال ٿيو هو تہ سج گرهڻ ٿي هئي ۽ ماڻهن ۾ اها پچر هلي تہ حضرت ابراهيم جي وفات جي ڪري سج گرهڻ ٿي آهي. حضرت نبي ڪريم جن ان جي سختيءَ سان ترديد ڪندي فرمايو تہ "جڏهن چنڊ يا سج گرهڻ ٿئي تہ نماز پڙهو استغفار ڪيو ۽

صدقو ڏيو. (انوار غوثيه ص 415) ياد رکڻ گهرجي تہ سج گرهڻ عام عادت جي خلاف آهي تنهنڪري پاڻ ڪريمن ﷺ بہ عادت جي خلاف ڊگهي نماز پڙهي تہ جيئن اهو سارو وقت الله ﷻ ڏانهن توجهہ ۾ گذري وڃي نہ تہ اجايو ماڻهو سج جي پوڄارين وانگر سج ڏانهن پيا تڪيندا. جنهن جي ڪري ڪڏهن تہ نظر ۾ نقصان ٿيو پوي. هن حديث ۾ دستور موجب هر رڪعت ۾ قراءت ڪرڻ ثابت آهي باقي جن روايتن ۾ اختلاف نظر اچي ٿو اهي گهڻو ڪري عورتن يا ننڍن ٻارن جون بيان ڪيل آهن. هن نماز ۾ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جو شوڪارا ڀري روئڻ ان جي ڪري هو جو ان وقت مٿن الله ﷻ جي جلال جو ظهور هو. تنهنڪري پاڻ دعا ۾ ان آيت جو ذڪر ڪيائون جيڪا نائين سيپاري جي آخر ۾ آهي: " وَمَا كَانَ اللهُ لِيُعَذِّبَهُمْ وَأَنْتَ فِيهِمْ وَمَا كَانَ اللهُ مُعَذِّبَهُمْ وَهُمْ يَسْتَغْفِرُونَ (سورة الانفال آيت 33)" (الله ﷻ ائين نہ ڪندو جو تنهنجي هوندي انهن کي عذاب ڪري ۽ الله ﷻ ائين نہ ڪندو جو انهن کي ان حال ۾ عذاب ڪري جو اهي مغفرت پيا طلب ڪن.) سندن دعا جو مطلب هو تہ: جيڪڏهن انسانن کي عذاب ڪرڻ جو ارادو آهي تہ اسين معافي ٿا گهرون. (فضائل النبي ﷺ ص 181) علامہ البيجوري لکيو آهي تہ: جمهور سيرت نگارن جو قول آهي تہ حضرت نبي ڪريم جن جي فرزند حضرت ابراهيم جي وفات سن ڏهہ هجري ۾ ٿي هئي ۽ بعض جو قول آهي تہ نوَ (9) هجريءَ ۾ ٿي هئي ۽ نووي لکيو آهي تہ: سج گرهڻ جہ نماز بہ صرف ان ڏينهن پڙهي وئي ۽ باقي چنڊ گرهڻ جي نماز پنجين سال هجريءَ ۾ ٿي هئي ۽ حضرت نبي ڪريم جن ان وقت بہ چنڊ آزاد ڪرائڻ جي لاءِ صلواة الخسوف نماز پڙهي هئي. پاڻ سج جي آزاد ڪرائڻ جي لاءِ نماز ۾ قراءة ايتري ڊگهي ڪئي هيائون جو پويان بيهندڙن سمجهيو تہ شايد رڪوع نہ ڪندا پاڻ ان جي پهرين رڪعت ۾ سورة البقرة جيترو قدر بيٺا هئا. ۽ رڪوع ۾ ايترو بيٺا جو سمجهيو ويو تہ شايد مٿو مبارڪ مٿي نہ کڻندا. سجدي ۾ اهڙي طرح ڊيگهہ ڪئي هيائون. ۽ ٻن سجدن جي وچ ۾ ايترو گهڻو وقت ويٺا هئا ۽ هن حديث ۾ صاف آيل آهي تہ پاڻ هڪ رڪعت ۾ هڪ رڪوع ڪيو هيائون ۽ هي امام ابو حنيفہ جي مذهب جو دليل آهي ۽ پاڻ دعا ۾ روئي شوڪارا ڀري عرض ڪندا رهيا تہ: اي منهنجا رب! ڇا تو مون سان وعدو نہ ڪيو آهي تہ "منهنجي هوندي ۽ مغفرت طلب ڪندي تون انهن کي عذاب نہ ڪندين" ۽ اهو ان جي ڪري ٿي چيائون جو ان مهل عذاب جو گمان هو. ورنہ تہ الله ﷻ وعدي جي مخالفت نہ ڪندو آهي. پاڻ نماز پڙهي بس ڪيائون تہ سج روشن ٿي ويو ۽ پوءِ پاڻ منبر تي چڙهي حمد ۽ ثنا ڪري خطبہ ارشاد فرمايائون تہ سج ۽ چنڊ الله ﷻ جي نشانين مان بہ نشانيون آهن (جيڪي سندس وحدانيت، قدرت ۽ ظاهر سلطنت تي دلالت ڪندڙ آهن يا ٻانهن کي خوف ڏيارڻ تي دلالت ڪندڙ آهن. پاڻ الہ نہ آهن اهي الله ﷻ جي امر جا تابع آهن گهٽ وڌ ٿيندڙ تغير قبول ڪندڙ آهن اهي ڪنهن جي موت يا حياتيءَ جي ڪري گرهڻ ۾ نہ ايندا آهن. جڏهن اهي گرهڻ ۾ اچن تہ اوهان نماز ڏانهن ۽ الله ﷻ کان معافي گهرڻ ڏانهن توجهہ ڪيو ۽ جلدي وڃي ان جي اڳيان سجدو ڪريو. (المواهب ص 532) علامہ علي القاري احمد، ابنِ خزيمہ ابنِ حبان ۽ طبري جي روايت سان آندو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن شوڪارا ڀري، سجدي ۾ رنا هئا ۽ اهو نماز جي ٻي رڪعت ۾ هو ۽ بعضي روايتن ۾ جو آيو آهي تہ: حضور ڪريم ﷺ جن صلواة الڪسوف جي هڪ رڪعت ۾ بہ رڪوع ڪيا هئا. ان جي متعلق گهڻو اختلاف آهي پر اسان حنفين

جي امامن مان امام محمد فرمايو آهي تہ : ان جو تاويل هي آهي تہ : حضور ڪريم جن جڏهن رڪوع ڊگهو ڪيو تہ پويان بيٺل صفن مان شايد ان گمان سان تہ حضور ڪريم ﷺ جن رڪوع مان مٿو ڪنيو آهي انهن جي پويان بيٺلن بہ مٿو ڪنيو پر جڏهن پهرين ڏٺو تہ حضور ڪريم ﷺ جن اڃان رڪوع ۾ آهن تہ اهي وري رڪوع ۾ آيا ۽ انهن کان پويان بيٺلن بہ ڏٺو تہ اهي وري رڪوع ۾ آيا ۽ انهن سمجهيو تہ حضور ڪريم ﷺ جن وري ٻيو رڪوع ڪيو آهي ۽ انهن ٻن رڪوعن واري روايت بيان ڪئي. ۽ هن تي اها ڳالهہ بہ دلالت ڪري ٿي تہ حضور ڪريم ﷺ جن اها نماز صرف هڪ ڀيرو مدينہ منوره ۾ پڙهي هئي ان تي محدثن ۽ سيرت نگارن جو اتفاق آهي

حضرت ابراهيم جي وفات ڪهڙي سال ۾ ٿي؟ : حضرت ابراهيم ﷺ جي وفات تہ مدينہ منوره ۾ ٿي هئي پر سال ڪهڙو هو سيرت نگارن مان جمهور جو قول آهي تہ ڏهون سال هجري هو ۽ مهينو ڪهڙو هو. بعض جو قول آهي تہ ربيع الاول هو ۽ بعض جو قول آهي تہ رمضان هو. ڪن ذوالحج چيو آهي پر اهو قول مردود آهي ڇوتہ حضور ڪريم ﷺ ان وقت حجة الوداع تي مڪہ مڪرمہ ۾ هيا مدينہ منوره ۾ هيائي ڪونہ. ۽ حضور ڪريم ﷺ جن جو فرمان آهي تہ : هي (سج ۽ چنڊ جو ونجڻ) نشانيون آهن جن سان الله پنهنجن ٻانهن کي خوف ڏياري ٿو پوءِ جڏهن اهي ڏسو تہ نماز پڙهو ۽ خوف ياد ڏياريو ۽ صرف نماز جي امر ۽ خطبہ جي امر نہ ڪرڻ مان ثابت ٿيو تہ سج گرهڻ جي نماز ۾ خطبہ ضروري ناهي.

(جمع الوسائل ج 2 ص 120)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب الصلواة باب 268 رقم الحديث 1194 ج 1 ص 310 {2} النسائي في كتاب الكسوف باب 14 نوع آخر ج 3 ص 137 {3} احمد في المسند ج 2 ص 159 {4} الحاكم في المستدرك ج 1 ص 329 {5} البيهقي في سننه ج 3 ص 324 {6} ابن خزيمه في صحيحه رقم الحديث 1389 ج 2 ص 321.

{326} حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلَانَ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو أَحْمَدَ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ، عَنْ عَطَاءِ بْنِ السَّائِبِ، عَنْ عِكْرِمَةَ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ: أَخَذَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ابْنَةً لَهُ تَقْضِي فَاحْتَضَنَهَا فَوَضَعَهَا بَيْنَ يَدَيْهِ فَمَاتَتْ وَهِيَ بَيْنَ يَدَيْهِ وَصَاحَتْ أُمُّ أَيْمَنَ فَقَالَ - يَعْنِي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ - أَتَبْكِينَ عِنْدَ رَسُولِ اللهِ؟ فَقَالَتْ: أَلَسْتُ أَرَاكَ تَبْكِي؟ قَالَ: إِنِّي لَسْتُ أَبْكِي، إِنَّمَا هِيَ رَحْمَةٌ، إِنَّ الْمُؤْمِنَ بِكُلِّ خَيْرٍ عَلَى كُلِّ حَالٍ، إِنَّ نَفْسَهُ تُنْزَعُ مِنْ بَيْنِ جَنْبَيْهِ، وَهُوَ يَحْمَدُ اللهَ عَزَّ وَجَلَّ.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابن عباس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن پنهنجي هڪ نياٽيءَ کي وفات ڪرڻ مهل پنهنجي هنج ۾ ڪنيو. ان کان پوءِ اها سندن اڳيان وفات ڪري وئي. (ان تي پاڻ ڪريم ﷺ جي ٻانهيءَ) حضرت ام ايمن ﷺ (صدمي جي ڪري) دانهن ڪئي. نبي ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو : ڇا تون الله ﷻ جي رسول آڏو روئين ٿي؟ ام ايمن ﷺ عرض ڪيو تہ يا رسول الله! ﷺ ڇا اوهان ڪونہ روئي رهيا آهيو؟ پاڻ سڳورن ﷺ ارشاد فرمايو: " آءُ روئان ڪونہ ٿو اهي (رڳو ڳوڙها ڳاڙڻ) تہ رحمت آهن ڇوتہ مؤمن تہ هر حال ۾ نيڪي ۽ ڀلائيءَ ۾ آهي. جو بيشڪ ان جو ساهہ ٻن پاسن جي وچان ڪڍيو ويندو آهي تہ ان حالت ۾ بہ اهو الله ﷻ جو حمد ۽ ساراهہ پيو ڪندو آهي."

مفردات جو شرح: "تَقْضِي" موت کي ويجهي پهتي هئي. "فَاحْتَضَنَهَا" پوءِ ان کي جهولي ۾ رکيائين. هي "حضن" مصدر کان ورتل آهي. "صَاحَتْ" دانهون ڪري رنائين. "تُنْزَعُ" ڪڍيو وڃي ٿو. هن جي مصدر "نزع" آهي، نزع جي معنيٰ ڪڍڻ آهي "جَنْبَ" پاسو.

سمجهاڻي: هن حديث مان معلوم ٿيو تہ ميت تي دانهون ڪري روئڻ، جزع، فزع ڪرڻ جو اظهار ڪرڻ شرعًا منع آهي، پِٽڻ، وار پٽڻ، گريبان ڦاڙڻ، منهن تي ڏک هڻڻ، سينو ڪُٽڻ، مٿي وجهڻ اهي سمورا روئڻ جا قسم قطعي طورمنع آهن. انهن طريقن استعمال ڪرڻ کان حضور ڪريم ﷺ جن سختيءَ سان منع ڪيو آهي جيئن ڪيترين حديثن ۾ آيو آهي ۽ ان جي ڪري بيبي ام ايمن ﷜ کي فرمايائون تہ "منهنجو روئڻ تنهنجي روئڻ جهڙو ناهي" ۽ هي منهنجي اکين مان پاڻيءَ جو وهڻ عام روئڻ ناهي هن ۾ صبر آهي، حوصلو آهي، دانهن ناهي هاءِ گهوڙا ناهي، مرثيہ ناهي. بلڪ مصيبت تي الله ﷻ جي حضور ۾ صبر ۽ استقامت جي دعا ڪرڻ آهي.

پٽڻ ۽ پاڻ ڪُٽڻ کان منع: حضرت ابنِ مسعود ﷜ کان روايت آهي تہ سرورِ ڪائنات ﷺ جن ارشاد فرمايو" لَيْسَ مِنَّا مَنْ ضَرَبَ الْخُدُوْدَ وَ شَقَّ الْجُيُوْبَ وَدَعَا بِدَعوَى الْجَاهِلِيَّةِ" (جنهن منهن تي ڏک هنيا ۽ گريبان ڦاڙيا ۽ جاهليت وارا الفاظ استعمال ڪيا اهو اسان مان ناهي.) (بخاري ومسلم) مقصد تہ جيڪو شور ۽ گوڙ ڪري، واويلا مچائي. حضرت ابي سعيد خدري ﷜ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: "لَعَنَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ النَّائِحَةَ وَالْمُسْتَمِعَةَ" يعني رسول الله ﷺ جن پٽيندڙ ۽ ٻڌندڙ تي لعنت ڪئي آهي. مطلب تہ اهڙي قسم جون عورتون الله ﷻ جي رحمت کان پري آهن. بخاري ۽ مسلم ۾ ابي برده ﷜ کان روايت آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو: "اَنَا بَرِىءٌ مِّمَّنْ حَلَقَ وَصَلَقَ وَ خَرَقَ" مان ان شخص کان بيزار آهيان، جنهن (ماتم جي ارادي سان) مٿو ڪوڙايو ۽ دانهون ڪري رنو ۽ پنهنجا ڪپڙا ڦاڙيا." باقي حضور ڪريم ﷺ جن جو اکين مان پاڻي وهائڻ سو ان جي متعلق پاڻ فرمايو اٿن تہ "هي الله ﷻ جي رحمت آهي" يعني هي روئڻ الله ﷻ جي رحمت جي آثار مان آهي ۽ اهو ممنوع ناهي. (انوارِ غوثيه ص 417،416) هن روايت ۾ بيبي ام ايمن ﷜ جو ذڪر آهي هن حضور ڪريم ﷺ جن کي نپايو هو. ۽ سندن آزاد ڪيل ٻانهي هئي جيڪا کين سندن والد حضرت عبدالله ﷜ جي ورثي ۾ ملي هئي. ۽ جڏهن حضور ڪريم جن حضرت خديجه ﷜ سان شادي ڪئي تڏهن ام ايمن ﷜ کي آزاد ڪري ان جي پنهنجي آزاد ڪيل غلام زيد ﷜ سان شادي ڪرائي. هيائون جنهن مان کيس اسامہ پٽ ڄائو هو ۽ ان حضرت عمر ﷜ جي وفات کان ويهہ ڏينهن پوءِ وفات ڪئي هئي. ام ايمن ﷜ احد جي جنگ ۾ حاضر هئي ۽ ڦٽيل صحابن جي دوا ڪندي ۽ انهن کي پاڻي پياريندي هئي ۽ جڏهن تہ ان جو روئڻ ۽ دانهن ڪرڻ وڏي آواز سان هو ۽ اهو حرام آهي ان جي ڪري ڪيس روڪيو ويو. ۽ جڏهن محبوب ڪريم ﷺ جن کي عرض ڪيائين تہ : اوهان پاڻ روئي رهيا آهيو؟ تہ جواب ۾ کيس فرمايائون "منهنجو اهو روئڻ رحمت آهي" ۽ صحيحين ۾ وڌيڪ آهي تہ "جَعَلَهَا اللهُ فِي قُلُوْبِ عِبَادِهٖ فَاِنَّمَا يَرْحَمُ اللهُ مِنْ عِبَادِهِ الرُّحَمَاءَ" (اها (رحمت) الله ﷻ پنهنجي ٻانهن جي دلين ۾ رکي آهي بلاشڪ الله ﷻ پنهنجي ٻانهن مان رحم ڪرڻ وارن تي رحم ڪندو آهي)

اعتراض: ام المؤمنين سيده عائشه صديقه ﷝ کان روايت آهي تہ : رسول الله ﷺ جن ڪنهن ميت تي

ڪڏهن رنو نہ هو“ پوءِ مٿين روايت ۾ ڪيئن آهي تہ پاڻ رنو هيائون؟

جواب: ان مان مراد آهي تہ ميت تي افسوس ۾ نہ رنو هيائون ۽ هتي مذڪوره روايت ۾ رحمت واري روئڻ جو ذڪر آهي ۽ هن جي تائيد ان روايت سان بہ ٿي رهي آهي جنهن ۾ آيو آهي تہ ”اِنَّ الْعَيْنَ تَدْمَعُ وَالْقَلْبَ يَحْزُنَ وَلَا نَقُوْلُ اِلَّا مَايُرْضِي الرَّبَّ وَاِنَّا عَلٰى فِرَاقِكَ يَا اِبْرَاهِيْمُ لَمَحْزُوْنُوْنَ.“ (يعني حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن پنهنجي فرزند حضرت ابراهيم ﷺ جي وفات وقت فرمايو) اک هنجون هاري ٿي ۽ قلب ڏک ڪري ٿو ۽ اسين اهو گفتو ڪيون ٿا جيڪو رب کي راضي ڪري ٿو. ۽ اي ابراهيم! بيشڪ اسين تنهنجي فراق تي ڏکويل آهيون.“

ضروري وضاحت: هن روايت ۾ آهي تہ ام ايمن ﷺ جڏهن حاضر ٿي تہ حضور ڪريم ﷺ جن ننڍڙي نياڻيءَ کي هنج ۾ رکيو ويٺا هئا ۽ ان اتيئي وفات ڪئي. هن ننڍڙي نياڻي مان مراد ڪهڙي نياڻي آهي؟ سندن حقيقي نياڻي تہ نہ ٿي ٿي سگهي ڇوتہ سيرت نگار، محدث ۽ مورخ ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ سندن چار ئي نياڻيون وڏي عمر ۾ فوت ٿيون هيون ڪابہ ننڍي عمر ۾ فوت نہ ٿي آهي پر جيڪڏهن سندن نياڻي مراد ونجي ۽ ان کي مجازي طور سندن نياڻي سڏيو وڃي تہ اهو پرانهون ناهي ممڪن آهي پر اهڙي ڪابہ روايت آيل ناهي تہ سندن نياڻي ننڍي عمر ۾ وفات ڪئي هئي. حضرت نبي ڪريم ﷺ جي نياڻي سيده زينب ﷺ کي امامة نالي نياڻي هئي پر اها بہ وڏي ٿي هئي جنهن سان سيده فاطمہ زهراء ﷺ جي وفات کان پوءِ حضرت علي ﷺ نڪاح ڪيو هو. ۽ حضرت علي ﷺ جي شهيد ٿيڻ تائين ان سان گڏ رهي. باقي امام احمد جي روايت تہ حضرت زينب ﷺ جي نياڻي حضور ڪريم جي خدمت ۾ نزع (سڪرات) جي حالت ۾ آندي وئي. ان مان مراد آهي تہ ان حالت ۾ هئي پر حضور ڪريم ﷺ جي برڪت سان ان مان نڪري وڏي ڄمار ماڻي هيائين. ان جي ڪري هن روايت ۾ وهم آهي ۽ مراد حضور ڪريم جن جو ڪوبہ فرزند آهي ڇوتہ انهن جي وفات انهن جي ننڍي عمر ۾ ٿي هئي. ۽ هي بہ امڪان آهي تہ ان مان مراد سندن نياڻيءَ جو فرزند هجي، ۽ اهو ظاهر آهي. ”الاسبابُ الميلادي“ ۾ آهي تہ سندن نياڻي رقيه کي حضرت عثمان ﷺ مان پٽ ڄائو هو جنهن جو نالو عبدالله رکيو هيائون ۽ ان حضور ڪريم ﷺ جي هنج ۾ وفات ڪئي هئي. ۽ پاڻ اکين مبارڪن مان پاڻي وهايو هيائون. ۽ مسند بزار ۾ آهي تہ سيده فاطمہ زهراء جو ننڍڙو پٽ محسن بن علي ﷺ سخت بيمار ٿيو پوءِ سيده سڳوري ﷺ حضور ڪريم جن ڏانهن ماڻهو موڪليو هو ۽ اهل علم بالاخبار جو اتفاق آهي تہ اهو ننڍي عمر ۾ وفات ڪري ويو هو. (جمع الوسائل ج 2 ص 122) علامہ البيجوري حديث جي وضاحت ڪندي لکيو آهي تہ : اها نياڻي حضور ڪريم ﷺ جي ڌيءُ سيده زينب ﷺ جي هئي. جيڪا ڪيس حضرت ابو العاص بن الربيع ﷺ مان ڄائي هئي. ان نياڻيءَ جي حضور ڪريم ﷺ جن ڏانهن نسبت مجازي آهي ۽ هن حديث ۾ مذڪور نياڻي حضور ڪريم جي صلبي، سڳي نياڻي مراد ناهي ڇوتہ حضور ڪريم جن جون چار نياڻيون هيون جيڪي وڏيون ٿيون هيون، ۽ شاديون ڪيون هيائون. جيتوڻيڪ انهن مان ٽي حبيب ڪريم ﷺ جي ظاهري زندگيءَ ۾ وفات ڪري چڪيون هيون پر انهن مان هڪ بہ ننڍي نہ هئي ۽ نسائي جي روايت ۾ ان جي وصف بيان ٿيل آهي پوءِ مقرر ڪيو ويو تہ ان مان مراد سندن نياڻي جي نياڻي آهي ۽ اها امامة بنت زينب ﷺ آهي ۽

حديث جي لفظ "تقضي" مان مراد موت نہ پر موت جي قريب اچڻ آهي ڇوتہ امامة ﵂ زندھ رهي ۽ حضرت فاطمہ ﵂ کان پوءِ حضرت علي ﵁ ان سان شادي ڪئي هئي. جيئن اهل علم الاخبار جو ان تي اتفاق آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جو ان کي ارشاد تہ "مومن هر حال ۾ ڀلائي تي هوندو آهي" جو مطلب آهي تہ اهو نعمت هجي يا مصيبت هجي هر حال ۾ الله ﷻ جو حمد ڪندو نعمت تي حمد ڪرڻ تہ ظاهر آهي پر مصيبت تي حمد ڪرڻ سو ان جي ڪري جو محنت سان مهرباني ٿيندي آهي ان ۾ ثواب ملندو آهي. (المواهب ص 433) بعض شارحن لکيو آهي تہ واقعو ڪنهن جو بہ آهي پر ان مان مقصود حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي دلي نرمي جو بيان آهي ۽ سنگدلي شفقت جي خلاف آهي ۽ اولاد سان فطري محبت نہ نبوت جي خلاف آهي نہ ولايت جي خلاف بلڪ نرم دلي سني صفت آهي ۽ پاڻ صبر جي تلقين ڪندي فرمايائون تہ: مومن جو شان آهي جو ٻيون تڪليفون تہ ڇڏ پر ساهہ نڪرڻ وقت بہ پنهنجي مالڪ جو شڪر ڪندي دم ڏيندو آهي ڇوتہ موت بہ مومن جي لاءِ تحفو آهي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي في كتاب الجنائز باب 13 في البكاء علي الميت ج 3 ص 12 {2} احمد في المسند ج 1 ص 273 {4} ابن حبان برقم 746، موارد الظمآن ص 190، البزار برقم 808

{327} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمٰنِ بْنُ مَهْدِيٍّ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ، عَنْ عَاصِمِ بْنِ عُبَيْدِ اللهِ، عَنِ الْقَاسِمِ بْنِ مُحَمَّدٍ، عَنْ عَائِشَةَ: أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَبَّلَ عُثْمَانَ بْنَ مَظْعُونٍ وَهُوَ مَيِّتٌ وَهُوَ يَبْكِي أَوْ قَالَ: عَيْنَاهُ تَهْرَاقَانِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عائشه ﵂ کان روايت آهي تہ جڏهن عثمان بن مظعون ﵁ وفات ڪري ويو تہ رسول الله ﷺ جن ان (کي پيشانيءَ تي) چمي ڏني، ان وقت پاڻ ڪريم ﷺ رنا پي يا راوي چيو تہ سندن اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هئا.

مفردات جو شرح: "قَبَّلَ" تقبيل کان ورتل آهي معنيٰ چمڻ، بوسو ڏيڻ. "تُهْرَاقَانِ" گهڻو پاڻي وهائي رهيون هيون.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ ذڪر ڪيل حضرت عثمان بن مظعون ﵁ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جو رضاعي (کير جو) ڀاءُ هو. قريشي هو. ٽيرهن مسلمانن کان پوءِ ايمان آندو هيائين. ۽ ٻئي هجرتون ڪيون هيائين. وڏو عابد، مجاهده جو صاحب، فضلاء صحابہ مان هو. جنگ بدر ۾ شريڪ هو ۽ هن ڀلاري اسلام قبول ڪرڻ کان اڳي بہ شراب نہ پيتو هو. هي پهريون مهاجر صحابي هو جنهن شعبان مهيني ۾ هجرت کان ٽيهہ مهينا پوءِ وفات ڪئي ۽ جڏهن جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو تہ حضور ڪريم ﷺ فرمايو: "نِعمَ السَّلَفُ هُوَلَنَا" (اسان جي لاءِ اهو ڀلو اڳواڻ آهي) ان جي وفات تي حضور ڪريم ﷺ جن ايترو رُنا جو سندن ڳوڙها مبارڪ حضرت عثمان بن مظعون ﵁ جي منهن مبارڪ تي ڪري رهيا هئا ۽ ابن الجوزي ڪتاب "الوفا" ۾ سيده عائشه صديقه ﵂ کان روايت آندي آهي تہ: جڏهن (حضرت) عثمان بن مظعون ﵁ وفات ڪئي تہ رسول الله ﷺ جن ان جي منهن تان ڪپڙو پري ڪري ان جي ٻن اکين جي وچ تي چمي ڏني ۽ جڏهن (وهنجارڻ واري) تختي تان ڪنيو ويو تہ حضور

نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو. "طُوبٰى لَكَ يَا عُثْمَانُ لَمْ تَلْبَسْكَ الدُّنْيَا وَلَمْ تَلْبَسْهَا" (اي عثمان تنهنجي لاءِ خوشخبري آهي نہ دنيا توسان مليل رهي ۽ نہ تون ان سان مليل رهيو هئين.) (جمع الوسائل ج 2 ص 123)
علامہ ابنِ حجر هيتمي مڪي لکيو آهي تہ: هن مان ثابت ٿيو تہ صالح ٻانهي جي پيشانيءَ تي چُمي ڏيڻ مستحب آهي. اڳتي لکيو اٿس تہ الله جل جلاله جي خوف کان روئڻ حبيب ڪريم ﷺ جن جو گهڻو معمول هيو. (اشرف الوسائل ص 461)
هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب الجنائز باب 40 في تقبيل الميت رقم الحديث 3163 ج 3 ص 201 {2} ابنِ ماجه في كتاب الجنائز باب 7 ماجاء في تقبيل الميت رقم الحديث 1547 {3} احمد في المسند ج 6 ص 43 {4} ابن سعد في الطبقات ج 3 ص 396 {5} الحاكم في المستدرک ج 3 ص 190 {6} البيهقي في سننه ج 3 ص 407 {7} الطيالسي في مسنده رقم الحديث 1415 ص 201.

{328} حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مَنْصُورٍ قَالَ: أَخْبَرَنَا أَبُو عَامِرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا فُلَيْحٌ وَهُوَ ابْنُ سُلَيْمَانَ، عَنْ هِلَالِ بْنِ عَلِيٍّ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ: شَهِدْنَا ابْنَةً لِرَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَرَسُولُ اللهِ جَالِسٌ عَلَى الْقَبْرِ فَرَأَيْتُ عَيْنَيْهِ تَدْمَعَانِ، فَقَالَ: أَفِيكُمْ رَجُلٌ لَمْ يُقَارِفِ اللَّيْلَةَ؟ قَالَ أَبُو طَلْحَةَ: أَنَا قَالَ: انْزِلْ فَنَزَلَ فِي قَبْرِهَا.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ اسان رسول الله ﷺ جي هڪ نياڻي (ام ڪلثوم رضي الله عنها) جي جنازي تي حاضر ٿياسون تہ رسول الله ﷺ جن قبر تي ويٺا هئا. مون ڏٺو تہ سندن اکين مان ڳوڙها ٽِمي رهيا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "اوهان ۾ ڪو اهڙو ماڻهو آهي جنهن اڄ رات پنهنجي گهرواريءَ سان صحبت نہ ڪئي هجي." ابو طلحہ رضي الله عنه چيو تہ آءٌ آهيان. پاڻ سڳورن ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ تون هيٺ قبر ۾ لهہ پوءِ ابو طلحه رضي الله عنه ان جي قبر ۾ ميت دفن ڪرڻ لاءِ لٿو. (۽ ان کي قبر ۾ دفن ڪيائين)
مفردات جو شرح: "تَدْمَعَانِ" اکيون هنجون هاري رهيون هيون، روئي رهيا هئا. "لَمْ يُقَارِفِ" پنهنجي زال سان صحبت نہ ڪئي هجيس. "يُقَارِفِ" "قرف" کان ورتل آهي هن جي معنيٰ آهي ويجهو ٿيڻ، جماع ڪرڻ.
سمجهاڻي: هن روايت ۾ حضور ڪريم ﷺ جي جنهن نياڻيءَ جو ذڪر آهي اها ام ڪلثوم رضي الله عنها هئي. جيڪا سيدنا عثمان بن عفان رضي الله عنه جي ٻي گهرواري هئي. پهرين سيده رقيه هئي. اهڙي طرح واقدي سليمان بن فليح کان هن اسناد سان آندو آهي. ابن سعد "الطبقات" ۾ سيده ام ڪلثوم رضي الله عنها جي ذڪر ۾ بہ ان طرح آندو آهي ان هن نياڻيءَ مان مراد سيده رقيہ رضي الله عنها ورتي آهي اهو غلط آهي ڇو تہ رسول الله ﷺ جن ان جي وفات وقت بدر جي جنگ ۾ مصروف هئا. مدينہ منوره ۾ تشريف فرما نہ هئا ۽ نہ سيده رقيه رضي الله عنها جي تدفين ۾ شريڪ هئا ۽ هتي جنهن صحابي عرض ڪيو تہ مون رات پنهنجي گهرواري سان صحبت نہ ڪئي آهي اهو ابو طلحه رضي الله عنه آهي ان جو نالو زيد بن سهل الانصاري الخزرجي رضي الله عنه آهي ابو طلحه ڪنيت ان تي غالب رهي. مشهور صحابي آهي سيني جنگين ۾ موجود رهيو هو. ان جي باري ۾ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو هو. "لَصَوْتُ أَبِي طَلْحَةَ فِي الْجَيْشِ خَيْرٌ مِنْ مِائَةِ رَجُلٍ" (ابو طلحه جو

(جنگ جي) لشڪر ۾ آواز سؤ مڙسن کان ڀلو آهي.) حنين جي جنگ ۾ ويهہ ڪافر ڪُٺا هيائين. هن جا فضائل گھڻا آهن ۽ هن حديث مان ثابت ٿيو تہ جيڪڏهن وارث پنهنجي وفات ڪيل نياڻي وغيره ڪي قبر ۾ لاهڻ جي لاءِ ڪنهن ڌارئي کي امر ڪري تہ جائز آهي ۽ هن مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ عورت کي قبر ۾ مرد لاهن ڇو تہ اهي قوت وڌيڪ رکن ٿا ۽ اهڙين صورتن ۾ صالحن سان وسيلو وٺڻ جائز آهي ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ ان جي قبر مبارڪ ۾ حضرت علي، حضرت فضل بن عباس ۽ حضرت اسامہ رضي الله عنهم بہ لٿل هئا. ۽ حضرت ابو طلحه انهن سان تعاون جي لاءِ لٿو هو. ۽ الدولابي روايت اندي آهي تہ جڏهن حضرت نبي ڪريم ﷺ جن سان سندن پاڪ نياڻي سيده رقيہ رضي الله عنها جي وفات تي تعزيت ڪئي وئي تہ پاڻ فرمايائون تہ "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ دَفْنُ الْبَنَاتِ مِنَ الْمَكْرَمَاتِ" (هر حمد الله جل جلاله جي لاءِ ثابت آهي نياڻين جو دفن ڪرڻ عزت وارن امرن مان آهي) ان کان پوءِ پنهنجي نياڻي امِ ڪلثوم رضي الله عنها جي شادي حضرت عثمان سان ڪرايائون ۽ فرمايائون تہ:" وَالَّذِیْ نَفْسِیْ بِیَدِهٖ لَوْاَنَّ عِنْدِیْ مِائَةَ بِنْتٍ یَمُتْنَ وَاحِدَةً بَعْدَ وَاحِدَةٍ زَوَّجْتُكَ اُخْرٰی هٰذَا جِبْرِيْلُ اَخْبَرَنِیْ اَنَّ اللّٰهَ یَاْمُرُنِیْ اَنْ اُزَوِّجَكَهَا " (رواه الفضائلي) (ان پاڪ ذات جو قسم آهي جنهن جي قدرتي هٿ ۾ منهنجو ساهہ آهي تہ جيڪڏهن مون وٽ سؤ نياڻيون هجن ها هڪ هڪ وفات ڪندي وڃي ها تہ توکي بہ پرڻائيندو وڃان ها هي جبريل آهي مون کي ٻڌائي پيو تہ بيشڪ الله جل جلاله مون کي امر ٿو ڪري تہ توکي ان (ام ڪلثوم) سان شادي ڪرايان ۽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي وڏي نياڻي جنهن جي سندس ماسات ابو العاص بن الربيع رضي الله عنه سان شادي ڪيل هئي ان سن 8 هہ ۾ وفات ڪئي هئي. ابن عبدالبر فرمايو تہ: حضور ڪريم ﷺ جي نياڻين ۾ فاطمه ۽ ام ڪلثوم رضي الله عنهما پليون هيون ۽ فاطمه رضي الله عنها سان حضور ڪريم ﷺ جي وڌيڪ محبت هئي ان مان ئي حسنين ڪريمين رضي الله عنهما جي ذريعي حضور ڪريم ﷺ جو اولاد دنيا تي رهيو (حضور ڪريم ﷺ جي چئن نياڻين جو ثبوت مون (يعني راقم الحروف) پنهنجي ڪتاب "التحرير المقبول في اخبار اولاد الرسول" ۾ لکيو آهي. ان ۾ ڏسڻ گھرجي. (الفقير محمد ادريس عفي عنہ) علامہ علي القاري لکيو آهي تہ حضرت حبيبِ ڪريم ﷺ جي فرزندن جي تعداد ۾ اختلاف آهي اصح قول مطابق سندن ٽي فرزند هئا. حضرت ابراهيم هڪ ماريہ قبطيہ مان هو باقي سندن سمورو اولاد حضرت خديجة الڪبريٰ رضي الله عنها مان هو. (جمع الوسائل ج 2 ص 124) علامہ ابنِ حجر هيتمي مڪي لکيو آهي تہ سيده ام ڪلثوم کي اسماء بنت عميس ۽ صفيه بنت عبدالمطلب رضي الله عنها غسل ڏنو هو ۽ اتي ام عطيہ رضي الله عنها بہ موجود هئي ۽ ان حضور ڪريم ﷺ جو فرمان روايت ڪيو آهي تہ "اِغْسِلْنَهَا ثَلَاثًا اَوْ خَمْسًا" هن کي ٽي يا پنج ڀيرا (پاڻي هاري) غسل ڏيو) ۽ ان روايت ۾ ائين بہ آيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن انهن وهنجارڻ وارين کي پنهنجي چادر ڏئي فرمايو تہ "اها ان جي ڪفن جو اندريون حصو بنايو جيڪا سندس پاڪ وجود کي لڳي. ۽ حضور ڪريم ﷺ جون اهي ٻئي رقيہ ۽ ام ڪلثوم نياڻيون رضي الله عنهما (ڪافرن سان رشتي ڪرڻ جي حرام هجڻ واري حڪم کان پهريان) ابو لهب جي پٽن کي نڪاح ڪري ڏنيون ويون هيون (پر اجان پرڻو رخصتي نہ ٿي هئي) پوءِ ابو لهب پنهنجن پٽن کي اهو رشتو ٽوڙڻ لاءِ چيو ۽ انهن ٽوڙي ڇڏيو. انهن مان هڪ عتبة نالي حضور ڪريم ﷺ جن جي قميص پاڪ کي شهيد ڪيو تہ الله جل جلاله جي حبيب ﷺ ان لاءِ فرمايو "الله جل جلاله ان تي پنهنجن (پيدا ڪيلن) ڪتن مان هڪ ڪتو موڪليندو." ۽ اهو جڏهن شام

ملڪ ۾ قريش جي قافلي سان تجارت جي لاءِ ويو ۽ زرقاء نالي مقام ۾ هئا تہ رات جو هڪ شينهن انهن وٽ ڦرڻ لڳو. عتبة نڪري ڇوڙ لڳو تہ "منهنجي ماءُ جي لاءِ ويل آهي هي اهو ڪتو آهي جنهن جي متعلق مون لاءِ (حضرت) نبي ڪريم (ﷺ) ڇيو هو پوءِ سيني ماڻهن ڪي ڇڏي ان تي شينهن حملو ڪيو ۽ ان جي مُنڍي پٽي ڪٽي هليو ويو ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ "اهو انهن سيني کي سنگهندو عتبة جي مٿان اچي بيٺو ۽ پڇ کي وٽ ڏئي هن کي چنبو هڻي ماري هليو ويو ۽ حضرت عثمان ﷛ جي سيده رقيہ ﷝ سان مڪ مڪرمہ ۾ شادي ٿي هئي. ۽ ان سان گڏ حبش ڏانهن ۽ مدينہ منوره ڏانهن هجرت ڪئي هيائين. ۽ سندن وڏي نياڻي سيده زينب ﷝ کي حضرت ابو العاص بن الربيع ﷛ مان پُٽ ڄائو هو ۽ اهو ۽ ان جي ڀيڻ امامہ حضرت نبي ڪريم سان سندن سواريءَ تي ٻيلهہ چڙهيا هئا ۽ اها امامة اها آهي جنهن کي رسول الله ﷺ جن صبح جي نماز ۾ ڪلهي تي ويهاريو هو ۽ جڏهن رڪوع تي ڪيائون تہ ڪيس لاٿائون ٿي ۽ سيده فاطمہ ﷝ جي وفات کان پوءِ حضرت علي ﷛ ان سان نڪاح ڪيو هو ۽ فاطمہ البتول ﷝ سيني کان ننڍي هئي جنهن سان آسمان کان وحي اچڻ سان ٻئي سن هجريءَ ۾ حضرت علي ﷛ جو نڪاح ٿيو ۽ نڪاح کان ساڍا نوَ مهينا پوءِ پرڻو ٿيو هو. ان وقت سيده فاطمہ زهره ﷝ جي عمر مبارڪ ساڍا پندرهن سال ۽ حضرت علي ﷛ جي عمر ايڪيهن سالن جي قريب هئي. ٿورو اڳتي لکيو اٿس تہ حضرت علي ﷛ کي حضور ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو "مون توسان فاطمه جو نڪاح چار سؤ مثقال چاندي جي مهر عيوض ڪيو آهي جيڪڏهن تون راضي آهين تہ "حضرت علي ﷛ عرض ڪيو تہ "يا رسول الله ﷺ مان راضي آهيان" حضور ڪريم ﷺ جن کيس دعا ڪندي ارشاد فرمايو: " جَمَعَ اللهُ شَمْلَكُمَا وَاَعَزَّجِدَّ كُمَا وَبَارَكَ عَلَيْكُمَا وَاَخْرَجَ مِنْكُمَا كَثِيْرًا طَيِّبًا." (يعني الله ﷻ اوهان کي گڏ رکي اوهان جي ڪوشش کي عزت ڏي اوهان تي برڪت ڪري اوهان مان گهڻا پاڪ ٻچا پيدا ڪري) حضرت انس ﷛ فرمايو تہ (الله ﷻ جي حبيب ﷺ جي دعا جي صدقي) الله ﷻ انهن ٻنهي مان گهڻو اولاد وجود ۾ آندو ۽ سيده کي بتول ان جي ڪري سڏيو ويو جو ٻين عورتن کان فضل، دين ۽ حسن ۾ منقطع ۽ جدا هئي. حضرت فاطمہ ﷝ جي هڪ نياڻي جو نالو ام ڪلثوم هو. جنهن سان حضرت عمر ﷛ جي شادي ٿي هئي ۽ ان مان کيس هڪ نياڻي ڄائي جنهن جو نالو رقيہ رکيو ويو ۽ هڪ پُٽ ڄائو جنهن جو نالو زيد رکيو ويو پر ٻئي جلدي وفات ڪري ويا هئا. (اشرف الوسائل ص 467) هيءَ ام ڪلثوم حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي نياڻي وفات ڪري وئي تہ حضرت انس ۽ ٻيا صحابي ﷡ ان جا ڪلهي ڪانڌي ٿيا هئا. حضور ڪريم ﷺ جن ان جي قبر مبارڪ تي ويهي پنهنجي پاڪ اکين مان پاڻي وهائي رهيا هئا.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب الجنائز باب 32 قول النبي ﷺ يعذب الميت ببكاء اهلہ عليہ رقم الحديث 1285 ج 3 ص 151 {2} احمد في المسند ج 3 ص 126 {3} الحاكم في المستدرڪ ج 4 ص 47 {4} البيهقي في سننه ج 4 ص 53.

باب ڇائيتاليهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي فِرَاشِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هي باب انهن حديثن تي مشتمل آهي
جيڪي حضور ڪريم ﷺ جي بستري جي بيان ۾ آيل آهن

سمجهاڻي: هن باب ۾ سرورِ ڪائنات، فخرِ موجودات ﷺ جي بستري مبارڪ جو بيان آهي ته اهو ڪهڙو ۽ ڪيترن قسمن جو هو. روايتن مان واضح ٿئي ٿو ته پاڻ چمڙي ۽ تڏي ۽ ٽاٽ ڪپڙي تي آرام ڪندا هئا. اهي سندن بسترا هوندا هئا. علامہ نبهاني لکيو آهي ته نبي ڪريم ﷺ جو بسترو چمڙي جو هو جنهن ۾ اندر ڪجيءَ جا پن ڀريل هوندا هئا ان جي ڊيگهه ڪم و بيش ٻه گز ۽ ويڪر هڪ گز ۽ هڪ هٿ هوندي هئي. پاڻ دنياوي ساز ۽ سامان کان بلڪل جدا هوندا هئا ان جي باوجود جو الله ﷻ دنيا جي سيني خزانن جون ڪنجيون ڪين ڏنيون ته به اخروي نعمتن ڏانهن توجهه ڏياريندا هئا ۽ اخروي عطائن کي پسند ڪندا هئا. ڪين هڪ تڏو هوندو هو جنهن کي سفر ۾ پاڻ سان رکندا هئا ۽ ڪڏهن ان تي سمهندا به هئا. ڪڏهن ان کي ٻيٽو ڪري وڇائيندا هئا. سيده عائشہ صديقہ ﷝ فرمايو ته "نبي ڪريم ﷺ جن وٽ ڪجيءَ جي ڪاٺين جي هڪ کٽ به هوندي هئي جنهن تي ڪاري چادر وڇايل هوندي هئي. پاڻ ڪڏهن ڪنهن هنڌ يا کٽ مان عيب نہ ڪڍندا هئا صحابہ ڪرام رضي الله عنهم جو قول آهي ته: جيڪڏهن سندن جي لاءِ ڪو بسترو وڇايو ويندو هو ته ان تي آرام ڪندا هئا نہ ته زمين تي به سمهي رهندا هئا. سندن وهاڻو چمڙي جو هو ان ۾ ڪجيءَ جا پن ڀريل هوندا هئا. (انوار غوثيه ص 421) "الفراش" (الفاء جي زير سان) مفروش جي معنيٰ ۾ آهي جيئن الڪتاب مڪتوب جي معنيٰ ۾ هوندو آهي ۽ اَلفرش جو جمع آهي جيئن ڪتاب جو جمع ڪتب آهي ۽ فرش به چيو ويندو آهي جيڪو مصدر سان نالي رکڻ جي باب مان هوندو آهي ۽ صحيح مسلم ۾ چئن بسترن جو ذڪر آيل آهي (1) مرد جو بسترو (2) عورت جو بسترو (3) مهمان جو بسترو (4) شيطان جو بسترو. ۽ ان کي شيطان جو بسترو ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو اهو ضرورت کان سواءِ آهي اهو مذمت ڪيل آهي ۽ هڪ قول آهي ته اهو جڏهن حاجت کان وڌيڪ آهي ته ان کي رات ۽ منجهند جي آرام لاءِ شيطان استعمال ڪندو. (المواهب ص 537) علامہ ابن حجر هيتمي مڪي لکيو آهي ته: فراش فعال جي وزن تي آهي جيئن لباس ۽ هتي ان جي ذڪر مان مقصد ان جي نرمي ۽ سختي بيان ڪرڻ آهي تانته ان ۾ به سندن اقتداء ڪئي وڃي. هتي هڪ راز آهي ۽ اهو هي آهي ته اهو بسترو به پاڻ پنهنجي ذات جي لاءِ نہ رکيو هيائون پر ان تي پنهنجي گهروارين جي رعايت لاءِ آرام ڪندا هئا ان جو شاهد هيءَ روايت به آهي جو جڏهن پاڻ حضرت علي ﷛ کي مٽيءَ تي ستل ڏٺو هيائون ان نسبت سان ان جي تعريف ڪندي ڪيس "ابو تراب" سڏيو هيائون ۽ ان جي معنيٰ صرف اها ناهي جيڪا عام طور سمجهي وڃي

تي تہ سندس بدن کي مٽي لڳل هئي. ان مان تربيت بہ مراد ٿي سگهي ٿي. پوءِ حضور کريم ﷺ ان کي ان جي عمل جي لحاظ سان سڏيو مطلب تہ اي مٽيءَ جي تربيت ڪندڙيعني جيڪا رياضت تو اختيار ڪئي آهي زمين تنهنجي تربيت جي حفاظت ۾ آهي ۽ جيڪا رياضت تو اختيار ڪئي آهي. تنهنجي رب جَلَّجَلَالُہٗ وٽ مقبوليت جي مقام تي فائز آهي پاڻ مٽيءَ تي آرام ڪندا هئا. علامہ موصوف اڳتي لکيو آهي تہ مذڪور سبب سان گڏ اها ڳالهہ بہ آهي تہ حضرت علي رضي الله عنه جي جسم مبارڪ تي مٽي لڳل هئي. جنهن کي حضور ڪريم ﷺ جن چنڊبندي فرمايو هو: "قُمْ اَبَا تُرَابِ" (اي مٽيءَ جا ابا اٿ."
(اشرف الوسائل ص 466)

{329} حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ مُسْهِرٍ، عَنْ هِشَامِ بْنِ عُرْوَةَ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ عَائِشَةَ قَالَتْ: إِنَّمَا كَانَ فِرَاشُ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ الَّذِي يَنَامُ عَلَيْهِ مِنْ أَدَمٍ حَشْوُهُ لِيفٌ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جو هنڌ جنهن تي سمهندا هئا، چمڙي جو هو ۽ ان ۾ کجيءَ جا پن پريل هئا.

مفردات جو شرح: "أَدَمٍ" چمڙو. هن جو جمع ادم يا ادام ايندو. "حَشْوُهُ" پراء. "لِيفٌ " کاٻاڙ جو پور.

سمجهاڻي: محبوب ڪريم ﷺ جن نرم بستري کي پسند نہ ڪندا هئا جڏهن تہ رسول الله ﷺ جن پنهنجي امت کي عبادت ، زهد، رياضت، محنت، اسلام جي تبليغ ۾ مسلسل مشقت ۽ تڪليف برداشت ڪرڻ ۽ هر وقت خلق جي خدمت ڪرڻ جي تعليم ڏئي رهيا هئا ان جي ڪري پاڻ بہ عيش، آرام ۽ گهڻي سک واري زندگي ترڪ فرمائي هيائون. ايتري قدر جو ننڊ بہ سخت بستري تي ڪندا هئا ۽ آرام ڏيندڙ گاديلا پسند نہ ڪندا هئا. بيهقي ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان روايت آندي آهي تہ: مون وٽ انصار جي هڪ عورت آئي جنهن حضرت حبيب ڪريم ﷺ جو بسترو مبارڪ ڏٺو هو جيڪو چمڙو هو تہ ان سندن خدمت ۾ هڪ نرم بسترو موڪليو جيڪو کجيءَ جي پنن سان پريل هو. جڏهن حضرت نبي ڪريم ﷺ جن آيا ۽ اهو ڏٺائون تہ فرمايائون "اي عائشہ! هي ڇا آهي؟ مون عرض ڪيو تہ انصار جي هڪ عورت اوهان جو بسترو ڏٺو پوءِ ان وٽي اوهان جي لاءِ هي بسترو موڪليو آهي. پاڻ فرمايائون تہ : اي عائشہ! هي ان ڏانهن واپس موڪلي ڇڏ." وَاللهِ لَوْشِئْتُ لَاَجْرَی اللهُ مَعِیَ جِبَالَ الذَّهَبِ وَالْفِضَّةِ" (الله جَلَّجَلَالُہٗ جو قسم آهي تہ جيڪڏهن مان گهران ها تہ الله جَلَّجَلَالُہٗ مون سان سون ۽ چانديءَ جا جبل هلائي ها.) يعني گهڻي عيش واري زندگي گذاريان ها پر مان تہ آرام ۽ عيش واري زندگيءَ کي ڪجهہ نہ ٿو سمجهان. حقيقت ۾ آرام ۽ راحت تہ آخرت واري زندگيءَ جي آهي. امام احمد ۽ ابو داؤد الطيالسي حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن هڪ تڏي تي ليٽيل هئا ۽ سندن جسم مبارڪ تي ان جا نشان نهي پيا. ڪين عرض ڪيو ويو ڇا اوهان جي لاءِ نرم بسترو نہ آڻيون تہ فرمايائون :"مَالِي وَلِلدُّنْيَا اِنَّمَا اَنَا وَالدُّنْيَا كَرَاكِبٍ اِسْتَظَلَّ تَحْتَ شَجَرَةٍ ثُمَّ رَاحَ وَتَرَكَهَا" (منهنجو ۽ دنيا جو (هڪ ٻئي سان ڪهڙو تعلق؟) ۽ مان ۽ دنيا هڪ سوار وانگر آهيون جنهن وڻ جي ڇانوَ ۾ ٿورو آرام ڪيو ۽ پوءِ ان کي ڇڏي هليو ويو. "وسائل الوصول" ۾ علامہ نبهاني حضرت عمر فاروق رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ مون نبي ڪريم ﷺ جي

خدمت ۾ حاضر ٿي ڏٺو تہ پاڻ تڏي تي ليٽيل هئا سندن جسم مبارڪ تي تڏي جا نشان نظر اچي رهيا هئا. سندن حجري شريف جي اها حالت هئي تہ هڪ طرف ٿورا جوَ پيل هئا پٽ تي کل لٽڪيل هئي (جنهن تي پاڻ نماز پڙهندا هئا.) مون اهو حال ڏٺو تہ مون کي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. پاڻ فرمايائون تہ اي عمر! ڇو ٿو روئين؟ مون عرض ڪيو تہ : اي الله ﷻ جا نبي! مان اجان بہ نہ روئان؟ هن تڏي اوهان جي جسم مبارڪ تي نشان ڪري وڌا آهن فتح ڪيل علائقن مان جيڪو پيسو اچي ٿو ڇا اوهان جوان ۾ حق ناهي؟ ٻئي طرف قيصر ۽ ڪسريٰ آهن جيڪي دنيا جي بي انداز نعمتن سان ڪيڏي رهيا آهن ۽ اوهان الله ﷻ جا نبي, محبوب آهيو پوءِ بہ اهڙي تنگدستيءَ سان زندگي گذاري رهيا آهيو. پاڻ فرمايائون تہ: اي ابن خطاب! ڇا تون هن ڳالهہ تي راضي ناهين تہ آخرت جون ابدي نعمتون اسان جي لاءِ هجن ۽ دنيا جي پٽن ڏينهن جو عيش انهن جي لاءِ هجي؟ هي اهي ماڻهو آهن جن کي دنيا جي زينت ۽ زيب, عيش ۽ آرام ڏنو ويو آهي ۽ هي ان تي پلجي الله ﷻ کان غافل ٿي ويا آهن ۽ هنن جي مهلت واري هيءَ زندگي ٿوري ۽ عارضي آهي ۽ اسين اهي آهيون جيڪي آخرت ۾ اهڙين نعمتن سان نوازيا ويندا سون جيڪي فنا نہ ٿينديون. "شرح السنة" ۾ حضرت انس ﷺ کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کي ڏٺو: "يَرْكَبُ الْحِمَارَ الْعُرى وَيُجِيبُ دَعْوَةَ الْمَمْلُوكِ وَيَنَامُ عَلَى الْأَرْضِ وَيَجْلِسُ عَلَى الْأَرْضِ وَيَأْكُلُ عَلَى الْأَرْضِ" (خالي پٺي گڏهہ تي سوار ٿيندا هئا, غلام جي دعوت قبول ڪندا هئا, زمين تي ننڊ ڪندا هئا, زمين تي ويهندا هئا ۽ زمين تي ويهي کاڌو کائيندا هئا.) يعني زمين تي ڪجهہ وڇايل بہ نہ هوندو هو. هڪ اردو زبان واري شاعر فرمايو:

شهنشاه عالم كا بستر تو ديكهو
چٹائی کھجوروں کی کالی کملیا (انوار غوثیہ ص ۴۲۳)

انبياءِ ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام عزيمت جا مالڪ هوندا آهن ان جي ڪري اهي جفا ڪش محنتي ۽ تڪليف ڪرڻ وارا هوندا آهن حد اندر عيش ۽ آرام واري زندگي گذارڻ بہ جائز آهي پر همت ان ۾ صرف ڪرڻ نہ گهرجي اولياء ڪرام ۽ دين جي بزرگن مان جن جو ذوق عزيمت وارين خصلتن ۾ انبياءِ ڪرام عليهما الصلواة والسلام سان سندن سنت جي موافق آهي انهن جو درجو انهن کان مٿي آهي جيڪي رخصت تي عمل ڪندي آرام سان مستفيد ٿيندا آهن.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب اللباس والزينة باب 6 التواضع في اللباس رقم الحديث 2082 حديث الكتاب 38 ج 3 ص 1650 {2} البيهقي في سننه ج 7 ص 47 {3} البغوي في شرح السنة حديث 3122 ج 12 ص 52 {4} ابو داؤد في كتاب اللباس باب 44 في الفرش رقم الحديث 4146 ج 3 ص 71 {5} احمد في المسند ج 6 ص 48 {6} ابو الشيخ في اخلاق النبي 5 ص 136.

{330} حَدَّثَنَا أَبُو الْخَطَّابِ زِيَادُ بْنُ يَحْيَى الْبَصْرِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ مَيْمُونٍ قَالَ: حَدَّثَنَا جَعْفَرُ بْنُ مُحَمَّدٍ، عَنْ أَبِيهِ قَالَ: سُئِلَتْ عَائِشَةُ، مَا كَانَ فِرَاشُ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي بَيْتِكِ؟ قَالَتْ: مِنْ أَدَمٍ حَشْوُهُ مِنْ لِيفٍ. وَسُئِلَتْ حَفْصَةُ، مَا كَانَ فِرَاشُ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي بَيْتِكِ؟ قَالَتْ: مِسْحًا نَثْنِيهِ ثِنْيَتَيْنِ فَيَنَامُ عَلَيْهِ، فَلَمَّا كَانَ ذَاتَ لَيْلَةٍ قُلْتُ: لَوْ ثَنَيْتَهُ أَرْبَعَ ثِنْيَاتٍ لَكَانَ أَوْطَأَ لَهُ فَثَنَيْنَاهُ لَهُ بِأَرْبَعِ ثِنْيَاتٍ،

فَلَمَّا أَصْبَحَ قَالَ: مَا فَرَشْتُمْ لِيَ اللَّيْلَةَ قَالَتْ: قُلْنَا: هُوَ فِرَاشُكَ إِلَّا أَنَّا ثَنَيْنَاهُ بِأَرْبَعِ ثَنْيَاتٍ، قُلْنَا: هُوَ أَوْطَأُ لَكَ قَالَ: رُدُّوهُ لِحَالَتِهِ الْأُولَى، فَإِنَّهُ مَنَعَتْنِي وَطَاءَتُهُ صَلَاتِيَ اللَّيْلَةَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت جعفر بن محمد رضي الله عنه پنهنجي پيءُ (امام محمد باقر) کان روايت ٿو ڪري تہ حضرت عائشه رضي الله عنها کان پڇيو ويو تہ تنهنجي گهر ۾ رسول الله ﷺ جو هنڌ ڪهڙو هو؟ بيبي سڳوري رضي الله عنها چيو تہ اهو هنڌ چمڙي جو هو ان ۾ کجيءَ جو کابر ڀريل هو. حضرت حفصه رضي الله عنها کان بہ پاڻ سڳورن ﷺ جي بستري بابت پڇيو ويو تہ رسول الله ﷺ جو بسترو تنهنجي گهر ۾ ڇا جو هو؟ بيبي سڳوري رضي الله عنها چيو تہ سڻدن هنڌ ڪتو هو جو ٻيڻو ڪري وڇائيندا هئاسون. پوءِ پاڻ سڳورا ﷺ ان تي آرام ڪندا هئا. هڪ رات دل ۾ آيو تہ هن کي چوڻو ڪيان تہ نرم ٿئي. پوءِ ان کي چوڻو ڪيم. صبح جي وقت پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: اڄ رات (تو) مون لاءِ ڪهڙو هنڌ وڇايو هو؟ بيبي سڳوري رضي الله عنها چيو عرض ڪيم تہ اوهان جو هنڌ ساڳيو هو. مگر اسان ان کي چوڻو ڪيو هو تہ اوهان لاءِ نرم ٿئي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "ان کي اڳئين حالت تي (ٻيڻوئي) رکو جو ان جي نرمائي، مون کي اڄ رات جي نماز (يعني تهجد) کان روڪيو آهي."

مفردات جو شرح: "مِسْحًا" ڪمبل، اوني لباس جيڪو زاهد شخص پائيندا آهن. "أَوْطَأَ" وڌيڪ نرم، اوطا جي مصدر وطا آهي جنهن جي معنيٰ آهي نرم ڪرڻ.

سمجهاڻي: محبوب آقا ﷺ جن پنهنجي امت کي عملي طور سمجهايو تہ: اهي نرم بسترن تي آرام ڪري آسائش دنياوي تنعم سان الله جل جلاله جي ياد، نماز خصوصًا تهجد کان غافل نہ رهن صرف ان جي ڪري ٿورو نرم بسترو استعمال ڪرڻ کان بہ احتراز فرمايائون، اسان کي بہ الله جل جلاله جي طرفان مهرباني ۽ ان جي مشيت سان محبوب ڪريم ﷺ جي ان سنت تي عمل ۽ ان جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرجي.

حضرت جابر بن سمره رضي الله عنه فرمايو تہ: مون نبي ڪريم ﷺ جن کي وهاڻي تي ٽيڪ ڏئي ويٺل ڏٺو ۽ پاڻ تڏي تي نماز پڙهندا هئا ۽ هن ڳالهہ کي پسند ڪندا هئا تہ رنگيل ڪل هجي تہ پاڻ ان تي نماز پڙهن. علامہ علي القاري لکيو آهي تہ: هن روايت جي سند منقطع آهي ڇو تہ حضرت امام باقر رضي الله عنه ام المؤمنين عائشه رضي الله عنها سان ملاقات نہ ڪئي آهي ۽ نہ سيده ام المؤمنين حفصه سان. حضرت امام باقر سڻي جي ولادت سن ستونجاه (57) هہ ۾ ٿي هئي. ۽ ام المؤمنين عائشه صديقه رضي الله عنها جي وفات بہ ان سال ۾ ٿي ۽ ام المؤمنين بيبي حفصہ جي وفات سن 45 هہ ۾ ٿي هئي. ۽ ابن همام جي تحقيق آهي تہ ثبات جي طريقي ۾ سند جو انقطاع نقصان ڏيندڙ ناهي ان جي ڪري هيءَ حديث حجت آهي ۽ مطلب آهي تہ ڪنهن سائل ام المؤمنين سيده عائشه صديقه رضي الله عنها کان پڇيو تہ تنهنجي گهر ۾ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جو بسترو ڪهڙو هو؟ ۽ خصوصي طور سندس گهر جي بستري پڇڻ جو مقصد هي هو جو سيده عائشه ۽ سيده حفصه رضي الله عنهما جا گهر سائل وٽ اهم هئا ۽ اهي پنهنجن والدين حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنهما جي لحاظ سان بہ اهم هيون. سيده عائشه صديقه رضي الله عنها ٻڌايو تہ سندس گهر ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جو بسترو چمڙي جو هو جنهن ۾ کجيءَ جي پنن جو ڀراء ٿيل هو. ۽ ام المؤمنين سيده حفصه رضي الله عنها ٻڌايو تہ سندس گهر ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جو بسترو ڪمبل هو. جنهن کي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي لاءِ ٻيڻو ڪري رکندي هئي تہ جيئن وڌيڪ نرم رهي ۽ پاڻ ان تي

آرام ڪن. هڪ رات ام المؤمنين خيال ڪيو تہ ان کي چوڏو ڪري وڇائي تہ وڌيڪ نرم ٿيندو ۽ ان تي ننڊ بہ سٺي ايندي. پاڻ ان کي چوڏو ڪري وڇايائين. حضور ڪريم ﷺ جن رات جو آرامي ٿيا صبح جو ام المؤمنين کان پڇيائون تہ "رات مون لاءِ ڇا وڇايو هيو؟ ام المؤمنين عرض ڪيو تہ ساڳيو اوهان جو بسترو هو پر اسان ان کي چوڏو ڪري وڇايو هو تہ پاڻ فرمايائون تہ "اهو هميشہ جي مطابق وڇائيندا ڪريو. ان جي گهڻي نرم هجڻ اڄ مون کي رات واري نماز کان بي خيال ڪري ڇڏيو" ۽ مڙس ۽ زال جي لاءِ جدا جدا بستري جو هجڻ منع ناهي. حالانڪ سنت آهي تہ مڙس ۽ زال گڏ هڪ بستري تي سمهن ڇوتہ عذر جي ڪري ماڻهو جدا بہ سمهي سگهي ٿو. (جمع الوسائل ج 2 ص 128) حضور ڪريم ﷺ جن جو ام المؤمنين حفصه رضي الله عنها سان "مَا فَرَشْتُمُوْلِيَ اللَّيْلَةَ" ۾ جمع مذڪر جي صيغي سان خطاب تعظيم جي لاءِ يا بعض خادمن جي تغليب طور هو. (المواهب ص 539)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البغوي في الشمائل رقم الحديث 835 ج 2 ص 554, 555 علامہ ابو عبدالله السيد بن احمد حموده شمائل جي حاشيہ ۾ لکيو آهي تہ هن حديث جي سند ضعيف آهي هن جا شاهد آهن پر اهي بہ مقال کان خالي ناهن. اهي شواهد هي آهن. {1} رواه ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 360 {2} ابو الشيخ في اخلاقہ ص 482 {3} احمد في الزهد ص 86.

باب ستيتاليهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي تَوَاضُعِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هي باب انهن حديثن تي مشتمل آهي جيڪي رسول الله ﷺ جي نوڙت جي بيان ۾ آيل آهن

سمجهاڻي: هن باب ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جي گهڻي خشوع ۽ نرميءَ جي باري ۾ حديثون آهن. البيجوري لکيو آهي ته: حضرت نبي ڪريم ﷺ جن گهڻي تواضع ڪندا هئا بعض عارفن فرمايو آهي ته ٻانهو تواضع جي حقيقت کي تڏهن پهچي ٿو جڏهن ان جي قلب ۾ شهود جي تجلي دائم رهي ٿو ته اها تجلي نفس کي ڳاري ان کي تڪبر ۽ خودپسنديءَ کان صاف ڪري ٿي پوءِ انهن جي دل نرم ۽ مطمئن ٿئي ٿي ۽ پاڻ کي ڪجهه نه ٿي سمجهي. (المواهب ص 540) علامه نبهاني لکيو آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن تواضع ۽ انڪساري ۾ سيني کان وڌيڪ هيا تمام گهٽ ڳالهائيندا هئا پر اهو تڪبر جي ڪري نه هو جڏهن ڳالهه ڪندا هئا ته مختصر ڪندا هئا نهايت سهڻا هئا دنيا جي ڪنهن وڏي کان وڏي ڪم ۾ گهبرائيندا نه هئا ۽ پاڻ اهڙي تواضع ۽ انڪساري به نه ڪندا هئا جو ڪين حقير سمجهيو وڃي. مدينه منوره جون ٻانهيون يا عام ٻارڙن مان ڪو ٻار پنهنجي ضرورت جي لاءِ سندن هٿ مبارڪ مان وٺي ڪين ڪيڏانهن هلڻ جي لاءِ چوندو هو ته پاڻ ان سان هليا ويندا هئا ۽ ان جي اها ضرورت پوري ڪري ايندا هئا. سندن عادت مبارڪه هئي جو ڪو آزاد يا غلام يا ٻانهي يا ڪو فقير يا مسڪين ڪين ملندو هو ته پاڻ ان سان بيهي رهندا هئا ۽ ان کان پڇندا هئا ته توکي ڪا تڪليف يا ضرورت ته ناهي. سندن طريقو هو ته مجلس ۾ اچڻ کان پوءِ صحابه ڪرام عليهم الرضوان سان ملي ويندا هئا. ممتاز جاءِ تي نه ويهندا هئا. بيمارن کان پڇڻ ويندا هئا. جنازي ۾ تشريف فرما ٿيندا هئا. جيڪڏهن ڪو مسڪين کان مسڪين ماڻهو ڪين ڪاڏي جي دعوت ڏيندو هو ته پاڻ قبول فرمائيندا هئا. ڪڏهن به ڪنهن کي حقير يا ڪمتر نه سمجهندا هئا. ڪمزور، لاچار ۽ ضرورت مندن جون حاجتون سندن گهر وڃي پوريون ڪري ايندا هئا. گهر جو ڪم ڪار پاڻ ڪندا هئا ۽ ان کي عيب نه سمجهندا هئا. مهمانن جي مهمان نوازي پاڻ ڪندا هئا. (انوارِ غوثيه ص 426، 427) علامه ابنِ حجر مڪي هيتمي لکيو آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن جي تواضع اختيار ڪرڻ جي لاءِ اهو ئي شاهد ڪافي آهي جو الله ﷻ ڪين اختيار ڏنو ته نبي بادشاهه ٿي رهندؤ يا نبي عبد ٿي رهندؤ ته پاڻ نبي عبد ٿي رهڻ پسند فرمايائون ۽ ان جي ڪري ان کان پوءِ ڪڏهن به ٽيڪ ڏئي ڪاڌو نه ڪاڌائون تانجو دنيا کان ظاهري طرح جدا ٿي ويا ۽ ڪڏهن به (ڪنهن ڪم تي جيڪو سندن خادم حضرت انس رضي الله عنه سندن مزاج مبارڪ جي خلاف ڪيو هوندو) ڪيس اف به نه چيائون. پنهنجن ٻانهن ۽ ٻانهين مان ڪڏهن به ڪنهن کي مار نه ڏنائون ۽ هي اهڙو امر آهي جنهن لاءِ بشري طبيعت الاهي عنايت کان سواءِ وسعت نه

تي رکي ۽ مسلم شريف ۾ آهي "مَارَأَيْتُ أَحَدًا أَرْحَمَ بِالْعِيَالِ مِنْ رَسُولِ اللهِ ﷺ" (مون کنهن هڪ کي بہ رسول الله ﷺ کان وڌيڪ عيال سان رحم ڪندڙ نہ ڏٺو. ام المؤمنين عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ پاڻ پنهنجي گهر ۾ گهڻا نرم ۽ مُرڪندڙ رهندا هئا ڪڏهن بہ پنهنجن اصحابن ۾ پير ڊگها ڪري نہ ويهندا هئا. ۽ پاڻ سهڻي خُلق وارا هئا ڪنهن بہ ڪين سڏ ڪيو هوندو تہ ان کي جيءُ چوندا هئا. گڏهہ تي سواري ڪندا هئا پنهنجي پنيان ٻئي کي ٻيلهہ بہ ويهاريندا هئا. هڪ ڀيري پاڻ هڪ سفر ۾ هئا پوءِ پنهنجن اصحابن عليهم الرضوان کي هڪ ٻڪري (ڳهي) ان جي ناهڻ جي لاءِ امر ڪيائون. هڪ عرض ڪيو تہ "مون کي ان جي ڳهڻ جو حڪم آهي" ٻئي چيو تہ "مون تي ان جي کل لاهڻ ۽ وڍڻ ٽڪڻ جو ڪم آهي" ٽئين عرض ڪيو تہ مون تي ان جي رڌڻ جو ڪم آهي. پاڻ ڪريمن ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ "مون تي ڪاٺيون ڪرڻ آهن" انهن عرض ڪيو تہ: اوهان واري ان ڪم جي لاءِ بہ اسين ڪافي آهيون. اوهان کي ڪا تڪليف نہ ڏينداسون. پاڻ فرمايائون تہ "مون کي خبر آهي تہ اوهان مون کي ان کان ڪفايت ڪندؤ پر مان پسند نہ ٿو ڪيان تہ اوهان کان ممتاز رهان ۽ الله جل جلاله پنهنجي ٻانهي کان ان ڳالهہ کي پسند نہ ٿو ڪري تہ اهو پنهنجن ساٿين ۾ ممتاز رهي." (اشرف الوسائل ص 470)

{331} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ، وَسَعِيدُ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ الْمَخْزُومِيُّ، وَغَيْرُ وَاحِدٍ قَالُوا: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ بْنُ عُيَيْنَةَ، عَنِ الزُّهْرِيِّ، عَنْ عُبَيْدِ اللهِ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ، عَنْ عُمَرَ بْنِ الْخَطَّابِ قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: لَا تُطْرُونِي كَمَا أَطْرَتِ النَّصَارٰى ابْنَ مَرْيَمَ إِنَّمَا أَنَا عَبْدٌ فَقُولُوا: عَبْدُ اللهِ وَرَسُولُهُ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: مون کي حد کان وڌيڪ اهڙي طرح نہ وڌايو جيئن عيسائين (حضرت عيسيٰ) بن مريم کي حد کان وڌايو (يعني عيسيٰ کي الله جو پٽ سڏيو) بيشڪ آءٌ الله جل جلاله جو ٻانهو آهيان، ان ڪري مون کي الله جل جلاله جو ٻانهو ۽ ان جو رسول چئو.

مفردات جو شرح: "لَاتُطْرُونِي" الاطراء کان ورتل آهي ان جي معنيٰ آهي مدح ۾ حد کان تجاوز ڪرڻ. "كَمَا" جيئن، جهڙي طرح.

سمجهاڻي: هن ارشاد مبارڪ ۾ حضور ڪريم ﷺ جن سندن مدح ۾ مبالغي کان منع ڪندي نصارن سان تشبيہ کان جهليو آهي. نصارن مان هڪڙن حضرت عيسيٰ علي نبينا وعليه الصلوة والسلام کي الله سڏيو تہ هڪڙن الله جو پٽ، الله جل جلاله جي توراة ۾ ارشاد "نَبِيُّ" (منهنجو نبي) ۾ نون کي با جي جاءِ تي با کي نون جي جاءِ تي آڻي بُنَيَّ (منهنجو پٽ) ڪري ڇڏيائون. الله جل جلاله جي ڪلام ۾ تحريف ڪيائون. عيسىٰ بَنِيَّ وَاَنَا وَلَدْته" (لام جي شد سان) مِنْ مَرْيَمَ" ڪري لکيائون عيسيٰ منهنجو پٽ آهي مون ان کي مريم مان ڄڻيو آهي. معاذ الله ۽ ان ڳالهہ ڏانهن ئي قصيده برده ۾ اشارو ڪيل آهي.

دَعْ مَا ادَّعَتْهُ النَّصَارٰى فِيْ نَبِيِّهِمِ
وَاحْكُمْ بِمَا شِئْتَ مَدْحًا فِيْهِ وَاحْتَكِمِ

يعني جيڪي نصارن پنهنجي نبي حضرت عيسيٰ علي نبينا وعليه الصلوة والسلام جي باري ۾ الله يا الله جي پٽ هجڻ جي دعويٰ ڪئي آهي اها ڇڏي باقي سندن شان ۾ جيڪو مدح ڪندي حڪم ڪرين پلي ڪر)

مدح ۾ مبالغي کان منع: محبوب ڪريم ﷺ ارشاد فرمايو تہ مان تہ ٻانهو آهيان ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ مان الله جل جلاله جو ٻانهو آهيان. مون ۾ اهڙو ڪوبہ عقيدو نہ رکو جيڪو عبوديت جي خلاف هجي مون کي الله جو عبد ۽ ان جو رسول سڏيو. مون کي وجوبيت ۽ الوهيت جي صفتن کان ڏار رکو. (المواهب ص 441) علامہ علي القاري لکيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن عيسيٰ بن مريم لاءِ فرمايو. مريم جو پٽ عيسيٰ (علیٰ نبيناوعليه الصلوٰة والسلام) ۽ المسيح جو لفظ نہ آندو. ڇوتہ هن ۾ حضرت عيسيٰ علیٰ نبيناوعليه الصلوٰة والسلام کي الہ هجڻ کان پري رکڻو آهي. معنيٰ آهي تہ نصارن ڪوڙ هڻڻ ۾ مبالغو ڪيترو ڪيو جو جيڪو عورتن جي جنس مان آيو ان کي الــہ بنائي ويهي رهيا. علامہ ابن الجوزي فرمايو تہ : حضور ڪريم جن جو نهي ڪرڻ ان جي لاءِ نہ هو جو ڪنهن ڪين حضرت عيسيٰ علیٰ نبيناوعليه الصلوٰة والسلام وانگر نسبت ڪئي هئي ڇوتہ اهڙي ڪابہ روايت ثابت ناهي پر نهي جو ظاهر ۾ سبب اهو هو جو حضور ڪريم ﷺ جن کان ڪين تعظيم جي سجدي ڪرڻ جي اجازت گهري وئي تہ ان کان روڪيندي ڪين اهو خوف محسوس ٿيو تہ متان منهنجا امتي بہ مون لاءِ نصارن وارو عقيدو رکي ويهن. ۽ هن ۾ الله جل جلاله جي قول "يٰٓاَهۡلَ الۡكِتٰبِ لَا تَغۡلُوۡا فِىۡ دِيۡنِكُمۡ وَلَا تَقُوۡلُوۡا عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الۡحَـقَّ‌ؕ اِنَّمَا الۡمَسِيۡحُ عِيۡسَى ابۡنُ مَرۡيَمَ رَسُوۡلُ اللّٰهِ وَكَلِمَتُهٗ" (سورة النساء آيت 171) (اي اهل ڪتاب! پنهنجي دين ۾ غلو نہ ڪيو ۽ الله جل جلاله تي حق کان سواءِ ڪجهہ نہ چئو مسيح عيسيٰ بن مريم (علیٰ نبيناوعليه الصلوٰة والسلام) تہ الله جل جلاله جو رسول ۽ ان جو فرمان آهي. ۽ هن ۾ اهو بہ اشارو آهي تہ الوهيت جي نعت ۽ ربوبيت جي وصف کان سواءِ باقي حضرت حبيب پاڪ ﷺ جي وصف ۾ جيڪو چيو وڃي جائز آهي سندن فرمان "اِنَّمَا اَنَا عَبۡدُاللهِ" مان مراد آهي تہ نصارن جيڪو حضرت عيسيٰ (علیٰ نبيناوعليه الصلوٰة والسلام) جي لاءِ چيو مان ان مان ڪجهہ ناهيان. اهو سندن فرمان الوهيت ۽ ربوبيت جي صفتن کان سواءِ باقي سندن اوصاف کي بيان ڪرڻ جي خلاف ناهي. سندن اوصاف مان اهو بہ آهي تہ پاڻ اولاد آدم جا سردار آهن. ابن الفارض جو قول ڪهڙو نہ سهڻو آهي.

اَرَىٰ كُلَّ مَدۡحٍ فِى النَّبِيِّ مُقَصِّرًا
وَاِنۡ بَالَغَ الۡمُثۡنِىۡ عَلَيۡهِ وَاَكۡثَرَا

(يعني نبي ڪريم ﷺ جي شان ۾ هر مدح اڻ پوري ٿو ڏسان جيتوڻيڪ ثنا ڪندڙان ۾ مبالغو ڪيو هجي ۽ گهڻي ثنا ڪئي هجي.)

اِذَا اللهُ اَثۡنٰى بِالَّـــذِىۡ هُـوَاَهۡلُهٗ
عَلَيۡهِ فَمَا مِقۡدَارُ مَايَمۡدَحُ الۡوَرٰى

(جڏهن الله جل جلاله ان جي اها ثنا ڪئي آهي جنهن جو اهو لائق آهي تہ پوءِ ان جو مقدار ڪهڙو هوندو جيڪا مخلوق سندس ثناء ڪري رهي آهي) ۽ ارباب حال مان ان ڪهڙو نہ سهڻو چيو جنهن جو قول آهي.

مَا اِنۡ مَدَحۡتُ مُحَمَّدًا بِمَدِيۡحَتِىۡ
بَلۡ قَدۡ مَدَحۡتُ مَدِيۡحَتِىۡ بِمُحَمَّدٖ

(مون حضرت محمد ﷺ جي پنهنجي مدح ڇوڻ سان مدح نہ ڪئي آهي پر مون حضرت محمد ﷺ جي مدح سان پنهنجي مدح ڪئي آهي) مان (علامہ علي القاري) چوان ٿو تہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي مدح ۾ اجمالي طور هي ڪافي آهي جو پاڻ محمد آهن جنهن جي پويان ۽ ٻهريان ثنا ڪيل

آهي ۽ جن الله ﷻ جو حمد گهڻو ڪيو انهن ۾ گهڻو حمد ڪندڙ آهي ۽ ان دلبر جي لاءِ ئي مقام محمود ۽ حمد جو جهنڊو ۽ حوض مورود ۽ يوم مشهود ۾ شفاعت عظميٰ آهي ۽ حضرت آدم ۽ ان کان سواءِ ٻيا بہ سڀ قيامت جي ڏينهن ان جي جهنڊي جي هيٺان هوندا پوءِ ڪير بہ ان جي ثنا ۽ تعريف ڪرڻ کان لا پرواهہ نہ ٿو رهي سگهي ۽ هي حديث سندن تواضع ۽ انڪساري جي باب کان آهي جنهن ۾ پاڻ صرف رسالت ۽ عبوديت تي اڪتفا ڪئي اٿن ۽ ربوبيت ۽ الوهيت جي صفتن جي پاڻ کان نفي بيان ڪئي اٿن. (جمع الوسائل ج 2 ص 13) سندن ارشاد جو مقصد اهو آهي تہ نہ اهڙي تعريف ڪيو جيڪا الله ﷻ جي ٻانهي هجڻ جي خلاف هجي ۽ نہ اهڙي جو ان ۾ شرڪ جي بوءِ هجي ڇوتہ ٻانهو نيٺ ٻانهو آهي ۽ اهڙي بہ ڪا ڳالهہ نہ ڪيو جيڪا شان رسالت ۽ نبوت جي منافي هجي ۽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن کان جڏهن ڪنهن موڪل گهري تہ ڪين سجدو ڪري تہ پاڻ ان کي منع ڪندي فرمايائون "لَوْ كُنْتُ اٰمِرًا اَحَدًا اَنْ يَّسْجُدَ لِاَحَدٍ لَاَمَرْتُ الْمَرْءَةَ اَنْ تَسْجُدَ لِزَوْجِهَا " (جيڪڏهن مان ڪنهن کي امر ڪندڙ هجان ها تہ ڪنهن کي سجدو ڪري تہ زال کي امر ڪيان ها تہ مڙس کي سجدو ڪري) پاڻ فرمايائون تہ مان "عبدالله" (الله ﷻ جو ٻانهو) آهيان ٻين ٻانهن وانگر عبوديت جي دائري کان ٻاهر ناهيان. علامہ بدر زرڪشي فرمايو تہ "ان جي ڪري وڏن وڏن شاعرن ابي تمام ۽ بختري جهڙن حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي شان ۾ شاعري ڪندي وڏو احتياط ڪيو آهي ڇوتہ انهن جيڪو ڪجهہ پنهنجي خيالات ۾ آندو آهي اهو حضرت نبي ڪريم ﷺ جي ڪمال کان گهڻو هيٺ آهي.
(اشرف الوسائل ص 472)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب احاديث الانبياء باب 48 قول الله "وَاذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ مَرْيَمَ اِذِ انْتَبَذَتْ مِنْ اَهْلِهَا مَكَانًا شَرْقِيًّا" (سورة مريم آيت 15) رقم الحديث 3445 ج 6 ص 478 {2} احمد في المسند ج 1 ص 23، 24 {3} الدارمي في كتاب الرقاق باب 68 في قول النبي ﷺ "لاتطروني" رقم الحديث 2784 ج 2 ص 422. {4} الطيالسي في مسنده رقم الحديث 25 ص 6 {5} الحميدي في مسنده رقم الحديث 27 ج 1 ص 16 {6} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3681 ج 13 ص 246.

{332} حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا سُوَيْدُ بْنُ عَبْدِ الْعَزِيزِ، عَنْ حُمَيْدٍ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ، أَنَّ امْرَأَةً جَاءَتْ إِلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَالَتْ لَهُ: إِنَّ لِي إِلَيْكَ حَاجَةً، فَقَالَ: اجْلِسِي فِي أَيِّ طَرِيقِ الْمَدِينَةِ شِئْتِ أَجْلِسْ إِلَيْكِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ﷺ کان روايت آهي تہ هڪ عورت نبي ڪريم ﷺ جن وٽ آئي ۽ چيائين تہ منهنجو توهان ۾ ڪم آهي. پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو تہ مديني جي جنهن گهٽيءَ ۾ گهرين هلي ويهہ تہ آءُ بہ تو وٽ اچي ويهان ٿو. (يعني جتي گهرين مون کي پنهنجي ضرورت ٻڌاءِ)

مفردات جو شرح: "حَاجَةً" ڪم، ضرورت. "طَرِيقِ" واٽ، گهٽي، رستو. "اَلْمَدِيْنَةِ" شهر. "شِئْتِ" تون گهرين، پسند ڪرين.

سمجهاڻي: هن روايت مان بہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي تواضع جو ڪمال ظاهر آهي جو هڪ عورت جنهن جو نالو تہ مذڪور ڪونہ آهي غالبًا انصاريہ هئي. ڪين عرض ڪيو تہ منهنجو

اوهان ۾ ڪم آهي" تہ پاڻ ان کي فرمايائون "شهر جي ڪنهن بہ رستي تي ويهہ تہ مان ويهي تنهنجو عرض ٻڌان ۽ اهو عرض ڪيل ڪم پورو ڪيان. علماء ڪرام فرمايو تہ ان کي رستي تي ويهڻ جو فرمايائون ڪنهن جاءِ ۾ نہ فرمايائون ڇوتہ ڪنهن ڌارين عورت سان ائين ويهڻ شرعي اصول جي خلاف هو. بدمزاج ۽ شرير الطبع فردن کي ڪنهن شرارت جي سوچڻ جو موقعو نہ ملي ۽ واٽ تي ويهي هڪ سادي عورت جي ڳالهہ ٻڌڻ ۽ ان جي عرض کي قبول ڪرڻ حبيب ڪريم ﷺ جي نهايت انڪساري ۽ تواضع آهي. علامہ يوسف نبهاني لکيو آهي تہ :ابو الطفيل چيو تہ مان ننڍو هوس مون ڏٺو تہ نبي ڪريم ﷺ وٽ هڪ عورت ڪين قريب آئي پاڻ ان جي ويهڻ جي لاءِ پنهنجي چادر وڇايائون. سندن طرفان ان عورت جو ايترو ادب ۽ احترام ڏسي مون پڇا ڪئي تہ هيءَ عورت ڪير آهي؟ ٻڌايائون تہ اها سندن ڪير پيارڻ واري (حليمہ سعديہ) آهي. (انوار غوثيہ ص 430) علامہ البيجوري لکيو آهي تہ "الشفاء" جي بعض حاشين ۾ لکيل آهي تہ ان عورت جو نالو "ام زفر" هو. سيده خديجہ رضي الله عنها جي وارن مبارڪن کي ڦڻي ڏيندي هئي عقل جي لحاظ سان سادي هئي. ان پنهنجي حاجت ڪين لڪ ۾ تي پيش ڪئي تہ ٻيو ڪونہ ٻڌي، پوءِ اها ڪنهن رستي تي ويني ۽ حضور ڪريم ﷺ جن ان جو عرض ٻڌي ان جي حاجت پوري ڪئي. هن ۾ سندن بردباري ۽ تڪبر کان پاڪ هجڻ جو ڪمال آهي.

فائدو: هن مان هي ڳالهيون ثابت ٿين ٿيون. (1) تہ ڌارين عورت سان اڪيلو نہ ويهڻ گهرجي، پر جيڪڏهن ان جي ڪا اهڙي ضرورت آهي تہ اهڙي جاءِ تي ويهجي جتي تهمت جو شبهو نہ رهي. (2) تہ حاڪم کي گهرجي تہ حاجتمندن جي حاجت پوري ڪرڻ ۾ سستي نہ ڪري. (3) ضرورت جي ڪري واٽ يا رستي ۾ ويهڻ جائز آهي ۽ اهو ويهڻ ان وقت منع آهي جڏهن اتاهين لنگهندڙن جي لاءِ ايذاء جو سبب بنجي. ابو نعيم "دلائل نبوة" ۾ حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن ماڻهن کان وڌيڪ لطف ڪندڙ هئا. سخت سردي جي موسم ۾ ڪو ٻانهو يا ٻانهي ٿڌو پاڻي کڻي ايندو هو تہ ان سان منهن مبارڪ ۽ ٻانهو پاڪ ڌوئن تہ انهن کي نہ موٽائيندا هئا. ۽ ڪوبہ ماڻهو ڪائنن ڪا ڳالهہ پڇندو هو تہ ڪن ڏئي ان جي ڳالهہ ٻڌندا هئا ۽ ان کان پاڻ منهن نہ ڦيرائيندا هئا تانجو اهو پاڻ منهن ڦيرائي ۽ ڪنهن بہ ڪڏهن سندن هٿ ورتو هوندو تہ جيستائين اهو پاڻ هٿ نہ ڪيندو هو پاڻ هٿ نہ ڪيندا هئا. (المواهب ص 542) علامہ عسقلاني مهلب کان نقل ڪيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن ان سادي عورت سان اهڙي جاءِ تي نہ وينا هئا جو ماڻهو ان کي نہ ڏسن پر اهڙي جاءِ تي وينا هئا جتي ماڻهو ان جي ڳالهہ ٻڌي نہ سگهن. علامہ علي القاري لکيو آهي تہ ان عورت جو نالو ام زفر چوڻ سهوَ آهي. ام زفر رضي الله عنها انصاري عورتن مان آهي ئي ڪانہ حالانڪ بخاري جي روايتن ۾ صراحت آهي تہ اها عورت انصاريہ هئي ۽ بخاري جي هڪ روايت ۾ حضرت انس رضي الله عنه کان آيو آهي تہ اها عورت مدينہ منوره جي ٻانهين مان هڪ ٻانهي هئي جيڪا حضور ڪريم ﷺ کي عرض ڪري پاڻ سان وٺي هلندي هئي ۽ عرض ڪندي ويندي هئي ۽ نسائي جي روايت ۾ آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن بيوه ۽ ڪراڙي عورتن سان گڏ هلڻ ۽ انهن جا ڪم ڪاريون پورا ڪرڻ ۾ عيب نہ سمجهندا هئا ۽ هن حديث ۾ اهو بہ دليل آهي تہ مسلمانن جي مصلحت جي لاءِ تڪليف ڪرڻ ۽ انهن جي ضرورتن جي پوري ڪرڻ لاءِ اهتمام ڪرڻ گهرجي. حبيب پاڪ ﷺ جن محتاج جي حاجت پوري ڪرڻ لاءِ سندن

سڌ کي جيءَ چوندا هئا. انهن سان گڏجي هلندا هئا انهن سان کُلي ملندا هئا تانت حاجتمند ۽ حق وارا پنهنجو حق حاصل ڪن ۽ ماڻهو سندن اقوال، افعال ۽ احڪام سان هدايت حاصل ڪن ان ۾ سندن امت جي حاڪمن لاءِ هدايت بہ هئي. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 131) بعض علماء لکيو آهي تہ جڏهن تہ ان عورت جي عقل ۾ نقصان هو ان جي ڪري اها گهٽين ۾ هلندي هوندي ان جي ڪري حضور ڪريم ﷺ جن اتي تشريف فرما ٿي ان جي ڳالهين کي ٻڌڻ لاءِ ارشاد فرمايو هوندو ۽ بعض شارحن جو قول آهي تہ اهڙين عورتن کي گهر ۾ سڌڻ سان گهروارين لاءِ دقتون ۽ مشڪلاتون پيش ايندڙيون آهن جيئن گهڻا وقت ڏنو ويو آهي ان جي ڪري حضور ڪريم ﷺ جن اهو حڪم فرمايو هوندو. (خصائل نبوي ص 282) ۽ علامہ ابن حجر هيتمي مڪي لکيو آهي تہ "مدينہ منوره جي رهاڪن مان ڪو ننڍو ٻار جيڪڏهن ڪين هٿ مبارڪ مان وٺي هلندو هو تہ پاڻ ان کان هٿ نہ ڇڏائيندا هئا بلڪہ جيڏانهن اهو هلندو هو تہ پاڻ بہ ان سان هلندا هئا تانجو اهو پاڻ هٿ ڪڍندو هو. (اشرف الوسائل ص 473)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب الادب باب 13 الجلوس في الطرقات رقم الحديث 4818 ج 4 ص 257 {2} احمد في المسند ج 3 ص 319 {3} البغوي في الشمائل رقم الحديث 374 ج 1 ص 293 {4} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 30 {5} البخاري في كتاب مناقب الانصار باب 5 قول النبي ﷺ للانصار انتم احب الناس الى حديث رقم 3876 ص 1147.

{333} حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ مُسْهِرٍ، عَنْ مُسْلِمٍ الأَعْوَرِ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَعُودُ الْمَرِيضَ، وَيَشْهَدُ الْجَنَائِزَ، وَيَرْكَبُ الْحِمَارَ، وَيُجِيبُ دَعْوَةَ الْعَبْدِ، وَكَانَ يَوْمَ بَنِي قُرَيْظَةَ عَلَى حِمَارٍ مَخْطُومٍ بِحَبْلٍ مِنْ لِيفٍ وَعَلَيْهِ إِكَافٌ مِنْ لِيفٍ.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن بيمار کان پڇندا هئا. جنازي ۾ شريڪ ٿيندا هئا. گڏهہ جي سواري ڪندا هئا ۽ غلام جي دعوت بہ قبول ڪندا هئا. پاڻ ڪريم ﷺ بنو قريظہ جي لڙائي واري ڏينهن گڏهہ تي چڙهيل هئا. ان جي واڳ ڪاٻر جي هئي ۽ ان جي ٻنيءَ ۾ ڪجيءَ جا پن پيل هئا.

مفردات جو شرح: "يَعُودُ" پڇڻ ويندا هئا. "يَشْهَدُ" حاضر ٿيندا هئا. "يَرْكَبُ" سوار ٿيندا هئا. "يُجِيبُ" قبول فرمائيندا هئا.

سمجهاڻي: هن حديث مبارڪ ۾ حضرت انس ﷺ محبوب ڪريم ﷺ جي خلق عظيم جي هڪ جهلڪ بيان ڪئي آهي. (1) تہ پاڻ بيمار کان پڇڻ ويندا هئا. پوءِ اهو بيمار آزاد هجي يا غلام، وڏو امير هجي يا غريب مسڪين تانجو هڪ يهودي غلام کان بہ پڇڻ ويا جيڪو سندن خدمت ۾ ايندو هو ۽ پنهنجي مشرڪ چاچي کان بہ پڇڻ ويا ٻنهي کي اسلام جي دعوت ڏنائون، پوءِ ان يهودي غلام اسلام قبول ڪيو ۽ حبيب ڪريم ﷺ جن مريض کي ويجها ٿي سندس مٿي کان ويهندا هئا سندس طبيعت جو حال پڇندا هئا ۽ ان کي فرمائيندا هئا تہ پاڻ کي ڪيئن ٿو سمجهين يا صبح جو ڪهڙي حال ۾ آهين ۽ شام جو ڪيئن آهين ۽ ٻرپٽ بہ پڇندا هئا تہ فلاڻو ڪيئن آهي؟ ۽ مريض کي دعا ڪندي فرمائيندا هئا "توتي ڪو بہ ڏپ ناهي اهو مرض انشاءَ الله ﷻ تنهنجا گناهہ ڇاڻي توکي پاڪ ڪندو"

۽ ڪڏهن ان جي سور واري جاءِ تي هٿ مبارڪ رکي فرمائيندا هئا. "بِسْمِ اللهِ أَرْقِيْكَ مِنْ كُلِّ دَاءٍ يُؤْذِيْكَ اَللهُ يَشْفِيْكَ" الله جي نالي سان توکي ڦيڻو ٿو رکان. هر ان مرض کان جيڪو توکي ايذائي ٿو. الله توکي شفا ڏيندو" ۽ بخاري ۽ مسلم ۾ حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آهي ته "مان بيمار ٿي پيس ته رسول الله ﷺ جن ۽ ابوبڪر مون کان طبع پرسي جي لاءِ آيا ۽ مون کي بيهوشيءَ جا دورا پئجي رهيا هئا. پوءِ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن وضو ڪري اهو پاڻي مون تي ڇنڊا ڪري هنيو ته مون کي هوش اچي ويو ۽ مون سندن زيارت ڪئي (جو منهنجي مٿي کان وينا هئا) ۽ ابو داؤد جي روايت ۾ آهي ته "مون تي ڦيڻو رکيائون ته مان هوش ۾ اچي ويس" ۽ ان روايت ۾ هيئن به آهي ته پاڻ فرمايائون "اي جابر مان هن مرض ۾ توکي مرندڙ نه ٿو ڏسان" مطلب ته تون مايوس نه ٿي هن بيماريءَ ۾ تون وفات نه ڪندين. ۽ صحيح مسلم ۾ حديث آهي ته: مسلمان جا مسلمان تي ڇهه حق آهن انهن مان هڪ هي آهي ته مريض کان پڇڻ وڃجي ۽ اهو فرض ڪفايه آهي ۽ بعض علماء فرمايو ته سنت مؤڪده آهي ۽ صحيح حديث ۾ آهي ته: "أَطْعِمُوا الْجَائِعَ وَعُوْدُوا الْمَرِيْضَ" (بکايل کي کارايو ۽ مريض کان طبع پرسي ڪيو) ۽ حضرت زيد بن ارقم رضي الله عنه کان صحيح روايت ۾ آهي ته مون کي اک ۾ سور هو ته نبي ڪريم ﷺ جن مون کان پڇڻ آيا هئا ۽ مريض کان پڇڻ عبادت کان به پلو آهي ۽ نبي ڪريم ﷺ جو مريض کان پڇڻ عبادت سان گڏ تواضع آهي ڇو ته تواضع جي معنيٰ آهي انسان جو پنهنجي مرتبي جي تقاضا کان نڪري هيٺ لهڻ. (جمع الوسائل ج 2 ص 131)

علامه البيجوري لکيو آهي ته: رسول الله ﷺ جن جڏهن يهودي غلام کان پڇڻ ويا هئا جيڪو سندن خدمت ڪندو هو ته ان جي مٿي وٽ ويهي فرمايائون ته "اسلام قبول ڪر" ته ان پنهنجي پيءُ ڏانهن نهاريو جيڪو ان وقت اتي موجود هو پيءُ چيس ته "أَطِعْ أَبَا الْقَاسِمِ" **ابو القاسم** (يعني حضور ڪريم ﷺ) جي اطاعت ڪر. چوڻ مڃ. يعني اسلام قبول ڪر. ته ان اسلام قبول ڪيو ۽ حضور ڪريم ﷺ جن اتاهين نڪري فرمايو. "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِىْ أَنْقَذَهُ مِنَ النَّارِ" (سڀ ساراهه ان الله جل جلاله جي لاءِ ثابت آهي جنهن ان کي باهه کان ڇڏايو) (المواهب ص 543)

مريض کان پڇڻ جي ڀلائي متعلق حديثون: (1) "مَنْ عَادَ مَرِيْضًا نَادَاهُ مُنَادٍ مِّنَ السَّمَآءِ طِبْتَ وَطَابَ مَمْشَاكَ وَتَبَوَّأْتَ مِنَ الْجَنَّةِ مَنْزِلًا" (جنهن بيمار کان پڇيو ان کي آسمان کان سڏيندڙ سڏي چوي ٿو ڀلو ٿئين تون ۽ تنهنجو (اهو) پنڌ به ڀلو آهي ۽ تو جنت ۾ جاءِ بنائي) (2) ابو داؤد ۾ روايت آهي ته "مَنْ تَوَضَّأَ فَأَحْسَنَ الْوُضُوْءَ وَعَادَ أَخَاهُ الْمُسْلِمَ مُحْتَسِبًا بُوْعِدَ مِّنْ جَهَنَّمَ سَبْعِيْنَ خَرِيْفًا" (جنهن سهڻي نموني وضو ڪيو ۽ پنهنجي مسلمان ڀاءُ کان ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان پڇڻ ويو ته ستر سال جي پنڌ جيترو جهنم کان پري ڪيو ويندو) (3) امام احمد روايت آندي آهي ته "مَنْ عَادَ مَرِيْضًا فَاَمِنَ فِي الرَّحْمَةِ فَإِذَا جَلَسَ عِنْدَهُ اسْتَقَعَ فِيْهَا" (جنهن بيمار کان پڇيو ته اهو رحمت ڏانهن اچڻ لڳو ۽ جڏهن مريض وٽ ويٺو ته ان رحمت ۾ داخل ٿيو) طبراني وڌيڪ آندو آهي ته "جڏهن مريض وٽان اٿيو ته به اهو رحمت ۾ آهي تانجو اتي موٽي پهچي جتان نڪتو هو")

اعتراض: مريض کان پڇڻ جڏهن عبادت آهي جنهن سان الله جل جلاله جي رضا طلب ڪئي وئي ۽ ثواب حاصل ڪيو ويو ته پوءِ ان ۾ تواضع ڪهڙي آهي جو هن کي تواضع جي باب ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي؟

جواب: مريض کان پڇڻ ۾ ثواب حاصل ڪرڻ ۽ عبادت هجڻ سان گڏ تواضع بہ آهي ڇوتہ تواضع جي معنيٰ آهي پنهنجي مرتبي جي تقاضا کان هيٺ لهي اچڻ سو ان لحاظ سان مريض کان پڇڻ تواضع ۾ داخل آهي.“

سوال: ڇا ڇنڇر جي ڏينهن ڪنهن مريض کان پڇڻ منع آهي؟

جواب: نہ بلڪل نہ. منع ناهي. هر ڏينهن ۾ مريض کان پڇڻ جائز آهي. اهو هڪ يهودي جو ناهيل قول آهي ۽ حسن سند سان حديث ۾ آيو آهي تہ رسول الله ﷺ جن جڏهن ڪنهن مريض کان پڇڻ جي لاءِ ويندا هئا. تہ ان جي جسم جي جنهن جاءِ تي سور هوندو هو اتي هٿ مبارڪ رکي فرمائيندا هئا. ”بسم الله“ (اشرف الوسائل ص 476) مطلب تہ محبوب ڪريم ﷺ جن هر قسم جي بيمار کان طبيعت پڇڻ جي لاءِ ويندا هئا پوءِ اهو مريض ڀلي ڪيترو غريب هجي بلڪ پاڻ غير مسلمانن کان بہ پڇڻ ويندا هئا. منافقن جو وڏو عبدالله بن ابي جنهن کان ڪين ڪيترين تڪليفون ۽ ايذاء پهتا هئا اهو بيمار ٿيو تہ پاڻ ان کان بہ طبع پرسي ڪرڻ ويا هئا. (خصائل نبوي ص 283) ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن ”جنازه نماز ۾ ويندا هئا“ ان جي تدفين ۾ بہ شريڪ ٿيندا هئا ۽ اهو فرض ڪفايہ آهي ۽ شافعين وٽ سنت آهي ۽ هن ۾ بہ حضور ڪريم ﷺ جن جي تواضع جو اظهار آهي ۽ امت کي گهرجي تہ اهي بہ ان تي سندن اقتداء ۾ عمل ڪن. علامہ ابن حجر هيتمي مڪي لکيو آهي تہ : هڪڙن ماڻهن گوشي نشيني اختيار ڪئي آهي پوءِ ان جي ڪري ڪين ڪجهہ فائدو تہ ٿئي تو پر ڪيترين ڀلاين کان محروم بہ رهجي وڃن ٿا ڇوتہ برائي کان گوشہ نشيني ڪجي ۽ برائي کان سختيءَ سان بچندي نيڪيءَ جي ڪمن ۾ شريڪ ٿجي ۽ اهو ئي علماء عادلين ۽ ائمہ وارثين مان ڪاملن جو حال هوندو آهي پوءِ جيڪڏهن ڪو انسان ضعيف الحال آهي جيڪو ماڻهن سان ميل ـ جول جي صورت ۾ برائي کان بچي نہ ٿو سگهي تہ ان جي لاءِ ان حال ۾ گوشہ نشيني ڀلي آهي ۽ مريض کان پڇڻ ۽ جنازه ۾ حاضر ٿيڻ جي لاءِ شروط ۽ آداب آهن جيڪي فقہ جي ڪتابن ۾ لکيل آهن اتي ڏسڻ گهرجن ”۽ پاڻ گڏهہ تي بہ سواري ڪندا هئا“ عربن ۾ گڏهہ جو هڪ خاص قسم اهڙو بہ هوندو هو جيڪي جسم ۾ ٿلهن خچرن کان بہ وڏا هوندا هئا ۽ عام گهوڙن کان بہ رفتار ۾ تيز هوندا هئا بہ. تي تي ماڻهو انهن تي سوار ٿيندا هئا ممڪن آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جي دور ۾ بہ اهي هجن پر گهوڙن جي مقابلي ۾ اهي ادنيٰ درجي ۾ شمار ڪيا ويندا هئا. حضور ڪريم ﷺ جن ان عزت ۽ رفعت جي باوجود جو پاڻ ٻنهي جهانن جا سردار هئا. گڏهہ تي سواريءَ کي عيب نہ سمجهندا هئا ۽ ان سلسلي ۾ سلف صالحن مان وڏن بزرگن بہ سندن اقتداء ڪري ڏيکاري هئي. حضرت عبدالله ابنِ عمر ﷺ جي پٽ حضرت سالم ﷺ وٽ هڪ وڏي عمر وارو گڏهہ هوندو هو پاڻ ان تي سواري ڪندو هو ڪين سندس پُٽن روڪيو تہ ان تي سواري نہ ڪيو پر پاڻ نہ مڙيو. پوءِ انهن سندس گڏهہ جو هڪ ڪن وڍي ڇڏيو تہ بہ پاڻ ان تي سواري ڪندو هو. وري انهن ان جو ٻيو ڪن وڍي ڇڏيو تہ بہ پاڻ ان تي سواري ڪندو هو. وري انهن ان جو پڇ وڍي ڇڏيو تہ بہ پاڻ نہ مڙيو ان تي سواري ڪندو رهيو.“ ۽ اڳئين دور جا اڪابر علماء بہ گڏهہ تي سواري ڪندا هئا ان کي عيب نہ سمجهندا هئا ان ۾ انهن جي نيت حضور ڪريم ﷺ جي اقتداء ڪرڻ هئي. “ ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن وٽ ڏاچي, اٺ ۽ گهوڙا بہ هوندا هئا ان هوندي بہ پاڻ ﷺ جن گڏهہ تي سواري ڪندا هئا. ۽

ڪڏهن ڪڏهن ان تي پنهنجي پنيان ڪنهن کي ٻيلهه ٻ ويهاريندا هئا. "۽ ٻانهي (غلام) جي ٻ دعوت قبول ڪندا هئا" ۽ هڪ روايت ۾ "العبد" جي جاءِ تي "المملوڪ" جو لفظ آيو آهي. يعني خريد ڪيل غلام ڪنهن جو ٻ هوندو هو حضور ڪريم ﷺ کي ڪنهن ٻ ڪم لاءِ عرض ڪندو هو تہ پاڻ ان جو عرض قبول ڪندا هئا پوءِ ان جي جاءِ ويجهي هجي يا پري ۽ هيءَ ڳالهه ٻ پري ناهي تہ اهو ٻانهو ماذون مالڪ جي طرفان اجازت ڏنل هجي. يا مراد آهي تہ جيڪڏهن ڪو سردار ڪين دعوت ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي ٻانهي کي موڪليندو هو تہ ٻ پاڻ ان جي دعوت قبول ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪو ٻانهو ڪين جوَن جي ماني ڏيندو هو تہ ٻ قبول ڪري ڪائيندا هئا. (جمع الوسائل ص 132) علامہ مناوي لکيو آهي تہ پاڻ بيمار ڪان پڇڻ جي لاءِ ڪڏهن ڪڏهن پيرين اگهاڙا هوندا هئا تہ ٻ ويندا هئا" ۽ بني قريظہ واري ڏينهن گڏهہ تي سوار هئا جنهن کي کاٻر جو لغام ڏنل هو. ۽ ان تي کاٻر جي ٻني (گهوڙي جي هني وانگر) رکيل هئي. بني قريظہ قبيلي سان جنگ ڪرڻ جي لاءِ ان تي سوار ٿي ويا هئا. ۽ اهڙي ميدان ۾ ٻ گڏهہ تي سوار ٿيڻ کي عيب نہ سمجهيائون. هن مان ثابت ٿيو تہ وڏي مرتبي ۽ منصب واري کي گڏهہ تي سوار ٿيڻ ۾ عيب ناهي ۽ نہ ان جي ماٺيپي ۽ مانَ جي خلاف آهي. (المواهب ص 544)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابنِ ماجه في كتاب التجارات باب 66 ما للعبد ان يعطي ويتصدق رقم الحديث 2418 {2} الحاكم في المستدرك ج 2 ص 466 {3} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 57 {4} ابنِ سعد في الطبقات ج 1 ص 371 {5} الطيالسي رقم الحديث 2148ص 285 {6} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3673 ج 13 ص 241 وفي الشمائل رقم الحديث 385 ج 1 ص 298.

{334} حَدَّثَنَا وَاصِلُ بْنُ عَبْدِ الْأَعْلَى الْكُوفِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ فُضَيْلٍ، عَنِ الْأَعْمَشِ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ: كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُدْعَى إِلَى خُبْزِ الشَّعِيرِ وَالْإِهَالَةِ السَّنِخَةِ فَيُجِيبُ. وَلَقَدْ كَانَ لَهُ دِرْعٌ عِنْدَ يَهُودِيٍّ فَمَا وَجَدَ مَا يَفُكُّهَا حَتَّى مَاتَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ کي جوَن جي ماني ۽ تمام پراڻي رکيل گيهہ جي دعوت ڏني ويندي هئي تہ ٻ پاڻ قبول ڪندا هئا. ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي زرهہ هڪ يهوديءَ وٽ گروي رکيل هئي. وڌن ايترو (پيسو بچت) نہ هو جو اها زرهہ ڇڏائي سگهن. نيٺ وصال ڪري ويا. (هي سندن مسڪيني اختياري هئي. پاڻ گهرن ها تہ سندن لاءِ جبل ٻ سون ۽ چاندي جا ٿي پون ها)

مفردات جو شرح: "يُدْعَى" سڏيو ويندو هو. دعوت ڏنو ويندو هو. "الشَّعِيرِ" جَوَ. "الْإِهَالَةِ" هر اهو تيل جيڪو ياجيءَ جي بجاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. "اَلسَّنِخَةِ" جنهن جي گهڻي وقت گذرڻ جي ڪري بوءِ ڦري وئي هجي. ان کي "اَلزَّنِخَةِ" ٻ چيو ويندو آهي. سين جي بجاءِ زا.

سمجهاڻي: هن روايت مان ٻ حبيب ڪريم ﷺ جي طبيعت مبارڪ جو انڪسار ۽ تواضع معلوم ٿي رهيو آهي ڪين جيڪڏهن جوَن جي ماني ڏانهن يا گهڻي رکڻ جي ڪري بوءِ ڪري ويل تيل ڏانهن جيڪو ياجيءَ جي جاءِ تي استعمال ڪيو ويندو آهي دعوت ڏني ويندي هئي تہ ٻ قبول فرمائيندا هئا رد نہ ڪندا هئا تانت ڪنهن جي دل آزاري نہ ٿئي. ۽ پاڻ پئسو گڏ نہ ڪرڻ جي ڪري ظاهري طرح (حقيقت ۾ جيڪڏهن پاڻ گهرن ها تہ جبل ٻ سندن سِرَ لاءِ سونا بنجي حاضري ڏين ها) ايتري

مسڪيني حال ۾ هوندا هئا جو سندن هڪ زرهه هڪ يهودي وٽ گروي (يعني ڳهه) رکيل هئي ان کان آزاد نه ڪرايائون. علامه البيجوري لکيو آهي ته ان يهودي جو نالو ابو الشحم هو ان وٽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن ان جي ٽويهي جي بدلي ۾ زرهه ڳهه رکي هئي. ۽ ابن حبان جي روايت ۾ آهي ته ان طعام جي قيمت هڪ دينار هئي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن يهودي وٽ اها زرهه ڳهه رکي ڪنهن صحابي وٽ نه رکي ان جو سبب هي آهي ته ماڻهن کي اهو مسئلو ذهن ۾ ويهي ته يهودي سان به معاملات رکڻ جائز آهن ۽ اهو به معلوم ٿئي ته جيڪو ماڻهو سفر ۾ ناهي اهو به ڪا شيءِ ڳهه رکي سگهي ٿو جيتوڻيڪ قرآن ڪريم ڳهه رکڻ جو ذڪر مسافر جي لاءِ ڪيو آهي ۽ ان جي ڪري به جو صحابه ڪرام عليهم الرضوان سندن جي ڪابه شيءِ ڳهه نه رکندا ۽ نه ان جي بدلي ۾ ڪجهه گهرندا. تڏهن يهودي وٽ زرهه مبارڪ ڳهه رکي هيائون ۽ پاڻ جيستائين ظاهري زندگي ۾ هئا اها آزاد نه ڪرايائون. ۽ سندن رحلت کان پوءِ اها حضرت ابو بڪر صديق ﷺ آزاد ڪرائي هئي.

اعتراض: حديث شريف ۾ آيو آهي ته "نَفْسُ الْمُؤمِنِ مُعَلَّقَةٌ بِدَيْنِهِ حَتّٰى يُقْضٰى عَنْهُ" مومن جو ساهه ان تي رهيل قرض جي ڪري ٽنگيل هوندو آهي جيستائين اهو ادا نه ڪيو ويندو. پوءِ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن اهو قرض ڪيئن رهايو؟

جواب: ان جا ٻه جواب آهن. (1) ته اهو حڪم تڏهن آهي جڏهن قرض ادا ڪرڻ جي لاءِ پوئتي ڪجهه رهايل نه هجي. ۽ هتي زرهه رهايل هئي. (2) ته مذڪوره حڪم ۾ انبياء ڪرام عليهم السلام داخل ناهن ۽ هن حديث ۾ حضور ڪريم ﷺ جو زهد. سندن دربار ۾ دنيا جو گهڻو نه هجڻ ۽ سندن ڪرم جو ايترو وسيع هجڻ آهي جنهن جي ڪري اها صورت پيدا ٿي. (المواهب ص 545)

علامه علي القاري لکيو آهي ته: ابو الشحم ان يهودي جو نالو ۽ ڪنيت ڱڏ هو. اوس قبيلي جو هو. ۽ هن حديث ۾ اهو به اشارو آهي ته پنهنجن جي بجاءِ پراون کان قرض کڻڻ بهتر ۽ اولي آهي ۽ ايتري مسڪيني جو زرهه به آزاد نه ڪن. پاڻ الله ﷻ کان گهري ورتي هيائون. ۽ هن ۾ اهو به اشارو آهي ته: مسڪين صبر ڪندڙ غني شڪر ڪندڙ کان افضل آهي. بعض علماء فرمايو ته محدث ترمذي هيءَ روايت حديث کي پوري ڪرڻ جي لاءِ قَصَدًا آندي آهي تواضع جي بيان جي لاءِ ناهي. پر اهو قول رد ڪيل آهي ڇوته هن حديث ۾ جيڪو بيان ٿيو آهي ان ۾ تواضع ٿي تواضع آهي ڇوته رسول الله ﷺ جن جيڪڏهن اهڙي ڳالهه جو پنهنجن اصحابن سڳورن رضي الله عنهم سان اظهار ڪن ها ته اهي ان ۾ وڌيڪ خدمت ڪن ها جو اهي هر وقت سندن رضا جا طالب هئا. پر پاڻ انهن کي ڪجهه نه چوندي هڪ يهودي وٽ زرهه ڳهه رکيائون حالانڪه سندن نبوت ۽ رسالت جو منصب ان کان مٿي هو. سو ان ۾ تواضع ۽ انڪساري جو اظهار آهي هن حديث مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

فائدا: (1) هن ۾ يهودين تي حجت قائم ڪرڻ آهي ته پاڻ آخرت کي اختيار ڪيائون دنيا کي توجهه جي قابل نه سمجهيائون (2) هن مان اهو به ثابت ٿيو ته پاڻ ديني پيغام پهچائڻ ۽ ماڻهن کي مسلمان بنائڻ ۾ ڪا طمع ۽ لالچ نه رکندا هئا ۽ نه انهن کان ڪو معاوضو وٺڻ جو سوچيندا هئا تانجو قرض لاهڻ جيڪو فرض آهي ان جي لاءِ به ڪنهن کان ڪجهه نه گهريائون ۽ امام اعظم ﷺ سندن ئي اتباع ڪندي ان شخص جي پٽ جي ڇانئي ۾ نه ويهو جنهن ڏانهن سندس قرض هو. پاڻ هن کان بچيا جو

قرض واري ڪان ڪو مزيد فائدو وٺن ۾ اسحاق بن راهويہ پنهنجي مسند ۾ شعبي رضي الله عنه ڪان مرسل روايت آندي آهي تہ : حضرت ابوبڪر رضي الله عنه ان يهودي ڪان اها زرهہ آزاد ڪرائي حضرت علي رضي الله عنه کي ڏني هئي.

(3) **مسئلا :** هن حديث مان هي مسئلا واضح ٿيا هڪ تہ جنهن ماڻهو جي اڪثر ملڪيت حرام مان آهي ان سان بہ ڪاروهنوار ڪرڻ جائز آهي. ڇوتہ يهودين جي لاءِ الله جل جلاله قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمايو: ”اَكّٰلُوْنَ لِلسُّحْتِ“ حرام گهڻو ڪائيندڙ آهن (2) تہ جنگ ۾ ڪم اچڻ واريون شيون بہ ڪافرن کي وڪڻي ڏيڻ يا انهن وٽ گروي رکڻ جائز آهن. بشرطيڪ اهو ڪافر حربي نہ هجي (3) تہ ذمي ڪافر جي هٿ ۾ مال جو هجڻ ۽ ان ڪان رکت تي ڪا شيءِ وٺن منع ناهي (4) تہ حضور ڪريم، رؤف رحيم ﷺ جن جو تواضع ۽ دنيا تي قادر هجڻ جي باوجود ان ڪان بي رغبتي امت جي لاءِ رهبري آهي. (5) تہ سندن ظاهري غربت هوندي بہ ايترو ڪرم وسيع هو جو زرهہ گروي رکي بہ حاجتمندن جي حاجت پوري ڪندا هئا. (6) تہ سندن آل ۽ ازواج مطهرات رضي الله عنهم وعنهن وڏا صابر هئا جو ايتري تنگدستي ۾ مسڪيني تي صبر ڪندا هئا. (7) تہ حضور ڪريم، رؤف رحيم ﷺ جن صحابہ ڪرام عليهم الرضوان کي ڪجهہ نہ ڇيو سو يا تہ ان جي ڪري جو انهن وٽ سندن ضرورت ڪان مٿي ڪجهہ نہ هو. يا ان جي ڪري تہ جيڪڏهن پاڻ انهن ڪان ڪجهہ وٺندا تہ اهي ڪانئن ان جو ملهہ يا عيوض نہ وٺندا پوءِ انهن کي تنگي ۾ رهڻ ڪان بچاپائون يا تہ وسعت وارن کي ان جي خبر نہ پئي هوندي (جمع الوسائل ج 2 ص 134)

علامہ ابن حجر هيتمي مڪي لکيو آهي تہ : اها زرهہ اَن جي ٽيهن ٽوين جي بدلي ۾ ڳهہ رکي هيائون. (رواهہ الشيخان) ۽ ترمذي آندو آهي ” ويهن ٽوبن ۾ “ ۽ انهن روايتن ۾ جمع هن طريقي سان ڪري سگهجي ٿو پهريان ويهہ ٽويا ۽ پوءِ ڏهہ ٽويا ورتا ويا هجن. پوءِ جنهن ويهہ روايت ڪيا ان کي پويان ڏهہ ذهن ۾ نہ آيا هوندا ۽ جنهن ٽيهہ روايت ڪيا ان کي اهي بہ ذهن ۾ هوندا. (اشرف الوسائل ص 478)

محدث ڪانڌلوي لکيو آهي تہ : اها زرهہ گروي رکڻ بہ سندن تواضع جي ڪري هو ۽ مسڪيني جون سڀ حالتون تواضع جي ڪري هيون نہ تہ الله جل جلاله کين اختيار ڏنو هو تہ نبي بادشاهہ ٿي رهو يا غريب هجڻ سان گڏ نبوت هلائڻ پسند ٿا ڪيو. حضور ڪريم ﷺ جن پاڻ ئي غريبت سان گڏ نبوت کي هلائڻ پسند فرمايو. (خصائل نبوي ص 284) ۽ حضرت نبيِ ڪريم ﷺ جن اها زرهہ مخفي طور ڳهہ رکي هئي نہ تہ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان هر شيءِ سندن قدمن تان قربان ڪري ڇڏين ها.

(فضائل النبي ﷺ ص 187)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 3 ص 102 {2} البغوي في الشمائل رقم الحديث 386 ج 1 ص 299 {3} النسائي في كتاب البيوع باب 57 الرهن في الحضر رقم الحديث 7 ص 288 {4} ابن ماجه في كتاب الرهون باب 11 رقم الحديث 2566 {5} البيهقي في سننه ج 6 ص 36، 37.

{335} حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلَانَ قَالَ : حَدَّثَنَا أَبُو دَاوُدَ الْحَفَرِيُّ ، عَنْ سُفْيَانَ ، عَنِ الرَّبِيعِ بْنِ صَبِيحٍ ، عَنْ يَزِيدَ بْنِ أَبَانَ ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ : حَجَّ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَلَى رَحْلٍ رَثٍّ وَعَلَيْهِ قَطِيفَةٌ لَا تُسَاوِي أَرْبَعَةَ دَرَاهِمَ فَقَالَ : اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهُ حَجًّا لَا رِيَاءَ فِيهِ وَلَا سُمْعَةَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن پراڻي پاڪڙي تي

حج ڪيو ان تي اهڙو ڪٿو پيل هو جو چئن درهمن جو بہ نہ هو. پوءِ پاڻ دعا گهريائون تہ : اي الله ﷻ ! هن حج کي اهڙو (قبول) ڪر جنهن ۾ ڏيکاءُ ۽ شهرت نہ هجي.!"

مفردات جو شرح: "رَحْلٍ" اٺ جو پلاڻ. "رَثٍّ" ڦاٽل، پراڻو. "قَطِيفَةٌ" چادر. اها چادر جنهن جي ڪناري ٿهيل هجي. "رِيَاءَ" جيڪو ڪم ماڻهن جي ڏيکاءَ لاءِ ڪيو وڃي. "سُمْعَةَ" جيڪو ڪم ماڻهن ۾ شهرت جي لاءِ ڪيو وڃي.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ بہ الله ﷻ جي حبيب ﷺ جي تواضع جو بيان آهي تہ پاڻ حج جي لاءِ اٺ تي سوار ٿيا هئا ان جو پلاڻ پراڻو ڦاٽل هو جنهن تي هڪ سادي ڪناري سان ٿهيل چادر پيل هئي جنهن جي قيمت چار درهم بہ نہ هئي. ان ۾ ڪا بہ نرمي ۽ سهولت ميسر نہ هئي. ۽ پاڻ هي دعا جا الفاظ چيا هيائون. اي الله ﷻ هن (منهنجي حج کي. اهڙو (مقبول) حج بناءِ جنهن ۾ نہ رياء هجي نہ ماڻهن ۾ شهرت جو ارادو يا نيت هجي. ۽ هي بہ سندن عظيم تواضع آهي ڇوتہ شهرت ان ۾ هوندي آهي جنهن ۾ پليون سواريون ۽ اعليٰ لباس هجن. ۽ رياء ان عمل کي چئبو آهي جنهن ۾ ماڻهن کي ڏيکارڻ جي نيت هوندي آهي ۽ "السمعة" هي آهي جو ان نيت سان عمل ڪجي تہ ماڻهو ٻڌن ۽ ان جي عزت ۽ اڪرام ۽ احترام ڪن ان جي مدح ۽ تعريف ڪئي وڃي سندس جي لاءِ ماڻهن جي دلين ۾ تعظيم ۽ مرتبو پيدا ٿئي. ۽ انهن مان هر هڪ فاسق هجڻ جو موجب ۽ عمل جي ثواب کي ڪيرائيندڙ آهي پوءِ جيڪڏهن ڪنهن اهڙي سبب جي لاءِ ڪو عمل ڪيو مثال طور وضو ڪري ان مان سندس نيت ٿڌڪار حاصل ڪرڻ آهي تہ محدث عبدالسلام فرمايو ان کي ثواب نہ ملندو" الله ﷻ قدسي حديث ۾ فرمايو آهي :"اَنَا اَغْنَى الشُّرَكَاءِ عَنِ الشِّرْكِ مَنْ عَمِلَ عَمَلًا اَشْرَكَ فِيهِ غَيْرِى فَاَنَا مِنْهُ بَرِئٌ هُوَ لِلَّذِىْ اَشْرَكَ" (مان شرڪ وارن شريڪن کان وڌيڪ غني آهيان جنهن بہ ڪو عمل ڪيوءِ ان ۾ منهنجي غير کي شريڪ ڪيو تہ مان ان کان بيزار آهيان. ڇوتہ اهو عمل ان جي لاءِ آهي جنهن کي مون سان شريڪ ڪيائين) (اشرف الوسائل ص 479) حديث شريف ۾ آيو آهي تہ " جنهن رياء ڪيو الله ﷻ ان جي رياء کي قيامت جي ڏينهن ظاهر ڪندو." ۽ رياء ۽ سمعة ٻنهي مان مراد اهو عمل آهي جيڪو الله ﷻ جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ نہ ڪيو وڃي.

علامہ مناوي لکيو آهي تہ حج ۾ احرام هوندو آهي ۽ ان ۾ ڪيترين حلال شيون بہ پاڻ تي حرام ڪيون وينديون آهن. ان ۾ مجاهدن سان مشابهت ۽ قيامت جي ميدان ۾ بيهڻ جو منظر سامهون هوندو آهي. ۽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن تہ هونئن بہ رياء ۽ سمعة کان پاڪ هئا. پوءِ بہ اها دعا گهرڻ سندن تواضع جو ڪمال ۽ امت ۽ علماء امت جي لاءِ اخلاص جي تلقين ۽ تعليم هئي ۽ ان جي هوندي بہ حضور ڪريم ﷺ جن حج ۾ هڪ سؤ اٺ قرباني لاءِ ذبح ڪيا هئا ۽ پنهنجن اصحابن عليهم الرضوان کي ايتري عنايت سان نوازيو هيائون جنهن جهڙي عنايت ڪير بہ ڪري نہ ٿو سگهي.

(شرح المناوي علي حاشيه جمع الوسائل ج 2 ص 134)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابن ماجه في كتاب المناسک باب 4 الحج علي الرحل رقم الحديث 2890 {2} ابو الشيخ ص 140 {3} البغوي في الشمائل رقم الحديث 402 ج 1 ص 308 {4} البخاري في كتاب الحج باب 3 الحج رقم الحديث 1517 ج 3 ص 380.

{336} حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ قَالَ: حَدَّثَنَا عَفَّانُ قَالَ: حَدَّثَنَا حَمَّادُ بْنُ سَلَمَةَ، عَنْ حُمَيْدٍ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ: لَمْ يَكُنْ شَخْصٌ أَحَبَّ إِلَيْهِمْ مِنْ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ: وَكَانُوا إِذَا رَأَوْهُ لَمْ يَقُومُوا، لِمَا يَعْلَمُونَ مِنْ كَرَاهِيَتِهِ لِذٰلِكَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ﷺ کان روايت آهي تہ اصحابن سڳورن عليهم الرضوان وٽ رسول الله ﷺ کان وڌيڪ ڪوبہ شخص محبوب ۽ پيارو نہ هو. (حضرت انس ﷺ چوي ٿو تہ) جڏهن اصحاب سڳورا پاڻ ڪريم ﷺ کي ايندي ڏسندا هئا تہ نہ اٿندا هئا. ڇاڪاڻ تہ انهن کي خبر هئي تہ پاڻ ڪريم ان ڳالھ کي پسند نہ ڪندا آهن.

مفردات جو شرح: "لَمْ يَكُنْ" نہ هو. "أَحَبَّ" اي اڪثر محبوبية. وڌيڪ محبوب. "إِذَا رَأَوْهُ" جڏهن ان کي ڏسندا هئا. "لَمْ يَقُومُوا" تہ نہ اٿي بيهندا هئا.

سمجهاڻي: سيدنا رسول الله ﷺ جن صحابہ ڪرام عليهم الرضوان کي سيني کان وڌيڪ محبوب هئا ۽ ڪيئن محبوب نہ هجن؟ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان کي جيڪو ڪجھ مقام مليو اهو سڀ حضور ڪريم ﷺ جن جو صدقو ۽ سندن ذريعي ۽ وسيلي سان هو. حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي صدقي انهن کي توحيد جي دولت ملي. گمراهي جي عميق ڪڏن ۾ نڪري سعادت ۽ نيڪ بختيءَ جي بلنديءَ تي پهتا جهنم جي عذاب کان بچي جنت جي نعمتن سان مالا مال ٿيا عرب جي جاهليت وارين گندين رسمن ۽ عادتن کان نڪري سهڻن اخلاقن جا صاحب بڻيا ۽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي ذات ، عالي صفات جي عشق ۾ فاني رهيا.

صحابہ جي محبت جو مثال نہ ٿو ملي: آقاءِ نامدار سان سندن محبت جو مثال: اهو ئي سبب هو جو صحابہ ڪرام عليهم الرضوان والدين، ڀائرن، ڀينرن، اولاد ۽ اموال بلڪ هر شيءِ کان وڌيڪ حضرت حبيب محبوب ڪريم ﷺ سان محبت رکندا هئا. ۽ جيڪڏهن انهن مان ڪنهن جو پيءُ يا پٽ نبي ڪريم ﷺ جي مقابلي ۾ جنگ جي ميدان ۾ آيو تہ پٽ پنهنجي پيءُ کي ۽ پيءُ پنهنجي پٽ کي بہ نہ بخشيو بلڪ ان کي تلوار جو شڪار بنايو. حضرت ابو عبيده ﷺ جي پيءُ رسول الله ﷺ کي ايذايو تہ ابو عبيده ﷺ ان کي قتل ڪري ڇڏيو. ۽ حضرت ابو بڪر بدر جي جنگ ۾ پنهنجي پٽ عبدالرحمان جي تاڙ ۾ رهيو تہ جيڪڏهن موقعو ملي تہ قتل ڪري ڇڏيانس ڇوتہ اهو ان وقت اڃان مسلمان نہ ٿيو هو. ڪافرن سان گڏجي آيو هو. محبت ڪڏهن تعظيم جي هوندي آهي تہ ڪڏهن شفقت جي حضرت انس بن مالڪ ﷺ فرمايو تہ اصحاب سڳورا عليهم الرضوان حضور پاڪ ﷺ جن سان سڀ کان وڌيڪ محبت رکندي بہ جڏهن کين ايندي ڏسندا هئا تہ سندن جي لاءِ اٿي نہ بيهندا هئا. ڇوتہ کين خبر هئي تہ حضور ڪريم ﷺ جن ان اٿڻ کي پسند نہ ڪندا هئا. ۽ بعض روايات ۾ حضور ڪريم جي لاءِ صحابہ ڪرام جو اٿي بيهڻ ثابت آهي. علامہ مناوي لکيو آهي تہ : جيڪڏهن حضور ڪريم ﷺ جن ڪنهن ٻئي پاسي ويندي صحابہ ڪرام عليهم الرضوان کان لنگهندا هئا تہ اٿي نہ بيهندا هئا ۽ جيڪڏهن صحابہ ڪرام عليهم الرضوان ڏانهن ايندا هئا تہ اٿي بيهندا هئا يا مجلس مان اٿندا هئا تہ جيستائين پنهنجي گهرن مان ڪنهن گهر ۾ داخل نہ ٿيندا هئا تيستائين صحابہ ڪرام عليهم الرضوان بيٺا هوندا هئا. ۽ علامہ مناوي لکيو آهي تہ شرف ۽ فضل وارن جي لاءِ اٿي بيهڻ مستحب آهي ۽

جڏهن عڪرمة بن ابي جهل حضور ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ آيو ته پاڻ ان جي لاءِ اٿي بيٺا ۽ عدي بن حاتم ﷺ جڏهن به سندن خدمت ۾ ايندو هو ته پاڻ ان جي لاءِ اٿي بيهندا هئا جيئن حديث ۾ آيو آهي ۽ اهي حديثون جيتوڻيڪ ضعيف آهن پر فضائل اعمال ۾ انهن تي عمل ڪيو ويندو آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن کي اهو خوف هو ته هر هر اٿڻ ۾ افراط نه ڪن ان جي ڪري ان کي ناپسند به ڪيو هيائون پر ڪڏهن ڪڏهن جيڪڏهن ٿورا ٿورا صحابي اٿي بيٺا ته پاڻ ان کي نا پسند نه ڪيائون. امام احمد حسن کان روايت آندي آهي ته: رسول الله ﷺ جن جا نه ملاقات جا دروازا بند هئا نه انهن تي پردا لٽڪيل هئا نه ڪين صرف پري کان نظرون ڏسنديون هيون پر پاڻ کليل هوندا هئا جيڪو ڪين ملڻ چاهيندو هو اهو ملي سگهندو هو مٽيءَ تي ويهندا هئا ۽ مٽيءَ تي ويني کاڌو کائيندا هئا. ٽلهو ڪپڙو پائيندا هئا. گڏهه تي سواري ڪندا هئا پاڻ سان پيلهه به سواري ڪٽندا هئا ۽ الله ﷻ جو قسم! ته ڪاڌي کان پوءِ پنهنجو هٿ مبارڪ چٽيندا هئا. (شرح المناوي علي حاشيه جمع الوسائل ج 2 ص 137)

ڪنهن جي لاءِ اٿي بيهڻ: علماءِ ڪرام لکيو آهي ته ڪنهن جي لاءِ اٿي بيهڻ پنج قسم آهي. (1) ناجائز: اهو ان جي لاءِ اٿي بيهڻ آهي جيڪو تڪبر جي ڪري چاهي ٿو ته ماڻهو ان جي لاءِ اٿي بيهن. (2) مڪروهه: ان ماڻهو جي لاءِ اٿي بيهڻ آهي جيڪو تڪبر ڪري ته ڪونه ٿو پر شڪ آهي ته متان تڪبر ڪري. (3) جائز: ان ماڻهو جي لاءِ اٿي بيهڻ آهي جنهن ۾ تڪبر جو انديشو ئي ناهي. (4) ثواب: ان ماڻهوءَ جي لاءِ اٿڻ جيڪو سفر تان موٽيو آهي ان کان اٿي سامان وٺڻ. ان کي آرام پهچائڻ يا ان جي سلامتي سان موٽي اچڻ جي خوشي ۾ اٿي بيهڻ. (5) لاچار کان اٿي بيهڻ: ڪنهن ظالم جي ڊپ کان اٿي بيهڻ ته متان نه اٿڻ جي ڪري نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪري

(خصائل نبوي ص 285, 286)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في الادب المفرد رقم الحديث 946 ص 326 {2} ابو الشيخ ص 58 {3} البغوي في الشمائل رقم الحديث 392 ج 1 ص 302 {4} في شرح السنة رقم الحديث 3329 ج 12 ص 294.

{337} حَدَّثَنَا سُفْيَانُ بْنُ وَكِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا جُمَيْعُ بْنُ عُمَرَبْنِ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ الْعِجْلِيُّ قَالَ: أَنْبَأَنَا رَجُلٌ مِنْ بَنِي تَمِيمٍ مِنْ وَلَدِ أَبِي هَالَةَ زَوْجِ خَدِيجَةَ يُكْنٰى أَبَاعَبْدِ اللهِ، عَنِ ابْنٍ لِأَبِي هَالَةَ، عَنِ الْحَسَنِ بْنِ عَلِيٍّ قَالَ: سَأَلْتُ خَالِي هِنْدَ بْنَ أَبِي هَالَةَ، وَكَانَ وَصَّافًا عَنْ حِلْيَةِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، وَأَنَا أَشْتَهِي أَنْ يَصِفَ لِي مِنْهَا شَيْئًا، فَقَالَ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَخْمًا مُفَخَّمًا، يَتَلَأْلَأُ وَجْهُهُ تَلَأْلُؤَ الْقَمَرِلَيْلَةَ الْبَدْرِ فَذَكَرَ الْحَدِيثَ بِطُولِهِ قَالَ الْحَسَنُ: فَكَتَمْتُهَا الْحُسَيْنَ زَمَانًا، ثُمَّ حَدَّثْتُهُ فَوَجَدْتُهُ قَدْ سَبَقَنِي إِلَيْهِ. فَسَأَلَهُ عَمَّا سَأَلْتُهُ عَنْهُ وَوَجَدْتُهُ قَدْ سَأَلَ أَبَاهُ عَنْ مَدْخَلِهِ وَمَخْرَجِهِ وَشَكْلِهِ فَلَمْ يَدَعْ مِنْهُ شَيْئًا.

قَالَ الْحُسَيْنُ: فَسَأَلْتُ أَبِي، عَنْ دُخُولِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَالَ: كَانَ إِذَا أَوَى إِلَى مَنْزِلِهِ جَزَّأَ دُخُولَهُ ثَلَاثَةَ أَجْزَاءٍ، جُزْءًا لِلّٰهِ، وَجُزْءًا لِأَهْلِهِ، وَجُزْءًا لِنَفْسِهِ، ثُمَّ جَزَّأَ جُزْأَهُ بَيْنَهُ وَبَيْنَ النَّاسِ، فَيَرُدُّ ذٰلِكَ بِالْخَاصَّةِ عَلَى الْعَامَّةِ، وَلَا يَدَّخِرُ عَنْهُمْ شَيْئًا، وَكَانَ مِنْ سِيرَتِهِ فِي جُزْءِ الْأُمَّةِ إِيثَارُ أَهْلِ الْفَضْلِ بِإِذْنِهِ وَقَسْمِهِ عَلَى قَدْرِ فَضْلِهِمْ فِي الدِّينِ، فَمِنْهُمْ ذُو الْحَاجَةِ، وَمِنْهُمْ ذُو الْحَاجَتَيْنِ، وَمِنْهُمْ ذُو الْحَوَائِجِ، فَيَتَشَاغَلُ بِهِمْ وَيَشْغَلُهُمْ فِيمَا يُصْلِحُهُمْ وَالْأُمَّةَ مِنْ

مُسَاءَلَتِهِمْ عَنْهُ وَإِخْبَارِهِمْ بِالَّذِي يَنْبَغِي لَهُمْ وَيَقُولُ: لِيُبَلِّغِ الشَّاهِدُ مِنْكُمُ الْغَائِبَ، وَأَبْلِغُونِي حَاجَةَ مَنْ لَا يَسْتَطِيعُ إِبْلَاغَهَا، فَإِنَّهُ مَنْ أَبْلَغَ سُلْطَانًا حَاجَةَ مَنْ لَا يَسْتَطِيعُ إِبْلَاغَهَا ثَبَّتَ اللهُ قَدَمَيْهِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ، لَا يُذْكَرُ عِنْدَهُ إِلَّا ذٰلِكَ، وَلَا يُقْبَلُ مِنْ أَحَدٍ غَيْرِهِ، يَدْخُلُونَ رُوَّادًا وَلَا يَفْتَرِقُونَ إِلَّا عَنْ ذَوَاقٍ، وَيُخْرِجُونَ أَدِلَّةً يَعْنِي عَلَى الْخَيْرِ

قَالَ: فَسَأَلْتُهُ عَنْ مَخْرَجِهِ كَيْفَ يَصْنَعُ فِيهِ؟ قَالَ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَخْزُنُ لِسَانَهُ إِلَّا فِيمَا يَعْنِيهِ، وَيُؤَلِّفُهُمْ وَلَا يُنَفِّرُهُمْ، وَيُكْرِمُ كَرِيمَ كُلِّ قَوْمٍ وَيُوَلِّيهِ عَلَيْهِمْ، وَيُحَذِّرُ النَّاسَ وَيَحْتَرِسُ مِنْهُمْ مِنْ غَيْرِ أَنْ يَطْوِيَ عَنْ أَحَدٍ مِنْهُمْ بِشْرَهُ وَخُلُقَهُ، وَيَتَفَقَّدُ أَصْحَابَهُ، وَيَسْأَلُ النَّاسَ عَمَّا فِي النَّاسِ، وَيُحَسِّنُ الْحَسَنَ وَيُقَوِّيهِ، وَيُقَبِّحُ الْقَبِيحَ وَيُوَهِّيهِ، مُعْتَدِلُ الْأَمْرِ غَيْرُ مُخْتَلِفٍ، لَا يَغْفُلُ مَخَافَةَ أَنْ يَغْفُلُوا أَوْ يَمِيلُوا، لِكُلِّ حَالٍ عِنْدَهُ عَتَادٌ، لَا يُقَصِّرُ عَنِ الْحَقِّ وَلَا يُجَاوِزُهُ. الَّذِينَ يَلُونَهُ مِنَ النَّاسِ خِيَارُهُمْ، أَفْضَلُهُمْ عِنْدَهُ أَعَمُّهُمْ نَصِيحَةً، وَأَعْظَمُهُمْ عِنْدَهُ مَنْزِلَةً أَحْسَنُهُمْ مُوَاسَاةً وَمُؤَازَرَةً.

قَالَ: فَسَأَلْتُهُ عَنْ مَجْلِسِهِ، فَقَالَ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَا يَقُومُ وَلَا يَجْلِسُ إِلَّا عَلَى ذِكْرٍ، وَإِذَا انْتَهَى إِلَى قَوْمٍ جَلَسَ حَيْثُ يَنْتَهِي بِهِ الْمَجْلِسُ وَيَأْمُرُ بِذٰلِكَ، يُعْطِي كُلَّ جُلَسَائِهِ بِنَصِيبِهِ، لَا يَحْسَبُ جَلِيسُهُ أَنَّ أَحَدًا أَكْرَمُ عَلَيْهِ مِنْهُ، مَنْ جَالَسَهُ أَوْ فَاوَضَهُ فِي حَاجَةٍ صَابَرَهُ حَتَّى يَكُونَ هُوَ الْمُنْصَرِفُ عَنْهُ، وَمَنْ سَأَلَهُ حَاجَةً لَمْ يَرُدَّهُ إِلَّا بِهَا أَوْ بِمَيْسُورٍ مِنَ الْقَوْلِ، قَدْ وَسِعَ النَّاسَ بَسْطُهُ وَخُلُقُهُ، فَصَارَ لَهُمْ أَبًا وَصَارُوا عِنْدَهُ فِي الْحَقِّ سَوَاءً، مَجْلِسُهُ مَجْلِسُ عِلْمٍ وَحِلْمٍ وَحَيَاءٍ وَأَمَانَةٍ وَصَبْرٍ، لَا تُرْفَعُ فِيهِ الْأَصْوَاتُ وَلَا تُؤْبَنُ فِيهِ الْحُرَمُ، وَلَا تُثَنَّى فَلَتَاتُهُ مُتَعَادِلِينَ، بَلْ كَانُوا يَتَفَاضَلُونَ فِيهِ بِالتَّقْوَى، مُتَوَاضِعِينَ يُوَقِّرُونَ فِيهِ الْكَبِيرَ وَيَرْحَمُونَ فِيهِ الصَّغِيرَ، وَيُؤْثِرُونَ ذَا الْحَاجَةِ وَيَحْفَظُونَ الْغَرِيبَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت حسن بن علي ﷜ کان روايت آهي تہ مون پنھنجي مامي هند بن ابي هالہ ﷜ کان نبي ڪريم ﷺ جن جي سھڻي صورت ۽ سھڻي سيرت جي باري ۾ پڇيو؟ چاڪاڻ تہ هند بن ابي هالہ ﷜ حضور ڪريم ﷺ جن جي حليي مبارڪ کان گھڻو واقف هو ان ڪري مون گھريو ٿي تہ اهو مون کي پاڻ ڪريم ﷺ جي باري ۾ ڪجھ ٻڌائي.

هند بن ابي هالہ ﷜ ٻڌايو تہ رسول الله ﷺ جن ذات ۽ صفات ۾ شان ۽ عزت وارا هئا. سندن منهن مبارڪ چوڏهين جي چنڊ وانگر چمڪندو هو. پوءِ ان سڄي حديث ٻڌائي.

حضرت امام حسن ﷜ چيو تہ ڪجھ وقت تائين حضرت امام حسين ﷜ کان لڪائڻ بعد (هڪ ڀيري) مون ان کي هيءَ حديث ٻڌائي تہ مون کي خبر پئي تہ پاڻ (امام حسين ﷜) اڳ ۾ ئي (پنھنجي مامي هند ﷜) کان حضور ڪريم ﷺ جن جو حليو پڇي چڪو هو جو ڪجھ مون کي معلوم ٿيو ان کان هو بہ آگاهہ ٿي چڪو هو.

مون کي اها بہ خبر پئي تہ ان (منھنجي ڀاءُ امام حسين ﷜) پنھنجي والد سڳوري (حضرت علي ﷜) کان بہ نبي ڪريم ﷺ جن جي گھر ۾ رهڻ ۽ ٻاهر نڪرڻ ۽ مجلس جي طور طريقن بابت بہ پڇيو آهي ۽ ڪا بہ ڳالهہ نہ ڇڏي آهي.

حضرت امام حسين ﷜ چيو تہ مون پنھنجي والد سڳوري ﷜ کان پاڻ سڳورن ﷺ جن جو گھر ۾ اچڻ جي باري ۾ پڇيو تہ ان چيو: جڏهن نبي پاڪ ﷺ جن گھر ويندا هئا تہ گھر ۾ رهڻ واري

وقت کي ٽن حصن ۾ ورهائيندا هئا. هڪ حصو الله ﷻ جي عبادت جي لاءِ ٻيو حصو گهر وارن جي حقن ۽ ڪم ڪارين جي ادائيگي جي لاءِ ۽ ٽيون حصو پنهنجي وجود لاءِ هوندو هو. پوءِ پنهنجي وقت جي حصي کي پاڻ ۽ ماڻهن جي وچ ۾ فائدي لاءِ ورهائيندا هئا. پنهنجو فيض ۽ برڪت خاص اصحابن سڳورن عليهم الرضوان جي ذريعي عام ماڻهن تائين پهچائيندا هئا ۽ ڪابہ شيءِ اصحابن کان نہ جهليندا هئا. امت جي حصي يا وقت ۾ سندن عادت مبارڪ هئي تہ علم ۽ عمل وارن جي اندر اچڻ جي اجازت ۽ ورهاست ۾ سندن ديني فضيلت ۽ لياقت آهر اختيار ۽ عزت ڏيندا هئا. انهن مان ڪنهن جي هڪ ضرورت ڪنهن جون بہ ضرورتون ۽ ڪنهن جون گهڻيون ضرورتون هونديون هيون.

پاڻ سڳورا ﷺ انهن جي ضرورتن ۾ مشغول رهندا هئا. پوءِ انهن کي پنهنجي لاءِ ۽ باقي امت جي اصلاح بابت ڪمن ڪارين بابت مشغول رکندا هئا.

پاڻ سڳورا ﷺ فرمائيندا هئا. تہ اوهان مان جيڪي حاضر آهن سي غير موجود يا غائب کي (ٻدل ديني ڳالهيون) پهچائين ۽ جيڪي پنهنجون ضرورتون مون وٽ پهچائي نہ ٿا سگهن انهن جون ضرورتون مون تائين پهچائي بيان ڪندا ڪريو. ڇوتہ جيڪو ماڻهو ڪنهن حاڪم وٽ پهچ وارو آهي سو ڪنهن اڻ پهچ واري مسڪين جي حاجت پهچائيندو تہ الله ﷻ قيامت جي ڏينهن ان جا قدم (پلصراط تي) ثابت رکندو ۽ وٽن اهڙن ڪمن کان سواءِ ذڪر نہ ٿيندو هو ۽ نہ وري ان جي برخلاف پاڻ سڳورا ﷺ ڪو ڪم قبول ڪندا هئا.

پاڻ سڳورن ﷺ وٽ ماڻهو (علم دين ۽ ڀلائي جو) شوق ۽ طلب ڪٺي ايندا هئا ۽ جنهن مهل واپس موٽندا هئا تہ (علم دين ۽ ڀلائي سان گڏ) ڪاڏو بہ ڪائي پي ويندا هئا. مطلب تہ خير ۽ ڀلائي جا رهبر ٿي موٽندا هئا.

حضرت امام حسين ﷺ چيو تہ مون پنهنجي والد سڳوري ﷺ کان نبي ڪريم ﷺ جن جي ٻاهر نڪرڻ جي باري ۾ پڇيو ان چيو تہ: نبي ڪريم ﷺ بي فائدين ڳالهين کان زبان بند رکندا هئا ۽ رڳو ديني ڳالهيون بيان فرمائيندا هئا.

اصحابن کي پاڻ ۾ محبت سيکاريندا هئا ۽ جدا ٿيڻ نہ ڏيندا هئا. پاڻ هر قوم جي معزز ماڻهن جي عزت ڪندا هئا ۽ ڪين انهن تي حاڪم مقرر ڪندا هئا. پر ان جي باوجود هر هڪ سان ڪِل ۽ سهڻي اخلاق سان پيش ايندا هئا. پنهنجن اصحابن عليهم الرضوان جي سار سنڀال ۽ خبر چار لهندا هئا ۽ ماڻهن کان جنهن حال ۾ بہ هوندا هئا پڇا ڪندا هئا.

پاڻ چڱي کي چڱو سمجهندا ۽ ان جي مدد ڪندا هئا ۽ خراب کي خراب سمجهي ان جي مذمت ڪندا هئا. پاڻ هميشہ هر ڪم ۾ وچٿرا هلندا هئا ۽ اصحابن سڳورن عليهم الرضوان کان بي خبر نہ رهندا هئا تہ ڪٿي اهي غافل يا سست نہ ٿي وڃن.

پاڻ سڳورن ﷺ وٽ هر حالت ۾ سامان پورو تيار هوندو هو. حق ۾ ڪوتاهي نہ ڪندا هئا ۽ حد کان ٻاهر نہ ويندا هئا. ماڻهن مان سندن سنگت ساٿ وارا ڀلارا فرد هئا. وٽن ڀلا اهي ماڻهو هئا. جن جي خير خواهي عام هجي ۽ اهو وٽن مانَ وارو هوندو هو جنهن جي ماڻهن سان غمخواريءَ ۽ ٻين ڪمن سان مددگاري سٺي هجي.

حضرت امام حسين رضي الله عنه چيو تہ مون پنهنجي والد سڳوري رضي الله عنه کان پاڻ ڪريم ﷺ جن جي مجلس جي باري ۾ اٿڻ ويهڻ بابت پڇيو؟ ان چيو تہ نبي ڪريم ﷺ اٿندي ويهندي الله جل جلاله جو ذڪر ڪندا هئا. پاڻ ڪنهن جي ڪچهري ۾ ويندا هئا تہ جتي جاءِ هوندي هئي، اتي ويهندا هئا ۽ ٻين کي بہ ائين ڪرڻ جو چوندا هئا . پنهنجي هر مجلس واري کي ان جو حصو ۽ حق ڏيندا هئا يعني سيني کي هڪجهڙو پائيندا هئا. سندن گڏ ويهندڙ سمجهندو هو تہ مون کان وڌيڪ کو ان کي پيارو ڪونهي.

جڏهن کو ماڻهو وٽن اچي ويهندو يا پنهنجي ضرورت جي ڳالهہ ڪندو هو تہ انهيءَ سان تيستائين صبر ڪري ويهندا هئا جيستائين اهو پاڻ وڃڻ جي نہ ڪري. وٽن کو ڪم ڪٽي ايندو هو تہ پورو ڪندا هئا يا نرميءَ سان جواب ڏيندا هئا. سندن شفقت ۽ خُلق ماڻهن تي عام هو. جڻ پاڻ همدردي ۽ شفقت ۾ ماڻهن لاءِ پيءُ وانگر هئا. سيني ماڻهن جا حق وٽن برابر هڪجهڙا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ جي ڪچهري بردباري، حيا، صبر ۽ امانت واري مجلس هوندي هئي، ان مجلس ۾ وڏو آواز نہ هوندو هو ۽ نہ وري ڪنهن جي عزت تي عيب يا تهمت لڳندي هئي، ڪنهن جون غلطيون ظاهر نہ ڪيون ويندڙيون هيون. مجلس وارا پاڻ ۾ موافق ۽ برابر هوندا هئا يعني هڪٻئي تي فخر ۽ وڏائي نہ ڪندا هئا اتي پرهيزگاري ۾ هڪ ٻئي کان فضيلت رکندا هئا. مجلس وارا سيئي نياز نوڙت وارا ۽ وڏن جي عزت ڪندا هئا ۽ ننڍن تي رحم ۽ شفقت ڪندا هئا. گهرج وارن جي گهرج پوري ڪندا هئا ۽ ننڍن تي رحم ۽ شفقت ڪندا هئا. ۽ مسافرن جي حقن جي سار سنڀال لهندا ۽ خدمت ڪندا هئا.

مفردات جو شرح: "وَصَّافًا" گهڻو بيان ڪندڙ. "حِلْيَة" صورت. " الشكل" مشابهہ، مثل، نظير، صورت. "جَزَّأَ" حصا ڪندا، تقسيم ڪندا هئا. "يَدَّخِرُ" پوشيده، لڪل نہ رکندو هو. "سِيرَتِ" عادت، طريقو، روش، زندگي گذارڻ جو طريقو هيئت. "حَاجَةَ" هن جو جمع حوائج ۽ حاجات ايندو آهي، يعني ضرورت.

سمجهاڻي: هن حديث مبارڪ ۾ حضرت امام حسن رضي الله عنه پنهنجي مامي کان حضرت حبيب ڪريمن ﷺ جو حليو مبارڪ روايت ڪيو آهي پر جڏهن تہ ان ۾ حضرت رسول اڪرم ﷺ جي تواضع ۽ انڪساري جو بہ بيان آهي تڏهن هن کي تواضع جي باب ۾ ذڪر ڪيو اٿس. علامہ البيجوري لکيو آهي تہ : حضرت امام حسن رضي الله عنه حضرت امام حسين رضي الله عنه کان تقريبًا هڪ سال وڏو هو. حضرت امام حسن سن ٽي هجري رمضان مهيني ۾ ڄائو هو تہ حضرت حسين رضي الله عنه سن 4 هہ شعبان مهيني ۾ ڄائو هو ۽ حضرت امام حسين امام حسن رضي الله عنه جي وفات کان ڏهہ سال پوءِ بہ زندهہ رهيو. حضرت امام حسن رضي الله عنه جو مامو ابن ابي هالہ رضي الله عنه جو پٽ هو جيڪو حضرت امام حسن جي امان سيده فاطمہ زهرا رضي الله عنها جو مائيٽو ڀاءُ هو جيڪو سيده خديجة الكبرىٰ کي ان جي اڳئين مڙس ابي هالہ مان هو. اهو حضرت نبي ڪريم جي ذات کي ننڍي عمر ۾ ويجهو رهيو ۽ سندن هر صفت کي سوچي ڏٺو هيائين جيئن حضرت علي رضي الله عنه چوتہ اهي ٻئي حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن پاليا هئا. ۽ ننڍو ويجهو رهي وڏي کان وڌيڪ سوچي سگهي ٿو وڏو ادب. حياء جي ڪري هيبت ۾ رهندو. ان جي ڪري بعض علماء فرمايو تہ : شمائل جون عمده حديثون هند ابن ابي هالہ ۽ علي بن ابي طالب رضي الله عنه تي ڦرن ٿيون. حضرت امام حسن رضي الله عنه فرمايو تہ منهنجو شوق هوندو هو تہ اهو مون کي حضور ڪريم ﷺ جون شاندار، عظيم ڳالهيون ٻڌائي ابن ابي هالہ رضي الله عنه فرمايو تہ : رسول الله ﷺ جن ذاتي لحاظ سان بہ عظيم هئا ۽ مخلوق ۾ بہ معظم

هئا. جيڪڏهن ڪو چاهيندو هو تہ سندن تعظيم نہ ڪري تہ بہ ٻيوس ٻنجي سندن تعظيم ڪندو هو هڪ قول آهي تہ "فخمًا" جي معنيٰ آهي الله ﷻ وٽ عزت وارو ۽ "مفخمًا" جي معنيٰ آهي خلق ۾ عزت وارو. "يَتَلَألَؤُ وَجْهُهُ تَلَألُؤَ الْقَمَرِلَيْلَةَ الْبَدْرِ" (سندن چهرو مبارڪ ائين چمڪندو هو جيئن چوڏهين جي رات جو چنڊ چمڪندو آهي ۽ ان چوڏهين جي رات کي "البدر" ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو ان ۾ چنڊ جلد ظاهر ٿيندو آهي. حضرت امام حسن ﵁ فرمايو تہ: مون هيءَ حديث ڪو وقت حضرت حسين ﵁ کان لڪائي رکي ۽ اهو ان جي ڪري تہ ان جي علم حاصل ڪرڻ ۾ ڪوشش کي ڏسان يا ان جي لاءِ تہ اهو پڇي تہ پوءِ ان کي ٻڌايان. ۽ پڇڻ کان پوءِ جيڪا شيءِ ٻڌائي ويندي آهي. ان جو قدر هوندو آهي ۽ اها وڌيڪ ذهن ۾ ويهندي آهي پر جڏهن حضرت امام حسن ﵁ حضرت امام حسين ﵁ کي ٻڌائي تہ خبر پيس تہ ان وٽ اها حديث اڳئي پهتل هئي. ۽ حضرت حسين پنهنجي والد حضرت علي ﵁ کان حضرت رسول الله ﷺ جي گهر ۾ اچڻ، گهر مان نڪرڻ ۽ سندن مجلس ۾ هيئت ۽ طريقي جي متعلق بہ پڇي ڇڏيو هو. حضرت امام حسين ﵁ پنهنجي پيءُ حضرت علي ﵁ کان روايت ڪئي ان فرمايو تہ رسول الله ﷺ جن گهر ۾ ايندا هئا تہ اتي واري پنهنجي وقت کي ٽن حصن ۾ ورهائيندا هئا. (1) هڪ حصي ۾ الله ﷻ جي عبادت ۽ ان جي قدرتي مصنوعات ۾ فڪر ڪندا هئا. (2) ٻيو حصو پنهنجي اهل، عيال جي دل وندرائڻ، معاشرتي امور جي حوالي ڪندا هئا چوتہ پاڻ ان معاملي ۾ سيني ماڻهن کان وڌيڪ سهڻو رويو رکندا هئا. (3) ٽيون حصو پنهنجي ذات پاڪ جي لاءِ رکندا هئا جنهن ۾ اخروي ۽ دنياوي امور جي تڪميل لاءِ غور ڪندا هئا. ۽ ان حصي کي بہ پاڻ لاءِ ۽ ماڻهن جي ڀلائي جي لاءِ وقف ڪندا هئا پوءِ اهي ماڻهو ان وقت موجود هئا يا قيامت تائين اچڻ وارا هوندا هئا. سيني تائين پنهنجي پيغام پهچائڻ جو فڪر ڪندا هئا ۽ ان وقت ۾ خاص صحابہ ڪرام جيئن خلفاءِ راشدين رضي الله عنهم سان ملاقاتون ڪري انهن جي ذريعي عوام تائين دين جو پيغام پهچائيندا هئا. ۽ ڪا نصيحت انهن کان مخفي نہ رکندا هئا ۽ جيڪو حصو امت جي لاءِ رکيل هوندو هو ان ۾ حسب جي لحاظ سان، نسب جي لحاظ سان اسلام ۾ اڳرائي جي لحاظ سان صلاحيت جي لحاظ سان، اهل فضل کي اهميت ڏيندا هئا. ۽ جيڪو جيترو دين ۾ مقدم هوندو هو ان تي ايتري مهرباني ڪندا هئا. جيئن الله ﷻ قرآن ڪريم ۾ فرمايو آهي "اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَاللهِ اَتْقَاكُمْ" (بيشڪ اوهان مان الله وٽ وڌيڪ عزت وارو وڌيڪ پرهيزگار هوندو آهي) ۽ سندن خدمت ۾ اچڻ وارن مان ڪنهن جي هڪ حاجت هوندي هئي تہ ڪنهن جون بہ حاجتون تہ ڪنهن جون گهڻيون حاجتون هونديون هيون. هتي حاجتن مان مراد انهن جون ديني ضرورتون ۽ چاڻ آهي پاڻ انهن کي ديني ڄاڻ ڏيندا هئا. جنهن کي جنهن مسئلي جي ضرورت هوندي هئي ان کي ان جي متعلق هدايت ڏيندا هئا. غير ضروري ڳالهين کان انهن کي روڪيندا هئا. جنهن لاءِ جيڪا ڳالهہ مناسب هوندي هئي ان کي اها فرمائيندا هئا هڪ شخص کين عرض ڪيو تہ "مون کي هدايت ڪيو" تہ پاڻ ان کي فرمايائون. الله ﷻ کان ائين حياء رک جيئن پنهنجي قوم جي صالح شخص کان حياء ڪرين ٿو." ٻئي عرض ڪيو تہ "مون کي هدايت ڪيو تہ پاڻ ان کي فرمايائون تہ "ڪاوڙ نہ ڪندو ڪر" ۽ پاڻ فرمائيندا هئا تہ هي منهنجو پيغام هتي موجود هوندڙ ان کي پهچائي جيڪو موجود ناهي" ۽ اهو بہ فرمائيندا هئا تہ

"جيڪو پنهنجو عرض مون تائين نہ ٿو پهچائي سگهي ان جو عرض پهچائي سگهڻ وارو پهچائي."
جيئن عورتن، ضعيفن، ٻانهن، مريضن جي ضرورت واري ڳالهہ وغيره جيڪو بہ محتاج جي ڳالهہ سلطان (يعني بادشاهہ) تائين پهچائيندو تہ الله ﷻ ان جا قدم قيامت جي ڏينهن (پلصراط تي) ثابت رکندو. سندن دربار ۾ اهڙين ڳالهين کان سواءِ ڪجهہ ذڪر نہ ڪيو ويندو هو ۽ نہ ڪنهن کان ٻيو ڪجهہ قبول ڪيو ويندو هو. فضول ڳالهيون نہ ڪيون ويندليون هيون. سندن خدمت ۾ اچڻ وارا اڪابر صحابي رضي الله عنهم بہ اهي نصيحتون وٺي موٽندا هئا جنهن ۾ امت جو اصلاح هجي. علم ۽ ادب جي چاشني چکڻ کان سواءِ نہ موٽندا هئا. ۽ سندن دربار مان امت جا هادي ۽ رهبر ٿي نڪرندا هئا. نهايت نوڙت ۽ نياز واري ڪيفيت سان پرجي ورندا هئا. جيئن ديلمي مسند الفردوس ۾ حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ "مَنْ اَزْدَادَ عِلْمًا وَلَمْ يَزْدَدْ فِي الدُّنْيَا زُهْدًا لَمْ يَزْدَدْ مِنَ اللهِ اِلَّا بُعْدًا" (جيڪو علم ۾ وڌيو ۽ دنيا ڏانهن بي رغبتي ۾ نہ وڌيو تہ اهو الله ﷻ کان پري رهڻ ۾ وڌيو" هڪ عرب شاعر جو شعر آهي.

اَذَا لَمْ يَزِدْ عِلْمُ الْفَتٰى قَلْبَهٗ هُدًى
وَسِيْرَتَهٗ عَدْلًا وَاَخْلَاقَهٗ حُسْنًا
فَبَشِّرْهُ اِنَّ اللهَ اَوْلَاهُ نَقْمَةً
تُغَشِّيْهِ حِرْمَانًا وَتُوْرِثُهٗ حُزْنًا

(يعني جڏهن انهن کي ان جي علم قلب ۾ هدايت ۽ سيرت ۾ عدل ۽ اخلاق ۾ حسن نہ ڏنو تہ ان کي بشارت ڏي تہ بلاشڪ الله ﷻ ان کي سزا ڏني آهي جيڪا ان کي محرومي سان ڍڪي ٿي ۽ ورثي ۾ ڏک ڏي ٿي.)

پوءِ وري حضرت حسين رضي الله عنه پنهنجي والد سيدنا علي رضي الله عنه کان حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي گهر مان ٻاهر نڪري اچڻ کان بعد جو احوال ورتو تہ ٻاهر سندن سيرت ۽ طريقو ڇا هو ۽ پاڻ ڇا ڪندا هئا. تہ حضرت علي رضي الله عنه فرمايو: پنهنجي پاڪ زبان تي ڪنٽرول رکندا هئا. مقصد کان سواءِ نہ ڳالهائيندا هئا. بي مقصد ڳالهيون نہ ڪندا هئا. گهٽ ماٺ ۾ رهندا هئا. (سندن فرمان آهي تہ "مَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ فَلْيَقُلْ خَيْرًا اَوْ لِيَصْمُتْ" (جيڪو الله ۽ قيامت تي ايمان رکي ٿو اهو ڀلي ڳالهہ ڪري يا چپ رهي) ۽ حبيب ڪريم ﷺ جن سندن جي خدمت ۾ اچڻ وارن کي لطف، الفت ۽ پيار سان نوازيندا هئا. انهن ۾ نفرت پيدا نہ ڪندا هئا ڇوتہ سندن ذات ۾ عفو ۽ درگذر جو مادو هوندو هو ۽ پاڻ رحمت ۽ رافت جا صاحب هئاءِ هر قوم جي عزت واري جي عزت ۽ اڪرام ڪندا هئا ۽ ان کي سندن مٿان والي رکندا هئا. ڇوتہ هر قوم پنهنجي وڏي، سردار جي اطاعت ڪندڙ هوندي آهي ۽ ان ۾ ڪرم بہ آهي جيڪو انهن سان نرميءَ جو موجب آهي ۽ ان ۾ انهن جي امر جي لاءِ اعتدال بہ هوندو هو ماڻهن کي الله ﷻ جو خوف ڏياريندا ۽ ڊيڄاريندا هئا ۽ انهن کي الله ﷻ جي اطاعت ۽ عبادت جو حرص ڏياريندا هئا ماڻهن جي شرارت کان بي توجهہ نہ هوندا هئا. انهن جي شر کان محفوظ رهڻ جو انتظام ڪندا هئا پر ان هوندي انهن سان سهڻي نموني ملندا هئا انهن کي محسوس ڪرڻ نہ ڏيندا هئا تہ پاڻ انهن جي متعلق کهڙو ذهن رکن ٿا اصحاب ڪرام عليهم الرضوان جي خبر چار پڇندا هئا ۽

جيڪو بيمار هوندو هو ان جي طبع پرسي ڪرڻ ويندا هئا جيڪو مسافر هوندو هو ان جي سلامتيءَ سان موٽي اچڻ جي دعا فرمائيندا هئا جيڪڏهن ڪو وفات ڪري ويندو هو ته ان جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا هئا. ۽ خاص اصحاب ڪرام عليهم الرضوان کان عام ماڻهن جو حال احوال وٺندا هئا تانت ظالم جو ظلم دفع ڪيو وڃي مظلوم جي حق رسائي ڪئي وڃي ۽ ضعيف جي پاسي ڪي قوت ڏني وڃي پر ان جو اهو مطلب ناهي ته پاڻ انهن جي عيب جوئي ڪندا ۽ انهن جا گناهه پڇندا ۽ جاچيندا هئا ۽ هن حديث مان هي حڪم ملي ٿو ته "حاڪمن کي رعيت جو حال احوال معلوم ڪرڻ ضروري آهي اهڙي طرح فقيہ صالح ۽ اڪابر کي به اها ڄاڻ رکڻ گهرجي ڇوته ماڻهو سندن اتباع ڪندا آهن ان جي ڪري اهي انهن جي احوال کان غافل نه رهن متان ڍر ڏيڻ جي ڪري اهڙا نقصان ٿين جن جو رفع ڪرڻ ڏکيو ٿي پوي. پاڻ سهڻي شيءِ جو حسن بيان ڪندا هئا. ان جي پسنديدگي بيان فرمائيندا هئا. ۽ جيڪڏهن اها شيءِ ڪنهن ماڻهوءَ جي نهيل هوندي هئي ته ان جي لاءِ به عنايت جو اظهار فرمائيندا هئا ۽ معقول ۽ منقول طريقي سان ان ۾ قوت پيدا ڪندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪا شيءِ قبيح هوندي هئي ته ان کي قبيح سڏيندا ۽ ان جي قباحت بيان ڪندا هئا ان جي ضعف کي واضح ڪندا هئا. سندن احوال ۽ اقوال ۾ اعتدال هوندو هو ماڻهن کي نصيحت ڪرڻ ۽ تعليم ڏيڻ کان بي توجهه نه رهندا هئا. ان جي خوف کان ته احوال ۽ افعال مان فائدي وٺڻ کان غافل نه رهن يا راحت ۽ سستيءَ جو شڪار نه ٿين. جيئن سلوڪ جي صاحبن، عارفن ٻانهن جو طريقو آهي ته پنهنجن شاگردن ۽ مريدن کان بي توجهه نه رهندا آهن ته متان سست ٿي فيض ۽ علم حاصل ڪرڻ کان رهجي وڃن. سندن ذات عالي صفات وٽ هر حال جي لاءِ تياري هوندي هئي. جنگين جي لاءِ هٿيار به تيار رکندا هئا حق بيان ڪرڻ يا مظلوم کي سندس حق وٺي ڏيارڻ ۾ دير نه ڪندا هئا ۽ حق کان تجاوز به نه ڪندا هئا جيڪي سندن قريب هوندا هئا اهي فائدن حاصل ڪرڻ، علم پڙهڻ ۾ پيلا هوندا هئا. انهن ۾ علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ وڌيڪ صلاحيت هوندي هئي. ان جي ڪري سندن فرمان عاليشان آهي: "لِيَلِيَنِّي مِنْكُمْ أُولُوا الْأَحْلَامِ وَالنُّهٰى ثُمَّ الَّذِيْنَ يَلُوْنَهُمْ ثُمَّ الَّذِيْنَ يَلُوْنَهُمْ" (مون سان قريب عقل ۽ فهم ۾ وڌيڪ هجڻ وارا ويهن ان کان پوءِ جيڪي انهن سان (عقل ۽ فهم) ۾ ملن ٿا ان کان پوءِ اهي جيڪي انهن سان ملن ٿا.)

علامه بيجوري هي روايت آڻي لکيو آهي ته: عالم جي لاءِ مناسب آهي ته پنهنجي ويجهو پلن (يعني ذهين) شاگردن کي ويهاري ڇوته اهي ئي علم ۽ فهم جي لحاظ سان اعتماد جي قابل آهن. سندن دربار ۾ اهو پلو هوندو هو جيڪو انهن مان نصيحت جي لحاظ سان وڌيڪ عام هوندو هو ۽ انهن مان وڌيڪ مرتبي جي لحاظ سان اهو هوندو هو جيڪو ماڻهن سان همدردي ۽ غمخواري ۾ وڌيڪ هوندو هو. محتاجن جون حاجتون پوريون ڪندا هئا. پنهنجي احتياجيءَ جي باوجود ٻين کي اهميت ڏئي انهن کي انهن جون حاجتون ۽ ضرورتون عطا ڪندا هئا. جيئن قرآن ڪريم ۾ الله ﷻ جو فرمانِ عاليشان آهي: وَيُؤْثِرُوْنَ عَلٰى اَنْفُسِهِمْ وَلَوْ كَانَ بِهِمْ خَصَاصَةٌ (القرآن) (۽ پنهنجن سرن تي انهن کي اختيار ڪن ٿا يلي کين احتياجي هجي) اهي پنهنجن مسلمان ڀائرن جي اهم امور ۾ ضرورت پوري ڪن ٿا. نيڪي ۽ تقويٰ جي ڪمن ۾ سندن مددگار رهن ٿا جيئن رب ﷻ جو ارشاد آهي: "وَتَعَاوَنُوْا عَلَى الْبِرِّ وَالتَّقْوٰى" (۽ نيڪي ۽ تقويٰ جي ڪمن ۾ هڪٻئي جي مدد ڪيو)

حضرت امام حسين رضي الله عنه ارشاد فرمايو تہ : مون پنهنجي پيءُ سيدنا علي رضي الله عنه کان نبي ڪريم ﷺ جن جي مجلس جي متعلق عرض ڪري پڇيو تہ : ان فرمايو : پاڻ اٿندا ۽ ويهندا ذڪر سان هئا. يعني هر حال ۾ ذڪر سان هوندا هئا (۽ هن مان معلوم ٿيو تہ مسلمان هر حال ۾ ذڪر تي هجي جيئن الله جل جلاله جو فرمان عاليشان آهي : "اَلَّذِيْنَ يَذْكُرُوْنَ اللهَ قِيَامًا وَّ قُعُوْدًا وَّعَلٰى جُنُوْبِهِمْ" (جيڪي بيٺي ۽ ويٺي ۽ پنهنجن پاسن تي ليٽيندي الله جو ذڪر ڪن ٿا) ۽ هن مان مقصود هر حال ۾ ذڪر ڪرڻ آهي. الغرض تہ ذڪر عبادات ۾ اعظم آهي. جيئن رب العزت جل مجده جو فرمان آهي :" وَلَذِكْرُ اللهِ اَكْبَرُ" (۽ البت الله جو ذڪر وڏي شيءِ آهي) حبيب ڪريم ﷺ جن جو ويهڻ ۾ معمول هيئن هوندو هو تہ جيڪڏهن ڪنهن مجلس ۾ تشريف فرما ٿيندا هئا تہ جتي ماڻهو وينل هوندا هئا اتي ئي ويهي رهندا هئا. ماڻهن کي لتاڙي اڳتي نہ ايندا هئا اهو سندن تواضع ۽ مڪارم اخلاق جو ڪمال هو. پر ان هوندي پاڻ جتي بہ ويهندا هئا تہ مجلس جا صدر پاڻ هوندا هئا. ۽ بين کي اهو ئي امر ڪندا هئا. تہ جتي جاءِ ملي اتي ويهي رهو. نفس کي اپارڻ ۽ تڪبر پيدا ڪرڻ کان بچوءِ ان امر جي متعلق گهڻيون حديثون آيل آهن. انهن مان هڪ هيءَ حديث بہ آهي جيڪا بيهقي وغيره آندي آهي تہ : اِذَا انْتَهٰى اَحَدُكُمْ اِلٰى مَجْلِسٍ فَاِنْ وُسِعَ لَهٗ فَلْيَجْلِسْ وَاِلَّا فَلْيَنْظُرْ اِلٰى اَوْسَعِ مَكَانٍ يَرَاهُ فَلْيَجْلِسْ فِيْهِ" (جڏهن اوهان مان ڪو هڪ مجلس ۾ پهچي پوءِ جيڪڏهن ان جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪئي وڃي تہ ويهي رهي ۽ جيڪڏهن نہ تہ جيڪا ڪشادي جاءِ ڏسي ان ۾ وڃي ويهي. الغرض تہ اهو طريقو فعلًا ۽ امرًا ثابت آهي پاڻ پنهنجي مجلس ۾ هر اچڻ واري کي سٺي نموني پيش اچر سان ان جو حصو ڏيندا هئا. هر ڪو مطمئن ۽ خوش ٿي ويندو هو ۽ جيڪو جيترو اهل هوندو هو ان کي اوتري تعليم ۽ تفهيم سان نوازيندا هئا مجلس ۾ اچي ويهڻ وارو محسوس نہ ڪندو هو تہ ٻئي تي ان کان وڌيڪ ڪرم نوازي ٿي رهي آهي ۽ ڪين گهٽ سمجهيو وڃي پيو. اهو سندن خلق جو ڪمال ۽ معاشرتي حسن هو جو هر هڪ صحابي رضي الله عنه سمجهندو هو تہ اهو ڪين وڌيڪ ويجهو ۽ وڌيڪ پيارو آهي ان ذريعي هڪ ٻئي سان حسد ۽ بغض ڪرڻ کان امت کي بچائيندا هئا. جيئن سندن ارشاد پاڪ آهي : لَا تُبَاغِضُوا وَلَا تَحَاسَدُوا وَكُوْنُوْا عِبَادَ اللهِ اِخْوَانًا" (نہ هڪ ٻئي سان بغض رکو ۽ نہ حسد رکو ۽ الله جل جلاله جا ڀانها ڀائر ٿي رهو.) سندن ذات پاڪ ۾ اها بہ خوبي هئي تہ جيڪو ساڻن مجلس ۾ وينو يا ڳالهہ ٻولهہ شروع ڪيائين تہ پاڻ ان سان صبر ڪري ويهندا ۽ ان جي ڳالهہ ٻڌندا هئا نہ گفتگو ڪٽيندا هئا. نہ تنگ ٿي اٿي ويندا هئا. تانجو اهو پاڻ ڳالهہ ختم ڪندو هو. يا اٿڻ جي لاءِ اجازت وٺندو هو. ۽ ڪانئن ڪير بہ ڪهڙي بہ حاجت هجي سائل ڪير بہ هوندو هو تہ ان جي حاجت پوري ڪندا هئا يا ان سان اهڙو سنو ڪلام فرمائيندا هئا جو اهو گهڻو خوش ٿي موٽندو هو ڪنهن بہ سائل کي سخت ڪلام سان جواب نہ ڏيندا هئا. اهو سندن حياء، مروت ۽ سخا جو ڪمال هو ۽ هي مراد قرآن ڪريم جي آيت "فَقُلْ لَّهُمْ قَوْلًا مَّيْسُوْرًا" (القرآن) (پوءِ انهن سان آسان گفتگو فرمايو) مان ورتل آهي ۽ ان آسانيءَ مان هي بہ آهي تہ سائل سان وعدو ڪيو وڃي تہ جڏهن ڪا شيءِ ايندي، ميسر ٿيندي تہ توکي ڏني ويندي. جيئن پاڻ ڪريمن ﷺ جن گهڻن ماڻهن سان اها مهرباني ڪئي هئي. ۽ ان جي ڪري حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه وٽ جڏهن سندن خليفي ٿيڻ کان پوءِ مال آيو تہ فرمايو هيائين : "مَنْ كَانَ لَهٗ عِنْدَ رَسُوْلِ اللهِ ﷺ عِدَةٌ فَلْيَاتِنَا" (جنهن

سان رسول الله ﷺ جو ڪو وعدو ڪيل هجي (ٻ اهو رهجي ويو هجي تہ اهو اسان وٽ اچي. پوءِ ان وٽ ماڻهو آيا تہ پاڻ انهن سان وعدو وفا ڪيائين.) حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي خوش خلقي، مهرباني واري انداز سان پيش اچڻ سيني ماڻهن تانجو منافقين لاءِ بہ وسيع هيو. ڇوتہ پاڻ هر ڪنهن ڪي ان جي حال جي مناسب لطف و ڪرم سان نوازيندا هئا پاڻ انهن جي لاءِ شفقت ۽ پيار ڏيڻ ۾ پيءُ وانگر هوندا هئا بلڪ ان کان بہ وڌيڪ شفيق هوندا هئا ڇوتہ پيءُ وڌ ۾ وڌ ظاهري امور ۾ پٽ جي ڀلائي چاهيندو ۽ حضرت رسول الله ﷺ جن ظاهري ۽ باطني ٻئي ڀلايون فرمائيندا هئا ۽ سندن دربار دُربار ۾ حق جي معاملي ۾ سڀ ماڻهو برابر هوندا هئا هر هڪ کي ان جو حق پلئہ پوندو هو ۽ جيتري جو اهو اهل ۽ لائق هوندو هو ان تي اوتري نوازش ٿيندي هئي ۽ ڪوبہ اها لالچ ۽ طمع نہ رکندو هو تہ اهو ٻين کان حق جي معاملي ۾ ممتاز آهي ڇوتہ سندن ذات وٽ عدل جو ڪمال ۽ نفساني اغراض کان سلامتي هوندي هئي. سندن مجلس حلم، حياء، علم امانت ۽ صبر واري هوندي هئي سندن مجلس ۾ ويهڻ وارا ادب جي انتها سان اهڙي انداز ۾ ويهندا هئا جڻ سندن مٿي تي پکي ويٺا آهن. سندن صبر جو بہ ڪمال هو جو مخالفن جي جفا تي صابر رهندا هئا ۽ سندن مجلس اسرار ۽ رموز سان ڀرپور هوندي هئي. سندن مجلس ۾ تذڪير، ترغيب ۽ ترهيب جو بيان ٿيندو رهندو هو. پوءِ اتي ويٺلن جا قلب نرم ٿيندا هئا اهي دنيا کان بي رغبت ۽ آخرت ڏانهن رغبت ڪندڙ هوندا هئا سندن دربار ۾ بلند آواز سان نہ ڳالهايو ويندو هو. ها جيڪڏهن ڪو معاند سرڪشي ڪندڙ سندن دربار ۾ عناد ۽ سرڪشي ڪندو هو تہ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان ان کي ڌمڪائي خاموش ڪندا هئا. يا دشمن تي رعب ۽ دبدبو طاري ڪرڻ، ڊپ ڏيڻ جي ضرورت پوندي هوندي هئي تہ پوءِ حبيب ڪريم ﷺ ۽ رب العزت جل وعلا جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ سندن خيال مبارڪ کي سمجهندي وڏي آواز سان ڳالهائيندا هئا. نہ تہ :"يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَرْفَعُوْٓا اَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ صَوْتِ النَّبِيِّ" (اي ايمان وارا! پنهنجا آواز نبي جي آواز کان بلند نہ ڪيو.) جي حڪم تي عمل ڪندا هئا. سندن مجلس ۾ ڪنهن عزت واري جي عزت گهٽ نہ ڪئي ويندي هئي ۽ نہ ڪنهن جي گلا ڪئي ويندي هئي. سندن مجلس هر قباحت کان پاڪ هئي. سندن مجلس مبارڪ ۾ ڪابہ واهيات ڳالهہ نہ ٿيندي هئي جيڪڏهن ڪنهن کان عادت ۽ طبيعت جي خلاف ڪا اهڙي ڳالهہ ٿي ويندي هئي. تہ اها اتي ئي بند ڪئي ويندي هئي. ان کي مشهور نہ ڪيو ويندو هو. نہ اها ڳالهہ ٻاهر بيان ڪئي ويندي هئي. ۽ سندن مجلس ۾ ويهڻ وارا برابر هوندا هئا هڪٻئي کان تڪبر ۽ وڏائي نہ ڪندا هئا ۽ نہ هڪ ٻئي تي حسب ۽ نسب ۾ فخر ڪندا هئا. سندن خدمت ۾ فضل ۽ شان تقويٰ جي بنياد تي هوندو هو. هڪ ٻئي تي شفقت ۽ لطف ڪندا هئا ۽ هڪٻئي جي عزت ۽ احترام ڪندا هئا. علم ۽ عمل جا طالب هوندا هئا ڪنهن ۾ وڏائي ۽ غرور نہ هوندو هو تواضع ۽ انڪساري جا مالڪ هوندا هئا. حبيب ڪريم ﷺ جي مجلس ۾ وڏي جي عزت ڪندا هئا ننڍي تي رحم ڪندا هئا. جيئن حديث مبارڪ ۾ آيو آهي : "لَيْسَ مِنَّا مَنْ لَّمْ يَرْحَمْ صَغِيْرَنَا وَلَمْ يُوَقِّرْ كَبِيْرَنَا" (جنهن اسان جي ننڍي تي رحم نہ ڪيو ۽ اسان جي وڏي جي عزت نہ ڪئي اهو اسان مان ناهي) ۽ سندن مجلس ۾ حاجت مند کي ايثار ڪري حبيب پاڪ ﷺ جن ڏي ويجهو وڃڻ يا ويهڻ ڏيندا هئا تانجو اهو سندن خدمت ۾ حاجت پيش ڪري سگهي. ۽ غريب جي حق جي حفاظت ڪندا

هئا ان جي عزت ۽ احترام ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏيندا هئا يا مراد آهي تہ غريب مسئلا ۽ نادر ڳالهيون چڱيءَ طرح ياد ڪندا ۽ ذهن ۾ ويهاريندا هئا تانت اهي ذهن مان نڪري يا وسري نہ وڃن. (المواهب ص 548. 565) ۽ علامہ علي القاري هن حديث جي شرح ۾ لکيو آهي تہ : حضور ڪريم ﷺ جن عظيم هستي, ماڻهن جي دلين ۽ اکين ۾ بہ معظم هئا ۽ سندن منهن مبارڪ مان نور جون تجليون نڪرنديون هيون جيئن چوڏهين جي رات واري چنڊ جون تجليون هونديون آهن ۽ هيءَ روايت اهڙي آهي جيڪا نندي ڪان وڏي آندي آهي. چوتہ ان ۾ امام حسن رضي الله عنه حضرت امام حسين رضي الله عنه ڪان رواي آهي. ۽ وڌيڪ صحيح قول هي آهي تہ هي هڪ دور وارن جي هڪٻئي ڪان روايت آهي جيئن اهو علوم حديث ۾ مقرر آهي. ۽ انهن ٻنهي پيارن امامن جي عمر ۾ تہ هڪ سال ڪان بہ گهٽ فرق هو ۽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن پنهنجي وقت جو جيڪو حصو گهر وارن جي لاءِ رکندا هئا ان جي تشريح ڪندي علامہ علي قاري لکيو آهي تہ : پاڻ ان ۾ گهر وارن جي احوال جي معرفت ، اقوال جو سماع ۽ افعال کي ڏسڻ فرمائيندي انهن سان سهڻي نموني وقت گذاريندا, گڏ رهندا, ڳالهہ ٻولهہ ڪندا, نرمي رکندا, انهن جي دل وندرائيندا ۽ سٺي انداز سان صحبت سان نوازيندا هئا. ۽ صحيح روايت ۾ آهي تہ پاڻ انصارن سڳورن جي نياڻين کي ام المومنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها ڏانهن موڪليندا هئا جيڪي ان وٽ اچي ڪري ان جي دل وندرائينديون هيون ۽ ام المومنين رضي الله عنها جيڪڏهن پاڻي پيئندي هئي تہ پاڻ ان ٿانوَ ۾ ام المومنين جي چپن لڳڻ واري جاءِ تي پنهنجا چپ مبارڪ رکي پاڻي پيئندا هئا ڪڏهن ام المومنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها حضور ڪريم ﷺ جي ٻين گهروارين سان ريس ڪندي انهن کي برداشت نہ ڪندي ڪو عمل ڪندي هئي جيڪو نا مناسب هوندو هو تہ بہ حبيب ڪريم ﷺ جن برداشت ڪندا هئا. جيئن خود ام المومنين عائشہ صديقہ رضي الله عنها ڪان روايت آهي تہ : مون (ام المومنين بيبي صفيہ رضي الله عنها) جهڙي طعام تاهيندڙ ڪا بہ ٻي عورت نہ ڏٺي" مطلب تہ طعام پلو تاهيندي هئي.) هڪ ڀيري ان هڪ ٿانوَ ۾ ڪاڌو وجهي حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ موڪليو مان برداشت ڪري نہ سگهيس ۽ مون اهو ٿانءُ ئي ڀڃي ڇڏيو پوءِ حضرت نبي پاڪ ﷺ جي خدمت ۾ عرض ڪيم, تہ ان جي ڪفارت ڪهڙي آهي؟ تہ پاڻ ارشاد فرمايائو تہ : "ٿانوَ جهڙو ٿانءُ ۽ طعام جهڙو طعام" ۽ هي سندن خلق عظيم ۽ حلم ڪريم هو. ۽ پنهنجي ذات جي لاءِ جيڪو وقت رکيو هيائون. " ان جي تشريح ڪندي علامہ موصوف لکيو آهي تہ ! ان ۾ دنياوي ۽ اخروي امور جي تڪميل فرمائيندا هئا. ان ۾ واجب الوجود مالڪ الڪرم والجود جي جمال جو مشاهدو فرمائيندا ۽ جمع الجمع ۽ البقاء بعد الفنا جي مرتبي جا مزا ماڻيندا هئا. وقت جو ٻهريون حصو ان فنا جي حال جي مناسب هو جيڪا تضرع ۽ ثنا جي مقام سان لائق هئي. ۽ ٻئي حصي ۾ جسماني حقوق جي حفاظت ۽ ٽئي حصي ۾ جمع اڪمل جي مقام تي رهندا هئا. ۽ (سندن صدقي) اصفياء ڪاملين تي بہ اها مهرباني ٿيندي آهي جيئن تڪميل جي مقام تي مقرر ڪيا ويندا آهن. ۽ پنهنجي ان مخصوص حصي ۾ سندن خدمت ۾ ايندڙن, التجائون ڪندڙن تي بہ نوازشون ڪندا هئا. خاصن جي ذريعي عام تائين علوم و فيوضات پهچائيندا هئا. ۽ ڪا بہ اهڙي ڳالهہ جنهن ۾ خواص ۽ عوام جو فائدو هجي مخفي نہ رکندا هئا سيني تي رحمت ۽ ڪرم جا ڪڪر وسائيندا هئا ۽ حسب يا نسب يا اسلام ۾

اڳي هجڻ يا صلاحيت ۽ اهليت وارن کي اڳڻ توجهه ۾ سامهون رکڻ. فائدي ڏيڻ ۽ عام جي حال احوال پهچائڻ ۾ اڳي رکندا هئا تان ته اهي دين جي خدمت وڏيڪ ڪن جيئن هن حديث ۾ وارد آهي ته "خِيَارُهُمْ فِي الْجَاهِلِيَّةِ خِيَارُهُمْ فِي الْإِسْلَامِ إِذَا فَقِهُوْا" (انهن مان جاهليت ۾ ڀلا اسلام ۾ به ڀلا آهن جڏهن فقيه ٿيندا (دين جو علم رکندا. ۽ جيڪي سندن حضور ۾ ايندا هئا. انهن کي سندن ۽ امت جي فائدي واري ڪم ۾ مشغول رکندا هئا. ۽ سندن خدمت ۾ اچڻ وارا دين جا رهنما ٿي نڪرندا هئا. جيئن حديث مبارڪ آهي: "أَصْحَابِي كَالنُّجُوْمِ بِأَيِّهِمُ اقْتَدَيْتُمْ اِهْتَدَيْتُمْ" (منهنجا اصحابي ستارن وانگر آهن انهن مان جنهن جي به اقتدا ڪندؤ ته هدايت وارا ٿيندؤ) ٻاهر نڪرندا هئا ته سندن گفتگو حڪمت ۽ محبت واري هوندي هئي. نفرت واري نه هوندي هئي. جيئن سندن ارشاد مبارڪ آهي ته "بَشِّرُوْا وَلَا تُنَفِّرُوْا وَيَسِّرُوْا وَلَا تُعَسِّرُوْا" (خوشخبري ڏيو ۽ نفرت نه ڏياريو ۽ آساني ڪيو ۽ تنگي نه ڪيو) هر قوم مان عزت واري جي عزت ڪندا هئا. جيئن سندن ارشاد عالي آهي. جيڪو ايترين مختلف سَنَدَن سان آيل آهي. جو تواتر جي حد کي ويجهو آهي "إِذَا أَتَاكُمْ كَرِيْمُ قَوْمٍ فَأَكْرِمُوْهُ وَهُوَ أَفْضَلُهُمْ دِيْنًا وَّ نَسَبًا وَّ حَسَبًا" (جنهن وقت اوهان وٽ ڪنهن قوم جو عزت وارو ماڻهو اچي ته ان جي عزت ڪيو ۽ اهو انهن ۾ دين ۽ نسب ۽ حسب جي لحاظ سان افضل هجي) پاڻ قومن ۾ ان جي وڏن جي وچ ۾ نفرت جي بجاءِ الفت ۽ بغض جي بجاءِ پيار ۽ محبت پيدا ڪندا هئا. جيئن الله ﷻ پنهنجو احسان بيان ڪندي فرمايو "وَأَلَّفَ بَيْنَ قُلُوْبِكُمْ" (۽ اوهان جي دلين ۾ (هڪٻئي جي لاءِ) الفت پيدا ڪيائين. پاڻ ڪن نون مسلمان ٿيندڙن کي مال ڏيڻ سان نوازي انهن جي دلجوئي ڪري انهن کي اسلام تي مضبوط رکندا هئا جيئن سندن فرمانِ عاليشان آهي: "إِنِّي لَأُعْطِي الرَّجُلَ وَغَيْرُهُ أَحَبُّ إِلَيَّ مَخَافَةَ أَنْ يُكِبَّهُ اللهُ عَلٰى وَجْهِهِ فِي النَّارِ" بلاشڪ مان ڪنهن مرد کي (ڪجهه مال وغيره) ڏيندو آهيان حالانڪ ٻيو مون کي ان کان وڌيڪ پيارو هوندو آهي (سو ان جي ڪري ته جنهن کي مال ڏيان ٿو) الله ﷻ ان کي (جهنم جي) باهه ۾ اونڌو ڪري نه سٽي) ۽ مطلب ته مسلمان رهي. ماڻهن جو حال احوال معلوم ڪري سهڻي ڳالهه کي سهڻو غلط ۽ واهيات اقوال کي غلط چوندا هئا. سندن هر ادا معتدل ۽ مناسب هوندي هئي. سندن خدمت ۾ اچڻ وارن مان جيڪو وڌيڪ ماڻهن جي خيرخواهي ڪندو هو ان کي اهميت هوندي هئي. پاڻ ٽي ڀيرا ورائي ورائي فرمايو هيائون: "أَلَا إِنَّ الدِّيْنَ النَّصِيْحَةُ" (خبردار! دين هڪ (ٻئي جي خيرخواهي ڪرڻ) آهي. اڳتي حديث جا الفاظ "فَصَارَ لَهُم أَبًا" (پوءِ انهن جي لاءِ پيءُ هئا) جي تشريح ڪندي علامه موصوف لکيو آهي ته شفقت ۾ (امت جي لاءِ) پيءُ وانگر هوندا هئا. سندن مجلس علم جي مجلس هوندي هئي. (گيوڙن. سپوڙن. ڪوڙ. چرچن گندگار کان پاڪ هوندي هئي) جمع الوسائل ج 2 ص 137 146) الغرض ته حبيب ڪريم ﷺ جن جو هر امر ۽ هر ڳالهه شريفانه اخلاق جي جوڻيءَ کان مٿي هئي ۽ ڪيئن نه هوندي جڏهن ته سندن بعثت ئي اخلاقِ حسنه جي تڪميل جي لاءِ هئي. جيئن سندن فرمان آهي "بُعِثْتُ لِأُتَمِّمَ مَكَارِمَ الْأَخْلَاقِ" (مان موڪليل ئي اخلاقِ حسنه جي تڪميل جي لاءِ آهيان) ان جي باوجود محبوب ڪريم ﷺ جن دعا گهرندا هئا ته يا الله! ﷻ جيئن تو مون کي سهڻي صورت عطا ڪئي آهي تيئن تون مون کي (اڃان وڌيڪ) سهڻا اخلاق عطا ڪرڻ فرماءِ حالانڪ سندن اخلاق جي عظمت قرآن ڪريم بيان ڪئي آهي ۽ ڪيترن قسمن جي تاڪيد

سان ذڪر ڪيل آهي. محبوب ڪريم ﷺ جو ارشاد آهي تہ "الله جل جلاله نرم مزاجي کي پسند ڪري ٿو ۽ نرميءَ تي ايترو ٿو عطا ڪري جو ٻئي ڪنهن شيءِ تي عطا نہ ٿو ڪري" هڪ اصحابي رضي الله عنه حضور ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ انسان کي جيڪا ڀلي شيءِ عطا ٿي آهي اها ڪهڙي آهي؟ پاڻ ڪريم ارشاد فرمايو تہ "سهڻا اخلاق" هڪ حديث ۾ ارشاد آهي تہ "انسان سهڻن اخلاقن جي ذريعي رات جو جاڳندڙ روزا رکندڙ جي درجي کي پهچي سگهي ٿو." حضرت معاذ رضي الله عنه فرمايو تہ "جڏهن مون کي يمن ڏانهن موڪليو ويو ۽ مون پنهنجي سواريءَ تي سوار ٿي رڪيب ۾ پير رکيو تہ حضور اڪرم ﷺ جن جيڪا آخري هدايت فرمائي اها هيءَ هئي تہ "ماڻهن سان سهڻي اخلاق سان پيش اچجان."

سرورِ ڪونين ﷺ جو ارشاد آهي تہ "مؤمنن ۾ زياده ڪامل ايمان وارا اهي آهن جن جا اخلاق بهتر هوندا." هنن کان سواءِ ٻين بہ ڪيترين روايتن ۾ حسنِ اخلاق جو تاڪيد فرمايل آهي ۽ هن شمائل واري روايت ۾ ان جو نمونو ذڪر ڪيل آهي. (خصائل نبوي ص 292)

هدايتون: شمائل ترمذي جي هن روايت ڪيل حديث ۾ هي هدايتون آيل آهن. (1) ٻاهر مجلس ۾ ويهڻ جو نمونو. (2) عبادت سان گڏ اچڻ وڃڻ وارن جي لاءِ وقت کي تقسيم ڪرڻ. (3) دينداررن ۽ دين جي ڪم لاءِ مصروف رهندڙن کي اهميت ڏيڻ (4) گهر وارن سان ڳالهہ ٻولهہ. خوش طبعي ڪرڻ. (5) آرام جي لاءِ وقت ڪڍڻ. (6) جيڪي ديندار اچي دين جي وڏيڪ ڄاڻ حاصل ڪن اهي انهن کي ٻين تائين پهچائڻ جي لاءِ چوڻ ۽ وس آهر پابند ڪرڻ. تانت ٻين تائين اهو فيض پهچي. (7) ملاقات ۾ ديندار کي وڏيڪ وقت ڏئي وڏيڪ ديني مواد ڄاڻائڻ (8) معمولي ڳالهين پڇڻ وارن کي ديني ڳالهيون سمجهائڻ (9) جيڪڏهن ڪو ماڻهو پاڻ پنهنجي حاجت يا ضرورت نہ ٿو پهچائي سگهي تہ پهچڻ وارن کي چئي ڇڏڻ تہ اهي حاجتمندن کي پهچائن يا انهن جون ضرورتون ٻڌائن تہ اهي وس آهر پوريون ڪجن. (10) اچڻ وارن کي کاڌي، پيتي جي خدمت سان بہ نوازڻ. (11) فضول ڪچهرين کان پاڻ کي بچائڻ (12) وس آهر زبان تي ڪنٽرول ڪرڻ. هڪ صحابي رضي الله عنه حضور ڪريم ﷺ کي عرض ڪيو تہ "مَا النَّجَاةُ يَا رَسُوْلَ اللهِ!" يا رسول الله! ڇوٽڪارو ڇا ۾ آهي؟ پاڻ ان کي جواب ۾ فرمايائون تہ "اَمْلِكْ عَلَيْكَ لِسَانَكَ وَلْيَسَعْكَ بَيْتُكَ وَابْكِ عَلٰى خَطِيْئَتِكَ" (پنهنجي زبان تي ڪنٽرول ڪر، ۽ پنهنجي گهر ۾ رهندو ڪر هرويرو ٻاهر نہ وڃ) ۽ پنهنجي خطائن تي روئندو رهہ) تہ ڇوٽڪارو حاصل ڪندين. (12) دنيا ۾ ڏوکي ڪائڻ ۽ آخرت جي عذاب کان بچڻ جي ڪوشش ڪرڻ. (13) ڪنهن تي تهمت هڻڻ يا پاڻ کي تهمت لڳائڻ کان حفاظت ۾ رهڻ جيئن محبوب پاڪ جو پاڪ فرمان آهي. "اِتَّقُوْا مَوَاضِعَ التُّهَمِ" تهمت لڳڻ جي جاين کان بچو. (14) عوام سان اجائي ميل جول کان بچڻ ڇو تہ ان ۾ معزز شخصيت جي اهميت نہ رهندي. رعب کي نقصان پهچندو ۽ هرويرو شومي بہ نہ ڪجي جو ماڻهن ۾ ڏک يا نفرت پيدا ٿئي هر ڪنهن سان ان جي مقام ۽ منصب آهر مناسب نمونی پيش اچڻ جي ڪوشش ڪرڻ (15) ٻانهي کي جيڪي تعلق رکڻا آهن اهي ٽي قسم آهن جن مان ٻن جو حق ادا ڪرڻ آسان آهي ۽ هڪڙو مشڪل آهي. (1) هڪ الله جل جلاله سان تعلق قائم ڪرڻ (2) ٻيو ان جي دشمن سان سان تعلق ڇنڻ (3) الله جل جلاله جي دوستن. مومنن سان تعلق. ان جي ڪري بہ ان سان تعلق ضروري آهي ٻيو تہ اهو مومن تہ آهي پر الله ناهي ان جي ڪري ان سان تعلق نہ رکڻ گهرجي. اهي ٻئي شيون

متضاد آهن. ڏکيائي اها آهي تہ اهي ٻئي حدون کھڙي طرح محفوظ رهن جن سان تعلق رهي بہ ۽ الله ﷻ واري تعلق سان برابري بہ نہ رهي. الله ﷻ پنهنجي حبيب ڪريم ﷺ کي بہ فرمايو"وَشَاوِرْهُمْ فِي الْأَمْرِ فَإِذَا عَزَمْتَ فَتَوَكَّلْ عَلَى اللهِ" (۽ انهن (صحابن) سان امر (ڪم ڪارن) ۾ مشورو ڪرڻ فرماءِ پوءِ جڏهن پڪو ارادو ڪرين تہ پوءِ الله ﷻ تي توڪل ڪر) هن آيت ۾ ڪين امر ٿيل آهي تہ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان سان تعلق جون حدون محفوظ رکو. صلاح مصلحت ۾ اهي شريڪ هجن ان ۾ انهن جي تربيت ۽ دلجوئي آهي. ساڳئي وقت رب العزت جل شانہ سان تعلق مضبوط رکندي ان تي توڪل رکو ڪم ۾ هٿ وجهو. حضور ڪريم ﷺ جو اهو ڪمال هو جو پاڻ سيني حدن جي پوري پوري حفاظت ڪندا رهيا ٻئي ڪنهن کان اهڙي طرح حدن جي حفاظت ڪرڻ مشڪل آهي. (16) قول ۽ فعل ۾ ڪو اختلاف نہ هجي وعدو نڀائڻ ضروري آهي ان تي عمل ڪيو وڃي. (17) مجلس ۾ اچڻ دوران ماڻهن کي لتاڙي. ڪلها اورانگهي اڳتي نہ وڃجي. (17) مجلس دوران ڪنهن سان اهڙو برتاء نہ ڪجي جو ان کي پنهنجي ڪمتريءَ جو احساس ٿئي. (18) مسافر ۽ محتاج کي پاڻ نہ ڪائي بہ ڪارائجي ۽ سنڀالجي.

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: انهن جو ذڪر حديث نمبر 8 جي تخريج ۾ لکي آيا آهيون. اتي ڏسڻ گھرجي.

{338} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ عَبْدِ اللهِ بْنِ بَزِيعٍ قَالَ: حَدَّثَنَا بِشْرُ بْنُ الْمُفَضَّلِ قَالَ: حَدَّثَنَا سَعِيدٌ، عَنْ قَتَادَةَ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: لَوْ أُهْدِيَ إِلَيَّ كُرَاعٌ لَقَبِلْتُ، وَلَوْ دُعِيتُ عَلَيْهِ لَأَجَبْتُ.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: جيڪڏهن مون کي ٻڪريءَ جي اڳين ٽنگ سوڪڙي ڏني وڃي تہ آءُ قبول ڪندس ۽ جي ان جي دعوت ڏني وڃي تہ بہ قبول ڪندس.

مفردات جو شرح: "كُرَاعٌ" ٻڪري يا ڳائي مال جي اڳين ٽنگ. بعض علماء جي قول مطابق پيڏي هيٺئين حصي کي چوندا آهن. هن جو جمع اڪراع ۽ اڪارع ايندو آهي. "وَلَوْ دُعِيتُ" ۽ جيڪڏهن مون کي ان جي لاءِ دعوت ڏني وڃي.

سمجھاڻي: هن روايت ۾ الفاظ آهن "جيڪڏهن مون کي ٻڪريءَ جي اڳين ٽنگ هديي ۾ ڏني وڃي تہ قبول ڪندس" يعني تحفہ جيڪڏهن ٿوري کان ٿورو گھٽ کان گھٽ هوندو تہ بہ قبول ڪندس ڇوتہ ان ۾ نفساني حظ نہ هوندو آهي بلڪ موڪلڻ واري جي دلجوئي هوندي آهي لهاذا ٿورو يا گھڻو برابر آهي جيڪڏهن مون کي ان جي دعوت ڏني ويندي تہ اها دعوت بہ قبول ڪندس" تانت دعوت ڏيندڙ ملول ۽ محزون نہ رهي ۽ منهنجي جي وڃڻ جي ڪري اهو خوش ٿئي. ان کي راحت نصيب ٿئي ۽ منهنجي نہ وڃڻ جي ڪري اهو ڪمتري جي احساس ۾ نہ رهي ۽ هي بہ سندن حسنِ اخلاق ۽ تواضع جو ڪمال آهي.

دعوت قبول ڪرڻ: شارحن لکيو آهي تہ "فَيُنْدَبُ إِجَابَةُ الدَّعْوَةِ وَلَوْ لِشَيْءٍ قَلِيلٍ" يعني هن حديث مان معلوم ٿيو تہ ٿورڙي شيءِ جي لاءِ بہ جيڪڏهن دعوت ملي تہ ان جو قبول ڪرڻ مستحب آهي ۽ اهو محبوب ڪريم ﷺ جي حسن خلق ۽ تواضع جي ڪمال مان هو.

علامہ علي قاري لکيو آهي تہ ان هديي قبول ڪرڻ ۾ الله ﷻ جي نعمت جي تعظيم آهي الله ﷻ جي مخلوق سان محبت واري تواضع ۽ الله ﷻ جي اخلاق سان موصوف ٿيڻ آهي جو اهو قليل قبول ڪري جزيل جزا ڏيندو آهي ۽ هن ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جو دعوت ۽ صاحب دعوت جي عرض ڪي قبول ڪرڻ جو ذڪر آهي نہ دعوت ڏيندڙ جي اڳيان تڪبر جو اظهار ٿيندو ۽ نہ جنهن شيءِ جي ڪائڻ جي لاءِ عرض ڪيو ويو ان ڪي حقير ۽ گهٽ نہ سمجهيو ويندو. شرح السنة ۾ حضرت انس ﷺ ڪان روايت آهي تہ: مون رسول الله ﷺ جن ڪي پنهنجي اڳهاڙي گڏهہ تي سواري ڪندي ڏٺو ۽ پاڻ ٻانهي جي بہ دعوت قبول ڪندا هئا زمين تي ننڊ ڪرڻ ۽ ويهڻ فرمائيندا هئا. ان تي وٽي ڪاڏو ڪائيندا هئا. علامہ مناوي لکيو آهي تہ: هن ۾ سندن تواضع ۽ سهڻي اخلاق جو ڪمال هو ۽ ان اخلاق سان پاڻ ماڻهن جون دليون ڇڪي وٺندا هئا. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 146, 147)

دعوت قبول ڪرڻ جا فائدا: ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ دعوت قبول ڪرڻ ۾ هر ويرو ڪائڻ سان مطلب نہ هوندو آهي پر ان سان گڏ ٻيا هي فائدا بہ هوندا آهن. (1) ماڻهن سان ملاقات انهن کي چڱيون ڳالهيون چوڻ. (2) دعوت ڏيندڙ جي دل کي خوش ڪرڻ. (3) الله ﷻ جي فضل ۽ ڪرم سان جيڪو ڪاڏي لاءِ ملي اهو کائي الله ﷻ جو شڪر ڪرڻ (4) دعوت ڪندڙ کي دعائون ڏيڻ وغيره.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} خود محدث ترمذي جامع ترمذي جي ڪتاب الاحڪام باب 10 ماجاء في قبول الهدية واجابة الدعوة رقم الحديث 1338 ج 3 ص 623 {2} احمد في المسند ج 3 ص 209.

{339} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمٰنِ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ، عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ الْمُنْكَدِرِ، عَنْ جَابِرٍ قَالَ: جَاءَنِي رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَيْسَ بِرَاكِبِ بَغْلٍ وَلَا بِرْذَوْنٍ.

بامحاوره ترجمو: حضرت جابر ﷺ ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن (هڪ دفعي) مون وٽ آيا. پاڻ خچر يا ترڪي گهوڙي تي چڙهي ڪونہ آيا. (پر پيرين پنڌ آيا هئا. هي سندن نهٺائي ۽ نوڙت جو چٽو مثال آهي)

مفردات جو شرح: "بَغْلٍ" خچر. "بِرْذَوْنٍ" عجمي گهوڙو ۽ لغت جي ڪتاب "المغرب" ۾ آهي. "بِرْذَوْنٍ" ترڪي گهوڙي کي چوندا آهن.

سمجهاڻي: هن حديث مبارڪ مان واضح ٿيو تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن سواريءَ ڪان سواءِ پيادل بہ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان کي نوازڻ ويندا هئا. جيئن امام بخاري جي روايت ۾ صراحت سان آيل آهي. (1) حضرت جابر ﷺ ڪان روايت آهي تہ: مون وٽ رسول الله ﷺ ۽ (حضرت) ابو بڪر ﷺ طبع پرسي جي لاءِ پيادل آيا" اهو تہ حبيب ڪريم ﷺ جن جي انڪساري ۽ تواضع هئي جو صحابہ ڪرام عليهم الرضوان وٽ پيادل ايندا رهندا هئا. ۽ سواريءَ تي اچڻ وڃڻ سندن هميشہ واري عادت نہ هئي. ڪڏهن سوار ٿي بہ ڪنهن وٽ تشريف فرما ٿيندا هئا. ۽ حبيب ڪريم ﷺ جن پنڌ رب العزة جل جلاله کان وڌيڪ ثواب جي طلب. الله ﷻ جي اڳيان تواضع ۽ صحابہ ڪرام سان خلوص واري محبت جي ڪري ايندا هئا. بخاري عبدالله بن سفيان ﷺ ڪان روايت آندي آهي تہ مان بيمار ٿي پيس

پوءِ مون کان رسول الله ﷺ جن ۽ (حضرت) ابوبڪر صديق ﷺ پيادل پڇڻ آيا ۽ مون کي ڏٺائون ته مون تي بيهوشي طاري هئي ته حضرت رسول الله ﷺ جن وضو ڪري ان پاڻيءَ جا مون کي ڇنڊا هنيا ته مان هوش ۾ اچي ويس. الحديث.

هن روايت ۾ به صراحت آهي ته "پاڻ پيادل آيا هئا." (المواهب ص 566 جمع الوسائل ج 2 ص 147)

المقصد ته حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن اميرن ۽ بادشاهن وانگر هرويرو سواريءَ جا عادي نه هئا. بلڪ گهڻو ڪري پيادل به هلندا هئا.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن روايت ڪئي آهي: {1} البخاري في ڪتاب المرضي باب 15 عيادة المريض راڪبا و ما شيا وردفاعلي الحمار رقم الحديث 5664 ج 10 ص 122 {2} مسلم في ڪتاب الفرائض باب 2 ميراث الڪلالة رقم الحديث 1616 حديث الڪتاب 7 ج 3 ص 1235 {3} ابو داؤد في ڪتاب الجنائز باب 6 المشي في العيادة رقم الحديث 3096 ج 3 ص 185 {4} النسائي في ڪتاب الطب من سننه الڪبري ڪما في التحفة ج 2 ص 360 {5} احمد في المسند ج 3 ص 373 {6} ابو يعلي في مسنده رقم الحديث 2140 ج 4 ص 107 {7} الحميدي في مسنده رقم الحديث 1229 ج 2 ص 516.

{340} حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو نُعَيْمٍ قَالَ: أَنْبَأَنَا يَحْيَى بْنُ أَبِي الْهَيْثَمِ الْعَطَّارُ قَالَ: سَمِعْتُ يُوسُفَ بْنَ عَبْدِ اللهِ بْنِ سَلَامٍ قَالَ: سَمَّانِي رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُوسُفَ وَأَقْعَدَنِي فِي حِجْرِهِ وَمَسَحَ عَلَى رَأْسِي.

بامحاوره ترجمو: حضرت عبدالله بن سلام ﷺ جي پٽ يوسف ﷺ کان روايت آهي. (ان چيو آءٌ نندو هيس ته) رسول الله ﷺ منهنجو نالو يوسف رکيو ۽ مون کي پنهنجي جهوليءَ ۾ ويهاري منهنجي مٿي تي (دعا جو) هٿ گهمايو".

مفردات جو شرح: "سَمَّانِي" منهنجو نالو رکيائين. "حَجْرِهِ" پنهنجي هنج ۾. حجر (حا جي زبر ۽ زير ٻنهي سان آيو آهي)

سمجهاڻي: هن حديث ۾ جهڙي طرح حضور ڪريم ﷺ جي پيار، شفقت ۽ محبت جو ذڪر جيئن يوسف بن عبدالله بن سلام ﷺ ڪيو آهي اهڙي طرح پاڻ ڪريم ﷺ جن سيني صحابه ڪرام عليهم الرضوان جي اولاد سان پيار ڪندا هئا. علامه يوسف نبهاني لکيو آهي ته "حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کي جڏهن واٽ ويندي به ننڍا ٻار ملندا هئا ته پاڻ انهن کي سلام چوندا هئا ۽ انتهائي محبت ۽ پيار سان پيش ايندا هئا. جڏهن سفر کان واپس ٿيندا هئا سڀ کان اول گهر جي ننڍن ٻارن سان ملندا هئا ٻارن ۽ گهروارن سان نهايت گهڻي شفقت ۽ پيار ڪندا هئا جڏهن ڪو شخص ڪنهن ٻار کي سندن خدمت ۾ ڪٺي ايندو هو ته پاڻ ڪاڏي جي ڪا شيءِ پنهنجي وات مبارڪ ۾ وجهي چٻاڙي ان ٻار جي وات ۾ وجهندا هئا ان جي لاءِ خير ۽ برڪت جي دعا ڪندا هئا. انصارن جي گهرن ۾ تشريف فرما ٿيندا هئا ته ننڍن ٻارن کي سلام ڪري انهن سان پيار ۽ شفقت ڪندا هئا.

ننڍن ٻارن سان پيار ڪرڻ: هن جاءِ تي آندل حديث مان معلوم ٿيو ته هي سندن خُلق جو ڪمال ۽ ننڍن ٻارن تي شفقت ۽ رحمت جو اظهار هو جو صحابه ڪرام عليهم الرضوان جي ٻچڙن کي هنج ۾ کڻندا

۽ انهن جا نالا رکندا ۽ انهن کي محبت ڏيندا هئا. ۽ هي ٻه معلوم ٿيو تہ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان کي سندن ذات عالي صفات سان ڪيتري محبت ۽ عقيدت هوندي هئي. جو سندن گهر ۾ جڏهن ڪو ٻار ڄمندو هو تہ ان کي سندن خدمت ۾ کڻي ايندا هئا ۽ انهن کي حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي هنج ۾ ويهارڻ ۽ سندن لعاب دهن مبارڪ جي تبرڪات سان ڀرپور ڪري واپس کڻي ويندا هئا. پاڻ انهن جي مٿي تي برڪت جو هٿ گهمائيندا هئا انهن کي ظاهري ۽ باطني، روحاني ۽ جسماني مهربانين سان مالا مال ڪري موٽائيندا هئا ۽ ڪارڪ چٻاڙي ان جو مٺاڻ ٻار جي تارؤ کي هٿ مبارڪ سان لڳائيندا هئا. شمائل جي شارح علامہ محمد عاقل لاهوري لکيو آهي تہ: هي حديث هن ڳالهہ تي دلالت ڪري ٿي تہ "نئين ڄاول ٻار جو نالو ان وقت جي ڪنهن صالح، بزرگ ٻانهي کان رکرائجي اهو مستحب آهي ۽ اهو نالو الله ﷻ جي نبين عليهم الصلواة والسلام جي نالن مان رکجي تہ ڀلو آهي ۽ قوم جي بزرگ کي بہ گهرجي تہ پنهنجي قوم جي ننڍڙن ٻارن سان لطف ۽ ڪرم ڪري انهن کي هنج ۾ کڻي ويهاري انهن سان شفقت ۽ پيار جو اظهار ڪري.

طبراني جي روايت ۾ آهي تہ هن حديث جي روايت ڪندڙ يوسف بن عبدالله بن سلام ﷠ چيو تہ "دَعَالِيْ بِالْبَرَكَةِ" (حضرت حبيب ڪريم جن مون لاءِ برڪت جي دعا بہ فرمائي) (انوار غوثيه ص 457) ۽ حبيب ڪريم ﷺ جي هن طريقي ۾ سندن اعليٰ خلق عظيم رحمت، تواضع ۽ لطف جو اظهار آهي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 4 ص 35 {2} البخاري في الادب المفرد ص 337، 338 {3} الحميدي ص 869 {4} الطبراني في الكبير ج 22 ص 729، 730 {5} البيهقي في الآداب ص 46.

{341} حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مَنْصُورٍ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو دَاوُدَ الطَّيَالِسِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا الرَّبِيعُ وَهُوَ ابْنُ صَبِيحٍ قَالَ: حَدَّثَنَا يَزِيدُ الرَّقَاشِيُّ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ، أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حَجَّ عَلَى رَحْلٍ رَثٍّ وَقَطِيفَةٍ، كُنَّا نَرَى ثَمَنَهَا أَرْبَعَةَ دَرَاهِمَ، فَلَمَّا اسْتَوَتْ بِهِ رَاحِلَتُهُ قَالَ: لَبَّيْكَ بِحَجَّةٍ لاَ سُمْعَةَ فِيهَا وَلاَ رِيَاءَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ﷠ کان روايت آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن هڪ پراڻي پلاڻ تي (جو ڏاچيءَ تي رکيل هو) حج ڪيو ۽ هڪ ڪٿي سان (جو اهو پلاڻ مٿان پيل هو) جنهن جي قيمت اسان جي خيال ۾ چار درهم هئي. پوءِ جڏهن سندن ڏاچي اٿي بيٺي تہ پاڻ فرمايائون: آءٌ اهڙي حج لاءِ حاضر ٿيو آهيان جنهن ۾ شهرت ۽ رياءُ نہ هجي.

مفردات جو شرح: "رَحْلٍ" (راء جي زير ۽ حا جي جزم سان) پلاڻ، روانو ٿيڻ، ڪوچ ڪرڻ، زين لڳائڻ. "رَثٍّ" پراڻو خراب، ڦاٽل چنل. "قَطِيفَةٍ" اهو ڪمبل جنهن کي ڪناري لڳل هجي. مٿان وجهڻ وارو ڪپڙو. "سُمْعَةَ" ماڻهن کي ٻڌائڻ، شهرت حاصل ڪرڻ. "رِيَاءَ" ڏيکارڻ، ڪو ڪم ماڻهن جي ڏيکاء جي لاءِ ڪرڻ.

سمجهاڻي: هن حديث پاڪ ۾ سرڪارِ مدينه ﷺ جي تواضع ۽ انڪساري جو ذڪر آهي تہ پاڻ حج جو وڏو سفر ان جي مٿان رکيل هڪ پراڻي پلاڻ ۽ ان تي پيل سادي ڪمبل جي ٽڪري تي ويهي ڪيائون جنهن جي قيمت اندازن چار درهم هئي. جڏهن سندن ويهڻ کان پوءِ سندن سواري اٿي سڌي

تي هلي ته پاڻ فرمايائون " لَبَّيْكَ بِحَجَّةٍ لَا سُمْعَةَ فِيهَا وَلَا رِيَاءَ " البيجوري لکيو آهي ته "راحلة" سفر ۾ بار کڻڻ جي لاءِ قوت واري اٺ کي سڏيو ويندو آهي. مذکر ۽ مونث اٺ ۾ ڏاچي ٻنهي جي لاءِ استعمال ٿيندو آهي هن ۾ "ة" مبالغه جي آهي تانيث جي ناهي "لَبَّيْكَ " جي معنيٰ آهي ته لاءِ ٻه ڀيرا جيءُ آهي ۽ هن مان مراد وري وري جيءُ چوڻ آهي تعداد مراد ناهي. مقصد ته: مان تنهنجي حکم تي هميشگي کندڙ هڪ کان پوءِ ٻيو پير و صحيح نيت سان جنهن ۾ نه رياء آهي نه ماڻهن کي ٻڌائڻ جو ارادو آهي جيءُ چوندڙ آهيان. خالص تنهنجي رضا لاءِ آهي ۽ رياء ۽ ماڻهن کي ٻڌائڻ جي نفي امت جي تعليم جي لاءِ کيائون نه ته پاڻ معصوم آهن سندن ذات ۾ ان جو وجود ناممکن آهي. (المواهب ص 568) "عَلَى قَطِيفَةٍ" مان واضح ٿيو ته اهو کمبل جو ٽڪرو پلڻ جي مٿان رکيل هو ۽ هي حديث ظاهر ۾ دلالت کري ٿي ته ان ٽڪري جي قيمت چار درهم هئي. ۽ هن کان اڳ ۾ به هيءَ حديث "شمائل" ۾ آيل آهي ان ۾ مذکور آهي ته اها چئن درهمن جي قيمت کان به گهٽ هئي. ممکن آهي ته اهو واقعو متعدد ڀيرا ٿيو هجي ته پوءِ معنيٰ ۽ مراد ۾ کو مشکل نه رهندو.

علامه مناوي لکيو آهي ته تحقيق اهو آهي ته اهو کمبل جو ٽڪرو چئن درهمن جي برابر نه هو (هن روايت ۾ صحابي اندازو ٻڌايو آهي.) (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 148)

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: انهن جو ذکر حديث رقم 135 ۾ لکي چڪا آهيون.

{342} حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مَنْصُورٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّزَّاقِ قَالَ: حَدَّثَنَا مَعْمَرٌ، عَنْ ثَابِتٍ الْبُنَانِيِّ، وَعَاصِمٍ الْأَحْوَلِ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ، أَنَّ رَجُلًا خَيَّاطًا دَعَا رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَرَّبَ مِنْهُ ثَرِيدًا عَلَيْهِ دُبَّاءٌ قَالَ: فَكَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَأْخُذُ الدُّبَّاءَ وَكَانَ يُحِبُّ الدُّبَّاءَ. قَالَ ثَابِتٌ: فَسَمِعْتُ أَنَسًا يَقُولُ: فَمَا صُنِعَ لِي طَعَامٌ أَقْدِرُ عَلَى أَنْ يُصْنَعَ فِيهِ دُبَّاءٌ إِلَّا صُنِعَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالک ﷺ کان روايت آهي ته هڪ درزي رسول الله ﷺ جن جي دعوت کئي. پوءِ اهو پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ ثريد (ماني گوشت جي ٻوڙ ۾ ڳتي ٿهيل) کڻي آيو ۽ ان ۾ کدو به پيل هو. پاڻ کريم ﷺ ان مان کدو جا ڳترا چونڊي کڍي کائن پيا. ڇاکاڻ ته کين کدو گهڻو وڻندو هو. حضرت ثابت ﷺ چوي ٿو ته مون حضرت انس صحابي ﷺ کي چوندي ٻڌو ته هن کان پوءِ منهنجي لاءِ کاڌو نه رڌو ويندو هو پر ان ۾ وس پڄندي کدو ضرور پوندو هو.

مفردات جو شرح: "خَيَّاطًا" درزي، هڪ قول جي مطابق هي حضرت حبيب کريم ﷺ جو غلام هو.

سمجهاڻي: هي حديث "باب ماجاء في ادام رسول الله ﷺ " ۾ لکجي آئي آهي پر هتي ان جي کري وري آندي وئي آهي جو اها تواضع ۽ انکساري تي دلالت کري ٿي. سيدنا انس ﷺ فرمايو ته "جڏهن کان حبيب کريم ﷺ جن کي کدو پسند کندي ڏٺو اٿم. ان کان پوءِ منهنجي جي لاءِ وس آهر هر ڀاڄي ۾ کدو ضرور هوندو آهي. سبحان الله! هن مان حضرات صحابه کرام رضي الله عنهم جو حضرت نبي کريم ﷺ ۽ سندن اتباع ۾ " محبت جو اظهار ٿي رهيو آهي ۽ ان کي ڏسي کري اسان مسلمانن تي به لازم آهي ته "صحابه کرام عليهم الرضوان جي نقش قدم تي هلندي محبوب کريم ﷺ جي پسند کيل شين سان پيار رکون ۽ سندن ناپسند کيل شين کي ناپسند کيون.

علامہ ابنِ حجر مکي لکيو آهي تہ : هن روايت مان معلوم ٿيو تہ ”کدو کائڻ ۽ ڪاڏي ۾ ان جي تلاش ڪرڻ مستحب آهي“. (اشرف الوسائل ص 494)

هيءَ حديث جن ٻين محدثن آندي آهي: انهن جو ذڪر هن ڪان اڳ ۾ مذکور حديث 161 ۾ لکي آيا آهيون. اتي ڏسڻ گهرجي.

{343} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ إِسْمَاعِيلَ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ صَالِحٍ قَالَ: حَدَّثَنَا مُعَاوِيَةُ بْنُ صَالِحٍ، عَنْ يَحْيٰى بْنِ سَعِيدٍ، عَنْ عَمْرَةَ، قَالَتْ: قِيلَ لِعَائِشَةَ: مَاذَا كَانَ يَعْمَلُ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي بَيْتِهِ ؟ قَالَتْ: كَانَ بَشَرًا مِنَ الْبَشَرِ، يَفْلِي ثَوْبَهُ، وَيَحْلُبُ شَاتَهُ، وَيَخْدِمُ نَفْسَهُ.

بامحاوره ترجمو: حضرت بيبي عمره رضي الله عنها کان روايت آهي تہ حضرت بيبي عائشه صديقه رضي الله عنها کان پڇيو ويو تہ رسول الله ﷺ جن پنهنجي گهر ۾ ڪهڙو ڪم ڪندا هئا؟ (مومنن جي ماءُ عائشه صديقه رضي الله عنها) ٻڌايو تہ پاڻ سڳورا ﷺ انسانن مان هڪ انسان هئا. پنهنجي ڪپڙن مان جون تلاش ڪندا هئا. پنهنجي ٻڪري پاڻ ڏهندا هئا ۽ پنهنجو ڪم ڪار پاڻ ڪندا هئا.

مفردات جو شرح: ”يَفْلِي“ فلا يفلي فليا“ هي لفظ مختلف معنائن ۾ استعمال ٿيندو آهي. جيڪڏهن الامر سان گڏ ايندو تہ ان جي معنيٰ هوندي ڪنهن معاملي جي اسباب ۽ وجوه تي غور ڪرڻ ۽ جيڪڏهن ”السيف“ سان استعمال ٿيندو تہ ان جي معنيٰ ٿيندي تلوار سان مارڻ. جڏهن عقل سان ايندو تہ ان جي معنيٰ ٿيندي آزمائش ڪرڻ. جڏهن راس يا ثوب سان ايندو تہ ان جي معنيٰ ٿيندي ان ۾ جون ڳولڻ. ”يَحْلُبُ“ حلب يا ”حلب“ يا ”حلاب“ مصدر کان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي کير ڏهڻ. ”يَخْدُمُ“ خدمة يا ”خَدمة“ کان ورتل آهي هن جي معنيٰ آهي تابعداري ڪرڻ اطاعت ڪرڻ، خدمت ڪرڻ.

سمجهاڻي: ”کان بشرا من البشر“ انسانن مان هڪ انسان هو. (هن مان مراد ظاهري بشريت آهي نہ تہ پاڻ حقيقت ۾ خالص نور هئا. جنهن جو مزيد تحقيق اهل السنة والجماعت جي علماء جدا جدا ڪتابن ۾ لکيو آهي) ۽ هتي هنن لفظن مان مقصد آهي تہ پاڻ ٻين ماڻهن وانگر گهر جو ڪم ڪار سنڀاليندا هئا گهرو زندگي خوش اسلوبي سان گذاريندا هئا. پنهنجي گهر جا ڪم ڪار پاڻ ڪرڻ ڪي عيب نہ سمجهندا هئا تانت امتي بہ سندن نقشِ قدم تي هلي گهر ڪي سنڀالين. ڪين الله ﷻ بي حساب عنايات سان نوازيو هو. وحي الاهي ۽ نبوت سان سرفراز فرمايو هو ڪين ڪئين معجزا بہ عطا ڪيا هئا. پنهنجي ديدار سان مشرف ڪيو هو پر ان سڀ جي هوندي پاڻ گهرو ڪم ڪار ڪي عيب نہ سمجهندا هئا.

سوال: ڇا حضور ڪريم ﷺ جي وجود مسعود ۾ جون هونديون هيون جو پاڻ ڪپڙن ۾ ڳوليندا ۽ صفائي ڪندا هئا؟

جواب: ديوبندي فڪر جي مشهور ۽ معروف محدث محمد زڪريا سهارنپوري شمائل جي اردو شرح ۾ لکيو آهي تہ ”علماء جي تحقيق هي آهي تہ سندن بدن مبارڪ ۽ ڪپڙن ۾ جون نہ پونديون هيون ۽ ان جو وجہ ظاهر آهي تہ جون بدن جي ميرنھ مان پيدا ٿيندي آهي پگهر سان وڌندي آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ سراسر نور هئا اتي ميرنھ وغيره ڪٿي هئي اهڙي طرح سندن پگهر مبارڪ بہ سراسر گلاب هو

جيڪو خوشبوءِ ۾ استعمال ڪيو ويندو هو. ڀلا گلاب جي عرق مان جون جو گذر ڪتان تي سگهي ٿو؟ ان جي ڪري سندن ڪپڙن جي تلاش مان هي مراد آهي تہ متان ڪنهن ٻئي جي جونءِ اچي وئي هجي. بلڪ بعض علماء فرمايو تہ "جون تلاش ڪرڻ امت جي تعليم لاءِ هو جو جڏهن حضرت حبيب ڪريم ﷺ ڪي ان جي تلاش ڪندي ڏسندا تہ پاڻ بہ ان جو اهتمام ڪندا. (خصائل نبوي ص 296)

علامہ نبهاني لکيو آهي تہ "نبي ڪريم ﷺ جن انتهائي بلند حوصلي وارا هئا جڏهن گهر ۾ تشريف فرما ٿيندا هئا. تہ (سست رهڻ جي بجاءِ) ڪم ڪار ۾ مصروف ٿي ويندا هئا اڪثر ڪپڙا وغيره پاڻ سبندا هئا گهر جون شيون پاڻ ئي ڪٽي هڪ جاءِ کان ٻيءَ جاءِ تي رکندا هئا. گوشت وڍيندا ۽ خادم جي مدد ڪندا هئا. (ان ڪي عيب نہ سمجهندا هئا) پنهنجي جتي (مبارڪ جيڪڏهن ڇڄي پوندي هئي تہ) پاڻ ڳنڍيندا هئا قميص مبارڪ کي چتيون هڻندا هئا. چادر مبارڪ ڪتان ڦاٽندي هئي تہ ان کي پاڻ ٽوپو ڏيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ "جيڪو منهنجي طريقي کان منهن موڙيندو اهو مون (منهنجي امت) مان ناهي پنهنجا اٺ پاڻ چاريندا هئا. خادم سان گڏ ويهي ڪاڏو ڪائيندا هئا. اٽو پاڻ ڳوهيندا هئا بازار مان سودو سلف پاڻ کڻي گهر ايندا هئا. (وسائل الوصول الي شمائل الرسول ص 13) سندن انتهائي تواضع جو دليل هيءَ حديث بہ آهي" حضرت ابو قتاده ﷺ فرمايو تہ "نجاشي بادشاہ جي طرفان هڪ وفد حضرت رسول الله ﷺ جي خدمت اقدس ۾ آيو تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي سر پاڻ انهن جو آدر ڀاءُ ڪيو خاطر تواضع ۾ مصروف رهيا. صحابہ ڪرام عليهم الرضوان ڪين عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ ! اسان کي ارشاد فرمايو ڇا ڪرڻو آهي تہ اسين ڪيون. اسين ان خدمت جي لاءِ ڪافي آهيون. جواب ۾ فرمايائون تہ "انهن اسان جي ماڻهن جي خدمت ڪئي هئي مان پسند ڪيان ٿو تہ انهن جي مهمانداري ۽ خاطر تواضع مان پاڻ ڪيان." (انوارِ غوثيه ص 461, 462)

علامہ بيجوري لکيو آهي تہ "ابن سبع ۽ الشفاء جي بعض شارحن لکيو آهي تہ: رسول الله ﷺ جن ۾ جونءَ نہ هونديون هيون. ڇوتہ پاڻ نور آهن ۽ جنهن ڇيو تہ حبيب ڪريم ﷺ ۾ جونءَ هونديون هيون اهو انهن وانگر آهي جنهن سندن تنقيص ڪئي.) اڳتي لکيو اٿس تہ: مرد جي لاءِ سنت آهي تہ اهو پنهنجي ۽ پنهنجي عيال جي خدمت ڪري ڇوتہ ان ۾ تڪبر ڇڏڻ ۽ تواضع اختيار ڪرڻ آهي. (المواهب ص 570, 571) علامہ مناوي لکيو آهي تہ حضرت علي حضرت عمر ﷺ کي فرمايو تہ "جيڪڏهن توکي هيءَ ڳالهہ پسند آهي تہ: تون پنهنجن ٻن ساٿين (حضور ڪريم ﷺ ۽ حضرت ابو بڪر صديق ﷺ) سان مزار ۾ شامل رهين تہ قميص کي چتيون هڻ, گوڏ کي سادو رک, جتيءَ کي چتيون هڻ , ڏگهيون اميدون نہ رک, پيٽ ڀري, ڍؤ ڪري ڪاڏو نہ کاءُ تہ انهن سان شامل هوندين."

(شرح المناوي علي حاشية جمع الوسائل ج 2 ص 149)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في الادب المفرد رقم الحديث 541 ص 190 {2} ابو يعلي في مسنده رقم الحديث 4873 ج 8 ص 286 {3} ابن حبان في صحيحه رقم الحديث 5675 ج 12 ص 488 {4} ابو نعيم في الحلية ج 8 ص 331 {5} البيهقي في الدلائل ج 1 ص 328 {6} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3676 ج 13 ص 242 {7} الذهبي في السير ج 7 ص 158.

باب ائيتاليهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي خُلُقِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ اهي حديثون آهن جيڪي حضور ڪريم ﷺ جي اخلاق جي بيان ۾ آهن

سمجهاڻي: خلق (خا ۽ لام جي پيش سان) ۽ ڪڏهن لام کي جزم بہ پڙهي وئي آهي ان جي اصل معنيٰ آهي طبع ۽ مزاج ۽ اهو اصل باطني اوصاف مان آهي. "خَلَقَ" جي خلاف. اهو صفات ظاهريہ جي لاءِ آهي ۽ ڪمال جو تعلق خلق کان وڌيڪ "خُلق" سان وابستہ آهي ۽ حجة الاسلام امام غزالي خلق جي تعريف هن طرح ڪئي آهي: خلق نفس جي هڪ هيئت آهي جنهن سان ڪم آسانيءَ سان ٿيندا آهن پوءِ جيڪڏهن اهي ڪم سهڻا هوندا تہ انهن کي سهڻا اخلاق سڏيو ويندو ۽ جيڪڏهن نہ تہ انهن کي برا اخلاق سڏيو ويندو. ۽ علامہ ابنِ حجر هيتمي مڪي جو قول آهي: خلق هڪ اهڙو نفساني ملڪه آهي جنهن سان سهڻا اخلاق ظاهر ٿيندا آهن صرف سهڻي اخلاق جي تعريف آهي. مطلق خلق جي تعريف ناهي ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن حسين اخلاق جي ان مقام تي فائز هئا جتي نہ ڪو پهتو ۽ نہ پهچي سگهندو ۽ ان باري ۾ تولاءِ الله ﷻ جو قول "اِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيۡمٍ" (بيشڪ اوهان وڏي اخلاق وارا آهيون) ڪافي آهي، جو رب ﷻ سندن خلق کي عظيم سڏيو آهي. (المواهب ص 571) محدث ترمذي "شمائل" ۾ سندن خلق جا مختلف پهلو بيان ڪيا آهن سعد بن هشام ﷺ فرمايو تہ "مان سيده عائشه صديقه ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ ان کان نبي ڪريم ﷺ جي خلق جي باري ۾ پڇيم تہ پاڻ فرمايائين "كَانَ خُلُقُهُ الْقُرْآنَ" سندن اخلاق قرآن ڪريم هو. مطلب تہ قرآن ڪريم جي هر آيت مان سندن سهڻي اخلاق جو ظهور ٿي رهيو آهي سندن سهڻي اخلاق سان گڏ سندن تعليم بہ سهڻي اخلاق جي آهي. سندن فرمان آهي "بُعِثْتُ لِاُتَمِّمَ مَكَارِمَ الْاَخْلَاقِ" (مان پلن اخلاقن جي تڪميل لاءِ موڪليو ويو آهيان) (2) "اَكْمَلُ الْمُؤْمِنِيْنَ اِيْمَانًا اَحْسَنُهُمْ خُلُقًا" (مومنن ۾ ايمان ڪامل وارو اهو آهي جنهن جا اخلاق سهڻا آهن. (3) "اَكْثَرُ مَا يُدْخِلُ النَّاسَ الْجَنَّةَ تَقْوَى اللهِ وَحُسْنُ الْخُلُقِ" (ماڻهن کي اڪثر ڪري جنت ۾ الله جو خوف ۽ سهڻا اخلاق داخل ڪندا.) (4) "لَيْسَ شَيْءٌ فِي الْمِيْزَانِ اَثْقَلُ مِنْ حُسْنِ الْخُلُقِ" (ڪابہ شيءِ قيامت جي ڏينهن اعمال جي تورڻ واري ساهمي ۾ سهڻي اخلاق کان وڌيڪ ڳري ناهي) علامہ نبهاني قاضي عياض ﷺ جي ڪتاب "الشفاء" کان نقل ڪري لکيو آهي تہ هڪ روايت ۾ مذڪور آهي تہ "الله ﷻ خلق جي ابتدا کان وٺي انتها تائين پوري ڪائنات کي جيترو عقل عطا ڪيو آهي اهو ان عقل جو هڪ ذرو آهي جيڪو حضور ڪريم ﷺ کي عطا ڪيو ويو آهي" علامہ قسطلاني مواهب ۾ "عوارف المعارف" جي حوالي سان لکيو آهي تہ "جيڪڏهن عقل جا هڪ سؤ حصا ڪيا وڃن تہ ائين سمجهو تہ نوانوي حصا حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جا آهن ۽ باقي هڪ

حصو سموري ڪائنات جو آهي" علامہ قسطلاني لکيو آهي تہ: جيڪو شخص سندن تدبير جي حسن ۽ عمدگي ڏانهن نهاريندو تہ ڏسندو تہ عرب جيڪي دنيا جي وحشي قوم شمار ڪيا ويندا هئا جن کي ڪنهن تهذيب ۽ تمدن جي هوا بہ نہ لڳي هئي نہ انهن جي اڳيان ماضي جي تاريخ هئي نہ مستقبل جا انديشا جن وٽ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جو ڪو ذريعو ۽ سامان نہ هو. اهڙي قوم جي پاڻ اهڙي نموني تربيت ڪيائون جو ٿوري عرصي ۾ انهن جي تقدير بدلجي وئي لٽ مار جي جاءِ تي انهن هڪ ٻئي سان محبت ۽ ايثار کي پنهنجو شعار بنايو. حبيب ڪريم ﷺ جي ذات سان انهن جيئن عشق ۽ والهانہ محبت جو مظاهرو ڪيو اهو دنيا جي تاريخ جو هڪ انوکو ۽ نرالو باب آهي پيءُ پٽ جي مقابلي ۾ بيهي ويو ۽ پٽ حضور ڪريم ﷺ جي دشمن پيءُ کي نہ بخشيو. مڙس زال کي ۽ زال مڙس کي نہ مجيو. وطن ۽ دين لاءِ گهر ٻار ڇڏيائون. هي سڀ ڳالهيون ان جو کليو ثبوت آهن تہ حبيب ڪريم ﷺ کان وڌيڪ دنيا جو ڪوبہ انسان هوشيار، داناء عقلمند ۽ عمده اخلاق جو صاحب ناهي. سندن دانائي ساري جهان کان مٿي ۽ ڪئين حصا وڌيڪ آهي. يقينًا سندن عقلمندي ۽ سهڻا اخلاق ايترا وسيع آهن جو دنيا جي ڪابہ شيءِ انهن کي تنگ ڪري نہ ٿي سگهي. قرآن ڪريم جو فرمان بلڪل صحيح ۽ حق آهي تہ "اِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ" علامہ قاضي عياض لکيو آهي تہ "وحسن الخلق مخالطة الناس بالجميل والبشر واللطافة وتحمل الاذى والشفاق عليهم والحلم والصبروترك الترفع والاستطالة و تجنب الغلظة والغضب والمواخذة" (يعني هڪٻئي سان ڪليل دل، سهڻي نموني مرڪندڙ چهري، لطف و ڪرم سان ميل جول ڪرڻ، ٻين جي تڪليفن کي برداشت ڪرڻ انهن جي مصيبتن ۾ مدد ڪرڻ، بردباري، صبر، پاڻ کي مٿاهون نہ سمجهڻ ۽ ٻئي جي خيرخواهي ڪندي سختي، پڪڙ ۽ غصي کان بچڻ حضور ڪريم ﷺ جن جو سهڻو خلق ۽ چمڪندڙ جوهر هئا. (انوار غوثيه ص 466) علامہ ابن حجر هيتمي مڪي لکيو آهي تہ: خلق خا جي پيش ۽ لام جي جزم سان شرب ۽ شرب وانگر آهي. خلق انهن صورتن ۽ هيئتن تي ڳالهايو ويندو آهي جيڪي اک سان محسوس ٿينديون آهن ۽ خلق انهن ڳالهين تي ڳالهايو ويندو آهي جيڪي بصيرت سان ادراڪ ۽ پروڙ ۾ اينديون آهن پوءِ اهو انسان ۾ هڪ ملڪه آهي جنهن سان سهڻا فعل ۽ احوال جو ڪمال پيدا ٿيندو آهي ۽ اها نفس جي باطني صورت ۽ ان جا سهڻا اوصاف ۽ ان سان خاص ٿيندڙ معنائون هونديون آهن. جيئن خلقت ظاهري صورت ۽ ان جي سهڻي اوصاف ۽ قبيح اوصاف لاءِ هوندي آهي پر ڪمال ۽ ان جي ضد جو تعلق خلق جي اوصاف کان وڌيڪ هوندو آهي ان جي ڪري حسن خلق جي متعلق وري وري حديثون آيل آهن ۽ هن باب جو اصل هي آهي تہ الله جل جلاله انسان کي پيدا ڪري ان جي لاءِ دل رکي آهي جنهن سان ان ۾ رکيل عقل سان سمجهندو آهي پوءِ عقل جي ڪمال سان فضائل ڪمايا ويندا ۽ رذائل (برا ڪم) کان بچاء حاصل ڪيو ويندو آهي ۽ اصح قول مطابق عقل جي جاءِ دل آهي ۽ ان جي ڪري ئي آيو آهي تہ "جڏهن دل صحيح هوندي تہ سڄو جسم صحيح هوندو. (جيئن حديث ۾ آهي) ۽ الله سبحانه قلبن کي راز ۽ اخلاص جي جاءِ بنايو آهي الله جل جلاله جنهن کي گهرندو آهي ان جي دل ۾ اهو راز رکندو آهي پوءِ وڏي دل جنهن ۾ اهو راز رکيو ويو حضور ڪريم ﷺ جي دل آهي ۽ الله جل جلاله نفس کي دلين جي رازن تي نشان بنايو آهي پوءِ جنهن جي دل الله جل جلاله جي وڏي راز سان متحقق ٿي ان جا اخلاق ساري مخلوق کان

ڪشادا آهن ۽ ظاهري محاسن ڪان وسيع آهن جنهن ۾ ان سان ٻي مخلوق شريڪ ناهي ۽ اهي سندن قلب شريف تي نشانيون آهن ۽ ان جي ڪري روايت ۾ وارد آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جو قلب تمام ڪشادو قلب آهي جنهن تي الله ﷻ خصوصي توجهہ فرمايو" جو ڪين سيني جي شرح ۽ امت جي غم جي بار لاهڻ ۽ ذڪر جي رفعت ۽ بہ ٿي پيرا سيني مبارڪ جي چيرڻ سان نوازيو ويو ۽ ان ۾ اختلاف آهي تہ ڇا سهڻو اخلاق طبعي آهي يا ڪمائي سان حاصل ٿيندو آهي؟ هڪ قول آهي تہ اهو طبعي آهي. بخاري شريف جي روايت آهي تہ "اِنَّ اللهَ قَسَّمَ اَخْلَاقَكُمْ بَيْنَكُمْ كَمَا قَسَّمَ اَرْزَاقَكُمْ" (بلاشڪ الله اوهان ۾ اخلاق ائين ورهايا آهن جيئن اوهان ۾ اوهان جا رزق ورهايا اٿس. ۽ هڪ قول آهي تہ حسن اخلاق ڪمائيءَ مان حاصل ٿيندو آهي.

بہ پياريون خصلتون: حديث پاڪ ۾ آيو آهي تہ رسول الله ﷺ جن هڪ صحابي ﷺ کي فرمايو: "اِنَّ فِيْكَ خَصْلَتَيْنِ يُحِبُّهُمَا اللهُ اَلْحِلْمُ وَالْاَنَاةُ قَالَ يَا رَسُوْلَ اللهِ! قَدِيْمًا كَانَا فِيَّ اَوْ حَدِيْثًا؟ قَالَ "قَدِيْمًا" قَالَ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِىْ جَبَلَنِى عَلٰى خُلُقَيْنِ يُحِبُّهُمَا." (بلاشڪ تو ۾ بہ خصلتون اهڙيون آهن جن کي الله ﷻ پسند ڪري ٿو بردباري ۽ نوڙت. ان عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ! اهي مون ۾ آڳاٽيون هيون يا نيون پيدا ٿيون" فرمايائون تہ "آڳاٽيون هيون. ان چيو تہ هر حمد ان الله ﷻ جي لاءِ آهي جنهن مون کي اهڙين خصلتن تي پيدا ڪيو آ جيڪي ان کي پسند آهن.) هن سوال ۽ جواب مان واضح ٿئي ٿو تہ اخلاق حسنہ ڪمايل بہ هوندا آهن جن کي صحابي "حَدِيْثًا" لفظ سان ياد ڪيو ۽ حضور ڪريم ﷺ جن ان جي ترديد نہ ڪئي تہ اخلاق سڀ پيدائشي هوندا آهن نوان ڪمايل نہ هوندا آهن. علامہ ابنِ حجر هيتمي مڪي لکيو آهي تہ "حق بہ هي آهي" ۽ ان جي ڪري قرطبي لکيو آهي تہ "اخلاق انسان ۾ پيدائشي امر آهي جنهن جا درجا متفاوت آهن پوءِ جنهن اخلاق ۾ حسن غالب آهي اهو محمود آهي ۽ جيڪڏهن نہ تہ ان ماڻهو کي مجاهده جو امر ڪيو ويندو تانتہ ان جو خلق سهڻو بنجي ۽ رياضت جي لاءِ چيو ويندو تانتہ ان جي حسن ۾ زيادتي پيدا ٿئي ۽ صحيح حديث ۾ آهي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن دعا گهري "اَللّٰهُمَّ حَسَّنْتَ خَلْقِىْ فَحَسِّنْ خُلُقِىْ" (يا الله ﷻ! تو منهنجي خلقت سهڻي بنائي آهي تہ منهنجي اخلاق کي بہ (اجان وڌيڪ) سهڻو بناءِ) ۽ صحيح مسلم ۾ آهي "وَاهْدِنِىْ لِاَحْسَنِ الْاَخْلَاقِ لَا يَهْدِىْ لِاَحْسَنِهَا اِلَّا اَنْتَ" (۽ مون کي تمام سهڻن اخلاقن جي هدايت ڏي انهن تمام سهڻن اخلاقن جي لاءِ تون ئي هدايت ڏيندڙ آهين) ۽ ظاهر آهي تہ انهن دعائن مان سندن مقصد الله ﷻ جي لاءِ عبوديت. نياز ۽ نوڙت جو اظهار هو نہ تہ سندن وجود ۾ فضل وهبي ۽ جودِ الاهي ۽ جودِ الاهي سان ڪريمانہ اخلاق پيدائشي طور رکيل هئا. رياضت ۽ تڪليف ۽ مجاهدي جي ڪين ڪا ضرورت نہ هئي بلڪ معرفت جا انوار سندن قلب تي هميشہ وسندا ۽ چمڪندا رهيا تانجو سندن ذات ۾ ڪمال جون خصلتون ايتريون هيون جن جو احاطو ناممڪن آهي ۽ ان جي ڪري الله ﷻ پنهنجي ڪتاب قرآن ڪريم ۾ سندن اخلاق جي هن طرح ثنا ڪئي آهي. "اِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ" (۽ سندن علم کي هن طرح بيان ڪيو آهي "وَعَلَّمَكَ مَا لَمْ تَكُنْ تَعْلَمُ وَكَانَ فَضْلُ اللهِ عَلَيْكَ عَظِيْمًا" (۽ الله ﷻ اوهان کي اهو علم ڏنو جيڪو اوهان نہ ڄاڻندا هيا ۽ الله جو اوهان تي وڏو فضل آهي) الله سندن وصف بيان ڪئي آهي. تہ پاڻ عملي ۽ علمي قوت ۾ وڏا آهن ۽ انهن ۾ مستغرق آهن ۽ سندن خلق کي "عظيم" سان صفت ڪئي وئي آهي حالانڪ گهڻو ڪري

خلق جي صفت ڪريم سان ڪئي ويندي آهي سو هن طرف اشاري ڪرڻ جي لاءِ ته پاڻ سهڻي خُلق ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي نه ڪئي اٿن. بلڪ پاڻ مومنن جي لاءِ رؤف رحيم آهن. ڪافرن تي شديد ۽ سخت آهن دشمنن جي دلين ۾ سندن رعب ايترو ويٺل آهي جو مهيني جي پنڌ تي هوندا هئا ته به سندن دشمنن تي سندن هيبت ڇانئجي ويندي آهي سندن اخلاق کي "عظيم" سان ان جي ڪري صفت ڪئي وئي آهي ته انعام کي به شامل رهي ته ڪافرن کان انتقام تي به شامل رهي ۽ سندن وجود ۾ انعام جو اظهار غالب رهيو هو ان جي ڪري ضعيف سند سان روايت ۾ آيو آهي ته "اِنَّ اللهَ بَعَثَنِي بِمَكَارِمِ الْاَخْلَاقِ وَكَمَالِ مَحَاسِنِ الْاَفْعَالِ" (الله ﷻ مون کي ڪريمانه اخلاق ۽ سهڻن ڪمن جي ڪمال سان موڪليو آهي) ۽ ڪيئن نه هوندو جڏهن ته سندن خلق " قرآن ڪريم" آهي العارف بالله شهابُ الدين سهروردي جيڪو شيخ سعدي ۽ غوث العالم ملتاني جو مرشد هو فرمايو ته : "خلق عظيم" ۾ اونهي رمز رباني اخلاق سان لڪل اشارو آهي پوءِ الاهي حضور مان ارشاد آيو ته پاڻ الله ﷻ جي اخلاق سان متخلق آهن ۽ ان کي هن عبارت ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته جيئن قرآن ڪريم جون معنائون بي نهايت آهن تيئن سندن اخلاق هن جهان وارن جي لاءِ وسيع هئا. ان جي ڪري الله ﷻ کين انسانن، جنن، ملائڪن بلڪ ساري مخلوق جي لاءِ رسول ڪري موڪليو آهي جيئن مسلم شريف جي حديث ۾ آهي (اشرف الوسائل ص 495، 496) علامه علي القاري لکيو آهي ته : حسن اخلاق جي معنيٰ آهي فضائل حاصل ڪرڻ ۽ رذائل کان بچڻ. ۽ ان جو تفصيل هي آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن قرآن ڪريم ۾ بيان ٿيل هر سهڻي ۽ ساراهيل صفت سان موصوف هئا ۽ هر قبيح صفت کان معصوم هئا ۽ قرآن ڪريم جي معنائن جو علم الله ﷻ جي طرفان ان تي عمل جي توفيق سان حاصل ٿيندو آهي ان کان پوءِ ان ۾ اخلاص هجي جيڪو ايمان تي مرڻ ۽ خاتمه ٿيڻ تائين گڏيل هجي ۽ خلاصو هي آهي ته : مخلوق ۾ سهڻن اخلاقن جو ڪمال قلب جي وسعت ۽ سيني جي شرح آهر هوندو آهي ۽ ان جي ڪري ئي آيو آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن جي قلب تي الله ﷻ خصوصي توجهه فرمايو هو ان جي ڪري اولياء مان ڪوهڪ به سندن قلب جهڙي قلب وارو نه ٿيو يلي ڪيترو به الله ﷻ کي مقرب هجي ان کان پوءِ علامه صاحب ۽ علامه ابن حجر هيتمي مڪي هن کان اڳ ۾ لکيل تقرير لکي پنهنجو فيصلو هن طرح ڏنو آهي ته "مان چوان ٿو اظهر قول هي آهي ته سيئي اخلاق سمورا اصل جي اعتبار سان جبلي پيدائشي آهن جن ۾ ڪميت ۽ ڪيفيت جي لحاظ سان علمي ۽ عملي رياضتن پيدا ٿيڻ جي ڪري زيادتي ۽ نقصان ٿيندو آهي. جيئن ان تي نبوي ارشاد ۽ صوفياءِ ڪرام جا اشارا دلالت ڪندڙ آهن. (1) بخاري پنهنجي تاريخ ۾، حاڪم، بيهقي ۽ امام احمد حضرت ابو هريره ﷺ کان روايت آندي آهي ته "بُعِثْتُ لِاُتَمِّمَ صَالِحَ الْاَخْلَاقِ" (مان ان جي لاءِ موڪليو ويو آهيان ته (ماڻهن ۾) صالح اخلاق پوري جا پورا ڪرايان. " ۽ بزار هي روايت "صالح" لفظ جي بجاءِ "مڪارم" لفظ سان آندي آهي. (2) ديلمي حضرت انس ﷺ کان روايت آندي آهي ته "حُسْنُ الْخُلُقِ نِصْفُ الدِّيْنِ" يلا اخلاق دين جو اڌ آهن. (3) امام بخاري حضرت ابن عمر ﷺ کان روايت آندي آهي ته رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو : "اِنَّ مِنْ اَحَبِّكُمْ اِلَيَّ اَحْسَنُكُمْ اَخْلَاقًا" (اوهان مان مون وٽ وڌيڪ پيارو اهو آهي جنهن جا اخلاق سهڻا آهن) ۽ عارفن وٽ اخلاق ۾ ڪمال اسم ذات کان سواءِ باقي رباني اخلاق ۽ صمداني اوصاف سان متخلق

تيڻ آهي. (جمع الوسائل ج 2 ص 149، 150)

خُلق مان مراد: علامہ مناوي لکيو آهي تہ ”مقام جي قريني سان هتي سندن خلق مان مراد ماڻهن سان سٺي نموني ميل، جول معاشري ۾ رهڻ، ماڻهن سان نيڪي ڪرڻ انهن جي حتي الوسع دل جوئي ڪرڻ، انهن سان نرميءَ سان ڳالهائڻ، انهن جي حد اندر غلطين کان درگذر ڪرڻ برداشت جو مادو رکڻ، انهن جي حقوق ۽ عزت جي روبرو يا پرپٺ رعايت ڪرڻ وغيره آهي. ابو نعيم ”دلائل النبوة“ ۾ (ام المومنين سيده) عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان روايت آندي آهي تہ ”ڪو انسان بہ رسول الله ﷺ جن کان اخلاق ۾ وڌيڪ سهڻو نہ هو ڪين ڪوبہ اصحابي ۽ خاندان جو فرد سڏ ڪندو هو تہ پاڻ ان کي جيءُ چوندا هئا.“ (شرح المناوي علي حاشية جمع الوسائل ج 2 ص 149) الغرض تہ سندن اخلاق مشهور في الآفاق آهن ۽ دنيا ۾ اهي ضرب المثل آهن سندن اخلاق جي دنيا ۾ ڌوم آهي سندن اخلاق حسنہ جو احاطو ممڪن ناهي حديث جي ڪتابن جو وڏو حصو ان ذڪر سان ڀريل آهي، نموني طور محدث ترمذي هن ۾ پندرهن حديثون ذڪر ڪيون آهن.

{344} حَدَّثَنَا عَبَّاسُ بْنُ مُحَمَّدٍ الدُّورِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ يَزِيدَ الْمُقْرِئُ قَالَ: حَدَّثَنَا لَيْثُ بْنُ سَعْدٍ قَالَ: حَدَّثَنِي أَبُو عُثْمَانَ الْوَلِيدُ بْنُ أَبِي الْوَلِيدِ، عَنْ سُلَيْمَانَ بْنِ خَارِجَةَ، عَنْ خَارِجَةَ بْنِ زَيْدِ بْنِ ثَابِتٍ قَالَ: دَخَلَ نَفَرٌ عَلَى زَيْدِ بْنِ ثَابِتٍ، فَقَالُوا لَهُ: حَدِّثْنَا أَحَادِيثَ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ: مَاذَا أُحَدِّثُكُمْ؟ كُنْتُ جَارَهُ فَكَانَ إِذَا نَزَلَ عَلَيْهِ الْوَحْيُ بَعَثَ إِلَيَّ فَكَتَبْتُهُ لَهُ، فَكُنَّا إِذَا ذَكَرْنَا الدُّنْيَا ذَكَرَهَا مَعَنَا، وَإِذَا ذَكَرْنَا الآخِرَةَ ذَكَرَهَا مَعَنَا، وَإِذَا ذَكَرْنَا الطَّعَامَ ذَكَرَهُ مَعَنَا، فَكُلُّ هَذَا أُحَدِّثُكُمْ عَنْ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت خارجہ بن زيد بن ثابت رضي الله عنه کان روايت آهي تہ (منهنجي پيءُ) حضرت زيد بن ثابت رضي الله عنه وٽ ڪجھ ماڻهو آيا ۽ چيائونس تہ اسان کي رسول الله ﷺ جي حديثن مان ڪا هڪ حديث ٻڌاءِ. ان چيو تہ ڪهڙيون ٻڌايان؟ آءُ سندن پاڙيسري هوس. جڏهن مٿن وحي لهندو هو تہ مون ڏي ماڻهو موڪليندا هئا. پوءِ آءُ ڪين اهو وحي لکي ڏيندو هوس جڏهن اسان هن دنيا جون ڳالهيون ڪندا هئاسون. تہ پاڻ بہ اسان سان اهي ڳالهيون ڪندا هئا ۽ جڏهن آخرت جون ڳالهيون ڪندا هئاسون تہ پاڻ بہ اهي ڳالهيون ڪندا هئا ۽ جڏهن کاڌي پيتي جون ڳالهيون ڪندا هئاسون تہ پاڻ بہ اسان سان اهي ڳالهيون ڪندا هئا. اهي سڀ ڳالهيون نبي پاڪ ﷺ جي حديث يا زندگي بابت ٿو ٻڌايان.

مفردات جو شرح: ”حَدِّثْنَا“ اسان کي حديث ٻڌاءِ تحديث کان ورتل امر جو صيغو آهي. ”أَحَادِيثَ“ حديث جو جمع حديثون. ”جَارَ“ پاڙيسري.

سمجهاڻي: هن حديث مبارڪ ۾ حضرت زيد بن ثابت رضي الله عنه کان رسول الله ﷺ جي حديثن بيان ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. خصوصًا سندن اخلاق سان متعلق ڳالهيون. تانت سندن اخلاق حسنہ ٻڌي پنهنجي لاءِ رهنمائي ۽ رهبري حاصل ڪيون. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان کي حضور ڪريم ﷺ جي زندگي جي حالات ۽ فرمودات ٻڌڻ جو ڪمال درجي جو شوق هوءِ ڪين ان ڳالهہ سان بي پناهہ محبت هئي. ”حضرت زيد رضي الله عنه فرمايو:“ مان اوهان کي رسول الله ﷺ جون ڪهڙيون حديثون ٻڌايان؟“ (اهي تہ ڳڻڻ کان ڳريون ۽ شمار کان مٿي آهن) علامہ ابن حجر مکي هيتمي فرمايو

تہ اهو استفهام تعجب جو آهي يعني ممڪن آهي تہ انهن حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي سموري احوال جي متعلق پڇيو هجي ان بنياد تي ان سوال ڪيوءِ جواب ڏنو تہ "مان سندن پاڙيسري هوس" يعني ان ويجهڙائپ جي ڪري مون کي سندن حالات. اعمال, اقوال ۽ ارشادات جو سٺو پلو علم آهي."
وحي جا اٺ ڪاتب: "شمائل ترمذي" جي شارحن پلارن لکيو آهي تہ : الله ﷻ جي طرفان نازل ٿيندڙ وحي جا حبيب ڪريم ﷺ کان لکندڙ بالاتفاق اٺ ڄڻا آهن. (1) حضرت عثمان ذوالنورين ﷺ (2) حضرت علي ﷺ (3) حضرت ابي ﷺ (4) حضرت خالد بن سعيد (5) حضرت علاءِ حضرمي (6) حضرت ابان بن سعيد (7) حضرت زيد بن ثابت ﷺ (8) حضرت امير معاويہ ﷺ. حضرت زيد بن ثابت ﷺ فرمايو تہ "جڏهن حضور ڪريم ﷺ تي وحي نازل ٿيندو هو تہ مون کي ماڻهو موڪليندا هئا مان اهو لکي وٺندو هوس ۽ اسين جڏهن دنيا جي ڳالهہ ٻولهہ ڪندا هئاسون تہ پاڻ بہ اسان سان اهي ڳالهيون ڪندا هئا ۽ جڏهن اسين اخروي ڳالهيون ڪندا هئاسون تہ پاڻ بہ اسان سان اهي ڳالهيون ڪندا هئا. ۽ جڏهن اسين طعام کاڌي جي شين جو ذڪر ڪندا هئاسون تہ پاڻ بہ اسان سان اهو ذڪر ڪندا هئا" مطلب تہ پاڻ وڏي اخلاق جا صاحب, نهايت شفيق, عظمت وارا ۽ عظيم الشان هجڻ جي باوجود پنهنجي امت جا حال پائي هئا انهن جي دلجوئي ڪندا هئا جيڪو بہ ماڻهو ڪو مشورو وٺڻ ايندو هو تہ ان کي نهايت مفيد ۽ ڪامياب مشورو ڏيندا هئا. سندن وجود پاڪ ۾ ڪنهن بہ قسم جو غرور تڪبر يا نفرت نہ هوندي هئي. بي حساب مهربان هوندا هئا. (انوار غوثيہ ص 467, 468) علامہ البيجوري لکيو آهي تہ حضرت زيد بن ثابت ﷺ جي خدمت ۾ اچڻ وارن جي ذهن ۾ هو تہ سڀ ڳالهيون پڇي ٿا وٺون تڏهن سائين ڪين چيو هو تہ مان اوهان کي ڪهڙيون حديثون ٻڌايان؟ اهي سڀ تہ احاطي کان ٻاهر آهن ۽ علامہ موصوف وحي جا ڪاتب 9 لکيا آهن. مذڪور اٺ ۽ نائون حنظلة بن الربيع ﷺ ۽ "جيڪڏهن طعام جو ذڪر ڪندا هئاسون تہ اسان سان گڏ طعام جو ذڪر ڪندا هئا." جي تشريح ڪندي علامہ موصوف لکيو آهي تہ کائڻ واريون, پيئڻ واريون شيون ۽ ميوا. اسان سان انهن جو ذڪر ڪري انهن ۾ جيڪي حڪمتون ۽ فائدا آهن اهي بہ بيان ڪندا هئا ۽ اهو بہ بيان ڪندا هئا تہ هن شيءِ ۾ ڪهڙو نفعو ۽ ڪهڙو نقصان آهي جيئن نبوي طب مان معلوم ٿي رهيو آهي ۽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن صحابہ ڪرام عليهم الرضوان سان دنيا ۽ طعام جو ذڪر ان جي ڪري ڪندا هئا جو ان ۾ علمي ۽ ادبي فائدا هوندا هئا ۽ هن مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ وڏو پنهنجي ساٿين سان مباح ڪمن ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪري تہ جائز آهي حضرت زيد ﷺ فرمايو تہ "هي سڀ ڪجهہ مان اوهان کي رسول الله ﷺ جي طرفان ٻڌائي رهيو آهيان." تانت اوهان دين ۾ فقہ, سمجهہ ۽ ڄاڻ رکو ۽ هي ان جي ڪري ذڪر ڪيائين تانت ان سان سندس حديث جي لاءِ اهتمام جو تاڪيد واضح ٿئي. (المواهب ص 572, 573) علامہ مناوي لکيو آهي تہ :
حضرت زيد ﷺ جو احوال: حضرت زيد بن ثابت بن ضحاڪ الانصاري ﷺ مشهور صحابي آهي. هي حضور ڪريم ﷺ جي خطن جو ڪاتب هو. حضور ڪريم جي دور ۾ قرآن ڪريم جي چئن حافظن مان هڪ حافظ هو ۽ قرآن ڪريم جي جمع ڪرڻ وارن ٽن مان بہ هڪ هو. ورثي جي علم جو وڏو ڄاڻندڙ هو جنهن ڏينهن دفن ڪيو ويو تہ حضرت ابنِ عباس ﷺ فرمايو "اڄ گهڻو علم دفن ڪيو

ويو "مان اوهان کي کهڙي حديث ٻڌايان" ان جو مطلب تہ ان جون خصلتون احاطي کان ٻاهر آهن. محدث ان جي انتها کي ڪٿان تو پهچي سگهي. ان جي ڪري ابي تمام ۽ ان جهڙن شاعرن سندن شمائل جي ذڪر ۽ مدح کان عاجزي ڏيکاري انهن کي علم هو تہ پاڻ سندن شاعريءَ کان مستغني آهن سندن شان جو حق وفا ڪري نہ سگهندا. ۽ اڳتي فرمايائين تہ "جيڪا اسين ڳالهہ ٻولهہ ڪندا هئاسين پاڻ بہ اها ڪندا هئا پاڻ پنهنجي خلق جي ڪمال معاشرت جي حسن ۽ نهايت لطف جي ڪري اسان جي ڳالهين ۾ پاڳي پائيوار ٿيندا هئا. تانت اسين ڪين ويجها رهي سندن ذات کان صحيح استفادو ڪري سگهون ۽ دنيا جي ڳالهين مان مراد بہ اهڙيون ڳالهيون آهن جيڪي آخرت جي احوال لاءِ مددگار ثابت ٿين جيئن جهاد جا امور ۽ انهن ۾ تامل ڪرڻ وغيره ۽ اڳتي فرمايائين تہ "هي هر هڪ ڳالهہ مان اوهان کي حضور ڪريم ﷺ جي ٻڌايان تو تانت اوهان ديني چاڻ رکي مقربين جي مقام کي پهچو" ۽ هن مان ثابت ٿيو تہ علمي ۽ ادبي فائدن جي ڪري ننڍن کي بہ دنيوي ڳالهہ ٻولهہ سان نوازيو وڃي تہ سنو ڪم آهي ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جي طبيعت مبارڪ جي نرم هجڻ تي هيءَ روايت بہ دلالت ڪري ٿي. حاڪم ابن المسيب کان روايت ڪئي آهي تہ جڏهن حضرت عمر رضي الله عنه خليفو ٿيو تہ خطاب ڪندي فرمايائين "مان ڄاڻان ٿو تہ اوهان مون کان سختي ۽ شدت محسوس ڪيو ٿا ۽ اهو ان جي ڪري جو مان رسول الله ﷺ جن سان گڏ هوندو هوس مان سندن "عبد" نوڪر ۽ خادم هوندو هوس ۽ پاڻ الله جل جلاله جي فرمان "بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَؤُفٌ رَّحِيْمٌ" جي مطابق گهڻو مهربان ۽ ٻاجهہ ڪندڙ هئا تہ ماڻهن تي ڪنٽرول مان ڪندو هوس.

(شرح المناوي علي حاشية جمع لوسائل ج 2 ص 151)

محدث ڪاندلوي لکيو آهي تہ حديث جي شروع ۾ حضرت زيد رضي الله عنه جو فرمان تہ "مان اوهان کي ڇا ٻڌايان؟" جو مطلب آهي تہ جهڙي قسم جي طلب ڪيو تہ اهو ٻڌايان ڇو تہ مان سندن پاڙيسري بہ هوس ۽ وحي جو ڪاتب بہ هوس ۽ حضرت رسول الله ﷺ جي معمولات ۾ دين ۽ دنيا. ڪائڻ. پيئڻ الغرض تہ هر قسم جو ذڪر هلندو هو. ان جي ڪري ڇا ٻڌايان؟ ڪهڙو تذڪرو ڪيان؟ جو هر تذڪرو عجيب ۽ هر انداز لطيف هو ۽ هن حديث ۾ حضرت زيد رضي الله عنه جو هي فرمائڻ تہ "جڏهن وحي نازل ٿيندو هو تہ مون کي سڏائيندا هئا" اهو اڪثر اوقات جي لحاظ سان هو جو قريب رهندو هو نہ تہ ان کان سواءِ ٻيا بہ صحابي ڪاتب هئا جيئن هن کان اڳي لکي آيا آهيون.

سوال: دنيا جو ذڪر ۽ کاڌي پيتي جو ذڪر هڪ فضول تذڪرو آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جي ذات عالي صفات کي لايعني ۽ بي فائده شين ۾ مصروف هجڻ جي عادت نہ هئي جيئن گهڻين حديثن ۾ وارد آهي. گذريل باب جي ڏگهي حديث جيڪا باب 7 ۾ هئي ان ۾ بہ آهي تہ رسول الله ﷺ جن ضروري امور کان سواءِ پنهنجي پاڪ زبان نہ کوليندا هئا؟

جواب: دنيا جو هر تذڪرو فضول ناهي بلڪ دنيا جا ۽ کاڌي پيتي جا گهڻا تذڪرا ضروري بلڪ حضور ڪريم ﷺ جي لاءِ واجب هئا. ان جي ڪري جو انهن شين ۾ جائز ۽ ناجائز ڪنهن شيءِ جو پلو هجڻ يا خراب هجڻ وغيره امور حضور ڪريم ﷺ جي ارشاد سان سندن سامهون انهن جي تذڪري اچڻ تي سندن سڪوت. خاموشي فرمائڻ سان معلوم ٿي سگهندا هئا جيئن ان ڏگهي حديث

۾ ئي اهو مضمون بہ گذريو آهي تہ پاڻ ماڻهن جي حالات معلوم ڪري سٺي ڳالهہ جي تحسين ۽ بري ڳالهہ جي قباحت بيان ڪندا هئا سندن خدمت ۾ ان لحاظ سان دنياوي تذڪرا ٿيندا هئا ان لحاظ سان نہ تہ اهي لغويات هئا. (خصائل نبوي ص 298, 299) پاڻ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جون دنياوي ڳالهيون ٻڌي انهن بابت ڪين سمجهاڻيون ڏيندا هئا ۽ حلال, حرام جي وضاحت فرمائيندا هئا.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} **ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ** ص 20, 21 {2} **الطبراني في المعجم الكبير رقم الحديث** 4882 ج 5 ص 140 {3} **البغوي في شرح السنة رقم الحديث** 3679 ج 13 ص 245 {4} **ابنِ سعد في الطبقات** ج 1 ص 365.

{345} حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مُوسٰى قَالَ: حَدَّثَنَا يُونُسُ بْنُ بُكَيْرٍ، عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ إِسْحَاقَ، عَنْ زِيَادِ بْنِ أَبِي زِيَادٍ، عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ كَعْبِ الْقُرَظِيِّ، عَنْ عَمْرِو بْنِ الْعَاصِ قَالَ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُقْبِلُ بِوَجْهِهِ وَحَدِيثِهِ عَلٰى أَشَرِّ الْقَوْمِ يَتَأَلَّفُهُمْ بِذٰلِكَ فَكَانَ يُقْبِلُ بِوَجْهِهِ وَحَدِيثِهِ عَلَيَّ، حَتّٰى ظَنَنْتُ أَنِّي خَيْرُ الْقَوْمِ، فَقُلْتُ: يَا رَسُولَ اللهِ، أَنَا خَيْرٌ أَوْ أَبُو بَكْرٍ؟ قَالَ: أَبُو بَكْرٍ فَقُلْتُ: يَا رَسُولَ اللهِ، أَنَا خَيْرٌ أَوْ عُمَرُ؟ فَقَالَ: عُمَرُ، فَقُلْتُ: يَا رَسُولَ اللهِ، أَنَا خَيْرٌ أَوْ عُثْمَانُ؟ قَالَ: عُثْمَانُ، فَلَمَّا سَأَلْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَصَدَقَنِي فَلَوَدِدْتُ أَنِّي لَمْ أَكُنْ سَأَلْتُهُ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عمرو بن عاص رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ سيني کان ڏنگي ۽ شرير ماڻهو سان بہ متوجهہ ٿي ڳالهائيندا هئا تہ جيئن ان سان سهڻي طريقي سان ڳالهائڻ جي ڪري ان سخت ماڻهو جي دل نيڪين جي طرف نرم ٿئي.

پاڻ ڪريم ﷺ مون ڏي توجهہ ڪندا ۽ ڳالهائيندا هئا ان جي ڪري مان پاڻ لڳس تہ آءُ سيني کان ڀلو ماڻهو آهيان, پوءِ مون عرض ڪيو: اي الله جا رسول! آءُ ڀلو آهيان يا ابوبڪر رضي الله عنه؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ ابو بڪر (ڀلو آهي). وري عرض ڪيم تہ يا رسول الله ﷺ! آءُ ڀلو آهيان يا عمر رضي الله عنه؟ پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو تہ عمر. تيهر عرض ڪري چيم تہ اي الله جل جلاله جا رسول ﷺ! ڀلا آءُ ڀلو آهيان يا عثمان رضي الله عنه؟

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ عثمان رضي الله عنه (تو کان ڀلارو آهي) جيئن تہ منهنجي پڇڻ تي رسول الله ﷺ سچي ڳالهہ ٻڌائي ڇڏي, ان ڪري افسوس ٿيم تہ آءُ پاڻ سڳورن ﷺ کان ائين نہ پڇان ها! (نبي پاڪ ﷺ جو سهڻو سلوڪ سيني سان هڪجهڙو هوندو هو ان ڪري هر ماڻهو ائين سمجهندو هو تہ رحمت وارو نبي ﷺ مون کي ئي گهڻو پيارو آهي)

مفردات جو شرح: "قُرَظِيِّ" مدينہ منوره ۾ رهندڙ مشهور قبيلي قريظہ ڏانهن نسبت آهي. "يُقْبِلُ بِوَجْهِهِ وَحَدِيثِهِ" پنهنجي چهري جي ديدار پنهنجي حديث سمجهائڻ ۽ ٻڌائڻ سان نوازيندا هئا. "الاقبال بالحديث فمعناه جعل الكلام مع المخاطب وقصده به فهو معنوي والاول حسي" مطلب تہ اقبال (متوجهہ ٿيڻ) بہ قسم آهي. (1) حسي منهن مبارڪ سان توجهہ ڪرڻ. (2) معنوي ڪلام کي مخاطب ڏي متوجهہ ڪرڻ ۽ ان جو قصد ڪرڻ. "أَشَرِّ الْقَوْمِ" قوم ۾ گهڻي شرارت ڪندڙ "خَيْرُ الْقَوْمِ" قوم مان ڀلو. "يَتَأَلَّفُ" دل وٺڻ مانوس بنائڻ, محبت ڪرڻ.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ سرورِ ڪائنات ﷺ جي محبت ۽ پيار جو بيان آهي تہ پاڻ ڪنهن بہ قوم جي

گهڻي شرير انسان سان پلو پيش ايندا هئا ان ڏانهن پنهنجي پاڪ چهري سان ۽ ڪلام سان متوجهه هندا هئا. تانت اهو سندن سهڻا اخلاق ۽ شفقت ڏسي الله ﷻ جي دين سان ۽ سندن پاڪ ذات سان الفت ۽ محبت رکي. علامه بيجوري لکيو ته حبيب ڪريم ﷺ جن ان ڏانهن اهو رويو ان جي ڪري رکندا هئا ته الله ﷻ جا ٻانها، ان جي شر کان محفوظ رهن ۽ اهو به اسلام تي ثابت قدم رهي. هن مان ثابت ٿيو ته شرارت وارن ماڻهن ڏانهن متوجهه ٿيڻ ۽ انهن سان خنده پيشاني سان پيش اچڻ جائز آهي پر انهن جي ثنا ڪرڻ جائز ناهي ڇوته اهو صريح ڪوڙ آهي ۽ سندن هن رويي مان اهو به فائدو حاصل ٿئي ٿو ته: جيڪي ٻلارا انسان آهن اهي غرور ۽ تڪبر نه ڪن ته حضور ڪريم ﷺ جن صرف انهن ڏانهن متوجهه آهن."

علامه علي القاري لکيو آهي ته: جڏهن پاڻ قوم ۾ وڏي شرارت ڪندڙ ڏانهن متوجهه ٿيندا هئا ته صالح ته اڳتي سندن ڪرم جي نظر سان نوازيل هوندا هئا پوءِ سڀ ماڻهو اهو محسوس ڪندا هئا ته حضور ڪريم ﷺ جن سيني تي مهربان آهن ۽ قوم جي شريرن ۾ به طبعي نفرت نه رهندي هئي ۽ حضرت عمرو بن العاص رضي الله عنه جڏهن ته قوم جو وڏو ۽ اسلام ۾ اچڻ جي لحاظ سان نئون هو ته حبيب ڪريم ﷺ جي خصوصي توجهه ڏي ڏسي سمجهيائين ته مان قوم کان ڀلو آهيان، تڏهن ڪين عرض ڪيائين ته "مان ڀلو آهيان يا ابوبڪر؟ ته پاڻ فرمايائون ته ابوبڪر ڀلو آهي. وري عرض ڪيائين ته مان ڀلو يا عمر رضي الله عنه؟ پاڻ فرمايائون ته "عمر". وري عرض ڪيائين ته "مان ڀلو آهيان يا عثمان رضي الله عنه؟" پاڻ فرمايائون ته "عثمان". جڏهن به هن پڇيو ته پاڻ ان کي سچي حقيقت ٻڌايائون حق بيان ڪيائون ان معاملي ۾ ان جي ڪابه رعايت يا دلجوئي نه ڪيائون ۽ سندس غلط سوچ ۽ وهم کي دور ڪيائون ۽ ان ڏانهن سندن گهڻي توجهه مان مشائخ ڪرام جي لاءِ دليل ملي ٿو جو اهي غريب، مبتدي مريد ڏانهن منتهي مريد کان وڌيڪ توجهه ڪندا آهن. اڳتي فرمايائون ته: سندن جواب ٻڌي مون دل ۾ سوچيو ته: جيڪڏهن مان ڪانئن اهو سوال نه ڪيان ها ته ڀلو هو. ڇوته منهنجو گمان غلط نڪتو.

علامه مناوي لکيو آهي ته: حبيب ڪريم ﷺ جن شرير تي وڌيڪ شفقت ان جي ڪري ڪندا هئا ته اهو غفلت کان محفوظ رهي ۽ ان کان ٻلائي رهجي نه وڃي. ۽ شرارت ڪندڙ سندن نظرِ ڪرم جا وڌيڪ محتاج ۽ ضرورتمند هئا. ۽ ٻلارن کي غرور ۽ تڪبر کان بچائڻو به هو. امام غزالي لکيو آهي ته: شرير جي ثنا نه ڪجي بلڪه ان جي غلط ڳالهه تي مٿو لوڏي ها جو اشارو به نه ڪبو نه ان جي ڳالهه تي ڪلبو يا مرڪبو پر جيڪڏهن ڪو ائين ڪندو ته پوءِ اهو منافق آهي ۽ عمرو بن العاص حضرت خالد بن وليد رضي الله عنه وانگر مڪه مڪرمه جي فتح ڪرڻ واري وقت جي ويجهو مسلمان ٿيو هو ان جي ڪري حضرت نبي ڪريم ﷺ جي توجهه واري رمز ۽ راز کي نه سمجهي سگهيو هو. حافظ عراقي سندن هن حديث جي موضوع تي عربي ۾ هي شعر چيو آهي.

يُجَالِسُ الْفَقِيْرَ وَالْمِسْكِيْنَا
مُكْرِمُ الْكِرَامِ اَذْيَاتُوْنَا
لَيْسَ مُوَاجِهًا بِشَيْءٍ يَكْرَهُهُ
جَلِيْسُهُ بَلْ بِالرِّضَا يُشَافِهُهُ

يعني فقير ۽ مسڪين سان مجلس ڪندا هئا ۽ عزت وارا ايندا هئا تہ انهن جي عزت ڪندا هئا ۽ اهڙي شيءِ سان ڪنهن ڏانهن متوجهہ نہ ٿيندا هئا جيڪا سندن مجلس ۾ ويهڻ وارن کي نا پسند اچي بلڪ رضا سان ان کي ڏسي. هن حديث مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ ڪنهن بہ ڳالهہ جو سوال سوچي سمجهي ڪجي نہ تہ غلطي ڪرڻ جي ڪري پشيماني ٿيندي.

(شرح المناوي مع جمع الوسائل ج 2 ص 152)

فائدا: هن روايت مان هي فائدا معلوم ٿيا (1) حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن مصلحت ۽ حڪمت جي تحت بدڪار کي توجهہ ڪري نوازي صالح بنائيندا هئا. تان جو ڪافرن کي بہ اهميت سان ويهاري نظرِ ڪرم سان نوازي اسلام جي دعوت ڏيندا هئا (2) اهو بہ ثابت ٿيو تہ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جي دور ۾ بہ حضرت ابوبڪر صديق ﷺ ۽ ان کان پوءِ حضرت عمر ﷺ ۽ ان کان پوءِ حضرت عثمان ﷺ کي پهلو سمجهندا هئا تڏهن حضرت عمرو بن العاص ﷺ ترتيب سان پڇيو ۽ پاڻ ان کي ترتيب سان ٿنهي پهلارن جي پهلائي ٻڌايائون ٻين ڪيترن ئي حديثن ۾ بہ صراحت سان آيو آهي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جي زماني پاڪ ۾ سيني کان وڌيڪ حضرت ابوبڪر صديق ﷺ کي افضل ان کان پوءِ حضرت عمر فاروق ﷺ کي افضل سمجهندا هئا ۽ حضرت ابنِ عمر ﷺ فرمايو تہ اسين حضرت نبي ڪريم ﷺ جي پاڪ زماني ۾ ڪنهن کي بہ حضرت ابوبڪر صديق ﷺ جي برابر نہ سمجهندا هئاسون ان کان پوءِ حضرت عمر فاروق ﷺ کي ۽ ان کان پوءِ حضرت عثمان ﷺ کي ان کان پوءِ ٻين صحابن رضي الله عنهم ۾ ترجيح نہ ڏيندا هئاسون مطلب تہ انهن ٽنهي حضرات جي ترجيح ۽ افضليت اهڙي ظاهر هئي جو حضور ڪريم ﷺ جي زماني پاڪ ۾ بہ اسان اصحابن جي جماعت انهن کي پهلو سمجهندا هئاسون. حضرت علي ﷺ جي فرزند محمد بن حنفيہ ﷺ فرمايو تہ مون پنهنجي والد حضرت علي ﷺ کان پڇيو تہ حضور ڪريم ﷺ جن کان پوءِ ڪير پهلو آهي؟ تہ پاڻ ارشاد فرمايائون حضرت ابوبڪر صديق ﷺ " مون پڇيو تہ ان کان پوءِ. فرمايائون تہ "عمر ﷺ." اهڙي طرح ٻيون ڪوڙ روايتون آهن جن سان معلوم ٿيو تہ حضور ڪريم ﷺ جي دور ۾ اها ئي ترتيب معلوم هئي. ان جي ڪري حضرت عمرو بن العاص ﷺ ان طرح سوال ڪري حضور ڪريم ﷺ کان جواب ٻڌو.

(خصائل نبوي ص 300, 301)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: مجمع الزوائد للهيتمي ج 9 ص 15.

{346} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا جَعْفَرُ بْنُ سُلَيْمَانَ الضُّبَعِيُّ، عَنْ ثَابِتٍ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ: خَدَمْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَشْرَ سِنِينَ فَمَا قَالَ لِي أُفٍّ قَطُّ، وَمَا قَالَ لِشَيْءٍ صَنَعْتُهُ لِمَ صَنَعْتَهُ وَلَا لِشَيْءٍ تَرَكْتُهُ لِمَ تَرَكْتَهُ، وَكَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِنْ أَحْسَنِ النَّاسِ خُلُقًا، وَلَا مَسِسْتُ خَزًّا وَلَا حَرِيرًا وَلَا شَيْئًا كَانَ أَلْيَنَ مِنْ كَفِّ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، وَلَا شَمَمْتُ مِسْكًا قَطُّ وَلَا عِطْرًا كَانَ أَطْيَبَ مِنْ عَرَقِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ﷺ کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ ڏهہ سال گذاريا. مون کي ڪڏهن "اف" بہ نہ چيائون ۽ ڪنهن ڪم ڪرڻ يا نہ ڪرڻ تي ائين نہ چيائون

تہ ھي ڪم ڇو ڪيئي يا ڇو نہ ڪيئي؟ رسول الله ﷺ جن سيني کان وڌيڪ سھڻي اخلاق وارا ھئا. مون ڪنھن بہ ريشم ۽ پٽ يا ٻي نرم شيءِ کي ھٿ نہ لاتو ھوندو جا رسول الله ﷺ جي ھٿ مبارڪ جي ترِيءَ کان وڌيڪ نرم ھجي. ۽ نہ ڪجھ ڪو مشڪ يا ڪٿوري سنگھي ھونديم جا رسول الله ﷺ جي پگھر کان وڌيڪ خوشبودار ھجي.

مفردات جو شرح: "خَدَمْتُ" مون خدمت ڪئي. خدمة يا خدمۃُ کان ورتل آھي. اطاعت، تابعداري ۽ خدمت ڪرڻ. " أُفِّ" ھمزه جي پيش ۽ فا جي شد واريءَ زبر سان، تنوين کان سواءِ، تنوين سان بہ ۽ فا جي زبر سان تنوين کان سواءِ. ھي ٽئي لغتون آھن جن سان ستن قراءتن ۾ پڙھيو ويو آھي ۽ بعض علماء ھن ۾ ڏھہ لغتون لکيون آھن ۽ ابو الحسن ڪرماني ھن ۾ اوڻيتاليھہ 39 لغتون لکيون آھن ۽ ابن عطيہ چاليھہ 40 لکيون آھن. ۽ علامہ سيوطي انھن کي ھڪ سٽي نظم ۾ گڏ ڪيو آھي ۽ اھو ملال ۽ تبرم جو ڪلمو آھي جنھن کان ماڻھو پريشان ٿيندو آھي ان کي چوندو آھي. ۽ ھن ۾ واحد، تثنيہ، جمع، مذڪر ۽ مونث برابر ھوندا آھن. الله ﷻ جو فرمان آھي "فَلَا تَقُلْ لَّهُمَآ اُفٍّ" (ماءُ ۽ پيءُ ٻنھي کي اف بہ نہ چئو) "قَطّ " قاف جي زبر ۽ طا جي پيش ۽ شد سان. مشھور لغت اھا آھي ۽ اھو ماضي جي معنيٰ ۾ ظرف آھي پوءِ ان جي معنيٰ آھي منھنجي گذريل عمر ۾ ۽ دائما جي معنيٰ ۾ بہ استعمال ٿيندو آھي. "لِمَ صَنَعْتَهُ" اھو ڇا جي لاءِ ڪيئي. "لِمَ تَرَكْتَهُ" اھو ڇا جي لاءِ ڇڏي ڏنئي؟ "خَزًّا" النھايہ ۾ آھي تہ اھو ڪپڙو آھي جيڪو صوف ۽ ريشم مان ناھيو ويندو آھي. "حَرِيْرًا" خالص ريشم "شَمِمْتُ" پھرئين ميم جي زبر سان ۽ زبر سان. شم جي باب کان ورتل سُنگھڻ کان "مِسْكًا" ميم جي زير سان. مشڪ، مشھور خوشبوءِ ھي اصل ۾ رت آھي جيڪو ھرڻ جي دن جي ٻاھرئين حصي ۾ جمي ويندو آھي ان کان پوءِ خوشبوءِ بنجندو آھي ۽ اھو بالاجماع پاڪ آھي بخلاف الشيعة. (شيعة وٽ اھو پاڪ ناھي.) "عَرَقٍ" قاف سان ۽ را جي زبر سان ۽ ھڪ نسخي ۾ ع زبر واري ۽ را جزم واريءَ سان، ۽ اھو ان جي سرھاڻ آھي ۽ ٻئي صحيح آھن. پر پھرين "عرق" وڌين روايتن ۾ وڌيڪ صحيح آھي. (المواھب ص 577، 578)

سمجھاڻي: ھن روايت ۾ حضرت انس بن مالڪ ؓ محبوب ڪائنات جي عظيم اخلاق جي ھڪ جھلڪ بيان ڪئي آھي تہ مون ڏھہ سال سندن خدمت ڪئي پر پاڻ مون کي ڪڏھن بہ ڪم ڪرڻ يا نہ ڪرڻ تي ملامت نہ ڪيائون تہ ڇو ڪيئي يا ڇو نہ ڪيئي؟؟ پر ان مان مراد خدمت وارا ڪم آھن انھن ۾ ڪوتاھيءَ تي ڪيس ملامت نہ ڪندا ھئا. ۽ ان مان مراد حضرت انس ؓ جي شرعي امور ۾ ڪوتاھي نہ آھي ان جي ڪري اھو اعتراض نہ ٿي سگھندو ۽ ھن سان اھو بہ ثابت ٿيو تہ حضرت انس ؓ کان خدمت جي ڏھن سالن جي دوران ڪو بہ شريعت جي خلاف امر صادر نہ ٿيو جو ان تي ڪيس ملامت ڪئي وڃي ھا. حضرت انس ؓ جي انھن لفظن مان نبي ڪريم ﷺ جي اخلاق جو حسن، صبر، معاشري ۾ سھڻائي، وڏي بردباري، درگذر ڪرڻ ۽ خدمت ۾ ڪوتاھي ڪرڻ تي سزا نہ ڏيڻ، زبان پاڪ کي ذاتي معاملن ۾ مخلوق جي زجر کان روڪڻ، خادم جي دلجوئي ڪرڻ جھڙيون سھڻيون ڳالھيون ثابت ٿين ٿيون پر سڀ امر بالمعروف ۽ نھي عن المنڪر جي امور ۾ آھن جن جو الله ﷻ سان ڪو تعلق ھو. ڇو تہ جڏھن بہ شريعت جي خلاف ڪا ڳالھہ ٿيندي ھئي تہ ان تي ڪين سخت ڪاوڙ ايندي ھئي. خدمت وارن ڏھن سالن ۾ حضرت انس ؓ جي شرعي احڪام جي پابندي ان جي وڏي

فضيلت ۽ عظيم منقبت آهي. علامہ ابن حجر هيتمي مڪي لکيو آهي تہ حضرت انس ﷛ جي خدمت جا هن روايت ۾ ڏهہ سال آيا آهن. ۽ اها ئي اڪثر روايت ۾ مذڪور آهي ۽ مسلم شريف جي روايت ۾ نوَ سال آيا آهن ۽ اها حد بيان ڪرڻ تي حمل ڪيل آهي. ۽ پهرين روايت تقريبًا تي حمل ڪيل آهي ڇوتہ حضرت انس ﷛ جي خدمت پهرين سال جي وچ کان شروع ٿي هئي. رسول الله ﷺ جن ماڻهن مان تمام سهڻي اخلاق جا صاحب هئا. ۽ هي بہ احتمال آهي تہ ”احسن“ مان مراد خلقت ۾ سيني کان وڌيڪ سهڻا ۽ مزاج جا معتدل هجڻ آهي جنهن ۾ نفس جي صفائي هوندي آهي جيڪا طبيعت جي سخاوت هوندي آهي. جنهن مان حڪمت ظاهر ٿيندي آهي پر اظهر قول هي آهي تہ هتي ”خُلُقًا“ پيش سان آهي. حضرت حسن بصري فرمايو آهي تہ خلق جو حسن نيڪي ڪرڻ. ڪنهن کي ايذائڻ کان پاڻ کي روڪڻ، مرڪندڙ چهرو رکڻ آهي ۽ قاضي عياض فرمايو تہ اهو ماڻهن سان سهڻي نموني ميل جول رکڻ آهي ۽ هن جملي ۾ اخلاق جو عام هجڻ جو ذڪر آهي متان ڪو سمجهي تہ اهو ڪرم صرف حضرت انس ﷛ سان هو. ۽ ان مان حبيب ڪريم ﷺ جي حضرت انس ﷛ تي شفقت ۽ محبت بہ ظاهر ٿي رهي آهي جنهن تي شفقت هوندي آهي يا جنهن سان محبت هوندي آهي ان کي ڪجھ بہ نہ چئبو آهي سيده رابعه بصريه ﷛ جو قول آهي تہ يا الله! جيڪڏهن تون مون کي وڌي ذرا ذرا ڪري چڙيندي تہ منهنجي تو سان محبت وڌندي ۽ ان ۾ گهٽتائي نہ ٿيندي) ابو نعيم حضرت انس ﷛ کان روايت آندي آهي تہ مون رسول الله ﷺ جي ڏهہ سال خدمت ڪئي پاڻ ﷺ مون کي نہ گار ڏنائون ۽ نہ ئي ڌڪ هنيائون نہ جهڻڪيائون نہ مون ڏانهن منهن مبارڪ ۾ گنجھ وجهي نهاريائون ۽ نہ مون کي ڪو امر ڪيائون. ۽ مون ان ۾ ڪا دير ڪئي پوءِ مون کي ميار ڏنائون. پر جيڪڏهن مون کي ڪنهن ٻئي ڏوراپو ڏنو هوندو تہ ان کي روڪيندي فرمائيندا هئا تہ ”جيڪڏهن الله ﷻ مقدر ۾ لکي ها تہ ٿي وڃين ها“ ۽ هن ڳالهہ تي اجماع آهي تہ پاڻ سيني کان اخلاق ۾ سهڻا هئا.

اخلاق ٻہ قسم آهن: المفهم ۾ آهي تہ خلق انسان جا اهي اوصاف آهن جن سان ٻين کي پيش ايندو آهي ۽ اهي ٻہ قسم آهن: (1) محموده (يعني ساراهيل) (2) مذمومہ (يعني مذمت ڪيل). محموده جو مختصر تعارف هيئن آهي تہ پنهنجي نفس کان پڇ جيڪو پنهنجي لاءِ سوچين اهو ٻين جي لاءِ بہ سوچ ۽ ان جو تفصيلي تعارف وڌو آهي جنهن ۾ عفو، حلم، جود و سخا، صبر ايذاء جو برداشت ڪرڻ ۽ نرم طبيعت رکڻ شامل آهي. ۽ مون ڪنهن بہ ريشم ۽ پَٽَ ۽ ٻي شيءِ کي هٿ نہ لاتو جيڪا سندن هٿ مبارڪ جي ترِيءَ کان وڌيڪ نرم هجي. مطلب تہ سندن هٿن مبارڪن جي مضبوط ۽ قوت واري هجڻ جي باوجود سندن هٿ پاڪ جي تري اهڙي نرم هئي جو نہ ريشم ان سان پڄي سگهي نہ پَٽَ ۽ نہ ڪا ٻي شيءِ پاڻ جيئن اخلاق ۾ سيني کان وڌيڪ سهڻا هئا تيئن خلقت ۾ بہ انتهائي لطيف نظيف ۽ نوراني وجود رکندا هئا. ۽ مون ڪو بہ مشڪ ۽ عطر سندن پگهر مبارڪ کان وڌيڪ سرهو نہ سنگهيو. مقصد تہ سندن پگهر مبارڪ خوشبوءِ جي سيني قسمن کان وڌيڪ خوشبودار هو نہ ان سان مشڪ پڄي سگهي نہ ڪا ٻي خوشبوءِ ۽ هن مان مراد آهي تہ اها سندن خوشبوءِ ذاتي، وجود واري هئي ۽ ڪنهن خوشبوءِ لڳائڻ جي ڪري نہ هئي. ۽ پاڻ ان خوشبوءِ جي هوندي بہ گهڻا وقت خوشبوءِ هڻندا هئا تہ خوشبوءِ ۾ واڌارو اچي. ڇوتہ ملائڪ بہ سندن زيارت ۽ ملاقات جي لاءِ ايندا هئا. ۽ مومنن سان مجلسون ڪندا هئا تانت اهي بہ

سندن اقتداءِ ۾ اتباع ڪن ڇوتہ خوشبوءِ لڳائڻ تاڪيدي سنت آهي. (المواهب ص 578)

علامہ علي القاري لکيو آهي تہ سندن پگهر جو خوشبودار هجڻ سندن جي لاءِ الله ﷻ جي طرفان خصوصي اڪرام هو تانجو سندن بعض ازواج مطهرات رضي الله عنهن اهو پگهر خوشبوءِ جي طور لڳائينديون هيون ۽ اهو انهن وٽ موجود خوشبوءِ کان وڌيڪ خوشبودار هوءِ حديث شريف ۾ آهي تہ "حُبِّبَ إِلَيَّ مِنَ دُنْيَاكُمْ ثَلَاثٌ، اَلنِّسَآءُ وَالطِّيبُ وَقُرَّةُ عَيْنِي فِي الصَّلٰوةِ" (مون لاءِ اوهان جي دنيا مان ٽي شيون پياريون بڻايون ويون آهن عورتون (شادي ڪرڻ جي لاءِ) ۽ خوشبوءِ ۽ منهنجي اکين جو ٺار نماز ۾ بڻايو ويو آهي) ۽ جڏهن حضرت ابو طلحہ ﷺ حضرت انس ﷺ کي حبيب ڪريم ﷺ جن جي خدمت لاءِ پيش ڪيو تہ پاڻ ان کي فرمايائون تہ "هن کان وڌيڪ قوت وارو ۽ وڏي عمر وارو هجي." پر حضرت ابو طلحہ ﷺ عرض ڪيو تہ "هي قوت وارو ۽ ذهين آهي تڏهن پاڻ قبول فرمايائون." (جمع الوسائل ج 2 ص 154) محدث بخاري "تاريخ ڪبير" ۾ حضرت جابر ﷺ کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن ڪنهن رستي کان لنگهندا هئا ۽ ڪو شخص ڪين ملڻ لاءِ ڳوليندو هو تہ اهو رستي ۾ خوشبوءِ سان سڃاڻندو هو تہ پاڻ هن رستي سان لنگهي ويا آهن. حضرت انس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن مدينہ منوره جي واٽن مان ڪنهن واٽ سان لنگهندا هئا تہ ماڻهو ان مان خوشبوءِ محسوس ڪندا هئا. ۽ چوندا هئا تہ هن واٽ سان لنگهي ويا آهن. هڪ ڀيري پاڻ حضرت انس ﷺ جي گهر ۾ آرام فرما هئا تہ ڪين پگهر آيو. پوءِ حضرت انس ﷺ جي ماءُ شيشي کڻي ان ۾ سندن پگهر گڏ ڪرڻ لڳي. پاڻ ان کان پڇيائون تہ "اهو ڇو گڏ ڪيو اٿئي؟ ان عرض ڪيو تہ "اهو اسين پنهنجي خوشبوءِ ۾ ملايون ٿا ۽ سيني خوشبوئن کان وڌيڪ خوشبودار آهي ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ ان عرض ڪيو" اسين ان ۾ پنهنجي ٻارن جي لاءِ برڪت جي اميد رکون ٿا پاڻ فرمايائون تہ "صحيح سوچ کي) پهتي آهين.

صالحن جي آثار سان برڪت وٺڻ: "مرقاة المفاتيح" ۾ علامہ علي القاري لکيو آهي تہ "هن مان ثابت ٿيو تہ صالحين جي آثار سان برڪت ۽ تقرب حاصل ڪرڻ مستحب آهي. جڏهن حضرت انس بن مالڪ ﷺ جي وفات جو وقت آيو تہ وصيت ڪئي هيائين تہ " ان خوشبوءِ مان ڪيس خوشبوءِ لڳائي وڃي" محبوب پاڪ ﷺ جن جيڪڏهن ڪنهن سان هٿ ملائيندا هئا تہ سڄو ڏينهن ان کي پنهنجي هٿ مان حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي هٿ مبارڪ واري خوشبوءِ ايندي هئي.. ۽ جيڪڏهن ٻار جي مٿي تي هٿ رکندا هئا تہ ان خوشبوءِ جي ڪري اهو ٻار ٻين ۾ سڃاتو ويندو هو تہ هن تي حضور ڪريم ﷺ جن هٿ رکيو آهي. حضرت جابر بن سمره ﷺ کان روايت آهي تہ "مون ظهر نماز حضور ڪريم ﷺ جن سان گڏ ادا ڪئي پاڻ پنهنجي گهر ڏانهن وڃڻ جي لاءِ مسجد مان ٻاهر نڪتا تہ سندن سامهون ننڍا ٻار آيا پاڻ انهن مان هر هڪ جي ڳل تي هٿ رکندا ويا ۽ جڏهن منهنجو وارو آيو تہ منهنجي ٻنهي ڳلن تي هٿ رکيائون پوءِ مون سندن هٿ جي ٿڌڪار ۽ اهڙي سرهاڻ محسوس ڪئي جڻ ڪنهن عطر وڪڻندڙ جي عطر جي دٻي ۾ وجهي ٻاهر ڪڍيو اٿن. هڪ حديث ۾ حضرت ابو هريره ﷺ کان روايت آهي تہ هڪ شخص رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين تہ يا رسول الله ﷺ ! مان پنهنجي نياڻي جي شادي ڪرائڻ گهران ٿو ۽ چاهيان ٿو تہ "اوهان منهنجي مدد ڪيو. پاڻ فرمايائونس تہ "مون وٽ ظاهري سامان مان تہ ڪا شيءِ ڪانہ آهي تون وڏي منهن واري

شيشي ۾ وڌ جي ڪاني ڪٽي اچ. (پوءِ اهو ڪٽي آيو) رسول الله ﷺ جن پنهنجن پاڪ ٻانهن تان پگهر اگهندا ان شيشيءَ ۾ وجهندا ويا تانجو اها ڀرجي وئي تہ پاڻ ان کي فرمايائون "هيءَ وٺ. ۽ پنهنجي نياڻيءَ کي چئو تہ هيءَ ڪاني شيشي ۾ وجهي ڇڏي ۽ ان مان خوشبوءِ لڳائيندي رهي." پوءِ اها ڇوڪري جڏهن خوشبوءِ هڻندي هئي تہ مديني منوره وارا اها خوشبوءِ محسوس ڪندا هئا.) مطلب تہ شهر وارن تائين اها سرهاڻ پهچندي هئي ۽ ان گهر جو نالو ئي خوشبودارن جو گهر رکيو هيائون.
ابراهيم بن اسماعيل مزني حضرت جابر ﷺ کان روايت آندي آهي تہ "رسول الله ﷺ جن مون کي پنهنجي سواري تي ٻيلهہ وهاريو تہ مون سندن نبوت واري مهر کي پنهنجي وات ۾ وڌو تہ ان مان مشڪ جي سرهاڻ اچي رهي هئي. "الروض النظيف" جي صاحب فرمايو تہ "سندن پگهر مبارڪ جا قطرا جيڪي چانديءَ وانگر چمڪندڙ موتين جهڙا محسوس ٿيندا هئا حسين عورتون ان کي عطر جي جاءِ تي استعمال ڪنديون هيون. (انوار غوثيه ص 478)

لطيفو: هن حديث جي آخري حصي جي متعلق هڪ عجيب قصو آهي جنهن مان صحابہ ڪرام عليهم الرضوان ۽ محدثن عظام جو حضور ڪريم ﷺ سان نهايت محبت ۽ عشق جو پتو پوي ٿو. اهو هي آهي تہ حضرت انس ﷺ هڪ ڀيري گهڻي فرحت ۽ خوشيءَ ۾ چوڻ لڳو تہ : مون پنهنجا هي هٿ پاڪ حضرت نبي پاڪ ﷺ سان ملايا هئا تہ سندن هٿ مبارڪ ريشم ۽ پٽ کان بہ وڌيڪ نرم هئا ۽ جنهن شاگرد جي اڳيان هيءَ حديث بيان ڪيائين ان کين عرض ڪيو تہ " مان وري اوهان جي هنن هٿن سان مصافحو ڪرڻ گهران ٿو جيڪي اوهان حضرت رسول الله ﷺ سان ملايا هئا ان هٿ ملايا ۽ ان کان پوءِ اهو سلسلو جاري ٿي ويو يعني ان شاگرد جي هٿ ۾ وري ان شاگرد هٿ ملايا ۽ اڄ تائين اهو سلسلو جاري آهي ۽ هيءَ حديث مصافحي جي حديث سان مشهور آهي جو ان طرح اهو سلسلو ٿيندو رهيو آهي. حضرت شاهہ ولي الله پنهنجي رسالي "مسلسلات" ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي. (خصائل نبوي ص 303)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب الفضائل باب 21 طيب رائحة النبي ﷺ رقم الحديث 3023 ج 4 ص 1814 {2} عبدالرزاق في المصنف رقم الحديث 17947 ج 9 ص 443 {3} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3664 ج 13 ص 235 {4} ابو داؤد في كتاب الادب باب 1 في الحلم واخلاق النبي ﷺ رقم الحديث 4774 ج 4 ص 247 {5} احمد في المسند ج 3 ص 222 {6} ابو الشيخ ص 35 وغيرهم.

{347} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ، وَأَحْمَدُ بْنُ عَبْدَةَ هُوَ الضَّبِّيُّ وَالْمَعْنَى وَاحِدٌ، قَالاَ: حَدَّثَنَا حَمَّادُ بْنُ زَيْدٍ، عَنْ سَلْمٍ الْعَلَوِيِّ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ، عَنْ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَنَّهُ كَانَ عِنْدَهُ رَجُلٌ بِهِ أَثَرُ صُفْرَةٍ قَالَ: وَكَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لاَ يَكَادُ يُوَاجِهُ أَحَدًا بِشَيْءٍ يَكْرَهُهُ، فَلَمَّا قَامَ قَالَ لِلْقَوْمِ: لَوْ قُلْتُمْ لَهُ يَدَعُ هَذِهِ الصُّفْرَةَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ﷺ رسول الله ﷺ کان روايت ڪري ٿو تہ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ هڪ ماڻهو ويٺو هو ان جي ڪپڙن تي (زعفران يا) ڦڪي رنگ جو اثر هو. پاڻ ڪريم ﷺ ڪنهن کي منهن تي رويرو اهڙي ڳالهہ نہ چوندا هئا جا ان کي نہ وڻي يا ڏکي لڳي. پوءِ جڏهن اهو ماڻهو اٿي هليو ويو تہ پاڻ سڳورن ﷺ اصحابن کي چيو : جيڪڏهن اوهان ان کي چئو ها. تہ اها هيداڻ يا ڦڪو

رنگ ڏيڻ ڇڏي ڏئي. (تہ پيلو آهي)

مفردات جو شرح: "صُفْرَةٍ" ڦڪائي، زردي "يكَادُ" مضارع جو صيغو ڪودا وڪادة هن جي مصدر آهي. هي مقاربة جي فعلن مان آهي هن جي خبر سان "اَن" تمام گهٽ ايندي آهي ڪود قريب ٿيڻ ويجهو وڃڻ ۽ نہ ڪرڻ جي معنيٰ ۾ هوندو آهي. آمهون سامهون ٿيڻ. "يَكْرَهُهُ" ناپسند ڪندا هئا. هن جو ماضي ڪره آهي ڪره يا ڪراهة يا ڪراهية يا مڪرهة هن جي مصدر آهي بدصورت، برو، قبيح سمجهڻ.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ حضرت انس بن مالڪ ﷺ هڪ شخص جو ذڪر ڪيو آهي جيڪو حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ اهڙو ڪپڙو ڍڪي آيو جنهن تي ڦڪي رنگ جو نشان هو. هن مان مراد آهي تہ اهڙي خوشبوءِ لڳل هئي جنهن جو رنگ زردو هو ۽ اها خوشبوءِ عام طور تي شاديءَ، پرڻي جي وقت لڳائي ويندي آهي. ان رنگ کي پاڻ پسند نہ ڪندا هئا ۽ جنهن شيءِ کي پاڻ پسند نہ ڪندا هئا اها جنهن وٽ هوندي آهي ان ڏانهن پاڻ متوجهہ ئي نہ ٿيندا هئا. ان زرد رنگ جي نشان واري جي وڃڻ کان پوءِ پاڻ فرمايائون تہ: پيلو هو تہ اوهان هن شخص کي چئو ها تہ اهو زرد، زعفراني رنگ ڇڏي ڏي ها." آقا ﷺ جن ان مجلس ۾ ان شخص کي گهٽي شفقت ۽ شرمساريءَ کان بچائڻ جي لاءِ روبرو نہ فرمايو تہ هي رنگ ڇڏي ڏي" شارح پيلارا لکن ٿا تہ "هي ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ اهڙي رنگ جي خوشبوءِ لڳائڻ حرام ناهي. جيڪڏهن حرام هجي ها تہ حبيب ڪريم ﷺ جن اتي جو اتي ان کي چون ها ڇوتہ ڪنهن کان غير شرعي ڪم ڏسي پاڻ اتي جو اتي ان کي روڪيندا هئا ۽ سندن ڪيفيت اهڙي ٿي ويندي هئي جو صحابہ ڪرام ڏڪي ويندا هئا. (انوارِ غوثيه ص 480)

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي امت تي هيءَ نهايت شفقت هئي جو انهن کي پاڻ بالمواجهة اهڙن امرن کان منع نہ ڪندا هئا. ان جي لاءِ تہ متان اهو شخص انڪار ڪري ويهي يا اعتراض جو سبب بنجي جنهن سان ڪافر ٿي وڃي جيڪڏهن ڪٿي پاڻ ڪنهن کان مطمئن هوندا هئا تہ ان حد تائين نوبت نہ ايندي هئي تہ بالمواجہ (يعني روبرو) بہ ان کي منع ڪندا هئا. اهڙي طرح گهڻا واقعا حديث جي ڪتابن ۾ موجود آهن ۽ اهو روبرو نہ چوڻ يا تاخير ڪرڻ اهڙن معاملن ۾ هو جيڪي بهتر جي خلاف هئا پر حرام شيءِ جي استعمال کي روڪڻ ۾ اها صورت نہ هوندي هئي پاڻ جلدي ان کي روڪيندا هئا. جيئن سندن ڪلام جي باب ۾ اهڙي مفصل روايت گذري آهي ان ۾ آهي تہ جڏهن حق جي امر کان تجاوز ڪيو ويندو هو تہ ان وقت سندن غصي جي ڪا حد نہ رهندي هئي ۽ ڪو شخص ان جو تاب رکي نہ سگهندو هو جيستائين پاڻ ان کي شرعي سزا نہ ڏين. ڪين ڪير بہ روڪي نہ سگهندو هو. ايندڙ حديث ۾ بہ اهڙي قسم جو مضمون اچي رهيو آهي. (خصائل نبوي ص 304)

علامہ علي القاري لکيو آهي تہ: سندن ڪنهن کي روبرو نہ روڪڻ سندن غالبًا معمول هو نہ تہ روبرو بہ روڪيندا هئا. جيئن حضرت عبدالله بن عمرو بن العاص ﷺ کان روايت آهي تہ: رسول الله ﷺ جن مون کي زعفراني رنگ جا ڪپڙا پاتل ڏٺا تہ فرمايائون "هي ڪافرن جا ڪپڙا آهن اهي نہ ڍڪيندو ڪر." ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ "مون عرض ڪيو تہ اهي ڌوئي پوءِ پايان؟" پاڻ فرمايائون تہ "بلڪ اهي ساڙي ڇڏ" ۽ شايد ساڙڻ جو امر تنبيہ جي لاءِ ڪيو هيائون ۽ هيءَ حديث انهن عالمن جو دليل آهي جيڪي چون ٿا تہ زعفراني رنگ وارو ڪپڙو پائڻ حرام آهي. (۽ جمهور وٽ اهو رنگ پائڻ

مڪروه آهي) ۽ علامہ علي قاري لکيو آهي تہ هيءَ حديث ان رنگ جي ڪراهت تي دلالت ڪري ٿي. ڇوتہ بغير قصد جي ڦکو زردي رنگ جو نشان عورتن سان تشبيہ جي ڪري مڪروه آهي ۽ جيڪڏهن اهو حرام هجي ها تہ حضور ڪريم ﷺ جن ان کي محفل کان اٿڻ کان پهريان منع فرمائن ها. علامہ مناوي لکيو آهي تہ رسول الله ﷺ جن جي ڪنهن (خلافِ اوليٰ) ڪم جي لاءِ روبرو ڪنهن کي نہ چوڻ ۾ هيءَ حڪمت ۽ مصلحت هئي تہ متان ٻڌڻ وارو ان امر کي سنت نہ سمجهڻ جي ڪري ڪافر ٿي وڃي ڇوتہ جيڪو سندن امر کي مڪروه سمجهندو يا سرڪشي جي ڪري ان کان منهن موڙيندو تہ ان جو ايمان تہ ختم ٿي ويندو پر ممڪن آهي تہ ان جي ان ڪردار جي ڪري ان تي الاهي عذاب ۽ مصيبتون نازل ٿي پون ۽ متان اهو عام عذاب ٿي وڃي. ۽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن مسلمانن کي خلاف اوليٰ ڪم تي روبرو نہ چوندا هئا. پر ڪافرن کي اسلام نہ قبول ڪرڻ تي ڪين حڪم ٿيو هو تہ "وَاغْلُظْ عَلَيْهِمْ" (۽ انهن تي سختي ڪيو)

سوال: صحيح حديث ۾ آهي تہ (حضرت) عبدالرحمان بن عوف رضي الله عنه شادي ڪئي تہ رسول الله ﷺ جن ڏانهن آيو ۽ ان جي ڪپڙن تي زرد رنگ جو نشان هو پاڻ ان کي ڪجهہ نہ چيائون ۽ نہ ڇورايائون؟

جواب: محدثين ڪرام ان جي جواب ۾ فرمايو آهي "اهو زرد رنگ جي استعمال ڪرڻ جي منع کان پهريان هو يا زرد نشان ان پاڻ نہ لڳايو هو ان کي سندس گهرواريءَ کان لڳو هو.

(شرح المناوي مع جمع الوسائل ج 2 ص 155)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب الترجل باب 8 في الخلوق للرجال رقم الحديث 4182 ج 4 81 {2} احمد في المسند ج 3 ص 133 {3} البخاري في الادب المفرد رقم الحديث 437 ص 155 {4} الطيالسي في مسنده رقم الحديث 2126 ص 283 {5} البيهقي في الآداب رقم الحديث 222 ص 143، 144.

{348} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ جَعْفَرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا شُعْبَةُ، عَنْ أَبِي إِسْحَاقَ، عَنْ أَبِي عَبْدِ اللهِ الْجَدَلِيِّ وَاسْمُهُ عَبْدُ بْنُ عَبْدٍ، عَنْ عَائِشَةَ، أَنَّهَا قَالَتْ: لَمْ يَكُنْ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَاحِشًا وَلاَ مُتَفَحِّشًا وَلاَ صَخَّابًا فِي الأَسْوَاقِ، وَلاَ يَجْزِئُ بِالسَّيِّئَةِ السَّيِّئَةَ، وَلَكِنْ يَعْفُو وَيَصْفَحُ.

بامحاوره ترجمو: حضرت بيبي عائشه رضي الله عنها چيو تہ رسول الله ﷺ سخت ڳالهائيندڙ نہ هئا ۽ نہ ڪي سخت ڪلام اختيار ڪندا هئا ۽ نہ ڪي بازارن ۾ شور ۽ لُڙڪندا هئا ۽ برائي جو بدلو برو نہ ڏيندا هئا پر مُعاف ڪندا ۽ درگذر ڪري ڇڏيندا هئا.

مفردات جو شرح: "فَاحِشًا" بد اخلاق. "مُتَفَحِّشًا" بد زبان بيڇڙو اجائي گفتگو ڪندڙ بي حياء. لغات الحديث جي صاحب ڪرماني جي حوالي سان لکيو آهي تہ: حديث ۾ فاحش مان مراد اهو شخص آهي جو پيدائشي طور برو ڳالهائيندڙ هجي ۽ "مُتَفَحِّش" جيڪو خواه مخواه فحش ڳالهائيندڙ بنجي مثال طور مسخرو وغيره. حد کان وڌيڪ ڳالهيون ڪندڙ "صَخَّابًا" شور مچائڻ وارو. گوڙ ڪرڻ وارو. "أَسْوَاقِ" بازارون. "سُوْق" جو جمع. "يَعْفُو" معاف ڪندا. درگذر فرمائيندا هئا. "يَعْفُوْعَفْوًا" کان ورتل آهي. درگذر ڪرڻ. معاف ڪرڻ. سزا نہ ڏيڻ. "وَيَصْفَحُ" صفح يَصفَحُ صَفحا" کان ورتل روگرداني ڪرڻ. منهن

موڙڻ، توجهہ نہ ڪرڻ، چڙي ڏيڻ، گناهہ معاف ڪرڻ جي معنيٰ ۾ ايندو آهي.

سمجهاڻي: ام المومنين سيده عائشه صديقه رضي الله عنها جي فرمان جو مطلب آهي تہ محبوب ﷺ جن اقوال، افعال ۽ صفات ۾ نہ طبعًا بدمزاج هئا ۽ نہ تڪلف ڪري اقوال، افعال ۽ صفات ۾ بدمزاج بنجندا هئا. هن فرمان مان مقصود هي آهي تہ "طبعًا يا تڪلفًا بدمزاج هجڻ کان، بري ڪلام کان هر طرح پاڪ هئا چوتہ طبعي طور فحش گو نہ هجڻ سان اهو لازم ناهي تہ تڪلف سان بہ بدگو نہ هجي پر امان سانئڻ "مُتَفَحِّشًا" لفظ جي اڳيان وري لا نفي جي تاڪيد جي لاءِ آندي آهي تہ هر قسم جي فحش جي نفي ٿي وڃي. ۽ هي بديع الڪلام آهي. علامہ ابنِ حجر هيتمي مڪي هتي لکيو تہ هيءُ ام المومنين سيده عائشه صديقه رضي الله عنها جي عظيم فصاحت، بلاغت، علم جي وسعت ۽ فقہ ۾ ڪمال جو دليل آهي. " وَلاَ صَخَّابًا فِي الأَسْوَاقِ" ۽ پاڻ بازارن ۾ وڏي آواز سان ڳالهائيندڙ نہ هئا. "النهاية" ۾ علامہ ابن الاثير لکيو آهي تہ "هتي مقصود وڏي آواز سان ڳالهائڻ جي متعلق نفي آهي صرف مبالغي جي نفي مقصود نہ آهي تہ مبالغو نہ ڪندا هئا. پر ڪجهہ وڏي آواز سان رڙ ڪري ڳالهائيندا هئا. نہ هر گز نہ. ۽ "بازارن ۾" لفظ مان مقصد آهي تہ پاڻ دنيا گڏ ڪرڻ جي پٺيان نہ هئا. جو بازارن ۾ هلندا رهن. ۽ ظاهر بلڪ صواب ۽ صحيح قول آهي تہ پاڻ قرآن ڪريم جي تلاوت نماز ۾ وڏي آواز سان ڪندا هئا ۽ خطبا وڏي آواز سان ارشاد فرمائيندا هئا. ان جي ڪري مٿين نفي ۾ اهڙا امور شامل ناهن ۽ سندن هي صفتون اڳي نازل ڪيل ڪتابن ۾ بہ مذڪور هيون بيهقي ۽ ابو نعيم ام الدرداء رضي الله عنها کان روايت آندي آهي تہ : مون ڪعب الاحبار رضي الله عنه کان پڇيو تہ اوهان تورات ۾ رسول الله ﷺ جي صفت ڪيئن پڙهي هئي؟ تہ ان چيو تہ اسين تورات ۾ سندن صفت هيئن پڙهندا هئاسون. "مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ اِسْمُهُ الْمُتَوَكِّلُ لَيْسَ بِفَظٍّ وَلَا غَلِيْظٍ وَلَا سَخَّابٍ فِي الْأَسْوَاقِ" (يعني حضرت محمد ﷺ الله جل جلاله جو رسول آهي نہ گندو ڳالهائيندڙ نہ سخت مزاج آهي نہ بازارن ۾ وڏي آواز سان ڳالهائيندڙ آهي سندن نالو متوڪل (الله جل جلاله تي توڪل ڪندڙ) آهي. "وَلَا يَجْزِىْ بِالسَّيِّئَةِ السَّيِّئَةَ " (برائيءَ جو بدلو برائي سان نہ ڏيندا هئا چوتہ قرآن ڪريم سندن خلق آهي ۽ قرآن ڪريم ۾ الله جل جلاله جو فرمان آهي : وَجَزٰٓؤُا سَيِّئَةٍ سَيِّئَةٌ مِّثْلُهَا ۚ فَمَنْ عَفَا وَ اَصْلَحَ فَاَجْرُهٗ عَلَى اللهِ (سوره شوریٰ آيت 40) (۽ برائي جو بدلو ان جهڙي برائي آهي پوءِ جنهن (برائي ڪندڙ کي) معاف ڪيو ۽ اصلاح ڪئي ان جو اجر الله جل جلاله وٽ آهي) ۽ پهريان برائيءَ جو بدلو برائي آهي) بيان ڪرڻ ۾ هن طرف اشارو آهي تہ معاف ڪرڻ ۽ اصلاح ڪرڻ پلو آهي. ضروري يا فرض يا واجب ناهي. "وَلٰكِنْ يَّعْفُوْ وَيَصْفَحُ" ۽ پر معاف ڪندا ۽ در گذر فرمائيندا هئا) لا ڪن سان استدراڪ جو فائدو ان وهم جو دفع ڪرڻ آهي تہ متان برائيءَ جو بدلو نہ ڏيڻ عاجزي جي ڪري يا نہ پڄي سگهڻ جي ڪري هو. ۽ ڪين ان برائي ڪندڙ تي ڪاوڙ رهندي هئي. نہ هر گز نہ. ۽ سندن معاف ڪرڻ جا عظيم واقعا آهن تان جو جن وڏن دشمنن سندن پاڪ ڏند مبارڪ شهيد ڪيا. ۽ پاڪ منهن ۾ زخم ڪري وڌا هئا ۽ اها ڪيفيت سندن اصحابن عليهم الرضوان کي ڏکائڻ لڳي ۽ انهن ڪين عرض ڪيو تہ اوهان انهن تي دنيا ۾ عذاب اچڻ جي دعا گهرو تہ پاڻ فرمايائون تہ "اِنِّىْ لَمْ اُبْعَثْ لَعَّانًا وَلٰكِنْ بُعِثْتُ دَاعِيًا وَّرَحْمَةً اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِيْ وَلِقَوْمِيْ اَوِ اهْدِ قَوْمِيْ فَاِنَّهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ" (بلا شڪ مان لعنت ڪندڙ بنائي نہ موڪليو ويو آهيان پر مان (الله جل جلاله ڏانهن) سڏيندڙ ۽ رحمت ڪري موڪليو ويو آهيان. اي منهنجا الله منهنجي قوم کي بخش

ڪري منهنجي قوم کي هدايت ڪر. بلاشڪ اهي نہ ٿا ڄاڻن.

سوال: خندق جي جنگ واري ڏينهن نبي ڪريم ﷺ جن ڪافرن کي بددعا ڏيندي فرمايو هو تہ "شَغَلُوْنَا عَنِ الصَّلَوٰةِ الْوُسْطٰى صَلَوٰةِ الْعَصْرِ اَللّٰهُمَّ امْلَاءُ بُطُوْنَهُمْ نَارًا" (انهن اسان کي وچ واري نماز ٽيپهري (نماز) کان مشغول رکيو (نہ پڙهي سگهياسون) يا الله! انهن جا پيٽ باهہ سان پري ڇڏ)

جواب: (شَغَلُوْنَا عَنِ الصَّلٰوةِ) (اسان کي نماز کان مشغول رکيائون) مان واضح آهي تہ اها بد دعا انهن کي الله جل جلاله جي نماز کان سيڙائڻ، الله جل جلاله جي حق وڃائڻ جي ڪري هئي پنهنجي ذاتي تڪليف جي ڪري نہ هئي. پاڻ پنهنجي ذات کي ايذائيندڙن کي معاف ڪري انهن کان درگذر ڪندا هئا. طبراني، ابن حبان، حاڪم ۽ بيهقي يهودين جي عالمن مان هڪ وڏي عالم کان روايت آندي آهي ان اسلام آڻڻ کان پوءِ ٻڌايو تہ "مون جڏهن رسول الله ﷺ جن کي ڏٺو تہ : نبوت جي نشانين مان ڪابہ شيءِ نہ رهي جيڪا سندن ذات ۾ مون نہ ڏٺي پر سندن بردباري جي مون کي خبر نہ پئي پوءِ مون سندن ويجهو رهڻ جي ۽ سندن ذات سان ميل جول جي ڪوشش ڪئي تانتہ اهو معلوم ڪري سگهان. پوءِ ڪائٺن کجور خريد ڪرڻ جو پروگرام ڪيم ۽ مقرر ٿيل تاريخ کان ٻہ يا ٽي ڏينهن اڳي مان سندن خدمت ۾ آيس ۽ پوءِ سندن قميص پاڪ ۽ چادر مبارڪ مان وٺي سندن طرف سخت منهن سان نهاري چيم تہ : يا محمد! (ﷺ) مون کي منهنجو حق ڇونہ ٿو ڏين؟ الله جل جلاله جو قسم آهي تہ : اي عبدالمطلب جا فرزند! اوهان ڏاڍا دير سان ڏيڻ وارا آهيو. (اهو ٻڌي حضرت) عمر رضي الله عنه چيو تہ : اي الله جا دشمن !تون رسول الله ﷺ جي لاءِ اهي الفاظ چوين ۽ مان خاموش ٿي ٻڌان. الله جل جلاله جو قسم آهي تہ جيڪڏهن رسول الله ﷺ جن جي ذات جو ادب ۽ خوف نہ هجي تہ پنهنجي تلوار سان تنهنجي مٿي کي ٻہ ٽڪرا ڪري رکان. ان دوران حضور ڪريم ﷺ جن حضرت عمر رضي الله عنه ڏانهن سڪون، مودت ۽ مرڪڻ سان ڏسي رهيا هئا ان کان پوءِ فرمايائون تہ : اي عمر اهو ۽ مان توکان ان ڳالهہ جا خواهشمند هئاسين تہ مون کي سهڻي طريقي سان ادا ڪرڻ جو عرض ڪرين ها ۽ هن کي سهڻي نموني گهرڻ جي لاءِ چوين ها هن سان گڏجي وڃ جيڪو وعدو ٿيل آهي اهو ڏئي ۽ ويهہ ٽويا وڌيڪ بہ هن جي غلط رويي جي بدلي ۾ هن کي ڏجان. مون اهو سڀ ڪجهہ ڏسي حضرت عمر رضي الله عنه کي چيو تہ : مون سندن منهن مبارڪ کي ڏسي ان ۾ نبوت جون سڀ نشانيون سڃاتيون پر سندن حلم ۽ ڪاوڙ ڪائڻ جو تجربو ڪرڻو هو. سو اهو بہ مون ڏٺو مان توکي شاهد ٿو بنايان تہ مان الله جل جلاله جي رب هجڻ ۽ اسلام جي دين هجڻ ۽ حضرت محمد ﷺ جي رسول هجڻ ۾ راضي آهيان. (مطلب تہ مون ايمان آندو ۽ اسلام قبول ڪيو) ۽ اهڙا ٻيا واقعا بہ آهن جن مان سندن عفو ۽ ڪرم ظاهر ٿئي ٿو ۽ دشمنن جي طرفان ايذاء، مالي نقصانن ۽ بدوين جي جفا تي صبر ڪرڻ ظاهر ٿئي ٿو حالانڪ اهي بدوي وحشي جانورن وانگر هئا جن ۾ ڪا تهذيب نہ هئي پر حبيب ڪريم ﷺ جن انهن کي پيار سان اهڙو پڙهايو ۽ سمجهايو جو سندن مٿان سر، ٻچا، ننگ ۽ مال قربان ڪرڻ لڳا. (جمع الوسائل ج 2 ص 156، 157 اشرف الوسائل ص 502، 503) محدث ڪاندلوي هن حديث جي وضاحت ڪندي لکيو آهي تہ : ضرورت جي ڪري بازار ۾ وڃڻ منع ناهي پر اتي وڃي شور ۽ شغب ڪرڻ وقار جي خلاف آهي مسلمان کي گهرجي تہ سڪون سان وڃي ضروري ڪم لاهي واپس ٿئي. ۽ بازار ۾ شور ۽ شغب جي منع مان اها مراد ناهي تہ ٻي جاءِ تي شور ۽ گوڙ ڪندو رهي بلڪ

مقصد هي آهي تہ بازار ۾ عمومًا شور ۽ گوڙ هوندو آهي جيڪو شخص اتي بہ سڪون ۽ وقار سان رهندو ان جو ٻيءَ جاءِ تي سڪون سان رهڻ ظاهر آهي سندن عفو ۽ درگذر جي بيان ۾ علامہ موصوف لکيو آهي تہ : هڪ ڀيري پاڻ پنهنجي حجره شريف کان ٻاهر نڪتا ۽ حضرت عمر ﷺ بہ ساڻن گڏ هو تہ هڪ بدوي شخص آيو ۽ عرض ڪيائين تہ يا رسول الله ﷺ ! منهنجي قوم مسلمان ٿي آهي ۽ مون انهن کي چيو تہ : مسلمان ٿيندؤ تہ اوهان کي ڀرپور رزق ملندو ۽ هاڻي حالت هي آهي تہ سخت ڏڪار پئجي ويو آهي مون کي ڊپ ٿو ٿئي تہ اهي اسلام کي ڇڏي نہ وڃن جيڪڏهن مناسب سمجهو تہ انهن جي مدد ڪيو. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن هڪ شخص (غالبًا اهو حضرت علي ﷺ هو) ڏانهن نهاريو تہ ان عرض ڪيو" حضرت" مون وٽ موجود تہ ڪجهہ ناهي. زيد نالي شخص جو ان وقت يهودي هو اهو ان منظر کي ڏسي رهيو هو. ان چيو تہ : يا محمد ﷺ ! جيڪڏهن اوهان ائين ڪري سگهو جو فلاڻي مسلمان شخص جي باغ جي ڪجور مقرر ڪيل وقت تي مون کي ڏيو تہ مان انهن ڪجورن جي قيمت پيشگي اوهان کي ڏئي ڇڏيان. پاڻ فرمايائون تہ اهو تہ نہ ٿو ٿي سگهي ها جيڪڏهن باغ مقرر نہ ڪرين تہ پوءِ ٿي سگهي ٿو ان اهو قبول ڪيو ۽ ڪجورن جي قيمت جا اسي مثقال سونا (مشهور قول جي مطابق هڪ مثقال ساڍن چئن ماسن جو هوندو آهي) ڏنا. اهي ان بدوي جي حوالي ڪيا ويا ۽ حبيب ڪريم ﷺ جن ان کي فرمايو تہ : "انصاف جي رعايت رکجان ۽ ان مان انهن جي ضرورت پوري ڪجان" ان زيد چيو تہ جڏهن ڪجورن جي ڏيڻ ۾ بہ ٽي ڏينهن رهيا تہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جي جماعت جن ۾ حضرت ابوبڪر ﷺ ، حضرت عمر ﷺ ۽ حضرت عثمان غني ﷺ بہ وينل هئا. ڪنهن جي جنازي جي نماز مان فارغ ٿي هڪ ڀت جي قريب تشريف فرما ٿيا مان آيس ۽ سندن گُڙتي مبارڪ ۽ چادر جي پلاند کي گڏي ونې تمام سختي ڪندي چيم تہ اي محمد ﷺ ! اوهان منهنجو قرض چو نہ ٿا ڏيو. الله ﷻ جو قسم ! مان اوهان عبدالمطلب جي اولاد کي چڱي طرح ڄاڻان ٿو تہ اوهان قرض ڏيڻ ۾ دير ڪندڙ آهيو. اهو ٻڌي حضرت عمر ﷺ مون ڏانهن ڪاوڙ واري نظر سان نهاريو ۽ چيو تہ اي الله جا دشمن! هيءَ ڪهڙي بَڪَ ڪري رهيو آهين؟ الله جو قسم ! جيڪڏهن مون کي نبي ڪريم ﷺ جي ذات جو ڊپ نہ هجي ها تہ تلوار سان تنهنجي منڍي ڪٽي ڇڏيان ها. پر نبي ڪريم ﷺ جن نهايت سڪون سان مون ڏانهن نهاري رهيا هئا ۽ مرڪندي حضرت عمر ﷺ کي فرمايائون تہ "مان ۽ هي هڪ ٻئي شيءِ جا ضرورتمند هئاسون اها هيءَ آهي تہ مون کي حق ادا ڪرڻ ۾ سهڻي طريقي جي لاءِ عرض ڪرين ها ۽ هن کي سهڻي انداز ۾ گهر ڪرڻ جي لاءِ نصيحت ڪرين ها هاڻي هن سان گڏجي وڃ ۽ هن سان وعدو ڪيل ڪجور تہ هن کي ڏي پر تو هن کي جيڪو ڌمڪايو آهي ان جي بدلي ۾ هن کي ويهہ ٽويا وڌيڪ ڏي" حضرت عمر ﷺ مون کي وٺي ويو ۽ ويهہ ٽويا ڪجور وڌيڪ ڏنائين تہ مون ان کان پڇيو هي وڌيڪ ڇو؟ ان چيو اهو حضور ڪريم ﷺ جو حڪم آهي ان زيد حضرت عمر ﷺ کي چيو تہ : تون مون کي سڃاڻين ٿو؟ حضرت عمر ﷺ چيو تہ نہ "ان چيو تہ مان زيد بن سعنہ آهيان. حضرت عمر ﷺ چيو تہ جيڪو يهودين جو وڏو عالم آهي؟ مون چيو تہ "هائوا اهو ئي آهيان. حضرت عمر ﷺ فرمايو تہ ايترو وڏو عالم ٿي حضور ڪريم ﷺ سان اهو برتاءُ ڪيئي؟ مون ڪيس چيو تہ نبوت جي

نشاني تہ "پاڻ بردبار هوندا" ڏسڻي هئي. هاڻي اها مون ڏسي ورتي مان توکي پنهنجي مسلمان ٿيڻ جو گواهہ ٿو بنايان تہ مان مسلمان ٿيو آهيان ۽ منهنجي مال ۾ ملڪيت جو اڌ حضرت رسول الله ﷺ جي امت لاءِ صدقو آهي ان کان پوءِ محبوب ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ آيو ۽ سندن روبرو مسلمان ٿيڻ جو اعلان ڪيائين ۽ ڪيترين جنگين ۾ شريڪ ٿيو ۽ تبوڪ جي جنگ ۾ شهيد ٿيو. (خصائل نبوي ص 305, 306)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 6 ص 174 {2} ابو داؤد الطيالسي في مسنده رقم الحديث 1520 ص 214 {1} البيهقي في سننه ج 7 ص 45 {3} ابنِ حبان في صحيحه رقم الحديث 6409 ج 8 ص 120 {4} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3668 ج 13 ص 237.

{349} حَدَّثَنَا هَارُونُ بْنُ إِسْحَاقَ الْهَمْدَانِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدَةُ، عَنْ هِشَامِ بْنِ عُرْوَةَ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: مَا ضَرَبَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بِيَدِهِ شَيْئًا قَطُّ إِلاَّ أَنْ يُجَاهِدَ فِي سَبِيلِ اللهِ، وَلاَ ضَرَبَ خَادِمًا أَوِ امْرَأَةً

بامحاوره ترجمو: حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن الله جي رستي ۾ لڙائيءَ کان سواءِ پنهنجي هٿ سان ڪنهن شيءِ کي نہ ماريو. پاڻ ڪڏهن ڪنهن خادم کي بہ ڌڪ نہ هنيائون ۽ نہ ڪنهن عورت کي (ماريائون).

مفردات جو شرح: "مَا ضَرَبَ" نہ ماريائون. ضَرَبَ ماضي جو صيغو آهي ضربًا کان ورتل آهي هن جي معنيٰ قريني جي لحاظ سان ڪئي ويندي آهي. "بِيَدِهِ" پنهنجي هٿ مبارڪ سان. "خَادِمًا" خدمت ڪندڙ.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ ام المومنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها جو فرمان آهي تہ محبوب ڪريم ﷺ جن ڪنهن کي ڪڏهن بہ الله ﷻ جي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ کان سواءِ پنهنجي هٿ پاڪ سان نہ ماريو. ڀلي اهو سندن خادم يا گهرواري ڇونہ هجي. علامہ ابنِ حجر مڪي هيتمي فرمايو تہ هن روايت ۾ آيل لفظ "شيئا" مان مراد انسان آهي ڇوتہ پاڻ ڪڏهن ڪڏهن سواري جي جانور کي ماريو بہ اٿن ۽ جهاد ۾ جنگ احد جي دوران پاڻ ابي بن خلف کي قتل ڪيو هيائون ۽ هڪ قول هي بہ آهي تہ جهاد مان مراد صرف ڪافرن کي مارڻ ناهي بلڪ عام آهي شرعي سزائون ۽ تعزير ڏيڻ بہ ان ۾ داخل آهن. ۽ "پاڻ نہ ڪنهن خادم کي ماريائون ۽ نہ گهرواريءَ کي" اها تخصيص کان پوءِ تعميم آهي. ان کي اهتمام سان ان جي ڪري بيان ڪيو ويو آهي جو ماڻهو انهن کي گهڻو ڪري ماريندا آهن. ۽ جاڻڻ گهرجي تہ زال ۽ خادم کي ادب سيکارڻ جي لاءِ مارڻ جيتوڻيڪ جائز آهي پر نہ مارڻ افضل آهي.

مسئلو: هن حديث مان هي معلوم ٿيو تہ حاڪم جي لاءِ ڀلو آهي تہ پاڻ پنهنجي هٿن سان ڪنهن کي سزا نہ ڏي پنهنجن هٿن سان ڪنهن تي حد قائم نہ ڪري نہ پنهنجن هٿن سان ڪنهن کي تعزير ڏي ۽ پاڻ سواريءَ جي جانورن کي ايذاء ڏيڻ جي نيت سان نہ ماريندا هئا پر ان کي ادب سيکارڻ جي لاءِ هلڪي سزا ڏيندا هئا ۽ ادب سيکارڻ جي لاءِ سزا ڏيڻ شرعي محاسن مان آهي ۽ اهو في نفسہ نفعو ڏيندڙ آهي ۽ حضرت جابر رضي الله عنه جو اٺ سفر دوران سيني کان پويان ٿي آيو پاڻ ان کي پنهنجي پير مبارڪ سان ٺُڏو هنيائون تہ ايڏو تيز ٿي هلڻ لڳو جو سيني کان وڌي ويو. اهو سندن معجزو هو. اهڙي طرح پاڻ حضرت طفيل اشجعي جي گهوڙي کي ڌڪ هڻي فرمايو هيائون. "اَللّٰهُمَّ بَارِكْ فِيهِ" (يا الله ﷻ !

هن ۾ برڪت پيدا فرماءِ) اهو هيٺو ضعيف هو سيني کان پويان پي آيو پر سندن ڏک هٽڻ جي ڪري ايترو تڪو ٿي ويو جو حضرت طفيل ﷛ فرمايو ته "مان ان کي جهلي ۽ روڪي نه پيو سگهان ۽ اهڙي طرح سندن فرمان ته نانگ، وڇون وغيره کي ڏسو ته ماريو ڇوته اهي ايذائيندڙ آهن ۽ پاڻ ابي بن خلف کي پنهنجي هٿ سان ان جي ڪري قتل ڪيو هيائون جو اهو انسانن ۾ وڏو بدبخت هو. ۽ وڏو بد بخت اهو آهي جيڪو نبي کي شهيد ڪري يا نبي سڳورو ﷺ ان کي قتل ڪري سندن طرفان ابي بن خلف کي قتل ڪرڻ ۾ جهاد جي فضيلت جو اظهار آهي ۽ اولاد کي ادب سيکارڻ جي لاءِ مار ڏيڻ گهرجي انهن لاءِ افضل آهي. خاص ڪري اهل مروت ۽ اهل ڪمال جي لاءِ. جيئن حضرت انس ﷛ جي روايت گذري ته پاڻ ڪڏهن به ڪيس اف به نه چيائون ۽ هتي مارڻ مان مراد قصدًا، ارادي سان مارڻ آهي جنهن کي مار ڏيڻ سڏيو ويندو آهي ارادي کان سواءِ، يا خوشطبعي ۾ ڪنهن کي ڏک لڳي وڃي اهو داخل ناهي. جيئن بعض روايات ۾ آهي. (اشرف الوسائل ص 504 المواهب ص 582، جمع الوسائل ج 2 ص 156)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب الفضائل باب 20 مباعدته للآثام رقم الحديث 2328 ج 4 ص 1814 {2} النسائي في كتاب عشرة النساء من سننه الكبرىٰ باب 61 ضرب الرجل زوجته {3} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3667 ج 13 ص 236 {4} ابن ماجه في كتاب النكاح باب 51 ضرب النساء رقم الحديث 1984 {5} احمد في المسند ج 6 ص 206.

{350} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ عَبْدَةَ الضَّبِّيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا فُضَيْلُ بْنُ عِيَاضٍ، عَنْ مَنْصُورٍ، عَنِ الزُّهْرِيِّ، عَنْ عُرْوَةَ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: مَا رَأَيْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مُنْتَصِرًا مِنْ مَظْلَمَةٍ ظُلِمَهَا قَطُّ مَا لَمْ يُنْتَهَكْ مِنْ مَحَارِمِ اللهِ تَعَالَى شَيْءٌ، فَإِذَا انْتُهِكَ مِنْ مَحَارِمِ اللهِ شَيْءٌ كَانَ مِنْ أَشَدِّهِمْ فِي ذَلِكَ غَضَبًا، وَمَا خُيِّرَ بَيْنَ أَمْرَيْنِ إِلَّا اخْتَارَ أَيْسَرَهُمَا مَا لَمْ يَكُنْ مَأْثَمًا.

بامحاوره ترجمو: حضرت عائشه صديقه ﷝ کان روايت آهي ته مون ڪڏهن به رسول الله ﷺ کي پنهنجي ذات تي ظلم جو بدلو وٺندي نه ڏٺو جيستائين الله ﷻ جي ڪنهن امر (شريعت) جي بيحرمتي نه ٿي هجي پوءِ جڏهن الله ﷻ جي ڪنهن حرام ڪيل شيءِ کي حلال ڪيو ويندو هو ته ان تي پاڻ سڳورا ﷺ سيني کان وڌيڪ ڪاوڙيا هئا ۽ جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ کي ٻن ڪمن مان هڪ جو اختيار ڏنو ويندو هو ته پاڻ سڳورا ﷺ زياده سولو ڪم اختيار ڪندا هئا. جيستائين اهو گناهه نه هجي.

مفردات جو شرح: "مَا رَأَيْتُ" اي مَا عِلمتُ مون نه ڄاتو. هتي رؤيا ڏسڻ مان مراد ڄاڻڻ آهي ڇوته اهو ئي مقام جي مناسب آهي. "مُنْتَصِرًا" انتقام وٺندڙ، بدلو يا پلاند وٺندڙ. "مَظْلَمَةٍ" ظلم. "لَمْ يُنْتَهَكْ" نه تجاوز ڪيو ويو يا نه لتاڙي وئي. يا نه ڪٽي وئي. "مَحَارِمِ اللهِ" الله جي حرام ڪيلن مان، منع ڪيلن مان.

سمجهاڻي: مومنن جي امان سڳوري ﷝ فرمايو ته "مون رسول الله ﷺ جن کي ڪڏهن نه ڏٺو نه منهنجي علم ۾ آهي ته پاڻ پنهنجي ذات جي مٿان ڪيل ظلم جو ڪڏهن ڪنهن کان بدلو ورتو هجين." اهو سندن اخلاق جو ڪمال هو ڪو مٿن ظلم ڪري يا سندن ذات سان ڪيتري به زيادتي ڪري ان کان بدلو انتقام يا پلاند نه وٺندا هئا. علامه يوسف نبهاني لکيو آهي ته "جيڪڏهن ڪو شخص ساڻن بدسلوڪي ڪندو هو ته به پاڻ ان سان بدسلوڪي نه ڪندا هئا ۽ ڪو سندن خدمت ۾

معذرت عرض ڪندو هو تہ ان جي معذرت قبول ڪندا هئا ڪين ڪيڏي بہ تڪليف پهچائيندو هو تہ ان کان درگذر ڪندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ الله جَلَّ جَلالُهُ منهنجي ڀاءُ حضرت موسيٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام تي رحمت ڪري ان کي وڏي تڪليف پهتي هئي تہ بہ ان صبر ڪيو." ها جيڪڏهن الله جَلَّ جَلالُهُ جي حرام يا منع ڪيل ڪم مان ڪجهہ ڪيو ويندو هو تہ پاڻ سخت ڪاوڙ ڪندا هئا. يعني ڪنهن کي الله جَلَّ جَلالُهُ جي امر جي نافرماني ڪندي، ۽ الله جَلَّ جَلالُهُ جي منع ڪيل ڪمن مان ڪو ڪم ڪندي ڏسندا هئا تہ ان تي سخت ناراض ٿيندا هئا. پاڻ ان کي بہ معاف ڪيائون جنهن سندن تقسيم تي اعتراض ڪندي چيو هو تہ "هيءَ تقسيم اهڙي آهي جنهن سان الله جَلَّ جَلالُهُ جي رضا حاصل ڪرڻ جو ارادو نہ ڪيو ويو آهي" تانت اهو اسلام سان محبت ۽ الفت رکي ان جي لاءِ اهو عذر بہ ممڪن هو تہ اهي الفاظ ان جي زبان تي بي اختيار اچي ويا هئا ۽ اهڙي طرح پاڻ ان کي بہ معاف ڪيو هيائون جنهن سندن اڳيان طبعي شدت جي ڪري وڏي آواز سان ڳالهايو هيو جيئن سخت مزاج عربن جي طبيعت هوندي آهي ۽ ان کان بہ درگذر فرمايو هيائون جنهن ڪين سندن چادر مبارڪ مان وٺي ڇڪيو هو. اهو سڀ ڪجهہ سندن صبر، حلم ۽ بردباري جو دليل آهي. اهڙي طرح پاڻ لبيد بن الاعصم يهودي جنهن ڪين سحر ڪيو هو ۽ يهودياڻي عورت جنهن ڪين زهر ڏنو. انهن کي بہ معاف ڪيو هيائون ڇو تہ اهو سندن حق هو جيڪو پاڻ معاف ڪري سگهيا ٿي مگر جيڪڏهن الله جَلَّ جَلالُهُ جي طرفان حرام ڪيل ڪو ڪم ڪيو ويندو هو تہ ان جي لاءِ پاڻ انتهائي ناراض ٿيندا هئا. پاڻ الله جَلَّ جَلالُهُ جي دين جي لاءِ مدد ڪندڙ، منتصر هئا. "۽ ڪين ٻن امرن مان هڪ امر جي ڪرڻ جي لاءِ جيڪڏهن اختيار ڏنو ويندو هو تہ جيڪو آسان ۽ سولو هوندو هو اهو اختيار ڪندا هئا. يعني سندن امت جي حق ۾ ڪين ٻن امرن مان هڪ امر جي اختيار ڪرڻ جي اجازت ملندي هئي تہ سندن امت جي لاءِ جيڪو امر وڌيڪ آسان هوندو هو اهو اختيار فرمائيندا هئا اهڙي طرح دنياوي امور ۾ جتي بہ رايا هوندا هئا تہ جيڪو آسان هوندو هو اهو پسند ڪندا هئا. جيستائين شرعي حدود کان تجاوز نہ ٿئي. ڇو تہ شرعي حدود تي عمل ڪرائڻ الله جَلَّ جَلالُهُ کي راضي ڪرڻ لاءِ هوان ۾ ڪا ذاتي ڳالهہ نہ هئي. شرعي حدود کان تجاوز ڏسي بہ ڪجهہ نہ ڪرڻ سستي ۽ ڪمزوريءَ جي ڪري هوندو آهي ۽ پاڻ دين ۾ مضبوط، مستحڪم ۽ سستيءَ کان پاڪ هئا.

مسئلو: هن حديث مان ثابت ٿيو تہ حاڪم جي لاءِ بہ ان اخلاق سان متخلق ٿيڻ سنت آهي تہ پنهنجي ذات جي لاءِ انتقام نہ وٺي پر شرعي حدود کان تجاوز ڪرڻ واري کي معاف نہ ڪري، ڇو تہ اهو الله جَلَّ جَلالُهُ جو حق آهي ۽ جڏهن الله جَلَّ جَلالُهُ ڪين اختيار ڏنو تہ ڪافرن کي قتل ڪن يا انهن کان جزيو وٺن تہ پاڻ جزيو وٺڻ اختيار ڪيائون تاريخ جي ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ احد جي جنگ ۾ جڏهن عتبہ ڪين پٿر هنيو ۽ سندن ڏند مبارڪ شهيد ٿيا، ۽ منهن مبارڪ رت سان ڀرجي ويو تہ بعض حاضرن ڪين عرض ڪيو تہ هن ايذائيندڙ کي بد دعا ڪيو تہ پاڻ دعا فرمايائون يا الله جَلَّ جَلالُهُ! منهنجي قوم کي هدايت ڪر هي اڻ واقف آهن. هڪ بدوي هڪ ڀيري سندن خدمت ۾ آيو ۽ سندن ڪنڌ مبارڪ ۾ چادر وجهي اهڙو سوڙهو ڪيو جو سندن ڪنڌ پاڪ تي ان جو نشان نهي بيٺو ۽ چوڻ لڳو تہ "منهنجن هنن اٺن تي ان جون ٻوريون ڀرائي رکرايو." اوهان پنهنجي يا پنهنجي والد جي مال مان تہ ڪونہ ٿا ڏيو. (گويا ائين پيو چوي تہ بيت المال جو مال جڻ اسان جو مال آهي) حضور ڪريم ﷺ جن ان کي فرمايو

تہ "جيستائين تون هن چادر کي ڇڪي تڪليف ڏيڻ جو حساب نہ ڏيندين. ان نہ ڏيندس. ان چيو تہ الله ﷻ جو قسم! مان اهو حساب نہ ڏيندس، حضرت نبي ڪريم ﷺ جن تبسم فرمائي رهيا هئا ۽ ان جي انن تي انُ لڏرائي ڇڏيو هيائون. " سوچڻ گهرجي تہ اسين حضور ڪريم ﷺ جا امتي سڏرايون ٿا سندن اتباع جي دعويٰ ڪيون ٿا پر جيڪڏهن ڪا ٿوري ڳالهہ بہ خودداري جي خلاف ٿئي ٿي يا ڪو ٿورو لفظ بہ چوي ٿو تہ ان کي پنهنجي وقار جي خلاف سمجهيو وڃي ٿو. اڳتي حديث ۾ آيو تہ "پاڻ ٻن امرن مان سولو امر اختيار ڪندا هئا. اهڙو ارشاد سندن ٻين حديثن ۾ بہ آيل آهي تہ سهولت اختيار نہ ڪرڻ ۽ خواه مخواه پاڻ کي تڪليفن ۾ وجهڻ حضور ڪريم ﷺ کي پسند نہ هو. (خصائل نبوي ص 308, جمع الوسائل ج 2 ص 158, اشرف الوسائل ص 5050, المواهب ص 583)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب الفضائل باب 20 مباعدته للآثام رقم الحديث 2327 ج 4 ص 1813 {2} **ابوالشيخ في اخلاق النبي** ﷺ ص 35 {3} **ابو داؤد في كتاب الادب باب 5 في التجاوز في الامر رقم الحديث 4785** ج 4 ص 250 {4} احمد في المسند ج 6 ص 116,115 {5} **مالك في** الموطا كتاب حسن الخلق باب 1 ماجاء في حسن الخلق رقم الحديث 2 ج 2 ص 902.

{351} حَدَّثَنَا ابْنُ أَبِي عُمَرَ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ، عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ الْمُنْكَدِرِ، عَنْ عُرْوَةَ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: اسْتَأْذَنَ رَجُلٌ عَلَى رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَأَنَا عِنْدَهُ، فَقَالَ: بِئْسَ ابْنُ الْعَشِيرَةِ أَوْ أَخُو الْعَشِيرَةِ، ثُمَّ أَذِنَ لَهُ، فَأَلَانَ لَهُ الْقَوْلَ، فَلَمَّا خَرَجَ قُلْتُ: يَا رَسُولَ اللهِ، قُلْتَ مَا قُلْتَ ثُمَّ أَلَنْتَ لَهُ الْقَوْلَ؟ فَقَالَ: يَا عَائِشَةُ، إِنَّ مِنْ شَرِّ النَّاسِ مَنْ تَرَكَهُ النَّاسُ أَوْ وَدَعَهُ النَّاسُ اتِّقَاءَ فُحْشِهِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ هڪڙي ماڻهو رسول الله ﷺ کان اندر (گهر) اچڻ جي اجازت گهري، ان وقت آءٌ بہ وٽن هيس. پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو: هي پنهنجي قبيلي جو برو اولاد يا بڇڙو ڀاءُ آهي پوءِ پاڻ ان کي اجازت ڏنائون. انهيءَ سان نرم گفتگو ڪيائون. جڏهن اهو ٻاهر هليو ويو تہ مون کين عرض ڪيو: يا رسول الله! ﷺ پهريان تہ اوهان جيڪي ان کي چوڻو هو سو چيو. ان کان پوءِ ان سان نرم گفتگو فرمايَوَ؟

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: اي عائشه صديقہ رضي الله عنها سيني ماڻهن ۾ خراب اهو آهي جنهن جي بد ڪلامي ۽ سختي جي خوف کان پاسو ڪندي ماڻهو انهيءَ سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏين.

مفردات جو شرح: " اِسْتَأْذَنَ " اجازت گهريائين استيئذان کان ورتل آهي، ان جي معنيٰ موڪل گهرڻ، اجازت طلب ڪرڻ آهي. "بِئْسَ" فعل ماضي (مذمت) جو صيغو آهي. برو آهي، مذمت جي لاءِ استعمال ٿيندو آهي. "آلَانَ " نرمي سان ڳالهہ ٻولهہ ڪيائون. الانة کان ورتل آهي نرم ڪرڻ، ملائم ڪرڻ. "فُحْش" بدڪلامي، بري ڳالهہ.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ آهي تہ "هڪ شخص رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جي لاءِ اجازت گهري، اهو شخص ڪير هو؟ هڪڙن جو چوڻ آهي تہ "اهو شخص عيينہ بن يحييٰ هو ۽ ان کي احمق مطاع چوندا هئا. بيوقوف جنهن جو چوڻ مڃيو وڃي. اهو جيتوڻيڪ اسلام جو اظهار ڪندو هو پر ڊانواڊول هوندو هو ۽ منافقي لڪايو ويٺو هوندو هو "ان جي لاءِ محبوب ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو:

"قبيلي جو بُرو پُٽ يا برو ڀاءُ آهي" "يا اهو راوي جو شڪ آهي تہ هيئن يا هيئن چيو هيائون." العشيرة" ان جي قبيلي جو نالو آهي. محبوب ڪريم ﷺ جن ان کي اچڻ جي اجازت ڏني ۽ ان سان انتهائي نرميءَ سان گفتگو ڪرڻ فرمائي تانت اهو مانوس رهي ۽ ان ۾ الفت پيدا ٿئي. ان جي دل ۾ اسلام جي سچي سڪ رهي ۽ پوري طرح اسلام ڏانهن رغبت ڪري هڪ سٺو انسان بنجي. اڳتي روايت ۾ آهي تہ جڏهن اهو اٿي ويو تہ ام المومنين سيده عائشه صديقه ﷞ کين عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ! اوهان ان جي حاضر ٿيڻ کان اڳي ان جي لاءِ سٺو ارشاد تہ نہ فرمايو هو ۽ جڏهن آيو تہ ان سان نهايت نرميءَ سان گفتگو ڪيوَ؟ تہ پاڻ فرمايائون "اي عائشا انسانن ۾ بد ترين انسان اهو آهي جنهن کي ان جي برائيءَ کان ڊڄي ماڻهو ڇڏي ڏين." محبوب ڪريم ﷺ جو ان شخص جي لاءِ اهو بيان ان جي لاءِ هو تہ ماڻهو ان جي شر کان محفوظ رهن ۽ ان تي اعتماد نہ ڪن ۽ وري نرميءَ سان ان کي ان جي ڪري پيش آيا تانت ان جي دل ۾ اسلام ڏانهن رغبت ۽ محبت پيدا ٿئي. پڪو مسلمان ٿيندو تہ اها خرابي ان مان نڪري ويندي ان جي ڪري علماء ڪرام فرمايو آهي تہ کليل فاسق جا عيب بيان ڪرڻ گلا ناهي. حديث پاڪ ۾ آهي تہ "فاجر جا عيب بيان ڪيو تہ ماڻهو ان کان بچن."

مسئلو: حضرت امام حسن ﷛ کان روايت آهي تہ ٽي شخص احترام جي قابل ناهن. (1) صاحب هوا (بد مذهب) (2) کليل فاسق (3) ظالم بادشاه. (حاشيہ نعيم الدين مراد آبادي، سورة الحجرات پ حم 26 مطبوعہ تاج ڪمپني) ۽ بعضي روايتن ۾ صراحت سان آيو آهي تہ اهو شخص مخرمة بن نوفل هو پر معتمد قول مٿيون آهي ۽ ان جا عيب بيان ڪرڻ گلا نہ پر امت جي خيرخواهي هئي ۽ ان جو دليل اهو آهي تہ اهو بعد ۾ مرتد ٿي ويو ۽ ان کي حضرت ابو بڪر صديق ﷛ وٽ قيدي ڪري وٺي آيا هئا. پوءِ مدينہ منوره جا ٻار ان کي مدينہ منوره جي گهٽين ۾ وڏي آواز سان هوهو ڪندا چوندا رهيا تہ "هي اهو آهي جيڪو دين کان خارج ٿي ويو آهي ۽ هي چوندو رهيو تہ "اوهان جو چاچو دين ۾ داخل ٿي نہ ٿيو هو جو هاڻي نڪري ويو آهي." پوءِ حبيب ڪريم ﷺ جن جيڪو ان جي لاءِ اڳي ارشاد فرمايو هو اهو سندن نبوت جي نشانين مان هڪ نشاني ۽ سندن معجزن مان هڪ معجزو هو چو تہ پاڻ غيبي ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪيو هيائون جيڪا اڃان واقع نہ ٿي هئي. پر پوءِ عيينہ ايمان قبول ڪري پڪو مسلمان ٿيو ۽ حضرت عمر فاروق ﷛ جي دور جي بعض فتوحات ۾ شريڪ ٿيو هو.

فائدو: هن حديث مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ ڪنهن سان دين جي لاءِ ۽ ان جي اصلاح لاءِ نرمي ڪرڻ، پيار سان پيش اچڻ مباح بلڪ مستحسن اهي تانجو بعض عالمن روايت ڪئي آهي تہ "مَنْ عَاشَ مُدارِيًا مَاتَ شَهِيْدًا" (جنهن ماڻهن سان نرمي ڪندي زندگي گذاري تہ شهيد ٿي مرندو) پر ديني امور ۾ سستي نہ ڪئي ويندي اها جائز ناهي ۽ انهن ٻنهي ۾ فرق هي آهي تہ "مداراة" چئبو آهي ديني اصلاح جي لاءِ مال خرچ ڪرڻ کي ۽ مداهنة چئبو آهي دين کي دنيا جي اصلاح جي لاءِ ڇڏڻ. جيئن امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر ان جي ڪري ڇڏي جو دين جي خلاف ڪم ڪندڙ ان کي دنيا مان ڪا شيءِ ڏيندو هجي. ۽ اهو هن دور ۾ گهڻو واقع ٿئي ٿو. "وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ" ۽ ام المومنين جيڪو ان جي اٿڻ کان پوءِ عرض ڪيو ان سان اهو راز معلوم ڪرڻ هو ۽ سندن ان سان اهو رويو ديني سياست ۽ امت جي مصلحت جي لاءِ هو. الغرض تہ الله ﷻ اسان جي نبي ڪريم ﷺ جن کي هر

شيءِ ۾ ڪامل بڻايو هو. ۽ ان ڪمال مان اهو ب هو ته جنهن مان دين يا امت کي نقصان جو امڪان هو ان کي پيار سان پيش اچي نرم بڻائي ڇڏيندا هئا. انهن کي مال به ڏيندا هئا. مرڪندڙ چهري سان پيش ايندا ب هئا اهو سڀ ڪجهه خلق تي شفقت ۽ امت گهٽي ڪرڻ جي لاءِ ڪندا هئا. بلاشڪ پاڻ رحمت وارا نبي ﷺ آهن .

فائدو : ڪنهن ڪنهن جي گلا ڪرڻ جائز آهي؟ علماء فرمايو ته : صحيح , شرعي دائري اندر رهندي صحيح مقصد جي لاءِ گلا ڪرڻ جائز آهي. (1) ظلم کان بچڻ جي لاءِ (2) ظالم جو ظلم بيان ڪري ان تي مدد وٺڻ لاءِ (3) برائي کي روڪڻ جي لاءِ (4) فتوي پڇڻ جي لاءِ. (5) فيصلو ڪرائڻ جي لاءِ (6) ماڻهن کي ان جي شر کان بچائڻ جي لاءِ (7) حديثن جي راوين تي جرح ڪرڻ جي لاءِ (8) حاڪم کي سندس هيٺان واري ڪم ڪندڙن جون غلطيون ٻڌائڻ جي لاءِ (9) فقيه عالم کي ڪنهن بد مذهب عالم وٽ ويندي ڏسي ان جي ان غلطي کي بيان ڪرڻ وغيره جي لاءِ. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 160، 161 المواهب ص 585، 586 ، انوار غوثيه ص 486 ، اشرف الوسائل ص 506)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب الادب باب 38 لم يكن النبي ﷺ فاحشا ولا متفحشا رقم الحديث 3132 ج 10 ص 452 {2} مسلم في كتاب البر والصلة والادب باب 22 رقم الحديث 2591 ج 4 ص 2002 {3} ابو داؤد في كتاب الادب باب 6 في حسن العشرة رقم الحديث 4791 ج 4 ص 251 {4} احمد في المسند ج 6 ص 38 {5} مالک في الموطا كتاب حسن الخلق باب 1 رقم الحديث 4 ج 2 ص 903 {6} البيهقي في الآداب رقم الحديث 223 ص 144.

{352} حَدَّثَنَا سُفْيَانُ بْنُ وَكِيعٍ قَالَ : حَدَّثَنَا جُمَيْعُ بْنُ عُمَرَ بْنِ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ الْعِجْلِيُّ قَالَ : أَنْبَأَنَا رَجُلٌ مِنْ بَنِي تَمِيمٍ مِنْ وَلَدِ أَبِي هَالَةَ زَوْجِ خَدِيجَةَ وَيُكْنَى أَبَا عَبْدِ اللهِ ، عَنِ ابْنٍ لِأَبِي هَالَةَ ، عَنِ الْحَسَنِ بْنِ عَلِيٍّ قَالَ : قَالَ الْحُسَيْنُ : سَأَلْتُ أَبِي ، عَنْ سِيرَةِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي جُلَسَائِهِ ، فَقَالَ : كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ دَائِمَ الْبِشْرِ ، سَهْلَ الْخُلُقِ ، لَيِّنَ الْجَانِبِ ، لَيْسَ بِفَظٍّ وَلَا غَلِيظٍ ، وَلَا صَخَّابٍ وَلَا فَحَّاشٍ ، وَلَا عَيَّابٍ وَلَا مُشَاحٍ ، يَتَغَافَلُ عَمَّا لَا يَشْتَهِي ، وَلَا يُؤْيِسُ مِنْهُ رَاجِيهِ وَلَا يُجِيبُ فِيهِ ، قَدْ تَرَكَ نَفْسَهُ مِنْ ثَلَاثٍ : الْمِرَاءِ وَالْإِكْثَارِ وَمَا لَا يَعْنِيهِ ، وَتَرَكَ النَّاسَ مِنْ ثَلَاثٍ كَانَ لَا يَذُمُّ أَحَدًا وَلَا يَعِيبُهُ ، وَلَا يَطْلُبُ عَوْرَتَهُ ، وَلَا يَتَكَلَّمُ إِلَّا فِيمَا رَجَا ثَوَابَهُ ، وَإِذَا تَكَلَّمَ أَطْرَقَ جُلَسَاؤُهُ كَأَنَّمَا عَلَى رُءُوسِهِمُ الطَّيْرُ ، فَإِذَا سَكَتَ تَكَلَّمُوا لَا يَتَنَازَعُونَ عِنْدَهُ الْحَدِيثَ ، وَمَنْ تَكَلَّمَ عِنْدَهُ أَنْصَتُوا لَهُ حَتَّى يَفْرُغَ ، حَدِيثُهُمْ عِنْدَهُ حَدِيثُ أَوَّلِهِمْ ، يَضْحَكُ مِمَّا يَضْحَكُونَ مِنْهُ ، وَيَتَعَجَّبُ مِمَّا يَتَعَجَّبُونَ مِنْهُ ، وَيَصْبِرُ لِلْغَرِيبِ عَلَى الْجَفْوَةِ فِي مَنْطِقِهِ وَمَسْأَلَتِهِ حَتَّى إِنْ كَانَ أَصْحَابُهُ لَيَسْتَجْلِبُونَهُمْ وَيَقُولُ إِذَا رَأَيْتُمْ طَالِبَ حَاجَةٍ يَطْلُبُهَا فَأَرْفِدُوهُ ، وَلَا يَقْبَلُ الثَّنَاءَ إِلَّا مِنْ مُكَافِئٍ وَلَا يَقْطَعُ عَلَى أَحَدٍ حَدِيثَهُ حَتَّى يَجُوزَ فَيَقْطَعُهُ بِنَهْيٍ أَوْ قِيَامٍ فقط.

بامحاوره ترجمو: حضرت حسن بن علي ﷺ کان روايت آهي ته حضرت امام حسين ﷺ پنهنجي والد سڳوري ﷺ کان رسول الله ﷺ بابت پڇيو ته پاڻ ڪريمن جو طور طريقو ۽ اخلاق پنهنجن ساٿين يا اصحابن سان ڪهڙو هو؟

حضرت علي ﷺ چيو ته رسول الله ﷺ هميشه کليل چهري، نرم طبيعت ۽ نرم مزاج هوندا هئا. پاڻ نه سخت طبيعت، نه سخت دل، نه گوڙ شور ڪندڙ نه عيب ڪيندڙ ۽ نه ڪي بخيل يا حرص ڪندڙ

هئا. جيڪي نہ وڻندو هو ان کان بي توجهي ڪندا هئا. پر ٻئي کي بہ ان کان مايوس نہ ڪندا هئا. پاڻ ان جي دعوت قبول نہ ڪندا هئا يا ان اڻ وڻندڙ شيءِ ۾ وعدو نہ ڪندا ٽن شين کان پاڻ کي بچايو هئائون جهيڙو جهڳڙو تڪبر وڏائي بي فائدو ڳالهائڻ ۽ ماڻهن کي بہ هنن ٽن ڳالهين کان جهليو هئائون. ڪنهن کي برو ٻچڙو نہ چوندا هئا. ڪنهن جو عيب نہ ڪڍندا هئا ۽ ڪنهن کي بہ عيب نہ لڳائيندا هئا.

پاڻ سڳورا ﷺ ڳالهہ اها ڪندا هئا جنهن ۾ ثواب جي اميد هوندي هين. جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ ڳالهائيندا هئا تہ حاضرين مجلس ادب سان ڪنڌ جهڪائي ويهندا هئا. ڄڻ تہ سندن مٿي تي پکي ويٺا آهن.

پاڻ سڳورا ﷺ ماٺ ڪندا هئا تہ مجلس وارا پوءِ ڳالهائيندا هئا. سندن آڏو ڪنهن ڳالهہ ۾ بحث يا جهڳڙو نہ ڪندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ وٽ اجازت سان جيڪو بہ ڳالهائيندو هو تہ ٻيا ان لاءِ خاموش رهندا هئا. جيسين اهو بس ڪري. انهن سڀني ماڻهن جي ڳالهہ حضور ڪريم ﷺ جن وٽ پهرين ماڻهو جي ڳالهہ وانگر اهميت رکندي هئي يعني سڀني جي ڳالهہ هڪجهڙي توجهہ سان ٻڌندا هئا. جنهن ڳالهہ تان ٻيا کلندا هئا. تہ پاڻ بہ مرڪندا هئا. جنهن ڳالهہ تي ٻيا اچرج کائيندا هئا. تہ پاڻ بہ تعجب ڪندا هئا. اڻ واقف يا مسافر ماڻهو جي سخت گفتار تي ۽ ان جي اجائي سوال تي صبر ڪندا هئا. ايتريقدر جو سندن اصحابي (حضور ڪريم ﷺ جن جي ڪچهري ۾) انهن مسافرن کي وٺي ايندا هئا. (تہ اهي اڻ واقف مسافر پلي ڳالهيون پڇن. تہ اسان فائدو پرايون. يا پاڻ سڳورن ﷺ جو صبر ۽ اخلاق ڏسي، ڪلمو پڙهي مسلمان ٿين.)

پاڻ سڳورا ﷺ فرمائيندا هئا تہ جڏهن توهان ڪنهن حاجتمند کي ڏسو، جو ڪجهہ گهري ٿو تہ ان سان جاني ۽ مالي مدد ڪريو پاڻ احسانمند کان سواءِ ٻئي جي ساراهہ نہ قبوليندا هئا ۽ تيستائين ڪنهن جي ڳالهہ کي نہ ڪٽيندا هئا. جيستائين حد کان ٽپي وڃي. پوءِ ان کي روڪيندا هئا يا اٿي هليا ويندا هئا.

مفردات جو شرح: "دَامَ" هميشہ هو. هن جو ماضي. مضارع دام يدوم. يدام آيل آهي ۽ هن جي مصدر دوما. دواما ۽ دومة آيل آهي هي مصدر هميشہ رهڻ ۽ ثابت هجڻ جي معنيٰ ۾ ايندي آهي. "البشرُ" زير سان مرڪندڙ چهره سان ملڻ. بشاشت "فَظّ" سخت ڪلام. بد خلق. "غليظ" غلظا. غلظة ۽ غلظة هن جي مصدر آهي. ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي وڃڻ. سخت هجڻ. تيز طبيعت "عَيَّاب" گهڻا عيب لڳائيندڙ "مُشَاحٍ" بخيل يا حريص. شح کان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ حرص ڪرڻ. بخيلي ڪرڻ. لالچ ڪرڻ ايندي آهي. مُشَاحٍ مفاعله جي باب کان آهي. جنهن جي معنيٰ آهي مايوس ڪرڻ نا اميد ڪرڻ. "الاڪبار" تڪبر ڪرڻ غرور ڪرڻ. "اطرَق" خاموش هوندا هئا. چپ هوندا هئا. (الاطراق کان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي بلڪل خاموش هجڻ. نگاهہ جهڪائي زمين ڏانهن نهارڻ. "النهاية" ۾ آهي تہ "الاطراق ان يقبل ببصره الى صدره ويسكت ساكتا" الاطراق جي معنيٰ آهي سيني جي طرف ڏسڻ. بلڪل خاموش هجڻ "اَنْصِتُوا لَهٗ" انصتوا. الانصات کان ورتل آهي هن جو صلو جيڪڏهن له ايندو تہ خاموش ڪرڻ جي معنيٰ ۾ هوندو آهي "الغريب" مسافر وطن کا پري اجنبي "جَفوةٌ" جفاء ۽ جفوة بہ ايندو هن جي معنيٰ بي مروت هجڻ پري هجڻ. بي ادب هجڻ. آرام نہ ڪرڻ ۽ سخت هجڻ آهي.

"يستجلبونَ" اهي وٺي ايندا هئا. هن جي مصدر جلب آهي هڪلڻ، هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تي وٺي وڃڻ، وغيره وغيره "ارفدو" الارفاد کان ورتل آهي هن جي معنيٰ آهي عطا ڪرڻ، ڏيڻ ۽ مدد ڪرڻ، الاعطاء والاعانة "مکافي" مکافاة مصدر کان ورتل آهي، معنيٰ بدلو ڏيڻ، برابر هجڻ، ڪنهن جي تاڙ ۾ رهڻ، مقابل هجڻ ۽ دفع ڪرڻ.

سمجهاڻي: هي روايت حضرت امام حسين رضي الله عنه بيان فرمائي جنهن ۾ مذڪور آهي ته پاڻ پنهنجي والد ڪريم حضرت علي رضي الله عنه کان محبوب ڪريم ﷺ جن جو سندن ذات سان گڏ رهندڙن سان رويي جي باري ۾ پڇيو ۽ ان اهو بيان ڪيو. سيدنا علي رضي الله عنه فرمايو ته: پاڻ نهايت نرم طبيعت، نرم مزاج ۽ سهڻي اخلاق وارا هئا. مطلب ته پاڻ پنهنجي مجلس ۾ ويهندڙن تي به وڏا مهربان هوندا هئا. اهڙي عجيب انداز سان ڳالهائيندا هئا جو نفرتون ميٽجي ويندڙيون هيون. ميل ميلاپ ۽ محبت وڌندي هئي. تمام گهڻو حليم ۽ بردبار هئا ان جي ڪري جيڪڏهن ڪنهن کي ڪنهن معاملي ۾ سندن راءِ مبارڪ جي موافقت حاصل ڪرڻ جي ضرورت پوندي هئي ته سهولت ۽ آسانيءَ سان اها حاصل ڪري وٺندو هو سندن اهي ڪريمانه اخلاق هوندا هئا جن ۾ ڪنهن به قسم جي سختي نه هوندي هئي. ڪنهن به شخص کي پاڻ ڪڏهن ڪا تڪليف نه پهچائيندا هئا ۽ نه ڪنهن کي ڪا تڪليف ڏيڻ يا ڪنهن مصيبت ۾ ڦاسائڻ جو سبب بنجندا هئا سندن چهرو مبارڪ سدائين مهڪندڙ هوندو هو.

سوال: هڪ روايت ۾ آيو آهي ته پاڻ هميشه غمگين رهندا هئا؟

جواب: اهو آخرت جي سختين کي امت جي لاءِ سوچي ڪندا هئا. دنيا جي ڪنهن مطلوب حاصل نه ٿيڻ يا دنياوي امور مان ڪنهن شيءِ نه ملڻ جي ڪري نه هوندو هو. جيئن دنيادارن جو طريقو هوندو آهي. پاڻ اخلاق جا سولا، سهڻا ۽ گهڻا جلد مهربان ۽ گهڻو لطف ڪندڙ هوندا هئا سندن وجود ۾ سڪون، وقار، خشوع ۽ خضوع هوندو هو. ۽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي هنن ٻن صفتن "سهل الخلق، لين الجانب" جو بيان مدح جو مقام، تاڪيد ۽ مبالغي جي لاءِ آهي. الله جل جلاله جو فرمان آهي:

"فَبِمَا رَحْمَةٍ مِّنَ اللهِ لِنتَ لَهُمْ وَلَوْ كُنتَ فَظًّا غَلِيظَ الْقَلْبِ لَانفَضُّوا مِنْ حَوْلِكَ" (سورة آل عمران آيت 159)

(هي الله جل جلاله جي طرفان رحمت آهي جو اوهان انهن جي لاءِ نرم آهيو جيڪڏهن اوهان تيز مزاج، سخت دل وارا هجو ها ته پريشان ٿي ٻجن ها اوهان جي چئن ئي طرفن کان)

نبي ڪريم ﷺ جي مزاج مبارڪ ۽ طبيعت شريف ڪمال درجي واري مهربان ۽ انتهائي رافت ۽ رحمت جو مظهر هئي جو پنهنجن وڏن کان وڏن دشمنن تي به غضب نه فرمايائون ۽ انهن کي هميشه معاف ڪيائون. ۽ هيءُ سندن صفت "سَهْلُ الْخُلُقِ" لفظ مان به معلوم ٿي رهي هئي پر ان کي وري به "لَيْسَ بِفَظٍّ وَلَا غَلِيظٍ" سان تاڪيد ڪيو ويو تانت مدح ۾ مبالغو هجي. "وَلَا سَخَّابٍ وَلَا فَحَّاشٍ وَلَا عَيَّابٍ وَلَا مُشَّاحٍ" (پاڻ نه شور ڪندڙ هئا ۽ نه فحش گفتگو ڪندڙ هئا. ۽ نه عيب ڪيندڙ ۽ نه بخيل هئا. مطلب ته انهن عيبن کان پاڪ هئا. پاڻ فحش ڪلام کان روڪيندي فرمايائون ته " لَا تَقُوْلُوْا ذَالِكَ فَاِنَّ اللهَ لَا يُحِبُّ الْفُحْشَ وَلَا التَّفَاحُشَ" (اهي فحش گفتا نه ڳالهايو پوءِ بلاشڪ الله جل جلاله فحش ۽ تفاحش کي پسند نه ٿو ڪري ۽ پاڻ کاڌي پيتي جي شين مان به عيب نه ڪيندا هئا جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جي کائڻ جي اشتها هوندي هئي ته کائيندا هئا ۽ جيڪڏهن نه ته نه کائيندا هئا. پر ائين نه چوندا هئا. ته

کارو آيا کتو آيا سنو ناهي ۽ ڪاڏي جي شين جي هرويرو مدح به نه ڪندا هئا ڇوته اهو نفس جو حظ ۽ حصو آهي پر اهو سڀ ڪجهه حلال شين ۾ پر حرام جي خرابي, قباحت ۽ برائي بيان ڪندا هئا.
مسئلو: علماء عظام هن مان هي مسئلو ثابت ڪيو آهي ته حلال طعام جي آداب مان هي آهي ته: ان جو عيب نه ڪڍيو وڃي ۽ پاڻ حرص ۽ بخل جي هر قسم کان پاڪ هئا. ڇوته پاڻ ڪريم ۽ جواد هئا پاڻ جنهن قول ۽ فعل کي الله ﷻ جي توفيق ڏيڻ سان سهڻو نه سمجهندا هئا. ان کان بي توجهه ٿيندا هئا ۽ ٻين کي ان کان نا اميد نه ڪندا هئا. ۽ پنهنجي ڪرم سان سندن وجود ۾ اميد رکندڙ کي به مايوس نه ڪندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪين ان غير متوجهه شيءِ ڏانهن ڪو دعوت ڏيندو هو ته پاڻ اها قبول نه ڪندا هئا. بلڪه دعوت ڏيندڙ کي آسانيءَ سان مطمئن ڪري ڇڏيندا هئا. ۽ هن جي هيءَ به معني ڪئي وئي آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن دنيا جي نالن کي پسند نه ڪندا هئا ۽ ٻين کي محروم ۽ نا اميد نه ڪندا هئا بلڪه انهن کي عطا ڪندا هئا. هي مراد تڏهن آهي جڏهن "من" جو ضمير "مالا يشتهي" ڏانهن ورايو وڃي ۽ جيڪڏهن اهو حضور ڪريم ﷺ جن ڏانهن ورايو ويندو ته پوءِ معني ٿيندي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي ڪرم ۽ بخشش سان ڪنهن کي مايوس نه ڪندا هئا. "ولا يُجيب فيه" جي هيءَ معني به ڪئي اٿن ته: ان سلسلي ۾ ڪنهن جي ڳالهه کي قبول نه به ڪندا هئا ڇوته پاڻ غير جا تابع ناهن ۽ نه سندن شان جي مناسب آهي ته ڪنهن ٻئي جي اتباع ڪن. ۽ هڪ نسخي ۾ ولا يجيب جي جاءِ تي "وَلَا يخيبُ" آيو آهي پوءِ مراد ٿيندي ته سندن ذات عالي صفات ۾ دنيا ۽ آخرت جي امور مان ڪنهن شيءِ جي اميد رکندڙ محروم نه ويندو آهي ان جو مطلوب ان کي حاصل ٿيندو آهي ۽ بعضي روايتن ۾ نفي جي لا کان سواءِ آيو آهي "يَتَغَافَلُ عَمَّا يَشْتَهِي" ان جي معني آهي ته جنهن طعام جي ڪين اشتهاء هوندي هئي ان جي حاصل ڪرڻ جي لاءِ به تڪليف نه ڪندا هئا. جيئن ام المومنين سيده عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي ته "پنهنجي اهل کان به ڪاڌو نه گهرندا هئا ۽ نه اشتها ڪيل شيءِ جو ذڪر ڪندا هئا جيڪڏهن ڪين ڪاڌو ڏيندا هئا ته کائيندا هئا ۽ جيڪو ڏيندا هئا اهو قبول ڪندا هئا. تَرَكَ نَفْسَه مِنْ ثَلَاثٍ" هي ترڪ منع جي معني ۾ آهي, يعني پاڻ ٽن خصلتن جي ذڪر کان منع ڪندا هئا اهي ٽئي ماڻهن جي احوال سان متعلق آهن. هرويرو جهڳڙو ڪرڻ, جيئن سندن فرمان آهي "مَنْ تَرَكَ الْمِرَاءَ وَهُوَ مُحِقٌّ بَنَى اللهُ لَه بَيْتًا فِي رَبَضِ الْجَنَّةِ" جنهن پنهنجي حق جي لاءِ به جهڳڙو نه ڪيو ته الله ﷻ ان جي لاءِ جنت جي وچ ۾ گهر ناهيندو ۽ هڪ روايت ۾ "المراء" جي بجاءِ "الرياء" لفظ آيو آهي ۽ اهو هي آهي ته ماڻهن جي ڏيکارڻ جي لاءِ عمل ڪري ۽ گهڻو ڳالهائڻ يا گهڻو مال گڏ ڪرڻ ڇڏي ڏنو هيائون. ۽ هڪ نسخي ۾ "الاڪثار" جي جاءِ تي "الاڪبار" باء سان آيو آهي. ان جي مراد آهي ته پاڻ پنهنجي ذات جي وڏائي بيان ڪرڻ کان روڪي ڇڏيائون ۽ ان مان مراد باطل سان وڏائي بيان ڪرڻ آهي پر الله ﷻ جي عطا ڪيل نعمتن جي اظهار بيان ڪرڻ ۾ ڪا به قباحت ناهي جيئن محبوب ڪريم ﷺ جو فرمان آهي "اَنَا سَيِّدُ وُلْدِ آدَمَ وَلَا فَخْرَ" (مان آدم عليه السلام جي اولاد جو سردار آهيان ۽ فخر ناهي) ۽ پاڻ غير ضروري ۽ بي مقصد ڳالهيون نه ڪندا هئا. "جيڪي دين ۽ دنيا جي اهم امور مان نه هونديون هيون. جيئن سندن فرمان عاليشان آهي "مِنْ حُسْنِ اِسْلَامِ الْمَرْءِ تَرْكُه مَالَا يَعْنِيْهِ" مڙس جي اسلام قبول ڪرڻ جي سونهن هي آهي ته غير ضروري ڪم نه ڪري ۽ الله ﷻ جو به فرمان

آهي "وَالَّذِيْنَ هُمْ عَنِ اللَّغْوِ مُعْرِضُوْنَ" (۽ جيڪي اجاين ڳالهين کان منهن موڙيندڙ آهن) ۽ علامہ علي القاري لکيو آهي تہ محبوب ڪريم ﷺ جن جو ڪنهن سان جهڳڙو نہ ڪرڻ عام هو.

سوال: قرآن ڪريم ۾ الله جل جلاله جو فرمان آهي تہ "وَجَادِلْهُمْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ" (سورة نحل آيت 125) (۽ انهن سان سهڻي طريقي سان جهيڙو ڪيو)

جواب: اهو اعتراض آيت مبارڪ جي صحيح نہ سمجهڻ جي ڪري آهي هن جو مطلب آهي تہ جيڪي سرڪش دين کي نہ ٿا مڃين انهن سان احسن طريقي رفق, نرمي, مرڪندڙ چهري سان دليل ڏئي جهيڙو ڪيو اهو انهن جي دل واري باهہ وسائڻ ۽ طبيعت کي نرم بنائڻ ۾ وڌيڪ نفعو ڏيندڙ آهي حضرت حبيب ڪريم ﷺ جتي پنهنجا فضائل بيان ڪيا آهن اهي الله جل جلاله جي نعمت کي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ آهن فخر ۽ غرور جي لاءِ ناهن ۽ پاڻ ﷺ جن روبرو ڪنهن کي مذمت نہ ڪندا هئا. ان جا عيب کولي ان جي اڳيان نہ رکندا هئا ۽ نہ ڪنهن جا پرپٺ عيب بيان ڪري ڳلا ڪندا هئا. ۽ اختياري, مباح امور ۾ خلقتي, فطرتي شين مثال طور جو ننڍو وڏو هجڻ ڪارو وغيره هجڻ ان کي بہ ڪنهن جي لاءِ عيب طور ذڪر نہ ڪندا هئا. ۽ پاڻ ڪنهن جا عيب تلاش نہ ڪندا هئا. ۽ بي فائدو گفتگو جي بجاءِ الله جل جلاله جي بارگاهہ مان جنهن گفتگو تي ثواب ملي اها گفتگو ڪندا هئا. سندن محفل ۽ مجلس ۾ موجود رهڻ وارا سندن ايترو ادب ۽ احترام ڪندا هئا جو جڏهن پاڻ ڳالهائيندا هئا تہ اهي مٿا جهڪائي اکيون پنهنجن سينن تي رکندا هئا ۽ صفا خاموش تي ويندا هئا. اهڙو انهن جو عجيب انداز هوندو هو جو ڄڻ سندن مٿن تي پکي ويٺل آهن ڪنڌ کي ڏونڻ يا لوڏي ڏيڻ سان اڏامي نہ وڃن ۽ جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ خاموش ٿيندا هئا تڏهن اصحابي سڀورا رضي الله عنهم ڪو عرض ڪندا هئا. سندن گفتگو جي دوران ڪجهہ نہ ڳالهائيندا هئا سندن حضور ۾ ويٺل هوندا هئا تہ پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ڳالهہ ٻولهہ , سندن حديثون بہ هڪ ٻئي کان نہ پڇندا هئا. ۽ سندن خدمت ۾ جيڪڏهن ڪو عرض ڪندو هو تہ ٻيا صحابي جلدي چپ تي ويندا هئا. تانجو هو ڳالهائي فارغ ٿئي. جيڪو سندن خدمت اقدس ۾ اول عرض ڪندو هو تہ اول ان جي ٻڌندا هئا ۽ هڪ قول آهي تہ "جيڪو دين ۾ افضل ۽ اڳي هوندو هو ان جي ڳالهہ اول ٻڌي ويندي هئي ۽ هي بہ احتمال آهي تہ جيڪو سندن خدمت ۾ اول پهچندو هو ان جي ڳالهہ اول ٻڌي ويندي هئي. جيئن علماء مدرسين ۽ فتويٰ ڏيندڙن مفتين جو نظام هوندو هو ۽ اهو بہ احتمال آهي تہ اسلام ۽ هجرت ۾ جيڪو اڳي هوندو هو ان جي ڳالهہ اول ٻڌي ويندي هئي. ۽ جنهن ڳالهہ تي اصحابي رضي الله عهنم کلندا هئا تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن بہ ان تي کلندا (تبسم فرمائيندا هئا) جيڪڏهن اصحابي سڀورا رضي الله عنهم ڪنهن ڳالهہ تي عجب ڪائيندا, حيرت ۾ پوندا هئا تہ پاڻ بہ ان تي عجب ڪائيندا هئا. گوياڪ هي سندن امر تي عمل جو اظهار هو جو پاڻ فرمايو اٿن. "مَا رَآهُ الْمُسْلِمُوْنَ حَسَنًا فَهُوَ عِنْدَ اللهِ حَسَنٌ" (جنهن ڪم کي مسلمان سهڻو ڏسن (سهڻو ٿا سمجهن) اهو الله جل جلاله وٽ بہ سهڻو آهي) ۽ پاڻ غريب جي حال جي رعايت ڪندي ان جي جفا, سختي ۽ بي ادبي کي برداشت ڪري صبر ڪندا هئا. ان جي ڳالهائڻ ۽ سوال ڪرڻ ۾ بي ڍنگي ۽ ادب جي لحاظ نہ ڪرڻ جي باوجود ان سان محبت ۽ پيار سان پيش ايندا هئا. سندن اصحاب سڀورا عليهم الرضوان انهن غريبن جي آمد جي سندن دربار دُربار ۾ اچڻ جي تمنا رکندا هئا تانت اهي سوال ڪن ۽

هي انهن جا جواب ٻڌي تعليم ۽ مسائل سکڻ ۾ ترقي ڪن ڇوته صحابي سڳورن رضي الله عنهم کي گهڻا سوال ڪرڻ جي اجازت نه هئي. جيئن حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان مرفوع روايت ۾ آيو آهي ته "مَا نَهَيْتُكُمْ عَنْهُ فَاجْتَنِبُوْهُ وَمَا اَمَرْتُكُمْ بِهٖ فَافْعَلُوْا مِنْهُ مَا اسْتَطَعْتُمْ فَاِنَّمَا اَهْلَكَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ كَثْرَةُ مَسَائِلِهِمْ وَاخْتِلَافُهُمْ عَلٰى اَنْبِيَاءِهِمْ" (مان اوهان کي جنهن ڪم کان جهليان ان کان پاسو ڪيو ۽ جيڪو اوهان کي امر ڪيان اهو جيتريقدر ڪري سگهو ادا ڪيو. بلاشڪ اهي قومون جيڪي اوهان کان اڳي هيون انهن کي سندن نبين (عليهم السلام) کان گهڻن سوالن ۽ اختلافن هلاڪ ڪري ڇڏيو هو.) پاڻ فرمائيندا هئا ته "جڏهن ڪنهن حاجت جي طلب ڪندڙ کي ڏسو (پوءِ اها ديني هجي يا دنياوي) ته ان ۾ ان جي مدد ڪيو ۽ پاڻ پنهنجي ذات جي متعلق حد کان وڌندڙ يا تجاوز ڪندڙ جي ثنا ڪرڻ به قبول نه ڪندا هئا.

ثنا ۾ تجاوز: ثناء ڪرڻ ۾ به حد کان تجاوز نه ڪجي جيئن نصارن ڪيو هو. علامه بوصيري به فرمايو:

دَعْ مَا ادَّعَتْهُ النَّصَارٰى فِيْ نَبِيِّهِمِ
وَاحْكُمْ بِمَا شِئْتَ فِيْهِ مَدْحًا وَاحْتَكِمِ

جيڪو ڪجهه نصارن پنهنجي نبي (حضرت عيسيٰ عليه السلام جي متعلق) دعوائون ڪيون اهي ڇڏي ڏي ۽ باقي سندن مدح ۾ جيڪو گهرين فيصلو ڏيندو رهه يعني الوهيت واري دعويٰ ڪفر آهي اها نه ڪر. ۽ حبيب ڪريم ﷺ جي لاءِ اهڙي ڳالهه به نه ڪجي جيڪا سندن ارفع ۽ اعليٰ مقام جي مناسب ناهي. سندن مقام کي گهٽ ڪري پيش ڪرڻ به منع آهي. سندن فرمان اڳي مذڪور ٿي چڪو آهي ته "لَا تُطْرُوْنِيْ كَمَا اَطْرَتِ النَّصَارٰى عِيْسٰى ابْنَ مَرْيَمَ وَلٰكِنْ قُوْلُوْا عَبْدُ اللهِ وَرَسُوْلُهٗ" (مون کي اهڙو وڌائي بيان نه ڪيو جيئن نصارن عيسيٰ بن مريم کي وڌائي پيش ڪيو هو. پر الله جل جلاله جو ٻانهو ۽ ان جو رسول چئو." علامه علي القاري لکيو آهي ته "حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن کي الله جل جلاله جو نبي ۽ رسول چوڻ اهڙي مدح آهي جنهن ۾ سندن شان جو جامع ۽ اصل وجهه آهي ۽ هڪ قول آهي ته هن حديث ۾ جيڪو بيان ٿي چڪو آهي ته "پاڻ ثناء ان کان قبول ڪندا هئا جيڪو مڪافي، حد ۾ رهندي ثناء ڪندو هو." ان مان مراد آهي ته " پاڻ ثناء ان جي قبول ڪندا هئا جنهن جي پڪي مسلمان هجڻ سان گڏ ان جي اخلاص ۽ دلي محبت کي به ڄاڻندا هئا جنهن جي صرف زباني محبت نه هوندي هئي پر پڪو پروانو ۽ سچو شيدائي هوندو هو يا ان مان مراد آهي ته "جيڪو سندن باري ۾ چوندو هو ته "پاڻ اهل ڪرم ۽ جود آهن سندن جهڙو موجودات ۾ ڪير ناهي پوءِ جيڪڏهن پاڻ ان تي ظاهري انعام يا احسان ڪيو هوندائون ته ان جي اها ثناء قبول ڪندا هئا نه ته ان ڏانهن توجهه نه ڏيندا هئا. ۽ علامه ابن حجر هيتمي مڪي لکيو آهي ته ڪو به سندن انعام ۽ احسان کان خالي ناهي ان جي ڪري هر مومن، مسلمان تي سندن ثناء ڪرڻ فرض عين آهي ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪنهن جي ڳالهه کي جيستائين (شرعي حد کان) تجاوز نه ڪري نه ڪٽيندا هئا. ها جيڪڏهن ڪو حد کان تجاوز ڪندو هو ته ان کي يا روڪيندا هئا يا ان مجلس مان اٿي ويندا هئا ۽ علامه ابن حجر هيتمي مڪي هن حديث جي شرح ۾ لکيو آهي ته: صحابه ڪرام عليهم الرضوان سندن خدمت ۾ ڪنڌ جهڪائي ويهندا هئا ڇوته انهن جي مٿان سندن ذات پاڪ ۾ جيڪا وحي جي نزول جي ڪري هيبت هوندي هئي غالب رهندي هئي ۽

سندن محبت ۾ مدهوش هوندا هئا.[1] ۽ جڏهن پاڻ ڳالهائيندا هئا ته صحابه ڪرام عليهم الرضوان سندن مرتبي جي ڪمال، شان، اجلال، هيبت کي ذهن ۾ رکندي خاموش رهندي سندن اخلاق سان پاڻ کي سينگاريندا هئا. سندن ڪمال جي نهايت، عظيم خلق، رفق، لطف، علم، صبر، عفو درگذر ڪرڻ، شفقت، رافت ۽ رحمت ايتري هئي جنهن جو ڳاڻاٽو نه ٿو ڪري سگهجي. صحابه ڪرام عليهم الرضوان سندن خدمت ۾ همه تن، ڪنڌ جهڪائي مراقبي جي صورت ۾ سندن نظرِ فيض اثر ۽ توجهاتِ عظيم مان مستفيد ٿيندا رهندا هئا ۽ سندن انوار ۽ تجليات کان پنهنجن سينن کي منور ڪندا رهندا هئا. ۽ سندن خدمت اقدس جو ادب ڪندي سندن ارشادات کي دل سان ٻڌندي صفا خاموش رهندا هئا سندن ڪلام دُرر نظام جي پوري ٿيڻ کان پوءِ پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ضرورت آهر ڳالهائيندا هئا ۽ سندن خدمت اقدس ۾ به عرض ڪندا هئا. سندن ادب ڪرڻ ۾ ڪا ڪمي ۽ ڪوتاهي نه ڪندا هئا جو حبيب ڪريم ﷺ جي پاڪ دل ۾ تشويش جو باعث بنجي ۽ اهو به انهن کي يقين هو ته سندن بي ادبي دنيا ۽ آخرت ٻنهي جي تباهي ۽ بربادي جو باعث آهي سندن محفل جي آداب جو خيال ڪندي جيڪڏهن ڪا ڳالهه شروع هوندي هئي ته ٻيا وچ ۾ نه ڳالهائيندا هئا ڇوته محبوب پاڪ ﷺ جن هر عرض ڪندڙ جو عرض نهايت غور ۽ همدردي سان ٻڌندا هئا ڪنهن جي عرض کي بي توجهي ۽ بي قدري جي نظر سان نه ڏسندا هئا جيئن دنيا جا وڏا ماڻهو مسڪين ۽ غريب جي ڳالهه ڏانهن توجهه نه ڏيندا آهن. سندن قطعًا اها عادت نه هوندي هئي بلڪه هر عرض گذار سمجهندو هو ته پاڻ ان تي سڀني کان وڌيڪ مهربان ۽ شفيق آهن ۽ ان کي ئي اوليت ملي رهي آهي جيڪڏهن سندن محفل جي آداب ۾ ڪو ڪوتاهي ڪندو هو ته ان کي معاف ڪندا هئا. ۽ ڪريمانه ۽ عمده اخلاق جي صاحب هجڻ جي ڪري ان جي ان ڪوتاهيءَ کان درگذر ڪندا هئا. هن روايت ۾ جيڪو آيو ته پاڻ جيڪڏهن ڪنهن تي احسان نه ڪندا هئا ته ان جي ثنا قبول نه ڪندا هئا ان مان شرعي حدود کان ٻاهر واري ثنا آهي.

علامه ابن الانباري فرمايو ته: نبي ڪريم ﷺ جو احسان ساري ڪائنات تي آهي ۽ سندن ثنا ڪرڻ اهڙو فرض آهي جنهن کان سواءِ اسلام پورو ۽ ايمان ڪامل نه ٿو رهي سندن برداشت جو هڪ واقعو محدث بيهقي آندو آهي ته: ذوالخويصرة التميمي کين چيو ته "اِعدِل" عدل ڪيو ته پاڻ ان کي فرمايائون "جيڪڏهن مان عدل نه ڪندس ته ڪير عدل ڪندو" مان ان وقت نقصان ۽ خساري ۾ هوندس." حضرت عمر فاروق رضي الله عنه ان وقت فرمايو ته "يا رسول الله ﷺ! مون کي اجازت ڏيو ته مان هن جي سر کي ڌڙ کان تلوار سان ڌار ڪيان؟ ته پاڻ فرمايائون "ڇڏي ڏيس" (۽ اسلام قبول ڪرڻ کان اڳي حصين (صاد سان) نالي شخص کين چيو ته: اوهان جو ڏاڏو (عبدالمطلب) ته پنهنجي قوم کي اٽ گُهي ڪارائيندو هو ۽ اوهان ان قوم کي قتل ڪيو پيا؟ ته پاڻ ان کي جواب ۾ فرمايائون "ماشاءَ الله" جيڪو الله گهريو. پاڻ اهڙن اخلاقن جي رغبت ڏياريندي فرمايو اٿن. "اِنَّ الْمُؤمِنَ الَّذِیْ یُخَالِطُ النَّاسَ

---

(1) محمد ادريس هن شرح جي پڙهندڙن جي خدمت ۾ عرض گذار آهي ته صحابه ڪرام عليهم الرضوان حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي محبت ۾ مدهوش رهندا هئا ۽ هن دور ۾ ڪي علم جا دعويدار آقا ﷺ جي محبت ۽ عشق کي شرڪ قرار ڏئي روڪيندا رهن ٿا افسوس صد افسوس.

وَيَصْبِرُ عَلٰى اَذَاهُمْ اَفْضَلُ" بلاشڪ جيڪو مومن ماڻهن سان ميل جول رکي ٿو ۽ انهن جي ايذاء تي صبر ڪري ٿو يلو آهي.

فائدو: هيءَ حديث گذريل باب جي ستين حديث جو ٽڪرو آهي مفصل روايت جنهن ۾ حضرت امام حسين ﷺ جي سيني سوالن جو جواب آهي جمع الفوائد ۽ شفاء قاضي عياض ۾ موجود آهي محدث ترمذي مختلف بابن جي مناسبت سان هن حديث کي ڪيترن بابن ۾ ٿورو ٿورو ڪري ذڪر ڪيو آهي. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ص 161, 166 ج 2, المواهب ص 587, 593, انوار غوثيه اشرف الوسائل ص 507, 511 ج 2, خصائل نبوي ص 312)

{353} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمٰنِ بْنُ مَهْدِيٍّ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ ، عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ الْمُنْكَدِرِ قَالَ: سَمِعْتُ جَابِرَ بْنَ عَبْدِ اللهِ يَقُولُ: مَا سُئِلَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ شَيْئًا قَطُّ فَقَالَ: لَا.

بامحاوره ترجمو: حضرت محمد بن منڪدر چيو ته حضرت جابر بن عبدالله ﷺ کان ٻڌم ان چيو ته رسول الله ﷺ ڪڏهن به ڪنهن شيءِ گهرڻ تي " لا" يعني نه ڪونه فرمايائون. مطلب ته پاڻ سڳورن ﷺ کان جيڪو به سوال ٿيو يا ڪا شيءِ گهري وئي ته پاڻ نه يا انڪار ڪڏهن به نه ڪيائون.

مفردات جو شرح: " قَطُّ" ڪڏهن نه. "سُئِلَ " سوال ڪيا ويا، طلب ڪيا ويا. سُئِلَ ماضي مجهول آهي.

سمجهاڻي: محبوب ڪريم ﷺ جي پياري حضرت جابر بن عبدالله ﷺ بيان فرمايو آهي ته رسول الله ﷺ جن کان ڪڏهن به ڪا شيءِ نه گهري وئي جو پاڻ نه چيو هجين" مطلب ته سائل جو سوال رد نه ڪندا هئا. يا ته ان وقت ئي ان کي اها مطلوب شيءِ عطا ڪندا هئا يا ٻئي وقت عطا ڪرڻ جو وعدو ڪرڻ فرمائيندا هئا پر ان کي انڪار ڪندي "نه" سان جواب نه ڏيندا هئا. اڪثر ائين به ٿيندو هو ته جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جي ڪين ضرورت هوندي هئي. ۽ سائل به اها ئي شيءِ گهرندو هو ته ان کي پنهنجي ضرورت هوندي به ڏئي ڇڏيندا هئا هڪ ڀيري پاڻ ڪنهن سان ٻئي وقت عطا ڪرڻ جو وعدو ڪيائون ته حضرت عمر فاروق ﷺ سندن خدمت ۾ عرض ڪيو : "الله ﷻ طاقت کان وڌيڪ ڪنهن کي ڪنهن ڪم جي تڪليف نه ڏني آهي" ته حبيب ڪريم ﷺ جن کي اها ڳالهه ناگوارا گذري مشهور عرب شاعر جو سندن شان ۾ شعر آهي.

مَا قَالَ لَا قَطُّ اِلَّا فِي تَشَهُّدِهٖ
لَوْلَا التَّشَهُّدُ كَانَتْ لَاؤُهٗ نَعَمٖ

پاڻ التحيات ۾ ڪلمه شهادت واري "لا" کان سواءِ ڪنهن سان به "لا" نه ڪيائون جيڪڏهن التحيات نه هجي ها ته سندن (هر) لا نعم (هائو) سان هجي ها. فارسي زبان ۾ به هڪ شاعر ان جو هن طرح ترجمو ڪيو آهي.

نه رفت لا بزبان مبارڪش هرگز
بجزدر اشـهـد ان لا اله الا الله

علامه ابنِ حجر هيتمي مڪي هن حديث جي وضاحت ۾ لکيو آهي ته "ان مان مراد آهي ته سائل کي پاڻ رد نه ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪا شيءِ وٽن موجود هوندي هئي ۽ اها ڏيڻ مناسب هوندي هئي ته

ڏيندا هئا نہ تہ خاموش رهندا هئا۽ ان کي دعا ڪندا هئا ۽ لا نہ چوڻ مان مراد آهي تہ اهڙي لا جيڪا عطا کان مانع هجي نہ چوندا هئا بلڪ معذرت پيش ڪرڻ جي لاءِ چوندا هئا. جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي: "لَآ اَجِدُ مَآ اَحْمِلُكُمْ عَلَيْهِ" (سورة توبه آيت 92) (اها شيءِ نہ ٿو لهان جنهن تي اوهان کي ڪٽي هلان)

سوال: اشعري قبيلي وارن سندن خدمت ۾ سواريءَ تي ڪٽي هلڻ جي لاءِ عرض ڪيو هو تہ پاڻ انهن کي فرمايو هيائون. "وَاللهِ لَآ اَحْمِلُكُمْ" (الله جَلَّ جَلَالُهُ جو قسم آهي تہ مان اوهان کي نہ ڪڻندس) اهو ڇا جي ڪري؟

جواب: انهن کي جڏهن قرآن ڪريم جي آيت "لَآ اَجِدُ مَآ اَحْمِلُكُمْ عَلَيْهِ" سان حقيقت ٻڌائي وئي تہ پوءِ بہ هو گهرڻ لڳا تڏهن کين اهو جواب ڏنو ويو هو۽ قسم سان انهن جي اها طمع ڪٽي وئي هئي تہ سندن اها خواهش نہ قرض ڪٽي پوري ڪئي ويندي ۽ نہ پاڻ انهن کان ڍڄن تا ۽ نہ ان ڳالهہ جي لاءِ مجبور آهن ۽ مذڪور روايت ۾ اهو احتمال بہ آهي تہ پاڻ ان وقت "لآ" نہ چوندا هئا جڏهن سائل سوال ڪري چپ رهندو هو۽ کين هرويرو تڪليف نہ ڏيندو هو ابن سعد ﷺ جي روايت ۾ آهي تہ جيڪڏهن ڪانئن ڪجهہ گهريو ويندو هو۽ اهو عطا ڪري سگهندا هئا تہ عطا ڪندا هئا نہ تہ خاموش تي ويندا هئا. (اشرف الوسائل ص 511 جمع الوسائل ج 2 ص 167 المواهب ص 594)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب الادب باب 39 حسن الخلق والسخاء وما يكره من البخل رقم الحديث 6034 ج 10 ص 455 {2} مسلم في كتاب الفضائل باب 14 ما سئل رسول الله ﷺ شيئا قط فقال لا رقم الحديث 2311 ج 4 ص 1805 {3} الدارمي في المقدمة باب 12 في سخاء النبي ﷺ رقم الحديث 70 ج 1 ص 47 {4} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 48 {5} الحميدي في مسنده رقم الحديث 1228 ج 2 ص 515 {6} ابن حبان في صحيحه رقم الحديث 6342 ج 8 ص 98, 99 {7} البخاري في الادب المفرد رقم الحديث 299 ص 112.

{354} حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ عِمْرَانَ أَبُو الْقَاسِمِ الْقُرَشِيُّ الْمَكِّيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا إِبْرَاهِيمُ بْنُ سَعْدٍ، عَنِ ابْنِ شِهَابٍ، عَنْ عُبَيْدِ اللهِ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَجْوَدَ النَّاسِ بِالْخَيْرِ وَكَانَ أَجْوَدَ مَا يَكُونُ فِي شَهْرِ رَمَضَانَ، حَتَّى يَنْسَلِخَ فَيَأْتِيهِ جِبْرِيلُ فَيَعْرِضُ عَلَيْهِ الْقُرْآنَ، فَإِذَا لَقِيَهُ جِبْرِيلُ كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَجْوَدَ بِالْخَيْرِ مِنَ الرِّيحِ الْمُرْسَلَةِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن سڀني ماڻهن کان خير يا ڀلائي ۾ وڌيڪ سخي هئا. پاڻ سڳورن ﷺ جي هيءُ سخاوت رمضان شريف جي مهيني ۾ اڳئين کان بہ وڌيڪ هوندي هئي. پاڻ سڳورن ﷺ وٽ رمضان شريف ۾ حضرت جبرائيل عليہ السلام ايندو هو تہ پاڻ ان کي قرآن شريف ٻڌائيندا هئا. حضرت جبرائيل عليہ السلام سان ملڻ کان پوءِ رسول الله ﷺ جن برسات وسائڻ واري هوا کان بہ وڌيڪ تيز خيرات ۾ سخاوت ڪندا هئا.

مفردات جو شرح: "أَجْوَدَ" گهڻي سخاوت ڪرڻ وارو هن جي مصدر جود آهي ان جي معنيٰ سخاوت ڪرڻ آهي. "اَجْوَدَ" جي معنيٰ سخي، فياض. "يَنْسَلِخَ" مضارع جو صيغو آهي ان جو مجرد سلخ سِلخ مان آهي. ينسلِخَ جي مصدر انسلاخ آهي هن جي معنيٰ مهينو ختم ٿيڻ. ڪنهن جي کل ڪيڻ. کل ڇڪي ڇڏي ڏيڻ آهي "يَعْرِضُ" هن جي مصدر عرض آهي ان جي معنيٰ آهي پيش ڪرڻ ۽ جيڪڏهن

ان جو قرينو هوندو تہ پوءِ ان جي معنيٰ آهي زبان سان پڙهڻ جيئن هتي آهي "الرِّيحِ الْمُرْسَلَةِ" تيز هوا.

سمجهاڻي: سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما جي هن روايت ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ جن رمضان جو سڄو مهينو سخاوت ڪندي گذاريندا هئا مقصد تہ هونءَ تہ پاڻ هر وقت هر شيءِ ڏيڻ ۾ انتهائي درجي جا سخي هوندا هئا. ۽ "اجود ما يكون" اڳ ۾ آيل "كان" جو اسم آهي ۽ "في رمضان" خبر آهي ۽ "ما" مصدريہ آهي، مطلب تہ سندن گهڻي ۾ گهڻي سخاوت رمضان شريف ۾ هوندي هئي. جڏهن تہ ٻين مهينن جي مقابلي ۾ رمضان شريف ۾ الله جل جلاله جون رحمتون ۽ بخششون گهڻيون هونديون آهن ان جي معنيٰ آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن بہ هن مهيني ۾ نيڪين ۾ گهڻو سعيو ڪندا هئا ۽ الله جل جلاله جون بي پايان عنايتون حاصل ڪندا هئا.

سائينءَ جي سخاوت: جڏهن الله جل جلاله هن با برڪت مهيني ۾ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن تي پنهنجي بي حساب مهربانين جا دروازا کولي ڇڏيندو آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن بہ ان جي شڪر بجا آڻڻ ۾ زياده کان زياده سخاوت ڪندا هئا. هن روايت ۾ ذڪر ڪيل "الخير" خير جي سيني قسمن کي شامل آهي پاڻ جڏهن تہ طبعًا بہ سخي هئا تہ هر موجود نعمت جي سخاوت ڪندا هئا پاڻ باقيات، صالحات حاصل ڪندي فانيات کان منهن موڙيندي الله جل جلاله ڏانهن متوجه ۽ ان جي ماسوا کان منهن موڙيندا هئا جڏهن وٽن ڪا شيءِ موجود رهندي هئي تہ سخاوت ڪري ڏئي ڇڏيندا هئا ۽ جڏهن ڪنهن تي هڪ ڀيرو احسان ڪيائون تہ وري وري بہ ان تي احسان ڪندا هئا ۽ هر ڪنهن تي سخاوت جي ايتري عنايت ڪندا هئا جو ان جي حاجت حاصل ۽ مراد پوري ٿي وڃي ۽ هن روايت ۾ آيل لفظ "اجود" اسم تفضيل جو صيغو آهي ۽ ان جي مراد آهي جيڪا شيءِ ڏيڻ جي لائق ۽ جنهن لاءِ لائق ۽ جنهن ڪم جي لائق آهي ان کي ڏيڻ. جڏهن سندن نفس اقدس نفوس کان اشرف هو تہ سندن خلق اعليٰ اخلاقن کان بہ اعليٰ هو ان جي ڪري پاڻ سخاوت ۾ بہ اعليٰ هئا. ۽ حديث ۾ آيل لفظ "الناس" (ماڻهن مان) خصوصي طور ان جي ڪري آيل آهي جو پاڻ بہ ظاهري طرح انهن مان هڪ فرد هئا ان مان مراد اها ناهي تہ ڪا مخلوق سندن ذات کان وڌيڪ سخاوت واري هئي. ۽ سخاوت ۾ ادنيٰ سان اعليٰ کان اڳي نہ ويندا هئا ڇو تہ مال خرچ ڪرڻ مالي عبادت آهي پوءِ جيئن بدني عبادت ۾ اعليٰ کي اهميت ڏيندا هئا تيئن مالي عبادت ۾ بہ ان کي اهميت ڏيندا هئا. ۽ محدث ترمذي حضرت سعد رضي الله عنه کان مرفوع روايت آندي آهي تہ "إِنَّ اللهَ جَوَادٌ يُحِبُّ الْجُودَ" (بلاشڪ الله سخي آهي ۽ سخاوت سان محبت رکندو آهي) "شهر رمضان" جي تشريح ڪندي علامہ مناوي لکيو آهي تہ "رمضان" الرمض کان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي گرم ڪيل پٿر ۽ مهيني کي شهر ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو ماڻهو هڪٻئي کي ٻڌائي ان جي اچڻ ۽ ختم ٿيڻ کي مشهور ڪندا آهن ۽ رمضان شريف ۾ انتهائي سخاوت ان جي ڪري ڪندا هئا جو سندن ارادو الله جل جلاله جي ارادي جي تابع هو ۽ اهو رمضان شريف ۾ رحمت جي پلٽائڻ جي لاءِ مقدس ڪرڻ آهي، الله جل جلاله ان مهيني ۾ ٻانهن تي وڌو ڪرم ڪندو آهي نبي ڪريم ﷺ جن جي مزاج مزاجن ۾ وڌيڪ عادل، سندن اخلاق سيني کان عظيم ۽ اعظم، سندن نفس سيني نفوس کان اشرف هو ان جي ڪري پاڻ سيني سخين کان وڌيڪ سخي هئا پاڻ صرف مال جا وڌيڪ سخي نہ هئا پر الله جل جلاله جي رضا لاءِ دين جي اظهار، ٻانهن جي هدايت انهن کي هر

طرح جو نفعو پهچائڻ ۽ انهن جون حاجتون ۽ ضرورتون پوريون ڪرڻ انهن جون ڳريون ڳالهيون ڪٽڻ ۾ به وڏا سخي هئا سندن سموري سخاوت لله في الله هئي پاڻ سخاوت ۽ سائل کي عطا ڪرڻ ۾ بادشاهن کان مٿي ۽ سادي زندگي گذارڻ ۾ اهڙا غريب ۽ مسڪين نظر ايندا هئا جو عقل حيران ٿي ويندو هو تانجو سندن سر ۽ خاندان تي سڄو مهينو ان حال ۾ گذري ويندو هو جو گهر مبارڪ ۾ ڪاڏي تيار ڪرڻ جي لاءِ باهه نه ٻرندي هئي ۽ پنهنجي پاڪ پيٽ تي بک جي ڪري پٿر ٻڌندا هئا ۽ ڪين هڪ عورت چادر ڏني پاڻ اها ڍڪيائون ۽ هڪ شخص ڏسي ڪائنئن اها گهري ته اها ان کي عطا ڪيائون ۽ هڪ سائل آيو ان کي ايتريون ٻڪريون عطا ڪيائون جو ٻن جبلن جي وچ وارو حصو پرجي ويو ۽ ان پنهنجي قوم کي اچي چيو ته "مسلمان ٿيو بلاشڪ (حضرت) محمد ﷺ تمام گهڻو عطا ڪري ٿو پر ڪيس مسڪين هجڻ جو خطرو نه ٿو رهي" ۽ پاڻ هڪ ٽولي کي هڪ سؤ اٺ عطا فرمايائون. حڪيم بن حزام کي هڪ سؤ اٺ عطا ڪيائون ان ٻيو سؤ اٺ گهريا ته اهي به ان کي ڏنائون سندن خدمت ۾ نوي 90 هزار درهم آندا ويا ته اهي تڏي تي رکي ورهائي ختم ڪري پوءِ اٿيا ۽ سندن خدمت ۾ جنگ حنين واري ڏينهن هڪ عورت شعر پڙهيو جنهن ۾ ڪين هوازن قبيلي ۾ عمر رسيده حليمه سعديه رضي الله عنها جو ڪير پيئڻ وارا ڏينهن ياد ڏياريا هيائين پوءِ ان کي لکين درهمن جو مال واپس ڏياريو هيائون.

سوال: حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن وٽ ايتري ملڪيت ته ڪانه هوندي هئي پوءِ ايڏي سخاوت ڪيئن ڪندا هئا؟

جواب: ٻن سببن جي ڪري (1) هڪ اسلامي فتوحات مان گهڻا ئي مال ايندا هئا پر پاڻ پنهنجي ذات لاءِ ڪجهه نه رکندا هئا تقسيم ڪندا هئا ۽ جيڪي مناسب سمجهندا هئا جنهن کي جيترو ڏيڻ ۾ حڪمت هوندي هئي. ان کي اوتري نوازش سان نوازيندا هئا. (2) ٻيو ته سخاوت جي لاءِ ضروري ناهي ته گهڻو مال هجي بس جيڪو به مال هجي ان مان گهڻي انداز ۾ خيرات ڪرڻ سخاوت آهي بخاري ۽ مسلم حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته: "كَانَ اَحْسَنَ النَّاسِ وَاَشْجَعَ النَّاسِ وَاَجْوَدَ النَّاسَ" (پاڻ ماڻهن ۾ سيني کان وڌيڪ سهڻا ۽ وڌيڪ بهادر ۽ وڌيڪ سخي هئا) ۽ صحابي رضي الله عنه انهن ٽن سهڻين صفتن تي اقتصار ان جي ڪري ڪيو آهي جو اهي جامع ڪلما آهن اخلاق جا امهات اصول آهن چوته هر انسان ٽن قوتن کان خالي ناهي. (1) هڪ غضبيه قوت ۽ ان جو ڪمال شجاعت، دليري ۽ بهادري آهي (2) شهوتي قوت: ان جو ڪمال جود ۽ سخا آهي (3) ٽي عقليه قوت: ان جو ڪمال حڪمت واري گفتگو آهي ۽ هڪ ضعيف روايت جيڪا عبدالرزاق المصنف ۾ آندي آهي ان ۾ آيو آهي ته "اَنَا اَجْوَدُ بَنِى آدَمَ" (مان انسانن ۾ وڏو سخي آهيان) ۽ ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته پاڻ واقعي مطلقًا وڏا سخي آهن جيئن پاڻ ٻين صفتن ۾ اڪمل آهن. سندن سخاوت ايتري حد تائين هئي جو پنهنجي سر ۽ اولاد کي به رهائي حاجتمندن جي حاجت پوري ڪندا هئا. سندن خدمت ۾ قيدي غلام آيا ۽ سيده فاطمه زهرا رضي الله عنها ڪائنئن هڪ غلام گهريو ته پاڻ ان کي غلام جي بجاءِ تسبيح، تڪبير ۽ تهليل پڙهڻ جو ارشاد ڪندي فرمايائون ته "لَا اُعْطِيكِ وَاَدَعُ اَهْلَ الصُّفَةِ تُطْوىٰ بُطُوْنُهُمْ مِنَ الْجُوْعِ" مان توکي ان حال ۾ (غلام) بالڪل نه ڏيندس جو صفه وارن اصحابن رضي الله عنهم جي پيٽن ۾ بک جي ڪري وڪڙ پوندا

رهن) ۽ هن کان مٿي جيڪا روايت لکي آيا آهيون تہ نبي ڪريم ﷺ جن کان ڪين مليل چادر صحابي گهري پاتي هئي."

مرشد کان خرقو طلب ڪرڻ: ان مان صوفياءِ ڪرام دليل ورتو آهي تہ مريد جيڪڏهن مرشد کان سندس سر ۽ لباس مان تبرڪ حاصل ڪرڻ جي لاءِ خرقو طلب ڪري تہ جائز آهي جيئن انهن نبي ڪريم ﷺ جن جي طرفان بيبي ام خالد رضي الله عنها کي نشانن واري ڪاري قميص پارائڻ مان دليل ورتو آهي تہ مريد کي مرشد پنهنجو وڳو پارائي سگهي ٿو پر اهو ضعيف روايت سان بہ نہ آيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن ڪنهن هڪ کي بہ صوفين وارو متعارف خرقو ڏڪايو آهي يا ڪنهن کي اهڙو امر ڪيو آهي هن سلسلي ۾ جيڪي بہ صراحت سان روايتون بيان ڪيون وڃن ٿيون اهي باطل آهن. اها ڳالهہ متاخرين محدثين مان هڪ ذڪر ڪئي آهي ها. اهو خرقو ڪن بزرگن صحابہ ڪرام عليهم الرضوان سان بہ مشابهت سان تبرڪ حاصل ڪرڻ جي ڪري ڏڪيو ۽ ڏڪايو ويو تہ سنَدُن اهو خرقو ڏڪڻ ۽ ڏڪائڻ جو سلسلو ڪميل بن زياد رضي الله عنه تائين پهچي ٿو جنهن جي حضرت علي رضي الله عنه سان صحبت بالاتفاق ثابت آهي ۽ بعضي سَنَدُن سان اهو خرقو ڏڪڻ حضرت اويس قرني رضي الله عنه سان ملي ۽ متصل ٿئي ٿو ۽ حضرت اويس قرني رضي الله عنه حضرت عمر رضي الله عنه ۽ حضرت علي رضي الله عنه سان مليو آهي ۽ گهڻن بزرگن مرشدن جي صحبت ۽ ذڪر وٺڻ واري تلقين تي اڪتفا ڪئي آهي ۽ اسان عارفن کان جيڪي ڏٺاسون اهو ئي اختيار ڪيو آهي ۽ هن حديث ۽ جيڪي هن کان پوءِ آهن انهن ۾ سندن عظيم سخاوت جو ذڪر آهي ۽ پاڻ صفوان بن اميہ کي حنين جي جنگ واري ڏينهن هڪ ڀيرو سؤ ٻڪريون وري ٻيو ڀيرو سؤ وري ٽيون ڀيرو سؤ ڏنائون تانجو ان جي دل ۾ جيئن پاڻ هن عطا کان پهريان وڌيڪ نا پسند هئا تيئن پيارا بنجي ويا ۽ اهو ان جي سچي، صحيح ۽ پڪي مسلمان ٿيڻ جو سبب بڻيو ابن دحية رحمه الله فرمايو تہ سندن اهڙي سخاوت جو مثال وجود ۾ ئي نہ آيو آهي نہ ٻڌو ويو آهي ۽ صحيح بخاري ۾ آهي تہ "سندن خدمت ۾ بحرين مان مال آيو تہ پاڻ اهو مسجد ۾ رکڻ جو امر ڪيائون ۽ پاڻ نڪري مسجد ۾ آيا پر ان ڏانهن نهاريائون بہ ڪونہ نماز پوري ڪري اتي اچي وينا پوءِ جيڪو بہ سندن نظرِ عنايت هيٺان آيو ان کي ڏيندا رهيا پوءِ حضرت عباس رضي الله عنه آيو ان بہ ان مال مان گهر ڪئي تہ پاڻ ان کي فرمايائون تہ "وٺ" ان اهو وٺي پنهنجي ڪپڙي ۾ رکيو ۽ ان کي کڻڻ لڳو تہ کڻي نہ سگهيو پوءِ عرض ڪيائين تہ يا رسول الله ﷺ! ڪنهن کي امر ڪيو تہ هيءُ کڻائي هلي. پاڻ فرمايائون تہ "نہ" وري عرض ڪيائين تہ: ڀلا اوهان اهو کڻي مون تي رکو. پاڻ فرمايائون تہ "نہ" پوءِ ان مان ڪجهہ ڪڍي وري کڻڻ جي ڪيائين تہ بہ کڻي نہ سگهيو ۽ حضور ڪريم ﷺ جن کي ساڳيا عرض ڪيائين پر پاڻ انڪار ڪندا رهيا. وري بہ ان مان ڪجهہ ڪڍي رکي پوءِ کنيائين تہ کڻي ويو پوءِ اهو جيستائين ان جاءِ کان نڪري غائب ٿيو تيستائين پاڻ ان ڏانهن نظر سان نهاريندا رهيا ۽ ان جي حرص تي عجب ڪندا رهيا ۽ جڏهن پاڻ اتاهين مسجد مان اٿيا تہ هڪ درهم بہ بچيل نہ هو ۽ هڪ مرسل روايت ۾ آهي تہ اهي لک درهم هئا "فَيَاتِيهِ جِبْرِيْلُ" پوءِ سندن خدمت ۾ جبريل ايندو هو. هن جملي ۾ فاء جو حرف تعليل جي لاءِ آهي يعني رمضان شريف ۾ سندن وڌيڪ سخاوت جي علت اها بہ هئي جو جبريل سندن خدمت ۾ رمضان شريف مهيني جي هر رات ايندو هو جيئن صحيحين

بخاري ۽ مسلم ۾ جبريل جو اچڻ ان جو سبب هو ڇوته اهو سندن طرف رب ﷻ جو قاصد هو اهڙا پيغام کڻي ايندو هو جيڪي نه ڪنهن ڪن ٻڌا نه ڪنهن اک ڏٺا ۽ نه ڪنهن انسان جي دل تي چيڪيا ۽ هي به سبب هو جو حضور ڪريم ﷺ الله ﷻ جي حضور جو امين آهي ۽ ان جي مواهب ۽ عطا جو متولي ۽ تقسيم ڪندڙ آهي جيئن سندن فرمان آهي: "اِنَّمَا اَنَا قَاسِمٌ وَاللهُ مُعْطِ" (بلاشڪ مان ورهائيندڙ آهيان ۽ الله ﷻ ڏيندڙ آهي) ۽ اهو سندن اجوديت (وڌيڪ سخي هجڻ) جو موجب آهي ۽ هي به سبب آهي جو جبرائيل جڏهن سندن خدمت ۾ ايندو هو ۽ کين قرآن ٻڌائيندو هو ته سندن ذات جو الله ﷻ جي اخلاق سان متخلق ٿيڻ به نئون تي پوندو هو ۽ سندن مٿان سخاوت جي انتها پلٽائي ويندي هئي. ۽ باري تعاليٰ ﷻ سان سندن قرب جي نهايت ٿيڻ جي ڪري سندن جود و سخا ۾ واڌارو ۽ وسعت ايندي هئي ۽ هي اسباب ان جي مخالف ناهن ته رمضان شريف ۾ انهن نعمتن جو هجڻ به اجوديت جو سبب آهي ڇوته رمضان ۾ به نسبت ٻين مهينن جي الله ﷻ جي پنهنجن ٻانهن تي وڌيڪ ٻاجهه هوندي آهي ۽ ان جي ڪري الله ﷻ سيني ٻانهن کي امر ڪيو آهي ته هن مهيني ۾ محتاجن تي وڌيڪ خرچ ڪيو ۽ عيال تي ڪشادگي ڪيو ۽ مٿن مائٽن ۽ محبن کي به نوازيو. "فَيُعْرِضُ عَلَيْهِ الْقُرْآنَ" (پوءِ سندن خدمت ۾ قرآن ڪريم پيش ڪندو هو) مطلب ته ساڻن گڏجي دور ڪندو هو جيئن حديث شريف ۾ آيو آهي ته " كَانَ جِبْرِيلُ يَلْقَاهُ كُلَّ لَيْلَةٍ فِي رَمَضَانَ يُعْرِضُ عَلَيْهِ النَّبِيُّ ﷺ الْقُرْآنَ" (جبريل رمضان جي هر رات ۾ ساڻن ملندو هو ۽ پاڻ ان کي قرآن ڪريم ٻڌائيندا هئا) ۽ هن جي تائيد ان روايت سان به ٿي رهي آهي جنهن ۾ آيو آهي ته حضرت زيد بن ثابت ﷺ جي قراءت اها ئي آهي جيڪا رسول الله ﷺ جن به ٻيرا جبريل کي ان سال ۾ ٻڌائي هئي جنهن ۾ پاڻ دنيا تان رحلت ڪئي هيائون يا جبريل ان سال ۾ کين به دفعا پڙهي ٻڌايو هويا ڪڏهن هيئن ٿيو ته ڪڏهن هون ۽ ٿيو ۽ اصل عادت ته اها هئي جو جبريل پڙهندو هو ۽ حضور ڪريم ﷺ جن ٻڌندا هئا ۽ اهڙي طرح حضور ڪريم ﷺ جن پڙهندا هئا ۽ صحابه ڪرام عليهم الرضوان ٻڌندا هئا ۽ سلف صالحين. محدثين جو به اهو طريقو هو ۽ پوئين بزرگن وري هي طريقو رکيو ته شاگرد پڙهي ۽ استاد ٻڌي ڇوته شاگردن ۾ صلاحيت، لياقت ۽ استعداد گهٽ آهي ۽ هن حديث مان ثابت ٿيو ته رمضان شريف جي مهيني جي رات ان جي ڏينهن کان ڀلي آهي خاص ڪري قرآن ڪريم جي تلاوت جي لاءِ ڇوته تلاوت مان مقصود قلبي حضور ۽ قرآن ڪريم جو فهم آهي ۽ اهو رات ۾ وڌيڪ هوندو آهي ڏينهن جو ٻيا دنياوي شواغل ۽ ديني مصروفيتون هونديون آهن جيئن ان تي الله ﷻ جي قرآن ڪريم جي هيءَ آيت دلالت ڪري رهي آهي "اِنَّ نَاشِئَةَ الَّيْلِ هِيَ اَشَدُّ وَطْأً وَّ اَقْوَمُ قِيْلًا ﴿٦﴾ اِنَّ لَكَ فِي النَّهَارِ سَبْحًا طَوِيْلًا ﴿٧﴾" (بلاشڪ رات جو اٿڻ اهو نفس کي) لتاڙڻ ۾ سخت ۽ قول ۾ وڌيڪ قائم رهندڙ آهي، بلاشڪ اوهان لاءِ ڏينهن ۾ گهڻي مصروفيت آهي) ۽ حضور ڪريم ﷺ جن آخري ڀيرو جيڪا قراءت جبريل عليہ السلام کي ٻڌائي هئي ان تي حضرت عثمان بن عفان ﷺ قرآن ڪريم جمع ڪرايو هو "فَاِذَا لَقِيَه جِبْرِيْلُ" پوءِ جڏهن ساڻن جبريل ملندو هو ته پاڻ تيز هلڻ واري هوا کان به زياده سخي هوندا هئا. هن روايت ۾ آيل لفظ "مِنَ الرِّيْحِ الْمُرْسَلَةِ" مان واضح ٿيو ته جيئن ان تيز هوا مان گهڻو فائدو پهچندو آهي اها ڪڪرن کي تيز ڪندي آهي ڪيترن ويران علائقن کي پاڻيءَ سان ڀري آباد ڪرائيندي آهي ته سندن سخا ۽ جود به

ائين عام هوندو هو ۽ هن مان ثابت ٿيو تہ رمضان ۾ سخاوت وڌائڻ مستحب آهي ۽ صالحين جي ملاقات وقت بہ انهن سان ملڻ جي شڪراني طور ۽ قرآن مجيد جو دور هڪٻئي کي ٻڌائڻ بہ مستحب آهي ۽ جبريل جي ٻڌائڻ ۽ حضور ڪريم ﷺ جي ٻڌڻ ۾ هڪٻئي سان معاهدي جي مضبوطي ۽ جيڪي آيتون منسوخ نہ ٿيون هيون انهن جي پڪي هجڻ ۽ منسوخ آيتن جي ڪچي وجڻ ڏانهن اشارو هو پوءِ رمضان شريف قرآن مجيد جي نزول، پيش ڪرڻ ۽ احڪام جو مهينو هو تہ ان جي تفصيل ۽ اجمال ۽ پڪي ڪرڻ جو بہ مهينو آهي المسند ۾ حديث آهي تہ "صحيفا هن مهيني جي پهرين رات ۾ نازل ٿيا ۽ توراة تيرهين تاريخ ۽ قرآن چووهين تاريخ نازل ٿيو" ۽ طبراني وغيره روايت آندي آهي تہ "نبي ڪريم ﷺ جن رمضان شريف جي پهچڻ لاءِ دعا گهرندا هئا. جڏهن رجب ۽ شعبان مهينا ايندا هئا تہ پاڻ فرمائيندا هئا "اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِي رَجَبَ وَ شُعْبَانَ وَبَلِّغْنَا رَمَضَانَ" اي الله ﷻ اسان جي لاءِ رجب ۽ شعبان ۾ برڪت پيدا ڪر ۽ اسان کي رمضان کي پهچاءِ) يعني اهو مهينو نصيب ڪر ۽ هن حديث جي شرح ۾ علماء لکيو آهي تہ: هي ڪلام اعليٰ مقام آهي جنهن ۾ ترقي آيل آهي هن ۾ اول تہ سيني انسانن کان سندن سخاوت وڌيڪ بيان ڪيل آهي ٻيو تہ رمضان ۾ سندن سخاوت سيني کان وڌيڪ هوندي هئي. ٽيون تہ سندن جبريل سان ملاقات ۽ قرآن ڪريم جي دور ڪرڻ وقت سخاوت وڌيڪ هوندي هئي. سندن سخاوت ان وقت ذهنن ۾ اچڻ کان مٿي هئي. ۽ اها سندن خدمت ۾ الله ﷻ جي ملائڪن مان افضل زماني ۽ مڪانات مان افضل مقام کي اختيار ڪرڻ جي ڪري هئي ۽ هن مان اهو بہ واضح ٿيو تہ: زماني جي فضيلت ۽ صالحن جي ملاقات کي عبادت، احسان، اخلاق جي تحسين، ايقان ۽ اتقان ۾ مزيد دخل آهي ۽ هڪ ضعيف حديث ۾ آيو آهي تہ: "اَنَا اَجْوَدُ بَنِي آدَمَ وَ اَجْوَدُهُمْ بَعْدِيْ رَجُلٌ عَلِمَ عِلْمًا فَنَشَرَ عِلْمَهُ وَ رَجُلٌ جَاهَدَ بِنَفْسِهِ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ" مان انسانن ۾ وڌو سخي آهيان ۽ مون کان پوءِ وڌيڪ سخي اهو شخص آهي جنهن علم پڙهي پوءِ ان کي پکيڙيو ۽ اهو شخص جنهن الله ﷻ جي واٽ ۾ جهاد ڪيو" ۽ پاڻ بہ بہ مهينا ڪاڏي لاءِ گهر ۾ باهہ نہ ٻرڻ ۽ پيٽ پاڪ تي پٿر ٻڌڻ جي باوجود الاهي قوت سان مضبوط ۽ قوي هوندا هئا. پنهنجي گهروارن جا حق ادا ڪندا هئا.

حضور ﷺ جي جسماني قوت: پاڻ بهادريءَ ۾ بہ بي مثال هوندا هئا ڪيترن کي دسي ڪيرايو هيائون. (1) انهن مان ابن الاسود الجمحي هو جيڪو ايڏو مضبوط هوندو هو جو ڍڳي جي کل تي چڙهي بيهندو هو ۽ ڏهہ پهلوان ان کل کي چئن ئي طرفن کان ڇڪيندا هئا تہ ان جي پيرن جي هيٺان ڪڍي ڇڏين پر هي پيرن جو ايترو زور ڏئي بيهندو هو جو اها کل پاسن کان ڦاٽي پوندي هئي پر سندس پيرن کان نہ نڪرندي هئي. (2) ٻيو انهن پهلوانن مان رڪانة نالي هڪ پهلوان هو پاڻ ان کي ڪشتيءَ ۾ ٽي ڀيرا ڪيرايو هيائون. ڇو تہ ان شرط رکيو هو تہ جيڪڏهن پاڻ ڪيس ڪيرائيندا تہ مسلمان ٿيندو. ۽ الله ﷻ حضرت بوصيري جي قصيده برده جي صاحب تي رحمتون نازل ڪري جنهن سندن سخاوت کي هن طرح بيان ڪيو.

فَاِنَّ مِنْ جُوْدِكَ الدُّنْيَا وَ ضَرَّتَهَا
وَمِنْ عُلُوْمِكَ عِلْمَ اللَّوْحِ الْقَلَمِ

(يعني بلاشڪ اوهان جي سخاوت مان (هڪ ذرو) دنيا ۽ آخرت آهي ۽ اوهان جي علوم مان (هڪ سٽ) لوح ۽ قلم وارو علم آهي. ۽ حديث ۾ "مِنَ الرِّيحِ الْمُرْسَلَةِ" تيز هوا کان به وڌيڪ سخي ان جي ڪري آندو ويو آهي جو هوا ڪڏهن مينهن کان خالي بي فائده به هوندي آهي پر حضور ڪريم ﷺ جن مان هر وقت فائدو آهي ۽ سندن سخاوت ۽ جود اڻ کٽ ۽ بند ٿيڻ وارو ناهي ۽ مستحب آهي ته علم جو درس رات جو ڏجي ڇوته ان وقت قلبي سڪون ۽ بي مشغولي گهڻ هوندي آهي. ۽ هتي حضور ڪريم ﷺ جن جي سخاوت کي تيز هوا سان تشبيه صورت جي اعتبار سان آهي نه ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جي سخاوت سان بارش جي ڪهڙي نسبت آهي هو صرف مادي شين کي ڄمائيندي آهي ۽ حضور ڪريم جي رحمت ۽ سخاوت جي برسات ظاهر ۽ باطن. دنياوي ۽ ديني ضرورتن کي پورو ڪرڻ واري آهي هوا مينهن جي ذريعي زمين کي زنده ڪندي آهي ۽ حبيب ڪريم ﷺ جي سخاوت دلين کي زنده ڪندي آهي ۽ هن مان اهو به ثابت ٿيو ته صالحن جي محبت مرد ۾ دين پيدا ڪري ٿي ۽ اهلِ خير جي ملاقات دلين جي آبادي آهي.

(اشرف الوسائل ص 512, 515, جمع الوسائل مع شرح المناوي ص 170, 171 ج 2 المواهب ص 594, 596)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب بدء الوحي باب 5 رقم الحديث 6 ج 1 ص 30 {2} مسلم في كتاب الفضائل باب 12 كان النبي ﷺ اجود الناس بالخير من الريح المرسلة رقم الحديث 2308 ج 4 ص 1803 {3} احمد في المسند ج 1 ص 230 {4} البيهقي في سننه ج 4 ص 305 {5} ابنِ حبان في صحيحه رقم الحديث 3431 ج 5 ص 185 {6} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 46, 47 {7} ابنِ سعد في الطبقات ج 1 ص 368.

{355} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ: أَخْبَرَنَا جَعْفَرُ بْنُ سُلَيْمَانَ، عَنْ ثَابِتٍ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ: كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَا يَدَّخِرُ شَيْئًا لِغَدٍ.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ سڀاڻي يا ٻي ڏينهن لاءِ ڪابه شيءِ بچائي نه رکندا هئا.

مفردات جو شرح: "لَايَدَّخِرُ" ذخيرو نه ڪندا هئا. گڏ ڪري نه رکندا هئا. "لِغَدٍ" سڀاڻي، اچڻ وارو ڏينهن، ٻيو ڏينهن.

سمجهاڻي: هن حديث ۾ حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان ارشاد آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن اچڻ واري ڏينهن جي لاءِ ڪابه شيءِ ذخيرو ڪري نه رکندا هئا. مطلب ته جوڪجهه سندن ذات پاڪ وٽ موجود هوندو هو يا سندن خدمت ۾ پيش ڪيو ويندو هو سڀ جو سڀ تقسيم ڪري ڇڏيندا هئا. ٻئي ڏينهن جي لاءِ ڪجهه به نه رکندا هئا. علامه يوسف النبهاني لکيو آهي ته: نبي ڪريم ﷺ جن وٽ جڏهن به غنيمت. زڪواة. يا خراج وغيره جو سامان يا درهم وغيره ايندا هئا ته انهن تي هڪ رات يا ٻه پهر به نه گذرندا هئا ته اهو ورهائي ڇڏيندا هئا ۽ جيڪڏهن سامان وغيره بچي پوندو هو ته جيستائين ان جي ونڊ وارو نه ايندو هو پاڻ مسجد مان گهر ڏانهن نه ويندا هئاعلامه ابنِ حجر هيتمي مڪي لکيو آهي ته: پنهنجي سر جي لاءِ ذخيرو ڪري نه رکندا هئا پر پنهنجي عيال جي لاءِ سال جو

قوت رکندا هئا پر جيکڏهن ان دوران کنهن کي کا اهڙي ضرورت پيش ايندي هئي ته ان مان کيڏي ان جي اها ضرورت پوري کندا هئا ۽ هن حديث جي هن باب سان مناسبت اها آهي ته: ذخيرو کري نه رکڻ سندن عظيم توکل ۽ ايثار تي دلالت کري ٿو. ۽ اهي ٻئي حسن اخلاق مان آهن علامه علي القاري لکيو آهي ته: پنهنجي لاءِ ذخيرو کري نه رکندا هئا ڇوته کين پنهنجي رب تي توکل جو کمال حاصل هو ۽ پنهنجي عيال لاءِ ذخيرو کري رکندا هئا تانت عيالدارن جي لاءِ سنت هجي ته اهي به پنهنجي عيال جي لاءِ ذخيرو کري رکن ۽ سندن ملت وارن متبحرن جي لاءِ به سنت هجي. صحيحين ۾ آهي ته: بلاشڪ پاڻ ﷺ جن پنهنجي عيال جي لاءِ سال جو قوت ذخيرو کري رکندا هئا. ۽ اسحاق بن راهويه جي مسند ۾ آهي ته پاڻ پنهنجي اهل تي بني النضير جي مال مان سال جو خرچ کندا هئا. ۽ بخاري شريف ۾ آهي ته: پاڻ بني النضير جي کجور وکٽي ان مان پنهنجي اهل تي خرچ کندا هئا ۽ هن ۾ ٻه قول ٻيا به آهن. (1) هڪ ته ذخيرو ڪرڻ خيبر جي فتح کان پهريان هو جيئن ان جي الصحيح ۾ تصريح آهي (2) ته ذخيرو نه ڪرڻ سندن اڪثر احوال هو يا امر جي ابتداء ۾ هو ڇوته صحيح بخاري ۾ حضرت انس بن مالڪ ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جي خاندان ۾ ڪڏڪ يا جوَن جو ٿويو به رات نه رهيو حالانڪ سندن گهرواريون گهٽيون هيون ۽ وڌيڪ صحيح قول آهي ته روايتن ۾ هن طرح جمع ڪيو وڃي ته پاڻ پنهنجي عيال جي لاءِ سال جو ثمر رکندا هئا ۽ جيڪڏهن وچ ۾ ڪي وفد يا محتاج ايندا هئا ته انهن تي ان مان خرچ ڪرڻ جي ڪري اهو سال کان اڳي به ختم ٿي ويندو هو ۽ هن مان صوفياءِ ڪرام دليل ورتو آهي ته سال کان وڌيڪ وقت جي لاءِ ذخيرو ڪرڻ توکل يا سنت کان خارج آهي.

(اشرف الوسائل ص 515 جمع الوسائل ج 2 ص 171. انوار غوثيه ص 500 المواهب ص 597)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابنِ حبان في صحيحه رقم الحديث 6356 ج 14 ص 270 {2} ابنِ عدي في الكامل ج 2 ص 149 {3} **الخطيب في تاريخه** ج 7 ص 98.

{356} حَدَّثَنَا هَارُونُ بْنُ مُوسَى بْنِ أَبِي عَلْقَمَةَ الْمَدِينِيُّ قَالَ: حَدَّثَنِي أَبِي، عَنْ هِشَامِ بْنِ سَعْدٍ، عَنْ زَيْدِ بْنِ أَسْلَمَ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ عُمَرَ بْنِ الْخَطَّابِ، أَنَّ رَجُلاً جَاءَ إِلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَسَأَلَهُ أَنْ يُعْطِيَهُ، فَقَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: مَا عِنْدِي شَيْءٌ وَلَكِنِ ابْتَعْ عَلَيَّ، فَإِذَا جَاءَنِي شَيْءٌ قَضَيْتُهُ فَقَالَ عُمَرُ يَا رَسُولَ اللهِ، قَدْ أَعْطَيْتَهُ فَمَا كَلَّفَكَ اللهُ مَا لاَ تَقْدِرُ عَلَيْهِ، فَكَرِهَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَوْلَ عُمَرَ، فَقَالَ رَجُلٌ مِنَ الأَنْصَارِ: يَا رَسُولَ اللهِ، أَنْفِقْ وَلاَ تَخَفْ مِنْ ذِي الْعَرْشِ إِقْلاَلاً، فَتَبَسَّمَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَعُرِفَ فِي وَجْهِهِ الْبِشْرُ لِقَوْلِ الأَنْصَارِيِّ، ثُمَّ قَالَ: بِهَذَا أُمِرْتُ

بامحاور ترجمو: حضرت عمر بن الخطاب ﷛ کان روايت آهي ته هڪ ماڻهو رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ اچي ڪجهه گهريو ته ڏيو. پوءِ پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو: هينئر مون وٽ ڪجهه به نه آهي پر منهنجي نالي قرض وٺي ڪڻ. جڏهن مون وٽ ڪجهه آيو ته آءٌ پاڻ ئي اهو قرض ادا ڪندس. حضرت عمر ﷛ عرض ڪيو ته يا رسول الله ﷺ هڪ ڀيرو ته هن کي ڏئي چڪا آهيو باقي جنهن جي طاقت نه آهي ته پوءِ الله ﷻ ان جي ڏيڻ جي تڪليف ته نه ڏني آهي.

پاڻ سڳورن ﷺ کي حضرت عمر ﷛ جي اها ڳالهه پسند نه آئي پوءِ هڪ انصاري ﷛ چيو ته اي الله ﷻ جا رسول! اوهان خرچ ڪريو ۽ عرش جي مالڪ کان محتاجيءَ جو فڪر نه ڪريو. هن ڳالهه تي رسول الله ﷺ جن مرڪڻ لڳا ۽ سندن منهن مبارڪ ۾ انصاري جي ڳالهه جي ڪري خوشي ظاهر ٿيڻ لڳي، پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته "مون کي اهڙوئي حڪم ٿيل آهي."

مفردات جو شرح: "اِبْتَعْ" خريد ڪر. هن جي اصل مصدر ابتياع آهي. "كَلَّفَ" تڪليف ۾ وڌائون. هن جي مصدر تڪليف آهي سختي ۽ مشقت ۾ وجهڻ. "تَقْدِرُ" هن جي مصدر قدر ۽ قدرة آهي معنيٰ قادر هجڻ، ڪري سگهڻ، طاقت رکڻ، اندازو ڪرڻ، روڪڻ. "اِقْلَالًا" گهٽ ڪرڻ.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ حبيب ڪريم ﷺ جن جي طرفان سائل کي مطمئن ڪرڻ جي لاءِ حڪم ڪيو ويو آهي ته "مون وٽ (ظاهر ۾ هن وقت) ڪابه شيءِ ناهي پر منهنجي ذمي تي ڪا شيءِ وٺي وٺ. جڏهن ڪا شيءِ ايندي ته مان اهو ڏئي ڇڏيندس. مطلب ته توکي جيڪا ضرورت آهي اها منهنجي نالي تي وٺي وڃي پنهنجي ضرورت پوري ڪر. حضرت بلال ﷛ کان روايت آهي ته: ڪير به جيڪڏهن مسلمان تي سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندو هو ۽ پاڻ ان کي ڪپڙا نه ڏسندا هئا ته مون کي حڪم ڪندا هئا ته ان جي لباس جو انتظام ڪيان ۽ مان قرض کڻي به ان جي لباس ۽ کاڌي پيتي جو انتظام ڪندو هوس ۽ پوءِ اهو قرض حضور ڪريم ﷺ جن ادا ڪندا هئا. پر حضرت عمر ﷛ اها ڳالهه برداشت ڪري نه سگهيو ۽ ان اٿي عرض ڪيو ته: يا رسول الله ﷺ! اوهان حقيقت ۾ ان کي عطا ڪيو ته آهي جو نرم جواب به عطا ۽ بخشش جي جاءِ تي آهي يا جيڪا شيءِ هئي اها ته اوهان ان کي مرحمت فرمائي پر هاڻي جڏهن اوهان وٽ خدمت ۾ هن وقت ڪا شيءِ (ظاهر) موجود ناهي ته پاڻ تي قرض جو بار چو ٿا کڻو؟ ۽ الله ﷻ اوهان کي اهڙي تڪليف نه ڏني آهي پر حضرت عمر ﷛ جي ان ڳالهه کي حضور ڪريم ﷺ جن توجهه جي قابل نه سمجهيو ۽ کين اها ڳالهه پسند به نه آئي ڇوته سندن ڪريمانه اخلاق جي برخلاف هو ته هڪ سائل سندن دروازي تان نااميد موٽي وڃي. پر هيءَ ڳالهه چڱيءَ طرح ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته: هي ڪلمو ان جي ڪري ناگوارا نه گذريو هو ته اهو شريعت جي خلاف هو بلڪ سندن سخاوت واري شان کي ڳرو لڳو هو. جڏهن اتي موجود انصارن مان هڪ شخص کين عرض ڪيو ته: يا رسول الله ﷺ! اوهان خرچ ڪيو ۽ الله ﷻ، عرش جي رب کان گهٽ ڪرڻ جو خوف نه ڪيو." يعني اهو پاڪ رب ﷻ جيڪو عرش عظيم جو مالڪ آهي، اهو اوهان کي عطا ڪرڻ وارو آهي ان جي ڪري اوهان ڪوبه فڪر ۽ غم نه ڪيو. الله جل شانه پنهنجي بارگاهه عاليه مان اوهان کي اهو ڪجهه عطا ڪري ٿو جيڪو سيني جهانن مان ڪنهن کي به نه ٿو عطا ڪري. انصاري پلاري جو اهو ٻول ٻڌي حضور ڪريم ﷺ جن تبسم فرمايو ۽ ان جي ان ڳالهه کان گهڻو خوش ٿيا ۽ ان خوشيءَ جو اظهار سندن طبيعت مبارڪ ۽ پاڪ چهري مان به ظاهر ٿيڻ لڳو. سندن چهره مبارڪ تي خوشي ۽ تازگي نظر اچي وئي ۽ پاڻ فرمايائون ته "مون کي ان جو حڪم ڏنو ويو آهي "يعني خرچ ڪيان ۽ مسڪيني ۽ سچائيءَ جو ڪو فڪر نه ڪيان" ۽ هڪ حديث مان ثابت ٿيو ته حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن ڪرم ۽ جود ۾ انتها تي پهتل هئا ۽ هن ڳالهه جي لاءِ به متنبه هجڻ گهرجي ته جيڪا به خصلت فضائل مان آهي. حضور ڪريم ﷺ جن ان ۾ اعليٰ مرتبي

تي فائز ۽ ان جي چوٽي تي مخصوص ٿيل آهن.

سوال: ڇا حضور ڪريم ﷺ جن کي گهٽ ٿيڻ جو خوف هو جو انصاري سڳوري کين عرض ڪيو ته گهٽ ڪرڻ جو خوف نه ڪيو؟

جواب: هتي اهڙي ڪا به دلالت ناهي. بلڪ اڳ ۾ جيڪو ذڪر ڪيو ويو آهي ان مان سندن پنهنجي رب جل جلاله تي اعتماد جو اظهار تي ڇڪو آهي پوءِ هتي مراد آهي ته : اوهان پنهنجي رب کان گهٽ نه ڪرڻ جي جنهن ڳالهه تي آهيو ان تي ثابت رهو حضرت عمر رضي الله عنه جيڪا خيرخواهي طور ڳالهه عرض ڪئي ان جي پرواهه نه ڪيو. پاڻ ﷺ انصاري رضي الله عنه جي ڳالهه تي خوش ٿيندي فرمايائون ته : مون کي به هن جوئي امر ڪيو ويو آهي ته مان عطا ڪندو رهان ۽ گهٽ ڪرڻ جو خوف نه رکان. ۽ ابنِ جرير "تهذيب الآثار" ۾ حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آندي آهي : ان کي عرض ڪيو ويو ته : تو رسول الله ﷺ جن کي سون ۽ چانديءَ جي لاءِ ڪيئن ڏٺو؟ ان چيو ته پاڻ الله جل جلاله کان دعا گهري هيائون ته سندن ذات وٽ به درهم به گڏ نه ٿين." چاڻڻ گهرجي ته : جن عالمن جو قول آهي ته : غني شاڪر، فقير صابر کان افضل آهي انهن هن ۽ اهڙين ٻين حديثن سان دليل ورتو آهي. علامه ابن القيم فرمايو ته : حضور ڪريم ﷺ جن هر خوبي ۽ سٺي خصلت جا صاحب ۽ انهن ۾ انتهائي چوٽي تي چڙهيل آهن جيڪڏهن سندن جهاد ۾ سيرت تي غازي عمل ڪندي چون ٿا ته اهي افضل آهن ته سندن علم ۽ فقه تي عمل ڪندي فقيه چون ٿا ته اهي افضل آهن ۽ جيڪڏهن سندن زهد کي ڏسي زاهد چون ٿا ته اهي پلا آهن ته سندن تواضع ۽ حلم کي ڏسي متواضع ۽ بردبار چون ٿا ته اسين پلا آهيون ته باطل وارن جي مٿان سندن قهر، غلبي، سختي ۽ پڪڙ کي ڏسي ان مرتبي تي فائز رهڻ وارا چون ٿا ته اسين پلا آهيون. ۽ جڏهن سندن وقار ۽ هيبت سان هيبت ۽ وقار وارا دليل وٺن ٿا ته سندن حسن خلق ۽ جائز خوش طبعي سان ان جا صاحب حجت وٺن ٿا. ۽ اهڙي طرح ٻيا ۽ هن ۾ راز اهو آهي ته پاڻ دنيا ۽ دين ٻنهي جي اصلاح جي لاءِ موڪليا ويا آهن ۽ حضور ڪريم ﷺ جن پاڻ کي ان انصاري رضي الله عنه جي قول "يا رسول الله ﷺ خرچ ڪيو ۽ عرش جي مالڪ کان گهٽ ڪرڻ جو ڊپ نه ڪيو" جهڙو حضرت بلال رضي الله عنه کي به ارشاد فرمايو هيائون. حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته : هڪ ڀيري نبي ڪريم ﷺ جن حضرت بلال رضي الله عنه وٽ ڪارڪ جو هڪ ڍير لڱل ڏٺو ۽ فرمايائون ته " هي ڇا آهي؟ ان عرض ڪيو ته آئنده جي ضرورتن جي لاءِ بچائي رکيو اٿم. ته پاڻ ان کي فرمايائون " توکي هن جو ڊپ ناهي ته قيامت جي ڏينهن ان جي ڪري تو تائين جهنم جو دونهو پهچي؟ ان کان پوءِ فرمايائونس ته "اَنْفِقْ بِلَالُ! وَلَا تَخْشَ مِنْ ذِي الْعَرْشِ اِقْلَالًا" (اي بلال خرچ ڪر ۽ عرش جي رب جل جلاله کان گهٽ ڪرڻ جو ڊپ نه ڪر" الغرض ته حضور ڪريم ﷺ جي سخاوت ۽ ڪرم جا واقعا جيتري ڪثرت سان آهن انهن جي احاطي جي ڪنهن کي طاقت آهي؟ سندن ان ڪرم جي لاءِ هي به ضرور نه هو ته : ضرورتمندن جي ضرورت ان سان پوري ڪئي وڃي جيڪو وٽن موجود هجي. بلڪ سندن عام معمول هو ته قرض کڻي به ضرورتمندن جي ضرورت پوري ڪندا هئا جيئن مٿين حديث ۾ موجود آهي. هڪ شخص حضرت بلال رضي الله عنه کان پڇيو ته حضور ڪريم ﷺ جن جي اخراجات جي ڪهڙي صورت هئي؟ ان فرمايو ته حضور ڪريم ﷺ جن وٽ ته ڪجهه بچت ۾ هوندوئي نه هو مان سندن اخراجات جو منتظم هوندو

هوس سندن دستور مبارڪ هي هوندو هو تہ جڏهن ڪو شخص مسلمان ٿي سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندو هو ۽ پاڻ ان جي لاءِ ڪپڙن جي ضرورت محسوس ڪندا هئا تہ مون کي ان جي انتظام جو امر ڪندا هئا مان ڪٿان قرض وٺي ان جا ڪپڙا تهرائيندو هوس. ۽ ان جي کاڌي جو انتظام ڪندو هوس. هڪ ڏينهن مشرڪن مان هڪ شخص مون وٽ آيو ۽ مون کي چوڻ لڳو تہ مون کي وڏي وسعت حاصل آهي توکي جيڪو قرض کپي مون کان وٺندو ڪر ٻئي ڪنهن کان قرض کڻڻ جي ضرورت ناهي ان ڪانپوءِ مون ان کان قرض کڻڻ شروع ڪيو هڪ ڏينهن مان وضو ڪري بانگ ڏيڻ وارو هوس تہ اهو مشرڪ ٻئن تاجرن سان گڏ آيو ۽ مون کي ڏسي چوڻ لڳو تہ اي حبشي! مون چيو جيءُ، حاضر آهيان. اهو انتهائي بڇڙو منهن ڪري مون کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ هن مهيني جي ختم ٿيڻ ۾ باقي ڪيترا ڏينهن آهن؟ مون ان کي چيو تہ : مهينو تہ ختم ٿيڻ جي قريب آهي تہ چوڻ لڳو باقي چار ڏينهن رهيا آهن جيڪڏهن ان وقت تائين تو قرض نہ ڏنو تہ ان قرض جي بدلي ۾ توکي غلام بنائيدس ۽ جيئن پهريان غلاميءَ جي دور ۾ ٻڪريون چاريندو هئين اها ساڳي صورت وري واپس ايندي حضرت بلال ﷺ فرمايو تہ ان جي اها بيحيائيءَ واري ڳالھ ٻڌي جيڪا ڪيفيت ٻين تي گذري ها اها مون تي بہ گذري ۽ مان عشاء جي نماز کان پوءِ حضور ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿي سڄي حقيقت عرض ڪئي تہ حضور! چا ايترو جلد انتظام ٿي سگهي ٿو؟ مان ڀلا لڪي وڃان جڏهن اوهان ان جو قرض ادا ڪيو تڏهن ظاهر ٿيان نہ تہ اهو مون کي گهڻو تنگ ڪندو. جڏهن صبح ٿي تہ هڪ شخص ڊوڙندو آيو تہ توکي حضور ڪريم ﷺ جن گهرايو آهي مان حاضر ٿيس تہ حضور ڪريم جن ارشاد فرمايو "الله جل جلاله تنهنجي قرض لاهڻ جو انتظام ڪري ڇڏيو آهي هي چار ڏاچيون آهن سامان سان ڀريل، فدڪ جي حاڪم هديي طور موڪليون آهن. حضرت بلال ﷺ فرمايو تہ مون صبح جو اهو سڀ قرض لاٿو ۽ محبوب ڪريم ﷺ کي اطلاع ڏنو تہ الله جل جلاله سمورو قرض لاهي ڇڏيو. پاڻ فرمايائون "ان سامان مان ڪجھ بچيو آهي يا نہ؟ مون عرض ڪيو تہ ڪجھ بچيو آهي حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ "ان کي بہ ورهائي ڇڏ تہ مون کي راحت ملندي. شام تي وري بہ ڪجھ بچي پيو. ۽ عشاء کان پوءِ حضور ڪريم ﷺ جن وري پڇيو تہ مون عرض ڪيو ان مال جا مستحق اچن ئي ڪونہ ٿا. اجان ڪجھ بچيل آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن اها رات مسجد ۾ گذاري گهر تشريف وٺي نہ ويا ٻئي ڏينهن وري پڇيائون "مون عرض ڪيو تہ الله جل جلاله اوهان کي ان جي بار کان آزاد ڪري ڇڏيو آهي تڏهن حضور ڪريم ﷺ جن الله جل جلاله جو شڪر ڪيو ۽ پنهنجي گهر تشريف فرما ٿيا. (ابو داؤد)

(خصائل نبوي ص 316، 17 , جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 171، 172، المواهب ص 597، 598، اشرف الوسائل ص 516)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 49 {2} **الهيتمي في مجمع الزوائد** ج 10 ص 241.

{357} حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ قَالَ : أَخْبَرَنَا شَرِيكٌ، عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ مُحَمَّدِ بْنِ عَقِيلٍ، عَنِ الرُّبَيِّعِ بِنْتِ مُعَوِّذِ بْنِ عَفْرَاءَ، قَالَتْ : أَتَيْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بِقِنَاعٍ مِنْ رُطَبٍ وَأَجْرٍ زُغْبٍ فَأَعْطَانِي مِلْءَ كَفِّهِ حُلِيًّا وَذَهَبًا

بامحاوره ترجمو: حضرت ربيع بن عفراء ﷺ جي ڌيءَ ربيع ﷺ کان روايت آهي تہ آءُ نبي ڪريم ﷺ

جي خدمت ۾ تازي کارڪ ۽ ڪچين ونگين جو ٿانءُ ڀري کڻي آيس تہ پاڻ سڳورن ﷺ جن مون کي ڳهن ۽ سون جي مُٺ ڀري ڏني.

مفردات جو شرح: "قِنَاعٍ" ٿانءُ جنهن تي ڪاڌو رکي کائيندا آهن ان کي قنع بہ چوندا آهن. ڪجيءَ جي کاٽيءَ مان ٺهيل ٿالهي جنهن ۾ ڪاڌو وڌو ويندو آهي. **"رُطَب"** تازي ڪجور. "أَجْرٍ" ننڍي شيءِ ڏاڙهون هجي يا گدرو. هن جو جمع اجراء ۽ آجر ۽ جمع الجمع اجرية آهي. "زُغْبٍ" ڪچڙيون ٻاڀيون. "مِلءَ" ڀري ڏيڻ. "حُلِيٌّ" زيور کي چوندا آهن. "ذَهَب" سون.

سمجهاڻي: حضرت ربيع بنت معوذ بن عفراء ﷺ جي هن روايت مان ثابت ٿئي ٿو تہ حضور ڪريم ﷺ جن سندس هديي کي قبول ڪري ان کي هديي جي بدلي ۾ وڏي نوازش سان نوازيو ۽ ان کي زيورن ۽ سون جي پاڪ مُٺ ڀري ڏني هيائون ۽ هيءَ حديث باب صفة الفاڪهة ۾ ذڪر ٿي چڪي آهي ۽ هتي هن کي حضور ڪريم ﷺ جن جي جود, سخاوت ۽ حسنِ اخلاق, اصحابن سان سندن لطف ڀريي معاشري ۽ سندن آداب تي دلالت ڪرڻ جي ڪري آندو ويو آهي. **خلق جو ڪمال آهي تہ** : هديو واپس ڪرڻ ۽ موٽائي ڏيڻ ۾ ٻئي جي دل شڪني جو خيال ٿيندو آهي ۽ دنيا ۾ بدلو نہ ڏيڻ ۾ ان کي ڪو نفعو نظر نہ ايندو آهي بلڪ گهڻا وقت محبت جي غلبي ۾ انسان پاڻ مشقت برداشت ڪري هديو ڏيندو آهي پر هديي جي بدلي ڏيڻ ۾ ان جي دلداري بہ ٿي وئي تہ ان کي ڪو نقصان بہ نہ پهتو پر نفعو ٿيو.

هيءَ حديث ٻين جن محدثن آندي آهي: انهن جو ذڪر حديث 203 جي تخريج ۾ لکي آيا آهيون.

{358} حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ خَشْرَمٍ ، وَغَيْرُ وَاحِدٍ قَالُوا : حَدَّثَنَا عِيسَى بْنُ يُونُسَ ، عَنْ هِشَامِ بْنِ عُرْوَةَ ، عَنْ أَبِيهِ ، عَنْ عَائِشَةَ : أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يَقْبَلُ الْهَدِيَّةَ وَيُثِيبُ عَلَيْهَا.

بامحاوره ترجمو: حضرت بيبي عائشه صديقه ﷺ کان روايت آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ سوکڙيون پاڪڙيون قبول ڪندا هئا ۽ ان جو بهتر عيوض ڏئي ڇڏيندا هئا.

مفردات جو شرح: "هَدِيَّةَ" تحفو سوکڙي "يُثِيبُ" بدلو ڏيندا.

سمجهاڻي: مومنن جي ماءُ فرمايو تہ رسول الله ﷺ جن هديہ قبول ڪندا هئا. مطلب تہ هديو رد نہ ڪندا هئا تانتہ هديي ڏيندڙ جي دل خوش رهي ۽ سندن رحمت واري دربار مان واپس نہ وڃي. "ان جو بدلو بہ ڏيندا هئا. ۽ اهو يا ان هديي جي برابر هوندو هو يا ان کان وڌيڪ ۽ بهتر هوندو. هڪ حديث ۾ "خَيْرًا مِّنْهَا" آيو آهي. هديي کان بہ ڀلو عطا ڪندا هئا. اهل السنة والجماعت وٽ اڄ بہ معمول آهي تہ : سادات عظام جي گهرن ۾ جيڪڏهن ڪو تحفو يا هديو موڪليندو آهي تہ اهي بہ ڪجھ نہ ڪجھ توفيق جي موافق انهن کي بدلو ڏيندا آهن ۽ هديي ۾ اها شيءِ قبول ڪئي ويندي جنهن جي ڏيندڙ جي مال ۾ شبهو نہ هجي ۽ جيڪڏهن نہ تہ اها قبول نہ ڪئي ويندي ۽ اهڙي طرح جيڪڏهن هديو ڏنل سمجهي ٿو تہ هديي ڏيندڙ اهو حياء کان ڏنو آهي. امام غزالي فرمايو تہ : جيڪو حياء جي ڪري هديو ڏي ٿو ان جو مثال ان وارو آهي جيڪو سفر کان واپس آيو آهي ۽ شرم کان هديا ورهائي ٿو تہ ان جا هديا قبول نہ ڪيا ويندا ڇو تہ هڪ مسلمان جو مال ٻئي مسلمان کي جيستائين اهو دل جي خوشي

سان نہ ٿو ڏي حلال ناهي ۽ جڏهن هديو ڏنل سمجهي ٿو تہ هديو ڏيندڙ هديي جي عوض ۾ ڪا شيءِ طلب ڪرڻ جي لاءِ هديو ڏنو آهي تہ اهو بہ قبول نہ ڪري جائز ناهي ۽ جاڻڻ گهرجي تہ حضور ڪريم ﷺ جا اخلاق ۽ سيرت اها ئي ساهمي آهي جنهن ۾ شيون توريون ونديون پوءِ جيڪوان جي موافق آهي مقبول آهي ۽ جيڪوان جي خلاف آهي مردود آهي هديي جو بدلو ڏيڻ مستحب آهي ۽ بعض علماء واجب چيو آهي. (خصائل نبوي ص 316, 17 , جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 171, 172, المواهب ص 597, 598, اشرف الوسائل ص 516)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب الهبة باب 12 المكافاة في الهبة رقم الحديث 2585 ج 5 ص 210 {2} ابو داؤدفي كتاب البيوع باب 82 في قبول الهدايا رقم الحديث 3536 ج 3 ص 290 {3} احمد في المسند ج 6 ص 90 {4} البيهقي في سننه ج 6 ص 180. {5} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 199 {6} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 1610 ج 6 ص 105.

باب اوڻونجاهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي حَيَاءِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ اهي حديثون آهن جيڪي رسول الله ﷺ جي حياء جي بيان ۾ آهن

سمجهاڻي: حياء مد سان هن جي لغوي معنيٰ آهي تغير ۽ اهڙي انڪساري جيڪا انسان کي لڳندي آهي ان ڪان سواءِ جنهن سان عيب لڳايو وڃي يا جنهن تي ڏاراپو ڏنو وڃي. ۽ حياء شرعًا اهڙو خلق آهي جيڪو قبيح ڪم ڪرڻ ڪان پاسي تي رکندو آهي ۽ سهڻي ڪم ڪرڻ تي حرص ڏياريندو ۽ حقدار جي حق ادا ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪان پاسي تي رکندو آهي ۽ اهو ئي حضور ڪريم جي فرمان "اَلْحَيَاءُ مِنَ الْاِيْمَانِ" (حياء ايمان منجهان آهي) مان مراد آهي ۽ اهو مد سان پڙهيو ويندو جيئن بيان ڪري آيا آهيون ۽ حياء سهڻي اخلاق مان آهي ۽ ان کي جدا باب ۾ ذڪر ان جي شان تي تنبيهه ڪرڻ لاءِ آهي ڇوته ان سان خلق سان سهڻو معاشرو ۽ حق سان صحيح معاملو هوندو آهي. حياء جي اسلام ۾ وڏي اهميت آهي حديث ۾ آيو آهي ته "جڏهن تو مان حياء هليو وڃي ته پوءِ جيڪو گهرين اهو ڪر" حضرت نبي ڪريم ﷺ جو هر ڪمال انتها جي درجي تي پهتل آهي جنهن باب کي شروع ڪيو وڃي ان ۾ سندن اوصاف بيان ڪرڻ جي لاءِ جيئن ان جو حق آهي الفاظ ميسر نه آهن سندن حياء جا به چار واقعا ناهن سوين واقعا ان جا شاهد آهن. حضرت ابن عمر رضي الله عنهما فرمايو ته: "پاڻ گهڻي حياء جي ڪري ڪنهن شخص جي چهري تي نگاهه ڄمائي نه رکندا هئا." يعني اکين ۾ اکيون ملائي ڪنهن سان سامهون نه ڏيندا هئا. محدث ترمذي به نموني طور هن باب ۾ ٻه حديثون آنديون آهن.

حياء جا قسم: علماء لکيو آهي ته "حياء ڪيترن قسمن جو هوندو آهي. (1) هڪ ڪرم جو حياء جيئن حضور ڪريم جن جڏهن بيبي زينب رضي الله عنها جو وليمو ڪيو ته اتي ڪاڌي کائڻ کان پوءِ به ڪجهه اصحابي ويٺا رهيا ۽ ڪچهريءَ ۾ مشغول هئا. نبي ڪريم ﷺ جن تي انهن جو اتي ويهڻ ڳرو هو ۽ بار بار ڪڏهن ٻاهر تي ويا ته ڪڏهن اندر تي آيا پر ڪريمانه حياء جي ڪري انهن کي اٿڻ جو ڪونه ٿي چيائون. قرآن ڪريم ۾ به سوره احزاب جي آخر ۾ هن قصي ڏانهن اشارو آيل آهي (2) ٻيو عاشق جو پنهنجي محبوب کان حياء ڪندو آهي جو ان کي ان سان ڳالهائڻ به ڏکيو هوندو آهي.

شوق افزوں مانع عرض تمناداب حسن
بارہا دل نے اٹھائے ایسے لذت کے مزے

(3) ٽيون قسم ٻانهپ جو شرم هوندو آهي جو ٻانهپ ۾ پاڻ کي قصوروار سمجهي ۽ الله ﷻ کان شرم ۾ وڙندو وڃي. (4) چوٿون پنهنجي ذات کان شرم ٿيندو آهي جو انسان همٿ سان ڪو ڪم شروع

ڪري ۽ ان ۾ ڪو نقص رهجي وڃي تہ خود پاڻ کان شرم اچي. تو تہ صحيح ڪم نہ ٿيو چون ٿا تہ هي حياء جو اعليٰ درجو آهي جيڪو شخص پاڻ کان حياء ڪري ٿو اهو ٻئي کان بطريق اوليٰ شرم ڪندو حياء جي صفت روحاني طاقت کي وڌائي انسان کي وڏي درجي تي پهچائي ٿي پر افسوس آهي جو هن دور ۾ يورپي تهذيب انسان جي حياء کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي حياء کان سواءِ انسان حيوان آهي. علامہ نبهاني لکيو آهي تہ سندن حياء جو هي جهان هو جو ڪنهن جي چهري تي نظر ڄمائي گفتگو نہ ڪندا هئا. جيڪڏهن پنهنجي منشا جي خلاف ڪا ڳالهہ ڪرڻ گهرندا هئا تہ اشارن ۽ ڪنايـن ۾ ڪندا هئا. قضا حاجت جي ضرورت پوندي هئي تہ ماڻهن کان پري ڪنهن ميدان وغيره ڏانهن نڪري ويندا هئا. ۽ تيستائين ڪپڙو جسم کان پري نہ ڪندا هئا جيستائين زمين کي وڌ ۾ وڌ ويجها نہ ٿيندا. هئا (وسائل الوصول الي الشمائل الرسول ص) سنن ابنِ ماجه ۾ ابي بڪره ﷺ کان روايت آهي ان چيو تہ حضور ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو: "اَلْحَيَاءُ مِنَ الْإِيمَانِ وَالْإِيمَانُ فِي الْجَنَّةِ" (حياء ايمان مان آهي ۽ ايمان جنت ۾ آهي.) ابنِ ماجه ۾ ٻي حديث حضرت ابنِ عباس ﷺ کان روايت ڪيل آهي تہ "رسول الله ﷺ جن فرمايو "اِنَّ لِكُلِّ دِيْنٍ خُلُقًا وَاِنَّ خُلُقَ الْاِسْلَامِ الْحَيَاءُ" بلاشڪ هر دين جو اخلاق آهي ۽ اسلام جو اخلاق حياء آهي. بخاري شريف جي شرحن ۾ عمران بن حصين ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو "اَلْحَيَاءُ لَايَاتِيْ اِلَّا بِخَيْرٍ" (حيا خير ئي خير آڻيندو آهي)

(انوار غوثيه ص 506, المواهب ص 601 جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 174)

{359} حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلَانَ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو دَاوُدَ قَالَ: حَدَّثَنَا شُعْبَةُ، عَنْ قَتَادَةَ قَالَ: سَمِعْتُ عَبْدَ اللهِ بْنَ أَبِي عُتْبَةَ، يُحَدِّثُ عَنْ أَبِي سَعِيدٍ الْخُدْرِيِّ قَالَ: كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَشَدَّ حَيَاءً مِنَ الْعَذْرَاءِ فِي خِدْرِهَا، وَكَانَ إِذَا كَرِهَ شَيْئًا عَرَفْنَاهُ فِي وَجْهِهِ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو سعيد خدري ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن پردي ۾ وينل ڪنوار کان بہ وڌيڪ حيادار هئا. ۽ جڏهن پاڻ ڪنهن شيءِ کي نا پسند ڪندا هئا. تہ ان جو اثر سندن منهن مبارڪ مان ظاهر ٿيندو هو.

مفردات جو شرح: "أَشَدَّ" گهڻو مضبوط "اَلْعَذْرَاءِ" نوجوان ڇوڪري، ڪنواري، نہ پوتل موتي. هن جو جمع العذاريٰ ايندو آهي. "خِدْرِ" پردو. اهو پردو جيڪو ڇوڪريءَ جي لاءِ گهر جي ڪنڊ ۾ لڳايو وڃي. ڇوڪريءَ جي لاءِ گهر جو مخصوص حصو رات جو انڌيرو.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ سرڪار دو عالم ﷺ جي حياء کي تشبيہ سان بيان ڪيو ويو آهي تہ پاڻ ان نوجوان ڇوڪري وانگر هوندا هئا جيڪا پردي ۾ هوندي آهي. " پر هي صرف سمجهاڻ جي لاءِ آهي ورنہ تہ سندن حياء انتها جي حد تي پهتل هو.

حضرت علامہ علي القاري لکيو آهي تہ "پراڻي دور ۾ ڪنوارين ڇوڪرين جي پردي ۾ تربيت ڪئي ويندي هئي ايتري قدر جو انهن کي ٻين عورتن جي سامهون بہ نہ آندو ويندو هو. ڇوتہ عام بازارن ۾ قرڻ وارين ڪنوارين ڇوڪرين ۾ شرم ۽ حياء گهٽ هوندو آهي. علامہ مناوي لکيو آهي تہ : هن مان ثابت ٿيو تہ حياء سارا هيل صفتن مان آهي جيستائين ان ۾ ڪمزوري، نامردي، حق کان

نڪرڻ ۽ حسد نہ لڏو ويو نہ تہ پوءِ خراب آهي ۽ رسول الله ﷺ جن جو حياء انهن کوتاهين کان پاڪ هو ۽ پاڻ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ کي ناپسند ڪندا هئا. تہ ان جو اثر سندن منهن مبارڪ ۾ ڏنو ويندو هو. يعني پاڻ حضور شرمي جي ڪري ڪنهن کي روبرو ٽوڪيندا يا روڪيندا نہ بہ هئا پر سندن ناپسنديدگي سندن چهري مبارڪ مان محسوس ٿيندي هئي.

ڪنواري جو پنهنجي پرده ۾ هجڻ: علماء هن جا بہ مطلب بيان ڪيا آهن (1) هڪ جماعت هيئن فرمايو آهي تہ: پرده ۾ هجڻ واري ڪنواري سان تشبيہ ان جي ڏنل آهي جو هر ڪنواري شرميلي تہ هوندي آهي پر اها وڌيڪ شرميلي هوندي آهي جيڪا پرده ۾ رهندي آهي ڇرندڙ ڪنواري ۾ ايترو حياء ۽ شرم نہ رهندو آهي ان جي ڪري شريعت ڪنواري ڇوڪري جي نڪاح لاءِ ان جي سڪوت. خاموش رهڻ کي بہ قبوليت قرار ڏنو آهي ڇوتہ ڪنواري جي لاءِ شرم طبعي شيءِ آهي. (2) تہ پردي ۾ رهندڙ ڪنواري مان مراد اها ڪنواري آهي جنهن جي تربيت پردي ۾ ٿي هجي ۽ اها ٻاهرين عورتن کان بہ پردي ۾ رهي هجي.

علامہ بيجوري لکيو آهي. العذراء جي معنيٰ ڪنواري آهي. ڪنواري کي عذراء ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو ان سان جماع ڪرڻ ۾ ڏکيائي پيش ايندي آهي. حديث ۾ "احييٰ" وڌيڪ حياء واري لفظ جي بجاء "اشد" آندو ويو حالانڪ احييٰ بہ اسم تفضيل جو صيغو آهي سو ان جي ڪري جو "اشد" لفظ ۾ وڌيڪ مبالغو آهي. علامہ قاضي عياض فرمايو آهي تہ "حياء ايمان مان ان جي ڪري قرار ڏنو ويو آهي جو اهو جيتوڻيڪ پيدائشي امر آهي پر ان جو شرعي قانون طور استعمال قصد، ڪمائيءَ جو عام طور هوندو آهي ۽ القرطبي فرمايو تہ "حياء مان مراد ڪمايل حياء آهي ان ڪي ٿي حضور ڪريم ﷺ جن "ايمان مان" فرمايو آهي، ان مان مراد غريزي، پيدائشي ناهي پر جنهن ۾ اهو هوندو آهي تہ مڪتسب ڪمائي سان حاصل ڪيل حياء جي لاءِ مددگار ثابت ٿيندو ۽ حضور ڪريم ﷺ جن ۾ تہ ٻئي قسم حياء عليٰ وجه الڪمال موجود هو ۽ حياء جي ڪري سستي، ڪمزوري ڪري حق تي هلڻ نہ ڇڏبو اهو مذموم آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن ان کان پاڪ هئا ۽ حضرت ابن عمر رضي الله عنه فرمايو تہ "مون رسول الله ﷺ جن کان وڌيڪ نہ ڪو بهادر ڏٺو ۽ نہ ڪو وڏو عابد ڏٺو" ۽ حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه فرمايو تہ "كَانَ أَحْسَنَ النَّاسِ وَأَجْوَدَ النَّاسِ" پاڻ ماڻهن کان وڌيڪ سهڻا ۽ وڌيڪ بهادر ۽ وڌيڪ سخي هئا. هڪ ڀيري مدينہ منوره وارن کي ڊپ جي حالت پيش آئي تہ ڪنهن دانهن ڪئي ۽ ماڻهو ان جي آواز ڏانهن ويا تہ رسول الله ﷺ جن کي اتاهين پهچڻ کان پوءِ اڪيلو واپس ٿيندي ڏٺائون. ابي طلحة جي پنيءَ اگهاڙي گهوڙي تي سوار هئا. ۽ تلوار سندن ڳچيءَ مبارڪ ۾ لٽڪيل هئي. ۽ حديث پاڪ ۾ آهي اصحاب ڪرام رضي الله عنهم فرمايو تہ "إِذَا احْمَرَّ الْبَأْسُ اتَّقَيْنَا بِرَسُولِ اللهِ ﷺ" جڏهن جنگ جو ڊپ ٿيندو هو تہ اسين حضور ڪريم ﷺ جن سان بچاءُ وٺندا هئاسون. پاڻ اسان جي اڳيان هوندا هئا ۽ اسين سندن پويان هوندا هئاسون ۽ هي سڀ ڪجهہ سندن شجاعت ۽ دليريءَ جو دليل آهي جو پاڻ سستي ۽ ڪاهلي واري حياء کان پاڪ هئا. (اشرف الوسائل ص 520)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب المناقب باب 23 صفة النبي ﷺ رقم الحديث 3562 ج 6 ص 566. {2} مسلم في كتاب الفضائل باب 16 كثره حياء النبي ﷺ رقم

الحديث 2320 ج 4 ص 1809 {3} ابنِ ماجه في كتاب الزهد باب 17 الحياء رقم الحديث 4180 {4} احمد في المسند ج 3 ص 71, 72. {5} ابو داؤد الطيالسي في مسنده رقم الحديث 2222 ص 295.

{360} حَدَّثَنَا مَحْمُودُ بْنُ غَيْلَانَ قَالَ: حَدَّثَنَا وَكِيعٌ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ، عَنْ مَنْصُورٍ، عَنْ مُوسَى بْنِ عَبْدِ اللهِ بْنِ يَزِيدَ الْخَطْمِيِّ، عَنْ مَوْلًى لِعَائِشَةَ قَالَ: قَالَتْ عَائِشَةُ: مَا نَظَرْتُ إِلَى فَرْجِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَوْ قَالَتْ: مَا رَأَيْتُ فَرْجَ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَطُّ.

مفردات جو شرح: " مَا رَأَيْتُ" مون ڪڏهن بہ نہ نهاريو نہ ڏٺو. " " ڪڏهن بہ, ساري زندگي.

بامحاوره ترجمو: حضرت عائشه صديقه ﷺ جي هڪ آزاد ڪيل ٻانهي کان روايت آهي تہ مومنن جي ماءُ ﷺ چيو تہ: مون ڪڏهن بہ رسول الله ﷺ جي اوگهڙ ڏانهن نظر ڪانہ ڪئي يا چيائين تہ مون رسول الله ﷺ جي اوگهڙ ڪڏهن ڪانہ ڏٺي.

سمجهاڻي: شارحن يلارن لکيو آهي تہ: نهايت گهڻي حياء ۽ حضور شرمي جي ڪري پاڻ ڪي اهڙو ڍڪي رکندا هئا جو سڄي زندگي مون سندن اوگهڙ نہ ڏٺي, حضرت ابنِ عباس ﷺ فرمايو تہ "پاڻ حجرن جي پويان وڃي غسل ڪندا هئا ۽ ڪنهن بہ سندن اوگهڙ نہ ڏٺي هئي ۽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي هن سهڻي طريقي ۾ مسلمانن جي لاءِ عام ۽ اميرن ۽ مشائخ جي لاءِ خصوصًا هڪ عظيم درس آهي. ڪاش! جو اسان جا امير ۽ بي دين پير بي حيائيءَ جي محفلن ڪي ڇڏي سيدنا رسول الله ﷺ جي هن عظيم حياء کي پنهنجو بنائين تہ اسان جي معاشري جي ڪيفيت ئي بدلجي وڃي. ۽ جڏهن ام المومنين ﷺ کي حضور ڪريم ﷺ جي حياء جي ڪري سندن اوگهڙ ڏسڻ جي همت نہ ٿي تہ حضور ڪريم پاڻ ٻئي جي اوگهڙ کي ڪيئن ڏسندا ۽ هيءَ اصولي ڳالهہ آهي تہ شرم ۽ حياء واري ماڻهو جي اڳيان ٻئي کي ازخود شرم ٿيندو آهي ۽ ٻي روايت ۾ صراحت سان آيو آهي تہ "حضور ڪريم ﷺ جن ڪڏهن منهنجي اوگهڙ نہ ڏٺي ۽ نہ مون سندن اوگهڙ ڏٺي. ۽ جڏهن ام المومنين سيده عائشہ صديقہ ﷺ جيڪا نهايت انتهائي پياري هئي بي تڪلف هئي ان جو اهو حال هو تہ ٻين جو ڇا حال هوندو. ام المومنين ام سلمہ ﷺ فرمايو تہ: حضور ڪريم ﷺ جن گهروارين کي سڪون ۽ وقار سان رهڻ جو امر ڪندا هئا. ۽ هن روايت مان ثابت ٿيو تہ حياء جي تقاضا آهي تہ مرد ۽ عورت هڪ ٻئي جي اوگهڙ ڏانهن نہ نهارين پر جيڪڏهن ڪو نهاري ٿو تہ اهو حرام ناهي.

(جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 175, خصائل نبوي ص 321)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابنِ ماجه في كتاب الطهارة باب 137 رقم الحديث 662 {2} احمد في المسند ج 6 ص 63, 190 {3} البيهقي في سننه ج 7 ص 94 {4} ابنِ سعد في الطبقات ج 1 ص 383.

باب پنجاهون

بَابُ مَا جَاءَ فِي حِجَامَةِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ اهي حديثون آهن جيڪي رسول الله ﷺ جي سڱي هڻائڻ جي بيان ۾ آهن

سمجهاڻي: هن باب ۾ ڇهه حديثون آهن جن ۾ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جو ڳن ڪلهن مبارڪن ۽ پير مبارڪ جي پنيءَ تي سڱي هڻائڻ جو ذڪر آهي ۽ سڱي هڻائڻ محبوب ڪريم ﷺ جن جي قول مبارڪ ۽ فعل سان ثابت آهي. طبيبن به ان جا گهڻا فائدا لکيا آهن. علامہ محمد شفيع اوڪاڙوي "ذڪرِ جميل" ڪتاب جي صفحي 298 تي خصائص ڪبريٰ ۽ زرقاني جي حوالي سان حضرت ابنِ عباس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي. ته حضور ڪريم ﷺ جن سڱي هڻائي ۽ سندن پاڪ وجود مان جيڪو رت نڪتو اهو هڪ قريشي غلام پي ڇڏيو. "فَقَالَ اذْهَبْ فَقَدْ اَحْرَزْتَ نَفْسَكَ مِنَ النَّارِ" پوءِ پاڻ ان کي فرمايائون ته وڃ بلاشڪ تو پنهنجي پاڻ کي جهنم جي باهه کان بچائي ڇڏيو. اهڙي طرح پاڻ سڱي لڳارائڻ کان پوءِ نڪرڻ وارو رت مبارڪ حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنه کي ڏنائون ته ٻاهر ڪنهن اهڙي جاءِ تي ڇڏ جتي ڪير نه ڏسي ته ان ٻاهر نڪري اهو پي ڇڏيو جڏهن واپس آيو ته پاڻ ان کان پڇيائون ته "ڇا ڪري آئين؟ عرض ڪيائين ته اهڙي جاءِ تي لڪائي آيو آهيان جتي ڪير به ڏسي نه سگهندو. پاڻ فرمايائونس ته "شايد تون پي آيو آهين؟ عرض ڪيائين ته "هائو" ڇو ته مان ڄاڻان ٿو ته جنهن ۾ اوهان جو پاڪ رت هوندو ان کي دوزخ جي باهه نه لڳندي. پاڻ فرمايائون ته "وڃ تون به دوزخ جي باهه کان بچي وئين" پوءِ وري فرمايائون ته "افسوس انهن ماڻهن تي جيڪي توکي شهيد ڪندا ۽ تون انهن کان بچي نه سگهندين." (خصائص ڪبريٰ ج 1 ص 68 بحوالہ مستدرڪ. ڪنزالعمال. بزار ابويعلي بيهقي. زرقاني ج 4 ص 23. انوار غوثيه ص 510، 511) ۽ هنن حديثن مان ثابت ٿيو ته بدن جو علاج ۽ دوا جو استعمال نبوي معمولات ۾ هو علاج ڪرڻ توڪل جي خلاف ناهي ان جي ڪري جو نبي ڪريم ﷺ جن کان وڌيڪ توڪل ڪندڙ ڪير به ناهي پر ان جي باوجود به پاڻ سڱي هڻائڻ سان علاج ڪيو اٿن جيئن متعدد حديثن ۾ آيل آهي ۽ حق هي آهي ته توڪل اسباب اختيار ڪرڻ جي خلاف ناهي حضرت شاهہ ولي الله محدث دهلوي پنهنجي جنهن رسالي ۾ مبشرات ۽ گهڻا مڪاشفات ۽ حضور ڪريم ﷺ جن کان خوابن ۾ ڪيل سوالات آندا آهن ان ۾ لکيو آهي ته مون هڪ ڀيري حضور ڪريم ﷺ جن کان خواب ۾ روحاني سوال ڪيو ته اسباب جي اختيار ڪرڻ ۽ اسباب جي ترڪ ڪرڻ مان ڀلو ڇا آهي؟ ته مون تي سندن طرفان هڪ روحاني فيض جي مهرباني ٿي جنهن جي ڪري اسباب ۽ اولاد غرض هر شيءِ کان طبيعت ٿڌي ٿي وئي ان کان پوءِ منهنجي طبيعت تي هڪ انڪشاف ٿيو جنهن جو اثر هي ٿيو جو طبيعت اسباب ڏانهن متوجهہ رهي ۽ روح تفويض ۽ تسليم ڏانهن مائل رهيو. حق هي آهي ته

اها ئي اصل توڪل آهي جو اسباب کي بالڪل غير موثر سمجهيو وڃي ڇوته اسباب ۾ تاثير به الله ﷻ جي طرفان ٿيندي آهي ان جي گهرڻ کان سواءِ اسباب به ڪجهه پيدا ڪري نه ٿا سگهن الاهي مقدرات جي اڳيان ڪنهن جو وس نه ٿو هلي، حضرت شاه ولي الله محدث دهلوي جي ٻئي رسالي ۾ آهي ته "هي اسباب جو مسئلو انهن ٽن وصيتن مان آهي جن جي حضور ڪريم ﷺ جن وصيت ڪئي هئي ۽ شاه صاحب کي سندس طبعي رجحان جي خلاف مجبور ٿيڻو پيو هڪ اسباب اختيار ڪرڻ، ٻيو حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي حضرت علي رضي الله عنه کان افضليت ۽ ٽيون تقليد کي نه ڇڏڻ جو سندن لاڙو تقليد جي ڇڏڻ ڏانهن هو ڪيس نه ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ويو ته ڪنهن به هڪ امام جي تقليد ضرور ڪيو. تفصيل هتي ڪونه ٿو لکجي رسالي "فضل مبين" ۽ رسالي "فيوض الحرمين" ۾ ٻنهي جو تفصيل لکيل آهي. (خصائل نبوي ص 321، 322)

علامه بيجوري لکيو آهي ته: اسباب جو اختيار ڪرڻ توڪل جي خلاف ناهي پر انهن جو ڇڏڻ افضل آهي ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جو اسباب کي اختيار ڪرڻ توڪل جي خلاف ناهي ڇوته پاڻ متوڪلن جا سردار آهن ۽ پاڻ اهو اسباب کي شرعي حيثيت ڏيڻ جي لاءِ ڪيو هيائون ۽ سڱي هڻائڻ جا فائدا گهڻا آهن جيئن انهن مان ڪجهه هن باب جي احاديث مان معلوم ٿيندا. علامه علي القاري لکيو آهي ته: حضور ڪريم ﷺ جن سڱي گهڻي هڻائيندا هئا تانجو روزي جي حالت ۾ به سڱي هڻائي هيائون. (رواه الشيخان وغيرهما) ۽ جمهور جو مذهب هي آهي ته روزي ۾ سڱي هڻائڻ سان روزو نه ٽٽندو ۽ امام احمد فرمايو ته: سڱي هڻندڙ ۽ هڻائيندڙ ٻنهي جو روزو ٽٽي پوندو جيئن حديث شريف ۾ آهي ته "أَفْطَرَ الْحَاجِمُ وَالْمَحْجُوْمُ" سڱي هڻندڙ ۽ هڻائيندڙ ٻنهي جو روزو ٽٽي پوندو ۽ جمهور محدثن حديث جو تاويل هن طرح ڪيو آهي ته اهو اول حڪم هو پوءِ اهو منسوخ ڪيو ويو آهي جيئن متعدد طريقن سان وارد آهي ۽ ابن حزم به ان کي صحيح چيو آهي. علامه مناوي لکيو آهي ته: هن باب جي حضور ڪريم ﷺ جن جي شمائل سان مناسبت جو وجهه هي آهي ته: وڏي ڳالهه توڪل ڪرڻ آهي ۽ ان جي تقاضا هيءَ آهي ته: پنهنجي بدن جي حفاظت الله ﷻ جي حوالي ڪري سڱي هڻائڻ وغيره سان علاج نه ڪرائي پر هتي هڻائڻ جو باب قائم ڪري ٻڌايو ويو آهي ته بدن جي صحت لاءِ تدبير ڪرڻ شرعي طور جائز آهي توڪل جي خلاف ناهي ڇوته اهو الله ﷻ ڏانهن امر جي نسبت ڪرڻ آهي. ها. سبب جو ترڪ ڪرڻ افضل آهي ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جو اسباب کي اختيار ڪرڻ وارو فعل توڪل جي خلاف ناهي ڇوته پاڻ متوڪلين جا سردار آهن ۽ پاڻ اهي اسباب انهن کي شرعي طور جائز قرار ڏيڻ جي لاءِ اختيار ڪيا هئائون.

(جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 175)

هي حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب المساقاة باب 11 حل اجرة الحجامة حديث رقم 1577 ج 3 ص 1204 {2} البخاري في كتاب البيوع باب 49 ذكر الحجام حديث رقم 2102 ج 4 ص 324 {3} البيهقي في سننه ج 9 ص 337 {4} البغوي في شرح السنة حديث رقم 2035 ج 8 ص 19.

{361} حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ قَالَ: حَدَّثَنَا إِسْمَاعِيلُ بْنُ جَعْفَرٍ، عَنْ حُمَيْدٍ قَالَ: سُئِلَ أَنَسُ بْنُ مَالِكٍ عَنْ كَسْبِ

الْحَجَّامِ، فَقَالَ: احْتَجَمَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حَجَمَهُ أَبُو طَيْبَةَ، فَأَمَرَلَهُ بِصَاعَيْنِ مِنْ طَعَامٍ، وَكَلَّمَ أَهْلَهُ فَوَضَعُوا عَنْهُ مِنْ خَرَاجِهِ وَقَالَ: إِنَّ أَفْضَلَ مَا تَدَاوَيْتُمْ بِهِ الْحِجَامَةُ، أَوْإِنَّ مِنْ أَمْثَلِ دَوَائِكُمُ الْحِجَامَةَ

مفردات جو شرح: "كَسَبِ" جمع ڪرڻ. طلب ڪرڻ. نفعو ڪمائڻ. روزي تلاش ڪرڻ. ڪمائڻ "صَاعَيْنِ" ٻہ ٽويا يا ھي صاع جو تثنيو آھي. تقريبًا چئن سيرن جو ھڪ ٽويو ھوندو آھي. "خَرَاجِ" يا خِراج "پيداوار. اھو محصول جيڪو بادشاھ يا زمين جو مالڪ وصول ڪندو آھي. آمدني "تَدَاوَىٰ" پنھنجو پاڻ علاج ڪرڻ فرمايائون.

بامحاوره ترجمو: حضرت حميد رضي الله عنه کان روايت آھي تہ حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان سڱي هڻندڙ جي محنت ۽ مزدوري بابت پڇيو ويو؟ حضرت انس رضي الله عنه چيو تہ رسول الله ﷺ جن ابو طيبہ (غلام) کان سڱي هڻائي هئي ۽ ان کي ان جي محنت طور ڪڻڪ جي ٻن ٽوين ڏيڻ جو امر فرمايو ھيائون ۽ ان ٻانهي جي مالڪ کي بہ سفارش ڪيائون. پوءِ ان ان جي قسط ۾ گھٽتائي ڪري ڇڏي ھئي.

پاڻ ڪريمن ﷺ ائين بہ فرمايو تہ "دوا کان سڱي وڌيڪ آھي، يا فرمايائون تہ "سڱي هڻائڻ دوائن مان عمدو علاج آھي."

سمجهاڻي: هن روايت ۾ حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان سڱي هڻڻ جي مزدوري جي متعلق سوال ڪيو ويو تہ ان جو اجورو وٺڻ جائز آھي يا نہ. بعض شارحن فرمايو تہ شايد ان سوال ڪرڻ جي منشا اھا ھجي تہ: سڱي هڻڻ جي اجوري وٺڻ کي ھڪ حديث ۾ خبيث سڏيو ويو آھي سائل کي وهم ٿيو تہ سڱي هڻندڙ کي اجورو ڏيڻ حرام آھي. حضرت انس رضي الله عنه سوال ڪندڙ کي ٻڌايو تہ: حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ابو طيبه کان سڱي هڻائي ۽ پاڻ ان کي ڪاڏي جا ٻہ ٽويا ڏياريائون. جنهن مان معلوم ٿيو تہ سڱي هڻندڙ کي اجورو ڏيڻ جائز آھي. جيڪڏھن جائز نہ ھجي ھا تہ حضور ڪريم ﷺ جن اھڙو امر نہ ڪن ھا. ھڪ روايت ۾ ٻہ ٽويا ڪارڪن جا ذڪر ڪيل آھن. ابو طيبه جو نالو نافع ھو ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ان تان گھٽتائي ڪرائي ھئي. يعني پاڻ ان جي لاءِ سندس مالڪ کي سفارش ڪئي ھيائون جيڪو ان کان ڪمائي مان زياده محصول وٺندو ھو اھو گھٽ ڪري. ابو طيبہ جي سردار جو نالو محيصه بن مسعود ھو. ان ابو طيبہ کي ان شرط تي ڇڏي ڏنو ھو تہ اھو روز ٽي ٽويا ڪجور جا ان کي ڪمائي آڻي ڏيندو ان کان وڌيڪ جيڪو بچيو اھو سندس ھوندو اھڙي غلام کي "عبد ماذون" اجازت ڏنل ٻانھو سڏيندا آھن. حضرت نبي ڪريم ﷺ جي سفارش تي ان ٽن جي بجاءِ ٻہ ٽويا مقرر ڪيا ٻي وس، لاچار ۽ غلامن تي حضور ڪريم ﷺ جي شفقت ۽ انھن سان محبت ايتري ھئي جنھن جو ڪو اندازو لڳائي نہ ٿو سگھجي، ان سچي جذبي جو اظھار ان مظلوم غلام جي مدد ۽ حمايت ڪرڻ سان فرمايائون ۽ بعض علماء فرمايو تہ: سڱي هڻائڻ مديني وارن سان مخصوص آھي ڇوتہ اھي اڪثر ڪري ڪجور کائيندا آھن جنھن سان رت گھاٽو ٿيندو آھي جيڪو سڱي هڻائڻ سان ڪڍيو ويندو آھي، علماء فرمايو آھي تہ جن ماڻهن جي مزاج گرم آھي ۽ سندن رت گھاٽو آھي انھن کي سڱي هڻائڻ مستحب آھي ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ڪيترا ڀيرا سڱي هڻائي آھي ۽ طبيبن جو چوڻ آھي تہ جيڪي ماڻھو ٿڌي مزاج ۽ سرديءَ واري ملڪ ۾ رھن ٿا انھن جي لاءِ سير چوڙائڻ افضل آھي ۽ البجوري لکيو آھي تہ: ابو طيبه بني حارثہ يا ابي مسعود انصاري جو غلام ھو ۽

ان جي مٽان ڪمائي مان محصول گهٽ ڪرڻ جي لاءِ جنهن کي حضرت نبي ڪريم ﷺ جن حڪم ڪيو هو ان جو نالو مُحَصِّيَّة بن مسعود هو. محصية ميم جي پيش الحا جي زبر ۽ يا جي شد سان ۽ حاء زير سان ۽ صاد جي زبر سان بہ آهي ۽ ان تي جيڪي ٽي ٽويا ڪجور جا رکيل هئاسي بہ شريعت جي موافق هئا پر حضور ڪريم ﷺ جن ان ۾ بہ هلڪائيءَ جي سفارش ڪئي جنهن جي ڪري ان تي هڪ گهٽ ڪري باقي بہ ٽويا رکيا ويا. ۽ هن حديث ۾ حضور نبي ڪريم ﷺ جن سڱي هڻڻ سان علاج ۽ دوا ڪرائڻ کي افضل ۽ امثل قرار ڏنو آهي ۽ هن حديث مان دليل ٿو ملي تہ دوا ڪرائڻ حلال بلڪ سنت آهي ۽ طبيب کي اجورو وٺڻ جائز آهي جنهن جو ڪنهن ڏانهن ڪو قرض آهي تہ ان کي قرض ۾ گهٽتائي ڪرڻ جي لاءِ سفارش ڪرڻ بہ جائز آهي. علامہ علي القاري لکيو آهي تہ: ابو طيبہ هڪ سؤ ٽيتاليهہ سال زندهہ رهيو ۽ طبراني ابن سيرين تائين صحيح سند سان روايت آندي آهي تہ: "اِذَا بَلَغَ الرَّجُلُ اَرْبَعِيْنَ سَنَةً لَمْ يَحْتَجِمْ" (جڏهن مرد چاليهہ سالن جي عمر کي پهچي تہ پوءِ سڱي نہ هڻائي.) ڇوتہ اهو ان وقت واري عمر ۾ ناقص ۽ جسماني قوة جي لحاظ سان ڏهرو ٿيڻ شروع ٿيندو آهي پوءِ لائق ناهي تہ ان ۾ اجان وڌي ۽ رت نڪرڻ جي ڪري سستيءَ ۾ وڌندو. علامہ مناوي لکيو تہ: "تداويتم" وارو خطاب حرمين شريفين جي نوجوانن سان هو. حضرت ابن عوف فرمائيندو هو تہ "جڏهن مرد چاليهہ سالن جي عمر کي پهچي تہ پوءِ سڱي نہ هڻائي." ابنِ عوف ﷺ فرمايو تہ "مون ان وقت کان وٺي سڱي هڻائڻ ڇڏي ڏني." حالانڪ اها الله ﷻ جي طرفان نعمت هئي. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 176، المواهب ص 603) ۽ "مَاتَدَاوَيْتُمْ بِهِ" ۾ خطاب اهل حجاز سان آهي ڇوتہ انهن جو رت گهاٽو ناهي ڇڄڙو آهي ۽ اهو ظاهري بدنن ڏانهن خارجي حرارت جي جذب جي ڪري وڌيڪ سندن بدنن جي ظاهر ڏانهن لاڙو ڪندڙ آهي. (المواهب ص 522)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب المسافاة باب 11 حل اجرة الحجامة رقم الحديث 1577 ج 3 ص 1204 {2} البخاري في كتاب البيوع باب 39 ذكر الحجام رقم الحديث 3424 {3} ابو داؤد في كتاب البيوع باب 39 في كسب الحجام رقم الحديث 3424 ج 3 ص 266 {4} مالك في الموطا كتاب الاستئذان باب 10 ماجاء في الحجامة واجرة الحجام رقم الحديث 26 ج 2 ص 974. {5} البيهقي في سننه ج 9 ص 337 {6} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 2035 ج 8 ص 19.

{362} حَدَّثَنَا عَمْرُو بْنُ عَلِيٍّ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو دَاوُدَ، قَالَ: حَدَّثَنَا وَرْقَاءُ بْنُ عُمَرَ، عَنْ عَبْدِ الأَعْلَى، عَنْ أَبِي جَمِيلَةَ، عَنْ عَلِيٍّ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ احْتَجَمَ وَأَمَرَنِي فَأَعْطَيْتُ الْحَجَّامَ أَجْرَهُ.

مفردات جو شرح: "احْتَجَمَ" سڱي هڻايائون. "اَلْحَجَّامَ" سڱي هڻندڙ.

بامحاوره ترجمو: حضرت علي ﷺ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن سڱي هڻائي ۽ مون کي (ان جي محنت مزدوري ڏيڻ جو) امر فرمايائون تہ مون ان سڱي هڻندڙ حجام کي مزدوري ڏني.

سمجهاڻي: هن روايت مان بہ ڳالهيون ثابت ٿي رهيون آهن. (1) سڱي هڻائڻ (2) سڱي هڻائڻ جو اجورو ڏيڻ مطلب تہ اهي ٻئي ڳالهيون حضور ڪريم ﷺ جي قول ۽ فعل سان ثابت آهن. جيئن اڳ ۾ لکي آيا آهيون. سيدنا علي ﷺ جن اهو امر ادا ڪيو جو ان کي اجورو ڏنائون ۽ اهو اجورو بہ ٽويا ڪارڪون

هيون جيئن بيان ٿي چڪو آهي بخاري شريف باب السيوط ۾ حضرت ابنِ عباس رضي الله عنه کان روايت آهي ته: "اِنَّ النَّبِيَّ ﷺ اِحْتَجَمَ وَاَعْطَى الْحَجَّامَ اَجْرَهٗ وَاسْتَعَطَ" بلاشڪ نبي ڪريم ﷺ جن سڱي هٽائي سڱي هٽندڙ کي ان جو اجورو ڏنائون ۽ نڪ ۾ دوا وجهرايائون. ۽ علامہ ابن الجوزي لکيو آهي ته سڱي هڻڻ جو اجورو وٺڻ ان جي ڪري مڪروه آهي جو مسلمان جي مسلمان تي مدد ڪرڻ ان جي محتاج هجڻ مهل واجب آهي ان تي اجورو مناسب ناهي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابن ماجه في كتاب التجارات باب 10 كسب الحجام رقم الحديث 2280 {2} احمد في المسند ج 1 ص 90، 134، 135. {3} الطيالسي في مسنده رقم الحديث 153 ص 23 {4} ابنِ ابي شيبه في المصنف رقم الحديث 20987 ج 4 ص 355 {5} البيهقي في سننه ج 9 ص 338.

{363} حَدَّثَنَا هَارُونُ بْنُ إِسْحَاقَ الْهَمْدَانِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدَةُ، عَنْ سُفْيَانَ الثَّوْرِيِّ، عَنْ جَابِرٍ، عَنِ الشَّعْبِيِّ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ: إِنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ احْتَجَمَ فِي الْأَخْدَعَيْنِ وَبَيْنَ الْكَتِفَيْنِ، وَأَعْطَى الْحَجَّامَ أَجْرَهُ وَلَوْ كَانَ حَرَامًا لَمْ يُعْطِهِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت شعبي رحمه الله (حضرت ابن عباس رضي الله عنه جي شاگرد) چيو منهنجو گمان آهي ته حضرت ابن عباس رضي الله عنه چيو ته پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪنڌ جي ٻنهي پاسن وارين ٻن رڳن تي ۽ ٻن ڪلهن جي وچ تي سڱيون هٽايون ۽ سڱي هٽندڙ حجام کي مزدوري ڏنائون جيڪڏهن هي محنت مزدوري حرام هجي ها ته ان کي نه ڏين ها.

مفردات جو شرح: "اَلْأَخْدَعَيْنِ" هي ٻئي ڪنڌ جي ٻنهي پاسن کان ٻه رڳون آهن. "اَلْكَتِفَيْنِ" ڪلها ۽ هتي انهن ٻنهي جي وچ مان مراد پٺيءَ جو مٿيون حصو آهي.

سمجهاڻي: هن روايت مان ڪنڌ مبارڪ جي ٻنهي پاسن وارين رڳن ۽ ٻن ڪلهن جي وچ تي سڱي هٽائڻ ۽ ان جو اجورو ڏيڻ ثابت آهي ۽ اها به وضاحت ڪئي وئي آهي ته اها مزدوري ڏيڻ جيڪڏهن منع هجي ها ته حبيب ڪريم ﷺ نه ڏين ها. محدث عبدالرزاق روايت آندي آهي ته جڏهن حضور ڪريم ﷺ جن کي خيبر ۾ زهر ڏنو ويو ته پاڻ پنهنجي ڪرنگهي تي ٽي سڱيون هٽايون هيائون چوته زهر رت ۾ ملي قلب تي پهچي ٿو ۽ رت ڪڍڻ سان ان ۾ مليل زهر نڪري وڃي ٿو پر حضور ڪريم ﷺ جن کي مليل زهر سمورو نه نڪتو هو تانت ڪين شهادت جو مرتبو ۽ مانُ ملي. جنهن سان سندن مراتب ۽ فضل ۾ اضافو ٿئي. محدثن پلارن فرمايو آهي ته: ڪنڌ جي ٻنهي پاسن تي سڱي هٽائڻ مٿي ۽ منهن ۽ ڪنن ۽ اکين ۽ ڏندن ۽ نڪ جي بيمارين کان بچائي ٿي. ۽ ڪرنگهي تي سڱي هٽائڻ ڏند ۽ منهن ۽ نڙيءَ جي سور کي روڪي ٿي ۽ دماغ کي صاف ڪري ٿي ۽ پنين. بڪين تي سڱي هٽائڻ ران جي سوڄ ۽ نقرس ۽ بواسير ۽ داء الفيل ۽ پني جي بيماريءَ کي روڪي ٿي ته پيرن جي پني تي سڱي هٽائڻ جيڪا رانن جي قٽن. پنين جي قٽن ۽ عارضي کان روڪي ٿي ۽ ابو داؤد روايت آندي آهي ته مٿي جي ان جاءِ تي سڱي هٽائڻ جيڪا سُمهڻ محل زمين سان لڳي ٿي رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي ته "اِنَّهَا شِفَاءٌ مِّنْ سَبْعِيْنَ دَاءً" اها ستر بيمارين کان شفا آهي ۽ هڪ حديث ۾ آهي ته مٿي جي ان حصي تي سڱي هٽائڻ ويسر

تي پيدا ڪري ڇوته اهو دماغ جو پويون حصو حافظي جي جاءِ آهي. علامہ بيجوري لکيو آهي تہ : شايد اهو غير ضرورت جي حالت ۾ آهي نہ تہ صحيح سند سان ثابت آهي تہ رسول الله ﷺ جن پنهنجي ڪياڙي مبارڪ جي ٻنهي جاين تي حسب ضرورت سڱي هڻائي آهي سڱي هڻندڙ کي اجورو ڏيڻ جيڪڏهن حرام هجي ها تہ نہ ڏين ها.“ ڇوته اها ناجائز ڪم تي مدد ڪرڻ آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن ڪڏهن بہ حرام تي مدد نہ ڪندا پوءِ هن حديث ۾ انهن جورد آهي جيڪي ان کي مطلقًا حرام چوندا آهن ۽ اها علت بيان ڪندا آهن تہ سڱي هڻڻ انهن امرن مان آهي جيڪي هڪ مسلمان جا ٻئي مسلمان تي واجب آهن ڇوته اهو ان جو محتاج آهي ۽ جيڪا شيءِ واجب آهي ان تي اجورو وٺڻ صحيح ناهي ۽ هن ۾ ان تي بہ حجت قائم ٿئي ٿي جنهن جو فرمان آهي تہ ”جيڪو آزاد آهي ان کي اجورو وٺڻ جائز ناهي ٻانهي جي لاءِ اجورو وٺڻ جائز آهي“ اهو بزرگ حضرت امام احمد آهي جنهن چيو تہ سڱي جي ڪمائي مان پنهنجي سر تي خرچ ڪرڻ حرام آهي ۽ ٻانهن ۽ چوپاين جانورن تي ان مان خرچ ڪرڻ جائز آهي ۽ ٻانهي لاءِ ان جو اجورو وٺڻ مطلقًا جائز آهي ۽ علامہ ابن العربي انهن قولن ۾ تہ حضور ڪريم ﷺ جن جو فرمان ”كَسْبُ الْحَجَّامِ خَبِيْثٌ“ (سڱي هڻندڙ جي ڪمائي پليد آهي) ۽ هنن روايتن ۾ تہ پاڻ سڱي هڻندڙ لاءِ اجورو ڏيڻ جو امر فرمايائون. هن طرح جمع ڪيو آهي تہ جنهن وقت اجورو معلوم ۽ عمل بہ معلوم هجي تہ جائز آهي ۽ جنهن وقت معلوم نہ هجي تہ جائز ناهي. ۽ جمهور علماء جو مذهب هي آهي تہ سڱي هڻڻ جو اجورو وٺڻ جائز آهي ۽ طحاوي فرمايو تہ : اهو پهريان حرام هو پوءِ اهو حڪم منسوخ ٿي ويو ۽ هاڻي اجورو وٺڻ جائز آهي.

(اشرف الوسائل ص 524, 526 جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 177, انوارِ غوثيه ص 514.)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 1 ص 241 {2} ابو يعلىٰ رقم الحديث 2362 ج 4 ص 250 {3} الطحاوي في شرح معاني الآثار ج 4 ص 130 {4} مسلم في كتاب المساقاة باب 11 حل اجرة الحجام رقم الحديث 1202 حديث الكتاب 66 ج 3 ص 1205.

{364} حَدَّثَنَا هَارُونُ بْنُ إِسْحَاقَ، قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدَةُ، عَنِ ابْنِ أَبِي لَيْلَى، عَنْ نَافِعٍ، عَنِ ابْنِ عُمَرَ، أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ دَعَا حَجَّامًا فَحَجَمَهُ وَسَأَلَهُ: كَمْ خَرَاجُكَ؟ فَقَالَ: ثَلَاثَةُ آصُعٍ، فَوَضَعَ عَنْهُ صَاعًا وَأَعْطَاهُ أَجْرَهُ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابن عمر ﷺ کان روايت آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ سڱي هڻندڙ کي گهرايو جنهن حضور ڪريم ﷺ جن کي سڱيون هنيون، پاڻ ڪريمن ﷺ ان کان پڇيو تہ تنهنجو روزانو ڪيترو محصول آهي يا مالڪ کي روز گهڻو محصول ڏيندو آهين؟ ان ٻڌايو تہ ٽي ٽويا. پاڻ سڳورن ﷺ ان جي مالڪ کي سفارش ڪري هڪ ٽويو گهٽ ڪرايو ۽ پوءِ ان سڱي هڻندڙ ٻانهي کي ان جي مزدوري بہ ڏنائون.

مفردات جو شرح: ”كَمْ خَرَاجُكَ“ توتي روزانو ڪيترو محصول هوندو آهي. ”آصُعٍ“ صاع جو جمع آهي ۽ هن جو جمع اصوع بہ ايندو آهي هن جي معني ٽويا.

سمجهاڻي: هن جي سمجهاڻي اها ئي آهي جيڪا اڳين روايتن ۾ لکي آيا آهيون مقصد هي آهي تہ حضور ڪريم ﷺ ٽن ٽوين محصول ۾ ادا ڪرڻ وارن مان هڪ ٽوبي جي گهٽائڻ جي سفارش ڪري

ٻہ ٽويا ڪرائي ڏنا. ۽ ان کي ڪارڪ جا ٻہ ٽويا سڳي جي اجوري ۾ ٻہ ڏنا.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابنِ حجر في فتح الباري ج 4 ص 460. {2} احمد في المسند ج 3 ص 353 {3} ابنِ سعد في الطبقات ج 1 ص 443.

{365} حَدَّثَنَا عَبْدُ الْقُدُّوسِ بْنُ مُحَمَّدٍ الْعَطَّارُ الْبَصْرِيُّ، قَالَ: حَدَّثَنَا عَمْرُو بْنُ عَاصِمٍ، قَالَ: حَدَّثَنَا هَمَّامٌ، وَجَرِيرُ بْنُ حَازِمٍ قَالَا: حَدَّثَنَا قَتَادَةُ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَحْتَجِمُ فِي الْأَخْدَعَيْنِ وَالْكَاهِلِ، وَكَانَ يَحْتَجِمُ لِسَبْعَ عَشْرَةَ وَتِسْعَ عَشْرَةَ وَإِحْدَى وَعِشْرِينَ.

بامحاور ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ ڪنڌ جي ٻنهي پاسن جي رڳن ۽ ڪنڌ تي سڱيون هڻائيندا هئا ۽ پاڻ گهڻو ڪري سترهين اڻويهين ۽ ايڪيهين تاريخن تي سنگيون هڻائيندا هئا.

مفردات جو شرح: "كَاهِلِ" ڪرنگهي جو هڏو. هن جو جمع "كواهل" آهي يعني ٻنهي ڪلهن جي وچ تي.

سمجهاڻي: علامہ ابنِ حجر هيتمي مڪي فرمايو تہ: محدث ترمذي هيءَ حديث بہ روايت ڪئي آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ: "خَيْرُ مَا تَحْتَجِمُونَ فِيهِ يَوْمُ سَابِعِ عَشْرَةَ او تَاسِعِ عَشْرَةَ وَيَوْمُ إِحْدَى وَعِشْرِينَ" (پلو ڏينهن جنهن ۾ اوهان سڱي هڻايو. سترهين جو ڏينهن يا اڻويهين جو ڏينهن يا ايڪويهين جو ڏينهن آهي ۽ ابنِ ماجه وغيره روايت آندي آهي تہ "مَنْ أَرَادَ الْحَجَامَةَ فليجمر سبع عشرة أو تسع عشرة أو إحدى وعشرين" الحديث (جنهن سڱي هڻائڻ جو ارادو ڪيو اهو سترهين يا اڻويهين يا ايڪيهين جو ڏينهن جاچي ان ۾ سڱي هڻائي ۽ ابو داؤد پنهنجي سنن ۾ حضرت ابو هريره ﷺ کان مرفوع روايت آندي آهي تہ: "مَنِ احْتَجَمَ لِسَبْعِ عَشْرَةَ وَتِسْعِ عَشْرَةَ وَ احدىٰ وَعِشْرِين كَانَ شِفَاءً مِّنْ كُلِّ دَاءٍ." (جنهن سترهين ۽ اڻويهين ۽ ايڪيهين جو ڏينهن سڱي هڻائي تہ ان جي لاءِ هر بيماري کان شفاء هوندي. علامہ علي قاري وضاحت ڪندي لکيو تہ سڱي هڻائڻ هر ان مرض کان شفا آهي جيڪو رت جي غلبي جي ڪري ٿيندو آهي ۽ طبيبن جو بالاتفاق قول آهي تہ مهيني جي وچ ۾ ۽ ٽئي حصي ۾ سڱي هڻائڻ وڌيڪ نفعو ڏيندڙ آهي ۽ هيءَ بہ روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو" بغير ڪاڏي جي سڱي هڻائڻ دوا آهي ۽ پيٽ ڀريل هجڻ جي صورت ۾ بيماري آهي ۽ مهيني جي سترهين تاريخ شفا آهي ۽ اڱاري جي ڏينهن بدن جي صحت آهي ۽ مون کي منهنجي دوست جبريل سڱي هڻڻ جي لاءِ ايترو چيو جو مون گمان ڪيو تہ اها ضروري آهي ۽ ترمذي جي هڪ روايت ۾ آهي تہ "عَلَيْكَ بِالْحَجَامَةِ يَا مُحَمَّدُ!" اي محمد ﷺ! سڱي هڻائڻ کي لازم ڪري وٺ ۽ هي امر مستحب هجڻ جي لاءِ آهي. احتياطي ارشاد آهي ۽ ابنِ ماجه حديث آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: مَا مَرَرْتُ لَيْلَةَ أُسْرِيَ بِي بِمَلَإٍ إِلَّا قَالُوا يَا مُحَمَّدُ مُرْ أُمَّتَكَ بِالْحَجَامَةِ" معراج واري رات مان (ملائڪن جي جنهن بہ ٽولي کان لنگهيس تہ انهن مون کي چيو تہ اي محمد ﷺ! پنهنجي امت کي سڱي هڻائڻ جو امر ڪيو اهو انهن جي بدن جي صحت جي حفاظت ۽ بچاءِ جي لاءِ آهي. ترمذي هيءَ حديث بہ آندي آهي تہ "نِعْمَ الْعَبْدُ الْحَجَّامُ يُذْهِبُ الدَّمَ وَيُخَفِّفُ الصُّلْبَ وَيَجْلُوا الْبَصَرَ" سڱي هڻندڙ ٻانهو ڀلو آهي جو فضول رت ڪڍي ٿو ڇڏيءَ تان (ان جو بار) هلڪو ڪري ٿو ۽ (ان ذريعي) اکين کي روشن ڪري ٿو. ابو داؤد

روايت آندي آهي تہ: جڏهن رسول الله ﷺ جن کي زينب بنت الحارث, مرحب يهودي جي ڀيڻ ٻڪريءَ جي گوشت ۾ زهر ڏنو هو تہ پاڻ پنهنجي ڪرنگهي تي سڱي هڻائي هيائون. ابن سينا جو قول آهي تہ: مهيني جي اول ۾ سڱي نہ هڻائجي جو خلط اڃان پوري هيجان ۽ جوش ۾ نہ هوندا آهن ۽ مهيني جي آخر ۾ تڏا ٿيندا آهن باقي مهيني جي وچ ۾ سڱي هڻائڻ جيئن چنڊ ۾ روشني وڌندي آهي ان وقت گهڻو فائديمند هوندي آهي ۽ خلط ائين جوش ۾ هوندا آهن جيئن چنڊ جي روشني وڌندي آهي. علامہ مناوي لکيو آهي تہ سج اڀرڻ کان ڪجھ ڪلاڪ پوءِ سڱي هڻائجي ۽ جماع ڪرڻ يا غسل ڪرڻ کان پوءِ جلدي بہ نہ هڻائجي ۽ صفا ڍؤ صفا بک جي حالت ۾ بہ نہ هڻائجي. علامہ ابن القيم فرمايو تہ: مذڪور اوقات کي اختيار ڪرڻ عام حالت ۾ آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن خاص حالت ۾ خاص مرض جي لاءِ ڪنهن ٻئي وقت (سڱي هڻندڙ جي تجربي جي مدار تي) هڻائي وجي تہ بہ منع ناهي. علامہ ابن حجر هيتمي مڪي لکيو آهي: اڱاري جي ڏينهن سڱي هڻائڻ ۾ روايتون مختلف آهن ان جي ڪري افضل آهي تہ مجبوريءَ کان سواءِ ان ۾ سڱي نہ هڻائي ۽ بهتر آهي تہ سومر جي ڏينهن هڻائجي خاص ڪري اهو سومر جو ڏينهن جيڪو سترهين يا اڻويهين يا ايڪيهين تاريخ ٿئي.

(اشرف الوسائل ص 629, جمع الوسائل مع شرح المناوي 2 ص 177, 178, المواهب ص 608, 609.)

هيءَ حديث ٻين محدثن آندي آهي: {1} الترمذي في كتاب الطب باب 12 ماجاء في الحجامة رقم الحديث 2051 ج 4 ص 390 {2} الحاكم في المستدرک ج 4 ص 210 {3} ابو داؤد في كتاب الطب باب 4 في موضع الحجامة رقم الحديث 3860 ج 4 ص 4 {4} ابن ماجہ في كتاب الطب باب 21 موضع الحجامة رقم الحديث 3483 {5} احمد في المسند ج 3 ص 119.

{366} حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مَنْصُورٍ قَالَ: أَنْبَأَنَا عَبْدُ الرَّزَّاقِ، عَنْ مَعْمَرٍ، عَنْ قَتَادَةَ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ: أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ احْتَجَمَ وَهُوَ مُحْرِمٌ بِمَلَلٍ عَلَى ظَهْرِ الْقَدَمِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن پير جي پني تي (مدينہ جي ويجهو) ملل واري ماڳ تي احرام جي حالت ۾ سڱيون هڻايون.

مفردات جو شرح: "اِحْتَجَمَ" سڱي هڻايائون. "وَهُوَ" حالانڪ پاڻ واو حاليہ آهي. "مُحْرِمٌ" احرام ۾ هئا, احرام ٻڌل هون. "مَلَلٍ" مڪ مڪرمہ کان ايندي مدينہ منوره کان سترهن ميلن جي مفاصلي تي هڪ ڳوٺ آهي. "ظَهْرِ الْقَدَمِ" پير مبارڪ جي پني تي.

سمجهاڻي: هن روايت مان واضح ٿيو تہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن احرام ۾ بہ سڱي هڻائي. شارحن ڀلارن لکيو آهي تہ: اها اجازت ان حالت ۾ آهي جو پير مبارڪ يا جسم جي ٻئي ڪنهن حصي تي وار نہ هجن ۽ جيڪڏهن وار هجن تہ پوءِ سڱي هڻائڻ جي اجازت ناهي. امام مالڪ فرمايو تہ احرام جي حالت ۾ سڱي هڻائڻ مڪروهہ آهي پر هيءَ حديث ان جي مٿان حجت آهي. حبيب ڪريم ﷺ جن کان مٿي مبارڪ جي وچ تي بہ سڱي هڻائڻ ثابت آهي. جنهن مان واضح ٿيو تہ مختلف مرضن جي ڪري مختلف جاين تي سڱي هڻائجي.

مٿي تي سڱي هڻائڻ جا فائدا: ابن عدي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان مرفوع روايت آندي آهي تہ

"اَلْحَجَامَةُ فِي الرَّاسِ تَنْفَعُ مِنْ سَبْعِ الْجُنُوْنِ وَ اَلْجُذَامِ، وَالْبَرَصِ وَالنُّعَاسِ وَالصُّدَاعِ وَ وَجعِ الضِّرْسِ وَلْعَيْنِ" متي ۾ سڱي هڻائڻ ستن مرضن کان نفعو ڏئي ٿي، چرياڻپ، جذام، ڪوڙهه، اوباسي، متي جو سور، ڏاڻ ۽ اک جي سور کان.) ۽ طبيبن جو بہ چوڻ آهي تہ: متي جي وچ تي سڱي هڻائڻ تمام گهڻو فائديمند آهي.
محدث ڪانڌلوي لکيو آهي تہ: احرام جي حالت ۾ سڱي هڻائڻ بعض امامن وٽ مڪروهہ آهي پر حنفيين وٽ ان شرط سان جائز آهي تہ وار نہ وڍجن. هنن روايتن ۾ سڱيءَ جو استعمال ڪثرت سان نقل ڪيو ويو آهي ۽ ٻين حديث جي ڪتابن ۾ بہ حضور ڪريم ﷺ جن جي قول ۽ فعل سان سڱي جو استعمال ڪرڻ منقول آهي ۽ سير ڇوڙائڻ جو استعمال نقل ڪيل ناهي. حالانڪ طبيبن وٽ سير ڇوڙائڻ ۾ سڱي هڻائڻ کان وڌيڪ فائدا آهن ۽ گهڻن مرضن ۾ اڪسير آهي انجو سبب هي آهي تہ اهي ٻئي شيون مطلق طور نفعو ڏيندڙ ناهن پر انهن ۾ تفصيل آهي. حجاز جو ملڪ گرم آهي ۽ جيئن پهريان لکجي چڪو آهي تہ ان ملڪ جي لاءِ سڱي زياده مناسب آهي ڇوتہ موسم جي گرم ۽ سرد هجڻ سان مزاجن ۾ بيحد تفاوت هوندو آهي گرم ملڪن ۾ ۽ اهڙي طرح ٻين ملڪن ۾ گرميءَ جي موسم ۾ گرمي بدن جي ظاهري حصي تي ايندي آهي ۽ باطني حصي ۾ ٿڌو اثر هوندو آهي اهو ئي سبب آهي جو گرمي جي زماني ۾ پگهر گهڻو ايندو آهي ۽ اندر ۾ ٿڌي اثر جي ڪري کاڌي جي هضم ٿيڻ ۾ دير لڳندي آهي ۽ مختلف بيماريون پيدا ٿينديون آهن. بخلاف سرد ملڪن جي ۽ اهڙي طرح سرديءَ جي زماني ۾ ٻين ملڪن ۾ انسان جي حرارت بدن ۾ اندر هلي ويندي آهي جنهن جي ڪري هاضمي جي قوت وڌندي آهي، پيشاب ۾ بہ اٿ نڪرندي آهي، بيمارين ۾ گهٽتائي ايندي آهي ان جي ڪري حڪيم بقراط جو قول آهي تہ: سرد موسم ۾ اندر جي گرمي وڌندي آهي ۽ ننڊ گهڻي ايندي آهي کاڌو آسانيءَ سان هضم ٿيندو آهي ۽ ڳريون غذائون بہ آسانيءَ سان هضم ٿينديون آهن ۽ گرميءَ ۾ ذڪيائي سان هضم ٿينديون آهن. اهل حجاز کي ماکي، ڪارڪ وغيره جي استعمال ڪرڻ سان نقصان نہ ٿيندو آهي ۽ سڱي ۾ جڏهن تہ رت ظاهري بدن مان نڪرندو آهي ۽ حجاز ۾ ظاهري بدن تي گرمي گهڻي هوندي آهي تہ اتي جي لاءِ سڱي وڌيڪ مناسب آهي ۽ سير ڇوڙائڻ ۾ بدن جي اندران رڳن مان رت نڪرندو آهي ان جي ڪري حجاز وارن جي لاءِ سير ڇوڙائڻ مناسب ناهي سڱي هڻائڻ مناسب آهي ۽ اها ئي حضور ڪريم ﷺ جن کان روايت ڪيل آهي. علامہ ابن حجر هيتمي مڪي لکيو آهي تہ احرام جي حالت ۾ وارن نہ وڍجڻ جي صورت ۾ سڱي هڻائڻ جائز آهي پر جيڪڏهن مجبوري آهي تہ وارن وڍجڻ جي صورت ۾ سڱي هڻائي پوءِ انهن وارن جو فديو ڏئي ڇڏي

(جمع الوسائل ج 2 ص 180، اشرف الوسائل ص 529، المواهب ص 608، خصائل نبوي ص 327)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في ڪتاب الحج باب 26 المحرم يحتجم رقم الحديث 1837 ج 2 ص 168 {2} النسائي في ڪتاب الحج باب 91 حجامة المحرم علي ظهر القدم ج 5 ص 194 {3} احمد في المسند ج 3 ص 164 {4} الحاڪم في المستدرڪ ج 1 ص 453 {5} البيهقي في سننه الڪبريٰ ج 9 ص 339.

باب ايڪونجاهون

بَابُ مَاجَاءَ فِي أَسْمَاءِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ اهي حديثون آهن جيڪي رسول الله ﷺ جي نالن (پاڪن) جو بيان ۾ آهن

سمجهاڻي: هتي اسماء مان مراد اهي الفاظ آهن جيڪي رسول الله ﷺ جي لاءِ ڳالهايا وڃن ٿا پوءِ اهي نالا هجن يا وصفون هجن ۽ بعض علماء جو قول آهي ته الله جل جلاله جا هزار نالا مبارڪ آهن ۽ نبي ڪريم جا به هزار نالا مبارڪ آهن. ۽ علامه سيوطي هڪ رسالو لکيو آهي ان جو نالو "البهجة السنية في الاسماء النبوية" رکيو اٿس جنهن ۾ پنج سؤ جي قريب نالا آندا اٿس ۽ هي قاعدو آهي ته: نالن جي ڪثرت نالي رکيل جي شرف تي دلالت ڪندي آهي ۽ "اسماء" اسم جو جمع آهي "مصباح اللغات" واري صفحي 374 تي لکيو آهي ته: اسم اهو لفظ آهي جو ڪنهن جوهر يا عرض جي تعيين ۽ تميز جي لاءِ وضع ڪيو ويو آهي ۽ هن ۾ همزه وصل جو آهي هن باب ۾ محبوب ڪريم ﷺ جي پنهنجي نالن ۽ لقبن جو ذڪر آهي.

حضور ﷺ جن جا مقامات جي لحاظ سان نالا: شارحن پلارن لکيو آهي ته: جنت وارن وٽ حضور ڪريم ﷺ جو نالو مبارڪ "عبدالڪريم" آهي جهنم وارن وٽ "عبدالجبار" آهي. عرش برين وارن وٽ "عبدالمجيد" آهي. ملائڪن وٽ "عبدالحميد" آهي. انبياءِ ڪرام عليهم السلام وٽ "عبدالوهاب" شيطانن وٽ "عبدالقهار" جنن وٽ "عبدالرحيم" جبلن ۾ "عبدالخالق" ميدانن ۾ "عبدالقادر" سمنڊن ۾ "عبدالمهيمن"، جيئرن وٽ "عبدالقدوس" زمين جي جيتن وٽ "عبدالغياث"، جهنگلي جانورن وٽ "عبدالرزاق"، درندن وٽ "عبدالسلام" چوپاين ۾ "عبدالمومن" پکين ۾ "عبدالغفار" توراة ۾ "موذ موذ" انجيل ۾ "طاب طاب" صحيفن ۾ "جعاقب" زبور ۾ "فاروق"، الله جل جلاله وٽ طه ۽ ياسين، مومنن وٽ "محمد" ﷺ ۽ سندن ڪنيت ابو القاسم آهي ان جي ڪري جنت وارن ڪي به پاڻ جنت ورهائي ڏيندا.

علامه يوسف النبهاني لکيو آهي ته محبوب ڪريم ﷺ جي اسماء مبارڪ ۾ سيني ڪان پلو نالو "محمد" ﷺ آهي، حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه ڪان هڪ روايت ۾ آهي ته "الله جل جلاله ڪائنات جي تخليق ڪان به هزار سال جيترو عرصو اڳي سندن نالو مبارڪ "محمد" ﷺ رکيو هو. قاضي ابوبڪر بن عربي مالڪي ترمذي جي شرح الاحوذي ۾ لکيو آهي ته: بعض صوفياءِ ڪرام فرمايو آهي ته الله جل جلاله جا هزار نالا آهن ۽ حضور ڪريم ﷺ جا به هزار نالا آهن. وري لکيو اٿس ته الله جل جلاله جا نالا هزار جي تعداد ۾ بند ناهن ۽ حضور ڪريم ﷺ جن جا نالا به هزار ۾ بند ناهن. (المواهب ص 609، الانوار الغوثيه ص 519، 520) محدث ترمذي هن باب ۾ صرف به حديثون آنديون آهن جن ۾ نوَ نالا مذڪور آهن.

{367} حَدَّثَنَا سَعِيدُ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ الْمَخْزُومِيُّ، وَغَيْرُ وَاحِدٍ قَالُوا: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ، عَنِ الزُّهْرِيِّ، عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ جُبَيْرِ بْنِ مُطْعِمٍ، عَنْ أَبِيهِ قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: إِنَّ لِي أَسْمَاءً أَنَا مُحَمَّدٌ، وَأَنَا أَحْمَدُ، وَأَنَا الْمَاحِي الَّذِي يَمْحُو اللهُ بِيَ الْكُفْرَ، وَأَنَا الْحَاشِرُ الَّذِي يُحْشَرُ النَّاسُ عَلَى قَدَمِي، وَأَنَا الْعَاقِبُ وَالْعَاقِبُ الَّذِي لَيْسَ بَعْدَهُ نَبِيٌّ.

بامحاوره ترجمو: حضرت محمد بن جبير ﷺ **پنهنجي پيءُ جبير بن مطعم** ﷺ **کان روايت ڪئي آهي تہ پاڻ ڪريمن** ﷺ ارشاد فرمايو: **بيشڪ منهنجا گهڻا نالا آهن آءُ محمد** ﷺ **آهيان، آءُ احمد** ﷺ آهيان، آءُ ماحي آهيان جو منهنجي هٿان الله ﷻ **ڪفر ميٽي ڇڏيندو آءُ حاشر آهيان جو قيامت جي ڏينهن ماڻهو منهنجي قدمن ۾ مون کان پوءِ گڏ ٿي اٿندا. آءُ عاقب آهيان. (عاقب ان کي چئبو آهي، جنهن کان بعد ڪو نبي نہ هجي)**

مفردات جو شرح: "مُحَمَّدٌ" **گهڻي تعريف ڪيل، گهڻين پلين خصلتن وارو.** "مَاحِي" **هن جي مصدر** محو آهي معنيٰ ميٽي ڇڏڻ، نشان باقي نہ رهائڻ، **نيست ۽ نابود ڪري ڇڏڻ،** "حَاشِرُ" **هن جي مصدر** حشر آهي، ان جي معنيٰ جمع ڪرڻ، **ڪٺي ڪري رکڻ ۽ دربدر ڪرڻ وغيره بہ آهي ۽ جڏهن** "النَّاسُ" سان گڏ ذڪر ڪيو ويندو آهي تہ پوءِ ان جي معنيٰ آهي ڪٺي ڪرڻ. "عَاقِبُ" **پويان ايندڙ. عقب** کان ورتل، پوئتي مُڙي ڏسڻ، قائم مقام هجڻ.

سمجهاڻي: هن حديث شريف ۾ حضور ڪريم ﷺ **جو ارشاد آهي تہ منهنجا گهڻا نالا آهن.** حافظ ابو القاسم دمشقي **جيڪو ابنِ عساڪر جي نالي سان مشهور آهي پنهنجي ڪتاب "تاريخ دمشق" ۾** باقاعدي هڪ باب رکيو آهي جنهن ۾ حضور ڪريم ﷺ **جا گهڻا نالا مبارڪ آندا اٿس جن مان** ڪجهہ نالا تہ بخاري ۽ مسلم ۾ بيان ٿي چڪا آهن، **۽ ٻيا ڪيترائي نالا حديث جي ٻين ڪتابن ۾** مذڪور آهن انهن مان ڪجهہ هي آهن. **محمد، احمد، حاشر، عاقب، مقفي، ماحي، خاتم النبيين، نبي** الرحمة، نبي الملحمة، نبي القرية، الفاتح، طٰہ، ياسين، عبدالله، (ﷺ) **محدث بيهقي فرمايو تہ: بعض** علماء هنن نالن سان گڏ اهي نالا مبارڪ بہ گڏ ڪيا آهن **جيڪي الله** ﷻ **قرآن ڪريم ۾ رکيا آهن.** مثال طور، رسول، امي، نبي، شاهد، مبشر، نذير، داعيا الي الله باذنہ سراج، منير، رؤف، رحيم، مذڪر، رحمة، نعمة، هادي ﷺ محدث قسطلاني لکيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ **جي هڪ هزار نالن مان مراد** سندن سهڻيون ۽ ساراهيل صفتون آهن. **سندن نالا مبارڪ سندن مدحيه صفتون آهن اهڙي طرح** سندن هر صفت جي لاءِ هڪ نالو هوندو آهي **جيئن تہ سندن صفتون بيشمار آهن تيئن سندن نالا بہ** بيشمار آهن. سندن هن حديث پاڪ ۾ ارشاد آهي "مان محمد" آهيان. **هي سندن پاڪ نالو تحميد** مان اسم مفعول آهي جنهن جي معنيٰ گهڻو ۽ بار بار ساراهيل، **جڏهن الله** ﷻ **۽ اڳين نبين** عليهم الصلواة والسلام، ملائڪ معصومين ۽ اولياءِ ڪرام محبوب آقا ﷺ **جي ڪمال درجي جي ثناء ۽ ساراهہ ڪئي** آهي ان جي ڪري سندن اسم گرامي **"محمد" رکيو ويو آهي. سليمان منصور پوري پنهنجي ڪتاب** "رحمة للعالمين" جي صفحي 41 حاشيہ نمبر 1 تي لکيو آهي تہ: محمد، **لفظ حمد کان ورتل اسم** مفعول آهي يعني مضاعف کان مبالغي جي لاءِ آيل آهي ۽ احمد بہ حمد کان علي المفعول ورتل آهي، محمد اسم مان حمد جي ڪثرت ۽ ڪنيت ۽ احمد اسم مان حمد جي صفت ۽ ڪيفيت ظاهر ٿيندي آهي. حضرت حسان بن ثابت ﷺ جو شعر آهي.

وَشَقَّ لَهُ مِنْ اِسْمِهٖ لِيُجِلَّهٗ
فَذُو الْعَرْشِ مَحْمُوْدٌ وَهٰذَا مُحَمَّدٌ

(الله جل جلاله سندن عظمت ظاهر ڪرڻ جي لاءِ سندن نالو مبارڪ پنهنجي نالي پاڪ مان ڪڍيو آهي پوءِ عرش جو رب محمود آهي ۽ هي محمد ﷺ آهي)

حمد سان نسبت: واضح هجي تہ نبي ڪريم ﷺ کي حمد سان خاص نسبت آهي سندن اسم گرامي محمد ۽ احمد آهي ۽ سندن شفاعت جي مقام جو نالو مقام محمود آهي سندن امت کي "حمادون" حمد ڪندڙ سڏيو ويو آهي ۽ سندن جهنڊي جو نالو لواءِ الحمد آهي. لغات الحديث ڪتاب جي لکندڙ مشهور غير مقلد عالم لکيو آهي تہ: هڪ عجيب امر هي آهي تہ: حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کان پهريان عرب ۾ ڪنهن جو بہ نالو "محمد" نہ هو ان ۾ الله جل جلاله جي هيءَ حڪمت هئي تہ ماڻهن کي "وعدي ڏنل پيغمبر" ۾ ڪو شبهو نہ هجي. سندن اسم مبارڪ "محمد" الله جل جلاله جي طرفان الهام سان رکيو ويو ان مدار تي تہ سندن ثنا گهڻي ڪئي ويندي ۽ ان جي ڪري سندن ڏاڏي حضرت عبدالمطلب رضي الله عنه کان جڏهن پڇيو ويو تہ: اوهان پنهنجي هن پٽ جو نالو محمد ڇو رکيو؟ حالانڪ نہ اوهان جن ڏاڏن ۾ اهو نالو هو ۽ نہ اوهان جي قوم ۾ اهو نالو هو؟ تہ پاڻ فرمايائون تہ: اها اميد رکي اٿم تہ ان جي آسمان ۽ زمين ۾ ساراهہ ڪئي ويجي ۽ الله جل جلاله سندن اميد پوري ڪري ڏيکاري. الله جل جلاله بہ محبوب ڪريم ﷺ جي ڪمال جي غايت کي پهچڻ واري گهڻي ثنا ڪئي. ۽ انبياءَ عليهم السلام ۽ ملائڪن ۽ اولياء بہ هر حال ۾ سندن تعريف ڪئي ۽ قيامت جي ڏينهن بہ اولين ۽ آخرين سندن ثنا ڪندا ۽ اهي سڀ قيامت جي ڏينهن سندن جهنڊي جي هيٺان هوندا جڏهن سندن شفاعتِ عظميٰ ظاهر ٿيندي ۽ ڪعب الاحبار رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: سندن نالو مبارڪ، عرش جي ڪنگرن تي، ستن آسمانن ۾ جنت جي محلاتن ۾، ڪمرن ۾، وڻن اڪين وارين حورن جي ڳچين تي بهشتي وڻ طوبيٰ جي پنن تي، سدرة المنتهيٰ ۽ نور وارن حجابن جي ڪنارن تي ۽ ملائڪن جي اکين ۾ لکيل آهي الله جل جلاله سندن اهل کي اسم مبارڪ الهام ڪيو هو ۽ ان ۾ اهو بہ اشارو آهي تہ: نالا مٿان آسمان کان لهندا آهن. علامہ ابنِ حجر هيتمي مڪي لکيو تہ: هڪ روايت ۾ آيو آهي تہ "منهنجا پنج نالا آهن ۽ اهي خصوصي طور ان جي ڪري ذڪر ڪيا ويا آهن جو اهي ٻئي ڪنهن جا نالا نہ هئا يا ان جي ڪري جو اهي اڳين امتن ۾ مشهور هئا پوءِ هتي "لي" کي اڳ ۾ آڻڻ جي ڪري پيدا ٿيل حصر اضافي آهي، حقيقي ناهي ڇوتہ ان تعداد کان وڌيڪ نالن جو ذڪر بہ روايات ۾ آيل آهي ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: "لِيْ فِي الْقُرْآنِ سَبْعَةُ أَسْمَاءَ مُحَمَّدٌ وَّ أَحْمَدُ وَ يٰس، وَ طٰه وَالْمُزَّمِّلُ وَالْمُدَّثِّرُ وَ عَبْدُاللهِ" (منهنجا قرآن ڪريم ۾ ست نالا آهن. محمد ۽ احمد ۽ ياسين ۽ طه ۽ المُزَّمِّلُ ۽ المُدَّثِّرُ ۽ عبدالله) هنن پاڪن نالن جي تحقيق ڪندي ڪن عالمن انهن جو تعداد اسماء الله الحسنيٰ جي مطابق 99 ڪيو آهي جيڪي اسماء حسنيٰ حديث ۾ وارد آهن.

نالن پاڪن جو تعداد: قاضي عياض فرمايو تہ: الله جل جلاله پنهنجي محبوب ﷺ کي پنهنجن سهڻن نالن مان تقريبًا ٽيهن 30 نالن سان مخصوص ڪيو آهي ۽ ابنِ دحيہ جو قول آهي تہ "اڳين ڪتابن، قرآن ڪريم، احاديث مان جاچ ڪرڻ سان اهي ٽي سؤ نالا ملن ٿا ۽ بعضي ڀلارن انهن جو تعداد هزارين

نالن تائين پهچايو آهي ۽ انهن مان مراد سندن صفات حسنه مان ورتل اسماء آهن جڏهن اهي نالا سندن مخصوص صفات مان هڪ هڪ مثال غالب صفت آهي ان مان يا جيڪا سندن ذات ۽ ٻين نبين جي وچ ۾ مشترڪ صفت آهي تہ ان عدد کان بہ وڌي ويندا ۽ محدثن جي هڪ جماعت قاضي عياض ۽ ابن العربي ۽ ابنِ سيد الناس جهڙن انهن جو تعداد چار سؤ تائين پهچايو آهي "محمد" سندن الهامي نالو آهي جيڪو مٿن سندن ڏاڏي عبدالمطلب ﷺ رکيو هو. الهام سان گڏ ان خواب بہ ڏٺو هو تہ سنڌس پٺيءَ مان چانديءَ جي هڪ زنجير نڪتي آهي جنهن جو هڪ حصو آسمان سان مليل ٿو ۽ هڪ اوير ۾ تہ هڪ اولهہ ۾ پهتو آهي. ان کان پوءِ اها زنجير هڪ وڻ ٿي وئي جنهن جي هر هڪ پن تي نور هو ۽ اوير ۽ اولهہ وارا ان سان چنبڙيا پيا آهن پوءِ ان جو تعبير اهو ڪيو ويو تہ سنڌس پٺيءَ مان هڪ ٻچو ايندو جنهن جي ماڻهو تابعداري ڪندا ۽ آسمان ۽ زمين وارا ان جي ثنا ڪندا ۽ پنهنجي اولاد جو نالو سندن نالن مان هڪ نالي سان رکڻ گهرجي.

محبوب ﷺ جي نالي وارو باهہ ۾ نہ ويندو: ابو نعيم روايت آندي آهي تہ الله جَلَّ جَلَالُهٗ فرمايو : وَعِزَّتِي وَجَلَالِي لَاعَذِّبُ اَحَدًا يُسَمّٰى بِاسْمِكَ فِي النَّارِ" (مون کي منهنجي عزت ۽ جلال جو قسم آهي تہ مان ڪنهن هڪ کي بہ باهہ جو عذاب نہ ڪندس جنهن تي تنهنجو نالو رکيل هوندو.) ۽ هيءَ بہ حديث آيل آهي تہ الله جَلَّ جَلَالُهٗ فرمايو :"اِنِّي آلَيْتُ عَلٰى نَفْسِي اَنْ لَّايَدْخُلَ النَّارَ مَنِ اسْمُهٗ اَحْمَدُ وَلَا مُحَمَّدٌ" (مون پنهنجي ذات تي عهد رکي ڇڏيو آهي تہ جنهن جو نالو احمد ۽ محمد آهي اهو باهہ ۾ داخل نہ ٿيندو) ۽ ديلمي حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ "مَامِنْ مَائِدَةٍ وُضِعَتْ فَحَضَرَ عَلَيْهَا مِنْ اسْمُهٗ اَحْمَدُ اَوْ مُحَمَّدٌ اِلَّا قَدَّسَ اللهُ ذَالِكَ الْمَنْزِلَ كُلَّ يَوْمٍ مَرَّتَيْنِ" (ڪوبہ دسترخوان رکيو ويو ۽ ان تي احمد يا محمد نالي ڪو کائڻ جي لاءِ حاضر ٿيو تہ الله جَلَّ جَلَالُهٗ ان گهر کي هر روز بہ ڀيرا پاڪ ڪندو آهي) "وَاَنَا اَحْمَدُ" (۽ مان احمد آهيان) يعني حمد ڪندڙن کان وڌيڪ حمد ڪندڙ يا ساراهہ ڪيلن ۾ وڌيڪ. ساراهيل آهيان احمد افعل جي وزن تي فاعل جي معنيٰ ۾ آهي جيئن اعلم يا مفعول جي معنيٰ ۾ آهي جيئن اشهر مشهور جي معنيٰ ۾ ايندو آهي ۽ افعل التفضيل جي معنيٰ ۾ گهڻو آيل آهي ۽ هتي بہ اها معنيٰ مناسب آهي تانت تڪرار واقع نہ ٿئي ۽ السهيلي ۽ الشفا واري قاضي عياض وغيره بہ ان جي اتباع ڪئي آهي تہ احمد جي معنيٰ پنهنجي رب جَلَّ جَلَالُهٗ جي حمد ڪندڙن ۾ وڌيڪ حمد ڪندڙ جيئن صحيح حديث ۾ آيو آهي تہ "قيامت جي ڏينهن سندن لاءِ اهڙا حمد جا دروازا کوليا ويندا جو اهڙا انهن کان اڳيان ڪڏهن بہ ڪنهن جي لاءِ نہ کوليا ويا هئا پوءِ پاڻ ان ڏينهن پنهنجي رب جَلَّ جَلَالُهٗ جو حمد ڪندا ۽ سندن جي لاءِ ئي حمد جو جهنڊو کوليو ويندو ۽ مقام محمود سان خاص ڪيا ويندا جيئن سورة "الحمد" سان خاص ڪيا ويا ۽ پاڻ محمد بہ ان جي ڪري آهن جو پنهنجي رب جو وڌيڪ حمد ڪندڙ آهن ان جي ڪري ڪين نبوت جي شرف سان گڏ ان مبارڪ نالي سان گڏ بہ نوازيو ويو آهي ان جي ڪري ئي حضرت موسيٰ علي نبينا وعليه الصلوة والسلام دعا گهري هئي. تہ اَللّٰهُمَّ اجْعَلْنِي مِنْ اُمَّةِ اَحْمَدَ " يا الله! مون کي احمد ﷺ جي امت ۾ داخل فرماءِ ۽ حضرت عيسيٰ علي نبينا وعليه الصلوة والسلام جي قول کي قرآن ڪريم ۾ بيان ڪيو ويو آهي" وَمُبَشِّرًا بِرَسُوْلٍ يَّاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِي اسْمُهٗ اَحْمَدُ" (سورة صف آيت 5) (۽ مان ان جي بشارت ڏيندڙ ٿي آيو آهيان جيڪو مون کان پوءِ ايندو ۽ ان جو نالو مبارڪ احمد هوندو.)

اڳ ۾ پيدا ٿيل: "لان حمده لربه كان قبل حمد الناس له" ڇوته سندن پنهنجي رب جي لاءِ حمد بين ماڻهن جي حمد کان اڳي هو (هن مان ثابت ٿيو ته پاڻ بين کان اڳي پيدا ڪيل هئا.) ۽ سندن محمد ﷺ جي نالي سان ذڪر ڪيو ويو هو ۽ اهڙي طرح شفاعت وقت به اول پنهنجي رب جو ان حمدن سان حمد ڪندو جيڪي هن کان اڳي ڪنهن جي لاءِ نه کوليا ويا هئا. ان جي ڪري پاڻ حمد ڪندڙن کان وڌيڪ حمد ڪندڙ آهن جڏهن سندن شفاعت ٿيندي ۽ سڀ سندن تعريف ۽ ثنا ڪندا ته پوءِ پاڻ احمد المحمودين هوندا ان جي ڪري سندن اسم مبارڪ " احمد" ذڪر ۾ ۽ وجود ۾، دنيا ۾ ۽ آخرت ۾ بين نالن پاڪن کان اڳي آهي ۽ احمد لفظ ۾ "حماد" لفظ کان به وڌيڪ مبالغو آهي. علامه ابن القيم لکيو آهي ته "حماد" ڪڏهن مبالغي کان سواءِ به ايندو آهي. بلڪ حماد جو جمع "حمادون" ته سندن امت جي لاءِ آيل آهي، ۽ هن روايت ۾ "محمد" احمد کان ان جي ڪري اڳي آندو ويو آهي جو اهو وڌيڪ مشهور ۽ وڌيڪ ظاهر آهي ۽ ابو نعيم جي روايت ۾ آيو آهي ته الله ﷻ سندن اسم مبارڪ" احمد" ٻي خلق کان ٻه هزار سال اڳي رکيو هو. الغرض ته هنن ٻنهي پيارن نالن جي سندن بين نالن کان وڌيڪ اهميت آهي ان جي ڪري ڪوشش ڪندي پنهنجي اولاد جا نالا به انهن مان رکجن. ابن قتيبه فرمايو ته : سندن نبوت جي نشانين مان هي به آهي جو سندن اهو نالو سندن کان اڳي ڪنهن به نه رکيو هو جيئن الله ﷻ حضرت يحييٰ (على نبينا وعليه الصلوة والسلام) جي لاءِ فرمايو آهي "لَمْ نَجْعَلْ لَهٗ مِنْ قَبْلُ سَمِيًّا" اسان ان کان اڳي ڪنهن کي به سندس نالي وارو نه بنايو. مگر جڏهن سندن زمانو ويجهو ٿيو ۽ اهل ڪتاب سندن آمد جون بشارتون ٻڌايون تڏهن ڪن ماڻهن پنهنجي اولاد تي اهو نالو ان اميد تي رکيو ته متان سندن اولاد مان ڪو ان نالي جو مصداق ٿئي. پر الله ﷻ جي مرضي آهي جنهن کي نوازي. علامه ابن حجر هيتمي مڪي لکيو آهي ته : هندستان ۾ حضور ڪريم ﷺ جو نالو مبارڪ گلابي گل جي پن تي ۽ مڇي جي پاسي ۽ ڪن تي لکيل ڏٺو ويو هو.

ميٽيندڙ مان مراد ڇا آهي؟ : "وَاَنَا الْمَاحِی الَّذِی یَمْحُو اللّٰہُ بِیَ الْکُفْرَ" (۽ مان ميٽيندڙ آهيان جو الله ﷻ مون سان ڪفر ميٽيندو.) مطلب ته سندن ذريعي مڪه مڪرمه مدينه منوره ۽ عرب جي سمورن شهرن تان ڪفر ميٽيو ويندو ۽ هن ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جي وساطت سان دين اسلام جي ظهور ۽ بين دينن تي غلبي وڌن، وڏن شهرن جي فتح ٿيڻ ڏانهن اشارو آهي ، پاڻ ڪفر ۽ شرڪ کي ميٽڻ وارا. ڪذابن ۽ ڪوڙن کي دلائل ۽ براهين سان شڪست ڏيڻ وارا آهن ۽ پنهنجي امت جا شفاعت سان گناهه به ميٽڻ وارا آهن. جيئن الله ﷻ جو فرمان آهي "قُلْ لِّلَّذِیْنَ كَفَرُوْۤا اِنْ یَّنْتَهُوْا یُغْفَرْ لَهُمْ مَّا قَدْ سَلَفَ" (سورة الانفال آيت 38) اوهان ڪافرن کي چئو ته : جيڪڏهن (ڪفر کان) رڪجندا ته انهن کي اڳيان سندن ڪيل گناهه بخش ڪيا ويندا ۽ حضور ڪريم، رؤف رحيم ﷺ جن ارشاد فرمايو آهي ته "اَلْاِسْلَامُ يَهْدِمُ مَا قَبْلَهٗ" (اسلام ان کان اڳيان ڪيل گناهه ميٽيندو آهي) ۽ حضور ڪريم ﷺ جن کي هن لقب سان ان جي ڪري مخصوص ڪيو ويو آهي جو ڪنهن سان به ڪفر ائين ميٽيو نه ويو آهي جيئن سندن ذات، عالي صفات سان. جڏهن پاڻ مبعوث فرمايا ويا ته اڪثر زمين ڪفر سان ڀريل هئي ۽ گهڻا انسان الله کي نه سڃاڻندا هئا ته اهو ڪو سندن سچو معبود آهي ۽ نه انهن کي قيامت جي خبر هئي بلڪ انهن مان ڪي پٿر جي عبادت ڪندا هئا ته ڪي تارن جي ته ڪي باهه جي پوءِ ڪفر ۽ شرڪ

جا اهي سيئي قِسم سندن آمد سان ميٽجي ويا ۽ سندن دين سڀني دينن تي غالب ٿي ويو. "وَاَنَا الْحَاشِرُ الَّذِیْ يُحْشَرُ النَّاسُ عَلٰی قَدَمِیْ" (۽ مان حاشر آهيان جو ماڻهو منهنجي قدم تي اٿاريا ويندا. مطلب تہ پاڻ پنهنجي مزار پرانوار مان اول اٿندا پوءِ سندن پويان ٻي مخلوق اٿاري ويندي ۽ حديث ۾ آيو آهي تہ "اول سندن مزار واري زمين ڪلندي ۽ ٻيا ماڻهو سندن پويان هوندا" دنيا ۾ سندن هوندي يا سندن ظاهري رحلت کان پوءِ ڪوبہ ٻيو نبي نہ ٿيو نہ ٿيندو نہ هو نہ هوندو "وَاَنَا الْعَاقِبُ" مان عاقب آهيان. يعني آخري نبي آهيان جنهن کان پوءِ ڪو نبي نہ ٿيندو.[1] حضور ڪريم ﷺ جن کان پوءِ جيڪو نبوت جي دعويٰ ڪندو اهو دجال ڪذاب آهي.

(انوار غوثيه ص 524، جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 183، المواهب ص 611، اشرف الوسائل ص 532)

فائدو: حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي اسم "احمد" سان شفاعت جو تعلق گهڻو آهي. سندن فرمان آهي تہ: عرش وٽ هڪ جاءِ آهي جنهن کي "الوسيلة" ۽ مقام محمود ڪوٺيو وڃي ٿو اميد آهي تہ قيامت ۾ مون کي الله ﷻ اتي ٻيهاريندو ۽ سجدي جو حڪم ڪندو." ڪين اهو سجدي جو حڪم تڏهن ٿيندو جڏهن سموريون امتون اتي پريشان ٿي پنهنجي شفاعت جي لاءِ حضرت آدم علیٰ نبینا وعلیه الصلوٰة والسلام کان ٿيندا، سڀني نبين وٽ ايندا ۽ انهن سڀني کان نا اميد ٿي آخر ۾ حضرت حبيب ڪريم ﷺ وٽ ايندا تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن الله ﷻ جي اذن سان سجدو ڪندا ۽ پاڻ فرمايو اٿن تہ "جيترو وقت منهنجو رب ﷻ چاهيندو اوترو وقت سجدي ۾ هوندس ۽ پاڻ الله ﷻ جيترو حمد ۽ ثنا سيکاريندو اها ڪندس." ۽ اتي احمد (گهڻي ساراهہ ڪندڙ) اسم مبارڪ جو ظهور ٿئي ٿو: پاڻ فرمايو اٿن تہ پوءِ الله ﷻ راضي ٿيندو ۽ فرمائيندو تہ "اِرْفَعْ رَاسَكَ، سُلْ تُعْطَه وَاشْفَعْ تُشَفَّعْ" (مٿو مبارڪ مٿي کڻو گهرو تہ عطا ڪيا وڃو ۽ شفاعت ڪيو تہ اوهان جي شفاعت قبول ڪئي وڃي؟ پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن سجدي مان اٿي پنهنجي مالڪ جي دربار ۾ عرض ڪندا تہ "ساري مخلوق پريشان آهي، انهن جو حساب ٿيڻ گهرجي" اها پهرين شفاعت آهي ان کي شفاعت ڪبريٰ سڏيو ويو آهي، ان کان پوءِ هرڪو پنهنجي عملن، چڱن، خواهہ برن جو بدلو ڏنو ويندو. ان کان پوءِ ٻيا بہ ڪيترا سجدا ۽ سفارشون ٿينديون. جن جو مڃڻ ضروري آهي.

فائدو: شفاعت ضرور ٿيندي ۽ اها شفاعت بالاذن آهي مطلب تہ مالڪ جي اجازت سان ٿيندي الله ﷻ وٽ زور، زبردستي ڪانہ هلندي پوءِ شفاعت شاهديءَ وانگر ٿيندي.

فائدو: شفاعت جي لاءِ حضور ڪريم ﷺ جي تخصيص ڇو ٿي آهي؟ هن اعتراض جي جواب کان اڳ ۾ ٻن حديثن جا مضمون خيال ۾ رکجن. (1) بخاري شريف جي روايت آهي تہ: حضور ڪريم ﷺ جن حڪم فرمايو: "جيڪڏهن ڪوبہ مون سان اتفاق نہ ڪري تڏهن بہ آءُ الله ﷻ جي ڪلمي بلند ڪرڻ جي لاءِ اڪيلي سر ساري دنيا سان جهاد ڪندس." ۽ ٻي روايت ترمذي جي آهي تہ: هڪ دفعي حضور ڪريم ﷺ جن اضحيه جي لاءِ بہ دنبا ذبح ڪيا ۽ فرمايائون تہ: هڪ پنهنجي لاءِ ٻيو ان امتيءَ جي لاءِ جنهن اضحيه نہ ڪئي هوندي" هيءَ ڳالهہ بہ سمجهڻ گهرجي تہ الله ﷻ انسان کي پنهنجي

(1) ختم نبوت قرآن ڪريم جي جن آيتن سان ثابت آهي انهن جو تعداد ۽ انهن تي وضاحت، تشريح ۽ تفسير ان موضوع تي لکيل راقم الحروف جي ڪتاب "ثبوت ختم النبوة من القرآن والسنة" ۾ ڏسو

عبادت جي لاءِ پيدا فرمايو آهي انهن کان ٿيندڙ قصور ۽ ڪوتاهيون معاف ڪرڻ جي لاءِ قيامت جي ڏينهن الله ﷻ حضور ڪريم ﷺ جن کي اتي سجدي ڪرڻ جو ارشاد ڪندو ۽ کين اهڙي ثنا، حمد ۽ تعريف ڪرڻ سيکاريندو جنهن جهڙي ثناء ۽ حمد ٻئي ڪنهن کان به نه ٿي هوندي ۽ اهو سجدو اهو محبوب ڪندو جنهن جو عزم راسخ ۽ ارادو مضبوط هوندو ۽ جنهن جي شخصيت دنيا سان اڪيلي سر جهاد جي لاءِ ڪافي هوندي ۽ جنهن جي قرباني ساري امت جي قربانين تي شامل هوندي ۽ جنهن جي عبديت بلڪل مڪمل هوندي اتي ڪائنن الله ﷻ پنهنجي تعريف ڪرائيندو ۽ سجدي ۾ ان کي اهڙي ثنا ۽ حمد سيکاريندو جو اهڙو حمد ۽ ثنا ڪنهن به نه ڪئي هوندي. الله ﷻ سندن ان خلوص واري سجدي ۽ بيمثال حمد ۽ ثنا ڪرڻ جي ڪري سندن شفاعت منظور فرمائي کين حمد جو جهنڊو هٿ ۾ ڏيندو جنهن جي هيٺان الله ﷻ جا شڪر گذار ۽ فرمانبردار ٻانها هوندا. اها آهي "احمد" جي معني جيڪا آسمانن ۽ عرش عظيم تي مشهور آهي. اَللّٰهُمَّ اٰتِ سَيِّدَنَا مُحَمَّدِنِ الْوَسِيلَةَ وَارْزُقْنَا شَفَاعَتَهُ" اٰمِيْن

سوال: حضور ڪريم ﷺ جا ڪمالات قيامت تائين وڌندا رهندا يا ترقي ڪري بند ٿي ويا؟

جواب: سندن درجا قيامت تائين وڌندا رهندا جيئن سندن فرمان آهي " الله ﷻ مون کي مقام محمود ۾ ويهاريندو ۽ سجدي ۾ پنهنجو حمد ۽ ثنا سيکاريندو" سندن اهو فرمان ثابت ڪري رهيو آهي ته سندن درجا قيامت تائين بلند ٿيندا رهندا، امت مان جيڪي صلواتون ۽ سلام پڙهيا وڃن ٿا انهن سان به سندن درجات ۾ ترقي ٿئي ٿي ۽ ساڳي طرح پڙهندڙن جي لاءِ به رحمت ۽ مغفرت جو باعث آهن. "اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ عَدَدَ كُلِّ مَعْلُوْمٍ لَّكَ دَائِمًا اَبَدًا"

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري كتاب المناقب باب 17 ماجاء في اسماء رسول الله ﷺ رقم الحديث 3532 ج 6 ص 544 {2} مسلم في كتاب الفضائل باب 34 في اسمائه 5 رقم الحديث 2354 حديث الكتاب رقم 124 ج 4 ص 1828 {3} النسائي في كتاب التفسير من سننه الكبرىٰ كما في التحفة ج 2 ص 413 {4} احمد في المسند ج 4 ص 80 {5} مالك في الموطا كتاب اسماء النبي ﷺ باب اسماء النبي ﷺ رقم الحديث 1 ج 2 ص 1004 {6} الدارمي في كتاب الرقاق باب 59 في اسماء النبي ﷺ رقم الحديث 2775 ج 2 ص 409 {7} ابن سعد في الطبقات ج 1 ص 105 {8} الحميدي في مسنده رقم الحديث 555 ج 1 ص 253، 254.

{368} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ طَرِيفٍ الْكُوفِيُّ، قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُوبَكْرِ بْنُ عَيَّاشٍ، عَنْ عَاصِمٍ، عَنْ أَبِي وَائِلٍ، عَنْ حُذَيْفَةَ قَالَ: لَقِيتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي بَعْضِ طُرُقِ الْمَدِينَةِ فَقَالَ: أَنَا مُحَمَّدٌ، وَأَنَا أَحْمَدُ، وَأَنَا نَبِيُّ الرَّحْمَةِ، وَنَبِيُّ التَّوْبَةِ، وَأَنَا الْمُقَفَّى، وَأَنَا الْحَاشِرُ، وَنَبِيُّ الْمَلَاحِمِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت حذيفه ﷺ کان روايت آهي ته آءُ پاڻ سڳورن ﷺ سان مدينه منوره جي ڪنهن رستي ۾ مليس پوءِ فرمايائون ته (اي حذيفه) آءُ محمد (ﷺ) آهيان، آءُ احمد (ﷺ) آهيان، آءُ رحمت جو نبي آهيان ۽ توبه جو نبي به آهيان آءُ اڳين نبين کان پوءِ آيو آهيان ۽ آءُ قومن کي گڏ ڪندڙ آهيان ۽ آءُ الله ﷻ جي راه ۾ جنگيون ڪرڻ وارو نبي آهيان.

مفردات جو شرح: "لَقِيتُ" مون ملاقات ڪئي، مليس. "طُرُقِ" واٽون، رستا. "اَلرَّحْمَةِ" نرم دلي، مهرباني،

جنهن جو نتيجو مغفرت ۽ احسان آهي همدردي ظاهر ڪرڻ. "اَلتَّوْبَةِ" موٽڻ، گناهن تي پشيمان ۽ شرمنده ٿيڻ. "مُقَفَّى" تقفية ڪان ورتل اسم مفعول جو صيغو آهي جنهن جي معنيٰ پويان لڳائڻ. پوئتي رهڻ، آخري هجڻ آهي. "مَلَاحِمِ" ملحمة جي معنيٰ وڏو حادثو وڏي جنگ، گهمسان لڙائي جو موقعو جهاد.

سمجهاڻي: هن حديث شريف ۾ مذڪوره حديث وارن پاڪن نالن ڪان سواءِ چار نالا ٻيا مذڪوره آهن. (1) مان رحمت جو نبي آهيان" مطلب ته مان الله ﷻ جي طرفان مخلوق جي لاءِ رحمت وارو نبي آهيان جيئن الله ﷻ جو فرمانِ عاليشان آهي: "وَمَا أَرْسَلْنَاكَ إِلَّا رَحْمَةً لِلْعٰلَمِيْنَ" (۽ اسان اوهان کي جهانن جي لاءِ رحمت ڪري موڪليو آهي) جهانن ۾ مسلمان ۽ ڪافر سڀ داخل آهن ڇوته پاڻ جنهن مقام سان موڪليا ويا آهن اهو سڀني جي سعادتمند بنائڻ ۽ ڪين ڪامياب بنائڻ وارو آهي ۽ سندن معاش ۽ معاد جي اصلاح وارو آهي

سندن رحمت هجڻ جو مطلب: بعض مفسرن علامه بيضاوي وغيرهم فرمايو ته "پاڻ ڪافرن جي لاءِ ائين رحمت آهن جو سندن صدقي اهي امن ۾ آهن غرق ٿيڻ شڪلين جي متجڻ ۽ عام عذاب ڪان بچي ويا. علامه مناوي لکيو آهي ته: نَبِيُّ الرَّحْمَةِ مان مراد آهي ته: منهنجي ذريعي امت ۾ هڪٻئي تي رحم پيدا ٿيو. مان الله ﷻ جي رحمت جي خبر ڏيندڙ آهيان مان رحمت سان گڏ آهيان جو منهنجي امت اڳين امتن وانگر عذاب نه ڪئي ويندي يا رحمت مان مراد دين آهي يعني اهڙو دين ڪٺي آيو آهيان جيڪو رحمت ئي رحمت آهي يا سندن ذات. وجود رحمت آهي جن سان الله ﷻ مومن منافق ۽ ڪافر سڀني تي رحم ڪيو آهي. پاڻ رحم جي تلقين ڪندي فرمايائون "إِنَّ اللهَ يُحِبُّ مِنْ عِبَادِهِ الرُّحَمَاءَ" (الله ﷻ پنهنجي ٻانهن مان رحم ڪندڙن سان محبت رکندو آهي. ٻيو سندن فرمان آهي "اَلرَّاحِمُوْنَ يَرْحَمُهُمُ الرَّحْمَانِ ارْحَمُوا مَنْ فِي الْأَرْضِ يَرْحَمُكُمْ مَّنْ فِي السَّمَاءِ" (رحم ڪندڙن تي رحمن رحم ڪندو آهي اوهان زمين وارن تي رحم ڪيو ته اوهان تي آسمان وارو (رب ﷻ) رحم ڪندو) علامه ابن حجر هيتمي مڪي لکيو آهي ته: الله ﷻ سندن ذريعي ماڻهن جي دلين ۾ الفت پيدا ڪئي. "فَأَلَّفَ بَيْنَ قُلُوْبِكُمْ" اوهان جي دلين ۾ الفت پيدا ڪيائين. "رُحَمَاءُ بَيْنَهُمْ" هڪٻئي ۾ رحم ڪندڙ آهن) پاڻ فرمايو اٿن ته مان "رَحْمَةٌ مُهْدَاةٌ" هديو ڏنل رحمت آهيان. اها روايت بيهقي هنن لفظن سان آندي آهي. "إِنَّمَا أَنَا رَحْمَةٌ مُهْدَاةٌ" (پوءِ الله ﷻ سندن ذريعي خلق تي رحم ڪيو آهي ۽ هي سندن نالا اڳين ڪتابن ۾ به اڳئي بيان ٿيل هئا اهل ڪتاب انهن نالن ۽ صفتن سان ڪين سڃاڻندا هئا. پاڻ مسلمانن جي لاءِ رحمت آهن اها ڳالهه ته ظاهر آهي جو دنيا ۽ آخرت ۾ انهن جو پاڻ ئي وسيلو آهن ڪافرن جي لاءِ ان جي ڪري جو قرآن ڪريم ۾ وعدو ڪيل آهي ته: سندن هوندي ڪافرن کي عذاب نه ٿيندو ۽ جيترو سندن دين جو بقاء هوندو اوترو سڄي جهان جو نظام باقي رهندو جڏهن دنيا ۾ هڪ به الله ﷻ جي نالي وٺڻ وارو نه رهندو ته جهان جو نظام درهم، برهم ٿي ويندو ۽ قيامت قائم ٿيندي ۽ سندن بعثت به سڄي جهان جي لاءِ آهي ڪنهن محدود امت يا جماعت جي لاءِ ناهي ان جي ڪري به پاڻ سڄي جهان جي لاءِ رحمت آهن جو جنهن جي دل گهري اهو ان ۾ داخل ٿئي ۽ الله ﷻ جي رحمت جا دروازا به سندن صدقي کليا آهن ۽ الله ﷻ جي رحمت جي خبر ۽ بشارت ڏيندڙ آهن. سندن دين به سراپا رحمت آهي. "وَأَنَا نَبِيُّ التَّوْبَةِ" (۽ مان توبهه جو نبي آهيان) (جو سندن امت جي لاءِ صرف زبان سان توبهه ڪجهه

شرطن سان گڏ گناهن جي معافيءَ لاءِ ڪافي آهي ان جي برخلاف اڳين امتن جي توبهہ قبول ٿيڻ جي لاءِ سرن جو قتل ڪرڻ وغيره مشروط هوءِ پاڻ امت ڪي توبهہ جي لاءِ ڪثرت سان حڪم ڪندڙ آهن ۽ پاڻ بذات خود بہ گھڻي توبهہ ڪندڙ ۽ استغفار پڙهندڙ هئا. انهن سببن جي ڪري پاڻ "نَبِيُّ التَّوْبَةِ" آهن. سندن ئي برڪت سان هن امت جي توبهہ قبول ٿيندي آهي. حديث پاڪ ۾ آيو آهي تہ "پاڻ هر روز ستر يا سؤ ڀيرا استغفار پڙهندا هئا." علامہ علي القاري لکيو آهي تہ سندن امت ۾ ھي ٻئي رحمت ۽ توبهہ واريون صفتون ٻين امتن کان وڌيڪ هونديون. پاڻ ﷺ جن ارشاد فرمايو آهي تہ: "اَلتَّوْبَةُ النَّصُوْحُ النَّدمُ عَلَى الذَّنْبِ حِيْنَ يَفْرُطُ مِنْكَ فَاسْتَغْفِرِ اللهَ ثُمَّ لَا تَعُوْدُ اِلَيْهِ اَبَدًا" سچي توبهہ گناهہ تي پشيمان ٿيڻ آهي جڏهن توکان ظاهر ٿئي پوءِ اهو الله جل جلاله کان مغفرت گھري وري اهو ڪڏهن بہ نہ ڪجان." ۽ علماء فرمايو آهي تہ

توبهہ جا ارڪان: "توبهہ جا ارڪان ٽي آهن. (1) **پشيمان ٿيڻ** (2) گناهہ کي پاڙان پٽي ڪڍي ڇڏڻ (3) وري گناهہ نہ ڪرڻ جو پڪو عزم ۽ ارادو ڪرڻ ۽ ڪنهن بہ زباني استغفار کي توبهہ جي لاءِ شرط نہ ڪيو ويو آهي. هائو. توبهہ جا ٻانهن ۽ الله جل جلاله سان متعلق حقوق ۽ شروط آهن جن جي تفصيل جي هيءَ جاءِ ناهي. علامہ ابنِ حجر هيتمي مڪي جو قول تہ مذڪور شرطن سان توبهہ قبول ٿيڻ هن امت جي خصائص مان آهي صحيح ناهي ڇوتہ: هن کان اڳي الله جل جلاله حضرت آدم على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي توبهہ قبول ڪئي هئي ۽ سؤ ماڻهن کي قتل ڪندڙ جي توبهہ بہ الله جل جلاله قبول فرمائي هئي جيئن صحيح روايات ۾ معروف ۽ مشهور آهي. ها. حضرت موسيٰ على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي قوم تي توبهہ قبول ٿيڻ جي لاءِ انهن جو هڪ ٻئي کي قتل ڪرڻ وارو سخت شرط رکيو ويو هو. جڏهن انهن گابي جي پوڄا ڪئي هئي. ۽ هي هن امت سان توبهہ مخصوص هجڻ تي دلالت نہ ٿو ڪري ائين چوڻ امت جي سيني قولن جي خلاف آهي. "وَاَنَا الْمُقَفّٰى" ۽ مان آخر ۾ موڪليل آهيان، يعني اهو جنهن اڳين نبين جي آثار ۽ اطوار جي اصول ۾ تابعداري ڪئي ۽ ڪرائي آهي. الله جل جلاله جو فرمان آهي "أُولٰئِكَ الَّذِيْنَ هَدَى اللهُ فَبِهُدٰهُمُ اقْتَدِهْ" (اِهي اُهي آهن جن کي الله هدايت ڏني پوءِ اوهان بہ انهن سان هدايت وارين ڳالهين ۾ اقتداء ڪيو.) ۽ مقصد هي آهي تہ پاڻ اصل توحيد ۽ مڪارم الاخلاق ۾ انهن وانگر آهن جيتوڻيڪ انهن مان ڪن سان بعض فروعي مسائل ۾ بالاتفاق اختلاف اٿن ۽ صاحب النهاية ان جي معنيٰ ڪئي آهي تہ پاڻ نبين ۾ آخري نبي آهن" "اَلْمُوَلِّي الذَّاهِبُ" جڏهن پاڻ ويا تہ ڪانئن پوءِ ڪو نبي ناهي. ۽ ان معنيٰ سان عاقب بہ آهي ۽ "المقفيٰ" جي معنيٰ هيءَ بہ آهي تہ مان اهو آهيان جنهن کي نبين عليهم السلام کان پوءِ موڪليو ويو آهي ۽ مون سان رسالت ۽ نبوت ختم ڪئي وئي آهي. الله جل جلاله جو فرمان آهي تہ "ثُمَّ قَفَّيْنَا عَلٰى اٰثَارِهِمْ بِرُسُلِنَا" ان کان پوءِ انهن جي آثار تي اسان پنهنجا رسول موڪليا."

علامہ البيجوري لکيو آهي تہ المقفيٰ فاء جي زبر سان بہ صحيح آهي تہ زبر سان بہ صحيح آهي. پهرين اعراب تي هن جو مطلب تہ بيان ڪري آيا آهيون ۽ فا جي شد ۽ زير جي لحاظ سان هن جي مراد آهي جيڪو نبين کان پوءِ موڪليو ويو ۽ ان سان رسالت ختم ڪئي وئي آهي. "نَبِيُّ الْمَلَاحِمِ" ملاحم، ملحمة جو جمع آهي، ملحمة جي معنيٰ آهي جنگ ڪرڻ ۽ ڪنهن بہ نبي ۽ ان جي امت ڪڏهن بہ ايترو جهاد نہ ڪيو جيترو حضور ڪريم ﷺ جن ۽ سندن امت جهاد ڪيو آهي ۽ ڪيئن نہ حالانڪ اهي روءِ زمين تي مسلسل جهاد ڪندا رهن ٿا. تانجو ڪاٽي دجال سان ۽ جيڪي يهودي

ان جا تابع ٿيندا انهن سان بہ جهاد ڪندا ۽ القاموس ۾ آهي تہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن کي "نَبِيُّ الْمُلَاحِمِ" ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو پاڻ ماڻهن کي هڪ دين تي گڏ ڪرڻ جو سبب آهن. ۽ هن روايت ۾ هنن نالن تي اقتصار ڪيو ويو آهي حالانڪ سندن ٻيا بہ نالا مبارڪ آهن ڇوتہ هي نالا اڳين امتن کي معلوم هئا جو انهن جي ڪتابن ۾ مذڪور هئا.

(اشرف الوسائل ص 534, جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 184, المواهب ص 612)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} رواه احمد ج 5 ص 405 {2} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3631 ج 12 ص 212 {3} ابنِ سعد في الطبقات ج 1 ص 104 {4} ابنِ حبان في صحيحہ رقم الحديث 6315 ج 14 ص 221.

{369} حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مَنْصُورٍ قَالَ: حَدَّثَنَا النَّضْرُ بْنُ شُمَيْلٍ قَالَ: أَنْبَأَنَا حَمَّادُ بْنُ سَلَمَةَ، عَنْ عَاصِمٍ، عَنْ زِرٍّ، عَنْ حُذَيْفَةَ، عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ نَحْوَهُ بِمَعْنَاهُ، هٰكَذَا. قَالَ حَمَّادُ بْنُ سَلَمَةَ، عَنْ عَاصِمٍ، عَنْ زِرٍّ، عَنْ حُذَيْفَةَ.

ضروري وضاحت: هن حديث ۾ ٻن راوين جي روايتن, ٻن اسنادن جي اختلاف جو ذڪر آهي جيڪو روايت جي مختلف طريقن کي بيان ڪري ٿو.

باب ٻاونجاهون

بَابُ : مَا جَاءَ فِي عَيْشِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ اهي حديثون آهن جيڪي حضور ڪريم ﷺ جن جي گذران جي باري ۾ آهن

سمجھاڻي: هن عنوان سان پهريان بہ هڪ باب ذڪر ٿي چڪو آهي ان ۾ بہ حديثون هيون. ۽ هتي هن باب ۾ حضور ڪريم ﷺ جن ۽ سندن گهراڻي وارن ۽ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جي گذران جو بيان آهي تہ ڪهڙي طرح اهي صبر ۽ استقامت سان غريبي ۽ مسڪيني حال ۾ زندگي گذاريندا هئا. هي باب ٻيو ڀيرو ڇو قائم ڪيو ويو؟ ان جي جواب ۾ شارحن ڀلارن فرمايو آهي تہ هن باب ۾ اهي امر آيل آهن جيڪي اڳئين باب ۾ مذڪور نہ هئا. ان جي ڪري هي باب خالص تڪرار ڪيل ناهي غور سان هن جون متفرق مصلحتون سمجھ ۾ اچن ٿيون. ممڪن آهي تہ امام ترمذي هڪ لطيف اشارو هن طرف ڪيو هجي جو حضور ڪريم ﷺ جن جو هيءَ فقر ۽ تنگي اختيار ڪرڻ ابتداء کان وٺي اخير زماني تائين رهيو ان جي ڪري ابتدا ئي زماني جي طرف اول اشارو ڪيائين ۽ وفات جي قريب هن باب کي آڻي اشارو ڪيائين تہ : خيبر ۽ حُنين مان آيل غنيمت جي مال جي باوجود سندن ظاهري حال اهو ئي فقر ۽ فاقي وارو هو ۽ حق هي آهي تہ : جنهن کان الله ﷻ حرص ۽ طمع پري ڪيا ان کي فقر ۽ فاقي ۾ بہ لذت محسوس ٿيندي آهي حضرت حبيب ڪريم ﷺ جو ارشاد آهي تہ : الله ﷻ مون کي مون لاءِ مڪہ مڪرمہ جي زمين کي سونو بنائڻ لاءِ فرمايو پر، مون عرض ڪيو تہ "يا الله! ﷻ اهو هرگز نہ گهرجي بلڪ هڪ ڏينهن پيٽ مبارڪ ڀري کاوان تانت تنهنجو شڪر ڪيان ۽ هڪ ڏينهن بغير کاڌي جي رهان تانت تنهنجي اڳيان عاجزي ڪيان." حضرت رسول الله ﷺ جو ارشاد آهي تہ : مون کي اوهان تي فقر ۽ فاقي جو ڊپ ناهي بلڪ اهو ڊپ آهي تہ : اوهان تي دنيا اهڙي طرح غالب ٿي ويندي جيئن اوهان کان اڳين ماڻهن تي غالب ٿي وئي هئي. ۽ اوهان ان ۾ اهڙي دل لڳائي ويهندؤ جهڙي انهن لڳائي هئي ۽ اها اوهان کي بہ اهڙي طرح هلاڪ ڪري ڇڏي جيئن اڳين کي هلاڪ ڪيو هيائين." ۽ ان جي ڪري حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن دعا گهري هئي تہ "يا الله ﷻ! (مون) محمد (ﷺ) جي اولاد کي روزي ضرورت آهر ڏي." (مشڪواة)

محدث ترمذي هن باب ۾ نوَ (9) حديثون ذڪر ڪيون آهن جن مان ڪجھ ورائي آندل آهن ۽ اهي اڳين بابن ۾ ذڪر ٿي چڪيون آهن. علامہ ابن حجر هيتمي مڪي لکيو آهي تہ : هي باب مصنف اڳي بہ ذڪر ڪري چڪو آهي ان کي هتي ڪجھ وڌيڪ ڳالهين جي ڪري ذڪر ڪيو اٿس هي خالص تڪرار ناهي. ۽ هن ۾ هيءَ حڪمت بہ آهي تہ : حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جو گذران سندن خلقت جي مناسب هو ڇوتہ ڪائڻ ۾ اعتدال ۽ وقت تي ڪائڻ جيترو مناسب آهي ان ۾

ڪثرت نہ ڪرڻ گهرجي ۽ ڏکهو عرصو ڪاڏي نہ ڪائڻ تي صبر ڪرڻ جيئن طبيعتن ، بادي، خاڪي، آبي ۽ آتشي جي اعتدال تي دليل آهي ۽ انهن جو معتدل هجڻ باقي ذاتي صفتن جي معتدل هجڻ تي دليل آهي ۽ اها صورت ۽ خلقت جي حسن جي غايت آهي ۽ اهوئي سندن خلق عظيم سان مناسب آهي ان جي ڪري محدث ترمذي هي باب وري آندو آهي ۽ جڏهن ان جو سندن خلق سان ڪامل رابطو آهي تہ ان ۾ طويل باب رکيو اٿس ڇوتہ فقر ۽ سخت بک ان مان محسوس ٿيندڙ مشقتن تي صبر ڪرڻ جو موجب سندن مڪارم اخلاق آهي ۽ هي قول بہ صحيح آهي تہ تڪرار جو موجب اهو آهي تہ گذران جا ٽي اطلاق آهن. (1) حياتي ۽ اهائي هتي مراد آهي ان ڪان پوءِ اهو بہ واضح ٿيو آهي تہ اها ڪيفيت سندن ساري زندگي ۾ رهي (2) طعام ۽ اهوئي هتي مراد آهي ان حيثيت سان تہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ ان مان تناول فرمائيندا هئا لذيذ هجي يا سخت ڪڏهن ڍؤ ڪري ڪائيندا هئا تہ ڪڏهن ڍؤ نہ ڪندا هئا ۽ ڪڏهن تہ طعام هوندوئي نہ هو پاڪ پيٽ تي پٿر ٻڌندا هئا ڄاڻڻ گهرجي تہ طعام جو تناول گهڻي علوم تي مشتمل هوندو آهي زماني جي لحاظ سان وصف وغيرهما جي لحاظ سان ڇوتہ اهو ديني ۽ دنياوي مصلحتن تي مشتمل آهي يا انهن سان قلب ۽ جسم جو قائم ٿيڻ هوندو آهي ۽ انهن سان دنيا ۽ آخرت جي آبادي آهي ڇوتہ بدن اڪيلو حيوان جي طبع تي هوندو آهي جنهن سان دنيا جي آبادي آهي ۽ قلب ملائڪن جي طبع آهي پوءِ ان سان آخرت آباد ڪرڻ تي مدد ورتي ويندي آهي ۽ ٻنهي جي گڏجڻ سان ٻئي جهان آباد ٿيندا ۽ انهن تي مواظبة بدن جي سلامتيءَ ڪان سواءِ نہ ٿيندي ۽ بدن جي سلامتي حاجت آهر مختلف وقتن ۾ کاڌو استعمال ڪرڻ ڪان سواءِ نہ ٿيندي ۽ ان جي ڪري بعض اڳين بزرگن فرمايو آهي تہ طعام ڪائڻ دين آهي" ۽ الله ﷻ بہ ان تي پنهنجي فرمان سان متنبه ڪيو آهي" كُلُوا مِنَ الطَّيِّبٰتِ وَ اعۡمَلُوۡا صَالِحًا" (سورة المومنون آيت 51) (پاڪ شين مان ڪائو ۽ صالح اعمال ڪيو) پوءِ جنهن ان نيت سان ڪاڌو تہ ان ڪاڏي سان الله ﷻ جي اطاعت ۽ عبادت تي قوت حاصل ڪري ان لاءِ مناسب آهي تہ ائين نہ ڪائي جيئن چوپايو جانور گاهہ واري زمين ۾ چرندو آهي. طعام ڪائڻ تہ دين ڏانهن ترقي جي لاءِ ذريعو آهي مناسب آهي تہ مسلمان تي ان جا انوار ظاهر ٿين ۽ اهي تڏهن ظاهر ٿيندا (جڏهن شريعت جي ميزان سان ڪاڌي جي حيثيت توري ويندي تہ ڪيترو ڪاڌو ويو ۽ ان جو وزن ڪيترو هو ۽ پيٽ ڀري ڪائڻ بدعت آهي جيڪا پهرين دور ڪان شروع ٿي ۽ صحيح حديث م آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو "مَا مَلَأَ ابْنُ آدَمَ وِعَاءً شَرًّا مِنْ بَطْنِهِ" (انسان ڪوبہ ٿانءُ ڪاڌي سان نہ ڀريو جيڪو ان جي پيٽ ڀرڻ ڪان وڌيڪ بڇڙو هجي) انسان جي لاءِ ايترا گرهہ ڪائڻ ڪافي آهن جن سان نفس درست رهي مطلب تہ پيٽ جو هڪ حصو طعام جي لاءِ رکي، هڪ حصو پاڻيءَ جي لاءِ رکي ۽ هڪ حصو ساهہ کڻڻ جي لاءِ هجي." (هيءَ حديث ترمذي ڪتاب الزهد ۾ 2380 ۽ ابنِ ماجه الاطعمة ۾ 3349 ۾ ۽ البغوي في شرح السنة ۾ 4048 ۽ احمد مسند ۾ ج 4 ص 132 ۽ ابنِ حبان پنهنجي صحيح ۾ 674، 5263، الطبراني في الڪبير ج 20 ص 644 ابن المبارڪ في الزهد ص 603 ۾ آندي آهي) ۽ علماء پيٽ جا ٽي حصا ذڪر ڪيا آهن ڇوتہ اهي حياتيءَ جا اسباب آهن ۽ اندر ۾ انهن ڪان سواءِ ڪجهہ داخل نہ ٿيندو آهي ۽ حديث جا ظاهري الفاظ ٽن حصن کي بيان ڪن ٿا ۽ هي بہ احتمال آهي تہ اهي قريب قريب هجن ۽ صحيح حديث ۾ آيو

آهي ته "اِنَّ الْمُؤمِنَ يَاكُلُ فِي مِعَاءٍ وَاحِدٍ" (بلاشڪ مومن هڪ آنڊي ۾ کائيندو آهي. (رواه البخاري في الاطعمة و احمد في المسندُ عبدالرزاق في مصنف والخطيب البغدادي في تاريخ بغداد، حاشية اشرف الوسائل ج 2 ص 536) ۽ ڪافر ستن آنڊن ۾ کائيندو آهي ۽ هن مان مراد تعداد ناهي پر گهڻي کائڻ جي ڳالهه آهي ۽ اها شريعت وارن جي لاءِ حقيقت آهي ڇوته انسان جا ست آنڊا آهن ۽ ڪافر ست ئي آنڊا ڀريندو آهي ۽ هن مان مراد مومن جي جنس آهي نه ته ڪي مومن ڪافرن کان به گهڻو کائيندا آهن ۽ هڪ قول آهي ته "مومن مان مراد ڪامل مومن آهي جو اهي فڪر جي ڪثرت، قيامت جي ڏينهن واري حساب کان تانجو مباح ۾ به گهٽتائي سان کائيندو آهي ۽ حديث ۾ آيو آهي ته "مَنْ كَثُرَ تَفَكُّرُهُ قَلَّ مَطْعَمُهُ وَمَنْ قَلَّ تَفَكُّرُهُ كَثُرَ مَطْعَمُهُ وَقَسَى قَلْبُهُ" (ذكره الحافظ ابن حجر في فتح الباري ص 450) جنهن جو فڪر گهڻو ٿيو ان جو کاڌو گهٽ ٿيندو ۽ جنهن جو فڪر گهٽ ٿيندو ان جو کاڌو گهڻو ٿيندو ۽ ان جو قلب ڪٺيل رهندو گهڻن بزرگن فرمايو ته "حڪمت ان معدي ۾ داخل نه ٿيندي آهي جيڪو کاڌي سان ڀريل هوندو آهي ۽ جنهن جو کاڌو گهٽ ٿيندو اهو پاڻي گهٽ پيئندو ان جي ننڊ گهٽ ٿيندي ان جي عمر ۾ برڪت ظاهر ٿيندي ۽ گهڻي کائيندڙ جو حال هن جي ابتڙ هوندو ۽ طبراني روايت آندي آهي ته "اِنَّ اَهْلَ الشَّبْعِ فِي الدُّنْيَا هُمْ اَهْلُ الْجُوْعِ فِي الْاٰخِرَةِ" (بلاشڪ دنيا ۾ ڍؤ ڪرڻ وارا اهي آخرت ۾ بکايل هوندا" ۽ ان جي ڪري ام المومنين سيده عائشه صديقه رضي الله عنها فرمايو ته: رسول الله ﷺ جن ڪڏهن به ڍؤ ڪري نه کاڌو ۽ پنهنجي گهر وارن کان ڪڏهن نه کاڌو گهريائون ۽ نه اشتها رکيائون جيڪڏهن گهروارن کاڌو کارايو ته کائيندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪين پياريندا هئا ته پيئندا هئا ۽ هن مان مراد اهڙي ڍؤ جي نفي آهي جيڪو گهڻو ۽ بدن کي ڳرو ڪندڙ عبادت کان سست ڪندڙ هجي. مطلق ڍؤ جي نفي ناهي جنهن ۾ اهي ڳالهيون نه هجن.

(اشرف الوسائل ص 536)

{370} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو الأَحْوَصِ، عَنْ سِمَاكِ بْنِ حَرْبٍ قَالَ: سَمِعْتُ النُّعْمَانَ بْنَ بَشِيرٍ يَقُولُ: أَلَسْتُمْ فِي طَعَامٍ وَشَرَابٍ مَا شِئْتُمْ؟ لَقَدْ رَأَيْتُ نَبِيَّكُمْ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَمَا يَجِدُ مِنَ الدَّقَلِ مَا يَمْلَأُ بَطْنَهُ.

بامحاوره ترجمو: حضرت سماڪ بن حرب رضي الله عنه کان روايت آهي ته مون نعمان بن بشير رضي الله عنه کي چوندي ٻڌو ته ڇا توهان پنهنجي کاڌي پيتي جون وڻندڙ شيون نه ٿا کائو؟ بيشڪ مون (پنهنجي) توهان جي نبي ڪريم ﷺ جن کي ڏٺو جو پاڻ ڪريم ﷺ وٽ ايتري سڪل ڪارڪ ڪانه هئي جنهن سان پاڻ ڍؤ ڪري کائن.

مفردات جو شرح: "دَّقَلِ" سادي ڪجور. ردي گفتگو.

سمجهاڻي: هن حديث مبارڪ ۾ حضرت نعمان بن بشير صحابي رضي الله عنه پنهنجن سامعين کي فرمايو ته: ڇا اوهان کائڻ ۽ پيئڻ جي شين ۾ ايترا وڌيل ناهيو جو جيڪو گهرو اهو کائو ۽ پيئو. مطلب ته اوهان ايترا خوشحال ۽ دولت جي ڪثرت وارا ٿي ويا آهيو هر قسم جون لذتون اوهان لاءِ ميسر آهن "مون اوهان جي نبي ڪريم ﷺ کي ان حال ۾ ڏٺو جو سادي ڪجور ڪائي به پنهنجو پيٽ مبارڪ نه ڀريندا هئا. سندس مراد هئي ته اوهان به سرڪار ﷺ جن وانگر قناعت ۽ سادگي اختيار ڪيو ان ۾ ڀلائي ۽ بهتري آهي. گهڻي کائڻ پيئڻ وارن کي تنبيه ڪئي وئي آهي هڪ حديث ۾ آيو آهي

تہ "اَشْبَعُكُمْ فِي الدُّنْيَا اَجْوَعُكُمْ فِي الْآخِرَةِ" (اوهان مان دنيا ۾ گهٽو ڍؤ ڪندڙ آخرت ۾ گهٽو بکايل هوندو ۽ الله جل جلاله جي بعض عارفن جو قول آهي تہ پنهنجن نفسن کي جنت جي وليمي (شاديءَ) جي لاءِ بک ۾ رکو" اتي هلي ڍؤ ڪري کائجوءِ جيڪو کاڌو عبادت ۾ قوت ڏيڻ جي لاءِ کاڌو وڃي اهو برو ناهي. الله جل جلاله قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمايو: " يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُلُوْا مِنَ الطَّيِّبٰتِ وَ اعْمَلُوْا صَالِحًا" (سورة المومنون آيت 51) (اي ايمان وارؤ! پاڪ شيون کائوءِ صالح عمل ڪيو) ۽ "نبيڪم" ۾ مخاطبين ڏانهن نسبت ڪندي فرمايائين تہ اوهان جي نبي. حالانڪ نبي تہ سندس بہ هو. سو انهن کي حضور ڪريم ﷺ جن جي اطاعت ڏانهن شوق ڏيارڻ جي لاءِ فرمايو هيائين. تانت سندن امتي هجڻ جي نسبت کي ذهن ۾ رکي دنيا جي سينگارن ڏانهن گهٽ متوجهہ رهن ۽ قناعت کي پسند ڪن ۽ مسند الحارث ۾ حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: حضرت سيده فاطمہ رضي الله عنها مانيءَ جو هڪ ٽڪر کڻي حضور ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿي پاڻ ان کي فرمايائون تہ هي ڇا آهي؟ ان عرض ڪيو تہ "مانيءَ جو ٽڪر آهي. جيڪو مون پچايو پوءِ دل گهريو تہ اوهان کي کارايان" پاڻ فرمايائون تہ "تن ڏينهن کان پوءِ هي پهريون ٽڪر آهي جيڪو تنهنجي بابا جي وات (مبارڪ) ۾ پيو آهي" ۽ هي سڀ ڪجهہ سندن مقامِ شريف جي رفعت ۽ قدر منيف جي بلنديءَ ۾ زيادتي ۽ ڪائنن بعد ۾ اچڻ وارن خليفن ۽ بادشاهن جي لاءِ عبرت هئي ۽ سندن ظاهري رحلت کان پوءِ ماڻهو چئن قسمن ۾ ورهائجي ويا. (1) هڪ قسم اهي جن نہ پاڻ دنيا جو ارادو ڪيو ۽ نہ دنيا کين ويجهي آئي جيئن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه (2) ٻيو قسم جن پاڻ دنيا جو ارادو نہ ڪيو پر دنيا کين ويجهي آئي. جيئن فاروقِ اعظم رضي الله عنه (3) ٽيون قسم جن پاڻ دنيا جو ارادو ڪيو ۽ دنيا بہ کين چاهيو جيئن بني اميہ ۽ عباسي خليفا حضرت عمر بن عبدالعزيز رضي الله عنه کان سواءِ (4) چوٿون قسم اهي جن پاڻ تہ دنيا جو ارادو ڪيو پر دنيا انهن کي ويجهو نہ آئي جيئن اهي ماڻهو جن کي الله جل جلاله محتاج رکيو ۽ ان جي گذ ڪرڻ جي لاءِ تڙپندا رهيا. (المواهب ص 615) ۽ علامہ علي القاري لکيو آهي تہ: هيءَ ڪيفيت حضرت رسول الله ﷺ جن جي اختياري هئي مجبوري واري نہ هئي ۽ پاڻ دنيا مان ظاهري رحلت ڪرڻ تائين ان ڪيفيت ۾ رهيا تانجو سندن زرهہ هڪ يهودي وٽ گروي رکيل هئي (جيڪا پوءِ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه آزاد ڪرائي هئي)

(جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 185)

هيءَ حديث حضرت نبي ڪريم ﷺ جي باب ادام (ٻاجهيءَ واري) ۾ ذڪر ٿي چڪي آهي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن بہ آندي آهي: {1} مسلم في كتاب الزهد والرقائق في ترجمة حديث الكتاب رقم 34 ج 4 ص 2284 {2} ابن حبان في صحيحه رقم الحديث 6306 ج 8 ص 86 {3} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 4071 ج 14 ص 272 {4} احمد في المسند ج 4 ص 268 {5} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 230

{371} حَدَّثَنَا هَارُونُ بْنُ إِسْحَاقَ، قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدَةُ، عَنْ هِشَامِ بْنِ عُرْوَةَ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: إِنْ كُنَّا آلَ مُحَمَّدٍ نَمْكُثُ شَهْرًا مَا نَسْتَوْقِدُ بِنَارٍ، إِنْ هُوَ إِلَّا التَّمْرُ وَالْمَاءُ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ اسان محمد ﷺ جي آل (گهر وارا اهل

بيت ڪنهن وقت) مهينو چلهه ۾ باهه نه ٻاريندا هئاسون ڪجور ۽ پاڻيءَ تي گذارو ڪندا هئاسون.

مفردات جو شرح: "نَمْكُثُ" مڪث کان ورتل آهي معنيٰ لنگهڻ, رهڻ."نَسْتَوْقِدُ" **استيقادًا** کان ورتل آهي معنيٰ باهه ٻارڻ.

سمجهاڻي: هن حديث ۾ ام المومنين سيده عائشه صديقه رضي الله عنها پنهنجي گهر جي حالت بيان ڪئي آهي ته: مهينو مهينو اسان (حضرت) محمد ﷺ جي آل تي گذري ويندو هو ته اسان جي گهر جي چلهه ۾ باهه نه ٻرندي هئي. صرف پاڻي ۽ کارڪ تي گذارو ٿيندو هو. علامه نبهاني لکيو آهي ته: ام المومنين سيده عائشه صديقه رضي الله عنها جڏهن عروه کي فرمايو ته اي ڀائٽيا! الله جل جلاله جو قسم! اسين هڪ چنڊ ڏسون ٿا اهو مهينو ختم ٿي وڃي ٿو ته وري ٻيو چنڊ ڏسون ٿا اهو مهينو ختم ٿي وڃي ٿو ته وري ٽيون چنڊ ڏسون ٿا پر نبي ڪريم ﷺ جي ازواج مطهرات وٽ ڪاڏي پچائڻ جي لاءِ باهه نه ٿي ٻري عروه رضي الله عنه عرض ڪيو ته پوءِ اوهان جو گذر ڪيئن ٿيندو هو. ته فرمائين ڪجور ۽ پاڻيءَ تي. ها. اسان جا پاڙيسري ٻه انصار هئا جيڪي وسعت جا صاحب هئا اهي ڪڏهن ڪڏهن کير وغيره موڪليندا هئا ته اسين حضور ڪريم ﷺ کي پيش ڪنديون هيوسين." حضرت انس رضي الله عنه فرمايو ته حضور ڪريم ﷺ جن ڪڏهن به اچڻ وارن ڏينهن جي لاءِ ڪاڌو ذخيرو ڪري نه رکندا هئا. پاڻ جيڪڏهن رات جو ڪاڌو ڪائيندا هئا ته صبح جي لاءِ ڪجهه نه هوندو هو اهڙي طرح جيڪڏهن صبح جو ڪائيندا هئا ته رات جي لاءِ ڪجهه نه هوندو هو حضرت امام حسن رضي الله عنه کان روايت آهي ته رات جي لاءِ ڪجهه نه هوندو هو گهر ۾ ان جي هڪ ٽوپي کي به ڪڏهن رات نه پئي. هن حديث مان ثابت ٿيو ته حضور ڪريم ﷺ جن جون گهرواريون حضرت محمد ﷺ جي آل آهن انهن کي آل ۾ اهل چوڻ ثابت آهي ۽ هيءَ حديث انهن بزرگن جو دليل آهي جيڪي چون ٿا فقر (مسڪيني) غنا (شاهوڪاريءَ) کان ڀلي آهي بلاشڪ رسول الله ﷺ جن پنهنجي سر ۽ پنهنجي اهل لاءِ دنيا گڏ ڪرڻ کي پسند نه فرمايو حالانڪ ڪين خزانن جون ڪنجيون پيش ڪيون ويون پر جيڪڏهن اهي وٺن ها ته به سموري خلق کان وڌيڪ شڪر گذار رهن ها. هڪ حديث ۾ آيو آهي ته هڪ ڀيري حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ٻڪريءَ جي هڪ ٽنگ موڪلي رات جو وقت هو سيده عائشه صديقه رضي الله عنها اونده ۾ ان جا ٽڪرا ڪرڻ لڳي ڪنهن عرض ڪيو ته گهر ۾ ڏيئو ناهي ڇا؟ پاڻ فرمايائين ته: جيڪڏهن ڏيي ۾ وجهڻ جي لاءِ تيل هجي ها ته اهو ڪاڌي ۾ ڪونه استعمال ڪيون ها؟ عمران بن حصين رضي الله عنه کان روايت آهي ته سيده فاطمه زهراء رضي الله عنها حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن وٽ ان حال ۾ آئي جو بک جي شدت جي ڪري سندس چهري مبارڪ تي ڦڪاڻ غالب هئي رت نظر نه ٿي آيو پاڻ ان ڏانهن نهاري فرمايائون ته: فاطمه! ويجهي آ پوءِ ٿي وکون اڳتي وڌي ڪين ويجهي ٿي ته رسول الله ﷺ جن سندس ڳچيءَ ۾ هار پائڻ واري جاءِ تي هٿ مبارڪ رکي آڱريون ڪشاديون ڪري فرمايائون "اي منهنجا الله جل جلاله! اي بکايلن کي ڍؤ ڪرائيندڙ! فاطمه کي بک نه ڏي" ته هڪدم سندس چهري مبارڪ تي رت جا آثار نظر آيا ۽ ڦڪاڻ ختم ٿي وئي. سيده رضي الله عنها فرمايو ته: ان کان پوءِ مون کي بک نه لڳي.

(جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 186, 187, المواهب ص 616, خصائل نبوي ص 234)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في ڪتاب الزهد والرقائق في ترجمه ...

الحديث 2972 ج 4 ص 2282 {2} ابنِ ماجه في كتاب الزهد باب 10 معيشة آل محمد ﷺ رقم الحديث 4144 {3} احمد في المسند ج 6 ص 50 {4} ابو صالح الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 229 {5} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 4174 ج 14 ص 273.

{372} حَدَّثَنَاعَبْدُ اللهِ بْنُ أَبِي زِيَادٍ، قَالَ: حَدَّثَنَا سَيَّارٌ، قَالَ: حَدَّثَنَا سَهْلُ بْنُ أَسْلَمَ، عَنْ يَزِيدَ بْنِ أَبِي مَنْصُورٍ، عَنْ أَنَسٍ، عَنْ أَبِي طَلْحَةَ قَالَ: شَكَوْنَا إِلَى رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ الْجُوعَ وَرَفَعْنَا عَنْ بُطُونِنَا عَنْ حَجَرٍ حَجَرٍ، فَرَفَعَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَنْ بَطْنِهِ عَنْ حَجَرَيْنِ. قَالَ أَبُو عِيسٰى: هٰذَا حَدِيثٌ غَرِيبٌ مِنْ حَدِيثِ أَبِي طَلْحَةَ لَا نَعْرِفُهُ إِلَّا مِنْ هٰذَا الْوَجْهِ، وَمَعْنٰى قَوْلِهِ: وَرَفَعْنَا عَنْ بُطُونِنَا عَنْ حَجَرٍ حَجَرٍ، كَانَ أَحَدُهُمْ يَشُدُّ فِي بَطْنِهِ الْحَجَرَ مِنَ الْجُهْدِ وَالضَّعْفِ الَّذِي بِهِ مِنَ الْجُوعِ

بامحاوره ترجمو: حضرت انس ﷺ حضرت ابو طلحه ﷺ کان روايت ڪئي آهي ابو طلحه ﷺ چيو ته اسان رسول الله ﷺ جن وٽ بک جي دانهن ڪئي وياسون ۽ پنهنجن پيٽن تان ڪپڙو لاهي هڪ هڪ پٿر جيڪو پيٽ تي ٻڌل هو سو ڏيکاريوسون. ان تي رسول الله ﷺ جن پنهنجي پيٽ تي ٻه پٿر ٻڌل ڏيکاريا يعني پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي پيٽ مبارڪ تان ڪپڙو کنيو ته ڪين ٻه پٿر ٻڌل هئا.

مفردات جو شرح: "شَكَوْنَا" اسان شڪايت ڪئي. شڪويا شڪوي يا شڪاة کان ورتل آهي. جنهن جي معني آهي دردمند هجڻ. تڪليف ڏيڻ. شڪايت ڪرڻ. "اَلْجُوعِ" بُک.

سمجهاڻي: هن حديث مبارڪ ۾ حضرت ابو طلحه ﷺ پنهنجي بک جي حالت بيان ڪرڻ سان گڏ سرورِ ڪونين ﷺ جي پاڪ ذات جي ڪيفيت به بيان ڪري ذڪر ڪيو آهي ته: اسان سندن خدمت ۾ بک جي شڪايت ڪندي پنهنجن پيٽن تي پٿر ٻڌل حبيب ڪريم ﷺ جن کي ڏيکاريا ته پاڻ پنهنجي پاڪ پيٽ تي هڪ جي بجاءِ ٻه پٿر ٻڌل ڏيکاريائون. شمائل جي شارحن لکيو آهي ته: عربن يا اهلِ مدينه جي عادت هئي ته جڏهن انهن جا پيٽ کاڌي کان خالي هوندا هئا ته پيٽ تي پٿر ٻڌندا هئا تانت خالي آنڊن ۾ گيس وغيره نه ڀرجي وڃي. ۽ سندن هلڻ ڦرڻ ۾ تڪليف نه ٿئي. ۽ جڏهن بک گهڻي لڳندي هئي ته ٻه پٿر ٻڌندا هئا تانت چيلهه ۽ مستحڪم رهي ۽ هلڻ ڦرڻ گهڻو آسان لڳي. (انوارِ غوثيه ص 530)

سوال: رسول الله ﷺ جن جڏهن صوم الوصال (رات ڏينهن روزي) ۾ رهيا تڏهن ته پٿر ڪونه ٻڌائون بلڪ فرمايائون ته: "مان رات جو پنهنجي رب ﷻ وٽ هوندو آهيان اهو مون کي کارائيندو ۽ پياريندو آهي" پوءِ صحابن کي پٿر ٻڌل ڪيئن ڏيکاريائون؟

جواب: ابنِ حبان ان صوم الوصال واري حديث سان پيٽ مبارڪ تي پٿرن ٻڌڻ وارين روايتن کي باطل چيو آهي ۽ ان جو قول آهي ته جتي "يشد الحجر" (پٿر ٻڌندا هئا) آيو آهي ان ۾ حجر جي بجاءِ الحجز آهي مطلب ته پنهنجي گوڏ مبارڪ جي چادر کي چڪي ٻڌندا هئا. پر جمهور محدثن فرمايو آهي ته ٻه مهينا نه ڪائڻ ۽ پٿر نه ٻڌڻ حضور ڪريم ﷺ جن جي صوم الوصال واري وقت ڪيفيت هئي. پر جڏهن اها ڪيفيت نه هوندي هئي ته مروج طريقي تي پٿر به ٻڌندا هئا. ابنِ ابي الدنيا روايت آندي آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: "هڪ ڀيري نبي ڪريم ﷺ جن کي بک لڳي ته پاڻ پنهنجي

پيٽ مبارڪ تي پٿر ٻڌائون ان کان پوءِ فرمايائون تہ : "اَلَا رُبَّ نَفْسٍ طَاعِمَةٍ نَاعِمَةٍ فِي الدُّنْيَا جَائِعَةٍ يَوْمَ الْقِيَامَةِ اَلَا رُبَّ مُكْرِمٍ لِّنَفْسِهٖ وَهُوَ لَهَا مُهِينٌ اَلَا رُبَّ مُهِينٍ لِنَفْسِهٖ وَهُوَ لَهَا مُكْرِمٌ." خبردار ڪيترا نفس طعام کائيندڙ دنيا تي نعمتن سان رهندڙ قيامت جي ڏينهن بکيا ۽ اگهاڙا هوندا، خبردار ڪيترا ماڻهو پنهنجي نفس کي عزت ڏيندڙ ان کي خراب ڪندڙ آهن ۽ ڪيترا ماڻهو نفس کي خوار ڪندڙ ان کي عزت ڏيندڙ آهن ۽ صحيح بخاري ۾ حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ اسين خندق جي جنگ واري ڏينهن خندق کوٽي رهيا هئاسون تہ اڳيان هڪ سخت پٿر آيو ۽ حضور ڪريم ﷺ جن کي عرض ڪيوسون تہ هي سخت پٿر اڳيان اچي ويو آهي جيڪو خندق کوٽڻ ۾ رڪاوٽ آهي پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن ان حال ۾ اٿيا جو سندن پيٽ مبارڪ تي پٿر ٻڌل هو ۽ اسان تي ڏينهن اهڙي حال ۾ رهياسين جو ڪا بہ شيءِ چکڻ لاءِ ميسر نہ هئي. پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪوڏر هٿ مبارڪ ۾ ورتي ان پٿر کي هنيائون تہ واريءَ جو وهندڙ ڍير ٿي ويو ۽ احمد ۽ نسائي حسن سند سان آندو آهي تہ ان پٿر تي ٻين جي ڪوڏرين اثر نہ ٿي ڪيو ۽ نبي ڪريم ﷺ جن اها ڪوڏر ورتي بسم الله چئي ان پٿر کي هنئين تہ ان جو ٽيون حصو ڀُري ويو ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو: "اَللّٰهُ اَكْبَرُ اُعْطِيْتُ مَفَاتِيْحَ الشَّامِ وَاللّٰهِ اِنِّيْ لَاُبْصِرُ قُصُوْرَهَا الْحُمْرَ السَّاعَةَ" (الله سڀ کان وڏو آهي مان شام ملڪ جي فتح جون ڪنجيون ڏنو ويو آهيان. الله جل جلاله جو قسم آهي تہ مان هينئر شام ملڪ جون ڳاڙهيون ماڙيون ڏسان پيو. ان کان پوءِ ڪوڏر جو ٻيو ڌڪ هنيائون تہ ان جي ٻئي حصي کي ڪٽي ڇڏيائون ۽ فرمايائون: "اَللّٰهُ اَكْبَرُ اُعْطِيْتُ مَفَاتِيْحَ الْفَارِسِ وَاِنِّيْ وَاللّٰهِ لَاُبْصِرُ قُصُوْرَ الْمَدَائِنِ الْاَبْيَضَ" (الله جل جلاله سڀ کان وڏو آهي مان فارس (ايران) جي فتح جون ڪنجيون ڏنو ويو آهيان ۽ الله جل جلاله جو قسم آهي بلاشڪ مان مدائن جون سفيد محلاتون ڏسان پيو.) ان کان پوءِ ٻيو دفعو ان پٿر کي ڪوڏر هنيائون ۽ فرمايائون تہ "اَللّٰهُ اَكْبَرُ اُعْطِيْتُ مَفَاتِيْحَ الْيَمَنِ وَاِنِّيْ لَاُبْصِرُ اَبْوَابَ صُنْعَاءَ مِنْ مَكَانِيْ هٰذَا السَّاعَةَ" (الله جل جلاله سڀ کان وڏو آهي مان يمن (جي فتح ڪرڻ) جون ڪنجيون ڏنو ويو آهيان ۽ الله جل جلاله جو قسم آهي مان هينئر پنهنجي هن جاءِ کان (يمن جي گادي واري هنڌ) صُنعاء (شهر) جا دروازا ڏسي رهيو آهيان) ثابت ٿيو تہ پيٽ مبارڪ تي پٿر ٻڌڻ واريون حديثون صحيح آهن ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن پٿر ان جي لاءِ نہ ٻڌا هئا تہ سندن ذات وٽ ڪجهہ نہ هو جيڪو صحابن کي کارائن ۽ انهن جو احساس محرومي ختم ٿئي پر پاڻ اهو سڀ ڪجهہ آخرت ۾ اجر حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪيو هيائون ۽ پٿر ٻڌڻ ۾ اها حڪمت هئي جو ان سان بُک جي تڪليف گهٽجي ٿي ڇو تہ معدي جي طبعي حرارت جيستائين ان ۾ کاڌو آهي تہ ان سان مشغول آهي ۽ جڏهن معدي ۾ کاڌو ناهي تہ جسم جي رطوبت ۽ جواهر سان مشغول رهي ٿي پوءِ ان وقت بک جو درد وڌي ٿو. جيستائين ان سان آنڊا ۽ ڪل ڳنڍجي نہ ٿي ۽ پٿر ٻڌڻ سان آنڊا ۽ ڪل معده سان ڳنڍجن ٿا ۽ بک جي تڪليف گهٽجي ٿي ۽ بعض علماء جو قول آهي تہ انسان جو جڏهن پيٽ طعام کان خالي رهي ٿو تہ انسان اٿڻ ۾ ڪمزور ٿئي ٿو. ۽ ان جي پُٺي ڪُبڙي ٿئي ٿي پوءِ پٿر ٻڌڻ جي ڪري پٺي سڌي ٿئي ٿي ۽ اٿڻ ۾ آساني ٿئي ٿي ۽ الله جل جلاله پنهنجي نبي ڪريم ﷺ کي عزت عطا ڪئي هئي ۽ بک جي برداشت ڪرڻ جي ڪري سندن اجر جي ٻيڻي ٽيڻي سان سندن قوت جي حفاظت بہ ٿي ۽ سندن جسم جي نزاڪت بہ برقرار رهي، تانجو ڪين ڏسڻ وارو محسوس نہ ڪندو هو تہ ڪين ڪا بک لڳي آهي. بلڪ سندن جسم ان هوندي بہ

دنياوي نعمتن کان وڌيڪ تازو لطيف سهڻو ۽ رونقدار لڳندو هو. (اشرف الوسائل ص 541, 542)

سوال: اوهان مٿي لکي آيا آهيون تہ: حضرت نبي ڪريم جن رات ڏينهن روزي ۾ رهندا هئا ۽ ڪاڌو نہ کائيندا هئا تہ بنا ڪاڌي جي ڪيئن رهيا سندن غذا ڪهڙي هئي؟

جواب: ان جي متعلق علماء جا ٻہ قول آهن: {1} قول هي آهي تہ ان وقت سندن غذا جنت جو ڪاڌو هو جيڪو الله ﷻ سندن خدمت ۾ موڪليندو هو جنهن جي استعمال ڪرڻ سان روزو نہ ڀڄندو هو جيئن بخاري شريف ۾ آهي تہ سندن صحابي حضرت خبيب ؓ جي لاءِ جڏهن اهو مڪہ مڪرمہ ۾ ڪافرن وٽ قيد هو بهشت جا انگور بنا موسم جي پهچندا هئا. {2} ٻيو قول هي آهي تہ الله ﷻ ڪين صوم الوصال رکڻ وقت اهڙي روحاني غذا عطا ڪندو هو جنهن جي برڪت سان سندن جسماني خواهشون پلجي ۽ مغلوب ٿي وينديون هيون ان جي ڪري پاڻ ڪريم ﷺ جسماني ۽ ظاهري خوراڪ کائڻ ۽ پائڻ کان سواءِ رهندا هئا. (فضائل النبي ﷺ ص 216)

علامہ بيجوري لکيو آهي تہ: حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن پنهنجي پاڪ پيٽ تي ٻہ پٿر ان جي ڪري ٻڌا هئا جو ڪين بک جي تڪليف گهڻي محسوس ٿي رهي هئي ۽ اها ڳالهہ نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي شان ۾ نقص ناهي ڇوتہ بک بہ هڪ قسم جي بيماري آهي انبياء عظام عليهم الصلوٰة والسلام جي جسمن پاڪن جو بيمار ٿيڻ سندن قلبن جي سلامتي جي باوجود منع ناهي ۽ بعض علماء فرمايو تہ: نبي ڪريم ﷺ جن کي بک نہ لڳندي هئي جيئن صوم الوصال ۾ بيان ٿي چڪو آهي اهي پٿر صرف صحابن عليهم الرضوان جي تسليءَ لاءِ ٻڌندا هئا نہ تہ سندن جسم سهڻو، گهڻي وڏي قوت وارو هوندو هو. (المواهب ص 617) محدث ڪانڌلوي لکيو آهي تہ: ظاهري طرح ڪاڌي پيتي جي ڇڏڻ جو حضور ڪريم ﷺ تي اثر نہ پوندو هو ان صورت م پيٽ پاڪ تي پٿر ٻڌڻ جي ضرورت باقي نہ رهندي هئي ۽ جڏهن تہ صوم الوصال واريون روايتون گهڻيون آهن ان جي ڪري بعض علماء محدثين جي قانون تحت پٿر ٻڌڻ وارين روايتن کي ضعيف چيو آهي پر اڪثر محدثن جي تحقيق هيءَ آهي تہ پٿر ٻڌڻ واري مضمون جون روايتون بہ ڪئين آهن ۽ صوم الوصال وارين روايتن سان ڪا اهڙي مخالفت بہ نہ آهي جو ٻنهي جو مختلف حالات تي حمل بہ نہ ٿي. سگهي ان جي ڪري انهن روايتن کي ضعيف قرار ڏيڻ جي ضرورت ناهي ۽ انهن ٻنهي قسمن جي روايتن جي متعلق بہ مختلف قول آيل آهن. {1} پٿرن واريون روايتون ابتداء زماني جون آهن ۽ يقينن حضور ڪريم ﷺ جن جي مقامات ۾ ترقي ايندي رهندي هئي. ان جي ڪري الله ﷻ جي طرفان ڪارائڻ ۽ پيارڻ جو انتظام بعد ۾ ڪيو ويو هجي. {2} قدرتي طرح ڪارائڻ، پيارڻ روزي جي نيت جي حالات ۾ هجي. عام مومنن ۾ روزي جي حالت ۾ هيءَ ڳالهہ مشاهدي ۾ آئي آهي تہ انهن کي بہ بک جو اثر گهٽ محسوس ٿيندو آهي. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جو تہ مقام ئي نرالو آهي جتي روزو حقيقي ڪمال کي پهچندو آهي. {3} مختلف حالات جي اعتبار سان ٻنهي قسمن جون ڪيفيتون حضور ڪريم ﷺ جن تي طاري ٿينديون هيون جيئن سندن اتباع ۾ سلوڪ جي مشائخ جا مختلف احوال هوندا آهن. هن قول تي پٿر ٻڌڻ وارين روايتن کي ابتداء زماني جي حالات تي محمول ڪرڻ جي ضرورت نہ پوندي. آخري دور ۾ بہ مختلف اوقات جي اعتبار سان مختلف احوال هوندا آهن. {4} حضور ڪريم ﷺ جن تي بک جو اثر يقينًا نہ ٿيندو هو. ان جي

هوندي ۽ پٽرن جو ٻڌڻ، فقيرن ۽ مسڪينن سان عمل ۾ اشتراڪ جي غرض سان هوندو هو ۽ عام دستور آهي تہ جنهن مشقت جي تڪليف ۾ پنهنجا وڏا مبتلا هوندا آهن ان ۾ سعادتمند ننڍن جي لاءِ انهن جي مقابلي ۾ پنهنجي تڪليف ڏانهن توجهہ نہ رهندو آهي. صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جهڙن عاشقن جي لاءِ تہ ڪا ڳالهہ ئي نہ هئي. حضور ڪريم ﷺ جن کي الله ﷻ جي طرفان ڪارائڻ ۽ پيئارڻ سندن اعزاز ۽ اڪرام ئي هو. وجوبي امر نہ هو تہ جڏهن صحابہ ڪرام عليهم الرضوان تي تنگي ۽ مسڪيني حالت جو ايترو غلبو ٿيندو هو جو پٽرن ٻڌڻ جي حالت تي پهچندا هئا. تہ حضور ڪريم ﷺ جن انهن سان همدردي جو اظهار ڪري پاڻ بہ پٽر ٻڌندا هئا. ٻچو جيڪڏهن بک ۾ تڙپندو رهي تہ ماءُ جي نڙيءَ مان گرهہ هيٺ نہ لهندو. آهي تہ پوءِ حضور ڪريم ﷺ جي شفقت جو ڇا بيان ڪجي. اتي تہ هزارين مائرون قربان آهن. (خصائل نبوي ص 337,335)

فائدو: العلامہ فواز احمد زمزلي شمائل ترمذي حاشيہ 455 تي لکيو آهي تہ حضور نبي ڪريم ﷺ جن لاءِ صوم وصال ۾ جنت کان حقيقي کاڌو ايندو هو. جنهن سان سندن روزي جي وصال ۾ فرق نہ پوندو هو ۽ اها سندن خصوصيت هئي پوءِ جڏهن ڪين ڇيو ويو تہ اوهان وصال جو روزو رکو ٿا تہ پاڻ ارشاد فرمايائون "مان اوهان جي حيثيت تي ناهيان" مطلب تہ مان اوهان جي صفت تي ناهيان اوهان مان جنهن کاڌو ان جو صوم نہ رهندو پر مون کي منهجو رب اهڙو کارائي ۽ پياري ٿو جنهن سان منهنجي صوم وصال ۾ ڪو فرق نہ ٿو پوي منهنجو اهو کائڻ ۽ پيئڻ اوهان جي کائڻ پيئڻ وانگر ناهي نہ قوت ۾ نہ معني ۾ ۽ الزين بن المنير فرمايو آهي تہ: ان حالت ۾ اهو سندن کائڻ ۽ پيئڻ ننڊ ڪندڙ جي حال وانگر آهي جيئن جيئن ننڊ ۾ کائي پي ڏوڪندو آهي ۽ ان ڪيفيت ۽ حال ۾ ننڊ مان اٿڻ تائين رهندو آهي. حضور ڪريم ﷺ جن جو ان کائڻ ۽ پيئڻ سان نہ روزو ختم ٿيندو هو نہ سندن اجر گهٽجندو هو. الحاصل تہ اهو سندن استغراقي حالت ۾ هوندو هو تانجو ان ۾ سندن بشري حالت اثر نہ ڪندي هئي ۽ جمهور جو قول آهي تہ سندن فرمان "يُطْعِمُنِي وَيَسْقِينِي" مان مجازًا مراد کاڌي پيتي مان حاصل ٿيندڙ قوت آهي پوءِ سندن فرمان جو مطلب آهي تہ الله ﷻ مون کي کاڌي کائيندڙ ۽ پاڻي پيئندڙ جي قوت عطا ڪري ٿو ۽ مون تي اهڙو فيض جو القاء ڪيو وڃي ٿو جو کاڌي ۽ پيتي جو پورائو ڪري ٿو نہ منهنجي قوت ۾ ڪمي اچي ٿي نہ احساس ۾ سستي پيدا ٿئي ٿي.

علامہ ابنِ حجر عسقلاني فرمايو تہ: هي بہ احتمال آهي تہ سندن مراد هي آهي تہ: الله ﷻ مون کي پنهنجي عظمت ۾ تفڪر ۽ پنهنجي مشاهدي ۾ پرجڻ ۽ پنهنجي معارف سان غذا حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي محبت ۾ اکين ٺارڻ ۽ پنهنجي مناجات ۾ مستغرق رکڻ ۽ ان ڏانهن متوجهہ ڪرڻ ۾ کاڌي ۽ پيتي کان مشغول ۽ محو رکيو آهي. علامہ ابن القيم بہ هن قول کي ترجيح ڏيندي فرمايو آهي تہ "ڪڏهن اها غذا جسمن جي غذائن کان وڌي ٿي ويندي آهي ۽ جنهن کي ٿورو بہ ذوق ۽ تجربو هوندو اهو ڄاڻندو آهي تہ "قلب ۽ روح جي غذا سان جسم گهڻين غذائن کان لا پرواهہ رهندو آهي خاص ڪري ان سان جيڪا خوشي ۽ سرور حاصل ٿيندو آهي، اهو مطلوب سان ملاقات ۽ محبوب جي ديدار سان دل کي قرار ڏيڻ آهي. علامہ زمزلي لکيو آهي تہ: ابن القيم جو قول تدبر ۽ تامل ڪندڙ جي لاءِ تمام سهڻو آهي ۽ ان جي تائيد ان صحيح حديث سان ٿي رهي آهي جنهن ۾ آيو آهي تہ "آخري

زماني ۾ مومنن جي لاءِ کاڌي پيتي جي جاءِ تي تهليل ۽ تسبيح ڪافي هوندي".

هيءَ حديث ٻين هنن ٻين محدثن آندي آهي: {1} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 223 {2} الطبري في تهذيب الآثار ج 1 ص 413 {3} البغوي في شرح السنة الحديث رقم الحديث 479, ج 14 ص 276.

{373} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ إِسْمَاعِيلَ، قَالَ: حَدَّثَنَا آدَمُ بْنُ أَبِي إِيَاسٍ، قَالَ: حَدَّثَنَا شَيْبَانُ أَبُو مُعَاوِيَةَ، قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الْمَلِكِ بْنُ عُمَيْرٍ، عَنْ أَبِي سَلَمَةَ بْنِ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ: خَرَجَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي سَاعَةٍ لَا يَخْرُجُ فِيهَا وَلَا يَلْقَاهُ فِيهَا أَحَدٌ، فَأَتَاهُ أَبُو بَكْرٍ، فَقَالَ: مَا جَاءَ بِكَ يَا أَبَا بَكْرٍ؟ قَالَ: خَرَجْتُ أَلْقَى رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَأَنْظُرُ فِي وَجْهِهِ، وَالتَّسْلِيمَ عَلَيْهِ، فَلَمْ يَلْبَثْ أَنْ جَاءَ عُمَرُ فَقَالَ: مَا جَاءَ بِكَ يَا عُمَرُ؟ قَالَ: الْجُوعُ يَا رَسُولَ اللهِ، قَالَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: وَأَنَا قَدْ وَجَدْتُ بَعْضَ ذٰلِكَ فَانْطَلَقُوا إِلَى مَنْزِلِ أَبِي الْهَيْثَمِ بْنِ التَّيِّهَانِ الْأَنْصَارِيِّ وَكَانَ رَجُلًا كَثِيرَ النَّخْلِ وَالشَّاءِ، وَلَمْ يَكُنْ لَهُ خَدَمٌ، فَلَمْ يَجِدُوهُ، فَقَالُوا لِامْرَأَتِهِ: أَيْنَ صَاحِبُكِ؟ فَقَالَتْ: انْطَلَقَ يَسْتَعْذِبُ لَنَا الْمَاءَ، فَلَمْ يَلْبَثُوا أَنْ جَاءَ أَبُو الْهَيْثَمِ بِقِرْبَةٍ يَزْعَبُهَا، فَوَضَعَهَا ثُمَّ جَاءَ يَلْتَزِمُ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَيُفَدِّيهِ بِأَبِيهِ وَأُمِّهِ، ثُمَّ انْطَلَقَ بِهِمْ إِلَى حَدِيقَتِهِ فَبَسَطَ لَهُمْ بِسَاطًا، ثُمَّ انْطَلَقَ إِلَى نَخْلَةٍ فَجَاءَ بِقِنْوٍ فَوَضَعَهُ، فَقَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: أَفَلَا تَنَقَّيْتَ لَنَا مِنْ رُطَبِهِ؟ فَقَالَ: يَا رَسُولَ اللهِ، إِنِّي أَرَدْتُ أَنْ تَخْتَارُوا، أَوْ تَخَيَّرُوا مِنْ رُطَبِهِ وَبُسْرِهِ، فَأَكَلُوا وَشَرِبُوا مِنْ ذٰلِكَ الْمَاءِ. فَقَالَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: هٰذَا وَالَّذِي نَفْسِي بِيَدِهِ مِنَ النَّعِيمِ الَّذِي تُسْأَلُونَ عَنْهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ ظِلٌّ بَارِدٌ، وَرُطَبٌ طَيِّبٌ، وَمَاءٌ بَارِدٌ. فَانْطَلَقَ أَبُو الْهَيْثَمِ لِيَصْنَعَ لَهُمْ طَعَامًا. فَقَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: لَا تَذْبَحَنَّ ذَاتَ دَرٍّ، فَذَبَحَ لَهُمْ عَنَاقًا أَوْ جَدْيًا، فَأَتَاهُمْ بِهَا فَأَكَلُوا، فَقَالَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ هَلْ لَكَ خَادِمٌ؟ قَالَ: لَا قَالَ: فَإِذَا أَتَانَا سَبْيٌ فَأْتِنَا. فَأُتِيَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بِرَأْسَيْنِ لَيْسَ مَعَهُمَا ثَالِثٌ، فَأَتَاهُ أَبُو الْهَيْثَمِ، فَقَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: اخْتَرْ مِنْهُمَا فَقَالَ: يَا رَسُولَ اللهِ، اخْتَرْ لِي. فَقَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: إِنَّ الْمُسْتَشَارَ مُؤْتَمَنٌ، خُذْ هٰذَا فَإِنِّي رَأَيْتُهُ يُصَلِّي، وَاسْتَوْصِ بِهِ مَعْرُوفًا. فَانْطَلَقَ أَبُو الْهَيْثَمِ إِلَى امْرَأَتِهِ، فَأَخْبَرَهَا بِقَوْلِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، فَقَالَتِ امْرَأَتُهُ: مَا أَنْتَ بِبَالِغٍ حَقَّ مَا قَالَ فِيهِ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِلَّا بِأَنْ تَعْتِقَهُ قَالَ: فَهُوَ عَتِيقٌ، فَقَالَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: إِنَّ اللهَ لَمْ يَبْعَثْ نَبِيًّا وَلَا خَلِيفَةً إِلَّا وَلَهُ بِطَانَتَانِ: بِطَانَةٌ تَأْمُرُهُ بِالْمَعْرُوفِ وَتَنْهَاهُ عَنِ الْمُنْكَرِ، وَبِطَانَةٌ لَا تَأْلُوهُ خَبَالًا، وَمَنْ يُوقَ بِطَانَةَ السُّوءِ فَقَدْ وُقِيَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ هڪ دفعي پاڻ ڪريم ﷺ اهڙي وقت گهر مان ٻاهر نڪتا جو انهيءَ وقت ٻاهر نہ نڪرندا هئا ۽ نہ ڪي ان مهل ساڻن ڪو ملندو هو. (سندن معمول نہ هو) ائين ڪندي حضرت ابو بڪر صديق ﷛ ان وقت پاڻ ڪريم ﷺ جن وٽ آيو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "تون ڪيئن آيو آهين؟ ان عرض ڪيو تہ (اي الله ﷻ جا رسول ﷺ!) آءٌ اوهان جي ملاقات ڪرڻ آيو آهيان ۽ هن لاءِ تہ اوهان جو چهرو مبارڪ ڏسي ديدار ڪريان ۽ سلام عرض ڪيان." ٿوري دير کان پوءِ حضرت عمر ﷛ آيو. پاڻ ڪريمن ﷺ ان کي بہ فرمايو تہ اي عمر! ﷛ تون ڪيئن آيو آهين؟ ان عرض ڪيو تہ "يا رسول الله! ﷺ بک لڳي آهي، ان ڪري آيو آهيان." ان تي پاڻ سڳورن ﷺ بہ فرمايو تہ "آءٌ پاڻ بہ ڪجهہ بک محسوس ڪري رهيو آهيان. پوءِ ٽئي ڄڻا گڏجي حضرت ابو الهيثم بن تيهان انصاري ﷛ جي گهر ڏانهن ويا. اهو صحابي (ابو الهيثم) گهڻين ڪجين.

وٽن ۽ ٻڪرين وارو سکيو ستابو هو پر ان وٽ ڪم ڪار لاءِ خدمتگار ڪونه هئا. ان وقت ابو الهيثم گهر ۾ موجود ڪونه هو پوءِ ان جي گهر واريءَ کان پڇيائون ته تنهنجو مڙس ڪٿي آهي؟ ان ٻيبي سڳوريءَ چيو ته اهو اسان لاءِ مٺو پاڻي ڀرڻ ويو آهي ٿوري دير نه گذري ته ابو الهيثم به ڪلي چلڪائيندو اچي نڪتو ان کي رڪي خوشيءَ مان نبي ڪريم ﷺ کي ڀاڪر پائي چنبڙي پيو ۽ چوڻ لڳو ته منهنجا پيءُ ماءُ اوهان تان قربان ٿين. " پوءِ انهن سيني ڀلارن کي پنهنجي باغ ڏانهن وٺي آيو انهن جي ويهڻ لاءِ ڪپڙو وغيره وڇائي کين ويهاريائين ۽ پاڻ هڪ کجي ڏانهن ويو ۽ کجور جو سڄو ڇُڳو ڪپي کڻي آيو ۽ اچي پاڻ سڳورن ﷺ جي اڳيان کائڻ لاءِ رکيائين. ابو الهيثم کي پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو ته "اسان لاءِ رڳو پڪل کجور چونڊي چونه کڻي آئين؟ ان عرض ڪيو ته يا رسول الله ﷺ ! مون گهريو ته اوهان پاڻ پنهنجي پسند تي پڪل يا ڪچي پٽي کائو پوءِ پاڻ کارڪ کاڌائون ۽ ان پري آندل پاڻيءَ مان پاڻي به پيتائون. بعد ۾ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو: مون کي ان ذات جو قسم آهي جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي ته هي ٿڌي ڇانوَ سٺي ۽ تازي کارڪ ۽ مٺو پاڻي انهن نعمتن مان آهن جن جي باري ۾ قيامت جي ڏينهن پڇاڻو ٿيندو." ان کان پوءِ ابو الهيثم پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ ماني ۽ ٻوڙ تيار ڪرائڻ خاطر گهر ڏي وڃڻ لڳو ته پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: "اسان لاءِ کير واري ٻڪري نه کهجاءِ."

ابو الهيثم گهر وڃي ڀلارن مهمانن جي لاءِ ڇيلو ڪُٺو. ماني ٻوڙ تيار ڪرائي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ کائڻ لاءِ کڻي آيو سيني ماني ٻوڙ کاڌو ان کان پوءِ نبي ڪريم کانئس پڇيو ته تو وٽ ڪم ڪار لاءِ ڪو خادم يا نوڪر آهي" ابو الهيثم عرض ڪيو ته نه. ان تي حضور ڪريم ﷺ چيو ته "جڏهن اسان وٽ قيدي اچن. ته تون به اچجانءِ." پوءِ ڪجهه عرصي کان پوءِ حضور ڪريم ﷺ جن وٽ رڳو ٻه غلام آندا ويا. ٽيون انهن سان ڪونه هو. اهو ٻڌي ابو الهيثم پاڻ سڳورن ﷺ وٽ آيو ته نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو "هنن ٻنهي مان هڪ چونڊي پسند ڪر." ان عرض ڪيو ته اي الله ﷻ جا نبي ﷺ ! توهان ئي منهنجي لاءِ چونڊيو.

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته "جنهن کان صلاح مشورو پڇبو آهي اهو امانتدار هوندو آهي تنهنڪري تون هيءُ غلام وٺ. جو مون هن کي نماز پڙهندي ڏٺو آهي. آءٌ توکي هن سان سهڻي سلوڪ ڪرڻ جي نصيحت ۽ پارت ڪيان ٿو." جڏهن ابو الهيثم موٽي پنهنجي گهر پنهنجي زال وٽ ويو ۽ ان کي حضور ڪريم ﷺ جن جي نصيحت ۽ پارت جي ڳالهه ٻڌايائين. ته سندس زال چيو حضور ڪريم ﷺ جن توکي جيڪا نصيحت ۽ پارت ڪئي آهي سا پوري ڪري نه سگهندين مگر جي ان کي آزاد ڪرين ته ٻي ڳالهه آهي. اها ڳالهه ٻڌي ابو الهيثم به چيو ته چڱو اهو غلام آزاد آهي. اها خبر ٻڌي نبي ڪريم ﷺ فرمايو: "الله ﷻ هر نبي ۽ خليفي لاءِ ٻه باطني يا مخفي صلاحڪار مقرر ڪندو آهي هڪ مخفي صلاحڪار ان کي چڱي صلاح ڏيندو آهي هڪڙو برائيءَ کان روڪيندو آهي ٻيو صلاحڪار ان سان ڪوٺ ۽ تباهي ڪرڻ ۾ ڪين گهٽائيندو آهي." پوءِ جيڪو انهيءَ مخفي صلاحڪار کان بچيو سو هر تباهي ۽ برائيءَ کان بچي ويو."

مفردات جو شرح: "اِنْطَلَقُوْا" انطلاق کان ورتل جمع غائب جو صيغو آهي. هليو وڃڻ. "منزل" مڪان، جاءِ. "يَسْتَعْذِبُ" استعذاب کان ورتل جنهن جي معنيٰ آهي پاڻي پيارڻ، مٺو پاڻي آڻڻ، پيئڻ جو پاڻي

آڻڻ. "قُرْبَة" ڪَلي، مَشڪَ. هن جو جمع قربات، قرب آهي. "يَرْغَبُ" رغب کان ورتل آهي ان جي معنيٰ آهي پريل ڪلي ڪٽڻ، ڳنڍڻ، پرڻ، آواز ڪرڻ وغيره، وغيره. "يَلْتَزِمُ" التزام کان ورتل آهي ان جي معنيٰ آهي ڳلي سان لڳائڻ گهڻي محبت سان چنبڙڻ، "بِسَاطًا" وڇائو هنڌ. هن جو جمع بُسُط آهي. "قنوا" سنگ. "تَنَقِّيَتَ" توصاف ڪيو. انقاء کان ورتل آهي هن جي معنيٰ آهي صاف ڪرڻ، ڪچرو ڪڍي ڇڏڻ. "رَطبُ" پڪي ڪارڪ. "بسر" بسور بہ ايندو آهي "عَنَاقًا" ٻڪريءَ جو اهو ڦر جيڪو چئن مهينن جو هجي. "اَلْجَدى" ٻڪري جو نر ٻچو ڇيلو. علامہ ابنِ حجر جي قول مطابق ٻڪريءَ جو اهو نر ٻچو جيڪو هڪ سال جو نہ ٿيو هجي. "سَبْىٌ" قيد ڪرڻ، لٽڻ، ٻانهي ڪي غلام بنائڻ. "مؤتَمَنٌ" اسم مفعول جو صيغو جنهن جي معنيٰ "امين" آهي. "اِسْتَوْصِ" استيصاء کان ورتل امر جو صيغو. هن جي معنيٰ وصيت قبول ڪرڻ آهي. "تَعْتِقَهُ" تون ان کي آزاد ڪرين "عتق" کان ورتل. آزاد ڪرڻ "بِطَانَةٌ" راز، ڳجهي ڳالهہ، دلي دوستي، مشير. "الخَبَال" فساد، نقصان، هلاڪت، بربادي، زهر، قاتل. "وُقِىَ" بچايو ويو "الوقي، الوقاية بچائڻ، نگهداشت ڪرڻ.

سمجهاڻي: هي هڪ وڏي حديث آهي جيڪا حضرت ابو هريره ﷺ روايت ڪئي آهي تہ: رسول الله ﷺ جن هڪ اهڙي وقت ۾ ٻاهر نڪتا جنهن ۾ سندن نڪرڻ جو معمول نہ هو. ۽ ان وقت سندن خدمت عاليہ ۾ حضرت ابو بڪر صديق ﷺ بہ حاضر ٿيو. پاڻ ان کان پڇيائون تہ "اي ابو بڪر! توکي هن وقت ڪهڙي ضرورت هتي آندو آهي؟ ۽ ممڪن آهي تہ اهو سندن ٻاهر نڪرڻ رات جو ٿيو هجي جيئن مسلم شريف ۾ روايت آهي تہ: نبي ڪريم ﷺ جن هڪ پيري رات جو نڪتا تہ سندن سامهون حضرت ابو بڪر ۽ حضرت عمر ﷺ آيا پاڻ ٻنهي کان پڇيائون تہ: هن گهڙي ۾ اوهان کي اوهان جي گهرن مان ڪنهن ٻاهر ڪڍيو؟ عرض ڪيائون تہ يا رسول الله! بک" پاڻ فرمايائون تہ "مون کي بہ ان الله ﷻ جو قسم آهي جنهن جي قدرتي هٿ ۾ منهنجو ساهہ آهي تہ ان ئي ٻاهر آندو آهي جنهن اوهان کي ٻاهر آندو آهي: اٿو تہ هلون" پوءِ اهي بہ ساڻن گڏ اٿي هليا. انصارن مان هڪ شخص ابو الهيثم ﷺ وٽ آيا. (الحديث). ۽ علامہ قاري جي شرح ۾ آهي حضرت جابر ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن سان اهو واقعو هڪ ڏينهن صبح جو ٿيو هو ۽ حضرت ابو بڪر ۽ حضرت عمر ﷺ بہ صبح جو نڪري آيا هئا. ۽ شايد اهو واقعو بہ ٽي پيرا ٿيو هو. هڪ پيرو رات جو تہ هڪ پيرو ڏينهن جو. حضرت ابو بڪر ﷺ پڇڻ تي جيڪو جواب ڏنو اهو انتهائي توجهہ جي قابل ۽ عاشقن ۽ سچن شيدائين ۽ پروانن جي لاءِ رهنما ۽ رهبر آهي. پاڻ فرمايائون تہ: منهنجي ٻاهر اچڻ جا ٽي مقصد آهن. (1) هڪ تہ اوهان جي ملاقات جو شرف حاصل ڪيان (2) ٻيو تہ اوهان جي پاڪ چهري جو ديدار ڪيان (3) ٽيون تہ اوهان کي سلام پيش ڪيان."

شمائل ترمذي جي شارح علامہ محمد عاقل لکيو آهي تہ "عين ان وقت حضور ڪريم ﷺ جن جو ۽ حضرت ابو بڪر صديق ﷺ جو ٻاهر اچڻ ان جي ڪري هو جو نبي ڪريم ﷺ جن نبوت جي نور سان ڄاتو تہ ابو بڪر ملاقات جي لاءِ اچي پيو ۽ حضرت ابو بڪر ولايت جي نور سان ڏٺو تہ نبي ڪريم ﷺ جن هاڻي ديدار ڪرائڻ جي لاءِ ٻاهر تشريف فرما ٿي رهيا آهن. (انوار غوثيه ص 535) ۽ هن مان ثابت ٿيو تہ هڪ فعل ۾ ٻن ٽن نيتن جي ڪري بہ ٽي ثواب ملندا. حضرت ابو بڪر صديق ﷺ

کي نڪرڻ ۾ ملاقات ۽ چھري مبارڪ ڏسڻ ۽ سائين تي سلام ڪرڻ جي نيت ھجڻ جي ڪري متعدد درجا مليا. علامہ ابنِ حجر مڪي لکيو آھي تہ: اھي ٻہ واقعا ھئا. ۽ جيڪڏھن ھڪڙو واقعو چيو ويندو تہ پوءِ مسلم شريف جي روايت وڌيڪ اھم آھي ۽ جيڪڏھن فرض طور چئجي تہ ٻئي روايتون برابر آھن تہ: پوءِ ھي احتمال آھي تہ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جو جواب جيڪو ترمذي روايت ڪيو آھي حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي اچڻ کان اڳي ھوندو. ۽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ ۽ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جو گڏجي حضرت ابو الھيثم رضي الله عنه وٽ وڃڻ مان ثابت ٿيو تہ جيڪڏھن ڪو ضرورتمند ڪنھن حيثيت جي صاحب وٽ پنھنجي ضرورت پوري ڪرڻ جي لاءِ وڃي تہ جائز آھي ان ۾ ڪا بہ قباحت نہ آھي. حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه کان پوءِ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه نڪري آيو ۽ ان حضور ڪريم ﷺ جن جي پڇڻ تي عرض ڪيو تہ "بک جي ڪري نڪتو آھيان. تہ اوھان جي ديدار سان اھا تڪليف دور ڪيان." حضرت نبي ڪريم ﷺ جن بہ ٻاھر تشريف فرما ٿيڻ جو ساڳيو سبب بيان فرمايو ۽ ھن مان واضح ٿيو تہ نبي ڪريم ﷺ جن ۽ وڏن وڏن صحابن رضي الله عنهم وڏين فتوحات کان پوءِ بہ دنيا ۾ غريبي حال ۾ رھڻ پسند فرمايو. پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪڏھن الله جل جلاله جي انعام جي شڪر ڪرڻ جي لاءِ ظاھري خوشحالي ظاھر ڪندا ھئا تہ ڪڏھن مسڪيني بہ ظاھر ڪندا ھئا ۽ جيڪو ڪجھ سندن خدمت ۾ ايندو ھو اھو پاڻ محتاجن ۽ مجاھدن جي خرچ ۾ لڳائيندا ھئا ان جي ڪري صحيح روايتن ۾ آيو آھي تہ: پاڻ دنيا تان (ظاھري) انتقال ڪرڻ تائين ڪڏھن جوَن جي ماني ڪائي بہ ڏينہ ڪيو ھيائون. ۽ دنيا تان انتقال وقت سندن زرھ ڪجھ جوَن جي ٽوين جي بدلي ابو الشحم يھودي وٽ گروي رکيل ھئي جيڪا پوءِ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه آزاد ڪرائي ھئي. ۽ ھن سان اھو اعتراض بہ ختم ٿي ويو تہ پاڻ سال جو قوت پنھنجي اھل عيال جي لاءِ رکندا ھئا ۽ پنھنجن چئن اصحابن ۾ ھزار اٺ ورھايا ھيائون ڇو تہ جيئن تہ سخاوت جا صاحب ھئا تيئن سندن اتباع ۾ صحابہ رضي الله عنهم بہ سخي ۽ ايثار ڪندڙ ھئا. حضور ڪريم ﷺ جن عمره مبارڪ تي آيا تہ سؤ اٺ بہ ڪاھي آيا ۽ اھي ڪھي انھن جو گوشت مسڪينن ۾ ورھايو ھيائون. ۽ ھڪ اعرابي جي لاءِ ٻڪرين جي ڏڻ ڏيڻ جو امر فرمايو ھيائون. ۽ سندن صحابي حضرت ابو بڪر، حضرت عمر، حضرت عثمان، حضرت حنظله رضي الله عنهم بہ ائين سخاوت ڪري ڏيکاريندا ھئا. ۽ جڏھن پاڻ جنگ جي فنڊ ۾ مدد ڪرڻ جي لاءِ حڪم ڪيائون تہ حضرت ابوبڪر سموري ملڪيت کڻي آيو.

پروانے کو چراغ تو بلبل کو پھول بس
صدیق کے لئے ہے خدا کا رسول بس

۽ حضرت عمر رضي الله عنه اڌ ملڪيت جو کڻي آيو. پاڻ جيش العسرة (جنگ تبوڪ) ۾ مدد ڪرڻ جي لاءِ حرص ڏياريائون تہ: حضرت عثمان رضي الله عنه ھڪ ھزار اٺ ۽ ستر گھوڙن سان گڏ بہ سؤ سون جون اوقيون موڪليون. طبري الرياض النضره ۾ آندو آھي تہ: حضرت عثمان رضي الله عنه ڏھ ھزار دينار موڪليا جيڪي رسول الله ﷺ جن جي خدمت ۾ پيش ڪيا ويا تہ پاڻ انھن کي ھٿن مبارڪن سان ڦيرائيندي فرمائي رھيا ھئا. "غَفَرَ اللّٰهُ لَكَ يَا عُثْمَانُ مَا أَسْرَرْتَ وَمَا أَعْلَنْتَ وَمَا هُوَ كَائِنٌ إِلَى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ مَا يُبَالِي مَا عَمِلَ بَعْدَ

هٰذَا" (كنز العمال 32847, حلية الاولياء ابو نعيم ج 11 ص 594, ابن عساكر في تاريخ دمشق 36245) اي عثمان ! الله ﷻ توکي بخشي ڇڏيو جيڪي لڪل گناهہ ڪيئي يا ڪليل ڪيئي ۽ جيڪي قيامت تائين ٿيندڙ آهن (عثمان) هن کان پوءِ جيڪو ڪجهہ ڪيو ان جي پرواهہ نہ ڪري.

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي اها سادگي واري زندگي اختياري هئي. محدث ترمذي روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو : "عَرَضَ عَلَيَّ رَبِّي لِيَجْعَلَ لِي بَطْحَاءَ مَكَّةَ ذَهَبًا قُلْتُ لَا يَا رَبِّ ! أَشْبَعُ يَوْمًا وَأَجُوعُ يَوْمًا فَإِذَا جِعْتُ تَضَرَّعْتُ إِلَيْكَ وَذَكَرْتُكَ وَإِذَا شَبِعْتُ شَكَرْتُكَ وَحَمِدْتُكَ." الله ﷻ مون کي پيش ڪش ڪئي تہ مون لاءِ مڪي جي بطحاء کي سونو ڪري مون عرض ڪيو تہ نہ! اي منهنجا رب! مان هڪ ڏينهن ڍؤ ڪيان ۽ هڪ ڏينهن بک تي رهان. جنهن ڏينهن بک تي رهان تہ توڏانهن نهاريان ۽ توکي ياد ڪيان ۽ جنهن ڏينهن ڍؤ ڪيان تہ تنهنجو شڪر ڪيان ۽ تنهنجو حمد ڪيان." ۽ طبراني حسن سند سان روايت آندي آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ۽ جبريل عليہ السلام صفا جبل تي هئا تہ : نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو : اي جبريل! مون کي ان الله ﷻ جو قسم آهي جنهن توکي حق سان موڪليو آهي تہ محمد جي گهراڻي لاءِ نہ اٽي جو ڦَڪُ آهي نہ ستن جي لپ آهي پوءِ سندن گفتگو ختم ٿيڻ کان اڳي آسمان کان وڏو ڪڙڪو ٿيو جڻ قيامت قائم ٿي رهي آهي. پاڻ فرمايائون تہ "اي جبريل ! ڇا الله ﷻ قيامت قائم ڪرڻ جو امر ڪيو آهي؟ جبريل عرض ڪيو تہ "نہ پر اوهان جو گفتگو ٻڌي اسرافيل هيٺ لٿو آهي. پوءِ اسرافيل سندن خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين تہ "جيڪو اوهان بيان ڪيو الله ﷻ اهو ٻڌي مون کي زمين جي خزانن جون ڪنجيون ڏئي اوهان ڏانهن موڪليو آهي تہ مان اوهان کي پيش ڪيان اهي هي آهن تہ مان اوهان سان تهامہ (مڪہ مڪرمہ جي ايريا) جا جبل زمرد, ياقوت, سون ۽ چاندي ڪري هلايان. جيڪڏهن اوهان گهرو تہ نبوت سان گڏ بادشاهہ رهو ۽ جيڪڏهن گهرو تہ بادشاهي جي بجا نبي, عبد تي رهو. جبريل کين اشارو ڪيو تہ نبي, عبد تي رهڻ پسند ڪيو پوءِ پاڻ اسرافيل سڳوري کي ٽي ڀيرا فرمايائون تہ "مون کي نبي, عبد تي رهڻ پسند آهي" (ذكره المنذري في الترغيب والترهيب ج 4 ص 196)

تنبيهہ: "شعب الايمان" ۾ حليمي لکيو آهي تہ "رسول الله ﷺ جي تعظيم مان هي بہ آهي تہ سندن جي لاءِ ڪِريل صفت بيان نہ ڪئي وڃي. پوءِ ائين نہ چئبو تہ پاڻ فقير, محتاج هئا ۽ ان جي ڪري بعض علماء سندن جي لاءِ زهد جي ذڪر کي بہ منع ڪيو آهي. محمد بن واسع بزرگ کي چيو ويو تہ "فلاڻو زاهد آهي" تہ ان فرمايو تہ "دنيا ڪهڙي شيءِ آهي جو ان ۾ زهد جو ذڪر ڪيو وڃي."

گستاخ جي سزا: علامہ سبڪي ڪتاب الشفاء (للقاضي عياض) کان نقل ڪيو ۽ ان کي ثابت رکيو آهي تہ "اندلس جي فقيهن ان شخص جي قتل جي فتويٰ ڏني آهي جنهن حضور ڪريم ﷺ جي حق ۾ هلڪڙائي ڏيکاري ۽ ان مناظري جي دوران حضور ڪريم ﷺ جن کي (عام يتيمن وانگر) يتيم چيو ۽ گمان ٿو ڪري تہ پاڻ قصد ۽ اختيار سان دنيا کان بي رغبت نہ رهيا هئا. ۽ جيڪڏهن پلن ڪاڏن ڪائڻ جي طاقت رکن ها تہ پلا ڪاڏا کائن ها (پر ان تنگدستي ۽ غريبي حال تي معاذالله ثم معاذالله مجبور هئا) ۽ علامہ البدر الزرڪشي بعض متاخرين فقهاء کان ذڪر ڪيو آهي تہ : بلاشڪ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن مال جي لحاظ سان نہ فقير هئا نہ سندن حال مال جي لحاظ سان فقيرن وارو هو. الله

پاڪ ﷻ جي فضل سان سيني ماڻهن ڪان وڌيڪ (دل جا) غني هئا. الله ﷻ دنياوي امور ۾ سندن سر ۽ عيال جي لاءِ ڪافي هو. پر پاڻ دعا گهرندا هئا تہ"اَللّٰهُمَّ اَحْيِنِيْ مِسْكِيْنًا" (رواه البخاري في التاريخ ج 7 ص 194 والحاكم في المستدرک ج 4 ص 322 والبغدادي في تاريخ بغداد ج 4 ص 111) (يا الله ﷻ مون کي مسڪيني حال ۾ زنده رک) ۽ هن مان مراد قلب ۾ مسڪيني آهي شرعي اصطلاحي مسڪيني ناهي ۽ جيڪو ان جي خلاف عقيدو رکندو هو ان تي سختي ڪندا هئا ۽ "اَلْفَقْرُ فَخْرِيْ يَوْمَ اَفْتَخِرُ" (فقيري منهنجو ان ڏينهن فخر جو سبب آهي جنهن ڏينهن مان فخر ڪندس) روايت باطل آهي ۽ هن روايت ۾ ابي الهيثم ﷺ جو ذڪر آهي ۽ ٻي روايت ۾ حضرت ابو ايوب انصاري ﷺ جو ذڪر آهي جيئن طبراني ۽ ابنِ حبان پنهنجي الصحيح ۾ آندو آهي ۽ مسلم ۾ آهي تہ انصارن مان هڪ شخص آيو آهي ۽ ٻنهي جو احتمال آهي ۽ هن ۾ انهن ٻنهي جي وڏي فضيلت ۽ منقبت آهي ۽ ابو الهيثم جو پيءُ التيهان هڪ قول مطابق قضاعي هو ۽ انصارن جو حليف هو ان جي ڪري انهن ڏانهن نسبت ڪيو ويو آهي. حضرت نبي ڪريم ﷺ جي هن پياري صحابي ﷺ وٽ خدمت جي لاءِ ڪو خادم نہ هو. حبيب ڪريم ﷺ جن ۽ ٻئي صحابي ﷺ جڏهن ابو الهيثم ﷺ جي گهر آيا تہ پاڻ موجود نہ هو. سندس گهرواري موجود هئي. مسلم شريف جي روايت موجب ان جڏهن حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن کي ڏٺو تہ کين "مَرْحَبًا وَاَهْلًا" سان خوش آمديد چيائين.

فائدو: هن روايت مان معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن فتني جو امڪان ناهي تہ: ڌارين عورت جو گفتگو ٻڌڻ ۽ ان سان گفتگو ڪرڻ جائز آهي. جيتوڻيڪ ان گهر ۾ وري ٻيو پيرو ان گهر جي مالڪ جي اجازت سان موتي اچڻو پوي ۽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن هر هڪ عورت (سندن نڪاح ۾ اچڻ واري کان سواءِ) جي لاءِ محرم آهن ۽ جيڪڏهن عورت کي خبر آهي تہ: منهنجو مڙس ڪنهن کي گهر ۾ وهارڻ تي ناراض نہ ٿيندو تہ اها ان کي وهاري سگهي ٿي. حضرت ابو الهيثم ﷺ جو مٺي پاڻي جي لاءِ نڪري وڃڻ ۽ ٻڳولي کٽي اچڻ سان منقول آهي ان فرمايو تہ: ٿڌي پاڻيءَ جو پيئڻ الله ﷻ جي لاءِ حمد کي خالص ٿو بنائي" ۽ هن مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ "غني شخص جي طرفان پنهنجي اهل جي خدمت ڪرڻ انهن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ ماڻهپي جي خلاف ناهن. بلڪ اهو تواضع ۽ خُلق جو ڪمال آهي ۽ مسلم شريف جي روايت آهي تہ:

عزت وارا مهمان: ابوالهيثم ﷺ حضور ڪريم ﷺ ۽ سندن ٻن صحابن حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر ﷺ ڏي نهاري چيو تہ: **الحمدلله** ﷻ اڄ مون وٽ ڪيڏي عزت وارا مهمان آيا آهن" ۽ هن مان معلوم ٿيو تہ: مهمانن جي عزت ڪرڻ، سندن روبرو سندن اچڻ تي فرح، سرور ۽ خوشي جو اظهار ڪرڻ ڀلي شيءِ آهي ان جي ڪري رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: "مَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ فَلْيُكْرِمْ ضَيْفَه"

(رواه البخاري في الايمان ج 12 ص 28 ومسلم في الايمان ص 37, 75, 76 وابن حبان في صحيحه ص 506, احمد في مسنده ج 2 ص 433 و ابن ابي شيبه في مصنفه ج 8 ص 546 و ابن منده في مسنده ص 301 والبزار في مسنده ص 2031)

(جيڪو الله ﷻ ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو مناسب آهي تہ اهو پنهنجي مهمان جي عزت ڪري" حضرت ابو الهيثم ﷺ نبي ڪريم ﷺ جن کي پاڪر پائي برڪتون حاصل ڪيون ۽

عرض ڪرڻ لڳو تہ "فِدَاكَ اَبِي وَاُمِّيْ" منهنجو پيءُ ۽ ماءُ اوهان تان قربان. ۽ صحابي سڄوري طعام ڪان پهريان کجور پيش ڪئي. ان مان ثابت ٿيو تہ مستحب آهي تہ کاڌي کان اول ميوو کائجي ڇوتہ اهو هضم ٿيڻ ۾ جلد آهي ۽ مهمان کي جيڪو ميسر هجي اهو جلد پيش ڪجي خاص ڪري ان وقت جو مهمان کي ڪجهہ نہ ڪجهہ تڪڙو کائڻ جي اشتها محسوس ٿئي. ڇوتہ ڪڏهن ڪڏهن مهمان کي انتظار ڪرڻ ڏکيو لڳندو آهي ۽ بعض سلف علماء مهمان جي لاءِ تڪليف کي مکروه سمجهيو آهي پر اهو ان وقت جڏهن مهماني ڪندڙ کي مشقت محسوس ٿئي. ڇوتہ اهو ان کي اخلاص ۽ مهمان جي اچڻ تي خوشي ۾ رڪاوٽ بنجندو. بلڪ ڪڏهن ان کان اهڙي ڳالهہ ظاهر ٿيندي آهي جيڪا مهمان جي دل آزاري ڪندي آهي ۽ مهمان کي ڪجهہ کائڻ پيئڻ ڏکيو لڳندو آهي ان جي ڪري مهمان جي وسعت آهر خدمت ڪئي وڃي. ۽ حضرت ابو الهيثم ﷺ جي طرفان ٻڪري ڪهڻ، تڪليف ۾ داخل ناهي ڇوتہ اها خدمت ان دل جي خوشي سان ڪئي هئي. ۽ حضور ڪريم ﷺ جن وٽ جڏهن کجور جو ڇڳو پيش ڪيو ويو تہ پاڻ ان کي فرمايائون "پڪي ڪتل ڇونہ آنديئي" مطلب تہ ڪچا ڏوڏا پلي بينا هجن ها، ان عرض ڪيو تہ : اوهان جيڪي پسند ڪيو اهو کائو. ۽ جڏهن ابو الهيثم ﷺ ٻڪريءَ جي ڪهڻ جو ارادو ڪيو تہ پاڻ ان کي کيرواري ٻڪري ڪهڻ کان روڪيو هيائون پاڻ ان کان پوءِ ابو الهيثم ﷺ کان پڇيائون تہ : تو وٽ ڪو خادم ناهي تہ جڏهن مون وٽ غلام اچن اچجان تہ توکي هڪ غلام ڏيان." جڏهن غلام آيا ۽ ان کي غلام ڏنائون تہ : ان غلام سان سٺي سلوڪ جي لاءِ ڪيس هدايت بہ ڪيائون ۽ جڏهن غلام گهر ۾ آڻي ابو الهيثم گهرواريءَ کي ٻڌايو تہ "هن سان سهڻي سلوڪ جي لاءِ بہ حضور ڪريم ﷺ هدايت ڪئي آهي تہ سندس گهرواريءَ چيو تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جي ان ارشاد تي صحيح عمل متان اسان کان نہ ٿي سگهي ان جي ڪري بهتر آهي تہ هن غلام کي آزاد ڪري ڇڏيون پوءِ ابو الهيثم ﷺ ان کي آزاد ڪري حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کي پنهنجي گهرواريءَ جي ڳالهہ بہ عرض ڪئي پاڻ فرمايائون تہ "الله جَلَّ جَلَالُهُ جيڪو نبي ۽ خليفو موڪليندو آهي ان جا بہ مخفي صلاحڪار هوندا آهن. (1) هڪڙو ان کي نيڪي جو امر ڪندو آهي ۽ ناپسند ڪم کان روڪيندو آهي. (2) ٻيو ان کي نقصان ڏيڻ کان نہ گهٽائيندو پوءِ جيڪو ان نقصان ڏيڻ واري جي برائي کان بچيو اهو بچي ويو" ۽ هن حديث ۾ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جي بک ۾ هجڻ جو ذڪر سندن نيڪي ليکي وئي آهي ڇوتہ اهي حضور ڪريم ﷺ جن کي نهايت پيارا هئا ۽ سندن هر سنت تي عامل ڪامل هئا. علامہ علي القاري لکيو آهي تہ اها ڪيفيت سندن اختياري هئي اضطراري نہ هئي. ۽ ابو الهيثم ﷺ جو نالو مالڪ ۽ التيهان سندس پيءُ جو لقب هو ان جو نال عامر بن الحارث هو ڪن عتيڪ بن عمرو چيو آهي ۽ صحابي جي مٺي پاڻي لاءِ وڃڻ مان ثابت ٿيو تہ مٺي پاڻي جي طلب ڪرڻ دنيا ۾ زهد جي خلاف ناهي ۽ نہ ڪو ان نعمت جي باب مان آهي جنهن سان آخرت ۾ مقام ۽ مرتبو ناقص ٿئي. ۽ حضرت ابو الهيثم ﷺ جي پاران حبيب ڪريم ﷺ جن کي باغ ۾ وڻي ويهاري کجور پڪل ۽ ڏوڏا پيش ڪرڻ مان ثابت ٿيو تہ مهمان جي اڳيان في الفور جيڪو موجود هجي رکجي جيئن سيدنا ابراهيم علي نبينا وعليہ الصلوة والسلام وٽ ملائڪ سڳورا انساني شڪل ۾ آيا هئا تہ پاڻ دير ئي نہ ڪيائين گابي جو ڀڳل گوشت ڪٽي انهن جي اڳيان رکيائين

۽ هن مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ ڪاڌي ڪان اڳ ۾ ميوات ڪارائجي جو اها جلد هضم ٿيندڙ آهي ۽ قرآن ڪريم ۾ الله ﷻ جو ارشاد آهي "وَفَاكِهَةٍ مِّمَّا يَتَخَيَّرُوْنَ ۝ وَلَحْمِ طَيْرٍ مِّمَّا يَشْتَهُوْنَ ۝" (سورة الواقعة آيت (20, 21) (۽ سندن پسند جا ميوا ۽ خواهش ڪيل پکين جو گوشت) تہ هتي بہ اول ميوا پوءِ گوشت بيان ڪيل آهي حبيبن ڪريمن ﷺ جن اهي تناول ڪري فرمايو تہ "مون کي ان الله ﷻ جو قسم آهي جنهن جي قدرتي هٿ ۾ منهنجي جان آهي تہ هي انهن نعمتن مان آهي جن (جي شڪر ڪرڻ جي لاءِ) اوهان کان سوال ڪيو ويندو.

ڏؤڪري ڪائڻ: هن حديث مان ڏؤڪري ڪائڻ جو جواز ثابت ٿئي ٿو. ۽ ڏؤڪري ڪائڻ جي جتي منع آيل آهي ان مان مراد اهڙو ڏؤڪرڻ آهي جيڪو معده جي لاءِ نقصانڪار هجي يا عبادت ۾ سست ڪري يا روزانو ڏؤڪري ڪائڻ آهي ۽ گهڻي ڏؤڪرڻ جي ڪري قلب تي ڪٽ چڙهندي آهي ۽ محتاج ۽ بڪايل وسري ويندا آهن انهن نعمتن سان گڏ ٿڌي ڇانوَ ۾ ويهڻ ٿڌي پاڻي پيئڻ جي شڪر ادا ڪرڻ جي لاءِ بہ پڇا ڪئي ويندي. حضور ڪريم ﷺ جن حضرت ابو الهيثم ﷛ کي ڪير پيئندڙ اولاد ۽ خود جڏهن ابو الهيثم ﷛ جي خدمت ۾ خادم نہ ڏسي ڪانئس پڇيو تہ: تو وٽ خادم ناهي؟ ان عرض ڪيو تہ "ناهي" پاڻ ڪيس فرمايائون تہ: جڏهن غلام اچن تہ تون اچجان. سندن خدمت ۾ بہ غلام آيا ۽ ابو الهيثم بہ حاضر ٿي عرض ڪيو تہ "ڪيس فرمايائون هنن ٻنهي مان هڪڙو پسند ڪر. ان عرض ڪيو تہ مون لاءِ اوهان پسند ڪيو. حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو: "اَلْمُسْتَشَارُ مُؤْتَمَنٌ" صلاح پڇيل امين آهي) هيءُ غلام وٺي وڃ مون ان کي نماز پڙهندي ڏٺو آهي" ۽ نماز برائي ۽ بيحيائي کان روڪي ٿي ان جي ڪري هي اوهان لاءِ ڀلو آهي ۽ ان سان چڱائي ڪندو رهجان. (جمع الوسائل ص 190. 191. 192 ج 2 اشرف الوسائل ص 542. 549) ۽ حضرت ابو بڪر صديق ﷛ حضور ڪريم ﷺ جي ديدار سان ائين بک لاٿي جيئن حضرت يوسف على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي ديدار سان مصر وارن جي بک لهندي هئي. (انوارِ غوثيه ص 535) حضرت ابو الهيثم ﷛ جي گهرواري ان جي لاءِ بهترين صلاحڪار ۽ اعليٰ مشير هئي جنهن ڪيس مشورو ڏني هڪ خير جو ڪم ڪرايو جو هڪ نمازي غلام کي آزاد ڪرايائين ۽ پنهنجي ضرورتن جي ذرا پر بہ پرواهہ نہ ڪيائين ۽ نہ اهو سوچيائين تہ مس مس غلام مليو آهي ڪجهہ ڏينهن تہ ان کان خدمت وٺون پوءِ ان کي آزاد ڪري ڇڏينداسون.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في ڪتاب الادب باب 123 في المشورة رقم الحديث 5128 ج 4 ص 333 {2} النسائي في ڪتاب الوليمة من سننه الڪبريٰ ڪما في التحفة ج 10 ص 467 {3} ابنِ ماجه في ڪتاب الادب باب 37 المستشار مؤتمن رقم الحديث 3745 {4} الحاڪم في المستدرڪ ج 4 ص 131 {5} ابو الشيخ في الامثال ص 19 {6} البخاري في الادب المفرد رقم الحديث 256 ص 99 {7} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3612 ج 13 ص 189. 190.

{374} حَدَّثَنَا عُمَرُ بْنُ إِسْمَاعِيلَ بْنِ مُجَالِدِ بْنِ سَعِيدٍ، قَالَ: حَدَّثَنِي أَبِي، عَنْ بَيَانِ بْنِ بِشْرٍ، عَنْ قَيْسِ بْنِ أَبِي حَازِمٍ، قَالَ: سَمِعْتُ سَعْدَ بْنَ أَبِي وَقَّاصٍ يَقُولُ إِنِّي لَأَوَّلُ رَجُلٍ أَهْرَاقَ دَمًا فِي سَبِيلِ اللهِ عَزَّوَجَلَّ، وَإِنِّي لَأَوَّلُ رَجُلٍ رَمَى بِسَهْمٍ فِي سَبِيلِ اللهِ، لَقَدْ رَأَيْتُنِي أَغْزُو فِي الْعِصَابَةِ مِنْ أَصْحَابِ مُحَمَّدٍ عَلَيْهِ الصَّلَاةُ وَالسَّلَامُ مَا نَأْكُلُ إِلَّا وَرَقَ

الشَّجَرِ وَالْحُبْلَةَ حَتَّى تَقَرَّحَتْ أَشْدَاقُنَا، وَإِنَّ أَحَدَنَا لَيَضَعُ كَمَا تَضَعُ الشَّاةُ وَالْبَعِيرُ، وَأَصْبَحَتْ بَنُو أَسَدٍ يُعَزِّرُونِي فِي الدِّينِ. لَقَدْ خِبْتُ وَخَسِرْتُ إِذًا وَضَلَّ عَمَلِي.

بامحاوره ترجمو: حضرت قيس بن ابو حازم رضي الله عنه کان روايت آهي چيائين تہ حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه کان ٻڌم جو چوي پيو تہ آءُ ئي پهريون ماڻهو آهيان جنهن الله جل جلاله جي راهہ ۾ رت وهايو ۽ آءُ ئي پهريون ماڻهو آهيان جنهن الله جي واٽ ۾ تير هنيو. بيشڪ مون پاڻ کي حضرت محمد ﷺ جي اصحابن سڳورن عليهم الرضوان جي فوج ۾ لڙائي ڪندي ان حال ۾ ڏٺو آهي جو اتي اسان وٽن جي پنن ۽ ڪنڊين جي سنگرين کان سواءِ ڪجهہ نہ کائيندا هئاسون. نيٺ اسان جي وات جون مهارون ۽ واڇون ڦٽجي پيون. (انهيءَ کاڌي جي ڪري) اسان مان هر هڪ ٻڪريءَ وانگر ڦولڙيون ۽ اٺ وانگر ليڏوٽا لاهيندو هو. (ايترين تڪليفن سهندي) هاڻي وري بنو اسد قبيلي وارا مون کي دين ۾ مهڻا ڏين يا ملامت ڪن ٿا. پوءِ تہ آءُ ناڪام يا نقصان ۾ ٿيس ۽ منهنجا عمل اجايا ويا! (حالانڪ ائين ناهي)

مفردات جو شرح: "أُهْرَاقَ" رت وهايائين "سَهْمٍ" تير. "عِصَابَةٍ" ماڻهن يا جانورن جو ٽولو. ڏهن کان وٺي چاليهن ماڻهن جي جماعت کي چوندا آهن. "اَلْحُبْلَةِ" ڪنڊين جون سنگريون. "تَقَرَّحَتْ" زخمي ٿي پيون. "اَلْقَرْحُ" زخم، ڦرڙي، ڦٽ. "اَشْدَاق" واڇون. "يُعَزِّرُوْنِي" ملامت پيا ڪن مون کي "خِبْتُ" الخيبة کان ورتل آهي. معنيٰ نا اميد ٿيڻ، حصو حاصل نہ ڪرڻ.

سمجهاڻي: هن حديث شريف ۾ حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه جو بيان آهي تہ يقيناً پهريون شخص مان ئي آهيان جنهن الله جل جلاله جي راهہ ۾ رت وهايو. علامہ ابن حجر ابن اسحاق کان روايت آندي آهي تہ "اسلام جي ابتدائي دور ۾ اصحاب سڳورا انتهائي رازداريءَ سان عبادت ڪندا هئا. جبلن ۽ ڇُرن ۾ ويهي الله جل جلاله کي ياد ڪندا هئا. هڪ ڀيري مڪ مڪرمہ جي جبلن ۾ صحابي سڳورا عليهم الرضوان الله جل جلاله جي عبادت ۾ مشغول هئا تہ اوچتو مشرڪن جي هڪ جماعت ظاهر ٿي. ۽ مسلمانن کي گهٽ وڌ ڳالهائي مٿن حملو ڪيائون. حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه جي ويجهو اٺ جو هڪ هڏو پيو هو اهو کڻي ان مشرڪن تي جوابي حملو ڪري ان هڏي سان ستن مشرڪن جا مٿا ڦاڙي وڌا هيائين. هن ارشاد ۾ پاڻ ان واقعي ڏانهن اشارو ڪيو اٿس. (2) ٻيو سندس فرمان آهي تہ "يقيناً پهريون شخص مان ئي آهيان جنهن الله جل جلاله جي واٽ ۾ تير هنيو. مواهب جي بقول ابو سفيان رضي الله عنه جي زير سرپرستي مشرڪن جي لشڪر مدينہ منوره تي حملي ڪرڻ جو ارادو ڪيو تہ حضور ڪريم ﷺ جن انهن جي دفاع جي لاءِ حضرت عبيده بن حارث جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ مختصر لشڪر موڪليو ۽ رابغ جي مقام وٽ مسلمانن جو لشڪر ۽ ڪافرن جو لشڪر هڪٻئي جي آمهون سامهون ٿيا هن جهاد ۾ مسلمانن جو جهنڊو سفيد هو ۽ هن جهاد ۾ حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه سيني کان پهريان تير هلائڻ وارو هو ۽ ان ڏانهن ئي پاڻ هتي اشارو ڪيو اٿس. سندس ٽيون ارشاد آهي تہ "بلاشڪ مان رسول الله ﷺ جي هڪ اهڙي لشڪر سان بہ گڏ هوس جتي اسان کي کائڻ جي لاءِ صرف وڻن جا پن ۽ ڪنڊين جون سنگريون ميسر هيون. ۽ انهن جي کائڻ جي ڪري اسان جون واڇون ڦٽجي پيون هيون ۽ اسان پيٽان ٻڪرين جي ڦولڙين ۽ اٺن جي ليڏوٽن وانگر ويهندا هياسون" يعني جڏهن سن اٺ هجري ۾ رسول الله ﷺ ٽي سؤ مهاجرن ۽ انصارن جي قيادت حضرت ابو عبيده بن الجراح رضي الله عنه

جي حوالي ڪئي ۽ مدينہ منوره کان پنجن ڏينهن جي منزل تي سمنڊ جي ڪناري تي جُهينہ قبيلي جي مقابلي لاءِ روانو فرمايو. ان لشڪر ۾ حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه بہ هو ۽ هي لشڪر نهايت سخت هو ۽ مسلمانن انتهائي مشقتن، مصيبتن، صعوبتن ۽ تڪليفن کي برداشت ڪيو هو. ڪاڏي ميسر نہ ٿيڻ جي ڪري وڻن جا پن ۽ سنگريون کائيندا هئا. ان جي ڪري هن لشڪر کي "سرية الخبط" چوندا آهن خبط جي معنيٰ پن ڇاڻڻ. حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه هتي ان جو ذڪر ڪيو آهي ۽ هن حديث جو هي ٽڪرو باب جي مناسب آهي. اڳتي سندس ارشاد آهي تہ انهن سيني حقيقتن جي هوندي بنو اسد قبيلي وارا مون کي دين ۾ ملامت ڪن ٿا. جيڪڏهن دين کان منهنجي ناواقيت جو هي جهان رهيو تہ پوءِ مان ناڪام ٿيس ۽ منهنجا عمل ڇٽ تي ويا." هي تڏهن فرمايو هيائون جڏهن حضرت امير المومنين عمر الفاروق جي خلافت جي دور ۾ ڪيس ڪوفہ جو گورنر مقرر ڪيو ويو تہ ڪوفين پنهنجي عادت جي موافق سندس خلاف سازشون شروع ڪيون ۽ انهن سازشن مان هڪ هيءَ بہ هئي جو حضرت عمر رضي الله عنه کي چيائون تہ: ڪوفي جو امير نماز صحيح نہ ٿو پڙهائي." حضرت عمر فاروق رضي الله عنه ان کي مدينہ منوره ڏانهن گهرايو ۽ ان کي اها شڪايت ٻڌائي جنهن جي جواب ۾ حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه پنهنجي مذڪوره ڳالھ ڪري صفائي پيش ڪئي ۽ هي بہ چيائين تہ: مان تہ اهڙي طرح نماز پڙهايان ٿو جهڙي طرح مون رسول الله ﷺ جن کي نماز پڙهائيندي ڏٺو" (انوارِ غوثيه ص 540) علامہ البيجوري لکيو آهي تہ حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه الله ﷻ جي واٽ ۾ جن ڪافرن کي تير هنيو هو اهي بہ سؤ هئا ۽ اهو واقعو هجرت کان اٺ مهينا پوءِ شوال مهيني ۾ ٿيو هو. حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه سان سٺ مهاجر اصحابي گڏ هئا ۽ حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه جيڪا وڻن جي پنن کائڻ ۽ ڪنڊين جي سگرين کائڻ جي ڳالھ ڪئي آهي اها سن اٺ هجري رجب جي مهيني ۾ ٿي هئي، اصحاب سڳورا عليهم الرضوان ٽي سؤ 300 ڄڻا هئا. حضرت ابو عبيدة بن الجراح جي اڳواڻي هئي. نبي ڪريم ﷺ جن انهن کي کجور جي هڪ وڏي ٻوري کائڻ جي لاءِ ڏني هئي. حضرت ابوعبيدة بن جراح رضي الله عنه ان مان ڪين هڪ هڪ مٺ ڀري ڏيندو رهيو جڏهن ٿوريون ٿيون تہ پوءِ هڪ هڪ کارڪ ڪين ڏيندو رهيو. جڏهن کپي ويون تہ پوءِ ڪنڊين جون سگريون کائڻ لڳا هئا.

عنبر نالي مڇي: جڏهن تہ هي سڀ دشمنن ڪافرن جي انتظار ۾ سمنڊ جي ڪناري تي ويٺل هئا تہ: سمنڊ هنن ڏانهن هڪ مڇي اڇلائي جيڪا تمام وڏي هئي ان جو نالو عنبر هو چوتہ ان جي پيٽ ۾ عنبر هو. پوءِ اصحابن پلارن ان مان پورو مهينو پيٽ ڪاڏو ۽ ان جي هڪ پاسري ايڏي وڏي هئي جو اٺ جو سوار اٺ سوڌو ان جي هيٺان لنگهي ويو ۽ هڪ قول آهي تہ: حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه جنهن واقعي ڏانهن اشارو ڪيو آهي اهو ان جنگ ۾ پيش آيو هو جنهن ۾ رسول الله ﷺ جن پاڻ شريڪ ٿيا هئا. (ڪما في الصحيحين) ۽ البيجوري هي بہ لکيو آهي تہ: حضرت عمر رضي الله عنه حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه کي بصره جو امير مقرر ڪيو هو ۽ پاڻ جڏهن عدل وارو ۽ حق وارو امير هو ۽ عادل حاڪم کي ماڻهو پسند نہ ڪندا آهن تڏهن اتي جي ماڻهن ڪوڙ هڻي حضرت عمر فاروق رضي الله عنه کي چيو تہ نماز سهڻي نموني نہ ٿو پڙهائي. حالانڪ هي حضرت انهن کان تمام گهڻو وقت اڳي مسلمان ٿي حضور ڪريم ﷺ جي صحبت مان گهڻو ڪجھ سکي ۽ پرائي چڪو هو ۽ پاڻ فرمايو هيائين تہ:

بنو اسد وارا مون کي دين (نماز) جي متعلق ملامت ٿا ڪن. جيڪڏهن مان سهڻي نموني نماز بہ ادا ڪري نہ ٿو سگهان تہ پوءِ تہ مان نقصان ۾ آهيان ۽ منهنجا عمل برباد ٿي ويا. حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه نماز کي دين سڏيو آهي ڇو تہ اها دين جو ٿنڀ آهي. (المواهب ص 630, 631) ۽ هن حديث مان صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جي معاش جي تنگي معلوم ٿئي ٿي جنهن مان حضور ڪريم ﷺ جي بہ معاشي حالت معلوم ٿي رهي آهي. (اشرف الوسائل ص 552) خصائل نبوي واري لکيو آهي تہ: حضرت عمر فاروق رضي الله عنه حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه سان گڏ بہ ماڻهو موڪليا جن اتي پهچي شهر ۾ گشت ڪري ان جي متعلق شڪايتن جي تحقيق ڪئي ۽ انهن ڪوفي ۾ ڪابہ اهڙي مسجد نہ ڇڏي جنهن ۾ نمازين جي حالات جي تحقيق نہ ڪئي وئي. سيني حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه جي تعريف ڪئي مگر هڪ شخص چيو تہ: جڏهن قسم ڏئي پڇو ٿا تہ سچ ٻڌايان ٿو تہ "حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه جهاد جي لاءِ ڪونہ ٿو نڪري ڪيس پنهنجي جان پياري آهي ٻيو تہ مال جي ورهاڱي ۾ برابري ڪونہ ٿو ڪري ٽيون تہ فيصلي ۾ انصاف نہ ٿو ڪري" حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه اهو ٻڌي فرمايو تہ: هن ٽي شڪايتون ڪيون آهن ان جي لاءِ ٽي بد دعائون ڪيان ٿو. هر بد دعا هر شڪايت جي مناسب هوندي (1) يا الله جَلَّ جَلَالُهُ! جيڪڏهن هي شخص ڪوڙو آهي محض شهرت ۽ دنيا کي ڏيکارڻ جي لاءِ اٿي بيٺو آهي جو وڏي ماڻهو تي تنقيد ڪرڻ سان شهرت ٿيندي آهي تہ هن جي عمر وڌاءِ ۽ هن جي سڃي هجڻ ۾ اضافو ڪر ۽ هن کي فتنن ۾ مبتلا ڪر ان کان پوءِ ان شخص جي ڏسڻ واري جو بيان آهي تہ: مون ان شخص کي ڏٺو تہ ان جون ڀنبٽيون اکين تي ڪري پيون هيون سُجو ٿي ويو هو، گهٽين ۾ ڇوڪرين سان ڇيڙ ڇاڙ ڪندو وتندو هو ۽ ڪير پڇندو هوس تہ ڇا حال ٿي ويو اٿئي تہ چوندو هو: حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه جي بد دعا لڳي آهي. (خصائل نبوي ص 344)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في كتاب فضائل الصحابة باب 15 مناقب حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه رقم الحديث 3728 ج 7 ص 83 {2} مسلم في كتاب الزهد والرقائق في ترجمته رقم الحديث 2966 ج 4 ص 2277 {3} النسائي في كتاب المناقب وفي كتاب الرقائق من سننه الكبرىٰ كما في التحفة ج 3 ص 309 {4} ابن ماجه في المقدمة باب 11 وفي فضائل اصحاب رسول الله ﷺ رقم الحديث 131 {5} احمد في المسند ج 1 ص 174, 176 {6} الطيالسي في مسنده رقم الحديث 212 ص 29 {7} البيهقي في سننه الكبرىٰ ج 1 ص 106 {8} الحميدي في مسنده رقم الحديث 78 ج 1 ص 42.

{375} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا صَفْوَانُ بْنُ عِيسَى، قَالَ: حَدَّثَنَا عَمْرُو بْنُ عِيسَى أَبُو نَعَامَةَ الْعَدَوِيُّ قَالَ: سَمِعْتُ خَالِدَ بْنَ عُمَيْرٍ، وَشُوَيْسًا أَبَا الرَّقَادِ، قَالاَ: بَعَثَ عُمَرُ بْنُ الْخَطَّابِ عُتْبَةَ بْنَ غَزْوَانَ وَقَالَ: انْطَلِقْ أَنْتَ وَمَنْ مَعَكَ، حَتَّى إِذَا كُنْتُمْ فِي أَقْصَى بِلاَدِ الْعَرَبِ، وَأَدْنَى بِلاَدِ الْعَجَمِ فَأَقْبِلُوا، حَتَّى إِذَا كَانُوا بِالْمِرْبَدِ وَجَدُوا هَذَا، فَقَالُوا: مَا هَذِهِ؟ قَالُوا: هَذِهِ الْبَصْرَةُ فَسَارُوا حَتَّى إِذَا بَلَغُوا حِيَالَ الْجِسْرِ الصَّغِيرِ، فَقَالُوا: هَهُنَا أُمِرْتُمْ، فَنَزَلُوا - فَذَكَرُوا الْحَدِيثَ بِطُولِهِ - قَالَ: فَقَالَ عُتْبَةُ بْنُ غَزْوَانَ: لَقَدْ رَأَيْتُنِي وَإِنِّي لَسَابِعُ سَبْعَةٍ مَعَ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَا لَنَا طَعَامٌ إِلاَّ وَرَقُ الشَّجَرِ حَتَّى تَقَرَّحَتْ أَشْدَاقُنَا، فَالْتَقَطْتُ بُرْدَةً قَسَمْتُهَا بَيْنِي وَبَيْنَ سَعْدٍ، فَمَا مِنَّا مِنْ أُولَئِكَ السَّبْعَةِ أَحَدٌ إِلاَّ وَهُوَ أَمِيرُ مِصْرٍ مِنَ الأَمْصَارِ وَسَتُجَرِّبُونَ الأُمَرَاءَ بَعْدَنَا.

بامحاوره ترجمو: حضرت خالد بن عمر ۽ شويس ابو الرقاد ﷺ کان روايت آهي تہ حضرت عمر بن خطاب ﷛ حضرت عتبہ بن غزوان ﷛ کي لشڪر جو سردار ڪري موڪليو ۽ چيائينس تہ تون ۽ تنهنجا ساٿي روانا ٿي وڃو ۽ جڏهن سر زمين عرب جي پڇاڙي ٿئي ۽ عجم جي شهرن کي ويجهو پهچو(تہ اتي رهو ۽ دين اسلام جو پيغام پهچايو) ان تي اهي سڀ روانا ٿي ويا ۽ جڏهن مربد" جي جاءِ تي پهتا (جتي هينئر بصري شهر جي بيروني آبادي آهي) تہ اتي نرم ۽ اڇو پٿر ڏٺائون اتي جي ماڻهن کان پڇيائون تہ هي ڇا آهي؟ انهن ٻڌايو تہ هن پٿر جو نالو "بصرة" آهي پوءِ اڳتي هلندا ويا. نيٺ جڏهن (دجلي جي) ننڍي پل جي سامهون پهتا اتي هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا تہ هتي رهڻ جو حڪم آهي پوءِ اتي لهي پيا ان کان پوءِ سڄي ڳالهہ ٻڌايائون. (پوءِ راوي سڄو قصو بيان ڪيو) راوي چوي ٿو تہ عتبہ بن غزوان ﷛ ٻڌايو تہ مون پاڻ کي ڏٺو تہ آءُ رسول الله ﷺ جن سان پهرين ستن (مسلمانن) مان هڪڙو هوس. اسان کي وڻن جي پنن کان سواءِ کائڻ لاءِ ٻيو ڪجهہ ڪونہ هو. نيٺ اسان جون واڇون پڇي پيون، پوءِ مون هڪ چادر لڌي، اڌ پاڻ ۽ اڌ حضرتْ سعد ﷛ کي ڦاڙي ڏنم هينئر اسان ستن مان هر هڪ ڪنهن نہ ڪنهن وڏي شهر جو حاڪم آهي اجهو اسان کان پوءِ اوهان ٻين ايندڙ حاڪمن کي آزمائي ڏسندؤ.

مفردات جو شرح: "مِرْبَدِ" ان جاءِ کي چوندا آهن جتي اٺ يا ٻڪريون رات جو ويهن. وٺاڻ. "اَلْمِربدُ" نرم ۽ سفيد پٿر. "البصره" شهر جو نالو آهي دجلہ ۽ فرات جي ٻنهي پاٽين جي ملڻ واري هنڌ تي اولهہ واري ڪناري تي واقع آهي. "لقط" زمين تان کڻڻ. "سَتُجَرِّبُونَ" جلد تجربو ڪندؤ. تجريب کان ورتل آهي. آزمائڻ، تجربو ڪرڻ.

سمجهاڻي: هن حديث ۾ بہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي اصحابي عتبة بن غزوان جي بک جو حال بيان ڪيل آهي جو پاڻ وڻن جا پن ڪاڌا هيائون. ۽ سندن واڇون ڦٽجي پيون هيون ۽ هيءَ ڳالهہ حضرت عتبہ بن غزوان ان وقت ڪئي جڏهن حضرت عمر فاروق ﷛ کي اطلاع مليو تہ ايران جو بادشاهہ يزد جرد عربن سان لڙائي لاءِ عجم مان امدادي فوج گهرائي آهي جنهن جو دجلي درياء تان رستو هو ۽ دجلي درياء تي ان وقت بہ پليون هيون. (1) هڪ وڏي پل بغداد وٽ ۽ ٻي ننڍي ڪاٺ جي پل بصري ۽ ڪوفي جي پرسان ۽ ان پل تان ان امدادي فوج جي لنگهڻ جو امڪان هو تنهنڪري حضرت عمر بن خطاب ﷛ حضرت عتبہ کي ٽي سؤ سوار ڏئي ان پل جي ناڪابندي جي لاءِ موڪليو هو. ۽ " البصرة" اڇي نرم پٿر کي چوندا آهن ۽ اتي انهن جي هجڻ جي ڪري ان شهر جو نالو "البصره" پئجي ويو. حضرت عتبة ﷛ جي پنهنجي هن حالت کي بيان ڪرڻ مان بہ اهم مقصد هئا. (1) هڪ تہ دين جي باري ۾ تڪليف برداشت ڪرڻ گهرجي ۽ ان جو گهڻو ڪري دنيا ۾ فائدو ملندو آهي. (2) ٻيو تہ هن وقت جي اميرن کان جيڪڏهن اوهان کي ڪا ناگوارا ڳالهہ پيش اچي تہ اها برداشت ڪيو اها گهڻي غنيمت آهي ان حالات جي اعتبار سان جيڪي عنقريب اچڻ واريون آهن. حضرت عبدة بن عدوان ﷛ فرمايو تہ: انهن ٻڪن ۽ ڏکن ۾ رهڻ وارا اڄ ڪنهن نہ ڪنهن شهر جا امير آهن پر اسان کان پوءِ جيڪي امير ايندا اهي بہ آزمائي ڏسجو يعني انهن کان اوهان کي وڏيڪ شڪايتون هونديون. علامہ قاضي محمد عاقل لاهوري لکيو آهي تہ: هن جو مطلب آهي تہ: بعد ۾ اچڻ

وارا امير عدالت، امانت ۽ دنيا کان منهن موڙڻ ۾ هنن جهڙا نہ هوندا ۽ تجربي ٻڌايو تہ واقعي ائين ٿيو. (انوارِ غوثيه 541) علامہ البيجوري لکيو آهي تہ : بصره جو شهر اڳ ۾ نہ هو ان جو بنياد بہ حضرت عتبہ رکيو هو ۽ جڏهن تہ اتي سفيد ۽ نرم پٿر هئا انهن جي ڪري شهر جو اهو نالو رکيو ويو هو. البصره اڇن ۽ نرم پٿرن کي سڏيندا آهن. حضرت عتبہ اهو شهر سن سترهن هجري ۾ ٺاهيو ۽ سن ارڙهن هجري ۾ ماڻهو اتي آباد ٿيڻ لڳا. ۽ هن شهر ۾ ڪڏهن بہ بتن جي عبادت نہ ٿي ان جي ڪري ان کي "قبة الاسلام" (يعني اسلام جو قبو) ۽ "خزانة العرب" (يعني عربن جو خزانو) سڏيو ويو آهي" ۽ اهي پلارا نندي پل وٽ پهتا" هن پل مان مراد اها دجلي تي ٺاهيل وڏي پل آهي جيڪا بغداد وٽ هئي ان ۽ هن نندي پل جي وچ ۾ ڏهن ڏينهن جي پنڌ جو فاصلو هو ۽ حضرت عتبہ وارا جڏهن اتي منزل انداز ٿيا تہ خراسان وارن ڏانهن مسلمان ٿيڻ جي لاءِ ماڻهو موڪليائين پر اهي وري ويڙهہ جي لاءِ وڏو لشڪر وٺي آيا ۽ حضرت عتبة جو ٿورو لشڪر ڏسي انهن کي هلڪو ۽ ڪمزور سمجهيائون. پر جڏهن جنگ لڳي تہ حضرت عتبہ ﵁ کي الله ﷻ مدد ڪري انهن تي فتح عطا ڪئي. پوءِ اتي رهڻ جي لاءِ بصره شهر ٺاهڻ شروع ڪيو هيائين. حضرت عتبة ان دور جو غريبي حال بيان ڪندي فرمايو تہ : مون اتي هڪ چادر لڌي (جيڪا ڪاري هئي ۽ وچ ۾ ليڪا هيس) اها ڦاڙي اڌ مون رکي تہ اڌ سعد بن مالڪ کي ڏنم. ان اڌ سان مون گوڏ ٻڌي ۽ اڌ سان سعد گوڏ ٻڌي (المواهب ص 634) ۽ اسان کان پوءِ اچڻ وارن اميرن کي بہ جلد آزمائيندؤ" جي مراد آهي تہ : اسان رسول الله ﷺ جن جي صحبت ۾ رهي دنيا جي محبت کان خالي ۽ رياضت جا صاحب بڻياسون اسان کان پوءِ اچڻ وارن مان اها خوشبوءِ اوهان کي نہ ملندي ۽ علامہ علي القاري لکيو آهي تہ لڌل چادر جو اڌ جنهن کي حضرت عتبہ ﵁ ڏنو هو اهو حضرت سعد بن ابي وقاص ﵁ هو. ۽ علامہ موصوف لکيو آهي تہ : حضرت عتبہ ﵁ جو چوڻ تہ : اسان کان پوءِ اچڻ وارن اميرن کي جلد آزمائي ڏسندؤ ۽ جيئن فرمايائين تيئن ٿيو اهو غيبي امور جي خبر ڏيڻ واري ڪرامات مان آهي. علامہ مناوي لکيو آهي تہ : هڪ لڌل چادر کي ڦاڙي بہ اڌ ڪري ورهائڻ، صحابہ ڪرام عليهم الرضوان ۽ حضور ڪريم ﷺ جي معاش جي مسڪيني جو دليل آهي ۽ اهو ان جي ڪري جو مدينہ منوره ۾ رهڻ وارن اصحابن، انصارن پلارن وٽ مڪ مڪرمہ مان اچڻ وارا مهاجر دين بچائي اهڙي ڪيفيت ۾ پهتا هئا جو پاڻ سان گڏ ڪجهہ بہ نہ آندو هيائون. انتهائي غربت ۽ شديد مسڪيني جي حال ۾ آيا هئا. انصارن سڀورن سندن هر ممڪن مدد ڪئي تانجو پاڻ مسڪيني حال ۾ اچي ويا ۽ ان ڪيفيت تي تيستائين رهيا جيستائين خيبر وغيره کان فتوحات آئي ۽ ان فتوحات کي بہ في سبيل الله تقسيم ڪرڻ جي ڪري شديد معاشي بحران ۾ رهيا ۽ صبر ڪندي الله ﷻ سان وڃي مليا. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 197)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابنِ ماجه في كتاب الزهد باب 12 معيشة اصحاب النبي ﷺ رقم الحديث 4156 {2} مسلم في كتاب الزهد والرقائق في ترجمة رقم الحديث 2967 ج 4 ص 2278 {3} النسائي في كتاب الرقائق من سننه الكبرىٰ كما في التحفة ج 7 ص 234 {4} احمد في المسند ج 4 ص 174 {5} الطيالسي في مسنده رقم الحديث 1276 ص 180 {6} عبدالرزاق في المصنف رقم الحديث 20891 ج 11 ص 421 {7} عبدالله بن المبارك في الزهد ص 188.

{376} حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ، قَالَ: حَدَّثَنَا رَوْحُ بْنُ أَسْلَمَ أَبُوحَاتِمٍ الْبَصْرِيُّ، قَالَ: حَدَّثَنَا حَمَّادُ بْنُ سَلَمَةَ، قَالَ: حَدَّثَنَا ثَابِتٌ، عَنْ أَنَسٍ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَقَدْ أُخِفْتُ فِي اللهِ وَمَا يَخَافُ أَحَدٌ، وَلَقَدْ أُوذِيتُ فِي اللهِ وَمَا يُؤْذَى أَحَدٌ، وَلَقَدْ أَتَتْ عَلَيَّ ثَلَاثُونَ مِنْ بَيْنِ لَيْلَةٍ وَيَوْمٍ وَمَالِي وَلِبِلَالٍ طَعَامٌ يَأْكُلُهُ ذُو كَبِدٍ إِلَّا شَيْءٌ يُوَارِيهِ إِبِطُ بِلَالٍ.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: "بيشڪ آءُ الله ﷻ جي راهہ ۾ ايترو ڊيڄاريو ويو آهيان جو ايترو ڪوبہ نہ ڊيڄاريو ويو. بيشڪ آءُ الله ﷻ جي راهہ ۾ ايترو ايذايو ويو آهيان جو ايترو ڪوبہ نہ ايذايو ويو آهي ۽ بيشڪ مون تي اهڙيون ٽيهہ راتيون ۽ ڏينهن گذريا جو منهنجي ۽ بلال ﷺ جي کائڻ لاءِ ڪابہ اهڙي شيءِ نہ هئي. جنهن کي ڪو جاندار کائي ڍؤ ڪري، مگر بلال جيڪا ٿوري گهڻي شيءِ بغل يا پاسي ۾ لڪائي رکندو هو(ان تي گذر ٿيندو هو)."

مفردات جو شرح: "أُخِفْتُ" اخافة کان ورتل, خوف ڏيارڻ, ڌمڪائڻ. ڊپ ڏيارڻ. "ذُو كَبِدٍ" جگر جو صاحب, جاندار. "إِبِطُ" بغل.

سمجهاڻي: هن حديث ۾ حضور ڪريم ﷺ جن تي ڳالهيون بيان ڪيون آهن. (1) الله ﷻ جو قسم جيترو مان الله ﷻ جي وات ۾ ڊيڄاريو ويو آهيان ايترو ڪوبہ نہ ڊيڄاريو ويو آهي" مطلب تہ جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن توحيد جي ڪلمي جو اعلان فرمايو ۽ اسلام ڏانهن سڏڻ شروع ڪيو تہ ڪين هر ممڪن طريقي سان ڊيڄاريو ۽ ڌمڪايو ويو تانت پاڻ اسلام ڏانهن سڏڻ ۽ حق جو پيغام پهچائڻ بند ڪن ۽ سندن ذات جهڙو ڪنهن کي بہ خوف نہ ڏياريو ويو ڇوتہ پاڻ الله ﷻ جي دين جي اظهار ۽ اعلان ۾ اڪيلا هئا. (2) ۽ الله ﷻ جي وات ۾ جيترو مان ايذايو ويو آهيان ايترو ڪير بہ نہ ايذايو ويو" اها حقيقت ان جي اڳيان واضح آهي جنهن سندن احوال ۽ سيرت ڪي مطالعہ ڪيو هوندو. (3) ۽ منهنجي مٿان ٽيهہ راتيون ۽ ڏينهن اهڙا گذريا جو مون لاءِ ۽ بلال جي لاءِ اهڙو طعام نہ هو جو جگر جو صاحب کائي مگر ڪا ٿوري شيءِ جيڪا بلال بغل جي هيٺان لڪائي رکي هئي . بغل جي هيٺان رکڻ جو مطلب تہ تمام ٿوري هئي. ڪنهن ٿانوَ يا رومال جي اندر رکڻ جيتري نہ هئي. شارحن لکيو آهي تہ هي قصو جيئن محدث ترمذي جامع ترمذي ۾ آندو آهي . مڪ مڪرمہ کان ٻاهر نڪرڻ جي دور جو آهي. هجرت جي دور جو ناهي ڇوتہ : هجرت جي وقت حضرت بلال ﷺ حضور ڪريم ﷺ جن سان سفر ۾ گڏ نہ هو بلڪ ان کان علاوه ڪنهن ٻئي موقعي تي اهو قصو پيش آيو هو. (خصائل نبوي ص 348) ۽ بعض علماء لکيو آهي تہ : اهو شايد ابتداء واري زماني ۾ مڪ کان طائف جي سفر وارين تڪليفن جو بيان آهي, انهيءَ وقت حضرت بلال ﷺ سندن خدمت ۾ هو جنهن وٽ بغل جي هيٺان ڪجهہ کاڌي جي شيءِ هئي جيڪا ڏسڻ ۾ نہ ايندي هئي. (فضائل النبي ﷺ ص 223)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابنِ ماجه في المقدمة باب 11 فضائل اصحاب النبي ﷺ رقم الحديث 151 {2} احمد في المسند ج 3 ص 120 {3} عبد بن حميد في المنتخب من المسند رقم الحديث 317 ص 392 {4} ابنِ حبان رقم الحديث 2528 ص 226 موارد الظمآن {5} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 4080 ج 14 ص 276.

{377} حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ قَالَ: حَدَّثَنَا عَفَّانُ بْنُ مُسْلِمٍ، قَالَ: حَدَّثَنَا أَبَانُ بْنُ يَزِيدَ الْعَطَّارُ، قَالَ: حَدَّثَنَا قَتَادَةُ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَمْ يَجْتَمِعْ عِنْدَهُ غَدَاءٌ وَلَا عَشَاءٌ مِنْ خُبْزٍ وَلَحْمٍ إِلَّا عَلَى ضَفَفٍ. قَالَ عَبْدُ اللهِ: قَالَ بَعْضُهُمْ: هُوَ كَثْرَةُ الأَيْدِي.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالک ﷺ کان روايت آهي تہ حضور کريم ﷺ جي ڪاڏي ۾ صبح ۽ شام ڪڏهن بہ ماني ۽ گوشت گڏ نہ هوندو هو مگر جڏهن مهمانن جي گهڻائي ٿيندي هئي. حضرت عبدالله ﷺ چيو تہ (لغت يا ٻولي جي ماهرن) وٽ "ضفف" مان مراد هٿن جي گهڻائي آهي يعني گهڻن ماڻهن جو گڏجي کائڻ.

مفردات جو شرح: "غَدَاء" صبح جو کاڌو. "عَشَاءٌ" رات جو کاڌو. "ضَفَفِ" مال جي قلت. حاجت، ڪمزوري، جلد بازي، اهل ۽ عيال جي ڪثرت.

سمجهاڻي: شمائل ترمذي جي شارحن هن حديث جي شرح ۾ لکيو آهي تہ: حضور ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ مهمانن جي ڪثرت هوندي هئي. تہ ماني ۽ گوشت مهيا ڪيو ويندو هو نہ تہ نہ: جيئن بہ وقت گذرندو هو گذاريندا هئا. لغت جي مشهور عالم ابويزيد وٽ "ضفف" جي معنيٰ "شدت" آهي ۽ فراء وٽ "حاجت" آهي ۽ ان لحاظ سان هتي معنيٰ ٿيندي "بک جي سختيءَ کان سواءِ کاڌو مهيا نہ ٿيندو هو" (انوارِ غوثيه ص 543)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 3 ص 270 {2} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص {3} ابنِ حبان في صحيحه رقم الحديث 6325 ج 8 ص 92, 93 {4} ابنِ سعد في الطبقات ج 1 ص 404.

{378} حَدَّثَنَا عَبْدُ بْنُ حُمَيْدٍ، قَالَ: حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ إِسْمَاعِيلَ بْنِ أَبِي فُدَيْكٍ، قَالَ: حَدَّثَنَا ابْنُ أَبِي ذِئْبٍ، عَنْ مُسْلِمِ بْنِ جُنْدُبٍ، عَنْ نَوْفَلِ بْنِ إِيَاسٍ الْهُذَلِيِّ قَالَ: كَانَ عَبْدُ الرَّحْمٰنِ بْنُ عَوْفٍ لَنَا جَلِيسًا، وَكَانَ نِعْمَ الْجَلِيسُ، وَإِنَّهُ انْقَلَبَ بِنَا ذَاتَ يَوْمٍ حَتَّى إِذَا دَخَلْنَا بَيْتَهُ وَدَخَلَ فَاغْتَسَلَ، ثُمَّ خَرَجَ وَأُتِيْنَا بِصَحْفَةٍ فِيهَا خُبْزٌ وَلَحْمٌ، فَلَمَّا وُضِعَتْ بَكَى عَبْدُ الرَّحْمٰنِ فَقُلْتُ لَهُ: يَا أَبَا مُحَمَّدٍ، مَا يُبْكِيكَ؟ فَقَالَ: هَلَكَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَلَمْ يَشْبَعْ هُوَ وَأَهْلُ بَيْتِهِ مِنْ خُبْزِ الشَّعِيرِ فَلَا أُرَانَا أُخِّرْنَا لِمَا هُوَ خَيْرٌ لَنَا.

بامحاوره ترجمو: حضرت نوفل بن اياس هزلي ﷺ کان روايت آهي تہ حضرت عبدالرحمان بن عوف ﷺ اسان جو همنشين هو ۽ ڀلي ڪچهري ڪندڙ هو اهو اسان کي هڪڙي ڏينهن پاڻ وٽ لاڙي وٺي ويو. جڏهن سندس گهر آياسون، تہ اهو اندر ويو ۽ وهنجي پوءِ ٻاهر اسان وٽ نڪري آيو هڪ ٿالهہ جنهن ۾ ماني ۽ گوشت رکيل هو کڻي آيو. جڏهن اهو ٿانءُ رکيو ويو تہ عبدالرحمان ﷺ روئڻ لڳو. تنهن تي مون ان کي چيو: اي ابو محمد! ڇو ٿو روئين؟ ان چيو تہ رسول الله ﷺ هن حالت ۾ وصال ڪري ويا جو پاڻ ۽ سندن اهل بيت گهر وارن جوَن جي مانيءَ بہ ڍؤ ڪري نہ کاڌائون . ان کان پوءِ آءُ خيال نہ ٿو ڪريان، تہ اسان جنهن خوش حاليءَ ۾ پوئتي ڇڏيل آهيون. سو اسان جي لاءِ بهتر آهي يعني هينئر حضور ڪريم ﷺ جن کان پوءِ اسان اهڙي ڪشادگي کي ڀلو نہ ٿا ڀانيون.

مفردات جو شرح: "اَلْجَلِيسُ" همنشين، گڏ ويهندڙ. "اُتِيْنَا" اسان وٽ آندو ويو. "اتيان" کان ورتل. حاضر

ڪرڻ. "بِصَحْفَةٍ" وڏو ويڪرو پيالو جنهن مان پنج ماڻهو ڍؤ ڪن. "ارانا" مجهول جو صيغو آهي. رايا، رؤية، رئيانا هن جون مصدرون اينديون آهن. بصارت يا بصيرت سان ڏسڻ. يري جو اصل يراي آهي ۽ اصل جي معنيٰ ۾ بہ گهڻ استعمال ٿيندو آهي ۽ اهو گمان جي معنيٰ ۾ گهڻ استعمال ٿيندو آهي. "ارانا" جي معنيٰ آهي "منهنجي خيال ۾ آهي، "أَخَّرَنَا" تاخير کان ورتل آهي. هن جي معنيٰ آهي پوئتي ڪرڻ، مهلت ڏيڻ. "أُخِّرْنَا" جي معنيٰ آهي اسان مهلت ڏنا وياسون. اسين پوئتي رکيا وياسون.

سمجهاڻي: نوفل بن الهذلي چيو تہ : عبدالرحمان بن عوف ﷺ اسان جو همنشين هو. مجلس ۾ گڏ ويهندو هو. حضرت عبدالرحمان بن عوف جي ڪنيت ابو محمد آهي. زهري، قريشي آهي ڏهن (عشره مبشره) جنت جي بشارت ڏنلن مان هڪ هو اسلام آڻڻ ۾ قديم هو. حبشہ ۽ مدينہ منوره جي هجرت ڪئي هيائين. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن سان سيني جهادن ۾ شريڪ هو. احد جي جنگ ۾ نهايت همٿ ۽ جوان مردي جو ثبوت ڏنو هيائين. ڪيس احد جي جنگ ۾ ويهہ زخم پهتا هئا. ۽ ان جنگ ۾ سندس هڪ ٽنگ ختم ٿي وئي هئي. . عام الفيل (هاٿين جي لشڪر سان ابره جي طرفان ڪعبہ شريف تي حملي واري) سال کان ڏهہ سال پهريان پيدا ٿيو هو. ۽ سن 32 هہ ۾ مدينہ منوره ۾ وفات ڪئي هيائين. جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو سندس عمر 72 سال هئي. علامہ البيجوري لکيو آهي تہ حضرت عبدالرحمان بن عوف ﷺ جي حق ۾ مقولو هوندو هو "نعمَ الجَليسُ عبدالرحمٰن" (عبدالرحمان ڀلو مجلسي آهي) نوفل بن الهذلي ٻڌايو تہ اسين هڪ ڀيري ان سان گڏ سندس گهر آياسين پاڻ گهر ۾ غسل خاني ۾ ويجي غسل ڪري فارغ ٿي آيو تہ اسان جي اڳيان گوشت ۽ مانيءَ سان ڀريل وڏو ٿانءُ رکيو ويو اهو رکڻ کان پوءِ حضرت عبدالرحمان بن عوف ﷺ روئڻ لڳو. اسان ان کان روئڻ جو سبب پڇيو تہ ان فرمايو : رسول الله ﷺ جن دنيا کان جدائي فرمائي ويا پر پاڻ ۽ سندن اهل ڪڏهن جوَن جي ماني ڪائي بہ ڍؤ نہ ڪيو هيائون. مان نہ ٿو سمجهان تہ اسان کي ڪنهن ڀلائيءَ جي لاءِ پوئتي ڪيو ويو آهي" مطلب تہ اسان جي لاءِ جيڪا رزق جي وسعت ڪئي وئي آهي ڊپ ٿو ٿئي تہ اهو ڪٿي اسان جي ڪيل نيڪين جو هتي ئي بدلو نہ ٿي وڃي. علامہ بيجوري لکيو آهي تہ "واعلم ان ضيق عيشه ﷺ لم يكن اضطراريا بل كان اختياريا قد عرض عليه بطحاء مكة ان تكون ذهبا فاباها" (۽ ڄاڻ تہ رسول الله ﷺ جن جي مسڪيني اختيار ڪيل هئي اضطراري نہ هئي سندن خدمت ۾ مڪ جا جبل سونا ڪرڻ جي پيش ڪش ڪئي وئي پر پاڻ انڪار ڪيائون. (المواهب ص 640 شرح المناوي ج 2 ص 119) علامہ علي القاري لکيو آهي تہ هن ۾ اهو دليل آهي تہ فقير، صابر، غني، شاڪر کان افضل آهي. (جمع الوسائل ج 2 ص 199) الغرض تہ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان کي اهڙين حالتن ۾ خوف ٿيندو هو تہ خدانخواستہ ان وعيد ۾ نہ داخل ٿيون تہ اوهان پنهنجين نيڪين جو بدلو دنيا ۾ حاصل ڪري چڪا آهيو. جيئن قرآن ڪريم جي آيت "أَذْهَبْتُمْ طَيِّبَاتِكُمْ فِي حَيَاتِكُمُ الدُّنْيَا" (اوهان پنهنجون نيڪيون پنهنجي دنيا واري حياتيءَ ۾ وڃائي چڪا آهيو.)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو الشيخ في اخلاق النبي ﷺ ص 223 {2} ابو نعيم في الحلية ج 1 ص 99 {3} البزار رقم الحديث 3684 {4} كشف الاستار ج 4 ص 366 {1} الهيتمي في مجمع الزوائد ج 10 ص 212.

باب ٽيونجاهون

بَابُ: مَا جَاءَ فِي سِنِّ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ اهي حديثون آهن جيڪي رسول الله ﷺ جي عمر جي متعلق آهن

سمجهاڻي: رسول الله ﷺ جن جي عمر مبارڪ ۾ ٽي قول آهن (1) هڪ سٺ سال (2) ٻيو پنجهٺ سال (3) ٽيون ٽيهٺ سال. مشهور ۽ صحيح قول ٽيون آهي علماء جوان تي اتفاق آهي تہ اهو ئي اصح الاقوال آهي. (جمع الوسائل ج 2 ص 200) محدث ترمذي هن باب ۾ ڇهہ (6) حديثون آنديون آهن.

{379} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ، قَالَ: حَدَّثَنَا رَوْحُ بْنُ عُبَادَةَ، قَالَ: حَدَّثَنَا زَكَرِيَّا بْنُ إِسْحَاقَ، قَالَ: حَدَّثَنَا عَمْرُو بْنُ دِينَارٍ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ: مَكَثَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بِمَكَّةَ ثَلَاثَ عَشْرَةَ سَنَةً يُوحَى إِلَيْهِ، وَبِالْمَدِينَةِ عَشْرًا، وَتُوُفِّيَ وَهُوَ ابْنُ ثَلَاثٍ وَسِتِّينَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابن عباس ﷺ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ (نبوت جي اعلان ڪرڻ کان پوءِ) مڪي شريف ۾ تيرهن سال ۽ مديني شريف ۾ ڏهہ سال رهيا. جن سالن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ ڏانهن وحي ايندو هو. ۽ پاڻ سڳورن ﷺ ٽيهٺ ورهين جي ڄمار ۾ وصال ڪرڻ فرمايو.

مفردات جو شرح: "مَكَثَ" رهيو اقامت اختيار ڪئي. هن جي مصدر مڪث آهي جنهن جي معني، رهڻ، ٽڪڻ آهي.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ حضور ڪريم ﷺ جي پياري سوٽ ۽ صحابي حضرت ابنِ عباس ﷺ کان روايت آهي تہ "رسول الله ﷺ جن (نبوت جي اظهار کان پوءِ) تيرهن سال مڪہ مڪرمہ ۾ رهيا ان دوران سندن مٿان وحي نازل ٿيندو رهيو. ۽ ڏهہ سال مدينہ منوره ۾ رهيا ۽ سندن ظاهري وفات ٽيهٺ (63) سالن جي عمر ۾ ٿي" جمهور محدثن ۽ اهل تاريخ وٽ هي قول وڌيڪ صحيح ۽ معتمد عليہ آهي. علامہ البيجوري لکيو آهي تہ: واتفق العلماء على ان هٰذه الروايات الثلاثة الواردة في قدر عمره ﷺ. (المواهب ص 641)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} رواه البخاري في كتاب مناقب الانصار باب 45 هجرة النبي ﷺ الي المدينة رقم الحديث 3903 ج 7 ص 227 {2} مسلم في كتاب الفضائل باب 33 كم اقام النبي ﷺ بمكة والمدينة رقم الحديث 2351 ج 4 ص 1826 {3} احمد في المسند ج 1 ص 370 {4} ابنِ سعد في الطبقات ج 2 ص 309 {5} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3840 ج 14 ص 54.

{380} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ، قَالَ: حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ جَعْفَرٍ، عَنْ شُعْبَةَ، عَنْ أَبِي إِسْحَاقَ، عَنْ عَامِرِ بْنِ سَعْدٍ، عَنْ جَرِيرٍ، عَنْ مُعَاوِيَةَ، أَنَّهُ سَمِعَهُ يَخْطُبُ قَالَ: مَاتَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَهُوَ ابْنُ ثَلَاثٍ وَسِتِّينَ وَأَبُو

بَكْرٍ وَعُمَرُ، وَأَنَا ابْنُ ثَلاَثٍ وَسِتِّينَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت جرير ﷛ حضرت امير معاويہ ﷛ کان خطبي ۾ چوندي ٻڌو تہ رسول الله ﷺ ٽيهٽ سالن جي ڄمار ۾ وصال فرمايو. حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر ﷛ بہ ٽيهٽ ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي ۽ آءُ بہ ٽيهٽ سالن جو آهيان.

مفردات جو شرح: ڪو نئون لفظ ناهي.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ حضور ڪريم ﷺ جي صحابي حضرت امير معاويہ ﷛ کان بہ سندن عمر مبارڪ 63 سال بيان ٿي آهي ۽ ان سان گڏ اهو بہ بيان ڪيو اٿس تہ حضرت ابو بڪر صديق ﷛ ۽ حضرت عمر فاروق ﷛ بہ 63 سال جي عمر ۾ رحلت فرمائي ۽ هن ڳالهہ ڪرڻ وقت سندس عمر بہ 63 سال هئي پر وفات وقت سندس عمر اسي (80) سال هئي. (انوارِ عوثيہ ص 547) علامہ البيجوري لکيو آهي تہ : سهڻي عمر 63 سال آهي جيڪا رسول الله ﷺ ۽ حضرت ابو بڪر ۽ حضرت عمر ﷛ جي هئي. (۽ حضرت علي ﷛ بہ صحيح روايت موجب 63 سال جي عمر م شهيد ڪيو ويو هو) (المواهب ص 642)

علامہ علي القاري لکيو آهي تہ : حضرت معاويہ ﷛ هن ڳالهہ ڪرڻ سان اميد ڏيکاري تہ "مان بہ هن عمر ۾ وفات ڪيان پر ائين ٿيو ڪونہ ڪيس ان عمر ۾ وفات ڪرڻ جو شوق ڏيکارڻ تي ثواب ملندو چوتہ "مومن جي نيت ان جي عمل کان بہ ڀلي آهي" حضرت محدث ترمذي جو هن روايت آڻڻ مان غرض پهرين روايت جي تائيد ۽ تقويت آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جي عمر مبارڪ ٽيهٽ 63 سال هئي. ۽ ان باري ۾ سندن طبعي اتباع حضرت ابو بڪر ۽ حضرت عمر فاروق ﷛ کي حاصل ٿي هئي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب الفضائل باب 33 رقم الحديث 2352 ج 4 ص 1826 {2} النسائي في كتاب الوفاة من سننه الكبرىٰ كما في التحفة ج 8 ص 45 {3} احمد في المسند ج 4 ص 96 {4} ابنِ سعد في الطبقات ج 2 ص 309.

{381} حَدَّثَنَا حُسَيْنُ بْنُ مَهْدِيٍّ الْبَصْرِيُّ، قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّزَّاقِ، عَنِ ابْنِ جُرَيْجٍ، عَنِ الزُّهْرِيِّ، عَنْ عُرْوَةَ، عَنْ عَائِشَةَ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَاتَ وَهُوَ ابْنُ ثَلاَثٍ وَسِتِّينَ سَنَةً.

بامحاوره ترجمو: حضرت سيده عائشہ صديقہ ﷞ کان روايت آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن جو ٽيهٽ سالن جي عمر ۾ وصال ٿيو.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ ڪا نئين ڳالهہ ناهي سيده عائشہ صديقہ ﷞ کان بہ حضور ڪريم ﷺ جن جي عمر 63 سال روايت ٿي آهي. هن سان اڳين ٻن حديثن جي تائيد ٿي آهي. بعض عارفن صالحن کان نقل ڪيل آهي تہ جڏهن ان جي عمر 63 سال ٿي تہ مرڻ جي لاءِ تياري ڪرڻ لڳو. ۽ اشارو ڏنائين تہ باقي عمر ۾ ان کي مزو نہ ايندو. (جمع الوسائل ج 2 ص 200)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب الفضائل باب 32 رقم الحديث 2349 ج 4 ص 1825 {2} احمد في المسند ج 6 ص 93 {3} ابنِ سعد في الطبقات ج 2 ص 309 {4} ابنِ حبان في صحيحه رقم الحديث 6354 ج 8 ص 101.

{382} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ، وَيَعْقُوبُ بْنُ إِبْرَاهِيمَ الدَّوْرَقِيُّ، قَالاَ: حَدَّثَنَا إِسْمَاعِيلُ بْنُ عُلَيَّةَ، عَنْ خَالِدٍ الْحَذَّاءِ، قَالَ: أَنْبَأَنَا عَمَّارٌ مَوْلَى بَنِي هَاشِمٍ قَالَ: سَمِعْتُ ابْنَ عَبَّاسٍ يَقُولُ: تُوُفِّيَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَهُوَ ابْنُ خَمْسٍ وَسِتِّينَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابن عباس رضي الله عنهما چيو تہ رسول الله ﷺ جن جو وصال پنجهٺ سالن جي عمر تيو.

مفردات جو شرح نئون ناهي.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ حضور ڪريم ﷺ جي عمر مبارڪ 65 سال آئي آهي پر اصح قول جيئن اڳي لکي آيا آهيون. 63 سال وارو آهي. البيجوري لکيو آهي تہ 65 سال چوڻ وارن سنڌن ولادت جي سڄي سال ۽ وفات جي سڄي سال کي شمار ڪيو آهي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب الفضائل باب 33 رقم الحديث 2353 حديث الكتاب 122 ج 4 ص 1827 {2} البيهقي ج 6 ص 207 {3} ابن سعد في الطبقات ج 2 ص 310.

{383} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ، وَمُحَمَّدُ بْنُ أَبَانَ، قَالاَ: حَدَّثَنَا مُعَاذُ بْنُ هِشَامٍ، قَالَ: حَدَّثَنِي أَبِي، عَنْ قَتَادَةَ، عَنِ الْحَسَنِ، عَنْ دَغْفَلِ بْنِ حَنْظَلَةَ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قُبِضَ وَهُوَ ابْنُ خَمْسٍ وَسِتِّينَ. قَالَ أَبُو عِيسَى: وَدَغْفَلٌ لاَ نَعْرِفُ لَهُ سَمَاعًا مِنَ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَكَانَ فِي زَمَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ رَجُلاً

بامحاوره ترجمو: حضرت دغفل بن حنظلہ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن جي وصال جي وقت عمر مبارڪ پنجهٺ سال هئي.

مفردات جو شرح: "قُبِضَ" وفات ڪرايا ويا. "خَمْسٍ وَسِتِّينَ" پنجهٺ سال.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ حبيب ڪريم ﷺ جن جي عمر مبارڪ 65 سال آئي آهي پر هن ۾ دغفل نالي راوي لاءِ شمائل جي مصنف محدث ترمذي خود فيصلو ڏنو آهي تہ: اهو رسول الله ﷺ جي زماني مبارڪ ۾ هو پر ان جي رسول الله ﷺ جن سان ملاقات ثابت ناهي ۽ ان جي ڪانئن حديث ٻڌڻ بہ ثابت ناهي. علامہ مناوي بہ لکيو آهي تہ "لم يثبت انه اجتمع به" هن جو رسول الله ﷺ جن سان گڏ تيڻ ملڻ ثابت ناهي. ان جي ڪري سندس قول اعتقاد جي قابل ناهي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} البخاري في التاريخ الكبير ج 2 ص 255 شمائل جي محشي علامہ زمزلي لکيو آهي تہ هن روايت جي سند ضعيف آهي. هن جي راوي حسن جي دغفل کان حديث ٻڌڻ ثابت ناهي ۽ بخاري التاريخ الكبير ۾ آندو آهي تہ: دغفل بن حنظله رسول الله ﷺ جن کي پهتو ئي نہ هو. امام احمد کان پڇيو ويو تہ دغفل حضرت نبي ڪريم ﷺ جي صحبت ڪئي هئي تہ ان فرمايو: ڪٿان صحبت ڪئي هوندائين؟ اهو تہ نسب جي علم جو ڄاڻو هو. ابن سعد بہ فرمايو تہ "نبي ڪريم ﷺ جن کان نہ ٻڌو هيائين. ابن ابي خيثمہ بہ ائين فرمايو آهي. (حاشية زمزلي ص 472 حاشيه 384.)

{384} حَدَّثَنَا إِسْحَاقُ بْنُ مُوسَى الأَنْصَارِيُّ، قَالَ: حَدَّثَنَا مَعْنٌ، حَدَّثَنَا مَالِكُ بْنُ أَنَسٍ، عَنْ رَبِيعَةَ بْنِ أَبِي عَبْدِ الرَّحْمٰنِ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ، أَنَّهُ سَمِعَهُ يَقُولُ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَيْسَ بِالطَّوِيلِ الْبَائِنِ، وَلاَ بِالْقَصِيرِ، وَلاَ بِالأَبْيَضِ الأَمْهَقِ، وَلاَ بِالآدَمِ، وَلاَ بِالْجَعْدِ الْقَطَطِ، وَلاَ بِالسَّبِطِ، بَعَثَهُ اللهُ تَعَالَى عَلَى رَأْسِ

أَرْبَعِينَ سَنَةً، فَأَقَامَ بِمَكَّةَ عَشْرَ سِنِينَ، وَبِالْمَدِينَةِ عَشْرَ سِنِينَ، وَتَوَفَّاهُ اللهُ عَلَى رَأْسِ سِتِّينَ سَنَةً وَلَيْسَ فِي رَأْسِهِ وَلِحْيَتِهِ عِشْرُونَ شَعْرَةً بَيْضَاءَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت ربيعة بن ابو عبدالرحمان ﷺ چيو تہ مون حضرت انس بن مالک ﷺ کي چوندي ٻڌو تہ رسول الله ﷺ جن جو قد مبارک نہ تمام ڊگهو هوءِ نہ بندرو پر وچولي قد وارا ڊگها هئا. پاڻ سڳورا ﷺ نہ صفا اڇا سفيد هئا ۽ نہ ڪڪ رنگا پر وٽندڙ اڇاڻ ۾ ڳاڙهاڻ مليل رنگ جا تمام حسين هئا. سندن وار مبارک نہ تمام گهنڊيدار هئا ۽ نہ تمام بلڪل سڌا, پر ڪجھ سهٽا گهنڊيدار هئا. الله ﷻ پاڻ سڳورن ﷺ کي چاليهن سالن جي ڄمار ۾ نبوت جي اعلان ڪرڻ جو امر فرمايو ان کان پوءِ پاڻ ڏھ سال مڪي شريف ۾ ڏھ سال مديني منوره ۾ رهيا. سٺ سالن جي ڄمار ۾ سندن وصال ٿيو. ان وقت سندن مٿي ۽ سونهاري مبارک ۾ ويھ وار بہ اڇا ڪونہ هئا.

سمجهاڻي: هن حديث جي مفردات جو شرح ، سمجهاڻي ۽ کهڙن محدثن آندي آهي سڀ ڪجھ هن ڪتاب جي حديث نمبر 1 ۾ لکي آيا آهيون. محدث ترمذي هن کي هتي وري صرف ان لاءِ آندو آهي جو هن ۾ حضور ڪريم ﷺ جي عمر مبارک سٺ سال مذڪور آهي.

{385} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ، عَنْ مَالِكِ بْنِ أَنَسٍ، عَنْ رَبِيعَةَ بْنِ أَبِي عَبْدِ الرَّحْمٰنِ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ، نَحْوَهُ

سمجهاڻي: هيءَ روايت بہ مذڪور روايت وانگر آهي جنهن کي محدث ترمذي تائيد طور آندو آهي.

باب چوونجاهون

بَابُ: مَا جَاءَ فِي وَفَاةِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هن باب ۾ اهي حديثون آهن
جيڪي رسول الله ﷺ جي رحلت جي متعلق آيل آهن

سمجهاڻي: وفات وفي تخفيف سان جي معنيٰ آهي. وفات ڪرڻ، زندگيءَ جو وقت ڏنل پورو ڪرڻ حلاوة المتعلمين جي صاحب علامہ محمد عاقل لکيو آهي تہ: هي لفظ يا عربن جي قول "و في فلانا" کان ورتل آهي يعني ان کي ان جو حق ڏنائين. مراد آهي تہ ان کي الله ﷻ سندس حياتي جو حق عطا ڪرڻ فرمايو. هن باب ۾ رسول الله ﷺ جي دنيا تان رحلت واري بيماري جي ڪيفيت ۽ سندن وصال مبارڪ جو ذڪر آهي. سمجهڻ گهرجي تہ: انبياء عظام عليهم الصلواة والسلام جي مٿان هڪ لمحي جي لاءِ موت جي ڪيفيت طاري ٿيندي آهي. "اِنَّکَ مَیِّتٌ وَاِنَّهُمْ مَیِّتُوْنَ" وارو وعدو سچو ٿيندو آهي ان کان پوءِ کين اها ئي جاوداني زندگي، دنياوي حسي حياتي ملندي آهي. علامہ جلال الدين سيوطي پنهنجي ڪتاب "انباء الاذكياء بحيواة الانبياء" (علیٰ نبینا وعلیهم الصلوۃ والسلام) ۾ لکيو آهي تہ "متواتر احاديث ۽ قطعي علم سان نبي ڪريم ﷺ ۽ ٻين نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي زندگي اسان جي (اهل السنة والجماعت) علماء وٽ ثابت آهي جيئن امام مسلم پنهنجي صحيح ۾ حضرت انس ﷜ کان روايت آندي آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن معراج واري رات حضرت موسيٰ علی نبینا وعلیه الصلواة والسلام وٽان لنگهيا تہ: اهو پنهنجي قبر مبارڪ ۾ بيٺي نماز پڙهي رهيو هو ۽ اها حديث ابو نعيم بہ آندي آهي. بيهقي لکيو آهي تہ "انبياء عظام علی نبینا وعلیهم الصلواة والسلام جي وصال کان پوءِ سندن زندگي ثابت ڪرڻ جي لاءِ دلائل موجود آهن. حضرت ابو هريره ﷜ کان معراج جي واقعي ۾ روايت آهي تہ: حضور ڪريم ﷺ جن نبين علی نبینا وعلیه الصلوٰة والسلام جي جماعت مان هر هڪ سان مليا ۽ انهن حضور ڪريم ﷺ سان ۽. حضور ڪريم ﷺ انهن سان گفتگو ڪئي. حضرت نبي ڪريم جن حضرت موسيٰ، حضرت عيسيٰ، حضرت ابراهيم علی نبینا وعلیهم الصلوٰة والسلام کي نماز پڙهندي ڏٺو ۽ وري انهن سيني کي نماز پڙهايائون. شيخ تقي الدين سبڪي لکيو آهي تہ: انبياء علهيم الصلوٰة والسلام ۽ شهداء جي زندگي بعينہ دنياوي زندگي حياتيءَ وانگر آهي ۽ ان جي لاءِ حضرت موسيٰ علی نبینا وعلیه الصلوٰة والسلام جو قبر مبارڪ ۾ نماز پڙهڻ ڪافي ثبوت آهي جڏهن تہ نماز پڙهڻ جي لاءِ جسم ضروري آهي ۽ معراج واري رات ۾ سموريون صفتون انبياء ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام ۾ ڪلي طور موجود هيون. تنهنڪري انهن جي حياتي ثابت آهي. حضرت علامہ علي القاري "الدرة المضيئة في الزيارة المصطفوية" ۾ لکيو آهي: تہ هنن حديثن مان معلوم ٿي ويو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن هميشہ جي لاءِ زندهہ آهن." علامہ ايوب پشاوري لکيو آهي تہ "اسين هن ڳالهہ تي يقين رکون ٿا تہ حضور ڪريم ﷺ جن زندهہ آهن ۽ سندن پاڪ جسم زمين

ڪائي نہ ٿي سگهي ۽ ٻيا سڀ انبياء (علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام) بہ اهڙي طرح زندهہ آهن. پوءِ ثابت ٿيو تہ محبوب مڪرم ﷺ جن جي وجود مبارڪ ۾ وفات ڪان پوءِ بہ ڪا تبديلي نہ ٿي آهي ۽ پنهنجي قبر مبارڪ ۾ دنيا وانگر زندهہ آهن. بعض حضرات لکيو آهي تہ انبياء عظام علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام جي زندگي شهيد وانگر آهي، مگر حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي "اشعة اللمعات" ۾ لکيو آهي تہ: نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي حياتي متفق عليه آهي ڪنهن ڪي بہ ان ۾ اختلاف ناهي. انهن جي حياتي جسماني، حقيقي، دنياوي آهي، روحاني، معنوي حياتي ناهي جيئن شهيدن جي هوندي آهي. مشڪواة جو اردو ۾ شرح لکندڙ مظاهر حق جي صاحب ص 456 جلد اول تي لکيو آهي "۽ حديث جي آخري حصي جو مطلب هي آهي تہ: انبياء (عليهم الصلوٰة والسلام) قبرن ۾ زندهہ آهن. اهو مسئلو متفق عليه آهي. ڪنهن ڪي بہ ان ۾ اختلاف ناهي تہ انهن جي حياتي حقيقي، جسماني دنيا جهڙي آهي. معنوي روحاني ناهي جيئن شهداء جي هوندي آهي. تحفة الفحول ۾ محدث محمد ايوب پشاوري لکيو آهي تہ: شيخ محمد عابد السندي مسند امام اعظم جي شرح ۾ لکيو آهي تہ: علماء هن ڳالهہ تي اتفاق ڪيو آهي تہ: نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي زيارت ڪندڙن ڪي سڃاڻن ٿا انهن ڏانهن ڏسن ٿا انهن ڪان با خبر آهن بسا اوقات الله ﷻ ڪين زيارت ڪندڙن جي دل جي خبر بہ ڏيندو آهي ۽ جنهن ڪي هيءَ حضوري حاصل ٿئي ٿي اهو هر ڪمال سان مزين هوندو آهي. خلاصه الوفا ۾ علامہ سمهودي ابن جوزي ڪان نقل ڪيو آهي تہ ابن مسيب فرمايو. (جڏهن يزيد مدينه منوره تي حملو ڪرايو) ان رات مان نبوي مسجد ۾ اڪيلو هوس نماز جي وقت جي خبر ڪانہ ٿي پئي) پر جڏهن بہ نماز جو وقت ٿيندو هو تہ رسول الله ﷺ جي مزار شريف مان اذان جو آواز ايندو هو ۽ جماعت جي لاءِ تڪبير لڳندي هئي. اهي ٻڌي پوءِ مان بہ نماز پڙهندو هوس." (انوار غوثيه ص 553، 554)

علامہ ابنِ حجر مڪي لکيو آهي تہ: جڏهن تہ موت طبعي طور نا پسند هوندو آهي. تڏهن هر نبي ﷺ کي رحلت ڪرڻ ڪان اڳ ۾ اختيار ڏنو ويندو هو. جيئن "صحيح بخاري" ۾ ام المومنين سيده عائشه صديقه رضي الله عنها ڪان روايت آهي تہ "جڏهن رسول الله ﷺ جن صحت سان هئا فرمايو هيائون تہ "اِنَّهٗ لَمْ يُقْبَضْ نَبِيٌّ قَطُّ حَتّٰى يَرىٰ مَقْعَدَهٗ مِنَ الْجَنَّةِ ثُمَّ يُحْيٰى وَيُخَيَّرُ" يقينن ڪوبہ نبي ڪڏهن بہ روح قبض نہ ڪيو ويندو آهي تانجو پنهنجي جاءِ جنت ۾ ڏسي ان ڪان پوءِ حياتي لاءِ اختيار ڏنو ويندو آهي. ۽ امام احمد روايت آندي آهي تہ: رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: "اُوْتِيْتُ مَفَاتِيْحَ خَزَائِنَ الْاَرْضِ وَالْخُلْدِ ثُمَّ الْجَنَّةِ فَخُيِّرْتُ بَيْنَ ذَالِكَ وَبَيْنَ لِقَاءِ رَبِّيْ وَالْجَنَّةِ فَاخْتَرْتُ لِقَاءَ رَبِّيْ وَالْجَنَّةَ" مون وٽ زمين جي خزانن ۽ هميشہ رهڻ ۽ ان ڪان پوءِ جنت جون ڪنجيون آنديون ويون پوءِ مون کي ان ۽ منهنجي رب جي ديدار ۽ جنت جي وچ ۾ اختيار ڏنو ويو مون رب جي ديدار ۽ جنت کي اختيار ڪيو) ۽ محدث عبدالرزاق روايت آندي آهي تہ "خُيِّرْتُ بَيْنَ اَنْ اُبْقٰى حَتّٰى اَرَا مَا يُفْتَحُ عَلٰى اُمَّتِيْ وَبَيْنَ التَّعْجِيْلِ فَاخْتَرْتُ التَّعْجِيْلَ" مون کي تيستائين باقي رهان جو منهنجي امت تي فتوحات ٿيندي اها (ظاهري طرح بہ) ڏسان ۽ جلد اچڻ تي هلڻ ۾ اختيار ڏنو ويو. پوءِ مون جلد هلڻ کي اختيار ڪيو ۽ روايت ۾ آهي تہ "حضور ڪريم ﷺ جن جي روح کي قبض ڪيو ويو ان ڪان پوءِ کين سندن جنت وارو مقام ڏيکاريو ويو وري سندن روح کي واپس ڪري پوءِ کين اختيار ڏنو ويو." المسند ۾ ام المؤمنين سيده عائشہ رضي الله عنها ڪان روايت آهي تہ "رسول الله ﷺ جن

فرمائيندا هئا ته "هر نبي جو روح قبض ڪري ان کي ان جو ثواب ڏنو ويندو آهي ان کان پوءِ ان جو روح واپس جسم ۾ آڻي ان کي اختيار ڏنو ويندو آهي ته جنت ۾ داخل ٿئي. (ام المومنين رضي الله عنها فرمايو ته) مان اها ڳالهه دل ۾ رکندي هيس ۽ مان کين پنهنجي پاڪ سيني تي ٽيڪ ڏياريو ويٺي هيس ته سندن پاڪ ڪنڌ لڙي پيو ۽ مون چيو ته سندن روح قبض ڪيو ويو آهي. (ام المومنين رضي الله عنها فرمايو ته: پوءِ مون کي سندن اڳيون فرمان ذهن ۾ آيو ۽ مون سندن پاڪ چهري ڏانهن نهاريو ته پاڻ مٿي نهاري نظر مبارڪ ڪنيائون مون سمجهيو ته هاڻي اسان کي اختيار نه ڪندا ۽ پاڻ فرمائڻ لڳا "الرَّفِيْقَ الْاَعْلٰى" مون کي رفيق اعليٰ سان جنت ۾ رهڻ پسند آهي انهن سان گڏجن تي الله جل جلاله نعمت ڪئي آهي نبين، شهيدن، صالحن سان گڏ ۽ اهي ئي سهڻا رفيق آهن.

دنيا تان رحلت جو پيغام: حضور ڪريم ﷺ جن کي سندن دنيا تان رحلت جو پهريون پيغام (سورة) "اِذَا جَاءَ نَصْرُاللهِ" جي نازل ٿيڻ سان محسوس ٿيو. ان سورة مان مراد آهي ته الله جل جلاله اوهان جي لاءِ شهر فتح ڪرائيندو ۽ ماڻهو الله جل جلاله جي دين ۾ ٽولن جا ٽولا داخل ٿيندا. اوهان جو دنيا تان انتقال ويجهو ٿي ويو آهي پوءِ الله جل جلاله جي ديدار لاءِ حمد، استغفار سان تيار ٿيو ۽ جيڪو رسالت ۽ نبوت جي ذريعي تبليغ جو حڪم ڪيا ويا آهيو ان مان مراد کي حاصل ڪيو." ان جي ڪري اهو قول به آهي ته اها سورة نازل ٿيڻ ۾ آخري سورة آهي. جو اها حجة الوداع ۾ ذوالحج جي ڏهين تاريخ منيٰ ۾ نازل ٿي هئي ۽ هڪ قول مطابق پاڻ ان جي نزول کان پوءِ ايڪاسي 81 ڏينهن ظاهري زندگي سان رهيا ۽ ابن ابي حاتم وٽ ان کان پوءِ نوَ راتيون رهيا ۽ هڪ قول مطابق ست ۽ ٻئي قول مطابق ٽي راتيون رهيا ۽ ابو يعليٰ جي روايت آهي ته اها سورة ايام التشريق جي وچ ۾ نازل ٿي هئي ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن سمجهيو ته اهو دنيا تان رحلت جو پيغام آهي ۽ دارمي حضرت ابنِ عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته "جڏهن سوره "طٰه" نازل ٿي ته نبي ڪريم ﷺ جن سيده فاطمه رضي الله عنها کي سڏي فرمايو ته "مون کي دنيا تان رحلت جو پيغام اچي چڪو آهي" ته ان روئي ڏنو. وري پاڻ کيس فرمايائون ته "تون نه رو تون ئي اول مون وٽ اچڻ واري آهين" ته ان کلي ڏنو. الحديث ۽ طبراني حضرت ابنِ عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته "جڏهن سوره "طٰه" نازل ٿي ته حبيب ڪريم ﷺ جن ان کي دنيا تان رحلت جو پيغام سمجهي آخرت جي امر لاءِ وڏي جدوجهد شروع ڪئي ۽ سندن دنيا تان رحلت واري سال ۾ جبريل کين ٻه ڀيرا قرآن ڪريم پڙهي ٻڌايو ۽ پاڻ ويهه ڏينهن اعتڪاف ۾ ويٺا هئا ۽ انهن کان اڳ ۾ جبريل کين هڪ ڀيرو قرآن ڪريم پڙهي ٻڌائيندو هو ۽ پاڻ ڏهه ڏينهن اعتڪاف ۾ ويهندا هئا.

احد جي شهيدن تي نمازِ جنازه: بخاري ۽ مسلم روايت ڪئي آهي ته: رسول الله ﷺ جن اٺن سالن کان پوءِ احد واري جنگ ۾ شهيد ٿيلن تي جنازه جي نماز پڙهي جڻ ته پاڻ جيئرن ۽ رحلت ڪري ويلن کان الوداع ڪري رهيا هئا. انکان پوءِ منبر تي ويهي فرمايائون. "اِنِّيْ بَيْنَ اَيْدِيْكُمْ فَرَطٌ وَاَنَا عَلَيْكُمْ شَهِيْدٌ وَاِنَّ مَوْعِدَكُمُ الْحَوْضُ وَاِنِّيْ لَاَنْظُرُ اِلَيْهِ وَاَنَا فِيْ مَقَامِيْ هٰذَا وَاِنِّيْ قَدْ اُعْطِيْتُ مَفَاتِيْحَ خَزَائِنِ الْاَرْضِ وَاِنِّيْ لَسْتُ اَخْشٰى عَلَيْكُمُ الشِّرْكَ وَلٰكِنِّيْ اَخْشٰى عَلَيْكُمُ الدُّنْيَا اَنْ تَتَنَافَسُوْا فِيْهَا" (يقينًا مان اوهان کان اڳتي هلي اوهان جو اڳواڻ آهيان ۽ مان اوهان جي مٿان شاهد آهيان ۽ اوهان سان ملڻ جو وعدو حوض (ڪوثر) تي آهي ۽ مان پنهنجي هن مقام ۾ رهندي اهو ڏسي رهيو آهيان ۽ بلاشڪ مان زمين جي خزانن جون ڪنجيون ڏنو ويو آهيان

۽ مون کي اوهان ۾ شرڪ ڪرڻ جو خوف ناهي ۽ پر مان اوهان تي دنيا جي محبت ۾ ڦاسڻ جو خوف رکان ٿو“ ۽ ڪين دنيوي آخري عمر ۾ دنيا تان رحلت ڪرڻ جو پيغام ملندو رهندو هو. پاڻ جڏهن حجة الوداع ۾ خطاب فرمايو هيائون ته ماڻهن کي چيو هيائون ”خُذُوا عَنِّي مَنَاسِكَكُمْ فَلَعَلِّيْ لَا اَلْقَاكُمْ بَعْدَ عَامِيْ هٰذَا“ (مون کان پنهنجي حج جا احڪام سکي وٺو شايد مان اوهان سان پنهنجي هن سال کان پوءِ نه ملان“ ۽ ماڻهن سان الوداعي ملاقات ڪرڻ لڳا ۽ ماڻهن به چيو ته ”هي سندن الوداع وارو حج آهي“ ۽ اتاهين موٽندي الجحفة نالي مقام تي پاڻيءَ واري کوهه تي خطاب ڪندي فرمايو هيائون. ”اي انسانو! مان اوهان جهڙو انسان آهيان عنقريب مون وٽ منهنجي رب جو قاصد ايندو مان ان کي قبول ڪندس“ ان کان پوءِ الله ﷻ جي ڪتاب کي مضبوطي سان وٺڻ جو حڪم فرمايائون ۽ پنهنجي اهل بيت (سان ڀلائي ڪرڻ) جي وصيت ڪيائون ۽ مدينه منوره ۾ پهچڻ کان پوءِ ٿوري عرصي ۾ سندن صحت نه رهي ۽ ان ئي بيماري ۾ دنيا مان روانا ٿيا. دارمي آندو آهي ته پاڻ ان حال ۾ منبر تي تشريف فرما ٿيا جو سندن مٿي مبارڪ تي پٽي ٻڌل هئي ان کان پوءِ فرمايائون (جيئن بخاري ۽ مسلم آندو آهي) ته ”الله ﷻ جو قسم جنهن پنهنجي ٻانهي کي اختيار ڏنو آهي ته: يا دنيا جي تازگي اختيار ڪري يا جيڪو الله ﷻ وٽ ان جي لاءِ آهي اهو اختيار ڪري“ اهو ٻڌي (حضرت) ابوبڪر ﷛ روئي ڏنو ۽ عرض ڪيائين ته ”يا رسول الله ﷺ ! اسان جا پيئر ۽ مائرون اوهان تان قربان وڃن“ حضرت ابو سعيد خدري ﷛ فرمايو ته: اسين عجب ۾ پياسون ۽ ماڻهن چيو ته هن پوڙهي کي ڏسو. رسول الله ﷺ جن هڪ ٻانهي جي خبر ڪئي آهي ته: الله ﷻ ان کي، اختيار ڏنو آهي ته ”دنيا جي تازگي اختيار ڪري يا جيڪو ان لاءِ الله ﷻ وٽ آهي اهو اختيار ڪري“ ۽ هي وري روئي چوي پيو ته ” اسان جا پيئر ۽ مائرون اوهان تان قربان “ ابو سعيد خدري ﷛ فرمايو ته ”پوءِ اسان سمجهيو ته اختيار ڏنل ٻانهو حضور ڪريم ﷺ جن هئا ۽ ابو بڪر صديق ﷛ اسان کان وڌيڪ علم وارو هو. پوءِ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو ته ”مون تي صحبت ۽ مال جي لحاظ سان ماڻهن مان وڌيڪ احسان ڪندڙ ابو بڪر آهي جيڪڏهن مان زمين (وارن) مان ڪنهن کي خليل بنايان ها ته ابوبڪر کي خليل بنايان ها پر اسلام جي ڀائپي (قائم) آهي مسجد ۾ اچڻ جي لاءِ هر ننڍو دروازو بند ڪيو وڃي مگر ابو بڪر جو دروازو (بند نه ڪيو وڃي)

مسلم شريف جي روايت ۾هيئن وڌيڪ آيو آهي ته: اهو سندن وصال واري رات کان پنج راتيون پهريان هو“

حضرت ابوبڪر ﷛ وڌيڪ سمجهدار هو: هن ارشاد ۾ به صراحت آهي ته حضرت ابو بڪر امت مان سيني کان وڌيڪ رسول الله ﷺ جي مقصدن کي ڄاڻندڙ آهي چوته سندن هن اشاري کي صرف ان هڪ سمجهيو هو جو روئي چئي رهيو هو ته: ”اسان جا پيئر ۽ مائرون اوهان تان قربان“ پوءِ رسول الله ﷺ جن کيس تسڪين ڏيڻ جي لاءِ منبر تي تشريف فرما ٿي سيني ماڻهن کي سندن فضيلت ٻڌائي ۽ سندس خدمتن کي احسان ۽ ٿورو قرار ڏئي سندس خلافت ڏي اشارو ڪيو هيائون جو فرمايائون ته: ٻيا ننڍا دروازا بند ڪيو ابو بڪر جو دروازو کليل رکو. چوته اڳواڻ (خليفو) مسجد ۾ رهڻ ۽ ان ۾ اچڻ جي لاءِ وڌيڪ محتاج هوندو آهي ان کان پوءِ هن معنيٰ ۽ مراد کي نماز پڙهائڻ جو حضرت ابو بڪر صديق ﷛ کي امر ڪري تاڪيدي بنايائون جو پاڻ ٻاهر نڪري فرمايائون ته: ابو

بڪر کي امر ڪيو تہ ماڻهن کي نماز پڙهائي." ۽ ان کي نماز پڙهائڻ جو متولي بنايائون. اهو ئي سبب هو جو حضرت ابوبڪر ﷛ جي خلافت جي بيعت ڪرڻ وقت صحابہ ڪرام عليهم الرضوان فرمايو هو تہ "رسول الله ﷺ جن ان کان اسان جي دين (نماز پڙهائڻ) جي لاءِ راضي ٿيا تہ اسين ان کي دنيوي اڳواڻ بنائڻ جي لاءِ بہ راضي آهيون ۽ سندن ذات کي بيماري جي تڪليف ڪهڙي ام المومنين ﷟ جي گهر کان شروع ٿي ان ۾ مختلف قول آهن. هڪ سيده ميمونہ ﷟ جي گهر ۾ "(2) سيده زينب ﷟ جي گهر ۾ (3) سيده ريحانہ ﷟ جي گهر ۾. ۽ پاڻ ڪيترا ڏينهن بيمار رهيا ان ۾ بہ مختلف قول آهن.(1) ڏهہ ڏينهن (2) تيرهين ڏينهن ۽ اهو اڪثر علماء جو قول آهي (3) چوڏهن ڏينهن ۽ صحيح بخاري ۾ آهي تہ: جڏهن رسول الله ﷺ جن جي طبيعت بيمار رهڻ جي ڪري ڳري ٿي ۽ سور شديد ٿيو تہ ٻين گهروارين کان موڪل وٺي سيده عائشه صديقه ﷟ جي گهر ۾ رهيا ان دوران پاڻ پهريان حضرت ابو بڪر کي گهرائي ان جي لاءِ ڪجھ لکرائڻ جو ارادو ڪيائون پر وري فرمايائون تہ "الله ﷻ ابوبڪر کان سواءِ (ٻين جي لاءِ پهرين خلافت جو) انڪار ڪري ٿو" لکڻ جي ضرورت ئي ناهي. سندن بيماري جي شروعات مٿي جي سور ۽ بخار سان ٿي هئي ۽ بخاري ۾ ام المومنين عائشہ صديقہ ﷟ کان روايت آهي تہ "پاڻ پنهنجي پاڪ وجود تي پاڻي گهڻو وجهرايو هيائون" جو ان ۾ زهر ۽ سحر کي دفع ڪرڻ جو اثر آهي. پاڻ فرمايو هيائون تہ "خيبر ۾ ڏنل زهر جو اثر مان هميشہ محسوس ڪندو رهيو آهيان ۽ هاڻي اهو منهنجي پاڪ ساهہ واري رڳ وڍي رهيو آهي" ۽ حضرت ابنِ مسعود ﷛ وغيره کان روايت آهي انهن فرمايو تہ: رسول الله ﷺ جن زهر مان رحلت ڪرڻ جي ڪري شهيد ٿي رحلت ڪئي هئي." (اشرف الوسائل ص 559, 563)

علامہ علي القاري لکيو آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن ربيع الاول مهيني ۾ سومر جي ڏينهن سن يارهن هجري ۾ وفات فرمائي. هڪ قول مطابق ٻي تاريخ هئي ۽ ٻئي قول مطابق ٻارهين تاريخ هئي. اڪثر علماء جو اهو قول آهي. ۽ محدثن جي هڪ جماعت پهرئين قول کي ترجيح ڏني آهي ڇوتہ ٻارهين تاريخ واري قول تي اعتراض وارد ٿين ٿا ۽ جامع ترمذي ۾ روايت آهي تہ: نبي ڪريم ﷺ جن جي ولادت بہ سومر جي ڏينهن ٿي تہ بعثت بہ سومر جي ڏينهن ٿي ۽ مڪ مڪرمہ مان هجرت بہ سومر جي ڏينهن ٿي ۽ مدينہ ۾ داخلا بہ سومر جي ڏينهن ٿي تہ دنيا تان رحلت بہ سومر جي ڏينهن ٿي.

علامہ موصوف اڳتي هلي ساڳيون روايتون آنديون آهن جيڪي علامہ ابنِ حجر مڪي جون آندل ۽ هن کان اڳي لکي آيا آهيون ۽ آخر ۾ لکيو اٿس تہ: حضرت نبي ڪريم ﷺ جن دنيا تان رحلت ڪرڻ کان پهريان پنج راتيون نبوي مسجد ۾ ٻاهران اچڻ وارا دروازا حضرت ابوبڪر صديق ﷛ جي دروازي کان سواءِ سڀ بند ڪرايا هيا ۽ هن ۾ حضرت ابوبڪر صديق ﷛ جي افضليت، مرتبي جي علو، دوستي جي حقدار هجڻ، ۽ ان جي خلافت جي برحق هجڻ جو ثبوت آهي ۽ ان وقت پاڻ حضرت ابوبڪر صديق ﷛ جي لاءِ خلافت لکڻ جو ارادو بہ فرمايو هيائون پر الله ﷻ جو اهو فيصلو هو جيڪو ضرور ٿيڻو هو ۽ مومن بہ ان کان انڪار ڪري نہ سگهندا ان جي ڪري نہ لکيائون ۽ سندن مٿان بخار جي شدت جي ڪري پاڻي واري کلي ٽنگيل هئي جنهن سان سندن مٿان پاڻيءَ جا ڦڙا ٽمي رهيا هئا ۽ پاڻ فرمائي رهيا هئا تہ "وڏي ۾ وڏي تڪليف نبين (عليهم الصلوة والسلام) تي ايندي آهي

ان کان پوءِ جيکي انهن کي ويجها هوندا آهن انهن کان پوءِ اهي جيکي انهن کي ويجها هوندا آهن" ۽ حضرت ابن مسعود وغيره رضي الله عنهم فرمائيندا هئا تہ خيبر ۾ کاڌل زهر واري گوشت جي زهر جي اثر اٿلڻ جي ڪري پاڻ ﷺ شهيد بہ آهن. (جمع الوسائل ج 2 ص 203)

محدث ڪانڌلوي لکيو آهي تہ: مورخن جو اتفاق آهي تہ: نبي اکرم ﷺ جو وصال سومر جي ڏينهن ٿيو هو. پر تاريخ ڪهڙي هئي ان ۾ اختلاف آهي اڪثر تاريخدانن جو قول آهي تہ 12 تاريخ ربيع الاول جي هئي. پر ان تي نهايت قوي اعتراض پيدا ٿئي ٿو: اهو هي آهي تہ: سن ڏهہ هجري جي نائين ذالحج جي تاريخ جنهن ۾ رسول الله ﷺ جن حج جي لاءِ عرفات ڏانهن تشريف فرما هئا اهو جمعي جو ڏينهن هو ۽ ان ۾ نہ محدثن جو اختلاف آهي نہ تاريخدانن جو. حديث جي روايت ۾ بہ ڪثرت سان ان جي تصريح آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن جو حج 9 ذوالحج جمعي جي ڏينهن ٿيو هو. ان کان پوءِ ذوالحج، محرم ۽ صفر ٽئي مهينا ڪٺي ٽيهن ڏينهن جا ٿين يا اوڻٽيهن ڏينهن جا يا بعض مهينا ٽيهن ڏينهن جا ۽ بعض اوڻٽيهن جا الغرض ڪنهن صورت ۾ بہ 12 ربيع الاول سومر جي ڏينهن نہ ٿي هئي. ان جي ڪري بعض محدثن ان قول کي ترجيح ڏني آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جي رحلت ٻہ ربيع اول ۾ ٿي هئي. محبوب ڪريم ﷺ جن جي بيمار ٿيڻ جي ابتداء مٿي جي سور سان ٿي هئي. ان ڏينهن پاڻ ام المومنين سيده عائشه صديقه رضي الله عنها جي گهر هئا. ان کان پوءِ ام المومنين سيده ميمونہ رضي الله عنها جي نمبر هجڻ جي ڪري ان جي گهر آيا هئا ۽ اتي اچان بہ تڪليف ۾ واڌارو آيو پر ان حالت ۾ بہ پاڻ ازواج مطهرات جي نمبر کي پورو ڪندا رهيا پر جڏهن اچان تڪليف ۾ واڌارو آيو تہ سندن خواهش مطابق ٻين سيني پيارين کين ام المومنين سيده عائشه صديقه رضي الله عنها وٽ رهڻ جو اختيار ڏنو. ان جي ڪري پاڻ ان سائڻ وٽ رهيا ۽ اتيئي سندن وصال ٿيو. بيمار رهڻ جي ڪل مدت 12 يا 14 ڏينهن هئي منجهند جي وقت سندن وصال ٿيو هو ۽ ان ۾ ڪوبہ اختلاف ناهي تہ سندن وصال سومر جي ڏينهن منجهند جو ٿيو هو ان جي خلاف جيڪڏهن ڪا روايت ملي تہ ان جي توجيہ ڪئي ويندي. (خصائل نبوي ص 355,254) هن باب ۾ چوڏهن 14 حديثون آهن.

{386} حَدَّثَنَا أَبُو عَمَّارٍ الْحُسَيْنُ بْنُ حُرَيْثٍ، وَقُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ، وَغَيْرُ وَاحِدٍ قَالُوا: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ بْنُ عُيَيْنَةَ، عَنِ الزُّهْرِيِّ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ: آخِرُ نَظْرَةٍ نَظَرْتُهَا إِلَى رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَشْفُ السِّتَارَةِ يَوْمَ الِاثْنَيْنِ، فَنَظَرْتُ إِلَى وَجْهِهِ كَأَنَّهُ وَرَقَةُ مُصْحَفٍ وَالنَّاسُ خَلْفَ أَبِي بَكْرٍ، فَأَشَارَ إِلَى النَّاسِ أَنِ اثْبُتُوا، وَأَبُو بَكْرٍ يَؤُمُّهُمْ وَأَلْقَى السِّجْفَ، وَتُوُفِّيَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِنْ آخِرِ ذَلِكَ الْيَوْمِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کي آخري ڀيرو ان وقت ڏٺو. جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ سومر جي ڏينهن پنهنجي حجري جي دريءَ تان پردو هٽايو ۽ مون سندن مُنهن مبارڪ ڏي ڏٺو ڄڻ تہ قرآن شريف جو (سهڻو روشن) ورق آهي. ان وقت اصحاب سڳورا حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جي پٺيان نماز پڙهي رهيا هئا. اصحابي سڳورا حضور ڪريم ﷺ جن جي ديدار ڪرڻ لاءِ خوشي مان پوئتي هٽڻ لڳا تہ پاڻ سڳورن ﷺ اصحابن سڳورن کي اشارو ڪيو تہ ويٺا رهن. حضرت ابو بڪر رضي الله عنه انهن جي امامت پي ڪرائي ۽ پاڻ پردو ڏئي ڇڏيائون ۽ انهيءَ

ڏينهن پوئين پهر وصال ڪيائون.

مفردات جو شرح: "نَظْرَةٍ" هڪ نگاهه. "السِّتَارَةِ" پردو. "يَوْمَ الإِثْنَيْنِ" سومر جو ڏينهن. "مُصْحَفِ" قرآن مجيد. "السِّجْفَ" دروازي جو پردو. بعض علماء فرمايو ته "السجف" ان پردي کي چوندا آهن جنهن جا ٻه ٽڪرا هجن جيئن دروازي جا ٻه تاڪ هوندا آهن.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ حضرت انس بن مالڪ ﷺ فرمايو آهي ته: مون رسول الله ﷺ جو آخري ديدار ان وقت ڪيو جڏهن پاڻ سومر جي ڏينهن پردو هٽائي نمازين کي ڏسي رهيا هئا. اهو ڏسڻ به ام المومنين سيده عائشه صديقه ﷺ جي گهر مان هو. "كَأَنَّهُ وَرَقَةُ مُصْحَفٍ" چڻ ته اهو قرآن مجيد جو ورق هو" اها تشبيه صفائي، سفيدي، روشني، حسن، جمال ۽ هدايت ۾ آهي ۽ هن تشبيه جو حاصل هي آهي ته: سندن منهن مبارڪ ڏسڻ سان ائين هدايت حاصل ٿيندي آهي. جيئن قرآن ڪريم سان. چوته سندن منهن مبارڪ سهڻين عادتن جو مظهر ۽ عالي صفات جو جامع آهي. علامه علي القاري ۽ علامه مناوي لکيو آهي ته تشبيه جو سبب حسن، صفائي، جمال جون تجليون آهن ڇوته سندن پاڪ منهن مبارڪ تي رب العزة جل وعلا جي ذاتي جمال جي مشاهدي جا فيوضات واقع هئا.

(جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 204)

البيجوري لکيو آهي ته: جيئن قرآن ڪريم جو ورق الله ﷻ جي ڪلام هجڻ جي حيثيت سان حسي ۽ معنوي انوار تي مشتمل هوندو آهي تيئن حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جو منهن مبارڪ به حسي ۽ معنوي انوار تي مشتمل آهي. "وَالنَّاسَ خَلْفَ أَبِي بَكْرٍ" (۽ ماڻهو (حضرت) ابو بڪر (ﷺ) جي پويان نماز پڙهي رهيا هئا.. يعني فجر جي نماز ۾ ماڻهو سندس پويان نماز پڙهي رهيا. انهن جڏهن حبيب ڪريم ﷺ جن کي ڏٺو ته سندن ديدار جي خوشي ۾ نماز ۾ پوئتي ٿيڻ لڳا ۽ محراب ڏانهن جاءِ ڏيڻ جي لاءِ تيار ٿيا. "فَأَشَارَ إِلَى النَّاسِ أَنِ اثْبُتُوا" پوءِ ماڻهن ڏانهن اشارو ڪيائون ته: ثابت رهو يعني نماز ۾ قائم رهو نماز نه پڇوءِ صف به نه ٽوڙيو. "وَأَبُوبَكْرٍ يَؤُمُّهُمْ" ۽ (حضرت) ابوبڪر (ﷺ) امامت ڪندو رهيو." ان پردي هٽڻ کي ڪونه ڏٺو. ۽ اها امامت به حضرت نبي ڪريم ﷺ جي امر سان ڪري رهيو هو جو پاڻ فرمايو هيائون ته "مُرُوا أَبَا بَكْرٍ فَلْيُصَلِّ بِالنَّاسِ" ابوبڪر (ﷺ) کي چئو ته ماڻهن کي نماز پڙهائي ۽ حضرت ابوبڪر ﷺ کي الله ﷻ جي حبيب ڪريم ﷺ فيض سان دين ۾ مضبوطي ۽ استحڪام عطا فرمايو هو ۽ پاڻ يقين جي ان مقام تي فائز هو جنهن تي ٻيو پهچي نه سگهيو. هي اهو ئي سومر جي ڏينهن جو آخري نظارو هو جنهن تي حضور ڪريم ﷺ جن هي اندازو لڳايو ته شرعي نظام قائم ٿي چڪو آهي ۽ سندن قديمي رفيق حضرت ابوبڪر صديق ﷺ سندن نائب هجڻ جو حق ادا ڪري رهيو آهي ۽ امت جو بار سنڀالي وٺندو ۽ ٿيو به ائين جنهن کي دنيا ڏٺو ته حضور ڪريم ﷺ جن جي دنيا تان (ظاهري) انتقال جو حادثو جنهن جي اڳيان دنيا جا سمورا حادثا نه جي برابر هئا ۽ ان جي پيش ايندي ئي ماڻهن جي مرتد ٿيڻ جو فتنو ۽ ساري دنيا جو مقابلو سامهون آيو پر حضرت ابو بڪر صديق ﷺ مستقل مزاجي جي جبل انهن سيني سان ٽڪر کاڌو ۽ هر ٽڪر ڪائيندڙ کي ذرا ذرا ڪري ڇڏيو. حق هي آهي ته: ان رسول الله ﷺ جي نائب هجڻ جو حق ادا ڪري ڏيکاريو. حضرت عمر فاروق ﷺ جهڙو اسلام جو ٿنيو جو دوست ۽ دشمن سڀ ان جي بهادري، شجاعت ۽ قوت کي

تسليم ڪن ٿا ان نرمي ڪرڻ جي درخواست ڪئي تہ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه ان کي بزدل هجڻ جو طعنو هنيو. علامہ ابن حجر هيتمي مڪي لکيو آهي تہ: بخاري شريف ۾ لکيل آهي تہ مسلمان حضور ڪريم ﷺ جي امر سان سومر جي ڏينهن ڦجر واري نماز حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي پويان پڙهي رهيا هئا تہ اوچتو حضور ڪريم ﷺ جن (ام المومنين سيده) عائشه صديقه رضي الله عنها جي گهر مان پردو هٽائي ظاهر ٿيا. ۽ ڏٺائون تہ اصحاب پلارا نماز جي صفن ۾ هئا تہ پاڻ مرڪندي کليا ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه پوئين پير هٽڻ لڳو تانت صف ۾ بيهي نماز پڙهي ۽ خيال ڪيائين تہ: رسول الله ﷺ جن نماز پڙهڻ جي لاءِ تشريف فرما ٿيا آهن. حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه فرمايو تہ مومنن نماز ٽوڙڻ جو ارادو ڪيو هو تہ حضرت حبيب ڪريم جن اچي رهيا آهن مگر پاڻ انهن کي هٿ مبارڪ سان اشارو ڪيائون تہ: پنهنجي نماز پوري ڪيو ۽ پوءِ حجره مبارڪ ۾ داخل ٿي پردو ڏئي ڇڏيائون. هڪ روايت مطابق ان ڏينهن ئي رحلت فرمايائون. ۽ مسلم شريف جي روايت ۾ حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان آيو آهي تہ: رسول الله ﷺ جن ٽي ڏينهن ٻاهر ڪونہ نڪتا هئا ۽ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه نماز پڙهائيندو رهيو. پوءِ (هڪ ڀيري) پاڻ ڪريمن ﷺ جن (حجره مبارڪ کي ڏنل) پردو کنيو ۽ جڏهن اسان جي لاءِ سندن منهن مبارڪ ظاهر ٿيو تہ اسان اهڙو دل کي وڻندڙ منظر نہ ڏٺو هو جهڙو ان ڏينهن ڏٺوسون ۽ پوءِ پاڻ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ڏانهن اشارو ڪري فرمايائون تہ: اڳيان ٿي نماز پڙهاءِ ۽ اهو (حجره مبارڪ کي ڏنل) پردو هيٺ لاهي ڇڏيائون ۽ مسلم شريف ۾ حضرت انس رضي الله عنه جا هي الفاظ بہ آهن تہ "حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه انهن کي نماز پڙهائيندو رهيو تانجو سومر جو ڏينهن آيو ۽ اهي صحابہ نماز جي صفن ۾ هئا پوءِ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن حجره مبارڪ کي ڏنل پردو پري ڪيو ۽ اسان سندن منهن مبارڪ ڏانهن نهاريو تہ ڄڻ قرآن جو ورق هو (۽ نماز جي صفن ۾ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان کي بيٺل ڏسي) پاڻ مرڪي کليا." (الحديث).

حضرت انس رضي الله عنه فرمايو تہ: سندن اهو ديدار اسان جي لاءِ آخري ديدار هو. (اشرف الوسائل ص 565)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب الصلواة باب 21 استخلاف الامام رقم الحديث 419 حديث الكتاب 99 ج 1 ص 315 {2} النسائي في كتاب الجنائز باب 7 الموت يوم الاثنين ج 4 ص 7 {3} ابن ماجه في كتاب الجنائز باب 64 ماجاء في ذكر مرض رسول الله ﷺ رقم الحديث 1624 {4} احمد في المسند ج 3 ص 110 {5} الحميدي في مسنده رقم الحديث 1188 ج 2 ص 501 {6} ابو عوانة في مستخرجه ج 2 ص 118 {7} البيهقي في سننه ج 3 ص 75 {8} ابن حبان في صحيحه رقم الحديث 6586 ج 8 ص 212.

{387} حَدَّثَنَا حُمَيْدُ بْنُ مَسْعَدَةَ الْبَصْرِيُّ، قَالَ: حَدَّثَنَا سُلَيْمُ بْنُ أَخْضَرَ، عَنِ ابْنِ عَوْنٍ، عَنْ إِبْرَاهِيمَ، عَنِ الْأَسْوَدِ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: كُنْتُ مُسْنِدَةً النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِلَى صَدْرِي - أَوْ قَالَتْ: إِلَى حِجْرِي - فَدَعَا بِطَسْتٍ لِيَبُولَ فِيهِ، ثُمَّ بَالَ، فَمَاتَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ نبي ڪريم کي آءُ پنهنجي سيني يا جهولي ۾ ٽيڪ ڏئي ويٺي هيس پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ پيشاب ڪرڻ لاءِ هڪ ٿانءُ گهرايو ۽ ان ۾ پيشاب ڪيو

پوءِ (ڪجھ دير بعد دعا گھرندي گھرندي) پاڻ سڳورن ﷺ جو وصال ٿي ويو. (نبي سائين تي الله ﷻ جون رحمتون ۽ سلام هجن!)

مفردات جو شرح: "مُسْنِدَةٌ" ٽيڪ ڏئي وهاريندڙ. "حِجْرِ" هنج. "طَسْتٍ" ٿالهي، ٽامي جو ٿانءُ جنهن ۾ هٿ وڌو ويندو آهي. "صدر" سينو.

سمجهاڻي: هن روايت مان معلوم ٿيو تہ: ام المومنين سيده عائشه صديقه ﷞ جي فضائل مان هي بہ آهي تہ: نبي ڪريم ﷺ جن جي ظاهري زندگيءَ جون آخري گھڙيون بہ ان ڪي خدمت نصيب ٿي ۽ آقا ﷺ جن ان ڪي ان لمحات سان نوازيو. بخاري شريف جي روايت ۾ آهي تہ ام المومنين عائشه صديقه ﷞ فرمايو: " تُوُفِّيَ فِي بَيْتِي وَفِي يَوْمِي بَيْنَ سَحْرِي وَنَحْرِي" (پاڻ منهنجي گھر ۾ منهنجي نمبر واري ڏينهن ۾ منهنجي هينين ڇاڙي مبارڪ ۽ هار جي جاءِ مبارڪ جي وچ ۾ سندن مٿو مبارڪ هو تہ وفات فرمايائون. (المواهب ص 649) **سبحان الله ثم سبحان الله! ڇا سيده جو شان آهي جو محبوب ڪريم ﷺ جن جو روح مبارڪ سندن هنج مبارڪ مان پرواز ڪري پروردگار پاڪ سان وڃي مليو.**

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} **البخاري في ڪتاب الوصايا باب 1 رقم الحديث 2741 ج 5 ص 356** {2} **مسلم في ڪتاب الوصية باب 5 رقم الحديث 1636 ج 3 ص 1257** {3} **النسائي في ڪتاب الطهارة باب 29 البول في الطست ج 1 ص 32** {4} **ابن ماجه في ڪتاب الجنائز باب 64 رقم الحديث 1626** {5} **احمد في المسند ج 6 ص 32** {6} **ابن سعد في الطبقات ج 2 ص 260.**

{388} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ، قَالَ: حَدَّثَنَا اللَّيْثُ، عَنِ ابْنِ الْهَادِ، عَنْ مُوسَى بْنِ سَرْجِسَ، عَنِ الْقَاسِمِ بْنِ مُحَمَّدٍ، عَنْ عَائِشَةَ، أَنَّهَا قَالَتْ: رَأَيْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَهُوَ بِالْمَوْتِ وَعِنْدَهُ قَدَحٌ فِيهِ مَاءٌ، وَهُوَ يُدْخِلُ يَدَهُ فِي الْقَدَحِ ثُمَّ يَمْسَحُ وَجْهَهُ بِالْمَاءِ، ثُمَّ يَقُولُ: اللَّهُمَّ أَعِنِّي عَلَى مُنْكَرَاتِ - أَوْ قَالَ عَلَى سَكَرَاتِ الْمَوْتِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت سيده عائشہ صديقہ ﷞ کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ کي وصال ڪرڻ وقت ڏٺو تہ وٽن هڪ پيالو رکيل هو ان ۾ پاڻي هو. تنهن وقت پنهنجو هٿ مبارڪ پيالي ۾ ٻوڙي، پنهنجي منهن مبارڪ کي لڳائي چون پيا تہ: " **اي منهنجا الله ﷻ! موت جي سختين يا موت جي سڪرات تي منهنجي مدد ڪر!**".

مفردات جو شرح: "وَعِنْدَهُ" ۽ ان وٽ. "قَدَحٌ" پاڻي پيئڻ جو پيالو. "يَمْسَحُ " مکي رهيا هئا.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ حبيب ڪريم ﷺ جا الفاظ مبارڪ آهن تہ: "اَللّٰهُمَّ اَعِنِّي عَلٰى مُنْكَرَاتِ الْمَوْتِ اَوْ سَكَرَاتِ الْمَوْتِ" (اي منهنجا الله ﷻ منهنجي موت جي نا پسند ڪيفيتن يا موت جي سڪرات ۾ مدد ڪر) هنن لفظن جي وضاحت ڪندي علامہ البيجوري لکيو آهي تہ "مُنْكَرَاتِ الْمَوْتِ" مان مراد روح نڪرڻ وقت سختي واري ڪيفيت آهي ڇو تہ ان مهل اهڙيون تڪليفون وارد ٿين ٿيون. يا منڪرات" جي جاءِ تي سڪرات لفظ فرمايو هيائون ۽ ان مان مراد سختين جي بحر ۾ ٻڏڻ آهي پر حضور ڪريم ﷺ جن جو پنهنجي پاڪ ذات جي لاءِ اظهار صرف ظاهري لحاظ سان هو. نہ تہ سندن درجات، مقامات ارفع ۽ اعليٰ آهن سندن شان ۽ ڪمالات جي ترقي واضح آهي. سندن بيمار هجڻ جي حالت ۾ ٽي ڏينهن جبريل سندن خدمت ۾ ايندو ۽ عرض ڪندو رهيو تہ: الله ﷻ اوهان جي اڪرام ۽ اعزاز جي لاءِ

مون کي اوهان جي طبع پرسي جي لاءِ موڪليو آهي حالانڪ مون کان بہ وڌيڪ ان کي اوهان جي طبيعت جو علم آهي ۽ ٽئي ڏينهن جبريل امين عليہ السلام اجان طبع پرسي ڪري رهيو هو تہ "پاڻ کي ڪيئن ٿا سمجهو" ملڪ الموت سندن روح مبارڪ کي پرواز ڪرائڻ جي لاءِ دروازي تي حاضر ٿي اجازت گهري پوءِ پاڻ اجازت ڏنائون ۽ ملڪ الموت پنهنجي خدمت ادا ڪئي. (روح کي پرواز ڪرايو) (المواهب ص 650) علامہ علي القاري لکيو آهي تہ : انهن لفظن مان مراد آهي تہ يا الله جَلَّ جَلَالُهُ! منهنجي مدد ڪر تہ مان موت جي سختين ۽ شدتن. سڪرات جي ڪيفيتن ۾ مشغول رهڻ جي بجاءِ تنهنجي ذات جي قدسي حضور ۾ تو سان انس کان خالي نہ رهان (نہ تہ ڪين قطعي طور سڪرات جي شدت ۽ ڏپ ۽ پرواهہ نہ هئي پاڻ يقينن جنتي پر جنت جا مالڪ هئا ۽ آهن) ۽ بخاري شريف ۾ سيده عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ : مون وٽ منهنجو ڀاءُ عبدالرحمان ان حال ۾ آيو جو مان حضرت حبيب ڪريم ﷺ کي ٽيڪ ڏياريو ويٺي هيس ۽ منهنجي ڀاءُ وٽ تازو ڏندڻ هو. حضور ڪريم ﷺ جن ان ڏانهن نهاري رهيا هئا (تہ مان سمجهي ويس تہ پاڻ ڏندڻ ڏيڻ گهرن ٿا) مون ڀاءُ کان اهو ڏندڻ وٺي ڏوئي پاڻ چٻاڙي نرم ڪري ڪين ڏنو ۽ پاڻ ڏندڻ ڏنائون ۽ اڳي ڪڏهن بہ اهڙي نموني سهڻي طرح ڏندڻ نہ ڏنو هيائون. ۽ ان روايت ۾ هي بہ آهي تہ : هيءَ مون تي الله جَلَّ جَلَالُهُ جي نعمت هئي جو منهنجي زبان کي لڳل آلاڻ ان ڏندڻ جي ذريعي رسول الله ﷺ جي پاڪ زبان جي آلاڻ سان ملي ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ اهو ڏندڻ ڪجيءَ جي ٽاريءَ مان هو ۽ عقيلي جي روايت ۾ آهي تہ سيده عائشه صديقه رضي الله عنها فرمايو تہ نبي ڪريم ﷺ جن مون کي حڪم ڪيو تہ آلي ڪاٺيءَ جو ڏندڻ گهراءِ ۽ اهو چٻاڙي مون کي ڏي تہ مان بہ ان کي چٻاڙيان ۽ تنهنجي منهنجي زبان وارو پاڻي پاڻ ۾ ملي وڃي ۽ مسند امام اعظم ۾ آهي تہ ان وقت حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ :"اِنِّي رَاَيْتُ بِيَاضَ كَفِّ عَائِشَةَ فِي الْجَنَّةِ" (مون عائشہ جي هٿ جي تري جي سفيدي (چمڪار) جنت ۾ ڏٺي) (جمع الوسائل ج 2 ص 207)

علامہ ابنِ حجر هيتمي مڪي لکيو آهي تہ رسول الله ﷺ جن کي سڪرات جي ڪيفيت جو ڏپ ڪيئن ٿيندو حالانڪ سندن (غلام صحابي حضرت) بلال رضي الله عنه تي جڏهن دنيا تان رحلت واريون گهڙيون آيون ۽ اتي موجود ڪنهن ماڻهو چيو تہ " وَاكَرْبَاهُ" اي ڏک جون گهڙيون. تہ حضرت بلال رضي الله عنه فرمايو :" وَاطَرَبَاهُ غَدًا اَلْقَى الْاَحِبَّةَ مُحَمَّدًا وَّصَحْبَهُ" (اي خوشي جو مقام! مان سڀاڻي حضرت محمد ﷺ ۽ ان جي اصحابن رضي الله عنهم سان ملاقات ڪندس " جڏهن حضرت بلال رضي الله عنه جو هي مقام آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جو پنهنجي مالڪ وٽ ڇا مقام هوندو؟ (اشرف الوسائل ص 568) المقصد تہ : حضور ڪريم ﷺ جن ان دعا سان امت کي تعليم ڏني تہ : موت جي سڪرات جي آسان ٿيڻ جي لاءِ دعا گهرجي. ۽ هي حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي نهايت ثابت ۽ استقلال طبع جو دليل آهي جو ان وقت بہ پنهنجي پاڪ پرورَ سان تعلقات ۾ مضبوط رهيا.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي في عمل اليوم والليلة باب ما يقول عند الموت رقم الحديث 1093 ص 588 {2} ابن ماجه في كتاب الجنائز باب 64 ماجاء في ذكر مرض رسول الله ﷺ رقم الحديث 1717 {3} احمد في المسند ج 6 ص 64 {4} الحاكم في المستدرک ج 2 ص 465

{389} حَدَّثَنَا الْحَسَنُ بْنُ الصَّبَاحِ الْبَزَّازُ، قَالَ: حَدَّثَنَا مُبَشِّرُ بْنُ إِسْمَاعِيلَ، عَنْ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ بْنِ الْعَلَاءِ، عَنْ أَبِيهِ، عَنِ ابْنِ عُمَرَ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: لَا أَغْبِطُ أَحَدًا بِهَوْنِ مَوْتٍ بَعْدَ الَّذِي رَأَيْتُ مِنْ شِدَّةِ مَوْتِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

بامحاوره ترجمو: حضرت سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ آءٌ ڪنهن جي سهنجي موت تي ريس نہ ڪندي آهيان. جڏهن کان مون رسول الله ﷺ جي وصال جي وقت سختي ڏٺي آهي.

مفردات جو شرح: "أَغْبِطُ" مان ڪنهن سان ريس نہ تي ڪيان. هي الغبطة کان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي سهڻو حال، خوشي رشڪ. ۽ هتي اها آخري معنيٰ مراد آهي ان جي ٻي معنيٰ آهي ٻئي جي مرتبي ۽ مال جي آرزو ڪرڻ پر ٻئي وٽان ان جي وڃڻ يا ختم ٿيڻ جي سوچ نہ رکڻ. جيڪڏهن ٻئي کان زوال جي خواهش ڪندو تہ ان کي حسد چيو ويندو. "هَوْنِ" آساني، نرم، سولو.

سمجهاڻي: ڪتاب لغات الحديث جي صاحب باب غين جلد 4 ص 8 تي لکيو آهي تہ: معلوم ٿيو تہ موت جي سختي سٺي شيءِ آهي تڏهن تہ حبيب ڪريم ﷺ جن تي اها ڪيفيت آئي اها ام المومنين سيده عائشه صديقه رضي الله عنها جي راءِ هئي. حالانڪ سندن مٿان ڪا اهڙي زياده سختي نہ آئي هئي. بلڪ ملڪ الموت نهايت نرمي سان سندن روح پاڪ کي پرواز ڪرايو ٿي ۽ ان جو دليل هي آهي تہ: پاڻ ڪا پريشاني نہ ڏيکاريائون صرف پنهنجي پاڪ پيشاني تي پاڻي مکيندا رهيا ۽ رحلت ڪرڻ تائين نماز جي وصيت فرمائيندا رهيا ۽ آخري ڪلمہ پاڻ هي فرمايائون "اَللّٰهُمَّ اَلْحِقْنِی بِالرَّفِيْقِ الْاَعْلٰی" (يا الله! مون کي اعليٰ رفيق سان شامل فرماءِ.) (انوارِ غوثيه ص 559) علامہ علي القاري لکيو آهي تہ: اها شدت روح پرواز ڪرڻ کان ڪجهه وقت اول تي هئي ان وقت کي وفات جا مقدمات سڏيو ويندو آهي عين سڪرات جي وقت نہ هئي ۽ صحيح روايت ۾ آهي تہ پاڻ دعا گهري هيائون تہ: "اَسْئَلُ اللهَ الرَّفِيْقَ الْاَعْلٰى مَعَ السَّعِيْدِ جِبْرِيْلَ وَ مِيْكَالَ وَاِسْرَافِيْلَ" الله جل جلاله کان اعليٰ رفيق ٿو گهران نهايت نيڪ بخت جبريل ۽ ميڪائيل ۽ اسرافيل جي رفاقت) النهاية ڪتاب جي صاحب علامہ ابن الاثير لکيو آهي تہ: الرفيق مان مراد نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي جماعت آهي جيڪي جنت جا ساڪن آهن ۽ ٻيو قول آهي الرفيق مان مراد الله آهي جيڪو پنهنجن ٻانهن سان مهربان آهي ۽ ڪن جو قول آهي تہ "الرفيق الاعليٰ" مان مراد حضرة القدس آهي ۽ بيهقي دلائل النبوة ۾ ڏگهي حديث آندي آهي جنهن ۾ آهي تہ: جڏهن سندن ظاهري زندگي ۾ ٽي ڏينهن بچيا تہ سندن خدمت ۾ جبريل آيو ۽ اچي عرض ڪيائين تہ: پاڻ کي ڪيئن ٿا سمجهو؟ نبي پاڪ ﷺ جن ان کي جواب ۾ فرمايو تہ "مغموم ۽ ڏکويل آهيان" ان کان پوءِ سندن خدمت ۾ ٻئي ڏينهن ۽ ٽئي ڏينهن بہ آيو ۽ اهو پڇندو رهيو ۽ پاڻ جواب ڏيندا رهيا ان کان پوءِ (ٽئي ڏينهن) کين عرض ڪيائين تہ ملڪ الموت ٻاهر آيو آهي اوهان کان اندر اچڻ جي موڪل ٿو گهري ۽ ان اوهان کان سواءِ نہ اڳين مان ڪنهن کان موڪل گهري آهي نہ پوين کان گهرندو" پوءِ رسول الله ﷺ جن ان کي موڪل ڏني ۽ اهو سندن اڳيان بيهي عرض ڪرڻ لڳو تہ اوهان کي اختيار آهي اجازت ڏيو تہ روح کي پرواز ڪرايان نہ ڏيو ۽ هتي هميشہ رهو تہ بہ مرضي وارا آهيو.

جبريل کين عرض ڪيو تہ: "يَا مُحَمَّدُ اِنَّ اللهَ قَدِ اشْتَاقَ اِلٰى لِقَاءِكَ" اي محمد ﷺ الله جل جلاله اوهان جي ملاقات جو اشتياق ظاهر فرمايو آهي) پوءِ پاڻ ان کي روح پرواز ڪرائڻ جي موڪل ڏنائون ۽ ان

روح کي پرواز ڪرايو ۽ جڏهن روح پرواز ڪيو ۽ تعزيت ٿي تہ : گهر جي ڪنڊ مان آواز ٻڌائون تہ "اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ اَهْلَ الْبَيْتِ" اهلبيتو! اوهان تي سلام آهي. بيهقي ڏگهي تعزيت ذڪر ڪئي آهي. علامہ علي القاري لکيو آهي تہ هن تعزيت جو محدث نووي حديث جي ڪتابن ۾ انڪار ڪيو آهي ۽ الحافظ العراقي فرمايو تہ : صحيح ناهي ۽ ان اهو بہ ذڪر ڪيو آهي تہ : جيڪو ابن ابي الدنيا هن سلسلي ۾ ڊگهو ذڪر ڪيو آهي ان جي سندن ۾ انقطاع آهي ۽ ان ۾ گفتگو آهي ۽ جيڪو ملڪ الموت جو اچڻ بيهقي ذڪر ڪيو آهي ان جو مثال طبراني بہ آندو آهي. علامہ علي القاري لکيو آهي تہ : مان چوان ٿو تہ : هن روايت جو اصل ثابت آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ بہ هن جي سَنَد حسن آهي يا ضعيف چئو تہ بہ محدثن جو اتفاق آهي تہ ضعيف سَنَد واري روايت فضائل ۾ مقبول آهي ۽ الله ﷻ جي اشتياق جي معنيٰ آهي الله ارادو فرمايو آهي تہ : اوهان کي پنهنجي اصل مقام ڏانهن واپس آڻي دنيا مان ڪيڍي پنهنجي قرب جي زيادتي ۽ ڪرامت اوهان کي عطا ڪري. جيئن روايت ۾ وارد آهي تہ : "مَنْ اَرَادَ لِقَاءَ اللهِ اَرَادَ اللهُ لِقَائَه" جنهن الله ﷻ جي ديدار جو ارادو ڪيو تہ الله بہ ان جي ملاقات جو ارادو ڪندو. هن ۾ اهم تنبيهہ آهي تہ الله ﷻ ۾ سهڻو گمان رکڻ واجب آهي جيئن ٻي روايت ۾ آيو آهي تہ "لَا يَمُوْتَنَّ اَحَدُكُمْ اِلَّا وَهُوَ يُحْسِنُ الظَّنَّ بِهٖ فَاِنَّهٗ مِنْ كَمَالِ الْاِسْلَامِ" (اوهان مان ڪوهڪ هرگز نہ مري مگر اهو الله ﷻ ۾ سهڻو گمان رکي بلاشڪ اهو اسلام جو ڪمال آهي ۽ الله ﷻ فرمايو آهي تہ "وَلَا تَمُوْتُنَّ اِلَّا وَاَنْتُمْ مُسْلِمُوْنَ" (۽ هرگز نہ مرو اوهان مگر (ان حال ۾ جو) اوهان مسلمان آهيو. يعني اسلام ۾ ڪامل، فرمانبردار حڪمن کي مڃيندڙ الله، ملڪ، علام جي محبت ۾ خلوص وارا رهندڙ. (جمع الوسائل ج 2 ص 207، 208) علامہ ابنِ حجر مڪي هيتمي مذڪور ڳالهين سان گڏ هي بہ لکيو آهي تہ رسول الله ﷺ جن پنهنجي گفتگو کي "اَللّٰهُمَّ الرَّفِيْقَ الْاَعْلٰى" تي ان جي ڪري ختم ڪيو جو ان ۾ توحيد ۽ قلبي ذڪر آيل آهي ۽ هن ۾ ان طرف بہ اشارو آهي تہ : جنهن جي زبان کي ڪو مانع ذڪر کان روڪي ٿو ۽ ان جو قلب ذڪر سان مشغول آهي تہ اها ڳالهہ ان جي لاءِ نقصان ڏيندڙ ناهي ۽ الرفيق کي مفرد ڪرڻ آندائون جو جنت وارا سڀ هڪ دل تي ان ۾ داخل ٿيندا. " (اشرف الوسائل ص 569) هن روايت ۾ ام المومنين سيده عائشہ صديقہ ؓ جي ارشاد تہ حضور ڪريم ﷺ جن جي رحلت واري وقت جي تڪليف ڏسڻ کان پوءِ هاڻي مون کي ڪنهن ماڻهو جي مرض الموت ۾ تڪليف نہ ٿيڻ تي رشڪ ۽ ريس نہ ٿيندي آهي اهو ان جي ڪري هو جو مرض الموت جي شدت گناهن کي ڪيرائڻ ۽ مرتبن کي بلند ڪرڻ جو سبب هوندي آهي ۽ بيماري جي شدت موت جو پيغام هجڻ جي ڪري استغفار گهڻي پڙهڻ ۽ موت جي لاءِ تياري جو ذريعو هوندي آهي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} **البغوي في شرح السنة** رقم الحديث 3832 ج 14 ص 48، 49 {2} **البخاري في كتاب المغازي** باب 83 مرض النبي ﷺ ووفاته رقم الحديث 4446 ج 8 ص 140 {3} **النسائي في كتاب الجنائز** باب 6 شدة الموت ج 4 ص 6، 7 {4} **احمد في المسند** ج 6 ص 64 {5} **ابنِ ماجه في كتاب الجنائز** باب 64 ماجاء في ذكر مرض رسول الله ﷺ رقم الحديث 1622 ج 1 ص 518.

{390} حَدَّثَنَا أَبُو كُرَيْبٍ مُحَمَّدُ بْنُ الْعَلَاءِ، قَالَ: حَدَّثَنَا أَبُو مُعَاوِيَةَ، عَنْ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ بْنِ أَبِي بَكْرٍ وَهُوَ ابْنُ

الْمُلَيْكِيّ، عَنِ ابْنِ أَبِي مُلَيْكَةَ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: لَمَّا قُبِضَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اخْتَلَفُوا فِي دَفْنِهِ، فَقَالَ أَبُو بَكْرٍ: سَمِعْتُ مِنْ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ شَيْئًا مَا نَسِيتُهُ قَالَ: مَا قَبَضَ اللهُ نَبِيًّا إِلَّا فِي الْمَوْضِعِ الَّذِي يُحِبُّ أَنْ يُدْفَنَ فِيهِ. اِدْفِنُوهُ فِي مَوْضِعِ فِرَاشِهِ

بامحاوره ترجمو: حضرت عائشه صديقه ﷺ کان روايت آهي تہ جڏهن رسول الله ﷺ جن جو وصال ٿيو تہ اصحابن سونهارن جو پاڻ سڳورن ﷺ جي دفن ڪرڻ جي جاءِ ۾ اختلاف ٿيو هن تي ابو بڪر ﷺ چيو تہ مون رسول الله ﷺ کان ڳالهہ ٻڌي آهي ان کي نہ وساريو اٿم. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ " الله ﷻ هر نبي جو وصال اتي ڪندو آهي جتي ان نبي کي دفن ٿيڻ پسند هوندو آهي." ان ڪري نبي ڪريم ﷺ کي بستري (وصال ڪرڻ) واري جاءِ تي دفن ڪريو.

مفردات جو شرح: "لَمَّا" جڏهن "قُبِضَ" وفات ڪرايو ويو. "مَا نَسِيتُهُ" مون ان کي نہ وساريو. "اَلْمَوضِع" جاءِ، جڳهہ.

سمجهاڻي: ام المومنين سيده عائشه صديقه ﷺ جو ارشاد تہ " نبي ڪريم ﷺ جي رحلت کان پوءِ سندن پاڪ وجود کي ڪٿي دفن ڪيو وڃي ان ۾ اختلاف ڪيو ويو " يعني ڪنهن جي راءِ هئي تہ کين سندن مسجد ۾، ڪنهن جي راءِ هئي مدينہ منوره جي قبرستان البقيع ۾، ڪنهن جي راءِ هئي تہ کين سندن فرزند حضرت ابراهيم ﷺ جي قبر مبارڪ جي پر ۾ دفن ڪيو وڃي. پوءِ حضرت ابو بڪر صديق ﷺ فرمايو تہ: مون رسول الله ﷺ جن کان هيءَ حديث ٻڌي هئي جنهن کي مون اڃان وساريو ناهي تہ "الله ﷻ نبي کي ان جي جاءِ تي روح پرواز ڪرائيندو آهي جتي ان کي دفن ڪرائڻ پسند ڪندو آهي." تنهنڪري حضور ڪريم ﷺ جن کي بہ اتي دفن ڪيو جتي سندن روح پرواز ڪيو آهي. پوءِ حضرت ابوبڪر صديق ﷺ جي روايت ڪيل اها حديث سيني قبول ڪئي ۽ کين اتيئي دفن ڪيو ويو ۽ جڏهن تہ اها جاءِ حضرت سيده ام المومنين عائشه صديقه ﷺ جو حجره هئي تہ ثابت ٿيو تہ الله ﷻ کي ام المومنين جو حجره پيارو هو. ۽ ام المومنين بہ الله ﷻ جي پيارين پانهين مان آهي).

(انوار غوثيه ص 560)

علامہ البيجوري لکيو آهي تہ ان ۾ بہ اختلاف هو تہ کين دفن ڪيو وڃي يا نہ ۽ ڪن جو چوڻ هو تہ کين مڪہ مڪرمہ ۾ دفن ڪيو وڃي ۽ ڪن جو چوڻ هو تہ کين شام ملڪ ۾ حضرت ابراهيم على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام سان گڏ دفن ڪيو وڃي.

سوال: جيڪڏهن هر نبي کي اتي دفن ڪرڻو هو جتي ان جي وفات ٿي تہ پوءِ حضرت موسيٰ على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام حضرت يوسف على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي مصر مان ڪڍائي فلسطين ۾ ڇو دفن ڪيو؟

جواب: اهو ان جي ڪري ٿيو هو جو ان وقت مصر وارن جي حضرت يوسف على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام سان محبت ڪيس ٻاهر فلسطين ڏانهن نہ ڇڏيو يا حضرت موسيٰ على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي ان جي لاءِ خصوصي خداوندي حڪم ٿيو هوندو. ۽ حديث ۾ آهي تہ: حضرت عيسيٰ على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام بہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي پر ۾ سندن روضي اندر خالي جاءِ ۾ دفن ڪيو ويندو جيڪا حضرت ابوبڪر صديق ﷺ ۽ حضرت عمر فاروق ﷺ ۽ حبيب ڪريم ﷺ جي قبر مبارڪ جي وچ ۾ خالي رکيل آهي. (المواهب ص 652) ۽ حضرت عيسيٰ على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام وفات بہ ان جاءِ تي ڪندو. ظاهر

ڳالھ اھا آھي. (جمع الوسائل ج 2 ص 208) ۽ جڏھن تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کان پوءِ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جي ھٿ تي ٿي باقي رھيل سڀ امر پورا ٿيڻا ھئا ان جي ڪري اھڙي قسم جا مسائل بہ خصوصيت سان حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه کي ٿي معلوم ھئا اھڙيون ڪيتريون حديثون آھن جن کي حضرت ابو بڪر صديق روايت ڪري ٿو. نموني طور بہ ٿي حديثون مختصر پيش ڪجن ٿيون {1} ڪنھن نبي جي وفات ان وقت تائين نہ ٿيندي آھي جيستائين امت مان ڪنھن جو مقتدي ٿي نماز نہ پڙھي. {2} زڪواة وصول ڪرڻ واريون روايتون ۽ ان جو نصاب {3} منھنجي گھر (يعني قبر مبارڪ) ۽ منھنجي منبر وارو وچون حصو جنت جي باغن مان ھڪ باغ آھي. {4} انبياء عظام عليھم الصلواۃ والسلام جو ڪو (مالي وارث) نہ ھوندو آھي. {5} الله جل جلاله ڪنھن نبي کي جڏھن کو رزق عطا ڪندو آھي تہ ان جو متولي اھو شخص ٿيندو آھي جيڪو ان نبي علی نبینا وعلیہ الصلوٰۃ والسلام جو خليفو ھوندو آھي. {6} زنا جي حد واري حديث {7} جھاد ۾ مشوري واري حديث {8} دين جو مدار لَاۤ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ (محمد رسول الله) پڙھڻ تي آھي. {9} خلافت جو قريشين ۾ ھجڻ. {10} انصار جا فضائل ۽ انھن جي باري ۾ خيرخواھي جي وصيت {11} چوريءَ جي سزا {12} انصاف ۽ تواضع ڪندڙ بادشاھ زمين تي الله جل جلاله جي (قدرتي) ڇانوَ آھي {13} جيڪو ھي گھري تہ جھنم جي سختي کان محفوظ رھي ۽ الله جل جلاله جي قدرتي ڇانوَ ۾ رھي تہ مومنن تي سختي نہ ڪري، انھن سان رحمدلي وارو برتاءُ ڪري {14} جيڪا قوم جھاد ڇڏي ڏيندي آھي اھا عام عذاب ۾ مبتلا ٿيندي آھي ان کان سواءِ ٻيون ڪيتريون روايتون آھن جن جو تعلق حضور ڪريم ﷺ جي رحلت کان پوءِ وارن انتظامن سان آھي اھي حضرت ابوبڪر صديق روايت ڪيون. ۽ انھن تي عمل ڪري ڏيکاريو. (خصائل نبوي ص 358)

ھيءَ حديث ٻين ھنن محدثن آندي آھي: {1} المروزي في مسند ابي بكر بالمرفوع فقط رقم الحديث 43 ص 80، 81 {2} احمد في المسند ج 1 ص 7 {3} مالك في الموطا في كتاب الجنائز باب 10 ماجاء في دفن الميت رقم الحديث 27 ج 1 ص 231

{391} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ، وَعَبَّاسٌ الْعَنْبَرِيُّ، وَسَوَّارُ بْنُ عَبْدِ اللهِ، وَغَيْرُ وَاحِدٍ قَالُوا: حَدَّثَنَا يَحْيَى بْنُ سَعِيدٍ، عَنْ سُفْيَانَ الثَّوْرِيِّ، عَنْ مُوسَى بْنِ أَبِي عَائِشَةَ، عَنْ عُبَيْدِ اللهِ بْنِ عَبْدِ اللهِ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ، وَعَائِشَةَ، أَنَّ أَبَا بَكْرٍ، قَبَّلَ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَعْدَ مَا مَاتَ.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ۽ حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان روايت آھي تہ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه نبي ڪريم ﷺ جن کي وصال کان پوءِ (سندن پيشاني مبارڪ تي) چمي ڏني.

مفردات جو شرح: "قَبَّلَ" تقبيل کان ورتل ماضي جو صيغو آھي. معنيٰ چمڻ، بوسو ڏيڻ. "بَعْدَ مَا مَاتَ" رحلت ڪرڻ کان پوءِ، انتقال کان پوءِ.

سمجھاڻي: ھن روايت ۾ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن کي سندن رحلت کان پوءِ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جو چمڻ ذڪر ٿيل آھي ۽ اھو چمڻ برڪت حاصل ڪرڻ ۽ پلائي ماڻھن سان گڏ محبت ۽ عقيدت جو اظھار ھو ۽ ھيءَ بہ حبيب ڪريم ﷺ جن جي سنت جي ادائيگي ھئي. جو پاڻ حضرت عثمان بن مظعون رضي الله عنه جي وفات کان پوءِ سندس پيشاني کي چمي ڏني ھيائون. ۽ سندس اکين مان

ڳوڙها وهي ان جي منهن مبارڪ تي پيا هئا. هن مان ثابت ٿيو ته : ميت جي پيشاني چمڻ سنت آهي . (المواهب ص 653) اها چمي سندن ٻن اکين جي وچ تي يا پيشاني پاڪ جي ڪنهن حصي تي هئي. جيئن امام احمد روايت ڪئي آهي ۽ علامه ابن حجر مڪي هيتمي لکيو آهي ته امام احمد روايت آندي آهي ته : حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه حضور ڪريم ﷺ جن جي مٿي مبارڪ واري پاسي کان اچي وات کولي حبيب ڪريم ﷺ جي پيشاني کي چمي چيو "وَانَبِيَّاهُ" هاءِ دلبر نبي! ﷺ وري ٻيو ڀيرو به اهڙي نموني چمي چيو "وَاصَفِيَّاهُ" هاءِ الله جا برگزيده! وري ٽيون ڀيرو چمي چيو. "وَاخَلِيْلَاهُ" هاءِ دوست! ﷺ ۽ ابن ابي شيبه روايت آندي آهي ته: حضرت ابوبڪر پيارو حبيب ڪريم ﷺ جي پيشاني کي چمندي زاروقطار روئي رهيو هو ۽ چئي رهيو هو "بَابِي اَنْتَ وَاُمِّيْ طِبْتَ حَيًّا وَمَيِّتًا" (منهنجو ابو امان اوهان تان قربان! اوهان ظاهري زندگي به پاڪ صاف گذاري ته (دنيا تان رحلت ڪرڻ کان پوءِ) به پاڪ صاف آهيو.

وفات کان پوءِ صالح ٻانهي جي پيشاني چمڻ: علامه موصوف لکيو آهي ته : هن مان ثابت ٿيو ته : صالح ٻانهي جي پيشاني چمڻ مستحب آهي. سمجهڻ گهرجي ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جا مذڪور الفاظ . پار ڪيڻ . ٻي صبري جي ڪري نه هئا پر سندن پيشاني کي چمڻ وقت ظاهري وڇوڙي ۽ جدائي جي ڪري محبت جي جوش ۾ هئا. علامه بيجوري لکيو آهي ته : حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي هن ڪردار مان ثابت ٿيو ته ميت جون سهڻيون صفتون بيان ڪرڻ جائز آهن ان شرط سان ته ان ۾ پار نه ڪيجن. بلڪ اهي صفتون بيان ڪرڻ مستحب آهن ڇوته ائين ڪرڻ خلفاءِ راشدين ۽ ائمه مهتدين جي سنت آهي ۽ اها عالمن دين جي وارثن ۾ ۽ وڏين وڏين محفلن ۽ وڏن اجتماعن ۾ عادت رهي آهي. (جمع الوسائل ج 2 ص 309, المواهب ص 654)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} رواه البخاري في كتاب المغازي باب 83 مرض النبي ﷺ و وفاته رقم الحديث 4455 ج 8 ص 146 {2} النسائي في كتاب الجنائز باب 11 تقبيل الميت ج 4 ص 11 {3} ابنِ ماجه في كتاب الجنائز باب 7 ماجاء في تقبيل الميت رقم الحديث 1548 {4} احمد في المسند ج 6 ص 55 {5} ابنِ حبان في صحيحه رقم الحديث 3029 ج 7 ص 299 {6} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 1471 ج 5 ص 303 {7} البيهقي في سننه ج 3 ص 406.

{392} حَدَّثَنَا بِشْرُ بْنُ هِلَالٍ الصَّوَّافُ الْبَصْرِيُّ، قَالَ: حَدَّثَنَا جَعْفَرُ بْنُ سُلَيْمَانَ، عَنْ ثَابِتٍ، عَنْ أَنَسٍ قَالَ: لَمَّا كَانَ الْيَوْمُ الَّذِي دَخَلَ فِيهِ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ الْمَدِينَةَ أَضَاءَ مِنْهَا كُلُّ شَيْءٍ، فَلَمَّا كَانَ الْيَوْمُ الَّذِي مَاتَ فِيهِ أَظْلَمَ مِنْهَا كُلُّ شَيْءٍ، وَمَا نَفَضْنَا أَيْدِيَنَا مِنَ التُّرَابِ، وَإِنَّا لَفِي دَفْنِهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حَتَّى أَنْكَرْنَا قُلُوبَنَا.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته جنهن ڏينهن رسول الله ﷺ جن (مڪي شريف مان هجرت ڪري) مديني شريف ۾ آيا ته (نبوت جي نور سان) هر شيءِ روشن ٿي وئي. ۽ وري جنهن ڏينهن پاڻ سڳورن ﷺ (هن دنيا مان موڪلايو) يا سندن وصال ٿيو ته مديني شهر جي هر شيءِ ڪارانجي اونداهي ٿي وئي ۽ اسان اڃان سندن قبر مبارڪ جي مٽيءَ مان هٿ ئي نه ڇنڊيا هئا پر دفن ڪرڻ جي ڪم ۾ رُڌل هئاسون ته سندن جدائي ۽ سخت غم جي ڪري. اسان جون دليون ڦري پريشان

تي ويون. يعني اسان جون دليون هيءُ مڃڻ لاءِ تيار نه هيون ته پاڻ سڳورا ﷺ هن دنيا مان هليا ويا آهن.
مفردات جو شرح: "أَضَاءَ" روشن ٿي، چمڪي. اصل اضاءة مصدر کان ورتل آهي جنهن جو مادو ضوء آهي چمڪڻ، روشن ٿيڻ. "اَظْلَمَ" انڌيرو ٿي ويو اونده ڇانئجي وئي، هن جو مادو ظلم آهي جنهن جي اصل معنيٰ آهي، اونداهه ٿيڻ. "نفضنَا" نفض مصدر کان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ ڇنڊڻ، "نَفَضْنَا" جي معنيٰ هٿ ڇنڊياسون.
سمجهاڻي: حضرت انس رضي الله عنه جو هن روايت ۾ بيان آهي ته "جنهن ڏينهن حضور ڪريم ﷺ جن مدينه منوره ۾ داخل ٿيا ته مدينه منوره جو ذرو ذرو سندن نور سان منور ٿي ويو" يعني سندن جمال ڪمال سان شهر مبارڪ جا در ۽ ديوارون بلڪ هر شيءِ چمڪڻ لڳي ۽ روشن ٿي ۽ سڄي شهر کي سندن نور احاطي ۾ آڻي ڇڏيو علامه علي القاري رحمه الله ۽ علامه مناوي رحمه الله لکيو آهي ته: "وفي قوله كل شيء مبالغة لطيفة كان كل شى فى العالم اقتبس النور واخذه من المدينة فى ذالك اليوم والصحيح ان المراد ان كل جزء من اجزاء المدينة اضاء ذالك اليوم وكيف لايضوء له ذالك وقد كانت ذاته كلها نورا وسماه الله نورا فقال سبحانه " قَدْ جَاءَ كُمْ مِنَ اللهِ نُورٌ وَ كِتَابٌ مُّبِيْنٌ" فكان نورا اضاء للعلمين وسراجا منيرا" (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 209)
يعني حديث شريف ۾ جيڪو "كل شيء" لفظ آيو آهي (هر هڪ شيءِ) سو ان جي ڪري جو ڪائنات جي هر شيءِ ان کان روشني حاصل ڪئي ۽ مدينه منوره مان هر ذرو ذرو ان ڏينهن روشن ٿيو ۽ اهو ڪيئن نه ٿيندو حالانڪ سندن پوري ذات نور هئي. ۽ الله جل جلاله کين نور سڏيو آهي الله جل جلاله جو فرمان آهي. " بيشڪ اوهان ڏانهن الله وٽان نور ۽ روشن ڪتاب آيا" ۽ پوءِ پاڻ نور ۽ جهانن کي روشن ڪندڙ ۽ سراج منير، چمڪائيندڙ سج آهن. علامه علي القاري لکيو آهي ته مدينه منوره جو چمڪڻ حسي (اکين سان ڏسڻ ۾ ايندڙ) به هو ته معنوي (دلين کي چمڪائيندڙ) به هو. علامه البيجوري لکيو آهي ته : اى استنار من المدينة المنورة كل شىء نورا حسيا و معنويا لانه ﷺ نور الانوار والسراج الوهاج ونور الهداية العامة ورفع الظلمة التامة ." (يعني مدينه منوره مان هر شيءِ حسي ۽ معنوي نور سان روشن ٿي چوته حضور ڪريم ﷺ جن نورن جا نور، چمڪائيندڙ سج، عام هدايت جا به نور ۽ وڏي بلاء ڪٽي پري ڪرڻ وارا نور آهن) اڳتي حضرت انس رضي الله عنه جو ارشاد آهي "جڏهن اهو ڏينهن ٿيو جنهن ۾ پاڻ رحلت فرمايائون ته "مدينه منوره مان هر شيءِ انڌاري ۾ ڇانئجي وئي" مقصد ته هر شيءِ تي غم جو اهو عالم طاري هو هر هڪ پريشان ۽ مضطرب هو ڄڻ سڄو مدينو انڌاري جي لپيٽ ۾ اچي ويو هو. هن مان ڇا مراد آهي ان ۾ شارحن جا ٻه قول آهن. علامه علي القاري لکيو آهي ته ان مان مراد معنوي انڌيرو آهي. جيئن ڪنهن بزرگ شخصيت جي وفات تي چيو ويندو آهي ته فلاڻو وفات ڪري ويو ته ملڪ اونده ٿي ويو ۽ علامه ابن حجر مڪي فرمايو ته ان مان مراد ظاهر ۾ ڏسڻ ۾ اچڻ وارو انڌيرو هو ۽ اهو سندن معجزو هو" اڳتي حضرت انس رضي الله عنه جو ارشاد آهي " ۽ اسان سندن دفن ڪرڻ کان فارغ ٿي اجان مٽي مبارڪ مان فارغ ئي نه ٿيا هئاسون ته پنهنجين دلين کي اوپرو سمجهڻ لڳاسون" شمائل جي شارح قاضي محمد عاقل لکيو آهي ته "ان مان مراد آهي اسان پسند نه ڪيو ۽ پنهنجين دلين کي چيو ته : اوهان ڪيئن قبول ڪيو جو سندن جسم مبارڪ کي دفن ڪري) ۽ مٿان مٽي لاٿو.

(انوار غوثيه ص 566)

علامہ البيجوري لکيو آهي تہ "اسان پنهنجي دلين جي حال کي اوپرو پريشان سمجهيو سندن وفات کان پوءِ جيڪا اسان جي قلبن ۾ رقت ۽ صفائي هئي ان ۾ تبديلي ۽ تغير اچڻ شروع ٿيو ڇوتہ جيڪا سندن (ظاهري وجود مبارڪ) کان تعليم حاصل ٿي رهي هئي اها ڪٽجي وئي ان جي مراد اها ناهي تہ سندن عقيدن يا ايمان ۾ ڪو تغير آيو هو. (المواهب ص 655) بعض شارحن لکيو آهي تہ حبيب ڪريم ﷺ جن جي جدائي کان صحابن مردن خواه عورتن کي ايڏو صدمو رسيو جو انهن کي روشن ڏينهن بہ ڇڻ ڪاري رات ٿي نظر آئي ۽ اهڙو شديد احساس صحابہ ڪرام رضي الله عنهم جي قلب جي صفائي جو دليل آهي جيئن اڄ بہ اولياء ڪرام جي خدمت ۾ رهڻ وقت دل ۾ صفائي پيدا ٿئي ٿي پر انهن کان جدا ٿيڻ مهل سالڪن کي وڏو فرق محسوس ٿئي ٿو روايت جو مطلب اهو ناهي تہ انهن جي عقيدن ۽ ايمان ۾ بہ فرق آيو هو. حضرت انس ﷺ جي روايت جو مطلب آهي تہ جيڪي سندن صحبت جون برڪتون ۽ انوار اسان تي هر وقت وارد ٿيندا هئا ۽ سندن زيارت فيض بشارت سان قلب جي صفائي ٿيندي هئي ان ۾ فرق اچي ويو. رسول الله ﷺ جن جي رحلت کان بعد قلب جي صفائي لاءِ ذڪر جي ڪثرت، ۽ مراقبن جي ضرورت محسوس ڪئي وئي پر سندن ظاهري زندگيءَ ۾ سندن منهن مبارڪ جي ديدار سان ئي گمراهہ دليون اسلام ايمان ۽ احسان جي نور سان پرنور ٿي وينديون هيون ۽ سندن صحبت جي فيض سان ماڻهو ڪفر، شرڪ ۽ نفساني خواهشون ڦٽيون ڪري هڪ حقيقي معبود، سچي الله ﷻ جا اهڙا پڪا پوڄاري ٿي پيا جو جان، مال ۽ عيال قربان ڪرڻ ۾ ڪا بہ گهٽتائي نہ ڪيائون جيئن تاريخ گواهہ آهي.

(فضائل النبي ﷺ ص 229)

علامہ علي القاري لکيو آهي تہ "اسان دلين کي اوپرو سمجهيو جو مطلب تہ "اسان جي دل نہ چيو تہ سندن مٿان مٽي وراڻ مان فارغ ٿي هٽ ڇنديون ۽ هن احتمال جي تائيد ان روايت سان ٿئي ٿي جيڪا حضرت انس ﷺ کان شرح السنة ۾ آيل آهي تہ ان ڏينهن کين سيده فاطمہ ﷺ فرمايو "يَا اَنَسُ اَطَابَتْ اَنْفُسَكُمْ اَنْ تَحْثُوا التُّرَابَ عَلَى رَسُوْلِ اللهِ ﷺ" (اي انس! ڇا اوهان کي اها ڳالهہ وڻي جو رسول الله ﷺ جن تي مٽي وجهو) ۽ بعض راوين وڌيڪ هيئن بہ آندو آهي تہ "سيده فاطمہ ﷺ رسول الله ﷺ جن جي قبر شريف جي مٽي مبارڪ وٺي پنهنجي اکين تي رکي هي شعر پڙهيا.

مَا ذَا عَلَى مَنْ شَمَّ تُرْبَةَ اَحْمَدَا
اَنْ لَّا يَشُمَّ مُدَى الزَّمَانِ غَوَالِيَا

ان تي ڇا هي جنهن احمد (ﷺ) جي قبر مبارڪ جي) مٽي سُنگهي تہ سڄي زماني جي زندگي (ڀي کابہ) خوشبو نہ سُنگهي.

صُبَّتْ عَلَيَّ مَصَائِبُ لَوْ اَنَّهَا
صُبَّتْ عَلَى الْاَيَّامِ صِرْنَ لَيَالِيَا

منهنجي مٿان اهڙيون مصيبتون پلٽايون ويون آهن جو جيڪڏهن اهي ڏينهن تي پلٽايون وڃن ها تہ اهي راتيون ٿي وڃن ها. (جمع الوسائل ج 2 ص 209)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابنِ ماجه في كتاب الجنائز باب 65 ذكر وفاته و دفنه 5

رقم الحديث 1631 {2} احمد في المسند ج 3 ص 221 {3} الحاكم في المستدرک ج 3 ص 57 ببعضه {4} ابن سعد في الطبقات ج 2 ص 274 {5} ابنِ حبان في صحيحه رقم الحديث 6600 ج 8 ص 218 {6} البغوي في شرح السنة 3834 ج 14 ص 49، 50.

{393} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ حَاتِمٍ، قَالَ: حَدَّثَنَا عَامِرُ بْنُ صَالِحٍ، عَنْ هِشَامِ بْنِ عُرْوَةَ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: تُوُفِّيَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَوْمَ الِاثْنَيْنِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جو وصال سومر جي ڏينهن ٿيو.

مفردات جو شرح: " تُوُفِّيَ" وفات ڪرايا ويا.

سمجهاڻي: سيني محدثن ۽ علماء وٽ رسول الله ﷺ جن جي رحلت سومر جي ڏينهن تي ٿي هئي. علامہ مناوي لکيو آهي. "متفق عليه بين ارباب النقل" مورخين حضرات وٽ ان تي اتفاق آهي. علامہ ابن حجر مکي هيتمي لکيو آهي تہ: اهو ڪچڙي منجهند جو وقت هو ان ئي وقت تي پاڻ هجرت واري ڏينهن مدينہ منوره ۾ داخل ٿيا هئا. (اشرف الوسائل ص 573)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 6 ص 45 {2} ابنِ حبان في صحيحه رقم الحديث 6581 ج 8 ص 210

{394} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ أَبِي عُمَرَ، قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ بْنُ عُيَيْنَةَ، عَنْ جَعْفَرِ بْنِ مُحَمَّدٍ، عَنْ أَبِيهِ قَالَ: قُبِضَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَوْمَ الِاثْنَيْنِ فَمَكَثَ ذَلِكَ الْيَوْمَ وَلَيْلَةَ الثُّلَاثَاءِ، وَدُفِنَ مِنَ اللَّيْلِ. وَقَالَ سُفْيَانُ: وَقَالَ غَيْرُهُ يُسْمَعُ صَوْتُ الْمَسَاحِي مِنْ آخِرِ اللَّيْلِ.

بامحاوره ترجمو: حضرت امام جعفر بن محمد رضي الله عنه پنهنجي پيءُ حضرت امام باقر رضي الله عنه کان روايت ڪئي آهي تہ سومر جي ڏينهن رسول الله ﷺ جن جو وصال ٿيو، پوءِ اهو ڏينهن ۽ اڱاري جي رات (مسلمان سندن ديدار ڪندا ۽ صلواة و سلام پڙهندا رهيا ۽ خلافت جي انتظام جي ڪري ترسڻ بعد ايندڙ رات ۾) ڪين دفن ڪيو ويو. (راوي) حضرت سفيان رضي الله عنه ۽ ٻين چيو تہ امام باقر رضي الله عنه کان سواءِ ٻين روايت ڪئي تہ پوئين رات ڪوڏر لڳڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ پي آيو.

مفردات جو شرح: "مَكَثَ" مکث مصدر کان ورتل آهي. معني رهڻ، رکي ڇڏڻ. "الْمَسَاحِي" هن جو واحد مسحاة آهي. زمين ڪوٽڻ جو اوزار، ڪوڏر.

سمجهاڻي: حبيب ڪريم ﷺ جن جو وصال سومر جي ڏينهن ڪچڙي منجهند جي وقت ٿيو ۽ ان ڏينهن جو باقي حصو ۽ اڱاري جي ڏينهن ماڻهو سندن ديدار ڪندا رهيا. غسل ڏيارڻ ۽ مزار مبارک ۾ لاهڻ جو انتظام ڪندا رهيا مٿن سلام ۽ صلواة پڙهندا رهيا ۽ اربعاء جي اڌ رات جو ڪين مزار مبارک ۾ لاتو ويو جمهور جو قول اهو آهي ۽ هيءَ روايت سند جي لحاظ سان مرسل آهي. (انوارِ غوثيه ص 568)

سوال: حضور ڪريم ﷺ جن کي ايتري دير تائين ڇا لاءِ رکيو ويو؟

جواب: ان جي لاءِ جو ان وچ ۾ صحابہ ڪرام رضی الله عنهم کي ٻيا بہ ڪيترائي انتظام سنڀالڻا هئا جن لاءِ

اجان ڪين گهڻو وقت گهربو هو پر ان نسبت سان حضور ڪريم ﷺ جن کي گهڻو جلد مزار شريف ۾ رکيو ويو. بلڪ ان کان وڌيڪ تڪڙ ڪرڻ ممڪن ئي نه هئي ڇالاءِ ته ڪائنات جي هڪ وڏي ۾ وڏي هستي ۽ شخصيت جي پاڪ جسم کي جنهن وقت فطرتي نظام ۽ قانون موجب هميشه جي لاءِ مزار مبارڪ ۾ رکيو پيو وڃي ان وقت ان عظيم حالت پيش اچڻ جي ڪري ڪيترين اهم ڳالهيون صحابه ڪرام کي پيش آيون. جن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ اهو تمام ٿورو وقت هو ۽ ان حادثي پيش اچڻ وقت ڪيترن ننڍين ۽ وڏن جي هوش ڪم نه ٿي ڪيو. ايتري قدر جو ڪين حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي رحلت ڪرڻ جو يقين ئي نه ٿي آيو پيا ته ڇڏ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جهڙو همت پريو مڙس ۽ مستقل مزاج بهادر پڻ بي اختيار ٿي پيو جنهن کي نيٺ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه کان سواءِ ٻيو ڪير سمجهائي نه سگهيو ان کان سواءِ پيا به ڪيترائي اهم امور درپيش هئا. ان ۾ خاص طور خلافت جي معاملي کي وڏي اهميت هئي. حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي ذات کي ڪٽي رکيو وڃي. ڪپڙن ۾ غسل ڏيڻ جو انتظام، نماز جنازي جي لاءِ جدا جدا ٽولن جي صورت ۾ اچي صلواة ۽ سلام پڙهڻ ۽ ٻاهر نڪرڻ وغيره امور کي خلافت جي ذريعي حل ڪرڻو هو. انهن ڳالهين کي ذهن ۾ رکي صحابه ڪرام هڪ مقبول هستي کي خليفو بنائي ورتو ته ان جي هدايتن تحت اهي معاملا طي ڪيا وڃن. صحابه ڪرام رضي الله عنهم هن کان اڳي ڪنهن به نبي جي وفات يا ان جي تجهيز، تڪفين، غسل ۽ نماز وغيره جو نمونو ڪونه ڏٺو هو پوءِ انهن سيني مسئلن جي حل لاءِ روايات جو ذخيرو گڏ ڪرڻ پڻ هڪ خليفي ۽ امير المومنين جي سربراهي ۾ ان جي فرمانبرداري جي هيئان ممڪن هو ۽ ان سان گڏ مستقبل جو انتظام سنڀالڻ به اهم هو جيڪو حبيب ڪريم ﷺ جي نبوت جو خاص مقصد ۽ اهم فريضو هو. خدانخواسته جي ان موقعي ۾ ڪو نا مناسب امير، حضور ڪريم ﷺ جي اشارن جي برخلاف چونڊيو وڃي ها ته آئنده جي لاءِ اسلام جي ترقي ۽ واڌارو نه ٿئي ها ۽ دين جو ڪم سنڀالڻ تمام مشڪل ٿي پوي ها ۽ وري ان کي ان عهدي تان هٽائڻ نئون فتنو پيدا ڪري ها. پر الحمدلله ﷻ صحابه ڪرام عليهم الرضوان تي رب العزت مجده جون بي حساب رحمتون ۽ اڻ ڪٿ عنايتون هيون جن بروقت ئي نهايت هوشيار ٿي نفساني خواهشات پري رکي متفق ٿي حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جهڙي عظيم مدبر، مجاهد کي خلافت جون واڳون ڏئي اسلام کي عظمت ڏني ۽ ان کي خليفي چونڊڻ کان پوءِ هر ڏکي منزل آسان ٿي وئي. علامه ابن حجر هيتمي مڪي لکيو آهي ته: اصحاب ڪرام رضي الله عنهم کان جيڪڏهن خلافت جو مسئلو طئي نه ٿئي ها ته وڏو فتنو برپا ٿئي ها. (اشرف الوسائل ص 575)

{395} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ بْنُ سَعِيدٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الْعَزِيزِ بْنُ مُحَمَّدٍ، عَنْ شَرِيكِ بْنِ عَبْدِ اللهِ بْنِ أَبِي نَمِرٍ، عَنْ أَبِي سَلَمَةَ بْنِ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ بْنِ عَوْفٍ، قَالَ: تُوُفِّيَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَوْمَ الاِثْنَيْنِ، وَدُفِنَ يَوْمَ الثُّلَاثَاءِ. قَالَ أَبُو عِيسٰى: هٰذَا حَدِيثٌ غَرِيبٌ.

مفردات جو شرح: هن ۾ ڪي نوان لفظ ناهن جن جي مفردات جو شرح لکجي.

بامحاوره ترجمو: حضرت عبدالرحمان بن عوف رضي الله عنه جي فرزند ابو سلمه رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن سومر جي ڏينهن وصال ڪيو ۽ اڱاري جي ڏينهن دفن ڪيا ويا.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ آيو آهي تہ رسول الله ﷺ جن کي اڱاري جي ڏينهن دفن ڪيو ويو ان جو مطلب آهي تہ سندن تدفين جي ڪم جي شروعات اڱاري تي ڪئي وئي پر تدفين کان فراغت اربعاء جي رات جي آخر ۾ ٿي روايتن ۾ جمع ان طريقي سان ڪيو ويندو. (المواهب ص 657)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابن سعد في الطبقات ج 2 ص 273. مگر هن جي سند ضعيف آهي ان جي ڪري هيءَ روايت مرسل آهي.

{396} حَدَّثَنَا نَصْرُ بْنُ عَلِيٍّ الْجَهْضَمِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ دَاوُدَ قَالَ: حَدَّثَنَا سَلَمَةُ بْنُ نُبَيْطٍ، عَنْ نُعَيْمِ بْنِ أَبِي هِنْدَ، عَنْ نُبَيْطِ بْنِ شَرِيطٍ، عَنْ سَالِمِ بْنِ عُبَيْدٍ، وَكَانَتْ لَهُ صُحْبَةٌ قَالَ: أُغْمِيَ عَلَى رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي مَرَضِهِ فَأَفَاقَ، فَقَالَ: حَضَرَتِ الصَّلَاةُ؟ فَقَالُوا: نَعَمْ. فَقَالَ: مُرُوا بِلَالًا فَلْيُؤَذِّنْ، وَمُرُوا أَبَا بَكْرٍ أَنْ يُصَلِّيَ لِلنَّاسِ - أَوْ قَالَ: بِالنَّاسِ - قَالَ ثُمَّ أُغْمِيَ عَلَيْهِ، فَأَفَاقَ، فَقَالَ: حَضَرَتِ الصَّلَاةُ؟ فَقَالُوا: نَعَمْ. فَقَالَ: مُرُوا بِلَالًا فَلْيُؤَذِّنْ، وَمُرُوا أَبَا بَكْرٍ فَلْيُصَلِّ بِالنَّاسِ، فَقَالَتْ عَائِشَةُ إِنَّ أَبِي رَجُلٌ أَسِيفٌ، إِذَا قَامَ ذَلِكَ الْمَقَامَ بَكَى فَلَا يَسْتَطِيعُ، فَلَوْ أَمَرْتَ غَيْرَهُ قَالَ: ثُمَّ أُغْمِيَ عَلَيْهِ فَأَفَاقَ فَقَالَ: مُرُوا بِلَالًا فَلْيُؤَذِّنْ، وَمُرُوا أَبَا بَكْرٍ فَلْيُصَلِّ بِالنَّاسِ، فَإِنَّكُنَّ صَوَاحِبُ أَوْ صَوَاحِبَاتُ يُوسُفَ قَالَ: فَأُمِرَ بِلَالٌ فَأَذَّنَ، وَأُمِرَ أَبُو بَكْرٍ فَصَلَّى بِالنَّاسِ، ثُمَّ إِنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَجَدَ خِفَّةً، فَقَالَ: انْظُرُوا لِي مَنْ أَتَّكِئُ عَلَيْهِ، فَجَاءَتْ بَرِيرَةُ وَرَجُلٌ آخَرُ، فَاتَّكَأَ عَلَيْهِمَا فَلَمَّا رَآهُ أَبُو بَكْرٍ ذَهَبَ لِيَنْكُصَ فَأَوْمَأَ إِلَيْهِ أَنْ يَثْبُتَ مَكَانَهُ، حَتَّى قَضَى أَبُو بَكْرٍ صَلَاتَهُ، ثُمَّ إِنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قُبِضَ، فَقَالَ عُمَرُ وَاللهِ لَا أَسْمَعُ أَحَدًا يَذْكُرُ أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قُبِضَ إِلَّا ضَرَبْتُهُ بِسَيْفِي هَذَا قَالَ: وَكَانَ النَّاسُ أُمِّيِّينَ لَمْ يَكُنْ فِيهِمْ نَبِيٌّ قَبْلَهُ، فَأَمْسَكَ النَّاسُ، فَقَالُوا: يَا سَالِمُ، انْطَلِقْ إِلَى صَاحِبِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَادْعُهُ، فَأَتَيْتُ أَبَا بَكْرٍ وَهُوَ فِي الْمَسْجِدِ فَأَتَيْتُهُ أَبْكِي دَهِشًا، فَلَمَّا رَآنِي قَالَ: أَقُبِضَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ؟ قُلْتُ: إِنَّ عُمَرَ يَقُولُ: لَا أَسْمَعُ أَحَدًا يَذْكُرُ أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قُبِضَ إِلَّا ضَرَبْتُهُ بِسَيْفِي هَذَا، فَقَالَ لِي: انْطَلِقْ، فَانْطَلَقْتُ مَعَهُ، فَجَاءَ هُوَ وَالنَّاسُ قَدْ دَخَلُوا عَلَى رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَالَ: يَا أَيُّهَا النَّاسُ، أَفْرِجُوا لِي، فَأَفْرَجُوا لَهُ فَجَاءَ حَتَّى أَكَبَّ عَلَيْهِ وَمَسَّهُ، فَقَالَ: { إِنَّكَ مَيِّتٌ وَإِنَّهُمْ مَيِّتُونَ } [الزمر:] ثُمَّ قَالُوا يَا صَاحِبَ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، أَقُبِضَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ؟ قَالَ: نَعَمْ، فَعَلِمُوا أَنْ قَدْ صَدَقَ، قَالُوا: يَا صَاحِبَ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، أَيُصَلَّى عَلَى رَسُولِ اللهِ؟ قَالَ: نَعَمْ، قَالُوا: وَكَيْفَ؟ قَالَ: يَدْخُلُ قَوْمٌ فَيُكَبِّرُونَ وَيُصَلُّونَ وَيَدْعُونَ، ثُمَّ يَخْرُجُونَ، ثُمَّ يَدْخُلُ قَوْمٌ فَيُكَبِّرُونَ وَيُصَلُّونَ وَيَدْعُونَ، ثُمَّ يَخْرُجُونَ، حَتَّى يَدْخُلَ النَّاسُ، قَالُوا: يَا صَاحِبَ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، أَيُدْفَنُ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ؟ قَالَ: نَعَمْ، قَالُوا: أَيْنَ؟ قَالَ: فِي الْمَكَانِ الَّذِي قَبَضَ اللهُ فِيهِ رُوحَهُ، فَإِنَّ اللهَ لَمْ يَقْبِضْ رُوحَهُ إِلَّا فِي مَكَانٍ طَيِّبٍ. فَعَلِمُوا أَنْ قَدْ صَدَقَ، ثُمَّ أَمَرَهُمْ أَنْ يَغْسِلَهُ بَنُو أَبِيهِ وَاجْتَمَعَ الْمُهَاجِرُونَ يَتَشَاوَرُونَ، فَقَالُوا: انْطَلِقْ بِنَا إِلَى إِخْوَانِنَا مِنَ الْأَنْصَارِ نُدْخِلُهُمْ مَعَنَا فِي هَذَا الْأَمْرِ، فَقَالَتِ الْأَنْصَارُ: مِنَّا أَمِيرٌ وَمِنْكُمْ أَمِيرٌ، فَقَالَ عُمَرُ بْنُ الْخَطَّابِ: مَنْ لَهُ مِثْلُ هَذِهِ الثَّلَاثِ { ثَانِيَ اثْنَيْنِ إِذْ هُمَا فِي الْغَارِ إِذْ يَقُولُ لِصَاحِبِهِ لَا تَحْزَنْ إِنَّ اللهَ مَعَنَا } [التوبة:] مَنْ هُمَا؟ قَالَ: ثُمَّ بَسَطَ يَدَهُ فَبَايَعَهُ وَبَايَعَهُ النَّاسُ بَيْعَةً حَسَنَةً جَمِيلَةً.

بامحاوره ترجمو: پاڻ سڳورن ﷺ جي صحابي حضرت سالم بن عبيد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ تي (وصال جي) بيماري وقت بيهوشي طاري ٿي ۽ پوءِ سُڌير ٿيا تہ پڇيائون. نماز جو وقت ٿيو

آهي؟ اصحابن عرض ڪيو تہ هائو.

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: بلال ﷺ کي چئو تہ بانگ ڏئي ۽ ابو بڪر ﷺ کي چئو تہ ماڻهن کي نماز پڙهائي. ٻيهر پاڻ ڪريمن ﷺ تي بيهوشي طاري ٿي وئي، وري سڌير ٿيا تہ پڇيائون تہ نماز جو وقت ٿيو آهي؟ اصحابن عرض ڪيو تہ هاؤ. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: بلال کي چئو تہ بانگ ڏئي ۽ ابو بڪرٰ صديق ﷺ کي چئو تہ ماڻهن کي نماز پڙهائي. ان تي حضرت سيده عائشہ صديقہ ﷺ عرض ڪيو تہ: يا رسول الله ﷺ! منهنجو پيءُ (ابو بڪر صديق ﷺ) نرم دل ماڻهو آهي جڏهن اهو اوهان جي نماز واري جاءِ تي نماز پڙهائڻ لاءِ بيهندو تہ روئي ڏيندو ۽ نماز پڙهائي نہ سگهندو، تنهنڪري ڪنهن ٻئي کي حڪم ڪريو.

راوي چيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ تي وري بيهوشي طاري ٿي وئي. ان ڪان پوءِ سامت ۾ آيا تہ فرمايائون: بلال کي چئو تہ بانگ ڏئي ۽ ابو بڪر کي چئو تہ ماڻهن کي نماز پڙهائي. توهان (ازواج مطهرات) تہ ڪي يوسف علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي وقت وارين عورتن وانگر آهيو. راوي چيو تہ پوءِ بلال ﷺ کي چيو ويو ان بانگ ڏني ۽ ابو بڪر ﷺ کي چيو ويو تہ ان ماڻهن کي نماز پڙهائي ان ڪان پوءِ رسول الله ﷺ جن تڪليف ۾ ڪجهہ هلڪائي سمجهي تہ فرمايائون: اهڙو ڪو ڏسو جنهن تي آءٌ ٽيڪ ڏئي ٻاهر (مسجد ڏي) وڃان. ان تي (حضرت سيده عائشه صديقه ﷺ جي ٻانهي) بريره ﷺ ۽ ٻيو مرد (حضرت اسامہ ﷺ) آيو. پاڻ ﷺ انهن ٻنهي تي ٽيڪ ڏئي ٻاهر آيا. جڏهن حضرت ابو بڪر صديق ﷺ پاڻ ڪريمن ﷺ کي ايندي ڏٺو تہ (مصلي تان) پوئتي هٽڻ لڳو ان تي پاڻ سڳورن ﷺ کيس پنهنجي جاءِ تي بيهڻ جو اشارو ڪيو. نيٺ ابو بڪر صديق ﷺ نماز پڙهائي پوري ڪئي. ان ڪان پوءِ رسول الله ﷺ جن وصال فرمايو. (حضور ڪريم ﷺ جن جي وصال جي خبر ٻڌي) حضرت عمر فاروق ﷺ چيو تہ "الله ﷻ جو قسم! جيڪو بہ رسول الله ﷺ جي وفات جي ڳالهہ ڪندو تہ ان کي پنهنجي هن تلوار سان ماريندس." راوي چيو تہ ماڻهو اڻ پڙهيل هئا. حضور ڪريم ﷺ کان اڳ ۾ هنن وٽ ڪو نبي نہ آيو هو تنهنڪري (حضرت عمر فاروق ﷺ جي ڳالهہ ٻڌي) چُپ ڪري ويا. اصحابن سڳورن عليهم الرضوان چيو تہ اي سالم! ﷺ تون رسول الله ﷺ جي يار غار (ابو بڪر صديق ﷺ) کي وٺي اچ. پوءِ آءٌ ان وٽ ويس. تہ اهو مسجد (نبوي) ۾ وينو هو. آءٌ ڏک ۽ پريشاني جي ڪري روئندو آيس پوءِ جڏهن مون کي روئندي ڏٺائين تہ پڇيائين تہ: رسول الله ﷺ جن وصال ڪري ويا ڇا؟ مون چيو تہ هائو پر حضرت عمر ﷺ چوي ٿو تہ مون ڪنهن کان بہ رسول الله ﷺ جي وفات جو ذڪر ٻڌو تہ ان کي پنهنجي تلوار سان ماريندس. مون کي (حضرت ابو بڪر صديق ﷺ) چيو تہ هل. ان سان گڏ مان هلڻ لڳس. ۽ اهو اتي آيو تہ ٻيا ماڻهو بہ اندر رسول الله ﷺ وٽ وڃي پهتا هئا. پاڻ ماڻهن کي چيائين تہ اي ماڻهو! منهنجي لاءِ گس ڇڏيو ماڻهن کيس رستو ڏنو. ۽ (ابو بڪر صديق ﷺ) ويجهو آيو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي مٿان جهڪي پيو. سندن بدن مبارڪ کي هٿ لائي قرآن شريف جي هي آيت پڙهيائين. "اِنَّكَ مَيِّتٌ وَّاِنَّهُمْ مَّيِّتُوْنَ" (سورة الزمر آيت 30) (ترجمو: بيشڪ اوهان بہ وصال فرمائيندا ۽ بيشڪ اهي بہ وفات ڪندڙ آهن.)

ان ڪان پوءِ (ابو بڪر) ڪان ماڻهو پڇڻ لڳا تہ: اي رسول الله جا ساٿي! ڇا رسول الله ﷺ جن جو

وصال تي ويو آهي؟ چيائين ته هائو. تڏهن پڪ سمجهيائون، ته اهو سچ ٿو چوي انهن پڇيو ته اي رسول الله ﷺ جا ساٿي! ڇا اسان رسول الله ﷺ جي جنازي نماز پڙهون؟ چيائين هائو (پڙهو). انهن وري چيو ته (سوڙهي جاءِ ۾) ڪيئن پڙهون؟ چيائين ته هر قوم وارا ٽولا ٽولا ٿي اندر وڃي تڪبيرون چون. صلواة پڙهن ۽ دعائون گهرن پوءِ اهي ٻاهر اچن ته ٻيا ماڻهو اندر وڃن. تڪبيرون چون، صلواة پڙهن ۽ دعائون گهرن. ٻاهر اچن. تانجو ائين سڀ ماڻهو ڪري واندا ٿين. اصحابن سڀني پڇيو ته اي رسول الله ﷺ جا ساٿي! ڇا رسول الله ﷺ کي دفن ڪيو ويندو؟ چيائين ته هائو. پڇيائون ته ڪٿي؟ چيائين ته انهيءَ جاءِ ۾ جتي الله ﷻ سندن روح مبارڪ کي قبض ڪيو آهي. ڇاڪاڻ ته الله ﷻ سندن پاڪ روح سٺي جڳهه ۾ قبض ڪيو آهي. اصحاب سڀ ورا سمجهي ويا ته (ابوبڪر صديق ﵁) سچ ٿو چوي ان کان پوءِ ابوبڪر صديق ﵁ چيو ته پاڻ سڳورن ﷺ کي پنهنجا مائٽ غسل ڏين.

هوڏانهن مهاجر گڏ ٿي خلافت جي باري ۾ صلاح مشورو ڪرڻ لڳا ۽ ابوبڪر صديق ﵁ کي چيائون اسان سان گڏجي انصار ڀائرن ڏانهن هلو ته انهن کي هن (خلافت جي) معاملي ۾ پاڻ سان شريڪ ڪريون. ۽ انصارن چيو ته هڪ امير اسان مان ۽ هڪ امير توهان مان هجي. ان تي حضرت عمر ﵁ چيو ته: ڪنهن ماڻهو ۾ هي ٽي ڀلائي واريون صفتون آهن؟ (جيڪي قرآن ڪريم جي آيت ۾ ذڪر ڪيل آهن) "ثَانِيَ اثْنَيْنِ اِذْهُمَا فِي الْغَارِ اِذْيَقُوْلُ لِصَاحِبِهِ لَاتَحْزَنْ اِنَّ اللهَ مَعَنَا" (سورة التوبہ آيت 40)

راوي چيو ته پوءِ (حضرت عمر فاروق ﵁) پنهنجو هٿ ڊگهو ڪري. (ابوبڪر صديق ﵁) جي بيعت ڪئي پوءِ سڀني ماڻهن گڏجي ڪري سٺي ۽ سهڻي بيعت ڪئي.

مفردات جو شرح: "أُغمِيَ" اغماء کان ورتل آهي بي هوش رهڻ، برابر هجڻ. "اَسِيفٌ" نرم قلب وارو غمگين. اسف کان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ ڏک ڪرڻ، روئڻ آهي. "خِفَّةً" هلڪو هجڻ، هلڪائپ محسوس ڪرڻ. "ينكُصُ" النكوص کان ورتل آهي ان جي معنيٰ آهي موٽڻ، پوئتي هٽڻ. "اَكَبَّ" جهڪيو اڪباب کان ورتل، جهڪڻ.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ سالم بن عبيد (جنهن کي حضور ڪريم ﷺ جن جي صحبت جو نصيب ٿي هئي) جو فرمان آهي ته "بيماريءَ جي دوران حضور ڪريم ﷺ جن تي بي هوشي طاري ٿي هئي" هن مان مراد قطعي بي هوشي نه آهي بلڪ پاڪ جسم جي گهڻي ضعيفائي آهي (۽ الله ﷻ جي وصال (ملاقات) واري ڪيفيت آهي.) علامه البيجوري لکيو آهي ته اها ضعف جي شدت ڪري هئي. ۽ اها نبين عليهم الصلوٰة والسلام تي طاري ٿي سگهي ٿي ڇو ته اها به بيماري آهي ۽ امام غزالي ان ۾ قيد وڌو آهي ته اها گهڻي دير تائين نه هوندي ۽ علامه بلقيني به چيو ته اهو يقيني آهي ته جنون جريائپ نبين عليهم الصلوٰة والسلام تي طاري ٿيڻ ناممڪن آهي محال آهي نه اچي سگهندي ۽ نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي بيهوشي ٻين جي بيهوشي وانگر ناهي نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي بيهوشي ظاهري حواس تي طاري ٿيندي آهي انهن جي دلين تي طاري نه ٿيندي آهي. ڇو ته انهن جون دليون جڏهن ننڊ کان به پاڪ آهن ته بيهوشيءَ جو انهن تي طاري ٿيڻ ممڪن ئي ناهي. (المواهب ص 658)

علامه علي القاري مٿين ساڳي ڳالهه لکندي وڌيڪ هي به لکيو آهي ته علامه سبڪي فرمايو ته: نبي تي انڌائپ به نه ايندي ۽ ڪوبه نبي (معاذالله ثم معاذالله) انڌو نه ٿيو آهي ۽ حضرت شعيب على

نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي باري ۾ جيڪو آيو آهي تہ (معاذا لله ثم معاذالله) آخر عمر ۾ انڌو ٿي ويو هو. اهو قول صحيح ناهي ۽ حضرت يعقوب علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جن جي نظر مبارڪ تي عارضي پردو آيو هو (جيڪو حضرت يوسف علي نبينا وعليہ الصلوة والسلام جي قميص مبارڪ اکين تي رکڻ سان) دور ٿي ويو هو ۽ امام رازي بہ محقق علماء جي هڪ جماعت کان اهڙو قول نقل ڪيو آهي. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 211) فقال "حَضَرَتِ الصَّلٰوةُ" پوءِ حضور ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ "نماز جو وقت ٿي ويو آهي؟ هن فرمان مان ثابت ٿيو تہ رسول الله ﷺ جن کي ان ڪيفيت ۾ بہ نماز ياد هئي ۽ ڪين نماز سان ايڏي محبت هئي ۽ خدمت ۾ موجود حضرات کين ٻڌايو تہ هائو تہ پاڻ فرمايائون "بلال کي چئو تہ بانگ ڏي ۽ ان بانگ ڏيڻ جي امر ۾ اقامت (تڪبير) بہ داخل آهي پر سندن هي امر تہ "ابو بڪر کي چئو تہ ماڻهن کي نماز پڙهائي." سان مناسب ائين آهي تہ حضرت بلال جي لاءِ اهو امر اقامت (تڪبير) چوڻ جي لاءِ هو. ان ڪيفيت ۾ بہ رسول الله ﷺ جن کي نماز پڙهڻ سان گڏ نماز ۾ جماعت بہ اهم هئي. راوي جو قول آهي تہ "وري سندن مٿان بي هوشي جي حالت طاري ٿي" بعض عارفن پلارن فرمايو آهي تہ انبياء ڪرام علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام جي مٿان تڪليف سندن درجات کي اچان وڌيڪ بلند ڪرڻ جي لاءِ ۽ حسنات عطا ڪرڻ جي لاءِ ايندي هئي ۽ ان جي لاءِ بہ ايندي هئي تہ: ماڻهو سندن معجزا ڏسي انهن کي معبود نہ سمجهن ۽ انهن جي عبادت نہ ڪن ۽ پاڻ وري جڏهن بيهوشي جي ڪيفيت کان ٻاهر آيا تہ وري فرمايائون "بلال کي چئو تہ بانگ چوي ۽ ابوبڪر کي چئو تہ: ماڻهن کي نماز پڙهائي، (ام المومنين سيده) عائشہ صديقہ ﷞ کين عرض ڪيو تہ منهنجو پيءُ گهڻو غمگين ۽ ڏکويل آهي نماز پڙهائڻ واري جاءِ تي بيهندو تہ روئي ڏيندو. امامت ۽ قراءت ڪري نہ سگهندو. جيڪڏهن اوهان ڪنهن ٻئي کي حڪم ڪيو تہ ڀلو آهي" راوي جو قول آهي تہ "ان کان پوءِ وري سندن ذات تي بيهوشي جي ڪيفيت طاري ٿي" ۽ ان کان جڏهن کين افاقو ٿيو تہ ٿيون ڀيرو بہ فرمايائون" بلال کي چئو تہ بانگ چوي ۽ ابو بڪر کي چئو تہ امامت ڪري." ۽ ام المومنين سيده عائشه صديقه ﷞ ڏانهن متوجهہ ٿي فرمايائون. اوهان (عورتون) يوسف (علىٰ نبينا وعليہ الصلوٰة والسلام) جون ساٿياڻيون آهيو" يعني جيئن اهي پنهنجي ارادي تي رهي زليخا کي حضرت يوسف علىٰ نبينا وعليہ الصلوٰة والسلام کان هٽائڻ جي ڪوشش ۾ هيون" تيئن اوهان بہ مون کي منهنجي ارادي کان هٽائڻ جي ڪوشش ٿيون ڪيو. پر اهو نہ ٿيندو بلال کي چئو تہ اذان چوي ۽ ابو بڪر کي چئو تہ نماز پڙهائي" راوي فرمايو تہ: پوءِ بلال کي بانگ جي لاءِ ۽ حضرت ابو بڪر صديق ﷛ کي امامت جي لاءِ چيو ويو. بلال ﷛ بانگ ڏني ۽ حضرت ابو بڪر صديق ﷛ امامت ڪرائي ۽ الدمياطيءَ لکيو آهي تہ حضرت ابو بڪر جملہ سترهن 17 نمازون پڙهايون هيون ان کان پوءِ جڏهن حبيب ڪريم ﷺ جن پنهنجي تڪليف ۾ ٿوري هلڪائي محسوس ڪئي تہ فرمايائون ڪنهن کي ڏسو تہ مان ان تي ٽيڪ ڏئي ٻاهر نڪران ۽ نماز وارن کي ڏسان پوءِ ترمذي جي هن روايت موجب ام المومنين سيده عائشه صديقه ﷞ جي ٻانهي" بريدة" کين ٽيڪ ڏيڻ جي لاءِ آئي پر صحيح قول مطابق حضرت عباس ﷛ ۽ حضرت علي ﷛ تي پاڻ ٽيڪ ڏئي حجره مبارڪ کان ٻاهر آيا. ۽ نماز پڙهائيندي حضرت ابو بڪر ﷛ کين ايندي ڏسي پوئتي هٽڻ لڳو تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ان کي اشارو ڏنو تہ: پنهنجي مُصلي تي

بيٺو رهي ۽ ظاهري ڳالهه هي آهي تہ پاڻ واپس پنهنجي حجره مبارڪ ڏانهن آيا ۽ حضرت ابو بڪر ؓ نماز پوري ڪرائي ۽ جڏهن حضرت ابو بڪر صديق ؓ نماز کان فارغ ٿيو ۽ ڪيس سندس گهرواريءَ مدينہ منوره جي حاره (پاڙي) العاليہ ڏانهن ڪنهن ضرورت جي لاءِ اچڻ جو عرض ڪيو ۽ حضرت ابو بڪر صديق ؓ حضور ڪريم ﷺ جن کي عرض ڪري ٻڌايو تہ پاڻ ڪيس اجازت ڏنائون ۽ اهو نڪري آيو ۽ ان ۾ بہ ڪا قدرتي حڪمت هئي تہ پوٺتي حضرت نبي ڪريم ﷺ جي پاڪ روح ڪي پرواز ڪرايو ويو. حضرت عمر فاروق ؓ هڪ عجيب ڪيفيت ۾ اچي ويو. تلوار ٻاهر ڪڍي چوڻ لڳو تہ: مون ڪنهن کان جيڪڏهن ٻڌو تہ رسول الله ﷺ جن وفات ڪري ويا تہ مان ان کي تلوار سان قتل ڪري ڇڏيندس ۽ چوڻ لڳو تہ "ڪين ائين گهرايو ويو جيئن حضرت موسيٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي طور سينا تي چاليهہ ڏينهن گهرايو ويو هو." راويءَ چيو تہ "ماڻهو امي هئا انهن ۾ اڳي ڪو نبي نہ آيو هو انهن بہ خاموشي اختيار ڪئي ۽ اسماء بنت عميس ؓ سندن مهر مبارڪ جي جاءِ تي هٿ رکيو تہ اها (ظاهر ۾) گم ٿي وئي هئي ۽ ماڻهن چيو تہ رسول الله ﷺ جن جي صاحب، ابو بڪر ڏانهن ماڻهو موڪليو تہ اهو اچي هن مسئلي کي حل ڪري ۽ ٻين جي طرفان ان مسئلي کي حل نہ ڪرڻ، خاموش رهڻ ۾ اها حڪمت هئي تہ حضرت ابو بڪر صديق ؓ جي جلالت شان ظاهر ٿئي ۽ سندس علم بہ ٻين کي نظر ۾ اچي قرآن مجيد جي آيت سان دليل وٺڻ ۽ پنهنجي وسعت آهر مستقل مزاجي ظاهر ڪرڻ خاص طور ان وقت ۾ جو وڏن وڏن ٻين اصحابن سڀورن عليهم الرضوان تي بہ حيرت طاري ٿي هئي. حضرت ابو بڪر صديق جو ڪمال هو ۽ صحابہ ڪرام جو حضرت سالم کي چوڻ تہ رسول الله ﷺ جي صاحب (ساٿي) کي سڏ ڪر ۽ حضرت ابو بڪر صديق ؓ جو نالو نہ وٺڻ ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان ۾ حضرت ابو بڪر ؓ رسول الله ﷺ جي ساٿي جي لقب سان مشهور هو ۽ اها سندس زياده خصوصيت حضور ڪريم جن سان دائمي صحبت کي لازم ڪري وٺڻ ۽ حسن مجالست جي ڪري هئي جنهن ڏانهن قرآن ڪريم جي آيت:

"اِذْ يَقُوْلُ لِصَاحِبِهٖ لَاتَحْزَنْ اِنَّ اللهَ مَعَنَا"

(ترجمو: جڏهن پنهنجي ساٿيءَ کي چوي پيو غم نہ ڪر بلاشڪ الله اسان سان گڏ آهي) ۾ اشارو آهي ۽ هن آيت سان حضرت ابو بڪر صديق ؓ کان هميشہ جي لاءِ غم کي دفع ڪيو ويو آهي پلي کهڙو دور بہ هجي ۽ کهڙو وڏو فتنو بہ سامهون اچي. حضرت سالم ؓ فرمايو تہ پوءِ مان حضرت ابو بڪر صديق ؓ وٽ باب العوالي ۾ سندس محلي جي مسجد ۾ آيس ۽ پاڻ نماز پڙهي رهيو هو. (ظاهر آهي تہ اها نماز ظهر هوندي ڇوتہ رسول الله ﷺ جن ڪچڙي منجهند جي وقت رحلت فرمائي هئي.) مان روئندو پريشان حال ۾ سندس اڳيان آيس تہ مون کي ان حال ۾ ڏسي فرمايائون: ڇا رسول الله ﷺ جن دنيا تان رحلت ڪري ويا؟ مون کيس عرض ڪيو تہ حضرت عمر ؓ چوي ٿو تہ: مان ڪنهن کان نہ ٻڌان جو چوي پيو تہ حضور ڪريم ﷺ جن رحلت ڪري ويا آهن نہ تہ ان جي ڪنڌ کي تلوار هٽي ان جو سر ڌڙ کان ڌار ڪندس" پوءِ مون کي فرمايائين "تہ اچ تہ هلون مان ساڻس گڏجي آيس. هڪ روايت ۾ آهي تہ حضرت ابو بڪر صديق ؓ پنهنجي هڪ غلام کي موڪليو تہ پڇي آ تہ حبيب ڪريم ﷺ جن جي طبيعت مبارڪ ڪيئن آهي ان اچي ڪيس عرض ڪيو تہ: چون پيا تہ

حضور ڪريم ﷺ جن رحلت ڪري ويا آهن پوءِ حضرت ابو بڪر صديق ﷛ روئندو "وَا مُحَمَّدَاهُ وَانْقِطَاعَ ظَهْرَاهُ" (هاءِ حضرت محمد ﷺ هاءِ چيلهه ٽٽي پئي) چوندو پهتو. ماڻهو بہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن وٽ هجوم جي شڪل ۾ پهچي چڪا هئا. پاڻ پهچي فرمايائين تہ : مون کي جاءِ ڏيو ۽ ڪيس جاءِ ڏنائون تہ اڳتي وڌي حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي مٿان سندن پاڪ ٻانهن تي ڪري پيو ۽ پوءِ سندن پاڪ پيشانيءَ کي چميون ڏيڻ لڳو ۽ ان وقت حبيب ڪريم ﷺ جن هڪ يمن ۾ ٺهيل چادر سان ڍڪيل هئا. حضرت ابو بڪر صديق ﷛ کين چميون ڏنيون. ان کان پوءِ حضرت ابو بڪر صديق ﷛ قرآن ڪريم جي آيت "اِنَّكَ مَيِّتٌ وَّاِنَّهُمْ مَّيِّتُوْنَ" (بلاشڪ اوهان انتقال ڪندڙ آهيو ۽ اهي بہ انتقال ڪندڙ آهن) پڙهي ان کان پوءِ سيني حضرت ابو بڪر صديق کان پڇيو تہ : ڇا رسول الله ﷺ جن دنيا تان رحلت ڪري ويا؟ ان فرمايو تہ : "هائو" پوءِ سيني کي يقين ٿيو ڇوتہ حضرت ابو بڪر صديق ﷛ سڄي زندگي ڪوڙ نہ ڳالهايو هو ۽ سدائين سچي ڳالهہ ڪندو هو ان جو هي قول بہ سچو آهي الحاصل تہ : حضور ڪريم ﷺ جن جي رحلت جو ٻڌي ڪي اصحاب سڳورا عليهم الرضوان هوش وڃائي ويٺا جيئن حضرت عمر فاروق ﷛ پي چيو. ۽ ڪي گهر ۾ اٿڻ ويهڻ وڃائي ويٺا جيئن حضرت عبدالله بن انيس ﷛ لولو لنگڙو ٿي ويو. (بلڊ پريشر صفا گهٽجي ويس) ۽ گهر ۾ وفات ڪري ويو ۽ ڪن ويچارن جون زبانون ان وقت ڳالهائڻ کان رڪجي ويون جيئن حضرت عثمان ﷛ پر ان وقت پاڻ سنڀالي حالات تي ڪنٽرول ڪرڻ وارو صرف حضرت ابو بڪر صديق ﷛ هيو. روئندو آيو سندن نڙيءَ ۾ روئڻ تي بہ ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪري گهٽڪا هئا سڏڪا ڀريندي حبيب ڪريم جن جي منهن مبارڪ تان ڪپڙو لاهي چميون ڏيندي چوڻ لڳو هو تہ : اوهان (ظاهري) زندگي ۾ بہ خوشبودار هئا انتقال کان پوءِ بہ خوشبودار آهيو اوهان جي ظاهري وفات جي ڪري اهو (وحي جو نزول) ڪٽجي ويو جيڪو اوهان کان اڳي نبين سڳورن عليهم الصلوة والسلام جي رحلت ڪرڻ جي ڪري نہ ڪٽيو هو. اوهان اسان جي طرفان صفت ساراهہ کان گهڻو وڏا آهيو ۽ روئڻ کان بہ جليل الشان وارا آهيو ۽ جيڪڏهن اوهان جي دنيا تان انتقال ڪرڻ کي روڪڻ اسان جي وس ۾ هجي ها تہ سيئي سر صدقي ڪري بہ روڪيون ها . محبوب !اسان کي پنهنجي رب ﷻ وٽ ياد ڪجان تانت اسين اوهان جا هجون ۽ هڪ روايت ۾ آهي : حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي انتقال کان پوءِ حضرت ابو بڪر صديق ﷛ کي ايترو صدمو پهتو جو سندس جسم ان جدائي جي غم ۾ ڳرڻ شروع ٿيو تانجو دنيا تان انتقال ڪري الله ﷻ سان واصل ٿيو. علامہ دميري پنهنجي ڪتاب "حياة الحيوان" ۾ اها روايت آندي آهي. ۽ صحيح بخاري جي روايت ۾ آهي تہ : جڏهن رسول الله ﷺ جن جي (ظاهري) وفات ٿي تہ حضرت ابو بڪر صديق ﷛ حضرت عمر فاروق ﷛ کي سمجهائي ويهاريو ۽ پاڻ خطاب ڪندي الله ﷻ جو حمد ۽ ثنا ڪري فرمايائين : خبردار! جيڪو حضرت محمد ﷺ جي عبادت ڪندو هجي اهو ٻڌي ڇڏي تہ : پاڻ ڪريم ﷺ رحلت ڪري ويا ۽ جيڪو الله ﷻ جي عبادت ڪندو آهي پوءِ بلاشڪ الله ﷻ حَيٌّ آهي اهو انتقال نہ ڪندو ۽ پاڻ قرآن ڪريم جون آيتون "اِنَّكَ مَيِّتٌ وَّاِنَّهُمْ مَّيِّتُوْنَ ۽ وَمَا مُحَمَّدٌ اِلَّا رَسُوْلٌ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِ الرُّسُلُ" الآية پڙهيائون. جنهن مان حضور ڪريم ﷺ جن جو دنيا تان انتقال جو دليل وٺي سيني کي سمجهايائين ۽ سيئي زاروقطار روئي رهيا هئا ۽ هڪ روايت ۾ آيو آهي تہ

حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه حضور ڪريم ﷺ جن جي منهن مبارڪ تان چادر پري ڪري سنڌن چپن مبارڪن تي چپ رکي سندن انتقال محسوس ڪري پوءِ سيني کي خطاب ڪيو هو. حضرت عمر فاروق رضي الله عنه فرمايو ته : جڏهن حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه اهي آيتون پڙهيون ته مون کي پوءِ هوش آيو چڻ ته اهي آيتون مون اڳي ٻڌيون ئي نه هيون ۽ اهي آيتون هرڪو پڙهندو رهيو ۽ پاڻ کي مطمئن ڪندو رهيو ۽ ابنِ ابي شيبه حضرت عبدالله بن عمرو رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته : حضرت عمر رضي الله عنه ائين انهن منافقن کي دٻائڻ جي لاءِ چيو هو جن حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي رحلت تي خوشي ڪئي هئي ۽ الوائلي حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته : جڏهن حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جي بيعت ڪرڻ وقت حضرت عمر فاروق رضي الله عنه منبر تي چڙهي خطاب ڪندي فرمايو ته : مون جيڪو ڪالهه اوهان کي چيو هو ته رسول الله ﷺ جن انتقال نه فرمايو آهي ائين ناهي" پر مون کي اميد هئي ته پاڻ ظاهري زندگي ۾ تيستائين رهندا جيستائين اسين دنيا تان وفات ڪري وڃون. مگر الله جل جلاله پنهنجي رسول ﷺ کي پاڻ وٽ رهائڻ پسند ڪيو ۽ هي قرآن اهو ڪتاب آهي جنهن سان الله هدايت ڪئي آهي ان کي مضبوط ٿي ونو ته ان هدايت تي رهندؤ جيڪا الله جل جلاله پنهنجي رسول کي ڏئي موڪليو هو ان کان پوءِ صحابه ڪرام عليهم الرضوان حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه کي عرض ڪيو ته اي رسول الله ﷺ جا صاحب! ڇا حضور ڪريم ﷺ تي نماز پڙهي وينديءَ پاڻ فرمايائون ته هائو" عرض ڪيائون ته ڪهڙي نمونيءَ فرمايائين ته :ڌهه ڌهه ڄڻا ٿي داخل ٿين. چار تڪبيرون هٽي دعا گهري ۽ مٿن صلواة پڙهي نڪرندا ۽ وري ٻيا ويندا. تانجو سڀ ائين ڪري فارغ ٿيندا ۽ ابن ماجه روايت آندي آهي ته ڪين غسل ڏيارڻ کان پوءِ اڱاري جي ڏينهن کٽ تي رکيو ويو ۽ ماڻهو ٽولن جي شڪل ۾ داخل ٿيندا درود پڙهندا يا مذڪور طريقي سان نماز پڙهندا نڪرندا ٿي رهيا جڏهن مرد اچي دنگ ٿيا ته عورتون آيون ۽ جڏهن اهي اچي دنگ ٿيون ته ننڍا ٻار به آيا انهن به ان طريقي سان حاضري ڏني ۽ هيءَ روايت به آهي ته حضرت علي رضي الله عنه فرمايو "اوهان مان ڪو به امام ٿي نماز نه پڙهائيندو ڇوته پاڻ (ظاهري) حياتي ۾ به امام ۽ دنيا تان انتقال کان پوءِ به اوهان جا امام آهن ۽ بعض روايتن ۾ آهي ته : حضور ڪريم ﷺ جن ان طريقي ادا ڪرڻ جي وصيت ڪئي هئي ان جي ڪري ان ۾ تاخير واقع ٿي ۽ سندن پاڪ قبر تي نماز پڙهڻ جائز نه هئي. سيد جمال الدين محدث پنهنجي ڪتاب "روضة الاحباب" ۾ ان طرح آندو آهي ۽ هڪ روايت ۾ آهي ته : اول سندن مٿان نماز ۽ صلواة لاءِ ملائڪ ٽولن جا ٽولا آيا هئا ان کان پوءِ سندن اهلبيت آيا ان کان پوءِ ٻيا ماڻهو ٽولن جا ٽولا ٿي نماز ادا ڪندا ۽ صلواة پڙهندا نڪرندا ٿي ويا ۽ سيني کان آخر ۾ سندن گهرواريون آيون هيون.

مسئلو: هن مان ثابت ٿيو ته ٻه ٽي دفعا نماز پڙهڻ منع ناهي ۽ هي سڀ ڪجهه حضور ڪريم ﷺ جي خصوصيات مان آهي ان تي ٻيو قياس نه ڪيو ويندو وري صحابه ڪرام عليهم الرضوان عرض ڪيو ته "ڇا رسول الله ﷺ جن دفن ڪيا ويندا؟ يا ائين ئي رکيا هوندا؟ ڇوته پاڻ بدن ۾ خوشبوءِ پيدا ٿيڻ ۽ جسم جي ڦري وڃڻ کان پاڪ آهن. انبياء عليهم الصلوٰة والسلام زنده آهن. پاڻ فرمايائين ته "هائو" زمين ۾ رکيا ويندا، ڇوته الله جل جلاله فرمايو آهي: "مِنْهَا خَلَقْنٰكُمْ وَ فِيْهَا نُعِيْدُكُمْ وَ مِنْهَا نُخْرِجُكُمْ تَارَةً اُخْرٰى" (القرآن) (اسان اوهان کي ان مٽيءَ مان پيدا ڪيو آهي ۽ ان ۾ اسين اوهان کي ورائينداسون ۽ ان مان اوهان کي ٻيو

پيرو ٻاھر ڪڍنداسون) ۽ ان جي ڪري ٻه جو اھو سيني نبين عليهم الصلوٰة والسلام جو طريقو آھي. صحابہ ڪرام عليهم الرضوان عرض ڪيو ته "ڪٿي دفن ڪيا ويندا؟ حضرت ابو بڪر صديق ﷺ فرمايو ته: ان جاءِ ۾ جتي الله جَلَّ جَلالُهٗ سندن روح کي پرواز ڪرايو. ۽ الله جَلَّ جَلالُهٗ سندن روح کي پاڪ مڪان ۾ قبض ڪرايو آھي ۽ ان مڪان ۾ جنھن کي سندن دفن ڪرڻ جي لاءِ پسند فرمايو ۽ ھيءَ ٻه روايت آھي ته پاڻ فرمايائين مون رسول الله ﷺ جن کان ٻڌو پاڻ فرمايائون ته "ڪو به نبي جڏھن وفات ڪندو آھي ته اتيئي دفن ڪيو ويندو جتي الله جَلَّ جَلالُهٗ سندس روح کي قبض فرمائيندو. ۽ اھا حديث ٻڌي حضرت علي ﷺ فرمايو ته "وَاَنَا اِيْضًا سَمِعْتُهٗ" ۽ مون به حضور ڪريم ﷺ جن کان اھو ٻڌو ھو. پوءِ سيني کي يقين ٿيو ته حضرت ابو بڪر صديق ﷺ سچ چيو آھي ۽ ھن مان حضرت ابو بڪر صديق ﷺ جي علم ۽ فضل جو ڪمال ۽ الله جَلَّ جَلالُهٗ جي ڪتاب ۽ رسول الله ﷺ جي سنت جي علم ۾ مھارت ثابت ٿي ان کان پوءِ حضرت ابو بڪر صديق ﷺ فرمايو ته: حضور ڪريم ﷺ جن کي سندن ابي جا پٽ غسل ڏيارين ۽ اھي حضرت علي ﷺ، حضرت عباس ﷺ ۽ ان جا پٽ فضل ۽ قُثم ﷺ ھئا ۽ انھن پاڻ سان اسامہ بن زيد ﷺ ۽ صالح حبشي ﷺ کي به شريڪ ڪيو ھو. سندن ابي جي پُٽن جو ڪم حبيب ڪريم ﷺ جن کي غسل ڏيارڻ ھو ۽ ٻيا انھن جي مدد ڪندڙ ھئا ۽ ڪين غسل ڏيارڻ وقت سندن پاڪ جسم مان اھڙي سرھاڻ نڪتي ھئي جو ان جھڙي ڪڏھن به خوشبوءِ ڪين سنگھڻ جو موقعو نه مليو ھو ۽ سندن پاڪ پنبڻين ۾ گڏ ٿيل پاڻي حضرت علي ﷺ چوسيو ھو. ۽ غسل ڏيڻ کان اڳي اھي سوچڻ لڳا ته ڇا ڪين ڪپڙن کان خالي ڪري غسل ڏجي يا ڪپڙن سان گڏ. ته فورًا سندن مٿان ننڊ جي حالت طاري ٿي ۽ ڪين ڏسڻ ۾ آيو ته ڪو ڪين چوي پيو ته: ڪين ڪپڙن ۾ غسل ڏيو. پوءِ ڪين ڪپڙن ۾ غسل ڏنو ويو ۽ اھا حديث به صحيح آھي ته پاڻ فرمايو ھيائون "جڏھن مان انتقال ڪيان ته مون کي بئر اريس (مدينہ جو مشھور کوھہ) مان پاڻيءَ جون ست ڪليون پري غسل ڏيارجو ۽ ام المومنين سيده عائشہ صديقہ ﷺ کان روايت آھي ته ڪين ڪپھ جي ٽن ڪپڙن ۾ ڪفن ڏنو ويو جن ۾ قميص ۽ پڳ نه ھئي. ٻيون مختلف روايتون به آيون آھن پر ھيءَ سيني کان وڌيڪ صحيح آھي ۽ بيھقي حاڪم کان روايت آندي آھي. حضرت علي، حضرت ابنِ عباس، ابنِ عمر، جابر، عبدالله بن مغفل ﷺ کان متواتر روايتون آيون آھن ته حضور ڪريم ﷺ جن کي ٽن ڪپڙن ۾ ڪفن ڏنو ويو ھو پر جن ڪپڙن ۾ ڪين غسل ڏنو ويو ھو اھي ڪفن ڏيڻ مھل سندن پاڪ جسم تان لاٿا ويا ھئا جيڪڏھن اھي ائين پاڻيءَ سان آلا ٿيل نه لاٿا وڃن ھا ته ڪفن جي ڪپڙن تي به انھن جو اثر پوي ھا.

حضرت ابو طلحه ﷺ سندن بستري واري جاءِ تي قبر مبارڪ کوٽي ۽ ان ۾ به اختلاف ٿيو ته سندن قبر جي اندرئين حصي جي پر ۾ لحد به کوٽي وڃي يا قبر مبارڪ جي وچ ۾ ڪين رکيو وڃي پر پوءِ لحد کوٽي وئي ۽ سندن جسم پاڪ جي ھيٺان ڪپڙو وڇايو ويو ۽ ھڪ قول آھي ته اھو ڪپڙو به آخر ۾ ڪڍيو ويو ھو ۽ سندن قبر مبارڪ جي مٽي پاڪ تي حضرت بلال ﷺ پاڻيءَ جي ڪلي پري ڇٽڪار ڪيو ھو جيڪو مٽي مبارڪ واري پاسي کان شروع ڪيو ھيائين ۽ سندن قبر مبارڪ زمين کان ھڪ گرانٺ جو قدر مٿي ڪري ان جي مٿان ڳاڙھا ۽ اڇا پٿر رکيا ويا ھئا. بخاري سيده عائشہ صديقہ ﷺ کان روايت آندي آھي ته: رسول الله ﷺ جن دنيا تان انتقال واري بيماري ۾ فرمايو ھو ته:

الله يهودين ۽ نصارن تي لعنت ڪئي جو پنهنجن نبين جي قبرن کي سجدي جون جايون بنايائون. ۽ جيڪڏهن اهو ڊپ نہ هجي ها تہ سندن قبر مبارڪ کي وڌيڪ بلند ۽ ظاهر ڪيو وڃي ها ۽ بعض محدثن فرمايو تہ: ان جو مطلب آهي تہ کين ميدان ۾ دفن ڪيو وڃي ها. حجره ۾ نہ رکيو وڃي ها ۽ سندن قبر مبارڪ (اٺ جي) ٿوهي وانگر ڪئي وئي هئي. ۽ ابو نعيم المستخرج ۾ آندو آهي تہ حضرت ابو بڪر ۽ حضرت عمر رضي الله عنه جون قبرون ٿوهي وانگر بنايون ويون هيون. ۽ اهو جمهور علماء ۽ مزني ۽ گهڻن شافعي مذهب وارن جو قول آهي. پوءِ مهاجر اصحابي گڏ ٿي مشورا ڪرڻ لڳا تہ خليفو ڪنهن کي ڪجي ڇو تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي ان ظاهري انتقال کان پوءِ واڳون سنڀالڻ واري جو مقرر ڪرڻ واجب هو. پوءِ انهن مان ڪن چيو تہ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه کي تہ ڪن چيو تہ اڇو تہ پنهنجن ڀائرن انصارن ڏانهن هلون ۽ انهن کي بہ هن معاملي ۾ پاڻ سان شريڪ رکون. (۽ اها صلاح ڏيندڙن ۾ حضرت عمر رضي الله عنه بہ هو.) متان اهي ڏک ڪن تہ اسان سان مشورو نہ ڪيو ويو. پوءِ انصارن ڀلارن وٽ آيا تہ اهي بني ساعده جي ميٽنگ هال ۾ ويٺا هئا. ۽ جڏهن انهن وٽ پهچي انهن سان صلاح مشورو ڪيائون تہ: انصارن کين فرمايو تہ "مِنَّا اَمِيْرٌ وَّ مِنْكُمْ اَمِيْرٌ" اسان مان بہ امير هجي ۽ اوهان مان بہ امير هجي) ۽ انهن جڏهن اها ڳالهہ ڪئي تہ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه انهن کي رسول الله ﷺ جي هيءَ حديث پڙهي ٻڌائي "اَلْاَئِمَّةُ مِنْ قُرَيْشٍ" (اڳواڻ قريش مان هوندا) ۽ هيءَ صحيح حديث آهي جيڪا چاليهن صحابن رضي الله عنهم کان روايت ڪيل آهي ۽ احمد ۽ طبراني عقبة کان "اَلْخِلَافَةُ لِقُرَيْشٍ" جا الفاظ آندا آهن ۽ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جڏهن تہ حديث سان انهن جي عقل واري خيال کي رد ڪيو ۽ اها ترديد ان جي ڪري بہ ضروري هئي جو ٻن اميرن جي هجڻ جي ڪري سندن حڪم ۾ تعارض ۽ تناقض جو امڪان هو. ۽ نسائي ۽ ابو يعلي ۽ حاڪم صحيح چوندي حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ جڏهن انصارن چيو تہ "اسان مان بہ امير هوندو ۽ اوهان مان بہ" تہ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه انهن وٽ هلي ويو ۽ کين چيائين تہ: اي انصارن جي جماعت! ڇا اوهان نہ ٿا ڄاڻو تہ بلاشڪ رسول الله ﷺ جن (حضرت) ابو بڪر صديق رضي الله عنه کي امر ڪيو هو تہ: ماڻهن کي نماز پڙهائي" پوءِ اوهان مان ڪنهن جي دل کي ڀلو ٿو لڳي تہ حضرت ابو بڪر رضي الله عنه کان اڳتي ٿئي" اهو ٻڌي انصارن چيو تہ: "نَعُوْذُ بِاللهِ اَنْ نَتَقَدَّمَ اَبَابَكْرٍ" (اسين الله کان پناهہ ٿا گهرون جو ابا بڪر کان اڳيان ٿيون ۽ ان جو سبب اهو آهي جو اهو اسبقيت، اڪبريت ۽ ديني احڪام جي ڄاڻ ۾ افضليت جو جامع هو اهي احڪام جيڪي قرآن ۽ نبوي حديثن مان ورثي مليا هئا جيئن سرڪار دو عالم ﷺ جي رحلت وقت پيدا ٿيندڙ حالات کي ان علم جي بنياد تي حل ڪيو هيائين ۽ انهن ڳالهين ۾ سندن خلافت جي لاءِ خفي اشارا هئا. حضور ڪريم ﷺ جن ڪيترن اڪابر صحابہ ۽ اهل بيت نبوت جي افاضل جي هوندي ڪيس نماز ۾ امامت جي منصب تي قائم رکيو ۽ ان امر جو وڌيڪ تاڪيد ان وقت ڪيائون جڏهن سيده عائشه صديقه رضي الله عنها کين عرض ڪيو تہ: منهنجو والد غمگين آهي اوهان جي مصلي تي نہ بيهي سگهندو ۽ نماز ۾ قراءت بہ نہ ڪري سگهندو ۽ هڪ ڀيري سندن خدمت ۾ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جي ڪا شڪايت ڪٺي آيو هو تہ پاڻ ان جي ٻڌڻ کان ٿي ڀيرا انڪار ڪندي فرمايو هيائون. "لَا، لَا، لَا يَابَى اللهُ وَالْمُؤْمِنُوْنَ اِلَّا اَبَابَكْرٍ" (نہ، نہ، نہ الله

۽ مومن ابوبڪر کان سواءِ ٻئي جو انڪار تا ڪن) ۽ سندن دنيوي ظاهري زندگي جي آخري وقت نڪري حضرت ابوبڪر جي پويان نماز پڙهڻ به ان جي خلافت جو تاڪيد هو ۽ اهي خلافت جا قولي، فعلي ۽ تقريري دليل هئا جيئن هڪ ڀيري پاڻ نڪتا ۽ قوم کي ابوبڪر جي پويان نماز ۾ بيٺي ڏسي خوش ٿي موٽيا ۽ حضرت علي سميت جمهور اصحابن رضی اللہ تعالیٰ عنهم اهو ئي دليل وٺندي چيو هو ته "جنهن کان رسول الله ﷺ جن اسان جي دين ۾ اڳواٽيءَ جي لاءِ راضي رهيا اسين ان جي دنيا ۾ اڳواٽيءَ جي لاءِ به راضي آهيون" ان جي ڪري حضرت عمر رضي الله عنه فرمايو ته "ڪير آهي جنهن جي لاءِ هي ٽي فضيلتون آيل آهن. {1} "ثَانِيَ اثْنَيْنِ اِذْ هُمَا فِي الْغَارِ" (ٻن مان ٻيو جڏهن اهي ٻئي غار ۾ هئا) {2} "اِذْ يَقُوْلُ لِصَاحِبِهٖ" (جڏهن پنهنجي ساٿيءَ کي پيو فرمائي) {3} "لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللهَ مَعَنَا" (غم نه ڪر بلاشڪ الله اسان سان گڏ آهي) الله جل جلاله جي طرفان حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي لاءِ هنن ٽن فضيلتن جو ثابت ڪرڻ جيئن قرآن مجيد ۾ آهي خلافت جي لاءِ سندس وڌيڪ حقدار هجڻ جو دليل آهي.

علامه علي القاري اڳتي لکيو آهي ته: ۽ مان چوان ٿو ۽ الله جل جلاله جي هٿ ۾ توفيق آهي ۽ ان جي (قدرتي) هٿ ۾ تحقيق جون واڳون آهن ته هن آيت (مذڪوره) جي اڳ ۽ پوءِ جي لحاظ سان ٻيا الفاظ به حضرت ابوبڪر جي اولويت ۽ خلافت جي لاءِ احقيت جا ٻيا دلائل آهن. (1) "اِلَّا تَنْصُرُوْهُ فَقَدْ نَصَرَهُ اللهُ اِذْ اَخْرَجَهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا" (جيڪڏهن اوهان ان جي مدد نه ڪندؤ ته پوءِ يقينن الله جل جلاله ان جي مدد ڪئي) جڏهن ڪافرن ان کي مڪ مڪرمه مان ٻاهر ڪڍيو.) هن ۾ الله جل جلاله سيني مومنن کي خبردار ڪيو ته منهنجي محبوب ﷺ جي جيڪڏهن اوهان مدد نه ڪندؤ ته الله جل جلاله ته ان جو مددگار آهي ۽ ان ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه داخل ناهي ڇوته اهو حضور ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۽ سندن مدد ڪرڻ جي لاءِ ساڻن گڏ هو. (2) ته الله جل جلاله جي طرفان حبيب ڪريم ﷺ جن جي مدد ڪرڻ ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه به شامل هو ان جي لاءِ به اها خداوندي مدد ثابت آهي. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه حضور ڪريم ﷺ جن سان گڏ هجڻ جي ڪري سندن مددگار به هو ته مدد ڪيل به هو. ان جي ڪري اهو ئي خلافت جي لاءِ وڌيڪ حقدار آهي. (3) "الله جل جلاله ان تي سڪون نازل فرمايو" هن مان مراد به حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه آهي جنهن تي سڪون لاٿو ويو هو. اصح قول اهو آهي ڇوته ان جي دل حضور ڪريم ﷺ جن تي ڪافرن جي امڪاني حملي جي ڪري گهڻو پريشان ۽ غمگين هئي. پوءِ الله جل جلاله جي طرفان ان تي هي سڪون نازل ڪرڻ ۾ اهو ئي مخصوص آهي ٻيو ڪو ان سان شريڪ ناهي. باقي عام سڪون ۾ ان سان ٻيا اصحاب پيارا به شريڪ هئا جنهن جو الله جل جلاله پنهنجي فرمان "هُوَ الَّذِیْۤ اَنْزَلَ السَّكِيْنَةَ فِيْ قُلُوْبِ الْمُؤْمِنِيْنَ" (اهو الله ئي آهي جنهن مومنن جي دلين ۾ سڪون لاٿو) ۾ ذڪر ڪيو آهي ۽ شايد هي ان حديث جي منشا آهي جيڪا حضور ڪريم ﷺ جن کان روايت ڪيل آهي ته "اِنَّ اللهَ تَجَلّٰى لِلنَّاسِ عَامَّةً وَلِاَبِيْ بَكْرٍ خَاصَّةً" (بلاشڪ الله ٻين ماڻهن لاءِ عام تجلي فرمائي ۽ ابوبڪر جي لاءِ خاص تجلي فرمائي) ۽ "وَاَيَّدَهٗ بِجُنُوْدٍ لَّمْ تَرَوْهَا" (۽ الله ان جي اهڙن لشڪرن سان تائيد ڪئي جيڪي اوهان نه ڏٺا هئا) ۾ "ه" خاص ضمير، حضور ڪريم ﷺ جن ڏانهن وري ٿو ان جو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ڏانهن ورڻ به غلط ناهي ڇوته محققين علماء وٽ جنهن جاءِ تي منجهڻ جو خطرو ناهي جائز آهي. ۽ هي به آهي ته "وايده" ۾ "ه" ضمير "كل واحد منهما" انهن مان هر هڪ ڏانهن ورندو

هجي. ۽ بعض عارفن جو قول آهي تہ "قلب جو سڪون اهو آهي جيڪو انسان ۾ رب جي حڪم سان ظاهر ٿيندو آهي ۽ سمجهڻ گهرجي تہ الله ﷻ جو فرمان "ثَانِيَ اثْنَيْنِ" الله ﷻ جي ٻئي فرمان " اِذْ اَخْرَجَهٗ" ۾ مخفي ضمير ڪان حال آهي. اهو حضور ڪريم ﷺ جي وصف آهي پر جڏهن تہ هن جي معنيٰ ٻن مان هڪ آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن سان بہ هڪ ابو بڪر رضي الله عنه گڏ هو تہ اهو ضمير حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه ڏانهن بہ صحيح طور وري ٿو ۽ يقينن جڏهن ٻئي غار ۾ هئا تہ ٻيو انهن مان حضرت ابو بڪر رضي الله عنه هو جنهن سان مڪ مڪرمہ ۾ حضور ڪريم ﷺ جن گڏ هجرت ڪرڻ جو عهد ڪيو هو ۽ ابن عطا فرمايو تہ "ٻن مان ٻيو" حضرت ابو بڪر رضي الله عنه آهي ۽ اهو ئي حضور ڪريم ﷺ جي قرب جو محل ۽ انوار جو مرڪز هو ۽ تي ڏينهن غار ۾ رهيا ۽ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه ڪان سواءِ ساٿن ٻيو ڪير بہ گڏ نہ هو پوءِ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جي هن رازن ڏانهن مخصوص ٿيڻ طرف نهار غار ۾ موافقت سفرن ۾ رفاقت. قرآن جي جاين ۾ ظاهري زندگي ۽ انتقال ڪان پوءِ ملازمت ۽ قبر مبارڪ ڪان وٺي جنت ۾ داخل ٿيڻ تائين سيني نيڪوڪارن ۽ صحابن ڪان اڳي هجڻ ۾ بہ هن طرف اشارو آهي تہ اهو مڪ مڪرمہ مان هجرت ڪري ايندڙن ڪان افضل آهي ڇوتہ سندس هجرت رسول الله ﷺ جن جي هجرت سان گڏ هئي ٻين جي هجرت ائين نہ هئي يا اڳي هئي يا پوءِ هئي. پوءِ اهو ئي رب جي حڪم سان قائم بالقلب آهي ۽ هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ : اصحابن پلارن ۾ مهاجرين سڀورا انصارن ڪان پلا آهن جيئن ان تي علماء ابرار جو اتفاق آهي ۽ الله ﷻ جي قرآن ڪريم ۾ ان ڏانهن اشارو آهي "وَالسَّابِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ مِنَ الْمُهَاجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ" (۽ مهاجرين ۽ انصارن مان اڳرائي ڪندڙ) هتي "اَلْمُهَاجِرِيْنَ" اڳ ۾ آيل آهي ۽ هن مان اهو دليل بہ ملي ٿو تہ جڏهن مهاجرين ٻين ڪان افضل آهن ۽ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه انهن ڪان بہ افضل آهي اُن جي ڪري ٻين ڪان بہ افضل آهي جيئن حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه سمجهيو هو ان ڪان پوءِ الله ﷻ جو فرمان "اِذْ يَقُوْلُ لِصَاحِبِهٖ" قرآن مجيد جي مفسرن جي اجماع سان "صاحب" مان مراد حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه آهي ۽ جيئن قرآن ڪريم ۾ ان هن لقب سان حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه کي مشرف بنايو ويو آهي. تيئن ڪنهن کي بہ اهو شرف عطا نہ ٿيو آهي ۽ هن خصوصيت جي ڪري ئي علماء جو اتفاق آهي تہ جنهن حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جي صحبت جو انڪار ڪيو اهو ڪافر آهي ڇوتہ اهو قرآن ڪريم جي آيت جو انڪار آهي. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي هن خصوصيت جي صحبت سان نوازيو ويو هو. جيڪا ڪيس حبيب ڪريم ﷺ جي ذات سان ظاهري زندگي ۽ دنيا تان رحلت ڪان پوءِ واري ۾ بہ هميشہ رهي ۽ آهي ۽ مزار مان نڪرڻ ڪان. جنت ۾ داخل ٿيڻ وقت ۽ اعلي الدرجات تائين پهچڻ ۾ سندس صحبت جاري رهندي هن مخصوص صحبت سان ئي حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه سيني ڪان فائق ۽ بلند ٿي ويو جيئن ان جي شاهدي قرآن ڪريم ڏني آهي ۽ ان جي هيءَ خصوصيت بہ آهي جو نالي جي بجاءِ صحابہ ڪرام بہ ڪيس هن "صاحبِ رسول ﷺ " جي لقب سان ياد ڪندا هئا. حضرت زيد رضي الله عنه جو جيتوڻيڪ نالو مبارڪ قرآن ڪريم ۾ مذڪور آهي پر ان جي شان ۽ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جي شان ۾ وڏو فرق آهي ۽ الله جي فرمان "لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللهَ مَعَنَا" (غم نہ ڪر بلاشڪ الله اسان سان گڏ آهي) ۾ بہ اهو ڄاڻايو ويو آهي تہ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه کي پنهنجو نہ پر پنهنجي محبوب ﷺ جي ذات کي

دشمنن جي طرفان تڪليف پهچڻ جو غم هو. جيئن هن ڳالهه تي هيءَ روايت دلالت ڪري رهي آهي ته حضور ڪريم ﷺ ۽ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جڏهن غار تي چڙهي پهتا ته حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه ان اونداهه واري غار ۾ گهڙي ان کي صاف ڪيو ۽ ڏٺو ته متان ڪو دشمن يا ايذائيندڙ جيت اندر هجي ۽ منهنجي محبوب ﷺ کي تڪليف پهچي ۽ ان ۾ جانورن جي ڪا گندگي وغيره نه هجي ۽ بغوي حضرت انس رضي الله عنه کان روايت ڪئي آهي ته حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه انهن کي ٻڌايو ته: مون (غار ۾ هوندي) پنهنجي متان ڪافرن جا پير ڏٺا ۽ حضور ڪريم ﷺ جن کي عرض ڪيم ته يا رسول الله ﷺ! جيڪڏهن انهن مان ڪنهن هڪ پنهنجن پيرن ڏانهن نهاريو ته به اسان کي ڏسي وٺندو ته پاڻ فرمايائون "اي ابا بڪر تنهنجو انهن ٻن ۾ ڪهڙو گمان آهي جن سان ٽيون الله گڏ آهي." پوءِ هيءَ اهڙي زبردست منقبة آهي جنهن کان متي ڪابه ناهي اهڙي موقعي تي حضرت نبي ڪريم جن جي فرمان "إِنَّ اللهَ مَعَنَا" (بلاشڪ الله اسان گڏ آهي) ائين چوڻ جي بجاءِ "الله مون سان گڏ آهي" ۾ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه کي معيت ۾ شريڪ ڪرڻ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جي لاءِ به خداوند ڪريم جي طرفان خصوصي اعزاز آهي جنهن ۾ سندس مجڻ وارن فرعون جو لشڪر پنهنجي پويان ويجهو ڏٺو ته: چوڻ لڳا "إِنَّا لَمُدْرَكُونَ" اسان پهتل آهيون. يعني دشمن اسان کي پڄڻ وارا آهن انهن کي جواب ۾ حضرت موسيٰ على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام فرمايو "كَلَّا إِنَّ مَعِيَ رَبِّي سَيَهْدِينَ" هرگز نه (پهچندا) مون سان گڏ منهنجو رب آهي جلد منهنجي رهنمائي ڪندو" متصوف بزرگن هتي هي نڪتو بيان ڪيو آهي ته "حضرت موسيٰ على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام" تفرقة" جي مقام ۾ هو ۽ اسان جو نبي عليه الصلوٰة والسلام جمع جي مقام ۾ هو جنهن کي جمع الجوامع چوندا آهن پوءِ اها معية ان جمعية سان گڏيل ٻين سيني صحابن رضي الله عنهم کان سواءِ هڪ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه سان مخصوص آهي راوي جو بيان آهي ته پوءِ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جي بيعت ڪيائون ۽ روايت ۾ آيو آهي ته: حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه حضرت عمر فاروق رضي الله عنه کي تواضع ۽ انڪساري ۽ عهدي کان پري رهڻ جي خواهش ڏيکاريندي فرمايو ته "تون هٿ ڪشادو ڪر ته مان تنهنجي بيعت ڪيان." حضرت عمر رضي الله عنه کيس عرض ڪيو ته "تون مون کان وڌيڪ قوت وارو آهين" ۽ اهي جملا انهن ۾ ٻه ٽي ڀيرا ٿيندا رهيا ۽ حضرت عمر رضي الله عنه حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه کي چيو ته: منهنجي قوت به تنهنجي تابع آهي ۽ تنهنجي افضليت به برقرار آهي" ۽ ان ۾ اهو اشارو هو ته اوهان امير آهيو ۽ مان اوهان جو وزير ۽ مشير آهيان (۽ انشاءَ الله جل جلاله) ۽ انهن ٻنهي ڳالهين سان دين جو امر پورو رهندو نظام صحيح هلندو. ان کان پوءِ اتي موجود سيني ماڻهن حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جي بيعت ڪئي. ۽ اها بيعت حسنه هئي خوشي سان ٿي هئي ان ۾ ڪو به زور ۽ زبردستي نه هئي. ڇو ته اها حضور ڪريم ﷺ جي ارشاد مبارڪ "مَا رَآهُ الْمُؤْمِنُونَ حَسَنًا فَهُوَ عِنْدَ اللهِ حَسَنٌ" (جنهن ڪم کي مومن سهڻو ڏسن اهو الله جل جلاله وٽ به سهڻو آهي) ۽ صحابه ڪرام جو رضا خوشيءَ سان مجڻ ۽ بيعت ڪرڻ سهڻو ڪم هو ۽ ان بيعت ۾ انهن کي حق جو جمال مشاهدي ۾ آيو هو ڇو ته اها الله جل جلاله جي رضا مطابق هئي ۽ ابن اسحاق زهري پنهنجي سند سان انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته: جڏهن حضرت ابو بڪر رضي الله عنه جي بيعت ڪئي وئي ۽ ٻئي ڏينهن منبر تي وينو ته حضرت عمر رضي الله عنه اٿي بيهي ان کان پويان ڳالهايو الله جل جلاله جو حمد

ڪندي ۽ ان جي ثنا ڪندي فرمايائين تہ ”الله ﷻ اوهان جي امر کي اوهان کان ٻلي تي گڏ ڪيو ۽ رسول الله ﷺ جو صاحب, غار ۾ ان جو ٻيو پوءِ (جيڪي رهيل آهيو) اٿو ان جي بيعت ڪريو پوءِ عام رهيل ماڻهن بہ ان جي بيعت ڪئي, ان کان پوءِ حضرت ابوبڪر صديق ﷛ ڳالهايو. الله ﷻ جو حمد ۽ ثنا ڪندي فرمايائين اما بعد! اي انسانو! بيشڪ مان اوهان جو والي بڻايو ويو آهيان ۽ (هيئنانهين ڪندي چيائين) مان اوهان کان ڀلو ناهيان جيڪڏهن مان سهڻا ڪم ڪيان تہ منهنجي مدد ڪجو ۽ جيڪڏهن مان سهڻا ڪم نہ ڪيان تہ مون کي سڌو ڪجو. سچ امانت آهي ڪوڙ خيانت آهي اوهان وٽ جيڪو ضعيف آهي اهو مون وٽ قوي آهي تانجو مان ان ضعيف کي سندس حق ڏياريان. (ان شاءَالله ﷻ) ۽ اوهان مان قوي مون وٽ ضعيف آهي تانجو مان ان کان ضعيف جو حق وٺان (ان شاءَالله ﷻ) ۽ ڪابہ قوم الله جي راهہ ۾ جهاد ڇڏيندي تہ الله کيس ذلت ۾ وجهندو ۽ ڪنهن قوم ۾ ڪا برائي ڦهلجندي ۽ اهي ان کي نہ روڪيندا تہ) الله انهن کي عام مصيبت ۾ مبتلا ڪندو. جيستائين مان الله ﷻ ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪيان اوهان منهنجي اطاعت ڪجو ۽ جڏهن مان الله ۽ ان جي رسول جي بي فرماني ڪيان تہ اوهان منهنجي اطاعت نہ ڪجو اٿو پنهنجي نماز پڙهو. شال الله ﷻ اوهان تي رحمتون ڪرڻ فرمائي ۽ ابن اسحاق پنهنجي ڪتاب ”المغازي“ ۾ موسيٰ بن عقبه کان ۽ حاڪم بہ صحيح چوندي حضرت عبدالرحمان بن عوف ﷛ کان روايت آندي آهي تہ: حضرت ابوبڪر صديق ﷛ خطاب ڪندي فرمايو: مون کي ڪو ڏينهن يا رات ياد ناهي جو مونکي امير ٿيڻ جي خواهش تي هجي ۽ منهنجي ان طرف ڪا رغبت هئي ۽ مون لڪ ۾ يا ظاهر ۾ الله ﷻ کان اهڙي دعا گهري هئي ۽ پر مان فتني کان ڊڄندو هوس. ۽ مون کي امير هجڻ ۾ ڪا راحت ناهي مان وڏو امر ڪٽايو ويو آهيان جنهن (کي صحيح نموني ادا ڪرڻ) جي الله ﷻ جي قوت ڏيڻ, توفيق کان ۽ تائيد کان سواءِ مون کي طاقت ناهي پوءِ حضرت علي ۽ حضرت زبير ﷠ فرمايو تہ اسان ان جي ڪري ڪاوڙيا هئاسون جو اسان سان مشورو دير سان ڪيو ويو ۽ اسين حضرت ابوبڪر صديق ﷛ کي خلافت جو وڌيڪ حقدار سمجهون ٿا ۽ بلاشڪ اهو رسول الله ﷺ جي غار جو صاحب, (ساٿي) آهي ۽ اسين ان جي شرف ۽ ڀلائيءَ کي سڃاڻون ٿا ۽ حضور ڪريم ﷺ جن پنهنجي جيئري (ظاهري زندگيءَ ۾) ان کي نماز پڙهائڻ جي لاءِ امر فرمايو هو ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ انهن فرمايو: رسول الله ﷺ جن ان کان اسان جي لاءِ ديني اڳواڻ هجڻ ۾ راضي هئا تہ ڇا اسين ان کان پنهنجي دنياوي اڳواڻيءَ جي لاءِ راضي نہ ٿيون. دلائل جي هن مقدار ۾ هدايت وارن جي لاءِ هدايت آهي. گمراهي وارن کان سواءِ (جمع الوسائل ج 2 ص 211, 222) علامہ مناوي لکيو آهي تہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي تدفين ۾ دير ان جي ڪري ڪئي وئي (حالانڪ جلدي ڪرڻ گهرجي ها) جو ڀهريان تہ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان ۾ سندن رحلت ڪرڻ تي يقين نہ هو ٻيو تہ ان ۾ اختلاف رهيو تہ ڪين ڪٿي رکجي ٿيون تہ ان وڏي واقعي پيش اچڻ جي ڪري صحابہ ڪرام عليهم الرضوان تي هيبت طاري ٿي وئي هئي. جو اهڙو واقعو انهن کي نہ اڳي پيش آيو نہ پوءِ انهن مان ڪي ائين ٿي ويا جيئن روح کان سواءِ جسم ۽ ڪي ڳالهائڻ کان بند ٿي ويا ۽ ڪي هلڻ کان بند ٿي ويا ۽ ڪن کي حضور ڪريم ﷺ جي ڪم کي سنڀالڻ جي لاءِ خليفي مقرر ڪرڻ تي اختلاف جو خطرو نظر ٿي آيو ۽ اهو بہ ڊپ ٿي رهيو تہ متان دشمن اوچتو حملو ڪري وغيره.

علامہ موصوف اڳتي آيل حديث جي شرح ۾ لکيو آهي تہ امام (خليفي) جي مقرر ڪرڻ ۾ ذاتي قصد دين جي شعائر کي ان نموني قائم ڪرڻ هو. جيئن الله ﷻ جو امر آهي. واجبات جو ادا ڪرڻ، محرمات (حرام ڪيل ڪمن) جو ڇڏڻ. سنتن کي زندهہ ڪرڻ (برين) بدعتن کي ختم ڪرڻ ۽ دنيوي امور ۾ جائز نموني مال ونڊ ۽ حقدارن کي ڏيڻ ، ظلمن جو دفع ڪرڻ ظالم کي پڪڙي سزا ڏيڻ وغيره ٻيو ڪو ذاتي مقصد نہ آهي. بلڪ اهو ان جي لاءِ آهي تہ ماڻهن ۾ ديني امور جي انتظام ڪان سواءِ نہ انسانن جي سرن ۽ مالن جي لاءِ امن قائم هجي ها ۽ نہ هر حقدار کي ان جو حق ملي ها ۽ ان جي ڪري حبيب ڪريم ﷺ جن حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه کي امامت صغريٰ (نماز پڙهائڻ) ڏياري ۽ هن ۾ اهو بہ اشارو آهي تہ : امامت جي لاءِ روشن دليل آهي تہ : اهو اڳيان تي نماز پڙهائي جيڪو قوم ۾ افضل هجي ۽ ان کي نماز پڙهائڻ لاءِ بار بار امر ڪرڻ ۾ هن ڳالهہ جي لاءِ روشن دليل آهي تہ : اهو ئي سندن امامت ڪبريٰ (ملڪي سربراهيءَ) جي لاءِ وڌيڪ حقدار آهي. علامہ صاحب اڳتي لکيو آهي تہ : حضور ڪريم ﷺ جن ٽيڪ ڏئي ٻاهر نڪتا هئا تہ : حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه کي سندن امامت واري جاءِ تي ويهڻ ۽ پوئتي نہ هٽڻ جو امر ڪري پاڻ صف ۾ ويهي نماز پڙهڻ لڳا. ۽ ان صورت ۾ بہ پاڻ امام هئا ۽ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه سندن طرفان مبلغ هو ۽ بخاري ۽ مسلم جي هڪ روايت آهي تہ : حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه ماڻهن کي حضور ڪريم ﷺ جن جي تڪبير ٻڌائي رهيو هو ۽ اهو حضرت نبي ڪريم ﷺ جو جماعتي هو ۽ حضور ڪريم ﷺ جن جي لاءِ اهو جائز هو جو پاڻ صف ۾ ويٺل نماز ۾ هجن سندن مبلغ تڪبير جو آواز پهچائيندڙ اڳيان سندن ڪان جدا هجي. علامہ موصوف حضور نبي ڪريم ﷺ جن تي عام طريقي واري نماز جنازي نماز ۾ نہ پڙهڻ جو سبب بيان ڪندي هئي حديث بہ آندي آهي تہ حاڪم مستدرڪ ۾ ۽ محدث بزار روايت آندي آهي تہ : بلاشڪ حضور ڪريم ﷺ جن وٽ حضرت سيده عائشه رضي الله عنها جي گهر ۾ سندن اهل بيت ڪٺا ٿيا ۽ عرض ڪيائون اوهان جي نماز ڪير پڙهائي؟ تہ فرمايائون تہ : "اِذَا غَسَلْتُمُوْنِيْ وَ كَفَّنْتُمُوْنِيْ فَضَعُوْنِيْ عَلٰى سَرِيْرِيْ ثُمَّ اخْرُجُوْا عَنِّيْ سَاعَةً فَاِنَّ اَوَّلَ مَنْ يُّصَلِّيْ عَلَيَّ جِبْرِيْلُ ثُمَّ مِيْكَائِيْلُ ثُمَّ اِسْرَافِيْلُ ثُمَّ مَلَكُ الْمَوْتِ مَعَ جُنُوْدِهٖ مِنَ الْمَلَائِكَةِ ثُمَّ ادْخُلُوْا عَلَيَّ فَوْجًا بَعْدَ فَوْجٍ فَصَلُّوْا عَلَيَّ وَ سَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا." (جڏهن مون کي غسل ڏيو ۽ مون کي ڪفن ڏڪايو پوءِ مون کي منهنجي کٽ تي رکي هڪ گهڙي ڪمري مان ٻاهر نڪري وڃجو بلاشڪ اول ، مون تي جبريل صلواة (درود شريف) پڙهندو ان کان پوءِ ميڪائيل ان کان پوءِ اسرافيل ان کان پوءِ ملڪ الموت ملائڪن سان پنهنجي لشڪر سميت پڙهڻ ايندو ان کان پوءِ اوهان مون وٽ ٽولا ، ٽولا ٿي اچجو ۽ مون تي صلواة ۽ سلام پڙهي وڃجو: ۽ حضور ڪريم ﷺ جن کي جنهن پاڪ ڪمري ۾ دفن ڪرڻ جي لاءِ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه چيو هو تہ حضرت علي رضي الله عنه بہ ائين چوندي فرمايو هو تہ : "اَنْ لَّيْسَ فِي الْاَرْضِ بُقْعَةٌ اَكْرَمُ عَلَى اللهِ مِنْ بُقْعَةٍ قَبَضَ فِيْهَا نَفْسَ نَبِيِّهٖ " بلاشڪ الله ﷻ وٽ زمين ۾ ڪوبہ (زمين جو) ٽڪرو ان ٽڪري کان وڌيڪ عزت وارو ناهي جنهن ۾ پنهنجي نبي ﷺ جي روح کي قبض فرمايائين. الشريف السمهودي فرمايو تہ : امت جو اجماع آهي تہ جنهن زمين حضور ﷺ جي پاڪ جسم کي پاڻ ۾ ڍڪايو آهي اها سموري زمين تانجو ڪعبہ ڪان بہ پلي آهي. ان جو دليل حضرت علي رضي الله عنه جو منقول قول آهي جيئن حضور ڪريم ﷺ پنهنجن پيارن کي مختلف فضيلتن

سان نوازيندا هئا تيئن پنهنجي رحلت کان پوءِ واري حالت ۾ ڪنهن کي ڪهڙي مهرباني سان ته ڪنهن کي ڪهڙي مهرباني سان نوازيندا رهيا) پنهنجي غسل ڏيارڻ جي لاءِ پنهنجن رشتيدارن خصوصًا سيدنا علي ﷺ کي امر فرمايو هيائون. جيئن حضرت علي ﷺ جن پاڻ فرمايو ته "اَوْصَانِیُ النَّبِیُّ ﷺ اَن لَّا يَغْسِلَهٗ اَحَدٌ غَيْرِی فَاِنَّهٗ لَا يَرَا اَحَدٌ عَوْرَتِی الا طُمِسَتَ عَيْنَاهُ" مون کي نبي ڪريم ﷺ جن وصيت فرمائي ته ڪين مون کان سواءِ ڪو ٻيو غسل نه ڏياري پوءِ بلاشڪ ڪو هڪ به منهنجي اوگهڙ ڏسندو ته ان جون اکيون ميتجي منهن جي برابر ٿي ويندين. ابنِ سعد وڌيڪ هي به آندو آهي ته: حضرت علي ﷺ فرمايو پوءِ فضل حضرت عباس ﷺ جو پٽ ۽ اسامہ بن زيد ﷺ حضور ڪريم ﷺ جي غلام زيد جو پٽ مون کي پردي کان پويان ان حال ۾ پاڻي ڏيندا ٿي ويا جو سندن اکيون ٻڌل هيون حضرت علي ﷺ فرمايو ته پوءِ مون غسل جي لاءِ سندن کو به عضوو ڪنيو ٿي ته ائين ٿي سمجهيم ته مون سان ٽيهہ شخص ٻيا به ڪٺي رهيا هئا تان جو مان سندن غسل کان فارغ ٿيس ۽ حضرت عباس ﷺ ۽ ان جو پٽ فضل ﷺ سندن تعاون ڪري رهيا هئا ۽ قثم ۽ اسامہ ﷺ ۽ حضور ڪريم ﷺ جن جو غلام نشوان به اکيون ٻڌل حضرت علي ﷺ کي پردي جي پويان پاڻي ڏئي رهيا هئا. ۽ ڪين مشڪ ۽ ٻي خوشبوءِ نه لڳائي وئي هئي. ڇوته پاڻ خود مشڪ وغيره کان وڌيڪ خوشبودار هئا علامہ مناوي هن حديث جي شرح جي آخر ۾ لکيو آهي ته "هن مذڪور حالت تي ڪنٽرول ڪري ديني امور کي سنڀالڻ ۾ حضرت ابو بڪر صديق ﷺ جي اصحابن وٽ جليل القدر هجڻ ۽ مرتبي جي علو ۽ قلب جي قوت ۽ علم ۾ فائق هجڻ سندس اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪرڻ ۾ خلافت کان پهريان به سندس ڪمال واري هجڻ جو دليل آهي خلافت کان پويان به علامہ ابنِ حجر مڪي هيتمي لکيو آهي ته: عقيدو رکڻ گهرجي ته رسول الله ﷺ جن دنيوي احڪام جي لحاظ کان وفات ڪيل آهن نه ته پاڻ الله وٽ زندهہ آهن ان ڳالهہ تي امام غزالي نص ڪندي فرمايو آهي ته رسول الله ﷺ جن هن جهان ۾ اسان جي ظاهري اکين کان لڪل آهن. نه ته پاڻ الله ﷻ وٽ زندهہ آهن ۽ اها ڳالهہ الله ﷻ جي ڪلام ڪريم مان ثابت آهي. اڳتي لکيو اٿس ته: اصحاب ڪرام وٽ حضرت ابو بڪر ئي صاحب رسول الله ﷺ جي لقب سان مشهور هو ۽ اهي ڪيس گهڻو ڪري ان لقب سان ياد ڪندا هئا. سيني جو ان تي اتفاق آهي ڇوته قرآن ڪريم ۾ ڪيس اهو لقب ڏنل آهي اڳتي لکيو اٿس ته رسول الله ﷺ جي رحلت وقت سڀني معاملي کي درست ڪرڻ اصحاب ڪرام کي سمجهائڻ هي حضرت ابو بڪر صديق ﷺ جي يقين جي قوت مشاهدو ڪري ان جي طرفان قرآن ڪريم جون آيتون ٻڌي سڪون ورتو هو ۽ اهو به لکيو اٿس ته هتي حديث ۾ آيل لفظ "يصلون" سان سياق جي ڪري مراد درود شريف پڙهڻ آهي ۽ ڪين مزار مبارڪ ۾ لاهڻ وارن ۾ اختلاف آهي. پر صحيح قول هي ته حضرت علي ﷺ حضرت عباس ﷺ ۽ سندس سوٽ فضل ۽ قثم ﷺ هئا ۽ بخاري شريف ۾ روايت آهي ته وليد بادشاهہ جي دور ۾ حجره مبارڪ جي هڪ پٽ ڪري پئي ۽ اها ناهڻ لڳا ته ناهڻ وارن جي اڳيان هڪ پير مبارڪ ظاهر ٿيو پوءِ ڊڄي ويا ۽ سمجهايائون ته شايد اهو رسول الله ﷺ جو قدم مبارڪ آهي پر ان کي ڪو ٻيو ماڻهو ڪونہ پيو ملي جيڪو صحيح ڳالهہ ٻڌائي تانجو مروت انهن کي ٻڌايو ته هي حضرت عمر فاروق ﷺ جو قدم آهي ۽ آجري صاحب عروه ﷺ کان وڌيڪ روايت ڪندي آندو آهي ته ماڻهو رسول الله ﷺ

جن جي قبر شريف ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهندا هئا پوءِ حضرت عمر بن عبدالعزيز رحمه الله حڪم ڪيو ته پٽ مبارڪ مٽي ڪٽي وڃي تانت قبر مبارڪ تائين ڪوپهچي نه سگهي جڏهن اها پٽ مبارڪ ڪري پئي ته هڪ قدم مبارڪ پني ۽ گوڏي سميت ظاهر ٿيو ۽ حضرت عمر بن عبدالعزيز رحمه الله به ڏجي ويو پوءِ عروه چيو ته اهو قدم حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه جو آهي ته پوءِ حضرت عمر بن عبدالعزيز رحمه الله جي پريشاني دور ٿي محدث ابنِ حجر مڪي هيتمي هي به لکيو آهي ته حضرت علي رضي الله عنه فرمايو ته ميت ڪي وهنجارڻ مهل ان مان پليتي وغيره نڪرندي آهي پر رسول الله ﷺ جن بلڪل پاڪ ۽ صاف هئا. حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن ڪي غسل ڏيڻ مهل اهڙي خوشبوءِ هلي هئي جو اهڙي خوشبوءِ انهن ڪڏهن به نه سنگهي هئي. ۽ ابن الجوزي حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته غسل وقت جيڪو پاڻي حضور ڪريم ﷺ جن جي پاڪ پنبڻين ۾ گڏ ٿيو هو اهو حضرت علي رضي الله عنه چوسيندو ٿي ويو (اشرف الوسائل ص 572, 575)

سيد امير گيلاني هن حديث جي شرح ۾ لکيو آهي ته جنهن نماز ۾ حضور ڪريم ﷺ جن باهر آيا هئا ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه پوئتي هٽڻ لڳو هو اها سندن دنيا تان رحلت ڪرڻ جي آخري ڏينهن جي فجر جي نماز هئي. سندن مٿان نماز پڙهڻ جي هيئت هيءَ هئي. جو ٽولا ٿي حجره مبارڪ ۾ داخل ٿيندا تڪبير ۽ دعا ۽ صلواة پڙهندا نڪرندا ٿي آيا خود حضرت علي رضي الله عنه فرمايو هو ته ڪوبه ان نماز ۾ امامت نه ڪري. حضور ڪريم ﷺ جن سيني جا دنيوي ظاهري زندگي وانگر هينئر به امام آهن اڳتي لکيو اٿس ته حجره مبارڪ ۾ ڏهه ڏهه ڄڻا داخل ٿي ٿيا چوته حجره مبارڪ ننڍو هو ۽ صلواة ۽ سلام سان ڪجهه دعائون گهري باهر آيا ٿي. سيد موصوف قاضي سليمان منصور پوري جي حوالي سان لکيو آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن ٿي نماز ۾ هيءَ دعا هئي.

" اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا اَللّٰهُمَّ رَبَّنَا لَبَّيْكَ وَسَعْدَيْكَ صَلٰوةُ اللّٰهِ الْبَرِّ الرَّحِيْمِ وَالْمَلَائِكَةِ الْمُقَرَّبِيْنَ وَالنَّبِيِّيْنَ وَالصِّدِّيْقِيْنَ وَالشُّهَدَاءِ وَالصَّالِحِيْنَ وَمَا سَبَّحَ لَكَ مِنْ شَيْءٍ يَا رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ بْنِ عَبْدِ اللّٰهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْنَ وَسَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ وَاِمَامِ الْمُتَّقِيْنَ وَرَسُوْلِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ الشَّاهِدِ الْبَشِيْرِ الدَّاعِيْ بِاِذْنِكَ السِّرَاجِ الْمُنِيْرِ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ "

(حضرت عباس، حضرت علي، حضرت عباس جي ٻن پٽن فضل ۽ قثم ۽ حضور ڪريم ﷺ جي آزاد ڪيل غلام زيد جي پٽ اسامه بن زيد ۽ صالح حبشي ڪي به حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه چيو هو ته اوهان حضور ڪريم ﷺ جن ڪي غسل ڏيارجو ۽ بعض محدثن آندو آهي ته حضرت علي رضي الله عنه جي اجازت سان اوس انصاري حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه جي کوه تان غسل جي لاءِ پاڻي ڀري پهچايو هو. حجره مبارڪ ۾ مذڪوره شخصيتون هيون ۽ ڪين ڪپڙن ۾ غسل ڏياريو ويو هو (ڪمامر) (انوار غوثيه ص 572, 576) بعض شارحن لکيو آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن جنهن نماز پڙهائڻ سان حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي شروعات ڪرائي هئي اها سومهڻي نماز هئي ۽ حضرت ام المومنين سيده عائشه صديقه (رضي الله عنها وعن ابيها) جيڪو ڪين عرض ڪيو هو ته : منهنجو پيءُ دل جو نرم آهي اوهان جي جاءِ تي بيهي نه سگهندو سو واقعي ائين هو پر ڪم جي نازڪ هجڻ ۽ اهم هجڻ جي ڪري حبيب ڪريم ﷺ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي ان جي لاءِ ۽ بعد ۾ خلافت جي لاءِ اهميت

ڏيندي هر صورت ۾ اهو حڪم جاري ڪري ان تي عمل ڪرايو ۽ هڪ روايت ۾ آهي ته سيده عائشه صديقه رضي الله عنها سان گڏجي سيده حفصه رضي الله عنها بنهي کين عرض ڪيو ته پلا حضرت عمر فاروق رضي الله عنه کي چئو ته اهو نماز پڙهائي پر حضور ڪريم ﷺ جن ڪنهن جي به نه ٻڌي ۽ پاڻ فرمايو هيائون ته "الله جل جلاله ابو بڪر کان سواءِ ٻئي جي لاءِ انڪار ٿو ڪري ۽ مومن به ٻئي جي لاءِ انڪار ڪندا " حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه حضرت نبي ڪريم ﷺ جي رضا تي راضي رهي صبر کي برقرار رکندي سترهن نمازون جمعي جي رات کان وٺي سومر جي صبح واري نماز فجر تائين پڙهايون ۽ سومر جي منجهند ڌاري سندن دنيا تان رحلت ٿي. (فضائل النبي ﷺ ص 236, 237)

محدث ڪانڌلوي لکيو آهي ته : جڏهن ته حضور ڪريم ﷺ جن جي رحلت جي خبر ٻڌي مخالفن, منافقن ۽ ڪافرن جي حملن ۽ فتنن جو سخت خطرو هو ۽ حضور ڪريم ﷺ جن جي ٽيويهه سال لڳاتار ۽ سنڀاليل باغ کي مڪمل طور سنڀالڻ جي ضرورت هئي ۽ انهن اهم امور سميت حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جهڙي دلبر جي جدائي جنهن جي مثال اهي پنهنجا سر, ٻچا, گهر, مال گهور ڪري چڪا هئا ان جو برداشت ڪرڻ وڏي ڳالهه هئي. ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي شخصيت ئي هئي جنهن کان هر ڳالهه صحابي پڇي ان تي عمل ڪري رهيا هئا. اڳتي لکيو اٿس ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي بيعت جي ابتداء انصارن سڳورن وٽ ٿي هئي. ۽ ان کان پوءِ عام بيعت نبوي مسجد ۾ ٿي هئي. (خصائل نبوي ص 369, 370)

علامه البيجوري لکيو آهي ته : نبي ڪريم ﷺ جن تي سٺ هزار ملائڪن ۽ ٽيهن هزارن اصحابن رضي الله عنهم نماز پڙهي هئي ۽ سيني جدا جدا ٿي پڙهي ۽ جڏهن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه انصارن جي قول " اسان مان به امير ۽ اوهان مان به امير هجي" ٻڌو ته ان کي عقلي دليل سان ته ٻن اميرن جي ڪري تناقض ۽ راءِ جو اختلاف ٿي سگهي ٿو) رد نه ڪيو بلڪ انهن کي نبوي حديث ٻڌايائين جيڪا ٻين به چاليهن اصحابن روايت ڪئي هئي ته "اَلْاَئِمَّةُ مِنْ قُرَيْشٍ" (ملڪي سربراهه اڳواڻ قريشين مان هوندا.

سوال: روايت ۾ اچي ٿو ته حضرت علي رضي الله عنه ۽ حضرت عباس رضي الله عنه حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي ان بيعت ۾ راضي نه هئا؟

جواب: حضرت علي رضي الله عنه ۽ حضرت عباس رضي الله عنه جڏهن بيعت ڪئي هئي ته ان جي وضاحت ڪندي فرمايو هيائون ته : اسان کي اٽڪندڙ مشوري ۾ نه رکيو ويو اهو اسان کي ڏک ٿي پيو هو نه ته اسين به ڏسون ٿا ته خلافت جو وڏ ۾ وڏ حقدار حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه آهي. اهوئي رسول الله ﷺ جن جو غار جو صاحب, ساٿي آهي ۽ ان جي شرف ۽ ڀلي هجڻ کي اسين سمجهون ۽ سڃاڻون ٿا.

سوال: کين مشوري ۾ چونه رکيو ويو؟

جواب: ان جي ڪري جو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه کي انهن تي اعتماد هو ته اهي هن ڳالهه کي سمجهن ٿا حضرات انصار سڳورا متان هيءَ ڳالهه نه سمجهن ۽ ڪو قدم کڻي وهن ته پوءِ انتشار ٿي ويندو. اول انهن وٽ آيا ۽ انهن کي سمجهائي اتفاق ۽ اتحاد پيدا ڪري وڌائون. (المواهب ص 658, 668)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} النسائي في كتاب الوفاة من سننه الكبرىٰ كما في التحفة ج 3 ص 254 {2} ابن ماجه في كتاب امامة الصلواة والسنة فيها باب 142 {3} ابن خزيمة في صحيحه رقم الحديث 1624 ج 3 ص 59, 60.

{397} حَدَّثَنَا نَصْرُ بْنُ عَلِيٍّ، قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ الزُّبَيْرِ، شَيْخٌ بَاهِلِيٌّ قَدِيمٌ بَصْرِيٌّ، قَالَ: حَدَّثَنَا ثَابِتٌ الْبُنَانِيُّ، عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ: لَمَّا وَجَدَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِنْ كَرْبِ الْمَوْتِ مَا وَجَدَ، قَالَتْ فَاطِمَةُ: وَاكَرْبَاهُ، فَقَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: لاَ كَرْبَ عَلَى أَبِيكِ بَعْدَ الْيَوْمِ، إِنَّهُ قَدْ حَضَرَ مِنْ أَبِيكِ مَا لَيْسَ بِتَارِكٍ مِنْهُ أَحَدًا الْمُوَافَاةُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ.

بامحاوره ترجمو: انس بن مالڪ کان روايت آهي تہ جڏهن رسول الله ﷺ جن وفات جي وقت اها تڪليف محسوس ڪئي جيڪا محسوس ڪيائون تہ فاطمہ ﷝ فرمايو: افسوس تڪليف! تہ پاڻ فرمايائون اڄ کان پوءِ تنهنجي پيءُ تي ڪا تڪليف نہ ايندي اڄ تنهنجي پيءُ وٽ اهو حاضر ٿيو آهي جنهن کان ڪوبہ ڇٽندڙ ناهي، ملاقات قيامت جي ڏينهن آهي.

مفردات جو شرح: "ڪَرْبَ" ڏکيائي، سختي، تنگي. تڪليف.

سمجهاڻي: سيده فاطمہ ﷝ حضور ڪريم ﷺ جن جي تڪليف کي ڏسي فرمايو "هاءِ منهنجي بابي ڪريم جي تڪليف، مطلب اهي الفاظ سيده جي زبان مبارڪ مان بي اختيار نڪتا هئا ۽ سيده کي پنهنجي دلبر بابا جي تڪليف جو وڏو صدمو پهتو هو جنهن جو اظهار پاڻ ڪريم ﷺ جن کي مزار مبارڪ ۾ رکڻ کان پوءِ حضرت انس ﷛ سان هن طرح ڪيو هيائين. "يَا أَنَسُ أَطَابَتْ نَفْسُكَ أَنْ تَحْثُوْعَلَى رَسُوْلِ اللهِ ﷺ التُّرَابَ" اي انس! ڇا تنهنجي دل کي اها ڳالھ وڻي جو الله جي رسول ﷺ تي مٽي ورايو؟ ۽ سيده سڳوريءَ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي مزار مبارڪ جي مٽي کڻي پنهنجي اکين مبارڪن تي رکي شعر چيا هئا جيڪي مٿي لکي آيا آهيون. (انوار غوثيہ ص 578) علامہ البيجوري لکيو آهي تہ حبيب ڪريم ﷺ جن کي اها تڪليف سندن مراتب کي اجان وڌيڪ ترقي ڏيارڻ جي لاءِ هئي ۽ جڏهن سيده فاطمہ ﷝ فرمايو: هاءِ منهنجي پيءُ جي تڪليف" تہ پاڻ فرمايائون "اڄوڪي ڏينهن کان پوءِ تنهنجي پيءُ تي ڪابہ تڪليف نہ رهندي" ڇوتہ اها تڪليف جسماني تعلقات جي ڪري هئي ۽ اڄ کان پوءِ اهي ڏسڻ ۾ اچڻ وارا تعلقات قائم نہ رهندا ڇوتہ پاڻ قدسيہ حضور ڏانهن منتقل ٿي رهيا هئا پوءِ سندن اها تڪليف جلد ختم ٿيڻ واري هئي ان کان پوءِ پاڻ انهن سهڻين نعمتن ڏانهن منتقل ٿي رهيا هئا جيڪي نہ ڪنهن اک ڏٺيون ۽ نہ ڪنهن ڪن ٻڌيون ۽ نہ ڪنهن انسان جي دل تي چيڪيون هونديون، دنيا جون تڪليفون ختم ٿيڻ واريون آهن ۽ آخرت جون مهربانيون باقي آهن ۽ سيده کي اهو فرمايائون تہ "تنهنجي پيءُ وٽ اهو آيو آهي جيڪو ڪنهن کي بہ ڇڏيندو ناهي. يعني دنيا تان انتقال هڪ اهڙو الاهي امر آهي جنهن کان ڪوبہ بچي نہ سگهيو آهي. ۽ "موافاة" يعني ملاقات قيامت جي ڏينهن ٿيندي (المواهب ص 668، 669) علامہ علي القاري لکيو آهي تہ: بعض جو قول آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن کي تڪليف امت جو غم هو تہ سندن انتقال کان پوءِ انهن ۾ فتنا ۽ فساد پيدا ٿيندا. پر علامہ موصوف لکيو آهي تہ: هي قول ڪابہ حيثيت نہ ٿو رکي ڇوتہ ان مان معلوم

ٿئي ٿو ته سندن رحلت ڪرڻ سان سندن امت تي شفقت ختم ٿي ويندي پر ائين ناهي حقيقت هيءَ آهي ته سندن شفقت امت تي قيامت تائين قائم آهي ڇوته پاڻ سندن رحلت کان پوءِ اڳڻ وارن لاءِ به نبي آهن ۽ انهن جا اعمال سندن خدمت ۾ پيش ڪيا ويندا آهن. (جمع الوسائل ج 2 ص 222, 223)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابن ماجه في كتاب الجنائز باب 65 ذكر وفاته و دفنه رقم الحديث 1229 {2} ابنِ حبان في صحيحه رقمُ الحديث 6579 ج 8 ص 210 {3} الدارمي في المقدمة باب 14 رقم الحديث 87 ج 1 ص 54 {4} النسائي في كتاب الجنائز باب 13 في البكاء علي الميت ج 4 ص 12, 13 {5} الحاكم ج 1 ص 381, 382.

{398} حَدَّثَنَا أَبُو الْخَطَّابِ زِيَادُ بْنُ يَحْيَى الْبَصْرِيُّ ، وَنَصْرُ بْنُ عَلِيٍّ ، قَالاَ : حَدَّثَنَا عَبْدُ رَبِّهِ بْنُ بَارِقٍ الْحَنَفِيُّ قَالَ : سَمِعْتُ جَدِّى أَبَا أُمِّى سِمَاكَ بْنَ الْوَلِيدِ ، يُحَدِّثُ أَنَّهُ سَمِعَ ابْنَ عَبَّاسٍ ، يُحَدِّثُ أَنَّهُ سَمِعَ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ : مَنْ كَانَ لَهُ فَرَطَانِ مِنْ أُمَّتِى أَدْخَلَهُ اللهُ تَعَالَى بِهِمَا الْجَنَّةَ ، فَقَالَتْ عَائِشَةُ : فَمَنْ كَانَ لَهُ فَرَطٌ مِنْ أُمَّتِكَ ؟ قَالَ : وَمَنْ كَانَ لَهُ فَرَطٌ يَا مُوَفَّقَةُ قَالَتْ : فَمَنْ لَمْ يَكُنْ لَهُ فَرَطٌ مِنْ أُمَّتِكَ ؟ قَالَ : فَأَنَا فَرَطٌ لِأُمَّتِى ، لَنْ يُصَابُوا بِمِثْلِى.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابنِ عباس ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو ته : منهنجي امت مان جنهن جا ٻه نابالغ ٻار گذاري وڃن (۽ پيءُ ماءُ صبر ڪن) ته انهن جي ڪري الله ﷻ (معصوم ٻارن جي) پيءُ ماءُ کي بهشت ۾ داخل ڪندو. تنهن تي سيده عائشه صديقه ﷺ عرض ڪيو ته اوهان جي امت مان اهو شخص جنهن جو هڪ نابالغ ٻار مري ويو هجي ته ان لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟ "پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو ته هائو جنهن جو هڪ نا بالغ ٻار مري ويو هجي اي توفيق ڏنل! ته اهو به جنتي آهي. عرض ڪيائين پوءِ جنهن لاءِ اوهان جي امت مان نا بالغ ٻار نه هجي ته پاڻ فرمايائون پوءِ پنهنجي امت جو اڳواڻ آهيان جنهن منهنجي مثال کا تڪليف نه ڏنا ويندا.

مفردات جو شرح: "فَرَطٌ" ننڍپڻ ۾ وفات ڪري ويل ٻار. قافلي جي پهچڻ کان پهريان هڪ شخص جو مقرر مقام تي پهچي پاڻيءَ ۽ گاهه وغيره جو انتظام ڪرڻ.

سمجهاڻي: فرمان مبارڪ آهي "جنهن شخص جا منهنجي امت مان ٻه ننڍڙا ٻار فوت ٿي وڃن الخ" مطلب ته سندن امت مان جيڪڏهن ڪنهن جا ٻه ٻار ننڍي عمر ۾ فوت ٿي وڃن ته اهي ان جي لاءِ آخرت جو ذخيرو آهن اهي ان جي الله ﷻ وٽ سفارش ڪندا ۽ ان کي بخشش ڏياري جنت ۾ وٺي ويندا انهن جي ذريعي اهو جنت ۾ ويندو. گويا ان جي لاءِ جنت ۾ وڃڻ جا هي وسيلو بنجندا ۽ جن جو ڪو ننڍو ٻار وفات نه ڪري ويو آهي ته ان جي لاءِ پاڻ فرمايائون "مان آهيان" ۽ جڏهن ته سندنِ امت امتِ اجابت آهي ان جي ڪري پاڻ سندن شفاعت ڪندا. حديث شريف ۾ آهي "أَنَا فَرَطُكُمْ عَلَى الْحَوْضِ" (مان اوهان جو حوض (ڪوثر) تي اڳواڻ (انتظام ڪندڙ) هوندس) اول وڃي اوهان جي لاءِ سهوليت ۽ آرام جو انتظام ڪندس ۽ پاڻ ننڍي ٻار جي نمازِ جنازه ۾ دعا جا جيڪي الفاظ سيکاريائون انهن ۾ هي به آهي "اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهُ لَنَا فَرَطًا" (اي الله! ان کي اسان جو اڳواڻ بناءِ) جيڪو اسان جي شفاعت جو ذريعو بنجي. اڳتي ارشاد آيو "منهنجي مثال کا تڪليف نه ڏنا ويندا" مطلب ته

منهنجي ظاهري جدائي جهڙو صدمو ٻيو ڪوبہ نہ پهچندن. هي ناقابل برداشت صدمو اٿن پر ان تي بہ صبر ڪان سواءِ ڪو چارو ناهي. (انوار غوثيہ ص 580, 581) ۽ هن حديث ۾ حضور ڪريم ﷺ جن سيده عائشه صديقه رضي الله عنها کي فرمايو "يَا مُوَفَّقَةُ" اي توفيق ڏنل. يعني ديني مسائل جي سمجهڻ جي لاءِ توفيق ڏنل. هن پيار واري لفظ ۾ ڪيس شرعي مسائل جي پڇڻ جي لاءِ حرص ڏياريل آهي ۽ ان جي ڪري سيده وڏيڪ سوال بہ ڪيو هو تہ "جنهنجي لاءِ اڳ ۾ وفات ڪيل هڪ ٻار بہ نہ هجي؟ تہ پاڻ جواب ۾ ارشاد فرمايائون. "پوءِ مان پنهنجي امت جي لاءِ اڳوات انتظام ڪندڙ آهيان" ۽ هن امت مان مراد سندن سڏ کي قبول ڪرڻ واري امت (امت اجابت) آهي ۽ پاڻ اهو بہ فرمايائون تہ "منهنجي جدائي جهڙي مصيبت نہ ڏنا ويندا" چوتہ پاڻ امت کي پيءُ ماءُ ۽ اولاد کان وڌيڪ پيارا آهن ان جي ڪري سندن جدائي انهن جي لاءِ سيني ڏکن کان وڏو ڏک آهي ۽ ان جي ڪري پاڻ پنهنجي رحلت واري بيماري ۾ فرمايو هيائون جيئن سنن ابن ماجه ۾ روايت آهي "اي انسانو! جيڪڏهن ماڻهن مان يا الفاظ آهن تہ "مومنن مان ڪو تڪليف ڏنو وڃي تہ اهو مون کي ڏنل تڪليف سان سبق حاصل ڪري بلاشڪ منهنجي امت مان ڪو هڪ امتي بہ منهنجي تڪليف کان پوءِ مون کان وڌيڪ تڪليف نہ ڏنو ويندو ۽ مدينہ منوره ۾ جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن مصيبت سان تڪليف ڏنو ويندو هو تہ ان وٽ ٻيو مسلمان اچي ان کي هٿ ملائي چوندو هو تہ "اي الله جا ٻانها! الله کان ڊڄ (بي صبري نہ ڪر) بلاشڪ رسول الله ﷺ جي ذات ۾ سهڻي اڳواٽي آهي" ۽ مسلم شريف جي روايت آهي تہ جڏهن الله جل جلاله ڪنهن امت سان ڀلائي جو ارادو ڪندو آهي تہ انهن کان اڳي انهن جي نبي (عليه الصلوة والسلام) کي رحلت ڪرائيندو آهي ۽ ان کي سندن جي لاءِ اڳوات انتظام ڪندڙ ۽ اڳواڻ ڪندو آهي ۽ جڏهن ڪنهن امت جي هلاڪ ڪرڻ جو ارادو ڪندو آهي تہ انهن جو نبي زندهہ هوندو آهي ان کي ڏيکاريندو آهي تہ ان جي بي فرمانن کي عذاب ٿي رهيو آهي تانت پنهنجي دشمنن کي هلاڪ ٿيندي ڏسي ۽ ان جون اکيون ٺرن جو ان کي ڪوڙو چئي ان جي بي فرماني ڪئي هيائون.

(المواهب ص 669, 670. جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 223) اشرف الوسائل ص 588)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} **احمد في المسند** ج 1 ص 334 {2} **البيهقي في سننه** ج 4 ص 68 {3} **الخطيب في تاريخ بغداد** ج 12 ص 208 {4} **البغوي في شرح السنه** رقم الحديث 1550 ج 5 ص 456, 457.

باب پنجونجاهون

بَابُ : مَا جَاءَ فِي مِيرَاثِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

هي باب رسول الله ﷺ جي ورثي جي باري ۾ آهي

سمجهاڻي: هن باب ۾ آيل حديثن مان واضح آهي ته رسول الله ﷺ جن جيڪو ڪجهه ڇڏي ويا هئا اهو عام ٻين ماڻهن وانگر وارثن ۾ ورهائڻ ناجائز هو. جيئن قرآن ڪريم ۾ سندن گهروارين کي مومنن جون مائرون سڏي انهن سان ڪنهن ٻئي کي نڪاح جي اجازت نه ڏني وئي آهي ۽ هڪ ٻي حديث ۾ آيو آهي ته "خَيْرُ مَالِ الْمَرْءِ الزَّوْجَةُ الصَّالِحَةُ" مڙس جو ڀلو مال ان جي صالح گهرواري آهي) هن مان معلوم ٿيو ته عورت به مڙس جي هڪ قسم جي ملڪيت آهي ۽ جنهن جي گهرواري ٻيو مڙس ڪري سگهي ٿي ان جو ٻيو ڪجهه رهيل سامان وغيره به وارثن ۾ ورهائي سگهجي ٿو پر جنهن جي عورت سان ٻئي جو نڪاح حرام آهي ان جو ورثو نه ورهايو ويندو. ان حڪم تي قرآن ڪريم ۽ حديث جو اتفاق نظر اچي ٿو.

انبياء عليهم الصلوٰة والسلام **جو ورثو ڇو نه ورهايو ويو؟ ان ۾ حڪمتون:** انبياءِ ڪرام علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام کي الله ﷻ پنهنجو نائب ۽ خليفو ڪري موڪليو ان جي ڪري انهن وٽ جيڪو ڪجهه هو ان کي پنهنجي نه پر الله ﷻ جي ملڪيت سمجهندا هئا انهن ٻين وانگر ذاتي ملڪيت نه ناهي جيڪڏهن ائين ڪن ها ته ماڻهن کي بدگماني جو موقعو ملي ها ۽ اهي به مال ڪمائڻ جي لاءِ نبوت جي دعويٰ ڪن ها. پر نبين عليهم الصلوٰة والسلام پنهنجي گهٽ ۾ گهٽ ضرورت پوري ڪندي باقي ملڪيت کي امت جي ڀلائي لاءِ استعمال ڪيو ۽ رکيو ۽ ان ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جو ڪو حق نه رهيو. هي اهل السنة والجماعت جي امت جي علماء جو اجماعي فيصلو آهي ۽ ان ۾ ڪو به اختلاف ناهي. ها ان ۾ اختلاف رهيو ته اهو حڪم حضور ڪريم ﷺ سان خاص هو يا سمورن نبين عليهما الصلوٰة والسلام جي لاءِ هو : جمهور علماء جي هيءَ راءِ آهي ته سڀني نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي لاءِ هو ۽ ان حڪم جا سبب ڪهڙا آهن انهن مان ڪجهه هتي لکجن ٿا. {1} هڪ ته انبياءِ عليهم الصلوٰة والسلام پنهنجين قبرن ۾ زنده آهن تنهنڪري انهن جي شيءِ انهن جي ئي ملڪيت ۾ رهندي ان زنده هجڻ جي ڪري ئي سندن ازواج مطهرات سان ٻين کي نڪاح ڪرڻ حرام هو. {2} ٻيو ته انبياءِ ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام پنهنجي ظاهري زندگي ۾ الله ﷻ جي محبت ۾ ايترا فنا هئا جو ڪا به شيءِ پنهنجي ملڪيت ڪري نه رکندا هئا جو وارثن ۾ ورهائي وڃي صحيح ۽ حقيقي تصوف جا صاحب صوفي به فرمائيندا آهن ته "الصوفى لا يملك" صوفي ڪنهن شيءِ جو مالڪ نه هوندو آهي پر ان جو مطلب هي نه آهي ته اهو شرعي طور ڪنهن شيءِ جو مالڪ ناهي بلڪ ان جو مطلب هي آهي ته اهو هن فنا ٿيندڙ شين کي پنهنجو نه ٿو سمجهي. {3} ٽيون ته دنيا جي هر شيءِ الله ﷻ جي ملڪيت آهي ۽ ان ۾ الله جو نبي الله جي خليفي هجڻ جي حيثيت سان تصرف ڪندو آهي. {4} چوٿون ته جيڪڏهن نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي ٿوري

گهٽي ڇڏيل شين ۾ ميراث جاري ٿئي ها تہ احتمال هو تہ ڪو بد نصيب وارث مال جي طمع ۾ نبي جي ظاهري زندگي جو مخالف ٿئي ها يا ان جي ظاهري زندگي جي پوري ٿيڻ جي تقاضا ڪري ها ۽ اهي ٻئي ان جي ٻنهي جهانن ۾ برباد ٿيڻ جو ذريعو بنجن ها. {5} پنجون تہ ماڻهن ۾ هي وهم پيدا نہ ٿئي تہ نبوت جي دعويٰ شايد مال گڏ ڪرڻ ۽ پنهنجي اهل ۽ عيال کي مالدار ڪري ڇڏڻ جي لاءِ ڪئي وئي هئي. {6} ڇهون تہ انبياءِ ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام جي قدسيه ذات کي مال جي ميراث ۽ ڪچري کان پاڪ صاف رکيو ويو آهي. {7} ستون تہ نبي عليه الصلوٰة والسلام سڄي امت جي لاءِ پيءُ جي برابر آهي ان جي ڪري ان جو ٿورو گهڻو ڇڏيل مال سڄي امت جي مفاد ۾ استعمال ڪيو ويندو. وغيره وغيره. الله جل جلاله جي احڪام جون حڪمتون بي نهايت هونديون آهن هر انسان پنهنجي پنهنجي سمجهہ جي موافـــق حڪمتون بيان ڪندو آهـــي. ان کان سواءِ بہ معلوم ناهي تہ ڪيتريون حڪمتون هونديون جيڪي الله جل جلاله کي ئي معلوم آهن. (خصائل نبوي ص 372)

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن هٿيار ۽ هڪ سفيد خچر ۽ ڪجهہ زمين ڇڏي هئي اها بہ صدقو ڪري ويا هئا هٿيارن ۾ مٽي تي رکڻ وارو لوهہ جو ٽوپلو (خود) نيزو تلوار ۽ زرهہ هئي. الاتحافات الربانية جي مصنف علامہ عبدالجواد الداومي ص 405 تي لکيو آهي تہ "هن باب ۾ ست حديثون آهن جن مان اسين سمجهون ٿا تہ هن وڏي شان واري رسول ﷺ هن فاني دنيا کي ان حال ۾ ڇڏيو جنهن حالت ۾ پاڻ دنيا تي آيا هئا. نہ خزانن جا ڍير ڇڏيائون ۽ نہ پاڻ کان پوءِ پوئتي محلات ڇڏيائون ۽ هن ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ سندن هٿن پاڪن ۽ زبان مبارڪ مان عفت ۽ پاڪيزگي ظاهر ٿي رهي هئي. ۽ سندن وجود پاڪ دنيا جي بادشاهن جي وجود کان اعليٰ هو ۽ سندن شاگرد اصحابي پيارا جهانن جا استاد هئا ۽ پاڻ الرفيق الاعليٰ ڏانهن ان حال ۾ ويا جو پوئتي دنيا فاني جي شين مان ڪجهہ بہ نہ ڇڏيائون ۽ اسان جي لاءِ اهو ڇڏي ويا جو جيڪڏهن اسان ان کي مضبوطي سان ورتو تہ ڪڏهن بہ گمراهہ نہ ٿينداسون. الله جل جلاله جو ڪتاب ۽ سندن سنت. اي مسلمان امت! اوهان جي نبي عليه الصلوٰة والسلام جو ورثو الله جل جلاله جو ڪتاب ۽ هدايت ڪندڙ سنت آهي پوءِ ان جي حفاظت ڪيو تہ هدايت وارا رهندؤ.

(انوار غوثيه ص 583)

{399} حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مَنِيعٍ، قَالَ: حَدَّثَنَا حُسَيْنُ بْنُ مُحَمَّدٍ، قَالَ: حَدَّثَنَا إِسْرَائِيلُ، عَنْ أَبِي إِسْحَاقَ، عَنْ عَمْرِو بْنِ الْحَارِثِ، أَخِي جُوَيْرِيَةَ لَهُ صُحْبَةٌ قَالَ: مَا تَرَكَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِلَّا سِلَاحَهُ وَبَغْلَتَهُ وَأَرْضًا جَعَلَهَا صَدَقَةً

بامحاوره ترجمو: اصحابي حضرت عمرو بن حارث رضي الله عنه (جيڪو مومنن جي ماءُ حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها جي آزاد ڪيل ٻانهيءَ) جويريہ رضي الله عنها جو ڀاءُ هو. ان کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ (وصال وقت) رڳو پنهنجا هٿيار ۽ خچر ۽ ڪجهہ (فدڪ جي) زمين ڇڏيا هئا ۽ پاڻ اها زمين بہ (خدا جي راهہ ۾) صدقو يا خيرات ڪئي هيائون.

مفردات جو شرح: "مَاتَرَكَ" نہ ڇڏيائون. "سِلَاحَهُ" پنهنجا هٿيار. "بَغْلَتَهُ" پنهنجو خچر. "أَرْضًا" زمين.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ سرڪار دوعالم ﷺ جن جي رحلت کان پوءِ سندن پوئتي رهايل ۽ ڇڏيل

سامان جو ذڪر آهي تہ پاڻ پنهنجا هٿيار هڪ سواري وارو خچر ۽ زمين ڇڏي هيائون جيڪا بہ صدقو ڪري ڇڏي هيائون. علامہ ابن حجر مڪي هيتمي فرمايو تہ: اهو حصر اضافي آهي ڇو تہ حضور ڪريم ﷺ جن ان کان سواءِ بہ ڪجهہ بدن پاڪ جا ڪپڙا ۽ ڪجهہ گهر جو سامان ڇڏيو هو يا راويءَ انهن شين جو ذڪر ان جي لاءِ نہ ڪيو آهي جو تمام ٿوريون هيون. حضور ڪريم ﷺ جو خچر، نيزو تلوار ۽ هڪ زره هئي. (انوار غوثيه ص 584)

علامہ علي القاري لکيو آهي تہ: اها زمين فدڪ جي علائقي جي اڌ زمين هئي ۽ وادي القرىٰ جي زمين مان هڪ قلعو ۽ راوي جيئن هٿيار ۽ خچر جي نسبت حضور ڪريم ﷺ جن ڏانهن ڪندي "سلاحه وبغلته" ۾ "ه" ضمير آندو آهي تيئن "ارض" نہ چيائين ان ڪي "ارضا" ڪري بيان ڪيائين ڇو تہ هٿيار ۽ خچر حضور ڪريم ﷺ جن پنهنجي لاءِ مخصوص فرمايا هئا ۽ زمين جي پيدائش ضرورت آهر پاڻ ڪٽندا هئا پنهنجي عيال کي ان مان ڏيندا هئا ۽ مسڪينن مسلمانن کي بہ ان سان نوازيندا هئا ۽ جڏهن زمين جي پيداوار پاڻ صدقو ڪندا هئا تہ ان جو حڪم وقف وارو ٿي ويو ۽ پاڻ پنهنجا خريد ڪيل ٻانها ۽ ٻانهيون پنهنجي ظاهري زندگي ۾ آزاد ڪري ڇڏيا هيائون. ۽ گهر جو ٿورو گهڻو سامان امهات المومنين جي حوالي ڪيل هو. ڪپڙا گهڻا نہ هئا جو انهن جو ذڪر ڪرڻ گهرجي ها ۽ بعض سيرت نگارن لکيو آهي تہ رسول الله ﷺ جن جا اٺ بہ گهڻا هئا ۽ سندن ڏاچيون هيون جيڪي مدينہ منوره جي پسگردائيءَ ۾ چرنديون هيون. ۽ هر رات انهن جو کير سندن خدمت ۾ پيش ڪيو ويندو هو (جيڪو غالبًا غريبن کي ڏنو ويندو هوندو) ۽ سندن ست رڍون هيون. انهن جو کير سڀ غريب هر رات پيئندا هئا ۽ ظاهر آهي تہ اهي اٺ صدقي جا هئا ۽ ڏاچيون ۽ رڍون کين تحفي طور مليون هيون. جيئن انهن جي باري ۾ صريح روايتون آيل آهن ۽ هن ڪتاب ۾ بہ اهڙي روايت اڳيان اچي رهي آهي تہ: رسول الله ﷺ جن اها زمين ان جي ڪري صدقو ڪئي هئي جو ان جو اجر قيامت تائين کين ملندو رهندو الله جل جلاله حضور ڪريم ﷺ جن جي لاءِ فنا جا اعلىٰ اقسام ۽ فقر جا وڏي شرف وارا انواع گڏ ڪيا هئا پاڻ ڪمال جي مراتب ۾ ڪامل ۽ سندن صبر سيني صابرن کان وڌيڪ ۽ خوشحالي ۾ پاڻ سيني کان وڏا شاڪر ۽ دل جا غني هئا ۽ ان کان وڌيڪ دل جو غني ڪير آهي جنهن جي اڳيان زمين جي خزانن جون ڪنجيون پيش ڪيون وڃن ۽ اهو قبول نہ ڪري ۽ سندن خدمت ۾ مال، ملڪيتون رکيا وڃن. تہ اهي سمورا في سبيل الله خيرات ڪري پوءِ اٿي ۽ پنهنجي لاءِ ڪابہ شيءِ نہ رکي. پوءِ الله جل جلاله سندن قدر کي ان کان بلند ڪيو ڇو انهن مسڪينن فقيرن مان هجن جو مال سندن پوين جي لاءِ ورثو نہ بنجي الله جل جلاله سندن دل کي مڪمل غني بنايو ۽ سندن قلب ۾ وسعت پيدا ڪئي. پاڻ نہ مال گڏ ڪيائون ۽ نہ زمينداري ڪيائون. ۽ نہ ٻڪريون يا ڏاچيون رکيائون ۽ نہ ٻانهو ۽ ٻانهي ڇڏيائون ۽ نہ دينار ۽ درهم رهايائون. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 224) **البيجوري** لکيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن هن حديث ۾ مذڪور ٽن شين کي صدقو ڪري ڇڏيو هو ڇو تہ سندن فرمان آهي: "نَحْنُ مَعَاشِرُ الْاَنْبِيَاءِ لَانُوَرِّثُ مَاتَرَكْنَاهُ صَدَقَةٌ" اسين نبين (عليهم الصلوٰة والسلام) **جي جماعت** (دنيا جي سامان جا) وارث نہ ڇڏيندا آهيون. اسان (دنيا تان رحلت ڪرڻ وقت) جيڪو ڪجهہ ڇڏيو اهو صدقو آهي) پوءِ **"جعلها"** ۾ **"ها"** ضمير ٽنهي ذڪر ڪيلن ڏانهن وري ٿو. مراد هي آهي تہ حضور

ڪريم ﷺ جن سندن حوالي ڪيل زمين ظاهري زندگي ۾ ئي پنهنجي اهل، گهروارين ، خادمن ۽ مسڪينن مسلمانن ۾ صدقو ڪري ڇڏي هئي تہ ان جي پيدائش انهن ۾ ورهائي وڃي اها مراد ناهي تہ سندن دنيا تان انتقال ڪان پوءِ صدقو ڪئي وئي. جيئن سندن باقي رهيل ٿوريون گهڻيون شيون مسلمانن تي صدقو هيون. (المواهب ص 682، اشرف الوسائل ص 589)

حضور ﷺ جا خچر: بخاري شريف جي شرح عيني لکيو آهي تہ : سيدنا رسول الله ﷺ جن کي ڇهہ خچر مليا هئا. {1} هڪ جو نالو شهبا هو. ان ۾ ڪاري رنگ تي اڇو رنگ غالب هو. ان کي ئي "دلدل" چوندا هئا. اهو خچر سندن خدمت ۾ مقوقس بادشاهہ موڪليو هو. ان جي عمر وڏي ٿي هئي. هتي ان جو ذڪر آهي. اهو حضور ڪريم ﷺ جن جي دنيا تان رحلت ڪان پوءِ حضرت علي ﷺ جي حوالي رهيو هو. ان ڪان پوءِ سندس پائٽي حضرت عبدالله بن جعفر ﷺ جي حوالي هو. ۽ جڏهن اهو خچر ڪراڙو ٿي ويو هو تہ حضرت عبدالله بن جعفر ﷺ ان کي جوَ رڌي پوءِ کارائيندو هو. {2} ٻيو سندن خچر "فروه" جذامي موڪليو هو ان کي "فضہ" سڏيندا هئا. اهو پاڻ حضرت ابو بڪر صديق ﷺ کي ڏنو هيائون. {3} ٽيون اهو خچر هو جيڪو "دومة الجندل" واري حاڪم موڪليو هو. {4} چوٿون "ايلہ" جي بادشاهہ موڪليو هو جنهن کي ايليه سڏيندا هئا. {5} پنجون نجاشي بادشاهہ موڪليو هو. {6} ڇهون ڪسريٰ بادشاهہ لاءِ چوندا آهن پر ان جي طرفان موڪلڻ جو ثبوت ڪونہ ٿو ملي. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي رحلت ڪرڻ ڪان پوءِ صرف "دلدل" رهيو هو. (فضائل النبي ﷺ ص 340، 241)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} رواه البخاري في كتاب الوصايا باب 1 الوصايا رقم الحديث 2739 ج 5 ص 356 {2} النسائي في كتاب الاحباس في ترجمته ج 6 ص 229 {3} احمد في المسند ج 4 ص 279 {4} الدار قطني في سننه ج 4 ص 85 {5} البيهقي في سننه ج 6 ص 160.

{400} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ الْمُثَنَّى قَالَ : حَدَّثَنَا أَبُو الْوَلِيدِ ، قَالَ : حَدَّثَنَا حَمَّادُ بْنُ سَلَمَةَ ، عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ عَمْرٍو ، عَنْ أَبِي سَلَمَةَ ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ : جَاءَتْ فَاطِمَةُ إِلَى أَبِي بَكْرٍ فَقَالَتْ : مَنْ يَرِثُكَ ؟ فَقَالَ : أَهْلِي وَوَلَدِي ، فَقَالَتْ : مَالِي لاَ أَرِثُ أَبِي ؟ فَقَالَ أَبُو بَكْرٍ : سَمِعْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ : لاَ نُورَثُ ، وَلَكِنِّي أَعُولُ مَنْ كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَعُولُهُ ، وَأُنْفِقُ عَلَى مَنْ كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُنْفِقُ عَلَيْهِ

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو هريره ﷺ کان روايت آهي تہ (خاتون جنت) حضرت فاطمہ ﷺ حضرت ابو بڪر صديق ﷺ وٽ آئي ۽ ڪيس چيائين تہ تنهنجو وارث ڪير ٿيندو؟ ان چيو تہ منهنجا گهروارا ۽ منهنجو اولاد وارث ٿيندا. تنهن تي بيبي صاحبہ چيو تہ پوءِ آءُ پنهنجي پيءُ جي وارث ڇونہ آهيان؟ حضرت ابو بڪر صديق ﷺ چيو تہ مون رسول الله ﷺ کي فرمائيندي ٻڌو تہ "اسان نبين (جي مال) جو ڪو وارث ڪونہ ٿيندو آهي." مان انهن جي سار سنڀال لهندس، جن جي رسول الله ﷺ جن سار سنڀال لهندا هئا ۽ انهن تي خرچ ڪندس، جن تي رسول الله ﷺ جن خرچ ڪندا هئا.

مفردات جو شرح: "أَعُولُ" مان ماني ۽ ڪپڙا ڏيندو رهندس، عيال وانگر سنڀاليندس. "عول" مصدر کان ورتل آهي ان جي معني آهي خبر وٺڻ، سنڀالڻ، پرورش ڪرڻ، ماني، ڪپڙو ڏيڻ.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ سيده فاطمه ﷺ جو حضرت ابو بڪر صديق ﷺ کان سوال جو ذڪر آهي تہ

"تنهنجو وارث ڪير ٿيندو؟ " ۽ پاڻ ڪيس جواب ۾ عرض ڪيائين تہ "منهنجو اهل ۽ منهنجو اولاد" يعني اهي منهنجا وارث ٿيندا. تہ وري سيده خاتون جنت ڪيس چيو تہ "مان پنهنجي بابا جي وارث چونہ ٿي ٿيان؟ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه ڪيس عرض ڪيو تہ "مون رسول الله ﷺ جن کان ٻڌو هو پاڻ فرمايو هيائون تہ "لَا نُوْرَثُ" اسان جو ورثو نہ ورهايو ويندو" پر مان (حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه) انهن ڪي ماني ۽ ڪپڙا ڏئي سنڀاليندس جن ڪي حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ماني ۽ ڪپڙا ڏئي سنڀاليندا هئا. ۽ انهن تي خرچ ڪندس. جن تي پاڻ خرچ ڪندا هئا. علامہ ابنِ حجر مڪي هيتمي لکيو آهي تہ حضرت سيده فاطمہ رضي الله عنها ان طريقي سان سوال ڪرڻ سان معلوم ڪرڻ ٿي چاهيو تہ حضور ڪريم ﷺ جن جو ورثو چونہ ٿو ورهايو وڃي؟ ۽ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه ڪيس حقيقت بيان ڪري ٻڌائي تہ اوهان جي بابي ڪريم ﷺ جو اهو حڪم آهي ان تي ئي عمل ڪيو ويندو. اوهان ڪي ڪپڙا ڪاڌو خرچ ملندو ۽ جن ٻين تي حضور ڪريم ﷺ جن جهڙي نموني مهرباني ڪندا هئا انهن تي بہ اها سندن جاري ڪيل مهرباني ڪپڙي ۽ ڪاڌي ڏيڻ واري جاري رهندي. باقي رسول الله ﷺ جن ڪا اهڙي وڏي ملڪيت نہ ڇڏي جيڪا ورهائڻ يا تقسيم جي قابل هجي. حضرت عمرو بن الحارث رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: رسول الله ﷺ جن دنيا تان رحلت ڪرڻ وقت دينار. درهم ، ٻانهو ، ٻانهي ۽ ٻي ڪا بہ شيءِ نہ ڇڏي هئي صرف سفيد خچر ۽ هٿيار ۽ ٿوري زمين هئي جيڪا صدقو ڪري ڇڏي هيائون. (انوارِ غوثيه ص 585)

سوال: قرآن ڪريم ۾ آهي تہ "وَوَرِثَ سُلَيْمَانُ دَاوُدَ" (حضرت) سليمان (حضرت) داود جو وارث ٿيو پوءِ ڪيئن ٿا چئو تہ نبي جو ڪير وارث نہ ٿيندو آهي؟

جواب: ورثي مان مراد نبوت ۽ علم جو ورثو آهي چوتہ جيڪڏهن ملڪيت جو ورثو مراد هجي ها تہ حضرت داؤد على نبينا وعليه الصلوة والسلام جا تہ ٻيا پٽ بہ هئا صرف حضرت سليمان على نبينا وعليه الصلوة والسلام جو وارث هجڻ بيان نہ ڪيو وڃي ها اهڙي طرح الله جل جلاله جو فرمان "يَرِثُنِىْ وَيَرِثُ مِنْ اٰلِ يَعْقُوْبَ" (منهنجو ۽ (حضرت) يعقوب جي اولاد جو وارث ٿيندو) ۾ نبوت ۽ علم جو ورثو مراد آهي. حضور ڪريم ﷺ جن ان جي ڪري فرمايو: "اَلْعُلَمَاءُ وَرَثَةُ الْاَنْبِيَاءِ اِنَّ الْاَنْبِيَاءَ لَمْ يُوَرِّثُوْا دِيْنَارًا وَلَا دِرْهَمًا وَاِنَّمَا وَرَّثُوا الْعِلْمَ فَمَنْ اَخَذَهُ اَخَذَ بِحَظٍّ وَافِرٍ" (علماء انبياء جا وارث آهن ۽ بلاشڪ انبياء (عليهم الصلوة والسلام) دينار ۽ درهم جو ڪو وارث نہ بڻايو انهن علم جو ورثو ڇڏيو جنهن علم حاصل ڪيو ان پورو پورو ڀاڱو حاصل ڪيو.

(اشرف الوسائل ص 590)

وارث نہ ڪرڻ ۾ حڪمتون

علامہ البيجوري لکيو آهي تہ: نبين عليهم الصلوة والسلام جي وارث نہ ٿيڻ ۾ هي حڪمتون هيون. {1} هڪ هيءَ حڪمت هئي تہ ڪو سندن وفات جي تمنا نہ ڪري تہ نبي عليه الصلوة والسلام وفات ڪري تہ سندن ملڪيت مان ڪٽان. {2} ٻي هيءَ حڪمت هئي تہ متان ماڻهو (مخالف) چون تہ انهن نبوت جي دعويٰ ئي مال ميڙڻ جي لاءِ ڪئي هئي. (المواهب ص 673) علامہ علي القاري لکيو آهي تہ: نبين عليهم الصلوة والسلام جو ڪنهن ڪي وارث نہ ڪرڻ ۾ {3} ٽين هيءَ بہ حڪمت هئي تہ ماڻهو ملڪيت گڏ ڪرڻ ۾ نبين عليهم الصلوة والسلام جي ملڪيت گڏ ڪرڻ سان دليل نہ وٺن. (جمع الوسائل ج 2 ص 226) شمائل جي شرح ۾

محدث ڪانڌلوي صاحب لکيو آهي تہ : حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جو چوڻ تہ "منهنجا وارث منهنجو اهل ۽ اولاد ٿيندا. مسئلي جي وضاحت لاءِ هو ورنہ تہ : پاڻ وصيت فرمائي هيائين تہ : منهنجو ڇڏيل سامان بيت المال ۾ جمع ڪيو وڃي ۽ سندس انتقال کان پوءِ اهو ٿورو ٿورو ئي بيت المال ۾ جمع ڪيو ويو. وارثن کي ڪا ملڪيت ورثي ۾ نہ آئي. شاه ولي الله محدث دهلوي پنهنجي ڪتاب "مسوّي" ۾ لکيو آهي تہ نبين عليهم الصلوٰة والسلام جو ورثو نہ ورهايو ويندو. واري مضمون جي حديث ڏهن اصحابن سڳورن رضي الله عنهم کان روايت ڪيل آهي. (خصائل نبوي 37) هڪ روايت ۾ آهي تہ "ام المومنين سيده عائشه صديقه رضي الله عنها بہ ورثي جي گهر ڪئي هئي تہ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه ان کي بہ اها ئي حديث ٻڌائي ورثو نہ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو هو. حالانڪ اها تہ سندس نياڻي هئي.

(فضائل النبي ﷺ ص 241)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند {2} النسائي في كتاب قسم الفيء 7 ص 132 {3} البيهقي ج 6 ص 300.

{401} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ الْمُثَنَّى قَالَ: حَدَّثَنَا يَحْيَى بْنُ كَثِيرٍ الْعَنْبَرِيُّ أَبُو غَسَّانَ، قَالَ: حَدَّثَنَا شُعْبَةُ، عَنْ عَمْرِو بْنِ مُرَّةَ، عَنْ أَبِي الْبَخْتَرِيِّ، أَنَّ الْعَبَّاسَ، وَعَلِيًّا، جَاءَا إِلَى عُمَرَ يَخْتَصِمَانِ يَقُولُ كُلُّ وَاحِدٍ مِنْهُمَا لِصَاحِبِهِ: أَنْتَ كَذَا، أَنْتَ كَذَا، فَقَالَ عُمَرُ، لِطَلْحَةَ، وَالزُّبَيْرِ، وَعَبْدِ الرَّحْمَنِ بْنِ عَوْفٍ، وَسَعْدٍ أَنْشُدُكُمْ بِاللهِ أَسَمِعْتُمْ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ: كُلُّ مَالِ نَبِيٍّ صَدَقَةٌ، إِلَّا مَا أَطْعَمَهُ، إِنَّا لَا نُورَثُ؟ وَفِي الْحَدِيثِ قِصَّةٌ.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو البختري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضرت عباس ۽ حضرت علي رضي الله عنه ٻئي حضرت عمر فاروق رضي الله عنه وٽ اهو فيصلو ڪٽي آيا. ۽ هر هڪ ٻئي کي چوي پيو تہ تون هھڙو آهين تون هھڙو آهين. پوءِ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه حضرت طلحه، حضرت زبير، حضرت عبدالرحمان بن عوف ۽ حضرت سعد رضي الله عنهم کي چيو : توهان کي الله جل جلاله جو قسم ڏئي ٿو پڇان تہ توهان رسول الله ﷺ کان هيءُ چوندي نہ ٻڌو آهي تہ نبين جو سڀ مال الله جل جلاله جي لاءِ صدقو يا خيرات آهي مگر اهو جو ان ڪارايو پيارايو. بيشڪ اسان نبين جو ڪو وارث نہ بنايو ويو آهي." هن حديث ۾ ٻيو قصو بہ آهي.

مفردات جو شرح: "يَخْتَصِمَانِ" هڪٻئي سان (زباني) جهيڙو ڪري رهيا هئا. "أَنْتَ كَذَا، أَنْتَ كَذَا" تون هھڙو آهين، تون هھڙو آهين. (هڪٻئي کي چئي رهيا هئا) "أَنْشُدُكُمْ" مان اوهان کي الله جل جلاله جو قسم ٿو وجهان. نشد کان ورتل آهي ان جي معنيٰ آهي قسم ڏيڻ يا الله جل جلاله جو نالو ياد ڏياري ڪا ڳالهہ پڇڻ.

سمجهاڻي: هن حديث جي راوي ابو البختري چيو تہ : حضرت عباس ۽ حضرت علي رضي الله عنه حضرت عمر رضي الله عنه وٽ ان حال ۾ آيا جو هڪٻئي کي چون پيا تہ تون هھڙو آهين تون هھڙو آهين چپ ڪري رهيا هئا. البيجوري لکيو آهي تہ : جيڪا زمين بني النضير کان رسول الله ﷺ جن کي هٿ آئي هئي. حضرت عمر رضي الله عنه کين خرچ پکي لاءِ ڏني هئي. ۽ سندن هڪٻئي سان ڇڪ بہ ان متعلق هئي هڪڙو ٻئي کي چوي پيو تہ تنهنجو ان ۾ ڪجهہ ناهي. ان جو مطلب اهو ناهي تہ اهي هڪٻئي کي گاريون ڏئي رهيا هئا ڇوتہ اهو سندن مقام جي مناسب نہ هو. حضرت عمر رضي الله عنه انهن کي ڪجهہ چوڻ کان پهريان سندس خدمت ۾ موجود حضرت طلحة، حضرت زبير، حضرت عبدالرحمان ۽ حضرت سعد

رضي الله عنهم کي الله ﷻ جو قسم وجھندي فرمايو تہ "ڇا اوهان رسول الله ﷺ جن کان ٻڌو هو تہ نبي جو هر مال صدقو آهي مگر جيڪو پاڻ کارائي وڃو. اسين وارث نہ ڪيا ويندا آهيون." مطلب تہ هر نبي جو مال صدقو آهي. علامہ موصوف لکيو آهي "نبي" لفظ نڪره اثبات جي سياق ۾ آيو آهي ان جي ڪري عام تي ويندو. معنيٰ ڪجي هر نبي سڳورو (عليه الصلوٰة والسلام) "مگر جيڪو کارايائين" جو مطلب آهي جيڪو پاڻ پنهنجي اهل کي کارايائين. اهو صدقو نہ ٿي سگهيو. محدث ترمذي لکيو تہ "وفی الحديث قصة" ۽ حديث ۾ قصو آهي ۽ اهو اڳيان هن کتاب شمائل ۾ اچي رهيو آهي هتي ايترو سمجهڻ گهرجي تہ: حضرت عباس ۽ حضرت علي (چاچو ۽ ڀائيٽيو ٻئي) حضرت عمر ﷛ وٽ آيا ۽ حضرت عباس ﷛ حضرت عمر ﷛ کي چيو تہ "اي امير المومنين! منهنجو ۽ هن جو فيصلو ڪر" ۽ سندن اختلاف بني النضير قبيلي جي ان زمين تي هو جيڪا الله ﷻ جي پاڪ ذات حضرت رسول الله ﷺ جن کي مال فيءِ طور (جنگ کان سواءِ حاصل ٿيل) عطا ڪئي هئي. پوءِ حضرت عمر فاروق ﷛ اتي موجود صحابن کان مذڪور سوال ڪيو هو ۽ اتي موجود صحابن چيو تہ: رسول الله ﷺ جن واقعي فرمايو هو تہ: نبي جو ورثو نہ ورهايو ويندو. نبي جيڪو ڪجھ ڇڏيو. اهو صدقو آهي. انهن صحابن کان حضرت عمر فاروق ﷛ حضرت عباس ۽ حضرت علي ﷛ ٻنهي سان مخاطب ٿي فرمايو تہ "مان اوهان کي الله ﷻ جو قسم ٿو ڏيان تہ ڇا اوهان کي خبر آهي تہ رسول الله ﷺ جن ائين فرمايو هو. ٻنهي ڄڻن چيو تہ "هائو" رسول الله ﷺ جن ائين فرمايو هو." حضرت عمر فاروق ﷛ فرمايو تہ: مان اوهان کي هن امر جي باري ۾ ڪجھ ٻڌايان ٿو تہ الله ﷻ هن فيءِ جي مال سان پنهنجي نبي ﷺ کي مخصوص فرمايو ۽ ان کان سواءِ ڪنهن کي بہ اهو عطا نہ ڪيو هيائين. ان کان پوءِ قرآن ڪريم جي هيءَ آيت پڙهيائين. "وَمَآ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ مِنْهُمْ" (۽ انهن مان جيڪو الله ﷻ پنهنجي رسول (ﷺ) کي مال فيءِ عطا فرمايو) پوءِ هيءَ زمين خاص رسول الله ﷺ جن جي لاءِ هئي ۽ الله ﷻ جو قسم آهي تہ اوهان کان سواءِ نہ ٻين کي ڏنائون نہ ٻئي کي ان جي لاءِ اختيار ڪيائون بلڪ اوهان کي ڏني اوهان جي (خرچ وغيره) لاءِ حوالي ڪيائون ۽ پاڻ ان مان پنهنجي اهل عيال تي سجو خرچ ڪندا هئا ۽ جيڪو بچيو اهو ٻين ديني مصلحتن ۾ لڳائيندا هئا ۽ پاڻ ساري ظاهري زندگي ان تي عمل ڪندا رهيا. (پوءِ اتي موجود ٻين صحابن رضی الله عنهم کي فرمايائون تہ "مان اوهان کي الله ﷻ جو قسم ڏئي پڇان ٿو ڇا اوهان کي اها خبر آهي؟ انهن عرض ڪيو تہ "هائو" حضرت عمر فاروق ﷛ فرمايو تہ: ان کان پوءِ جڏهن الله ﷻ پنهنجي نبي ﷺ کي دنيا تان رحلت ڪرائي. تہ حضرت ابو بڪر صديق ﷛ بہ فرمايو تہ: مان رسول الله ﷺ جن جو (ديني خدمات ۾) وارث آهيان. (ڇو تہ حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو هو تہ علماء انبياء جا وارث آهن" پوءِ حضرت ابو بڪر صديق ﷛ ان بني نضير واري زمين ۾ اهڙي طرح عمل ڪيو جيئن خود رسول الله ﷺ جن ڪيو هو. ۽ الله ﷻ ڄاڻي ٿو تہ اهو هن معاملي ۾ سچو نيڪ، راشد ۽ حق جو تابع هو. وري جڏهن الله ﷻ حضرت ابوبڪر صديق ﷛ کي وفات ڪرائي تہ مان (ديني خدمات ۾) ان جو وارث ٿيو آهيان مون بہ سال اها سنڀالي ان ۾ اهڙي طرح عمل ڪيو جيئن رسول الله ﷺ ۽ حضرت ابو بڪر صديق ﷛ ڪيو هو ۽ الله ﷻ ڄاڻي ٿو تہ مان ان ۾ سچو، نيڪ نيت، هدايت وارو، حق جو تابع آهيان. ان کان پوءِ اوهان ٻئي مون وٽ آيا ۽ اوهان ٻنهي جي

گفتگو ۾ امر هڪ هو اي عباس! تون مون وٽ آئين ۽ مون کان پنهنجي ڀائيٽيي (حضور ڪريم ﷺ) جي ورثي مان حصو گهريئي ۽ هيءَ (حضرت علي ﷛) ٻه پنهنجي گهرواريءَ جو حصو گهرڻ آيو ۽ مون اوهان ٻنهي کي چيو هو ته: رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي: "لَا نُوْرَثُ مَا تَرَكْنَاهُ صَدَقَةٌ" (جيڪو اسان ڇڏيو اهو صدقو آهي اسان جا وارث نه بڻايا ويندا) پر جڏهن مون کي هيءَ ڳالهه سني لڳي ته ان جي سنڀال اوهان جي حوالي ڪيان ته اوهان کي اها زمين ان شرط تي ڏنيم ته اوهان به ان ۾ سيدنا رسول الله ﷺ ۽ ابوبڪر صديق ﷛ ۽ منهنجي طريقي تي عمل ڪندؤ ان کان پوءِ اتي موجود ماڻهن کي فرمايائين ته "مان اوهان کي الله ﷻ جو قسم ٿو ڏيان ته: مون اها هنن کي انهيءَ شرط تي ڏني هئي؟ چيائون ته هائو. ان کان پوءِ حضرت علي ۽ حضرت عباس ﷛ کي سامهون ٿي چيائين "مان اوهان کي ٻه الله ﷻ جو قسم ڏئي ٿو پڇان ته مون اها اوهان کي انهيءَ شرط تي ڏني هئي؟ ٻنهي چيو ته "هائو" فرمايائين ته "هاڻي اوهان مون کان ان کان سواءِ ٻيو فيصلو طلب ڪيو ٿا؟ مون کي ان الله ﷻ جو قسم آهي جنهن جي اذن سان آسمان ۽ زمين قائم آهن ته مان قيامت تائين (بفرض محال جيڪڏهن جيئرو رهان ته به) ٻيو فيصلو نه ڪندس، پر جيڪڏهن اوهان اها سنڀالي نه ٿا سگهو ته پوءِ اها مون کي واپس ڪيو مان پاڻ ان کي سنڀالڻ جي لاءِ اوهان جي بجاءِ ڪافي آهيان" ان کان پوءِ حضرت علي ﷛ حضرت عباس ﷛ کان غالب ٿي اها اڪيلي پاڻ سنڀالي ان کان پوءِ حضرت حسن ﷛ جي هٿ ۾ هئي ان کان پوءِ حضرت حسين ﷛ جي هٿ ۾ ان کان پوءِ حضرت علي بن الحسين ﷛ (زين العابدين ﷛) ۽ حسن (مثني) بن امام حسن ﷛ جي هٿ ۾ ان کان پوءِ زيد بن الحسن ﷛ ان کان پوءِ عبيدالله بن الحسن ﷛ جي هٿ ۾ هئي ۽ جڏهن بنو عباس والي ٿيا ته انهن ڪانئن ڪسي پنهنجي قبضي ۾ رکي ۽ انهن مان جيڪي به ملڪ جا والي ٿيا ٿي انهن اها پنهنجي هٿ ۾ رکي ٿي پر ان جي پيدائش اهل مدينه ۾ ورهائيندا هئا. (المواهب ص 675، 676) علامه علي القاري لکيو ته: هڪ روايت ۾ هيئن آيو آهي: حضرت عمر فاروق ﷛ فرمايو: رسول الله ﷺ جن کي ٽي ٽڪرا زمين جا مليا هئا. هڪ بني نضير جي، ٻي خيبر جي. ٽين فدڪ واري. بني نضير واري ته اتي ڪم ڪندڙن سندن نائبن جي حوالي هئي ۽ فدڪ. مسافرن جي خدمت لاءِ مخصوص هئي. ۽ خيبر جي زمين کي حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ٽن حصن ۾ ورهايو هو ان مان ٻه حصا مسلمانن جي بهتري جي لاءِ ۽ هڪ حصو پنهنجي خرچ جي لاءِ ۽ ان مان به جيڪو بچندو هو اهو مڪه مڪرمه کان هجرت ڪري ايندڙ اصحابن سڀني عليهم الرضوان کي ورهائي ڏيندا هئا. ۽ ظاهر ڳالهه هي آهي ته اهو حڪم سڀني نبين عليهم الصلواة والسلام جي لاءِ هو ڇوته صحيح حديث ۾ آهي "نَحْنُ مَعَاشِرُ الْأَنْبِيَاءِ لَا نُوْرَثُ مَا تَرَكْنَاهُ صَدَقَةٌ" (اسين انبياء عليهم الصلوٰة والسلام جي جماعت وارث نه ڪيا ويندا آهيون اسان جيڪو ڪجهه ڇڏيو اهو صدقو آهي) ۽ مذڪوره روايت ۾ "صَدَقَةٌ" جو لفظ نڪره. به ان جي ڪري آندو ويو آهي. علامه مناوي هن حديث جي شرح جي آخر ۾ لکيو آهي ته حافظ ابن حجر مڪي چيو ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن پاڻ کان پوءِ جيڪو ڪجهه پوئتي ڇڏيو اهو اوقاف جي جنس مان هو جيڪو به ان جو محتاج هجي ان مان نفعو وٺي ۽ ان جي هٿ ۾ رهي جيڪو امانتدار هجي ۽ ان جي ڪري سندن پاڻي پيئڻ جو پيالو هڪ حضرت سهل وٽ هو ٻيو حضرت انس ﷛ وٽ هو ۽ ٽيون حضرت عبدالله بن

سلام ﷺ وٽ هو. ۽ ماڻهو انهن ۾ پاڻي وجهي برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ پيئندا هئا ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جو جبو مبارڪ حضرت بيبي اسماء بنت ابي بڪر ﷞ وٽ هو. اهڙي طرح ٻيون برڪت واريون شيون.

(شرح المناوي مع جمع الوسائل ج 2 ص 226,227)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابو داؤد في كتاب الخراج والامارة والفيء باب 19 في صفا يا رسول الله ﷺ من الاموال رقم الحديث 2968 ج 3 ص 132 {2} النسائي في كتاب قسم الفيء ج 7 ص 132 {3} احمد في المسند ج 1 ص 4 {4} البيهقي في سننه ج 6 ص 300.

{402} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ الْمُثَنَّى قَالَ: حَدَّثَنَا صَفْوَانُ بْنُ عِيسَى، عَنِ أُسَامَةَ بْنِ زَيْدٍ، عَنِ الزُّهْرِيِّ، عَنْ عُرْوَةَ، عَنْ عَائِشَةَ، أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ: لَا نُورَثُ مَا تَرَكْنَا فَهُوَ صَدَقَةٌ.

بامحاوره ترجمو: حضرت سيده عائشہ صديقہ ﷞ کان روايت آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو: "اسان نبين جو ڪوبہ وارث نہ بڻايو ويندو آهي, جيڪي بہ ڇڏيندا آهيون, سو صدقو هوندو آهي."

مفردات جو شرح: ڪو نئون ناهي.

سمجهاڻي: ام المومنين سيده عائشه صديقه ﷞ جيڪا حضور نبي ڪريم ﷺ جي گهرواري آهي اها بہ پنهنجي حصي جي گهر ڪري چڪي هئي پر حضرت ابو بڪر صديق ﷛ ڪيس بہ ورثو نہ ڏنو هو. پاڻ بہ روايت ڪري ٿي تہ سيدنا رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: "اسان جو ورثو نہ ورهايو ويندو اسان جيڪو ڪجهہ ڇڏيو اهو صدقو آهي." علامہ علي القاري لکيو آهي. هن جو مطلب آهي تہ اسان جو ڇڏيل سامان فقيرن ۽ مسڪينن جي حاجتن پوري ڪرڻ ۾ صرف ڪيو ويندو جيئن ٻي حديث ۾ آيو آهي: "اِنَّ النَّبِيَّ لَا يُوْرَثُ اِنَّمَا مِيْرَاثُهُ فِيْ فُقَرَاءِ الْمُسْلِمِيْنَ وَالْمَسَاكِيْنَ."

(يعني نبي جو وارث نہ بنايو ويندو ان جو ورثو فقيرن ۽ مسڪينن مسلمانن ۾ ورهايو ويندو.) هنن حديثن مان اهو بہ واضح ٿيو تہ پاڻ دنياوي ظاهري حياتي ۽ رحلت کان پوءِ حياتي ۾ بہ رحمة للعالمين هئا ۽ آهن. (جمع الوسائل ج 2 ص 227) ۽ ابن حجر مکي هيتمي لکيو آهي تہ "مَا تَرَكْنَاهُ صَدَقَةٌ" هڪ مقدر سوال جو جواب آهي. جڏهن تہ ڪين عرض ڪيو ويو تہ پوءِ اوهان جيڪو ڇڏيو ان کي ڪيڏانهن ڪيو ويندو؟ تہ پاڻ فرمايائون اهو (الله ﷻ جي راهہ ۾) صدقو آهي. (اشرف الوسائل ص 592)

هيءَ حديث ٻين انهن محدثن آندي آهي: جيڪي هن کان اڳئين حديث جي تخريج ۾ بيان ڪيا ويا آهن.

{403} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمَنِ بْنُ مَهْدِيٍّ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ، عَنْ أَبِي الزِّنَادِ، عَنِ الْأَعْرَجِ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ، عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ: لَا يَقْسِمُ وَرَثَتِي دِينَارًا وَلَا دِرْهَمًا، مَا تَرَكْتُ بَعْدَ نَفَقَةِ نِسَائِي وَمُؤْنَةِ عَامِلِي فَهُوَ صَدَقَةٌ.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو: "منهنجي وراثت دينار ۽ درهم نہ ٿيندا. آءٌ جيڪي ڪجهہ ڇڏي ويندس سو منهنجي گهروارين تي خرچ ٿيڻ ۽

منهنجي ڪم ڪار ڪندڙن جي ضروري خرچ کان سواءِ صدقو آهي.“

مفردات جو شرح: ”لَايَقْسِمُ“ نہ ورهائيندا هي لا نفي جي آهي ڇوتہ نهي اتي ايندو آهي جتي امڪان هوندو آهي هتي رسول الله ﷺ جن جو وارث ممڪن ئي نہ آهي تہ نهي ڇا ڪان ان جي ڪري هتي صرف خبر ڪرڻ مقصد آهي تہ منهنجا وارث ڪجهہ بہ نہ ورهائيندا. ”وَرَثَتِي“ منهنجا وارث. ”وَرَثَةُ“ وارث جو جمع آهي. ”نِسَائِي“ منهنجون گهرواريون. ”مُؤْنَةِ“ فعولة جي وزن تي. ان جي معنيٰ بار. (الثقل)

سمجهاڻي: هن روايت ۾ حضرت ابو هريره ﷺ حبيب ڪريم ﷺ جن جو فرمان بيان ڪيو آهي تہ پاڻ فرمايائون (امڪاني صورت ۾) منهنجا وارث بڻجندڙ نہ ڪو دينار ورهائيندا نہ درهم ڇوتہ اهي ڇڏيل ئي نہ هوندا ”جيڪو ڪجهہ منهنجي گهروارين تي خرچ ڪرڻ ۽ منهنجي عامل جي ضرورت کي پورو ڪرڻ کان پوءِ بچندو اهو صدقو آهي. علامہ البيجوري لکيو آهي تہ :”هتي درهم ۽ دينار جو ذڪر تمثيل طور آهي تقييد طور ناهي. درهم دينار يا انهن کان هيٺ، مٿي سڀ ان ۾ داخل آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن جي گهروارين جو انهن جي سڄي زندگي خرچ بہ ان مان ادا ڪيو ويندو ڇوتہ اهي ساري زندگي ڄڻ عدت ۾ ويٺل آهن ان جي ڪري انهن سان نڪاح ڪرڻ حرام هو ۽ سڄي زندگي انهن جو گهرن ۾ رهڻ بہ انهن لاءِ (شرعي عذر کان سواءِ) ضروري هو. ۽ ”عاملي“ منهنجو عامل. ان مان مراد سندن خليفو هو. جيئن حضرت ابو بڪر ۽ حضرت عمر فاروق ﷺ اهي بہ سڄي خلافت واري زندگي ان مان کائيندا هئا ۽ حضرت عثمان غني ﷺ بہ انهيءَ طريقي تي عمل ڪيو پر جڏهن تہ ملڪيت ۽ مال هجڻ جي ڪري ڪيس ضرورت نہ هئي تہ پاڻ کڻڻ جي بجاءِ ان مان اچڻ وارو سندس حصو پنهنجن مائٽن کي ڏياريندو هو ۽ سندس مائٽن وٽ ئي رهيو پر حضرت عمر بن عبدالعزيز ﷺ انهن کان واپس ورتو.

فائدو: هن مان هي دليل ملي ٿو تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو اهڙي ڪم ۾ آهي جنهن جو نفعو عام مسلمانن کي پهچي ٿو جيئن قاضي، بانگا، علماء ۽ امير تہ انهن کي ضرورت آهر بيت المال مان خرچ کڻڻ جائز آهي. (المواهب ص 678)

علامہ ابنِ حجر مڪي هيتمي لکيو آهي تہ : هڪ قول مطابق حضور ڪريم ﷺ جون گهرواريون عدت جي حڪم ۾ ناهن ڇوتہ نبي ڪريم ﷺ جن قبر شريف ۾ زندهہ آهن ۽ اهڙي طرح ٻيا انبياء عليهم الصلوٰة والسلام بہ زندهہ آهن. ۽ هن جي تائيد ان قول سان بہ ٿئي ٿي جيڪو تلخيص جي صاحب فرمايو آهي جيئن اڳ ۾ گذري چڪو آهي ۽ علامہ امام الحرمين بہ ان کان نقل ڪيو آهي تہ : حضور ڪريم ﷺ جن جي طريقي تي حضرت ابو بڪر صديق ﷺ پنهنجي خلافت دوران عمل ڪيو ۽ اهو بہ سمجهندو هو تہ پاڻ سڳورا ﷺ جن جو ڪجهہ ڇڏي ويا آهن اهو اڃا بہ سندن ملڪيت ۾ آهي ڇوتہ انبياء ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام پنهنجين پاڪ قبرن ۾ زندهہ آهن ۽ انهن جي حياتي شهيدن جي حياتي کان بہ وڌيڪ قوت واري آهي ڇوتہ نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي ان حياتيءَ تي ڪي ڪي احڪام دنيوي حياتيءَ وارا جاري ڪيا ويندا آهن ۽ صحيح حديثن مان ثابت آهي تہ انبياء على نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام حج ڪندا آهن ۽ لبيڪ بہ پڙهندا آهن پوءِ انهن جا اعمال تڪليفي نہ آهن بلڪ انهن سان لذت حاصل ڪندا آهن ۽ ان ئي لذت وٺڻ واري عبادت مان حضور ڪريم ﷺ جن جو

(قيامت جي ڏينهن) شفاعت ڪرڻ وارو سجدو هوندو ۽ اها زندگي سندن جي لاءِ قرآن سنت ۽ اجماع ۾ آيل "موت" جي لفظ جي خلاف ناهي ڇوته ان ڪان بعد وري اها ئي (دنيوي، حسي) زندگي ڏني وئي ۽ ملڪيت ان جي ٻين جي حوالي (ملڪيت طور) ڪئي ويندي آهي جن جو موت مستمر هوندو آهي ۽ اها ڳالهه به صحيح حديثن مان ثابت آهي ته انبياءِ عظام عليهم الصلوة والسلام جا جسم ڳرندا ناهن ۽ بلاشڪ روح ته سيني مري ويلن جي جسم ۾ موٽي ٿو اصل نظر هن ڳالهه تي آهي ته ان جي جسم ۾ موٽڻ ڪان سواءِ بدن زنده هجي ۽ روح جتي الله ﷻ گهري اتي هجي. روح سان حياتيءَ جو هجڻ عادي امر آهي عقل ته ان جي خلاف هجڻ کي به جائز قرار ڏي ٿو. پوءِ جيڪڏهن ان جي لاءِ سماعي صحيح دليل مليو ته ان جي اتباع ڪئي ويندي ۽ هيءَ ڳالهه علماء جي هڪ جماعت ذڪر ڪئي آهي ان جو شاهد حضرت موسيٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي قبر مبارڪ ۾ نماز پڙهڻ آهي ڇوته نماز جي لاءِ حياتي وارو جسم هجڻ ضروري آهي ۽ اهڙي طرح معراج واري رات حضور ڪريم ﷺ جي پويان نماز پڙهندڙن نبين عليهم الصلوة والسلام جي زندگي به شاهد آهي ۽ ان جي لاءِ ڪا منع آيل ناهي ته "انهن جي حياتي حقيقي نه هئي. جيتوڻيڪ اهي طعام جا محتاج نه هئا باقي قبر ۾ ٻڌڻ ۽ علم رکڻ اهو ته انهن جي لاءِ ثابت آهي بلڪ سمورن وفات ڪري ويلن جي لاءِ به ثابت آهي. (اشرف الوسائل ص 594) جاڻڻ گهرجي ته هن حديث ۾ آيل لفظ "عاملي" مان مراد ۾ هڪ قول مطابق زمين جي پيداوار گڏ ڪري آڻيندڙ به آهي يعني زمين جو منتظم ۽ نگران. ان جي لاءِ خدمت جو عيوض وٺڻ جائز آهي. حديث ۾ مذڪور دينار ۽ درهم جي لفظ مان تخصيص ناهي پر اهو تمثيل طور مذڪور آهي جيئن محاوره ۾ چيو ويندو آهي روپيه ۽ پيسا تقسيم نه ڪيا وڃن ته ٻيون شيون ان ۾ بطريق اوليٰ داخل ٿي وينديون. يا هي چيو وڃي ته: ملڪيت جي تقسيم هميشه قيمت لڳائي ڪئي ويندي آهي.

سوال: اوهان لکيو آهي ته: حضرت عباس ۽ حضرت علي رضي الله عنه هڪٻئي کي تون ههڙو آهين تون ههڙو آهين چوندا آيا. ته حضرت عباس رضي الله عنه حضرت علي رضي الله عنه کي ائين ڇو چيو؟

جواب: حضرت عباس رضي الله عنه حضرت علي رضي الله عنه جو چاچو هو. جيڪڏهن وڏو ننڍي کي ڪجهه چوي ته تون مان ڪير آهيون جو اعتراض ڪيون. حضرت موسيٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جو حضرت هارون علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام سان وڙهڻ قرآن ڪريم ۾ مذڪور آهي حالانڪ ٻئي نبي سڳورا هئا. اسين ڪنهن کي به ڪجهه نه چئي سگهنداسون ٻنهي جي ادب ۾ رهنداسون.

سوال: جڏهن حضرت عباس ۽ حضرت علي رضي الله عنه ٻنهي کي سهڻي حبيب ڪريم ﷺ جن جو فرمان (اسين نبي ڪنهن کي وارث نه بنائيندا آهيون اسان جيڪو ڇڏيو اهو صدقو آهي) معلوم هو ته پوءِ حضرت ابو بڪر صديق وٽ ڇو آيا ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ڪان اها حديث ٻڌي وري حضرت عمر فاروقِ اعظم رضي الله عنه وٽ ڇو آيا هئا؟

جواب: اها حديث مبارڪ ٻنهي کي معلوم هئي پر سندن اجتهادي خيال اهو هو ته شايد اهو فرمان متحرڪ ملڪيت، دينار ۽ درهم وغيره جي لاءِ هو. غير متحرڪ ملڪيت (يعني زمين) ان ۾ داخل ناهي. ان جي ڪري اهي ٻنهي خليفن حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه وٽ ويا پر انهن کين سمجهايو ته ان حديث ۾ متحرڪ ۽ غير متحرڪ سڀ شيءِ داخل آهي ۽ اجتهادي سوچ ۾

اختلاف برو ناهي.

ضروري وضاحت: صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جي اختلاف کي پاڻ تي قياس ڪرڻ نہ گهرجي ۽ نہ انهن ۾ بدگماني ڪجي ڇوتہ رسول الله ﷺ جن جي فرمان مطابق انهن ۾ للٰهيت ۽ خلوص هو. انهن سان محبت حضور ڪريم ﷺ سان محبت آهي ۽ انهن سان بغض حضور ڪريم ﷺ جن سان بغض آهي. صحابہ ڪرام عليهم الرضوان حضور ڪريم ﷺ جن جا محبوب شاگرد آهن ان جي ڪري انهن سان سٺو عقيدو رکڻ ۽ محبت رکڻ ايمان ڪامل جي نشاني آهي باقي رهيا انهن جا هڪٻئي سان جنگ ڪرڻ جي نوبت تائين پهچڻ وارا اختلاف سو اهڙين ڳالهين کي انڌي عقيدت، تعصب ۽ تنگ نظري ڇڏي هوشياري سان پڙهڻ گهرجي ۽ جڏهن اهو ذهن رکي هڻ ميدان ۾ قدم رکبو تہ ڪافي بدگمانين کان بچي پئبو. الله ﷻ قرآن ڪريم ۾ فرمايو: "اِنَّ بَعْضَ الظَّنِّ اِثْمٌ" (بعض گمان گناهہ آهن) ۽ اهڙين بدگمانين جي ڪري ڪيترين قومون گمراهہ ٿي ويون. ۽ اهي اسلام جي پٺي ۾ "ٻلي ڳڙ" وانگر اپري هميشہ ان تي پنهنجو ناسور وارو روڳ اڇلائڻ لڳن ٿيون. اهڙن ناسور وارن ماڻهن تي الله ﷻ جو هي فرمان "كَاَنَّهُمْ حُمُرٌ مُّسْتَنْفِرَةٌ فَرَّتْ مِنْ قَسْوَرَةٍ" (اهي ڄڻ ٿهندڙ گڏهہ آهن جيڪي شينهن کان ٿهي پڃن ٿا) سچ پچو تہ صحابن سڳورن عليهم الرضوان جي انهيءَ اختلاف کي ڏسبو تہ سندن معاملو بلڪل صاف نظر ايندو هڪ طرف حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي حديث تي عمل ڪندي ورثي ورهائڻ کان معذور ۽ مجبور نظر اچن ٿا ۽ سندن متحرڪ يا غير متحرڪ ڇڏيل ورثي کي سندن فرمان "لانورث" ۾ داخل سمجهن ٿا انهيءَ ۾ اهي بلاشڪ حق تي هئا تہ ٻئي طرف حضرت عباس ۽ حضرت علي رضي الله عنه هر هر گهرڻ ۽ مطالبي ڪرڻ جي ڪري لالچي نہ چيا ويندا، ڇوتہ اهي ٻئي پلارا ۽ پيارا مذڪور حديث کي متحرڪ ملڪيت جي لاءِ سمجهيو وينا هئا ۽ زمين کي گهرڻ پنهنجو حق سمجهيو وينا هئا ان جي ڪري (خارجي گمراهہ ٽولي وانگر) انهن ڏانهن بہ (معاذالله ثم معاذالله) بدگماني نہ ڪئي ويندي.

صبا میں بلبلوں کا مشہد مقدس ہے
قدم سنبھال کے رکھیو یہ تیرا باغ نہیں

مطلب تہ خبردار! اهي حضور ڪريم ﷺ جي پوکيل باغ جا گل آهن جنتي باد صبا کي پڻ بي ترتيب جهٽڪو ڏيڻ منع آهي. سو اتي بي ادب کي بي ادبي ڪرڻ جي اجازت ڪٿي ملندي؟

سوال: جڏهن حضرت عمر رضي الله عنه کين ان وقف جو متولي ڪيو هو تہ پوءِ اختلاف ڇو ڪيائون؟

جواب: اهو اختلاف سندن ان جو مستقل متولي هجڻ تي هو. حضرت عباس رضي الله عنه نهايت سمجهدار، ذهين ۽ ذڪي هو ان جي ڪري اهو ان کي انتهائي هوشياري سان مناسب موقعي تي صرف معلوم ڪرڻ پيو چاهي. ۽ حضرت علي رضي الله عنه ذهن، ذڪا ۽ قابليت هوندي حد درجي جو متوڪل، دنيا کان بي پرواهہ ۽ زاهد هو ان کي جيڪو ملندو هو ورهائي ختم ڪري ڇڏيندو هو. اصل انهن ٻنهي جي اختلاف جو سبب اهو هو. ابو داؤد شريف ۾ روايت آهي تہ اصل انهن ٻنهي جو مقصد هو تہ وقف کي ٻہ حصا ڪري هر هڪ کي جدا جدا حصو ڏنو وڃي. مگر خليفة المسلمين ائين ڪرڻ کان بہ پاسو ڪيو تہ متان ايندڙ نسل ۾ وقف جو متولي هجڻ ذاتي ملڪيت سمجهيو وڃي ۽ محبوب ڪريم ﷺ

جن جو ڇڏيل وقف (صدقو) عوام جي فائدن جي بجاءِ خاص ماڻهن جو ورثو ٿي وڃي. ان جي ڪري انهن کي ائين فرمايائين: سمجهڻ گهرجي تہ: پهريائين اهلبيت سڳورن جو اهو اجتهادي خيال هو تہ حضور ڪريم ﷺ جن جو ميراث ورهايو وڃي پر جڏهن صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جي تصديق ڪرڻ سان حديث مذڪور ٻڌائڻ کان پوءِ پاڻ بہ ان حديث جي تصديق ڪيائون ڇوتہ جيڪڏهن حضرت ابو بڪر ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنهما جو فيصلو غلط هجي ها تہ ان ۾ تبديلي ڪري ها. ۽ ان کان پوءِ حضرت عباس رضي الله عنه حضرت عثمان جي خلافت ۾ پنهنجو متولي هجڻ جو حق ڇڏي اها زمين متوليانہ طور حضرت علي رضي الله عنه جي حوالي ڪئي هئي. ان کان پوءِ اهو وقف حضرت امام حسن رضي الله عنه ۽ حضرت امام حسين رضي الله عنه جي هٿ ۾ رهيو.

(فضائل النبي ﷺ ص 243, 247)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابنِ حبان في صحيحه رقم الحديث 6575 ج 8 ص 208 {2} البخاري من طريق مالك عن ابي الزناد عن الاعرج عن ابي هريرة في كتاب الوصايا باب 32 نفقة القيم باب 32 نفقة قيم الوقف رقم الحديث 2776 ج 5 ص 406 {3} مسلم في كتاب الجهاد باب 16 قول النبي ﷺ "لا نورث ما تركنا صدقة" رقم الحديث 6729 ج 12 ص 6 {4} مالك في الموطا كتاب الكلام باب 12 ماجاء في تركة النبي ﷺ {5} البيهقي في سننه ج 6 ص 302 {6} احمد في المسند ج 2 ص 242.

{404} حَدَّثَنَا الْحَسَنُ بْنُ عَلِيٍّ الْخَلَّالُ، قَالَ: حَدَّثَنَا بِشْرُ بْنُ عُمَرَ قَالَ: سَمِعْتُ مَالِكَ بْنَ أَنَسٍ، عَنِ الزُّهْرِيِّ، عَنْ مَالِكِ بْنِ أَوْسِ بْنِ الْحَدَثَانِ قَالَ: دَخَلْتُ عَلَى عُمَرَ فَدَخَلَ عَلَيْهِ عَبْدُ الرَّحْمٰنِ بْنُ عَوْفٍ، وَطَلْحَةُ، وَسَعْدٌ، وَجَاءَ عَلِيٌّ، وَالْعَبَّاسُ، يَخْتَصِمَانِ، فَقَالَ لَهُمْ عُمَرُ: أَنْشُدُكُمْ بِالَّذِي بِإِذْنِهِ تَقُومُ السَّمَاءُ وَالْأَرْضُ، أَتَعْلَمُونَ أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ: لَا نُورَثُ، مَا تَرَكْنَاهُ صَدَقَةٌ فَقَالُوا: اللَّهُمَّ نَعَمْ وَفِي الْحَدِيثِ قِصَّةٌ طَوِيلَةٌ

بامحاوره ترجمو: حضرت مالڪ بن اوس بن حدثان رضي الله عنه کان روايت آهي تہ آءُ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه وٽ ويس. تہ اتي عبدالرحمان بن عوف رضي الله عنه، حضرت طلحة رضي الله عنه ۽ حضرت سعد رضي الله عنه بہ اچي ويا. پوءِ حضرت علي ۽ حضرت عباس رضي الله عنهما بہ پاڻ ۾ جهيڙو ڪندا آيا. ان تي حضرت عمر رضي الله عنه (موجود اصحابن سونهارن کي) چيو تہ آءُ توهان کي الله جل جلاله جو قسم ٿو ڏيان. جنهن جي حڪم سان آسمان ۽ زمين بيٺا آهن توهان ڄاڻو ٿا تہ رسول الله ﷺ فرمايو هو تہ: "اسان جي وراثت نہ ورهائبي آهي اسان جيڪي ڪجهہ ڇڏي ويندا آهيون اهو صدقو آهي." سيني موجود اصحابن چيو تہ الله حاضر آهي. هائو. هن حديث ۾ ڊگهو قصو آهي.

مفردات جو شرح: هن حديث جي مفرد لفظن ۾ ڪو نئون لفظ ناهي.

سمجهاڻي: هن جي سمجهاڻي هن باب ۾ نمبر 3 واري ساڳي آهي صرف سند مختلف هجڻ جي ڪري وري ذڪر ڪئي وئي آهي. (انوار غوثيه ص 590) ۽ علامہ البيجوري هن روايت جي آخري لفظن "اَللّٰهُمَّ نَعَمْ" جي وضاحت ڪندي لکيو آهي تہ: ان جو مطلب آهي تہ اسين ڄاڻون ٿا تہ رسول الله ﷺ جن ائين فرمايو هو ۽ هن جي شروع ۾ "اَللّٰهُمَّ" اسم پلارو شاهديءَ جي مقام تي آندو ويو آهي جيڪو سندن ذمي بيان ڪرڻ حق هو ان تي الله جل جلاله کي شاهد ڪيائون ۽ حڪم جو تاڪيد بہ ڪيو ويو.

غلطيءَ ۾ واقع ٿيڻ کان بچڻ جي لاءِ احتياط ڪيو ويو ۽ هتي الله ﷻ جي نداء مان مقصود ان جو احسان طلب ڪرڻ آهي، حقيقي ندا مراد ناهي ڇوته الله ﷻ پري ناهي جو ان کي سڏيو وڃي بلڪ اهو پاڻهن کي سندن ساهه جي رڳ کان به وڌيڪ ويجهو آهي. (المواهب ص 678)

محدث ترمذي جو قول ته حديث ۾ ڊگهو قصو آهي ان جو ڪجهه حصو ته اڳ ۾ لکي آيا آهيون ۽ هتي به ڪجهه لکجي ٿو. محدث ڪانڌلوي هن جو شرح ڪندي لکيو آهي ته "حضرت مالڪ بن اوس ﷺ فرمايو ته مان پنهنجي گهر ۾ هوس ته حضرت عمر فاروق ﷺ جو قاصد مون کي وٺڻ آيو. مانْ سندس خدمت ۾ حاضر ٿيس ته ڏٺم ته پاڻ هڪ تڏي تي ويٺو هو جنهن تي ٻيو ڪپڙو به وڇايل نه هو مان سلام ڪري ويهي رهيس ته پاڻ مون کي فرمايائين : تنهنجي قوم جا ڪجهه ضرورتمند ماڻهو آيا هئا مون انهن کي ڪجهه ڏيڻ جي لاءِ حڪم ڏنو آهي. تون اهو وڃي انهن ۾ وڃي تقسيم ڪر. مون ڪيس عرض ڪيو ته تقسيم لاءِ ڪنهن ٻئي کي حڪم ڪيو ها ته ڀلو هو. پاڻ فرمايائين ته نه. تون ئي تقسيم ڪر. اهي ڳالهيون اجان تي رهيون هيون ته سندس خادم جنهن جو نالو يرقا هو. حاضر ٿيو ۽ ڪيس عرض ڪيائين ته حضرت عثمان حضرت عبدالرحمان بن عوف. حضرت زبير ۽ حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنهم حاضري جي اجازت گهرن ٿا ۽ بعض روايتن ۾ حضرت طلحة ﷺ جو ذڪر آهي. حضرت عمر ﷺ اجازت ڏني. هي حضرات آيا ۽ حضرت عمر ﷺ کي سلام ڇئي ويهي رهيا ٿوري دير کان پوءِ ساڳيو خادم يرفا ٻيو ڦيرو آيو ۽ اچي عرض ڪيائين ته حضرت عباس ﷺ ۽ حضرت علي ﷺ حاضريءَ جي اجازت گهرن ٿا. حضرت عمر ﷺ اجازت ڏني اهي ٻئي اندر اچي سلام ڪري ويٺا ۽ حضرت عباس ﷺ چيو ته : منهنجو ۽ هن (حضرت علي) ظالم (نَعُوْذُ بِاللهِ مِنْ ذَالِكَ) جو فيصلو ڪريو. حضرت عباس ﷺ حضرت علي ﷺ کي ظالم چوڻ کان سواءِ ٻيو به ڪجهه گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ ٻنهي حضرتن جي هڪٻئي ۾ سخت ڪلامي ٿي. حضرت عثمان ﷺ وغيره حضرات جيڪي اتي ويٺا هئا انهن به حضرت عمر ﷺ کي چيو ته اوهان هنن جو فيصلو ضرور ڪيو ۽ هڪٻئي کان هنن کي آزاد ڪيو. مسلم شريف جي روايت ۾ هي آهي ته مالڪ بن اوس ﷺ فرمايو ته : مون کي انهن جي سفارش ۽ تاڪيد ڪرڻ مان محسوس ٿيو ته انهن ٻنهي حضراتن هنن کي پنهنجي تائيد جي لاءِ موڪليو هو. حضرت عمر فاروق ﷺ ڪجهه دير کان پوءِ انهن اڳ ۾ آيلن ڏانهن متوجهه ٿي انهن کان حديثن ۾ مذڪور سوال ڪيا ۽ فرمايائين ته الله ﷻ هي فيءِ جو مال (باغ وغيره) مخصوص طور حضور ڪريم ﷺ کي عطا فرمايو هو ڪنهن ٻئي جي ان ۾ ڪا شرڪت نه هئي. پر ان هوندي به حضور ڪريم ﷺ جن ان کي پنهنجي لاءِ مخصوص نه فرمايو پر اوهان تي تقسيم ڪيائون ۽ ان زمين جو تمام ٿورو حصو پاڻ ۽ پنهنجي عيال جي گذران جي لاءِ رکيائون. ۽ ان مان ٿورو پنهنجين گهروارين کي ڏئي باقي الله ﷻ جي واٽ ۾ خير ڪندا هئا. مان اوهان کي الله ﷻ جو قسم ڏئي پڇان ٿو ته ڇا ائين ئي هويا نه؟. اول سندس خدمت ۾ آيلن پنجن مذڪور صحابن کان تصديق ڪرائي پوءِ حضرت عباس ﷺ ۽ حضرت علي ﷺ کان به تصديق ڪرايائين ۽ پوءِ حضرت عمر ﷺ وري فرمايو ته "ان کان پوءِ حضور ڪريم ﷺ جن وصال فرمايو ۽ حضرت ابو بڪر صديق ﷺ خليفو ٿيو ته ان به ان زمين جي پيداوار ۾ ان ئي طريقي کي جاري رکيو جيڪو حضور ڪريم ﷺ

جو معمول هو. ۽ الله ﷻ جو قسم! ابو بکر صديق ﷛ پنهنجي هن رويي ۾ ڀلائيءَ تي هو سچ جي رستي تي هو. حق جي اتباع ڪندڙ هو پر اوهان ماڻهن ان کي هيئن هونءَ سمجهيو. حضرت عباس ﷛ پنهنجي ڀائيٽيي حضور ڪريم ﷺ جو ورثو گهرڻ آيو ۽ حضرت علي ﷛ پنهنجي گهرواريءَ جي طرفان ان جي پيءُ جي ورثي مان حصو گهرڻ آيو. حضرت ابوبکر صديق ﷛ حضور ڪريم ﷺ جي حديث پيش ڪري چيو ته حضور نبي ڪريم ﷺ جو ورثو نه ورهايو ويندو پر اوهان ان جي ڳالهه کي صحيح نه سمجهيو. ان کان پوءِ حضرت ابوبکر وفات ڪئي ۽ مون کي خليفو بنايو ويو ۽ پنهنجي خلافت جي شروعات وارن ٻن سالن ۾ حضرت نبي ڪريم ﷺ ۽ حضرت ابوبکر صديق ﷛ وارو طريقو جاري رکيم ۽ الله ﷻ چڱي طرح ڄاڻي ٿو ته مان پنهنجي ان طرز عمل ۾ سچو آهيان نيڪي جو عمل ڪندڙ. حق جو تابعدار آهيان. ان کان پوءِ اوهان ٻئي وري مون وٽ آيئو ۽ ساڳيو مطالبو ڪيوَ مون اوهان کي حضرت ابو بکر صديق وارو ساڳيو جواب ڏنو. ان کان پوءِ مون مناسب سمجهيو ته ان وقف ڪيل زمين جو اوهان کي متولي بنايان ۽ مون اوهان کان وعده ۽ انجام ورتو ته اوهان به ان ۾ اهڙو عمل ڪندؤ جيئن حضور ڪريم ﷺ ۽ حضرت ابوبکر صديق ﷛ ۽ به سال مون ڪيو آهي اوهان به اهو قبول ڪيو ۽ ان شرط تي اها مون اوهان جي حوالي ڪئي. هاڻي مان اوهان کي قسم ڏئي پڇان ٿو ته ڇا مون اها اوهان جي حوالي نه ڪئي آهي؟ اتي موجود ٻين صحابن به ان جو اقرار ڪيو ته حضرت عباس ۽ حضرت علي ﷛ به ان جو اقرار ڪيو. پوءِ حضرت عمر فاروق ﷛ ڪين فرمايو ته هاڻي اوهان مون کان ان جي خلاف فيصلو وٺڻ گهرو ٿا مون کي ان ذات جو قسم جنهن جي حڪم سان آسمان ۽ زمين بيٺا آهن ته ان جي خلاف هرگز فيصلو نه ڪندس جيڪڏهن اوهان ان وقف جي انتظام سنڀالڻ کان عاجز آهيو ته مون کي واپس ڪيو مان پاڻ سنڀاليندس." هي آهي اهو طويل قصو جنهن ڏانهن محدث ترمذي اشارو ڪيو آهي. (خصائل نبوي ص 384)

هيءَ حديث اڳين حديث، ذڪر ڪندڙن ساڳين محدثن آندي آهي.

{405} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّحْمَنِ بْنُ مَهْدِيٍّ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ، عَنْ عَاصِمِ ابْنِ بَهْدَلَةَ، عَنْ زِرِّ بْنِ حُبَيْشٍ، عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: مَا تَرَكَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ دِينَارًا وَلاَ دِرْهَمًا وَلاَ شَاةً وَلاَ بَعِيرًا قَالَ: وَأَشُكُّ فِي الْعَبْدِ وَالأَمَةِ.

مفردات جو شرح ڪوبه ناهي.

بامحاوره ترجمو: حضرت سيده عائشه صديقه ﷝ کان روايت آهي ته حضور ڪريم ﷺ (وراثت يا ملڪيت ۾) نه ڪو دينار ڇڏيو نه درهم ڇڏيو ۽ نه ڪا ٻڪري نه اٺ ڇڏيا. راوي چيو ته مون کي شڪ آهي (شايد بيبي سڳوري ﷝ ٻانهو ۽ ٻانهي به چيو)

سمجهاڻي: هن حديث ۾ به حضرت سيده عائشه صديقه ﷝ جو فرمان آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن نه دينار ڇڏيو نه درهم ڇڏيو نه ٻڪري ڇڏي نه اٺ ڇڏيو. هن روايت جو راوي زربن حبيش فرمايو ته مون کي شڪ ٿو پوي ته شايد عائشه ﷝ هيئن فرمايو ته "نه ٻانهو ڇڏيائين ۽ نه ٻانهي." مطلب ته ٻانهي هجڻ جي ڪيفيت ۾ نه ڇڏيائين ورنه ته سندن آزاد ڪيل ٻانها ته گهڻا موجود هئا ۽ هن روايت ۾ راوي ۾ شڪ

بيان ڪيو آهي نہ تہ بخاري شريف ۾ جويريہ ﷺ کان روايت آهي. "وَلَا عَبْدًا وَّلَا اَمَةً" ۽ نہ ٻانهو ڇڏيائون ۽ نہ ٻانهي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 6 ص 185 {2} ابو الشيخ في اخلاق النبي 5 ص 225 {3} ابن حبان في صحيحه رقم الحديث 6572 ج 8 ص 205 {4} مسلم في كتاب الوصية باب 5 ترک الوصية لمن ليس له شيءِ يوصي فيہ رقم الحديث 1635 ج 3 ص 1256. {5} ابو داؤد في كتاب الوصايا باب 1 ماجاء في ما يومر بہ من الوصية رقم الحديث 1635 ج 3 ص 1256 {6} البيهقي في سننه ج 6 ص 266 {7} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3836 ج 14 ص 51.

باب چاونجاهون

بَابُ: مَا جَاءَ فِي رُؤْيَةِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي الْمَنَامِ

هي باب رسول الله ﷺ جي خواب ۾ ڏسڻ جي بيان ۾ آهي

سمجهاڻي: المنام مان مراد ننڊ آهي ۽ رسول الله ﷺ جن جي ننڊ ۾ ڏسڻ جو باب سندن ظاهري صفات ۽ معنوي اخلاق کان پوءِ ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ آڻڻ ۾ هن طرف اشارو آهي تہ مناسب آهي تہ اول سندن اوصاف منيفہ ۽ اخلاق شريفہ ملاحظہ ۽ مطالعہ ڪجن تانت ننڊ ۾ ڏسڻ سان ان سان مطابقت ۽ موافقت آسان رهي ۽ هن ۾ هي بہ شعور ڏيارڻ آهي تہ سندن صوري صفتون ۽ عجيب سري نعتون سندن تازگي بخشيندڙ ديدار جي برابر آهن ۽ تاءِ سان رؤية اک سان ڏسڻ کي چيو ويندو آهي ۽ الرويا ننڊ ۾ دل سان ديدار کي چيو ويندو آهي ان جي ڪري مصنف "في المنام" جي قيد سان ڏسڻ کي مقيد بنايو آهي الرؤية همزه سان ننڊ ۾ قلبي ديدار سان خاص آهي ۽ ڪڏهن اک سان ڏسڻ جي لاءِ بہ ڳالهايو ويندو آهي ۽ اهل السنة جو مذهب هي آهي تہ. خواب جي حقيقت اعتقادات آهن جن کي الله ﷻ ننڊ ڪندڙ جي دل ۾ پيدا ڪندو آهي جيئن سجاڳ جي دل ۾ پيدا ڪندو آهي جيڪو گهري سو ڪري ان کي نہ ننڊ روڪيندي آهي نہ سجاڳي. (المواهب ص 680) ۽ هن باب ۾ اهو بيان آهي تہ جنهن شخص حضور ڪريم ﷺ جن کي ننڊ ۾ ڏٺو ان ڪين ئي ڏٺو ڇوتہ سندن صورت ۾ شيطان اچي نہ سگهندو آهي. علماء اهل السنة والجماعة هن امر کي بہ وضاحت سان بيان فرمايو آهي تہ: صالح ٻانهن کي حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جو ديدار سجاڳيءَ ۾ بہ ٿيو آهي شافعي مذهب جي اڳواڻن غزالي، رازي، ابن السبڪي ۽ يافع رحمهم الله جهڙن حضراتن فرمايو آهي تہ شريعت جي اڳواڻن، علماء هن ڳالهہ تي نص ڪيو آهي تہ ولي جي ڪرامتن مان هي بہ آهي تہ اهو نبي ڪريم ﷺ جن کي ڏسندو آهي ۽ محبوب ڪريم ﷺ سان سجاڳيءَ ۾ ملاقات ڪري ان جي لاءِ جيڪي معارف ۽ مواهب قسمت ۾ هوندا آهن اهي وٺندو آهي. مالڪي فقه جي اڳواڻن امام قرطبي، حافظ ابن ابي جمره، امام ابن الحاج وغيره حضرات بعض اولياء جي حالات ۾ اهڙا واقعا آندا آهن. المدخل نالي ڪتاب ۾ آهي تہ هڪ ولي هڪ فقيه جي مجلس ۾ ويو تہ اهو فقيه هڪ حديث بيان ڪري رهيو هو. ولي ان فقيه کي چيو تہ "هيءَ حديث صحيح ناهي باطل آهي. فقيه پڇيس تہ ائين ڪهڙي دليل سان چئي رهيو آهين؟ ولي فرمايو تہ "هي نبي ڪريم ﷺ جن تنهنجي مٿان بيٺا آهن ۽ فرمائن پيا تہ مون هي حديث نہ فرمائي آهي ۽ فقيه کي بہ ڪشف ذريعي رسول الله ﷺ جو ديدار ٿيو. (الحاوی للفتاوی ج2ص163و ترجمان السنة ج3ص381) شيخ ابو الحسن شاذلي فرمايو تہ "جيڪڏهن اک چنب جيترو وقت بہ مون کان رسول الله ﷺ جن پردو ڪري ڇڏين تہ مان پاڻ کي مسلمان نہ سمجهان." حضرت شيخ سراج الدين بن الملقن طبقات الاولياء ۾ نقل ڪيو آهي تہ حضرت سيدنا غوث اعظم الشيخ عبدالقادر جيلاني فرمايو تہ

"مون رسول الله ﷺ جي زيارت ڪئي آهي" ۽ غوث اعظم عبدالقادر هڪ بزرگ جي لاءِ فرمايو تہ : اهو هر گهڙي حضور ڪريم ﷺ جو ديدار ڪندو رهندو هو. علامہ عبدالوهاب شعراني اليواقيت والجواهر" ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ : حضرت جلال الدين سيوطي فرمايو تہ : مون رسول الله ﷺ جن کي سجاڳيءَ ۾ ستر ڀيرن کان وڌيڪ ڏٺو ۽ مون کين هڪ ڀيرو عرض ڪيو "يا رسول الله ﷺ ! مان جنت وارن مان آهيان؟ فرمايائون تہ "هائو" مون عرض ڪيو تہ "عذاب کان بچڻ کان سواءِ بہ ڪجهہ؟ فرمايائون "اهو بہ تنهنجي لاءِ آهي" (انوار غوثيه ص 591، 593)

هڪ وضاحت: خواب ڇا آهي؟ ان جي جواب ۾ طبيبن، حڪيمن ۽ نجومين ڪيترائي خيالات ظاهر ڪيا آهن مگر صحيح حقيقت هي آهي تہ الله ﷻ پنهنجي قدرت سان ننڊ پيل انسان جي قلب تي ڪي اهڙا تصورات ۽ اثر پيدا ڪري ٿو. جن جي ڄاڻڻ ڪي خواب چيو وڃي ٿو ۽ خواب ٽي قسم آهي.
{1} هڪ رؤيا صالحه : يلو خواب. اهو الله ﷻ جي طرفان بشارت طور ٿيندو آهي. جنهن سان چڱيون ڳالهيون معلوم ٿينديون آهن. {2} ٻيو شيطاني خواب : اهو ڏپ جهڙو خواب. شيطان جي شرارت کان ماڻهو کي ڏکوئڻ جي لاءِ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. {3} ٽيون نفساني خواب : ان ۾ انسان جي نيڪ يا بد خيالن جون تصويرون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. يا طبيعت جون خرابيون ننڊ ۾ ڪا صورت وٺي ظاهر ٿين ٿيون. (فضائل النبي ﷺ ص248)

محدث ڪانڌلوي لکيو آهي تہ : خواب جي حقيقت ڇا آهي ۽ هيءَ واقعي ڪا شيءِ آهي يا سڪتا خيالات آهن. ان ۾ ڏگها بحث آهن جن جو هتي ذڪر ڪرڻ مناسب ناهي. مثال طور طبيبن جو خيال آهي تہ انسان جي مزاج ۾ جنهن خلط جو غلبو هوندو آهي ان جي مناسب خيال ۾ ڳالهيون اچن ٿيون. جيئن ڪنهن جي مزاج بلغمي هوندي تہ ان کي پاڻي ۽ ان سان متعلق درياء سمنڊ ۽ پاڻيءَ ۾ ترڻ وغيره ڏسڻ ۾ ايندو ۽ جنهن جي طبيعت صفراوي هوندي ان کي باهہ ۽ ان سان تعلق رکندڙ شيون نظر اينديون ۽ خواب ۾ ڏسڻ تہ اڏامي رهيو آهي وغيره وغيره. اهڙي طرح ٻين خلطن رت ۽ سوداء وغيره جو حال آهي فلسفين وٽ جيڪي واقعات جهان ۾ رونما ٿيندا آهن انهن جي مثالي صورت فوٽو وانگر مٿئين جهان ۾ نقش ٿهيل آهي ان جي ڪري نفس جي سامهون ڪا شيءِ اچي ٿي تہ ان جو عڪس هوندو آهي وغيره وغيره مختلف اقوال آهن ۽ اهل السنة وٽ هي تصورات آهن جن کي الله ﷻ ٻانهي جي دل ۾ پيدا ڪندو آهي جيڪي ڪڏهن ملائڪ جي واسطي سان پيدا ڪيا ويندا آهن ۽ ڪڏهن وري شيطان جو انهن ۾ عمل دخل هوندو آهي. علامہ مذڪور ٿورو اڳتي لکيو آهي تہ خواب جي تعبير ڪندڙن، ماهرن عالمن لکيو آهي تہ جيڪو خواب ڏيکارڻ تي ملائڪ مقرر آهي ان جو نالو "صديقون" آهي جيڪو مثالن سان انسان کي خواب جي شڪل ۾ سمجهائيندو آهي پر اهو عام خواب جي متعلق آهي پر جيڪڏهن حضور ڪريم ﷺ جي خواب ۾ زيارت ٿئي تہ اها زيارت شيطاني تصرفات کان خالي ۽ پاڪ هوندي آهي. حضرت حبيب ڪريم ﷺ جا متعدد حديثن ۾ ارشاد آيل آهن تہ "جنهن خواب ۾ مون کي ڏٺو ان حقيقت ۾ مون کي ڏٺو ڇوتہ شيطان کي اها طاقت ناهي جو منهنجي صورت ۾ اچي سگهي" ان جي هوندي جيڪڏهن ڪو شخص چوي تہ مون حضور ڪريم ﷺ جن جي زيارت ڪئي آهي پر اهڙي صورت ٻڌائي جيڪا حضور ڪريم ﷺ جي شان

جي مناسب ناهي. مثال طور جيڪو سندن حليو مبارڪ ڪتاب جي شروع ۾ صحابہ ڪرام کان روايت ڪيو ويو آهي ان جي ابتڙ ڏسي يا ڪو اهڙي ڳالھہ ڏسي جيڪا حبيب ڪريم ﷺ جي بيمار هجڻ يا پريشان هجڻ کي ظاهر ڪري يا ڪنهن اهڙي ڪم ڪرڻ يا منع ڪرڻ جي ڳالھہ ڪري جيڪي شرعًا ناجائز آهن يا نبوي شان جي مناسب نہ هجي تہ اها ڏسڻ واري جي غلطي، ڪوتاهي ۽ قصور جي بناء تي آهي ان ڪي نبوي حديثن جا شارح ۽ مشائخ آئيني سان تشبيهہ ڏين ٿا تہ هڪ شيءِ کي جيڪڏهن ڳاڙهي آئيني ۾ ڏسو تہ ڳاڙهي نظر ايندي ۽ جيڪڏهن سائي رنگ واري آئيني ۾ ڏسو تہ سائي نظر ايندي اهڙي طرح ڪاري، سفيد، ڏگهي ۽ ٿلهي. الغرض مختلف قسمن ۾ نظر ايندي آهي پر ان ۾ نظر اچڻ واري شيءِ جي رنگ جو دخل نہ هوندو هو. اهڙي طرح جيڪو شخص حضور ڪريم ﷺ جن جي ڪنهن ٻئي رنگ ۾ زيارت ڪري ٿو تہ اهو ان جي عمل ۽ قلب جي قساوت مڪروهہ طبيعت جو عمل آهي محبوب ڪريم ﷺ جن هر غير شرعي صورت ، سيرت ، ڪردار، گفتار کان پاڪ آهن. (خصائل نبوي ص 374، 375)

علامہ علي القاري لکيو آهي تہ : سچو خواب اهو هوندو آهي جنهن ۾ نفس ملڪوت سان تعلق ان مناسبت جي ڪري رکندو آهي جيڪا ان کي بدن جي تدبير کان فارغ ٿيڻ جي ڪري حاصل ٿيندي آهي پوءِ ان کي ان تعلق جي ڪري اتاهين ڪجهہ معنائون حاصل ٿينديون آهن ان جا خيالات ان کي اهڙي صورت ۾ پيش ڪندا آهن جيڪا انهن سان مناسب هوندي آهي ۽ انهن کي مشترڪ حس ڏانهن موڪليو ويندو آهي پوءِ اهو مشاهدو بنجي ويندو آهي ان کان پوءِ جيڪڏهن اهو ان معنيٰ سان شديد مناسبت رکندو آهي اهڙي نموني جو ان ۾ تفاوت نہ رهي يا رهي تہ ٿورو رهي تہ ان خواب جي تعبير پڇڻ جي ضرورت گهٽ پوندي آهي، نہ تہ پوءِ تعبير پڇڻو پوندو آهي. علامہ موصوف ٿورو اڳتي لکيو آهي تہ : رسول الله ﷺ جن جي خواب ۾ ديدار ڪرڻ واري حديث جي مراد هيءَ آهي تہ جن سندن زيارت ڪئي ان واقعي سندن زيارت ڪئي ۽ ان کان ڪو منع ڪندڙ دليل ناهي ۽ نہ ڪو عقل ان کي محال سمجهي ٿو جو مجبورًا ان ۾ تاويل ڪرڻو پوي ۽ اڳتي لکيو اٿس تہ ڪوبہ دليل سندن جسم مبارڪ جي فنا ٿيڻ لاءِ ناهي بلڪہ سندن سلامتي جي لاءِ ڪوڙ دليل آهن.

(جمع الوسائل ج 2 ص 230، 231)

محدث ابن حجر مڪي هيتمي لکيو آهي تہ "قاضي عياض فرمايو "حضور ڪريم ﷺ جو سندن معروف صورت ۾ ڏسڻ ڏسندڙ جي لاءِ عزت جو باعث ۽ ان کي آخرت ۾ خصوصي ديدار نصيب ٿيڻ سندن خصوصي قرب ۽ خصوصي شفاعت جي خوشخبري آهي ۽ اها ڳالھہ بہ پري ناهي جو بعض گناهگارن کي سندن ديدار کان محروم ڪرڻ سان ڪجهہ مدت جي لاءِ عذاب ڏنو وڃي.

(اشرف الوسائل ص 596)

بامحاوره ترجمو: حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو: جنهن مون کي خواب ۾ ڏٺو بيشڪ ان حقيقت ۾ مون کي ئي ڏٺو. ڇاڪاڻ تہ شيطان منهنجي صورت نہ ٿو وٺي سگهي.

مفردات جو شرح: "مَنْ" جنهن بہ. مَن عموم جي لاءِ آهي. "لَايَتَمَثَّلُ بِي" منهنجي مثالي صورت ۾ اچي

نہ ٿو سگهي ان ۾ اها استطاعت ئي ناهي.
سمجهاڻي: هن حديث شريف ۾ حضور ڪريم ﷺ جو فرمان مبارڪ تہ "بلاشڪ شيطان منهنجي شڪل ۾ نہ ٿو اچي سگهي." جو مطلب آهي تہ شيطان کي اها طاقت ئي ناهي جو سندن صورت ۾ اچي. "الاتحافات الربانية" جي مصنف علامہ عبدالجواد الدومي ص 406 تي لکيو آهي تہ "وهٰذهٖ معجزة له ﷺ " (۽ هي حضور ڪريم ﷺ جن جو معجزو آهي) سندن فرمان "مَنْ رَآنِي فَقَدْ رَآنِي" (جنهن مون کي ڏٺو پوءِ يقينن ان کي مون کي ڏٺو) جي تشريح ڪندي علامہ البيجوري لکيو آهي تہ "مطلب آهي تہ جنهن مون کي ننڊ ۾ ڏٺو ان پڪ مون کي ڏٺو يا جڻ تہ مون کي سجاڳيءَ ۾ ڏٺائين." ۽ علامہ ابن علان فرمايو آهي تہ شيطان نہ الله جو مثال تي سگهندو نہ انبياء عظام عليهم الصلوٰة والسلام جو مثال تي سگهندو. جمهور جو اهو قول آهي.

علامہ موصوف اڳتي هي بہ لکيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن جو ديدار (ڪڏهن ڪڏهن) گناهگارن کي بہ ٿيندو آهي ۽ بعض عارفن حضرت ابو الحسن شازلي ۽ سيدي علي وفا کان حضور ڪريم ﷺ جن جو سجاڳيءَ ۾ ديدار ڪرڻ بہ نقل ڪيل آهي ۽ ان کان ڪو مانع ناهي. انهن جي لاءِ سندن قبر مبارڪ ۾ هوندي بہ ديدار جي دولت کولي ويندي آهي اهي بصيرت جي اک سان سندن ديدار ڪندا آهن. ۽ ان ۾ پري يا ويجهي هجڻ جو دخل ناهي. اولياء الله جي ڪرامات مان پردن جو ڪجي وڃڻ آهي ان لاءِ نہ عقلًا ڪو مانع آهي نہ شرعًا. الله جَلَّ جَلالُهٗ پنهنجي ولي کي عزت ڏيندو آهي جو ان ۽ حضور ڪريم ﷺ جي ذات شريف جي وچ مان رڪاوٽ يا پردو ڪنيو ويندو آهي ۽ ان جو ڪن عالمن انڪار ڪيو آهي چوتہ ان صورت ۾ سندن مزار پرانوار مان نڪرڻ ۽ بازار ۾ هلڻ ۽ ماڻهن سان مخاطب ٿيڻ لازم ٿيندو. پر علامہ بيجوري ان ڳالهہ کي رد ڪندي فرمايو تہ "يلي مزارن مان نہ نڪرن پر مزار ۾ هوندي پردا پري ڪري کين ديدار ڪرايو وڃي ٿو."

سوال: جيڪڏهن ائين ممڪن هجي ها تہ پوءِ کين ڏسندڙن کي صحابي سڏيو وڃي ها.
جواب: صحابي ان مومن کي سڏبو آهي جنهن کين دنياوي ظاهري حياتي ۾ ڏٺو هجي. ۽ مزار ۾ ديدار خوارق عادات (يعني ڪرامات) مان آهي ۽ خوارق جي ڪري قواعد تي فرق نہ پوندو آهي.
سوال: جيڪڏهن ائين ممڪن آهي تہ پوءِ فاطمه زهراء رضي الله عنها کان اهڙي ڏسڻ جي روايت چونہ آيل آهي؟
جواب: ڪنهن ڳالهہ جي روايت نہ اچڻ مان ان جو نہ هجڻ لازم ناهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن جيڪا شيءِ يلي کي نہ ملندي آهي. اها گهٽ کي ملي ويندي آهي. (المواهب ص 680, 682) محدث ڪانڌلوي لکيو آهي تہ : بزرگن جو فرمان آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن جي پاڪ ذات جي بعينها زيارت بہ ٿيندي آهي. مثالي بہ ٿيندي آهي. (خصائل نبوي ص 387) علامہ ابنِ حجر مڪي هيتمي لکيو آهي تہ "علم تعبير جي ماهر کي جيڪڏهن ڪو خواب ٻڌائيندو هو تہ ان کان ان تصوير متعلق پڇندو هو تہ ڪهڙي صورت ۾ ڏٺئي جيڪڏهن صحيح وصفون ٻڌائي ويو تہ چوندو هو واقعي تو ڏٺو آهي نہ تہ چوندو هوس تہ تو نہ ڏٺو آهي ۽ بعض بزرگن حضور ڪريم ﷺ جي ديدار ڪندڙ کان سندن ڏاڙهي مبارڪ ۾ اڇن وارن جو تعداد بہ پڇيو تہ ڪيترا اڇا وار هئا. ۽ محدث حاڪم ابي عاصم بن ڪليب کان روايت آندي آهي ان چيو تہ "مون حضرت ابنِ عباس رضي الله عنهما کي چيو تہ مون ننڊ ۾ نبي ڪريم ﷺ جن کي ڏٺو

آهي" ان مون کي فرمايو تہ مون کي سندن صفتون ٻڌاءِ ابو عاصم چيو تہ مون حضرت حسين بن علي رضي الله عنهما جو ذکر ڪري چيو تہ ان سان مشابہ ڏٺم تہ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو "تو واقعي ڏٺو آهي" ۽ هڪ ٿي جماعت جو ڪين هڪ وقت ۾ پر انهن طرفن ۾ ۽ مختلف صفتن ۾ ڏسڻ جائز آهي ۽ هن جو دليل علامہ زرڪشي هن طرح ڏنو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن سج آهن. ۽ ان جو نور هن جهان ۾ سمورن جهانن جي نور وانگر آهي پوءِ جيئن سج کي اولهہ ۽ اوير وارا هڪئي وقت ۾ برابر ڏسندا آهن ۽ مختلف صفتن سان محسوس ڪندا آهن. حبيب ڪريم ﷺ جن بہ اهڙي طرح سيني کي ديدار ڪرائيندا آهن ۽ ابن ابي جمره المازري ۽ اليافعي وغيرهم صالحن جي جماعت کان آيل آهي تہ انهن نبي ڪريم ﷺ جن جو سجاڳيءَ ۾ ديدار ڪيو هو ۽ محدث ابنِ ابي جمرة (صالحن جي) جماعت کان هي بہ ذکر ڪيو آهي تہ "انهن "فَسَيَرَانِي فِي الْيَقْظَةِ" جي مطابق پهريان حضور ڪريم ﷺ جن جو ننڊ ۾ ديدار ڪيو ۽ پوءِ سجاڳيءَ ۾ بہ ديدار ڪيو هيائون ۽ ڪين ڪن شين جي پريشان ڪرڻ جي حل لاءِ عرض ڪيو تہ پاڻ ان لاءِ ڪين اهڙي رهنمائي فرمايائون جو گهٽ وڌائي کان سواءِ سندن مسئلا حل ٿي ويا. ۽ محدث مذڪور فرمايو تہ : جيڪو اولياء الله جي ڪرامات جو منڪر آهي انهيءَ سان تہ بحث ئي ناهي ڇوتہ اهو ان شيءِ کي ڪوڙو ٿو ڪري جنهن کي سنت ثابت ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن نہ تہ هيءُ ديدار بہ انهن جي لاءِ ڪرامت طور کوليو ويندو آهي جيئن انهن جي لاءِ علوي (مٿيان) ۽ سفلي (هيٺيان) جهان کوليا ويندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح سندن ديدار السيد عبدالقادر جيلاني وغيره کان نقل ڪيل آهي. جيئن "عوارف المعارف" ۾ مذڪور آهي. ۽ حضرت ابو الحسن شاذلي جن کي بہ ديدار جي دولت نصيب ٿي هئي. جيئن التاج بن عطاءُ الله ان کان نقل ڪيو ۽ جيئن سندس محبتي ابو العباس المرسي ۽ الامام علي الوفائي ۽ القطب القسطلاني ۽ السيد نور الايجي (کان بہ) نقل ڪيو ويو آهي ۽ ان طريقي تي (امام) غزالي بہ هليو آهي ۽ پنهنجي ڪتاب "المنقذ من الضلال" ۾ لکيو اٿس تہ "اهي روشن قلب صاحب سجاڳي ۾ بہ ملائڪن ۽ انبياء عليہ الصلوٰة والسلام جي ارواح کي مشاهدو ڪندا آهن ۽ انهن کان آواز بہ ٻڌندا آهن جن سان فائدا حاصل ڪندا آهن. ۽ جيڪي چون ٿا تہ سجاڳيءَ ۾ حضور ڪريم ﷺ جو ديدار نہ ٿو ٿي سگهي. ڇوتہ ائين مڃڻ سان اهو مڃڻو پوندو تہ پاڻ قبر مبارڪ مان نڪرن ٿا. بازار ۾ هلن ٿا. ماڻهن سان ڳالهائن ٿا ۽ ماڻهو وري ساڻن ڳالهائن ٿا ۽ پوءِ سندن قبر مبارڪ سندن وجود کان خالي هوندي ۽ سندن وجود مسعود مان اتي ڪابہ شيءِ نہ رهندي جوان جي زيارت ڪئي وڃي باقي سگهي قبر جي زيارت ۽ جيڪو آهي ئي ڪونہ ان تي سلام پڙهيو ٿو وڃي ۽ (معاذالله ثم معاذالله) اهي جهالتون آهن. هن خيال جو رد ڪندي علامہ ابن حجر مکي هيتمي لکيو آهي تہ "ائين چوڻ عين جهل ۽ عناد آهي. ۽ حقيقت هي آهي تہ. سندن سجاڳي ۾ ڏسڻ ۽ ديدار ڪرڻ سندن قبر (مبارڪ) مان نڪرڻ کي لازم ڪري نہ ٿو ڇوتہ الله ﷻ جي ولين جي ڪرامات مان (جيئن مٿي بہ لکي آيا آهيون) هي بہ آهي تہ انهن جي لاءِ حجاب ڪنيا وڃن ٿا. نہ عقلًا ۽ نہ نقلًا، ان جو ڪو مانع آهي ۽ نہ عادتًا ڪو روڪيندو. بلاشڪ ولي ڀلارو ڀلي مشرق يا مغرب جي انتها تي هجي الله ﷻ ان جي لاءِ ڪرامت طور پردا پري ڪرائي. سندس اڳيان حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جو ديدار آڻيندو آهي ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي مزار پرانوار ۾ تشريف فرما

هوندا آهن. اڳيان ڪو ڍڪيندڙ يا حجاب نہ هوندو آهي ۽ اهي حجاب شيشي وانگر هوندا آهن جن مان سندن ذات مبارڪ ڪليل طرح نظر ايندي آهي ۽ ان وقت ممڪن آهي جو الله ﷻ جي ٻانهي جي نگاهہ سندن ديدار ڪندي رهي ۽ پاڻ پنهنجي قبر مبارڪ ۾ نماز پڙهي رهيا هجن. ۽ جڏهن ڪنهن کي سندن ديدار جي دولت سان مالا مال ڪيو ٿو وڃي تہ عين ان وقت سندن ذات کي عرض ڪرڻ ۽ ڳالهہ ٻولهہ جو شرف حاصل ڪرڻ ۽ ڪي ڳالهيون پڇڻ کان بہ ڪو مانع ناهي. ۽ پاڻ جواب بہ ڏين ٿا ۽ هي سڀ ڪجهہ نہ شرع جي منافي آهي ۽ نہ عقل جي خلاف آهي ۽ جڏهن اهي ڳالهيون ۽ انهن جو نتيجو عقلاً ۽ شرعًا انڪار ڪيل ناهن تہ صرف هڪ جو انڪار ڪرڻ بہ توجهہ جي قابل ناهي ۽ نہ ان تي اعتماد آهي. (اشرف الوسائل ص 597, 600)

حقيقت هي آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن کي ننڊ ۾ ڏسڻ وڏي سعادت آهي جنهن سان خواب ۾ اهڙي پلائي تي ان جڻ تہ سجاڳيءَ ۾ سندن زيارت ڪئي، ها فرق آهي تہ ان زيارت ڪندڙ کي صحابي نہ چئبو. محبوب ڪريم ﷺ جن جنهن بہ رنگ ۾ ديدار ڪرائن ان رنگ ۾ شيطان اچي نہ سگهندو. ان جي وس ۾ اها ڳالهہ ناهي ۽ جيڪڏهن هن ڪتاب جي منڍ ۾ بيان ڪيل سندن حليي مطابق ڪنهن کي سندن پاڪ صورت نظر نہ ٿي اچي تہ اهو ان جي نظر جو قصور آهي جهڙي طرح ڪنهن شيءِ جي ڏسڻ جي لاءِ ڪو رنگين چشمو پائي ڏسبو تہ جهڙو ان چشمي جو رنگ هوندو اها شيءِ بہ ان رنگ ۾ ڏسڻ ۾ ايندي. ان شيءِ جي حقيقت ۾ ڪا تبديلي نہ هوندي. محبوب ڪريم ﷺ جن کي مختلف ڪيفيتن ۾ ڏسڻ جو بہ اهو مطلب آهي.

هڪ خواب ۽ ان جو صحيح تعبير: حضرت شاهہ عبدالعزيز محدث دهلوي جي زماني جي ڳالهہ آهي تہ : ان دور جي هڪ مسلمان پنهنجي بيمار مائٽ جي لاءِ خواب لڌو جيڪو گهڻي عرصي کان بيمار ۽ لا علاج ٿي ويو هو. ان کي ننڊ ۾ هڪ بزرگ جي صورت ۾ اچي ڪنهن چيو تہ فلاڻي ديويءَ جي آستاني تي وڃي ٻڙ چاڙهيو ۽ رت هاريو تہ بيمار صحيح ٿي ويندو. ان خواب ڏسندڙ مسلمان پڇيس تہ تون ڪير آهين؟ جواب ۾ چيائين تہ "مان رسول الله (ﷺ) آهيان." هي جاڳي پيو پر حيران هو تہ اسان مسلمانن جو ديوين جي آستانن سان ڪهڙو واسطو؟ ۽ ڪيس اهڙو حڪم ڏنو ويو جيڪو شرڪ آهي ۽ دين اسلام ۾ حرام آهي وري ٻيهر بہ اهڙو خواب ڏٺائين. آخر پنهنجي مطلب جي لاءِ مجبور ٿي انهيءَ ديويءَ جي آستاني تي وڃي ٻڪري ڪُهي آيو تہ اهو مريض بہ چاڪ ٿي ويو پوءِ اهو مسئلو ان وقت جي عالمن کان پڇيائين تہ اهي مذڪور حديث (تہ شيطان منهنجي صورت نہ ٿو وٺي سگهي) جي ڪري منجهي پيا تہ هن جو ڇا جواب ڏجي. نيٺ اهو سوال حضرت شاهہ عبدالعزيز وٽ آيو. شاهہ صاحب انهن کي سمجهايو تہ : حديث شريف ۾ آهي تہ "شيطان منهنجي شڪل نہ وٺي سگهندو" اهو بلڪل ٺيڪ آهي پر پاڻ ائين ڪونہ فرمايو اٿن تہ خواب ۾ شيطان پنهنجي لاءِ رسول هجڻ جي دعويٰ بہ ڪونہ ڪري سگهندو. تنهنڪري اهو سمجهو تہ اهو شيطان هو جيڪو رسول هجڻ جي دعويٰ ڪري ماڻهن کي گمراهہ ڪري مشرڪ بنائي رهيو هو. باقي رهيو بيمار جو صحتمند ٿيڻ سو انهيءَ ڏينهن ۾ الله ﷻ جي تقدير ۾ ان جي تندرستيءَ جو فيصلو ٿيل هو جيڪو اڳئي هن دنيا جي آسمان تي لهي آيو هو. جنهن کي شيطان ملعون چوريءَ ٻڌي هنن کي چٽي گمراهہ ڪيو ۽ الله ﷻ نبين عليهم

الصلوٰة والسلام جي تصويرن پاڪن جي اهڙي حفاظت ڪئي آهي جو شيطان انهن جي شڪل ۾ اچڻ جي طاقت نه ٿو رکي. بلڪ اهو ملائڪن جي شڪل ۾ اچڻ يا سج ۽ چنڊ بنجي بيهڻ يا پاڻ ڪڪر بنجي مينهن وسائڻ کان به بلڪل عاجز آهي. اصل شيءِ انسان جي هدايت آهي ۽ شيطان کي گمراهه ڪرڻ جا محدود اسباب ڏنا ويا اهن. ۽ انهن ۾ به انسانن کي آزمائڻ جي حڪمت رکيل آهي.

(فضائل النبي ﷺ ص 248, 249)

علامه علي القاري هن حديث جي شرح ۾ لکيو آهي ته "احمد ۽ بخاري ۽ مسلم ابي قتاده ﷛ کان هي لفظ روايت ڪيا آهن "مَن رَّآنِيْ فَقَدْ رَاَى الْحَقَّ" (جنهن مون کي ڏٺو ان حق ڏٺو" مطلب ته جنهن مون کي ڏٺو ان پڪ مون کي ڏٺو عليٰ وجه الكمال ديدار ڪيو جنهن ۾ شڪ ۽ شبهو ناهي. ۽ اڳتي لکيو اٿس ته : جنهن مون کي ڏٺو ان منهنجي ظاهري صورت ۽ واضح سيرت کي ڏٺو. شيطان منهنجي صورت نه ٿو وٺي سگهي. ڇاڻ گهرجي ته جيئن الله ﷻ حضور ڪريم ﷺ جن کي سندن ظاهري زندگيءَ ۾ شيطان کان محفوظ رکيو تيئن دنيا مان ظاهري رحلت ڪرڻ کان پوءِ به سندن صورت ۾ اچڻ جي به شيطان کي طاقت ناهي. ان جي ڪري حضور ڪريم ﷺ جن کي ننڊ ۾ ڏسڻ ڄڻ ته سندن کي سجاڳيءَ ۾ ڏسڻ آهي. ۽ اهو حقيقي ديدار آهي ڇو ته شيطان سندن اصلي صورت ۾ اچڻ تي قادر ناهي.

(جمع الوسائل ج 2 ص 232)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} ابن ماجه في كتاب تعبير الرؤيا باب 2 رؤية النبي ﷺ في المنام رقم الحديث 3900 {2} احمد في المسند ج 1 ص 375 {3} الدارمي في كتاب الرؤيا باب 4 في رؤية النبي ﷺ في المنام رقم الحديث 3139 ج 2 ص 166 {4} ابو نعيم في الحلية ج 4 ص 438.

{407} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ، وَمُحَمَّدُ بْنُ الْمُثَنَّى، قَالَا: حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ جَعْفَرٍ، قَالَ: حَدَّثَنَا شُعْبَةُ، عَنْ أَبِي حُصَيْنٍ، عَنْ أَبِي صَالِحٍ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: مَنْ رَآنِي فِي الْمَنَامِ فَقَدْ رَآنِي فَإِنَّ الشَّيْطَانَ لَا يَتَصَوَّرُ أَوْ قَالَ: لَا يَتَشَبَّهُ بِي.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو هريره ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو : جنهن مون کي خواب ۾ ڏٺو بيشڪ تنهن مون کي ڏٺو ڇاڪاڻ ته شيطان منهنجي صورت نه ٿو وٺي سگهي يا راوي چيو ته منهنجي مشابهه نه ٿيندو آهي.

مفردات جو شرح: "لَا يَتَصَوَّرُ" منهنجي صورت ۾ نه ٿو اچي سگهي. التصور کان ورتل آهي. ان جون مختلف معنائون آهن. خيال ۾ آڻڻ، ذهن ۾ رکڻ، صورت ۾ ٿيڻ، صورت ٺاهڻ، تصور ڪرڻ. "لَا يَتَشَبَّهُ" منهنجي مشابه نه ٿو ٿي سگهي. "التشبه" کان ورتل آهي ان جي معنيٰ هم شڪل ٿيڻ، مشابه هجڻ.

سمجهاڻي: هن حديث جو مطلب ۽ ان مان مراد به ساڳي آهي يعني اگرچه شيطان کي هيءَ طاقت ۽ قوت مليل آهي جو اهو ڪنهن به انسان جي صورت ۽ شڪل اختيار ڪري سگهي ٿو مگر ان هوندي به اهو حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي صورت مبارڪ ۾ نه ٿو اچي سگهي. محدثن ڀلارن فرمايو آهي ته : جڏهن شيطان ملعون ننڊ جي حالت ۾ به سندن پاڪ صورت ۾ نه ٿو اچي سگهي ته سجاڳيءَ جي حالت ۾ به سندن پاڪ صورت ۾ ان جو ٿيڻ ممڪن ناهي. ان جي ڪري جن بزرگن سجاڳيءَ جي

حالت ۾ سندن ديدار ڪيو آهي انهن يقينًا سندن ئي ديدار ڪيو آهي. (انوارغوثيہ ص 595) شمائل جي شارحن لکيو آهي تہ: حبيب ڪريم ﷺ جن جي صورت مبارڪ خواب ۾ ڏسندڙ ماڻهو جي خيالي قوت ۾ ائين لهي ظاهر ٿئي ٿي جيئن آئيني ۾ ڪنهن جي شڪل ظاهر ٿيندي آهي جيڪڏهن پٺ جي اوٽ ۾ ڪو ماڻهو ويڻل هجي ۽ ٻيو ڪليل ويڻل هجي پر وچ تي آئينو رکجي تہ ان آئيني ۾ ان پٺ جي اوٽ ۾ ويڻل جي صورت نظر ايندي ۽ ان آئيني مان ان کي ڪيترا ڏسي سگهن ٿا اهڙي طرح هڪ ئي وقت ۾ ڪيترن ماڻهن کي حضور ڪريم ﷺ جي زيارت ٿي سگهي ٿي ۽ اهو مشڪل ڪم ناهي. علامہ علي القاري هن حديث جي شرح ۾ لکيو آهي تہ: بخاري ۽ مسلم ۽ ابو داؤد حضرت ابو هريره ﷛ کان مرفوع روايت آندي آهي تہ "مَنْ رَآنِي فِي الْمَنَامِ فَسَيَرَانِي فِي الْيَقَظَةِ" (جنهن مون کي ننڊ ۾ ڏٺو اهو جلد مون کي سجاڳيءَ ۾ بہ ڏسندو) هن ۾ سندن ديدار ڪندڙ جي لاءِ بشارت آهي تہ ان جو موت اسلام تي ٿيندو ۽ اهو وفات کان پوءِ سندن ديدار جي مقام تي پهچندو ۽ هن جي تائيد ان روايت سان ٿئي ٿي جيڪا محدثن جي جماعت سان گڏ ترمذي بہ آندي آهي ۽ ان کي صحيح چيو اٿس تہ "فَقَدْ رَآنِي فِي الْيَقَظَةِ" (بلاشڪ ان مون کي سجاڳيءَ ۾ ڏٺو) ۽ اظهر قول هي آهي تہ ان جو مطلب آهي تہ (ڄڻ مون کي سجاڳيءَ ۾ ڏٺائين) علامہ مناوي هن حديث جي شرح ۾ لکيو آهي تہ: جيئن حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي پاڪ صورت ۾ شيطان نہ ٿو اچي سگهي اهڙي طرح ٻين نبين عليهم الصلوٰة والسلام ۽ ملائڪن، سج، چنڊ تارن جي صورت ۾ بہ نہ ٿو اچي سگهي ۽ وسندڙ ڪڪر جي صورت ۾ بہ نہ ٿي سگهندو. ۽ نبين ۽ ملائڪن جو ڏسڻ ڏسندڙن جي لاءِ ان جي مدد ۽ مشڪل مان نڪرڻ جي بشارت آهي ۽ نبين عليهم الصلوٰة والسلام جو ڏسڻ دنيا ۾ ڏسندڙ جي لاءِ شرف آهي ۽ ملائڪن جو ڏسڻ شرف هجڻ سان گڏ ان جي آخرت جي لاءِ شهادت آهي ڇوتہ انبياء عليهم الصلوٰة والسلام ماڻهن سان خطاب ڪندا هئا تہ ماڻهو ملائڪن کي نہ ڏسندا هئا ڇوتہ اهي الله ﷻ وٽ هوندا آهن ۽ الله ﷻ شهيدن جي باري ۾ فرمايو: "لَهُمْ أَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ" (انهن جي لاءِ سندن اجر سندن رب وٽ آهي) ۽ جنهن رسول الله ﷺ جن جا ننڊ ۾ گهڻا ديدار ڪيا اهو ڪنهن جو محتاج نہ هوندو پر دنيا گهٽي بہ نہ رهنديس مالي لحاظ سان گهٽ هوندو.

(شرح المناوي مع جمع الوسائل ج 2 ص 232)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 2ص 410, 469 {2} ابو داؤد الطيالسي في مسنده رقم الحديث 2420 ص 317 {2} البخاري في كتاب العلم باب 38 اثم من كذب علي النبي ﷺ رقم الحديث 110 ج 1 ص 202 والبخاري في كتاب الادب باب 109 من سمي باسم الانبياء رقم الحديث 6197 ج 10 ص 577 {3} مسلم في كتاب الرؤيا باب 1 قول النبي ﷺ "مَن رَآنِي فِي المَنَامِ فَقَد رَآنِي" رقم الحديث 2266 حديث الكتاب 11 ج 4ص 1775 {4} البغوي في شرح السنة رقم الحديث 3288 ج 12 ص 227 {5} الحاكم في المستدرک ج 4ص 393.

{408} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ، قَالَ: حَدَّثَنَا خَلَفُ بْنُ خَلِيفَةَ، عَنْ أَبِي مَالِكٍ الأَشْجَعِيِّ، عَنْ أَبِيهِ قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: مَنْ رَآنِي فِي الْمَنَامِ فَقَدْ رَآنِي. قَالَ أَبُو عِيسَى: وَأَبُو مَالِكٍ هٰذَا هُوَ: سَعْدُ بْنُ طَارِقِ بْنِ أَشْيَمَ

، وَطَارِقُ بْنُ أَشْيَمَ هُوَ مِنْ أَصْحَابِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ. وَقَدْ رَوَى عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَحَادِيثَ سَمِعْتُ عَلِيَّ بْنَ حَجَرٍ يَقُولُ: قَالَ خَلَفُ بْنُ خَلِيفَةَ: رَأَيْتُ عَمْرَو بْنَ حُرَيْثٍ صَاحِبَ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَأَنَا غُلَامٌ صَغِيرٌ.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابو مالڪ اشجعي ﷺ پنهنجي پيءُ (طارق بن اشيم ﷺ) کان روايت ٿو ڪري تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: جنهن مون کي ننڊ ۾ ڏٺو تنهن پڪ مون کي ڏٺو.

مفردات جو شرح: نوان الفاظ ناهن ان جي ڪري شرح نہ لکيو ويو.

سمجهاڻي: هن حديث شريف ۾ اهوئي ارشاد آهي تہ "جنهن مون کي ننڊ ۾ ڏٺو ان مون کي ئي ڏٺو" ٻي ڪابہ شيءِ منهنجي صورت ۾ نہ ٿي ٿي سگهي. حضرت علامہ سيوطي پنهنجي ڪتابن جي بعض مجموعن ۾ لکيو آهي تہ: حضرت سيد احمد رفاعي حج ڪرڻ کان پوءِ مدينہ منوره پهتو. حاضري ڏئي ڪجهہ دير کان پوءِ حبيب ڪريم ﷺ جن جي حجره مبارڪ ڏانهن منهن ڪري هي شعر پڙهيائين.

فِي حَالَةِ الْبُعْدِ رُوحِي كُنْتُ أُرْسِلُهَا
تُقَبِّلُ الْأَرْضَ عَنِّي وَهِيَ نَائِبَتِي

يعني پري هجڻ جي حالت ۾ مان پنهنجو روح موڪليندو هوس. (مدينہ منوره) جي زمين کي منهنجي نائب جي حيثيت ۾ چمي ويندو.

وَهَذِهِ دَوْلَةُ الْأَشْبَاحِ قَدْ حَضَرَتْ
فَامْدُدْ يَمِينَكَ كَيْ تَحْظَى بِهَا شَفَتِي

(۽ هي ديدار جي دولت حاضر ٿي آهي پوءِ پنهنجو سڄو هٿ مبارڪ ڏگهو فرمايو تہ ان جي (چمڻ سان) منهنجا چپ محظوظ ٿين.) ۽ علامہ مناوي لکيو آهي تہ "ٻي ڪابہ شيءِ حضور ڪريم ﷺ جن جي صورت ۾ نہ ٿي اچي سگهي ڇوتہ پاڻ رحمة للعالمين آهن گمراهن کي هدايت ڪندڙ آهن شيطانن جي وسوسن کان محفوظ آهن ۽ جڏهن سندن وجود جي نور سان جهان منور ٿيو ۽ سندن ڄمڻ وقت شيطانن کي اُمڙ هنيا ويا ۽ پوين جا اڏا ڍهي پيا تہ شيطان سندن صورت ۾ ڪيئن اچي سگهندو. (انوار غوثيہ ص 594 ۽ 596) محدث ترمذي هن روايت جي آخر ۾ هن جي هڪ راوي "ابو مالڪ" جي وضاحت ڪندي فرمايو آهي تہ ان جو نالو سعد بن طارق بن اشيم آهي ۽ طارق بن اشيم رسول الله ﷺ جي اصحابن مان هو جنهن گهڻيون حديثون روايت ڪيون آهن. محدث ترمذي هي بہ فرمايو آهي تہ: مون علي بن حجر کان چوندي ٻڌو تہ: خلف بن خليفہ چيو تہ: مون نبي پاڪ ﷺ جن کي ان وقت ڏٺو جڏهن مان ننڍو هوس. علامہ بيجوري لکيو آهي تہ: مصنف ترمذي جو هن مان مقصد آهي تہ ابو مالڪ تبع تابعين جو بہ تابع آهي ڇوتہ ان ۾ ۽ صحابي ﷺ جي وچ ۾ بہ واسطا آهن. (1) علي بن حجر (2) خلف بن خليفہ (المواهب 683) محدث ڪانڌلوي لکيو آهي تہ "هن روايت تي هي اعتراض تہ نبي ڪريم ﷺ جن جي هڪ ئي وقت ۾ مختلف ملڪن ۾ مختلف ماڻهو زيارت ڪن ٿا پاڻ هڪ ئي وقت ڪيترن جاين ۾ تشريف فرما ٿيندا ۽ ڪيئن ٿيندا؟ اهو اعتراض ڪا وقعت ڪونہ ٿو رکي ڇوتہ اهو ضروري ناهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن هر هڪ جاءِ تي هلي وڃي تشريف فرما ٿين بلڪہ پاڻ هڪ ئي جاءِ تي جلوي افروز هجن تہ بہ سيني کي سندن زيارت ٿي سگهي ٿي جيئن سج پنهنجي جاءِ

تي هوندو آهي پر سيئي ماڻهو پنهنجي پنهنجي شهر کان ان کي ڏسن ٿا ۽ وري جهڙي رنگ جي عينڪ پائي سج ڏانهن نهاربو ته اهو ان رنگ ۾ ڏسڻ ۾ ايندو حالانڪ سج آهي ته هڪڙو.

(خصائل نبوي ص 387, 388)

هي حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 3 ص 472 {2} **الخطيب في التاريخ** ج 10 ص 35 {3} **البخاري في الكبير** ج 2 ص 352.

{409} حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ هُوَ ابْنُ سَعِيدٍ، قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الْوَاحِدِ بْنُ زِيَادٍ، عَنْ عَاصِمِ بْنِ كُلَيْبٍ قَالَ: حَدَّثَنِي أَبِي، أَنَّهُ سَمِعَ أَبَا هُرَيْرَةَ يَقُولُ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: مَنْ رَآنِي فِي الْمَنَامِ فَقَدْ رَآنِي فَإِنَّ الشَّيْطَانَ لَا يَتَمَثَّلُنِي قَالَ أَبِي: فَحَدَّثْتُ بِهِ ابْنَ عَبَّاسٍ، فَقُلْتُ: قَدْ رَأَيْتُهُ، فَذَكَرْتُ الْحَسَنَ بْنَ عَلِيٍّ فَقُلْتُ: شَبَّهْتُهُ بِهِ، فَقَالَ ابْنُ عَبَّاسٍ: إِنَّهُ كَانَ يُشْبِهُهُ.

بامحاوره ترجمو: ڪليب پنهنجي پيءُ کان حديث بيان ڪئي ان حضرت ابو هريره ﷺ کان ٻڌو ته: رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو "جنهن مون کي ننڊ ۾ ڏٺو ان مون کي ئي ڏٺو بلاشڪ شيطان منهنجو مثال تي نه ٿو سگهي. (عاصم بن ڪليب چيو ته) منهنجي پيءُ چيو ته پوءِ مون اها حديث حضرت ابنِ عباس ﷺ کي ٻڌائي ۽ مون ان کي چيو ته مون رسول الله ﷺ جن کي ڏٺو آهي ۽ سندن شباهت ۾ (حضرت امام حسن ﷺ جو ذڪر ڪيو ۽ چيو ته مون ان سان مشابہ ڏٺو. (ابن عباس ﷺ) فرمايو ته ان سان مشابه هو.

مفردات جو شرح: "فَحَدَّثْتُ" مون اها حديث ٻڌائي، حديث ذڪر ڪئي. "فَذَكَرْتُ" پوءِ مون ذڪر ڪيو. "شَبَّهْتُهُ" ان کي ان سان تشبيه ڏنيم. مشابه سڏيم.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ به مذڪور حديث آهي پر هن جي راوي ڪليب ﷺ جو بيان آهي ته: مون حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کي خواب ۾ ڏٺو ۽ حضرت ابنِ عباس ﷺ کي اهو خواب ٻڌايو ته سندن ذات پاڪ حضرت امام حسن ﷺ سان مشابه هئي ته حضرت ابنِ عباس ﷺ تصديق ڪندي فرمايو: واقعي (حضرت) امام حسن ﷺ سندن مشابه (يعني هم شڪل) هو. ۽ سيرت نگارن لکيو آهي ته: حضرت امام حسن ﷺ ساڻن منهن مبارڪ کان وٺي سيني تائين ۽ حضرت امام حسين ﷺ سيني کان هيٺ سندن مشابه هئا. حضرت علي ﷺ جو ارشاد آهي ته "اَلْحَسَنُ اَشْبَهُ بِرَسُوْلُ اللهِ ﷺ مَا بَيْنَ الصَّدْرِ اِلَى الرَّاسِ وَالْحُسين اَشْبَهُ بِالنَّبِي ﷺ مَا كَانَ اَسفَلَ مِن ذٰلِكَ" (حسن رسول الله ﷺ جن سان سيني کان مٿي مبارڪ تائين مشابه هو ۽ حسين سيني کان هيٺ (پيرن مبارڪن) تائين ساڻن مشابه هو.

(المواهب ص 484 جمع الوسائل ص 223) علامه علي القاري ابن عربي کان نقل ڪندي لکيو آهي ته: حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جو سندن معلوم صفت سان ڏسڻ حقيقت جو ادراڪ آهي ۽ صفات جو ادراڪ مثالي صورت جو ادراڪ آهي ۽ سندن فرمان "فَسَيَرَانِ" (پوءِ جلد مون کي ڏسندو) جو مطلب آهي ان جو تفسير سمجهندو ته اهو حق ۽ سچ آهي ۽ هن قول جي تائيد ابن ابي جمره جو هي قول به ڪري ٿو ته: حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جو سهڻي صورت ۾ ڏسڻ, ڏسندڙ جي دين ۾ سهڻي هجڻ تي دلالت ڪري ٿو ۽ جيڪڏهن ڏسندڙ کي سندن جسم مبارڪ ۾ ڪو نقص يا خلل نظر آيو ته (پاڻ نقص ۽ خلل کان پاڪ آهن) اهو ان ڏسندڙ جي دين ۾ خلل يا نقص آهي اهو ان جي نشاني آهي ڇو ته پاڻ

آئيني وانگر آهن ان جي سامهون جيڪو ڪجهه ايندو اهو ئي ان ۾ ڏسڻ ۾ ايندو. اڳتي لکيو اٿس ته سندن هڪ ئي وقت ۾ پر انهن ملڪن کان مختلف صفتن سان ڏسڻ جائز آهي. جيئن سج ڪي مشرق ۽ مغرب وارا پري کان ڏسن ٿا ائين پاڻ ﷺ جن به سج آهن. (جمع الوسائل ص 234)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 2ص 342 {2} الحاكم في المستدرک ج 4ص 393.

{410} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ بَشَّارٍ، قَالَ: حَدَّثَنَا ابْنُ أَبِي عَدِيٍّ، وَمُحَمَّدُ بْنُ جَعْفَرٍ، قَالاَ: حَدَّثَنَا عَوْفُ بْنُ أَبِي جَمِيلَةَ، عَنْ يَزِيدَ الْفَارِسِيِّ - وَكَانَ يَكْتُبُ الْمَصَاحِفَ - قَالَ: رَأَيْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي الْمَنَامِ زَمَنَ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ: فَقُلْتُ لِابْنِ عَبَّاسٍ: إِنِّي رَأَيْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي النَّوْمِ، فَقَالَ ابْنُ عَبَّاسٍ: إِنَّ رَسُولَ اللهِ كَانَ يَقُولُ: إِنَّ الشَّيْطَانَ لاَ يَسْتَطِيعُ أَنْ يَتَشَبَّهَ بِي، فَمَنْ رَآنِي فِي النَّوْمِ فَقَدْ رَآنِي، هَلْ تَسْتَطِيعُ أَنْ تَنْعَتَ هَذَا الرَّجُلَ الَّذِي رَأَيْتَهُ فِي النَّوْمِ؟ قَالَ: نَعَمْ، أَنْعَتُ لَكَ رَجُلاً بَيْنَ الرَّجُلَيْنِ، جِسْمُهُ وَلَحْمُهُ أَسْمَرُ إِلَى الْبَيَاضِ، أَكْحَلُ الْعَيْنَيْنِ، جَمِيلُ دَوَائِرِ الْوَجْهِ، مَلَأَتْ لِحْيَتُهُ مَا بَيْنَ هَذِهِ إِلَى هَذِهِ، قَدْ مَلَأَتْ نَحْرَهُ - قَالَ عَوْفٌ: وَلاَ أَدْرِي مَا كَانَ مَعَ هَذَا النَّعْتِ - فَقَالَ ابْنُ عَبَّاسٍ: لَوْ رَأَيْتَهُ فِي الْيَقَظَةِ مَا اسْتَطَعْتَ أَنْ تَنْعَتَهُ فَوْقَ هَذَا قَالَ أَبُو عِيسَى: وَيَزِيدُ الْفَارِسِيُّ هُوَ: يَزِيدُ بْنُ هُرْمُزَ، وَهُوَ أَقْدَمُ مِنْ يَزِيدَ الرَّقَاشِيِّ، وَرَوَى يَزِيدُ الْفَارِسِيُّ، عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ أَحَادِيثَ، وَيَزِيدُ الرَّقَاشِيُّ لَمْ يُدْرِكِ ابْنَ عَبَّاسٍ، وَهُوَ يَزِيدُ بْنُ أَبَانَ الرَّقَاشِيُّ، وَهُوَ يَرْوِي عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ، وَيَزِيدُ الْفَارِسِيُّ، وَيَزِيدُ الرَّقَاشِيُّ كِلاَهُمَا مِنْ أَهْلِ الْبَصْرَةِ، وَعَوْفُ بْنُ أَبِي جَمِيلَةَ هُوَ عَوْفٌ الأَعْرَابِيُّ.

بامحاوره ترجمو: حضرت يزيد فارسي ﷺ کان روايت آهي. (اهو قرآن شريف لکندو هو) ته مون حضرت ابن عباس ﷺ جي زماني ۾ نبي ڪريم ﷺ کي ننڊ ۾ ڏٺو. پوءِ خواب جو واقعو حضرت ابنِ عباس ﷺ کي ٻڌايم ته مون حضور ڪريم ﷺ جن جو خواب ۾ ديدار ڪيو آهي. ان تي حضرت ابنِ عباس ﷺ چيو ته رسول الله ﷺ فرمائيندا هئا: "شيطان مون سان مشابهه ٿي نه ٿو سگهي. پوءِ جنهن مون کي ننڊ ۾ ڏٺو تنهن بيشڪ مون کي ڏٺو." ابنِ عباس ﷺ چيو ته ڇا تون ان ماڻهوءَ جي وصف بيان ڪري سگهندين؟ جنهن کي تو خواب ۾ ڏٺو آهي. ان چيو هائو. توکي ان جو حليو بيان ڪري ٻڌايان ٿو. اهو شخص پنهنجي جسم ۽ گوشت ۾ وچٿرو هو اڇاڻ تي مائل ڪڻڪ رنگو. سرمي لڳل ڪجلين اکين وارو، سهڻو ڪلنڊڙ خوبصورت گول چهري وارو. منهن ۽ ڪنن جي وچ واري حصي ۽ سيني کي ڍڪيندڙ ڏاڙهي مبارڪ سان سينگاريل هو.

حضرت عوف ﷺ راوي چيو ته مون کي ياد نه آهي ته انهن سهڻين صفتن سان گڏ ٻيو ڇا بيان ڪيائين. تنهن تي حضرت ابنِ عباس ﷺ چيو ته جي تون حضور ڪريم ﷺ جن جو سجاڳيءَ ۾ ديدار ڪري ڏسين ها ته به انهيءَ کان وڌيڪ صفتون بيان ڪري نه سگهين ها! يعني برابر هي نبي ڪريم ﷺ جو حليو مبارڪ آهي.

مفردات جو شرح: "لاَيَسْتَطِيعُ" نه ٿو سگهه رکي، نه ٿو ڪري سگهي. "أَنْ تَنْعَتَ" صفت بيان ڪرين. "أَنْعَتُ" صفت بيان ڪيان ٿو مان. "أَسْمَرُاللون" ڪڻڪ رنگو سفيدي ڏانهن مائل. "أَكْحَلُ الْعَيْنَيْنِ" سرميلين اکيون مبارڪ. "حَسَنُ الضَّحِكِ" کلڻ جو سهڻو. "جَمِيلُ دَوَائِرِالْوَجْهِ" منهن مبارڪ جون گولايون

جمال واريون. "لِحْيَتُهُ" سندن ڏاڙهي مبارڪ. "لَوْرَأَيْتَهُ" جيڪڏهن تون سندن ديدار ڪرين ها.

سمجهاڻي: هن حديث ۾ يزيد الفارسي رحمه الله حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي حليي مبارڪ بيان ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي هئي. ۽ هن جو نتيجو اهو نڪتو تہ جيڪو شخص حضور ڪريم ﷺ جن جي زيارت پاڪ سان مشرف ٿيو اهو بعينه اهڙي طرح مشرف ٿيو جيئن حضور ڪريم ﷺ جن جي وجود ڪي دنياوي زندگيءَ ۾ ڏٺائين. هي يزيد الفارسي قرآن ڪريم لکندو هو ۽ هن حديث ڪي روايت ڪرڻ ڪان پوءِ امام ترمذي يزيد الفارسي ۽ يزيد الرقاشي ۾ فرق ڪرڻ جي لاءِ وضاحت ڪئي آهي ڇوتہ ٻئي بصره جا هئا. محدث ترمذي لکيو آهي تہ: يزيد فارسي يزيد رقاشي ڪان اڳي هو يزيد فارسي حضرت ابن عباس ڪان حديثون روايت ڪيون آهن ۽ يزيد رقاشي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ڪي نہ پهتو هو ۽ يزيد رقاشي جو پيءُ ابان هو ۽ اهو انس بن مالڪ رضي الله عنه ڪان روايت ڪري ٿو ۽ عوف بن جميلہ (راوي) اعرابي آهي.

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} احمد في المسند ج 1 ص 362,361.

{411} حَدَّثَنَا أَبُو دَاوُدَ سُلَيْمَانُ بْنُ سَلْمٍ الْبَلْخِيُّ، قَالَ: حَدَّثَنَا النَّضْرُ بْنُ شُمَيْلٍ قَالَ: قَالَ عَوْفٌ الأَعْرَابِيُّ أَنَا أَكْبَرُ مِنْ قَتَادَةَ.

بامحاوره ترجمو: نضر بن شميل رحمه الله چيو تہ عوف اعرابي چيو تہ آءُ قتاده (2) ڪان وڏو آهيان.

سمجهاڻي: هن روايت آڻڻ سان صرف ٻي اسناد ٻڌائڻ مراد آهي جنهن ۾ حضرت عوف اعرابي چيو آهي تہ: مان قتاده رحمه الله ڪان (عمر ۾) وڏو آهيان.

{412} حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ أَبِي زِيَادٍ، قَالَ: حَدَّثَنَا يَعْقُوبُ بْنُ إِبْرَاهِيمَ بْنِ سَعْدٍ، قَالَ: حَدَّثَنَا ابْنُ أَخِي ابْنِ شِهَابٍ الزُّهْرِيُّ، عَنْ عَمِّهِ قَالَ: قَالَ أَبُو سَلَمَةَ قَالَ أَبُو قَتَادَةَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: مَنْ رَآنِي - يَعْنِي فِي النَّوْمِ - فَقَدْ رَأَى الْحَقَّ.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابن شهاب زهري رحمه الله پنهنجي چاچي ڪان روايت ڪئي تہ ابو سلمہ رحمه الله چيو تہ حضرت ابو قتاده رضي الله عنه بيان ڪيو تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ: "جنهن مون کي (خواب ۾) ڏٺو تہ بيشڪ ان حق ڏٺو."

مفردات جو شرح: "اَلْحَقَّ" يقين ڪرڻ، واجب هجڻ، ثابت هجڻ. "الحق" الله جل جلاله جو اسم پاڪ بہ آهي ڇوتہ حقيقتًا موجود اهو ئي آهي، باقي سڀ فنا آهي.

سمجهاڻي: هن حديث شريف ۾ آهي تہ: جنهن مون کي (ننڊ ۾) ڏٺو ان حق ڏٺو." حق باطل جو ضد هوندو آهي. مطلب تہ ان يقينن پڪ مون کي ڏٺو. اهو خيالي يا وهمي امر ناهي. (المواهب ص 689) علامہ علي القاري لکيو آهي تہ: حق مان مراد آهي تہ ان جو ڏسڻ صحيح، متحقق آهي جنهن ۾ غلط خواب جو تصور نہ ٿو ڪري سگهجي. اڳتي لکيو اٿس تہ هي بہ صحيح آهي جو حق مان مراد الله جل جلاله ۽ تجي مطلب تہ الله جل جلاله جي قدرت جي مظهر کي ڏٺائين ۽ جنهن حضور ڪريم ﷺ کي ڏٺو اهو ڪين سجاڳيءَ ۾ جنت ۾ ڏسندو ۽ اتي الله جل جلاله جو بہ ديدار ڪندو ۽ هيءَ مراد وٺڻ بہ بعيد ناهي تہ: جنهن مون کي ننڊ

۾ ڏٺو اهو جلد الله ﷻ کي بہ ننڊ ۾ ڏسندو. منهنجو ديدار رب ﷻ جي ديدار جو مقدمو آهي ۽ ان مقصد ماڻڻ جي خوشخبري ڏيندڙ آهي. (جمع الوسائل ج 2 ص 237)

هيءَ حديث ٻين هنن محدثن آندي آهي: {1} مسلم في كتاب الرؤيا باب 1 قول النبي ﷺ "مَنْ رَآنِي فِي المنام فقد رآني" رقم الحديث 2267 ج 4 ص 1776 {2} احمد في المسند ج 5 ص 306 {3} الدارمي في كتاب الرؤيا باب 4 في رؤية النبي ﷺ في المنام رقم الحديث 2140 ج 2 ص 166 {4} البخاري في كتاب التعبير باب 10 من رآي النبي ﷺ في المنام رقم الحديث 6995 ج 12 ص 383.

{413} حَدَّثَنَا عَبْدُ اللهِ بْنُ عَبْدِ الرَّحْمٰنِ الدَّارِمِيُّ قَالَ: حَدَّثَنَا مُعَلَّى بْنُ أَسَدٍ، قَالَ: حَدَّثَنَا عَبْدُ الْعَزِيزِ بْنُ الْمُخْتَارِ، قَالَ: حَدَّثَنَا ثَابِتٌ، عَنْ أَنَسٍ: أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ: مَنْ رَآنِي فِي الْمَنَامِ فَقَدْ رَآنِي، فَإِنَّ الشَّيْطَانَ لَا يَتَخَيَّلُ بِي وَقَالَ: وَرُؤْيَا الْمُؤْمِنِ جُزْءٌ مِنْ سِتَّةٍ وَأَرْبَعِينَ جُزْءًا مِنَ النُّبُوَّةِ.

مفردات جو شرح: "لَا يَتَخَيَّلُ بِي" اي لايتصوربي يعني منهنجي صورت وٺي نہ ٿو سگهي ۽ نہ ڪنهن جي لاءِ ان صورت ۾ ظاهر ٿي سگهي ٿو اهو ان جي لاءِ ممڪن ئي ناهي.

بامحاوره ترجمو: حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: "جنهن مون کي ننڊ ۾ ڏٺو تنهن سچ مون کي ڏٺو ڇاڪاڻ تہ شيطان منهنجي صورت نہ وٺي سگهندو آهي." ۽ پاڻ ڪريم ﷺ هي بہ فرمايو تہ: مؤمن جو خواب نبوت جي ڇائيتاليهن حصن مان هڪ حصو آهي.

سمجهاڻي: هن روايت ۾ هڪ تہ پهرين حديثن وارو مضمون آهي ٻيو هي بيان آهي تہ "مومن جو خواب نبوت جي ڇائيتاليهہ (46) جزن مان هڪ جزو آهي" هتي مومن مان مراد صالح مومن ۽ صالحہ مومنياڻي آهي. جيڪڏهن هي حضرت انس رضي الله عنه جو قول آهي تہ پوءِ هيءَ حديث موقوف آهي ۽ هيءَ ڳالهہ بہ پري ناهي تہ: اهو رسول الله ﷺ جو قول هجي ۽ اهو وڌيڪ اظهر آهي. مشهور هي آهي تہ هيءَ حديث مرفوع آهي ۽ مومن جا اڪثر خواب سچا هوندا ڪڏهن اجايا بہ هوندا آهن ۽ نبوت جي ڇائيتاليهن 46 حصن مان ڪيئن آهي؟ ان جو سبب بيان ڪندي علامہ بيجوري لکيو آهي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي نبوت جي اظهار جو زمانو 23 سال آهي ۽ سندن نبوت جي اظهار جي ابتدا سچن خوابن سان ٿي هئي. جنهن جو وقت ڇهہ مهينا هيو ۽ ان جي نسبت باقي مدت مذڪوره جي لحاظ سان ڇائيتاليهون حصو آهي ۽ هن جي ظاهري مراد وٺڻ ۾ ڪو حرج ناهي ۽ هن باري ۾ مختلف روايتون آهن جن مان مراد خوابن جي ڪثرت آهي ۽ وڌيڪ ظاهر هي مراد آهي تہ نبوت جي جزء مان مراد علم آهي ڇوتہ سٺي خواب سان بعض غيبي ڳالهين جو علم ٿيندو آهي ۽ ان سان بعض غيبي ڳالهين تي اطلاع ملندو آهي ۽ ان ۾ شڪ ناهي تہ غيب جو علم نبوت جي علمن مان آهي ۽ ان جي ڪري امام مالڪ فرمايو: جڏهن ان کان سوال ڪيو ويو تہ ڇا خواب جو هر ماڻهو تعبير ڪري سگهي ٿو؟ تہ پاڻ ان کي فرمايائين "تہ ڇا (علم) نبوت سان راند ٿو ڪرين؟ ان کان پوءِ فرمايائين تہ "خواب (سٺو) نبوت (جي علم) جو جزو آهي. اها مراد ناهي تہ خواب باقي نبوت آهن؟ (المواهب ص 690, 691)

محدث ڪانڌلوي لکيو آهي تہ: هن جو مختصر مطلب هي آهي تہ "مبارڪ ۽ سنا خواب هڪ بشارت آهن. باقي اهي نبوت جي ڇائيتاليهن جزن مان هڪ جزو آهن ان جي صحيح مراد

حضور ڪريم ﷺ جن ئي ڄاڻن ٿا.

نبي ڪريم ﷺ جي زيارت حق آهي

دلائل

{1} حضرت انس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو "مَن رَّانِي فِي الْمَنَامِ فَقَدْ رَانِي فَإِنَّ الشَّيْطَانَ لَا يَتَمَثَّلُ بِي" الحديث (بخاري ڪتاب التعبير باب من راي النبي ﷺ في المنام حديث 6994, مسلم ڪتاب الرؤيا حديث 5797 ۽ 5810) (ترجمو: جنهن مون کي ننڊ ۾ ڏٺو تہ ان بيشڪ مون کي ڏٺو يقينن شيطان منهنجو مثال نہ ٿو ٿي سگهي.)

{2} حضرت ابو هريره ﷺ کان بہ روايت آهي جنهن جا الفاظ هي آهن "مَن رَّانِي فِي الْمَنَامِ فَسَيَرَانِي فِي الْيَقْظَةِ وَلَا يَتَمَثَّلُ الشَّيْطَانُ بِي" (بخاري حديث 6993, مسلم ڪتاب الرؤيا باب قول النبي ﷺ حديث 5710) (ترجمو: جنهن مون کي ننڊ ۾ ڏٺو اهو جلد مون کي سجاڳيءَ ۾ بہ ڏسندو ۽ شيطان منهنجو مثال نہ ٿيندو.)

{3} علامہ سخاوي ابو القاسم "البستي" جي ڪتاب "الدر المعجم في المولد المعظم" جي حوالي سان هيٺ ڏنل روايت آندي آهي "ويروى عنه صلى الله تعالى عليه وسلم انه قال مَنْ صَلَّى عَلَى رُوحِ مُحَمَّدٍ فِي الْأَرْوَاحِ وَعَلَى جَسَدِهِ فِي الْأَجْسَادِ وَعَلَى قَبْرِهِ فِي الْقُبُوْرِ رَآنِي فِي مَنَامِهِ وَمَن رَّآنِي فِي مَنَامِهِ رَآنِي يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَمَن رَّآنِي يَوْمَ الْقِيَامَةِ شَفَعْتُ لَهُ وَمَنْ شَفَعْتُ لَهُ شَرِبَ مِنْ حَوْضِي وَحَرَّمَ اللهُ جَسَدَهُ عَلَى النَّارِ." (القول البديع ص 67)

(يعني جنهن ارواح ۾ حضرت محمد (ﷺ) جي روح (پاڪ) تي ۽ جسمن ۾ ان جي جسم تي ۽ قبرن ۾ ان جي (پاڪ) قبر تي درود پڙهيو، اهو مون کي ننڊ ۾ ڏسندو ۽ جنهن مون کي ننڊ ۾ ڏٺو اهو مون کي قيامت جي ڏينهن ڏسندو ۽ جنهن مون کي قيامت جي ڏينهن ڏٺو ان جي لاءِ مان شفاعت ڪندس ۽ جنهن لاءِ مون شفاعت ڪئي اهو منهنجي حوض مان پيئندو ۽ الله جل جلاله ان جي جسم کي دوزخ جي باهہ تي حرام ڪري ڇڏيندو. علامہ شيخ عبدالحق محدث دهلوي لکيو آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جي زيارت جو شرف حاصل ڪرڻ جي لاءِ درود شريف جا تحفا موڪلڻ گهڻو مفيد آهن.

(جذب القلوب فارسي ص 260)

دلبر جي ديدار لاءِ ورد وظيفا

علامہ غلام صديق شهدادڪوٽي جي قلمي بياض ۾ لکيل آهي تہ: جيڪو شخص حضور ڪريم ﷺ جن جو ننڊ ۾ يا سجاڳيءَ ۾ ديدار ڪرڻ جي تمنا رکي اهو هي عمل ڪري.

عمل مبارڪ {1} : آچر جي رات ڪامل طور بدن پاڪ، ڪپڙا پاڪ ۽ صاف رکي. اڪيلائيءَ ۾ ويهي هزار ڀيرا سورة "الكوثر" پڙهي ۽ هزار ڀيرا هي درود شريف پڙهي "اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ بِعَدَدِ كُلِّ مَعْلُوْمٍ لَّكَ" ۽ جيڪو پڙهيائين اهو حضور ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن جي روح پر فتوح جي خدمتِ عاليه ۾ هديو ڪري پيش ڪري. ان کان پوءِ اٺ ٻہ رڪعتون نفل پڙهي پهرين رڪعت ۾ الحمد شريف کان پوءِ ست ڀيرا سورة "وَالشَّمْسِ" پڙهي ۽ ٻي رڪعت ۾ الحمد شريف کان پوءِ "اَللّٰهُمَّ رَبَّ الْحِلِّ وَالْحَرَمِ وَرَبَّ الْبَيْتِ الْحَرَامِ اَبْلِغْ رُوْحَ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ مِّنِّي الصَّلٰوةَ وَالسَّلَامَ" ان کان پوءِ هي نقش لکي پنهنجي مٿي

ص	م	ل	ا
ا	ص	م	ل
ل	ا	ص	م
م	ل	ا	ص

جي هينان رکي ۽ سمهڻ وقت سوره "الحديد" جون پهريون آيتون "عَلِيۡمُۢ بِذَاتِ الصُّدُوۡرِ" ۽ سورة حشر جون آيتون "هُوَ اللّٰهُ الَّذِیۡ" پڇاڙيءَ تائين پڙهي پوءِ چوي "اَللّٰهُمَّ يَا مَنْ هُوَ كَذَا وَيَا مَنْ لَّا يَزَالُ كَذَا يَا مَنْ لَّيْسَ اَحَدٌ غَيْرُهٗ كَذَا اَسْئَلُكَ اَنْ تَرْزُقَنِيْ رُؤْيَةَ وَجْهِ حَبِيْبِكَ مُحَمَّدٍ رُؤْيَةً تُقَرُّ بِهَا عَيْنِيْ وَتَشْرَحُ بِهَا صَدْرِيْ وَتَجْمَعُ بِهَا شَمْلِيْ وَ تُفَرِّجُ بِهَا كُرْبَتِيْ وَتَجْمَعُ بِهَا بَيْنِيْ وَبَيْنَهٗ (ﷺ) فِي الدَّرَجٰتِ الْعُلٰى مِنَ الْجَنَّةِ ثُمَّ لَا تُفَرِّقْ بَيْنِيْ وَبَيْنَهٗ اَبَدًا بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ" ان کان پوءِ درود شريف پڙهندي سمهي رهي. جمعي جي رات تائين (ان شآءَ الله جل جلاله) مقصد حاصل ڪري ويندو. اهڙي طرح ٻئي ڇنڇر جي رات کان شروع ڪري ۽ جڏهن اربعاء جي رات اچي تہ مذکوره شرطن سان هزار ڀيرا سورة الاخلاص پڙهي ام المؤمنين سيده خديجة الكبرىٰ رضي الله عنها جي روح پرفتوح کي هديہ پيش ڪري ۽ انتهائي عاجزيءَ سان عرض ڪري تہ: "يا ام المؤمنين" اوهان کي حضرت نبي ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ شفاعت ڪندڙ تو بنايان تانت پاڻ رب العالمين جي بارگاه ۾ منهنجي شفاعت ڪن تانت الله جل جلاله مون کي پنهنجي حبيب ﷺ جي منهن مبارڪ جوائين ديدار ڪرائي جيئن اوهان ڪيو هو ان کان پوءِ وري ٻيو هزار ڀيرا "سورة الاخلاص" ام المؤمنين سيده عائشه صديقه رضي الله عنها جي روح مبارڪ کي هديہ پيش ڪندي مذڪور عرض ڪري ان کان پوءِ ٽيون دفعو هزار ڀيرا "سورة الاخلاص" پڙهي سيده خاتون جنت جي روح پاڪ کي هديہ ڪري پيش ڪري ۽ "يا ام المؤمنين جي بجاءِ "يَا سَيِّدَةَ نِسَاءِ الْعَالَمِيْنَ" چوي ۽ درود پڙهندي سمهي رهي ٿي راتيون ائين ڪري پر جمعي جي رات ڪجهہ ڪائڻ کان سواءِ ٽي هزار ڀيرا "سورة الاخلاص" پڙهي. هزار ڀيرا "اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ وَاَتُوْبُ اِلَيْهِ" پڙهي، استغفار کان پوءِ هيءَ دعا پڙهي "اَللّٰهُمَّ اَوْصِلْ رُوْحِيْ اِلٰى رُوْحِ رَسُوْلِ اللّٰهِ مَعَ عَجْزِيْ وَقُصُوْرِيْ فَاِنَّكَ اَنْتَ اَرْحَمُ الرَّاحِمِيْنَ" انشآءَالله جل جلاله جهان کي سينگاريندڙ جمال جي ديدار سان مشرف ٿيندو. "وَمَا ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ بِعَزِيْزٍ" ٽن مهينن تائين هي عمل ڪرڻ گهرجي يا مهيني جي شروعات ۾ يا آخر ۾ وَصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى حَبِيْبِهٖ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ

عمل مبارڪ {2} : علامہ مرحوم حضور عليه الصلوٰة والسلام جن جي ديدار ڪرڻ لاءِ ٻيو هي طريقو لکيو آهي ۽ هن کي اڪسير اعظم سڏيو آهي. لکيو اٿس تہ سومر جي رات شروع ڪري اول هڪ سؤ ڀيرا استغفار پڙهي ۽ هي درود شريف هزار ڀيرا پڙهي. "اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدِ الْفَاتِحِ لِمَا اُغْلِقَ وَالْخَاتِمِ لِمَا سَبَقَ وَالنَّاصِرِ الْحَقِّ بِالْحَقِّ وَالْهَادِيْ اِلٰى صِرَاطِكَ الْمُسْتَقِيْمِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ حَقَّ قَدْرِهٖ وَمِقْدَارِهِ الْعَظِيْمِ." جمعہ رات تائين اهو ورد ڪري ۽ دعا گهرندو رهي اهڙي طرح ست هفتا سومر کان شروع ڪري جمعہ رات تائين جاري رکي ۽ جيڪڏهن چاليهہ ڏينهن ائين ڪري تہ بهتر آهي انشآءَالله تعاليٰ منزل مقصود ماڻيندو. درود شريف هي آهي:

عمل مبارڪ {3} : عشاء جي نماز کان پوءِ مدينہ منوره ڏانهن منهن ڪري دل ۾ حضور ڪريم ﷺ جو

تصور رکي تہ سندن روضہ اقدس جي سامهون بيٺو آهي ۽ يقين رکي تہ حضور ڪريم ﷺ جن ڪيس ڏسي رهيا آهن ۽ سندس آواز ٻڌي رهيا آهن ۽ سندس دل جي خطرن ڪان بہ مطلع آهن. پوءِ هي درود شريف لکيل هڪ سؤ ايڪيتاليهہ ڀيرا پڙهي: "اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ كَمَا اَمَرْتَنَا اَنْ نُصَلِّيَ عَلَيْهِ ۝ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ كَمَا هُوَ اَهْلُهٗ ۝ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَه "

عمل مبارڪ {4} : هي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان فاضل بريلوي جو ٻڌايل آهي. مٿين انداز ۾ رهندي هڪ سؤ هڪ ڀيرو هي درود شريف پڙهي: "اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى رُوْحِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ فِي الْاَرْوَاحِ ۝ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى جَسَدِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ فِي الْاَجْسَادِ ۝ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى قَبْرِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ فِي الْقُبُوْرِ ۝ "

(شمع شبستانِ رضا حصو ٻيو ص 260)

عمل مبارڪ {5} : حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي زيارت جي شرف سان مشرف ٿيڻ لاءِ صرف هي درود لکيو آهي: " اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ اٰلِهٖ وَسَلِّمْ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَه "

(ڪتاب "صلوا عليه وسلموا تسليما" ص 292 بحوالہ جذب القلوب)

عمل مبارڪ {6} : ڪتاب "مفاخر الاسلام" ۾ آهي تہ : جيڪڏهن ڪو شخص پنج جمعا يعني هر جمعہ تي هزار ڀيرا هي درود شريف پڙهندو تہ ان کي انهيءَ وچ ۾ حضور ڪريم ﷺ جي زيارت نصيب ٿيندي ۽ انشآءَ الله ﷻ خواب ۾ پنهنجي جاءِ جنت ۾ ڏسندو اهو درود شريف هي آهي:

"اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ ۨالنَّبِيِّ الْاُمِّيِّ"

عمل مبارڪ {7} : جيڪو شخص جمعہ جي رات پاڪائي سان ٻہ رڪعتون نفل نماز پڙهي هر هڪ رڪعت ۾ الحمد کان پوءِ 11 ڀيرا آية الكرسي ۽ 11 ڀيرا "قل هو الله" شريف پڙهي سلام ڦيرائڻ کان پوءِ هڪ سؤ ڀيرا هي درود شريف پڙهي تہ انشآءَ الله ﷻ ٽن جمعن تائين حضور ڪريم ﷺ جن جي زيارت نصيب ٿينديس. اهو درود شريف هي آهي: "اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ ۨالنَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَاٰلِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ"

عمل مبارڪ {8} : جيڪو شخص جمعہ جي رات ٻہ رڪعتون نفل نماز پڙهي هر رڪعت ۾ الحمد کان پوءِ 25 ڀيرا "قل هو الله " شريف پڙهي نفل پورو ڪري ان ڪان پوءِ هڪ هزار ڀيرا هي درود شريف پڙهي : "صَلَّى اللّٰهُ عَلَى النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ " پنج جمعي جون راتيون ائين عمل ڪرڻ سان محبوب ڪريم ﷺ جي زيارت نصيب ٿينديس. (برڪات الصلواة ص 131, 132)

عمل مبارڪ {9} : جيڪو شخص جمعي جي نماز کان پوءِ وضو ڪري هڪڙي ڪاغذ تي 35 دفعا اسم مبارڪ "مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ" لکي ۽ ان ڪاغذ کي پاڻ سان رکي تہ الله ﷻ ان کي اطاعت ۽ عبادت جي قوت عطا ڪرڻ فرمائيندو. اهو روزانو سج نڪرڻ وقت درود شريف پڙهي هن ڪاغذ کي غور سان ڏسي ۽ گهٽ ۾ گهٽ 35 ڀيرا درود شريف پڙهي ان تي عمل ڪندو رهندو تہ ان کي ڪثرت سان حضور ڪريم ﷺ جن جو ديدار نصيب ٿيندو. (ساڳيو حوالو)

عمل مبارڪ {10} : سيدنا حضورِ غوث اعظم جن جو ارشاد آهي تہ جيڪو شخص جمعي جي رات جو عشاء جي نماز کان پوءِ ٻہ رڪعتون نماز پڙهي هر رڪعت ۾ "الحمد" کان پوءِ 15 ڀيرا آيت "الكرسي" ۽ 15 ڀيرا " قل هو الله" پڙهي نماز پوري ڪندو ۽ پوءِ ويهي هڪ هزار ڀيرا هي درود شريف

پڙهندو تہ انشاءَ الله ﷻ هڪ جمعہ کان ٻئي جمعہ تائين حضور ڪريم ﷺ جو ديدار نصيب ٿيندس.

(ساڳيو ص 160, 161)

عمل مبارڪ {11} : سعيد بن عطار کان روايت آهي تہ جيڪو شخص پاڪ بستري تي پاڪ صاف رهندي سمهي ۽ سمهڻ وقت هيءَ دعا پڙهي ۽ سجو هٿ ڪنڌ هيٺان ڏئي هيءَ دعا پڙهندو تہ ننڊ ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جو ديدار ڪندو. دعا هي آهي: "اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُكَ بِجَلَالِ وَجْهِكَ الْكَرِيْمِ اَنْ تُرِيَنِيْ فِيْ مَنَامِيْ وَجْهَ نَبِيِّكَ مُحَمَّدٍ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ رُؤْيَةً تُقِرُّ بِهَا عَيْنِيْ وَتُنَوِّرُ بِهَا صَدْرِيْ وَتَطْمَئِنُّ بِهَا قَلْبِيْ وَتَدْفَعُ بِهَا كُرْبَتِيْ وَتَجْمَعُ بِهَا بَيْنِيْ وَبَيْنَهٗ يَوْمَ الْقِيَامَةِ فِي الدَّرَجٰتِ الْعُلٰى ثُمَّ لَا تُفَرِّقْ بَيْنِيْ وَبَيْنَهٗ اَبَدًا يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ"

(اي منهنجا الله مان توکان تنهنجي ڪريم چهره جي جلال جي واسطي سان گهران ٿو تہ مون پنهنجي نبي (حضرت) محمد ﷺ جو منهن (مبارڪ) ڏيکار جنهن سان منهنجون اکيون ٺرن ۽ منهنجو سينو روشن ٿي وڃي ۽ منهنجي دل مطمئن بنجي ۽ ان جي ڪري منهنجي پريشاني دور ٿي وڃي ۽ مون کي ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن بلند درجات ۾ گڏ رکجان ان کانپوءِ يا ارحم الراحمين مون ۾ ۽ ان ۾ جدائي نہ وجهجان.) "قطب الارشاد" جي مؤلف پلاري لکيو آهي تہ اول اهي درود شريف جيڪي زيارت لاءِ مخصوص آهن پڙهجن ان کان پوءِ اها دعا پڙهجي تہ زياده بهتر ۽ قبوليت کي ويجهو آهي.

(ڪتاب " الصلواة والسلام علي رحمة للعالمين ص 282, 283, بحوالہ قطب الارشاد)

عمل مبارڪ {12} : جيڪو شخص رات جو پاڪ صاف ٿي پاڪ صاف بستري تي سمهڻ کان اڳ ۾ هڪ هزار ڀيرا سورة "الڪوثر" پڙهي پوءِ سمهندو تہ ان کي حضور ڪريم ﷺ جو ديدار نصيب ٿيندو. (انشاءَ الله ﷻ) "قطب الارشاد" وڏيڪ هي لکيو آهي تہ هي عمل مجرب آهي. (قطب الارشاد)

عمل مبارڪ {13} : محبوب ڪريم ﷺ جي زيارت ڪرڻ لاءِ هي عمل بہ آهي تہ ڀانهو رات جو سمهڻ کان پهريان وضو ڪري، پاڪ ڪپڙا ڍڪي قبلي ڏانهن منهن ڪري ويهي. سورة "وَالشَّمْسِ وَضُحٰهَا" ست ڀيرا پڙهي ۽ "وَالَّيْلِ اِذَا يَغْشٰى" ست ڀيرا. پوءِ "قل هو الله احد" پوءِ نهايت عاجزي ۽ زاريءَ سان نبي ڪريم ﷺ جي زيارت لاءِ دعا گهري. وڏي اميد آهي تہ هي عمل ست راتيون ڪرڻ سان سيد الانبياء عليهم الصلواة والسلام جي زيارت سان مشرف ٿيندو. (ساڳيو حوالو)

محبن سان مهربانيون

هتي بہ واقعا لکڻ مناسب آهن جيڪي مفسرن پلارن لکيا آهن.

{1} روايت آهي تہ : ابوبڪر مجاهد المقري وٽ الله ﷻ جو ٻانهو ابوبڪر شبلي قدس سره آيو ۽ سندس مسجد ۾ داخل ٿيو تہ ان سندس اٿي استقبال ڪيو. سندس شاگردن ۾ ساٿين اهو ڏسي ڪيس عرض ڪيو تہ : اوهان وٽ وقت جو وزير علي بن عيسيٰ آيو تہ اوهان ان جي لاءِ بہ نہ اٿيا تہ شبلي (قدس سره) جي لاءِ ڇو اٿي بيٺا؟ ان جواب ۾ کين چيو تہ : ڇا مان ان جي لاءِ اٿي نہ بيهان جنهن جي رسول الله ﷺ عزت ڪري ٿو؟ مون خواب ۾ رسول الله ﷺ جن کي ڏٺو پاڻ فرمايائون تہ "اي ابوبڪر! سڀاڻي تو وٽ هڪ جنتي شخص ايندو ان جي عزت ۽ احترام ڪجان." (ان جي ڪري مون ان جو اٿي استقبال ڪيو آهي) ابوبڪر بن مجاهد فرمايو تہ پوءِ ٻن راتين جي گذرڻ کان بعد مون وري خواب ۾ حضور

ڪريم ﷺ جن جو ديدار ڪيو تہ پاڻ فرمايائون "اي ابوبڪر! الله ﷻ توکي ائين عزت وارو بنائي جيئن توهڪ جنتي شخص کي عزت ڏني." مون کين عرض ڪيو تہ : يا رسول الله! شبلي اوهان وٽ هن مرتبي کي ڪيئن پهتو؟ پاڻ فرمايائون تہ "اهو شخص آهي جيڪو مون کي پنجن ئي نمازن کان پوءِ ياد ڪندو آهي ۽ اسي سالن کان وٺي هر نماز کان پوءِ "لَقَدْ جَاۤءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٢٨﴾ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقُلْ حَسْبِيَ اللّٰهُ ۖ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۗ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَهُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ﴿١٢٩﴾ " (سورة توبہ آيت128 ,129) پڙهندو آهي.

{2} بعض صالحن کان روايت آهي تہ ان کي (مالي لحاظ سان) تنگي پيش آئي ننڊ ۾ نبي ڪريم ﷺ جو ديدار ڪيائين . پاڻ فريائونس تہ "نہ ڏک ڪر ۽ نہ غمگين ٿي سڀاڻي علي بن عيسيٰ وزير وٽ وڃجان ۽ ان کي منهنجا سلام چئجان ۽ ان کي هيءَ نشاني ڏجان تہ تومنهنجي مزار وٽ چار هزار ڀيرا درود شريف پڙهيو آهي." اهو ان پيغام ٻڌڻ شرط توکي هڪ سؤ دينار ڏيندو. صبح جو اهو درويش بانهو وزير صاحب وٽ آيو ۽ ان کي پيغام پهچايائين تہ ان روئي ڏنو ۽ چيائين تہ رسول الله ﷺ جن سچ فرمايو آهي ۽ تون بہ سچو آهين ڇوتہ منهنجي ان عمل کي الله جل شانہ ۽ ان جي رسول ﷺ کان سواءِ ٻيو ڪير بہ ڪونہ ٿو ڄاڻي. ان کان پوءِ وزير صاحب پنهنجي غلام کي سڏ ڪري چيو تہ "پيسن واري ٿيلهي کڻي اچ" جڏهن غلام اها ٿيلهي کڻي آيو تہ ان مان ٽي سؤ دينار ڪڍي درويش کي ڏئي فرمايائين تہ : هي ٽي سؤ دينار وٽ هڪڙو سؤ حبيب ڪريم ﷺ جي حڪم تي، ٻيو تنهنجي طرفان اها بشارت آڻڻ تي. ٽيون سؤ دينار تنهنجي لاءِ هديو آهي. اهو درويش ٽي سؤ دينار کڻي نڪتو ۽ ان جو غم ۽ ڏک لهي ويو ۽ ان وزير تي الله ﷻ احسان فرمايو جو وزارت، رياست جو مرتبو، سلطنت وارو ظلم ۽ جابرن واري وڏائي ڇڏي مڪہ مڪرمہ ڏانهن ويو ۽ نبي ڪريم ﷺ جي ذڪر جي برڪت سان بيت الله شريف جو پاڙيسري ٿي رهي واصل الي الله ٿيو. (روح البيان ج 3 ص 547)

{414} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ عَلِيٍّ قَالَ : سَمِعْتُ أَبِي يَقُولُ : قَالَ عَبْدُ اللهِ بْنُ الْمُبَارَكِ : إِذَا ابْتُلِيتَ بِالْقَضَاءِ فَعَلَيْكَ بِالأَثَرِ

بامحاوره ترجمو: حضرت محمد بن علي رحمہ اللہ چيو تہ مون پنهنجي پيءُ کان ٻڌو تہ حضرت عبدالله بن مبارڪ رحمہ اللہ فرمايو" جڏهن تون قاضي (فيصلو ڪندڙ جج) بنايو وڃين، تہ توکي حديث جي تابعداري لازم آهي."

سمجهاڻي: هي حضرت عبدالله بن مبارڪ رحمہ اللہ جو ارشاد آهي . (اثر آهي) مطلب هي آهي تہ جيڪڏهن تون قاضي (يعني جج) بنايو وڃين تہ : ان ۾ رسول الله ﷺ جن کان نقل ڪيل حديث ۽ خلفاءِ راشدين رضي الله عنهم جي ڪيل فيصلن کي نظر ۾ رکجانءِ صرف پنهنجي عقل تي اعتقاد نہ ڪجان. محدث نووي مسلم شريف جي شرح ۾ چيو آهي تہ "اثر"محدثن جي اصطلاح ۾ مرفوع ۽ موقوف ٻنهي تي ڳالهايو ويندو آهي. جيئن " خبر" ۽ "حديث" ڳالهايو ويندو آهي، ۽ مختار قول مطابق مطلقًا ڳالهايو ويندو آهي. برابر جو اها روايت نبي ڪريم ﷺ جن کان هجي يا صحابي کان، ۽ خراسان جي فقهاء صحابي تي موقوف خبر کي "اثر" سڏيو آهي ۽ نبي ڪريم ﷺ جن تائين مرفوع

روايت کي "خبر" سڏيو آهي. (المواهب 692)

محدث ڪانڌلوي لکيو آهي تہ: هن اثر کي هن باب سان خاص نسبت هيءَ آهي تہ: خواب جو تعبير بہ هڪ فيصلو آهي ان ۾ بہ پنهنجي راءِ نہ هلائجي بلڪ اسلاف جي تعبيرن کي ڏسڻ گهرجي ڇوتہ نبي ڪريم ﷺ جن ۽ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان ۽ تابعين رحمهم الله کان خوابن جا تعبير بڪثرت روايت ڪيل آهن. تعبير جي هن فن جي عالمن لکيو آهي تہ تعبير ڪرڻ وارو شخص ضروري آهي تہ سمجهدار، متقي، پرهيزگار، ڪتاب الله ۽ سنت رسول الله ﷺ کان واقف هجي. عرب جي ٻولي ۽ مثالن کي ڄاڻندو هجي وغيره وغيره گهڻا شرائط ۽ آداب تعبير جي علم جي ڪتابن ۾ لکيل آهن. (خصائل نبوي ص 392)

تخريج: هي اثر ابو نعيم حلية الاولياء ج 8 ص 166 ۾ آندو آهي ۽ هن جي اسناد صحيح آهي.

{415} حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ عَلِيٍّ، قَالَ: حَدَّثَنَا النَّضْرُ بْنُ شُمَيْلٍ، قَالَ: أَنْبَأَنَا ابْنُ عَوْفٍ، عَنِ ابْنِ سِيرِينَ قَالَ: هٰذَا الْحَدِيثُ دِينٌ، فَانْظُرُوا عَمَّنْ تَأْخُذُونَ دِينَكُمْ.

بامحاوره ترجمو: حضرت ابنِ سيرين چيو تہ هي حديثون دين آهن پوءِ ڏسو تہ پنهنجو دين ڪنهن کان ٿا وٺو يعني دين، علم ۽ مذهب ديندار کان سکو.

مفردات جو شرح: "هٰذَا الْحَدِيثُ" هيءُ (حضور ڪريم ﷺ جي) حديث دين آهي. "فَانْظُرُوا" پوءِ ڏسو. سوچيو. فڪر ڪيو. "عَمَّنْ" ڪنهن کان.

سمجهاڻي: هيءَ حضرت ابنِ سيرين جو فرمان آهي جيڪو روايت ۾ احتياط ڪرڻ جي لاءِ آندل آهي جنهن جو مطلب آهي تہ "دين ان کان سکو جنهن ۾ سيکارڻ جي اهليت ۽ صلاحيت هجي. عادل، ثقہ متقي هجي. ۽ ديلمي جي روايت ۾ حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان مرفوعًا روايت آهي تہ "اَلْعِلْمُ دِيْنٌ وَالصَّلٰوةُ دِيْنٌ فَانْظُرُوْا عَمَّنْ تَاْخُذُوْنَ هٰذَا الْعِلْمَ وَكَيْفَ تُصَلُّوْنَ هٰذِهِ الصَّلٰوةَ فَاِنَّكُمْ تُسَالُوْنَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ" (علم دين آهي ۽ نماز دين آهي پوءِ ڏسو تہ هي علم ڪنهن کان ٿا وٺو ۽ هي نماز ڪيئن ٿا پڙهو پوءِ بلاشڪ اوهان کان قيامت جي ڏينهن (انهن جي باري ۾) سوال ڪيو ويندو.) ۽ الجامع الصغير ۾ آهي تہ "اِنَّ هٰذَا الْعِلْمَ دِيْنٌ فَانْظُرُوْا عَمَّنَ تَاْخُذُوْنَ دِيْنَكُمْ" (بلاشڪ هي علم دين آهي پوءِ ڏسو تہ ڪنهن کان پنهنجو دين سکو ٿا) ۽ هن علم مان مراد شرعي علم آهي جنهن کي تفسير، حديث ۽ فقه سڏيو ويندو آهي ۽ ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هي اصل آهن ان کان سواءِ جيڪو ڪجهہ آهي انهن جو تابع آهي ۽ خطيب وغيره حضرت ابنِ عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ "لَاتَاْخُذُوْا الْحَدِيْثَ اِلَّا عَمَّنْ تُجِيْزُوْنَ شَهَادَتَهٗ" (حديث نہ وٺو مگر ان کان جنهن جي شاهدي جائز ڪيو ٿا) مطلب تہ نيڪ صالح متقي هجي) ۽ مصنف پنهنجي هن ڪتاب کي هنن ٻن اثرن سان ان جي ڪري پورو ڪيو تہ حديث کي مضبوط رکڻ تي حرص ڏياري ۽ حديث گهڻي پڙهجي. ان جي حاصل ڪرڻ ۾ وڏي محنت ڪجي ۽ هنن اثرن سان ڪتاب کي ختم ڪرڻ ائين آهي جيئن حديث جي ڪتابن جي ابتداء "اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِ" (عملن جو دارومدار نيتن تي آهي) حديث سان ڪيل هوندي آهي.

(المواهب ص 692، 693 جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 2 ص 339، 340)

هيءُ اثر ٻين هنن محدثن آندو آهي: {1} الدارمي في المقدمة من سننه باب 38 في الحديث عن الثقات رقم الحديث 419 ج 1 ص 124 {2} مسلم في مقدمة صحيحه باب 5 بيان ان الاسناد من الدين ج 1 ص 14.

الحمدلله ﷻ ثم الحمدلله جو مون گنهگار اج ساڍي ڏهين بجي جمعي جي پلاري رات بمورخہ 3 صفر المظفر 1432 ھ الموافق جنوري 2011 شمائل ترمذي جو شرح "الفيوضاتِ المصطفوية"ٻن جلدن ۾ سنڌي زبان ۾ لکي پورو ڪيو. رب العزة جل وعلا جي دربار ۾ انتهائي عجز ۽ انڪساري سان دلي دعا ۽ خواهش آهي تہ منهنجو هي شرح لکڻ مقبول ۽ منظور فرمائي ۽ سنڌي پائرن ۽ ڀينرن کي هي پڙهي ان مان فيض حاصل ڪرڻ جي سعادت نصيب فرمائي.

اٰمِيْن يَا رَبَّ الْعٰلَمِيْن بِوَسِيْلَةِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن عَلَيْهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ
وَاَصْحَابِهٖ وَاَتْبَاعِهٖ الصَّلوات وَالتَّسْلِيْمَات اِلٰى يَوْمِ الدِّيْنِ.

دعا جو طالب ۽ سرڪارِ مدينہ ﷺ
جو ادنيٰ امتي ۽ غلام
محمد ادريس ڏاهري عفى عنه ما كان اويمكن ان يكون منه

راوين جو تعارف (الف بي وار)

(الف)

{1} **ابو رجاء قتيبة بن سعيد:** هي بزرگ بلخي، بعلاني (با جي زبر سان) آهي بعلانُ بلخ جي ڳوٺن مان هڪ ڳوٺ آهي هي ان ڏانهن نسبت ڪيل آهي. هن بزرگ جو نالو هڪ قول مطابق يحييٰ ۽ ٻئي قول مطابق علي آهي. سندس والد جو نالو سعيد ۽ ڏاڏي جو نالو عبدالله ثقفي آهي. علامہ علي قاري لکيو آهي تہ هي پيلارو سن 148 ۾ ڄائو هو ۽ سن 240 ھ ۾ وفات ڪئي هئائين. عراق، مصر، شام، مدينه منوره ۽ مڪہ مڪرمہ جا سفر ڪري وڏن وڏن محدثن خاص طور تي امام مالڪ کان حديث پڙهي هئائين. ابنِ ماجه کان سواءِ باقي سينيٰ ان کان حديث روايت ڪئي آهي. پاڻ مَأمُوْنُ الْحَدِيْثِ، حافظ الحديث ۽ نهايت ثقه ۽ صاحبِ سنن بہ آهي. امام بخاري ۽ امام مسلم بہ ان کان حديث ورتي آهي.

(جمع الوسائل ج 1 شرح المناوي عليٰ هامش جمع الوسائل ج 1 ص 10 انوار الغوثيه ص 3)

{2} **انس بن مالڪ** ﷛ : هي پيلارو خزرج قبيلي جو انصاري صحابي آهي. پاڻ حضرت نبي ڪريم ﷺ جو خادم هو جنهن کي ڏهہ سال رسول الله ﷺ جي خدمت جو شرف حاصل رهيو. سندس والده حضور ڪريم ﷺ جي دربارِ دُربار ۾ عرض ڪيو تہ "پنهنجي هن خادم جي لاءِ دعا فرمايو" پاڻ ڪريمن ﷺ حضرت انس ﷛ جي عمر، اولاد ۽ مال ۾ برڪت ۽ سندس مغفرت لاءِ دعا فرمائي. حضرت سيدنا انس ﷛ پاڻ ٻڌايو تہ "مون کي محبوب ڪريم ﷺ جي دعا جي برڪت هئي جو مون کي پنهنجي اولاد مان هڪ سؤ پنجويهہ 125 ٻچا ٿيا جيڪي مون پنهنجي هٿن سان دفن ڪرايا مگر بہ نياٽيون رهيون آهن ۽ منهنجي زمين سال ۾ ٻہ ڀيرا ميوا ڏيندي آهي.

(المواهب ص 20)

حضرت سيدنا انس ﷛ جي عمر هڪ سؤ سال هئي ۽ بصره ۾ هي آخري صحابي هو جنهن سن ايڪهتر 71 هجري ۾ وفات ڪئي. (جمع الوسائل ج 1 ص 10)

{3} **ابو اسحاق** : هن جو نالو عمرو بن عبدالله السبيعي، الهمداني، الڪوفي آهي. مشهور تابعي آهي هن کان گهڻيون حديثون روايت ڪيل آهن. حضرت سيدنا علي ﷛ ۽ حضرت سيدنا ابن عباس ﷠ کي ڏٺو هئائين. هن جا حديث ۾ ٽي سؤ استاد هئا. وڏو عابد، گهڻا روزا رکندڙ ۽ عبادت ۾ راتيون گذاريندڙ هو. حضرت براء بن عازب ﷛ ۽ حضرت زيد بن ارقم کان روايتون ڪيون اٿس. ڪيترن جهادن ۾ شامل ٿيو هو. اعمش، شعبہ ۽ ثوري رحمهم الله ان کان روايتون آنديون آهن. حضرت عثمان غني ﷛ جي خلافت جا اڃان ٻہ سال هئا تہ ڄائو هو ۽ سن 127 يا 129 هجري ۾ وفات ڪئي هئائين.

{4} **ابو نعيم** : (نون جي پيش، عين جي زبر ۽ ي جي سڪون سان) هن بزرگ جو نالو فضل ۽ سندس پيءُ جو نالو "دُڪين" (دال جي پيش سان) هيو. حضرت امام بخاري جي وڏن استادن مان آهي. گهڻو

خوش طبع هوندو هو. دين تي استقامت ڪندڙ فقيہ، حفظ ۾ مضبوط ۽ متقن هو. هي حديث جي روايت ۾ حجت آهي. شمائل جي شارح علامہ بيجوري لکيو آهي تہ:"ڪوفي هو طلحة جي آل جو آزاد ڪيل غلام هو. ان سان محدثن جي جماعت حجت ورتي آهي." سن 219 ھ ۾ ڪوفي ۾ وفات ڪئي هئائين. (المواهب شرح الشمائل ص 35، جمع الوسائل ج 1 ص 20)

{5} **احمد بن عبدة الضبي البصري**:ـ احمد بن عبدة الايلي ٻيو بہ هو ان کان جدا ڪرڻ لاءِ الضبي لفظ آندائين. اها بني ضبه ڏانهن نسبت آهي جيڪو بصري جي عربن جو قبيلو هو. البصري لفظ ان وضاحت لاءِ آندو اٿس. هي بزرگ حديث جي روايت ۾ ثقه، حجة آهي سن ٻہ سؤ پنجيتاليھ هجري ۾ وفات ڪيائين.

{6} **ابو جعفر محمد بن حسين** : اهو حسين ابي حليمہ جو پٽ آهي. هي بزرگ ايترو مشهور نہ هو.

{7} **ابراهيم بن محمد** : هي محمد بن حنيفہ حضرت علي رضي الله عنه جو حنفيه مان پٽ هو. هيءَ ٻيبي بني حنيفہ قبيلي مان قيد ٿي آئي هئي. ان جو نالو خوله هو. جعفر بن قيس جي ڌيءَ هئي. محمد حديث جي روايت ۾ سچو هو. ان کان ترمذي، نسائي ۽ ابنِ ماجه حديثون روايتون ڪيون آهن. حضرت محمد بن حنفيه جي ڪنيت ابو القاسم آهي. علم، شجاعت ۽ عبادت ۾ مشهور هو. حضرت علي رضي الله عنه کي جيڪو اولاد سيده فاطمة زهراء رضي الله عنها مان ٿيو هو ان کان پوءِ هي ٻين کان افضل آهي. علامہ علي قاري لکيو آهي تہ : حضرت محمد بن حنفيه جي والده مذڪوره حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جي خلافت جي دؤران قيد ٿي آئي هئي ۽ ان ٿي اها حضرت علي رضي الله عنه کي ڏني هئي. جيڪڏهن حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جي خلافت حق نہ هجي ها تہ ان جي خلافت ۾ هٿ آيل قيدياڻي حضرت علي رضي الله عنه قبول نہ ڪري ها. ۽ نہ ئي ان مان ڄاول اولاد اهڙي مقام وارو هجي ها. علامہ موصوف لکيو آهي تہ رافضين مان هڪ طبقو ان محمد بن حنفيه ۾ الله هجڻ جو عقيدو رکندو آهي. (معاذالله)

(المواهب ص 41، جمع الوسائل ج 1 ص 25)

{8} **اشعث** : هن کان امام بخاري پنهنجي تاريخ ۾ مسلم، ترمذي، نسائي پنهنجن صحيح ڪتابن ۾ روايتون آنديون آهن. ڪجهہ محدثن فرمايو تہ هي ضعيف راوي آهي.

{9} **ابو داود مصاحفي** : (مَصاحفي ميم جي زبر ۽ ح جي زير سان) المَصاحِفُ ڏي نسبت آهي. مصاحف مصحف جو جمع آهي. قرآن مجيد کي مصحف سڏيو ويندو آهي. هي بزرگ قرآن ڪريم گهڻا لکندو هو يا وڪڻندو هو ان جي ڪري مَصاحِفِي سڏيو ويو. سليمان بن سلم ان جو نالو آهي. حديث جي روايت ۾ ثقه و معتبر آهي.

{10} **ابن شهاب** : زهري وڏو فقيه هو. وڏن عالمن مان هڪ هو. حديث جو حافظ، متقن، جليل القدر تابعي هو. ڏهن يا انهن کان وڌيڪ اصحابن رضي الله عنهم کان حديث ٻُڌي هئائين ان کان تقريبًا ٻہ هزار حديثون روايت ڪيل آهن. محدث ليث جو قول آهي تہ "مون ان کان علم ۾ گهٽو ۽ وڌيڪ جامع ڪو ڪونہ ڏٺو ۽ مڪحول بزرگ کان پڇيو ويو تہ "اوهان جيڪي (عالم) ڏٺا انهن ۾ وڌيڪ علم وارو ڪير هو؟ تہ ان فرمايو :"ابن شهاب" ان کان محدثن جي جماعت حديثون آنديون آهن. ابن شهاب جو ڪنيو ابو بڪر، نالو محمد پيءُ جو نالو اسلم هو. زهرة بن ڪلاب قبيلي ڏانهن منسوب آهي ان جي

شان جي جلالت ۽ حديث جي روايت ۾ مضبوط هجڻ تي محدثن جو اتفاق آهي.

{11} **ابو سلمة** : هي عبدالرحمان بن عوف زهري قرشي مدني تابعي آهي. سندس نالي ۾ ٽي قول آهن. (1) اسماعيل (2) عبدالله (3) ابراهيم. گهڻيون حديثون روايت ڪندڙ معتبر ۽ ثقه آهي.

{12} **ابو هريرة** ﷺ : هن جي نالي ۾ چاليهه قول آهن جن مان اصح قول آهي تہ سندس نالو مبارڪ عبدالرحمان آهي. سندس والد جو نالو صَخَرُ آهي. دوس قبيلي ڏانهن نسبت ڪرڻ جي ڪري دوسي سڏيو ويندو آهي. ابو هريره ﷺ سندس ڪنيو آهي. حضرت امام شافعي فرمايو تہ "سندس دؤر ۾ جن حديث کي ياد ڪيو انهن ۾ سيني کان وڏيک حافظ الحديث هو. علامہ مناوي لکيو آهي تہ "نهايت زڪي، فقيه ۽ رات جو عبادت ڪندڙ، ڏينهن جو روزا رکندڙ هو.

(المواهب شرح الشمائل ص 72. جمع الوسائل ج 1 ص 78. انوار غوثيہ ص 31)

{13} **ابو الزبير**: هن جو نالو محمد بن اسلم آهي المڪي الاسدي سڏيو ويندو آهي. سچو آهي پر حديث جي روايت ۾ تدليس ڪندڙ هو. ان جون روايتون صحاح سته جي صاحبن آنديون آهن.

{14} **ابو الطفيل** : (طفيل جو پيءُ) هيءُ ان سائين جي ڪنيت آهي. هي حضور ڪريم ﷺ جو صحابي آهي. سندس نالو عامر بن واثلة الليثي آهي. اٺ سال حضور ڪريم ﷺ جن جي ظاهري زندگيءَ جا حاصل ڪيا هئائين. هن هڪ سؤ ٻن سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي ۽ ان وقت دنيا تي ٻيو ڪوبہ صحابي نہ رهيو هو. علامہ بيجوري لکيو آهي تہ هي بزرگ صحابي هجرت واري سال يا اُحد جي جنگ واري سال ڄائو هو ۽ صحيح قول موجب ان جي وفات سن هڪ سؤ ڏهن (110) ۾ ٿي هئي. اختلافات صحابہ جي وقت هي حضرت علي ﷺ جي مُحبن مان هو. (جمع الوسائل جزء ا ص 53. المناوي علي هامش جمع الوسائل ص 53 . المواهب شرح الشمائل ص 76)

{15} **ابراهيم بن المنذر الحزامي** : (ح جي زير سان) هيءَ ان جي ڏاڏي ڏانهن نسبت آهي. هي بزرگ قرشي مدني آهي. وڏن عالمن مان هو سچو هو. ان کان بخاري، ترمذي ۽ ابنِ ماجه حديثون روايت ڪيون آهن. هن سن 236 هہ ۾ وفات ڪئي هئي.

{16} **اسماعيل بن ابراهيم** : هي بني اسد جو آزاد ڪيل غلام هو ان نسبت جي ڪري "اسدي" سڏيو ويندو آهي. حديث جي روايت ۾ ثقه آهي. ان کان بخاري، ابن ماجہ ۽ شمائل ۾ ترمذيءَ روايت آندي آهي. "اِبنُ اَخِيْ مُوسٰى بِن عُقْبَةَ " هيءَ بہ ان اسماعيل جي صفت آهي ابراهيم جي صفت ناهي.

{17} **ابن عباس** ﷺ : هي سهڻي رسول الله جو سؤٽ، حضرت عباس ﷺ جو فرزند ارجمند آهي. سندس نالو مبارڪ عبدالله آهي ۽ سندس القاب هي آهن. (1) حِبْرُالْاُمَّةِ (يعني امت جو وڏو عالم) (2) تَرْجُمَانُ الْقُرْآنِ (3) اِبْنُ عَمِّ حَبِيْبِ الرَّحْمٰنِ. (الله ﷻ جي حبيب ﷺ جي چاچي جو پُٽ) هي فضل، سخا، علم ۽ ڪرم ۾ مشهور هو. آخري عمر ۾ اکين کان معذور ٿي ويو هو. هن طائف شهر ۾ هڪ قول مطابق سن 86 هہ ۾ وفات ڪئي هئي. سندس جنازي جي نماز حضرت علي المرتضيٰ ﷺ جي فرزند محمد بن حنفيه ﷺ پڙهائي ۽ فرمايائين تہ "هن امت جو رَبَّانِيُّ وفات ڪري ويو." طائف ۾ ئي دفن ڪيو ويو. هي انهن ڇهن صحابن رضي الله عنهم مان هڪ آهي جن حديث گهڻي روايت ڪئي آهي. ان جا مناقب ذڪر ڪرڻ کان گهڻا آهن. ۽ اهو عبدالله نالي چئن مان هڪ آهي ۽ جڏهن حضور ڪريم، رؤف رحيم ﷺ

جن دنيا تان ظاهري رحلت فرمائي تہ ان جي عمر تيرهن 13 سال هئي.

{18} **ايوب بن جابر:** هي اليمامي، الكوفي آهي هن سماڪ بن حرب ، بلال بن المنذر ۽ خلف کان حديث روايت ڪئي آهي ۽ ان کان قُتيبة بن سعيد، ابن ابي ليليٰ وغيرهما حديث روايت ڪئي آهي. ابو زرعة وغيره فرمايو تہ ضعيف آهي. راوين جي ستين طبقي مان آهي ان کان ابو داؤد ۽ ترمذي حديث روايت ڪئي آهي.

{19} **ابو مصعب:** (عين جي زير سان) هن جو نالو مطرف بن عبدالله الهلالي آهي ۽ بعض علماء چيو تہ هن جو نالو احمد بن ابوبڪر زهري آهي. "المديني" (يا سان) ۽ ڪجهہ نسخن ۾ "المدني" آيل آهي ۽ هر صورت ۾ اها مدينہ منوره (طيبہ) ڏانهن نسبت آهي. شمائل جي شارحن لکيو آهي تہ مديني شريف ڏي جنهن جي نسبت هوندي ان کي مدني سڏبو آهي ۽ منصور بادشاهہ جي تاهيل شهر (بغداد) ڏانهن جنهن جي نسبت هوندي ان کي "المديني" ۽ ڪسريٰ (بادشاهہ) جي اڏايل ۽ قائم ڪيل شهر مداين ڏانهن نسبت ڪيل کي مدائني سڏيو ويندو آهي. ۽ امام بخاري کان روايت آهي تہ "جيڪو مدينہ منوره ۾ ڄائو ۽ اتاهين ٻئي پاسي هليو ويو ان کي المدني" سڏيو ويندو آهي ۽ جيڪو ڄائو بہ مدينہ منوره ۾ ۽ سڄي زندگي رهيو بہ اتي تہ ان کي "المديني" سڏيو ويندو آهي. ابو مصعب وڏن فقيهن مان هو. ان کان ابو داؤد، ترمذي ۽ نسائي حديث روايت ڪئي آهي، ۽ هن ڪتاب ۾ ان کان صرف هي هڪ حديث روايت ڪيل آهي ۽ ان کان بخاري ۽ ابو زرعة بہ روايت ڪئي آهي. ۽ قسطلاني جو قول آهي تہ ابو مصعب جو نالو احمد بن ابي بڪر قاسم بن حارث زهري آهي. المزني بہ ائين ئي ذڪر ڪيو آهي. هن ٽياسي 83 سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي هئي.

{20} **ابو عاصم:** هي بصره ۾ رهڻ جي ڪري البصري سڏيو ويندو آهي. هن جو نالو الضحاڪ هو. امام بخاري جو استاد هو. مناقب ۽ فضائل جو صاحب آهي. نڪ وڏي هجڻ جي ڪري "نَبيلُ" سڏيو ويندو هو. وڏن عالمن مان هو. سندس والد جو نالو مخلد شيباني هو. حديث شريف جي روايت ۾ ثقه (معتبر) آهي. محدثن جي نائين طبقي ۾ ان جو شمار ڪيو ويو آهي. محدثن جي جماعت ان کان حديث روايت ڪئي آهي.. سن 212 هجري ۾ وفات ڪئي هئائين.

{21} **ابو زيد عمرو بن اخطب:** ابو زيد ڪنيت آهي عمرو سندس نالو آهي (عين جي زبر ۽ ميم جي جزم سان) "ابن اخطب" الف جي زبر خا جي جزم، طا مهملہ جي زبر سان. جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ ب آهي.) انصاري، بدري، حضرمي جليل القدر صحابي آهي. ﷺ. حضرت علامہ ذهبي فرمايو تہ اهو عذرة بن ثابت جو ڏاڏو ۽ انهن ڇئن اصحابن مان آهي جن رسول الله ﷺ جي زماني ۾ قرآن ڪريم جمع ڪيو هو. ان کان مسلم ۽ ڇئن (ابو داؤد، نسائي، ترمذي ۽ ابنِ ماجه) حديث روايت ڪئي آهي.

(جمع الوسائل، شرح المناوي عليٰ حاشية جمع الوسائل ج 1 ص 63، المواهب شرح الشمائل ص 89، 90)

{22} **ابو عَمار:** (عمار شدادَ وانگر) هن جو نالو حسين بن حريث خُزاعي آهي. (خُزاعي خا جي پيش سان) خُزاعه مشهور قبيلي ڏانهن نسبت آهي. ڏهين طبقي جي محدثن مان آهي. ثقه آهي هن سفيان بن عيينه ، فُضيل بن عياض، الوڪيع ۽ خلف کان حديث روايت ڪئي آهي ۽ هن کان بخاري، مسلم، ترمذي ۽ نسائي روايتون آنديون آهن. حج کان واپس ٿيندي سن 244 هجري ۾ وفات ڪيائين.

محدث ابن خُزيمه فرمايو تہ "مون ان کي نند ۾ ڏٺو تہ حضور ڪريم ﷺ جي منبر تي ساوا ڪپڙا ڍڪيو ويٺو آهي، پوءِ هيءَ آيت پڙهيائين "اَمۡ يَحۡسَبُوۡنَ اَنَّا لَا نَسۡمَعُ سِرَّهُمۡ وَنَجۡوٰىهُمۡ" (سورة زخرف آيت 80) (ترجمو: ڇا ائين ٿا سمجهن تہ اسين انهن جي رازَ ۽ آهستي ڳالهائڻ کي نہ ٿا ٻڌون؟) تہ حضور ڪريم ﷺ جي مزارِ پُرانوار مان جواب ڏنو ويو "حَقًّا حَقًّا" (يعني حق آهي حق آهي)

(المواهب شرح الشمائل ص 92 شرح المناوي علي حاشية جمع الوسائل ج 1 ص 64)

فائدو: هنن محدثن جي مذڪور لکت مان معلوم ٿيو تہ محبوب ڪريم ﷺ جن مزارِ پُرانوار ۾ زندہ آهن ۽ جواب بہ ڏين ٿا جيڪو ٻاهر ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. اهڙا ٻيا بہ واقعا علماءِ ڪرام لکيا آهن.

{23} **ابو عَقيل:** (عين جي زبر، قاف جي زير سان) هن جو نالو بشير بن عقبة الدورقي آهي. الدورقي (دال جي زير سان) دورق فارس جو هڪ شهر آهي ان ڏانهن نسبت آهي هن کي الناجي الشامي بہ سڏيندا آهن تہ بصري بہ چوندا آهن, ابوالمتوکل الناجي ۽ العبدي کان روايت ڪئي اٿس. ۽ هن کان بَهز وغيره روايتون آنديون آهن. ثقه آهي ان کان بخاري, مسلم ۽ ترمذي حديث روايت ڪئي آهي.

{24} **ابو نضرة :** (نون جي زبر ۽ ضاد جي جزم سان) هن جو نالو المنذر بن مالڪ بن قُطعة (قاف جي پيش سان) آهي. العبدي العوفي (عين ۽ واو جي زبر سان) عوفة عبدالقيس قبيلي جي هڪ شاخ آهي ۽ هڪ قول آهي تہ "عوفة" بصره جي هڪ محلي (يعني پاڙي) جو نالو آهي. وڏن تابعين مان هو. هن کان محدثن جي جماعت حديثون روايت ڪيون آهن. آخر عمر ۾ فالج جي بيماري ٿي هيس. هڪ سؤ آٺ 108 يا 109 هجريءَ ۾ وفات ڪيائين.

{25} **ابو سعيد الخدري** رضي الله عنه : هن حضرت جو نالو سعد بن مالڪ بن سنان بن ثعلبة الخزرجي آهي. الخُدري (دال جي پيش ۽ حا جي جزم سان) بني خدرة ڏانهن نسبت آهي. هن جو والد بہ صحابي هو. رسول الله جن سان ان شرط تي بيعت ڪئي هئائين تہ ان کي الله ﷻ جي شان جي متعلق ڪنهن بہ ملامت ڪندڙ جي ملامت نہ روڪيندي, احد جي جنگ کان پوءِ باقي جنگين ۾ موجود رهيو هو. هن جون حديثون صحاح ستہ جي صاحبن آنديون آهن. سن 64 هجري ۾ وفات ڪئي هئائين.

(جمع الوسائل شرح المناوي علي حاشية جمع الوسائل ج 1 ص 70, المواهب شرح الشمائل ص 100)

{26} **احمد بن المقدام:** ابو الاشعث العجلي البصري (المقدام ميم جي زير سان) ابو الاشعث هڪ روايت ۾ ابو الشعثاء آيو آهي. العجلي (عين جي زير سان) بني عجل ڏانهن نسبت ڪيل آهي. البصري بصره ڏانهن منسوب آهي، سچو آهي، روايت ۾ ثابت رهندڙ, سنَد بيان ڪندڙن مان هڪ آهي. محدث ابن خُزيمہ فرمايو تہ ذهين، حديث جو صاحب آهي گهڻي خوشطبعي ڪندو هو ان جي ڪري ابو داؤد ان جي روايت نہ آندي آهي. ابو حاتم رحمه الله فرمايو تہ صالح الحديث آهي. بشر بن الفضل وغيره کان پاڻ روايت ڪئي اٿس. ۽ هن کان بخاري ۽ نسائي روايتون آنديون آهن. سن 253 هجري ۾ وفات ڪئي هئائين.

{27} **احمد بن منيع :** (منيع، بديع وانگر ميم جي زبر سان) ابو جعفر الاصم البغوي، بغداد ۾ رهندو هو. حديث جو مشهور حافظ صاحب المسند آهي. علماء لکيو آهي تہ چاليهہ سال مسلسل ٽن، ٽن راتين ۾ ويهي قرآن پاڪ ختم ڪندو هو. هشيم، عباد ۽ خلف کان حديثون روايت ڪيون اٿس ۽ هن

ڪان محدثن جي جماعت حديثون روايت ڪيون آهن. هن حضرت امام ابو حنيفہ وغيره ڪان بہ روايتون آنديون آهن. سچو ثقہ آهي، هن ڪان مسلم ۽ صحاح سته جي صاحبن مان باقي چئن بہ روايتون آنديون آهن. سن 245 هجري ۾ وفات ڪيائين.

{28} **ابو قِطن:** (قاف ۽ طا جي زبر سان) هن جو نالو عمرو بن الهيثم بن قطن البصيري الزبيدي آهي. ثقہ، سچو آهي ان جون روايتون صحاح سته جي صاحبن آنديون آهن.

{29} **ابي :** منهنجو پيءُ. هن مان مراد جرير بن حازم ابو النصر آهي. حديث جي وڏن امامن ثقن مان هڪ آهي. ڪجهہ علماء هن کي ننڍن تابعين مان ڳڻيو آهي. وفات ڪان اڳ ۾ حديث ۾ اختلاط ڪندو هو. پوءِ سندس اولاد ڪيس ماڻهن سان ملڻ ڪان بند ڪري ڇڏيو ان اختلاط (روايـن کي گڏڻ) ڪان پوءِ ان ڪان ڪنهن بہ حديث نہ ٻڌي، هن ڪان صحاح سته وارن حديث روايت ڪئي آهي. سن ٻہ سؤ ستر 270 هہ ۾ وفات ڪئي هئائين.

{30} **ابن ابي نجيح:** (نون زبر واري سان) هن جو نالو يسار آهي اخشف بن شريف جو آزاد ڪيل غلام هو. پنهنجي پيءُ ۽ طاؤس ۽ مجاهد ڪان حديث روايت ڪئي اٿس ۽ هن ڪان شعبة، ابن عطية ۽ عطاء روايتون ڪيون آهن هن کي احمد وغيره ثقه چيو آهي. سن 131 هجري ۾ وفات ڪئي هئائين. العصام وغيره جو چوڻ تہ هن جي تاريخ ڪنهن بہ نہ لکي آهي. اهو انهن جو قصور آهي. علامہ بيجوري لکيو آهي تہ هيءَ الاخنس بن شريق جو آزاد ڪيل غلام هو. ثقن عالمن مان آهي. (شرح المناوي علي حاشية جمع الوسائل ج 1 ص 78.)

{31} **ام هانيءِ** رضي الله عنها : (آخر ۾ همزه آهي) هن امان سائڻ جو نالو فاخته يا عاتکه يا هند هو هي ابو طالب سائين جي نياڻي حضرت علي رضي الله عنه جي سڳي ڀيڻ آهي. حضرت علي رضي الله عنه جي شهادت ڪان پوءِ گهڻو وقت زنده رهي هئي. مڪہ مڪرمہ فتح ٿيڻ واري وقت اسلام آندائين. رسول الله ﷺ جن ان کي پاڻ سان نڪاح جو چورايو پر ان عرض ڪيو تہ "مان بيمار عورت آهيان معذرت ٿي ڪيان." تہ پاڻ ان جو عذر قبول ڪيائون. ۽ هن سائڻ جي لاءِ مڪہ مڪرمہ کي فتح ڪرڻ وقت رسول الله ﷺ جن فرمايو "ام هاني (رضي الله عنها) جنهن کي تو پناهہ ڏني ان کي اسان پناهہ ڏني." هن رسول الله ﷺ جن ڪان 46 حديثون روايت ڪيون آهن. هن ڪان سندس پُٽ جعدة، عروة ۽ هڪ جماعت روايت ڪئي آهي. حضرت امير معاويہ رضي الله عنه جي خلافت واري دؤر ۾ وفات ڪئي هئائين.

(جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 78، المواهب شرح الشمائل ص 110)

{32} **ابراهيم بن نافع المڪي:** المخزومي، ثقہ حافظ هو. هن ڪان صحاح سته جي مصنفن حديثون آنديون آهن.

{33} **اسحاق:** بن موسيٰ بن عبدالله بن موسيٰ بن يزيد الانصاري هي بزرگ ابو موسيٰ المدني الڪوفي آهي. هن ابن عيينہ ۽ اشجعي ۽ ابن وهب ۽ عنبري ۽ قزار ۽ غفاري ۽ خلف ڪان روايت ڪئي آهي ۽ هن ڪان ابن بڪير، مسلم، ترمذي، نسائي وغيرهم حديث روايت ڪئي آهي. سچو ثقه ، روايت ۾ مضبوط محدثن جي ذهين طبقي مان آهي.

{34} **ابوالا حوص:** هن جي نالي ۾ ٻہ قول آهن: (1) عوف بن مالڪ (2) سَلام بن سُليم : المواهب شرح

الشمائل جي حاشيہ نمبر 1 تي لکيل آهي تہ هتي سلام بن سُليم حنفي ڪوفي مراد آهي. ابو الاحوص جنهن جو نالو عوف بن مالڪ هو. اهو تابعي آهي. سلام جي لفظ ۾ شد ناهي ثقه ۽ روايت ۾ مضبوط هو. هن آدم بن علي ۽ زياد بن علاقه کان حديث روايت ڪئي آهي. ۽ هن کان مسدد ۽ هناد روايت ڪئي آهي. هن چار هزار حديثون روايت ڪيون آهن. هن کي زهري ۽ ابن معين ثقه چيو آهي. حاڪم جو قول آهي تہ مضبوط نہ آهي. هن ۽ امام مالڪ ۽ حماد بن زيد سن 179 هجري ۾ وفات ڪئي هئي.

{35} **اشعث:** افعل جي وزن تي ابن ابي الشعثاء. : ابي الشعثاء جو نالو سُليم بن عامر هو. ان جي حديث بخاري پنهنجي تاريخ ۾ ۽ باقي محدثن پنهنجي صحاح ۾ آندي آهي ۽ جنهن چيو تہ هي رسول الله ﷺ جن وٽ حاضر ٿيو هو ان غلطي ڪئي آهي. علامہ مناوي لکيو آهي تہ اشعث الڪوفي المحاربي هو. هن پنهنجي پيءُ ۽ الاسود ۽ ڪجھ ٻين کان حديث روايت ڪئي. ۽ هن کان شعبة روايت ڪئي آهي. ثقه آهي سن 125 هجري ۾ وفات ڪئي هيائين. ۽ ابو الشعثا, حضرت عمر ۽ حضرت ابن مسعود ۽ حضرت ابوذر کان روايت ڪئي آهي ۽ حضرت علي رضي الله عنه جي صحبت کي لازم ڪري ورتو هيائين ۽ ثقه ۽ ثبت آهي. سن 82 هجري ۾ وفات ڪئي هئائين. ان کان محدثن جي جماعت حديث روايت ڪئي آهي.

{36} **ابو العلاء الاودي:** هن جو نالو داؤد بن عمرو الدمشقي آهي. ابي سلام ۽ مڪحول کان روايت ڪئي اٿس. هُشيم ۽ واسط شهروارن هن کان روايتون آنديون آهن. ابوزرعة فرمايو تہ "هن جي روايت ۾ ڪو ڊپ ناهي" ۽ ٻين فرمايو تہ ثقہ آهي. هن کان ابو داؤد, ابن ماجه ۽ ترمذي حديثون آنديون آهن.

{37} **اسحاق بن منصور:** ابن بهرام ابو يعقوب المروزي التميمي زاهدن, امامن, سنت کي مضبوطيءَ سان وٺندڙن مان هڪ هو. صدوق, ثقه هو. ان کان صحاح سته وارن حديثون آنديون آهن. نيشاپور شهر ۾ سن ٻہ سؤ ايڪونجاھہ 251 هجري ۾ وفات ڪئي هئائين.

{38} **ابن عمر:** هي حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه جو پُٽ آهي. سيدنا رسول الله ﷺ جي بعثت کان پوءِ ڄائو هو. سندس نالو عبدالله ڪنيت ابو عبدالرحمان آهي. هڪ قول مطابق احد جي جنگ ۽ ان کان پوءِ ٿيندڙن جنگين ۾ شريڪ هو. احد جي جنگ وقت چوڏهن سالن جي عمر جو هو. خندق جي جنگ ۽ بيعة رضوان ۾ شريڪ هو ام المؤمنين سيده حفصہ رضي الله عنها جو سڳو ڀاءُ هو انهن ڇهن مان هڪ هو جن گهڻيون حديثون روايت ڪيون آهن. بلڪ ابن ارسلان جو قول آهي تہ هي اصحابن سڳورن عليهم الرضوان ۾ وڌيڪ حديثون روايت ڪندڙ سنت پاڪ جو سختيءَ سان پابند, سچ ڳالهائيندڙ هو. هڪ ئي مجلس ۾ ٽيھ هزار درهم صدقو ڏنائين. رسول الله ﷺ جن کان هڪ هزار ڇھ سؤ ٽيھہ حديثون روايت ڪيون هئائين. سن ٽيهتر 73 يا چوهتر, هجري ۾ وفات ڪيائين.

{39} **ابو ڪريب:** تصغير سان محمد بن العلآء, العلآء (مد سان) الهمداني, الڪوفي, ثقہ, گهڻيون حديثون روايت ڪندڙ عالمن مان هڪ هو. ڪوفي ۾ ان کان ٽي هزار حديثون روايت ٿيون هيون. هن کان صحاح سته جي صاحبن حديثون آنديون آهن. سن 248 هجري ۾ وفات ڪيائين.

{40} **ابو جُحيفه :** تصغير جو صيغو آهي. وفاء بن عامر بن صعصعة الڪوفي ۽ اهو وهب بن السوآء

بني سواء مان آهي. سن 74 هجري ۾ وفات ڪئي هئائين. مشهور صحابن مان آهي. حضرت علي ﷺ سان محبت رکندو هو ۽ هن کي "وهب الخير" سڏيندو هو. ۽ حضرت علي ﷺ پنهنجي دؤر خلافت ۾ هن کي بيت المال جي مٿان مقرر ڪيو هو. ذهبي فرمايو تہ ثقه آهي. رسول الله ﷺ جن جي وفات وقت پهچي نہ سگهيو هو. هن کان پنجاهہ حديثون روايت ڪيل آهن بہ حديثون صرف بخاري ۾ ۽ ٽي مسلم ۾ ۽ بہ ٻنهي ۾.

{41} **اِياد بن لقيط:** (الف جي زير سان، لقيط بديع وانگر) العجلي السدوسي. ذهبي چيو تہ ثقه آهي ان جي روايت بخاري تاريخ ۾ آندي آهي ۽ مسلم ۽ ابو داؤد بہ آندي آهي.

{42} **ابو رمثة** : (را جي زير ۽ ميم جي جزم سان) مشهور صحابي آهي. ان جي نالي ۾ چار قول آهن رفاعة يا خِياب يا جُندب يا خشخاش. والله اعلم تہ ڪهڙو صحيح آهي.

{43} **ابو عوانه** : هن جو نالو الوضاح الواسطي البزار آهي ثقه، ثبت وڏن عالمن مان هڪ آهي. ان کان صحاح سته وارن روايتون آنديون آهن.

{44} **ابراهيم بن هارون بلخي:** عابد، زاهد، سچو ۽ ثقہ آهي. حاتم بن اسماعيل کان روايت ڪئي اٿس ان جون حديثون حڪيم ترمذي وغيره آنديون آهن.

{45} **ابي جَنَاب:** جناب سحاب وانگر هڪ نسخي ۾ خباب (خا جي زير ۽ با جي زبر ۽ شد سان) ۽ هڪ نسخي ۾ "حُبَاب " ("حا" جي پيش سان) ۽ هڪ نسخي ۾ "حَبَابُ" حا زبر واري ۽ ب شد واري سان آيو آهي. هن جو نالو يحيٰ بن ابو دحية ڪلبي آهي. مشهور محدث آهي. ۽ گهڻا وقت ان کي ضعيف چيو اٿن. هن جي حديث ابو داؤد، ترمذي ۽ ابن ماجه آندي آهي. محدثن جي ڇهين طبقي مان آهي.

{46} **ابو داؤد الطيالسي:** طيالس ڏانهن منسوب آهي. طيالس طيلسان جو جمع آهي.

{47} **اسرائيل:** بن ابي اسحاق السبيعي ثقہ آهي ان تي جن اعتراض ڪيو انهن وٽ ڪا حجت ناهي.

{48} **ابراهيم بن المستمر البصري:** المستمر اسم فاعل جي صيغي سان. الهذلي، العروقي، الناجي، العصفوري. هن العقدي کان روايتون آنديون آهن ۽ هن کان ابن خزيمة ۽ ٻين ڪيترن روايت ڪئي آهي. النسائي فرمايو تہ "سچو" آهي. ان جي حديث ترمذي الشمائل ۾ ۽ ابو داؤد، نسائي ۽ ابنِ ماجه آندي آهي. ابنِ حجر جو قول آهي تہ "هي محدثن جي يارهين طبقي کي ويجهو آهي.

{49} **ابو تُميلة** : عبيدة وانگر. يحييٰ بن واضح المروزي الانصاري. هن جون روايتون صحاح سته وارن آنديون آهن. امام احمد فرمايو تہ "هن جي روايت ۾ ڪو ڏپ ناهي ۽ ابنِ معين فرمايو تہ "ثقه" آهي ۽ ابن جوزي ۽ ابو حاتم جو وهم آهي تہ "ضعيف" آهي. محدثن جي نائين طبقي مان آهي. ابو اسحاق کان روايت ڪئي اٿس هن کان احمد، ابن ابي شيبه ۽ دورقي روايتون آنديون آهن.

{50} **ام سلمة** : هن ام المؤمنين ﷺ جو نالو هند بنت ابي امية بن المغيرة المخزومية آهي ان جي والد جو تعارف زاد الراڪب، (سوار جو سمر) هو. قريشين شرف وارن ۽ سخين مان هو. ام المؤمنين ام سلمہ ﷺ آڳاٽو اسلام آندو هو ۽ پنهنجي مڙس ابو سلمه سان گڏ حبش ڏانهن هجرت ڪئي هيائين.

{51} **ابي:** (يعني منهنجو پيءُ) هن مان مراد هشام آهي جيڪو معاذ جو پيءُ هو. هشام بن ابي عبدالله ابو بڪر الدستوائي، دستوا اهواز جي علائقي ۾ هو. هشام دستوائي ڪپڙو ڪپائيندو هو. الڪاشف جو

قول آهي تہ هشام رحمه الله علم جي طلب ڪندو هو. ابو داؤد الطيالسي چيو تہ هشام حديث جي فن ۾ امير المؤمنين هو. سن 154 هہ ۾ وفات ڪيائين.

{52} **اسماء بنت يزيد:** انصاريه صحابياڻي آهي ۽ اهو بيان نہ ڪيو ويو آهي تہ ڇا هيءَ اها اسماء تہ نہ هئي جيڪا جنگ يرموڪ ۾ شهيد ڪئي وئي هئي؟ ظاهر هي آهي تہ اها ٻي هئي ۽ ابنِ حجر جو پڪو قول آهي تہ هيءَ اها آهي. (والله اعلم) هن جون حديثون ترمذي، ابو داؤد، نسائي ۽ ابنِ ماجه آنديون آهن.

{53} **ابو عمار الحسين بن حُريث** : عمار (ميم جي شد سان) حُريث مصغر جو صيغو) اهڙي طرح ابو نُعيم ۽ ابن قُشير. ثقه آهي.

{54} **ابي** :(يعني منهنجي پيءُ) هن مان مراد زڪريا آهي، سچو، مشهور حديث جو حافظ هو. امام احمد ان کي ثقه چيو آهي سن هڪ سؤ اڻونجاهہ 149 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{55} **الشعبي:** شعب ڏانهن منسوب آهي اهو عامر بن شراحيل آهي. مشهور فقيہ، وڏن تابعن مان آهي. پنج سؤ صحابن رضي الله عنهم کان روايت ڪئي اٿس. هي شعبي شين جي زبر سان آهي. ۽ شين جي پيش سان شعبي جو نالو معاويہ بن حفص ۽ شين جي زير سان عبدالله بن المظفر هو. هي سڀ محدث هئا.

{56} **ايوب:** مشهور، وڏن فقيهن مان هڪ آهي، عابد، زاهد، ثقه ، حجت ثبت آهي. چاليهہ حج ڪيائين. 63 يا 65 سالن جي عمر ۾ سن 131 هہ ۾ وفات ڪيائين.

{57} **ابن بريدة:** هن جو نالو عبدالله هو.

{58} **ابو احمد الزبيري:** الزبيري سندس ڏاڏي زبير ڏانهن نسبت آهي. الكوفي، ثقہ ثبت آهي پر ثوري کان آندل حديث ۾ خطا ڪئي هيائين. نائين طبقي مان آهي هن کان محدثن جي جماعت حديثون آنديون آهن سن ٻہ سؤ اٺ 208 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{59} **اسحاق بن موسىٰ الانصاري** : هڪڙن نسخن ۾ ائين آهي ۽ ٻين نسخن ۾ اسحاق بن محمد آيو آهي ۽ علامہ بيجوري لکيو آهي تہ "صحيح بہ اهو آهي" حديث جي بعض حافظن فرمايو تہ هي اهو آهي جنهن جي "الشمائل" ۾ روايت آهي ۽ جامع ترمذي ۾ بہ اسحاق بن موسىٰ جي روايت آهي. "التقريب" ۾ آهي تہ اسحاق بن محمد مجهول راوي آهي.

{60} **ابن ابي ذئب** : علامه علي قاري هن جو نالو عبدالرحمان بن محمد لکيو آهي ۽ شمائل جي ٻين شارحن هن جو نالو محمد بن عبدالرحمان لکيو آهي هن جي ڏاڏي جو نالو "المغيرة" هو. هي امام، وڏي شان وارو ثقه ، فقيه فاضل، عالم ۽ ڪامل هو ۽ هي اهو ابن ذؤيب ناهي جيئن بعض کان تحريف ٿي آهي. حضرت امام شافعي جو اهو قول ڪافي آهي جو فرمايائين تہ "مون کي ڪنهن بہ هڪ جي وفات ٿيڻ تي ايترو افسوس نہ ٿيو جيترو الليث ۽ ابن ابي ذئب جي وفات تي افسوس ٿيو ۽ جڏهن (خليفي) هارون رشيد حج ڪيو ۽ نبوي مسجد (على صاحبها الصلوٰة والسلام) ۾ داخل ٿيو تہ ماڻهو ان لاءِ اٿي آيا پر ابن ابي ذئب نہ اٿيو. ماڻهن کيس چيو تہ "امير المؤمنين جي لاءِ اٿي بيهہ" تہ فرمايائين "ماڻهو (قيامت ۾) الله جل جلاله جي حڪم سان اٿندا." خليفي هارون رشيد اهو ٻڌي چيو تہ ڇڏي ڏيوس. منهنجا وار ڪانڊارجي ويا آهن. هن عڪرمة، نافع ۽ خلف کان روايت ڪئي آهي ۽ هن کان معمر، ابن

المبارڪ، ابن وهب ۽ ٻين ڪيترن روايت آندي آهي.

{61} **الاعرج** : هن جو نالو ابو داؤد عبدالرحمان بن هرمز آهي. ثقه، ثبت، عالم هو. هن جون روايتون صحاح سته ۾ آهن. الاعرج سان مشهور هو.

{62} **ابوعوانة** : اهو "الوضاح" آهي. ثقه ۽ ثبت آهي. محدثن جي ستين طبقي مان هو. ان کان محدثن جي جماعت روايتون آنديون آهن.

{63} **ابي** : هن مان مراد عبدالله آهي حديث جي روايت ۾ غلطيون ڪندو هو. محدثن جي ڇهين طبقي مان هو ان جون حديثون بخاري، ترمذي ۽ ابنِ ماجه آنديون آهن.

{64} **ابن جريج** : (جيم جي پيش سان) المڪي، الفقيہ، المشهور. وڏن عالمن مان هڪ هو. اسلام ۾ پهريون مصنف هو. يحييٰ فرمايو تہ "هي امام مالڪ کان روايت ۾ وڌيڪ ثابت آهي. سن 150 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{65} **ابراهيم بن عبدالله** : بن حُنين الهاشمي، المدني، ثقہ، ثبت آهي. سن 100 هہ کان پوءِ وفات ڪئي هيائين. هن کان صحاح ستہ جي صاحبن حديث روايت ڪئي آهي.

{66} **احمد بن صالح المصري** : ابو جعفر الطبري، ثقه، حافظ، هن جي گهڻن محدثن تعريف ڪئي آهي. هن کان بخاري ۽ ابو داؤد روايت آندي آهي. سن 248 هہ ۾ وفات ڪيائين.

{67} **ابي رافع**: هن جو نالو عبدالله هو هي حماد بن سلمه جو شيخ هو. هن کان چئن محدثن روايتون آنديون آهن ۽ بيجوري هن جو نالو عبدالرحمان لکيو آهي.

{68} **ابراهيم بن الفضل**: ڪجھ شارحن لکيو آهي تہ اسان کي هن جي متعلق معلومات نہ ٿي آهي پر علامہ مناوي لکيو آهي تہ اهو ابراهيم بن الفضل بن سليمان المخزومي آهي. امام ذهبي فرمايو تہ "شيخ" مدني آهي هن کان ترمذي، بيهقي ۽ ابنِ ماجه روايتون آنديون آهن ۽ ابنِ معين جو قول تہ "اهو ضعيف آهي" اعتماد جوڳو ناهي. امام احمد فرمايو تہ "قوي ناهي ۽ ٻيو ابراهيم بن الفضل اصبهاني هو. پر اهو ڪوڙو هو ۽ ٽيون ابراهيم بن الفضل آهي جيڪو صدوق، ڪثير التصحيف هو.

{69} **ايوب بن موسىٰ بن عمرو الاشدق الاموي المڪي**: الازدي چيو تہ هن جي اسناد ٻيهنڊڙ ناهي. بيهقي فرمايو تہ ان جي قول تي اعتماد نہ ڪيو ويندو پر امام احمد ۽ ابنِ معين هن کي ثقہ چيو آهي. محدثن جي ڇهين طبقي مان آهي. هن کان محدثن جي جماعت حديثون روايتون ڪيون آهن.

{70} **ابو جعفر محمد بن صدران البصري**: صدران غفران وانگر. محمد بن ابراهيم بن صُدران البصري، سچو ثقه آهي. هن کان ابو داؤد ۽ ترمذي حديث آندي آهي.

{71} **ابو عبيدة الحداد**: عبدالواحد بن واصل البصري بغداد ۾ رهندو هو. هن کان بخاري، ابو داؤد، نسائي ۽ ترمذي روايت آندي آهي.

{72} **ابن سيرين**: هي محمد بن سيرين مشهور بزرگ آهي. پنهنجن ياٽرن کان جدا سڃاڻپ جي لاءِ ائين سڏيو ويو.

{73} **احمد بن ابي عمر**: علامہ بيجوري لکيو آهي تہ هي احمد، نالو علامہ مناوي آندو آهي ۽ صحيح نالو محمد بن يحييٰ بن ابي عمر العدني آهي.

{74} **ابو سليمان:** بن عبدالرحمان بن الغسيل سچو آهي روايت ۾ لين هو. نسائي کان سواءِ باقي صحاح سته وارن مان پنجن ان کان روايتون آنديون آهن. حضرت حنظلہ ملائڪن جي غسل ڏياريل مشهور شهيد صحابي ﷺ جو فرزند هو.

{75} **ايوب:** هن مان مراد سختياني مشهور ۽ معروف بزرگ آهي.

{76} **ابو بردة بن ابي موسىٰ الاشعري الفقيہ** : حارث يا عامر نالو هيس. ڪوفي جو قاضي هو. وڏن عالمن مان هو. ابو الحسن الاشعري جو ڏاڏو هو.

{77} **ابيہ** : پنهنجي پيءُ کان. هي مشهور صحابي هو. يعني ابو الحسن الاشعري : هن جو نالو عبدالله بن قيس هو.

{78} **اياس بن سلمة** : بن الاڪوع : ثقه آهي. هن صحاح سته جي صاحبن کان حديث روايت ڪئي آهي.

{79} **ابيہ** : (پنهنجي پيءُ کان) يعني سلمة بن الاڪوع کان جيڪو سيدنا رسول الله ﷺ جن جو صحابي، تيرانداز دلير، وڏو فاضل هو. سيدنا رسول الله ﷺ جن سان ستن جنگين ۾ شريڪ رهيو. بيعة الرضوان ۾ موجود هو.

{80} **ابن لهيعة بن عقبة الحضرمي:** هي سچو آهي. لهيعة صحيفة وانگر. مشهور فقيه مصر جو قاضي هو. ذهبي جو قول آهي تہ هن کي ضعيف چيو اٿن پر ابنِ وهب، ابن المبارڪ ۽ عبدالرحمان المقري جي هن کان روايت احسن ۽ اجود آهي ۽ بعض فرمايو تہ "هن جا ڪتاب سڙي ويا هئا ان کان پوءِ روايت ۾ ملاوٽ ٿي ويندي هيس. سن هڪ سؤ چوهتر 174 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{81} **ابي يونس:** حضرت ابو هريره ﷺ جو آزاد ڪيل غلام هو. حديث جي راوين ۾ ابو يونس چار آهن. (1) هڪ هيءُ هن جو نالو سُليم بن جبير هو. (2) ٻيو ام المؤمنين سيده عائشه ﷺ جو آزاد ڪيل غلام (3) ٽئين جو نالو سالم بن ابي حفصة هو. (4) چوٿين جو نالو حاتم هو

{82} **اسحاق بن محمد الانصاري** : مجهول، غير معروف آهي. هن کان بہ ابو داؤد ۽ ابنِ ماجه روايت آندي آهي.

{83} **ابيه:** هن مان مراد ابي بڪره آهي. سندس نالو نفيع بن الحارث هو مشهور صحابي آهي.

{84} **ابي جهينة** (تصغير سان): هن جو نالو وهب بن عبدالله هو. صحابي آهي. (2) رسول الله ﷺ جي ظاهري وفات تائين اڃان بالغ نہ ٿيو هو.

{85} **ابن الڪعب بن مالڪ الانصاري:** هن مان مراد عبدالله يا عبدالرحمان آهي. ثقه آهي حديث گهڻي روايت ڪندڙ مشهور آهي. هن کان محدثن جي جماعت حديث روايت ڪئي آهي.

{86} **ابيه** : هن مان مراد ڪعب سلمي آهي، المدني. هي انهن مان هڪ هو جيڪي جنگ ۾ وڃڻ کان رهجي ويا هئا ۽ پوءِ روئندا رهيا تان جو انهن جي معافيءَ جو قرآن ڪريم ۾ اعلان ٿيو. حضور ڪريم ﷺ جو شان بيان ڪندڙ شاعر هو. (جمع الوسائل ج 1 ص 254)

{87} **ابو حازم،** الاعرج، سلمة بن دينار المدني ثقہ، عابد محدثن جي ٽئين طبقي مان هو. هن کان محدثن جي جماعت روايت ڪئي آهي. سهل کان روايت ڪرڻ ۾ مشهور آهي.

{88} **الشعبي**: اهو عامر بن شراحيل كوفي) تابعي علماء مان هڪ عالم هو. حضرت عمر ﷺ جي خلافت جي دور ۾ ڄائو هو. هن جو قول آهي تہ "مان پنج سؤ اصحابن عليهم الرضوان سان مليو آهيان ۽ مان ڪاٻہ مس استعمال ڪري ڪاغذ نہ پريو آهي ۽ ڪاٻہ حديث بيان نہ ڪئي اٿم جيڪا ياد نہ ڪئي هجيم. 88 سالن جي عمر ۾ سن 104 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

(ڪذا في اسماء الرجال لمؤلف المشكواة)

{89} **ابي قلابہ**: هن جو نالو عبدالله بن زيد جرمي آهي. محدثن جي ٽئين طبقي مان هو. قضا جو عهدو قبول نہ ڪرڻ جي ڪري لڪل رهندو هو. ثقہ، فاضل هو پر روايتن ۾ ارسال گهڻو ڪندو هو. هن کان محدثن جي جماعت روايتون ڪيون آهن. شام ملڪ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{90} **ابو موسيٰ**: هن جو نالو عبدالله بن قيس آهي. يمن جو هڪ قبيلو اشعر هو ان سان هن جو تعلق آهي ان جي ڪري الاشعري سڏيو ويندو هو.

{92} **ابراهيم بن عبدالرحمان بن مهدي المصري**: صدوق آهي محدثن جي ڏهين طبقي مان هو. هن کان ابوداؤد ۽ ترمذي شمائل ۾ حديث آندي آهي ۽ زين العراقي فرمايو تہ: هن جي ابو داؤد ۽ ترمذي وٽ صرف هيءَ حديث آهي ۽ هن جي پيءُ جو بہ اهو حال آهي.

{91} **ابراهيم بن عمر بن سفينہ**: هي سچو آهي. محدثن جي ٽئين طبقي مان هو. ان جي روايت ابو داؤد بہ آندي آهي.

{92} **ابيه**: هن مان مراد عمر آهي.

{93} **القاسم التميمي**: هي عاصم التميمي جو پُٽ آهي. روايت ۾ مقبول آهي محدثن جي چوٿين طبقي مان هو. (ڪذا في التقريب)

{94} **ابي اسيد** (الف جي زبر سان) **بن ثابت المدني**: هڪ قول مطابق هن جو نالو عبدالله هو.

{95} **اسماعيل بن ابي خالد**: بن طارق البجلي حافظ، امام هو. هن کان محدثن جي جماعت حديثون روايت ڪيون آهن. سن 146 هہ ۾ وفات ڪيائين.

{96} **اسحاق بن عبدالله بن ابي طلحہ**: هڪ قول آهي تہ ان جو نالو زيد بن سهل هو. ثقه، ثبت هو. هن جون حديثون صحاح ستہ وارن آنديون آهن. حضرت معاويہ ﷺ جي دور ۾ وفات ڪئي هئائين.

{97} **احمد بن ابراهيم الدورقي**: الدورقي (دال جي جزم ۽ را جي زبر سان) هن ۾ اختلاف آهي هڪڙن جو قول آهي تہ فارس جي هڪ شهر دورق ڏانهن نسبت ڪيل آهي. ٻين جو قول آهي تہ دورقي ٽوپين ڍڪڻ ڏانهن منسوب آهي. بغدادي، حافظ هو. هيثم، يزيد بن زريع ۽ ٻين ماڻهن کان روايتون ڪيون اٿس ۽ هن کان مسلم، ابو داؤد ۽ ترمذي روايتون ڪيون آهن. سن 246 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين. (ذکره الذهبي).

{98} **ابو اسامہ**: يعني حماد بن اسامة، ڪوفي، حافظ آهي. هن کان جماعت حديثون آنديون آهن.

{99} **ابن جريح الفقيہ، عبدالملڪ بن عبدالعزيز بن جريح**. (جيم جي پيش ۽ را جي زبر سان مصغر آهي) القرشي، المڪي، فقيہ وڏن عالمن مان هڪ هو. ابن عينيه فرمايو تہ مون ان کان ٻڌو چئي رهيو هو تہ مون وانگر علم جي تدوين ڪنهن نہ ڪئي هوندي

{100} **ام سلمہ** ﷺ : هن سائڻ جو نالو هند بنت اميه هو.

{101} **ابي صخرة جامع بن شداد** : ثقه آهي هن کان صحاح سته جي صاحبن حديثون آنديون آهن.

{102} **ابي حيان، التيمي** : هن جو نالو يحييٰ بن سعيد الڪوفي آهي. امام، عابد، زاهد هو. هن کان صحاح سته وارن حديثون تخريج ڪيون آهن. سن 145 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{103} **ابي زرعة** : (زرعة بردة وانگر) بن عمرو بن جرير بن عبدالله البجلي، الڪوفي آهي. محدثن جي ٽئين طبقي مان هو. هن کان صحاح ستہ وارن حديثون آنديون آهن. هن جي نالي ۾ چار قول آهن. (1) هرم (2) عمرو (3) عبدالله (4) عبدالرحمان ۽ هن حديث جي راوين ۾ ٻيا بہ ٽي ابو زرعة آهن. (1) ابوزرعة الدمشقي (2) ابو زرعة الرازي (3) ابو زرعة الشيباني

{104} **ابن مسعود** : هن مان مراد حضرت عبدالله بن مسعود آهي جيڪو سابقين صحابن مان آهي. بدري هو. سيني جهادن ۾ شريڪ هو. سيدنا رسول الله ﷺ جي نعلين شريفين ۽ وهاڻي مبارڪ کي پاڻ سان کڻندو هو.

{105} **ابان بن يزيد** : العطار، البصري، ابويزيد. امام احمد فرمايو تہ "سيني مشائخن وٽ "ثبت" آهي ابنِ ماجه کان سواءِ باقي صحاح سته وارن ان کان حديثون آنديون آهن.

{106} **ابو عبيد** : (تاء کان سواءِ تصغير سان) حضرت نبي ڪريم ﷺ جو آزاد ڪيل غلام هو. صحابي هو ۽ ان جو نالو ۽ ڪنيت هڪ آهي.

{107} **ابن ابي ملڪية** (تصغير سان) : اهو عبدالله بن عبيدالله بن ابي ملڪية پنهنجي ڏاڏي ڏانهن منسوخ آهي ۽ چيو ويو تہ ابي ملڪية جو نالو زهير هو.

{108} **ابو بڪر بن عياش** : ثقه، عابد، محدثن جي ستين طبقي مان هو. جڏهن پوڙهو ٿيو تہ حافظو ڪمزور ٿي ويو هوس. هن کان محدثن جي جماعت حديثون آنديون آهن.

{109} **اسماعيل بن جعفر** : ابن ابي ڪثير الانصاري الزرقي : انصارن جي هڪ پاڙي بني زريق ڏانهن منسوب آهي. ابو اسحاق القاري ثقه، ثبت محدثن جي اٺين جماعت مان آهي. هن کان صحاح سته جي صاحبن روايتون آنديون آهن.

{110} **الاسود بن قيس** : العبدي ۽ هڪ قول مطابق العجلي، الڪوفي، ابو قيس ڪنيت هيس. چوٿين طبقي مان هو. هن کان صحاح سته وارن روايتون آنديون آهن.

{111} **ام المنذر** : انصاريہ آهي هن جو نالو سلمہ بنت قيس بن عمرو آهي. هي صحابيہ آهي هن جون روايتون ابو داؤد ۽ نسائي آنديون آهن.

{112} **ابي** : هن جو نالو سمعان آهي.

{113} **ابو هاشم الرماني الواسطي** : هن جو نالو يحييٰ بن دينار هو هن کان صحاح ستہ وارن حديثون روايت ڪيون آهن.

{114} **ابو ايوب الانصاري الخزرجي** : هي مشهور صحابي آهي بدر ۾ موجود هو. القسطنطينيه ۾ وفات ڪئي هيائين. اتي جڏهن سخت بيمار ٿي پيو تہ پنهنجن ساٿين کي فرمايائين "جڏهن مان وفات ڪيان تہ مون کي کڻي جتي دشمن جي مقابلي ۾ صفون ٻڌو اتي پنهنجن پيرن جي هيٺان دفن

ڪجو پوءِ انهن ائين ئي ڪيو. ۽ ان کي قسطنطينيه جي قلعي جي ويجهو دفن ڪيائون ۽ سندس مزار اتي معروف ۽ مشهور آهي. ماڻهو ان جي تعظيم ڪندا آهن ۽ ان جي برڪت ۽ وسيلي سان شفا حاصل ڪرڻ جي دعا گهرندا آهن تہ اها دعا قبول ٿيندي آهي ۽ انهن کي شفا ملندي آهي (نفحة العرب) ۽ هي ان حديث جو مصداق آهي جنهن ۾ رسول الله ﷺ جو ارشاد آهي تہ "مَنْ تَوَاضَعَ لِلّٰهِ رَفَعَه اللهُ" (جنهن الله ﷻ جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ تواضع، (نوڙت) ڪئي الله ﷻ ان کي بلند ڪندو.) ۽ جڏهن ان مجاهدن جي قدمن جي هيٺان پورجڻ واري تواضع ۽ نوڙت ڪئي تہ الله ﷻ ماڻهن جي دلين ۾ ان جي تعظيم ۽ احترام پيدا ڪيو. حضرت ابو ايوب انصاري سيني جنگين ۾ حضرت علي ﷺ سان گڏ هو. (المواهب شرح الشمائل ص 310) نبي پاڪ ﷺ جن جڏهن مدينہ منوره ۾ تشريف فرما ٿيا تہ پهريان هنن وٽ منزل ڪئي هيائون. هن کان صحاح ستہ جي صاحبن روايتون آنديون آهن.

(جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 232)

فائدو: علامہ اعزاز علي ديوبندي جي مذڪور لکت مان ثابت ٿيو تہ : الله ﷻ جي پيارن جي وفات کان پوءِ بہ انهن جي وسيلي سان شفا حاصل ڪرڻ جي دعا گهرڻ جائز آهي ۽ ان دعا سان شفا ملندي آهي. ۽ اها واقع ۽ ثابت آهي.

{115} **ام ڪلثوم** : هي عقيقہ بن ابي معيط جي ڌيءُ، صحابياڻي هئي ۽ حضرت عثمان غني ﷺ جي مائيتي پيڻ هئي.

{116} **اسماعيل بن رياح بن عبيدة السلمي**: هن پنهنجي پيءُ کان روايت ڪئي آهي ۽ هن کان ابي هاشم الرماني وغيره روايتون آنديون آهن. محدثن جي ٽئين طبقي مان هو. هن کان ابو داؤد بہ تخريج ڪئي آهي.

{117} **ابو اسامة** : هن جو نالو حماد بن اسامه الڪوفي القرشي آهي، ثقہ، ثبت آهي. ڪڏهن روايت ۾ تدليس بہ ڪندو هو. نائين طبقي جي وڏن محدثن مان آهي. قضا جي عهدي کان پڇندي شام ملڪ ۾ وفات ڪيائين. هن کان محدثن جي جماعت حديثون روايت آنديون آهن.

{118} **ابيہ** : هن مان مراد عبدالرحمان بن عوف الزهري المدني ثقه آهي. عابد هو. محدثن جي پنجين طبقي مان هو. هن کان محدثن جي جماعت روايت آندي آهي.

{119} **اسماعيل بن موسيٰ الفزاري** : (فا ۽ زا جي زبر سان) بني فزارة قبيلي ڏانهن نسبت ڪيل آهي. روايت ۾ سچو هو. محدثن جي ڏهين طبقي مان هو. هن جي روايت بخاري، "خلق الافعال" ۾ ۽ ابو داؤد ۽ ابنِ ماجه آندي آهي.

{120} **ابراهيم بن سعيد** : ثقه آهي.

{121} **ابراهيم بن المختار**: هن کي محدثن ضعيف راوي چيو آهي ان هوندي بہ محدثن جي اٺين طبقي مان هو هن جي روايت امام بخاري پنهنجي "تاريخ" ۾ ۽ ابنِ ماجه آندي آهي.

{122} **ابي عبيده بن محمد**: سلمه جو پاءُ آهي. چيو ويو تہ روايت ۾ مقبول آهي، محدثن جي چوٿين طبقي مان هو. هن کان ڇئن محدثن ابو داؤد. ترمذي، نسائي ۽ ابنِ ماجه حديثون روايت ڪيون آهن.

{123} **اعمش بن سليمان** بن مهران الاسدي، الباهلي، الڪوفي. ابن المديني چيو تہ هن کان ٽيرهن

سؤ 1300 حديثون آيل آهن. وڏن عالمن مان هڪ هو. هن کان محدثن جي جماعت حديث تخريج ڪئي آهي سن 148 هہ ۾ فوت ٿيو هو.

{124} **ابي عاصم**: بصري آهي ڪن چيو تہ هن جو نالو ثمامه آهي ۽ ڪن چيو تہ خالد بن عبيد عتڪي آهي. هن کان مسلم ابو داؤد ۽ نسائي روايت آندي آهي. جزري جي تحقيق اها آهي. (جمع الوسائل ج 1ص 253)

{125} **احمد بن نصر**: النيشاپوري: هي قريشي، قرآن مجيد جو اعليٰ قسم جو قاري، زهد وارن امامن مان هڪ هو. هڪ لک حديثون ياد هيس تيهن کان وڌيڪ سال روزا رکيائين. ۽ پنج هزار درهم رب العزت جلا شانہ جي واٽ ۾ صدقو ڪيا هيائين. علامہ مناوي جي بقول سن 245 هہ ۾ ۽ علامہ علي قاري جي بقول 299 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين. (والله اعلم) (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 299)

{126} **اسحاق بن محمد الفروري**: ابو حاتم چيو تہ سچو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن اکين جي نور ختم ٿيڻ جي ڪري ڪيس حديث تلقين ڪئي ويندي هئي. فروري سندس ڏاڏي ابي فروه ڏانهن نسبت هئي. هن کان امام بخاري حديث تخريج ڪئي آهي. سن 226 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{127} **ابن ابي فديڪ**: هي محمد بن اسماعيل بن مسلم ابن ابي فديڪ الديلمي آهي. ذهبي فرمايو تہ سچو آهي ۽ هي امام شافعي جو استاد آهي.

{128} **ابو داؤد الحضرمي عمر بن سعد بن عبدالله الحضري**: (حا ۽ ميم جي زبر سان) حضرم نالي ڪوفي ۾ هڪ محل ڏانهن نسبت آهي جنهن ۾ منزل ڪندو هو. ابن المديني فرمايو تہ مان نہ ڄاڻان تہ مون هن کان وڌيڪ ڪوفي ۾ ڪو عبادت ڪندڙ ڏٺو هجي. ۽ ابو حمدون مقري چيو تہ اسان ان کي دفن ڪيو ۽ ان جي گهر جو دروازو ڪليل ڇڏيو هو ڇو تہ گهر ۾ ڪا بہ اهڙي شيءِ نہ هئي (جنهن جي چوري ٿيڻ جو ڊپ هجي) هن جون روايتون مسلم ۽ ڇئن آنديون آهن.

{129} **ابي عثمان النهدي**: النهدي (نون جي زبر ۽ ها جي جزم سان) يمن جي هڪ قبيلي بني نهد ڏانهن منسوب آهي هن جو نالو عبدالرحمان بن مَل (زبر واري ميم ۽ لام جي شد سان) پنهنجي ڪنيت سان مشهور آهي، محدثن جي ٻئي طبقي جي وڏن عالمن مان هو ثقہ، ثبت، عابد هو. سن 95 ۽ بعض جي قول مطابق ان کان پوءِ وفات ڪئي هيائين. 130 هہ يا ان کان بہ وڌيڪ سال زندگي هيس ۽ مشڪواة المصابيح جي صاحب الاڪمال في اسماء الرجال ۾ لکيو آهي تہ ابي عثمان النهدي جاهليت جي دور کي پهتو ۽ حضور ڪريم ﷺ جي زماني ۾ مسلمان ٿيو هو پر حضور ڪريم ﷺ سان ملاقات ڪري نہ سگهيو هو. هن حضرت عمر، حضرت ابن مسعود حضرت ابو موسيٰ رضي الله عنهم کان حديثون ٻڌيون ۽ هن کان قتاده وغيره روايتون آنديون هيون. هي حديث مرسل آهي جيئن الجامع الصغير ۾ علامہ سيوطي صراحت سان لکيو آهي ۽ فرمايائين تہ "هن حديث کي ابو داؤد مراسيل ۾ ۽ ترمذي ابي عثمان النهدي کان آندو آهي.

{130} **ابي**: هن مان مراد اسماعيل الهمداني، ابو عمر الڪوفي آهي بغداد ۾ رهندو هو. سچو هو روايت ۾ خطا ڪندو هو. محدثن جي اٺين طبقي مان هو. هن کان بخاري روايت ڪئي آهي.

{131} **اسامة بن زيد**: الليث النسائي وغيره فرمايو تہ قوي ناهي هن جي روايت بخاري تاريخ ۾ ۽

باقي پنجن بہ آندي آهي. سن 153 ۾ وفات ڪئي هيائين.

{132} **ابو قتيبہ مسلم بن قتيبة الخراساني** : بصره ۾ منزل هيس سچو ۽ محدثن جي نائين طبقي مان هو. هن جي روايت بخاري ۽ چئن آندي آهي.

{133} **الحجاج**: اهو ابن ارطاة آهي. حماد فرمايو تہ اهو اسان وٽ سفيان کان پنهنجي روايت ڪرڻ ۾ وڏو فهم وارو هو. امام احمد بن حنبل فرمايو تہ : حديث جي حافظن مان هو. ابو حازم چيو تہ سچو ۽ مُدَلس هو. نسائي چيو تہ قوي ناهي ۽ ٻين فرمايو تہ اهو حديث ۽ فقه ۾ امامن مان هڪ هو. ان جي مدلس هجڻ تي سڀ متفق آهن ۽ جمهور محدثن ان کي ضعيف چيو آهي.

{134} **احمد بن خالد**، الخلال (خلال جي معنيٰ خل) سرڪو ڪائيندڙ، سُرڪو ٺاهيندڙ. ابو جعفر البغدادي ثقہ احمد بن حنبل جي طبقي مان هو. هن کان نسائي بہ روايت آندي آهي. سن 247هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{135} **ابي ذر** ﷛ : مشهور صحابي آهي. سندس نالو جندب هو ۽ سندس پيءُ جو نالو جنادة هو. مڪہ مڪرمہ ۾ مسلمان ٿيو هو. الله ﷻ جي واٽ ۾ گهڻيون تڪليفون برداشت ڪيون هيائين. محبوب ڪريم ﷺ جو سچو عاشق هو. الربذه ۾ وفات ڪئي هيائين. هن کان 281 حديثون روايت ڪيل آهن.

{136} **ابو معاويہ** : هي عبدالرحمان بن قيس آهي.

{137} **ابراهيم**: هن جي بيان ۾ علامہ مناوي لکيو آهي تہ شمائل ۾ ڇهہ ابراهيم ذڪر ڪيل آهن خبر ناهي تہ هي ڪهڙو آهي.

{138} **المبارڪ بن فضالة** (فاء جي زبر سان) العذري عفان جو قول آهي تہ ثقہ هو ۽ ابو زرعة فرمايو تہ "جڏهن "ثنا" چوي تہ سچو ۽ ثقه آهي ۽ النسائي چيو تہ ضعيف آهي. هن کان ابنِ ماجه روايت آندي آهي. سن 165 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{139} **ابو النضر**: هن جو نالو سالم بن اميہ هو يا هي هاشم بن قاسم التميمي المدني آهي. بغداد ۾ رهندو هو. ثقہ آهي هن کان صحاح سته وارن حديثون آنديون آهن. سن 125 ۾ وفات ڪئي هيائين.

{140} **ابو عوانة الوضاع الواسطي**: هي ثقه آهي. محدثن جي ستين طبقي مان هو. هن کان صحاح سته وارن حديثون آنديون آهن.

{141} **ابي جمرة** : هن جو نالو نضر بن عمران بن عصام الضبعي آهي بصره ۾ رهندو هو. ثقہ آهي. محدثن جي ٽئين طبقي مان هو. هن جون روايتون صحاح ستہ وارن آنديون آهن ۽ هن جي ثقه هجڻ تي سيني جو اتفاق آهي.

{142} **ابيه** : هن مان مراد ابي بڪر بن محمد بن عمرو بن حزم آهي سندس ٻن پٽن هشام ۽ اسحاق ان کان گهڻيون روايتون آنديون آهن.

{143} **ابي حمزه** : هي انصارن مان هڪ مرد هو. هن جو نالو طلحه بن يزيد هو. حذيفه کان مرسل طريقي سان روايت ڪري ٿو. نسائي هن کي ثقه چيو آهي. هن جي روايت بخاري ۽ چئن محدثن آندي آهي. محدثن جي ٽئين طبقي مان هو.

{144} **اسماعيل بن مسلم العبدي المصري القاضي** : هي ثقه آهي. محدثن جي ڇهين طبقي مان

آهي. هن کان مسلم روايت آندي آهي.

{145} **ابي المتوکل:** هن جو نالو علي بن ابي داؤد آهي ۽ ابن داؤد بہ سڏيو ويندو هو.

{146} **ابي وائل:** شفيق بن سلمة : هي ڪوفي هو. عامل علماء مان هو ان جي ثقه هجڻ تي اتفاق آهي.

{147} **ابراهيم :** النخعي آهي.

{148} **ابي العلاء العبدي هلال بن خباب :** سچو آهي. محدثن جي پنجين جماعت مان هو.

{149} **ابيہ :** الشخير بن عبدالله بن عوف بن ڪجد العامري بصري آهي : هي صحابي هو مڪہ مڪرمہ جي فتح واري ڏينهن مسلمان ٿيندڙن مان هو. هن کان بخاري کان سواءِ ٻين محدثن جي جماعت حديثون تخريج ڪيون آهن. جاهليت جي دور ۽ اسلام جي دور کي پهتو هو.

(ب)

{1} **براء بن عازب** رضي الله عنه : هن پلاري جو اسم مبارڪ براء آهي. سندس ڪنيت ابو عمارة آهي. هي بہ ان سال ڄائو هو. جنهن سال عبدالله بن عمر رضي الله عنه ڄائو هو. پهرين جنگ جنهن ۾ شريڪ ٿيو هو. خندق واري جنگ هئي. پاڻ بہ صحابي هو. سندس والد حضرت عازب بہ صحابي هو. ڪوفي ۾ رهيو. "رَيّ" کي فتح ڪيو هيائين. سيدنا علي المرتضيٰ رضي الله عنه سان جمل، صفين ۽ نهروان جي جنگين ۾ گڏ هيو. سن 72 هجري ۾ مصعب بن زبير رضي الله عنه جي دور ۾ ڪوفي ۾ رحلت ڪئي هئائين.

(انوار غوثيه ص 9, 10, المواهب شرح الشائل ص 29, 30, جمع الوسائل جز 1 ص 15, 16)

{2} **بريدة:** هي الحسيب جو فرزند صحابي آهي. مديني شريف ۾ رهيو ان کان پوءِ بصره ۾ رهيو ان کان پوءِ مَروَ ۾ رهيو. غزوهء بدر کان اڳي اسلام آندو هئائين پر ان ۾ شريڪ تي نہ سگهيو. سن 62 يا 63 هجري ۾ وفات ڪيائين.

{3} **بشر بن الوضا:** (صدق جي وزن تي) الوضاح ابو الهيشم بصره جو رهاڪو هو. حديث جي روايت ۾ سچو ۽ ثقه آهي. عقيل وغيره کان روايت ڪئي اٿس. هن کان بُندار وغيره روايت ڪئي آهي. ابن حبان ان کي معتبر چيو آهي. ترمذي ان جي روايت "الشمائل" ۾ آندي آهي.

{4} **بشر بن المفضل:** امام ثقه ، حجت آهي، عثماني آهي، هن صحاح سته جي مصنفن گهڻن کان حديث روايت ڪئي آهي. ابن المديني فرمايو تہ "هر روز چار سؤ رڪعتون نفل نماز پڙهندو هو. هڪ ڏينهن روزو رکندو هو تہ هڪ ڏينهن نہ رکندو هو. سن هڪ سؤ ستاسي 187 هہ ۾ وفات ڪئي هئائين.

{5} **بديل بن ميسرة العقيلي:** محدثن جي جماعت هن کي ثقه چيو آهي. سن هڪ سؤ ٽيهہ 130 هہ ۾ وفات ڪيائين.

{6} **بڪر بن وائل:** الڪوفي، سچو آهي، محدثن جي انين طبقي مان هو. پيءُ کان پهريان وفات ڪئي هيائين.

{7} **بشر بن السري:** هن جي ڪنيت ابو عمر آهي، واعظ هو. هن کان امام احمد ۽ ٻين گهڻن حديثون ورتيون آهن جهمي ٿي ويو هو پر پوءِ توبہ ڪئي هيائين. هن کان محدثن جي جماعت حديثون آنديون آهن. سنہ 175 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{8} **بيان** : بن بشير، الكوفي، المؤدب، ثقه ، ثبت، هن کان محدثن جي جماعت حديث تخريج ڪئي آهي ۽ اهو بيان بن بشير، المعلم، الطامي ناهي جيڪو مجهول هو. الخطيب هنن ۾ اهو فرق ڪيو آهي.
{9} **بڪر بن عبدالله المزني البصري** : هي ثقہ آهي. هن کان محدثن جي جماعت حديثون آنديون آهن.
{10} **بشر بن معاذ البصري العقدي** : هي اکين کان نابينو هو. سچو آهي هن کان نسائي ۽ ابنِ ماجه حديثون آنديون آهن. چاليهن کان پوءِ وفات ڪئي هيائين.
{11} **البراء بن زيد ابن بنت انس بن مالڪ** ﷺ : هن کان شمائل جي مصنف روايت آندي آهي.
{12} **البزار** (زا سان آخر راء) **الواسطي ثم البغدادي** : وڏن عالمن مان هڪ هو. امام احمد فرمايو تہ ثقه سنة جو صاحب آهي ۽ ابو حامد چيو تہ "سچو" آهي. هن جي علم ۾ عجيب برتري آهي. هن کان بخاري، ابو داؤد ۽ بزار روايت ڪئي آهي. سن 249 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

(ت)

{1} **التيمي** : (تا جي زبر يا جي جزم سان) هڪ قبيلي ڏانهن نسبت آهي. تيم الرباب. (را جي زير سان) هن چوڻ سان تيم قريش کان پاسو ڪيو ويو آهي.

(ث)

{1} **ثابت البناني**: (با جي پيش سان) البُناني قبيلي ڏانهن سندس نسبت آهي. علامہ مناوي لکيو آهي تہ اها بُنانة ام سعد بنت لؤي بن غالب ڏانهن منسوب آهي خطيب بغدادي بہ ائين ذڪر ڪيو آهي. ثابت البناني تابعي آهي. حضرت انس بن مالڪ ﷺ سان چاليهہ سال صحبت ڪئي هيائين. ثقه آهي. جليل القدر بزرگ پنهنجي دؤر جو وڏو عابد هو. امام احمد فرمايو تہ "ثابت بناني قتاده کان بہ وڌيڪ ثابت آهي. ذهبي فرمايو تہ "ثابت سندس نالو آهي سندس ڪنيت ابو محمد آهي، البصري آهي" حديث جي فن ۾ امامن ان جون حديثون آنديون آهن. ڇهاسي سالن جي عمر ۾ سن 122 يا 123 هجري ۾ وفات ڪئي هئائين. ڪرامتن جو صاحب هو.
{2} **ثمامة** : (ثا جي پيش سان) بن عبدالله بن انس بن مالڪ الانصاري : سچو آهي امام احمد ان کي ثقه چيو آهي ۽ ابنِ معين ان کي ضعيف سڏيو آهي. بصره جو قاضي هو سن هڪ سؤ ڏهہ ۾ قضا جي عهدي تان لاٿو ويو هو. ۽ ان کان ٿورو عرصو پوءِ وفات ڪئي هيائين. هن جون روايتون صحاح سته وارن آنديون آهن.
{3} **ثابت بن يزيد**: الاحول سان مشهور آهي. ثقه ۽ ثبت آهي
{4} **ثابت ابي حمزه الثمالي**: الثمالة عوف بن مالڪ بن اسلم جو لقب هو. ثابت ضعيف راوي هو. محدثن جي پنجين طبقي مان هو. هن کان نسائي روايت ڪئي آهي.
{5} **ثور بن يزيد**: هي خالد، الحمصي، حافظ آهي. حديث جي روايت ۾ ثَبت آهي هن کان بخاري ۽ چئن حديثون روايت ڪيون آهن.

(ج)

{1} **جُمَيح بن عمير**: تصغير جي صيغي سان. هن کي ابنِ حبان ثقه سڏيو آهي ۽ ٻين ضعيف چيو آهي ۽ علامہ علي قاري ان کي روايت ۾ مضبوط قرار ڏنو آهي. بن عبدالرحمان العجلي عجل وڏي قبيلي ڏانهن منسوب آهي.

{2} **جابر بن سمرة**: پُٽ ۽ پيءُ ٻئي صحابي آهن. سمرة کان بخاري، مسلم، ابو داؤد ۽ محدثن جي وڏي جماعت حديثون روايت ڪيون آهن. حضرت جابر ﷺ جي ڪنيت ابوعبدالله العامري آهي. سعد بن وقاص جي ڀيڻ جو پُٽ آهي. ڪوفي شهر ۾ آيو ۽ اتيئي سن 74 هـ ۾ وفات ڪئي هئائين.

{3} **جَعدُ بن عبدالرحمٰن**: هن جي حديث کي بُخاري ۽ مسلم روايت ڪيو آهي. جَعدُ سعد وانگر آهي هن جو والد عبدالرحمان اوس ڪُندي جو پُٽ آهي ۽ ڪجهہ علماء هن کي تميمي سڏيو آهي. هن سائب، عائشه بنت سعد ۽ دوسي وغيرهم کان روايت ڪئي آهي.

{4} **جابر بن عبدالله**: هي انصاري سلمي صحابي آهي .انهن مشهور صحابن رضي الله عنهم مان هڪ آهي جيڪي ڪثرت سان حديث روايت ڪندا هئا. بدر ۽ ان کان پوءِ ٿيندڙ جهادن ۾ شامل رهيو. شام ۽ مصر ڏانهن بہ ويو هو. هن پندرهن سؤ (1500) حديثون روايت ڪيون آهن. آخري عمر ۾ نابينا ٿي ويو هو. 94 سالن جي عمر ۾ سن 74 هـ ۾ وفات ڪئي هئائين. هي صحابہ ڪرام عليهم الرضوان ۾ آخري صحابي هو جنهن مدينہ منوره ۾ وفات ڪئي هئي.

{5} **جعفر بن سليمان الضبعي**: الضبعي (ضاد جي پيش ۽ با جي زير سان) بني ضبيعة قبيلي ڏانهن نسبت آهي، ضبيعة (جُهينة وانگر) جعفر سچو ۽ زاهد آهي. حديث جي روايت ۾ ان کي ابنِ معين ثقہ چيو آهي ۽ ابن القطان ان کي ضعيف سڏيو آهي ۽ امام احمد فرمايو تہ "ان جي روايت ۾ ڪو ڊپ ناهي."

{6} **جعفر بن محمد**: هن مان مراد حضرت امام جعفر صادق آهي. سچ ۽ پرهيزگاريءَ ۾ ڪمال جي ڪري "صادق" سڏيو ويو. سندس ڪنيت ابوعبدالله آهي سندس والده حضرت ابوبڪر صديق جي پڙ پوٽي، فروة بنت قاسم بن محمد بن ابوبڪر صديق رضي الله عنهم آهي. ان فروه جي ماءُ اسماء بنت عبدالرحمان بن ابي بڪر صديق ﷺ آهي. ان جي ڪري پاڻ فرمائيندو هو تہ "مون کي ابوبڪر ﷺ بہ ٻيرا ڄڻيو آهي" حضرت جعفر صادق ﷺ پنهنجي والد، شعبہ، قطان وغيره کان روايتون آنديون آهن. ثقہ آهي. حضرت امام اعظم ابوحنيفہ ﷺ فرمايو تہ "مون هن کان وڌيڪ فقيہ نہ ڏٺو ۽ مون کي (وقت جي حاڪم) خليفي منصور کان ايتري هيبت طاري نہ ٿيندي هئي جيتري حضرت امام جعفر صادق کان ٿيندي هئي." 68 سالن جي عمر ۾ سن 148 هـ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{7} جَدِّہٖ: هتي جد مان مراد ان جو نانو آهي. هي صحابي آهي. ان جو نالو مزيدة "مڪرمة" وانگر آهي جزري تصحيح المصابيح ۾ اهڙي طرح ذڪر ڪيو آهي ۽ جمهور وٽ اهو ئي مشهور آهي. يا ان جو نالو" مزيدة" "ڪريمة" وانگر آهي. قسطلاني ائين نقل ڪيو آهي.العبدي ابن عبد القيس آهي. ابن منده فرمايو تہ هي هڪ وفد سان گڏ رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو هو ۽ لهي حضور ڪريم ﷺ جي هٿ مبارڪ کي چميو هيائين.

{8} **جعفر بن عمرو بن حريث المخزومي** : ثقه محدثن جي ٽئين طبقي مان هو. بُخاري کان سواءِ باقي

صحاح سته وارن هن کان روايتون آنديون آهن.
{9} **جعفر بن برقان بن عبد الله الکلابي** : ابنِ معين فرمايو تہ ثقہ آهي هن کان امام بخاري تاريخ ۾ ۽ ٻئي جماعت حديثون آنديون آهن. سن 154 هجري ۾ وفات ڪئي هئائين.
{10} **جَدِّہٖ**: هن مان مراد حضرت سفينه ﷺ آهي. هي رسول الله ﷺ جو آزاد ڪيل غلام هو. ان جي نالي مبارڪ ۾ اختلاف آهي هڪ قول مطابق ان جو نالو مهران هو. مشهور صحابي هو.
{11} **جرير بن عبدالله البجلي**: هي مشهور صحابي آهي بني بجيلہ قبيلي جو سردار هو. نهايت گهڻو ڊگهو هو. اٺ جي ٿوهي کي پهچندو هو. ۽ سندس پير بہ هڪ هٿ ماپ ڊگها هئا ۽ تمام گهڻو سهڻو هوندو هو ان جي ڪري کيس هن امت جو يوسف لقب مليل هو. هن کي ڏسي رسول الله ﷺ جن تبسم فرمائيندا هئا. سن 51 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين. ان سال مسلمان ٿيو هو جنهن ۾ رسول الله ﷺ جن ظاهري وفات ڪئي هئي. سندس قول آهي تہ مون رسول الله ﷺ جي رحلت کان چاليهہ ڏينهن پهريان اسلام قبول ڪيو هو. ڪوفي ۾ منزل ڪئي هيائين پوءِ اتاهين قرقيسا شهر ڏانهن ويو ۽ اتيئي وفات ڪئي هيائين. هن کان گهڻي خلق روايتون ڪيون آهن.
{12} **جندب بن سفيان**: صحيح جندب بن عبدالله بن سفيان آهي. البجلي بجليہ جي هڪ پاڙي ڏانهن نسبت آهي.. هن کي حبيب ڪريم ﷺ سان صحبت نصيب ٿي هئي صحابي آهي. هن کان محدثن جي جماعت حديثون آنديون آهن.
{13} **الجهذمة** : دَحرَجَۃُ وانگر. صحابياڻي آهي ان جو نالو حضور ڪريم ﷺ جن مٿائي ليليٰ رکيو هو. امراۃ بشير" هن بشير جو اصل نالو زخم هو. نبي پاڪ ﷺ جن ان جو نالو بدلائي "بشير" رکيو هو. ابن الخصاصية : خصاصية، ڪراهية وانگر. خصاصية جو نال "ڪبشة" هو. جن ان کي "بشير" جي ماءُ سمجهيو اهي غلط آهن. هيءَ ان جي ڏاڏي هئي. هن جون روايتون "الادب المفرد" ۽ "السنن" ۾ روايت ڪيل آهن. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ص 99 جزء ا، المواهب شرح الشمائل ص 139)

(ح)

{1} **حُمَيدُ بن مسعدة** : حامد جو مصغر آهي. سندس پيءُ جو نالو مَسعَدۃ هو (ميم ۽ عين جي زبر سان بصره جي سامة بن بني لؤي قبيلي مان وسيع الرواية بزرگ هو. بخاري کان سواءِ ٻين بزرگن امام مسلم، ابو داؤد، ترمذي، نسائي وغيرهم ان کان روايت ڪئي آهي. پاڻ ايوب ۽ يحيٰي بن سعيد انصاري وغيرهم کان حديثون روايت ڪيون اٿس ۽ تبع تابعين جي وچولي طبقي مان هو.. (جمع الوسائل ج 1 ص 14) سن بہ سؤ چوئيتاليهہ 244 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين. (المواهب شرح الشمائل ص 27)
{2} **حُميدُ الطويل**: هي بہ حديث جو راوي آهي، جيڪو " الطويل" (ڊگهو) جي لفظ سان مشهور آهي. حالانڪ پاڻ قد جو بندرو هو. کيس هٿن جي ڊگهي هجڻ جي ڪري طويل سڏيندا هئا. سن هڪ سؤ ٻائيتاليهہ يا ٽيتاليهہ هجري ۾ نماز پڙهندي وفات ڪئي هيائين. حديث جي روايت ۾ حجة ۽ ثقه هو. صحاح ستہ وارن محدثين ان کان حديث روايت ڪئي آهي.
{3} **حضرت حسن بن علي بن ابي طالب** ﷺ : حضرت سيدنا امام حسن ﷺ مصطفيٰ ڪريم ﷺ

جو ڏوهٽو آهي. جنهن کي پاڻ جنت جي نوجوانن جو سردار سڏيو اٿن. جڏهن سيدنا علي ﷛ شهيد ٿيو تہ حضرت امام حسن ﷛ جي چاليهہ هزار مسلمانن ان عهد سان بيعت ڪئي هئي تہ ان تان جانيون قربان ڪندا ۽ پاڻ حضور ڪريم ﷺ جي ان فرمان تہ "منهنجو هي پُٽ سردار آهي ان سان الله ﷻ مسلمانن جي ٻن جماعتن ۾ صلح ڪرائيندو" کي سچو ڪندي حضرت امير معاويہ ﷛ سان صلح ڪري حڪومت جُون واڳون (خلافت) ان جي حوالي ڪيون هيائين.

{4} **حميد بن عبدالرحمان الرؤاسي** : (را جي پيش ميم جي زبر سان ان جي پڇاڙي ۾ سين آهي جنهن کان پوءِ يا آهي.) هي ان جي ڏاڏي رؤاس ڏانهن نسبت ڪيل آهي. (المواهب شرح الشمائل ص 70) اهو ابو عوف ڪوفي آهي. ضعيف راوي آهي. (جمع الوسائل ج 1 ص 47)

{5} **حسين بن واقد** : ان مان مراد حسين بن واقد آهي. هن حضرت عڪرمہ ۽ ثابت بناني کان حديث روايت ڪئي آهي ۽ هن کان ابن شفيق ۽ ٻين ماڻهن روايتون آنديون آهن. هن کي محدث ابن معين ثقه سڏيو آهي ۽ هن جي روايت مسلم بہ آندي آهي.

{6} **حماد بن زيد** : بن درهم الازدي الجهضمي البصري الازرقي، جرير بن حازم جي آل جو آزاد ڪيل غلام هو ابن مهدي محدث فرمايو تہ "مون بصره ۾ ان کان وڌيڪ نہ فقيه ڏٺو ۽ نہ سنت جو وڌيڪ علم رکندڙ ڏٺو. ثقه آهي ان جون روايتون صحاح سته ۾ آهن. اڪين کان نابينا هو. ابن معين فرمايو تہ "ڪو شخص بہ ان کان روايت ۾ وڌيڪ مضبوط نہ هو. ابنِ يحييٰ فرمايو تہ "ان کان وڌيڪ حافظ مون نہ ڏٺو. حماد نالي جي ٻُنيان "ابن زيد" آٽي. حماد بن سلمة کان جدا ڪيو ويو چوتہ نالو هڪ آهي. ايڪاسي (81) سالن جي عمر ۾ سن هڪ سؤ اوڻاسي 179 هجري ۾ وفات ڪيائين.

{7} **حُميد بن عبدالرحمان** : بن عوف. هن جي والده امِ ڪلثوم بنت عقبة بن ابي معيط آهي. هن پنهنجي پيءُ کان ۽ حضرت عمر ﷛ کان روايتون آنديون آهن. ۽ هن کان سندس پُٽ ۽ زهري ۽ قتادة روايتون ڪيون آهن ۽ هڪ قول آهي تہ هن حضرت عمر ﷛ کي نہ ڏٺو هو. سن 75 هجري ۾ وفات ڪئي هيائين.

{8} **حبيب بن الشهيد** : (طبيب وانگر) ننڍي عمر وارو تابعي آهي. ثقه، ثبت آهي. حضرت ابو الطفيل ﷛ کي ڏٺو هيائين ان جون روايتون صحاح سته وارن آنديون آهن سن 145 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{9} **حبيب بن ابي ثابت** : اهو ابو يحيي الاسدي الڪاهلي، الڪوفي الاعور آهي، ثقه ، ثبت، وڏي شان وارو، مجتهد، وڏن عالمن مان هڪ هو. حضرت ابنِ عباس ﷛ ۽ جندب کان روايتون آنديون اٿس. ۽ هن کان سفيان ۽ ڪيترن ٻين روايتون آنديون آهن. مرسل حديثون روايت ڪندو هو. محدثن جي ٽئين طبقي مان هو ان جي روايت بخاري "الادب المفرد" ڪتاب ۾ ۽ باقي پنجن بہ آنديون آهن. سن 119 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{10} **حُجير بن عبدالله الڪندي** : ذهبي چيو تہ مجهول آهي ۽ مصنف ترمذي ان کي حسن سڏيو آهي ۽ التقريب ۾ آهي تہ "مقبول آهي". محدثن جي اٺين طبقي مان هو. ان جي روايت ابو داؤد بہ آندي آهي.

{11} **حفص بن عمر بن عبيد الطنافسي** : طنافس ڏانهن منسوب آهي. طنافس تڏن کي چئبو

آهي اهو انهن جو ڪم ڪندو هو تڏهن طنافسي سڏيو ويو. ثقه آهي هن جي حديث صحاح سته وارن مان هڪ ترمذي آندي آهي. ڏهين طبقي جي محدثن مان آهي.

{12} **حجاج بن منهال** : الانماطي، الاسلمي البصري، ثقه، محدثن جي نائين جماعت مان پرهيزگار عالم هو. سن ٻه سؤ سورهن يا سترهن ۾ وفات ڪئي هيائين. هن ڪان صحاح سته وارن روايتون آنديون آهن.

{13} **حميد بن هلال** : العدوي البصري ثقه آهي بعض محدث سندس دور ۾ علم ۾ هن ڪان ڪنهن کي به فضيلت نه ڏيندا هئا. هن ڪان محدثن جي جماعت روايتون آنديون آهن پر بادشاهه وٽ ڪم ڪرڻ جي ڪري ابنِ سيرين ان ۾ توقف ڪيو آهي.

{14} **حلال بن خباب** : ثقه آهي محدثن جي پنجين طبقي مان هو. هن ڪان صحاح سته مان چئن روايتون آنديون آهن.

{15} **حفص بن غياث** : هن جي ڪنيت ابو طلق آهي. بن معاوية النخعي ڪوفي ۽ ان ڪان اوپر طرف علائقي جو قاضي هو. ابنِ شيبه چيو ته جڏهن پنهنجي ڪتاب مان حديث بيان ڪري ته ثبت آهي. هن ڪان محدثن جي جماعت حديثون آنديون آهن سن 192 هه ۾ وفات ڪئي هئائين.

{16} **حڪيم بن جابر** : ثقه آهي، محدثن جي ٽئين طبقي مان هو ان ڪان نسائي ۽ ابن ماجه روايت ڪئي آهي.

{17} **حجاج بن محمد** : المصيصي، الاعور، الحافظ ابو داؤد فرمايو ته مون کي اها ڳالهه پهتي آهي ته "هن ڪان ابنِ معين پنجاهه هزار حديثون لکيون هيون. هن ڪان صحاح سته جي صاحبن حديثون لکيون آهن.

{18} **حبيب بن اوس الثقفي** : مقبول راوي آهي هن ڪان شمائل جي مصنف روايت آندي آهي، محدثن جي ٻئي طبقي مان هو.

{19} **حجاج الصواف** : بن ابي ميسره. ثقه حافظ آهي، هن ڪان صحاح سته جي صاحبن روايتون آنديون آهن.

{20} **حنان** : ابو عيسيٰ فرمايو ته هن حديث ڪان سواءِ اسين حنان کي ڪونه ٿا سڃاڻون. عبدالرحمان بن ابي حاتم ڪتاب "الجرح والتعديل" ۾ لکيو آهي ته حنان اسدي بني اسد بن شريڪ مان هو. هن ابي عثمان النهدي ڪان روايت ڪئي آهي ۽ هن ڪان حجاج بن ابي عثمان الصواف مون پنهنجي پيءُ ڪان ائين چوندي ٻڌو هو.

{21} **حميد بن الاسود، الاشعري**، البصري آهي سندس ڪنيت ابو الاسود الڪرابيشي آهي، سچو آهي، ٿورو وهمي هوندو هو. محدثن جي ستين طبقي مان هو. هن جي روايت بخاري، القدر ۾ ۽ نسائي ۽ ابن ماجه آندي آهي.

{22} **حسين بن محمد** : الحريري هن جي نسبت آهي ۽ هڪ قول مطابق الجريري جيم سان آيل آهي. هن جو حال مستور (ڍڪيل) آهي. محدثن جي يارهين طبقي مان هو. هن جي روايت صرف ترمذي آندي آهي.

{23} **حفصہ** : هي ام المؤمنين حضرت عمر بن خطاب ﷜ جي نياڻي هئي پهريان خنيس بن السهمي جي گهر ۾ هئي پوءِ حضور ڪريم ﷺ جن ان سان نڪاح ڪيو.

{24} **حرام بن معاويہ الانصاري** : هي ثقہ آهي. محدثن جي ٽئين طبقي مان هو. هن ڪان ابو داؤد ۽ ابنِ ماجه حديث روايت ڪئي آهي.

{25} **حسام بن مصڪ** : (ميم جي زير صاد جي زبر ڪاف جي شد سان آهي) ابوسهل البصري الاسدي آهي ضعيف ۽ متروڪ آهي. هن جي روايت ترمذي آندي آهي. محدثن جي ستين طبقي مان هو.

{26} **الحسن** : البصري سندس نالو يسار هو. حضرت عمر ﷜ جي خلافت جا اڃان ٻہ سال هئا تہ ڄائو هو. سندس ماءُ حضور ڪريم ﷺ جي اهليہ مؤمنن جي ماءُ حضرت بيبي ام سلمہ ﷝ جي خادمہ هئي. جڏهن حضرت حسن بصري روئندو هو تہ سيده ام سلمہ ان جي وات ۾ پنهنجو پاڪ کير وجهندي هئي. پوءِ ان جي برڪت ڪيس نصيب ٿي تان جو اهڙو عالم, زاهد, فقيه ۽ فصيح بڻيو جو سندس مثال ڏنو ويندو هو. حديث جي فن ۾ ارسال ۽ تدليس گهڻي ڪندو هو. حضرت فضيل بن عياض فرمايو تہ: هڪ سؤ ٽيهہ 130 صحابہ ڪرام عليهم الرضوان سان ملاقات ڪئي هئائين. وڏن تابعين مان آهي. ان ڪان صحاح سته جي صاحبن روايتون آنديون آهن.

{27} **الحسن بن عياش**: الاسدي الڪوفي. هن کي ابن معين وغيره "ثقہ" سڏيو آهي ان جي روايت مسلم ۽ نسائي آندي آهي. الزين العراقي فرمايو تہ حسن بن عياش جي ترمذي وٽ هن روايت ڪان سواءِ ڪا حديث ناهي. سن 132 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{28} **الحسن بن خلال**: الهمداني, الحلواني, ثقہ, حافظ ڪتابن تاليف ڪرڻ جو صاحب هو. محدثن جي يارهين طبقي مان هو. نسائي ڪان سواءِ باقي محدثن جي جماعت هن ڪان حديثون آنديون آهن.

{29} **الحسين بن علي بن يزيد الصدائي** الصداء قبيلہ آهي ان ڏانهن نسبت آهي. البغدادي سچو آهي اولياء مان هو. هن ڪان ابو داؤد, نسائي ۽ ترمذي حديثون آنديون آهن سن 248 ۾ وفات ڪيائين.

{30} **الحسن بن محمد الزعفراني** : هڪ ڳوٺ ڏانهن منسوب آهي جنهن کي "الزعفرانية" سڏيندا هئا. امام شافعي جي صحبت وارن مان هو. هن ڪان بخاري ۽ ڇئن حديثون روايتون ڪيون آهن. نسائي وغيره هن کي ثقه چيو آهي.

{31} **الحسين بن محمد البصري** : شارحن هن جو تعارف نہ لکيو آهي.

(خ)

{1} **خاتم** : (ت جي زير سان) "قائمُ" وانگر هن جي والد جو نالو اسماعيل هو. حارثي سڏيو ويندو آهي. هن ڪان صحاح سته جي صاحبن حديث روايت ڪئي آهي.

{2} **خالد الحذاء** : الحذاء جي معنيٰ جيڪو جُتين جي ماپ ڪري چمڙو ڪٽي ناهي. هي بزرگ جُتيون ناهيندو نہ هو پر جُتي ناهيندڙ وٽ ويهندو هو يا انهن مان شادي ڪئي هيائين ان جي ڪري "الحذاء" سڏيو ويو. ثقه, امام, حافظ, جليل القدر تابعي, گهڻي حديث روايت ڪندڙ, علم جو واسع هو. سن 141 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين. هن ڪان محدثن جي جماعت حديث روايت ڪئي آهي.

{3} **خالد بن قيس** : ابن رماح البصري الكاشف واري لکيو آهي تہ ثقہ آهي ۽ التقريب ۾ آهي تہ سچو آهي. امام بخاري فرمايو تہ ان جي روايت کيل حديث صحيح ناهي. محدثن جي نائين طبقي مان هو. مسلم ۽ ابو داؤد ان کان روايت آندي آهي.

{4} **خالد بن معدان** : الکلاحي، الحمصي آهي فقيه، ثبت، مخلص، هيبت وارو، شاندار بزرگ هو. ستر صحابن کي ڏٺو هيائين. هن کان صحاح سته وارن حديثون روايتون کيون آهن.

(د)

{1} **دلهم بن صالح** : دلهم (جعفر وانگر) الکندي، الکوفي، ابو داؤد چيو تہ هن جي روايت ۾ ڏپ ناهي ۽ ابنِ معين فرمايو تہ ضعيف آهي. محدثن جي ٽئين طبقي مان هو. شعبي وغيره کان روايتون آنديون اٿس ۽ هن کان ابو نعيم روايتون آنديون آهن. هن جي روايت ابوداؤد، ابنِ ماجه ۽ جزء " القراءة " ۾ بخاري آندي آهي.

(ذ)

ذا جي پهرين حرف سان کنهن بہ راويءَ جو ذکر آيل ناهي.

(ر)

{1} **ربيعة بن ابي عبد الرحمٰن**: ربيعة هن بزرگ جو لقب آهي ان جو نالو فَرُوَّخ هو. (ف جي زبر، ر جي شد ۽ خ جي پيش سان) هي پلارو، حديث جو حافظ، وقت جو فقيه ۽ نهايت عقلمند هو. مديني شريف ۾ فقہ جو وڏو ماهر هو. حضرت امام مالک فرمايو تہ ان جي وفات کرڻ سان فقہ جي حلاوت نہ رهي آهي. سن هڪ سؤ ڇٽيهہ 136 هہ ۾ وفات کيائين. حديث شريف جي فن جي امامن ان جي شان جي گهڻي ڳالهہ کئي آهي. (الانوار الغوثيه ص 4)

{2} **رُبيح** : (ربح جو مصغر) بن عبدالرحمان بن ابي سعيد مقبول آهي هن کان ابو داؤد ۽ ابن ماجہ حديث آندي آهي

{3} **رياح بن عبيدة** : هن ابنِ عمرو ۽ ابنِ سعيد وغيره کان روايت کئي آهي. حجاج بن ارطاح ۽ هڪ جماعت کان بہ روايت کئي اٿس. بعض شارحن فرمايو آهي تہ هن ۾ خلط ملط هو. هن جي روايت کان پرهيز کيو.

{4} **رشدين** : (مسکين جي وزن تي) بن کريب العباسي : ميرک چيو تہ ضعيف آهي. بخاري فرمايو تہ هي رشدين منکر الحديث آهي.

{5} **رجل** : هڪ نسخي ۾ الطفاوي (طا ۽ فا سان) آيل آهي. طفاوة ڏانهن نسبت آهي. هي ابي نضرة جو شيخ هو مجهول آهي.

{6} **ربعي بن حراش ابو مريم العبسي الکوفي** : الله ﷻ جو فرمانبردار بانهو هو کڏهن بہ کوڙ نہ ڳالهايو هيائين. هن کان محدثن جي جماعت حديث تخريج کئي آهي. سن 104 هہ ۾ وفات کئي هيائين.

{7} **رجل من بني عبس**: هن جو نالو صله بن زفر العبسي الكوفي آهي. هن سان بخاري ۽ مسلم حجت ورتي آهي. ثقه هو.
{8} **رُمَيثَة** : رُمَيثَةُ (را جي پيش ميم جي زبر يا جزم سان حذيفة وانگر) هيءَ عمرو بن هشام بن المطلب بن عبدالمناف جي ڌيءَ هئي. ننڍي عمر واري صحابيه آهي. ان کان ٻه حديثون روايت ڪيل آهن. هڪ هيءَ حديث ٻي صلواة الضحيٰ ۾ جيڪا ام المؤمنين سيده عائشه ﷞ کان روايت ڪئي اٿس. ان کان ترمذي ۽ نسائي حديث روايت ڪئي آهي.
{9} "**رجل من بني تميم**" (يعني مون کي بني تميم مان هڪ شخص حديث ٻڌائي.) ثابت ٿيو ته اهو شخص تميمي هو ان جو نالو يزيد بن عمرو هو ۽ ٻيو قول آهي ته ان جو نالو عمرو هو ۽ ڪن جو قول آهي ته عُمير هو. بهرحال اهو مجهول الحال آهي ان جي حقيقت جي خبر ناهي ان جي ڪري هيءَ حديث معلول آهي.
{10} **الربيع بن صبيح**: السعدي البصري سچو آهي پر حافظو خراب ٿي ويو هوس. ابن القطان هن کان راضي نه هو پر امام احمد فرمايو ته هن جي روايت ۾ ڪو ڊپ ناهي ۽ ابن معين فرمايو ته ضعيف آهي ۽ شعبة فرمايو ته مسلمانن جي سردارن مان هو. هن حسن ۽ عطاء کان روايت ڪئي آهي ۽ هن کان ابن مهدي به روايت ڪئي آهي. ان کان بخاري تاريخ ۾ روايت آندي آهي ۽ ترمذي ۽ ابنِ ماجه به روايت آندي آهي. هي پهريون شخص هو جنهن ڪتاب لکيو هو. سن 160 يا 170 هجري ۾ وفات ڪئي هئائين.
{11} **الربيع بنت معوذ بن عفراء** : ننڍين اصحابياڻين مان هئي هن جو پيءُ بدر جي ڏينهن شهيد ٿي ويو هو. عفراء معوذ جي ماءُ جو نالو آهي سندس پيءُ جو نالو حرث بن رفاعة بن حرث بن سواد هو. الربيع (را جي پيش با جي زبر ۽ يا جي شد ۽ زبر سان پڙهيو ويندو.) هن ربيع پنهنجي پياءُ سان گڏ بدر جي جنگ ۾ ابو جهل کي قتل ڪيو هو پر ابو جهل اجان قتيل هو ۽ ڳالهائي رهيو هو ته حضرت عبدالله بن مسعود ﷛ ان جي سر کي ڌڙ کان ڌار ڪيو هو. معوذ جي سر کان ڪا شيءِ روايت ڪيل ناهي.
(جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 244)
{12} **الحسنين المعلم بن ذكوان**، المكتب العوذي بني عوذ ڏانهن نسبت ٿيل آهي. عوذ فلس وانگر بني ازد قبيلي جي هڪ شاخ آهي. ثقه آهي گهڻو ڪري وهمي طبع هوندو آهي. هن کان محدثن جي جماعت حديثون تخريج ڪيون آهن.

(ز)

{1} **زُهيرُ**: تصغير جي صيغي سان. زُهير ٻه هئا هڪ ابو خيثمه زهير بن حرب بن شداد نسائي چيو ته حديث جي روايت ۾ ثقه ۽ معتبر آهي. امام مسلم ان کان هزار کان وڌيڪ حديثون روايت ڪيون آهن ۽ ان کان بخاري، ابو داؤد، نسائي ۽ ابنِ ماجه روايت آندي آهي. ٻيو زُهير بن محمد تميمي ابو المنذر خراساني آهي. ضعيف آهي ۽ هن حديث ۾ ذڪر ڪيل هي تميمي آهي.
{2} **زيد بن حُباب**: (تراب وانگر) ابو الحسن الثكلي (پيش سان) الخراساني ان کان پوءِ ڪوفي،

الحافظ، حسين بن واقد کان روايت آندي اٿس. ۽ هن کان احمد وغيره روايت ڪئي آهي. علامہ ذهبي فرمايو تہ " هن جي روايت ۾ ڪو ڏپ ناهي" ۽ ابنِ حجر جو قول آهي تہ سچو آهي ثوري واري حديث ۾ خطا ڪندو هو. سن 203 هجري ۾ وفات ڪئي هيائين. ان جون حديثون صحاح ستہ وارن آنديون آهن.

{3} **زهير ابو خيثمة** : ابو خيثمة چئي زهير ابي المنذر جي نفي ڪئي وئي آهي. هتي جيڪو زهير آيو آهي اهو ثقہ، حافظ آهي. زهير ابي المنذر ثقہ ناهي. زهير ابو خيثمہ الجعفي، الڪوفي الحافظ، الجزيره ۾ رهندو هو. امام احمد فرمايو تہ "واهہ واهہ ثبت قيم آهي ۽ ابو زرعة فرمايو تہ: ثبت آهي هن کان محدثن جي جماعت روايتون آنديون آهن. سن 173 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{4} **زياد بن يحييٰ**: ثقه، حافظ، بصري آهي. محدثن جي ڏهين طبقي مان آهي. هن کان صحاح ستہ وارن روايتون آنديون آهن. سن 254 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{5} **زبير بن العوام**: (واو جي شد سان) ڏهن جنت جي بشارت ڏنلن مان هڪ جليل القدر صحابي هو. حبش ڏي هجرت ڪئي هيائين. بعض نسخن ۾ حضرت زبير سندَ ۾ نہ آهي اهو غلط آهي. زبير سان ئي حديث جي سند ڪامل ٿئي ٿي. حضرت عبدالله بن الزبير اُحد جي جنگ ۾ شريڪ نہ هو.

{6} **زهدم الجرمي**: جرم قبيلي ڏانهن منسوب آهي. ابو مسلم ڪنيت سان بصري ثقہ آهي. محدثن جي ٽين جماعت مان هو. بخاري ۽ ٻين ان کان حديثون تخريج ڪيون آهن.

{7} **زيد بن اسلم**: الفقيہ العمري : هيبت واري شخصيت هو. ابن عجلان جو قول آهي تہ "مان ڪنهن کان بہ ايتري هيبت نہ رکندو هوس. جيتري زيد بن اسلم کان رکندو هوس. ابو حازم، اعرج جو قول آهي تہ مون کي الله ﷻ اهو ڏينهن نہ ڏيکاري جنهن ۾ زيد بن اسلم وفات ڪري" امام بخاري پنهنجي لکيل تاريخ ۾ آندو آهي تہ حضرت امام زين العابدين) علي بن الحسين پنهنجي ساٿين جي مجلس ڪي لتاڙي زيد بن اسلم وٽ وڃي ويهندو هو. سندس ساٿي ڪيس عرض ڪندا هئا تہ "اوهان پنهنجي ساٿين جي مجلس ڪي لتاڙي زيد بن اسلم (حضرت) عمر جي غلام وٽ وڃي ٿا ويهو؟" تہ پاڻ فرمايائون "مرد ان سان ئي ويهندو جيڪو ان کي دين ۾ نفعو ڏي" هن 136 هہ ۾ وفات ڪئي هئي. هن کان محدثن جي جماعت حديثون تخريج ڪيون آهن.

{8} **زهير ابن محمد، التيمي المروزي** : هن جي ڪنيت ابو المنذر آهي، ثقہ آهي. زهير نالي سان راوين جي جماعت آهي ان جي ڪري ان جي وضاحت ابن محمد سان ڪئي وئي آهي. هي زهير شام ۾ رهيو هو. لغت جو بہ ماهر هو ۽ بعض محدثن فرمايو تہ هن کان منڪر روايتون بہ آيل آهن سن 162هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{9} **زازان** : ابو عمرو ۽ ابو عبدالله الڪندي : هن حضرت علي رضي الله عنه ۽ حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان حديثون روايت ڪيون آهن. ثقه آهي امام مسلم ۽ چئن ۽ امام بخاري تاريخ ۾ هن جون حديثون آنديون آهن.

{10} **زياد بن علاقة ابو سهيل الحراني العقيلي** : هي ثقه آهي. محدثن جي ٽئين طبقي مان هو. هن کان صحاح ستہ جي صاحبن حديثون آنديون آهن.

{11} **زرارة بن ابي اوفي**: بصره جو قاضي هو. ثقه، عابد آهي. هن جي روايت صحاح سته جي

صاحبن آندي آهي. سورة المدثر" تلاوت ڪري رهيو هو جڏهن " فَإِذَا نُقِرَ فِي النَّاقُورِ " (سورة المدثر آيت نمبر 2) تي پهتو تہ الله جل جلاله جي خوف کان روئندي ڪري پيو ۽ وفات ڪري ويو.

{12} **زيد بن خالد الجهني المدني** : هي مشهور صحابي آهي. مديني منوره ۾ رهندو هو. حديبيہ ۾ موجود هو. جهينہ قبيلي جو جهنڊو ان جي هٿ ۾ هو. پنجاسي سال جي عمر ۾ سن 88 هہ ۾ وفات ڪيائين.

{13} **زياد بن عبيدالله بن الربيع الزيادي** : روايت ۾ مقبول ۽ ٻئي طبقي جي محدثن مان آهي.

{14} **زر بن حبيش** : هي ابو مريم الاسدي آهي. هن کان محدثن جي جماعت حديث تخريج ڪئي آهي هڪ سؤ ويهہ سالن جي عمر ۾ ۽ سن 82 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{15} **الزبير بن العوام** رضي الله عنه : هي صحابي انهن ڏهن ۾ شامل آهي جن کي حضور ڪريم ﷺ جن جنت جي بشارت ڏني هئي.

(س)

{1} **سفيان:** هن مان مراد سفيان بن سعيد الثوري الڪوفي آهي. سفيان بن عيينہ مراد ناهي. الاڪمال ۾ مشڪواة المصابيح جي مصنف لکيو آهي تہ:" سفيان ثوري مسلمانن جو اڳواڻ ۽ الله جل جلاله جي مخلوق تي حجت آهي ۽ حديث جي علم جي ان وٽ انتها آهي. سيني ماڻهن جوان جي دیندار هجڻ، زهد، ورع ۽ ثقه هجڻ تي اجماع آهي ۽ ان ۾ ڪنهن کي اختلاف ناهي. مسلمانن جي قطبن مان هڪ قطب ۽ مجتهد امامن مان هڪ مجتهد آهي. گهڻن ماڻهن ان کان حديث روايت ڪئي. اوزاعي، ابن جريج، مالڪ، شعبہ، ابن عيينہ، فضيل بن عياض ۽ ٻين ڪيترن ان کان روايت ڪئي آهي. سليمان بن عبدالملڪ جي دؤر حڪومت ۾ سن 99 هجري ۾ ڄائو هو. ۽ بصره ۾ سن 161 هجري ۾ وفات ڪئي هيائين.

{2} **سفيان بن وڪيع:** وڪيع جي پيءُ جو نالو جراح هو. گهڻيون حديثون روايت ڪندڙ هو. ترمذي ۽ ابنِ ماجہ ان کان روايتون آنديون آهن.

{3} **سماڪ بن حرب:** حديث جي فن ۾ ثقه ۽ ثابت رهڻ وارو آهي. تابعين علماء مان هڪ آهي ان کان مسلم ۽ صحاح ستہ مان چئن بہ هن جون روايتون آنديون آهن. اسي صحابہ عليهم الرضوان جو دؤر ڏٺو هئائين. ابنِ المبارڪ ان کي حديث جي روايت ۾ ضعيف چيو آهي. شعبة بہ ان کي ضعيف چوندو هو. سن 123 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{4} **سعيد الجريري:** (جيم جي پيش ۽ ر جي زبر سان) ان جي ڏاڏي جُرير (مصغر) ڏانهن نسبت ڪيل آهي. هي ثقہ راوي ۽ ثبت راوي آهي. امام احمد فرمايو تہ "اهو بصره وارن جو محدث آهي ان کان صحاح ستہ جي صاحبن حديثون روايتون ڪيون آهن."

{5} **سماڪ بن حرب:** الزهلي، ابو المغيرة هي وڏو تابعي آهي. اسي (80) سال صحابن رضي الله عنهم کي ڏٺو هيائين. حديث جي روايت ۾ ثقه آهي پر پوءِ ان جو حافظو خراب ٿي ويو هو ان جي ڪري ابن المبارڪ فرمايو تہ "ضعيف آهي ۽ شعبة بہ ان کي ضعيف چيو آهي.

{6} **سفيان بن عيينہ** : عيينہ عين جي مصغرُ آهي. ابو عمران الهالي الڪوفي : هن جي هڪ ڪنيت

ابو محمد بہ ذکر ڪيل آهي. وڏن عالمن مان هڪ آهي. ستر تابعين کان حديث ٻڌي هيائين. حضرت امام شافعي فرمايو تہ "جيڪڏهن امام مالڪ ۽ سفيان بن عيينہ نہ هجن ها" تہ حجاز ۾ علم نہ رهي ها. سفيان ثوري القطان جي ذريعي سفيان بن عيينہ کان روايت ڪئي آهي. ۽ هي وڏن جي ننڍن کان روايت جو طريقو آهي. ثقہ، ثبت، عالم، زاهد ۽ عابد آهي. اصل ڪوفي هو. مڪ مڪرمہ ۾ رهندو هو. هن ابنِ دينار ۽ هن کان احمد ۽ ابن المديني روايت ڪئي آهي. سن 198 هجري ۾ وفات ڪيائين.

{7} **سويد**: سُوَيد مصغر آهي سويد بن نصر المروزي هي ثقہ راوي آهي ان جي حديث ترمذي ۽ نسائي آندي آهي. سن بہ سؤ چاليهہ 240 هجري ۾ وفات ڪئي هيائين.

{8} **سُريج بن النعمان**: (نعمان غفران وانگر) سُريج سرج جو مُصغرُ آهي. سُريج الجوهري ابوالحسن البغدادي هي اصل خراسان جو هو. ثقہ آهي ٿورو وهم هوندو هوس. هن ابن الماجشون ۽ فُليج کان روايتون آنديون آهن. ۽ هن کان بخاري ۽ الحربي روايتون آنديون آهن. صحاح ستہ مان ڇئن محدثن، ابو داؤد، ترمذي، نسائي ۽ ابنِ ماجہ بہ هن کان روايتون ڪيون آهن. محدثن جي ڏهين طبقي مان هو. عيدالاضحيٰ جي ڏينهن سن ٻہ سؤ سترهن 217 هجري ۾ وفات ڪئي هئائين.

{9} **سعيد بن جُبير**: الاسدي، الوابلي وڏن عالمن مان هڪ هو. ان جي زهد، علم ۽ جلالت شان تي اجماع آهي. رنگ جو ڪارو هو ان کي حجاج ظالم سن 95 هہ ۾ قتل ڪرايو هو ان وقت ان جي عمر 49 سال هئي. ان کان صحاح ستہ جي مصنفن حديثون آنديون آهن. هڪ قول مطابق افضل التابعين آهي. علامہ بيجوري لکيو آهي تہ حضرت سعيد بن جُبير رضي الله عنه کي حجاج ظالم پنهنجي اڳيان بيهاري چيو تہ "تون منهنجي لاءِ ڇا ٿو چوين؟" پاڻ فرمايائين تہ "تون قاسط عادل آهين." حجاج ناراض ٿي پيو ۽ اتي موجود ماڻهن کيس چيو تہ "هن تنهنجي تعريف ڪئي آهي." حجاج چيو تہ "اي جاهلو! اوهان سمجهيو ئي ناهي." هن منهنجي مذمت ڪئي آهي. هن مون کي ظالم ڏي نسبت ڪئي آهي. قاسط الله جل جلاله جي فرمان: "وَاَمَّا الْقٰسِطُوْنَ فَكَانُوْا لِجَهَنَّمَ حَطَبًا ﴿١٥﴾" (سورة الجن آيت 15) (ترجمو: ۽ ظالم جهنم جو ٻارڻ هوندا) ۽ "عادل" چئي مون کي شرڪ ڏي نسبت ڪيائين. جيئن الله جل جلاله جو فرمان آهي: "ثُمَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ يَعْدِلُوْنَ ﴿١﴾" (سورة انعام آيت 1) (ترجمو: تنهن کان پوءِ ڪافر (بتن کي) پنهنجي رب سان برابر ڪن ٿا.) پوءِ حجاج حضرت سعيد بن جبير رضي الله عنه کي شهيد ڪرڻ جو حڪم ڪيو جڏهن ان جو سر قلم ڪيو ويو تہ "لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ" چوڻ لڳو ۽ حضرت سعيد رضي الله عنه دعا گهري هئي تہ يا الله جل جلاله! هن کي مون کان پوءِ ٻئي ڪنهن تي مسلط نہ ڪجانءِ." ان دعا جي مقبوليت جي ڪري حجاج پندرهن ڏينهن کان پوءِ مري ويو. (المواهب شرح الشمائل ص 148)

{10} **سالم**: سالم بن عبدالله بن عمر رضي الله عنهم. جليل القدر تابعي آهي. مدينہ منوره جي ستن فقهاء مان هڪ هو. عبادت ۽ زهد ۾ اهم شخصيت هو. ٻن درهمن وارو ڪپڙو پائيندو هو ان ۽ سندس همعصر هستين مثال طور حضرت امام علي بن الحسين المعروف زين العابدين ۽ قاسم بن محمد عليهم الرحمة والرضوان وٽ علم جي نوبت جو ڊنگ هو. حضرت زين العابدين ۽ محمد بن قاسم هڪٻئي جا ماسات هئا انهن جون مائرون فارس جي بادشاهہ يزد جرد جون نياڻيون هيون. حضرت سالم سن هڪ سؤ ڇهہ يا هڪ سؤ ست 106 يا هڪ سؤ ٻارهن هہ ۾ وفات ڪئي هئي.

{11} **سعيد بن اياس:** (همزه جي زير سان) **الجُريري** (جيم جي پيش سان) سندس ڏاڏن مان ڪو هڪ جُرير نالي سان هو. ان ڏانهن منسوب آهي. ثقات, ثبات مان هڪ آهي. **يحييٰ القطان** ان کي ضعيف چيو آهي ۽ محدثن جي جماعت ان کي ثقه قرار ڏنو آهي. ان کان محدثن جي جماعت حديثون روايت ڪيون آهن. سن 144 هـ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{12} **سمرة بن جندب:** (جيم ۽ دال جي پيش سان, دال کي زبر بہ پڙهي ويندي آهي) ابو عبدالرحمان يا ابو عبدالله يا ابو سليمان ,صحابي, جليل القدر, جليل الشان, عظيم الامانة آهي. حديث ۾ صدوق, حديث جي وڏن حافظن, حديثن جي گهڻي روايت ڪندڙن مان آهي. سن 58 يا 59 ۾ وفات ڪئي هيائين.

{13} **سعيد بن عامر** : الضبعي : هن جي ڪنيت ابو محمد آهي. البصري آهي هن جون روايتون صحاح ستہ ۾ آهن. وڏن عالمن مان هڪ, ثقه , مامون صالح هو. وهمي هوندو هو. سن 208 هـ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{14} **سليمان بن بلال** : التيمي آهي, ثقه , امام جليل هو. ان جون روايتون سيني آنديون آهن سن 172 هـ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{15} **سعيد بن ابي عروبہ** : پنهنجي وقت جو امام, ابو النصر بن مهران. هن جا ڪيترا ڪتاب لکيل آهن. سن 156 هـ ۾ وفات ڪئي هيائين. هن کان بہ صحاح سته ۾ روايتون آيل آهن.

{16} **سعيد بن ابي الحسن:** هي حضرت حسن بصري جو ڀاءُ هو. ثقہ آهي هن جون حديثون محدثن جي جماعت آنديون آهن. پر هيءَ حديث مرسل آهي ڇوتہ سعيد تابعين جي وچين طبقي مان آهي. پر هن حديث جي شاهد اڳين حديث آهي. سعيد سن 100 هـ ۾ وفات ڪئي هئي.

{17} **سعد بن ابراهيم بن عبدالرحمان بن عوف** : الزهري مدينه منوره جو قاضي هو. ثقہ, امام, عابد هميشہ روزي ۾ رهندو هو. مشهور هو. گهڻيون حديثون روايت ڪندڙ هو. ۽ هڪ ٻيو سعد بن ابراهيم واسط شهر جو قاضي بہ هو. پر هتي اهو مراد ناهي. مدينہ منوره وارو قاضي مراد آهي ڇوتہ سفيان بن عينيه کان ان روايت ڪئي آهي. هن 125 هـ ۾ وفات ڪئي هئي.

{18} **سهل بن سعد** : بن مالڪ بن خالد الانصاري الخزرجي الساعدي : هي ۽ هن جو پيءُ صحابي هئا. ۽ مدينه منوره ۾ صحابن مان وفات ڪندڙ آخري صحابي هو جيڪو سن 88 هـ يا 91 هـ ۾ وفات ڪري ويو.

{19} **سليمان بن زياد** : الحضرمي, البصري آهي هن کي ثقہ چيو اٿن. هن کان ترمذي ۽ ابنِ ماجه تخريج ڪئي آهي.

{20} **سعيد بن عياض ڪوفي:** هي سچو آهي. محدثن جي ٻي جماعت مان هو. هن کان بخاري تاريخ ۾ ۽ نسائي بہ روايت آندي آهي.

{21} **سهيل بن ابي صالح المدني السمان:** ابنِ معين فرمايو تہ هي العلاء بن عبدالرحمان وانگر آهي ٻئي حجت ناهن. ابو حاتم فرمايو تہ ثقہ آهي پر ويسر وارو هو ان جي ڪري حجة ناهي, هن کان محدثن جي جماعت حديثون روايت ڪيون آهن. مگر بخاري هن کان صرف هڪ مفرد حديث روايت ڪئي آهي.

{22} **سلميٰ**: هي ابو رافع جي زال رافع جي ماءُ آهي ۽ اها پاڻ سڳورن ﷺ جي فرزند حضرت ابراهيم جي دائي ۽ فاطمہ بنت عميس ﷞ کي غسل ڏيارڻ واري، حضور ڪريم ﷺ جي بورچياڻي هئي.

{23} **سعيد بن سليمان**: هن جي ڪنيت ابو عثمان آهي. الضبي، البغدادي : بغداد ۾ رهيو ثقہ ، حافظ آهي. ابو حاتم چيو تہ شايد اهو عفان کان وڌيڪ ثقہ آهي ۽ ابو حاتم اهو بہ چيو تہ هن سٺ حج ڪيا هئا ۽ ڪڏهن بہ تدليس نہ ڪئي هيائين. هن کان صحاح ستہ وارن حديث روايت ڪئي آهي ۽ امام احمد فرمايو تہ تصحيف ڪندو هو. 100 ورهن جي عمر ۾ 125 هہ ۾ وفات ڪيائين.

{24} **سعيد بن الحويرث المكي**: هن حضرت ابنِ عباس ﷠ کان روايت آندي آهي ۽ هن کان عمرو بن دينار ۽ ابن جريح روايتون ڪيون آهن. ذهبي وغيره هن کي ثقہ سڏيو آهي.

{25} **سعيد بن ابي برده** : بن ابي موسيٰ اشعري آهي. حديث جو حافظ ۽ حجة هو. هن وٽ 700 حديثون هيون. هن کان صحاح سته جي مصنفن حديثون روايت ڪيون آهن.

{26} **سلمة بن كهيل الحضرمي الكوفي** : هي ثقه آهي. محدثن جي چوٿين طبقي مان هو. هن کان صحاح سته جي صاحبن حديث روايت ڪئي آهي.

{27} **سليمان بن حرب** : الاسدي البصري آهي. مڪ مڪرمہ جو قاضي ٿي رهيو هو. ابو حاتم فرمايو تہ "علم جي امامن مان هڪ امام هو. تدليس نہ ڪندو هو اسماء الرجال ۽ فقہ تي سٺي دسترس هيس. سندس هٿ ۾ ڪنهن بہ ڪڏهن ڪو ڪتاب نہ ڏٺو هو. علم ياد هوندو هيس. هن کان صحاح ستہ ۾ روايتون آيل آهن.

{28} **سعد بن ابي هشام انصاري مدني** : هي ثقہ ۽ محدثن جي ٽين طبقي مان هو. هن کان صحاح سته وارن حديثون آنديون آهن. مڪران ۾ شهيد ڪيو ويو هو.

{29} **سهم بن منجاب ابن راشد، الضبي الكوفي** : هي محدثن جي ڇهين طبقي مان هو.

{30} **سالم بن ابي الجعد ، رافع ، القطفاني، الاشجعي**: ثقه آهي، حديث ۾ ارسال ڪندو هو. هن کان صحاح ستہ وارن حديثون آنديون آهن.

{31} **السائب بن يزيد الكندي** : سائِب صاحب وانگر. هي ننڍي عمر وارو صحابي آهي. ان حضرت عمر ﷛ وغيره کان حديث روايت ڪئي آهي. الذهبي فرمايو تہ "هن جون روايتون سڀني ڪتابن ۾ موجود آهن. هجرت جي ٻئي سال ۾ ڄائو هو ۽ هڪ قول جي مطابق سن 80 هجري ۾ ٻئي قول مطابق 94 سالن ۾ وفات ڪئي هئائين.

{32} **السدي** :(سين جي پيش دال زير ي جي شد سان) السده ڏانهن منسوب آهي. ابو محمد اسماعيل بن عبدالرحمان الكوفي، سچو راوي آهي ابنِ معين هن کي ضعيف چيو آهي ۽ احمد ثقہ قرار ڏنو آهي بخاري کان سواءِ باقي محدثن ان کان روايتون آنديون آهن. سن 127 هہ ۾ وفات ڪئي هئائين.

{33} **السنجي**:(سين جي زبر ۽ نون جي جزم سان) مروق جي ڳوٺن مان هڪ سنج نالي ڳوٺ ڏانهن نسبت آهي. هن جي ڪنيت ابو داؤد ۽ نالو سليمان بن معبد المروزي، السنجي آهي جيئن مصنف پاڻ بيان ڪيو آهي. السنجي بہ پيرا آٽي هن طرف اشارو ڪيو اٿس تہ ڪڏهن محدثن ان جو صرف نسب بيان ڪيو آهي ۽ ڪڏهن ان جو ڪنيو نالو ۽ نسب بيان ڪندا آهن.

(ش)

{1} **شعبة** :هن مذڪور محمد بن جعفر جي ماءُ سان شادي ڪئي هئي. سماڪ بن حرب جو شاگرد آهي.
{2} **شريڪ** :(ش جي زبر ۽ را جي زير سان) بن عبيدالله بن ابي شريڪ النخعي الڪوفي واسط شهر جوقاضي هو ان ڪان پوءِ ڪوفي جو. عبيدالله بن عمر ﷺ ڪان اهو راوي آهي. هتي شريڪ بن عبدالله بن ابي عزالقاضي مراد ناهي صدوق ۽ ثقه آهي پر روايت ۾ خطا تي ويندي هُيس. ان ڪان جماعت حديث روايت ڪئي. سن ٻه سؤ ٽيهه 230 هجري ۾ وفات ڪئي هيائين.
{3} **شيبان** : هي ٻـ سچو آهي. هن ڪان مسلم گهڻيون روايتون آنديون آهن ۽ هن ڪان ترمذي ۽ نسائي ٻـ روايتون آنديون آهن.
{4} **شعيب بن صفوان** : الثقفي, الڪوفي, الڪاتب. ابنِ حجر ﷺ فرمايو تہ هن جي روايت مقبول آهي ان جي مسلم شريف ۾ روايت ڪيل هڪ حديث آهي ۽ ان جي روايت بخاري ٻـ آندي آهي.
{5} **شهر بن حوشب** : حوشب. (جعفر وانگر) الشامي الاشعري, اسماء بنت يزيد جو آجو ڪيل غلام هو. حضرت ابنِ عباس ﷺ ۽ حضرت ابو هريره ﷺ ڪان حديث روايت ڪئي اٿس ۽ هن ڪان ثابت وغيره روايت ڪئي آهي. ابنِ حجر فرمايو تہ سچو آهي ۽ وهمي طبيعت جو هيو. امام احمد ۽ ابنِ معين چيو تہ "ثقه" آهي. سن 111 يا 112 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.
{6} **شريڪ بن عبدالله** بن ابي نمر- بن ابي نمر چئي شريڪ بن عبدالله القاضي ڪان احتراز ڪيائين. هتي جنهن شريڪ جو ذڪر آهي ان کي ابوداؤد ثقه چيو آهي.
{7} **شَيخا مِن فهِم** : هن جو نالو الشيخ محمد بن عبدالله ابي رافع الفهمي آهي.
فهم قبيلي جو نالو آهي ۽ هڪ قول آهي تہ ان جي پيءُ جو نالو عبدالرحمان هو. محدثن جي چوٿين طبقي مان هو. (كذا في التقريب)
{8} **شيبان ابن فروخ** : ابو محمد بن ابي شيبة الحبطي, مولاهم الايلي, عبدان فرمايو تہ شيبان وٽ پنجاهہ هزار حديثون هيون. ابو زرعة فرمايو تہ (حديث جي روايت ۾) سچو آهي. هن ڪان ابو داؤد روايت ڪئي آهي. ۽ مسلم هن ڪان گهڻيون روايتون آنديون آهن سن 235 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.
{9} **شعبة بن حجاج بن بِسطام** (ب جي زير سان) آهي. حضرت سيدنا سفيان ثوري فرمايو تہ حديث جي فن ۾ امير المؤمنين آهي دين جو رڪن ۽ مسلمانن جو اڳواڻ هو. الله ﷻ ان سان گهڻي حديث کي محفوظ فرمايو. حضرت سيدنا امام شافعي فرمايو تہ جيڪڏهن شعبة نہ هجي ها تہ عراق ۾ حديث جو علم سڃاتو نہ وڃي ها. هن ڀلاري حضرت سيدنا حسن بصري, ثوري ۽ ٻين گهڻن ڪان حديث ورتي آهي. اهو وڏن تبع تابعين مان آهي هن سن هڪ سؤ سٺ 160 هجري ۾ وفات ڪئي.
{10} **الشريد** : هي مشهور صحابي آهي هن جو نالو عبدالملڪ چيو وڃي ٿو. الثقفي آهي هن جي روايت الادب المفرد ۾ بخاري ۽ ان ڪان سواءِ ابو داؤد ۽ ابنِ ماجه ٻـ آنديون آهن.

(**ص**)

{1} **صالح بن ابي الاحضر**: هي شام جو رهاڪو بزرگ هو. حديث جي روايت ۾ ضعيف آهي. ان جي روايت ڪي بخاري ۽ مسلم ڪان سواءِ ڇئن محدثن بہ آندو آهي. زهري محدث جو خادم هوندو هو. امام بخاري ان جي روايت ڪي مُليَّن سڏيو آهي ۽ ترمذي ان ڪي ضعيف چيو آهي پر محدث ذهبي فرمايو تہ حديث روايت ڪرڻ ۾ صالح آهي.

{2} **صالح**: التؤمة جو آزاد ڪيل غلام صالح بن نبهان المدني. "التؤمة" دحرجة وانگر. هيءَ ربيعة بن امية بن خلف جي ڌيءُ هئي. التؤمة ان جي ڪري سڏي وئي جو ٻئي سان جاڙي ڄائي هئي. ۽ هن جو آزاد ڪيل غلام صالح ثقه، ثبت آهي پر عمر جي آخري حصي ۾ حديث وٺڻ جي قابل نہ رهيو هو. سن 125 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{3} **الصلت بن عبدالله**: بن نوفل بن حارث بن عبدالمطلب: محدثن جي ڇهين طبقي مان هو. ثقه آهي. هن ڪان ابو داؤد روايت آندي آهي.

(**ض**)

"ض" جي حرف سان شمائل ۾ ڪنهن بہ راويءَ جو نالو ذڪر ٿيل ناهي.

(**ط**)

{1} **طالب بن حُجير**: (ها جي پيش سان) العبدي البصري. هن ڪان ترمذي راضي آهي. هن ڪان بخاري" الادب" ۾ روايت آندي آهي. ۽ ابن القطان هن ڪي ضعيف چيو آهي. پر ذهبي فرمايو تہ "سچو آهي" محدثن جي ستين طبقي مان هو.

{2} **طلحہ بن يحييٰ القرشي، التيمي، المدني** : ثقہ آهي. امام بخاري فرمايو تہ منڪر الحديث آهي ۽ ابو زرعہ چيو تہ صالح آهي. هن ڪان مسلم ۽ باقي ڇئن محدثن حديثون تخريج ڪيون آهن. سن 148 هہ وفات ڪيائين.

{3} **طلق بن غنام الكوفي** : ثقه آهي. هن ڪان بخاري ۽ ٻين ڇئن محدثن حديث تخريج ڪئي آهي. هي سن 211 هہ ۾ فوت ٿيو هو.

{4} **الطالقاني** :(لام جي زير سان ۽ ڪڏهن لام جي زبر سان بہ پڙهيو ويندو آهي) طالقان ڏانهن نسبت ڪيل آهي هي قزوين جي شهرن مان هڪ شهر آهي. هن جو نالو سعيد آهي. حديث جي روايت ۾ معتبر ۽ ثقه آهي. ابن حبان محدث فرمايو تہ "ڪڏهن ڪڏهن خطاب ڪندو هو. ابو داؤد، نسائي ۽ شمائل جي مصنف ترمذي، ان ڪان روايت آندي آهي.

(**ظ**)

ظا جي حرف سان ڪنهن بہ راويءَ جو نالو ذڪر نہ ٿيو آهي.

(ع)

{1} **عبدالوهاب ثقفي**: ثقيف قبيلي ڏانهن نسبت ڪيل آهي. هن جي ڪنيت ابو محمد آهي بصره جي اشراف مان هڪ هو. حديث جي فن ۾ ثقه ۽ جليل القدر بزرگ هو وفات ڪان ٽي سال پهريان حافظي جي قوت ڪمزور هجڻ جي ڪري روايتن جا الفاظ گڏي ويندو هو. سن هڪ سؤ اٺ 108 هـ ۾ ڄائو هو. ۽ سن هڪ سؤ چورانوي 194 هـ ۾ وفات ڪئي هيائين. ان کان امام شافعي, احمد بن حنبل, ابن راهويه صحاح سته وارن محدثن روايت ڪئي آهي.

{2} **عثمان بن مسلم بن هرمز**: (هـ ۽ م جي پيش, ر جي جزم ۽ زمعجم سان). هي نالو ڪڏهن منصرف تہ ڪڏهن غير منصرف پڙهيو ويندو آهي. محدث نسائي فرمايو تہ : هن جي روايت ۾ ڪمزوري آهي. هن جي روايت ڪيل حديث ترمذي ۽ نسائي جي پنهنجي روايت سان آندل "مسند علي" ۾ مذڪور آهي.

{3} **علي بن حجر**: (پيش واري ح ۽ جزم واري جيم سان) هي راوي بہ ثقه ۽ حُجَةُ آهي, ان جون روايتون بخاري, مسلم, ترمذي, نسائي آنديون آهن هن سن بہ سؤ چوئيتاليھ 244 هجري ۾ وفات ڪئي هئي. (المواهب شرح الشمائل ص 40) علامہ علي قاري عليہ رحمة الباري لکيو آهي تہ ان بزرگ جي نسب جو سلسلو هن طرح آهي. علي بن حجر بن اياس بن مقاتل بن مخادش سعدي, مروزي, حديث جي فن جي امامن مان هڪ امام هو جنهن حديث جي فن جي امامن مان ڪيترن کان حديث ٻڌي هئي. (جمع الوسائل ج 1 ص 24)

{4} **علي بن ابي طالب** ﷜ : يعني حضراتِ حسنين ڪريمين ﷠ جو والد گرامي. هي اها محبوب شخصيت آهي جنهن ننڍي عمر وارن ۾ اول ايمان آڻي اسلام قبول ڪيو هو ۽ تبوڪ جي جنگ کانسواءِ سيني جنگين ۾ شريڪ رهيو. تبوڪ جي جنگ وقت نبي ڪريم ﷺ جن ڪيس پنهنجي اهل جي سنڀال جي لاءِ رهائي ويا هئا. ۽ ڪيس فرمايو هيائون تہ "ڇا تون راضي ناهين جو تون مون لاءِ ائين هجين جيئن (حضرت) هارون (حضرت) موسيٰ لاءِ هيو. (علىٰ نبينا وعليهما الصلوٰة والسلام) مگر مون کان پوءِ نبي نہ ٿو ٿي سگهي." حضرت علي جي ڪنيت ابو الحسن ۽ ابو تراب آهي. سندس والد ابو طالب جو نالو عبد مناف هو. هاشمي قريشي آهي. حضرت علي ﷜ جي والده جو نالو فاطمة بنت اسد آهي جيڪا هاشميہ آهي ان اسلام قبول ڪري مديني شريف ڏانهن هجرت بہ ڪئي هئي. حضرت سيدنا علي ﷜ کي ان ڏينهن خليفو چونڊيو ويو. جنهن ڏينهن حضرت عثمان غني ﷜ شهيد ڪيو ويو هو. اهو جمعي جو ڏينهن ذوالحج مهيني جي ارڙهين تاريخ سن 35 هـ هو. حضرت سيدنا علي ﷜ کي عبدالرحمان بن ملجم (عليه اللعنة) ڪوفي شهر ۾ جمعي جي ڏينهن صبح جو رمضان مهيني جي سترهين تاريخ سن 40 هجري ۾ تلوار جو ڌڪ هنيو ۽ ان ڌڪ کان ٽي راتيون پوءِ سندس روح مبارڪ پرواز ڪري ويو. ڪيس غسل سندن فرزندن حضرت سيدنا امام حسن ۽ حضرت سيدنا امام حسين ﷠ ۽ سندن ڀائٽي حضرت سيدنا عبدالله بن جعفر ڏنو هو. سندس جنازي جي نماز حضرت سيدنا امام حسن ﷜ پڙهائي ۽ رات جي پوئين حصي ۾ دفن ڪيو ويو. سندن عمر مبارڪ 63 سال هئي ۽ سندن خلافت جي مدت چار سال نوَ مهينا ۽ ڪجھ ڏينهن هئي. سندن ذاتِ عالي صفات, منبع الفيوضات, مرڪز الخيرات کان گهڻن صحابن ۽ تابعين حديثون روايتون ڪيون آهن. اهل السنة والجماعة جو هن ڳالھ تي اجماع آهي تہ پاڻ شهادت وقت روءِ زمين جي ماڻهن کان اعليٰ, افضل ۽

ارفع هو. پاڻ نبوي علم جو وڏو عالم بلڪ دروازو، ڪشف ۽ الهام جو صاحب. حڪمت الاهي جو ماهر، علمِ لدني جو مخزن، مصدر ۽ منبع ۽ الله ﷻ جي ولين جو پيشوا هو. حضور ڪريم ﷺ سندس ئي هٿ ۾ خيبر جي جنگ دوران اسلام جو جهنڊو ڏئي فتح ڪرڻ جي بشارت ڏني هئي ۽ ذوالفقار نالي تلوار بہ کيس عطا ڪئي وئي هئي. نبي ڪريم ﷺ جن سندس شان، مرتبو ۽ مقام بيان فرمايو آهي. جيڪو منهنجي (يعني راقم الحروف) ٻن ڪتابن "فتح القوي الغالب" ۽ "عظمتِ اهل بيت" ۾ تفصيل سان آيل آهي. سندس ذات ڪان پنج سؤ ڪان وڌيڪ حديثون روايت ڪيل آهن. احمد الجواد الدومي جي بقول سندس روايت ڪيل 29 حديثون صحيح بخاري ۾ آهن. سيده فاطمہ زهراء، حسنين ڪريمين، حضرت عمر ۽ حضرت ابنِ عباس رضي الله عنهم بہ ڪانئن حديثون روايتون ڪيون آهن.

(انوارِ غوثيه ص 17,16)

{5} **عيسيٰ بن يونس**: ثقه ، امانت وارو آهي ان ڪان ڇهن ئي حديث جي امامن روايتون ڪيون آهن. السبيعي، الباخرزي الرملي نسبتن سان منسوب هوندو آهي. هن بزرگ حضرت مالڪ بن انس، اوزاعي وغيرهما ڪان ۽ هن ڪان سندس پيءُ يونس، اسحاق بن راهويه ۽ محدثن جي هڪ جماعت حديثون روايتون ڪيون آهن. علم ۽ عمل ۾ هڪ نشان هو. هڪ سال حج ڪندو هو تہ هڪ سال جهاد تي ويندو هو. ۽ ان طريقي سان پنجيتاليهہ حج ڪيائين ۽ پنجيتاليهن جنگين ۾ شريڪ ٿيو هو ۽ جڏهن بادشاهہ هارون رشيد ڪوفي ۾ آيو تہ امام ابو يوسف کي چيائين تہ ڪوفي شهر ۾ موجود محدثن کي چورائي موڪل تہ مون سان ملاقات ڪن پوءِ اهي محدث حڪم جي اطاعت ڪري ساڻس ملڻ آيا پر بہ محدث نہ آيا. هڪ عبدالله بن ادريس ٻيو عيسيٰ بن يونس. اهو ڏسي هارون رشيد پنهنجن ٻن پُٽن مامون ۽ امين کي عيسيٰ بن يونس ڏانهن حديث پڙهڻ لاءِ موڪليو ۽ هارون رشيد عيسيٰ بن يونس ڏانهن ڏهہ هزار درهم بہ موڪليا پر ان قبول نہ ڪيا. ماڻهن کي خيال ٿيو تہ شايد اهي ٿورا سمجهي نہ ٿو وٺي وري اهي ٻيٽا يعني ويهہ هزار درهم ڪري موڪليائين. تہ پاڻ فرمايائين، "جيڪڏهن ڇِت تائين مسجد درهمن سان پري ڏيو تہ بہ حديث شريف جي عيوضِ قبول نہ ڪندس."

(جمع الوسائل ج 1 ص 24)

{6} **عمر بن عبدالله**: مدينہ منوره جو رهاڪو وڏي عمر وارو هو. مرسل روايتون گهڻيون آڻيندو هو. ان جون روايتون ابو داؤد ۽ ترمذي وغيره آنديون آهن. حضرت ابنِ عباس رضي الله عنهما سان مليو هو. حضرت انس رضي الله عنه ۽ حضرت سعيد بن مسيب رضي الله عنه ڪان روايتون ڪيون اٿس. نسائي ان کي ضعيف چيو آهي. غُفرَةَ جو آزاد ڪيل غلام هو. اها غفرة رباح جي ڌيءُ حضرت سيدنا بلال بانگي رضي الله عنه جي ڀيڻ هئي.

(المواهب ص 41، جمع الوسائل ج 1 ص 25)

{7} **عبثر بن قاسم**: هي زبيد ڏي نسبت سان زبيدي سڏيو ويندو آهي. ڪوفي جو رهاڪو حديث جي فن ۾ معتبر ۽ ثقه آهي.

{8} **عبدالله بن عبدالرحمان**: علامہ مناوي ۽ علامہ بيجوري لکيو آهي تہ هن مان مراد دارمي، تميمي، سمرقندي آهي. طائفي، ثقفي ناهي. هي سمرقند ۾ وڏو عالم، پنهنجي زماني ۾ علم جو امام، وڏو حافظ، ثقه، ثبتُ هو. هن ابراهيم، نضر بن شميل، يزيد بن هارون، حجاج بن منهال ۽ خلف ڪان حديث روايت

ڪئي آهي ۽ هن کان مسلم، ابو داؤد، نسائي، ترمذي ۽ صحيح بخاري کان سواءِ ٻين ڪتابن ۾ امام بخاري حديثون روايتون ڪيون آهن. هن ٻلاري سن ٻہ سؤ پنجونجاهہ 255 هجري ۾ وفات ڪئي هئي.

{9} **عبدالعزيز بن ثابت** : هـتي صرف ثابت ذڪر ڪيل آهي ۽ محققن، محدثن جو قول آهي تہ صحيح عبدالعزيز بن ابي ثابت آهي. بني زهره ڏانهن نسبت هجڻ جي ڪري "الزهري" سڏيو ويندو آهي. ان جا ڪتاب سڙي ويا هئا ۽ حافظو ڪمزور ٿي وڃڻ جي ڪري حديث روايت ڪرڻ بند ڪري ڇڏي هيائين. ان کان ترمذي روايت ڪئي آهي.

{10} **عن ابيه** : حضرت علامہ علي قاري لکيو آهي تہ ان مان مراد يوسف جو مٿيون ڏاڏو ماجشون آهي ۽ علامہ بيجوري لکيو آهي تہ ان مان مراد ان جو پيءُ يعقوب بن ابو سلمه بن الماجشون آهي. (والله اعلم) هن ٻلاري صحابہ ڪرام رضي الله عنهم کان مرسل ۽ اعرج کان روايتون آنديون آهن ۽ هن کان سندس ٻن پُٽن ۽ مسلم، ترمذي وغيرهما روايتون آنديون آهن. هي ۽ سندس خاندان الماجشون سان سڃاتا ويندا آهن ۽ هنن ۾ گهڻا مڙس هئا جيڪي حديث جي روايت ۾ فقه سان معروف هئا. محدث ابنِ حبان هن کي ثقه چيو آهي. صحيح قول مطابق هن سن 124 هجري ۾ وفات ڪئي هئي.

{11} **عاصم بن عمر** : (عين جي پيش ۽ ميم جي زبر سان) "ابن قتادة" هي قتادة ابن النعمان المدني الاوسي الانصاري الظفري، معتبر ۽ ثقه راوي آهي. حديث گهڻي روايت ڪندڙ مغازي جو وڏو عالم هو ان کان محدثن جي جماعت، صحاح سته لکندڙن حديثون روايت ڪيون آهن. سن هڪ سؤ ويهہ 120 هجري ۾ وفات ڪيائين.

{12} **عزرة بن ثابت** : هي حضرت ثابت بن ابي زيد انصاري البصري رحمه الله جو فرزند آهي. حديث جي فن ۾ ثقه (معتبر) آهي. محدثن جي ستين طبقي ۾ آهي. هن عمرو بن دينار رحمه الله ۽ ٻي جماعت کان حديث روايت ڪئي آهي. ۽ هن کان وڪيع، ابن مهدي ۽ محدثن جي هڪ طبقي حديث روايت ڪئي آهي سن ٻہ سؤ چوڏهن يا پندرهن هجريءَ ۾ وفات ڪئي هئائين. هن کان صحاح ستہ جي صاحبن حديثون روايت ڪيون آهن.

{13} **علباء بن احمر اليشڪري** : (علبآء عين جي زير لام جي جزم ۽ با جي مد سان "احمر، اڪرم جي وزن تي. اليشڪري، يا جي زبر شين جي سڪون. ڪاف جي پيش، را جي زبر ۽ پوئين يا جي شد سان) هن حضرت عڪرمہ وغيره کان حديث روايت ڪئي ۽ ان کان ابن واقد وغيره حديث روايت ڪئي آهي. ثقه ۽ سچو آهي. ان جون حديثون ترمذي، مسلم، نسائي ۽ ابنِ ماجہ روايت ڪيون آهن.

{14} **علي بن الحسين** : (الف لام سان، بن واقد قاف جي زير سان) حديث جي روايت ۾ سچو هو. ابو حاتم جو قول آهي تہ ضعيف آهي پر محدث نسائي فرمايو تہ لاباس به" ان جي روايت ۾ ڪو خطرو ناهي. هن ابن المبارڪ وغيره کان حديث روايت ڪئي آهي ۽ هن کان ابن راهويہ وغيره روايتون آنديون آهن. امام بخاري بہ "الادب المفرد" ۾ ۽ ٻين محدثن بہ ان کان روايت آندي آهي. سن 211 هجري ۾ وفات ڪيائين.

{15} **عبدالله بن بُريدة** : معتبر تابعين مان آهي ان کي ابو حاتم ثقه چيو آهي ۽ ان جون روايتون محدثن جي جماعت آنديون آهن.

{16} **عاصم الاحول**: ابن سليمان، ابو عبدالرحمان البصري، مدائن جو قاضي هو. ثقه آهي. ان جي روايت ۾ معتبر هجڻ تي ڪنهن بہ ابن القطان کان سواءِ تنقيد نہ ڪئي آهي. ۽ اها شايد قاضي ٿيڻ، حڪومت ۾ شموليت جي ڪري آهي. صحاح سته جي صاحبن ان جي روايت پنهنجن ڪتابن ۾ آندي آهي. محدث سفيان فرمايو تہ "بصره" ۾ جيڪي چار حديث جا حافظ آهن. هي انهن مان هڪ آهي.

{17} **عبدالله بن سرجس**: سرجس جعفر وانگر. صحابي سڳورو آهي المزني آهي ۽ ڪن جو قول آهي تہ المخزومي آهي. بصره ۾ رهندو هو. (جمع الوسائل و شرح المناوي علي حاشيته ج 1 ص 71)

{18} **عبدالرحمان بن ابي الزناد** : (زا جي زير سان، رجال وانگر) هن جو نالو عبدالله بن ذڪوان المدني آهي. قريش جو آزاد ڪيل غلام هو. سچو هو. ان جي حديث امام بخاري التعليق ۾ ۽ مسلم ۽ چئن (ترمذي، ابو داود، نسائي، ابن ماجہ) پنهنجي صحيح ڪتاب ۾ آندي آهي. جڏهن بغداد ۾ آيو هو تہ سندس حافظو ڦري ويو هو. وڏن عالمن مان هڪ هو. امام احمد بن حنبل فرمايو تہ مضطرب الحديث هو. بغداد ۾ فتويٰ ڏيندو هو. سن هڪ سؤ چوهتر 174 هجري ۾ وفات ڪئي هيائين.

{19} **عُروَة بن الزبير**: ابو عبدالله المدني ثقه ، فقيه ، عالم، ثبت، مامون هو. هميشہ روزي سان هوندو هو. سن 93 يا 94 يا 95 هجري ۾ جائو هو. ابن شهاب فرمايو تہ "عروة نہ ميرو ٿيندڙ بحر هو." ۽ ابنِ عيينه فرمايو تہ (سيده) عائشه صديقه رضي الله عنها جي روايت ڪيل حديث کي ٻين ماڻهن کان وڌيڪ ڄاڻندو هو.

{20} **عائشة** رضي الله عنها : هيءَ ام المؤمنين حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي نياڻي آهي. هر عيب کان پاڪ، فقيهه ، عالمه ، حضرت مصطفيٰ ڪريم صلى الله عليه وسلم جي حبيبہ آهي. نبوت جي اظهار کان پوءِ چوٿين سال ۾ ڄائي هئي ۽ سن 56 يا 57 يا 58 هجري ۾ (مختلف قول آهن) وفات ڪيائين. ان جون فضيلتون ۽ مناقب تمام گهڻا آهن. (جمع الوسائل و شرح المناوي علي حاشيته ج 1 ص 75)

{21} **عبدالله بن المبارڪ** : المروزي، بني حنظلة جو آزاد ڪيل غلام هو. ان جي ڪري الحنظلي التميمي سڏيو ويندو آهي. ثقه ، ثبت، فقيه ، عالم، جواد، مجاهد، صوفي، عابد هو. حديث گهڻي روايت ڪندڙ وڏن عالمن مان هڪ آهي. چئن هزارن استادن کان حديث روايت ڪئي هيائين. فقه ، ادب ، تصوف، زهد، شعر ۾ وڏو علم حاصل ڪيو هيائين. سندس والد همد ان جي هڪ شخص جو خريد ڪيل غلام هو. ان جون روايتون صحاح سته وارن آنديون آهن. هڪ سؤ ارڙهن 118 هجري ۾ ڄائو هو ۽ سن 181 هجري ۾ جنگ کان موٽندي وفات ڪئي هيائين.

{22} **عبيدالله بن عبدالله بن عتبه**: الهذلي المدني الفقيه. هي بزرگ اکين کان نابينا هو. فقيه ، ثقه ، ثبت هو. محدثن جي ٽئين طبقي مان هو. حضرت عمر بن عبدالعزيز رضي الله عنه بہ هن جي شاگردن مان هو. مشهور ستن فقيهن مان هڪ هو. سندس والد بہ راسخ علماء مان وڏو تابعي هو ۽ سندس ڏاڏو عتبه حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه جو ڀاءُ هو.

{23} **عبدالرحمن بن مهدي** : (ميم جي زير سان) الهداية کان ورتل اسم مفعول جو صيغو آهي. ابن حسان الامام ابو سعيد الازدي العنبري البصري، اللؤلؤي، وڏن عالمن، حديث جي حافظن، ثقات مان هڪ هو. وڏين ۽ بلند منقبتن جو صاحب هو. سن 135 هجري ۾ ڄائو هو. ان جون روايتون صحاح سته جي صاحبن آنديون آهن. ثقه ، ثبتُ، عدل، حافظ ۽ رجال الحديث جو عارف هو. سن 98 هجري ۾ بصره

۾ وفات ڪئي هيائين.

{24} **عبدالله بن مغفل**: (غ جي زير فا جي شد ۽ پيش سان) هي حضرت سيدنا رسول الله ﷺ جو صحابي بيعة الرضوان وارن مان هو. سندس فرمان آهي تہ مون سرورِ ڪائنات ﷺ جن جي مٿان وڻ جون لٽڪيل ٽاريون پري ٿي ڪيون. اهو پهريون صحابي هو جنهن مڪہ مڪرمہ ڪي فتح ڪرڻ واري ڏينهن اول داخل ٿي تڪبير هنئي هئي.

(جمع الوسائل مع شرح المناوي للشمائل علي حاشيته ج 1 ص 87)

{25} **عبدالسلام بن حرب**: ابو عبدالرحمان النهدي الملائي ڪوفي جي وڏن مشائخن ثقات ۽ مستند عالمن مان هو. حضرت انس بن مالڪ جي حياتيءَ ۾ ڄائو هو. ترمذي فرمايو تہ ثقه حافظ آهي. دار قطني چيو تہ ثَقه حجة آهي ابنِ معين ۽ ابنِ سعيد چيو تہ "ضعيف آهي" سن 187 هجري ۾ وفات ڪئي هيائين. ان ڪان وڏي جماعت حديث روايت ڪئي آهي. (شرح المناوي علي حاشية جمع الوسائل ج 1 ص 88)

{26} **عن رجل**: (هڪ شخص ڪان) اهو ڪير هو؟ ان ۾ مختلف قول آهن. (1) حڪم بن عمرو هو (2) عبدالله بن سرجس هو. (3) عبدالله بن مغفل هو ۽ اهو قول هن سان متصل مذڪور حديث جي ڪري وڌيڪ ويجهو آهي، پر حديث ۾ ان صحابي جي نالي ذڪر نہ ٿيڻ جي ڪري ڪو فرق نہ پوندو. ڇوتہ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان سڀ عادل آهن (ڪنهن بہ ڳالهہ ڪئي تہ اها اکين تي آهي)

{27} **عبدالرزاق**: ابن همام بن نافع الحميري. ثقه حافظ، مشهور مصنف آهي. آخر عمر ۾ نابينا ٿي ويو هو. حديث جي وڏن عالمن جو بہ استاد هو. 126 هجري ۾ ڄائو هو. ڪتاب لکيا هيائين. سن 211 هجري ۾ وفات ڪئي هيائين.

{28} **عبدالله بن عمر**: بن حفص بن عاصم بن عمر بن الخطاب. الفقيه، ثقہ، ثبت وڏن فقيهن مان آهي. امام احمد هن کي امام مالڪ ﷺ کان بہ مقدم قرار ڏنو آهي. هن نافع ﷺ کان روايتون ڪيون آهن. هن هڪ سؤ چوئيتاليهہ يا پنجيتاليهہ يا ستيتاليهہ هجري ۾ وفات ڪئي.

{29} **علي بن صالح**: الڪوفي الهمداني هن کي هڪ جماعت ثقه قرار ڏنو آهي. علم، عمل ۽ قراءت ۾ رئيس ۽ راس هو. سن هڪ سؤ ٽيونجاهہ 153 هجري ۾ وفات ڪئي هيائين. ان جون روايتون بخاريءَ کان سواءِ ٻين محدثن جي جماعت آنديون آهن.

{30} **عبدالملڪ بن عُمير**: عمر جو مُصغر آهي. اللخمي العجلي ۽ هڪ قول مطابق القبطي فصيح، عالم هو. آخري عمر ۾ حافظو گهٽجي ويو هوس. امام احمد ۽ ابنِ معين فرمايو تہ "مضطرب الحديث آهي ۽ محدثن جي هڪ جماعت ان کي ثقه چيو آهي. تقريبن هڪ سؤ سال جي عمر ۾ سن هڪ سؤ ڇٽيهہ 136 هجري ۾ وفات ڪئي هيائين.

{31} **عثمان بن موهب**: (ميم ۽ ها جي زبر سان) هتي ان جي ڏاڏي ڏانهن نسب ذڪر ڪيل آهي ڇوتہ اهو عثمان بن عبدالله بن موهب آهي. اهو تيمي مدني آهي. حضرت ابو هريره، حضرت ابن عمر ﷺ ۽ ٻين ڪان روايت ڪئي اٿس ۽ ان ڪان شعبة ۽ ٻين روايت ڪئي آهي ثقہ ۽ محدثن جي چوٿين طبقي مان آهي. هن جي روايت بخاري ۽ مسلم آندي آهي ۽ پر عثمان موهب جو پُٽ محدثن جي پنجين طبقي مان آهي. صحاح ستہ جي لکندڙن مان نسائي ڪان سواءِ ان جي حديث ڪنهن بہ نہ آندي آهي.

{32} **عبدالله بن عبد الرحمن**: هي سمرقند جو عالم، حافظ ثبت، مشهور مسند جو صاحب آهي. ابو حاتم چيو تہ "پنهنجي زماني ۾ (علم جو) امام هو ان کان محدثن جي جماعت حديث روايت ڪئي آهي. علامہ مناوي لکيو آهي تہ عبدالله بن عبدالرحمان بن الفضل بن بهرام سمرقندي دارمي، بني دارم قبيلي ڏانهن نسبت ڪيل آهي. يزيد بن هارون ۽ نضر بن شميل کان حديث روايت ڪئي اٿس." هن کان محدثن جي جماعت حديث روايت ڪئي آهي. علامہ علي قاري لکيو آهي تہ "هن کان مسلم، ابو داؤد ۽ شمائل ۾ ترمذي حديث روايت ڪئي آهي. سن ٻہ سؤ پنجونجاهہ 255 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{33} **عمرو بن عاصم** : بن عبدالله الڪلابي، العبسي، البصري الحافظ گهٽ کان حديث روايت ڪئي اٿس جن مان شعبة بہ آهي ۽ هن کان بخاري ۽ ٻين گهٽ روايت ڪئي آهي، پاڻ فرمايو اٿس تہ "مون حماد کان هزارين حديثون لکيون آهن. علامہ ابنِ حجر فرمايو تہ "حديث جي روايت ۾ سچو آهي. حديث املاء ڪندو هو. حافظي ۾ ڪمزوري هيس. ان جون حديثون صحاح سته ۾ آهن. سن 213 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{34} **عبدالله بن محمد**: بن عقيل (عقيل دليل وانگر) بن ابي طالب الهاشمي. عبدالله جي امان زينب بنت علي (رضي الله عنها) آهي. عبدالله سچو آهي. امام احمد ۽ ابنِ راهويہ ان سان حجت وٺندا هئا. حضرت عمر ۽ حضرت جابر وغيرهما کان حديث روايت ڪئي اٿس ۽ هن کان معمر وغيره روايت ڪئي آهي. هن کان بخاري تاريخ ۾ ۽ ابو داؤد ۽ ابنِ ماجه روايت آندي آهي. چاليهن سالن کان پوءِ وفات ڪئي هيائين. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ص 100 ج 1)

{35} **عباد بن منصور**: (عين جي زبر ۽ با جي شد سان) ابو سلمة البصري القاضي. حديث جي روايت ۾ سچو آهي آخري عمر ۾ ان ۾ تغير اچي ويو هو. ان جي حديث امام بخاري التعليق ۾ آندي آهي ۽ ابو داؤد، ترمذي، نسائي ۽ ابن ماجه پنهنجي صحاح ۾ ان جون روايتون آنديون آهن. الڪاشف جي صاحب فرمايو تہ "ضعيف" آهي ۽ نسائي چيو تہ قوي ناهي.

{36} **عبدالله بن الصباح الهاشمي، البصري** : الصباح (صاد جي زبر ۽ با جي شد سان) المريدي ثقه، محدثن جي ڏهين طبقي جي وڏن عالمن مان آهي ان جون روايتون صحاح سته جي مصنفن ابنِ ماجه کان سواءِ آنديون آهن سن ٻہ سؤ پنجاهہ 250 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{37} **عبيدالله بن موسىٰ** : اي العبسي. السيد الجليل ابو محمد. حديث جي مشهور حفاظ مان آهي، قراءت جو عالم هو. ۽ ڪڏهن بہ کلندي نہ ڏٺو ويو. ابنِ حجر هن کي ثقه سڏيو آهي نائين طبقي جي محدثن مان هو. صحيح قول مطابق سن ٻہ سؤ ڏهہ 210 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين. ان جو روايتون صحاح سته ۾ آيل آهن.

{38} **عبدالله بن عثمان بن خشيم** : القاري المڪي، ابو حاتم جو قول آهي تہ صالح الحديث هو. ان جي روايت امام بخاري التعليق ۾ ۽ باقي پنجن محدثن بہ آندي آهي. سن 132 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{39} **عثمان بن عبدالملڪ** : اي المڪي، المؤذن. هن کي مستقيم چيو ويندو هو. هن جي روايت ڪيل حديث سنَد جي لحاظ سان لين آهي. ان جون روايتون ترمذي شمائل ۾ ۽ نسائي ۽ ابنِ ماجه آنديون آهن. ابو حاتم فرمايو تہ "منڪر الحديث" آهي ۽ احمد فرمايو تہ ائين ناهي. محدثن جي

پنجين طبقي مان آهي، حضرت حسين ﷺ کي ڏٺو هئائين ۽ ابن المسيب کان روايت ڪئي اٿس ۽ هن کان ابو عاصم روايت ڪئي آهي.

{40} **عبدالله بن محمد بن الحجاج بن عثمان الصواف** : سچو آهي. هن کان ابنِ خزيمه وغيره حديث آندي آهي. سن 255 هه ۾ وفات ڪئي هئائين.

{41} **عروة بن عبدالله بن قشيم** : الجعفي . ابن حجر چيو ته ثقه آهي. ابنِ سيرين ۽ هڪ جماعت کان حديث روايت ڪئي اٿس ۽ هن کان سفيان وغيره روايت ڪئي آهي. ان جون روايتون ابو داؤد ۽ ابنِ ماجه آنديون آهن.

{42} **عبد بن حُميد** : حميد (تصغير سان) هن جو نالو عبدالحميد هو ۽ بعض علماء فرمايو ته "هن جو نالو "نضر" هو. ثقه ، حافظ گهڻين تصنيفن جو صاحب هو. حديث جي طلب ۾ شهرن جا سير گهڻا ڪندو هو. محدثن جي يارهين طبقي مان هو. علي بن عاصم، نضر بن شميل ، ابن ابي فديڪ ۽ گهڻي خلق کان روايتون ڪيون اٿس ۽ هن کان مسلم، ترمذي ڪيترن روايت آندي آهي. سن 249 ۾ وفات ڪيائين.

{43} **علي بن خشرم** : خشرم (جعفرُ وانگر) المروزي، الحافظ هن کان مسلم، نسائي ۽ ابن خزيمه روايتون آنديون آهن. نسائي هن کي ثقه چيو آهي. سن 257 هه ۾ وفات ڪئي هيائين.

{44} **عبيدالله بن اياد بن لقيط السدوسي** : "صدوق " آهي. ابنِ ماجه کان سواءِ باقي پنجن محدثن ان جي حديث آندي آهي. سن 169 هه ۾ وفات ڪئي هيائين.

{45} **عروة بن المغيرة بن شعبة الثقفي الكوفي** : ڪوفي جو والي ٿي رهيو هو. سن 60 هه کان پوءِ وفات ڪئي هيائين.

{46} **عن ابيه** (پنهنجي پيءُ کان) هن مان مراد حضرت مغيرة ﷺ مشهور صحابي آهي. حضور ڪريم ﷺ جي خادمن مان هوندو هو. ان جون روايتون صحاح سته وارن آنديون آهن.

{47} **عبدالله بن الحارث** : ابن نوفل الهاشمي جليل القدر تابعي آهي هن کان حديثون روايتون ڪيل آهن ۽ هن جو والد ۽ ڏاڏو صحابي هئا. هن جي ثقه هجڻ تي اجماع آهي. سن 84 هه ۾ وفات ڪئي هيائين. هن جون حديثون صحاح سته ۾ آهن.

{48} **عيسىٰ بن طهمان** : (طا جي زبر ها جي جزم سان) عطشان وانگر. ابوبڪر بصري، ڪوفي ۾ رهندو هو. حضرت انس ۽ ٻين کان حديثون روايت ڪيون اٿس. ۽ هن کان يحيىٰ بن آدم، قبيصة ۽ عروة روايتون آنديون آهن. ثقه آهي "التقريب" ۾ آهي ته "صدوق" آهي. ان جون حديثون بخاري ۽ نسائي آنديون آهن.

{49} **عبيد بن جريح** : مدني ، تابعي آهي هن جي روايت بخاري، مسلم ۽ ٻين آندي آهي.

{50} **عمرو بن حريث** : القرشي الخزومي : ننڍي عمر وارو صحابي آهي ان جون روايتون صحاح سته وارن آنديون آهن. واقدي جو قول آهي ته سرڪارِ دو عالم ﷺ جي دنيا تان رحلت وقت ان جي عمر ڏهه سال هئي. هن کان هن جي پُٽ جعفر ۽ خليف ۽ اصبغ ۽ هارون روايتون آنديون آهن.

{51} **عبدالرحمٰن بن قيس ابو معاويه** : الضبي، الزعفراني : هن کي ابوزرعة ڪوڙو سڏيو آهي. هن جي روايت صحاح سته ۾ ناهي.

{52} **عبدالله بن وهب** : بن مسلم القرشي، البصري ثبت عالمن مان تصنيفن جو صاحب آهي. سن 125 هہ ۾ ڄائو هو ۽ سن 177 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين هن جون روايتون محدثن جي جماعت آنديون آهن.

{53} **عبدالله بن نمير** : الهمداني ابو هشام الڪوفي ثقہ آهي. محدثن جي نائين طبقي مان هو. هن ڪان گهڻن محدثن روايتون آنديون آهن.

{54} **عن ابيہ** : هن مان مراد عبدالله بن حنين آهي. ثقه، محدثن جي ٽئين طبقي مان آهي صحابي هو. حضور ڪريم ﷺ جي خدمت ڪندو هو. پوءِ پاڻ ان کي حضرت عباس ﷺ کي هبہ طور عطا ڪيو هيائون.

{55} **عبدالله بن نمير** : (نون جي پيش سان) مُصغر آهي.

{56} **عبدالله بن محمد** {57} **عبدالله بن جعفر** : هنن ٻنهي جو تعارف شارحن هن روايت ۾ نہ آندو آهي، مون بہ انهن جي نهج کي اختيار ڪيو آهي. (والله اعلم)

{58} **عبدالله بن ميمون** : بخاري فرمايو تہ "ذاهب الحديث" هو. ابو حاتم فرمايو تہ متروڪ (جنهن جي روايت ڇڏيل هجي) هو. ابو زرعة فرمايو تہ "واهي روايتون ڪندڙ هو" ابن حبان چيو تہ "هن سان احتجاج جائز ناهي." محدثن جي اٺين طبقي مان هو. هن ڪان مصنف روايت آندي آهي.

{59} **عن ابيه** : هن مان مراد محمد بن علي بن حسين بن علي بن ابو طالب ﷺ آهي جنهن جو لقب "الباقر" آهي. الباقر جي معنيٰ چيريندڙ کوليندڙ آهي. پاڻ علم کي کولي کولي ان جا اصول فروع بيان ڪيا هيائون. ان جي ڪري ڪين ان لقب سان ياد ڪيو ويندو آهي. هن جي امان ام عبدالله بن الحسن بن علي بن ابي طالب ﷺ آهي. هي حضرت جليل القدر تابعي آهي سن 56 هہ ۾ ڄائو هو ۽ سن 118 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين. هن حضرت جابر ۽ حضرت انس ﷺ ڪان حديث روايت ڪئي آهي. هن ڪان بخاري ۽ مسلم حديثون روايت ڪيون آهن.

{60} **عباد بن العوام الواسطي**: هن کي ابو حاتم ثقه چيو آهي ۽ امام احمد فرمايو "هن جي ابن ابي عروبة ڪان روايت مضطرب آهي هن سن 185 هہ ۾ وفات ڪئي هئي. هن ڪان صحاح سته وارن روايتون آنديون آهن.

{61} **عبدالعزيز ابي حازم** : هن بزرگ جو وڏو مقام هو. امام مالڪ ڪان پوءِ مدينہ منوره ۾ هن ڪان وڌيڪ ڪوبہ فقيہ نہ هو. ابن معين فرمايو تہ ثقه آهي. هن ڪان محدثن جي جماعت حديث تخريج ڪئي آهي. سن 184 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{62} **عثمان بن سعد**: الڪاتب، المؤدب البصري، هن جي سندَ کي گهڻن "الينُ" سڏيو آهي. هن ڪان ابو داؤد حديث آندي آهي.

{63} **عقبة بن مكرم** : اسم مفعول جي صيغي تي بصره جو رهاڪو حديث جو حافظ هو. هتي عقبة بن عامر الضبي الڪوفي مراد ناهي. ابو داؤد فرمايو تہ هي روايت جي لحاظ سان مون وٽ حديث جي راوي بندار ڪان وڌيڪ آهي. هن ڪان محدثن جي جماعت روايتون آنديون آهن. سن 243 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{64} **عبدالله بن سعيد الكندي**، الڪوفي، الحافظ ابو حاتم فرمايو تہ پنهنجي زماني ۾ امام،

حديث جي روايت ۾ ثقه آهي. شطوي محدث فرمايو ته مون ان کان وڌيڪ حافظ نه ڏٺو"هن کان صحاح سته جي صاحبن حديثون روايت ڪيون آهن. سن 257 هه ۾ وفات ڪيائين.

{65} **عيسيٰ بن احمد** : ثقه آهي. عيسيٰ بن احمد بن وردان العسقلاني، بلخ واري عسقلان ڏانهن نسبت ڪيل آهي هن جي روايت ترمذي ۽ نسائي آندي آهي. سن 268 هه ۾ وفات ڪئي هيائين.

{66} **عبدالعزيز بن محمد المدني** : ٻين جي ڪتابن مان روايت ڪندو هوان جي ڪري غلطيون ڪري ويهندو هو. نسائي فرمايو ته هن جي عبدالله العصري کان روايت منکر آهي محدثن جي اٺين طبقي مان هو. هن کان محدثن جي جماعت حديثون آنديون آهن.

{67} **عبيدالله بن عمر**: هي عبيدالله بن عبدالله بن عمر آهي. سالم جو ڀاءُ هو ان کان اڳي وفات ڪئي هيائين.

{68} **عمتي**: (پنهنجي ڦڦي) هن جو نالو رهم (را جي پيش ۽ ها جي جزم سان) هو.هي اسود بن خالد جي ڌيءُ هئي. التقريب ۾ اهڙي طرح آهي ۽ بعض جو قول آهي ته اسود بن حنظله جي ڌيءُ هئي.

{69} **عمها** : پنهنجي چاچي کان : ان جو نالو عبيدالله بن خالد المحاربي هو.

{70} **عن عمه**: پنهنجي چاچي کان : هن مان مراد عبدالله بن زيد بن عاصم، ابو محمد مشهور صحابي، ﷺ آهي وضوء جون صفتون وغيره روايت ڪيون اتس ۽ چيو وبو آهي ته نبوت جي ڪوڙي مدعي، مسيلمة ڪذاب کي ان قتل ڪيو هو. حره جي واقعي ۾ شهيد ڪيو ويو هو. هن کان صحاح سته وارن حديثون روايت ڪيون آهن.

{71} **عن ابيه** : هن مان مراد عبدالرحمان آهي.

{72} **عباس بن محمد الدوري** (دال جي پيش سان) ثقه ، حافظ آهي ان کان ابو داؤد، ترمذي، نسائي ۽ ابنِ ماجه حديثون آنديون آهن. ابنِ معين فرمايو ته "عباس اسان جو پيارو ۽ دوست آهي." اصم جو قول آهي ته مون پنهنجن مشائخ ۾ ان کان وڌيڪ (حديث جي روايت جي لحاظ سان) سهڻو نه ڏٺو. الدور بغداد شريف ۾ هڪ محله آهي ان جي لحاظ سان کيس الدوري، البغدادي سڏيو ويندو آهي.

{73} **عبدالرحمٰن بن ابي بکرة** : اهو پهريون ٻار هو جيڪو بصره ۾ اسلام اچڻ کان پوءِ ڄائو هو. بصري، تابعي آهي هن وڏن اصحابن کان حديث روايت ڪئي ۽ هن کان به وڏن تابعن حديث روايت ڪئي آهي. هن جي ثقه هجڻ تي اتفاق آهي. هن کان محدثن جي جماعت حديث آندي آهي.

{74} **علي بن الاقمر بن عمرو** : الودعي، ڪوفي، ثقه محدثن جي چوٿين طبقي مان آهي. ان کان محدثن جي جماعت حديث روايت ڪئي آهي.

{75} **عطاء بن مسلم** الخفاف الحلبي ڪوفي آهي، حلب ۾ رهندو هو ابو داؤد هن کي ضعيف چيو آهي ۽ ابو حاتم چيو ته هن سان حجت نه ورتي ويندي. محدثن جي نائين طبقي مان آهي، هن کان نسائي ۽ ابنِ ماجه حديث آندي آهي. سن هڪ سؤ نوي هجري ۾ وفات ڪئي هيائين.

{76} **عطاء بن ابي رباح** : رباح (سحاب وانگر) : ابو محمد القرشي، المڪي، وڏن عالمن مان هڪ هو. وڏو تابعي آهي. انهن چئن اصحابن رضي الله عنهم کان حديث ٻُڌي هيائين جن جا نالا عبدالله هئا ۽ ام المؤمنين عائشه صديقه ﷺ کان به حديث ٻڌي هيائين. ۽ هن کان ابو حنيفه ۽ الليث وغيرهما

حديث ٻُڌي هئي. اناسي سالن جي عمر ۾ سن 114 يا 115 ۾ وفات ڪئي هيائين.

{77} **عبدالرحمٰن بن يزيد** : هي الاسود جو ڀاءُ هو. ڪوفي جو رهاڪو ثقه هو. هن ڪان جماعت حديثون روايت ڪيون آهن. الاسود بن يزيد ابن القيس النخعي ابوعمرو يا ابو عبدالرحمان ثقه حديثون گهڻيون بيان ڪندڙ فقيہ محدثن جي ٻئي طبقي مان هو. ڪذا في التقريب.

{78} **عبدالله بن معاويہ** : الجمحي : الجمح جبل ڏانهن نسبت آهي جيڪو بني نضير وارن جي علائقي ۾ هوندو هو. معاوية جي ڪنيت ابو جعفر البصري آهي ترمذي ڪان سواءِ ابو داؤد ۽ نسائي بہ هن جون روايتون آنديون آهن. سؤ سال ڪان وڌيڪ عمر هُيس. سن 243 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{79} **عبيدالله بن عبدالمجيد الحنفي** : قبيلہ ربيعه جو هڪ پاڙو حنفيہ آهي ان جي ڪري الحنفي سڏيو ويو. ثقه آهي ان ڪان محدثن جي جماعت روايتون آنديون آهن. ابو حاتم وغيره چيو تہ هن جي روايت ۾ "لين" آهي.

{80} **عباد بن عباد المهلبي** : المُهلب (مفعول جي صيغي سان) قبيلي ڏانهن نسبت آهي ثقه آهي. وهمي هوندو هو. هن ڪان محدثن جي جماعت حديث تخريج ڪئي آهي.

{81} **عبدالوارث بن سعيد بن ذڪوان** : هي تميم قبيلي مان هو. حافظ، ثبت، حجت، مقري، فصيح آهي. هن ڪان محدثن جي جماعت حديث تخريج ڪئي آهي.

{82} **عبدالله بن عيسىٰ بن عبدالرحمٰن بن ابي ليلي:** انصاري آهي. ثقه هو. هن ڪان محدثن جي جماعت حديثون روايت ڪيون آهن. ڇهين طبقي مان هو.

{83} **عطا** : مقبول، شامي، انصاري آهي. چوٿين طبقي مان هو.

{84} **عمر بن الخطاب** ﷺ : معروف ۽ مشهور شخصيت آهي، ڏهہ سال ۽ ڪجهه مهينا خلافت جي مسند تي فائز رهيو ۽ امير المؤمنين جو لقب بہ اول کيس ڏنو ويو. هن جي ثقه هجڻ تي محدثن جو اتفاق آهي. 63 سال جي عمر ۾ 24 هہ ۾ شهادت حاصل ڪئي هيائين.

{85} **عن ابيہ** : هن جو نالو جابر هو. مشهور صحابي هو.

{86} **عطاء بن يسار** : الهلالي، محمود، المدني القاضي وڏن تابعن ۽ وڏن عالمن مان هو ان جي ثقہ هجڻ تي اتفاق آهي. هن ڪان جماعت حديثون آنديون آهن.

{87} **عبدالوهاب بن يحييٰ** : بن عبدالله بن زبير. دار قطني فرمايو تہ : هن سان حجت ورتي ويندي آهي ۽ ابنِ معين فرمايو تہ: ان جو لائق نہ آهي ۽ ابن المديني فرمايو تہ : هي ان جو اهل نہ آهي جو ان ڪان حديث آندي وڃي. نسائي هن کي ضعيف چيو آهي. شمائل جي صاحب هن جي صرف هڪ ئي حديث آندي آهي.

{88} **عبدالله بن المومل المخزومي المڪي** : هن ابي مليڪة ۽ عطا ڪان حديث ورتي ۽ هن ڪان امام شافعي ۽ ابو سعدون ۽ گهڻي خلق حديث ورتي هئي. مڪہ مڪرمہ جو قاضي ٿي رهيو هو. ابو داؤد فرمايو تہ منڪر الحديث هو ۽ ابو حاتم فرمايو تہ قوي ناهي ۽ زين الحفاظ فرمايو تہ "جمهور هن کي ضعيف چيو آهي سن 180 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{89} **عروة بن مرة** : الهمداني، ڪوفي، ثقه، عابد هو. محدثن جي اٺين طبقي مان هو. هن ڪان محدثن

جي جماعت حديثون تخريج ڪيون آهن.

{90} **عبدالله بن عبدالرحمٰن** بن معمر الانصاري, ابو طُوالة (طوالة ثمانة وانگر) مديني منوره جو قاضي هو. ثقه آهي روزا رکندو هو. محدثن جي پنجين طبقي مان هو. هن کان محدثن جي جماعت حديثون آنديون آهن.

{91} **عبدالعزيز بن محمد**: بن عبدالله الداوردي الجهني. ابنِ معين فرمايو آهي تہ فليح کان وڌيڪ ثبت آهي ۽ ابو زرعة فرمايو تہ حافظو خراب هيس. هن کان محدثن جي جماعت حديثون روايت ڪيون آهن. سن 187 هہ ۾ وفات ڪيائين.

{92} **عن ابيہ السمان الزيات المدني**: هن جو نالو "ذڪوان" هو ثقه, ثبت آهي ڪوفي ۾ تيل ڪٺي اچي کپائيندو هو. مدني, غطفاني آهي ان جي ثقه هجڻ تي اتفاق آهي. محدثن جي ٽئين طبقي مان هو. هن کان صحاح سته وارن حديثون روايت ڪيون آهن.

{93} **عبيدالله بن علي**: ابو حاتم فرمايو تہ ان سان حجت نہ ورتي ويندي ۽ ٻين هن کي ثقه چيو آهي. هن کان ابو داؤد ۽ ابنِ ماجہ حديثون روايت ڪيون آهن.

{94} **عبدالله بن محمد بن عقيل هاشمي**: هي مدني آهي هن جي امان سائڻ زينب بنت علي رضي الله عنهما آهي. ابو حاتم وٽ هن جي روايت لين آهي. ابنِ خزيمه فرمايو تہ مان هن سان حجت نہ ٿو وٺان. هن کان بخاري "الادب المفرد" ڪتاب ۾ ۽ ابو داؤد ۽ ابنِ ماجه روايتون آنديون آهن.

{95} **عثمان بن عبدالرحمٰن التيمي** المدني ثقه آهي محدثن جي پنجين جماعت مان آهي هن کان محدثن جي جماعت حديثون آنديون آهن.

{96} **عائشہ بنت طلحہ**: هي ام ڪلثوم بنت الصديق جي ڌيءُ آهي هن جون روايتون محدثن جي جماعت آنديون آهن.

{97} **عمرو بن دينار**: هن جي ڪنيت ابو الاشرم آهي. المڪي آهي. ثقه, ثبت, محدثن جي چوٿين طبقي مان هو. هن کان جماعت حديث روايت ڪئي آهي.

{98} **عبدالڪريم الجرجاني**: جرجان جو قاضي هو. هن ابنِ جريج ۽ امام ابو حنيفه کان روايتون آنديون آهن ۽ هن کان امام شافعي ۽ قتيبة روايتون آنديون آهن. مڪہ مڪرمہ ۾ رهندو هو.

{99} **عبدالاعلي بن واصل بن عبد الاعلي, الاسدي**: ڪوفي آهي. ثقه آهي, محدثن جي نائين طبقي مان هو. هن کان نسائي بہ حديث تخريج ڪئي آهي.

{100} **عمر بن ابي سلمہ**: هن جي ڪنيت ابو حفص آهي, المخزومي آهي سيده ام سلمہ مان حضور ڪريم ﷺ جو نيپاج آهي. سن 83 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{101} **عبدالله بن يزيد بن الصلت**: هي الشيباني آهي. ابو الروح القاهري سان مشهور آهي جرير جو قول آهي تہ ثقه آهي هن کان نسائي بہ حديث تخريج ڪئي آهي.

{102} **علي بن زيد**: بن عبدالله بن زبير: هي بصره ۾ حديث جي حافظن مان هڪ حافظ هو. دارقطني ان کي ملين سڏيو آهي. امام بخاري هن جي روايت "الادب المفرد" ۾ آندي آهي. باقي پنجن محدثن بہ هن کان روايتون آنديون آهن. هن جي وفات سن 131 هہ ۾ ٿي هئي.

{103} **عمر ابن ابي حرمله** : محدثن جي چوٿين طبقي مان هو. هن جي روايت ابو داؤد ۽ النسائي آندي آهي.

{104} **عمرو بن شعيب السهمي**، يحييٰ ابن قطان فرمايو تہ "جڏهن هن کان حديث روايت ڪئي وڃي تہ ثقه آهي، حجة آهي ۽ امام احمد فرمايو تہ "گهڻا وقت اسان هن سان حجت ورتي آهي ۽ محدث امام بخاري فرمايو تہ "امام احمد، ابن المديني، اسحاق ۽ اسان جي گهڻن ساٿين کي مون ڏٺو تہ "هن سان حجت وٺن پيا. سن 118 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{105} **عن ابيه**: شعيب بن محمد بن عبدالله بن عمرو بن العاص سچو آهي، حديث جي روايت ۾ ثبت آهي ۽ محدثن جي ٽئين طبقي مان آهي هن کان " القدر" ۾ بخاري ۽ چئن محدثن روايتون آنديون آهن.

{106} **عن جده** : هي ضمير شعيب ڏانهن وري ٿو هن جو ڏاڏو عبدالله بن عمرو بن العاص مشهور صحابي آهي ۽ محمد نالي صحابي ناهي ۽ نہ شعيب پنهنجي پيءُ محمد کان روايت ڪئي آهي جيئن حديث جي ناقدن وٽ ثابت آهي ۽ سنن ابي داؤد ۽ نسائي وغيرهما ۾ عن عمرو بن شعيب عن ابيه عن جده عبدالله بن عمرو بن العاص جي لفظن سان گهڻو آيو آهي پوءِ هن جي بيان ڪيل حديث متصل آهي ان ۾ ڪوبہ طعن نہ آهي ۽ علامہ ابنِ حجر فرمايو تہ "هتي مراد ان جو واسطي سان ڏاڏو يا سندس پيءُ جو ڏاڏو مراد آهي ۽ اهو عبدالله الصحابي، الجليل آهي جيڪو پنهنجي پيءُ کان بہ شان ۾ افضل هو ۽ پنهنجي پيءُ ۽ ٻين ڪيترن کان حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کان علم وٺڻ ۾ گهڻو هو ان جي حديث موصول آهي ان سان حجت ورتي ويندي آهي خاص ڪري امام بخاري هن جي روايت ڪتاب القدر ۾ آندي آهي. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 251، 252)

{107} **عبدالملڪ بن ميسره** : الهلالي، الڪوفي آهي، ثقه ، محدثن جي چوٿين طبقي مان هو. هن کان صحاح سته وارن حديثون آنديون آهن.

{108} **عبدالوارث بن سعيد** : علامہ مناوي فرمايو آهي تہ عبدالوارث بن سعيد بن ذڪوان. التميمي البصري. ابو عبيده الحافظ هن ايوب، ابي التياح ۽ يحييٰ البڪاءکان روايتون ڪيون آهن ۽ هن کان سندس پُٽ عبدالصمد، ابو معمر المقعدي ۽ مسدد روايتون ڪيون آهن. نهايت فصيح، بهترين عربي ڳالهائيندڙ ثبت ۽ صالح هو. 180 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{109} **عن ابيہ** : هو ڪريب آهي. تصغير جي صيغي سان ابن ابي مسلم الهاشمي، المدني. ذهبي فرمايو تہ محدثن هن کي ثقه چيو آهي. سن 98 هہ ۾ مدينہ منوره ۾ وفات ڪئي هيائين. هن کان محدثن جي جماعت حديثون آنديون آهن.

{110} **عبدالرحمٰن بن ابي عمره** : هي بخاري انصاري آهي. هڪ قول مطابق رسول الله ﷺ جي دور ۾ ڄائو هو. پر صحبت نہ ڪئي هيائين.

{111} **عبدالڪريم الجزري** : حافظ گهڻيون روايتون آڻيندڙ آهي. هن کان محدثن جي جماعت حديثون تخريج ڪيون آهن. سن 127 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{112} **عبيده بنت نائل** : محدثن جي ستين طبقي مان هئي. هن جي روايت شمائل جي مصنف آندي آهي. تهذيب ۾ مذڪور آهي تہ هن کي ابنِ حبان ثقن راوين ۾ ذڪر ڪيو آهي.

{113} **عن ابيها** : هن مان مراد حضرت سعد بن ابي وقاص صحابي ﷺ آهي جيڪو ڏهن جنت جي بشارت ڏنلن مان هڪ ۽ آخر ۾ وفات ڪرڻ وارو پهريون اهو شخص هو. جنهن الله ﷻ جي واٽ ۾ تير هنيو هو. سيني جنگين ۾ شريڪ هو. کيس "فارس الاسلام" سڏيو ويندو هو.

{114} **عبدالله بن المختار البصري** : هن جي روايت ۾ ڊپ ناهي، شعبة فرمايو ته مون کان ننڍو هو ۽ ابنِ معين فرمايو ته "ثقہ آهي" بخاري کان سواءِ باقي محدثن جي جماعت هن کان تخريج ڪئي آهي.

{115} **عبدالله بن مسلم بن جندب الهذلي المدني، المقري** : ابوزرعة فرمايو ته هن جي روايت ۾ ڪو ڊپ ناهي. محدثن جي ٽئين طبقي مان آهي هن جي روايت صرف شمائل جي مصنف آندي آهي.

{116} **عن ابيه** : اهو مسلم الهذلي، القاضي آهي. ثقه ۽ فصيح هو. امام بخاري هن جي راويت "خلق الاعمال" ۾ آندي آهي.

{117} **عمر بن اسماعيل بن مجالد بن سعيد الهمداني**: هي بغداد ۾ رهندو هو. ذهبيءَ هن کي ضعيفن ۽ ڇڏيلن ۾ شمار ڪيو آهي. ۽ النسائي ۽ دار قطني چيو ته ڇڏيل آهي محدثن جي ڏهين طبقي مان هو.

{118} **عبيدالله بن مغيرة بن معيقيب** : ابو المغيرة السبائي سچو آهي. محدثن جي چوٿين طبقي مان هو. هن کان ابنِ ماجه حديث آندي آهي.

{119} **عبدالله بن الحارث بن جزء الزبيدي** : هي صحابي آهي، مصر ۾ رهائش ڪئي هيائين هن کان ابو داؤد ۽ ابنِ ماجه حديثون آنديون آهن.

{120} **عبيدة** (عين جي زبر ۽ با جي زير سان) : هن مان السليماني مراد قبيلي مان هڪ پاڙي ڏانهن نسبت ڪيل آهي. ڪوفي جو رهاڪو هو. مصطفيٰ ﷺ جي دور ۾ مسلمان ٿيو هو. (پر صحبت ميسر نه ٿي هيس) ابنِ عيينه جو قول آهي ته علم ۾ شريح جي برابر هو. سن 72 هجري ۾ وفات ڪئي هيائين.

{121} **علي بن الحسن بن شقيق المروزي العبدي** : هن کان محدثن جي جماعت حديث تخريج ڪئي آهي. ابن المبارڪ جي ڪتاب جو حافظ هو. سن 215 هه ۾ وفات ڪيائين.

{122} **عبدالله بن عبدالرحمان الطائفي** : ابو حاتم چيو ته قوي ناهي پين چيو ته سچو آهي پر روايت ۾ خطا ڪندو هو وهمي مزاج جو هو. محدثن جي ستين طبقي مان هو هن کان محدثن جي جماعت حديثون آنديون آهن.

{123} **عمرو بن الشريد بن سويد** : هن پنهنجي پيءُ کان ۽ پنهنجي ڏاڏي کان ۽ ٻي جماعت کان روايتون آنديون آهن ۽ هن کان ابراهيم بن ميسره ، يعليٰ بن عطاء ۽ طائف وارن جي جماعت روايتون آنديون آهن.

{124} **عبدالله بن عروه بن زبير الاسدي** : ثقه ، ثبت فاضل آهي. هن جي روايت بخاري، مسلم، نسائي ۽ ابنِ ماجه آندي آهي. بني اميه جي آخري دور تائين زنده هيو.

{125} **عبدالله بن يزيد المخزومي، المدني المصري** : هي امام مالڪ جي استادن مان هو. ثقه آهي. محدثن جي ڇهين طبقي مان هو. هن کان محدثن جي جماعت حديثون آنديون آهن. هن حضرت براء بن عازب ﷺ کي ڪونه ڏٺو هو ان جي ڪري هيءَ روايت منقطع آهي.

{126} **عُقيل** : مصغر آهي، خالد جو پٽ آهي، حديث جو حافظ ۽ ڪتاب جو صاحب هو. هن کان

محدثن جي جماعت تخريج ڪئي آهي. سن 141 هه ۾ وفات ڪئي هيائين.

{127} **عبدالله بن رباح الانصاري** : هي المدني آهي بصره ۾ سڪونت پذير هو. امام ذهبي فرمايو ته امام آهي. هن جي روايت مسلم ۽ چئن باقي محدثن آندي آهي. سن 28 هه ۾ وفات ڪئي هيائين.

{128} **عبدالله بن ابي بڪر** : الانصاري، مدني ۽ قاضي هو. حجة هو. هن کان چئن محدثن حديثون آنديون آهن. سن 135 هه ۾ وفات ڪئي هيائين.

{129} **عبدالله بن قيس** بن مخرمة المطلبي آهي. وڏو تابعي آهي ۽ بعض علماء جو قول آهي ته هن سيدنا رسول الله ﷺ کي ڏٺو هو. هن جي روايت مسلم ۽ چئن آندي آهي.

{130} **عبدالصمد بن عبدالوارث** : هن جي ڪنيت ابو سهل آهي. حافظ حجت آهي. هن کان صحاح سته وارن حديثون آنديون آهن. سن 207 هه ۾ وفات ڪئي هيائين

{131} **عبدالله بن شقيق العقيلي البصري** : هن حضرت ابي ذر حضرت عمر ﷺ ۽ وڏن صحابن کان روايت ڪئي آهي ۽ هن کان قتاده ۽ ايوب ﷺ روايت آندي آهي. ثقه آهي. هن کان صحاح سته جي صاحبن روايتون آنديون آهن. محدثن جي ٽئين طبقي مان هو.

{132} **عثمان بن ابي سليمان بن ابي مطعم القريشي، الموصلي** : مڪ مڪرمہ جو قاضي هو. امام احمد هن کي ثقه چيو آهي هن کان محدثن جي جماعت حديث تخريج ڪئي آهي. محدثن جي ڇهين طبقي مان هو.

{133} **عاصم بن ضمرة السلولي** : هن کي المديني ثقہ چيو آهي ۽ نسائي فرمايو آهي تہ "ان ۾ ڏپ ناهي" هن کان چئن محدثن (ابو داؤد، نسائي ۽ ابنِ ماجه) روايتون آنديون آهن. سن 74 هه ۾ وفات ڪئي هيائين.

{134} **عبدالرحمٰن بن ابي ليلي الانصاري المدني الڪوفي**: جليل تابعي آهي. سندس ساٿي ڪيس اهڙي تعظيم سان پيش ايندا هئا ڄڻ هي سندس امير هو. سندس پيءُ جو نالو يسار هو ڪن بلال چيو آهي. هن کان محدثن جي جماعت حديثون آنديون آهن ۽ ان جي ثقه هجڻ تي سڀ متفق آهن ۽ سيني سندس ثنا ڪئي آهي. سن 88 هه ۾ وفات ڪئي هيائين.

{135} **عطية** : المازني آهي. هي صحابي هو. هن کان مسلم ۽ باقي چئن محدثن روايت آندي آهي.

{136} **عبدالڪريم الجزري بن مالڪ** : هي حافظ ۽ گهٽي روايت بيان ڪندڙ هو. هن کان محدثن جي جماعت حديثون آنديون آهن سن 127 هه ۾ وفات ڪئي هيائين.

{137} **عبدالله بن السائب بن عابد بن عبدالله المخزومي، المڪي الڪوفي** : هي ۽ هن جو پيءُ صحابي هئا. هن کان محدثن جي جماعت حديثون آنديون آهن.

{138} **عمر بن علي المقدمي** : المقدم ڏانهن نسبت ڪيل آهي. بصري هو. اصل ۾ الواسطي هو. ثقه، محدثن جي اٺين طبقي ڏانهن نسبت ڪيل آهي. هن کان محدثن جي جماعت تخريج ڪئي آهي.

{139} **عباس العنبري** : ابو الفضل عبدالعظيم جو پٽ آهي. بصره جي حفاظ مان هو. هن جي روايت امام بخاري معلق آندي آهي، ۽ ابنِ خزيمه بہ هن کان روايت آندي آهي. هن کان محدثن جي جماعت تخريج ڪئي آهي. سن 246 هه ۾ وفات ڪئي هيائين.

{140} **العلاء بن الحارث ابن عبدالوارث الحضرمي ابو وهب، الدمشقي** : سچو فقيه هو. محدثن جي پنجين طبقي مان هو. هن کان مسلم ۽ ڇئن حديث تخريج ڪئي آهي.

{141} **عن عمہ** : عبدالله بن سعد الانصاري الخزامي : هڪ قول مطابق القرشي، الاموي هو. حرام بن حڪيم جو چاچو هو صحابي هو. نقل ڪيو ويو هو تہ : قادسيہ جي جنگ ۾ موجود هو.

{142} **عبدالله بن داؤد الواسطي**: امام بخاري فرمايو تہ هن جي روايت ۾ نظر ڪرڻ پونديءَ مناوي لکيو آهي تہ : عصام چيو تہ هن کان صرف ترمذي روايت ڪئي آهي پر اٿين آهي ڪون.

{143} **عبدالله بن صالح بن محمد بن مسلم الجهني، ابو صالح المصري** : ابو زرعہ چيو تہ حديث جي فن ۾ حَسنُ آهي. حديث ۾ ڪوڙ نہ هڻندو هو. الفضيل الشعراني فرمايو تہ "مون ان کي حديث بيان ڪرڻ ۽ تسبيح پڙهڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن ڪم ۾ مشغول نہ ڏٺو. ابنِ عدي چيو تہ "مستقيم الحديث آهي. هن کان بخاري تعليق ۾ ۽ ابو داؤد روايت ڪئي آهي. سن 223 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{144} **عمرو بن قيس**: هي بہ آهن (1) عمرو بن قيس : هتي ذڪر ڪيل ثقه آهي هن کان ابو داؤد ۽ النسائي حديثون آنديون آهن.

{145} **ٻيو عمرو بن قيس** اهو آهي جنهن عطاء ۽ نافع کان حديـــثون روايتون ڪيون آهن ۽ ان کان ابن وهب ، احمد ، ابن يونس روايت ڪئي آهي. ان جي حديث ابنِ ماجه بہ آندي آهي.

{146} **عاصم بن حميد، الڪوفي الحمصي** آهي. سچو محدثن جي ٻئي طبقي مان آهي هن جي روايت ابو داؤد ۽ نسائي آندي آهي.

{147} **عوف بن مالڪ الاشجعي**: هي مشهور صحابي آهي. مڪہ مڪرمہ جي فتح وقت مسلمان ٿيو هو. ۽ دمشق ۾ ئي رهيو.

{148} **عمرو بن ابي عمرو** : ابو عثمان مطلب جو آزاد ڪيل غلام هو. ابنِ معين ۽ ابو داؤد فرمايو تہ : قوي ناهي ۽ احمد فرمايو تہ "ليس بہ باس " هن ۾ ڊپ ناهي.

{149} **عمر بن حفص بن غياث ڪوفي** : ثقه آهي. گهڻو ڪري وهمي هوندو هو. ابنِ ماجه کان سواءِ ان کان محدثن جي جماعت حديثون تخريج ڪيون آهن.

{150} **عبدالله بن عبيد بن عمير**: مڪي آهي. ابو حاتم هن کي ثقه چيو آهي بخاري کان سواءِ باقي صحاح سته وارن هن کان روايتون تخريج ڪيون آهن. سن 113 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{151} **عمرو بن محمد** : هن جي ڪنيت ابو سعيد آهي. ڪوفي آهي ابو حنيفہ، عيسيٰ بن طهمان ۽ عقبه کان روايت ڪري ٿو ثقه آهي هن کان پنجن محدثن ۽ امام بخاري "الادب المفرد" ۾ روايت آندي آهي. سن 199 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

(غ)

غ جي حرف سان شمائل ۾ ڪنهن بہ راويءَ جو نالو ذڪر ٿيل ناهي.

(ف)

{1} **فضل بن سهل الاعرج البغدادي**: هي اصل خراسان جو هو. روايت ۾ سچو ذڪي حافظ هو. ابنِ ماجه کان سواءِ ٻين هن کان حديث روايت ڪئي آهي. سن 255 هه ۾ وفات ڪئي هيائين.

{2} **فليح بن سليمان**: فليح بن سليمان بن ابي المغيره، اسلمي، المدني ۽ هڪ قول آهي ته فليح هن جو لقب ۽ سندس نالو عبدالملڪ هو. ابن معين، ابو حاتم ۽ نسائي فرمايو ته قوي ناهي. هن کان صحاح سته جي صاحبن روايتون آنديون آهن. سن 168 هه ۾ وفات ڪئي هيائين.

فائدو: اهو رسول الله ﷺ جي آزاد ڪيل غلام ابي رافع جي پوٽي عبيدالله بن عبدالله جو آزاد ڪيل غلام هو.

{3} **فُضيل بن مرزوق**: هن کي الغر سڏيو ويندو هو. الرقاشي الڪوفي آهي. هن جي ڪنيت ابو عبدالرحمان آهي. محدثن جي ستين طبقي مان هو. مسلم ۽ باقي ڇئن هن کان روايت آندي آهي.

{4} **الفضل بن موسيٰ**: ننڍن تابعن مان ثقه آهي. ذهبي فرمايو ته "مون ان ۾ ڪا نرمي نه ڏٺي مگر جيڪا ابن المديني کان روايت ڪئي هئائين. ان فرمايو ته هن جون روايتون منڪر به آهن. هشام بن عروة ۽ ان جي طبقي کان حديث روايت ڪئي اٿس ۽ هن کان ابن راهويه ۽ جماعت حديث روايت ڪئي آهي. صحاح سته وارن هن جون حديثون روايت ڪيون آهن. علامه مناوي لکيو آهي ته مروز جي ڳوٺ سينان ڏانهن نسبت ڪري سيناني مروزي سڏيو ويندو آهي. محدثن جي نائين طبقي مان هو ان کان صحاح سته جي صاحبن حديث روايت ڪئي آهي. سن 191 يا 192 هه ۾ وفات ڪئي هئائين.

{5} **الفضل بن عباس** رضي الله عنهما : صحابي ۽ رسول الله ﷺ جو سوٽ هو. عمواس واري طاعون ۾ وفات ڪئي هئائين. هن کان صحاح سته وارن حديث روايت ڪئي آهي.

{6} **الفضل بن دڪين**: (دال جي پيش ۽ ڪاف جي زير سان) . ابو نعيم : هن جو نالو عمرو بن حماد هو. هن کان بخاري، ابو زرعة ۽ گهڻن بزرگن روايت آندي آهي ڪوفي جي شهر ۾ شعبان جي آخري تاريخن ۾ سن 219 هه ۾ وفات ڪيائين.

{7} **الفضيل بن سليمان النميري، البصري**: سچو آهي پر گهڻو ڪري خطا ڪري ٿو. انين طبقي مان هو هن کان صحاح سته وارن روايت آندي آهي.

{8} **الفهمي**، الفاخودي، الڪوفي آهي. الرمله ۾ رهندو هو. روايت ۾ سچو محدثن جي نائين طبقي مان هو. هن جي روايت امام بخاري "الادب المفرد" ۾ آندي آهي ۽ هن جي روايت مسلم، ابو داؤد ۽ ابنِ ماجه به آندي آهي.

(ق)

{1} **قتادة** : قتادة بن دِعامة السدوسي (دال جي زير سان) ابو الخطاب البصري، ثقه ثبتُ آهي. ڄمندي ئي ڪوڙهه جي بيماريءَ ۾ مبتلا هو. سن 60 هجري ۾ ڄائو هو. ڪشاف فرمايو آهي ته قتاده رحمه الله کان سواءِ هن امت ۾ ڪو به ڪوڙهه جي بيماري وارو اهڙو نه ڄائو جنهن جون اکيون منهن وانگر ميٽيل هجن. هن بزرگ جي علم ۽ زهد تي علماء جو اجماع آهي. محدثن ۽ مفسرن ۾ چوٿين طبقي جو وڏو

آهي. هن ڪان صحاح سته جي صاحبن روايتون ڪيون آهن. سن 117 هجري ۾ وفات ڪئي هيائين. علامہ علي قاري لکيو آهي تہ علماء جو اجماع آهي تہ حضرت قتاده رضي الله عنه حضرت حسن بصري رضي الله عنه جي ساٿين مان سڀني کان وڏيڪ حافظ هو. ابن المديني کان روايت آهي تہ هڪ سائل حضرت قتاده رضي الله عنه جي دروازي تي سوال ڪيو ۽ موٽي ويو. پوءِ حضرت قتاده رضي الله عنه جو پيالو گم ٿي ويو. ۽ حضرت قتاده رضي الله عنه ڏهن سالن کان پوءِ حج ڪيو تہ اتي هڪ اعرابي اچي خيرات گهري. حضرت قتاده رضي الله عنه جڏهن ان جو ڳالهائڻ ٻڌو تہ: فرمايائين پيالي جو چور هي آهي." جڏهن ان کي وٽني ان کان پڇيائون تہ ان اقرار ڪيو. هن جي روايت واريون حديثون سڀني محدثن آنديون آهن. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ج 1 ص 77)

{2} **قاسم بن مالڪ المزني الڪوفي**: هن کان احمد، ابن عرفہ ۽ گهڻن روايتون آنديون آهن. نوي کان پوءِ وفات ڪئي هيائين. ابنِ حجر فرمايو تہ "سچو آهي، ملين هو ان جون روايتون بخاري، مسلم، نسائي ۽ ابنِ ماجه آنديون آهن.

{3} **قيس بن الربيع الاسدي، الڪوفي**: ابو حاتم جو قول آهي تہ هي سچي هجڻ ۾ قوي ناهي ۽ ٻين هن کي ضعيف سڏيو آهي. ابن عدي فرمايو تہ هن جون عام روايتون مستقيمه آهن هن کان ابو داؤد ۽ ابنِ ماجه حديثون تخريج ڪيون آهن سن 180 ۾ وفات ڪئي هيائين.

{4} **قيس بن حازم**: البجلي، الڪوفي وڏو تابعي آهي. حضور ڪريم ﷺ جن ڏانهن هجرت ڪئي هيائين پر ڪجهہ راتين تي ان کي اها ديدار جي دولت نہ ملي، جو حضور ڪريم ﷺ جن دنيا تان ظاهري رحلت فرمائي ويا. هن کان جماعت حديثون روايت ڪيون آهن ۽ انهن جو اتفاق آهي تہ عشره مبشره کان روايت ڪرڻ ۾ هي ٻين تابعن کان منفرد آهي.

(ڪ)

{1} **ڪُرَيب**: حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو آزاد ڪيل غلام آهي ابو مسلم مدني جو پُٽ آهي. هن حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان ۽ محدثن جي ٻي جماعت کان روايتون ڪيون اٿس ۽ ان کان سندس پُٽ ۽ ڪيترن ٻين حديثون روايت ڪيون آهن. حديث جي روايت ۾ ثقه ۽ ثبت آهي ان کان بہ محدثن جي جماعت حديثون روايت ڪيون آهن. مدينه منوره ۾ سن 98 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{2} **ڪَبشَة**: هي ڪبشة بنت ثابت بن المنذر. صحابياڻي حضرت حسان جي ڀيڻ آهي هن صحبت بہ ڪئي ۽ حديث بہ روايت ڪئي آهي ۽ هن لاءِ تصغير جي صيغي سان ڪُبيشة بہ آيو آهي ۽ شمائل جي ڪجهہ شارحن جيئن علامہ مناوي فرمايو تہ هتي ڪبشہ مان مراد ڪعب بن مالڪ انصاري جي نياڻي آهي جيڪا عبدالله بن ابي قتاده جي گهرواري ۽ صحابياڻي هئي. (والله اعلم)

(ل)

{1} **الليث بن سعد**: هي پلارو فقہ ۽ حديث ۾ امام آهي. حضرت امام شافعي فرمايو تہ هي بزرگ امام مالڪ کان بہ وڌيڪ فقيہ هو پر ان جي ساٿين ان جي فقه کي ضايع ڪري ڇڏيو.

(م)

{1} **مالڪ بن انس** رضي الله عنه : هي بزرگ سن 95هه ۾ ڄائو هوءِ هڪ قول مطابق ٽي سال پنهنجي والده ماجده جي پيٽ مبارڪ ۾ هو. فقه جي چئن مشهور امامن مان هڪ آهي ۽ وڏن تبع تابعين مان آهي. حضرت سيدنا ابن عمر رضي الله عنه جي آزاد ڪيل غلام حضرت نافع رضي الله عنه کان ۽ زهري ۽ ٻين ڪيترن کان حديث حاصل ڪئي هيائين. چيو ويو آهي ته نوَ سؤ مشائخ ڪرام کان حديث ورتي هيائين. سن 179 هه ۾ چوراسي (84) سالن جي عمر ۾ مديني شريف ۾ وفات ڪيائين. سيدنا حضرت امام ابو حنيفه رضي الله عنه سان ملاقات ڪري ان کان حديث ورتي هئائين ۽ هڪ قول جي مطابق ٻنهي هڪ ٻئي کان حديث ورتي هئي. (جمع الوسائل ج 1 ص 10) علامه بيجوري لکيو آهي ته حضرت امام مالڪ اسلام جي ارڪان (علماء) مان هڪ رڪن هو. دارالهجرة مدينه منوره جو امام. تابعين کان پوءِ زمين ۾ الله جل جلاله جي حجت هو. رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو ته

" يُوشَكُ اَنْ يَّضْرِبَ النَّاسُ آبَاطَ الْاِبْلِ فِي طَلَبِ الْعِلْمِ فَلَا يَجِدُوْنَ عَالِمًا اَعْلَمَ مِنْ عَالِمِ الْمَدِيْنَةِ ."

(هيءَ ڳالهه ويجهي آهي جو ماڻهو علم جي طلب ۾ اُٺن کي ڀڄائيندا! پوءِ مديني جي عالم کان وڌيڪ کو عالم نه لهندا.) ابن عيينه وغيره فرمايو ته "ان مان مراد امام مالڪ رضي الله عنه آهي. امام بخاري فرمايو ته "امام مالڪ رضي الله عنه جي نافع کان نافع جي ابن عمر رضي الله عنه کان روايت سند جي لحاظ کان نهايت صحيح سند آهي. ۽ اها سلسلة الذهب (يعني سوني زنجير) سندَ آهي. (المواهب اللدنيه شرح الشمائل ص 19)

حضرت امام مالڪ هڪ هزار حديث پنهنجي هٿن سان لکي هئي ۽ سندس ڪتاب "مُوطّا" هڪ هزار ماڻهن کانئس ٻڌي سنَدَ حاصل ڪئي هئي. حضرت امام شافعي فرمايو ته "آسمان جي هيٺان "مُوطا" امام مالڪ جي ڪتاب کان وڌيڪ صحيح ڪوبه ڪتاب ناهي. محدثن وٽ امام شافعي جو اهو ارشاد صحيحين کان پهريان جو آهي. قرآن پاڪ کان بعد ۾ صحيحين کان مٿي ڪنهن به ڪتاب جو مقام ناهي. (الانوار الغوثيه ص 4)

{2} **محمد بن بشار**: هي پلارو بُندار (با جي پيش) سان معروف هو ان جي عربيءَ ۾ معنيٰ آهي علم جي بازار. حافظ ابن حجر فرمايو ته هي بزرگ صحاح سته جي لکندڙن جو حديث جي فن ۾ استاد آهي. ابو داؤد فرمايو ته "مون ان کان پنجاهه هزار حديثون لکيون آهن. هي ثقات مان هڪ آهي جنهن جي ثقه هجڻ تي محدث متفق آهن. هن "عَبْدِيَّ" واري نسبت عبد قيس ربيعة جي مشهور قبيلي ڏانهن آهي. حضرت علامه علي قاري لکيو آهي ته بشار عثمان بن ڪيسان جو پُٽ بصره جو رهاڪو هو. سندس ڪنيت ابو بڪر آهي هن محمد بن جعفر ۽ ٻين کان حديث روايت ڪئي آهي ۽ هن کان ابن سحاق حديث روايت ڪئي آهي. هن پاڻ به وڏن وڏن حديث روايت ڪندڙن کان روايت ڪئي آهي. هن پلاري رجب مهيني ۾ سن 252 هجري ۾ وفات ڪئي هئي.

{3} **محمد بن جعفر**: هن جي ڪنيت ابو عبدالله آهي. بصره جو رهاڪو هو. پنجاهه سالن تائين هڪ ڏينهن ڇڏي ٻئي ڏينهن روزو رکندو هو. صحاح سته جي صاحبن ان کان روايت ڪئي آهي. ۽ سيني محدثن ان تي اعتماد ڪيو آهي. امام احمد بن حنبل ۽ يحييٰ بن معين به ان کان روايت ڪئي آهي. ستر سالن جي عمر ۾ سن 193 هجري ۾ وفات ڪيائين.

{4} **محمود بن غيلان** : (غين جي زبر سان) هي بزرگ حديث جو حافظ ۽ حديث جي روايت ۾ ثقہ (اعتماد ڪيل) هو ان جون روايتون بخاري، مسلم ۽ ترمذي آنديون آهن. رمضان شريف مهيني ۾ سن 239 هہ ۾ وفات ڪئي هئائين.

{5} **محمد بن اسماعيل بن ابراهيم بن مغيرة بن الاحنف بردزبه الجعفي البخاري** (وفيات الاعيان ج 4 ص 188) حضرت امام بخاري جو والد متقي علماء مان هو ان ابومعاويہ ۽ هڪ جماعت ڪان حديث روايت ڪئي آهي. وفات وقت فرمايائين تہ :"مون کي پنهنجي سموري ملڪيت ۾ هڪ درهم جي بہ مشتبہ هجڻ جو شڪ ناهي. (ارشاد الساري ج 1 ص 55)

ولادت : امام بخاري جي ولادت 13 شوال جمعي جي ڏينهن سن 194 هجري ۾ ٿي.

اکين جي نور جو موٽي ملڻ : علماء اعلام لکيو آهي تہ حضرت امام بخاري جي ننڍي عمر ۾ اکين جو نور هليو ويو هو. سندس والده روئي روئي دعائون گهريون تہ ڪيس خواب ۾ حضرت سيدنا ابراهيم خليل الله على نبينا وعليه الصلوة والسلام جي زيارت ٿي. ان ڪيس فرمايو تہ "اي خاتون! تنهنجي گهڻي روئڻ ۽ دل سان دعائون گهرڻ جي ڪري الله ﷻ تنهنجي پُٽ جي اکين جي نور کي واپس ڪيو آهي." خير سان جڏهن صبح ٿي تہ سندس اکيون روشن هيون. (تاريخ دمشق ج 55 ص 42، سير اعلام النبلاء ج 10 ص 277، 278 مطبوعہ دارالفكر بيروت)

امام بخاري جي تعليم : حضرت امام بخاري تقريبن ڏهن (10) سالن جي عمر ۾ پڙهڻ وينو هو. ڪانئس پڇيو ويو تہ اوهان کي حديث پڙهڻ جو شوق ڪيئن ٿيو؟ پاڻ فرمايائون تہ :"مان اڃان مدرسي ۾ پڙهندو هوس تہ مون کي دل ۾ حديث شريف جي ياد ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيو ۽ مان جڏهن سورهن (16) سالن جو ٿيس تہ مون ابن المبارڪ ۽ الوڪيع جي ڪتابن کي ياد ڪري انهن جي ڪلام جي معرفت حاصل ڪئي. ان ڪان پوءِ مان پنهنجي والده ۽ ڀاءُ احمد سان گڏ مڪہ مڪرم ڏانهن روانو ٿيس ۽ جڏهن حج ڪري فارغ ٿياسين تہ منهنجو ڀاءُ منهنجي والده کي واپس وٺي آيو ۽ مان حديث پاڪ جي طلب ۾ اتي رهي پيس ۽ جڏهن مان ارڙهن (18) سالن جي عمر جو ٿيس تہ مون صحابہ ۽ تابعين جي فضائل ۽ انهن جي اقوال جي متعلق هڪ ڪتاب لکڻ شروع ڪيو. اهي عبيدالله بن موسيٰ جي حڪومت جا ڏينهن هئا ۽ مون چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ رسول الله ﷺ جي روضي مبارڪ جي پر ۾ ويهي "ڪتاب التاريخ" لکيو ۽ مون تاريخ ۾ جنهن جو بہ نالو لکيو آهي ان جو ڪونہ ڪو قصو مون کي ياد آهي مگر مون ڪتاب کي ڊگهو ڪرڻ پسند نہ ڪيو. (تاريخ بغداد ج 2 ص 7، تاريخ دمشق الكبير ج 55 ص 43، سير اعلام النبلاء ج 10 ص 278)

امام بخاري جو علم، فضل ۽ مرتبو ۽ مقام : حضرت امام بخاري کي سرڪار دو عالم ﷺ جي حديث جي ماهرن، سنَدُن جي حافظن، روايتن جي عارفن پنهنجو امام ڪري تسليم ڪيو آهي. ۽ سندس ڪتابن کي وڏي اهميت ڏني آهي. پاڻ محبوب ڪريمن ﷺ جو وڏو عاشق ۽ حديث پاڪ جو شائق هو ۽ بي حساب ادب ڪرڻ وارو هو. پاڻ فرمايائين تہ : "مون حديث جي لکيل پنهنجي ڪتاب "الجامع الصحيح" ۾ هر هڪ حديث داخل ڪرڻ ڪان اڳي غسل ڪري بہ رڪعتون نفل پڙهيو آهي." متعدد مشائخن جو فرمان آهي تہ امام بخاري "الجامع الصحيح" جا تراجم (عنوان)، نبي

ڪريم ﷺ جي مزارِ پُرانوار ۽ سندن منبر پاڪ جي وچ تي ويهي لکيا هئا. ۽ هر عنوان لکڻ کان پهريان ٻہ رڪعتون نفل پڙهندو هو.“

خواب ۾ حضور ﷺ جو فرمان: محمد بن يوسف فربري جو قول آهي تہ ”مون کي خواب ۾ نبي ڪريم ﷺ جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو. پاڻ مون کان پڇيائون تہ: ”ڪيڏانهن پيو وڃين؟“ مون کين عرض ڪيو تہ ”محمد بن اسماعيل (يعني امام بخاري) ڏانهن پيو وڃان.“ پاڻ فرمايائون تہ ”ان کي منهنجا سلام چئجانءِ.“ (تاريخ بغداد ج 2 ص 7, تهذيب الكمال ج 16 ص 90 كان 93)

امام بخاري جي عبادت ۽ رياضت: مسبح بن سعد جو بيان آهي تہ امام بخاري جا ساٿي ان وٽ رمضان شريف جي پهرين تاريخ ايندا هئا. ۽ پاڻ انهن کي تراويح جي ويهن رڪعتن ۾ قرآن شريف جو ٽيون حصو ٻڌائيندو هو ۽ ٻي رات ٻيو حصو ۽ ٽين رات قرآن پاڪ ختم ڪندو هو. ان کان علاوه هر روز روزي کولڻ تائين قرآن ڪريم جو ختم ڪيندو هو ۽ فرمائيندو هو تہ قرآن ڪريم جي هر ختم وقت هڪ دعا مقبول ٿيندي آهي. (تاريخ بغداد ج 2 ص 12, تاريخ دمشق ج 55 ص 58, تهذيب الكمال ج 16 ص 93)

قارئين ڪرام متوجهہ ٿين: غير مقلد حضرات اهل حديث سڏرائڻ وارا صحيح بخاري ۽ امام بخاري جا گهڻا مداح آهن. انهن کي هن تي غور ڪرڻ گهرجي تہ امام بخاري ويهہ رڪعتون تراويح پڙهندو هو. ۽ يقينًا اهو انهن کي حضرت نبي ڪريم ﷺ جي سنت سمجهي پڙهندو هوندو. پوءِ غير مقلد چو ٿا چون تہ ويهہ رڪعتون سنت نہ آهن؟ اٺ رڪعتون سنت آهن. فيا للعجب؟ هڪ ڀيري جو واقعو آهي تہ امام بخاري نماز پڙهي رهيو هو تہ هڪ ڏينيوءَ سندس ڪپڙن جي اندران کيس ڏنگ هڻڻ شروع ڪيا ۽ 17 ڏنگ هڻي ويو مگر پاڻ نماز نہ ٽوڙيائين. نماز کان پوءِ شاگردن کي فرمايائين تہ: ڏسو ڪا شيءِ مون کي ايذائي رهي آهي.“ جاچ ڪرڻ تي ڏٺائون تہ سترهن جاين تي کيس ڏنگ لڳل هئا ۽ اهي جايون سُڄي ويون هيون. سندس ساٿين مان ڪنهن عرض ڪيو تہ جڏهن پهريون ڀيرو اوهان کي ڏنگ لڳو هو تہ اوهان نماز ڇو نہ ڇڏي؟ پاڻ فرمايائين تہ ”مون جيڪا قرآن پاڪ جي سورة پڙهڻ شروع ڪئي هئي دل گهريو تہ اها پوري ڪيان.“

(تاريخ بغداد ج 2 ص 13, تاريخ دمشق ج 55 ص 58, 59, تهذيب الكمال ج 16 ص 94)

سيرت ۽ ڪردار: هڪ ڀيري امام بخاري وٽ وڪڻڻ جهڙو سامان آيو ۽ شام جو ان وٽ ڪجهہ خريدار آيا ۽ انهن پنج هزار نفعو ڏئي اهو سامان خريد ڪرڻ گهريو. پاڻ انهن کي فرمايائون تہ ”مان اوهان کي سڀاڻي ٻڌائيندس.“ ٻئي ڏينهن خريدارن جو ٻيو ٽولو آيو ۽ انهن ڏهہ هزار نفعو ڏئي اهو سامان خريد ڪرڻ چاهيو. حضرت امام بخاري فرمايو تہ ”ڪالهہ جيڪي تاجر آيا هئا مون پنجن هزارن نفعي تي انهن کي سامان ڏيڻ جي نيت ڪري ڇڏي هئي هاڻي اها نيت نہ بدلائيندس“ پاڻ فرمايائون تہ ”مون کي الله جل جلاله جي رحمت ۾ اميد آهي تہ اهو مون سان حساب نہ ڪندو جو مون ڪنهن جي بہ غيبت. گلا نہ ڪئي آهي.“ (تاريخ بغداد ج 2 ص 13, تاريخ دمشق ج 5 ص 60, تهذيب الكمال ج 16 ص 94)

حضرت امام بخاري هر رات تهجد پڙهندو هو. وڏو زاهد, متقي, بزرگ هو. لڪ ۾ خداوند ڪريم کي راضي ڪرڻ جي لاءِ خيرات گهڻي ڏيندو هو ۽ فقير جيڪڏهن کيس زبان سان دعا ڪندو هو تہ ان کي روڪيندو هو تہ متان ڳالهہ ظاهر ٿي پوي.

حفظ جي قوت، ذڪاوت، ذهانت ۽ علم جي وسعت : جعفر بن محمد القطان جو بيان آهي ته امام بخاري هڪ هزار کان وڌيڪ استادن کان حديثون لکيون ۽ هر استاد کان ڏهه هزار کان به زياده حديثون لکيون هيون ۽ هر حديث جي سند به ذڪر ڪندو هو. حضرت امام بخاري جا ساٿي، گڏ پڙهڻ وارا بيان ڪن ٿا ته "امام بخاري ننڍيءَ عمر ۾ اسان سان بصره جي محدثن وٽ هلندو هو پر انهن حديثن کي لکندو نه هو. تان جو ڪجهه ڏينهن گذري ويا اسان کيس چيو ته "تون اسان سان هلين به ٿو لکين ڇو نه ٿو؟" سورهن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ پاڻ اسان کي فرمايائين ته "اوهان مون کي لکڻ لاءِ زور ٿا ڀريو اوهان پاڻ وٽ لکيل حديثون ڪڍي اچو اسين اهي ڪڍي آياسين ته امام بخاري انهن مان پندرهن هزار حديثون ياد بيان ڪيون. ۽ (الله جَلَّ جَلالُهُ جي حمد ۽ شڪر طور) فرمايائين ته "اوهان ائين سمجهو پيا ته مان هتي فضول اچان ٿو ۽ پنهنجو وقت ضايع ڪيان ٿو." ان کان پوءِ اسان سمجهيو ته اسان مان امام بخاري (رحمه الله) کان ڪير به مُقَدَّمُ نه ٿو ٿي سگهي! پاڻ فرمايائين ته "مون کي هڪ لک صحيح حديثون ياد آهن ۽ ٻه لک غير صحيح حديثون ياد آهن."

امام بخاري جا استاد : سندس استاد ته گهڻا آهن پر ڪجهه استادن جا نالا هتي لکجن ٿا. {1} المڪي بن ابراهيم البلخي {2} عبيدالله بن موسيٰ {3} ابو عاصم شيباني {4} علي بن المديني {5} احمد بن حنبل {6} يحييٰ بن معين {7} عبدالله بن زبير حُميدي {8} عبدالله بن مبارڪ وغيره. حضرت امام بخاري علمِ حديث جي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏن وڏن محدثن، مشائخن، حديث جي حافظن ۽ فنِ حديث جي امامن جي خدمت ۾ خراسان، عراق، حجاز، شام ۽ مصر جا سفر ڪري اتي جي بزرگن کان حديثون حاصل ڪيون هيون.

امام بخاري جا لکيل ڪتاب : {1} قضايا الصحابة والتابعين {2} الجامع الصحيح (صحيح بخاري) {3} الادب المفرد {4} التاريخ الڪبير {5} الاوسط {6} الصغير وغيره. پاڻ صحيح بخاري کي ٽيهن جزن تي ترتيب ڏنو اٿس ۽ هڪ لک صحيح حديثن مان ست هزار ٻه سؤ پنجهتر 7275 حديثون چونڊي ان ۾ لکيون اٿس. جن مان ورائي ورائي آندل جدا ڪجن ته باقي چار هزار (4000) حديثون بچن ٿيون. هن ڪتاب جون نوي (90) هزار ماڻهن سندون سڌيون ڪانئس ورتيون ۽ پاڻ سورهن (16) سالن ۾ هي ڪتاب لکي پورو ڪيو هيائين.

امام بخاري محدثن جي نظر ۾ : {1} محدث محمد بن اسحاق جو قول آهي ته : "مون هن آسمان جي هيٺان محمد بن اسماعيل بخاري کان وڌيڪ حديث جي ڄاڻ رکندڙ نه ڏٺو." {2} امام احمد بن حنبل فرمايو ته خراسان (امام) محمد بن اسماعيل بخاري جهڙو ٻيو ڪو به ظاهر نه ڪيو." {3} محدث حاڪم نيشاپور جي تاريخ ۾ پنهنجي سند سان احمد بن حمدون کان روايت آندي آهي ته محدث (امام) مسلم بن حجاج امام بخاري وٽ آيو ۽ کيس عرض ڪيائين ته "اي استادن جا استاد! اي محدثن جا سردار! اي حديث جي فن جا طبيب! "مون کي اجازت ڏي ته مان تنهنجا قدم چمان" (مقدمه صحيح بخاري ص 3. نور محمد اصح المطابع ڪراچي) گهڻا محدث کيس امير المؤمنين في الحديث ۽ ناصر السنة النبوية جي لقبن سان ياد ڪندا آهن. {4} عبدالواحد بن آدم نالي بزرگ نبي ڪريم ﷺ جو خواب ۾ ديدار ڪيو ته پاڻ اصحابن سڳورن عليهم الرضوان جي جماعت سان ڪنهن جي اچڻ جي انتظار ۾ بيٺا

آهن. هن کين سلام عرض ڪيو پاڻ ڪيس جواب عنايت فرمايائون. هن کين عرض ڪيو تہ "يا رسول الله ﷺ! ڪنهن جي انتظار ۾ بيٺا آهيو؟ پاڻ فرمايائون تہ "محمد بن اسماعيل (بخاري) جو انتظار آهي." بعد ۾ تحقيق ڪرڻ سان ثابت ٿيو تہ اهو ئي وقت اها ئي تاريخ امام بخاري جي وفات جي هئي. (انوار الغوثيه ص 12, 14)

فقهي مسلڪ : امام بخاري جي پنهنجي ڪلام ۾ ان ڳالهہ جي ڪا بہ صراحت آيل نہ آهي تہ ان جو فقهي مسلڪ ڪهڙو هو؟ البتہ صحيح بخاري ۾ پاڻ اهڙيون حديثون ڪثرت سان آنديون اٿس جيڪي امام شافعي جي مسلڪ جي تائيد ڪندڙ آهن. ۽ غالبًا ان بناء تي ڪجهہ مشهور علماء ڪرام ان کي امام شافعي جو مُقَلِّدُ لکيو آهي. علامہ قسطلاني تاج الدين سبڪي جي حوالي سان لکيو آهي تہ "ابو عاصم امام بخاري کي شافعي علماء جي طبقات ۾ لکيو آهي" (ارشاد الساري ج 1 ص 58 دار الكتب العلمية بيروت 1421هـ) نواب صديق حسن ڀوپالي متوفي 1307 هـ بہ مدينة العلوم جي حوالي سان ائين لکيو آهي. (ابجد العلوم ج 3 ص 127 المكتب القدوسيه لاهور 1403 هـ) انهن مضبوط حوالن جي ڪري اڪثريت ان طرف آهي تہ امام بخاري شافعي المذهب هو. بهرحال امام بخاري کي شافعي المذهب مڃڻ جي باوجود اهو بہ مڃڻو پوندو تہ اهو اَلْمُجْتَهِدُ فِي الْمَسَائِلِ" هو ۽ فقهاء جي طبقات ۾ ٽئين درجي تي فائز هو. اهو ئي سبب آهي جو اهو ڪجهہ مسائل ۾ امام شافعي سان اختلاف رکي ٿو. ۽ انهن مسئلن ۾ پاڻ اجتهاد ڪري ٿو. ان جي ڪري اهلِ علم وٽ امام بخاري جو مثال شافعين ۾ اهڙو آهي جهڙو ابو جعفر طحاوي جو حنفين ۾." (نعمه الباري ج 1 ص 82 فريد بڪ اسٽال لاهور)

وفات : حضرت امام بخاري عيد الفطر جي رات بخارا جي پسگردائيءَ ۾ خرتنگ نالي ڳوٺ ۾ 62 سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي ۽ عيد جي ڏينهن ظهر نماز کان پوءِ ان ئي ڳوٺ ۾ ڪيس دفن ڪيو ويو.

(تاريخ بغداد ج 2 ص 33, تاريخ دمشق ج 55 ص 71, تهذيب الكمال ج 6 ص 106, 107)

مزارِ پُرانوار جون برڪتون : امام بخاري جي نمازِ جنازه کان پوءِ جڏهن ڪيس قبر ۾ لاهي مٿان مٽي وڌي وئي تہ ڪيتري مدت تائين ان مٽيءَ مان مشڪ جي سرهاڻ اچي رهي هئي ۽ گهڻي عرصي تائين پري، پري جا ماڻهو اچي امام بخاري جي قبر جي مٽي تبرڪ جي طور کڻي ويندا هئا.

(طبقات الشافعية الكبرى ج 1 ص 441, 442, هدي الساري ص 484 مع فتح الباري ج 1 دار المعرفة بيروت)

مزار واري سان وسيلو وٺڻ : ابو الفتح سمرقندي جو بيان آهي تہ امام بخاري جي وصال کان بہ سؤ سال پوءِ "سمرقند" ۾ مينهن نہ وسڻ جي ڪري ڏڪار پيو. ماڻهن ڪيترائي ڀيرا. مينهن نماز" پڙهي دعائون گهريون پر مِينهن نہ وسيو. پوءِ هڪ صالح مرد شهر جي قاضي وٽ آيو ۽ ان کي مشورو ڏنائين تہ "اوهان شهر جي ماڻهن کي گڏ وٺي امام بخاري جي مزار تي وڃو ۽ اتي وڃي الله ﷻ کان برسات جي لاءِ دعا گهرو." قاضي صاحب اهو مشورو قبول ڪيو ۽ شهر جي ماڻهن کي وٺي امام بخاري جي مزار تي ويو. ماڻهن اتي روئي زاري ڪري نهايت خشوع ۽ خضوع سان الله ﷻ جي بارگاهہ ۾ دعا گهري ۽ امام بخاري کان دعا جي مقبوليت لاءِ سفارش گهري. ان وقت ئي آسمان تي ڪڪر پرجي آيا ۽ ست ڏينهن لاڳيتو برسات وسندي رهي. تان جو خرتنگ کان سمرقند پهچڻ ماڻهن جي لاءِ مشڪل ٿي پيو." (طبقات الشافعية الكبرى ج 1 ص 642, ارشاد الساري ج 1 ص 67)

{6} **من ولد ابي هالة** : ابي هالة جي اولاد مان. يعني ان جي نياڻين جي اولاد مان پوءِ اهو راوي ان جي ڏوهٽن مان آهي. ابو هالة جو نالو نباش هو. ۽ ٻيو قول آهي تہ ان جو نالو مالڪ هو. ٽيون قول آهي تہ ان جو نالو زرارة هو. چوٿون قول آهي تہ ان جو نالو هندُ هو. "زوج خديجة" ان سيده ام المؤمنين خديجة رضي الله عنها سان نڪاح ڪيو هو. جنهن مان ڪيس ٻہ پُٽ ڄاوا هئا. (1) هند (2) هاله. سيده سان ٻيو نڪاح عتيق بن خالد مخزومي ڪيو جنهن مان ڪيس هڪ پُٽ عبدالله ۽ ٻي نياڻي ڄائي هئي. ان ڪان پوءِ سيده خديجة الڪبريٰ رضي الله عنها سان حضور تاجدارِ مدينہ ﷺ جن نڪاح ڪيو. ۽ نبي ڪريم ﷺ جو سمورو اولاد ان مان آهي سندن هڪ فرزند حضرت سيدنا ابراهيم ڪان سواءِ جيڪو ماريہ قبطيہ رضي الله عنها مان ٿيو هو. (التحرير المقبول, مدارج النبوة ج 2)

{7} **محمد بن مثنيٰ** : مثنيٰ تثنيه ڪان ورتل اسم مفعول جو صيغو آهي. هي بزرگ پنهنجي دؤر ۾ معروف, ثقه ۽ پرهيزگار هو. ابن عيينه ۽ غندر ڪان حديثون روايت ڪندو آهي ۽ محدثن جي جماعت هن ڪان روايتون آنديون آهن.

{8} **محمد بن جعفر** : هي غندر سان گهڻو مشهور آهي. ابنِ معين فرمايو تہ :"ڪجھ ماڻهن ان ڪي روايت ۾ پلائڻ جو ارادو ڪيو پر نہ ڪري سگهيا."

{9} **موسيٰ بن عقبة** : هي آل زبير جو آزاد ڪيل غلام آهي. مديني شريف جي علماء مان هڪ عالم هو. مغازي جي علم ۾ امام مڃيو ويو هو. ان ڪان سفيان ثوري ۽ سفيان بن عيينه حديثون روايتون ڪيون آهن. ان جون روايتون صحاح سته ۾ آهن ۽ پاڻ عروة ڪان روايتون ڪيون اٿس. هڪ سؤ ايڪيتاليھ 141 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{10} **محمد بن يحييٰ** : بن ابي عمر المڪي, الحافظ پنهنجي زماني جو امام هو. نيشاپوري آهي. اصل ۾ عدني آهي. ابن عيينہ سان گهڻو رهندو هو. مسلم ان ڪان گهڻي روايت ڪئي آهي ۽ شمائل ۾ جتي بہ ابنِ يحييٰ مذڪور آهي ان مان مراد محمد بن يحييٰ آهي. ابو حاتم رحمه الله جو قول آهي تہ ان ۾ غفلت هئي. علامہ علي قاري فرمايو تہ ضعيف السند آهي. هن ڪان ترمذي, نسائي ۽ ابنِ ماجه روايت ڪئي آهي.

{11} **مجاهد** : بن (جُبر يا جُبير تصغير سان) پهريون قول وڌيڪ مشهور ۽ گهڻن جو قول آهي. وڏن ثبت, عالمن مان هڪ آهي. ان جي امين هجڻ تي اجماع آهي. ابنِ حبان جوان کي ضعيفن ۾ شمار ڪرڻ ڏانهن ڪنهن بہ توجہ نہ ڪيو آهي. مجاهد علم ۽ فقه ۾ امام هو. ان جي روايت حديث جي امامن آندي آهي. علامہ مناوي لکيو آهي تہ "مجاهد هاروت ۽ ماروت کي ڏٺو هو ۽ انهن کي ڏسڻ جي ڪري هلاڪ ٿيڻ جي قريب هو. سجدي جي حالت ۾ مڪ مڪرمہ ۾ سندس روح پرواز ڪري ويو. سن 103 هجري ۾ وفات ڪيائين.

{12} **معمر** : (ٻنهي ميمن جي زبر سان) ابن راشد البصري يمن ۾ رهيو هو. هن ڪان ڇئن تابعن روايت آندي آهي. حالانڪ پاڻ تابعي نہ هو ۽ چار تابعي ان جا استاد آهن. ثقن عالمن مان هڪ آهي. حضرت ابو حاتم فرمايو تہ صالح الحديث هو. 58 سالن جي عمر ۾ سن 153 يا 154 يا 155 هجري ۾ وفات ڪيائين. هن ڪان صحاح سته جي صاحبن حديثون روايتون ڪيون آهن.

{13} **معن** : (فلس وانگر, ميم جي زبر عين جي جزم سان) عيسيٰ اشجعي جو پُٽ آزاد ڪيل غلام آهي.

ثقه، ثبت آهي ان جي حديث ابن ماجه کان سواءِ صحاح سته جي صاحبن آندي آهي. علامہ مناوي لکيو آهي تہ فن حديث جي امامن مان هڪ امام هو. امام مالڪ سان هميشہ گڏ هوندو هو. امام مالڪ جي زبان مبارڪ مان جيڪو لفظ نڪرندو هو اهو لکندو هو. ۽ ان وٽ المؤطا پڙهيو هو. ابن المديني فرمايو تہ "اسان جي لاءِ معن اهي چاليهہ هزار مسئلا بيان ڪيا جيڪي ان امام مالڪ رضي الله عنه کان ٻڌا هئا. پاڻ امام مالڪ، ابن ابي ذؤيب ۽ معاوية بن ابي صالح کان روايتون ڪيون اٿس ۽ هن کان ابنِ معين، ابن المديني، ابن رافع حديثون روايت ڪيون آهن. ثقه، ثبت، ذهين طبقي جي محدثن مان آهي. هڪ سؤ اٺانوي 198 هجري ۾ وفات ڪئي هيائين.

{14} **مسروق** : الاجدع الهمداني ننڍي عمر ۾ چوري ڪيو ويو هو پوءِ لڌو هو ان جي ڪري مسروق (چوري ڪيل) سڏيو ويو. ثقه، عابد هو. ان جون روايتون حديث جي امامن آنديون آهن. امام، همام، زاهد، قدوة، وڏن عالمن مان هو. شريح (قاضي) کان فتويٰ جو وڌيڪ علم رکندو هو. سن ٽيهٺ 63 هجري ۾ وفات ڪئي هئائين.

{15} **محمد بن عمر بن الوليد** : (وليد سعيد وانگر) الڪِندي (ڪاف جي زير سان ڪِنده، حنظة وانگر. اهو ڪوفي ۾ هڪ محلو آهي. ان جي ڪري هن کي "الڪوفي" چيو ويو آهي. ابو حاتم چيو تہ صدوق آهي. نسائي چيو تہ ان جي روايت ۾ ڪو ڏپ ناهي. هن وڪيع ۽ ان جي طبقي کان حديث روايت ڪئي ۽ هن کان ابن صاعد ۽ ابن زيدانَ ۽ هڪ جماعت روايت آندي آهي. سن ٻہ سؤ ڇاونجاهہ 256 هجري ۾ وفات ڪئي. هيائين ان جي حديث ترمذي، نسائي ۽ ابنِ ماجه آندي آهي.

{16} **معاوية بن هشام** : هي بہ ڪوفي آهي. روايت ۾ سچو آهي پر وهم گهڻا ڪندو هو. ان جي روايت امام بخاري الادب المفرد ڪتاب ۾ آندي آهي ۽ صحاح سته جي صاحبن مان باقي پنجن بہ آنديون آهن. ابو حاتم چيو تہ سچو آهي. ابو داؤد چيو تہ ثقه آهي. سن ٻہ سؤ چار 204 هجري ۾ وفات ڪيائين.

{17} **محمد بن بشر**: (با جي زبر سان) العقدي الڪوفي وڏن عالمن مان هڪ هو. ثقه محدثن جي نائين جماعت مان هو. ان جون روايتون صحاح سته جي مصنفن آنديون آهن.

{18} **محمد بن حميد** : حُمَيد مصغر آهي. الرازي، الري ڏانهن نسبت آهي جيڪو ديلم جي شهرن مان وڏو شهر آهي ۽ ان ڏانهن نسبت ۾ زَ وڌائي وئي آهي. هن راوي کي محدثن جي هڪ جماعت ثقہ چيو آهي. بخاري جي قول مطابق ان ۾ اعتراض آهي ۽ ابنِ حجر هن کي ضعيف قرار ڏنو آهي. هن جون روايتون ترمذي، ابو داؤد ۽ نسائي آنديون آهن. علامہ علي قاري لکيو آهي تہ اهو ابو عبدالله آهي عبدالله بن المبارڪ کان روايت آندي اٿس ۽ هن کان امام احمد ۽ يحيىٰ حديثون روايت ڪيون آهن ابنِ مَعين فرمايو تہ "حسن الراي" آهي هن ذهبي جي قول مطابق سن 248 هہ ۾ ۽ ابنِ حجر جي قول مطابق سن 230 هہ ۾ وفات ڪئي هئي.

{19} **محمد بن يزيد** : حجة آهي، ثقه آهي، ثبت آهي، عابد آهي. ابدالن ۾ شمار ڪيو ويو آهي. شام جو هو. الواسطي آهي. اسماعيل بن ابي خالد ۽ مجالد کان حديث روايت ڪئي اٿس. ۽ هن کان امام احمد ۽ اسحاق حديث روايت ڪئي آهي هن جون روايت ڪيل حديثون ابو داؤد، ترمذي ۽ نسائي آنديون آهن. تقريبًا هڪ سؤ نوي 190 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{20} **محمد بن اسحاق** : ابن يسار. المطلبي، المدني عراق ۾ رهيو هو. وڏن عالمن مان هڪ ۽ مغازي ۽ سيَر جي فن جو امام هو. حضرت انس ۽ ابن المسيب کي ڏٺو هيائين ۽ عطاء ۽ ان جي طبقي کان حديث روايت ڪئي هيائين ۽ هن کان شعبة، سفيان ثوري، سفيان بن عيينه ۽ حماد نالي ٻن محدثن حديث روايت ڪئي آهي. علم جي بحرن مان هڪ بحر هو. حديث جي فن وارن وٽ مُدَلس هو. ان کان عجيب روايتون آيل آهن. ان سان حجت وٺڻ ۾ اختلاف آهي ان جي روايت ڪيل حديث حسنَ جي مقام کان مٿي آهي. ان جي روايت امام بخاري التعليق ۾ ۽ باقي پنجن محدثن مسلم، ترمذي، ابو داؤد، نسائي ۽ ابنِ ماجه آندي آهي. سن هڪ سؤ ايڪونجاهه 151 هه يا 152 هه ۾ وفات ڪئي هيائين.

{21} **محمد بن المنكدر** : جليل القدر تابعي آهي. المنڪدر (ميم جي پيش ۽ نون جي جزم سان). ابن عبدالله التيمي المدني، ثقه، امام، خوفِ خدا کان گهڻو روئندڙ زاهد آهي. حضرت ابو هريره ﷜ ۽ ام المؤمنين سيده عائشه ﷝ کان حديث روايت ڪئي اٿس ۽ هن کان امام مالڪ، سفيان ثوري ۽ سفيان بن عيينه ۽ محدثن جي جماعت حديثون آنديون آهن. سن هڪ سؤ ٽيهه 130 هه ۾ وفات ڪئي هيائين.

{22} **معاذ بن هشام** : الدستوائي، البصري : ابنِ عدي چيو ته سچو آهي. حجت ناهي ۽ گهڻو ڪري روايت ۾ غلطيون ڪندو هو. سن 200 هه ۾ وفات ڪيائين.

{23} **معاوية بن قرة** : (قاف جي پيش ۽ را مشدد سان) عالم، عامل، ثقه، ثبت هو. جنگ جمل واري ڏينهن ڄائو هو. ۽ سن 113 هه ۾ وفات ڪئي هيائين. ان جون روايتون محدثن جي جماعت آنديون آهن.

{24} **محمد بن الفضل**: حافظ، ثقه ۽ حديث گهڻي روايت ڪندڙ هو پر آخري عمر ۾ حديثون گڏي ويندو هو ان جي ڪري ڪن محدثن ان کان حديث وٺڻ ڇڏي ڏني هئي. هن کان محدثن جي جماعت حديث تخريج ڪئي آهي. سن 244 هه ۾ وفات ڪيائين.

{25} **ميمون بن ابي شبيب** : هن جي تعارف کان شارح خاموش آهن. ڇا جي ڪري؟ والله اعلم.

{26} **مصعب بن شيبه** : العبدري بني عبدالدار ڏانهن نسبت آهي. هن کان هڪ روايت ۽ هڪ حديث آيل آهي. دارقطني ان جي حضور ڪريم ﷺ کي پهچڻ جو انڪار ڪيو آهي پر ان جو قول رد ڪيل آهي ڇوته امام بخاري ان جي نبي ڪريم ﷺ جن کان ٻڌڻ جي تصريح ڪئي آهي ۽ علامه ابنِ حجر "فتح الباري" ۾ يقين سان چيو آهي ته "اهو ننڍن اصحابن مان آهي".

{27} **محمد بن سيرين البصري** : حضرت انس بن مالڪ جو آزاد ڪيل غلام هو. ثقه، مامون، فقيه، امام ۽ پرهيزگار هو. تيهن صحابن رضي الله عنهم سان مليو هو. ابن عون فرمايو ته دنيا ۾ مون ان جهڙو ڪونه ڏٺو." تابعي، جليل القدر، مشهور، تعبير جي علم ۾ امام هو. حضرت انس ﷜ ان کي ويهن هزارن درهمن ڏيڻ جي شرط تي آزاد ڪيو ۽ ان اهي ادا ڪري آزادي حاصل ڪئي هئي. ڪيس ڇهه ٻچا هئا. (1) محمد (2) انيس (3) يحيىٰ (4) معبد (5) حفصه (6) ڪريمه. سيئي نجباء ۽ محدث هئا. ۽ نادر سَندن مان هيءَ سند هوندي آهي. محمد يحيىٰ کان اهو انيس کان جو سنَدَ ۾ ٽئي پائر هوندا آهن سن 110 هه ۾ وفات ڪئي هيائين.

{28} **مالڪ بن دينار** : هي مشهور تابعي آهي بصره جي علماء ۽ زاهدن مان هو. مناوي لکيو آهي ته مالڪ بن دينار الشامي، الناجي ابن يحيىٰ البصري آهي. نسائي ۽ ابنِ حبان هن کي ثقه سڏيو آهي.

حضرت انس ﷺ کان روايت آندي اٿس. هن جون روايتون ڇهئن محدثن، ترمذي، ابو داؤد، نسائي ۽ ابنِ ماجه آنديون آهن ۽ بخاري هن جي روايت " التاريخ " ۾ آندي آهي. غالبًا سن هڪ سؤ ٽيهه 130 هـ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{29} **معن** : بن عيسيٰ، المدني القزاز : حديث جي فن ۾ امامن مان هڪ هو. ابو حاتم جو قول آهي ته "امام مالڪ جي ساٿين مان وڏيڪ ثابت رهندڙ هو. ان جون روايتون محدثن جي جماعت آنديون آهن سن 198 هـ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{30} **معمر** : (ٻنهي ميمن جي زبر سان، وچ ۾ جزم واري عين) يمن جو عالم، وڏن عالمن مان هو جنهن جي شان جي جلالت تي اجماع ڪيل آهي. حضرت حسن ﷺ جي جنازي ۾ حاضر ٿيو هو. هي تابعي نه هو پر هن کان ڇهئن تابعن حديث روايت ڪئي آهي جيڪي شيخ هئا. (المواهب شرح الشمائل ص 189)
علامه مناوي لکيو آهي ته "معمر بن راشد ابو عروة البصري، الازدي.

(شرح المناوي عليٰ حاشية جمع الوسائل ج 1 ص 131)

{31} **محمد بن مرزوق** : ابو عبدالله باهلي: هي محمد بن مرزوق بن عثمان بصري ناهي چوته ان کان صحاح سته وارن حديث نه ڪئي آهي ۽ هن کان مسلم، ابنِ ماجه ۽ ابنِ خزيمه روايتون آنديون آهن. هن الاعليٰ بن الاعليٰ، سالم ابن نوح کان روايتون آنديون آهن. سن 248 هـ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{32} **محمد بن عبدالله الانصاري** بن المثنيٰ بن عبدالله بن انس بن مالڪ ﷺ . هن نالي وارا ٽي فرد آهن هي انهن مان وڏو آهي سندس ٻئي ڏاڏي جو نالو "حفص" ٽئين ڏاڏي جو نالو "زياد" آهي. هي بصره جو قاضي هو. ابو زرعة فرمايو ته صالح الحديث آهي ۽ ابنِ معين چيو ته ثقه آهي هن جون روايتون صحاح سته وارن آنديون آهن. سن ٻه سؤ پندرهن 215 هـ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{33} **محمد بن سهل عسکر البغدادي التيمي** : هن جون روايتون مسلم، ترمذي ۽ نسائي آنديون آهن.

{34} **محمد بن ابي عمر** : هي يحيٰي بن عمر جو پٽ آهي. پنهنجي ڏاڏي ڏانهن نسبت ڪيل آهي.

{38} **محمد بن عيسيٰ** : هي الطباع جو پٽ آهي، مُنديين جون تکون ٺاهيندو ۽ انهن تي نقش لکندو هو. گهڻيون حديثون روايت ڪندڙ، فقيه ، حافظ هو. محدث ابو داؤد فرمايو ته"هن کي چاليهه هزار حديثون ياد هيون. ابو حاتم چيو ته ثقه، مامون آهي. هن کان وڏيڪ حديثن جي ابواب جو اسان کوبه حافظ ڪونه ڏٺو. هن کان امام بخاري معلق حديث آندي آهي ۽ صحاح سته وارن هن جون روايتون بيان ڪيون آهن. سن 124 هـ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{35} **محمد بن عبيد المحاربي** : (ميم جي پيش سان) بني محارب قبيلي ڏانهن نسبت آهي. هن کان ابو داؤد، نسائي ۽ ترمذي حديثون آنديون آهن. غالبًا 245 هـ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{36} **موسيٰ بن عقبه** : شارحن هن جو تعارف ڪونه لکيو آهي.

{37} **محمد بن شجاع** : محدث ترمذي البغدادي لفظ آڻي محمد بن شجاع المدائني کان احتراز ڪيائين. اهو ضعيف آهي ۽ هڪ راوي محمد بن شجاع البغدادي القاضي، الثلجي به آهي پر اهو حديث جي روايت ۾ ڇڏيل آهي بدعتي هو ۽ جنهن جو هن حديث جي سند ۾ ذکر آهي. ابنِ حبان کي ثقه سڏيو آهي ۽ اِن جي روايت النسائي آندي آهي. سن 244 هـ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{38} **محمد بن بكر** : بن عثمان البرساني ازد قبيلي جو ثقه, صاحب حديث هو. هن کان محدثن جي جماعت حديث روايت ڪئي آهي.

{39} **مُساوِر الوراق** : (ميم جـي پيش سان ۽ واو ۽ را جـي زبر سان) الڪوفي الشاعر, سچو عابد هو پر وهمي مزاج وارو هو. محدثن جي نائين طبقي مان هو هن ڪان مسلم ۽ باقي ڇئن محدثن حديثون روايت ڪيون آهن.

{40} **موسيٰ بن عبيده** : عبيده تصغير جي صيغي سان. محدثن هن کي ضعيف قرار ڏنو آهي ۽ امام احمد فرمايو تہ "هن ڪان روايت ڪرڻ حلال ناهي پر ابن ماجه هن ڪان حديث روايت ڪئي آهي. سن هڪ سؤ ٽيونجاهہ 153 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{41} **محمد بن المبارڪ** : الصوري, القلانسي, القرشي, ثقہ محدثن جي ڏهين طبقي مان آهي ان کان جماعت حديث روايت ڪئي آهي. ثقہ آهي.

{42} **مصعب بن سليم** : مصعب اسم مفعول جو صيغو سُليم (سين جي پيش سان) الازدي. هن کي "الزهري" بہ سڏيندا آهن ڪوفي ۾ رهندو هو. سچو آهي محدثن جي پنجين طبقي مان هو. هن جي روايت مسلم بہ آندي آهي.

{43} **مجالد** (لام جي زير سان) الهمداني قوي راوي ناهي, محدثن جي ڇهين طبقي مان هو. بخاري ڪان سواءِ باقي پنجن محدثن هن ڪان روايت ڪئي آهي.

{44} **محمد بن يوسف** : بن واقد, بن عثمان, الضبي, الفريابي شام جي شهر قيسارية جو محدث هو. هن ڪان جماعت حديث تخريج ڪئي آهي. 92 سال جي عمر ۾ سن 212 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{45} **مسعر بن ڪدام** : هن جي ڪنيت ابو سلمہ آهي. هلالي, ڪوفي آهي هن ڪان هڪ هزار حديثون روايت ڪيل آهن. ابنِ قطان جو قول آهي تہ "مون هن جهڙو نہ ڏٺو. سن 105 هہ ۾ وفات ڪئي هئائين.

{46} **محمد بن فضيل** : (تصغير سان) بن غزوان, الضبي الحافظ ابو عبدالرحمن الڪوفي سچو ثقه آهي هن ڪا محدثن جي جماعت حديثون ۽ روايتون تخريج ڪيون آهن سن 194 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{47} **مسلم بن ابراهيم** : ازدي, فراهيدي, حافظ, ابو عمرو البصري, ابنِ معين فرمايو تہ ثقه مامون آهي. ابي داؤد جي مشائخ ۾ وڏو آهي صفر مهيني ۾ سن 122 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{48} **محمد بن ابي يحيي الاسلمي** : سچو آهي هن ڪان ابو داؤد, نسائي ابن ماجہ ۽ الشمائل ۾ ترمذي روايتون آنديون آهن.

{49} **محمد بن ابان** : آبان منصرف ۽ غير منصرف بئي پڙهيو ويو آهي. غير منصرف پڙهڻ وارا هن کي وزن فعل ۽ علميت جي ڪري غير منصرف پڙهن ٿا. اهي هن کي اسم تفضيل جو صيغو چون ٿا. هن قول مطابق اهو ابوبڪر بلخي آهي جنهن وڪيع ڪان حديث استملاء ڪئي هئي. هن ابن عيينہ ڪان ۽ هن ڪان بخاري حديث آندي آهي. سن 244 هہ ۾ وفات ڪيائين. ۽ علامہ مناوي لکيو تہ هي "حمد ويه " لقب سان ذڪر ڪيو ويندو هو. حديث جو حافظ ۽ گهڻيون حديثون روايت ڪندڙ هو. نسائي هن کي ثقہ چيو آهي. هن ڪان محدثن جي جماعت حديثون روايت ڪيون آهن.

{50} **محمد بن عبدالعزيز الرملي** : شام ملڪ ۾ رملہ هڪ مشهور شهر آهي ان جي نسبت سان هي

رملي مشهور آهي. يعقوب الفسوي جو قول آهي تہ حديث جو حافظ آهي ۽ ٻين هنن کي حديث ۾ لين سڏيو آهي. هن کان بخاري ۽ نسائي حديث تخريج ڪئي آهي.

{51} **محمد بن طريف الڪوفي** : هن جي ڪنيت ابو جعفر آهي. ثقه حديث جو صاحب هو. هن کان مسلم، ابو داؤد ۽ ابنِ ماجه حديثون روايت ڪيون آهن. سن 242هـ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{52} **محمد بن رافع القشيري النيشاپوري** : هي حافظ ۽ زاهد هو. نسائي فرمايو تہ ثقه، مامون هو. چيو ويو آهي تہ هن ڏانهن حافظ ابو طاهر پنج هزار دينار موڪليا پر سخت مسڪينيءَ جي هوندي بہ اهي ان ڏانهن واپس موڪلي ڇڏيائين. هي بزرگ گهڻي هيبت وارو وڏي قدر وارو حديثون گهٽيون روايت ڪندڙ هو. هن جي روايت قزويني کان سواءِ باقي محدثن جي جماعت تخريج ڪئي آهي. سن 245هـ ۾ وفات ڪئي هيائين. علامہ علي قاري لکيو آهي تہ هن ابنِ عيينه، معن بن عيسيٰ ۽ النضر بن شميل کان حديثون ٻڌيون هيون هن کان بخاري ۽ مسلم حديث آندي آهي ۽ سند ۾ ثقه کان بہ مٿي هو.

{53} **موسيٰ بن انس بن مالڪ** رضي الله عنه : العصام فرمايو تہ مون هن جي معلومات نہ لڌي آهي. علامہ مناوي فرمايو تہ اهو موسيٰ بن انس بصره جو قاضي هو. هن پنهنجي پيءُ ۽ ابنِ عباس رضي الله عنهما کان روايت ڪئي آهي ۽ هن کان ابنِ عوف ۽ شعبة روايتون ڪيون آهن. ثقه آهي. هن جو احوال ذهبي وغيره آندو آهي.

{54} **محمد بن خليف**: الصير في البصري : هن کان ترمذي، ابنِ خزيمه ۽ محاملي وغيره حديثون آنديون آهن. سن 261 هـ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{55} **مصعب بن المقدام** : هن جو تعارف شارحن ڪونہ لکيو آهي.

{56} **مروان بن معاويہ بن الحرث بن اسماء** : هي ڪوفي آهي، الفرازي آهي حافظ، ثقہ هو مڪہ مڪرمہ ۽ دمشق ۾ رهيو هو. هن کان محدثن جي جماعت حديث روايت ڪئي آهي. سن هڪ سؤ ٽيانوي 193 ۾ وفات ڪئي هيائين.

{57} **محمد بن عمرو** : علامہ مناوي لکيو آهي تہ هن راوي جو صرف ايترو ذڪر آيو آهي. بعض نسخن ۾ "بن عطاء القرشي" آيل آهي. (والله اعلم بحقيقة الحال)

{58} **محمد بن نافع البصري** : ذهبي چيو تہ ثقه آهي.

{59} **ميمون بن مهران** : هن جي ڪنيت ابو ايوب آهي الجزري آهي ثقه، عابد ۽ ڪبير القدر هو. هن کان محدثن جي جماعت تخريج ڪئي آهي. سن 117 هـ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{60} **مُعاذة بنت عبدالله العدوية** : ثقه آهي. هن کان صحاح سته جي صاحبن حديث روايت ڪئي آهي. محدثن جي ٽئين طبقي مان هو.

{61} **محمد بن ربيعہ الڪلابي الڪوفي** : هن جي ڪنيت ابو عمرو آهي. ابو داؤد چيو تہ ثقه آهي. ابو حاتم چيو تہ صالح الحديث آهي. هي محدثن جي ستين طبقي مان هو هن کان صحاح سته وارن روايتون ڪيون آهن.

{62} **محمد بن مسلم بن ابي الوضاح القطاع الجزري** : مڪہ مڪرمہ ۾ منزل انداز رهيو. هن جي ڪنيت ابو سعيد المؤدب آهي. سچو ۽ محدثن جي اٺين طبقي مان هو. هن کان محدثن جي جماعت حديث تخريج ڪئي آهي.

{63} **معاويہ بن صالح الحضرمي** : هن جي ڪنيت ابو عبدالرحمان آهي. هي اندلس جو قاضي روايت ۾ سچو هو. هن کان نسائي ۽ ابن ماجہ حديث تخريج ڪئي آهي. سن 158 هـ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{64} **منصور الثقفي**: هي ثقه، عابد هو. محدثن جي ڇهين طبقي مان هو. هن کان محدثن جي جماعت حديث تخريج ڪئي آهي.

{65} **محمد بن رفاعة** : هي قرطبي آهي. ابن ماجہ هن جو ذڪر ثقات ۾ ڪيو آهي. محدثن جي ستين طبقي مان هو. هن کان صحاح سته جي صاحبن روايتون آنديون آهن.

{66} **محمد بن اسماعيل** : هن مان مراد امام بخاري آهي جيڪو معروف ۽ مشهور بزرگ آهي.

{67} **مطرف** : هن جو نالو عبدالله بن الشخير المصري ثقه، عابد، محدثن جي ٻئي طبقي مان هو. هن کان محدثن جي جماعت حديثون آنديون آهن.

{68} **المسعودي** : هي حضرت سيدنا عبدالله بن مسعود رضي الله عنه جي اولاد مان آهي. سندس نسب جو سلسلو ان تائين هن طرح ملي ٿو. عبدالرحمان بن عبدالله ابن عتبة بن عبدالله بن مسعود رضي الله عنه. حضرت عبدالله بن مسعود جي اولاد مان هجڻ جي ڪري مسعودي سڏيو ويندو آهي. مسعر جو قول آهي تہ حضرت ابن مسعود رضي الله عنه جي علم جو هن کان وڌيڪ ڪير بہ ڄاڻو نہ هو. سن 160 هـ ۾ وفات ڪئي هئائين. عصام جو قول آهي تہ هي حديث جي روايت ۾ سچو آهي پر وفات کان اڳي روايتون گڏي ڇڏيندو هو. اختلاط ڪندو هو ۽ جن بہ ان کان بغداد ۾ روايتون ٻڌيون هيون اهي اختلاط واري ڪيفيت کان پوءِ هيون محدث نسائي فرمايو تہ "ان اختلاط جي ڪري ان ۾ ڪو خطرو ناهي ۽ وڏن تبع تابعين مان آهي." (جمع الوسائل ج 1 ص 20)

{69} **المغيرة بن عبدالله بن ابي عقيل، الشڪري، الڪوفي** : ثقہ آهي محدثن جي چوٿين طبقي مان هو. هن کان مسلم، ابو داؤد ۽ النسائي حديث تخريج ڪئي آهي.

{70} **المعرور بن سويد ، ابو اميہ** : ڪوفي اسدي ثقہ آهي محدثن جي ٻي جماعت مان هو. هن کان محدثن جي جماعت حديثون آنديون آهن. هن جي هڪ سؤ ويهہ 120 سال عمر هئي.

{71} **المفضل بن فضالة بن اميہ البصري** : حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه جي اولاد جو آزاد ڪيل غلام آهي. المبارڪ بن فضاله جو ڀاءُ آهي. نسائي چيو تہ قوي ناهي. محدثن جي اٺين طبقي مان هو. هن کان محدثن جي جماعت حديث تخريج ڪئي آهي.

{72} **المطلب بن ابي وداعة السهمي** : قريش جي هڪ قبيلي السهم ڏانهن نسبت آهي. صحابي آهي مڪ مڪرمہ جي فتح واري ڏينهن اسلام قبول ڪيو هيائين پوءِ مدينہ منوره ۾ اچي رهيو ۽ اتي ئي وفات ڪئي هيائين. بخاري کان سواءِ باقي محدثن جي جماعت ان کان حديثون تخريج ڪيون آهن.

(ن)

{1} **نافع بن جبير بن مطعم**: هي قريشي، بخاري بزرگ جليل تابعي آهي. سن 99 هجري ۾ وفات ڪيائين. حضرت علي رضي الله عنه ۽ ٻين وڏن اصحاب سڳورن عليهم الرضوان کان حديثون روايت ڪيون هيائين. هن جو والد صاحب بہ وڏو صحابي هو.

{2} **نافع** : العدوي. هي ابن عمر جو آزاد ڪيل غلام، ثقه ثبت، مشهور آهي، وڏن عالمن مان هڪ هو. ائمه تابعين مان آهي. اصل ۾ مغرب يا نيشاپور جو هو. ان کان جماعت حديث آندي آهي. سن هڪ سؤ سترهن يا هڪ سؤ اڻويهہ 119 هجري ۾ وفات ڪيائين.

{3} **نضر بن علي الجهضمي**: (جيم جي زبر سان) ابو عمرو الاسدي ثقن، عالمن، حافظن مان هڪ هو. کيس قاضي ٿيڻ جي پيشڪش ڪئي وئي تہ فرمايائين "مان استخاره ڪندس" پوءِ دعا گهريائين تہ وفات ڪري ويو. محدثن جي ڏهين جماعت مان هو ان جون روايتون بہ محدثن جي جماعت آنديون آهن. سن 205 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{4} **نوح بن قيس**: البصري، الحراني : (پيش سان) هي صالح الحال ، حسن الحديث بزرگ هو. هن کي امام احمد روايت ۾ ثقہ قرار ڏنو آهي پر محدث يحيىٰ هن کي ضعيف چيو آهي ۽ امام بخاري فرمايو تہ هن جي روايت ڪيل حديث صحيح ناهي. هن جي روايت مسلم ۽ چئن آندي آهي. بخاري نہ آندي آهي. سن 183 يا 184 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{5} **نُبيخ**: مضمر، العنزي، الکوفي ثقہ آهي، هن کان چئن حديثون آنديون آهن. عنزي ربيع وارن مان هڪ قبيلي بني عنزه ڏانهن نسبت آهي.

{6} **نوح بن قيس حداني ابو روح البصري**: ذهبي فرمايو تہ "حسن الحديث" آهي ۽ ثقه آهي هن کان مسلم ۽ چئن محدثن حديثون آنديون آهن. سن 182 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين. علامہ ابنِ حجر مڪي لکيو آهي تہ الحداني پهرين حرف جي پيش سان ازد جي هڪ قبيلي ڏاهن نسبت آهي.

{7} **نضر بن شميل**: (ض جي سڪون سان) محدثن جو اتفاق آهي تہ النضر کي ال سان ذڪر ڪيو ويندو ۽ نصر صاد سان ان ۾ ال جو ذڪر نہ ڪيو ويندو. تان تہ ٻنهي ۾ فرق رهي. هي ابو الحسن مازني، نحوي، بصري آهي. مروه ۾ رهندو هو. حديث شريف جي روايت ۾ ثقه ۽ ثبت آهي. ان جي روايت صحاح سته جي صاحبن آندي آهي.

{8} **النضر بن زرارة** : ذهبي هن کي ضعيف ۽ ڇڏيلن راوين ۾ ذڪر ڪيو آهي ۽ چيائين تہ مجهول آهي ۽ ابنِ حجر چيو تہ "مستور" آهي. ترمذي هن جي روايت صرف شمائل ۾ آندي آهي.

{9} **النجاشي**: نون جي زير سان پڙهڻ نون جي زبر سان پڙهڻ کان وڌيڪ فصيح آهي ۽ "يا" جي جزم سان پڙهڻ ان کي شد سان پڙهڻ کان وڌيڪ فصيح آهي. اها "يا " اصلي آهي نسبت جي ناهي ۽ جيم کي شد پڙهڻ غلط آهي هن جو نالو "اصحمہ" هو. حبش جو بادشاهہ هو. ۽ هڪ قول آهي تہ هن جو نالو "مڪحول بن صعصعة" هو. ۽ النجاشة زير سان جاري ڪرڻ کي چئبو آهي. ۽ شايد حبش جي بادشاهہ کي "نجاشي" ان جي امر جاري هجڻ جي ڪري سڏيو ويندو هو. سن 9 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين. ۽ حضور ڪريم ﷺ جن صحابہ ڪرام عليهم الرضوان کي ان جي وفات جو مدينہ منوره ۾ ٻڌايو ۽ ٻاهر تشريف فرما ٿي صحابہ سان گڏ ان جي جنازي جي نماز پڙهائي هئي. علامہ علي قاري لکيو آهي تہ نجاشي " حبش جي بادشاهہ جو لقب هو. جيئن يمن جي بادشاهہ جو لقب تبعُ، فارس جي بادشاهہ جو لقب ڪسريٰ، روم ۽ شام جي بادشاهہ جو لقب قيصر ۽ صرف شام جي بادشاهہ جو لقب هرقل، مصر جي بادشاهہ جو لقب فرعون هو. ۽ هي سڀ جاهليت جي دور جا القاب هئا. نجاشي ڏانهن حضور ڪريم ﷺ

جن عمرو بن اميه الضمري ﷺ کي اسلام جي قبول ڪرڻ جي لاءِ خط ڏئي موڪليو هو ۽ ان اسلام قبول ڪيو هو. حضور ڪريم جن ان جي جنازي جي نماز ۾ چار تڪبيرون هنيون هيون.

{10} **النزال بن سبرة** : محدثن جي جماعت هن کان حديثون آنديون آهن.

(و)

{1} **وڪيع**: هن جي والد جو نالو جراح هو. ابو سفيان ان جي ڪنيت هئي. رؤاسي نسبت سان معروف آهي. حضرت امام احمد بن حنبل فرمايو تہ: ”مون هن کان وڌيڪ علم جي ڪاڻ ۽ ان جو وڌيڪ ياد ڪندڙ نہ ڏٺو.“ ۽ حماد بن زيد فرمايو تہ ”جيڪڏهن تون گهرين تہ چئي سگهين ٿو تہ اهو سفيان محدث کان بہ وڌيڪ هو.“ هن يلاري مهيني محرم ۾ عاشوراء جي ڏينهن سن 197 هجري ۾ وفات ڪئي هئي. (المواهب شرح الشمائل ص 34)

{2} **وهب بن جرير بن حازم** : (وهب واو جي زبر ها جي جزم سان جرير سرير وانگر) ابن حازم. اي الازدي, البصري الجهضمي. حافظ الحديث, مشهور بزرگ هو. ابن معين ۽ العجلي ان کي ثقه سڏيو آهي ۽ النسائي فرمايو تہ ان جي روايت ۾ ڪو ڏپ ناهي هن هشام بن حسان ۽ ابن عوف کان ۽ هن کان امام احمد روايت ڪئي آهي. حج کان موٽندي دمشق کان ڪجهہ پنڌ تي قتل ڪيو ويو هو پوءِ اتاهين ڪٽائي بصره ۾ دفن ڪيو ويو. سندس قتل سن بہ سؤ ڇهہ 206 هجري ۾ ٿيو هو. هن جي روايت صحاح سته وارن ذڪر ڪئي آهي.

{3} **واصل بن عبدالاعلي بن هلال الاسدي الكوفي** : هي ثقہ آهي هن کان مسلم ۽ چئن حديثون روايتون ڪيون آهن سن 244 هـ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{4} **وائل بن عيينہ التيمي الكوفي**: ثبت آهي محدثن جي ٽئين طبقي مان هو. هن کان سندس پيءُ روايت ڪئي آهي ۽ هن کان چئن ۽ بخاري الادب المفرد ۾ روايتون ڪيون آهن.

{5} **ابي** :(يعني منهنجو پيءُ) ان مان مراد وڪيع آهي جيڪو سفيان جو پيءُ هو.

(هـ)

{1} **هند بن ابي هاله** : هي حضرت سيدنا امام حسن جو مامو سيده خاتون جنت ﷺ جو مائيٽو ڀاءُ هو. هي بزرگ جملَ واري جنگ ۾ حضرت سيدنا علي ﷺ سان گڏ هو ۽ اتي ئي شهيد ٿيو هو.

{2} **هَنَّادُ بنُ السَّري** : هي ڪوفي, تميمي, دارمي آهي. زاهد ۽ حديث جو حافظ هو. عبادت گهڻي ڪرڻ جي ڪري ڪوفي جو راهب سڏيو ويندو هو. ان کان مسلم ۽ صحاح سته جي لکندڙن مان ٻين چئن بہ حديث روايت ڪئي آهي. هناد نون جي شد سان ۽ السري سين جي زبر سان پڙهيو ويندو آهي. هن بزرگ سن بہ سؤ ٽيويهن 223 ۾ وفات ڪئي هئي.

{3} **هشام بن عروة** : وڏن عالمن مان هڪ هو. حجة ۽ امام هو. پر وڏي عمر ۾ حافظو ضعيف ٿي ويو هوس سڄي زندگي حديث پاڪ ۾ اختلاط نہ ڪيائين جو هڪ سند کي ٻئي سان ملائي ڇڏي ستن فقيهن مان هڪ هو. ان جي ثقه هجڻ ۽ امامت تي سيني جو اتفاق آهي. جليل القدر راوي هو. 87 سالن

جي عمر ۾ سن 147 هجري ۾ وفات ڪيائين.

{4} **هشام بن حسان** : حسان حُسن کان ورتل مبالغہ جو صيغو آهي. الازدي البصري ثقه ، عظيم الشان حديث جي فن جو امام هو. روايت جي فن ۾ وڏن مستند ۽ معتبر علماء مان هو. ذهبي فرمايو تہ "شعبة جو هن کي ضعيف چوڻ غلط آهي. هڪ سؤ اٺيتاليهہ 148 هجري ۾ وفات ڪيائين. ان جون روايت ڪيل حديثون صحاح سته ۾ آهن.

{5} **هشام بن يونس** : بن وابل, النهشلي, الڪوفي , اللؤلؤي ثقہ آهي هن کان ابو داؤد ۽ ترمذي حديث روايت ڪئي آهي سن 252 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{6} **هود** : هن جي روايت مقبول آهي. هن جي روايت بخاري "الادب المفرد" ۾ آندي آهي ۽ اهو عبدالله بن سعيد جو پُٽ آهي. العبدي. محدثن جي چوٿين طبقي مان هو. بصري وارن مان ڳڻيو ويندو آهي.

{7} **هارون بن اسحاق** : الڪوفي, الحافظ, ثقه آهي, عابد هو. ان کان نسائي, ابنِ ماجه ۽ ترمذي حديثون آنديون آهن. سن 258 هہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{8} **هشام الدسوائي** : الدسواء اهواز ۾ هڪ جاءِ آهي. هي راوي اتي جو رهاڪو هو. ابو داؤد الطيالسي فرمايو تہ "هشام حديث جي فن ۾ امير المؤمنين هو. هن جون روايتون صحاح سته وارن آنديون آهن. سن 154 ۾ وفات ڪئي هيائين.

(ي)

{1} **يزيد بن هارون**: هن جي ڪينت ابو خالد آهي. السلمي الواسطي آهي. حديث جو حافظ پنهنجي وقت جي وڏن عالمن مان هو. فقه ۽ حديث ۾ امام هو. صحاح ستہ جي مصنفن ان کان حديث آندي آهي, ۽ ٻين محدثن جي جماعت بہ ان کان حديث روايت ڪئي آهي. بغداد شريف ۾ جڏهن حديث جو درس ڏيندو هو تہ سندس مجلس ۾ ستر (70) هزار ماڻهو شريڪ ٿيندا هئا.

{2} **يوسف بن الماجشون**: هي الماجشون سان ٻن واسطن سان هن طرح ملي ٿو. يوسف بن يعقوب بن ابي سلمہ بن ماجشون. ماجشون صحيح قول مطابق جيم جي زير سان آهي. ماجشون فارسي ۾ گلابي رنگ جي ٻِڪلن وارن کي سڏبو آهي هن جا ڳل بہ ان طرح هئا. هي المنڪدر نالي شخص جو آزاد ڪيل غلام هو. هي بہ مدني, تميمي آهي هن پنهنجي پيءُ کان ۽ زهريءَ ۽ مقبريءَ کان حديث روايت ڪئي آهي ۽ هن کان امام احمد, امام بخاري, امام مسلم رحمهم الله وغيرهم حديث روايت ڪئي آهي.

{3} **يونس بن يزيد**: ابن ابي النجاد الايلي (همزه جي زبر ۽ يا جي جزم سان) ابو يزيد القرشي. نسائي هن کي ثقه چيو آهي ۽ ابن سعد هن کي ضعيف قرار ڏنو آهي هن جي روايت حديث جي فن جي امامن آندي آهي ۽ امام احمد جو ان جي متعلق بيان مختلف آهي. 154 يا 159 يا 160 هجري سن ۾ وفات ڪئي هيائين.

{4} **يوسف بن عيسىٰ**: بن دينار الزهري المروزي, ابو يعقوب . هن ٻلاري ابن عيينہ, المفضل بن موسىٰ وغيرهما کان حديث روايت ڪئي آهي. ثقہ ۽ فاضل, ڏهين طبقي جي محدثن مان آهي. هن کان بخاري, مسلم ابو داؤد, ترمذي ۽ نسائي حديثون روايت ڪيون آهن. سن 249 هجري ۾ وفات ڪيائين.

{5} **يزيد بن ابان:** سحاب وانگر اڪثر نحوين ۽ محدثن وٽ غير منصرف آهي. "الرَّقَّاشِيُّ" (را ۽ قاف جي زبر سان) هن حماد ۽ گهڻي خلق کان حديث روايت ڪئي آهي. عابد، زاهد هو. پر نسائي چيو تہ حديث جي فن ۾ متروڪ آهي ۽ دار قطني ۽ امام احمد فرمايو تہ "منكر الحديث" آهي. پوءِ هيءَ حديث معلول آهي بلڪ جزري تصحيح المصابيح ۾ فرمايو تہ "هي حديث منڪر آهي ان جي ڪري حافظ عراقي هن کي ضعيف چيو آهي.

{6} **يحيىٰ بن سعيد :** هي پنهنجي زماني جو امام هو. حافظ، پرهيزگار ۽ زاهد هو. اهو ئي آهي جنهن عراق وارن کي حديث جو فن ڏنو هو ۽ بعض ماڻهن ان کي خواب ۾ ڏٺو تہ سندس قميص تي لکيل هو "بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ " "بَرَآءَةٌ لِّيَحۡيٰى بن سَعِيۡدٍ" (يحيىٰ بن سعيد جي لاءِ آزادي آهي). چاليهہ سال هر ڏينهن ۽ هر رات ۾ قرآن ڪريم جو ختم ڪيندو هو ۽ چاليهہ سال ان کان مسجد ۾ زوال جا نفل فوت نہ ٿيا. وفات کان پهريان ڏهہ سال ان کي قيامت ۾ امن ۾ هجڻ جي الله جَلَّ جَلَالُهٗ جي طرفان بشارت ملي هئي. سندس ادب ۽ مقام کي نظر ۾ رکي امام احمد، ابنِ معين ۽ ابن المديني رحمهم الله جهڙا محدث بہ بيٺا هوندا هئا. وهندا نہ هئا. (المواهب شرح الشمائل ص 119) يحيىٰ بن سعيد بن فَرُّوخ (فا جي زبر ۽ شد واري پيش سان) . التميمي البصري حديث جي حافظن عالمن مان هڪ هو پاڻ حُميد ۽ اعمش کان حديث روايت ڪئي هيائين ۽ کائنس امام احمد، ابنِ معين وغيره روايتون ڪيون هيون. علم ۽ عمل ۾ اهم شيءِ هو. امام احمد فرمايو تہ "مون ان جهڙو ڪونہ ڏٺو. سن 120 هجري ۾ ڄائو هو. ۽ سن 198 هجري ۾ وفات ڪئي هيائين. ان جون روايتون صحاح ستہ جي لکندڙن لکيون آهن.

(جمع الوسائل مع شرح المناوي علي حاشيته ج 1 ص 87)

{7} **يزيد بن ابي خالد:** علامہ بيجوري لکيو آهي تہ شمائل جي بعض نسخن ۾ ابي لفظ آيو آهي پر صحيح يزيد بن خالد آهي. "ابي" لفظ نہ آهي. السنجري جو قول آهي تہ "مون هن کان وڌيڪ الله جَلَّ جَلَالُهٗ جو خوف وارو نہ ڏٺو اسين جڏهن بہ ان وٽ ويندا آهيون تہ اهڙي حديث ٻڌائيندو آهي جنهن ۾ جنت يا جهنم جو ذڪر هوندو آهي پوءِ ان ٻڌڻ مان نفعو وٺندي اسين سڄو ڏينهن روئندي گذاريندا آهيون ان جي وعظ ۽ نصيحت جو ايترو اثر هوندو هو. پاڻ ثقہ ۽ عابد هو. کيس چار هزار حديثون ياد هيون. ان کان ابو داؤد، ترمذي، نسائي ۽ ابنِ ماجه حديثون آنديون آهن. سن 132، 133 يا 137 هجري ۾ وفات ڪيائين.

{8} **يحيىٰ بن موسىٰ :** البلخي السجستاني . هي اصل ڪوفي جو هو. ثقه ، محدثن جي ڏهين جماعت مان آهي. ابن عيينہ ۽ وڪيع کان روايتون ڪيون اٿس، ۽ هن کان حڪيم ترمذي وغيره روايتون آنديون آهن. هن جون روايتون بخاري، ابو داؤد، ترمذي ۽ نسائي آنديون آهن. سن ٻہ سؤ چار 204 هجري ۾ وفات ڪئي هيائين.

{9} **يحيىٰ بن آدم :** بن سُليمُ الكوفي ابو زكريا، العُقري، ثقه ، حافظ محدثن جي نائين جماعت جي وڏن مان آهي. امام مالڪ رحمة الله عليه ۽ معمر کان روايت ڪئي اٿس ۽ هن کان احمد ۽ اسحاق روايتون آنديون آهن. سن 203 هجري ۾ وفات ڪيائين. هن جون بيان ڪيل حديثون صحاح ستہ جي لکندڙن آنديون آهن.

{10} **يحيىٰ بن زكريا بن ابي زائده الهمداني الكوفي :** هن جو نالو خالد آهي ۽ ڪن چيو هُبيرة

(تصغير جي صيغي سان) وڌن فقيهن، محدثن مان هڪ ثبت، ثقه آهي. چيو ويو تہ "حديث جي روايت ۾ ڪڏهن بہ غلطي نہ ڪئي هيائين. ان جون روايتون صحاح ستہ وارن آنديون آهن. فقه ۾ حديث گڏ ڪيا هيائين ان جا ڪتاب بہ آهن. تيهٺ 63 سالن جي عمر ۾ سن 184 ھہ ۾ مدائن شهر ۾ وفات ڪئي هيائين.

{11} **يونس بن ابي اسحاق** : الشيباني (هن جي وضاحت پاڻ مصنف ترمذي ڪئي آهي.

{12} **يعقوب بن ابراهيم** : بن سعد الزهري، حديثون گهڻيون روايت ڪندڙ ثقہ آهي ان ڪان محدثن جي جماعت حديثون آنديون آهن ۽ هن نالي سان راوين ۾ گهڻا آهن انهن ۾ فرق ڪرڻ گهرجي.

{13} **يحييٰ بن حسان** : ثقه، امام حديث جي راوين ۾ رئيس آهي تنيس ڏانهن نسبت جي ڪري تنيسي سڏيو ويندو هو. ابنِ ماجه کان سواءِ باقي صحاح ستہ جي صاحبن ان جون روايتون آنديون آهن. سن بہ سؤاٺ 208 ھہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{14} **يحييٰ بن موسيٰ** : هڪ نسخي ۾ محمد بن موسيٰ آيو آهي.

{15} **يحييٰ بن عباد بن عبدالله بن الزبير** آهي. عبد الله بن الزبير انهن چئن صحابن مان آهي جن جا نالا عبدالله هئا ۽ اهو متاخر صحابن مان وڏو صحابي آهي. عالم، زاهد عابد هو. حضرت معاويہ ﷺ کان پوءِ خليفو بنايو ويو هو. شام وارن کان سواءِ ٻين اسلامي ملڪن کيس تسليم ڪيو هو. حجاج بن يوسف ظالم کيس قاسي ڏياري شهيد ڪيو هو.

{16} **يزيد بن خصيفة** : مصغر، الكندي، محدثن جي جماعت جو قول آهي تہ ثقہ، حج جي مناسڪ جو بهترين ڄاڻو هو. هن ڪان محدثن جي جماعت حديثون آنديون آهن.

{17} **يحييٰ بن محمد المديني** المديني اصح قول مطابق مصطفيٰ ﷺ جي شهر مبارڪ المدينة المنوره ڏانهن آهي. اها نسبت آڻي يحيي بن محمد المدني کان احتراز ڪيو ويو آهي ۽ ان نالي سان بہ ٻيا بہ آهن پر هتي جنهن جو ذڪر آهي اهو سچو راوي آهي پر خطا بہ ڪندو هو. محدثن جي ڏهين طبقي مان هو. ان ڪان ابو داؤد نسائي، ۽ ترمذي حديثون آنديون آهن.

{18} **يعقوب بن اسحاق يعني الحضرمي**: حضرموت ڏانهن نسبت آهي. هي يمن ۾ هڪ قبيلو آهي بصره جو قاري ۽ ثقہ آهي، هن ڪان صحاح ستہ جي صاحبن مان بخاري ڪان سواءِ ٻين حديثون آنديون آهن.

{19} **يحييٰ بن موسيٰ** : شارحن هن جي معلومات نہ لکي آهي.

{20} **يونس بن محمد** : البغدادي المؤدب، الحافظ ثقه آهي هن جون روايتون جماعت آنديون آهن. سن 208 ھہ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{21} **يعقوب بن ابي يعقوب** : ثقه، ثبت، محدثن جي ٽئين طبقي مان هو. هن ڪان ابو داؤد ۽ ابنِ ماجه حديثون روايت ڪيون آهن.

{22} **يزيد بن اميہ** : الاعور محدثن جي پنجين طبقي مان هو.

{23} **يوسف بن عبدالله بن سلام** : هي اهو پيارو شخص آهي جنهن کي ننڍي عمر ۾ حضور ڪريم ﷺ جن پنهنجي مبارڪ هنج ۾ ويهاري ان جي مٿي تي هٿ گهمايو هو. هن سهڻي نبي ڪريم ﷺ جن کان ٽي حديثون روايتون ڪيون آهن. هي ست سال هجري تائين زندہ رهيو هو. مشكواة المصابيح

جي صاحب "الاكمال في اسماء الرجال" ۾ آندو آهي تہ هن جي ڪنيت ابو يعقوب آهي حضرت يوسف عليہ السلام جي اولاد مان هو. سندس والد حضرت عبدالله بن سلام, ابو يوسف جي ڪنيت سان معروف هو. يهودين جي علماء مان هو جنهن اسلام قبول ڪيو هو. ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ان جي جنتي هجڻ جي شاهدي ڏني هئي. هن حضرت کان سندس پٽ يوسف ۽ محمد حديثون روايت آنديون هيون. بعض علماء لکيو آهي تہ اول سندس نالو حِصن هو نبي پاڪ ﷺ جن سندس نالو عبدالله رکيو هو. يوسف حضرت عثمان ۽ ابي الدرداء کان روايتون آنديون آهن ۽ ان کان سندس پُٽ ۽ ٻين حديثون آنديون آهن. حضرت عبدالله بن سلام جون منقبتون گهڻيون آهن سن 43 هـ ۾ مدينہ منوره ۾ وفات ڪئي هيائين. (جمع الوسائل مع شرح المناوي ص 228)

{24} **يزيد بن ابي حبيب** : المقري آهي, ثقہ آهي. مرسل روايتون بيان ڪندو هو. محدثن جي پنجين طبقي مان هو. صحاح ستہ وارن هن کان روايتون آنديون آهن.

{25} **يزيد بن رومان** : ذهبي چيو تہ روايت ۾ "واه" آهي. ابو حاتم فرمايو تہ "متروڪ" آهي ۽ هن جي حضرت ابو هريره ﷜ کان روايت مرسل آهي. هن کان محدثن جي جماعت حديثون آنديون آهن.

{26} **يوسف بن حماد** : ثقہ آهي. هن کان مسلم, ابو داؤد, نسائي ۽ ابنِ ماجه حديثون آنديون آهن. سن 245 هـ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{27} **يزيد بن يزيد بن جابر** : الازدي, الدمشقي, ثقہ ۽ صالح هو. هن کان مسلم, ابو داؤد ۽ نسائي حديث تخريج ڪئي آهي سن 123 هـ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{28} **يحيىٰ بن اسحاق** : السيلحاني بغداد جي ويجهو سيلحون نالي ڳوٺ ڏانهن منسوب آهي, ثقہ, حافظ هو. هن کان مسلم ۽ ڇهئن محدثن حديثون آنديون آهن. سن 220 هـ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{29} **يحييٰ بن عيسي الرملي** : عيسيٰ جو ڇاڇو هو. وڌيڪ وضاحت شارحن نہ آندي آهي.

{30} **يزيد الرشڪ** : رشڪ وڏي ڏاڙهي وارو. هي ان جو لقب آهي. هي زمين ورهائڻ جو وڏو ماهر هو ۽ بعض علماء لکيو آهي تہ رَشڪ زبر سان. ان جي معنيٰ آهي وڏو غيرتمند. سن 130 هـ ۾ وفات ڪئي هيائين.

{31} **يعليٰ بن مملڪ** : هن کي ذهبي وغيره ثقہ چيو آهي.

{32} **يحييٰ بن سعيد الاموي, ابو عمرو, الاشدق** : هي ثقہ آهي ۽ محدثن جي ٽئين طبقي مان هو. هن کان امام بخاري الادب المفرد ۾ ۽ مسلم حديث تخريج ڪئي آهي.

{33} **يحييٰ بن جعده بن هبيره بن ابي وهب المخزومي** : ذهبي چيو تہ ثقہ آهي هن کان ابو داؤد ۽ ابنِ ماجه حديثون تخريج ڪيون آهن.

ڇهہ لک درود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَائِمَةً ۢ بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت احمد صاوي ﷬ ڪجهہ بزرگن کان نقل ڪن ٿا : "هن درود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک درود شريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي." والله اعلم

جامعه محمديه

(رجسٽر نمبر 1275)

شاهپور جهانيان ضلع شهيد بينظير آباد

هي عظيم الشان مدرسو تقريباً 40 سالن کان سنڌ جي مشهور محقق، مفتي، مصنف، مبلغ ۽ مفسر قرآن حضرت علامه مولانا الحاج محمد ادريس ڏاهري نقشبندي صاحب جي نگراني ۾ عظيم ديني علمي خدمتون انجام ڏيئي رهيو آهي

هن وقت تائين هزارن جي تعداد ۾ علماء ۽ حفاظ درسگاهه مان فارغ التحصيل ٿي دين اسلام جي آبياري ڪري رهيا آهن اهل ثروت حضرات کي هن سان تعاون ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

هن سان گڏوگڏ جديد دنياوي تعليم لاءِ جي ادا

[illegible] ڪاليج

([illegible])

[illegible]

[illegible] سان گڏوگڏ جديد دنياوي تعليم [illegible]

www.[illegible].com

PEACOCK PRINTERS 0300-2152634